Par

068
H.Par

Gita lucidly Explained


شريمد ڀڳوت گيتا

مڙ

گيتا گيان

اڳـوا

مها ودوان سنت گورو سوامي سنت گياني مني گرداريلعل (ٻهاولپوري) جي اڳ کان ۴۰ سال اڳ ڪراچي (سنڌ) ۾ ٦ ورهيه سالدهه جڳ پرسڌ ”شريمد ڀڳوت گيتا“ جي ارڙهن ئي ادڀاون تي ڪيل وياکيان ۽ ڏنل اپديش تي آڌارت پرماڻن، درشٽانتن ۽ شلوڪن، سنت ۽ گوروائيءَ سان ڀرپور سمجهاڻيءَ ۽ تيار ڪيل ٽيڪا.



ٽيڪاڪار: سوامي گياني مني مهاراج گرداريلعل

ليکڪ: سرڳواسي ديوان هريرام شيوارام ڀارداساڻي

پرڪاشڪ: فتحچند هريرام ڀارداساڻي


(پهريون دفعو: جون ١٩٦٩)   ٽيون دفعو: آڪٽوبر ١٩٧٧   (ٻيو دفعو: فيبروري ١٩٧٤)

5th Ed: March 1986 Copies: 400   چوٿون ايڊيشن: مارچ ١٩٨٤   Price: Rs. 125/-

L

4.

Bll..



پريم پرڪاش منڊل جا آچاريه

١٠٠٨ پرم پوجنيه ستگورو سوامي ٽيئونرام مهاراج

جنم ۴ آکاڙ سنبت ١٩٤٤   برهم لين ۴ سنبت ١٩٩٩

SHRIMAD BHAGWAT GITA

(Lucid detailed commentary in Sindhi Language thereon by Sat Guru Swami Sant Giani Muni Girdharilal)

Edited and prepared
by

Late Shri Hariram S. Pardasani

Published by

Fatehchand H. Pardasani

5th Edition: March 1986 قيمت 125 رپيا (صرف لاڳت) (PRICE Rs. 125/- Postage extra.
(Pre-publication: Rs. 100/-)

پرڪاشڪ: فتحچند هريرام پارداساڻي
ماڊرن پبلسٽي سروس
11، اسماعيل بلڊنگ، 381 دادا ڀائي نوروجي روڊ،
فلورا فائونٽين، بمبئي-400023.


پستڪ ملڻ جا هنڌ:
(1) پرڪاشڪ وٽان - فورٽ، بمبئي يا 22، "سعدار اپارٽمينٽس"، 93 ڪف پريڊ، بمبئي-5.
(2) پوپٽ پرڪاش منڊل، الهاس نگر.

Edited & published by Mr. F. H. Pardasani, Modern Publicity Service,
11, Ismail Building, Bombay-400 023. Phone: 204-4823/204-8210. Res: 216207

and Printed at Sai Shakti Offset Press, Bombay-400 025



پريم پرڪاش منڊل جا هن وقت گديسر
ستگورو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
الهاسنگر ۽ جئپور



ستگورو سوامي ٽيئنئونرام مهاراج کان پوءِ گاديسر
۱۰۸ سوامي سروانند مهاراج جن ڌارو ئي هي انساني
چولو ڇڏيو.

جنم ۱۲ اسو سنبت ۱۹۵۳   برهم لين: ۲۰ جولاءِ ۱۹۷۷

"گيتا گيان" گرنٿ جو ليکڪ



سرڳواسي شري هريرام شيوارام پارداساڻي

جنم ١٥-٩-١٩٠٠


سرڳواس ٧-٤-١٩٧٣

ننڍي هوندي کان ئي پنهنجن جو لاڙو ڌرمي ڪمن ڏانهن گهڻو هوندو هو. پوءِ به سنت هريرام صاحب جن جي سنگ ۾ هن گرهستيءَ جي ڪافي ڏات پاتي. ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ستگرو سوامي گياني منيءَ صاحب جن جي چرڻن ۾ اچي روزانو ستسنگ ڪندا هئا، جنهن جو نتيجو هيءُ "گيتا گيان" گرنٿ آهي. ڌرمي ڪارين کان سواءِ دهليءَ ۾ پهاڙيءَ لائين سماجڪ ۽ تعليمي ڪيترن ئي ڪمن ۾ پڻ سرگرم ڀاڱو وٺندا هئا. ڪيترن سالن کان بيمارن ۾ مفت هوميوپيٿي دوائون ورهائيندا هئا. سنڌي ايجوڪيشن سوسائٽي، دهليءَ جا ڪيترا سال وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيا ۽ لڇمي نگر ۾ بابا ليکراج سنڌي هاءِ اسڪول جي عمارت اڏائڻ ۾ ٻين معزز شخصن سان گڏ سندن پڻ هٿ هو. ڪيترن ئي گهرجائو شخصن کي سنڌي خواه اڻ سنڌي لوني پنهنجي پهچنديءَ آهر مدد ڪندا هئا.

— پرڪاشڪ.

جئه ڀڳوان!

ستگورن جي چرن ڪملن ۾



پوڄيپاد پرمهنس سوامي شوانند گري مهراج
(شانتي آشرم، بوريولي، بمبئي)

جي ۱۱ جولاءِ ۱۹۵۶ تي هيءُ استول چولو تياڳي برهم لين ٿيا.

سندن سکيائن ۽ اپديش ذريعي آتمڪ اُنتيءَ جي راهه ۾ هن داس کي چڱي پريرنا پڻ ملي آهي!

— فتحچند



”گيتا گيان“ اپديشڪ:
سنت سوامي گياني مني صاحب
[سال ۱۹۴۱ ۾ ورتل چٽر]

شري سنتن جا

جيون چرتر

١- ستگورو سوامي ٽيئونرام مهاراج
٢- ستگورو سوامي سروانند مهاراج
٣- ستگورو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

(پريم پرڪاش منڊل - الهاس نگر، ڄمون وغيره)

ليکڪ: شري ديال آشا

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

سنت شرومڻي برهم گياني، برهم ٽياڳي، برهم نِشٺي برهم شروٽري پريم پرڪاش سمپرداءِ جي سنستاپڪ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنم سنڌ ۾ حيدرآباد ضلع جي کنڊو ڳوٺ ۾ سن ۱۸۸۷ ۾ شري چيلارام آسنداس کٽريءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا جو نالو ڪرشنا ديوي هو. ماتا ڪرشنا ديوي سوامي جن کي ننڍپڻ ۾ ئي "شووهوم" جي لوري ڏيندي هئي. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن ۽ گهر جي پوِتر واتاورڻ ۾ ٻالڪ ٽيئونرام جن جي پالنا ٿي. هو ٻين ٻالڪن کان نرالا هئا، راند روند ۾ سندن من ڪين لڳندو هو ۽ پڙهڻ ۾ به چاهه ڪين هوندو هون. سندن گهر ۾ ڪيترائي سنت مهاتمائون ايندا هئا اُنهن جي سيوا ٽهل ڏاڍي لگن سان ڪندا هئا ۽ اُنهن جو ڪٿا ڪيرتن ٻڌي ٻان سان ٻڌندا هئا. هڪ ڏينهن ستسنگ ۾ هڪ مهاتما گروءَ جي ضرورت ۽ گرو منتر جي وشيه تي وياکيان ڏنو. ٻالڪ سوامي جن اُن مهاتما جي پروچن کان ڪافي پرڀاوت ٿيا.

سوامي جن چوڏهن ورهين جي عمر ۾ اُن زماني جي پرسڌ صوفي سنت سائين آسودارام کان گرو منتر ورتو. شري چيلارام جي گهر نت نيم ستسنگ ٿيندو هو. پوڄ پتا جن جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ به سندن سپترن سوامي ٽيئونرام، سوامي گوالانند مهاراج سائي ستسنگ جي جوت جڳائيندا رهيا. پوڄيه سوامي جن پوڄ پتا جن جي دڪان جو ڪاروبار سنڀاليندي مسڪينن محتاجن کي مفت سيڌو ڏيندا رهندا هئا. ڌيري ڌيري سندن دل دنيا مان کڄي ٿي پئي، من ۾ ويراڳ ورتي پيدا ٿي. هو ٻه ئي ڪلاڪ دڪان جو ڪم هلائي باقي وقت ڳوٺ ٻاهران ۾ گذاريندا هئا. سندن وڏي ڀاءُ شري ٿهلورام اُنڪري باغ ۽ کيتيءَ جو ڪم کين سونپيو. سوامي جن باغ ۾ ايڪانت ۾ ويهي نام سمرڻ ڪندا هئا ۽ پرماتما ڀڳتيءَ جا پدن ڳائيندا هئا. اُهو پدن ۽ ٻين درويشن سنتن جي ٻاڻي پڪاري ٿي ڳائيندا هئا.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جڏهن اُڌياتمڪ امرت جو رس ورتو هو، اُهو امرت ٻين کي پيارڻ لاءِ هنن **پريم پرڪاش منڊل** جي استاپنا ڪئي. هن منڊل جي مراد هئي ته مانو مات جو اگيان انڌڪار دور ڪري سنت مارگ تي آڻڻ، پرماتما لاءِ پياس پيدا ڪرڻ. سوامي ٽيئونرام مهاراج ساري منڊليءَ کي ساڻ ڪري سنڌ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن وڃي اُتي جي سنتن کي سڏائي ڪري کين نام جو امرت پيئاريندا هئا، سندن چوڻ هوندو هو ته ڌرم انوسار وهنوار ڪرڻ گهرجي ۽ وهنوار سان گڏ پرمارٿ تمام ضروري آهي نهڪامي ڌرم ۾ رهڻ سان ئي جيو جو اُڌار ٿيندو.

سوچنا

"گيتا گيان" جو ۱۹۸٦ع ڇاپو (صفحا ۶۰۰ کان مٿي) خاص سنگتن جي سوال ڪاڻ، پرڪاشڪ خاطر جي اُپا اُلوساءِ سندن شهو ڪن لاءِ ۽ ڪجهن اهن ڀُوڳڻ جي ڪهاڻي ۽ ڇپ ڪرائي شايع ڪيو ويو آهي. "گيتا گيان" سو سولو، سليس سنڌي ترجمو ڏئي گهٽ ملهه تي ڇپجي آهي ۽ جلد پريس ۾ ڇپائي شروع ڪئي ويندي. - پرڪاشڪ

پرڪاشڪ: فتحچند هوتچند ڀاڳداساڻي
ماڊرن پبلشنگ سروس
۱۱ اسماعيل بلڊنگ، فلورا فائونٽين، بمبئي - 400023.
فون: 2044823 / 204-8210

ستگرو سوامي سروانند مهاراج

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گادي نشين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو جنم ۱۲ اسو سمبت ۱۹۵۴ برابر سنه ۱۸۹۸ع ۾ پٽ شاهه ڳوٺ ۾ ڀڳت شيوڪرام وشنداس ونجاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن جنم جو نالو سيوورام هو. سندن ماتا ايشوري ٻائي پڻ پوءِ جي ڀڳتياڻي هئي - گهر جي ڀڳتيمي واتاورڻ ۾ بالڪ شري سروانند مهاراج جي پالنا ٿي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سندن ماما هئا. بالڪ سوامي، سروانند مهاراجن جي خوشنصيبي هئي جو کين ننڍپڻ ۾ ئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو سنگ پراپت ٿيو. سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ستسنگ ۽ پروچن ٻڌڻ ۾ کين آنند ايندو هو. چوڏهن سالن جي عمر ۾ هن سوامي گرمکداس سان گڏجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان گرو منتر وٺڻ لاءِ وڃي ويا. هو پڻ اتي ستگرو مهاراجن ۽ سادسنگت جي خوب سيوا ٽهل ڪندا رهيا. سوامي ٽيئونرام سندن پريما ڀڳتي ڏسي کين گرو منتر ڏنو.

سوامي ٽيئونرام مهاراج جڏهن ٻاهرا لاءِ نڪرندا هئا تڏهن پڻ سندن سان گڏ سوامي سروانند مهاراج کي پاڻ سان وٺي ويندا هئا. سوامي سروانند مهاراج ايڪانت پريه هوندا هئا. هو ڪيترائي دفعا هردوار ويا. هو صاحب گهڻو ڪري رشيڪيش ۽ اترڪاشيءَ ۾ وڃي ڀڳوت ڀڄن ڪندا هئا. اتي رهندي ڪيترائي ڏينهن مؤن ڌارڻ ڪندا هئا. پوءِ ته هر چنڇر تي سوامي جن مؤن ڌارڻ ڪندا هئا صرف ستسنگ جي سمي پنهنجي رسنا سان رام رس پيئاريندا هئا. سوامي جن ڪشمير ۽ پنجاب جو به رٽن ڪيو. ڪيترائي پنجابي سندن پروچن کان پرڀاوت ٿيا ۽ سوامي جن کان گرومنتر ورتائون.

سنه ۱۹۴۲ع جڏهن پرم پرڪاش سمپرداءِ جا سنستاپڪ سمت شرومڻي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج برهملين ٿيا. تڏهن سوامي سروانند مهاراجن کي گاديءَ تي براجمان ڪيو ويو. هو سادگيءَ جي صورت ۽ نمرتا جي مورت هئا. سندن منهن ۾ مٺيا ۽ ڀڳتيءَ جو تجلو هوندو هو. سندن درشن سان ئي روح کي راحت ايندي هئي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جيان سوامي جن پڻ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ وڃي نام جو پرچار ڪيو. پياسي دلين کي نام جي امرت سان شاد و آباد ڪيو. ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ سوامي جن سمت منڊليءَ سميت هردوار ۾ پڌاريا. سوامي جن سنه ۱۹۵۲ع ۾ ڄمون ۾ امراپور آستان ٺهرايو، جتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌي ۽ مورتي استاپن ڪيائون. اتي هر سال وارشڪ اتسو ملهائيندا هئا جتي هند- سنڌ ۽ ديش جا هزارين شردالو شرڪت ڪري ستگرن جي جي آشيس پائيندا هئا. هن پنهنجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سموري باڻي سنگره ڪري "پريم پرڪاش گرنٿ" ۾ پرڪاشت ڪئي.

سوامي ٽيئونرام مهاراج اٺن ورهين جي عمر، جوانيءَ ۾ ٻاهرين ڏوهه کان وڌي ڪري
پنهنجي ٻهڪندي ٻنهارن شهر سان گڏ ٽنڊي آدم شهر ۾ پڌارڻا. ٽنڊي آدم شهر جي ٻاهر
ڏکڻ طرف سير ڪندي سوامي جن هڪ جهنگل ۾ اچي نڪتا، جتي واريءَ جون ڀٽون
هيون. سوامي جن پنهنجن شش سان گڏ انهن واريءَ جي ڀٽن تي آسڻ جمائي ڀڳوت
ڀڄن ۾ لين رهيا. سندن جي اچڻ سبب جهنگل ۾ منگل ٿي پيا. اتي ڀٽن تي سوامي جن
سندن لاءِ جهوپڙيون ٺاهيون. اهو آستان پوءِ امراپر جي نالي سان پرسڌ ٿيو. ستگرو مهاراج جن
جي ڀڳتي ساڌنا سبب اِن آستان تي هزارين پريمي شرڌالو اچڻ لڳا. سوامي جن ڀڳوت ڀڄن
سان گڏ غريب گهرجائن جي سيوا به ڪندا هئا. هر روز ان ڪيترو هلائيندا هئا، جتي
ڪيترائي ضرورتمند اچي اُن مان کائيندا هئا، سڀني پرشن جي سار لهندا هئا. ڪنهن جي
مرض تي ٻوٽيون ويڙهي ان ڪيترو هلائيندا هئا.

سوامي سادگيءَ جي صورت ۽ امرتا جي صورت هئا. اڌيائمڪ ڄاڻ سبب سندن
پيشانيءَ تي ٽلڪندي هئي. سندن ڳالهه ۾ سرسوتيءَ جو واسو هيو. ستسنگ ڪندي
ڀڄن ڳائيندا هئا ته هزارن جون دليون لوڏي ڇڏيندا هئا. سوامي جن هزارن پريمين کي
"ستنام ساکي" منتر ڏئي ڀو ساگر جي ڀنور مان پار پهچايو.

سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي دور جا نه صرف مهان سنت هئا پر سماج سڌارڪ
به هئا. سوامي جن ستسنگ پرووچن ڪندي ڪيترن ئي سماجڪ ڪرمن خلاف پرچار
ڪندا هئا، ماس، شراب، جوئا جو ڪڌو ڪري سوامي جن هزارن جي جيون کي ٺاهيو.
هو مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن ۽ سکيائن ۽ هٿ جي صلاح ڏيندا هئا. پاڻ گانڌيءَ جو
جهنڊو جهوليندا هئا ۽ ڀڄن ۾ به سوديشي چيزن جو پرچار ڪندا هئا ۽ ديش ڀڳتيءَ جو سنچار
ڪندا هئا. سوامي جن سادگي، سيوا، سمرپڻ، ستيه ۽ سنتوش جو سنديش ڏنائون.

سوامي ٽيئونرام مهاراج سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪافي باڻي رچي آهي جا "پريم پرڪاش
گرنٿ" ۾ سنگرهيت آهي. جنهن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. اها
واڻي ويدانت، اپنشدن جي آڌار تي به لکيل آهي ته ڇند شاستر جي آڌار تي به رچيل
آهي. ان مان ثابت آهي ته سوامي جن کي ڀارتيه سنسڪرت جي وڏن گرنٿن جي مڪمل
ڄاڻ هئي ۽ ڀارتيه ڇند شاستر جو به ڪافي گيان هو. ڪاوِيه جي لحاظ کان سوامي جن کي
"سنڌ جو ڪبير" سڏي سگهجي ٿو.

سوامي ٽيئونرام مهاراج هڪ مهان وڏائي هئا، ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جا مالڪ هئا. مگر
ڏيکاري پنهنجي ڪين ڏيندا هئا. سڀني سوالن جا سوال پورا ڪيائون، ڏکيا اُڻ ۾ ڏکايائون.
سوامي جن سن ١٩٤٢ع ۾ سنسار جي يا ترا پوري ڪري پرماتما جي پار ڏانهن روانا
رهيا. اڄ به سندن هزارين شرڌالو سنڌ، هند ۽ وديش ۾ سندن گڻ ڳائيندا رهيا آهن ۽
پريم پرڪاش منڊل جي هيٺ پرچار ڪري رهيا آهن.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جي گاديءَ تي هن وقت ڪرم يوگي سنت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج براجمان آهن. سوامي جن جي جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنوي آهي. هو مهان گيانوان به آهن، ڀڳوان شري ڪرشن آنندڪند جا اننيه اپاسڪ به آهن ته خلق جا خدمتگار، سماج سڌارڪ ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي به آهن. موجوده لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ رات ڏينهن رٽڻ ڪندا رهن ٿا. سوامي جن وهنوار جي لحاظ کان پڻ اسانجي سونهپ ڪندا رهن ٿا ۽ پيار ۽ ڪروڻا جا ساگر آهن. نه فقط انسان ذات لاءِ سندن دل ۾ دَيا ۽ همدردي آهي مگر پکين پسن لاءِ پڻ سندن قلب ۾ قرب آهي، هو مهان وڏولي آهن پر آهن سڌ سڌ نماڻا، هزارن دلين جا راڻا.

ستگرو مهاراجن جو جنم ١١ اپريل پورڻما سنه ١٩٠٧ ۾ سکر ضلع جي چڪ پوٺ ۾ شري آسودي مل ڀوڄا جي گهر ٿيو. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن جو سوامي جن تي ڪافي پرڀاءُ پيو. سوامي جن اسڪولي تعليم صرف ٽي درجا حاصل ڪئي. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ سوامي جن کي وڏي ماتا نڪتي جنهن ۾ سوامي جن اسٿول اکين جي روشني غائب ٿي وئي. سوامي جن جو پتا کين شاهپور ٺلهي تي سائين هرچورام صاحب وٽ وٺي آيو ته من سنت ٻالڪ کي اکر ڏيکين. سوامي جن رات ڏينهن سائين هرچورام صاحب ۽ ٺلهي جي سيوا ڪندا هئا. سائين هرچورام صاحب سد پرش هئا. هو رڌيءَ سڌيءَ جا مالڪ هئا. هڪ ڏينهن سوامي جن جي پتا شري آسودي مل کي چيو ته تنهنجي هن سچار ٻالڪ کي اندرين روشني ملندي، هي وڏو سنت ٿيندو ۽ هزارن کي ٻاهرين روشني ڏيندو. تنهنڪري هن جي ٻاهرين اکين وڃڻ جي ته چنتا نه ڪر. لوڪي وهنوار جي لحاظ کان ايو پت ٿيندو ۽ هي ساڌ ٿيندو. سائين هرچورام صاحب جا وچن سورهن آنا سچا نڪتا. اڄ سوامي جن ٻاهر هزارن کي روحاني روشني ڏئي رهيا آهن.

سوامي جن ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن جي سمپرڪ ۾ آيا. سندن سوڀاڳيه هو جو ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج کين گرو روپ ۾ پراپت ٿيا. سوامي جن ڪيڏي نه صدق سان ستگرو مهاراجن ۽ منڊل جي سنتن جي سيوا ڪندا هئا. ستگرن جي سنگ ۾ کين آڌياتمڪ رنگ لڳو، انيڪ ڪليو. شري گرو گرنٿ صاحب جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت امرتسر ۾ رهيا؛ سنت شاسترن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ ۾ پڻ رهيا. سنڌ ۾ ستگرو مهاراجن سان گڏ خوب رٽڻ ڪندي پريمين کي نام جو امرت پيئاريندا رهيا. ستگرو مهاراجن جي آگيا سان سوامي جن پوڄ ٻوڏ پيڙتن جي سهائتا لاءِ ويا. ديش جي آزاديءَ جي آندولن وقت پريمين ۾ راشٽر ڀڳتيءَ جو سنچار ڪندا رهيا.

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ سوامي جن ڀارت اصولي ڪئمپ ۾ ۽ پوءِ الهاس نگر ۾ سوامي ٽيئونرام پرم پرڪاش آشرم جي استاپنا ڪئي. سوامي جن جي ڀڳتي ساڌنا سبب

سوامي جن سوامي ٽيئونرام مهاراج جو جيون چرتر پڻ لکيو جو سنڌي جهوني ساهتيه ۾ مهتوپورڻ گرنٿ آهي. سوامي جن سنڌي ۽ هندي ڀاشا ۾ ڪيترائي ڀڄن لکيا آهن. ان کانسواءِ سوامي سروانند مهاراجن ”راجا شڪرڌوج ۽ چوڙالا“، ”ڀرٿ ۽ اڇڪيتا“ ۽ ”وامن ڀلي“ جون ڪٿائون هندي ڪاويه ۾ لکي مهتوپورڻ يوگدان ڏنو آهي. سوامي جن پنهنجي ڪاويه ۾ پنهنجي نالي استعمال ڪرڻ بدران ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو نالو اپيوگ ڪيو.

سوامي سروانند مهاراج پراپڪار ۽ دايا جي مورتي هئا. سوامي جن پنهنجي ستسنگ ۾ چوندا هئا:

”ڪلجگ ۾ سرڌان هئه شيوا ۽ ستسنگ
ڪهي ٽيئون ان کي ڪمي - هووي ڀؤ ڏک ڀنگ.“

سوامي جن هر ڪنهن جي ڀلي لاءِ وڏو ڪشٽ لڳائيندا هئا. سوامي جن پريمين جي آس پوري ڪرڻ لاءِ ڪهن نام جو دان ڏيڻ لاءِ بئنڪانگ، هانگ ڪانگ، منيلا، سينگاپور، جڪارتا، جپان، آمريڪا، لاس پال ماس لنڊن ۽ وديش جي ڪيترن ئي ٻين شهرن ۾ ويا. پريم پرڪاش منڊل جي سنتن ۽ پريمين گڏجي سوامي سروانند مهاراجن جي آگيا سان هردوار، دهلي، آگري، گواليار، پونا، الهاسنگر، اندور، ڪوٽا، ڪرنال، احمدآباد، اجمير ۾ گرو مهاراجن جا آشرم ٺاهيا ڪيا. سوامي سروانند مهاراج سال ۾ هڪ دفعو انهن آستانن تي وڃي پريمين کي نام جو امرت پيئاريندا هئا.

هزارن دلين جا راڻا سند سند ثماڻا ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۱۲ جولاءِ (۳ ساون ڍ) ۱۹۷۷ع ڀوڀاڻ جو سنساري سفر سماپت ڪري جيوت ۾ برهمليٖن ٿيا. سنتن اچا آنسو سان سنتن استول شرير کي جل سماڌي ڏيڻ لاءِ هردوار ۾ آندو ويو. ديش وديش مان هزارين پريمي سوامي جن جي انتم درشن لاءِ هردوار ۾ پهچي ويا. ۲۳ جولاءِ صبح جو سنتن استول شرير سميت سرور گنگا مئيا ۾ پرواهت ڪيو ويو. سڀني سنتن پريمين جي اکين مان لڙڪ لڙي رهيا هئا. جڏهن هردوار جي آشرم مان سوامي جن جو استول شرير ڪڍي رهيا هئا ان وقت اتي آستاني نيل ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سنگمرمر جي مورتي جي اکين مان پڻ آنسون ٽمڪي رهيا هئا. اهو درشيه ڏسي پريمي دنگ رهجي ويا. شل اسين سنتن سکيائن جي ساک پنهنجي جيون ۾ ڏيون.

ٻئين ڇاپي جو مهاڳ

١- گيتا جو مهتو ۽ مهانتا

"شريمد ڀڳوت گيتا" جي مهما اکٿ ۽ اپار آهي، جا پوريءَ طرح ورنن ڪرڻ ناممڪن آهي. هيءَ ڀارت ورش جو نه ڇا، بلڪ ساري سنسار جو سڀ کان اُتم، گهڻو پرسڌ ۽ پورڻ ڌرمي شاستر مڃيو ۽ ليکيو وڃي ٿو، ۽ خاص طرح اڄوڪي جنتا راڄ واري سمي ۾ هن مهان پستڪ ۾ جيڪو آدرش منش جاتيءَ اڳيان رکيو ويو آهي، تنهن کان مٿي ٻيو ڪو بهترين ۽ اُملهه آدرش ٿي نٿو سگهي.

ان ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڪنهن زور واري ۽ ظالم شهنشاهه يا هڪ ڊڪٽيٽر يا زبردست حڪمران يا ڪنهن وڏي اُستاد جي حيثيت ۾ نٿو پيش اچي، بلڪ منش جي هڪ هتڪاري متر جي روپ ۾ هو پرگهٽ ٿو ٿئي. هن صاف ظاهر ڪيو آهي ته اَرجن کي جو هيءَ گيتا جو گيان ڏني ٿو، سو ساٿس سچي مترتا جي ناتي. ارجن ۽ شري ڪرشن جو سنبنڌ جيو آتما ۽ پرماتما (نر ۽ نارائڻ) جو آدرشي ميلاپ هئو، تنهنڪري گيتا ڄڻ ته پرماتما جو جيو آتما کي هڪ اُوچ ڪوٺيءَ جو اُپديش ڏنل آهي ۽ اُنهيءَ ناتي ساري سنسار لاءِ هڪ سرپشٽ سنديش آهي.

ان مهان پوتر گرنٿ ۾ جملي سٺ سؤ (٧٠٠) شلوڪ آهن، جي ١٨ اُڌيائن ۾ ورهايل آهن ۽ اِنهن ۾ چئن ويدن، ١٠٨ اُپنشدن، ٦ شاستر، ١٨ پراڻن ۽ جملي سمرتين جو سار اچي ٿو وڃي. اصلي چيز کان اُنجو سار يعني جوهر ئي وڌيڪ ملهائتو، ناياب ۽ وڻندڙ جيئن ۾ ڪارائتو ٿيندو آهي. جيئن گلن جو عرق (عطر) گلن کان گهڻو وڌيڪ قيمتي آهي، ساڳيءَ طرح گيتا پڻ سڀني ويدن شاستر کان سڀکيا سار ۾ اوچي پدوي ڌاري ٿي، ڇا لاءِ جو چاري ئي ويد نه برهم جي واڻي آهن يعني برهما جي مک مان اُچاريل آهن، پر گيتا ئي آهي، جا ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ پنهنجي پوتر مکارونڊ مان اُچارڻ ڪئي آهي. هن دنيا ۾ چئني پدارٿن- ڌرم، اَرٿ، ڪام ۽ موڪش جي باري ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ٿي سگهي نه آهي، جا ويدن، اُپنشدن، سمرتين ۽ پراڻن وغيره ۾ آيل هجي ۽ گيتا جهڙي ننڍي شاستر ۾ نه آيل هجي ۽ چڱيءَ طرح سمجهايل نه هجي.

گيتا جي سکيا جو ڪيڏو نه درجو آهي، اهو پوئين ارڙهين اڌياءَ جي پوين شلوڪن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ ٿو ٻڌائي ته جيڪو منش مون سان ڀڳتي پريم رکي، سچي

اهو آستان اڄ تيرٿ آستان ٿيل پيو آهي، هزارين ياتري درشن لاءِ اچن ٿا. هن آشرم ۾ سوامي جن ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جي ترويڻي پرواهت ڪئي آهي. نت نيم ستسنگ سان گڏ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪارج ٿيندا رهن ٿا. سندن پريرڻا سان آشرم ڀرسان راڌي شيام گئوشالا هلندڙ آهي جنهن ۾ هڪ سو کان مٿي ڳائيون رهن ٿيون. سوامي جن جي اُسي مارگ درشن ۽ پريرڻا سان آشرم **جنتا جناردن** پريشد سنستا هلندڙ آهي. هيءَ سنستا ڪيترائي سيوا جا ڪارج ڪري رهي آهي- هر مهيني سفيد پوش ڪٽنبن کي روڪ سهائتا ڪري- غريب ٻارڙين جي شادين ۾ سهائتا ڪري- گهرجائو بيمارن کي اسپتالن ۾ داخل ڪرائي ۽ کين دوائون وٺي ڏئي- گهرجائو ودياٿين کي مدد ڪري. ڀارت جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ جيڪڏهن ڪو قدرتي ڪوپ ٿئي ته اُتي سهائتا لاءِ پهچي وڃي. ٻي واهه ٻڍڙن ٻڍڙين لاءِ ٻڍا آشرم هلندڙ آهي جتي هن وقت ٧٠ ٻڍا ٻڍڙيون ۽ ڪي اناٿ ٻار رهن ٿا. سوامي جن جي پرشارٿ سان سنڌ ۾ شيوڪ سڀا جي سهاري ٽيهن لکن جي لاڳت سان سوامي سروانند اسپتال هلي رهي آهي. نه صرف الهاس نگر ۾ مگر ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ سوامي جن جي پريرڻا الاه ۽ ادارا سڀ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪارج ڪري رهيا آهن.

سوامي جن نرانڀ، نشڪامي تياڳي سنت آهن. ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي پرهمليِن ٿيڻ کانپوءِ جڏهن پرم پرڪاش منڊل جا سنت ۽ سنگت گڏجي سوامي جن کي گاديءَ تي ويهارڻ لاءِ آيا تڏهن سوامي جن سنگت کي نماڻي نوع ۾ چيو ته "اوهين ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا صدقي آهيو، شنيه آهيو ۽ مان ته اُنهن جو شنيه آهيان. مونکي گاديسر کين سمجهو. اوهان منهنجا گرو ڀائي آهيو. اچو ته گڏجي گرن جو نالو روشن ڪريون، سندن ڏنل نام جي موڙيءَ دوارا انڊر آباد ڪريون، ۽ اُن جون دليون شاد ڪريون." سوامي جن ۾ اهڙي امرتا ۽ خاڪساري آهي.

سوامي جن کي شري گروگرنٿ صاحب ۽ ٻين سنتن ستپرشن جي ڪيتري ئي واڻي ڪنٺ آهي. سندن ستسنگ ۾ ساڌڪن ۽ شرڌالن کي نت نيون سکيائون ۽ درشٽانتن جو خزانو ملي ٿو.

سوامي جن "سوهم" ۽ ست نام ساکيءَ جو منتر ڏئي ڪيترن منجهيل ماڻهن من ۾ آنند جي لهر پيدا ڪري رهيا آهن. سوامي جن نه صرف ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ مگر دبئي- هانگ ڪانگ، انڊونيشيا- جاڪرتا، لاسپالماس ۽ ٻين ڪيترن ودهين ملڪن ۾ وڃي ڀارتي هندو سنسڪرتي ۽ سناتن ڌرم جو پرچار ڪيو آهي.

سوامي جن ڀڳتي ڀاونا سان ڀريل هزارين ڀڄن سنڌي هندي ڀاشا ۾ رچيا آهن مگر انهن ڀڄن ۾ پنهنجي نالي استعمال ڪرڻ بدران ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي نالي جو پرڀوگ ڪيو آهي.

دنيا جي ڏکين کان ڏکين حالتن ۾ قائل آهن، ساڌارڻ منش اٿوا حڪمران، سڀ جيڪڏهن گيتا ڏي منهن ڪندا ته يقينن روشني حاصل ڪرڻ کان ڪين گسندا.

افسوس! جو اهڙي مها سندر، پورن پرم پوتر شاستر موجود هوندي به، اڄ اسين مها دکي، عاجز، هيڻا ۽ ويچارا پيا لڳون، سو رڳو انهيءَ ڪري جو اسان ان املهه شاستر کي وساري، ان مان حاصل ٿيندڙ سکيائن جو ڪوبه قدر ڪين ڪيو آهي، حالانڪ جاڻون به ٿا ته گيتا جو اوچ اپديش اسان کي امر ۽ اجيت بڻائڻ وارو آهي.

گرهست ۾ جيڪي ڪجهه پتا کي آهي، سو هو پنهنجي اولاد کي ڏئي ٿو. ساڳيءَ طرح گرو به پنهنجو آتم ڌن پنهنجن يوڳيه شِشن کي بخشش ڪري ٿو. ان لاءِ ته هو پرم سک پائين. شري ڪرشن به پنهنجو پرم ڌن، يعني گيان پنهنجي پرم ڀڳت ارجن کي ڏنو ته ان مان نه فقط هو پاڻ پر هن دنيا جا ٻيا جيو به لاڀ پراپت ڪن، ڇو ته هو سڀني جو پتا ۽ گرو آهي.

ڀڳوت گيتا جو هڪ هڪ اکر شلوڪ به جيو کي چيتنتا ڏيڻ وارو آهي، جڏهن سڪل ورڻ ساڻو ٿيو پوي. **جيڪڏهن ڪو به نسخو مرده دل کي جيئارڻ لاءِ آهي ته اهو آهي گيتا جو گيان.** ان گيان منجهان ئي منش ساوڌان ٿي وهنوار اٿوا پرمارٿ ٻنهي جي سڌي حاصل ڪري سگهي ٿو.

ڀڳوان ارجن کي گيتا گيان ڏيئي هنجو موهه اگيان دور ڪيو آهي. منش کي ڌرم ۽ فرض انوسار ادم ته ضرور ڪرڻو آهي پر اهو ڪندي به اهو وشواس رکڻ گهرجي ته ان ادم جو ڦل ته اسانجي پرم ايشور جي هٿ ۾ آهي؛ ۽ جيڪا هنجي اڇا هوندي، ان موجب جيڪي ٿيندو، سو اسانجي لاءِ چڱو ۽ ڪلياڻڪاري ئي ٿيندو، ڇو ته پرماتما نياءُڪاري ۽ ديالو ته آهي ۽ پڻ پراڻي ماتر جو ڀلو ئي چاهيندڙ آهي ۽ نه ٻيو. اهو به ڌيان ۾ هجي ته ڪرم ڪرڻ جي ساري شڪتي به پرماتما ئي ٿو ڏيئون، جنهن بنا اسين هوند ڪجهه به ڪري ڪين سگهون.

٣- جيون کي سکي ۽ سڦل بڻائڻ لاءِ گيتا جون ڏسيل ڌار ڌار واٽون

اهو گيان جيئن متي چيو ويو ته اڄ به سڀني سنساري لوڪن لاءِ عام طرح ۽ جگياسن لاءِ خاص ڪارائتو آهي، نه ته هو پراپڪار ۽ پرمارٿ جي راهه ۾ قدم کڻي نه سگهندا. وهنوار ۾ به انهيءَ گيان وارو وشواس لازمي آهي، نه ته سڦلتا نه ملندي ۽ نه سک پائبو. سگڻ يا نرگڻ برهم جي اپاسنا ڪندڙن لاءِ گيان وگيان جي پراپتيءَ لاءِ اٿوا سڀ ڪنهن وهنوار يا پرمارٿ جي ڪاريه لاءِ گيتا جي سکيا املهه آهي ۽ صاف راهه ٿي ٻڌائي. يوڳ پراپتيءَ لاءِ ان ۾ چت جي ورتيءَ کي استمڀ ڪرڻ جا انيڪ سندر اپاءُ ڏسيل ۽ ڀليءَ ڀت سمجهايل آهن.

وشواسي پاڻ ۾ سمجهندو هيءُ پراپل گيان منهنجي ڀڳتن آڏو سمجهائيندو، اهو ٻنا شڪ شبد جي مرتبي کي پراپت ڪندو. منهنجي ڀڳتن ۾ اُپديش ڪان وڌيڪ مونکي منش منجهه ٻيو ڪوبه پيارو ڪونهي ۽ نڪي ڪو ان کان پرٿوي تي ٿي سگهي ٿو. جيڪو شردا رکي ٻنا ايرشا جي ان گيان کي ٻڌندو، ٻڌائيندو ۽ ڦهلائيندو. اهو پڻ مُڪت ٿي پنج ڪرم ڪمائيندڙن جي اُتم لوڪ ۾ نواس ڪندو.

ڀڳوت گيتا جي مهت ۽ مهانتا کي اڄ دنيا جا سڀ ديش ۽ ڌرم مذهب، سڃاڻڻ ۽ مڃڻ لڳا آهن ۽ ايتري قدر جو روءِ زمين تي اهڙو ڪو ملڪ ورلي هوندو، جنهن ۾ هيءَ گرنٿ اتان جي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، چاهه سان نه پڙهيو وڃي. اهڙن اولاهن ملڪن جهڙوڪ آمريڪا ۽ روس ۾، پڻ جرمني، فرانس ۽ انگلستان ۾، اسانجي ڀارت کان به گهڻو وڌيڪ چاهه سنمان سان گيتا جي سکيا سار تي عمل ڪيو وڃي ٿو، خاص ڪري وهنواري زندگيءَ ۾ انجي سدانتن کي اُتاريو ويو آهي. دنيا جي وڏن ويچارڪن ۽ فيلسوفن گيتا جي گهڻي واکاڻ ڪئي آهي. وليم وان همبولٽ چوي ٿو ته "گيتا دنيا ۾ جي مڙني ٻولين ۾ سڀني کان وڌيڪ عمدو ۽ سچو اُتم ٻوڌ جو گيت آهي." مشهور وديوان آلڊس هڪسلي چيو آهي ته "گيتا هڪ امر پستڪ، ادڀائتمڪ فلسفيءَ جو بهترين، صاف صاف ۽ بلڪل پورن نچوڙ آهي."

مهرشي اروند گهوش گيتا کي "ڀارتي سڀيتا ۽ گيان جو اوچي ۾ اوچو اظهار" ڪري ٿو ڪوٺي. لوڪمانيه تلڪ لاءِ گيتا سڀ کان وڌيڪ چمڪندڙ ۽ ٻهاقيمت هيرو آهي. مهاتما گانڌيءَ ته گيتا کي سدا سهائڪ ۽ انگ سنگ ماتري روپ ۾ ڪري ٿي مڃيو، جنهن سندس سڄي سنساري ماتا جي سرگواس ٿيڻ پڄاڻا اها جاءِ ورتي. آدي جڳت گرو شنڪر آچاريه چيو آهي ته گيتا سڀا ٽيپ ۽ گهري گيان جو تت آهي.

٢- گيتا گيان جي پڙهڻ، پڙهائڻ جي ضرورت

ڀڳوت گيتا جي پڙهڻ يا ٻڌڻ، انجي سکيا کي ويچارڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان جيوَ جو اصلي لڪش يا مقصد سمجهي پرم پد پائي سگهجي ٿو. زندگيءَ جي پيچيدگين، مشڪلاتن، پراسراين کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. رشين منين، سنتن سادن، يوگين ۽ گيانين لاءِ اها گيتا هڪ آسرو آڌار اُولمبن ٿي پئي رهي آهي ۽ گيتا روپي امرت پي هو ڪرت ڪرت ٿيا آهن ۽ منش جنم سڦلو ڪيو اٿن. اگرچ گيتا هتي اسان وٽ اُچاري ويئي هئي، مگر انجي سکيا هتان مٿي چيو اٿون، ساري جهان لاءِ آهي. رڳو هندو ڌرم وارن لاءِ نه آهي، پر ساري سنسار جي جيون لاءِ لاڀڪاري آهي ۽ ٿيندي، اوچ نيچ سڀ لاءِ، هر هنڌ هڪ جهڙي قدرانڪ ٿيندي. جيڪي

سٺائي ۽ وهنوار ۽ پرمارٿ هڪ ٻئي کان الڳ سمجهڻ مها مورکتا آهي؛ ڇو ته جنهنجو وهنوار نيڪ آهي ۽ کائڻ پيئڻ، سمهڻ جاڳڻ وغيره پڻ ساتوڪي ۽ ايشوري نيمن انوسار آهي، اهوئي پرش پرمارٿ ۾ به سڦلتا پائي سگهندو.

٤- اسانجي گروءَ جي ڪيل هن گيتا ٽيڪا جو جنم

ستگرو سوامي سنت گياني مني گرداريلعل ملهوترا (بهاولپوري) ڪراچيءَ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سڄي گيتا جي هڪ هڪ شلوڪ تي هنديءَ ۾ ڇهه سال سانده ورو ور ڪري وياکيان پئي ڏنا ۽ اُن عرصي ۾ گروجيءَ پراڻن ۽ ٻين شاسترن منجهان به درشٽانت پرماڻ ڏيئي ۽ **پڻ گرو گرنٿ صاحب، رامائڻ ۽ مهاڀارت ڀڳتن سنت ڪوين جي واڻين دئاران سموري گيتا، ڪٿا جي نموني ٻڌائي ۽ سمجهائي.** اها سندس ڪيل ٽيڪا ارڙهن اَڌياون جي مون وٽ سنڌيءَ ۾ هٿ اکري لکيل آهي. جيڪڏهن سموري جيئن جو تيئن ڇپائجي ته هن پستڪ جو قد (سائيز) اٽڪل ڇهن هزارن صفحن ۾ اچي وڃي.

سوامي جن ٣ اپريل ١٩٦٢ جي رات جو دهليءَ ۾ هيءُ شرير ڇڏي پرلوڪ پڌاريا. ڪراچيءَ ۾ هيءَ سندن گيتا ٽيڪا (ڪٿا) هزارين ماڻهن ٻڌي هئي. انهن مان ڪيترن ڀائرن ۽ ٻين جن انهيءَ منهنجي هٿ اکري سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ٽيڪا کي پڙهيو، تن وقت بوقت مون تي زور پئي آندو ته آءٌ اها مڪمل طرح ڇپايان، جيئن عام طرح سنڌي جنتا ان مان لاڀ وٺي سگهي، مگر ڇاڪاڻ ته اهو ڪارج شاهي هئو، هن ٻانهي لاءِ اڪيلي سر هموار ڪرڻ ناممڪن هئو، نه فقط خرچ جي خيال کان پر محنت ۽ انت ۾ وڪري ۽ نيڪال جي خيال کان پڻ، انڪري مون ١٩٦٥ع سال جي آڪٽوبر مهيني ۾ هڪ ٻي هڪ متر جي صلاح ۽ مدد سان فقط هڪ شلوڪ (٥ اَڌياءَ جي ٻارهين نمبر شلوڪ) جي ٽيل ٽيڪا **نموني طور** ڇپائي ورهائي، خاص ان لاءِ ته گيتا پريمي ڀائر ۽ ڀيڻرون اها پڙهي راءِ ڏيئي سگهن ته اهڙي دلچسپ ٽيڪا ڇپائڻ ضروري آهي يا نه. اگرچ عام طرح اها پسند ڪئي ويئي ته ضرور ڇپجي، تڏهن به ڪن جو اهو به راءِ هئو ته وڏي شاهي پستڪ ڇپائڻ بدران جيڪڏهن انکي گهٽائي اٽڪل هزار يا ٻارهن سؤ ڪن صفحن جو پستڪ تيار ڪجي ته گهڻا ماڻهو گهٽ خرچ تي انهو لاڀ وٺي سگهندا.

سوامي جن جي پڻ اها چاهنا هئي ته ڪيئن به ڪري اها ٽيڪا سنڌيءَ ۾ ڇپجي؛ ڇا لاءِ جو هو صاحب سنڌين کي وڌيڪ شرڌالو ۽ ان گيتا سکيا جي يوگيه سمجهندا هئا؛ مگر ديش جي ٻٽواري پڄاڻا هاڻوڪين مشڪل حالتن هيٺ اهو ڪم ڪنهن تي پيو، جو سوامي جن جا شرڌالو (شروتا) ڀارت جي ڌار ڌار هنڌن تي، ڪي ڪٿي ته ڪي

اهو خيال سراسر غلط آهي ته ڀڳوان شري ڪرشن، ارجن کي اهو گيان فقط مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ لڙڻ خاطر هرکائڻ لاءِ ڏنو هو يا سندس سکيا هنسا جو سبق هئو. جي ائين هجي ها ته گيتا هوند لوڪن کي هر سمي ۽ هر حالت ۾ اُلساهت ڪين ڪري ها ۽ نڪي فرض ادائيءَ ڪرڻ لاءِ جاڳائي سگهي ها. ارجن ڪو ستياگرهي يا اهنساوادي ڪونه هو ۽ نه ڪنهن خاص آدرش انوسار يڌ ڪرڻ جي خلاف هئو، هو فقط مترن، سنبنڌين سان موهه وچان وڙهي انهن کي مارڻ ۽ ختم ڪرڻ جي خلاف هئو. ڀڳوان ڪرشن اِنڪري نرڻو ڪيو آهي ته ارجن جو اهو ڀرم هئو، ڇو ته پنهنجن مترن ۽ ڀائرن جي وچ ۾ پيدي پاڙ ڏارڻ آتمڪ ڪراوٽ ۽ سماجڪ بي انصافيءَ جي جڙ آهي. گيتا جي سکيا پورن برهم وديا هئڻ ناتي هر منش کي صحيح راهه ٻڌائيندڙ آهي. اسانکي فقط ساوڌانيءَ ۽ پورڻ شرڌا سان ان اَمولڪ شاستر جو سوادياءِ ڪرڻ ضروري سمجهڻ گهرجي. هڪڙي ٻار ٽيڪا اڀياس سان ۽ آهستي آهستي پڙهڻ سان ان سکيا جو سچو رهسيه سمجهه ۾ اچي ويندو.

گيتا جي ۱۲ ادياءِ ۾ اننيه ڀڳتيءَ جي چاهيندڙن لاءِ سڀ راهون ٻڌايل آهن ۽ ورات سروپ جي درشن جي پياسين لاءِ خاص طرح يارهون ادياءُ آهي.

پهريان ڇهه ادياءِ ڪرمن جي سمجهاڻيءَ بابت آهن، جن ۾ اهو ڏيکاريل آهي ته ويدن شاسترن ۾ ٻڌايل ڪرم سچيءَ ۽ صاف دل سان بنا اهم ڀاو يا ممتا جي، نشڪام ٿي ڪرڻ سان منش پرمارٿ جي راهه ۾ وڌي آخر اُپانظهاز جي اوڏو ٿئي ٿو. ٻيا ڇهه ادياءِ ويراڳ ۽ ڀڳتيءَ يا اُپاسنا لئي آهن ۽ پويان ڇهه ادياءِ آتم گيان بابت آهن، جن ۾ ان پرڪار جو گيان وچور سان سمجهايل آهي، ڇو ته هن منش چولي ۾ ان گيان مدجهان ئي موڪش جي پراپتي ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت ويدن شاسترن جي سموري سکيا ڇنڊيءَ ۽ مڪمل طرح ۱۸ ئي ادياون ۾ اچي وڃي ٿي ۽ ڪجهه ٻه اڌورو نه آهي.

ويدن ۾ ٽن ڪانڊن جو وستار ٿيل آهي: ڪرم، اُپاسنا ۽ گيان. ويدڪ ڌرم موجب ڪرم ڪرڻ يعني شڀ ڪرم ڪرڻ ۽ اشڀ ڪرمن کان ڪنارو ڪرڻ ۽ گيان يعني پنهنجي آتما کي سمجهڻ ۽ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهن.

ڀڳوت گيتا جي وياکيا، ارٿ انيادي هر ڪنهن ودوان پنهنجي پنهنجي فهم ۽ ٻڌيءَ انوسار ڪيو آهي. ڪي گيتا کي هڪدم ڪرم سڌانت ڄاڻهن، ڪي ڀڳتيءَ طرف ۽ ڪي ٻيا وري فقط گيان ڄاڻهن کڻي ويا آهن، پر هن گرنٿ ۾ ٽيئي ويچار پوري طرح سمايل ۽ سمجهايل آهن، جا لاءِ جو ڌار ڌار قسمن جي سڀاون، ٻڌيءَ ۽ لياقت انوسار جدا جدا منش کي جدا جدا ويچار گهرجن. گيتا ۾ ساري سنسار جي ستا جو ويچار ڪيل آهي، ڇڙو هڪ پرڪار جو اُپديش ڪيل نه آهي. **گيتا دل تي ڏونڪو هڻي صاف سپشٽ ٿي**

وارِي سموري تيار ڪيل ڀاشيہ يا ٽيڪا کي اصلي صورت ۾ ڇپائڻ ۾ هڪ مهاڀاري ۽ وت کان ٻاهر ڪارج ڄاڻي، هن بندي اُن کي گهڻو گهڻو مختصر ڪيو ۽ ڪرايو آهي، جنهن ۾ اهڙي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جو ٽيڪا سان لاڳو ۽ اُنجي مضمون کي ٽيڪو ڏيندڙ گهڻو ڪري سڀ ضروري پرماڻ، دليل، درشٽانت، واڪيہ، شلوڪ، ڪوٽيشنون، سنت واڻيون، پراچين شاستري اُتوا آڌنڪ (Modern) رنگ وارا نقطا وغيره درج ٿيل هجن، جنهن هن گيتا ٽيڪا جو مضمون، مطالعو وڌيڪ ۽ وڌيڪ اثرائتو ۽ دلچسپ ۽ دلڪش لڳي ۽ خشڪ نہ سمجهيو وڃي، جنهن وڏن کي عام طرح ۽ ننڍن کي خاص طرح رچي نہ هوندي بہ گيتا کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چاهہ پيدا ٿئي ۽ جن ۾ گيتا لاءِ اڳاءُ هجي، تن ۾ ڀاءُ ۽ شرڌا اُڀِن ٿئي. **عمدي ۽ ٽيڪا سان گيتا تي، ايڏو وڏو پستڪ، سنڌي ڀاشا** جي ڌارمڪ ساهتيہ ۾ تيار ڪيل ۽ ڇپايل هن کان اڳ آيل ڪونهي. هيءُ ئي پهريون پستڪ ليکبو. جنهن لاءِ آءٌ پنهنجي سر ڪو ٽيڪاڪار يا يوگيہ ليکڪ يا گرنٿ ڪار ڪين آهيان، تنهڪري مونکي پنهنجي وطني آدرڻيہ پراڻا **پروفيسر منوهرداس ڪوڙومل ڪلڪتائيءَ** جي مدد جي درڪار ٿي، جنهنجي همٿائڻ ڪانسواءِ آءٌ هوند هن شاهي پستڪ جي تيار ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جو ساهس نہ ڪري سگهان ها.

اجميرجي وند ۽ وڏوان ساهتڪار ڀائو پريداس ٻرهمچاري، سمپادڪ ”آلم درشن“، جنهن هن شاهي پستڪ کي ٻن پريسن مان ڇپائي پار پهچائڻ جو سمورو بوجو پنهنجي نظر ۽ نگهبانيءَ هيٺ هموار ڪيو ۽ پريس کي ڏيڻ کان اول پستڪ پنهنجي نظر مان ڪڍي ٻوليءَ جون ضروري ڦير ڦاريون پڻ ڪيون ۽ پروفن جاچڻ جو ڪم پنهنجي ساٿيءَ ساهتڪار ڀاءُ شري ديپچندر ٿلوڪچند ايم. اي. کان ڪرايو ۽ آخرين پروف پاڻ پڻ ڏٺا. آءٌ انهن ٻنهي وطني ڀائرن جو نهايت شڪرگذار آهيان ۽ کين هاردڪ ڌنيہ واد ٿو ڏيان.

٧- **پڇاڙيءَ جا ٻہ اکر** — تورا لفظ هن داس جا پنهنجي بنسبت، پرڀيہ طور همت درج ڪرڻ پڻ ضروري ۽ بيجاءِ نہ ٿيندا. هن مهان ڪاريہ لاءِ جا انتظاري ڪئي ۽ جاکوڙ ڪرڻي پيئي، تنهن ۾ همدردن ۽ سهائڪن جو ذ بان لهڻو. ستگورو سوامي جن جي گيتا جي اُپديش ۽ واکيانن کي چڱيءَ طرح ۽ سولائيءَ سان اُنهيءَ ڪري قلمبند ڪري سگهيو آهيان، جو ١٩٢٧ع سال ۾ سنڌ ۾ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙڻ کان اڳ ڇهہ سال ساندہ مون ڪراچيءَ جي مشهور انگريزي قومي روزاني اخبار **”نيو ٽائيمس“** جي مهتمي واڳ ۾ نوڪري ڪئي هئي. ڏيڍ سال رپورٽر ٿي، ۴ سال نائب سمپادڪ ۽ پويان ٦ مهنا سمپادڪ جي حيثيت ۾ رهيو هوس. اُن عرصي اندر

ڪٿي ڇڙوڇڙ ٿي ٽڙي پکڙجي ويا آهن؛ هڪ ٻئي جي ڪٿي ڪٿي هٿن جي سڌ به نه اٿن.

٥- ٽيڪاڪار اُپديشڪ جي ودوتا

سوامي جن سنسڪرت جا وڏا ودوان هئا ۽ نه فقط گيتا، اُپنشدن ۽ پراڻن جا پورا پورا ڄاڻو هئا، پر اُنهن جي هڪ هڪ شلوڪ لاءِ اهڙا اوچ ڪوٽيءَ جا وياکيان ڪندا هئا، جو وڏا وڏا منڊليشور مهاتمائون به کين داد ڏيندا هئا. سندن ٽيڪا (ڀاشيه) هاردڪ ڀاوَ سان سوِيڪار ڪندا هئا. ڪيترين حالتن ۾ وڏن وڏن ودوانن جي سڀائن ۾ هڪڙي نيو ويندو هئو نه هلي هو پاڻ پنهنجو ڪيل ارٿ ٻڌائين، جو ارٿ ٻڌي ۽ سمجهي سڀ ودوان مٿانئن ٻلهار ويندا هئا. ڪراچيءَ ۾ ان سمي اهڙيون گهڻيون سڀائون لڳنديون هيون، جنهن مونکي به سوامي جن سان گڏ وڃي ويهڻ جو سوڀاڳيه پراپت ٿيندو هئو. اڳي گيتا جي ٽيڪا سان ڪٿا جنهن نموني ڪئي ويندي هئي، سا نه **ودوتا جي ڏيکاءَ لاءِ پر ستسنگ جي روپ ۾ ساڌارڻ لوڪن کي ڀڳوان شري ڪرشن جي ڏنل سکيائن کي سلجهائي سمجهائي منجهن شردا ڀريم ڀڳتيءَ جي ڀاوَ ڦوڪڻ لاءِ**، جئن هرڪو پنهنجو جنم سڦلو ڪري ۽ پرميشور جي پرسنتا پائي. انڪري ان لکيل ٽيڪا کي فقط **اُنهيءَ نڪته نظر سان ڏسڻ ۽ پڙهڻ گهرجي ۽ نه ڪنهن ودوانيءَ جي ڏيکاءَ جي درشٽيءَ سان.** جيتوڻيڪ سوامي جن ننڍي هوندي ٿي وڏيءَ مالا ۾ پنهنجي ٻنهي نيترن جي روشني وڃائي هئي، تڏهن به نه فقط سموريءَ گيتا جا ٧٠٠ شلوڪ ۽ ڪيترا اُپنشد کين برزبان ياد هوندا هئا، **پر گرو گرنٿ صاحب جا به پورا پورا ڄاڻو هئا ۽ گرن جا وچن به گهڻي ڀاڱي ڪنٺ ڪيل هئن. هڪ هڪ شلوڪ يا شبد گرو گرنٿ صاحب جو ڪئن، ڪڏهن ۽ ڪٿي اُچاريل هو، سو به ٻڌائي سگهندا هئا.** وڏا وڏا سک ودوان به وٽن ڪيترا ڀيرا ڪنهن خاص شبد جو اصلي ارٿ پڇڻ ايندا هئا ۽ سندن سمجهاڻي ٻڌي گد گد ٿيندا هئا. گرو گوبند سگهه جو دسمي گرنٿ، جو تمام اوکيءَ ٻوليءَ ۾ آهي، تنهنجو پڻ ارٿ ڏاڍو سولو ڪري ٻڌائيندا هئا.

جئن نه سوامي جن کي وڌيڪ ساڌه پڻي ڪٿا ڪئي ۽ گيتا ۾ نه ساڳيا مضمون جدا جدا نمونن سان آيل آهن، تنهنڪري هتي کي درشٽانت، پرماڻ، ڪويتائون، مضمون انوسار وري وري ساڳيا اچي دهرايا، جن مان ڪي هن ڪتاب جي مضمون وڌي وڃ سبب اسان ٻيهر نه درج ڪيا آهن؛ فقط جتي مضمون کي صاف سمجهڻ لاءِ ضروري سمجهيو ويو آهي، اتي انهن مان ڪي ٻيهر ڏنا ويا آهن.

٦- سهائڪن لاءِ ڏنيواد

گروهن جي سنسڪرت شلوڪن، ڏکين لفظن جي معنائن، اکري ارٿ، سلجهاوَ ۽ وياکيا سميت انڪل ٤ هزارن صفحن



مون ڪيترن ئي ميونسپالٽيءَ جي ڪارگذارن، ڪانگريس جي وڏن وڏن قومي نمائن
جي وياکيانن جي ۽ جدا جدا ٻولين جي ڪانفرنسن جي ميٽنگن ۾ پنهنجي اخبار طرفان
عيوضيءَ طور حاضر رهي، انهن جي ڪارروائين جو سمورو سماچار ڇپائي لکيو. انهيءَ آزمودي
جي زور تي آءٌ سوامي جن جي اپديشن جي سار ٻڌيءَ لکي درج ڪري هيءَ پسنڪ
تيار ڪري سگهيو آهيان. آءٌ سنڌ ۾ ساهتي نواسي هوس ۽ ساهتيءَ جي ٻرڪ ڪوٽ پرين
۾ جنم ورتي اڳئين جي پرسڌ سنت مورتين **اداسين ٻاوا هريرام صاحب ۽ سنت ڀڳت**
واڌورام صاحب ۽ راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي هاڪاري وڏوا
سڌارڪ جهڙين هستين جي واڻيون معنيٰ ۾ پنهنجي ايشور جي ڪرپا ۽ بزرگن جي آسيس سان
اڀياس پئي رهيس ۽ پنهنجي سماجڪ ۽ ڌارمڪ جيون کي روشن ۽ پرڪاش ڪرڻ جو
ساهس ڌاريم. ستگورو سوامي جن جي هن گيتا گيان جو مهنجي شخصيت ۽ چرتر تي
جيڪو پرڀاءُ پيو، تنهن جو مهنجي لاءِ ورنن ڪرڻ ممڪن نه آهي.

اڄ ته آشا اُڀري ته سنڌي ڀائر ۽ ڀينر، جي ڀارت اندر جاءِ بجاءِ ڦهليل پکڙيل آهن
۽ پڻ پاڪستان سنڌ ۾ رهندڙ ٿورا هندو ڀائر، سنڌي ڀاشا ۾ هن ڀيرين ئي هنڌي وڏي
اموڪ گيتا ٽيڪا گرنٿ جي شرڌا ۽ پريم سان آجيان ڪندا ۽ ان مان گهڻو لاڀ وٺندا
جي اِئين ٿيو ته آءٌ پنهنجي پوئين جيون جو هيءُ پورهيو سڦلو ۽ سڦلو جاڻندس. شال
پربرهم پرماتما ۽ ستگورو سوامي جن جي آسيس هن هندي ۽ مڙني گيتا پريمي پاٺڪن مٿان
وارون وار چمڪي ۽ اسانجو منورٿ سڌ ٿئي.

١٢ نومبر ١٩٦٩

اجمير نگر،
نئين دهلي-٢٤.

داس هريرام شيوارام ٻارداساڻي

شري گڻيشاءِ نمه! شري ڪرشن چند رايه نمه!! شري ستگورو چرن ڪملايه ڀيو نمه!!!

شريمد ڀڳوت گيتا

مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ جڏهن ٻنهي ڌرين جو لشڪر يڌ جي ميدان تي اچي ڪٺو ٿيو هو، تڏهن ڪورون جي پتا مهاراجا ڌرتراشٽر چاهيو ٿي ته مان به ڪوروڪيتر ۾ هلي لڏي تي اها يڌ ڏسان. ليڪن هو نيتر هيڻ هو، انڪري هن پنهنجي وڏي وزير سنجيه کي چيو ته تون به اوڏانهن هلي ڏسي مونکي ٻڌائيندو وڃ ته ڇا ڇا ٿي رهيو آهي. ويد وياس کي جڏهن خبر پيئي ته مهاراجا کي وڃي چيائين ته ”قبلا! جيڪڏهن اوهانکي سنجيه جي مک مان يڌ جي احوال ٻڌڻ جي اڀلاشا آهي ته مان سنجيه کي دويه نيتر ڏيان ٿو، جن سان هو هت هستناپور ۾ ويٺي ئي ڪوروڪيتر جي يڌ جو سمورو حال ڏسي ۽ ٻڌي اوهانکي ورڻن ڪري ٻڌائي سگهندو.“ اهڙي شڪتي حاصل ڪري سنجيه ڪوروڪيتر ۾ ليندڙ يڌ جو سربستو احوال راجا کي ٻڌايو ۽ جيڪو گيان شري ڪرشن ارجن کي ڏنو، اهو به سمورو سمجهائيندو پئي ويس.

گيتا جي پهرين اڌياءِ ۾ ۴۷ شلوڪ آهن، جن ۾ پهرين ڌرتراشٽر کي سنجيه ٻنهي ڌرين جي لشڪر جو انتظام ورڻن ڪري ٻڌايو آهي. پوءِ وڌيڪ ٻڌايائين ته تياري ڏسي ارجن يڌ لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ آيو ۽ پنهنجي سارٿيءَ شري ڪرشن کي چيائين ته ڪرپا ڪري هاڻي منهنجو رٿ ٻنهي سينائن جي وچ ۾ هلي بيهار، ته ڏسان ته ڪير ڪير مون سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن. جڏهن ڀڳوان رٿ آڻي وچ ميدان ۾ بيهاريو، تڏهن ارجن چؤطرف پنهنجا بزرگ، گرو، مِتر، ڪٽنب جا ڀاتي وغيره تيار ٿي آيل ڏسي، موهه ۾ اچي يڌ ڪرڻ کان دل هارڻ لڳو. ڀڳوان گهڻو ئي سمجهايس ۽ هو چوي ته مان دنيوي راڄ هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي مِترن ۽ وڏڙن سان لڙائي ڪين ڪندس. ٻئي اڌياءِ جي ١١ شلوڪ کان ڀڳوان ارجن جي ان موهه دور ڪرڻ لاءِ کيس گيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي، جنهنکي گيتا جو گيان ٿو چئجي. اهو ٻڌي ارجن جو موهه دور ٿيو ۽ فرض ڄاڻي سلو لڙيو ۽ سرهارو ٿيو.

جي اندر ۾ پاپ هو، انڪري هو پانڊون طرف آيل پوڙن ٻاٻت هن طرح ڏپ وچان وجهي ٻهنجي آچاريه کي چرڻ لڳو، جيتوڻيڪ سندس طرف ۾ انيڪ اهڙائي پوڙا هئا.

نانگ کهڙو نه زهريلو جيوُ آهي، پر هو جو چڪ هڻي ٿو، سو ۾ ڏپ وچان ۽ نه ويڙ وچان. اڳين پاڻ کري هن جو من ڪمزور ٿئي ٿو ۽ هو پرسان آيل جيو کان ڏجي ٿو، جنهنڪري چڪ ٿو هڻي.

شلوڪ ٧. هي برهمڻن ۾ اُتم ۽ سريشٽ برهمڻ! هاڻي جيڪي پوڙا اسان جي طرف آهن، انهنجا نالا ٻڌو. منهنجي سئنا جا جيڪي سرڪردا ۽ سئناپتي آهن، انهن جو احوال مان اوهانکي سنکيا ماتر ٻڌايان ٿو، اگرچ اهي اوهان کان ڳجها ڪين آهن.

دريوڌن دروڻاچاريه کي سريشٽ برهمڻ سڏيندي ڄاڻائي ٿو ته برهمڻ جنهنجو پورهيو ڪائين، اُن جو ئي ڪارج ڪندا آهن ۽ ڪنهن سان ويرڀاءُ يا پڪشپات نه ڪندا آهن، سو اُنهين نه ٿئي، جو هو رکو پاهران منهنجي طرف وڙهي، پر اندران ٻنهي طرفن کي هڪ سريکو سمجهي. مطلب هو ته سچيءَ دل سان منهنجي طرف لڙي.

شلوڪ ٨. هي آچاريه جي! منهنجي طرف سيني کان اول اوهين آهيو، ڀيشم پتامهه آهي، ڪرڻ آهي، ڪرپاچاريه (دروڻاچاريه جو سالو) آهي، سمتنڃ راجا آهي؛ اِنهن کان سواءِ چار جوان وڏا سردار ۽ پوڙا آهن اشوٿاما، (دروڻاچاريه جو پٽ) وڪرڻ، (دريوڌن جو ڀاءُ)، سومدت راجا ۽ سنڌ جو راجا جئدرٿ.

گيتا جي ڪن ڇاپن ۾ راجا جئدرٿ جو نالو نه آيو آهي ۽ اُن بدران "ٻيا راجائون" لفظ آيل آهن.

دريوڌن لاءِ اهو ليڪ نه هو ته دروڻاچاريه کي برهمڻ ڪري ڪوٺي، ڇو ته اُن وقت ته هو ڪتري ڌرم پالن ڪرڻ لاءِ سندس لشڪر جو سپهه سالار ٿي ڪڙو هو، مگر اُڌرم لئي هٺ ڪري ڄاڻائين ٿي ته دروڻاچاريه ۽ ڀيشم پتامهه ٻئي اندروني طرح پانڊون سان همدردي رکندڙ هئا. دريوڌن جي گادي وٺي هئي، جو سندس پتا راجا هو، انڪري هو لاچار هئي وٽ رهندا هئا ۽ سندس پاران وڙهيا. هن جو من ڪمزور هو، اِنڪري سمجهيائين ته دروڻاچاريه جي من ۾ به متان ڏپ هجي، سو اهو لاهڻ لاءِ وڏيڪ چرڻ لڳو:

شلوڪ ٩. هي گروجي! هي ته مون وڏن پوڙن جا نالا ورتا، پر ٻيا به انيڪ سوُرويرآهن، جي مون خاطر جان تان آهو لاهي، جنگ لاءِ تيار بيٺا آهن. سڀ پڇ ته اِهي سڀ مون تان قربان ٿيڻ لاءِ انيڪ هٿيارن سان لڙڻ لاءِ سنبري آيل آهن ۽ بلڪل چتر ۽ هوشيار آهن.

دريوڌن اُهين ڇئي جڏهن گروءَ کي ڌيرج ڏيئي رهيو آهي ۽ ساڳئي وقت ٻهنجي

اڌياءُ پهريون

ارجن وشاد يوگ

شلوڪ ١. مهاراجا ڌرتراشٽر چيو:
هي سنجيه! ڌرم ڀومي ڪُروڪيتر ۾ يڌ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيل منهنجي پٽرن ۽ پانڊُو راجا جي پٽرن ڇا ڪيو، اهو مونکي ٻڌاءِ.

راجا کي اهو ڄاڻڻو هو ته هو سڀ يڌ ڪرڻ لاءِ ٿي آئي اچي گڏ ٿيا هئا، سو اهو سوال ٻيو ڄاڻڻ ٿي چاهيائين ته صلح ڪرڻ جو ڪو قدم ته ڪونه کنيو ائون.

شلوڪ ٢. سنجيه چيو: هي راجن! هن سمي پانڊون جي سئنا کي بلڪل چڱيءَ طرح رٿ انوسار اعليٰ انتظام سان بيٺل ڏسي تنهنجي پٽر دريوڌن گرو دروڻاچاريه وٽ وڃي ڪيس هن طرح چيو:

شلوڪ ٣. هي آچاريه! پانڊون جي هيءَ وڏي ۽ سندر رٿا سان بيٺل سئنا ڏسو، جا اوهان جي شش دروپد راجا جي پٽ درشٽ ديومن ٺاهي بيهاري آهي.

دريوڌن هي لفظ ٽوڪ ٻاريءَ جي نوع ۾ چئي، گويا ڪيس ڄاڻايو ته سندس شش جو انتظام ڪانئس گهڻو بهتر هو. دريوڌن مدد ڏيڻ وارو هو، انڪري پنهنجي آچاريه کي ٽوڪڻ کان ڪين رهيو! گرو ۽ آچاريه ۾ تفاوت آهي. آچاريه جو مطلب آهي جو ودّيا ڏئي يا ڪو هنر سيکاري، جيئن ڪي اڄ ڪلهه ماستر يا استاد ٿو ڪرائجي. گرو اهو آهي جو برهم ودّيا جو اپديش ڏئي ۽ گرمنتر ڏيئي ايشور ڀڳتيءَ ڏانهن لائي. دروڻاچاريه ڪورون ۽ پانڊون ٻنهي کي شستر ودّيا سيکاري هئي.

شلوڪ ٤. هي آچاريه جي! هن سئنا ۾ وڏا وڏا ڌنش ڌاري آهن؛ ڀيمسين ۽ ارجن جهڙا مهاپراڪرمي يوڌا آهن؛ يُيُڌان راجا آهي، وراٽ راجا آهي ۽ دروپد راجا آهي، جي سڀ مهارٿي آهن.

يوڌن جا ٣ درجا هوندا هئا. هڪڙا رٿي، هڪ جيڪو هڪ ٻئي سان وڙهي، سو ٿيو رٿي؛ ٻيا مهارٿي، جو هڪ ڏهه هزار ماڻهن سان دوبدو لڙي ۽ ٽيان اَتي رٿي، جو هڪ پُرش انيڪ يوڌن سان لڙي. ارجن، ڀيمسين، ڪرڻ اهي اَتي رٿي هئا.

شلوڪ ٥. راجا درشٽ ڪيتُو، راجا چيڪتان، ڪاشيءَ جو راجا ۽ پروجت، راجا ڪنتي ڀوج ۽ نر منشن ۾ بلڪل اوچيءَ پدويءَ وارو شريشٽ شئيبيه راجا آهي.

شلوڪ ٦. مهاپراڪرمي راجا يڌامنيو، مهابلوان اُتموجا، اڀمنيو ۽ دروپديءَ جا پنج پٽ اهي سڀ مهارٿي آهن.

ٻانهيءَ کي مارڻ لاءِ سندس ٻاپ ٿي مهابلي آهي. اهو قدرت جو نيم آهي. دريوڌن

شلوڪ ١٤. هن ڪانپوءِ هڪ وڏو ڀاري رٿ آيو، جنهن جي اڳيان ڪير جهڙا اڇا گهوڙا ٻڌل هئا، جنهن ۾ شري ڪرشن ۽ اَرجن ويٺل هئا. هنن ٻنهي پنهنجا وڏا ڀاري ڏيوِيه سنک وڄايا.

اتهاس ٿو ٻڌائي ته اهو رٿ اَرجن کي اگني ديوتا ڏنو هو. هڪ راجا ١٢ ورهيه سانده گيهه ۽ ٻيءَ سامگريءَ سان هون ڪيو هو، جنهنڪري اگني ديوتا کي بدهاضمو ٿي پيو هو. اَرجن ۽ ڀڳوان ڪرشن جي مدد سان هن کانڊوَ بن کي جلائي پنهنجو بدهاضمو دور ڪيو، ڇو ته گهڻي سٺي ڪانپوءِ رکا پدارٿ فائدو ڪندا آهن. ان وقت اَرجن اِندر ڀڳوان جي برسات کان اُن بن ۽ اگني ديوتا جي رکيا ڪئي؛ جنهنڪري بن سڙي سگهيو، نه ته برسات ۾ اگني اُجهامي وڃي ها.

شلوڪ ١٥. هرشيڪيش (يعني اِندرين جي مالڪ) شري ڪرشن جو سنک پانچجنيه نالي وارو هو؛ ڌننجيه (ڌن جي مالڪ) اَرجن جو سنک ديوَدت نالي وارو هو ۽ مهاپراڪرمي وِرڪودره (بگهڙ جهڙي پيٽ واري) ڀيمسين جو پونڊر نالي وارو هو، جي هنن خوب زور سان وڄايا.

اَرجن کي ڌننجيه انڪري ڪوٺيو ويو آهي، جو جڏهن جڏهن يڌشٽر راجا يگيه ڪندو هو ته اَرجن راجائن کي جيتي ڌن ڪٺو ڪري کڻي ايندو هو. اهو ديودت سنک اَرجن کي ديوتائن سرڳ ۾ ڏنو هو، جڏهن هو ڀارت ۾ وديا پوري ڪري سرڳ لوڪ ۾ وديا پرائڻ ويو هو. ڀيمسين کي ”ورڪودره“ جو لقب شنڪر ڀڳوان ڏنو هو. دريوڌن هڪ دفعي ويو وڃان ڀيمسين کي زهر ڀيل لڏوُن کارائي، کيس ٻڌي سان جمنا ۾ اشنان ڪرڻ لاءِ ڇڏيو، جنهن ۾ هو بيهوش ٿي ٻڏي ويو ۽ اهڙي هنڌ وڃي نڪتو، جتي ناڱ گهڻا هئا. انهن کيس ڪکيو ۽ انهن جي زهر جي اثر هيٺ سندس اَندرين زهر لٿو ۽ هو هوش ۾ آيو ۽ پاڻيءَ جي ڇولين هنکي ڪناري تي آڻي ڇڏيو. واسڪي ناڱ جي ڪنيا اُلوپي اُتان اچي لنگهي ۽ ڀيم کي ڏٺائين. اڳئين جنم ۾ هن شنڪر ڀڳوان تي سنگهيل (يا اڌ ٻٽي هنڌ چڙهايل) گل چڙهايا هئا، جنهنڪري کيس سراپ مليو هو ته توکي مڙدو پتي ملندو. اهو سراپ کيس ياد آيو ۽ ڀيمسين کي مڙدو ڄاڻي، کيس پتي ورايائين ۽ پنهنجي پتا وٽ کڻي، پتا کان اَمرت ولي، هن کي پيارائين ته هوُ نئون بڻو ٿي اُٿيو. هنن پاڻ ۾ شادي ڪئي ۽ ڀيمسين ڪجهه وقت ناگ لوڪ ۾ رهيو. اُتي امرت جا مٽ ڪنڌ هئا، جي هوُ سڀ پي ويو. شنڪر ڀڳوان سوچيو ته مرتيو لوڪ جو بندو ٿي ڪري، امر ٿي پوندو، سو ترشوُل هڻي هن جي پيٽ مان سمورو امرت ڪڍي ڇڏيائين، ته هو وري مري وڃي. پراڻي پارٿيءَ کيس وڃي ڏٺي ته هيڏي مهابلي انسان کي مارڻ نه جڳائي. ڀڳوان شنڪر پنهنجي شڪتيءَ سان کيس وري جياريو ۽ مٿس اهو لقب رکيائين.

شلوڪ ١٦. ڪنتيءَ جي پٽ يڌشٽر پنهنجو اننت وجيه نالي وارو سنک

ايمان جو به اظهار ڪري رهيو آهي ته هيترا سورما منهنجي خاطر مرڻ لاءِ به تيار ٿي آيا آهن، جو مٿان گرو سمجهي ته مان ڪمزور آهيان. پر دروڻاچاريه سڀ ڪجهه سمجهيو ٿي ته جتي اڌرم آهي، اُها ذرور ڪمزور ٿيندي. ڇا راوڻ نٿي سمجهيو ته جنهن ٻاليءَ جي ٻل ۽ ٻاڻ جي مهما پئي سڻيو، ان کي شري رامچندر هڪ ٻاڻ سان ماري ڇڏيو، وڏا وڏا دئت ۽ راڪسياڻيون ماريون، ماريچ کي ٻاڻ هڻي سؤ جوجن پري ڦٽو ڪيو، سمنڊ تي پل ٻڌي آيو، سندس هڪ سيوڪ هنومان ساري لنڪا کي جلايو؟ هي سڀ سمجهيو ٿي، پر ايمان وچان سندس سر نه جهڪيو. انگد جي صلاح ۽ مدودريءَ جون منٿون به ان اهنڪار وچان ڪيس نه آڙيون. دريوڌن به چالو ٿي ته جيڪڏهن سچيءَ دل سان دروڻاچاريه ۽ ڀيشم پتامه سندس طرف لڙن ته سندس سوڀ يقيني هئي. پر اندروني طرح هنن کي پانڊون سان پريم هو، ڇو ته هو ڌرم تي هئا ۽ دريوڌن هنن سان ظلم ڪيا هئا.

شلوڪ ١٠. هيءَ اسان جي سئنا، جنهن جو رکيڪ ڀيشم پتامه آهي، اُها گهٽ آهي ۽ پانڊون جو لشڪر، جو ڀيم سين جي هٿ هيٺ آهي، اهو ٿورو آهي.

ڪورون جي سئنا ١١ ڪوٽيون ۽ پانڊون جي ٧ ڪوٽيون هيون. هن شلوڪ مان اڻمين پيو ڏسجي ته دريوڌن کي ڊپ هو ته سندس سئنا جيتوڻيڪ گهڻي آهي، پر ان جو رکيڪ ڀيشم پتامه آهي، جو اندروني طرح پانڊون طرف آهي ۽ هو ڏانهن پانڊون جي سئنا گهٽ آهي، پر اُها ڀيم سين جي هٿ ۾ آهي ۽ هو پنهنجي طرف سان وفادار آهي. دريوڌن جو ڀيشم پتامه ۾ وشواس ڪونه هو. پاپيءَ جي اندر ۾ هر وقت ڪٽڪو ۽ اوشواس رهي ٿو. سمجهه ڇوري ٿو ته هي راڄن! دريوڌن ايتري وارتا پنهنجي آچاريه کي چئي ڀيشم پتامه جي روبرو پنهنجي سڀني سئناپتين کي چوڻ لڳو:

شلوڪ ١١. اوهان سڀ پنهنجي پنهنجي وراهيل حصي تي بيهي سورويز سئناپتي ڀيشم پتامه جي رکيا ڪريو.

شلوڪ ١٢. اِن ڪانپوءِ دريوڌن جي پرسنتا ۽ اُتساهه وڌائڻ لاءِ ڪورون جي وڏي ابي ڀيشم پتامه پنهنجي ڀاري ۽ پرتاب واري سنک کي زور سان اِئين وڄايو، جڻ ڪو شينهن گرجنا ڪندو آهي.

هن اِهو سڀ دريوڌن کي آنت ۽ شڪتي ڏيڻ لاءِ ڪيو. پرڏ اوستا هوندي به هو اُتاهه شڪتيءَ وارو هو ۽ هن ڏٺو ته دريوڌن ڪجهه ڪمزور ٿي پيو آهي، ڇو ته دروڻاچاريه دريوڌن جي ڳالهين کي ٻڌي، ڪيس ڪو خاطريءَ جهڙو جواب ڪونه ڏنو ۽ هيڪاري منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو هئائين.

شلوڪ ١٣. ان ڪانپوءِ ڪورون جي سئنا ۾ سڀني يوڌن ۽ سردارن پنهنجا پنهنجا سنک وڄايا ۽ پوءِ ٻاجا ڳاجا سر تال سان وڳا ۽ پڻ نغارا، دهل، مردنگ، ترهون وغيره، جن جو تمام اُڏو آواز ٿيو، جو آڪاس ڳونجڻ لڳو.

آهن، پر هيءُ پل نه برابر آهي مگر هن تان پدمن جا پدم ٻاندرن جا ڪٽڪ لنگهي سگهندا؟ مان هڪڙو ئي لوهلي ڏسان، جي نه ڀڄي نه واهه، نه ته اها تنهنجي ڪانن جي پل ڇا ڪمي؟ ارجن چيس ته بيشڪ لو جهڙا هزارين لنگهي پار ٿي سگهن ٿا. ٻئي ڀڳت هئا. هڪ رامچندر جو ۽ ٻيو ڪرشن چندر جو. هنومان کي جوش آيو. پنهنجو شرير ڏاڍو وڏو ڪئي ناهيائين ۽ هٿن ۾ پهاڙ ڪڻي آيو. اهو ڏسي ارجن جا ته ڇهه ئي ڇڄي پيا ۽ يڪدم ڀڳوان ڪرشن کي ياد ڪري آراڌنا ڪيائين ته سائين! هيءُ ته هڪ پير رکندو ته پل ڀڄي پوندي؛ اوهان اچي رکيا ڪريو. ڀڳوان ڪرشن جاڻي جاڻهار هئو. سوچيائين ته ارجن هي چڱو ڪم نه ته ڪيو آهي، ڇو ته هنومان جي هن سروپ جو بار نه ترلوڪيءَ ۾ ڪير نه ڪڻي سگهندو. ڀڳوان ان وقت ڪڇوءَ جو روپ ڌاري پنهنجي پٺي ان پل هيٺان ڏني ته هنومان چڙهي ته به نه ڀڄي. هنومان پير رکيو ته ڪڇوءَ روپ ڀڳوان جي وات مان خون نڪرڻ لڳو ۽ سمنڊ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي پيو. هنومان اهو ڏسي سمجهي ويو ته ڀڳوان پاڻ پٺ ڏني آهي. يڪدم نيچو ڏٺي لهي پيو ۽ اچي ڀڳوان اڳيان ترلا ڪري معافي گهرڻ لڳو. شري ڪرشن ڀوڳهت ئي ٻنهي کي دوست ڪرايو ۽ هنومان ڳل ارجن کي ڏنا ۽ پاڻ ۾ پريت جو ناتو ٿين ۽ جهنڊڪري ارجن جي جهنڊي ۾ هنومان واسو ڪيو.

ٻي ڳالهه: جڏهن مهاڀارت جي جنگ لڳي هئي، تڏهن يڌشٽر مهاراج پنهنجي ڀاءُ ڀيمسين کي چيو ته پوشڻ ڀڳت اڄ امر آهي ۽ لنڪا ۾ پيو راڄ ڪري. هو به جنگ ۾ اسان سان شامل ٿئي ته چڱو. ڀيمسين لنڪا ڏي هليو. رستي ۾ ڍائين، ٻگڙن، شينهن کي ڪٽي اڇلائي مارڻ لڳو. هنومان اهو ڏٺو ۽ سندس ايمان پرکڻ لاءِ هڪ ڪمزور پوڙهي ٻاندر جو روپ ڌاري رستي تي پئجي رهيو. ڀيمسين کيس رستو روڪيندو ڏسي چيو ته اُٿي ٻاندر هتان پري ٿيءُ. پر هو نه اٿيو. ڀيمسين اول کيس پنهنجي پير جو آڱوٺو هنيو، ڇو ته کيس ڏهن هزارن هاٿين جيترو ٻل هو، پر هنومان کي چوري به نه سگهيو. پوءِ هن کي پير هنيائين ۽ ڌڪا ڏنائين ۽ آخر گوڏا کوڙي هٿن سان ڌڪيائين، پر هو چريو به نه. ڀيمسين سمجهي ويو ته هي هنومان هوندو. هنومان چيس ته بس ايمان ٻه ايڏو! ڀيمسين آڻ مڃي ۽ هنومان چيس ته ور گهر. چيائين ته مونکي اهو پنهنجو سروپ ڏيکاريو، جنهن سان ڪمپ ڪرڻ کي مڪ هنئي هئي. هنومان چيس ته اهو منهنجو سروپ ڏسي ڌڃين نه منهنجي گوڏي کي هٿ لائج، پر ڀيمسين اهڙو ڊنو، جو سندس پيرن تي ڪري پيو. هنومان يڪدم ننڍو روپ ڌاري سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ پيو ٻه ور گهرڻ لاءِ چيائينس. ڀيمسين اهو ور گهريو ته منهنجي ڀاءُ ارجن جي جهنڊي ۾ پرويش ڪريو ۽ هنومان اهو قبول ڪيو.

ان طرح ڪورون کي تيار ڏسي ارجن پنهنجا شستر سنڀالي جنگ لاءِ تيار ٿيو ۽ ڀڳوان ڪرشن کي چوڻ لڳو:

شلوڪ ٢١. هي اڇيت (ڪرڻ يا ناس ٿيڻ کان رهت) ڀڳوان! هاڻي منهنجو رٿ ٻنهي سينائن جي وچ ۾ هلي بيهاريو.

وڄايو، نڪل سگهوش نالي وارو ۽ سهديو مڻ پشپڪ نالي وارو سنک وڄايو. اهڙيءَ طرح يڌ جو آرنڀ ٿيو.

شلوڪ ١٧ ۽ ١٨. هي راجن! (پانڊون پاران آيل ٻين راجائن مان) ڪاشيءَ جي راجا ۽ مهارٿي شکنڊيءَ، ڌرشٽ ديومنو، وراٽ راجا ۽ اَجيت ساتيڪيءَ (يدوونشي)، دروپد راجا، دروپديءَ جي پنجن پٽرن، سڀدرا جي پٽر مهاٻاهو اڀمنيو پڻ پنهنجا پنهنجا سنک وڄايا.

شلوڪ ١٩. هي راجن! پانڊون جي طرف اهڙي زور سان سنک وڳا، جو اُنهن جو آواز آڪاش ۽ اُتوا پرٿويءَ تي ڏاڍو ڀاري ٿيو. اهڙو جو ڪورون جي هردن کي ڄڻ توڙي ڇڏيائين.

شلوڪ ٢٠. هي راجن! هن ڪانپوءِ جو ٿيو، سو ٻڌو. اوهان جي پٽن ۽ سندن سينا کي يڌ لاءِ بلڪل تيار ڏسي، ارجن، جنهن جي جهنڊي ۾ شري هنومان جي مورتي براجمان آهي، اُن پنهنجا شستر سنڀاليا ۽ خوب تياري ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجو گانڊيو ڌنش کڻي شري ڪرشن کي ڪجهه چوڻ لڳو.

ارجن جو نالو ڪپيڌوڄ (جنهن جي جهنڊي ۾ هنومان آهي) ڇو پيو ۽ هنومان سندس جهنڊي ۾ ڇو ٿي واسو ڪيو، اِن بابت اِتهاس ۾ ٻه ڳالهيون آيل آهن.

پهرين ڳالهه: هڪ دفعي ديورشي نارد سرڳ مان ڪلپ ورڪش جا ڪي گل آڻي، ڀڳوان ڪرشن کي ڏنا، جي هن رڪمڻيءَ کي ڏنا. ستيڀاما، جا به ڀڳوان جي پٽراڻي هئي، اها ناراض ٿي ۽ چيائين ته اهو ڪلپ ورڪش ٿي آڻي منهنجي محل ۾ لڳايو. ڀڳوان انين ڪيو ته وري رڪمڻي ناراض ٿي ۽ آخر گهر ڪيائين ته مونکي سڳنڌ راج جا گل آڻي ڏيو. ڀڳوان اهو ڪم ارجن تي رکيو ته ڪيلي بن ۾ وڃي اهي گل ڪٽي اچي. ارجن اُتي ويو ته باغ جي رکوارن گلن پٽڻ کان ڪيس منع ڪئي ۽ هن کين ڌڪ هڻي، پري ڪري، گل چني ورتا. هن وڃي مالڪ هنومان کي دانهن ڏني. هو انهن گلن سان شري رامچندر جي پوڄا ڪندو هو ۽ اُنهن گلن کي هٿ لائڻ جو به حق ٻئي ڪنهن کي نه هو. هنومان يڪدم اچي ارجن کي چيو ته هي گل توهان ڪيئن ٽوڙي سگهيو، جو شري رامچندر ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن به ديو ديوتا تي اهي نٿا چڙهي سگهن. ارجن جواب ڏنس ته مون تنهنجو رام ڏٺو آهي! جي هو سچو ڌنش ڌاري هو ته باندرن کان ڇو پل ٻڌايائين؟ پاڻ پنهنجي ڌنش ٻاڻ سان اها ٻڌي ها. هنومان کي ڏاڍو ڪروڌ آيو ۽ ارجن کي چيائين ته جيڪڏهن تون ۾ اهڙو ٻل آهي ته هاڻي مونکي اهڙي پل ٺاهي ڏيکار. ٻئي وڃي سمنڊ جي ڪناري تي. ارجن هڪ ٻاڻ ڇڏي هلايو. هڪ مان ڏهه ٻاڻ ٿيا، ڏهن مان سؤ ۽ سؤ مان هزار، هزار مان لک. اُهي وڃي

٭ تيستا ۽ ڇڱن سؤن ڪوهن ۾ سمنڊ تي پل ٻڌجي ويئي. هنومان چيس ته توهان ڏن

ـَ

شلوڪ ٣١. هي ڪيشو! (برهما جا سوامي. ڪيش = برهما، ايش = مالڪ) مان خراب ۽ اُبتا سڳڻ پيو ڏسان ۽ پنهنجي مترن ۽ سنٻنڌين جي مارڻ ۾ مان ڪهڙو ڀلو پائيندس!

شلوڪ ٣٢. هي شري ڪرشن! مونکي سوڀ پائڻ جي اِڇا به ڪانهي ۽ نه راڄ جي سکن جي ڪا ضرورت آهي. هي گوبند! هن طرح راڄ وٺي ڇا ڪندس؟ ڀوڳ ملِيا ته ڇا ٿيو؟ جنهن ڪي به ڇا ڪندس، جڏهن عزيز ۽ متر، ٻندو، سڪا سڀ يڌ ۾ مرڻ لاءِ تيار بيٺا آهن؟

شلوڪ ٣٣ ۽ ٣٤. جن لاءِ يڌ ڪري راڄ سک ۽ ڀوڳن جي چاهنا اٿئون، اُهي آچاريه، پتا، پتر، ڏاڏا، ماما، سهرا، پوٽا، سالا ۽ ٻيا مٽ مائٽ پنهنجي پرانن جي به ڪا پرواهه نه ڪري، سڀ ڪجهه تياڳي، وڙهڻ واسطي ڪڙا آهن.

جڏهن من ۾ موهه ۽ ڀرم آهي، تڏهن مبش. اُمرعه ڪي به ٻتوٻئي ۽ جي ٻئي تو له به امرعه جو قل مشڪل تو پاني. ميران زهر ۾ اُمرعه جي ڀاونا رکي ته زهر جو مٿس ڪو به اثر نه ٿيو. فريد صاحب فرمايو آهي:

جانڪا دل ثابت نهين. تانڪا ڪاءِ خداءِ؟

اُرجن کي ڪو به روڳ لڳل نه هولي ڪونه، رڳو دل ۾ موهه اُچي گهيرو ڪيو هوس. شرير جي طاقت يا ڪمزوريءَ تي گهڻو ڪجهه منحصر نه آهي، جيڪي ڪجهه آهي، سا دل جي شڪتي. شرير هڏن جي مٽ هجي، پر جي دل ثابت آهي ته سڀ ڪجهه ٿي سگهندو. شري ڪرشن ڀڳوان اُرجن جي اها حالت ڏسي، کيس چيو ته جيڪڏهن تون ننڍو وڙهڻ چاهين ته به تنهنجا سڀ سنٻنڌي ۽ متر ته وڙهڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن. تون هنن کي متر ٿو سمجهين ته ڇا هو اهو ننا جاڻن؟ پر اِن هوندي به تو کي مارڻ لاءِ سنبري آيا آهن. خوب هٿيار شستر ڪٽي يڌ لاءِ تيار بيٺا آهن. تنهن تي ارجن چوي ٿو:

شلوڪ ٣٥. هي مڌوسوڌن (مڌو دئت کي مارڻ وارا) مونکي هنن جي مارڻ جي ڪا به اِڇا ڪانه آهي، ڪٽي هو مونکي مارين به. جيڪڏهن ڪٽي مونکي ترلوڪيءَ جو راڄ يا اُن کان به ڪا وڏيڪ پراپتي ٿئي، ته به مان هنن کي مارڻ نٿو چاهيان، ته پوءِ ڇڙوا پرٿويءَ جي راڄ لاءِ ڪئن هنن کي مارڻ پسند ڪندس؟

اهو ٺڏي ڀڳوان چيس ته هو سڀ پاپي آهن ۽ پاپين کي مارڻ ڪترين جو ڌرم آهي. انهر توکي ڪو به دوش نه لڳندو. پر ارجن اِن هوندي به چوڻ لڳو:

شلوڪ ٣٦. هي جناردن (ڀڳتن جي دک دور ڪرڻ وارا) ڀڳوان! ڌرتراشٽر جي پٽن ۽ ٻين کي مارڻ مان اسان جي ڪهڙي ڀلائي ٿيندي؟ برابر هو بلڪل

شلوڪ ٢٢. مان ڏسڻ ٿو چاهيان تہ ڪير ڪير هن يڌ ۾ وڙهڻ لاءِ آيا آهن ۽ ڪنهن ڪنهن سان مونکي مقابلو ڪرڻو پوندو.

شلوڪ ٢٣. ڪونيءَ ٻڌيءَ واري دريوڌن جي اِڇا سان جيڪي وڙهڻ لاءِ سنبري آيا آهن، انهن سڀني کي مان برابر جاچي ڏسڻ ٿو چاهيان.

ارجن جو هي چوڻ ٻ ڀاڱو لـو ڏيکاري. هـڪ ٻهادري ۽ ٻيو ڌرم جو ڀاڱو تہ ڀاپي ڪورون ڀاران ڪير ڪير لڙائي ڪرڻ آيا آهن. جڏهن ڪاٿ ڪان لوهہ ڳڙرو لو لئي تہ ڀاڻ ٻ ٻڌي لو ۽ ٻين کي ٻ ٻوڙي لو، لئن ڀاپيءَ جي طرف ولڻ مان ٻ دک لو پراپت لئي.

سنجيہ اڳتي چوي ٿو:

شلوڪ ٢٤ ۽ ٢٥. هي ڌرتراشٽر! ننڊ کي جيتڻ واري ارجن ڪرشن ڀڳوان کي اِن ريت چيو تہ منهنجو رٿ ٻنهي سينائن جي وچہ ۾ هلي بيهاريو. ڀڳوان ائين ڪيو ۽ چوڻ لڳس تہ اي ارجن! هاڻي ڀيشم پتامهہ، دروڻاچاريہ ۽ ٻيا مکيہ مکيہ راجائون، جي دريوڌن جي طرف ڪٺا ٿيا بيٺا آهن، سي چڱيءَ طرح ڏسي وٺ.

شلوڪ ٢٦ ۽ ٢٧. سنجيہ ٻڌايو تہ پوءِ ڪورون طرف بيٺلن يوڌن ڏي نظر ڪري ارجن ڏٺو تہ ڏاڏا، پتا، ڪاڪا، گرو، ماما، ڀائر، پٽر، پوٽا، سنگتي، ساهرا، مائٽ، گهڻگهرا سيڻ، سڄڻ مڙيئي بيٺا هئا.

ڀيشم پتامهہ ڏاڏي برابر هوس، دروڻاچاريہ ۽ ڪرپاچاريہ گرو هئس، ناناڻن مان ڪيترا ٻوڍا آيل هئا. ڪورون جا پٽ پوٽا جڻ سندس ئي پٽ پوٽا هئا. مطلب تہ اهي سب ڏسي مٿس موهہ غالب پوڻ لڳو. موهہ ٻلوان ارجن جهڙي وير يوڌي کي ٻ نہ ڇڏيو. يڌ جو جوش ڍرو ليڻ لڳس.

موهہ سڪل وياڌين ڪر مولا. تنهن لي پن اپجي سب سولا (دک).

شاوڪ ٢٨ ۽ ٢٩. ارجن جي بدن جا وار ڪرڙا ٿي ويا ۽ منجهس ديا جو زبردست انگ پيدا ٿيو ۽ دک ۾ پرجي چوڻ لڳو تہ، هي ڀڳوان! مان سڀ پنهنجا مٽ مائٽ، سنبنڌي يڌ لاءِ تيار ٿيا بيٺل ڏسان ٿو، جي ڏسي منهنجا انگ ڪاندارجن ٿا. وات سڪي ويو اٿم. شرير ۾ ڏڪڻيءَ اچي ورتو اٿم.

شلوڪ ٣٠. گانڊيو ڌنش جڻ منهنجي هٿن مان کسڪي پيو وڃي، شڪتي نہ اٿم جو انکي قابو رکي سگهان. منهنجي تن جي چمڙي جڻ جلي ٿي، منهنجو من پرمجي ويو آهي تہ ڪنهن سان يڌ ڪريان. مان تہ بيهي ٻ نٿو سگهان.

پرميل شخص ڪمزور ۽ اشڪت ٿيو پوي. دل دماغ ٻئا من ۽ من جي ڪمزوريءَ کي ويڪ ۽ ڪرنہ ڪندو آهي.

لوڀيءَ ڪي پنهنجي ڪارج سڌ ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي به ساڃهه نٿي رهي؛ نه مترن جي، نه پتا ماتا جي؛ نه گرو گوسائينءَ جي. مترتا ڌرم واقعي سان چوڻ سولو آهي، پر نڀاهڻ ڏکيو آهي، مترن جي پروڙ ڏکئي وقت پوي ٿي. جيڪي سکن سمي اچي خوشامد ڪن؛ آپدا وقت پاسو ڪري وڃن، اهي سچا متر نه دوست ڪين چئبا. اِن طرح پتني به جا سکن ۾ سنگ ڪري؛ دکن بيماريءَ وقت منهن موڙي وڃي يا پريم سان شيوا چاڪري نه ڪري ته اها سچي پتني نه ليکبي. ولو ستي سيتا مهارانيءَ جو مثال؛ جا محلن ۾ رهندي به پتيءَ سان گڏ وڃي بن ۾ سکل پنن تي سمهڻ لڳي؛ سچي ڌرم پتنيءَ وانگر پتيءَ جي شيوا ڪمائين، اگرچ ڪيس بنواس ڪونه مليو هو. سدامي ڀڳت کي به سندس استريءَ سشيلا چيو هو ته ڪو اهڙو متر اٿئي جو هن غريبيءَ جي ڪشٽ ۾ اسان جي سهايتا ڪري؟ هن چيو ته ڪرشن ڀڳوان، جو دوارڪا ۾ رهي ٿو؛ اتانجو راجا آهي، اهو منهنجو سچو متر آهي. پتنيءَ چيس ته پوءِ اهڙي سمرٿ متر هوندي به تون دک ڇو پيو ٿو سهين؟ سدامو پوءِ ڀڳوان ڪرشن وٽ ويو؛ ڪيئن ڀڳوان متر ڌرم نڀاهيو، سو عالم آشڪار آهي. اڄ ته ڪيترا متر چوائي به دوکا پيا ڪن!

ڀڳوان رامچندر سگريو کي متر ڌرم بابت هن ريت چيو آهي:

نج دک گرِ سم رج ڪر ماني - متر ڪو رج ميرو سماني.

پنهنجو دک پربت جيڏو هجي ته به خاڪ برابر سمجهجي پر متر جو دک خاڪ برابر هجي ته به سمير پربت جيڏو ڪري ڄاڻجي؛ اهو دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

ارجن وڌيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ٤٠. ڪل جي ناس ٿيڻ ڪري ڪل جو پرمپرا کان آيل سناتن ڌرم پڻ ناس ٿي ويندو ۽ اڌرم وڌي ويندو.

شلوڪ ٤١. اڌرم وڌڻ ڪري هي ڀڳوان! ڪل جون استريون بدچال ٿي پونديون ۽ انهن مان ورڻ سنڪر اولاد پيدا ٿيندو.

شلوڪ ٤٢. ورڻ سنڪر اولاد ساري ڪل کي ۽ ڪل کي ناس ڪندڙن کي نرڪ ۾ نيندو. اُنهن جا پتر پڻ پنڊ ڪريا ۽ ترپڻ ڪريا کان رهت ٿي نرڪ ۾ ڪرندا؛ ڇو ته شاسترن انوسار ورڻ سنڪر اولاد کي پنڊ ترپڻ وغيره جو اڌڪار ڪونه آهي.

ڇڪن پوڪارن جا جيئو آهن - هڪڙا پورن گيانوان، ٻيا ڌرماتما، جن ۾ اجا پورو گيان نه آهي، تيان اُهي جي ڌرم به ڪن نا پر پاپ ڪرم به ڪن ٿا؛ ٽيون اُهي جي ساري عمر پاپ ٿي پاپ پيا ڪن. مرڻ کان پوءِ جا جل ۽ پنڊ ترپڻ جي ڪريا ڪئي وڃي ٿي، اها پورن گيانوانن لاءِ ته ضروري نه آهي، ڇو ته هو مڪت ٿي ٿا وڃن. پويان سندن ڪريا ڪرم ڪن يا نه، ته هنن کي ڪوبه فائدو يا نقصان نٿو رسي. جيڪي ڌرماتما ۽ ڀڳت آهن،

پاپي ۽ آتتائي آهن، پر اِنهن کي ڪين سزا ڏيان؟ اُنهن کي مارڻ سان ته اُلٽو موٽي پاپ لڳندو.

ارجن مڃي ٿو ته هو ڪوتا ۽ پاپي آهن، پر موهه ايترو وڌي ويو اٿس، جو راڄ لاءِ به وڙهڻ نٿو چاهي. آتتائي لفظ جو ارٿ آهي گهور پاپي. شاسترن ۾ ڇهن قسمن جي ماڻهن کي آتتائي ڪوٺيو ويو آهي- (١) جو ڪنهن مڪان يا جاءِ کي باهه لڳائي، جنهن اندر ويٺل ماڻهو به سڙي مري وڃن؛ (٢) جو ڪنهن کي دوکي سان زهر ڏئي ماري؛ (٣) جو ٻيا هٿيار واري کي هٿيارن سان ماري وجهي؛ (٤) جو ٻئي جو ڌن ڪٽ سان ڦري؛ (٥) جو ٻئي جو مڪان يا زمين زوريءَ ڪٽ سان کڻي وڃي؛ (٦) جو پرائي استري ڀڄائي وڃي. دريوڌن ۾ اهي ڇهه ئي اوگڻ هئا. پانڊون لاءِ لاک-ڀون ٺهرائي انکي باهه ڏياري، کين ساڙي مارڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر هو خبر پوڻ تي اندران سرنگهه دواران ڀڄي نڪتا ۽ سندن بدلي ٻيا مسافر سڙي مري ويا. ڀيمسين کي دوکي سان زهر پيل لڏون کارائي، مارڻ چاهيائين. پانڊون جي ٻيا هٿيار هوندي به هو هٿيارن کان ڪم وٺندو هو. پانڊون جو ڌن ۽ ملڪ هو کڻي ويو هو. هو وڃاري به هوندو هو ۽ دروپديءَ کي ڀريءَ سڀا ۾ ننگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين.

شلوڪ ٣٧. اِنڪري هي ماڌو! اسين (پنهنجي طرف وارن پارن ٿـو جوي) هنن کي مارڻ جو ڪوبه يتن نه ڪنداسين. ڌرتراشٽر جا پٽر سڀ اسان جا سنبنڌي ۽ مِتر آهن ۽ اُنهن کي ماري اسين ڪئن سکي ٿي سگهنداسين؟

مطلب ته ارجن جو من موهه ۽ ڀوءِ ۾ بلڪل ڪمزور ٿي ويو. شاسترن جي سکيا اُلوا نهيءَ انوسار به اهڙن آڌرمين کي سزا ملڻ گهرجي، پر اهڙا گهڻا موقعا اچن ٿا، جڏهن اسين موهه وچان پنهنجا فرض به بجاءِ نٿا آڻيون. ڪرشن شسوپال کي راجا يڌشٽر جي دربار ۾ ماريو ۽ قاعدي قانون جي به پرواهه نه ڪيائون ڇو ته شسوپال مهاپاپي هو. جج جـو ڀلائين کي سزا ٿا ڏين ته اهي انهن تي رحم ٿا ڪن، ڇو ته ته هنن جي دل وڏي وسندي ۽ هو وڌيڪ پاپ ۽ گناهه ڪندا. انصاف موجب سزا ملڻ ته لاءِ نوي ڪرم جو ڦل ڀوڳي وڌيڪ سزا کان به بچندا ۽ آئنده لاءِ دٻ ۾ رهي، وڌيڪ پاپ ڪرم نه ڪندا. اڄ اسان جو ديس هيٺيءَ حالت کي رسيو آهي ڇو ته اسين يا اسان جي سرڪار پاپين ۽ گنهگارن کي لائق سزا اهي ڏئي. ارجن وڌيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ٣٨ ۽ ٣٩. جيتوڻيڪ ڌرتراشٽر جا پٽر ڪل جي ناس ڪرڻ جي دوش خواهه مترن سان دوهه ڪرڻ جي پاپ کي نٿا ڏسن، پر اسين ته اهو سڀ چڱيءَ طرح ڏسون ٿا، پوءِ اسين ڇو هنن جهڙا ڪرم ڪريون؟ هنن جي ته لوڀ وچان مت ماري ويئي آهي، انڪري مترڌروهي ٿي لڙڻ لاءِ تيار بيٺا آهن.

بيڪانير هندو رياست جي لاڳو بهاولپور مسلمان رياست هئي. بيڪانير جي راجا جو قاعدو هو ته انسان کي هندو يا مسلمان ڪير ڏيندڙ ڳئون خريد ڪري ته ۵ روپيه محصول ڏئي، پر جي ڪو ڍڳي ڳانءِ خريد ڪري ته ۲۵ روپيه ڏنڊ ڏئي. مطلب هو ته ڍڳي ڳئون مطلب سان ڪو خريد ڪندو ته بهاولپور ۾ وڃي ان جو قتل ڪندو، تنهن جو پاپ بيڪانير جي راجا تي پوندو. ڳري ڏنڊ هوندي ته ڪو به خريد ئي ڪين ڪندو. ڪشمير ۾ رواج جي اهميت وڏا وڏا پنڊت ۽ ودوان به مڃي ڪائيندڙ آهن. ڳئو هتيا لاءِ هندو رياستن ۾ ڀاري سزا ملندي هئي ۽ مسلمان رياستن ۾ ڪا به سزا نه هئي.

ارجن ڀڳوان کي وڌيڪ چئي ٿو:

شلوڪ ۴۵. هاءِ! اِهو وڏو اڄرج ڇڻبو جو راڄ سک جي لوڀ ۾ پئي اسين پنهنجي مٽن مائٽن جي مارڻ لاءِ تيار ٿيا آهيون، جو مها پاپ ٿيندو.

شلوڪ ۴۶. جيڪڏهن ڌرتراشٽر جا پٽر هٿن ۾ هٿيار کڻي مونکي مارين ۽ مان ڪو به هٿيار نه کڻان ۽ نه پنهنجو ڪو بچاءُ ڪريان. ته اهو به بهتر آهي.

مطلب ته ارجن پاڻکي مارائڻ لاءِ به تيار آهي ۽ ان ۾ پنهنجي ڀلائي ٿي ڄاڻائين. ايترو ڪجهه ورڻن ڪري سنجيه ڌرتراشٽر کي چيو ته

شلوڪ ۴۷. هي راجن! پوءِ ارجن ڪرشن کي چيو ته مان شسترن کي تياڳ ٿو ڪريان. ڀلي هو مونکي مارين. ان ۾ مونکي شانتي ايندي. ائين چئي ڌنش ٻاڻ ڦٽو ڪري، ڏاڍي شوڪ ۽ دک ۾ وياڪل ٿي، رٿ ڪي چڙهي، هيٺ لهي پيو.

اهي ته مرڻ کانپوءِ دوبه لوڪن ۾ وڃن ٿا. انهن لئي ته ڪو دوش نه آهي، جو هنن پنهنجو ڀاڳ سڌاري ورتو آهي. باقي ٽئين قسم جي ماڻهن لاءِ اهو ڪرما ڪرم بلڪل ضروري آهي ۽ چوٿين قسم جا ماڻهو ته مرڻ کانپوءِ ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ ڀوتن ۽ پريتن جي جونين ۾ وڃن ٿا. هنن لاءِ ته اها ڪريا ضروري آهي، ڇو ته هنن کي ان مان خير ڪو فائدو ٿو رسي. هنن لاءِ ته ڪي وڏا پاٺ پوڄائون ڪجن ته سندن نستارو ٿئي.

شلوڪ ٤٣ ۽ ٤٤. ڪل کي گهات ڪندڙن ۽ پرجا کي ورن سنڪر بڻائيندڙن جي اهڙن برن ڪرمن مان جاتي ۽ ڪل جا سڀ سناتن ڌرم ناس ٿي وڃن ٿا. هي جناردن! جن ماڻهن جو ڪل ۽ جاتيءَ جو ڌرم ناس ٿي ٿو وڃي، سي ضرور نرڪ ۾ واسو ڪن ٿا. اِئين مون ٻڌو آهي.

ڌرم جا ٻه پهلو ٿيا ويا آهن - هڪڙو اَچل، جو ڪڏهن به نٿو بدلجي؛ هرهڪ يگ ۾ سدائين هڪ جهڙو رهي ٿو. اُن کي سناتن ڌرم به چئجي ٿو. ٻيو ڌرم جو انگ سمي سارو بدلجي ٿو؛ جاتيءَ يا ديس مرجب نرالو آهي. سداچار قائم رکڻ لاءِ ڌرم جا نيم ٺاهيا وڃن ٿا. اڳئين زماني ۾ راجپوتن ۾ ڪو مرد مري ويندو هو ته اُن جي استري به ستي ٿيندي هئي ۽ چکيا اِي چڙهي جان ڏيندي هئي، ته متان پنهنجو هندو ڌرم نه نشٽ ٿئي. جنگين وقت ته مسلمانن جي هٿ چڙهڻ بدران زالون ۽ بار باهه ۾ سڙي جان ڏيندا هوا ته متان شترن جي هٿن ۾ اَچي ڌرم ڀنگ ڪري ڇڏين. مگر اڄ اِئين نه آهي. ستي ٿيڻ قانوني جرم آهي. اها اڳين ويچار ڌارائي نه رهي آهي. مڙئي مذهب ۽ مت مَتانتر ته سمي سارو ڌرم مهيا وڃن ٿا. پر اهي آد وارا ڌرم نه آهن. آدي ڌرم تہ هڪ ويدڪ ڌرم آهي. ويدن ۾ چار ورن جا ٺاهيل آهن، جن چئني ۾ آتما ۽ پرماتما جي پڇاڻ کي ڌرم ڪري مڃيو ويو آهي. جڪن ڪان اهو سڌانت هڪ سرڀڪو ۽ صحيح مڃيو ويو آهي ته هي شريڀ شاسترنت آهي. اڄ جيڪڏهن جيو برهمڻ جاتيءَ ۾ آهي ته اُن جاتيءَ جا ڌرم پالن ڪرڻا پوندس ٿا، جي وري ڪتري جاتيءَ ۾ پيدا ٿيو ته ان ۾ سڀاءَ انوسار ڪرم ٿي اهڙا ٿيندا، جي ڪترين کي ڪرڻا آهن ۽ پر جيڪڏهن برهمڻ جونيءَ ۾ ڪو آتم گيان پرابت انس ته اهو ڪتري جوڻ ۾ به رهندس ۽ بدلجندو ڪين، پوءِ چاهي پرارٻڌ انوسار ڪيترا به جنم وٺي ۽ ڪهڙي به ورن ۾ جمي. جاتيءَ جا ۽ ورن جا ڌرم ته بدلجندا رهن ٿا، پر آتم ڌرم نٿو بدلجي. اَرجن جاتي ڌرم جو خيال ڪري رهيو آهي، پر پڇاڻ آتم ڌرم جي لاڙازي ڪاٽي ڇينو آهي. جاتي ڌرم ۽ نيمن اِي به هنڌ ضرور جڳائي نه ته ماڻڪ ۾ ڪاٽش ۽ دک چانئجي ويندو. جاتي ڌرم، ڪل ڌرم، ديش ڌرم سڀ ضروري آهن ۽ ويچار سان پاڙڻ گهرجن نه ته ڌرم نشٽ ٿي ويندو، پر آتم ڌرم به ضروري آهي. گرو نانڪ صاحب به ورن ڌرم جي گهٽ ٿي وڃڻ لئي فرمايو آهي:

سرشٽ سڀ اِڪ ڌرم هئي - ڌرم ڪي گهٽ رهي.

ورن ڌرم ناس ٿيڻ سان ڌرم گهٽ ٿو ٿئي ۽ گرو جي چون ٿا ته ڪاهڪ... ۾ اهو حال ٿيو، ۽ مذهبون لوڪ ڌارين.

اسين جيتڻ نٿا چاهيون، اُهيئي دريوڌن جي طرف وارا اسان سان وڙهڻ لاءِ سنمک بيٺا آهن.

ڀڳوان اُرجن جو هي حال ڏسي، ڪيس چيو ته هو ته لوڪي مارڻ لاءِ سنهري آيا آهن، سو تون پنهنجو نيئي ڌرم سنڀال. جيڪڏهن ڪمزوري ڏيکاري نه وڙهندين ته سڀ چوندا ته ڊڄي ويو آهين. ائين ڪرڻ چوندا ته لوڪي ڪا مڻ ڏٺا آئي آهي! تو مان ڪتري ڌرم ناس ٿي ويل ٿو ڏسجي؛ تون مورک ٿي پيو آهين. ارجن تنهن تي چيو ته:

شلوڪ ٧. هي ڀڳوان! آءٌ سچ پچ منجهي پيو آهيان. منهنجا سڀ حوصلا خطا ٿي ويا آهن، اِنڪري اوهان کان پڇان ٿو ته سچ پچ منهنجو ڀلو ڇا ۾ آهي؟ آءٌ اوهانجي گروُ جاءِ شش ٿي شرن ۾ آيو آهيان؛ تنهنڪري مونکي ڌرم جو اُپديش ڏيئي نيڪ راهه بتايو.

شلوڪ ٨. هي ڪرشن! جيڪڏهن اوهين مونکي سمجهاڻو ۽ صحيح رستو نه بتائيندا ته منهنجو هي دک ۽ وياڪلتا دور نه ٿيندا. ساريءَ پرٿويءَ جو راڄ ڪٽي ملي ته به چت شانت نه ٿيندو؛ ڪٿي سرڳ جو به راڄ ملي ته به خوشي حاصل ڪين ٿيندي.

آنند لڌو آهي، جڏهن گيان وٺڻ وارو اڌڪاري هجي؛ انلاءِ هر صاف طرح خواهشمند ۽ هجي. اُرجن کي هاڻي اها آنند ماڻڻ جي آهي ته مونکي ڀڳوان رستو ٻڌائي. هو بيزار ٿو ڪري ته پنهنجي اُملي سپاهه ڪان ڪري، ليڪي ڌرم، راڄ ڌرم، ڪتري ڌرم سڀ وساري، ڪانئرتي ۾ گرفتار ٿي پيو آهي. ڀڳوان کي پنهنجو گرو ٿو سمجهي؛ نمرتا سان سندس شرن ۾ اچي شرڌا سان اُپديش لاءِ پاڙائي ٿو. جيسين کي پياس گهڻي هوندي ته پاڻيءَ لاءِ قدر ۽ انکي ليندو. جيستائين جگياسا اُڀري آهي، ان کي ئي گيان جو قدر ۽ ليندو.

ڪبير صاحب ۽ فرمايو آهي:

جب مليگي پارکو - ليگي مهنگي مول.

جيڪو سچيءَ دل سان شرڌا رکي، شرن پئي، اُپديش گهري ٿو، اُن کي گيان ڏيڻ ۾ ڪهڙي نه خوشي ٿيندي! ڀڳوان جيڪو اُرجن کي گيان هن کان اڳي ڏيندو، اهو اُمرت سڀني لاءِ لاڀدائڪ آهي، رڳو پورن شرڌا، وشواس ۽ پياس جي ضرورت آهي. اُرجن سمجهي ٿو ته سرڳ جو سک ڀا راڄ ۽ هن جا دک دور نه ڪندا، پر ڀڳوان جو اُپديش ڪيس اُوس شانتي ڏيندو. گيتا جو گيان ڀا مهاتمائن جا پروچن سڀني لاءِ هڪ سريکا آهن. پر ٻڌندڙن جي اُيلاشا انوسار هرهڪ کي ڦل ملي ٿو. اُرجن کي مانسڪ دک ۽ روڳ هو، جو گيان ڪانسواءِ دُور ٿيڻ وارو نه هو. ويدن جي آکيا انوسار آتم گيان ٿي شوڪ کان رهت ٿين ٿا. آتم گيان گروءَ جي اُپديش ڀا نه ٿيندو، جيئن لاءِ وڏا وڏا راجائون ۽ راڄ ڀاڳ

اڌياءُ ٻيو

سانکيہ يوگ

سنجيہ اڳتي هلي هن ريت ڌرتراشٽر کي ٻڌائي:

شلوڪ ١. هي راجن! ارجن، جنهنکي موهہ وچان ڪهل اچي ويئي هئي ۽ جنهن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀريل ۽ وياڪل ٿي پيئون هيون ۽ جو شوڪ ۾ ٻڏجي ويو هو، اُنکي اِن حالت ۾ ڏسي مڌسوُدن ڀڳوان هي وچن چيا.

شري ڀڳوان چيو:

شلوڪ ٢ ۽ ٣. هي ارجن! مُورکن جي ڪرڻ لائق، سرڳہ ۽ ڪيرتيءَ کي ناس ڪندڙ هيءُ موهہ توکي هن سنڪٽ سمي ڪيئن ويڙهي ويو آهي؟ هن ڪانئرپڻي کي نہ اچڻ ڏي. اهو نپوُسنڪپڻو توکي نٿو سوُنهين. هي شترن جا ڏهڪاءُ! هردي جي اِها نيچ دربلتا دور ڪري اُٿي کڙو ٿيءُ.

ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو تہ توکي جو ٻيا دشمن جو ڏهڪاءُ ڪري ڪوٺيندا آهن، سو نالو سچو ثابت ڪر ۽ ان نالي جي پت رک. اِهي لفظ ٻڌي ارجن چوڻ لڳو.

ارجن چيو:

شلوڪ ٤. هي مڌسوُدن! ڀلا مان يڌ ۾ ڀيشم پتامہ ۽ دروڻاچاريہ سان ڪيئن ٻيهي ٻاڻن سان لڙائي ڪريان؟ هو تہ منهنجا پوُجنيہ آهن!

ارجن جو مطلب هو تہ مان برابر دشمن جو ڏهڪاءُ آهيان، پر آءٌ سامهون ڪرڻ پنهنجو ويري ڪونہ ٿو ڏسان. آهن تہ سڀ منهنجا مترَ ۽ پوُجنيہ.

شلوڪ ٥. هي جو منهنجا پوجنيہ، ارٿ ۽ ڪام جي ڏيڻ وارا گرو آهن، اُنهن کي نہ مارڻ ڪري جيڪڏهن مونکي هن لوڪ ۾ ڀکيا پني کائڻو پوي تہ اُهو گهڻو بهتر ٿيندو. مگر هنن کي ماري راڄ جو سک وٺان، اِهو نيڪ ڪين ٿيندو ۽ اهي ڀوڳ جڻ رت سان ڀريل يعني پاپ روپي ٿيندا.

هڪ ستگرو ئي ارٿ، ڪام، ڌرم ۽ موکش چارئي پدارٿ ڏيئي سگهي ٿو، مگر ٻيا وڏا ماتا، پتا، ودِيا گرو ۽ اُستاد رڳو ارٿ ۽ ڪامنائون پوريون ڪرڻ وارا آهن. اِنکري هت ارجن رڳو ارٿ ۽ ڪام ٿو چوي؛ ڇو تہ هن اُچا ستگرو ڪونہ ڪيو هو.

شلوڪ ٦. هي [illegible]ان! مان اِهو بہ نٿو ڄاڻي سگهان تہ اسان لاءِ ڇا چڱو آهي ۽ هوُ اسانکي جيتي[illegible] يا اسين هنن مٿان سوڀ پائينداسون. جن کي ماري

سوال ٿو اٿي ته وڏن وڏن وسشت منيءَ جهڙن ته پٽن وغيره جي موت تي شوڪ ڪيو هو ته پوءِ ڀڳوان ڪيئن ٿو چئي ته مترن يا بزرگن جي موت لي شوڪ ڪرڻ نه جڳائي؟ پر هن شوڪ ۽ ارجن جي شوڪ ۾ رات ڏينهن وارو تفاوت آهي. هنن جو شوڪ سنساري وهنوار جو هو، جو سيني کي رکڻو ٿو پوي ۽ ٿوري وقت لاءِ ٿو ٿئي؛ جيئن ته پٽن وغيره سان پريم ٿئي، تن ۽ ويوگ وقت دک ٿيڻ قدرتي آهي. وسشت منيءَ جا پٽ جڏهن وشوامتر منيءَ ٻوڙي ماريا ته هن ۾ به موهه وچان دک ٿيو ۽ ندي، جا هاڻي سرجو نالي ٿي سڏجي، ان ۾ پاڻ ٻوڙڻ لڳو. نديءَ کي اهڙي مهاتما جي ٻڏڻ جي پاپ جو ڊپ ٿيو ۽ اوءَ سؤ ٽڪرا ٿي پيئي ۽ پاڻي ٿانگهو ٿي ويو. مني ساري ندي ٽپيو، پر ٻڏڻ جيترو پاڻي ڪٿي به نه مليس! تڏهن هن کي يڪدم گيان اچي ويو ۽ سمجهيائين ته آتما ته امر آهي، سو دک ڇو ٿو ڪريان؟ ارجن جو دک ته اگيان وچان هو، جو هو پاڻکي ۽ ٻين سيني کي پنهنجن تن جو شرير سمجهي رهيو هو ۽ انهن تي سمجهيائين ته هو مرڻ کي مري ويندا. ان موهه وچان هو پنهنجو ڪتري ڌرم وساري ويٺو هو. انهن ته شري رامچندر به سيتا جي گهڻي وڃڻ ڪري وڇوڙي سبيان شوڪ ڪيو ۽ جڏهن لڇمڻ کي برڇي لڳي ۽ هو مورڇا ۾ ٿي ويو، ان وقت به شوڪ ڪيائين، پر اهو سڀ وهنواري شوڪ هو. سياڻا ته انهن مثالن مان ويراڳ جو ٿا سبق پرائين ته اهڙا ويوگ اوتارن تي به اچن ٿا ۽ پريم وچان هو به وهنواري شوڪ ڪن ٿا، پر هو ڪو پنهنجو فرض ڪونه ٿا ڇڏي وهن. ڀڳوان ارجن کي سمجهائي رهيو ته لون انيڪ شريرن لاءِ شوڪ ٿو ڪرين ۽ موهه وچان پنهنجي ڌرم تان ڪري رهيو آهين. شوڪ ۽ موهه دور ڪرڻ لاءِ هڪ پرماتما جو سمرڻ ئي پورو وسيلو آهي. جنهن گورو ارجن ديو سکمني صاحب جي پهرين پؤڙيءَ ۾ فرمايو آهي:

سمرءِ سمر سمر سک پاوءِ ـ ڪل ڪليش تن ماهه مٽاوءِ.

ٽي دفعا سمر لفظ آيو آهي. انجو مطلب آهي تن، من، تن ۽ واڻيءَ سان سمرڻ ڪجي ته سک ملندو ۽ تن من جا ڪليش دور ٿيندا ۽ انتهڪرڻ به شڌ ٿيندو.

هڪ لڳا گورو نانڪ ديو ٻالي ۽ مرداني سان گڏ سمندر تان ائين هلي رهيا هئا، جڻ ڌرتيءَ تي ٿا هلن، ته سامهون هڪ ڀيانڪ راڪسياڻي اچڻ لڳي. اها ڏسي مردانو ڊڄي ويو. هن جا وار ڪنڊڙيل، ڏند وڏا ۽ ٻاهر نڪتل، وات ڦاٽل ۽ نهن وڏا هئا. مردانو ڊڄي چوڻ لڳو ته سائين! بچايو. ائين چيائين ته ڏٺائين ته هڪ ڏندو سمنڊ ۾ تري رهيو هو. گوروجن چيس ته اهو ڪٺي هن کي ماري بچاءِ. هن ائين ڪيو ۽ پوءِ پڇيائين ته سائين هيءَ ڪير هئي؟ مهاراج جن ٻڌايس ته آيا! اها هئي ڪلپنا ۽ اهو ڏندو هو گيان جو ڏندو. جن کي وويڪ جو ڏندو آهي، انهن کي اها ڪلپنا يا ان مان پيدا ٿيل ڪليش ڪداچت نه ستائيندا. گيان ايندو انتهڪرڻ جي شڌتا مان ۽ اهو ٿيندو سمرڻ ڪرڻ سان. ڪليش پنجن پرڪارن جا آهن. اوديا، اسمتا، راڳ، دويش ۽ ابهنويش.

ارجن کي اوديا هئي. هن نٿي جاتو ته آتما اجر امر آهي. هن سيني کي شرير ٿي

ڇڏي، رشين منين جي شرڻ ۾ وڃي، ڀٽڪيل من جي روڳن کي دور ڪندا هئا.

اڳتي سنجيہ چوي ٿو:

شلوڪ ۹. هي راجن! ننڊ کي جيتيندڙ ۽ ويرين جو ڌڪاءُ ارجن ڀڳوان کي اهين چئي تہ "هي گوبند! آءٌ ڀڙ نہ ڪندس"، ماٺ ڪري ويهي رهيو.

شلوڪ ۱۰. جنهن ٻنهي سيناڪن جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح وياڪل ٿيل ارجن کي ڏسي، ڀڳوان ٿورو مرڪي هي وچن چيا:

ڀڳوان مرڪيو ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ ڏٺائين تہ ڪهڙي ڏاڍي ارجن جهڙو ودوان ۽ ٻرڏو بہ دربل ٿي پيو آهي. ٻيو تہ ڪرشن جو ارجن ۾ پيار هو، سو ڏسي خوش ٿيو تہ هاڻي ارجن نيڪ رستي تي آيو آهي. اصلي گيتا اپديش هن ادياءَ جي ۱۱ شلوڪ کان شروع ٿئي ٿو، جنهن جي ٻڌڻ ۽ هضم ڪرڻ سان دک دور ٿين ٿا، چارئي پدارٿ ملن ٿا ۽ چوندڙن اڳوا ٻڌندڙن جو وقت سڦلو ٿئي ٿو. هن ڪلجڳ ۾ گيتا جو گيان ڏيڻ الوا ٻڌڻ وڏن ڀاڳن ۽ پرماتما جي ڪرپا جو ڦل آهي.

شري ڀڳوان چيو:

شلوڪ ۱۱. جن لاءِ ڪوبہ شوڪ ڪرڻ ڪين جڳائي، انهن واسطي تون شوڪ پيو ڪرين ۽ وري ڳالهيون پنڊتن جهڙيون پيو ڪرين! پر سچا پنڊت (گياني) تہ نڪي مري ويلن لاءِ ڪو شوڪ ٿا ڪن ۽ نہ جيئرن لاءِ ڪو دک.

ڀڳوان ڀٽڪيل پرم ڀڳت ارجن کي هيءَ سانکيہ مت جو اپديش ٿو ڏئي تہ سندس دربلتا، موهہ ۽ ڀرم دور ٿين ۽ سندس مانسڪ ڪمزوري دفع ٿئي. چوي ٿو تہ ارجن تون ڳالهيون تہ گيانوانن وانگر ٿو ڪرين تہ سامهون بيٺلن کي ماريندس تہ ڪل نشٽ ٿيندو، استريون ڀرشٽ ٿينديون، ورڻ سنڪر اولاد پيدا ٿيندو ۽ سڀ نرڪ واسي ٿيندا ايندي، پر تون ڪرتوپ تہ پنڊتن وارا نٿو ڏيکارين، ڇو تہ هي شرير سڀ ناسونت آهن، جن لاءِ شوڪ ڪرڻ وئرٿ آهي. ڀيشم پتامہ يا دروڻاچاريہ ڪنهن بہ شوڪ ڪرڻ جا لائق نہ آهن، ڇو تہ اصلي روپ ۾ تہ هو امر آهن ۽ وري آهن بہ گيان ۽ شڀ ڪرم ڪندڙ. ڪوبہ سياڻو ۽ گياني نہ ڪنهن مري ويل لاءِ شوڪ ڪري ٿو ۽ نہ ڪنهن جيئري لاءِ دک، ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو تہ آتما نہ مري ٿو ۽ نہ ڄمي ٿو، ۽ موت ڪا بہ وستو نہ آهي. استول شرير کان سوکشم شرير جي جدا ٿيڻ کي "موت" ڪوٺجي ٿو. جو شرير اڀريو آهي، سو ضرور ناس ٿيندو. آتما تہ اوناسي ۽ امر آهي. هي سارو سنسار جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، انهيءَ جنم سان گڏ موت بہ ضرور ڳنڍيل آهي. ڪڪرن مان بجليءَ جي چمڪ نڪرندي آهي. ان پرڪاش وقت جيڪو ڀٽڪيو ڪم ڪڍي وٺندو آهي، اهو سياڻو ليکبو آهي. ان طرح هي شرير بہ ٿوري وقت لاءِ مليو آهي ۽ ان مان ڪم جلديءَ سان ڪڍڻ گهرجي، ڇو تہ اهو ناسونت آهي ۽ ڪنهن مهل بہ ڀڄي ٿي پوي.

جو ڦل آهي، جو جيئن آتما نئون شرير پائي پوئي ٿو.

جڏهن شري رامچندر ڌنش ٽوڙيو، تڏهن ساري جنڪ پريءَ جون استريون منهن موهت ٿي پيئون! مگر ڀڳوان کين چيو ته هن وقت مان مريادا پرشوتم جو اوتار آهيان؛ هڪ ئي استري ڪندس؛ پر توهان جيڪو مون لاءِ پريم ڏيکاريو آهي، انڪري دواپر يڳ ۾ مان ڪرشن جو اوتار وٺندس، تڏهن اوهين سڀ پريم واسنا ڪري گوپين جو جنم وٺنديون ۽ مون سان پريم ڪنديون؛ ٿيو به ائين؛ هنن ان جنم ۾ ڀڳوان جو پريم پڻ پاتو.

جڏهن هڪ ماريءَ ڀڳوان ڪرشن جي پيرن جي ننهن کي ڪنهن هرڻ جون اکيون سمجهي تير هنيو؛ پوءِ چوڪ محسوس ڪري اچي معافي وٺڻ لڳو ته ڀڳوان کيس چيو ته "مون توکي رام اوتار ۾ تير هنيو هو، ان جو بدلو تو مون کان ورتو." ڇنبو ته ٻاليءَ جي آتما ئي ان ماريءَ جو شرير ڌاريو هو؛ ڪرشن جي آتما شري رامچندر واري هئي. جيڪڏهن شرير سان آتما به ختم ٿئي، تڏهن پوءِ جنم جنم ۾ ڇا ٿا حساب ڏيڻا پون؟ ظاهر آهي ته شرير جي مرڻ سان آتما نٿي مري؛ اها نت ستت آهي. هي شرير پران، اندريون سڀ ان آتما جي آسري آهن. ناستڪ ته چوندا آهن ته آتما يا پرماتما ڪجهه نه آهي؛ استري پرش جي سنجوڳ سان شرير پيدا ٿين ٿا. جي ائين هجي ته ڪنڀار جي هستيءَ ڪانسواءِ گهڙا، مٽڪا وغيره به تيار ٿيڻ گهرجن؛ فوٽو گرافر ڪانسواءِ فوٽا نڪرڻ گهرجن. پر ڪاريگر ڪانسواءِ ڪا به شيءِ پاڻيهي نٿي تيار ٿئي، ته هي سارو جڳت ڪيئن ڪنهن ٺاهيندڙ ڪانسواءِ پيدا ٿيو ۽ هلي رهيو هوندو؟ ساري سٿا آتما جي آهي، جا پرماتما جو جزو آهي؛ ڪڏهن ناس نٿي ٿئي.

گرو امرداس وٽ جڏهن گرو انگد جو پٽ داسو جي اچي اٻڪا وچان گرو گادي گهرڻ لڳو ته گروجن کيس چيو ته "توکي گادي ملندي، پر نه هاڻي، مگر جڏهن ٻيو شرير وٺي، گرو امرداس جو پٽ ٿي ايندين!" هن آخر گرو ارجن ديو جي جُوُن ورتي؛ ۽ ڪماني ڪيل هيس، جهيڪري گادي ماڻيائين. اهي سڀ درشٽانت ٻڌائين ٿا ته آتما امر آهي؛ فقط شرير بدلجندا رهن ٿا. آڪاش سرو وياپڪ آهي، پر ڪنڀار گهڙو ٺاهي ٿو ته ان ۾ جو آڪاش (پول) آهي، سو ان ڪنڀار ڪونه ٺاهيو آهي. گهڙو ڀڄي ٿو ته اهو آڪاش نٿو ڀڄي، پر وڏي آڪاش ۾ ملي ٿو وڃي. ان طرح جيئن آتما يا روح پرماتما جو جزو آهي؛ هر هڪ شرير ۾ گهڙي جي آڪاش وانگر اچي ٿو، پر شرير جي مرڻ تي اهو جيو آتما مري نٿو، مگر مها آتما ۾ لئه ٿي وڃي ٿو.

ذات ڪاليون ڪهڙيون به هونديون ته انهن ۾ اُڪي ضرور رهي ٿي. ان طرح جيو ڪهڙي به شرير ۾ هجي، هاٿيءَ ۾ يا ڪٽيءَ ۾، ته آتما آهي. هر هڪ پراڻيءَ ۾ سوڪيم شرير آهي، جو ١٧ تتن جو آهي؛ ساري شرير ۾ وسي ٿو. (٥ پران، ٥ گيان اندريون، ٥ ڪرم اندريون، من ۽ ٻڌي). هر هڪ استول شرير ۾ اهو سوڪيم شرير ننهن کان چوٽيءَ تائين وياپڪ رهي ٿو. ٻن يا ٽن هنڌ کي ڏک لڳس ته انهن سڀني هنڌ سُور معلوم ٿئي ٿو؛ نه هڪ هنڌ. ڪا به تڪليف ڪنهن به عضوي کي هوندي ته اها محسوس ٿيندي. هاٿيءَ

سمجهيو ۽ اِهين ئي ڄاڻائين ته سڀ مري ويندا. سڀ کي اُسڻ ۽ اُسڻ کي سڀ سمجهڻ ئي اودِيا آهي. مايا ته ڀلائڻ واري آهي، پر وچار انسان کي هلائڻ آهي. پرمانما، جو سک سروپ آهي، تنهن کي اسين چاهيون ٿا، باقي سنساري وشين، جي دک روپ آهن، انهن کي سک روپ سمجهي، انهن پٺيان ڊوڙون ٿا. شرير کي ئي آتما سمجهي ويٺا آهيون.

اسمتا يعني سوکيم اهنڪار ۽ اندر جي ممتا ته هيءُ منهنجو آهي، مان هيڏو آهيان، مونکي هي پدارٿ آهن وغيره. ٻاهران ته چئون ٿا ته سڀ ڪجهه پرماتما جو آهي، پر اندر ۾ پيڇاءِ موهه رکي ويٺا آهيون.

راڳ يعني پريتي، ۽ دويش، يعني گهرڻا يا نفرت. ڪن جيون ۽ پدارٿن سان پريم ته ڪن سان وير رکي پيا هلون. سڀني کي هڪ سمان نٿا ڏسون.

اڀينويش يعني هٺ. پنهنجي چيل لفظن يا ڪيل ڪمن کي ئي درست سمجهڻ. اهي پنجن ئي قسمن جا ڪليش دور ٿيندا ته آتما جو درشن ضرور ئي سگهندو ۽ سچو سک به ملندو.

شلوڪ ١٢. اهين اصل نه سمجهه ته مان يا تون يا اِهي راجائون ۽ يوڌا اڳي ڪو نه هئا يا هن کان پوءِ اسين يا هوُ ڪو نه هونداسين.

ڀڳوان سمجهائيس ٿو ته اسين سڀ اڳي به هئاسين، هاڻي به آهيون ۽ پوءِ به هونداسين ۽ ڏيهه شرير بدلبا رهندا، پر آتما ٽنهي ڪالن ۾ ساڳي رهي ٿي ۽ نت قائم آهي. ناستڪ لوڪ ڏيهه چئن تتن (پرٿوي، جل، وايو ۽ اگنيءَ) کي ٿا مڃين ۽ چون ٿا ته ڏيهه شرير آهي. هوُ چوندا آهن ته مان ٿلهو آهيان، مان ڪمزور ٿي ويو آهيان، مان هلان ٿو، مان وهان ٿو وغيره. اِهو مٽيءَ جو اڪٺ ته آتما ۾ آهي، انڪري هوُ سمجهن ٿا شرير جي مرڻ سان آتما به مري ٿو وڃي. ڀڳوان ارجن کي نشچي ٿو ڪرائي ته اها ڀرانتي آهي، جنهن جي دور ڪرڻ لاءِ شاستر آهن. آتما کي پرارٻڌ انوسار جدا جدا شرير ملن ٿا، جي جمن ۽ مرن ٿا. گروجن جي ساکين ۾ انيڪ مثال آتما جي نترٽيءَ جا ملن ٿا. ڪوڏي راڪس کي جڏهن گرونانڪ مليا ته کيس ٻڌايائون ته اُوڏا پگ ۾ مان جنڪ راجا هئس ۽ تون منهنجو رسوئيو هئين. هڪ ڏينهن تو ڪاڏو جواب ڪري پوءِ مونکي رسوئي ڏني ته مون توکي سراپ ڏنو ته وڃي راڪس ٿيءُ. تو پڇاڻي پڇيو ته "اڌار ڪٿي ٿيندم؟" تڏهن مون توکي ٻڌايو ته ڪاڄڳ ۾ مان نانڪ نرنڪاريءَ جي جوُن ۾ ايندس، تڏهن تنهنجو اڌار ٿيندو. مونکي سڃاڻڻ لاءِ مون توکي درسي ڏني ته پيا سڀ ان ۾ توکي اُتا ڏسڻ ۾ ايندا ۽ ڏيهه مان سڌو. مطلب ته جنڪ راجا جي آتما ئي گرونانڪ روپ ۾ آئي ۽ ڪوڏي راڪس واري آتما رسوئي واري هئي. جيڪڏهن آتما نه هجي ۽ ڏيهه شرير آهي، ته پوءِ کي سکي ۽ ڪي دکي ڇو ٿا ٿين؟ هن جنم ۾ شرير ته اهڙا ڪرم ڪو نه ڪيا آهن. ڪن ڪيا آهن ته به سکي آهن ۽ ڪن نه ڪيا آهن، اهي دکي آهن. نه چئبو ته اهو سڀ اڳين جنمن جي ڪرمن

کهڙيءَ ننڊ ۾ آهيون، اُن مان اُٿون ٿا ته چوندا آهيون ته اڄ ڏاڍي سٺي ننڊ آئي ۽ ...
نه پيو. ان سک جو اُنڀوُ ڪنهن ڪيو؟ ڇاڪاڻ ته شرير کان جدا ٻي ڪا وستو آهي، جا اِهو
اُنڀوُ ڪري ٿي. اُن کان به مٿي جڏهن يوگي سماڌيءَ ۾ وهن ٿا، تڏهن شرير جو ته هوش نه
ڪو پتو نٿو لڳي ۽ هو آتما جي ئي ڌيان ۾ لولين ٿين ٿا. جي شرير ئي آتما هجي ته ڇا هو
شرير ۾ لين ٿين؟ شرير جو هئڻ ته هنن کان ان وقت وسري ئي ٿو وڃي.

هڪ دفعي گرو هر راءِ صاحب (سکن جي ستين پاتشاهيءَ) کي اورنگزيب دهليءَ اچڻ لاءِ ماڻهو
موڪليو. گروءَ جن هندو ڌرم لاءِ پڪا هئا، ويا ڪونه هون، پر هڪ وڏوميءَ وٽ ويهڻ
لاءِ چاهيائون. بادشاه کي جواب به نٿي ڏيئي سگهيا، سو پنهنجي پٽ رامراءِ کي شڪتيون
۽ ڪرامتون ڏيئي موڪليائون. دربار ۾ قاضي ۽ ملا ويٺل هئا، جنکي ڪو به گمان ڪونه هو
۽ ڪٽر مذهبي هئا. هنن ته فقيرن ۽ درويشن ۾ رکو ڪرامتون ئي ڏسڻ چاهيون، سو رامراءِ
کي به چيائون ته ڪا ڪرامت ڏيکار. هن ٢٢ ڪرامتون ڪين ڏيکاريون ۽ جيڪي چيائونس،
سو ڪري ڏيکاريائين. آخر هڪ قاضيءَ بادشاه کي چيو ته "جهندا قبلا! هنن جي گرنٿ
صاحب ۾ مسلمانن جي نندا ٿيل آهي، جو لکيل آهي ته "مٽي مسلمان کي پيڙي پئي
ڪنڀار". اورنگزيب رامراءِ کان پڇيو ته هيءُ ڊپ وچان ٻدلجي ويو ۽ چيائين ته ائين نه
آهي، پر لکيل آهي ته "مٽي بي ايمان کي پيڙي پئي ڪنڀار." اورنگزيب ته چپ ٿي
ويو، پر جڏهن گرو هرراءِ صاحب اهو ٻڌو ته اسان جي پٽ گروءَ جي واڻيءَ ۾ فرق وڌو
آهي، تڏهن ڪاوڙجي پٽ کي وري پاڻ وٽ اچڻ نه ڏنائون. فرمايائون ته ڪرامت
ڏيکاري ڀلي سڀني قبرن کي آڳ لڳائي ڏيکارين ها، پر پاڻيءَ کي نه ڦيرائين ها. اها ست
گرو نانڪ تڏهن اُچاري آهي، جڏهن شيخ فريد جي پوٽي کي هنن سمجهايو هو ته هندن
جي لاشن کي جلائڻ لاءِ اعتراض ٿو ڪرين، پر اوهان مسلمانن جي قبرن جي مٽي به ته آخر
ڪنهن جي ڀٺيءَ ۾ جلي ٿي، جو هوءَ ان مان ٿانوَ ناهي پچائين ٿا. رامراءِ پوءِ ٻئي هنڌ اچي
پنهنجو آستان ڪيو. شڪتيءَ وارو ته هو ۽ خوب سندس شش به ٿيا. هڪ ڏينهن ڪابل ۾
سندس هڪ شش ڪنهن مشڪلات ۾ پوڻ ڪري کيس ياد ڪيو ۽ سوامي جن يوگ شڪتيءَ
سان سوکيم شرير سان اوڏانهن ويا ۽ پنهنجو استول شرير آستان تي ڇڏيائون. سندس اهو
شرير ته مڙدي وانگر ٿي ويو. مسند ساڻس ڪاوڙيل هئا، سو سندس استريءَ کي
چيائون ته رامراءِ ته مئو پيو آهي. هن ڪين گهڙو ٿي چيو ته موڪلي ڇڏي ويو آهي ته مان يوگ
شڪتيءَ سان ڪنهن شش جو ڪم ڪرڻ ٿو وڃان ۽ ڪيتري به دير لڳي ته خيال نه ڪجو.
پر مسند ڀاڪندي هئا ۽ هن جو شرير جلائي ڇڏيائون. جڏهن هن جو سوکيم شرير واپس آيو
ته ڪيئن گرجيائون ڪرڻ لڳو، پر شرير نه هو ۽ سندس استريءَ هنن جوڙي سمورو حال
ڪيس. پوءِ هيءُ پوهر ۾ لين ٿي ويو. رکو شرير هجي ها ته آتما جو وڃڻ ۽ اچڻ ڪئن ٿئي
ها. گرو گوبند سنگهه انهن مسندن کي پوءِ سرا طور ڪوهه ۾ وجهائي جيئرو جلارائي ڇڏيو،
جو ولنا انياچاري ثابت ٿيا. پيو به هڪ سندر الهاس هن پرڙهيءَ وشه ثابت آيل آهي.

جي ديهه وڏي آهي ته سوکشم شرير ننڍو آهي ۽ آتما جو پرڪاش ته اوڏو آهي، جو ته آتما سوکشم شرير جي انداز موجب پرڪاش ڏئي ٿو. جئن بجلي ساڳي آهي، پر جهڙي طاقت وارو بلب ٿي ٿو، اوتري روشني ان بلب مان ملي ٿي. شرير ۾ ٧٢ هزار ۽ ٧٢ ناڙيون آهن ۽ ٧٢ وڏيون آهن ۽ هر هڪ ۾ بيان هزار هزار ننڍيون. سڀني ۾ وري ٣ وڏيون آهن اِڙا، پنگلا ۽ سکمنا. جنهن وقت نڪ جي ٻنهي ناسن کليل هجن ته سمجهجي ته سکمنا ناڙي هلي ٿي. ان وقت ابياسي ماڻهو وهنوار لڳا ڪن، ڇو ته ڪمل وهنوار ۾ سڦلتا نٿي ملي. ان وقت ايشور جو ڀڄن ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ لاڀ لبو حاصل ٿئي. مهاتمائن جي اها سکمنا ناڙي ٿيڻو ڪري هر وقت کليل رهي ٿي. گرو ارجن ديو جا سکمني اچاري اها ته ان وقت پڙهن سکمنا ناڙي هلي ٿي، جنهنڪري اها ٻاڻي امرت روپ آهي. ان وقت نام جي سمرن ڪرڻ سان هر ڪال جو ڏک ته لڳو لڳي. ڌرو ڀڳت، پرهلاد ڀڳت، هنومان، اُني راجا، انسوئتاما، ڀيشم ۽ وغيره جي اها ناليون حيات آهن، سو رکو انڪري جو هو ان سکمنا ناڙي وسيلي نام جو ابياس ڪندا رهن ٿا. ڪاڪڀشنڊ جو ٣٧ دفعا رام جو اوتار ڏٺو آهي، يعني ٣٧ ڪلپن کان حيات آهي، سو ان جو ڪارڻ ته هن ٻاڻا اهو ئي ڏسيو آهي.

شلوڪ ١٣. هن شرير ۾ رهندڙ جيو آتما کي جئن جدا جدا اوستائون، ٻالڪپڻو، جواني ۽ ٻڍاپو واري سان هڪ ٻئي پٺيان ملن ٿيون، ساڳيءَ طرح ڪيس ٻيءَ ديهه جي به پراپتي ٿئي ٿي، پر آتما ساڳيو ئو رهي.

جيڪو جنهن جو نالو آهي اهو ٻالڪپڻي، جوانيءَ الوا پوڙ اوستا ۾ ساڳيو ئي ٿو رهي. ان طرح آتما به هڪ ٻئي پٺيان جدا جدا شرير پائي ٿو. گيانوان اهو سمجهي موهه ۽ ڏک نه ڪن، پر اگياني شرير کي آتما مڃي، شرير جي ناس ٿيڻ تي آتما جو ناس جاڻي ڏکي ٿين ٿا. ٻالڪ جنم وٺي ٿو ته ڪيس ماتا جو ڪير ڏاڍو ڪير ڪرڻ لو سيکاري، پر هو ٻالڪپڻي ان ڪير پيئڻ جي اڃا رکي ٿو ۽ ته ڇڏي ڏهن ۾ اڳين جنمن جا سنسڪار آهن. ونو مثال رويداس ڀڳت جو، جنهن جنم سان ماتا جو کير نه ٿي پيتو. ماتا ڏاڍا مڙا هنيا ۽ لوڏا، ٽيڪا، جهاڙون ڪيائين مگر ڪي ڪين ورتو. آخر ڪنهن چيس ته سوامي رامانند اچ ڪلهه جي وڏي مهاتما جي ڪرپا ٿئي، ته ڪم ٿئي. سوامي رامانند اچي مٿس هٿ ڦيرايو ته اهي ڪير پيتو. جيئن ته رويداس اڳين جنم ۾ هڪ برهمچاري هو ۽ سوامي رامانند جوئي شش هو. ڪيس ڪنهن ڏوهه ڪرڻ ڪري گروءَ چيو ته ”اڙي! هي ڪر ته چمار جهڙو ڪيو اٿئي.“ سو هن مرڻ ناڻوءِ چمار جي گهر جنم ورتو، پر گروءَ جي درشن جي اڃا ياس هيس، جو ان ڪانسواءِ ماتا جو ڪير نه ورتائين!

هن وقت جاڳرت ۾ آهيون ۽ سڀ ڪجهه سوچيون ٿا پر سپني ۾ ته هيءَ شرير سڃاڻ ئي رهي. ان وقت سوچڻ وارو ڪير آهي؟ جڏهن پوندو ته سپن اوستا ۾ به ڪو آندو مالڪ آهي، جو اسانکي هلائي ٿو. وري سکوپت اوستا ۾، جڏهن سپنو به ٿو اچي ۽ بلڪل

ڪئي ۽ ٻي دفعا راڪسن جوُن جوُنيون پاتائون ۽ ٽيئي دفعا ڀڳوان اوتار وٺي ڪين ماريو، هرناڪش ۽ هرڻڪشپ، راوڻ ۽ ڪنڀ ڪرڻ ۽ ششوپال ۽ دنت وڪر. انهن جي آتما ساڳي هئي، پر شرير جدا جدا پاتائون.

گلن جي سڳنڌ ۽ گلن کان جدا آهي ۽ سٽ ڪڍي ڦوڳ ڦٽولو ڪجي. ٽرن ۾ تيل آهي پر ٻئي جدا آهن. ڪاٺين ۾ اَگني ۽ ان طرح جدا آهي. کير ۾ مکڻ ۽ ڪمند ۾ رس ۽ ساڳيءَ طرح آهن. ان طرح آتما ۽ شرير ۾ آهي، پر نيارو آهي. جڏهن شرير جو مرڻيو ٿئي ٿو ته ان مان هنس يا آتما نڪري ڪرمن انوسار رستو وٺي ٿو ۽ وقت پائي نئون شرير ڌارڻ ٿو ڪري.

سنديپن گروءَ جو پٽر جيڪو ڪرشن ڀڳوان مهراج کان وٺي آيو، اهو ڪو اسٿول شرير ۾ ڪونه هو. هو ته هن جو سوکيم شرير يا آتما وٺي آيو ۽ پيو اسٿول شرير پيدا ڪري، ان ۾ اهو آتما وجهي گروءَ کي ڏنائين. هن جو اَصلي شرير ته ٻڏي ويو هو ۽ انکي جل جا جيت جنتا ۽ ٻيا پراڻي کائي ويا هئا.

ڀڳوان جو اهو اُپديش ٻڌي ارجن چيو ته برابر اهو سڀ ڪجهه ائين آهي يعني آتما اَمر آهي ۽ شرير ناسوَنت، پر هنن سنبنڌين سان هيترا سال گذاريا اٿم، سو انهن کي جي هاڻي ماريان ته ڇا مونکي دک نه ٿيندو؟ گاڏيءَ يا جهاز ۾ مسافري ڪندي ۽ جيڪي واٽ تي ملن ٿا ۽ تن سان سنگ ٿئي ٿو ته ٻه ڌار ٿيڻ وقت دک ٿو ٿئي ته پوءِ مونکي هن حالت ۾ ڪيئن نه ٿيندو؟ وڇوڙي وقت مان اهو دک نه سهاري سگهان ته پوءِ؟

ڀڳوان ان جو اُتر ڏنو:

شلوڪ ١٤. هي ڪنتي پٽر ارجن! اندرين جو جيڪو وشيه ڀوڳن سان سنبنڌ آهي، جنهن ڪري گرمي سردي وانگر دک سک محسوس ٿئي ٿو، اهو سڀ آد ۽ انت وارو يعني ناسوَنت آهي ۽ انهن جو سهارڻ ڪرڻ گهرجي (يعني وڇوڙي جو دک برابر ٿيندو پر اهو ڌيرج سان سهجي).

اُرجن جي شنڪا غلط نه هئي، جو ته اهو دک ذات پراڻيءَ کي ٿئي ٿو. گل هڪ ٽاريءَ مان ڇنجي ٿو ته اها ٽاري ۽ ماليءَ جي ڦٽي روپ ۾ ڳوڙها ٿي ڳاڙي. جڏهن جڙ پدارٿن ۾ ائين ٿو ٿئي ته چيتن وارن کي وڇوڙي جو دک ڪيئن نه اَنڀو ٿيندو؟ پر ڀڳوان چوي ٿو ته ان جو سهارڻ ڪرڻ گهرجي، جو ته اهي سک دک اچڻ وڃڻ وارا آهن. سنبنڌين سان پريم يا وشيه ڀوڳن جو سپرش اندرين وسيلي ٿئي ٿو ۽ اهو سڀ آخر دکدائي آهي.

چتر ڪيتو راجا کي هڪ ڪروڙ راڻيون هيون، ته به ٻالڪ سکي نه سمجهيائين جو ته پٽر سنتان ڪانه هئس. آخر ڪنهن مهاتما جي آسيس سان هڪ راڻيءَ کي پٽر ڄائو، پر ٻين راڻين ساڙ وچان هنکي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو، ته هيڪاري راجا وڏيڪ دکي ٿيو. وشين ۾ سک هجي ها ته پوري راجا جو محل ماڙيون، راج ڀاڳ ڇڏي وڃي ڀوڳي ٿيو؟| ڀڳڪلله

جڳت گرو شنڪراچاريہ شاسترن جي وديا ۽ يوگ شڪتيءَ جو پيدا ٿيو ۽ سڀني مذهبن ۽ فرقن تي غالب پئي ويدانت جو پرچار ڪيو هئائين. هڪ برهمڻ وڏو ودوان هو. اتر ڀارت جو سنڌس گهر جو طوطو ۽ مئنا به ويدن جا منتر اچاريندا هئا. شنڪراچاريہ ان برهمڻ کي بہ جيتڻ چاهيو. جنهن لاءِ هو هن وٽ ويو تہ طوطو ۽ مئنا بہ ڪانڊس ويدانت جا سوال پڇڻ لڳا. ان لاءِ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان پنڊت سان مليو. بحث هليو ۽ فيصلي ڏيڻ وارو جج ان پنڊت جي زال ٿي، ڇو تہ هوءَ بہ ڏاڍي ودوان هئي. شاستر ارٿ ۾ شنڪراچاريہ جي جيت ٿي. اهو نيم ٺاهيو هئائون تہ جيڪو کٽندو، ٻيو ان جو چيلو ٿيندو. هن استريءَ ڏٺو تہ منهنجو پتي تہ هارائي ويٺو آهي، پر ڪيس ڪولي ڪيئن ڇڏي؟ پوڄن وقت هوءَ سوامي شنڪراچاريہ کي سنياسي هئڻ سبب روز چوندي هئي تہ ”اچو سوامي جي! ٽڪيا پايو.“ ناڪاڻ تہ سنياسين کي مڏوڪڙي ڪري پيٽ پالڻو هو. جيترو ٽيڪ پوڄن سڀني لاءِ ساڳيو هوندو هو، پر پنهنجي پتيءَ کي چوندي هئي تہ ”اچو سوامي! پوڄن پايو.“ ڇاڪاڻ تہ هو گرهستي هو. جڏهن ڏٺائين سندس پتيءَ هارايو ۽ هن کي سوامي شنڪراچاريہ جو چيلو ٿيڻو هو، تڏهن ڏٺائين هن کي بہ چيائين تہ ”اچو سوامي! ٽڪيا پايو.“ مطلب تہ اشاري سان ڪيس ٻڌايائين تہ هارايو آٿو. ليڪن پوءِ وري خيال آيس تہ مان بہ تہ پتيءَ جي اڌ سرير آهيان، سو جڏهن مونکي بہ سوامي شنڪراچاريہ جيتي تہ پوءِ منهنجو پتي هن جو شش ٿيندو. اها ڳالهہ شنڪراچاريہ کي بہ مڃڻي پيئي ۽ کيس چيائين تہ ”ڀلي ڀلي تون بہ سوال ڪر.“ هن مائيءَ ڪامش وشيہ يوگ جي سکن ۽ گرهست بابت سوال ڪيا، جي ڪوڪ شاستر ۾ ڏنل هوندا آهن. ان طرح هن کي جيتڻ چاهيائين. پر هو تہ بال برهمچاري هو، سو ڪيئن انهن سوالن جا پورا جواب ڏئي؟ آخر سوچ ڪري براهمڻيءَ کي چيائين تہ مان انهن ڳالهين جو انڀو ڪري اچان تہ پوءِ جواب ڏيندس. مائيءَ قبوليت ڏني. هو آيو پنهنجي آستان تي ۽ شرير مان پنهنجي آتما ڪڍي هليو. چيلن کي چئي ويو تہ شرير کي ٿيل ۾ رکي ڇڏيو. هڪ راجا مري ويو هو، ان جي شرير ۾ وڃي پرويش ڪيائين تہ راجا وري جيئرو ٿي اٿيو. سڀ خوش ٿيا، پر اها خبر ڪنهن کي ڪانہ پيئي تہ آتما ٻئي جي آهي. شنڪراچاريہ راجا جي شرير سان راڻين ۾ ڪئي ۽ راڻين سان گرهست بہ ڪيو. راڻين ڏٺو تہ راجا کي اڳي سان ڀيٽ ۾ ٻيو پيار گهڻو هو. ان طرح سواميءَ ڪوڪ شاستر بہ پڙهي ڇهہ مهينا خوب ڀوڳ جو آزمودو ۽ آنند ماڻيو ۽ پوءِ وري اچي پنهنجي شرير ۾ واسو ڪيائين ۽ برهمڻيءَ کي سوالن جا جواب ڏئي کيس بہ جيتيائين. هن مان بہ اهو ٿي سڌ پيو تہ آتما جدا هئي، تڏهن تہ نڪري وئي ۽ وري ڇهن مهينن ڪانپوءِ اچي اصلوڪي شرير ۾ پرويش ڪيائين.

سنڪادڪن ونڪنٺ ۾ وشنو ڀڳوان جي دوارپالن جيہ ۽ وجيہ اندر وڃڻ کان روڪڻ ڪري سراپ ڏنو، تہ وڃي راڪس ٿيو. هنن پرارٿنا ڪئي تہ اسان جي اڌار جو ڪو رستو ٻڌايو. سنڪادڪن ڪين چيو تہ جيڪڏهن ڀڳوان سان وير رکندؤ تہ ٽن جنمن ڪانپوءِ مٿي ڀڳوان جا ڀڳت ٿيندؤ تہ ٧ جنمن ڪانپوءِ وري موٽي هت ايندؤ. هنن دشمني رکڻ قبول

سان مايا ڏوُر ٿي وڃي.

ڪوُن وڏا مايا وڏيائي - سڀتي زڏي جن نام لِوَ لائي .

مايا ترشنا ٿي وڌائي ۽ نام جو جپڻ ترشنا کي ناس ڪري، شانتي ٿو ڏئي ۽ ترشنائي سڀ ٻاڦ ٿي ڪرائي ۽ آخر نرڪ ۾ ٿي واسو ڪرائي.

پرڀ کي سمرن ترشنا ٻجهي - پرڀ کي سمرن سڀ ڪجهه سجهي .

ترشنائون وڌن ته دک ڪٿان اچدو؟ پوءِ ته آنند ئي آنند آهي!

شلوڪ ۱۵. هي ارجن! هي جو اِندرين ڪري پيدا ٿيل سک دک، سردي گرمي يا پيون اُپانديون آهن، اُنهن ۾ جيڪي گهٻرائين نٿا ۽ سک دک ۾ سمان ڌيرج رکن ٿا، اُهي امرت روپ ليکجن ٿا ۽ جنم مرڻ کان رهت ٿيڻ جا اڌڪاري آهن.

گيان مارگ جو پانڌيئڙو دک سک، سرديءَ گرميءَ ۾ پورن سهن شيلتا سان ورتاءُ ڪري ٿو ۽ انهن کي شرير ۽ اِندرين جو ڌرم سمجهي، پاڻ کي آتما ڄاڻي، انهن جو پاڻ تي ترمالو به اثر ليڪ اچڻ ڏئي ۽ ان طرح هو گنڀيرتا جو پد حاصل ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ڪيترا آهن، جي اهڙيءَ حالت ۾ خوديءَ ۾ اچي ٿا وڃن ۽ گهمنڊي ٿيو پون. جنهن وڻ ۾ ڦل لڳل آهي، اهو سدا نمي ٿو ۽ ان جو جهڪڻ به کهڙو نه سندر ٿو لڳي! جيئن مڪتيءَ جو اهو ئي ڦل آهي ته اهڙي گنڀيرتا حاصل ڪري پاڻ ماري نماڻو ٿي رهجي.

سنسار ۾ سک دک هرڪو ڀوڳي ٿو. دکن سهارڻ ۾ ئي مڙسي آهي. گرو گوبند سنگهه مٿان هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين نه آپدائون آيون! ڌرم خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪرڻو پين؛ پنهنجا چارئي پٽ شهيد ڪرايائون، پنهنجي پتا کي خوشيءَ سان پنهنجو سيس ڏيڻ لاءِ چيائون، ڌن پدارٿ سڀ ڇڏي، بيابانن ۽ رڻ پٽن ۾ رهڻو پين، پر هميشه آنند پئي سمجهيائون.

شري رامچندر راجائي بالڪ ٿي، هڪ ڏينهن راڄ تلڪ لاءِ تياري ٿو ڪري ته ٻئي ڏينهن ۱۴ ورهيه بنواس وڃڻ لاءِ خوشيءَ سان روانو ٿي وڃي ٿو، سو به ننگي پيرن ۽ ويراڳين جي ويس ۾! گيانوان سکن دکن ۾ هڪ سمان شانت چت ۽ گنڀير رهن ٿا، پر اگياني سکن وقت ڦونڊجي ٿا وڃن ۽ دکن وقت گهٻرائجي ٿا وڃن. گيانوان سنساري سکن کي آخر دکدائي ڄاڻي، انهن ۾ لپٽجي نٿا ٿين. هڪ شاهوڪار واپار مان جيڪو ڪجهه ڪمائيندو ته به اترو خوش نه ٿيندو، جيترو هڪ غريب ٿورو ئي ڪجهه وڌيڪ ڪمائي خوش ٿئي ٿو، جو ته شاهوڪار گهڻو ئي ڌن ڪمائي ڏٺو آهي ۽ سمجهي ٿو ته ڌن اچڻو وڃڻو آهي. گيانوان اُن شاهوڪار وانگر آهن ۽ سنساري خوشين ڏي هوُ نهارين به ڪين. هوُ پنهنجي ڪلي ڪيل آتم ڌن تي ئي راضي آهن.

نانڪ دکيا سڀ سنسار - سو سکيا جن نام آڌار.

اڄ هرڪو دکن جو اظهار ٿو ڪري. وڏا وڏا به آخر هن دنيا مان روئندا ويا، پر جن

رالي، جنهن سان ڳهٽو ڀرڀر هوس، ان ڀرابر سائس ٻي ورالي ڪئي، ڀر هن کي ماراڻي سکهيو لي، هن کان نه وڌيڪ سندر ڪنهن ٻيون نه رائيون هيون ۽ ٻيون ڀرڻجي لي سکهيو، ڀرهن کي سچو وراڳ آيو نه جنهن سان هيترو پيار ڪيو اٿر، ان کي ڀرمائو نه مرن سان ڀرڀر ڪرڻ هو. گيان پائي، اوچي پدوي ۽ سچو سک پاتائين، ڀر اهو لڏهن جڏهن سمجهيائين نه اندرين جو سک آهر دکن ڏيڻ وارو آهي.

راجا يڌشٽر جوا ۾ سڀ ڏن ڀدارٿ راڄ پاٽ هارايا، لڏهن دريوڌن کي چوڻ لڳو نه جيڪي چئين سو حاضر ڪريان. دريوڌن چيس نه دروپديءَ کي هٿ ٿوراءِ. اهو ٻڌي هو بيهوش ٿي ويو، جو محسوس ڪيائين نه آءٌ راجا منجهان هڪ داس ٿي پيو آهيان. اندرين جي وس ٿي جوا ڪرڻ ڪري اڄهو سندس اهو حال ٿيو! وري دريوڌن جو اندرين جي وس ٿي پانڊون سان ڪوڙ ڪمٽ ڪيا، نه مرڻ کان پوءِ سندس لاش ٻڇهن نه نه ڪاڏو ۽ چو نه مهاڀاپي هو. جيتري نه ٻڌو ۾ سڀ پاتو ۽ ٻيا پالي، مگر مارجي ويس ۽ ٻهاڙيءَ جو دل شڪستو ٿي مئو.

راوڻ اندرين جي وس ٿي ڪيترا نه اَنياچار ڪيا، ڀر هن جي ترشنا ختم نه ٿي ۽ ٽرلينءَ اوستا ۾ به. جڳت جنني سيتا ماتا کي هرڻ ڪيائين ۽ آخر ان جو خوفناڪ نتيجو پاتائين. سندس ٻٽ رالي مدودري گيانوان هئي. هن ڪيس ڪيترو سمجهايو، ڀر هوءَ هوڙ تان ڪين لٿو.

اندرين جون وشين جي انڪول يعني وڻندڙ آهن نه سک ٿيون ڏين ۽ جي پرتڪول يعني اَڻوڻندڙ نه دک. سردي، جنهن وقت وڻي ٿي نه سک ٿي ڏئي ۽ جڏهن نٿي وڻي نه دک روپ ٿي ڀاسي. ان مان ڏسبو نه اَنڪوڙتا يا پرتڪولتا ئي سک يا دک آهي. اهي ٿئي انتهڪرڻ جا ڌرم آهن. پر آتما انهن کان پري ۽ آجو آهي. اندريون ۽ انهن جون وشيون ٿي سک دک ڏين ٿيون، پر نتيه ويائڪ نراڪار ۽ اسنگ جو آتما آهي، انڪي اهي سڀ نتيون ڪري سگهن، ڇو نه آتما نه ساکي آهي ۽ سڀ کي چيتن ستا ڏيڻ وارو آهي ۽ ان هوندي نه هو ڪنهن ڪريا کان رهت آهي. سورج اُڀري ٿو نه ماڻهو انيڪ ڪرڪاريون ان جي روشنيءَ سان ڪن ٿا، پر سورج انهن ڪمن (چڱن يا برن) لاءِ جوابدار نه آهي.

هر هڪ سريرم انتهڪرڻ ڌار ڌار آهي ۽ ان پيد ڪري ڪو سکي آهي ۽ ڪو دکي؛ پر آتما جو هرهڪ کي ستا ڏيڻ وارو آهي، سو هڪ سمان نراڪار ۽ ست چت آنند روپ آهي. ان لاءِ ڀڳوان فرمائي ٿو نه اندرين جي وشين مان مليل سکن دکن ٻنهي کي سهن ڪرڻ جو هي ۽ انهن ڪري ڀاٽڪي دکي يا سکي نه سمجهي. اهي چنچل سڀاءَ واريون اندريون ۽ انهن جون وشيون آتما کان جدا آهن ۽ انهن مان ٿي وڪار واري انتهڪرڻ کي دک سک ملن ٿا، نه نرواڪار آتما جي ڪانه هاڃي نٿي ٿئي. انتهڪرڻ شد ٿيو نه اندريون ساڌن ۽ سنتشٽ ٿي ونديون ۽ پوءِ ڪم نه دک محسوس نه ٿيندو. اها انتهڪرڻ جي شڌتا اڀياس ۽ سنجم ڪرڻ سان. دنيا ۾ ماڻهو هر وقت هار ڦهليل آهي، پر تام هوڻ

شاستر ۾ آيو آهي ته آتما جون چار نشانيون (وشيشڻ) آهن :

(۱) آتما ۾ دويت (ٻيائي) نه آهي. جنهن ۾ غير آهي، اهو آتم درشي نه آهي.

(۲) آتما آنند سروپ آهي. اهو آنند ڪنهن جي سنجوڳ سان نٿو ملي، جيئن شرير کي وشين مان ڪجهه وقت لاءِ ملي ٿو. شرير پاڻ آنند سروپ نه آهي. جڏهن مري ٿو ته بدبوءِ ٿو ڪري ۽ سڀ اُنکي ڪڍڻ ٿا چاهين ۽ ساڙين ٿا يا دفن ٿا ڪن يا جل ۾ لوڙهي ٿا ڇڏين. وشين مان جو سک ملي ٿو، اهو به ڪلپت (ٿوري عرصي لاءِ) آهي ۽ آخر نتيجو دک ٿو ٿئي. آتما خود آنند سروپ آهي ۽ ڇاڪاڻ ته هي سارو پسارو آتما جو ئي آهي، انڪري هيءَ ساري سرشٽي آنند مان اُپني ٿي آهي، آنند ۾ ٿي رهي ٿي ۽ آنند ۾ ئي لين ٿيندي.

راجا جنڪ جي سڀا ۾ اشٽاوڪر مني ويو ته سڀا ۾ ويٺل وڏا وڏا پنڊت ودوان منيءَ جو ڦون ڦڪڙن وارو شرير ڏسي، آتما کي وساري، هن کي عيبدار سمجهي کلڻ لڳا. مني ته تتو درشي هو، مگر لوڪ اهو نه ڄاڻي ڇٽ ٻازيءَ طور هاسي ڪرڻ لڳا ته اهڙو ڇيو ڪيو ڪيئن راجا کي گيان ڏيڻ ۽ سندس گرو ٿيڻ آيو آهي؟ اهو ڏسي اشٽاوڪر راجا کي چيو ته ”راجن! هيءَ سڀا ڇا جي لاءِ لڳائي اٿوَ؟ هن ۾ ته چمار، ڪاسائي ۽ چنڊال ويٺا آهن؟“ راجا چيو ته ”سائين! ائين نه چئو. هت ته وڏا وڏا ودوان ويد پاٺي برهمڻ ويٺا آهن.“ منيءَ اُتر ڏنو ته ”راجن! ودوانن جي درشٽي ته هميشه آتما ڏي ويندي آهي ۽ نه شرير ڏي ۽ جو ته ماس، هڏن ۽ چمڙيءَ جو ٺهيل آهي. ڪاسائي هميشه ماس ڏي نظر رکندا آهن. چمار کل ڏي ۽ چنڊال هڏن جي پڃري ڏي. سو تنهنجي سڀا ۾ ويٺلن جي نظر منهنجي شرير جي اُنهن وستن ڏانهن ويئي آهي، انڪري ڪاسائي، چمار ۽ چنڊال ٿو چوان. منهنجو اصلوڪو سروپ ته منهنجو آتما آهي.“

اهو ٻڌي سڀني پشيمانيءَ وچان سر جهڪايو ۽ معافي ورتائون. ان ڪري آتما جون چار نشانيون ياد رکڻ ضروري آهن.

(۳) آتما جي ٽين نشاني آهي، ته هو جوتي سروپ آهي. هن کي سورج، چندرما جي پرڪاش جي ڪا ضرورت ڪانه آهي، پر اُلٽو اهي آتما مان پرڪاش پراپت ڪن ٿا.

(۴) چوٿين نشاني آهي اوِنسر يعني جو ٽنهي ڪالن ۾ ساڳيو قائم رهي ۽ ڪداچت ناس يا ڪمي نه ٿئي.

شرير ۾ دويت آهي، دک روپ آهي، انڌيرو الپ، بدلجندڙ ۽ ناسونت آهي. ان ڪري آتما ۽ شرير کي هڪ سمجهڻ مها مورکتا آهي. پر اهو اگيان ارجن جهڙي سمجهه ۾ اچي ويو.

ميگهناد ڪنور تپسيا ڪئي هئي ته شرير منهنجو امر رهي. ور پاتائين ته جيڪو ۱۲ ورهيه رات جو ننڊ نه ڪندو، ۱۲ ورهيه استريءَ جو سنگ نه ڪندو ۽ ۱۲ ورهيه اَن نه کائيندو، اهو کيس ماري سگهندو ۽ نه ٻيو ڪو. هن سمجهيو ته اهڙو ڪير ڪونه ٿيندو ۽

ڏکن جو سهارڻ شانتيءَ سان ڪيو، سي سوڀارا ٿي هليا. مهاتما گانڌيءَ جي ستياگره هلچل ۾ به ستياگرهين کي ٻهڳهي ڏنڊ ۽ ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ سڀ ڪجهه ڏک الوا ڪامش شانتيءَ ۽ ڌيرج سان سهڻا ٿي پيا ۽ ان ڪري ئي هنن زبردست سرڪار تي سوڀ پاتي. اهڙيءَ ئي عادت سان انتهڪرڻ جي شڌتا به حاصل ٿي ٿي ۽ پرماتما طرف وک وڌائي ٿي سگهجي، جو ئي هن مانش جنم جو مقصد آهي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ارجن کي "پرش رشڀ" ارٿات "اتم پرش" جي اپاڌيءَ سان ڪوٺي ٿو. مطلب ته ڪمس جهڙي ئو ته سڌيو پرڪاش چمتعا ڪري ٿو ۽ "پرشوتم" آهي ۽ تو ۾ سر شڪتا به آهي، پر ان ڪان غافل هئڻ سبب تون شوڪ کي پرايت ٿيو آهين، جو تون پنهنجي سچي سروپ کي ڄاڻي نٿو سمجهي ڪر.

ڀڳوان انڪري وڏيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ١٦. هي ارجن! اَست پدارٿ جي ڪنهن به طرح ستا (هستي) نٿي ٿئي ۽ ست پدارٿ جو اڀاءُ (نه هستي) نٿو ٿئي. انهن ٻنهي اَست ۽ ست پدارٿن جي مريادا تتو درشي پرش (گيانوان) ئي ڄاڻن ٿا.

آتما ئي نهي ڪال ۾ ست آهي ۽ شرير آدي پدارٿ سڀ اَست آهن. ديش، ڪال ۽ وستوءَ کان آتما پري آهي. اهڙو ديش يا اهڙي جڳهه نه آهي جتي آتما نه هجي. اهڙو ڪال يا سمو به نه آهي، جنهن ۾ آتما نه هجي ۽ نڪي اهڙي وستو يعني پدارٿ آهي، جنهن جي اندر باهر آتما نه هجي. شرير ۽ ٻيا پدارٿ جي اَست آهن، اهي هڪ هنڌ هوندا، ته ٻئي هنڌ نه هوندا، هڪ وقت هوندا، ته ٻئي وقت نه به هوندا، جو ته ڪوبه شرير هميشه نٿو رهي. واڌ گهٽ ٿيڻ ۾ هو، هاڻي ته آهي. جيڪي هاڻي آهن، سي نه اڳي ان روپ ۾ هئا ۽ نه هن ڪانپوءِ هوندا. وستو به جدا جدا آهن. ڪهڙو ڏلو ۽ منڪو نٿو ٿي سگهي، ڪٿ پاڻي نٿي ٿي سگهي. مطلب ته اهي ئي جدايون شرير ۽ ٻين پدارٿن ۾ آهن، جي اَست آهن. مگر آتما ۾ بلڪل نه آهن. شاسترن ۾ ٽي ڀيد ڄاڻايل آهن: سجاتي، وجاتي ۽ سوگتسي، اهي به سڀ شرير ۽ پدارٿن ۾ آهن ۽ نه آتما ۾.

سجاتي: پنهنجي ذات وارو. مان برهمڻ آهيان، فلاڻو به برهمڻ آهي. فلاڻو منهنجو ڀاءُ آهي. هي ٻئي انهن جا وڏ آهن.

وجاتي: مان سنڌي آهيان، هو پنجابي يا بنگالي آهي. هي انهن جو وڏ آهي، هو ٻين جو وڏ آهي.

سوگتسي، ساڳي وڏ ۾ ڪي اُزيون آهن، ڪي ٻين، ڪي ڳل ۽ ڪي مٿو. هي هٿ آهن، هي پير آهن. مطلب ته هڪ وڏ يا شرير جا انگ آهن، پر منجهن به ڀيد آهي.

آتما ست سروپ آهي ۽ ڪنهن به حالت، وقت يا هنڌ هو اَست ٿي نٿو سگهي. وٻندڙ ۾ نه اهڙو ڪو ممڪن آهي ۽ نه ڪنهن پرلاءِ يا شاستر ۾ اهڙو ڪو ليک آهي ۽ نه ڪنهن رشيءَ منيءَ جو واڪ آهي ۽ نه ڪو پرماتما ئي ڪنهن ٻيءَ ڪ ۾ آيل آهي. مڪتاولي ويدانت

جو اجر ۽ امر آهي سو شوڪ ڪندوئي ڪونه. ويدن ۾ چيل آهي ته آتما نت جو به نت آهي. نياءِ شاستر ۾ آڪاس، وقت ۽ طرفن کي به نت چيو ويو آهي، جو اهي به ناس ٿيڻ لئن ۽ پرلئه وقت به رهن ٿا. پر ويدانت وارا انهن کي نت نٿا مڃين. جو ته اپنشدن ۾ آيو آهي ته آتما مان آڪاس پيدا ٿيو. اهڙي نيل شيءِ ڪيئن نت ٿي سگهندي؟ آڪاس مان هوا، هوا مان اگني، اگنيءَ مان جل ۽ جل مان پرٿوي پيدا ٿي. انڪري چئبو ته آڪاس، وقت ۽ طرف به ناسونت آهن. مهاپرلئه ۾ سمو به ڪٿي جو رهندو، طرف به ڪٿان رهندا؟ جي اهي هجن ته سرشٽيءَ جي پيدا ٿيڻ جو ۽ لئه ٿيڻ جو به وقت لکيل هجڻ گهرجي. پر اهڙو ڪو به ليک ويدن شاسترن يا پراڻن وغيره ۾ نٿو اچي. جپ صاحب ۾ ته گرو جن صاف ٻڌايو آهي ته:

تت وار نه جوڳي جاڻي، رت ماهه نه ڪوئي ؛
جا ڪرتا سرشٽي ڪو ساجي، آپي جاڻي سوئي.

طرفن لاءِ به ڪهڙو ڀروسو آهي؟ اولهه کي اوڀر ڪري سگهجي ٿو. ڪو ماڻهو اوڀر وڃي ته اول جيڪو ملڪ لڳندو ويندو، سو هن لاءِ اولهه ٿي پوندو. انڪري چئبو ته طرف به نت نه آهن. ويدانت وارا انڪري آتما کي ئي نت چون ٿا سڀ. ساڳيءَ طرح دنيا ۾ جيڪي چيزون وستون آهن، انهن جي به آتما چيتن آهي ۽ جيئن قانون ۽ وجهون جو آڪاس مها آڪاس ئي آهي، جو جدا جدا روپن ۾ وسي رهيو آهي. ديوان تندلعل هڪ فارسي شعر ۾ چيو آهي:

گاهي صوفي، گاهي زاهد (عبادت ڪندڙ) - گاهي قلندر مي شود
رنگهاي مختلف دارد بت عيار ما.

گروجن به ساڳيءَ طرح فرمايو آهي "آپ پسارا ڪرڻ هارا - ڪو بيا نه جاڻئي."

اسين پرماتما جي مايا سان هن سنسار روپي سندر ڪوتڪ (تماشي) ۾ ڦاٿا پيا آهيون ۽ ان کي سچ سمجهي، ڪيس وساري ويٺا آهيون. جيئن بازيگر تماشو ڏيکاري، ڪجهه وقت ڪاڻ ڪيس سميٽي اڪيلو ئي اڪيلو هليو ويندو آهي، ان طرح ڀڳوان به جڏهن چاهيو ته هڪ مان انيڪ ٿيان، تڏهن هي سارو جڳت رچايائين. وري جڏهن چاهي ٿو ته اڪيلو ٿي رهان ته سڀ ڪجهه پاڻ ۾ سمائي سميٽي ٿو ڇڏي.

بازيگر ڊنڪ بجائي - سڀ خلق ويکڻ آئي،
بازيگر سوانگ سميٽا (کيل بند ڪيائين) - آپي ڪنج رهي اڪيلا.

پوڳ وسشٽ ۾ چيل آهي ته نه معلوم انسان جو شرير يا جيڪي اسين ڏسي رهيا آهيون، اهو سڀ ڪنهن جي سنڪلپ مان يا سپني ۾ پيدا ٿيل هجي، پر اسان کي سڌ ٿي پاسي. اسين به سپني ۾ انيڪ پدارٿ ڏسندا آهيون پر ڇا اهي سچا هوندا آهن؟ اسين به ان طرح شايد برهما جي سپني ۾ هجون. برهما جي پنهنجيءَ مرضي ۾ آهي، باقي اسين ڀيا

ماڻهن مرڻ لاءِ ڪونه. ٻيو جاهل لاءِ آهي ته شرير اسٿر آهي سو ٻيو ڪيئن ست رهندو؟ ڀڳت شري رامچندر جي شيوا ۽ ساڌن ڪڏهن ٻولي ويو ۽ ١٢ سالن کان ۽ سڀ رات جو هميشه ڀڳتي لاءِ رهڻ ڪري ننڊ نه ڪندي هئائون، اسٽريءَ کان ۽ ٻري هو ۽ ان به ڪونه کاڌو هئائون ۽ ڪندمول ۽ ميوي جي لي آڌار رهندو هو. اهڙي هن ميگهناد کي ماريو، ته هن نه اندر ديوتا کي ۽ جيتيو هو، جنهنڪري سندس نالو پڻ اندرجيت پيو هو.

داوڙ ۽ شر ڀڳوان کان ڊڄ گهريو ته اصل نه مران، ٻر ڀڳوان جنس ته اهو نه لي ڪو سگهندو، ڪلي مولنڪان ڪرواڻ شريو وڌ، ٻر اهو مڙهڪ ضرور ايندو؛ هن گهريو ته سڄي ۽ ٻاهرين ڪانسواءِ مولنڪي ٻيو ڪوبه ماري نه سگهي. هن سمجهيو ته اهي ته ممڪن ڪانه آهن. اهو ڏڌ ته هلنس ٻر ڀڳوان ممڪن اوتار وٺي ٻاهرين جي سنا سارا ڪري ڪيس لنڊائيءَ ۾ ماريو. مطلب ته ڪو درشي اهو جاڻي ٿا ته شرير اسٿر ۽ آتما ست آهي.

شلوڪ ١٧. جيڪو (برهم يا آتما) هن جڳت ۾ سڀ ۾ وياپي آهي، انکي اٽون ابناسي جاڻ. ان ابناسي (ست چت آنند روپ) چيتن کي ڪوبه ناس ڪرڻ ۾ سمرٿ نه آهي.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان جو هي لکيو ته برهم يا آتما ساري جڳت ۾ اهڙي وياپي رهيو آهي، جيئن آڪاس هر جاءِ آهي. جيئن ڪنهن ڪانڌ ٻا جڳهه جي ڀڃڻ ڪري ان ۾ جو آڪاس آهي، اهو ناس ڪونه ٿئي. ٻر مها آڪاس ۾ ملي ٿو وڃي، ساڳيءَ طرح شريرن ۽ سڀني ٻين پدارٿن جي ناس ٿيڻ لي ته انهن ۾ وياپڪ آتما ناس ڪونه ٿو ٿئي، ٻر پرم آتما ۾ ملي ٿو وڃي. اهو پرماتما اکنڊ، ابناسي ۽ اننت آهي. نه وڌي ٿو ۽ نه گهٽجي ٿو. سمنڊ مان جي لهرون اٿن ٿيون، اهي اهو سمنڊ ۾ لي سمائجي وڃن ٿيون. ان طرح هي سارو سنسار پرم ماڻ اٿيو آهي، ان ۾ لي ستٿت آهي ۽ ان ۾ لي ليڻ ٿيندو رهي ٿو. ان ڪري ان جو ڪوبه شوڪ ڪرڻ وئرٿ آهي. اهڙي گيان سان ڪي ڏکي ڏسرج ٿيون ٿا ۽ اڪرج ماڻهو ڪري اول ڪجهه شوڪ ضرور ٿئي ٿو. اهو گيان نه هجي ته هوند سڀ چريا ٿي پون.

ته وري گيالي ڇا هڪ ڪرين؟

موتي سرمعه ياد اچڪار - اڙ ته موتا جو ونڪي هار.

هڪ دفعي گروناڪ ديو اچي رهيا هئا ته ڪو شخص مري ويو هو ۽ ماڻهو جي ان کي ڪلي پيچي وٺي سي روئي رهيا هئا. گروجن کين ڏاڍو ڏک ڏيڻ لاءِ ملڪون واڪ اچاريو ۽ کين سمجهايو ته ”ڀائي! مرڻ واري وستو ڪهڙي آهي؟ مري ته رڳو خيال ٿو، جو اچاريو اهنڪار آهي. اصل شرير، جو ساڪي آهي آتما، سو نه ٿو مري.“ وسشٽ منيءَ شري رام کي گيان ڏيندي چيو ته جي هن سنسار کي سمجهون ٿا، ته سڀ وستو ته ڪلچهه ناس نه ٿيندي. ٻيو شوڪ جا جو ڪجهي ۽ جي اسٿ سمجهون ته ۽ دک جو ڪرڻ. جڏهن جاڻون ٿا ته اسٿ وستو ته ضرور ناس ٿيندي ۽ نه رهندي؟ جي درشٽي هميشه آتما طرف ٿيندي،

جو اُپجيو سو بنس هئه، پريو آج ڪي ڪال - نانڪ هرگڻ گائلي، ڇاڏ سگل جنجال.

ڀڳوان ارجن کي سمجهائي ٿو تہ ناسوَنت شريرن کي مارڻ کان تون ڇو ٿو ڊڄين يا تن لاءِ شوڪ ڪرين؟ انهن ۾ جو آتما آهي، اهو تہ ڪداچت ڪنهن بہ حالت ۾ ناس ڪونہ ٿيندو. جن ابياس ڪري اهو سمجهيو آهي تہ آتما سڀني ۾ هڪ آهي، پر شرير جدا جدا آهن، انهن جا سڀ سنسا دور ٿي ٿا وڃن. اهڙي سچا ڀڳوان جا ڀڳت آهن. ڀڳت جو ارٿ آهي: ڀڳ + گت. جن جو ڀڳ ناس ٿي ويو هجي. ڀڳ ناس ٿيو تہ سدائين آنند ٿئي ٿو.

ڀڳت مالها ۾ آيو آهي تہ شڪديو سوامي، جو وڏو ورڪت آتما، پورن جتي ۽ گياني هو ۽ راجا پريڪشت کي سنتن مهاتمائن جي مهاسڀا ۾ شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا ٻڌايائين، ان ظاهر ڪيو آهي تہ جپ تپ برابر اُتم آهن، گيان ساڌن سڀ چڱا آهن، پر جيڪو آنند مونکي ستن ڏينهن جي ڪٿا ٻڌائڻ وقت آيو، سو سماڌيءَ ۾ بہ نہ مليو هوم. يعني تہ جيڪو سک ستسنگ، نام سمرن ۽ ڀڳتيءَ ۾ آهي، اهو ٻيءَ ڪنهن اوسٿا ۾ نہ آهي. هن چاهيو ٿي تہ اهڙو وجهہ هن کي ملندو ٿي رهي. ڪلجڳ ۾ هن ڪبير جو جنم ورتو ۽ خوب اهو آنند ماڻيائين.

ساڳيءَ طرح والميڪ رشيءَ پوءِ سنت تلسيداس جو جنم ورتو ۽ گرو نانڪ ديو بہ اول جنڪ راجا جي جوُن ۾ هئا. وڏن وڏن شانت آتمائن لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ۽ ڀڳتيءَ جي آنند ماڻڻ ۽ ٻين کي ڏيڻ لاءِ ڪلجڳ ۾ سنتن ۽ مهاتمائن جي شريرن ۾ جنم ورتو آهي. جيئن ڀڳوان پاڻ بہ ضرورت وقت منش روپ جو اوتار وٺي ليلا ڪري ٿو، ڀڳتن کي سک ڏئي ٿو ۽ راڪسن ۽ ظالمن جو سنگهار ڪري ٿو.

گرو ارجن ديو کان ڪن شخص سوال پڇيو تہ سنت جن هن سنسار ۾ ڇا جي لاءِ ٿا اچن ۽ سنسار ۾ وڏو ڌنوان ڪير آهي؟ گرو جن جواب ڏنو تہ سچو ڌنوان اهو آهي، جنهن وٽ نام جو خزانو آهي. انهن اڳيان وڏا وڏا راجائون بہ جهڪن ٿا. سنت هن سنسار ۾ ڀڳتيءَ جو پرچار ڪرڻ ۽ اُپڪار ڪري پاپين کي سڌو رستو ڏيکارڻ لاءِ اچن ٿا. هو جنم مرڻ کان بري آهن ۽ رڳو اُپڪار ڪرڻ لاءِ ٿا ديهہ وٺن.

ڀاڳ ٿڙي (ڌن آهن) هرسنت تمهاري - جن گهر ڌن هري نامان ۽
پروان گني سيي ايهي آئي - سڦل تنان کي ڪامان.
ميري رام هرجن کي هئون بل جائين ۽
ڪيسان ڪا ڪر چوَنر ڍولاوان - چرن ڌوڙ مک لاوا. (رهاءُ)
جنم مرڻ دونهون ۾ ناهين - جن پر اُپڪاري آئي ۽
جي دان دي ڀڳتي لائن - هر سيوُن لئن ملائي.

سڪندر ۽ ڪبير ٻئي هڪ وقت ۾ گذريا آهن. سڪندر وڏو بادشاهہ هو ۽ ڪبير هڪ غريب ڪوري هو، مگر سندس ڀڳتيءَ جي پاڙ ڪري هو اڄ تائين پوڄجي ٿو ۽ سڪندر جو نالو جي ! آهي تہ رڳو مثال ڏيڻ لاءِ. ايڏو وڏو تاجداري بہ هٿين خالي ويو! نيچ ذات وارن بہ سمرن ڪري اوچ گتي پاتي ۽ جئن ٿي ڪيترن ۾ پڌرا ٿيا. شبري نيچ ذات جي هئي پر وڏين

تا ڏک سک سهن. انهيءَ شريرن جي اچڻ يا وڃڻ، جمڻ يا مرڻ لي سک يا ڏک ڪرڻ مها مورکتا آهي.

رام گيو، راوڻ گيو، جانکو بهه پرواره
ڪهه نانڪ لسر ڪڇ نهين، سپني جيئن سنسار.

منصور سوريءَ لي چڙهڻ وقت به ڏک نه محسوس ڪيو، جو نه هن جاتو ٿي ته آتما کي سوري ڪجهه نه ڪندي. شمس تبريز پنهنجي شرير جي کل پاڻ لاهي ڏني. پر ڏک نه محسوس ڪيائين. ٻنهي کي آتم گيان هو ته هو آتما آهن، جو ست چت آنند روپ آهي، نه هن کي ڏک اپندو ڪٿان؟ جيڪي سڀ جي آتما پرماتما کي وساري ويٺا آهن، اهيئي ڏک پائين ٿا.

لڌ پاڻمان تنهن ڏک گهڻيري - لڌ ڏليان ڏک نه ڪري
جي ڏک هوندا ته منصور نه روندا - جنهن سوليءَ سيجا هوئي.
شمس کل اپني لاهي - اسوڌرد ملي نه روئي
ست رنس سک اوهي جاڻن - او جاڻن ٻيا نه ڪوئي.

شلوڪ ١٨. هي پارٿ (ارجن)! هي سڀ شرير آهن، تن جو ڪڏهن نه ناس ٿيندڙ آتما مالڪ آهي؛ انهن ۾ وسي ٿو؛ اهي سڀ شرير ناس ٿيڻ وارا آهن. [پر انهن جو مالڪ ناس نه ٿيندو]. انهيءَ اُٿي لڙائي ڪر.

ڀڳوان ڪرشن ساڳيو گيان جدا جدا نمونن سان ارجن کي ڏيئي رهيو آهي ته ڪيئن به هو سمجهي ته جيڪي به شرير سندس سامهون يڌ جي ميدان ۾ بيٺا آهن، سي سڀ ضرور ناس ٿيندا، باقي انهن سڀني جو مالڪ آتما ڪداچت ناس نه ٿيندو؛ انهيءَ شوڪ ڪرڻ اجايو آهي. شاسترن ۾ ڇهه وڪار مڃيا ويا آهن، جي سڀ شريرن سان لاڳو آهن؛ نه ڪو وڪار آتما سان.

جنم، استي ابڙو ٻوڌيس - وپرنم، ڇهه لس ناس؛
شت وڪار به ديهه ڪي - آتم سدا پرڪاش.

اول جنم ٿئي ٿو، پوءِ ڄڻون ٿا ته ڦلائو آهي. ٻوڌ پڻ جو مطلب آهي ته پوءِ اهو وڌو ٿئي ٿو. وپرنم جي معنيٰ ته پوءِ هو بدلجي ٿو، بالڪ مان جوان، جوان مان ٻڍو؛ پوءِ ڪمزور ٿيڻ لڳي ٿو؛ آخر شرير ناس ٿئي ٿو. اهي ڇهه ئي وڪار آتما سان نٿا لڳن. ان طرح بک ۽ پياس، ڏک ۽ خوشي، جنم ۽ مرڻ اهي ڇهه ڳالهيون به شرير جا ڌرم آهن؛ آتما انهن کان اڳو آهي. اوتارن جا شرير به ناس ٿي ويا. ڀڳوان ڪرشڻ ارجن کي وراٽ سروپ ڏيکاريو ته اهو به اسٿر نه رهيو. انيڪ ورهيه ڪلي ڪا ديهه جيئري رهي ته به آخر ان جو انت ايندو. نه فقط هنن اسٿول شريرن جو جنم ۽ مرڻ ٿئي ٿو، پر سوکيم شريرن، هوائي شريرن، ڀوتن ۽ پريتن وغيره جو پڻ جنم ۽ مرڻ ٿئي ٿو. هو شاديون ۽ ٻيا آسترڪن ٿا ۽ ڌرتي ٿا پر سڀ آخر فنا ٿين ٿا.

الڪري جيئن هنن جالو ٿي ته هيون جواهرون، مٽيون ماڻڪون، ڪاٺ ميخون، ٽين پوڙين، جامن جڳهن ۽ ٻين سڀني پدارٿن جا سڪ ٿيا هئا ۽ آتم گيان ٿي پوم آنند ڏيڻ وارو آهي. جيڪي اهو خيال ٿا رکن ته ڪلاڪ ٻه روزانو ستسنگ ڪرڻ سان انسان جو وهنوار ولني ويندو، اهي سخت ڀليل آهن. اهي ته ته وهنوار جي سڌي پالنيندا ۽ نه پرمارٿ جي. آتمڪ شڪتي جهڙي پرمارٿ لاءِ، تهڙي وهنوار لاءِ قلدائڪ آهي. انهن جو يوگ ڪيم ايشور پاڻ ٿو ڪري. ستسنگ ڪرڻ يا آتما جو گيان پرائڻ خاص ٻڍن لاءِ نه آهي. ان طرف ته بالڪپڻي کان ئي لڳڻ گهرجي، نه ته ٻه جوانيءَ ۾ ته ضرور. ڌرو ڀڳت ٻال اوستا ۾ پرماتما جي ڀڳتي ڪئي ته نه فقط دنيا جو راڄ پاتائين، مگر اچل ٽائين اٽل راڄ ماڻي: رهيو آهي ۽ سدائين ماڻيندو رهندو، نه ته ڪيس ماٽيلي ماءُ ته پتا جي گود ۾ وهڻ ٻه نه ڏنو ۽ هو روئندو پنهنجيءَ ماءُ وٽ ويو. ڪيس وجهي چيائين ته "امان! تون راڻي آهين ڪين داسي؟" هن چيس ته "ٻچا! مان آهيان ته راڻي، پر پرماتما جو ڀڄن ڪونه ڪيو اٿم، تڏهن اسان جو هي حال ٿيو آهي." ڌروءَ پڇيو ته "ڇا ڪريان، جو شترو ته متر ٿين ۽ راڄ ٻه ملي؟" ماتا ڪيس پرماتما جي آراڌنا جو اپديش ڏنو ۽ هو يڪدم جهنگل ڏانهن روانو ٿيو ۽ اهڙي تپسيا ڪيائين، جو خود ايشور ڪيس درشن ڏيئي نهال ڪيو ۽ ساري برهمانڊ جو اٽل راڄ ڏنائينس.

مهاتما گانڌي ٻه ڏسو ته جڏهن جڏهن ڪنهن ڪارج ۾ سڌي پراپت نه ڪندو هو ته تپسيا ڪندو هو، تڏهن ته ڪامياب ٿيو. اڳي ته راڪس ٻه تپسيائون ڪندا هئا. اسين ته انهن راڪسن کان ٻه پري آهيون. ميگهناد لڇمڻ کي نه ماري سگهيو ته يڪدم پهاڙ جي غفا ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ لڳو. راوڻ ٻه جڏهن شري رامچندر جو ٻل ڏٺو ته يڪدم يگيه ڪرڻ لڳو ته ٻل ملي ته نه مران!

شلوڪ ٢٠. آتما نه جنمي ٿو، نه مري ٿو. ائين چوڻ ٻه سچ نه آهي ته هي آتما اڳي نه هو پر هاڻي پيدا ٿيو آهي. هي آتما جنم جي وڪارن کان رهت، نتيه، شاشوت يعني بدل سدل کان پري، هڪ روپ ۾ استٿت ۽ سناتن (اصل کان) آهي. اهو آتما شرير جي مرڻ سان نٿو مري.

ارٿات آتما نت آهي، ان ڪري جنمي ڪونه ٿو. جنمندو اهو جو اڳ ۾ نه آهي. اهو آتما مري ٻه نٿو، جو ته مرندو اهو، جو جنمندو. پر هو ته آد کان آهي ۽ مرڻ روپ جي ڇهه وڪار شرير جا آهن، انهن کان رهت آهي. ائين ٻه ڪونهي ته اڳي نه هو ۽ فقط هاڻي هستيءَ ۾ آيو آهي ۽ وري مرڻ تي هستيءَ ۾ ويندو. مطلب ته هو هميشه سچ روپ آهي. دک جي جاءِ هوندي، تڏهن سک جو انڀو ڪري سگهبو. اُس هوندي ته ڇانو ٻه ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن آتما جنمي ٿي نٿو ته مرندو ڪيئن؟ اچي نٿو ته ويندو ڪيئن؟

سوراج وٽ جڏهن ادالڪ رشيءَ جو پٽ نچڪيتا ويو ته ڪيس سوراج جيڪو آتما جو گيان ڏنو، اهو هن ناٽڪ جي ارٿ سان ملي ٿو اچي ۽ لفظ ٻه گهڻو ڪري ساڳيا ڪرا آندل

ڀڳتياڻين ۾ ڳڻجي ٿي. والميڪ اصل هڪ رهزن ڌاڙيل هو، پر ڀڳتيءَ جي ٻل سان وڏو رشي ٿيو ۽ هزارين ورهيه اڳ شري رامچندر جي اوتار جي ڪٿا رامائڻ روپ ۾ لکيائين. سڌنو ڪاساٽي هو، سينو حجام هو، روبداس چمار هو، نامديو ڇيپو هو، پر اهي سڀ اڄ وڏن ڀڳتن جي قطار ۾ ڳڻجن ۽ پوڄجن ٿا ۽ هنن جي واڻي گرو گرنٿ صاحب ۾ به چڙهيل آهي. شيش ناڳ جڏهن ڌرتي مٿي تي رکي ته اُن لاءِ ايشور ڪان ٻل گهريائين ته ڀڳوان چيس ته مهنجا نِران نِران نالا جپيندو رهه ته ڪڏهن به ٿڪ نه ٿيندءِ. ايڏي شڪتي نام جپڻ ۾ آهي. هن جڳ ۾ عمر ٿوري، شرير ڪمزور، ڌن پدارٿ ٻيو سامان ٿڪي ٿو، سو اُن ۾ ته هڪ نام جوئي ڌن ۽ ٻل ڪم اچي ٿو. گرو صاحبن انڪري ڪلجڳ لاءِ "نام، دان، اشنان" جوئي اُپديش ڏنو آهي ته نام جپيو، شڪتيءَ آهر دان پڻ به ڪريو ۽ شرير ۽ من کي نرملتا رکو.

شلوڪ ١٩. جو هن آتما کي مارينڌڙ (مارڻ روپ ڪرم جو ڪندڙ) سمجهي ٿو يا جو سمجهي ٿو ته آتما مري ٿو، اُهي ٻئي آتما جي سروپ کي نٿا ڄاڻن، ڇو ته آتما نه ڪنهنکي ماري ٿو ۽ نه ڪنهن هٿان مري ٿو.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ صاف ٿو ٻڌائي ته آتما نه فقط پاڻ نٿو مري پر هو ڪنهن کي ماري نه ڪري ٿو. هو نه جنمي ٿو ۽ نه مري ٿو. اهو ئي سچو گيان آهي، جو جنهن سمجهيو آهي، تنکي سدائين آنند ملي ٿو ۽ سندس سڀ ڀرم ڀولا ناس ٿي ٿا وڃن.

هن شلوڪ جي سکيا ڀڳوان ارجن جي شنڪا دور ڪرڻ لاءِ ٿو ڏئي. ارجن شنڪا ڪئي ته اوهان جي چوڻ موجب جتي شوڪ نه آهي، اُتي پاپ نٿو ٿئي. اهو مونکي ٺيڪ نٿو لڳي. ڪو پرش پنهنجي ڪنهن دشمن برهمڻ جي هتيا ڪري ٿو ۽ ڪيس ڪو به شوڪ ڪونه ٿو ٿئي پر ته به مٿس اُن جي خون جو پاپ ته اوس لڳندو. مان سامهون بيٺلن عزيزن، بزرگن جي مارجي وڃڻ تي شوڪ نه به ڪريان ته به مونتي انهن کي مارڻ جو پاپ ته لڳندو.

ڀڳوان هن کان اول اِن پاپ جي نوارڻ جو ڪو يتن ارجن کي ڪونه ٻڌايو آهي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان آتما جي اَڪرتاپڻي، اَڀوڳتاپڻي ۽ ابناسيپڻي جو ورنن ٿو ڪري ته آتما ته فقط ستا ۽ پرڪاش ڏيڻ وارو ساکي آهي ۽ ڪرمن ڪرڻ وارو ته اهنڪار آهي. اهو ئي گيان پائڻ لاءِ هي منش جنم مليو آهي. اڄڪلهه ماڻهو چون ٿا ته ساڌن سنتن کي رڳو آتم گيان ۽ آتم اُڌار جي تاڻ آهي، باقي وهنواري اُنتيءَ جو ڪو به خيال ڪونه ٿا رکن ۽ نه اهڙو ڪو اُپديش ٿا ڪن. پر جيڪو اُنت ٿو چاهي، پر اُنت جو ٻج پوکي، وڻ پيدا نه ٿو ڪري، انکي اُنت ڪٿان ملندا؟ اسين راڄ، ڌن ۽ هر طرح جا سک ته چاهيون ٿا، پر اُنهن لاءِ سچو يتن ڌرم انوسار حاصل ڪرڻ جو آهي، اهو ته ڪريون ئي ڪونه ٿا. ڌرم ته هن منش جنم جو آهي پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ يتن ڪرڻ، جنهن لاءِ سڀ ويد شاستر، رشي مني بار بار پيا چون. دنيا جا سک ته اڳي به راجائن مهاراجائن کي انيڪ هئا، پر تن کي نوڪر ڪٽي هنن رشين منين جي شرڻ وٺي، آتم گيان پرائي، پرماتما جو سمرڻ ڪري، سماڌيون لڳايون، سو فقط

بيڪار نيندو، جو مرمت کان ٻاهر ٿي ويندو؟ گيانوانن ۾ نه ديهه جو اڌياس ٿي نٿو ٿئي. ديهه رهي يا وڃي، هنن لاءِ مڙيئي آنند آهي. هو ديهه جي دکن سکن کان بنهه مٿي ساکي روپ ٿي رهن ٿا.

جنڪ راجا اهو صاف ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. هڪ پير باهه ۾ پيو اٿس ۽ ٻيو پير سندر نوجوان استرين جي ڪنڌي تي رکيو اٿس، نه جلندڙ پير جي پرواهه ۽ نه ٻئي پير ۾ وشيه آنند. اهو سڀ آتما جي درڙتا جو ڦل آهي، جو شرير بلڪل وسري ٿو وڃي، جڻ آهيئي ڪونه. هو سڀ برهم ۾ برهم ٿو ڄاڻي ۽ نه اسري يا ٻاهر. اهو گيان انهن کي تڏهن حاصل ٿئي، جن من جو مل ۽ وکيپ دور ڪري چار ساڌن (وويڪ، ويراڳ، کٽ سمپتي ۽ مموکشتا) ڪري پوءِ گروءَ کان شروڻ، منن، نڌياسن ڪيا آهن ۽ ان طرح پنهنجو سچو سروپ سڃاتو اٿن. اهڙي آتم گيانيءَ جي اندر ۾ جنم مرڻ جو ڀاءُ ئي اٿمن نٿو ٿئي ۽ هو مارڻ ۽ مارائڻ سڀ شرير جا ڌرم ٿو سمجهي.

شلوڪ ٢٢. جيئن ڪو پراڻي پراڻا ڪپڙا لاهي نوان پهريندو آهي؛ تيئن هي جيو آتما به پراڻي شرير کي ڇڏي، ٻئي نئين شرير ۾ پرويش ڪري ٿو.

کي چون ٿا ته جيو آتما شرير مان نڪري، جڏهن ٻيو شرير سندس ڪرمن انوسار تيار ٿو ٿئي، پر اهڙو ڪوبه پاڪ شاسترن ۾ ڪونه آيل آهي. جيو آتما برابر پنهنجي ڪرمن موجب ٻئي نئين چولي ۾ وڃي ٿو، پر ان ۾ وقت کان اول سورڳ يا نرڪ جا سک يا دک به ڀوڳي ٿو. مسلمان مڃين ٿا ته مرڻ کانپوءِ ماڻهوءَ جو روح قبرن جي چوڌاري طرف ڦرندو رهي ٿو ۽ شرير قبر ۾ پيو ڳري. قيامت جي ڏينهن ان روح کي ڪرمن موجب بهشت يا دوزخ ملندو. ڇنبو ته هو به روح کي مڃين ٿا ۽ ڪرمن جي ڦل کي به مڃين ٿا؛ رڳو تفاوت ايترو آهي ته اسين چئون ٿا ته ڪرمن انوسار جيو آتما جلد ئي ٻيو چولو پائي ٿو، پر هو چون ٿا ته قيامت جي ڏينهن تائين روح کي قبر جي آس پاس ڀٽڪڻو پوي ٿو. اسين اهو مڃون ٿا ته پاپي منشن جا روح، جي ڀڳڙيل آهن، اهي ان طرح ڀٽڪن ٿا ۽ ڀوت پريت ٿين ٿا. ليڪن سچ پچ ته اهي به روح نه آهن پر سوکيم شرير ۽ اهي جوڻ به ڪرمن انوسار کين ملي آهي. اسان جا شاستر چون ٿا ته جهڙو جو انت وقت، جنم مرڻ اوستائين هليو اچي ٿو، جيستائين آتما جو گيان نه ٿيو اٿس. ڪبير صاحب فرمايو آهي:

اسٿاور جنگم، ڪيٽ، پتنگا - انيڪ جنم ڪيئي بهه رنگا؛
ايسي گهر هم بهت بسائي - جب هم رام گرڀ هو آئي.

هن جنم لاءِ ماتا جي گرڀ ۾ اچڻ کان اول مون گهڻيئي ڀيون جوڙيون پاتيون آهن. ڪڏهن وڻ ٽڻ، ڪڏهن پکي، ڪڏهن پس پکين ۽ جيت جنتن جون ۽ انيڪ ڀين قسمن جون جوڙيون پاتيون اٿم.

جوڳي جتي تپي برهمچاري - ڪبهون راجا ڇترپت ڪبهون بيکاري؛
ساڪت مرهه، سنت سڀ ڇوڙهه - رام رسايڻ رسنا ڀوڙهه.

۽ ٻوءِ اُون ڀوڳ جو لائق ٿيندا ۽ ستگورو ءَ کان مليل گيان جو منتر ڪمائي، اُون آتم گيان پراپت ڪندا.

ڀڳوان پورن ستگورو ءَ جي هٿ ۾ ٻي زور ڏني ٿو، جو ڪي اڌڪاري شش کي تاريندو. هن جي ٻئي شرن وڃڻ سان ۽ سندس شيوا ڪرڻ سان دنيا جا چارئي پدارٿ - ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش پراپت ٿين ٿا.

چار پدارٿ جيڪو مانگي - ساڌ جنان ڪي شيوا لاڳي؛
جيڪو آپنا ڏوک مٽاوي - هر هر نام رِدي سد گاوي؛
جيڪو آپني سوڀا لوري - ساڌ سنگ هؤمَ ڇوڙي؛
جيڪو جنم مرڻ کي ڏري - ساڌ جنان ڪي شرني پڙي؛
جس جن ڪَهُ پرڀ درس پياسا - نانڪ تاڪي بل بل جاسا.

چئن پدارٿن مان جنهن منش هڪ ۾ پوريءَ طرح هٿ نه ڪيو، اُن جو جنم ئي ورٿ آهي؛ جيئن ٻڪريءَ جي ڳاي هيٺان جيڪي ٿڻ ٿيندا آهن، اُهي اجايا آهن، جو انهن ۾ کير نه ٿو ٿئي.

چارئي پدارٿ جي ڪنهن ٻه ڪنهن ٻين سان پاتا آهن ۽ سمجهو ته ڪنهن ست پرش جي سنگ مان پاتا هوندائين. نيڪ صحبت کانسواءِ ٻيو ڪو ٻه اُپاءُ نه آهي، جنهن سان شُڌ ٻڌي، ڪيرتي، ڌن پدارٿ، مان وڏائي يا موڪش پائي سگهجي. ويدن شاسترن يا سنتن مهاتمائن ڪنهن ٻه ٻيو رستو نه ڏسيو آهي. هاڻي اَرجن سوال ٿو ڪري ته اَچل ٻڌيءَ وارن کي ڪيئن پرکجي؟

ارجن چوي ٿو:

شلوڪ ٥٤. هي ڪيشوَ! سماڌيءَ ۾ استٿت ٻڌيءَ وارن پرشن جو ڪهڙو بيان آهي؟ هو ڪهڙي نموني ڳالهائين، ڪيئن ٿا اُٿن وهن ۽ ڪيئن ٿا هلن چلن؟

اَرجن هن شلوڪ ۾ هڪ سوال ۾ گويا چار سوال پڇي رهيو آهي: (١) ته آتم استٿتيءَ وارن جي سڀاءَ جا خاص ڪهڙا لڇڻ آهن، (٢) هو ڪيئن ٿا ڳالهائين، (٣) ڪيئن ٿا اُٿن وهن ۽ (٤) ڪيئن ٿا دنيا ۾ ورتاءُ ڪن. سماڌي معنيٰ ته جتي من وڃي ٽڪي، اُتي ٻڌ، کي پسجي. جيئن نامديو ڀڳت ڪتي ۾ ٻه ايشور ويٺل ڀڳوان جي روپ ۾ ڏٺو. اها ٻڌي ته جنم جنم جي پڇن ۽ انتهڪرڻ جي شڌتا سان ملي ٿي. ڀڳوان انهن چئن سوالن جو جواب سمجهائڻ سان هيٺ ٿو ڏئي:

شري ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ٥٥. هي پارٿ جڏهن پرش من مان اُٿيل ڪامنائن ترشنائن کي پوري طرح ڪڍي پنهنجي سروپ ۾ پاڻ کي سنتوش ۾ رکي

رکو تہ تون ٻار ڪري سگهين ٿو. دريوڌن کي سوين راجائون مڃيندا هئا، پر موت مهل ڪير ساڻس گڏ نہ هو، ڪنهن کي نہ ڇڏيائين! راوڻ جي لنڪا ۽ نہ اٿو ۽ وارثن ۾ ڪو بہ نہ رهيو هئو. دريوڌن جي لاش جو ماس ڳجهن بہ نہ کاڌو، ڇو تہ ڇيائون تہ مهاپاپي ۽ اهنڪاري هو!

يوگ شاستر ۽ ويد وياس چوي ٿو تہ هر هڪ وستوءَ ۾ پنهنجي پنهنجي شڪتي آهي. انب ۾ جيڪا رس پوري آهي تہ سيڪو ونڊ ۾ جي اها سڪي وڃي، تہ ڪوہ انکي پسند ڪين ڪندو. ان طرح منش ۾ بہ مشعل يعني انسانيت آهي تہ واهہ، نہ تہ ڪوہ ماهہ ڪونهيس. منش جنم ۾ اچي جي گيان نہ پرايوسين تہ ڄڻبو تہ انساني چولي جو ڪوہ قدر نہ ڪيوسين. دنيا جا وهنوار ڪيترا بہ ڪريون، پر جنهن ڪارڻ يا مقصد لاءِ آيا آهيون، اهو پورو ڪيو ٿي ڪونہ، تہ ڀوءِ ڪهڙو لاڀ مليو؟ ساڳيو جڙنين ۾ پتنگ پٽ پوندوسين. پنهنجو عقل، دماغ، علم سڀ دنيوي وهنوارن ۾ لڳايوسين تہ ڀڄاڙيءَ جو جو خاڪ جاڳي هليا ويندا سين.

گذاري عمر جهڳڙون ۾ - بگاڙي اهني حالت هٿ،
هئا خارج اپيل اپنا - عجائب يهہ وڪالت هٿ!
مقدمي غير لوگون ڪي - هزارون ڪر ديئي فيصل،
نہ ديکا مثل اپني ڪو - عجائب يهہ عدالت هٿ!
دليلين دي ڪر غيرون ڪو - ڪيا ثابت اصول اپنا،
دل اپني کا نہ شڪ تورا - عجائب يهہ دلالت هٿ!
بهت پڙهي پڙهائي سي - هئا سڀ علم ۾ ڪامل،
نہ پايا پيد رلي ڪا - عجائب يهہ ڪمالت هٿ!
تو ڪر فيصل حساب اپنا - تجهي اورون سي ڪيا مطلب؟
نہ قصہ طول دي اتنا - فضول هي يهہ طوالت هٿ.

آتم گيان پاڻلو آهي تہ هن ٿي منش ديهہ ۾، نہ تہ ڇا پکين پسن جي جونين ۾ اهو ملي سگهندو؟ ڪداچت نہ.

سوامي پرمانند بہ ساڳئي نوع ۾ ساڳئي پرڪار جو اشارو ڏنو آهي:
هيءَ راند عمر ساري - آئي چل پل جو چنڪو.
١- منيءَ جا بت پڻ تا - منيءَ ٿي نار ڪن تا، منيءَ مار ڪالي، منيءَ ڪيو آ منڪو.
٢- چڙهي ڄڪ جي هيڪڙالي - ساهن ڪيو سوڙالي،
رکي جاهہ جي جرياڻي، هي اڻ جاڻ اچي اٽڪيو.
٣- تون تون ٿي ٿو ٿي تور - نکي نهڙي لڳي آدور،
حاضر ليو ۽ ليو حضور، لنو لنو ۾ لڳو لٽڪو.
٤- پرم آنند ياڻ آهين - اي ءَ (پنهنجي) صفت نٿو سڃاڻين،
لٿو مسي ويندو ايسي، جڏهن حالس سندو ڪٽڪو.

ڪڏهن جوڳي ٿيس، ڪڏهن جتي، ڀي ۽ برهمچاري، ڪڏهن تاجدار راجا ته وري ڪڏهن در در تي ڀٽڪندڙ ڀڪاري. اهي جونيون اوستائون ملنديون رهن ٿيون، جيستائين مايا ۾ ڦاٿل جو سنگ آهي. سنتن جو سنگ ٿيو ته جنم مرڻ کان آجي ٿيڻ جو گيان ملي ٿو. ڇوته ٿورا ٿل اهڙا ساڌڪ، جي مايا ۾ ڦاٿا پيا آهن، اهي سڀ مري ٿا وڃن ۽ ستسنگ جن جي سنگ مان محض گيان ٿا پائين. اهي جڳ جڳ جيئندا ٿا رهن ته بيوشنيءَ ها. لوڪ رام رسائن روڙي امرت پي جنم مرڻ جي چڪر کان آزاد ٿين.

ڀوڳ وسشٽ ۾ سري سنڪر آچاريه جو آهي ته مان الڪ جونين ۾ آيو آهيان ۽ جڳت گرو ٿيس، پر ٻڌون گيان نه هٿ ڪري اسٽريءَ جي جون ۾ پالر ۽ هڪ ڀوڻي جي جون ۾ به ويس. ويد وياس لکيو آهي ته ڇترا ۾ علم ۽ هنر سکيا ۾ آهن، سڀني کان آتم گيان اتم آهي. ان کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪلي ڪو پڙهي ته سڀ ورٿو آهي.

گرو جن لکيو آهي:-

لسوڪ طريقه جاڻي، هندو ويد پران،
من سمجهاڻڻ ڪارڻي، ڪجهه اِڪ پڙهئي گيان.

مسلمانن جا ڪتاب قرآن، حديثون وغيره ۽ هندن جا ويد پران شاستر سڀ رڳو من کي سمجهائڻ واسطي آهن. ڳالهه ته هڪ آهي ته پاڻ سڃاڻجي، گيان پراپت ڪجي، باقي سڀ ڪوڙ.

! نانڪ ليکي اڪ گل، اور سڀ جهکڙا جهاس.

آتما جو گيان اهڙو قيمتي ۽ ضروري نه هجي ته ڀڳوان ارجن کي جو هن طرح جدا جدا نمونن سان اهو گيان سمجهائي ها؟ رڳو يڌ ڪرڻ جي مراد هجي ها ته هو پنهنجي شڪتيءَ سان به پانڊون کي جيت ڏياري سگهي ها. ارجن جي من ۾ جو اگيان وڃي ويٺو هو، جنهنڪري هن شرير کي آتما سمجهي ٿي شوڪ ۽ موهه ڪيو، اهو ڀڳوان دور ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪي ڏکي جيو آپگهات به ڪندا آهن، پر ڪرمن جو ڦل ڪيئن به ڪري ضرور ڀوڳڻو پوندو ۽ آپگهات ڪيو ته به پيو جنم پائي به ويهل ڦل ضرور ڀوڳيو. ميوي ليڻ لاءِ اول وڻن ۾ گل ٿين ٿا. جڏهن ڦل نڪرن ٿا ته اهي گل ڪري ٿا پون. ان طرح سڀ ڪرم ڌرم گيان پائڻ لاءِ آهن ۽ آتم گيان مليو ته ڪرمن روڻي گل ڪري ٿا پون. آتم گيان حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪو ڪرم ڪري يا نه، اهو سندس اڇا تي آهي. نه ٿو ڪري ته پاپ نه ٿو لڳي ۽ جي ڪري ٿو ته وڌيڪ ڪجهه نه ٿو ملي. تو پين کي مثال ڏيڻ لاءِ گيانوان به ڪرم ڪندا رهن ٿا. سکمني صاحب ۾ آيو آهي:

ڇوٽت ناهين ڪوٽ لک باهي - نام جپت تهه پار پراهي،
انڪ ٻگون جهه آءِ سنگهاري - هرڪا نام تت ڪال اڌاري،
انڪ جنون جنمي موه سار - نام جپت پاوي بسرام.

لک ڪروڙ ٻوسا هجن، مگر هجن ته به ڪرمن جي ڦل کان ڪو به ڇڏائي نه سگهندو،

ننڊ ۾ سنديس اهي وار ڪجهي ڇڏيائين. صبوح جو ٻار جاڳيو ته پنهنجي بدن تي وار نه ڏسي ٻُجهي ويو. پڇس ڪوليس ته "مدن موهن پٽ! اُٿ صبوح ٿي ويو آهي." هو چوڻ لڳو ته "مان مدن موهن ڪٿي آهيان؟ مون کي ته وڏا وڏا وار هئا، پر هاڻي ته آهن ئي ڪونه. بدن تي ٻيو ٻيو لڳيم!" اسين به اُنهيءَ نمنگر وانگر ڀرم جي ڀُولي ۾ پيا آهيون. راڳ دويش روپي وار اسان تي آهن. جڏهن گرو، گيان جي ڪينچيءَ سان اُهي ڪجهي ٿو ڇڏي، تڏهن اسين چئون ٿا ته ساڳيا نه آهيون؛ ديهه جو اُڀمان ڇٽي ٿو وڃئون؛ پاڻ کي آتما سمجهڻ لڳون ٿا. ڪي چون ٿا ته آتما ست چت آهي، پر آنند سروپ نه آهي؛ ڇو ته جي آنند سروپ هجي ته پوءِ ستسنگ ۾ آنند ڳولڻ ڇو ٿا وڃون؟ پر اهو ٺيڪ نه آهي. وشين ۾ به آنند يا سک سمجهوي، اُهو ڀوڳيون ٿا، ته پوءِ ستسنگ مان جو آنند ملي ٿو، اهو ڇو نه وٺون؟ آنند ته سڀ آتما مان اچي ٿو؛ وشين جي ڀوڳڻ وقت پڻ من جي اسٿر ٿيڻ ڪري آتما جو آنند محسوس ڪريون ٿا. ان طرح ستسنگ ۾ به من شانت ٿئي ٿو ته آنند اچي ٿو. وشين وارو آنند ڪڻ پر لاءِ آهي؛ آخر دکدائي آهي، پر ستسنگ جو آنند سچو؛ سکدائي آهي. مهاتمائن جي سنگت مان ئي سمجهي سگهبو ته ڪيئن آتما آنند روپ آهي. اهڙيون شنڪائون ست شاستر ئي دور ڪري ٿا سگهن.

جيڪو سروپ آهي آنند ڪهن ويد،
تانڪو سک پراپت ڪو اُنهو ڪانهيئي؛
آڳي جو اپراپت وستو، تاکي پراپت سيوڙهه،
نعم پراپت وستو کي تو پراپتي ڪيم مانيئي؟
اَئسي شنڪا ليش آن، ڪيجئي نه وشواس هلن؛
گرو کي پرساد ٿئي، ڪترڪ پلي مانيئي؛
ڪر ڪو ڪنگڻ ڪريو، اَئسو ڀرم پسيو جهن؛
گيان ٿئي مٽي ڀرم پراپت پراپت جانيئي.

شش گروءَ کان سوال ٿو ڪري ته "هي سوامي! ويد چون ٿا ته جيو آتما جو سروپ آنندمئه آهي، ته پوءِ آنند کي وري اسين پراپت ڇا جي لاءِ ڪريون؟ اهو ته ناممڪن ٿيو. جيڪا شيءِ اسان کي اڳ ۾ نه هجي، ان کي پراپت ڪرڻ جي ته معنيٰ آهي، پر جيڪا شيءِ اسان وٽ هميشه نت موجود آهي، اُن جي پراپتي ڪرڻ ڪيئن ٿيون؟"

گروءَ جو جواب آهي ته هي شش! اهڙي شنڪا ڪري پنهنجو وشواس تون به گهٽ نه ڪر. جيئن ڪنهن کي هٿن ۾ ڪنگڻ پيو آهي يا ڳلي ۾ مالها آهي، اهو ڪنگڻ يا مالها ڪوڙن ڪري لڪي ٿا وڃن؛ اهو ماڻهو اهو نه سمجهي، انهن کي گم ٿيل سمجهي ڳولي ٿو، پر جڏهن ڪو ٻڌائيس ٿو ته ڀائي! اها شيءِ ته تو وٽ اندر ئي پيئي آهي، ڪپڙو وسترن سان ڍڪجي ويئي آهي، تڏهن چوي ٿو ته مون ڪنگڻ يا مالها لڌي! گم ته اهي اصل ڪين ٿيا هئا، پر ڀلي هوندي به هو سمجهي ٿو؛ چوي ٿو ته مون لڌا؛ فلاڻي جي ٻڌائڻ

شلوڪ ۲۳. هن جيو آتما کي ڪي به هٿيار نٿا ڪپي سگهن، نڪي اگني ٿي ساڙي سگهيس، نه پاڻي ٿو پسائي سگهيس ۽ نه وري هوا انکي سڪائي يا اُڏائي ٿي سگهي.

جڏهن ڀڳوان ۲۲ شلوڪ وارو گيان ڏنو، تڏهن ارجن کي شڪا ٿي ته جيئن ڪنهن مڪان کي باهه لڳي ٿي ته ان ۾ رهندڙ جيو به سڙي مرن ٿا، تيئن هن اسٿول ديهه جي ناس ٿيڻ سان هن ديهه ۾ نواس ڪندڙ آتما جو به متان ناس ٿي ويندو هجي. ان شڪا جي مٽائڻ لاءِ ڀڳوان هي شلوڪ اُچاريو. پرٿوي، جل، اگني ۽ وايو اهي جي چار عناصر (Elements) آهن، انهن جو اثر رڳو شرير تي ٿي سگهي ٿو ۽ نه آتما تي. جڏهن اسان کي اهو نشچو ٿيندو ته اسين آتما آهيون ۽ نه شرير، تڏهن اسين نربئه ٿي محسوس ڪنداسين ته ڪي به هٿيار، باهه، جل، هوا اسانکي ڪو به نقصان نٿا پهچائي سگهن. اهو هڏ ماس جو پتلو ته اسانکي ڪرم ڪرڻ لاءِ هڪ واهڻ وسيلو ٿي مليو آهي. وهنوار ۽ پرمارٿ جا ڪرم، جي اسين ان شرير سان ڪريون ٿا، تن جو ڦل جيو آتما کي ۽ نه شرير يا ان جي اندرين کي ڀوڳڻو آهي. شرير ۽ اندريون ته هت جلي ٿيون وڃن ته پوءِ نرڪ سرڳ ڪنهن کي ٿو ڀوڳي؟ من، بڌي ۽ پراڻ به ته جڙ وستو آهن ۽ آتما جي شڪتيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪين ٿا ڪري سگهن.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان رڳو چار شيون چيون آهن يعني شستر، اگني، جل ۽ وايو ۽ ياد رهي ته انهن چئن ۾ ساري برهمانڊ جا سڀ پدارٿ اچي ٿا وڃن. تت پنج آهن پر هڪ تت آڪاس ته پاڻ سوکيم آهي، تنهڪري اهو ته ڪنهنجو به ساڌڪ نه آهي ۽ ڪجهه ڪري نٿو سگهي. باقي سڀ پدارٿ چئن تتن مان ٺهيل آهن. پرٿويءَ مان لوهه ۽ ٻيا ڌاتو، جن مان شستر ٺهن ٿا، يا پرٿويءَ مان ڪاڻ پيدا ٿيل وستو پٿر، وڻ، وڇون، نانگ، ڪاٺ وغيره. اهي سڀ شرير کي ناس ڪري سگهن ٿا. ان طرح اگني، جل ۽ هوا به رڳو شرير کي ئي ناس ڪري ٿا سگهن ۽ نه آتما کي، جا اچل، اٽل، انادي ۽ ستيه وستو آهي. آتما جي چيتن شڪتي ئي شرير کي هلائي رهي آهي، جنهن جي نڪرڻ تي مورک ٿي ڪو به اهڙي شرير کي ڀاڻ وٽ رکڻ به نه ٿو چاهي.

مهاتما سندر داس هن تي هڪ سٺو اُچارڻ ڪيو آهي:

مات پتا ٻُڌ آلي سک باندو- لاگت هه سهکر آلي پيارو،
لوڪ ڪٽمب کرو اڪ راڪت- هوه ٺهن هرسمن کهي نيارو،
نيه سنيه تهان لڪ جانو- بولت هه مکه شبد اُچارو،
سندر چيتن شڪتي گهي جب- ويگ کهي گهر مانهه نڪارو.

ڪنهن سيٺ جو پٽ هو. انکي بدن تي وڏا وڏا وار هوا، جيئن ڪنهن رڇ کي هوندا آهن. هڪ رات جو پيءُ کي خيال آيو ته وارن ڪري ڇوڪرو سٺو نٿو لڳي. سو

اهو اگني کا ليندو آهي پر اگني هن کي جلائي نٿي سگهي ۽ جو له هن پر اگنيءَ الاءِ ڏوهه ڪنهن نه آهي. ان طرح جيڪي سڀني ۾ هڪڙو پرماتما يا پنهنجي آتما ڏسن ٿا، اهي ڪيئن ڪنهن سان ويرُ ڪندا؟

شلوڪ ٢٥. هيءُ آتما اويڪت يعني اِندرين جي انڀوَ کان پري آهي؛ اچنتيه يعني خيال ۾ اچڻ واري نه آهي ۽ اوڪاري-م يعني جنم مرڻ آدي وڪارن کان رهت آهي. اهڙين جاڻي توکي ڪو به شوڪ ڪرڻ نه جڳائي.

اويڪت معنيٰ جا شيءِ پرگهٽ نه هجي؛ جنهن کي اندرين ڏسي يا پروڙي نه سگهن. آتما کي نه واڻي يا من به نٿا جاڻي سگهن. سڀيئي شيون سامهون يا ظاهراً ظهور ڏسڻ ۾ نٿيون اچن، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته اهي آهن ئي ڪونه. ڇهن قسمن جي پرماڻن سان اها هستي جاڻي ٿي سگهجي. جدا جدا خيالن ۽ مت وارا جدا جدا پرماڻ مڃين ٿا- ڪي رڳو هڪ، ڪي ٻه، ٽي، چار، پنج يا ڇهه ئي ٿا مڃين. اهي ڇهه پرماڻ آهن: پرتڪش، انومان، اپماني، شبدي، ارٿاپتي ۽ انوپلبدي.

ناستڪ مت وارا رڳو پرتڪيه پرماڻ کي ٿا مڃين يعني اهو جو ڪين نظر اچي. هو ٻيو ڪو به پرماڻ قبول نٿا ڪن، پر اهي پليل آهن، جو نه سنساري وهنوار به رڳو پرتڪيه پرماڻ سان نٿو هلي سگهي. چٺيون، تارون، ٽيليفون ئي نه هلي ٿو؛ جنهن کي شبدي پرماڻ ٿو ڪوٺجي. چٺيءَ تار يا ٽيليفون اچڻ تي اسين خوشي يا غم ڪريون ٿا، ڏنڊا ڏاڙهون ڪريون ٿا ۽ خبرون چارون معلوم ڪريون ٿا. آتما پرتڪيه ڏسي ڪونه ٿو سگهجي. تنهن ڪري ان جي هستي پرماڻن سان سمجهائي سگهجي ٿي.

هڪ راجا وٽ وڏا وڏا پنڊت ڪيس ڌرم جو گيان ڏيڻ ويندا هئا، ليڪن وٽس ناستڪ امير امرا وزير هئا، جي ڪيس ادرم جي راهه تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا. ڪيس پرتڪيه ڏسڻ ۾ اچڻ وارين ڳالهين کان سواءِ ٻئي تي اعتبار نه ڪرڻ ڏيندا هئا. آخر هڪ ودوان سياڻو پنڊت ويو ۽ اهو حال ڏسي سوچيائين ته ڪيئن به ڪري راجا کي هن جي ڇنبي کان ڇڏائجي. هن راجا کي گيان جون ڳالهيون ٻڌايون؛ پر هن ناستڪن جيئن، ته پرميشور آهي ته سامهون ڏيکار. پنڊت ويچاروان هو. هڪ ڏانڊو هٿ ۾ هوس، سو اُن مان هڪڙي، جنهن گهڻو ئي اعتراض ورتو، اُن کي ٽي چار ڌڪ خوب زور سان هنيائين. هو راجا کي دانهن ڏيڻ ۽ دک وچان هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳو. راجا پنڊت کي چيو ته "مهاراج! اوهان شاستر ارٿ ڪرڻ آيا هئا يا وڙهڻ! توهان هن کي ڏنڊا هنيا آهن ۽ ڏاڍو سور اٿس." پنڊت چيو ته "سور يا پيڙا آهي ڪٿي؟ جڏهن هو مڃين ٿي پرتڪيه پرماڻ ٿا، ته ڏيکارين سون کي اهو سور." راجا سمجهي ويو ته سور نه ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي، پر انومان ڪري سگهبو آهي. ان ڪري انومان پرماڻ به ضرور مڃڻ گهرجي. ڌرم ۽ ادرم جو ۽ سروپ به پرتڪيه نه ڏسي سگهبو. دک ايندو آهي ته چئبو آهي ته [illegible] ادرم جو ڦل

لئي اسين نه ان طرح آتما کي ڄڻ ڄاڻي وٺڻ آهيون پر ڪامل مرشد هٿان پوءِ ڏاڍو لڪل لڪي لهون ٿا ۽ آنند ٿا پايون. واسطو ته آتما نه ته ڪو ليو هو ۽ نه ٻاهران آيو، رڳو اسانجو ڀوليو هو.

ارجن ان لئي سوال ڪيو ته اوهان ڪهڙي چيو ته آتما کي شستر، جل، اگني يا هوا ڪجهه به نقصان ڪري نه سگهن، ان جو ڪو ڪارڻ يا دليل نه ٻڌائيندا، ڪين رڳو اوهان جي انهن چوڻ تي ڪيئن مڃان؟ سڌ ڳالهه اها ليندي آهي، جنهن ۾ هڪ ذاتي پرتر سان سوال ڪري ۽ ٻيو پرتر سان جواب ڏئي. ان مان جو لڀ نڪري ٿو، ان کي سڌانت ڪوٺجي ٿو. سچا جگياسو انهن ٿا سوال ڪن ۽ سچا مهاتمائون به ان ريت ٿا اتر ڏين. ارجن جو سوال به اهڙو ئي آهي، جنهن جو جواب ڀڳوان هن طرح ڏنو آهي:

شلوڪ ٢٤. هيءُ آتما اڇيد آهي يعني ڪپجي نٿو سگهي؛ اداهه آهي يعني ٻاهه ۾ سڙي نٿو سگهي، اڪيد و آهي يعني پاڻيءَ ۾ پسي يا ڳري نٿو ۽ سڪڻ کان پري آهي. جنهن ڪري شستر، ٻاهه، جل يا هوا هن کي ڪجهه نقصان ڪري سگهن. آتما نت، سرووياپي، استر، اچل ۽ انادي آهي.

آتما آڪاس کان به سوکم آهي، ان ڪري ان کي ڪوبه هٿيار ڪٽي نٿو سگهي. جيئن آڪاس کي ترارون يا بندوقون ڪجهه نقصان ڪري نه سگهن؛ اگنيءَ ۾ به اسٿول پدارٿ سڙي سگهندا. جل يا هوا به سوکم پدارٿ کي ڪجهه ڪري سگهن.

گرو تيغ بهادر جڏهن دهليءَ اورنگزيب اڳيان پنهنجو سر قربان ڪرڻ ويو ته اول ڪيس چيائين ته لوڪي ڪا طاقت ڪاٿ آهي، جو مون کي ماري سگهن، پر مان پاڻهي ٿو هيءَ سر قربان ڪريان، انهيءَ لاءِ ته پاپ لڳي ۽ تنهنجو هي ظلم وارو راڄ نشٽ ٿئي. بادشاهه چيس ته ڪيئن ٿو چئين؟ گرو جن چيس ته تلوار گهراءِ. اها آئي ته گرو جن ان تي ڪاغذ ڪي ڏاڳي سان ٻڌايا. جڏهن گرو جن جو سر ان ترار سان ڪٽيو ته تلوار تي ته رت جو ڦڙو ڏسڻ ۾ آيو ۽ نه ڏاڳا ٽٽا ۽ نه ڪاغذن تي ڪو خون ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان ثابت ٿيو ته ان ترار گرو جن جو سر نه ڪاٽيو، پر گرو جن پاڻهي سر ڏنو. جڏهن ٻوڙين جي شريرن تي به هٿيار ڪجهه نقصان ڪري سگهن ته آتما تي ترار ڇا ڪندي؟ پرهلاد ڀڳت ۽ ڪبير ڀڳت جي شريرن کي نه جل، اگني، هاٿي ۽ شستر ڪجهه نه ڪري سگهيا. ميران ٻائيءَ کي نه زهر ماري سگهيو ۽ نه ڪنهن ڪجهه ڪيو. هن شلوڪ کي سمجهڻ سان اسان ۾ ٻل پيدا ٿي سگهي ٿو، ڇو ته آتما کي ڪجهه به ٿي نٿو سگهي ۽ جي اسين پاڻ کي آتما ڄاڻون ته ڀؤ ڇا جو ۽ ڪنهن جو ليندو؟

سنت ٿامدبو اڳيان ڀوت آيو ته هن پنهنجي گيان سان هن ۾ به ڪرشن ڏٺو ۽ ڪيس ڪيڏو قلندر ڪري ڪوٺيائين. نارائڻ جي جوت ته هر هڪ ۾ آهي. جي اهو اسين سمجهي وڃون ته پوءِ ڪنهن جو به ڀؤ ڇو ڪريون؟ ڀؤ ته دوئيت پيدا ڪري ٿي ٿو ۽ جسم نه ادويت وچار آهي، اهي ٿريتا ۽ نروڀو رهون ٿا. اگنيءَ ۾ سمد ٿالي هڪ ڪڙو رهي ٿو.

جي اُپاءُ ڪري جو پدارٿ نٿو پراپت ٿئي، اُن اَپراپتيءَ کي اَنُوپلٻڌي پرماڻ ٿو ڪوٺجي. ناسڪ چون ٿا ته:

جب نه ديکوُن آپي نئنين - تب نه مانوُن گرُوءَ ڪي ٻئني.

جي حڪيم جي دوا نه کائبي ۽ چئبو ته اول فائدو ڏيکاري ته پوءِ کائون، ته ڇا ٺيڪ ليکبو؟ اِن طرح گرُوءَ جي واڻيءَ تي اعتبار ڪرڻ ضروري آهي، پوءِ پاڻهي ثابت ٿي ويندو ته هُن سڀ سچ ٿي چيو. آتما کي رواجي ڇڙي جي لمحن سان پرتيڪش نه ڪري ڏسي نٿو سگهجي.

مٿيون گيان ڏئي ته ارجن چوڻ لڳو ته مان ته سمجهان ٿو ته شرير سان گڏ آتما به جمي ۽ مري ٿو. اِن تي ڀڳوان هيٺيون شلوڪ اُچاريو:

شلوڪ ۲۶. هي ارجن! جيڪڏهن ڪٿي تون ائين ٿو سمجهين ته آتما ٿي جمي ۽ مري ٿو، ته به توکي شوڪ ڪرڻ ڪين جڳائي. ڇو ته

شلوڪ ۲۷. جيڪو جنميو آهي، اهو نشچيه ڪري ضرور مرندو ۽ جيڪو هيڪر مرندو، سو ضرور وري جنم وٺندو. اِن ڪري جو اوس ٿيڻو آهي، اُن لاءِ شوڪ ڪرڻ نه کپيئي.

ڀڳوان ارجن کي سمجهائي ٿو ته آتما امر آهي، پر جي تون اهو نٿو مڃين ته به شوڪ ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟ نشچي ڄاڻ ته جيڪي هاڻي پڻ ٿا مرندا، اُهي وري ضرور جنم وٺندا. ڪنهن ماڻهوءَ وٽ اسان جا ۵۰۰ روپيه آهن ۽ هو ۲۵۰ روپيه ڏئي ٿو ته سياڻپ ته اِنهي آهي ته اهي ته وٺي هٿ ڪجن ۽ پوءِ ٻين جي گهر ڪجي ۽ نه ضد ڪري چئجي ته ۵۰۰ ئي يڪدم ڏي، نه ته اهي به نه وٺندس! ڀڳوان به خيال ڪيو ته ارجن منهنجو سمورو گيان نٿو مڃي ته نه مڃي. اڌ جيترو ته قبول ٿو ڪري. اِن ڪري چوي ٿو ته ڪٿي تنهنجو خيال ٺيڪ هجي ته به شوڪ ۽ موهه ڪرڻ بلڪل اجايو آهي. شوڪ ۽ موهه ۾ جيوت جو سک ناس ٿو ٿئي. آتما ئي ست وستو آهي. اُن ۾ ئي استٿت رهڻ گهرجي. سنسار جي سموري ڪارروائي ته قدرت جي وس ۾ آهي. جو ليکو آهي، سو ضرور ٿيندو. جي من آتما ۾ لڳل آهي ته سنساري ڏک درد نه ڏيندا، نه ته اهي ڏک وڏن وڏن کي ڪمزور ڪري ٿا ڇڏين.

اُهو مڃو ته ارجن ڪيڏو نه موهه ۽ شوڪ وچان دکي ٿيو! گيتا جو سمورو گيان ٻڌو هنئائين ۽ اُن کان پوءِ ٻڌ به ڪئي هنئائين ته به جهنگ ۾ ٻڃي وڃو ته ڀڃا مري وڃان نه راڄ ڪنهن لاءِ هٿ ڪريان؟ ڀڳوان چيس ته "ارجن! منهنجو ڏنل گيان سڀ وسري ويو اٿئي ڇا؟" ارجن چوڻ لڳو ته "هن وقت ته مون کي اوهان جو گيان ٻا ويدن جا وچن ڪجهه ٿا سجهن، مون کي اُهميو ڏيکاريو." شري ڪرشن ڪيس سرڳ ۾ ولي وڃي اُهميو ڏيکاريو. اُتي ارجن هن کي ڦيرڦير ڪري هٿ کان وٺڻ لڳو، ته اُهميو چيس ته ڇا جو

هوندو، سک ملندو ۽ سکيو. ڌرم ٻيج جو لعنڙو جالنداسين. ٻيو اهڙي سڀ انومان ڪري سگهنداسين ته اڄ جيئن نه ڪيل ڪرم ته عالي ڪرا تا ڏسڻ ۾ اچن، پر هن جنم ۾ انهن جو ڦل ٿو ملي، سمجهڻ لاءِ ته ڪي اهڙا ڪرم ڪيا هونداسين. وڻ جا ٻوٽا ڏسي چئون ٿا جو ٻيج ڪٿي آهي، جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ اهو هوندو ئي ڪونه، اهو دليل به غلط آهي. ٻيج ڪالهوڙو وڻ جا ٻوٽا ٿي نه ڏسبو. ڇاڪاڻ آهن جو وڻ هوندو ته انومان ڪبو ته هن وڻ جو ٻيج به ضرور هوندو. جڏهن انسان جا ڪرم نه درشٽي ڪان ٻاهر آهن ته آتما ڪيئن درشٽيءَ ۾ ايندو؟ جيئو جا ته ڪرم آهن ئي ڪونه؟ پوءِ ڪو سکي ڪو دکي ڇو آهي؟ لوچڻو سک دک ڇو ٿو اچي؟ گروجن به فرمايو آهي ته "نر اڇيڪ پاپ ٿي ڪري."

تنهنڪري سڀ وارا پرتيڪ پرمان سان گڏ انومان پرمان به مڃين ٿا، جنهن کي دونهون ڏسي ڄاڻبو آهي ته اتي باهه اوس هوندي.

ٽيون پرمان آهي اُپمان پرمان. ڪنهن به ڳوٺ هڪ ٻهڙون لڳندو آهي، جو ڪتي ڀهڙو لڳندو آهي. ڪو ماڻهو اتي وڃي ته اگر اهو جانور ڏسندو ته انهن سمجهندو ته اهو ڳرا هوندو. دنيا ۾ به ڪنهن جي ڀاءَ کي ڏسي سندس مهانڊي مان سمجهي چوندا آهيون ته فلاڻي جو ڀاءُ ٿا پيت آهي. ويدانتي لوڪ ته آڪاس وانگر آتما نه سرو وياپڪ آهي. آڪاس لاءِ چئون ٿا ته ٻاهر به آهي، مڪانن ۾ به آهي، دلين، مٽڪن ۽ ٻين برتنن ۾ به آهي. ان طرح چئي سگهجي ٿو ته آتما به سڀني جي اندر ۽ ٻاهر آهي. جيئن آڪاش دلي جي ٿڌڙا ڦيري ٿي لڳو ۽ ڇڪا ڪري ٿي ڇڏي، تئين آتما به شريرن جي جنم ۽ مرڻ ۽ جيئڻ ۽ مري لڳو اُنادي ۽ نت آهي.

چوٿون پرمان آهي شبد پرمان، جو سانکيہ وارا مڃين ٿا. ويسار ۾ گورن ۾ شاهدن جي، ڏانوءَ لي جيج ڪيس جو فيصلو ڪندو آهي. چلين وغيره جي اچڻ لاءِ اسين ڪرڪارين گرانن ٿا ۽ واپار هلي ٿو. پوءِ جڏهن ويدن شاسترن ۾ لکيل آهي ته آتما، رشي مني چون ٿا ته آتما سرو وياپڪ، اجر امر، ست چت آنند روپ آهي، ته پوءِ ڇو ڪين اسين انهن ڳالهين؟ گيتا ۾ ته ڀڳوان ڪرشن اهو به ٻڌايو آهي ته جو سرو ۾ موڻگي ڏسي ٿو، مان انکي ملان ٿو. ويدن شاسترن، رشين منين، اوتارن جي اُپديش ۽ الهامي وچنن تي وشواس نه ڪبو ته ڇٽي ته ڀالي سگهبي.

پنجون پرمان آهي، ارٿاپتي يعني ارٿ جي پراپتيءَ وارو. هڪ ماڻهو آهي جو ظاهري [illegible] ڏينهن جو ڪين کائي، پر آهي شرير ۾ ٿلهو متارو، تازو توانو. ته ان مان ضرور انهن [illegible] ته لڪي ڇپي رات ۾ ماڻهو کائيندو هوندو.

ڇهون پرمان آهي اُنوپلٻڌي، جو ويدانتي وارا ۽ ميمانسا وارا مڃين ٿا. ڪنهن کي [illegible] ته اندر وڃي دلو ڪڍي اچ. هو وڃي موٽي ٿو اچي ۽ چوي ٿو ته دلو ڪونه آهي. [illegible] ته هتي نه ثابت ٿو ڪري ته دلو ڪا چيز آهي. آتما پرابر ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر [illegible] آهي، انهن جي آثارن ٿي چئبو ته اسانکي ڏسڻ ۾ نٿو اچي پر آهي ضرور. پنهنجي

۾ ھوا ۽ مرڻ کانپوءِ بہ خبر نہ آھي تہ ڪيڏانھن ويندا ، رڳو ھن وچين وقت ۾ ھنن شريرن ۾ ظاھر آھن، انڪري ڪنھنبہ شرير لاءِ شوڪ ڪرڻ واجب نہ آھي . سڀني ۾ اسين ڪيترا پيدائش ۽ مائٽ ڏسون ٿا . اھي نہ سمجھڻ وقت بہ ڪوڙ ھئا ۽ جاڳڻ لي بہ ڪوڙ ٿا رھن . تڏھن اھي تہ سڀ خيالي ۽ اسپنا ھئا . ساڳيءَ طرح اھي شرير بہ سپني جي شريرن وانگر خيالي سمجھڻ گھرجن . جن جي ھڏي موڙھ آھي ، انھن کي ئي ھي جڳت سچو لو محسوس ٿئي ۽ ھو اجائي شوڪ موھہ ۾ پون ٿا . آھي تہ ھي جڳت سڀ چلا چليءَ جو ميلو ۽ ھر ڪو ، جو اچي ٿو ، سو ھليو ٿو وڃي ؛ خبر بہ نہ آھي تہ ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا وڃن . رڳو وچ ۾ ڪي پٽ ٿيا ، ڪي ڌيئر ، ڪي دوست ، ڪي مترو ، جيئن ٻيڙيءَ جي پور ۾ يا ٽاڏيءَ جي سواريءَ ۾ آد انھن جو ڪو پتو ڪونھي ، رڳو وچ ۾ سڀ گڏ ٿين ٿا .

شلوڪ ٢٩. ھن آتما کي ڪي اچرج روپ سان ڏسي ، اُن جو اچرج روپ سان اُپديش ڪن ٿا ، ڪي اھو اُپديش اچرج روپ سان ٻڌن ٿا ۽ ڪي تہ ان آتما بابت ٻڌي بہ ڪجھ نٿا سمجھن .

شلوڪ ٣٠. ھي ارجن ! جڏھن شرير جي ناس ٿيڻ تي اُن ۾ رھندڙ جيو آتما جو ڪڏاھين ناس نٿو ٿئي تہ پوءِ ڪنھن بہ پراڻيءَ لاءِ توکي شوڪ نہ ڪرڻ گھرجي .

آتما تہ روپ ، رنگ ، ۽ وڻ کان رھت آھي ، سو جيڪڏھن ڪو جگياسو اُن آتما کي گروءَ اٿوا شاسترن جي اُپديش دوارا ڏسي ٿو تہ اھو ھڪ اچرج چيز ۽ جو تہ آتما اندرين جي سمجھہ ۾ اچڻ کان پري آھي . ساڳيءَ طرح جيڪڏھن ڪنھن شش کي سندس گروءَ ھن نِراڪار ۽ اَواچ آتما جو اُپديش ٿو ڪري يا اھو شش اُن بابت ٻڌي ٿو تہ اھي ٻئي ڳالھيون بہ اچرج روپ آھن ، ڇو تہ آتما واڻيءَ جي وشيہ بہ نہ آھي . وڏي اچرج جي ڳالھہ اھا آھي ، جو گروءَ کان ٻڌي بہ ڪو ڪو جگياسو وشين ۾ آسڪت ھئڻ ڪري ھن ساڪي روپ چيتن آتما کي سچيءَ ريت نٿو سمجھي . اھاڻي تہ اَوديا جي مھما آھي . ھيءَ آتما عجيب وستوءَ وانگر اچرج روپ ان ڪري بہ آھي ، جو ظاھر ظھور ھوندي بہ اگيان سبب نہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي ، چيتن روپ ھوندي بہ جڙ وانگر پرتيت ٿئي ٿو . سڀني وڪارن کان رھت ھوندي بہ ناشوان ، اپرڪاشي ۽ ٻڌن ۾ پيل پرتيت ٿئي ٿو . جڏھن ڪو سچو جگياسو گروءَ جي شرن ۾ وڃي ٿو ، تڏھن گرو کيس ٻڌائي ٿو تہ "تت توم اسي" يعني "اھو برھم تون ئي آھين" . اھا اوديا نورت ٿئي لي تہ ھو حيران ٿو ٿئي تہ ھا شيءِ ڳولڻ نڪتس ، اھا تہ مان پاڻ آھيان . اُن وقت کيس اچرج لڳي ٿو . جي پين کي ٿا آتما جو گيان ٻڌائين تہ ٻڌڻ وارا بہ تہ پاڻ آتما آھن ۽ ٻين کي ڪنھن ٻڌائڻ بہ اچرج روپ آھي . شنڪر آچاريہ ٻڌايو آھي تہ سمجھائڻ وارو گرو اٿوا ٻڌڻ وارو شش ٻئي اصل ۾ آھين ئي ڪونہ . مٿي وسيشت بہ شري راميچندر کي چيو آھي تہ مان جو ھي اُپديش توکي ڏيان ٿو ، سو بہ اگيان کي قبول ڪري ،

پٽ ۽ ڇا جو ٻيءَ؟ مان برهما جي حڪم انوسار ١٦ ورهين لاءِ سنسار ۾ آيو هوس، سو سڌو سورو ڪري، هاڻي مان پنهنجي اصلوڪي گهر آيو آهيان. اهو ٻڌي ارجن جون اکيون کلي پيون. اهو دنيوي موهه وڃان شوڪ اڄ ڪلهه جو نه آهي، پر آد ڪان آهي.

سڪل سرشٽ ڪا راجا دکيا - هرکو نام جهت هوءِ سکيا.

ڪيترا وڏا وڏا راجائون به دکي ٿا گذارين. شاهه سڪندر انيڪ ملڪ فتح ڪيا، خزانا لاٿيا، پر سک نه مليس، جو نه آخر ڪيترن ڪونه هوس. "سرو روڳ ڪا اوکد نام"، يعني جن نام سان لڳي سڀ ڪجهه پائين ٿا ۽ سدائين آنند ۾ گذارين ٿا. هن سان ڪنهن ٻي خاڪ جي چمڪي ڏين ٿا ته ان ۾ به نام جو پرڀاءُ آهي ۽ اها خاڪ شريرا الوا من جا روڳ دور ٿي ڪري.

سنسار ۾ ٽن پرڪارن جا دک آهن- آڌي، وياڌي ۽ اُپاڌي. پر اهي سڀ وري ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن: درشٽ ۽ اَدرشٽ. جيڪي ڪيترن ٻاني مڪتب ليا آهن، انهن کي اهي دک نٿا ستائين. هو فقط پرارٻد ڀوڳنا ٿا پائين جيئن مرڻ ۾ اچن ٿا ۽ جڏهن ڪرمن جو ڦل ڀوڳي چڙهن ٿا، ته موڪش ٿا پائين.

درشٽ دک آهي جو ڪنهن مترياسنبنڌيءَ جو مرڻ يا ڪو بيو دک ڏسي دک ٿئي ۽ اَدرشٽ دک اهو آهي جو اڳين جنمن يا هن جنم جي ڪاڻ ڪرمن جي ڪري ماڻي ٿو. درشٽ سک چڱو شادين مرادين ۽ ڪن اُلسون ٿي ليمدڙ سک ڪي ۽ ادرشٽ سک آهي جو ڪن اڳ ۾ ڪيل ڀڄن جو ڦل اوچتو ڪنهن سک جي روپ ۾ ماڻي. جيئن مڪتب مدش ڪي به اهي سک دک پرارٻد انوسار ملن ٿا، پر هو سکن ۾ ڦولجن نٿا ۽ دکن ۾ گهبرائجي نٿا وڃن.

ارجن کي ڀڳوان چوي ٿو ته دربوڌن ۽ ٻين سڀني کي پنهنجي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ملڻو آهي. موت ته جڏهن ڪين اڳ ۾ ئي ماري ڇڏيو آهي پر تون رڳو نمت ٿيڻو آهين. جدا جدا ماڻهن جو مؤت جدا جدا نمت سان ٿئي ٿو، ته پوءِ تون ڇا به ڪرين ته ضرور ٻڌ ڪندين ۽ انهن کي ماريندين. پوءِ اجايو شوڪ ۽ موهه ڪري دکي ڇو ٿو ٿين؟ تون ڪتري پيو آهين، راجا آهين، ڏنش ٻاڻ ڪلي پاپين کي ڏنڊ ڏيڻ تنهنجو فرض ۽ ڌرم آهي. هن کي ڪرمن جو ڦل ائين ملڻو آهي، سو ڇا تون منانڻ ٿو چاهين؟ هو مرڻا تنهنجي ئي ٻاڻن سان آهن ته پوءِ ڪيئن تو اهو روڪي سگهين؟

شلوڪ ٢٨. هي ڀارت! هي جي پراڻي تون ڏسين ٿو، اهي (هاڻوڪن شريرن ۾) آد ۾ نه هوا ۽ انت ۾ به نه هوندا، رڳو هاڻي وچ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ان ڪري انهن لاءِ شوڪ ڪرڻ اجايو آهي.

ڀڳوان چوي ٿو ته هي جو پيشر پنڄ مهاڀوت، دروڻاچاريه آدي پراڻي هاڻوڪن ڀڄن تن جي استوُل شريرن ۾ آهن، اهي هن جنم کان اول ڄمر نه آهي ته ڪم هئا ۽ ڪنهن شريرن

ڌرم شاستر ڄاڻائين ٿا ته جيڪڏهن ڪو ڪشتري سچي ڌرم جنگ لاءِ وڙهي ٿو ۽ سر ڏئي ٿو ته هو سڌو سورڳ ۾ وڃي ٿو. ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو ته اهي هن ڌرم يُڌ ۾ ڀاڳ ڏيکاري ٿو. اُن ڪري مرندين ته سورڳ ماڻيندين ۽ جي سوڀ ملندءِ ته ڌرتيءَ جو راڄ ڀوڳيندين. پنهنجي ڌرم ۾ موت اچي ته به ڪلياڻ ڪرڻ وارو آهي، مگر جو پنهنجي ڌرم کي ڦٽو ڪري، اهو هت به دکي ۽ پرلوڪ ۾ به ڪشٽ ٿو ڀوڳي.

گرو گوبند سنگهه جي صاحبزادن جو اتهاس ٿي ڏسو ته ڪيئن ڪشتري ٿي ننڍڙا ٻالڪ ڏلي وڃي ته به پنهنجي ڌرم تي قائم رهيا. هڪ ۷ ورهين جو ۽ ٻيو ۹ ورهين جو، ٻئي اهڙي ننڍڙيءَ اوستا ۾ به اهڙي ته آتمڪ شڪتي هئن، جو ڌرم تي ... ڏنائون پر هٽيا ڪين. حقيقت راءِ به ننڍڙيءَ اوستا ۾ مسلمان حاڪمن جو ظلم سٺو، پر ڌرم تي قائم رهيو ۽ بلڪل خوشيءَ سان جان ڏنائين. راجا هرشچندر ڌرم تي قائم رهڻ خاطر ڪيڏا نه ڪشٽ سٺا! راڄ ڀاڳ ڏنائين، راڻي ۽ پٽ وڪيائين ۽ پاڻ به هڪ چنڊال وٽ وڪڻي مسافري تي رهيو، پر ڌرم تان ڪين هٽيو، ته ڌرم به سندس رکيا ڪئي. ڪنهن به ڌرم يا مذهب ۾ ڌرم جي وات بند نه آهي. وقت تي ڪم ايندڙ هن يا پورب جنم جا ٻيج ڪرم آهن. ڌرم ڏسو ته دروپديءَ جي ڪيئن نه دشٽ راجا دريوڌن جي سڀا ۾ رکيا ڪئي! ڌن، مال، ڪٽنب ڪجهه به نه لوڪري سگهي، پر پنهنجو پاليل ڌرم وقت تي اوس ڪم اچي ٿو. اڪيلي جهنگل ۾ ڏاڪڻ ۽ مرڻ جي دم، ڪال، بڇ ٻيماريءَ ۾ شترن جي وچ ۾ ڏکن ڪشٽن وقت رڳو ڌرم ئي ڪم اچي ٿو. گرهست جو سک به ڌرم جي ڪرمن جو ڦل آهي. جڏهن منش ڌرم تان ڪري ٿو، تڏهن دک سهي ٿو. راجا ڍِشٽر اهڙو ته ڌرم تي پريڪ هو، جو آخرين وقت ۾ به ڌرم هڪ ڪتي جو شڪل ڌاري ساڻس گڏ هماليه پربت تي ويو. جڏهن سڀ پانڊو ڀائر ۽ دروپدي هڪ هڪ ٿي برف ۾ ڪري مري ويا، تڏهن راجا ڍِشٽر سان رڳو اهو ڪتو اچيو. آخر ڌرمراءِ راجا ڍِشٽر کي سورڳ ڏي وٺي وڃڻ چاهيو پر راجا چيو ته هي ڪتو به هلندو، ڇو ته هي هر وقت منهنجي سنگ ۾ رهيو آهي. ڌرمراج چيس ته ڪتو سورڳ ۾ ڪين هلي سگهي. راجا چيو ته پوءِ مان به نه هلندس. ائين ان ڪتي مان ڌرمراج پاڻ پرگهٽ ٿي چيس ته راجن! مان ئي ڪتي جي روپ ۾ توسان انگ سنگ رهندو آهيان، ڇو ته تون هميشه پنهنجي ڌرم تي پريڪ رهيو آهين. ڀڳوان به ارجن کي چوي ٿو ته هي ڌرم يُڌ پاڻيهي تنهنجي اڳيان آيل آهي، تو کي ڪا ته ڪانه ورتي آهي، ان ڪري هاڻي تون پنهنجو فرض پال.

شلوڪ ٣٣. هي ارجن! جيڪڏهن اِن هوندي به تون پنهنجي ڪشتري ڌرم موجب هيءَ ڌرم يُڌ نه ڪندين ته پنهنجو ڌرم ڇڏي، پتت ٿيندين ۽ يش به وڃائي پاپ جو ڀاڳي ٿيندين.

ڪو شايد چوندو ته ارجن ڌرم نه ڪيو ته ڪو اڌرم ته ڪونه ڪيائين، پوءِ ڀڳوان هي

نه ته گيان ۾ نه ڪو گرؤ آهي ۽ نه شش. پرم هڪ آهي، اهو ڄاڻڻ ئي اگيان آهي. هڪ ٿيڻ ئي ڪمو، جڏهن دويت جو خيال اندر ۾ هوندو.

ڀڳوان واليءَ ڀائيءَ جي جي راجا سڪرڌج کي آتما جي کوج ڪرڻ لاءِ اپديش ڪيو، جنهن ڪري هو ان کوج ۾ لڳو، مگر ١٨ ورهين جي کوج ڪانپوءِ سمجهايائين ته اهو آتما مان پاڻ آهيان. تڏهن تو جيئي ته آتما اشچرج روپ آهي. ان آتم گيان ڄاڻڻ وارا ته اڄرج ۾ پون ٿا، ٻڌڻ وارا ته اڄرج ٿا ڪائين ته هي آهي ڇا؟ پر مايا اهڙي ته پرٻل آهي، جو سڀ ڪجهه سمجهي، ڄاڻي، ٻڌي به اصل ۾ ڌارڻ ڪرڻ وارا ڪي ورلا آهن. ڏسندي، ڄاڻندي ۽ ٻڌندي به آتم تتو نه سمجهڻ ۾ اچي. ڀڳوان صاف ٿو ٻڌائي ته اهڙو ئي اڄرج روپ آتما نت آهي ۽ رکو شرير مرن ٿا، سو اهو گيان حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

شلوڪ ٣١. هي ارجن! وري تون پنهنجي ڌرم کي ڏس. توکي (اجايو هراسجي) لوڏا کائڻ مناسب نه آهي، ڇو ته کتريءَ لاءِ ڌرم يڌ کان ٻيو ڪو به وڏيڪ شڀ ڪرم ڪونه آهي.

ارجن کي ڀڳوان چئي ٿو ته وهواري خيال کان به تون کتري آهين ۽ کترين جو ڌرم يڌ کان هٽڻ واجب نه آهي. کتري ڌرم انوسار هن لڙائيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا به ڪلياڻڪاري ڳالهه نه آهي. ارجن جي لاءِ ڀڳوان اسان سڀني کي اهو اپديش ٿو ڪري ته وقت ڪال ۾ به پنهنجي فرض يعني ڌرم جو خيال ڪرڻ گهرجي، ته ته دک دور نه ٿيندا. هر هڪ مدش جو پنهنجو پنهنجو ڌرم آهي. ماتا پتا جو پنهنجو فرض آهي، پتر جو پنهنجو ڌرم آهي، ٻال جو پنهنجو ڌرم آهي. جيڪي پنهنجو ڌرم يا فرض وساري اتي هلڻ ٿا، اهي دک پراپت ڪن ٿا. شاستر ۾ ڄاڻايو آهي ته ڌرم اها ڪريا آهي، جا هن لوڪ ۾ به سک ڏئي، پرلوڪ ۾ به سک ڏئي ۽ ٻنهي لوڪن ۾ سڌي پراپت ڪرائي. پنهنجي ڌرم تي هلڻ ڪانسواءِ انتهڪرڻ شڌ نه ٿيندو ۽ نه سک ملندو. انڪري اول پنهنجي ضمير کي شڌ ڪرڻو آهي ۽ پوءِ تپ ويراڳ ايندو ۽ شانتي ملندي. ان ڪانپوءِ تي ايشور ۾ ڌيان لڳندو، جنهن کي يوگ ٿو ڪوٺجي، ان يوگ مان آتم گيان حاصل ٿيندو ۽ ان مستيءَ ۾ آتم پرماتما سان ايڪتا حاصل ٿيندي، يعني موڪش پراپت ٿيندو. ڌيان هڪ وڏي شڪتي آهي. راڌڪا ايندو ته ڪرشن جو ڌيان ڪيو، جو من جي اوستا ته ڇا پر شرير جي سروپ ۾ به اهڙي ڪيس طالعت ملي، جو گوپيون سڃاڻي نه سگهيون ته راڌڪا آهي يا ڪرشن! جنهن جو ڌيان ڪجي ٿو، اهڙو ئي ٿي پئجي ٿو. هن ملڪ ۾ کترين جو تعداد گهڻو وڌيڪ آهي، پر اهو وساري ولش واپار ڏي وڃي پيا آهيون، جنهڪري ملڪ جو حال هيٺو آهي. جڏهن سڀڪو پنهنجي ڌرم يا فرض تي پورو رهندو، تڏهن سڀ سکي ٿيندا. گهر ۾ تڏهن سک شانتي ٿئي ٿي، جڏهن هرڪو پنهنجي فرض پالڻ ۾ تتپر رهي ٿو.

شلوڪ ٣٢. هي پارٿ! سڀاويڪ طرح پراپت ٿيل ڄڻ ته سرڳ جي کليل ٻاري وانگر هيءَ ڌرم يڌ وڏن ڀاڳن واري کترين کي پراپت ٿيندي آهي.

ڀڳوان ڪيس هڪ ٻي به ڳالهه ٿو چوي:

شلوڪ ۳۷. يڌ ۾ وڙهندي مارئو وئين ته سرڳ پراپت ٿيندءِ. جي کٽيءِ ته پرٿويءَ جو راڄ ماڻيندين. [توکي ٻئي لعل هٿ ۾ آهن]. اِنڪري هي ڪنتي پٽ ارجن! اُٿي کڙو ٿيءُ ۽ يڌ ڪر.

ڀڳوان جي هيڏي ساري اُپديش ملندي به ارجن اڃا همٿ ڪري نه پيو آهي، تڏهن ٿو ڀڳوان چويس ته اُٿي کڙو ٿيءُ. ارجن هاڻي سوال ٿو ڪري ته ڀڳوان! ڀلو اوهان جون سڀ ڳالهيون نيڪ آهن ۽ مڃان ٿو ته آتما برابر نه ٿو مري، ۽ ڌرم جا فرض به پالڻا آهن، نه وڙهندس ته بي عزتي به برابر ٿيندي، پر چاهين کي مارڻ جو پاپ مونکي ڪين لڳندو؟ پوءِ يڌ ڪري اهو پاپ جو بوجو سر تي ڇو کڻان؟ ڀڳوان سندس اِن شنڪا مٽائڻ لاءِ چويس ٿو:

شلوڪ ۳۸. سک ۽ ڏک، لاڀ ۽ هاڃيءَ، جيت ۽ هار کي هڪ جهڙو سمجهي، من ۾ جيت جو خيال ئي نه آڻي، نڄو فرض سمجهي، ڌرم لاءِ يڌ ڪر، ته توکي ڪوبه پاپ نه لڳندو.

اڳين لڙاين ۽ هاڻوڪين جنگين ۾ گهڻو تفاوت آهي. اڳي لڙايون شاسترن جي مريادا انوسار لڙبيون هيون. جنهنڪري جوڌا پاڻ ۾ ڌرم انوسار وڙهندا هئا، پر هاڻي لڙائيءَ ۾ ڇڙي ڪيڏ ۽ ڪپٽ ٿو هلي، جنهنڪري وڙهندي پاپ جا ڀاڱي ٿا ٿين، خاص ڪري ڇو ته هاڻي سڀڪو جيت لاءِ ٿو يڌ ڪري، جنهنڪري انيڪ چالبازيون ٿيون ڪرڻيون پون. اهڙين جنگين ڪرڻ وارا ۽ ڪرائڻ وارا ٻئي پاپ جا ڀاڱي ٿا ٿين.

علاوالدين بادشاهه ڀيمسين راجا جي راڻي پدمنيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، اُتلاءِ ڪهڙي نه ڀوري جنگ ڪئي ۽ ڪيتري نه خونريزي ٿي؟ هزارين ماڻهو مئا ته ڇا اها هن جي ڪا ڌرم يڌ هئي؟ هو نه نرڪ جو ڀاڱي بڻيو ۽ هٿ به ڪجهه نه آيس، ڇو ته پدمنيءَ ته اول ئي پنهنجو شرير ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو هو. گرو گوبند سنگهه جيڪا مغلن سان يڌ ڪئي، سا محض ڌرم جي رکيا لاءِ. هن کي نه ڪو راڄ کپندو هو ۽ نه مال ملڪيت. هن ته همڪاري پنهنجو سرونس ۽ ملڪيت ڌرم تان قربان ڪيو. جي هو به ڪا خودغرضي رکي يڌ ڪري ها، ته اها به پاپ مڃي ٿئي ها.

ڀڳوان رام ٻاليءَ کي لڪي ماريو ته سندس آتما به اُن ڪرم لاءِ ذميوار ٿي ۽ ڪرشن اوتار ۾ ٻاليءَ جي آتما هڪ ماريءَ جي روپ ۾ ان جو ڪاٽڪس بدلو ورتو. شري رامچندر جو لڪي مارڻ ۾ ڪو ڪپٽ يا کوٽ جو ڀاءُ به نه هو، پر هڪڙي خبر هئي ته ٻاليءَ کي ور مليل هو ته جيڪو به سامهون ٿي يڌ ڪندو، ته ان جو اڌ بل ونس هليو ايندو. ان ڪري ڀڳوان هن جي روبرو ظاهر ٿي ڪين پاڻ نه هنيو، پر ڀڳوان کي سگريو جي جند به ته سرور ڪرڻي هئي، انڪري وڻ جي اوٽ ۾ لڪي ٻاليءَ کي تير هنيائين. ٻالي ٻالي برابر

سختي وچ ڪيس ڇو چيو ته پاپ جو ڀاڱي ٿيندين؟ ڪو چار پئسا دان ڪري ته ڀلي نه ڪري ته به پاپ نه ٿو لڳي. ڪونه، پر جي نه ڪري ته پاپ ته گهٽ ۾ گهٽ ڪونه ڪيائين! جو سندا واندن ڪري ٿو، ته ڇڱو، پر جو نٿو ڪري، ان کي پاپ جو ڀاڱي ڪهڙي؟ شپ ڪرم ڪري ته ڀلي، پر جي نه ڪري ته ڏوھ ته نه ڪيائين؟ مگر شاسترن نيم ۽ فرض لاھيا آهن. جيڪو اهي نيم ۽ فرض پالن ڪري ٿو، اهو ڌرم ٿو ڪري؛ پر جو نٿو ڪري، سو ڄڻ پاپ ٿو ڪري. سو ڪيئن؟ هڪ ته ڌارمڪ ڪرمن کان دور هوندا، سمن لاءِ ضرور خراب خيال ايندا ۽ پاپ ڪرم ڪندا. ارجن جيڪڏهن ڌرم يڌ نه ڪري ها، ته ضرور پاڪنڊ سان ڪورون سان ٻڌڻ جو خيال اچيس ها، برا خيال ڪري ها ۽ خيالن مان ئي آخر ڪرم ٿين ٿا. ٻيو ته فرض ادا نه ڪرڻ به ته ڏوھ آهي. جيڪي فرض انسان تي ورڻ ڌرم انوسار لازمي آهن، اهي پوريءَ طرح بجاءِ نه آڻڻ به ته گناھ چئبو. ڪو نوڪريءَ ۾ ڪم نه ڪري، پر ڏنگائي به نه ڪري ته الٻن چئبو، جا ته چور ته ڏنگائي ڪرڻ ٿو ڪري، ته سزا ڇو ملي؟ ڪم جا فرض نه ڪيائين، پر پگهار وٺي کاڌائين ته اهو به ته گناھ ۽ پاپ ٿيو. انڪري شاسترن جو واڪ آهي ته جو ڌرم تي نٿو هلي، فرض پالن نٿو ڪري، اهو پاپي آهي، سو بڇارمڪ آهي.

شلوڪ ٣٤. لوڪ هر هنڌ تنهنجي بدناموسي ڪندا ته ڪائر ٿي ڀڳو، ۽ خانداني ۽ شريشٽ پرشن جي بي عزتي ۽ نندا مرڻ کان به وڌيڪ ڏکدائڪ آهي.

ارجن ڀڳوان جو پرم متر ۽ ڀڳت آهي ۽ سڀني شرن ۾ اول آهي ۽ منش ڪڏهن به اهڙي مونجهاري منجهان وات ٿا کولن. انڪري ڀڳوان کيس نيڪ صلاح ٿو ڏئي. ڌرم تي هلڻ وارو ڀڳوان جو ڪلياڻڪاري اپديش اسان مان هر هڪ لاءِ آهي ۽ نه رڳو ارجن لاءِ هو. جو ته ڌرم تي هلندڙ انسان نه رڳو منش پر ديوتائون به لهن ٿا. جيڪو منش پنهنجو ورن ڌرم نٿو پالن ڪري، ان تي دوش لڳي ٿو ۽ هن جي اپڪيرتي ٿئي ٿي.

شلوڪ ٣٥. هي جو وڏا وڏا مهارٿي ۽ ٻيا ڀڙوڌا آهن، سي سڀ ائين سمجهندا ته تون خوف وچان يا موت جي ڊپ کان ڀڄي ويو آهين، (هو تنهنجي موھ کي ڪونه سمجهندا). جيڪي تو کي مهارٿي سمجهي ويٺا آهن، اهي تو کي سڀني کان گهٽ ڄاڻندا ۽ ڌڪار جي نظر سان ڏسندا.

شلوڪ ٣٦. تنهنجا شترو تو لاءِ نه چوڻ جهڙا لفظ چوندا [ته ارجن اجا نپونسڪ آهي، ڇو جو سراپ مليل ڪري هڪ سال هو ان طرح ٿيو هو]. تنهنجي شڪتيءَ جي هو نندا ڪندا. پوءِ ان کان متي تو لاءِ ڪهڙو ڏک ٿيندو؟

ڀڳوان هاڻي ارجن کي وهنواري ڌرم ٿو سمجهائي ته ساري عمر تنهنجي بي عزتيءَ ٿيندي ۽ سنسار تنهنجو مان ۽ عزت خاڪ ۾ ملي ويندا ۽ تون اهڙو ته دکي ٿي پوندين جو هاڻ تو لهنجو موھ وچان دک ان دک انجان لهي سان ٿيندو.

اُن ۾ جي پوري وڌي نه رکي سگهجي ته ڪو ڪشٽ ته نه ٿيندو يا اهڙو ڦل ته نه ملندو. جيئن ديوين ديوتائن کي راضي ڪرڻ لاءِ جي منتر آهن، اهي پوريءَ وڌيءَ انوسار نه اچارجن ته ڦل هيڪاري اُلٽو ٿو ملي ٿو ۽ ڪمترا پرش اِن ڪري پاڳل ٿي ٿا پون يا ٻيا شرير جا دک ٿا پائين. اِن شنڪا دور ڪرڻ لاءِ ڀڳوان چوي:-

شلوڪ ٣٨. هن طرف ڪيل ڪوشش ڪنهن به طرح اڪارٿي نٿي ٿئي ۽ نڪي ڪنهن چوڪ وغيره ٿيڻ ڪري ڪو دوش ٿو لڳي. هن (ڪرم يوگ) کي ٿوروئي ڌارڻ ڪرڻ سان منش جي وڏي ڀؤ کان رکيا ٿئي ٿي.

دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو ڀؤ آهي ته هن سنسار ساگر ۾ ٻڏڻ جو. ڀڳوان صاف ٿو ٻڌائي ته يگيه، دان، تپ آدي نشڪام ڪرمن ڪرڻ سان دنيوي ڦل ته ڀاڳيهي ملي ٿو، جو ناسونت آهي، پر انتهڪرڻ جي شڌيءَ روپي ڦل به يڪدم ملي ٿو، جو بلڪل ناس نٿو ٿئي ۽ هيڪاري اِن شڌيءَ ڪري اگيان پاپ به ناس ٿين ٿا ۽ آتم-گيان ملي ٿو. ارجن کي خاطري ڏيڻ لاءِ ڀڳوان ڪيس بلڪل صاف ٿو سمجهائي ته ٿوروئي هن ڪرم يوگ تي هلڻ سان ته لکين جا ڀاري دک به ناس ٿي ويندا. مطلب ته ڀڳوان وڏو دئيا جو ڌر ڪولي رهيو آهي، جو اسان سڀني جي ڪلياڻ لاءِ آهي. اِهو ڪبي ڪيئن به ياد ڪجي، پرپر وچان يا وڌي سان، ته به ڪلياڻ ٿئي ٿو. جهڙيءَ طرح کيتيءَ ۾ ٻج ڪيئن به وجهون اهڙو يا سٺو ته سلو ضرور اُپرندو، اِن طرح نشڪام ڪرم به ڪو برو ڦل نٿا ڏين، هيڪاري دکن کان ڇڏائين ٿا ۽ ٻنڌن کان مڪت ٿا ڪن.

شلوڪ ٤١. هي ارجن! (آتم تتو ۾) نشچي ڪرڻ وارن جي ٻڌي هڪ ٽڪ يعني اسٿت آهي، پر جن جي ٻڌي اسٿر نه آهي، اُنهن جا خيال اڪيچار ۽ قسمن قسمن جا آهن.

گيانوان ڪروڙين ڪٺي هجن ته به انهن جو مت هڪ هوندو، پر هڪ اگيانيءَ جو مت ته روز روز نئون ٿيندو.

وچار مالها ۾ آيو آهي:

انامڪ سن گياني ڪوٽ (ڪروڙين) ڪر نشچيه نج مت ايڪ،
ايڪ اگياني ڪي هئي (هردي ۾) ورلت متي انيڪ.

آتما نت آهي ۽ شرير سڀ ناسونت آهن، اِهو گيان ڪروڙين گيانوانن جو هڪجهڙو آهي. ڌرمن مذهبن ۾ جي جهڳڙا ٿين ٿا، اُهي سڀ اگيان وچان آهن. سڀني جو آتما هڪ پرماتما آهي، اِن ڪري جيڪو ڌرم يا مذهب ٻئي ڌرم تي حملو ٿو ڪري، اهو ضرور ٻاڻ ڪمزور هوندو. اگياني منش هميشه ڀٽڪندو رهي ٿو، جو ته هن جي ٻڌي اسٿر نٿي ٿئي ۽ ڦرندي رهي ٿي.

هو، جو ته ٽنڊي پاڻ جي اسٽري کسي پاڻ وٽ رکي ڇڏي هئائين، ته به ڀڳوان خود محسوس ڪيو هو ته لکي ڪيس مارڻ ٺيڪ نه هو، جو ته جيت جو خيال رکڻ به نه گهرندو هو. مطلب ته اهو دوش ڀڳوان تي به لڳو. جڏهن ڪوبه ڪرم ذاتي لالچ لاءِ ڪجي ٿو ته پاپ ضرور لڳي ٿو، پر جيڪو ڪرم ڌرم ۽ فرض سمجهي، نشڪام ٿي ڪجي ٿو، ان لاءِ ڪوبه پاپ يا دوش ڪونه لڳي، ڀلي اهو ڪرم هنسا وارو به هجي.

شلوڪ ۳۹. هي ارجن! مون توکي هن کان اڳ سانکيه شاستر انوسار برهم گيان جو اپديش ڪيو، هاڻي تون ڪرم يوگ جو گيان ٻڌ، جو حاصل ڪري، تون ڪرمن جي بندنن کان آجو ٿي پوندين.

ڀڳوان سمجهائين ارجن کي سانکيه تتو انوسار گيان جو اپديش ڪيو ته سڀ ڪم وويڪ سان سمجهي ڪرڻ گهرجي. هرهڪ جيو ۾ اهو وويڪ آهي. منش الوا ديوتا سڀني ۾ وويڪ آهي. اسين ان جو آواز ٻڌون يا نه، ان جي صلاح جو فائدو وٺون يا نه، اهو اسان تي منحصر آهي. جيڪي وويڪ جي آواز کي ٻڌي به رهيا ٿا ڇڏين، انهن جو وويڪ ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي ۽ ان جو آواز به گهٽبو وڃي ٿو ۽ آخر مري ٿو وڃي. ڀڳوان ڏٺو هو ته ارجن جو وويڪ ڪمزور ٿي ويو آهي، ان لاءِ ڪيس اول وويڪ کي جاڳائڻ لاءِ آتم گيان جو اپديش ڏنائين ۽ جدا جدا نمونن سان سمجهايائينس ته آتما کي ڪوبه ڪنهن به طرح ناس نٿو ڪري سگهي ۽ هو نت ست چت آنند سروپ آهي. ڀڳوان ڏٺو ته آتم گيان ته پري رهيو، پر ارجن کي پنهنجي ورڻ ڌرم جي به پوري ڄاڻ نه آهي. وديا ته ڪتري ڌرم جي پڙهي ۽ پاليائين، پر ان تي هلڻ نٿو اچيس، ان ڪري ان جو به ڪيس اپديش ڪيائين ۽ وهنواري ڌرم به سمجهايائين ته جي ٻڌ نه ڪندين ته گلارو ٿيندين ۽ سڀڪو ڪائر سڏيندءِ. ڪيس اهو به ٻڌايائين ته سک دک، هاڃي لاڀ، جيت هار جو خيال ڇڏي، پنهنجو ڪتري ڌرم پال ته توکي ڪوبه پاپ نه لڳندو. اڳتي هلي هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ڪرم يوگ جو اپديش ڏيڻ ٿو چاهي، اِنڪري ته اهو يوگ ڪمائي ڪرمن جي بندنن کان آجو ٿي پوي. اهو ڪرمن جو سمبنڌ انيڪ جنمن کان هليو ٿو اچي.

گرو گوبند سنگهه جن جڏهن هڪ دفعي شڪار ڪرڻ ويا ته هڪ شير ٻن ۾ ڏٺائون، جنهن کي ڪوبه ماري نٿي سگهيو. يوگ ٻڌيءَ سان گروجن ڄاتو ته دواپر ۾ هو راجا جئدرٿ هو، جنهن مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ دوکو ڪري وير ابيمنيوءَ کي ماريو هو ۽ پوءِ ڪيس ارجن ماريو هو. گروجن هن جو شڪار ڪري سندس گتي ڪئي. مطلب ته هڪ جڳ نه، پر ڪيترن جڳن تائين اهو بندڻ هلي ٿو. ان کي ٽوڙڻ لاءِ يوگ ٻڌي کپي، جنهن کي سر پاڻ به ڪونهي ٿو. يعني سک دک، جيت هار، مان اپمان، گرمي سردي سڀ ۾ هڪ سمان رهي ۽ سڀ ڪرم ڌرم سمجهي ڪجن ۽ ڦل ايشور جي هٿن ۾ ڇڏجي. ائين ڪرڻ سان ڪوبه بندڻ نٿو لڳي ۽ ڇٽڪارو به جلد ٿو ٿئي.

ارجن اچي سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! ڪرم يوگ ٻڌيءَ جو جيڪو اپديش ڏيڻ ٿا چاهيو

ڏئي ڇڏي ته هو ڪنهن گهر جي مالڪياڻي ٿو بڻائي. اِن طرح جيڪو ايشور جو سچو ڀڳت ٿئي ٿو ۽ ڀڳوان ساري برهمانڊ جا پدارٿ اُن جي اڳيان رکي ٿو، جن اڳيان سرڳ جا سک ۽ ڌن پدارٿن جا سک تُچ آهن.

ڪبير ڀڳت کي ويچارو خوار ڪرڻ جي خيال کان سوين هزارين ماڻهن کي ڪبير جي نالي ۾ پترڪائون موڪليون ته مون وٽ ڀڳت آهي، سو اچو. ڀڳوان اهو ڏسي، ڀڳت جو ڪم پاڻ راس ڪيو. پاڻ ڪبير ٿي، لڪشميءَ کي لوڻي بڻائي ۽ ديوتائن کي مددگار ڪري سان، ڀڳت جو ڪم اهڙي ته پريم ۽ آدرتا سان پورو ڪيائين، جو سڀ واهه ڪبير، واهه ڪبير ڪندا ڪاني ئي موٽيا. ڪبير ته پاڻ ڪٽنب سميت وڃي جهنگل ۾ سندس ڀڳتيءَ ۾ ويٺو، چالاڪ ته جڏهن پترڪائن جو ٻڌائين ته خيال ڪيائين ته مون ۾ ڪهڙي شڪتي آهي، جو ايڏو وڏو ڀڳت ڪريان، جو هزارين ماڻهو ڪاٺين ۽ ڪين ڏڪائون ته ڏيئي راضي ڪريان؟ پر پرماتما ڀڳتن جا سڀ ڪم پاڻ ٿو راس ڪري ۽ هنن جي هٿن ۾ به رڌيون سڌيون ڏئي ٿو. ڪبير پاڻ منهن ڏني ها ته به ڀڳوان اهو ڪارج سڌ ڪرائيس ها، پر هو نماڻائيءَ وچان وڃي پري ويٺو ۽ ڀڳوان سارو ڪم پاڻ پنهنجي سر ڪيو.

شلوڪ ٤٥. هي ارجن!! (ڪرم ڪانڊ روپ) ويدن ۾ ٽن گڻن (ستو، رجو ۽ تمو) جو ويچار ورنن ڪيل آهي. انهن ٽنهي ڪان ٽون مٿي ٿي پئو ۽ نردوند (يعني ورودي جوڙن گرمي سردي، سک دک، فائدي نقصان، شترو متر، جيت هار، مان اپمان، ساراهه نندا وغيره ڪان آجو) ٿي، هميشه ستوگڻي سڀاءَ وارو ٿي، يوڳن پدارٿن جي پراپت ڪرڻ يا انهن جي رکيا ڪرڻ جي چنتا نه ڪري آتم پد ۾ استٿت رهه.

ڀڳوان سچن ڀڳتن جو يوگ کيم پاڻ ٿو ڪري ۽ هنن کي انهن لاءِ ڪا ڪوشش ڪرڻ به ضروري نه آهي. هنن کي انهن لاءِ اُپاءَ ولٽا پون ٿا، جيتوڻيڪ ڪرڻ وارو ايشور ئي آهي.

جڏهن مٿين ٻن شلوڪن (٤٣ ۽ ٤٤) جو اُپديش ارجن ٻڌو ته ڪيس ورائي شنڪا ٿي ۽ ڀڳوان کان پڇڻ لڳو ته سڪام ڪرمن ڪرڻ وارن کي انتهڪرڻ جي شڌتا نه هئڻ ڪري برهم نشچي واري ٻڌي نه ٿي پراپت ٿئي، پر ساڌيا ني ڪرم (اگني هوتر آدي) نشڪام پرشن کي به سرڳ آدي ڦل ته ضرور ڏيندا ـ پوءِ انهن کي نه ته آتم گيان ۽ اُنڪ نيڻ گهر جي، جيئن سڪام پرشن کي ٿئي ٿي. هن شنڪا جي جواب ۾ ڀڳوان مٿيون شلوڪ اچاريو.

چار اوستائون جيئون ويٺيون آهن: جاڳرت، سپن، سکوپت ۽ تريا. پهريون ٽي شرير جون آهن ۽ چوٿين آتما جي آهي يعني گيان اوستا. پر اهي چارئي مايا ۾ آهن. انهن کان ٻه اوچي، آتما جي نرمل پد ۾ اچڻ لاءِ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ورنن ٿو ڪري. جيڪو چوٿي ٿيو ته موڪش گيان آهي ته چوٿو ته هن ۾ اچا پد آهي. آتم ۽ پاڻ جڏهن هڪ ٿيو ته پوءِ

دنيا کي جهنگلن ۾ ڳولهي دل ڀٽڪي رهيا، انڪا ڀاڻ جو آج، تو ڪل ڳوهان اٽڪ رهيا، مسجد ۾ ڦس گيا، ڪڀي مندر ۾ جا ڦسا، ڇونا جو ڀاڻ سي آج، تو ڪل وهان اٽڪ رهيا، هندو ڪا اور ڪسي ڪو اسلام ڪا غرور، ايسي هي واهيات ۾ هر اڪ ڀٽڪ رهيا، وه هر جڳهه موجود هئي جسڪي تلاش هئي، آنکون ڪي آگي پرده غفلت لٽڪ رهيا.

ڀوڳ ڀڳيءَ واسطي اول نشچي واري ٻڌي گهرجي، يعني جو اُپديش ٻڌجي، ان تي پورو نشچو رکي، عمل ڪجي. اڄ ڪلهه ته اُپديش ڪرڻ وارا ته هڪ نشچي جا نه آهن ته ٻڌندڙ وري ڪٿان ٿيندا؟ جدا جدا مَتن وارن جا اُپديش ته ٻڌڻ هاڃيڪار آهن، جو ته ٻُڌي ڀڳيءَ ۾ پوڻ تو بدلا ٿئي ۽ ٻڌي ڀرشٽ ٿيو پوي.

شلوڪ ٤٢. هي ارجن! ويچار هيڻ پرش (جي ست اَست جي ويچار کان رهت آهن) رڳو ويدن ۾ ڏيکاريل سرڳ آدي سکن تي اکين چڪن ٿيا آهن ته سمجهن ته اُن کان مٿي ڪجهه به نه آهي.

اَگياني پرش سڪام ڪرمن لاءِ ئي اُپديش ڪن ٿا، جن جو بيان ويدن جي ڪرم ڪانڊ ۾ آيل آهي، پر هو ويدن جي سکيا جو سچو ڀاءُ آتم گيان جو ڪونه ٿا سمجهن ۽ ڏيهن راڳ من ۾ ڪلپنائون آڻن ۽ هن لوڪ ۽ سرڳ جي سکن جي ڪامنا ۽ پيار رکي انهن کي ئي ڪل ڄاڻن اکين ۾ پيا ساڙاهين.

شلوڪ ٤٣. دنيوي ڀوڳن پدارٿن جي ڪامنائن ۽ آخر سرڳ جي پراپت کي ئي آخرين مقصد ڄاڻي ڪري، هو اِئين چئي ته "ڪرم ڦل کان سواءِ ٻيو ڪو ٻه گيان جو ڦل اصل ڪونهي"، هو ڀوڳن ۽ وڏائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرمن ۾ لڳا رهن ٿا.

شلوڪ ٤٤. اهڙن ماڻهن جو چت ڀوڳن پدارٿن لاءِ ڪامنائن وارن ڪرمن ۾ لڳو پيو آهي ۽ هنن جي ٻڌي استر نٿي رهي ۽ هو ان کي برهم ۾ نٿا لڳائي سگهن.

ويدن جي ڪرم ڪانڊ موجب اڇا سڀ ڪرم ڪرڻ وارا مش ويدن جي لهائيندڙ واکڻن تي موهجي، اهڙا اڇا ٿا رکن ته ڦلاڻي ڪرم سان سرڳ ملندو، ڦلاڻي ساڌن سان ڀوڳ ۽ پدارٿ ملندا. هو نه ايشور جي ملڻ جي ۽ نڪي مڪتيءَ جي ساڌنن جي ڪا اڇا ٿا رکن. هو سرڳ آدي لوڪن ۽ ڀوڳن پدارٿن جي پراپتيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به نٿا سمجهن. هو هر هڪ سک لاءِ جدا جدا ڪرياڻون ڪن ٿا ۽ جو سڀني سکن جي ڏيڻ وارو آتم چتن آهي، ان کان هو ئي مک آهن. من ۾ استٿي نه هئڻ ڪري هنن کي ڪا شانتي ڪانه آهي. هو راڳ ڏيهن سرڳ ۽ دنيوي سکن لاءِ تڙپندا رهن ٿا. جيڪر پرماتما کي سچيءَ دل سان ڀروسو ڪري تو، ته پرماتما هن کي ڀانڀي سڀ ڪجهه ڏئي تو ۽ اسيري ٿيءَ جي

راوڻ جهڙن طرف وڌائيندو هو ته ٻاهر جا شعلا ڪيس ساڙڻ ايندا هئا. اهڙي شڪتي هر ڪنهن ۾ آهي. يوگ شاستر وارا چون ٿا ته شرير ۾ جتي دماغ ۾ چوٽي رکبي آهي، اُتي اُمرت جو ڪنڊ آهي. جيستائين اُهو آهي، تيستائين موت ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي. اهو اُمرت موت وقت ڪاڏي ٿو وڃي؟ ناڀيءَ ۾ ناڳ ڪنڊليءَ نالي وارِي هڪ ناڙي آهي، جا سانڀن ٿي وڪڙن ۾ ليٽي آهي. اها اُن امرت کي چڪي پٽي ٿي؛ اهو اُمرت وشيه ڀوڳن ۾ ضايع ٿئي ٿو. يوگي اِن ناڳ ڪنڊليءَ کي سڌو ڪري، هن مان وَر وڪڙ ڪڍي ٿا ڇڏين؛ پوءِ هردي ۾ جو ڪنوَل آهي، اُهو به سڌو ٿي پوي ٿو؛ اُن اُمرت جي ڪنڊ سان پوءِ اُن ناڙيءَ جو ڪنيڪشن ٿئو رهي؛ اهو اُمرت اجائي وڃڻ بدران منش جي نَڙيءَ ۾ ڦڙو ڦڙو ٿي پوي ٿو. اسان جي هن شرير ۾ برهمانڊ جا سڀ پدارٿ آهن؛ اسين اجايو ٻاهر ڀٽڪي رهيا آهيون. اِنسان جو دماغ ڏسو ته ڪيترا نه وڏا وڏا ڪم ڪري ڪيا آهن، پر گيانوانن جي نظر ۾ اهي به سڀ تُڇ آهن. ايڏي شڪتي اِنسان ۾ آهي، پر اسين اها سڀ دنيوي وشين ۾ لڳائي ويرٿ وڃائي رهيا آهيون.

ڌروُ ڀڳت ننڍڙيءَ اوستا ۾ ست پد ۾ اِستت ٿي، ايشور جو ڌيان ڪيو ته ڇا نه پاتائين! پرماتما جو ساڪياٿ درشن مليس. پرهلاد ڀڳت اِن پد ۾ اِستت رهي، انيڪ ڪشٽ سَٺا، پر ڪيس ڪجهه به نه ٿيو. ٻار ماءُ جي گود ۾ آهي ته نرڀؤ ٿئي ٿو، ليڪن جو پرماتما جي گود ۾ آهي، اُن کي ڪهڙو خوف رهندو؟ ڪبير کي سڪندر لوڌي بادشاهه چيو ته "تون مسلمان آهين، پوءِ رام رام ڇو ٿو جپين؟" هن چيس ته مان مذهب وغيره مان نه ڄاڻان. مان ته اِئين ٿو سمجهان ته:

اول الله نور اُپايا - قدرت کي سڀ بندي؛
ايڪ نُور ٿي سڀ جڳ اُپجيا - ڪؤن ڀلي ڪؤن مندي؟

ته مڃڻ ٿي ڪبير کي خوني هاٿيءَ اڳيان وڌو ويو، پر هاٿيءَ ڪيس ڪجهه نه ڪيو. هن کي جمنا ۾ پٿر ٻڌي وڌو ويو، پر ڀڳوان ڪيس مرگهه ڇالا تي وهاري تاريو! مطلب ته جڏهن هن سڀ برهم ٿي سمجهيو ته ڪيئن ڪيس ڪجهه به ٿيندو؟ برف برف تي اثر نه ٿي ڪري. ناڳ جو ڏنگ ناڳ تي اثر ڪين ڪندو. جمنا جل کي به هن برهم ڄاتو ته اهو ڪيس ڪيئن ٻوڙي؟ ڀڳوان به اهڙي ست پد ۾ اِستت ٿيڻ جو اُپديش ٿو ڪري.

شلوڪ ٤٦. جيڪو مطلب ننڍيءَ ڍنڍ مان سڌ ٿئي ٿو، ساڳيوئي مطلب وڏيءَ نديءَ يا تلاءُ مان ٿئي ٿو. اِن طرح ويدن ۾ اُپديش ڪيل سڪام ڪرمن مان جيترو برهم لوڪ سوڌو آنند روپ ڦل ملي ٿو، اُهو سڀ آنند برهم ويتا پرش کي برهم جي ڄاڻ مان ڪُرت پراپت ٿئي ٿو.

پاڻي پيئڻ يا اِشنان ڪرڻ جو ڪارج ڪنهن ننڍيءَ ڍنڍ يا تلاءَ جي پاڻيءَ مان جهڙو سڌ ٿئي ٿو، اوترو ئي ڪنهن وڏي اٿاهه درياهه مان ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح اڳئي هر ٿو

گيان جا جوءِ ڪيئن ڪي؟ جي اسين چئون ٿا ته برهم هڪ آهي ته چئبو ته خيال ۾ ٻيو به ڪجهه آڻيون!

جڏهن سڏن گرونانڪ کان پڇيو ته پرماتما جا نالا ڪيترا آهن، روح جا اسٿان ڪيترا، اُن ته جواب ڏنائون ته اهي ته انيڪ آهن، جن جي ڪاٿ ڪري نٿي پئجي سگهي.

اسنک ناوُ، اسنک ٿانو، اگم اگم اسنک لوءِ، اسنک ڪهه سر ڀار هوءِ.

پرماتما کي اگمتر چوڻ ۾ ڀاڳلي ڀار چاڙهيو آهي مدي پاپ آهي. هو ان کان به پري آهي. گيان ۾ مايا ۾ آهي، ترهيا اوستا ۾ گهٽ آهي. ڀڳوان ارجن کي ان کان به مٿي تو پهچائڻ چاهي ٿو؛ چوٿين لوڪ ته مايا کان مٿي چڙهي نرمل آنند ۾ وڃ. اُتي پهچي اهي ٿا سگهن، جي راڳ دويش کان اوچا آهن. اهي ئي شمون سنسار ۾ خراب ڪرڻ وارا آهن. اتي نه ڏهن ته پرم آنند آهي. جيڪي نٿي ٿا ملي، سو شرير جي پراربڌ سمجهي ان تي راضي رهڻ ضروري آهي.

راج ديوي تو ڪيا وڏائي - ڀيک منگواڻي تو ڪيا گهٽ جائي؟

ان اوستا کي راڳ دويش کان پري چئجي ٿو. جيڪي ان اوستا تي پهتا آهن، انهن جو يوگ کيم ڀڳوان پاڻ ٿو ڪري. هو انهن جي ڪاٿ چنتا يا پرواهه نه ٿا رکن. ارجن کي ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته تنهنجو يوگ کيم مان ڪندس؛ تون انهن جي چنتا ڇڏي سڀ ۾ اِستتم رهه. ڀڳوان ڪر ارجن کي سنياسي ڪرڻ ٿو چاهي ٿو چاهي. ارجن ته گرهستي هو؛ ڀڳوان کيس پنهنجا فرض ٿو سمجهائي. ويد ته ٽن گڻن جو ٿا اپديش ڪن، پر آتما انهن کان مٿي آهي، جتي ويد نه ٿا پهچي سگهن، جو ته اتي واڻيءَ جي گم نه آهي. ويد پاڻ چون ٿا ته اُن واڻي ۾ واپس ٿي اچي. من ۽ بُڌي ۾ اتي ڪونه ٿا پهچي سگهن. ان نروان پد تي ڀڳوان ارجن کي پهچائڻ ٿو چاهي.

مٽيءَ کي گرم نيندو آهي ته هن جو بيمت ڦاٽي ٻار ڪڍيو آهي. ان ٻج کي ڪيڪڙو ڪونيندا آهن؛ بلڪل طاقت وارو ۽ تيز هلندڙ ٿئي ٿو، جو ماتا کي ماري پيدا ٿئي ٿو. ان طرح گيان روپي شڪتيون پهر ۾ تڏهن پيدا ٿينديون، جڏهن بُڌي، جا شرير، پراڻ ۽ من کان به مٿي آهي، ان کي ۾ ماري، بُڌيءَ جو اُپاءُ ڪري، آتما کي سرڳ جو ساکي جاڻيو. اهڙي گيانوان کي پاڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

شمس تبريز چيو آهي:

عجب مستم شمس تبريزم - ڪه عاشق گشتم بر خود،
چون خود را خود نظر ڪردم - نه ديدم جز خدا از خود.

انسان جو سروپ اهو آهي جو سورج ۽ چنڊ کي به اسين ٿا روشني ۽ تيج ڏيون. ڀڳوان ڪرشن پاڻ ٻڌايو آهي ته جيڪي به جوليون هن سنسار ۾ آهن، انهن کي روشني پهچائڻ وارو ارجن! تنهنجو آتما آهي. راوڻ سيتا کي چورائي ڪٿي ويو. بلڪل وڏو حاڪم هو، ليڪن سيتا تي هٿ هلائي سگهيو؟ ڪن لکيو آهي ته سيتا جي شرير ۾ اهڙو تيج هو، جو

برهم گيان ۽ برهم وديا ستگورن جي سنگ مان ئي ملي سگهندو ۽ اهائي سچي دولت آهي. ڀڳوان به اهوئي ٿو اُچاري ته برهم وديا مهاتما کان ئي اهو گيان ملي ٿو، نه ته ڪيترا به ڪير وديا پراڻ شاستر پڙهي ته به ڪا حاصلات ڪانه ٿيندي.

جيئن پارس پٿر هر ڪنهن لوهه کي سون ڪري ڇڏي، ڪٽي اهو لوهه ڪاسائيءَ جي ڇري هجي يا ڪنهن ٺاڪر جي مورتيءَ جي پالڪي، تيئن برهم گياني مهاتما به اها ڳالهه نٿو ڏسي ته ملاڪو پاپي آهي يا ڌرماتما. هو سڀني کي تاري سگهي ٿو، جيڪي شرڌا رکي سندس اپديش وٺي ڪمائين. گرو نانڪ ڪيترن ئي راڪسن، دتن، اڌرمي پرشن ۽ پاپي ماڻهن کي سنئين دڳ لڳائي ايشور جي ڀڳتيءَ لاتو. اجامل جهڙو پاپي به سنتن جي چرنن ۾ پوڻ ڪري تري ويو. سنتن کيس چيو ته جيڪو پٽ هن کان پوءِ ڄمي، ان جو نالو نارائڻ رکجِ. هن ائين ڪيو ۽ مرڻ وقت جڏهن کيس يمدوت ڏهاڙي وٺڻ آيا ته هن ڊپ وچان ان ننڍي پٽ کي نارائڻ نارائڻ ڪري پڪاريو، ڇو ته ان پر هن جو موهه گهڻو هو. جيتوڻيڪ هن سڏ ته پٽ کي ڪيو، پر نارائڻ نالو پرماتما جو هجڻ ڪري سندس اڌار ٿيو ۽ يمدوتن کي موٽائي وشنو ڀڳوان جا پارشد کيس وئڪنٺ ۾ وٺي ويا.

جم ئي الٽ پڙهي هتي رام، دک ڀڄي سک ڪيو بسرام؛
وسري الٽ پڙهي هتي ميتا، ساڪمت الٽ سڄن پڙهي چيتا.

جيئن هزارين مڻ ڪاٺيون هڪ باهه جي چڻنگ سان سڙي ڀسم ٿيو وڃن، تيئن جنم جنم جا پاپ نام جپڻ سان دور ٿا ٿين. چنتامڻي گنگا به پاپن جو پتلو هئي، پر طوطي کي رام رام جپائيندي هئي ته تري ويئي، سو به سنتن جي اپڪار ۽ سنگ ڪري، جو هڪ مهاتما سندس مهمان نوازي ۽ پريم ڏسي کيس هڪ طوطو ڏنو ۽ چيو ته هن کي رام رام جپائج.

سڪام ڪرم ڪرڻ ته جڻ مزوري آهي. انهن جو ڦل يڪدم ملندو، پر اُن مان نه انت مڪتي ملندي ۽ نه انتهڪرڻ وڌيڪ شڌ ٿيندو، جو گيان جو لائق بڻجي. نشڪام ڪرم ڪرڻ سان ڦل به وڌيڪ ملندو ته انتهڪرڻ به شڌ ٿيندو ۽ آنند پراپت ٿيندو. وهنوار ۾ به اسين ڪنهن مِتر جو ڪم ڪريون ٿا ته هو ان کان به وڌيڪ اسان جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو؛ ته ڇا اسين جي پرماتما جي ڀڳتي نشڪام ٿي ڪريون ته هو اسان جو ڪم نه ڪندو؟ نشڪام نه ٿيندا اسين ته مزوريءَ جيترو ڦل ملندو، پر وڌيڪ ڪو به اسان جو ڪارج ڀڳوان نه ڪندو، جيئن اسين به هوند مزور کي مزوري ڏيئي روانو ڪريون. پر اسان جو ته اهو اڄي حال ٿيو آهي جو نشڪام ڀڄن يا شڀ ڪرم ڪرڻ بدران ٿوروئي ڪو ستسنگ يا ڀڄن ٿا ڪريون، پائي پئسو دان ٿا ڪريون ته پيا ٿا واجهايون ته ڪڏهن ٿا سرڳ مان اسان لاءِ ومان اچن پيا چاهيون ٿا ته اسين وڏا ڀڳت ليکجون ۽ جيڪي چاهيون، سو ڀڳوان اسان کي ڏئي! ساري حياتي پيا ٿا ڀڳوان جو ڏنل کائون، پيئون ۽ پهريون، اهو سڀ وسري ٿو وڃي ۽ باقي اُن مان ذرو ڪو دان پُڃ ٿا ڪريون ته ان جا پيا ڍنڊورا ڏيون ۽ ان بدلي يڪدم بدلو چاهيون! اهو ٿيو جڳ:

شريمد آدي ڀڳون روپي ڪرمن مان جيڪو ڦل ملي ٿو، ڪان ٻرهم لوڪ جي سکن جي روپ ۾ سڪام ڪرم ڪندڙن کي ملي ٿو، اهو ليکو ٻرهم کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ کي هڪ ئي وقت پراپت ٿئي ٿو. مطلب ته ٻرهم گيانيءَ جو آنند اڻاٺ آهي ۽ سڪامي پروش کي جو وشين مان اهڙن لکل آنند ٻرهم لوڪ جي آنند تائين آهي، ان کان به وڌيڪ آهي. ٻيو مطلب آهي ته ويدن ۽ شاسترن جو گيان اهڙو آهي، جيئن سمنڊ جو جل، جو سڀ ڪو پيئڻ سان نه پياس مٽائيندو ۽ نه آنند ڏيندو، ڇو ته کارو آهي. جيترو ڪ سمنڊ رلڻ سان ڀريل آهي، پر جڏهن اهو ئي سمنڊ جو جل بادلن ذريعي ملي ٿو، ته ڪيڏو نه سوادي ملي ٿو! ان طرح ويدن شاسترن ۾ جيترو ڪ اڻاٺ ۽ اَمولڪ گيان ڀريل آهي، پر اهو به آنند روپ ۽ مٺو تڏهن لڳندو، جڏهن ٻرهم وڻا ستگوروءَ ذريعي سولو ٿي ملندو. گروءَ روپي بادل اهو کارو جل به مٺو ڪري شش کي ڏين ٿا، جو پي هو ڪرت ڪرت ٿين ٿا. گروءَ کان سواءِ آتما جو ستر گيان ملي نه سگهندو، ڪيترو به ڪٿي ويد شاستر پڙهجن. گوسوامي تلسيداس ويدن شاسترن کي پهاڙن وانگر چيو آهي، جن ۾ انيڪ هيرن جواهرن، سون چانديءَ جون کاڻيون ڀريون آهن پر اهي هٿ ڪرڻ لاءِ طريقو کپي. اول ڪو ٻڌائي ته ڪٿي آهن، ٻيو هٿيار ڪهڙن کوٽڻ لاءِ ۽ پتو ته هٿ ڪيئن ڏسڻ لاءِ. ان ريت ويدن شاسترن مان ٻرهم گيان ڪڍڻ لاءِ به ٻڌائڻ وارو ستگورو کپي جي، شد ٻڌيءَ روپي کوڏر کپي جي ۽ گيان ۽ ويراڳ روپي نيتر (اکيون) ٻه ضروري آهن.

ٻئي جو مطلب آهي ته جهڙي طرح پاڻيءَ جي گهرج لاءِ کو ضروري نه آهي ته وڏيءَ نديءَ يا تلاءَ تي وڃجي پر ننڍي نالي، کوهه وغيره مان به پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو، تهڙيءَ ٻرهم گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ويدن شاسترن پڙهڻ جي ضرورت نه آهي پر ٻرهم شروتري ۽ ٻرهم نشٺي مهاتما جي شرن وڃي هن کان اهو گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو. گرو گوبند سنگهه وٽ رهندڙ هڪ شاعر ۽ سندس پورڻ سک نندلال به عمدو شعر پارسيءَ ۾ چيو آهي:

مرشد ڪامل علاج دل ڪند - اين مراد دل به دل حاصل ڪند،
مرشد ڪامل ڪيا ارشاد ڪرد - اين دل لو از ياد حق آباد ڪرد.

ڪامل گرو ئي دل جو علاج ڪري ٿو ۽ من جا سڀ سنسا ڀرم دور ڪري سڀ مرادون پوريون ٿو ڪري يعني جيڪو هن منش جنم جو مقصد آهي پرماتما سان ملڻ جو يا آتم درشن جو، اهو پورو ٿو ڪري. اهڙي ڪامل گروءَ جو اهو حڪم آهي ته هن دل کي نام جي جاپ سان ساوو ڪريو. هن تي هڪ شعر ٻيو به چيو آهي:

بسدهه ساقي مرا يڪ جام - جان رنگيني دل ها،
ڀاڳي ٻناڪ مسي ڪئي - آسان جمله مشڪلها.

هي ستگورو من کي هڪ پيالو (پريم جو) پيار ته پيئڻ سان منهنجي دل رنگجي وڃي ۽ سڀ مشڪلاتون آسان ٿي پون يعني جنم جنم جا ڏک درد موهه شوڪ جا لوڙ وڃن.

اهي ڪرم ڀاڳيهي پوري ٿي ٿا وڃن يعني سهج سڀاءَ ٿين ٿا، نه ڪنهن سنڪلپ يا ڪشٽ سان. گيانوان به ڪرم ڪن ٿا پر نشڪام ۽ نرسنڪلپ ٿي. ڪرم جو ڪجهه ٿو پلو يا ٻرو، ان جو ڦل نه پائيهي ۽ ضرور ملندو پر اهو ڦل ڳهڻ آهي ٿنگدلي ڏيکارڻ. ڪٿي لڪي ڪري ڪريون نه به ڦل ملي ٿو. اڪي ڪمل ڪرمن جو ڦل چڱو يا ٻرو هيڪاري گهڻو ٿو ملي، جيئن گهڻ دان جو ڦل. جيڪي ماڻهو دان پنج يا ڀڳتي اپاسنا ۽ ڏيک جي اڪي ٿا ڪن ۽ ٻاهران هيڪاري انين ٿا هلن جڻ نه هو ڪجهه به ڪونه ٿا ڪن، اهي ڪي اياڻا نه آهن، پر جاڻن ٿا نه ڦل ڏيڻ وارو نه هڪ ايشور آهي، جو انترجامي آهي ۽ گهڻ طرح دان يا شڀ ڪرمن ڪرڻ سان ڦل نه هو ضرور ڏيندو ۽ اٿاهه پر ان سان گڏ انتهڪرڻ به شد ٿيندو. جيڪي نالي يا ڏيکاءُ لاءِ ٿا دان پنج ڪن، انهن جو گهڻو حصو ڦل جو نه ان ڏيکاءَ ۾ يا سعدن ليل واهه واهه ۾ ٿو هليو وڃي.

ڪامنا رکي ڪم ڪرڻ سان نه فقط ڦل گهٽ ٿو ملي، پر اندر ۾ ايمان به ٿئي ٿو، ۽ جو نه من ڦوند ۾ ٿو اچي. نه مون هي ڪم ڪري ورتو ۽ جيڪي چاهيم، سو مليو ويو. من جي صفائيءَ لاءِ نشڪام ٿي شڀ ڪرم ڪرڻ بلڪل ضروري آهن، نه نه من جهڙو ويري ڪو ورلو آهي. انسان جا ڪير ڪير ويري آهن، ان تي بلاشاهه هڪ سڪياڻڪ شعر چيو آهي:

اڪ من ويري آپڻا، دوجا وچ شيطان-
تيجا ويري مال ڌن، جنهن نظر گهٽي آسمان؛
چوٿين ويري ڏهاڻ پتر، جي منگدي ڪاوڻ پان-
پانچوان ويري حسن هئه، جو چاهيندا عزت مان؛
ستون ويري، نيند هئه، جهڙي جهڻ نه ڏيندي نام-
نڀيا اني ويرياڻ هوندياڻ توڻ ڪيرين ڀڄين ڀڳوان.

شلوڪ ٤٨. هي ارجن! يوگ ۾ استٿت ٿي ۽ ڪرمن جي سنگ ٽياڳي (يعني ڦل جي اڇا ڇڏي ڪري) تون ڪرم ڪر. سڌيءَ اڻوا اسڌيءَ ۾ هرک شوڪ کان رهت، سمان رهه. ان سمانپڻي (هرک شوڪ کان رهتپڻي) کي يوگ سڏجي ٿو.

سڀ شڀ ڪرم فرض ۽ ڌرم جاڻي، سهج سڀاءَ ڪرڻ گهرجن. ڦل جي اڇا نه رکجي ۽ نه ڪو ايمان ڪجي نه مون هي ڪرم ڪيو آهي. پاڻ کي اڪرتا ۽ ابوڌا جاڻي اهي ڪرم ڪجن. اهو به خيال نه ڪجي نه اهي ڪرم پرماتما جي درگاهه ۾ قبول پوندا يا نه. جي نشڪامتا نه آهي نه ٻڌن پوندا ۽ جنم مرڻ ۾ پئي انهن ڪرمن جو ڦل چڱو يا ٻرو ڀوڳڻو پوندو.

ٻلي راجا سرڳ جي راج جي ڪامنا رکي هڪ سؤ يگيه ڪرڻ چاهيا. ٩٩ يگيه پورا ڪيائين ۽ باقي رهيو هڪ يگيه پئي ڪيائين نه وڃي پيس ۽ وامن روپ ڌاري ڀڳوان ڪيس

اهڙن (سنسار) کي ڇوري ڪري - ايڪ سڀ ڪري دان،
ڪرلي چڙهي ونڪن لڳي - ڪيترن آڏن ودان!

شلوڪ ٤٧. تنهنجو اڌڪار رڳو ڪرمن ڪرڻ ۾ آهي ۽ نه ڪرمن جي
۾. تون ڪرمن جي ڦل جو ڪڏهن به ڪارڻ نه ٿيءُ (يعني تنهنجو مطل
ڦل سان اصل نه هجي) ۽ نه ڪرمن نه ڪرڻ ۾ پريتي رک.

ارجن ڀڳوان کي چيو ته اوهين برهم آنند کي ٿا سرشٽ چئو ته پوءِ مون کي ڪر
۾ لڳائڻ ڇو ٿا چاهيو، جڏهن اهي ڪرم سڌو گيان ڏيڻ لاءِ سمرٿ نه آهن، رڳو انتهڪر
ڪي شڌ ڪرڻ ڪري ان گيان جا ساڌن آهن؟ مون کي سڌو آتم گيان جو اپديش ڇو نه
ڪريو؟ ان جي اتر ۾ ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو ته ارجن تو ۾ ايا شوڪ ۽ موهه آهن يعن
تنهنجو انتهڪرڻ ايا اشڌ آهي، جنهن ڪري تون سڌو آتم گيان پائڻ جو لائق نه آهين
ان ڪري تون اول نشڪام ڪرم ڪري انتهڪرڻ شڌ ڪر ته پوءِ گيان جو اڌڪار
لهندين. ڀڳوان ڪيس صاف ٿو چوي ته اڪرمي نه ٿيءُ، پر ڪرم ضرور ڪر، ليڪن نشڪ
ڀاو سان.

ڌرم انوسار جي ڪرم ٿا ڪجن، سي شڀ ڪرم ٿا ليکجن ۽ اهي ضرور ڪرڻ گهرج
يگيه، دان، تپ وغيره ڪرمن کي ڇڏڻ مناسب نه آهي، ڇو ته اهي نشڪام ٿي ڪيا ت
انتهڪرڻ جي شڌي ڪندا ۽ جيڪر ڦل مطلوب هوندو، اهو به پاڻيهي ملندو. جي ڪامنا رکي
ڪيا ته رڳو ڦل ملندو ۽ نه ٻيو ڪجهه. ڀڳوان ارجن کي چوٿينءَ منزل لي تو پهچائڻ چاهي
جنهن لاءِ انتهڪرڻ جي شڌي بلڪل ضروري آهي. شڀ ڪرمن جو ڦل هڪ جنم ۾ نه
ٻئي جنم جنم ۾ ملي ٿو. گرو نانڪ ديو جي ساکيءَ ۾ آيو آهي ته هڪ هندو راجا کي نوڪ
ٻالڪيءَ ۾ ڪٽي آيا؛ اچي هڪ باغ ۾ لٿا ۽ اتي به راجا کي خوب هندو بسترا پلنگ مليا
اهي ٻالڪي کڻي اچڻ وارا ڪهار ني ڪيس خوب زور ڏيڻ ۽ مٺي چاپي ڪرڻ لڳا. مرداني
اهو ڏسي گروجن کي چيو ته "سائين! هي ته ظلم آهي، جو جيڪي مزور ٻالڪي کڻ
اي ڊوڙي آيا، وري اهي ني راجا جي شيوا به پيا ٿا ڪن ۽ خوب سندس شرير کي مالش
ٿا ڪن ۽ زور ڏين! راجا ته پنڌ به ڪونه ڪيو ۽ نه ئي ڪا تڪليف ورتي." گرو صاحب
سمجهايس ته مردانا رڳو ٻاهريان ڪرم نه ڏس. هن راجا اڳين جنم ۾ تمام گهڻي تپس
ڪئي آهي؛ جنهن ڪري هن جو شرير نڪل آهي. ان تپسيا جو ڪيس سک هن جنم ۾
ملي رهيو آهي. هنن مزورن اهڙو ڪوبه شڀ ڪرم ڪونه ڪيو آهي. گيان اوستا لي پهچ
لاءِ شڀ ڪرم نشڪام ني ڪرڻ ضروري ساڌن آهن. روداس ڀڳت به چوي ٿو:

ڦل ڪارن ڦولي بن راءِ - ڦل پائڪي لي ڦول بسلاءِ،
گياني ڪارن ڪرم اڀياس - گيان پيا تو ڪرمي نياس.

وڻن ۾ گل (ٻا ٻور) ٿين ٿا ته پوءِ انهن مان ميوا ٿيندا. ميوا نڪرن ٿا ته گل (ٻا ٻور
ڪري ٿا پون. ان ريت گيان لاءِ نشڪام ڪرم ڪرڻ ضروري آهن. تن حاصل ٿيڻ ت

ووي ھن سنسار ۾ جنم وٺڻو پوندو. جيڪڏھن سڀ ڪرم ڀوڳ ڀڏيءَ سان يعني ڦل جي اڇا کان سواءِ ۽ ڪڏھن به ممتا ٻنا پرماتما ۾ دل لڳائي، سندس ارپن ڪجن ٿا ته اھي ڪرم ڪندڙ لي ڪوبه ٻنڌن نٿا وجھن ۽ پوءِ جنم مرڻ روپي ڦل نٿو پراپت ٿئي. انسان کي ٻڌي ۽ ٻل لڌھن ٿا ڪم ڏين، جڏھن ڌرم مددگار انس، نه ته نه. دريوڌن کي ٿورو ٻل ۽ ٻڌي ھئي، پر منجھس ڌرم جو ٻل ڪونه ھو. جتي ڪرشن يا ڌرم آھي، اتي جئه ليکي آھي. انسان کي ڌيرج رکي سک دک، ھاڃي لاڀ، جيت ھار کي ھڪ سمان سمجھي، (يعني ٻنهي ٻڌي رکي) ڪرتوبه ڪرڻ گھرجي.

گيتا ۾ ڪرمن تي ٻلڪل گھڻو زور ڏنل آھي، جنھن ڪري ڪي ان کي ڪرم شاستر ٿا ڪوٺين، پر ڀڳوان فقط نشڪام ڪرمن جو ئي اپديش ڪيو آھي، ڇو ته اھي ئي انتهڪرڻ شڌ ڪري گيان ٿا آڻين ڪن، جنھن ڪري ويدانت وارا گيتا کي گيان شاستر ٿا ڪري مڃين. اسين جنم جنم کان ايشور کان وڇڙيل آھيون، ان سان ملائڻ لاءِ نشڪام ڪرم ڪرڻ تي ضروري آھن. ڇو ته جيئن ميري ڪپڙي تي رنگ چڱو نٿو چڙھي، تيئن ميري انتهڪرڻ تي گيان جو رنگ نه لڳي سگھندو. نشڪام شڀ ڪرمن سان تي انتهڪرڻ صاف ٿيندو ۽ مل دوش دور ٿيندو. ان کان پوءِ من جو وکيپ پريما ڀڳتيءَ سان دور ٿيندو. جيڪڏھن اول مل دوش نه دور ٿيو آھي، ته ڀڳتي به پوريءَ طرح نه ٿيندي. مل دوش ۽ وکيپ دور ٿيڻ کان پوءِ ئي ويدانت جي سکيا پورو اثر ڪندي ۽ گيان پراپت ٿي سگھندو.

ارجن ڀڳوان کان سوال ڪيو ته اوھان جو مون کي چيو ته مون کي ڪرمن ڪرڻ جو ئي اڌڪار آھي، سو مهرباني ڪري ٻڌايو ته ڪرمن ڪرڻ سان سچ پچ نروان پد تي مان پھچندس، جنھن لاءِ چئي رھيا آھيو ته اتي نه دک آھي نه ڪليش؟ ڀڳوان سندس ان سوال جو اتر ھن ريت ٿو ڏئي:

شلوڪ ٥١. سم ٻڌيءَ وارا پرش اھو جاڻي، ڪرمن جي (سرجه آدي) ڦل جو تياڳ ڪن ٿا ۽ ان طرح جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي، اوديا آدي روڳن کان رھت ٿي، موڪش پد کي پائين ٿا.

يعني نشڪام ڪرم ڪرڻ وارا سمان ٻڌي رکندڙ پرش سرجه آدي ڦلن وارن ڪرمن کي تياڳي، فقط پرماتما کي پرسن ڪرڻ لاءِ ڪرم ڪري، انتهڪرڻ جي سڌي حاصل ڪري، گروءَ جو اپديش ٻڌي ۽ ڪمائي، گيان پراپت ڪري، جنم مرڻ جي ڦاسيءَ کان ڇٽي ٿا وڃن ۽ دکن کان رھت موڪش پد پائين ٿا. اھو ئي ويدن شاسترن جو سدانت آھي ۽ اھائي آھي رشين منين جي کوج ۽ ڀڳوان جي آگيا. ان کي مڃي اسانکي پنھنجي سياڻپ نه ھلائڻ گھرجي، ڇو ته ان سياڻپ مان دک ٿئي ٿو ۽ جنم مرڻ جو پڙ ٿو رھي.

سکمني صاحب ۾ گرو ارجن ديو ڪين فرمايو آھي ته:

بھت سياڻپ جم ڪا ڇڙ بياپي - انڪ جتن ڪر ترشنا نه ڌراپئي.

ڏسڻ ۾ وڏو. اِندر جي راڄ ۾ ائين ٿي ڀڳوان کي اوتار وٺڻو پوي. جي ٻلي راڄا اِهي ٻڪ
سا ڪامنا جي ڪري ها ته سرڳ جي راڄ کان ۽ وڌيڪ ڪنهن پدوي حاصل ٿئي ها ۽
سڌن ۽ ڪرڻ يوڳ ها. سڪو ڀاڳي ٿو ته ٻنڌن ٿين ۽ آتم ٻڌ کي پراپت ڪريان، جيئ
جونين ۾ اچڻ وڃڻ کان ڇٽان. اهو ٿيندو رڳو نشڪام ٿي شڀ ڪرمن ڪرڻ سان ۽ هر ڪ
ڀوڳ کان رهت ٿيڻ سان.

شلوڪ ٤٩. هي ارجن! گيان ٻڌيءَ سان ڪيل نشڪام ڪرم کان سڪا
ڪرم گهٽو هيٺئين درجي جو آهي، تنهن ڪري تون هميشه نشڪام ڪرم يوگ
جي ڪرڻ جي اِڇا رک. جيڪي منش ڪرم جي ڦل جي اِڇا رکن ٿا، اهي
ڪرپڻ يعني شوُم آهن ۽ دک ٿا ڀوڳين.

سڪام ڪرم ڦل ڏئي پوءِ ناس ٿي ويندا ۽ جنم مرڻ جو چڪر هليو ايندو. نشڪ
ڪرم آتم گيان جا ساڌن آهن ۽ ان ڪري انهن جو نه فقط ڦل ملندو، پر انهن جو اثر ب
هميشه لاءِ انهڪرڻ تي رهندو. سڪام ڪرم ڪندڙ ڪرپڻ يا شوُم ان ڪري ته ڪرڻن
جو ٿوري ڌن خرچ ڪرڻ ۽ تڪليف وٺڻ سان ڪرم ڪن ٿا، پر انهن جو ڦل ڪيترو ۽ ملي
ته سڪال ناسونت ۽ تچ آهي ۽ آخر ۾ دکدائي ۽ ثابت ٿو ٿئي، ڇو ته ناس ٿيڻ وقت د
کي صدمو پهچائي وڃي ٿو.

هڪ مهاتما ساري رات ويهي تپسيا ڪندو هو. هڪ شخص پڇيس ته ”سائين! اِ
تپسيا پرماتما جي درگاهه ۾ قبول پوندي؟“ جواب ڏنائين ته ”ان ۾ منهنجو ڇا؟ منهنجي
نهنجو فرض پالن ڪرڻو آهي، منظور ڪري يا نه، اهو پرماتما جي اختيار آهي. هر ڪ
انسان جي حب لب دان پڄ جو تڪيو ڪرڻ آهي.“ ڪو شاهوڪار بيشمار ملڪيت ڇڏي
مري ٿو ته ڇا ٿئي جنم ۾ اها ملڪيت سندس ٿيندي؟ ممتا وچان انهيءَ لئي ڪنب
اهي ڪتي ٻلي جو جنم وٺي ته ۽ گهڙندو ته ڪيس ڏنڊا لڳندا ۽ ان ملڪيت مان ڪ
حصو ڪونه ملندس. شڀ ڪرم سڌيءَ يا اَسڌيءَ جو خيال ڇڏي اَسنگ ٿي ڪرڻ گهرجن
پرماتما اهي منظور ڪري يا نه، ان جي ڀڳتي ڪرڻ ۽ اِڇاڻي آهي. ان سر ٻڌ کي ٿي
يوگ ڪوٺجي ٿو. ان يوگ ٻڌيءَ کان سواءِ جيڪي ۽ ڪرم ڪجن ٿا، اهي ڀڳوان جي
ته ته گهٽ درجي جا ۽ تچ آهن. تان ان کي تو چئجي جو ڪنهن پدارٿ مان ٻنڌجي مم
ڪري اهو پدارٿ ٻئي کي ڏئي ڇڏجي. مايا ته سڀ پرماتما جي آهي، ان مان تون
کي ٿورو ڏئي جي ممتا نه ڪڍيسن ته اهو ڀڳوان جو ته شومڙو ٿيو ۽ نه دان. ا
مان انهڪرڻ ۽ شڌ نه ٿيندو.

شلوڪ ٥٠. سمان ٻڌيءَ وارو پرش هن جنم ۾ ئي پن ۽ پاپ ٻنهي
قسمن جي ڪرمن جو تياڳ ٿو ڪري، ان ڪري تون يوگ ۾ لڳ ۽ چاڪاڻ ته
يوگ ٻڌيءَ سان ڪرم ڪرڻ سريشٽ آهي.

ڦل جي اِڇا سان ڪيل ڪرم سڀ کي ٻڌندو ۽ ڦل جي اِڇا لاءِ ڪرم ڪندڙ ڪ

ته ٻيءَ لوڪ ڀوڳ جو لائق ٿيندا ۽ ستگوروءَ کان مليل گيان جو منتر ڪمائي، ٿورن آتم گيان پراپت ڪندا.

ڀڳوان ڀورن ستگوروءَ جي هٿ تي زور ڏني ٿو، جو ٿي اڌڪاري شش کي تاربندو. هن جي ٿي شرن وٺڻ سان ۽ سندس سيوا ڪرڻ سان دنيا جا چارئي پدارٿ - ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش پراپت ٿين ٿا.

چار پدارٿ جيڪو مانگي - ساڌ جنان کي سيوا لاڳي؛
جيڪو آپنا دوک مٽاوي - هر هر نام رِدي سد گاوي؛
جيڪو آپني سوڀا لوري - ساڌ سنگ هوميٽ ڇوڙي؛
جيڪو جنم مرڻ سي ڏري - ساڌ جنان کي شرني پڙي؛
جس جن ڪٿو پرڀ درس پياسا - نانڪ تاسنڪي ٻل ٻل جاسا.

چئن پدارٿن مان جنهن منش هڪ به پوريءَ طرح هٿ نه ڪيو، ان جو جنم ٿي وئرٿ آهي؛ جيئن ٻڪريءَ جي ڳاٽي هيٺان جيڪي ٿڻ ٿيندا آهن، اهي اجايا آهن، جو انهن ۾ کير نه ٿو ٿئي.

چارئي پدارٿ جي ڪنهن به ڪنهن يتن سان پاتا آهن ته سمجهو ته ڪنهن ست پرش جي سنگ مان پاتا هوندائين. نيڪ صحبت کانسواءِ ٻيو ڪو به اپاءُ نه آهي، جنهن سان شڌ ٻڌي، ڪيرتي، ڌن پدارٿ، مان وڏائي يا موڪش پائي سگهجي. ويدن شاسترن يا سنتن مهاتمائن ڪنهن به ٻيو رستو نه ڏسيو آهي. هاڻي ارجن سوال ٿو ڪري ته اچل ٻڌيءَ وارن کي ڪيئن پرکجي؟

ارجن چوي ٿو:

شلوڪ ٥٤. هي ڪيشوَ! سماڌيءَ ۾ استٿت ٻڌيءَ وارن پرشن جو ڪهڙو بيان آهي؟ هو ڪهڙي نموني ٿا ڳالهائين، ڪئن ٿا اٿن وهن ۽ ڪيئن ٿا هلن چلن؟

ارجن هن شلوڪ ۾ هڪ سوال ۾ گويا چار سوال پڇي رهيو آهي: (١) ته آتم استتيءَ وارن جي سڀاءَ جا خاص ڪهڙا لڇڻ آهن، (٢) هو ڪيئن ٿا ڳالهائين، (٣) ڪيئن ٿا اٿن وهن ۽ (٤) ڪيئن ٿا دنيا ۾ ورتاءُ ڪن. سماڌي معنيٰ ته جتي من وڃي ٽڪي، اٿي برهم کي پسجي. جيئن نامديو ڀڳت ڪتي ۾ به ايشور وٺل ڀڳوان جي روپ ۾ ڏٺو. اها پدوي جنم جنم جي پنن ۽ انڀيڪرڻ جي شڌتا سان ملي ٿي. ڀڳوان انهن چئن سوالن جو جواب سمجهائڻ سان هيٺ ٿو ڏئي:

شري ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ٥٥. هي پارٿ جڏهن پرش من مان اٿين ٿيل ڪامنائن ۽ ترشنائن کي پوري طرح ٽڙي پنهنجي سروپ ۾ پاڻ کي سنتوش ۾ رکي ٿو

انسان جي ترشنا انيڪ جتن سان به نه وڃندي، رڳو ايشور جي ڪرپا سان راضي رهڻ سان ئي دور ٿيندي. جيڪو انهن هلي ٿو، ان کي سچ پچ پرماتما جي آڌار ڪرڻا ڇڏبي. ترشنا وارو ماڻهو ڪڏهن به شانتي نٿو پائي. جيڪو ايشور جو ٿي ٿو، انکي ايشور سڀ ڪجهه پاڻهي ٿو ڏئي. جيڪو هڪ ايشور جو نه ٿيو، انکي دنيا جي عزت، مان، مال ملڪيت ڪجهه به شانتي نه ڏيندا.

ٻئي پراپت مانک ڏيهريا - گوبند ملڻ ڪي اهي تيري ٻريا (وقت).
اَور ڪاج تيري ڪتي نه ڪام - مل ساڌ سنگت ڀڄ ڪيول نام.
سر انجام لاڳ ڀؤ جل ترن ڪي - جنم ٻرٿا جات رنگ مايا ڪي.

ڏيهري معنيٰ چائنٺ. ائين ٻتي ٻاري رکبي ته اندر به روشني ٿيندي ۽ ٻاهر به. ان طرح هي منش جنم آهي، جنهن ۾ وهنوار ۽ پرمارٿ، ٻنهي طرفين پرڪاش ڪرڻو آهي يعني ٻئي ڌرم انوسار نباهڻا آهن. هيءَ ئي جُون آهي، جنهن ۾ پرماتما سان ملي سگهبو.

شلوڪ ٥٢. جڏهن تنهنجي ٻڌي موهه روپي ڌٻڻ مان نڪري، پار پوندي، تڏهن پوءِ تون اها ڏک رهت پدوي پائيندين ۽ جيڪي ٻڌو آهي يا ٻڌندين، ان لاءِ توکي ڪا به ضرورت نه رهندي.

ارجن ڀڳوان کان سوال ڪيو هو ته نشڪام ڪرم يوگ، جو اوهان ٻڌايو، اهو مان ڪيتري وقت لاءِ ڪريان؟ ڀڳوان ان جو اُتر ٿو ڏئي ته وقت جو ڪو به سوال ڪونه آهي. نشڪام ڪرمن ڪرڻ سان جڏهن تنهنجي ٻڌي شڌ ٿيندي ۽ اوديا وارو موهه ڇڏي ويندءِ، تڏهن ان سمجهه لاءِ تنهنجو انتهڪرڻ صاف ٿيو آهي. پوءِ توکي سڀني ويدن شاسترن جي ٻڌڻ جو ڦل ملندو ۽ ٻيو ڪجهه به ٻڌڻ جي چاهنا ئي نه رهندءِ، ڇو ته سڀ جو سار توکي حاصل ٿي چڪو هوندو. اهو ٻڌي ارجن چيو ته ڀڳوان! اوهان هيترو اپديش ڪيو آهي پر منهنجي من تي ان جو اثر ڇو نه ٿو ٿئي؟ ارجن نر جو اوتار هو. راجا هو ته به اهو حال ٿيس!

تنهن تي ڀڳوان چويس ٿو:

شلوڪ ٥٣. تنهنجي ٻڌي جا جدا جدا سڌانتن (پرورتي مارگ ۽ نورتي مارگ) ڪري مونجهاري ۾ آهي، سا جڏهن (نشڪام ڪرمن ڪرڻ سان انتهڪرڻ جي شڌي پراپت ڪري) اَچل ٿيندي، تڏهن توکي يوگ پراپت ٿيندو.

ڀڳوان ڪيس ٻڌائي ٿو ته ڌار ڌار اَڌڪارن هيٺ ڪري، شاسترن ۾ جدا جدا سڌانت ۽ سرڳ آدڪ ڦل ڏيکاريل آهن. انهن کي ڇڏي، جڏهن تون سڀ پنهنجا فرض نشڪام ٿي ڪندين، تڏهن تنهنجو انتهڪرڻ سڳوڻي شڌ ٿي پوندو ۽ تو ۾ ويراڳ اتپن ٿيندو ۽ من وڪيپ به دور ٿيندو، يعني پرماتما ۾ تنهنجو من پوريءَ طرح لڳندو. جڏهن اتپن ٿيو

رکن ٿا ۽ نه ڪنهن کان ڊڄن ٿا ۽ نه ڪروڌ ڪن ٿا. ڏک ۾ سڀئي ٿي اچن ٿا. شري رامچندر، يڌشٽر ۽ نل راجا جهڙن تي به ڏک نازل ٿيا، پر هنن اهي سڀ ٻيا ڪنهن ڌريءَ ۽ وياڪلتا جي خوشيءَ سان ڀوڳيا. هڪ ڏينهن شري رامچندر کي راڄ ٿي مليو ته ٻئي ڏينهن ڪيس ١۴ ورهين لاءِ بنواس وڃڻو پيو. نه هو راڄ ملڻ جي خوشيءَ ۾ ڦوليو ۽ نه بنواس ملڻ تي رنج ٿيو. يڌشٽر راجا کي به دريوڌن جي وير ڪري ١٣ ورهيه بنواس وڃڻو پيو. نل راجا سان به اهڙيءَ ئي نموني جي حالت ٿي، جو آخر راتڙيءَ دميتي کان به وڇڙڻو پيس، پر گهٻراهٽ ڪين. اسر پڌيءَ وارا پرش جاڻن ٿا ته ڏک ۽ سک ٻئي پرارٻڌ انوسار هڪ ٻئي پٺيان ملندا رهن ٿا. هڪ فارسيءَ واري چيو آهي:

"ماصباح نه ديدم - ڪه شام نه دارد."

اهڙو ڪو صبوح نه آهي، جنهن کانپوءِ شام نه اچي. ان طرح ڏک سک جو چڪر هلندو رهي ٿو. راجا هرشچندر راجائيءَ مان لهي چنڊال جو نوڪر مساڻي ٿيو ۽ جڏهن سندس زال پنهنجو مئل پٽ روهت ونس شمشان ڀوميءَ ۾ جلائڻ لاءِ کڻي آئي ۽ لوازمو نه ڏيئي سگهي ته هن سائڻ نه ڏنس! هوءَ گهٻرائجي ڪانه ويئي ۽ هو به پنهنجي فرض تي پورو رهيو ۽ مالڪ جي حڪم موجب لوازمو گهرڻ لڳو. اهڙا مهاتمائون سکن جي اچا به نه ٿا رکن. هو ڏک ۽ سک شرير جي پرارٻڌ سمجهن ٿا، جا ته گهٽي ٿي ۽ وڌي ٿي:

راتي گهٽي، نه ٽل وڌي - جو لکيا ڪرتار.

هو سڀ ڪجهه ايشور جي اڇا ٿا سمجهن، پر اگياني رڙيون ڪن ٿا. برهم وتا پرش آتما جي آنند اڳيان برهم لوڪ ۽ سرڳ جا سک به تڇ ٿا سمجهن. ڪنهن ڏنوان وٽ اٿاهه ڌن هجي پر تنهن هوندي به جي اچا وڌيڪ طلبي ته چئبو ته هن پنهنجي ڌن جو اندازو نه ڪيو آهي. آتما جي آنند هوندي جو باهرين وشين ۾ ڌن پدارٿ مان سک ڳولي، اهو به مورک چئبو. برهم وتا پرش کي ڀؤ يا خوف ڇا جو ٿيندو ۽ ڪنهن کان ڪري؟ ڀؤ انکي ٿيندو، جو ٻئي کي به ڏک ڏيندو يا پاپ ڪمائيندو. چور کي ڏپ رهي ٿو ته متان پڪڙجي پوان، پر جو چور نه آهي سو ڇا جو ۽ ڪنهن جو ڏپ ڪري؟ ڌرماتما پرش کي ته جنم مرڻ جو ڏپ به نه آهي. اهڙي گيانيءَ کي ته ڪروڌ به نه ٿو لڳي. هنن جي ورتي آتما ۾ مگن رهي ٿي ۽ انڪري هميشه سيتل ٿا رهن.

ويچار ماڻهو ۾ آيو آهي ته گيانوانن ۾ به ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهه اهنڪار وغيره آهن، پر بالڪل ٿورا ۽ جائز نموني جا. هنن تي اهي وڪار قبضو نه ٿا ڪن. هو ڪاوڙ ڪن ٿا ته اها به ٻارن يا نوڪرن کي دڙڪي هيٺ رکڻ لاءِ، جيئن پنهنجي فرض ادائي ڪن. اڪارڻ ڪروڌ خراب آهي، پر سنساري فرض پوري ڪرڻ ۽ ٻين کي پوري راهه تي هلائڻ لاءِ جائز ڪاوڙ ته بلڪل ضروري آهي. دويش وچان ڪروڌ ڪرڻ گهاتڪ ۽ ناجائز آهي. اهڙا مهاتمائون پنهنجي من ۾ بلڪل نماڻا، سڌي سڀاءَ جا، نرڀؤ ۽ ڌرم ايمان ٿين ٿا. اها انهن جي ٻولي آهي.

(يعني پنهنجي آتما ۾ مست ٿو رهي)، تڏهن هن کي استٿت پرڄڻ وارو سڏجي ٿو.

ارجن جي پهرئين سوال جو جواب اهو آهي ته ظاهري طرح استٿت پرڄڻ وارو پرش ڪو رواجي دنيوي پرشن کان ٻيءَ طرح جهڙو ڪو نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر هن جي من مان سڀ سنساري اڇائون لالسائون دور ٿي ويون آهن، هر دم پنهنجي پرم پرماتما سان لِوَ لڳل اٿس، هن جي من ۾ ڪو به سنڪلپ نه ٿو اچي، ڪاڻ پيٽ لاءِ خيال ڪونه اٿس، پر هو ان لاءِ خاص اُدم نه ٿو ڪري، جيڪي ڪري ٿو سو سهج سڀاءِ.

سهجو بائي، جا سوامي سکديو جي پوٽي ۽ مهاتما چرنداس جي چيلي هئي، ان ڏيکاريو آهي ته وهنوار ڪندي به گيانوان جي من جي لڳن پنهنجي پياري اشٽ ديو ۾ لڳل رهي ٿي. ٻاهران هو سڀ ڪرم ڪري ٿو ۽ ڏک شوڪ به ڏيکاريس ٿو، سڀني کي پريم سان آءُ ڀاءُ به ڪري ٿو، پر هن جي چت ورتي آتم پد ۾ ٽڪي ٿي رهي ۽ قدرت سڀ ڪجهه پنهنجو پاڻهي هن کان ڪرائي ٿي. جن کي سچو عشق لڳل آهي، انهن جي ورتي هميشه معشوق ۾ رهندي آهي. دنيوي عشق ۾ ٻئي لاءِ پريم ٿو ٿئي، پر گيانيءَ کي پنهنجي پاڻ لاءِ عشق آهي، ڇو ته هو سمجهي ٿو ته پاڻ ئي برهم آهي ۽ سارو سنسار هن کي برهم روپ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ هو ٻيو ڪجهه ڏسي يا سمجهي ئي نٿو. دنيوي لوڪ ته هن شرير ۾ موهه رکي وشين جي سکن لاءِ لڇن ٿا، پر سک انهن وشين ۾ آهيئي ڪونه. جي وشين ۾ سک هجي ته بيمار ماڻهوءَ کي به انهن پدارٿن مان سک ملڻ گهرجي، پر ائين نه ٿو ٿئي. جيڪو ذرو پورو سک وشين مان محسوس ٿئي ٿو، سو به اُن وقت اسان جي ورتي استٿت ٿيڻ ڪري ملي ٿو.

شڪر نِوامه ڳڙ، ٿي ماکيون مانجها ڏڌ،
سڀي وستون مليان، پر رب نه الهين لڌ.

شيخ فريد جڏهن ٣٤ سالن جي تپسيا ڪري آيو ته ماڻس پرکيا وٺڻ لاءِ ڏاڍا مٺا مٺا کاڄ پيچ لاهي ڏنس، پر هن کي جو رب جي ذات مان سواد آيو هو، سو سڀ ڦڪو لڳو ته امڙ کنڊ، مصري ڳڙ، ماکير کير سڀ مٺا پدارٿ آهن، پر رب جهڙو سواد هنن ۾ ڪونه آهي. اچار ڀيٽ لاءِ هڪ به پدارٿ ڪاڻ لئين، ڇو ته هن جو چشڪو نه مٺي چکو هو، جو هن اصلي شيءِ چکي ڏٺي هئي.

شلوڪ ٥٦. هي ارجن! جنهنجو من ڏکن ۾ گهٻرائجي نٿو ۽ سکن پٺيان ڀٽڪي نٿو، پر بيپرواهه آهي. جو پريتيءَ، ڀوءِ ۽ ڪروڌ کان آجو آهي، اهڙو مني استٿت پرڄڻ وارو سڏجي ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو ته استٿر پرڄڻ وارن جو لکڻ اهو آهي، جو ڏکن ۾ وياڪل نٿا ٿين، وشه سکن جي لاءِ اڇا نٿا رکن، نه ڪنهن سان خاص پريتي

ڪي ان خيال جا آهن ته شري رامچندر، شري ڪرشن ۽ گرو گوبند سنگهه ۾ به راڳ دويش هو، ڇو ته ڪن کي ماريائون ته ڪن کي مدد ڪري ٻچايائون. پر اهو خيال غلط آهي. هو ته سڀ اوتار ڪوٺيءَ جا ۽ پورن گياني هئا. هنن جي ورتيءَ ۾ ته ڪو ماتر به راڳ دويش ڪونه هو. هنن ته سڀني کي پنهنجي ڪرمن جو ڏنڊ ڏنو. هنن ته اوتار ئي ڀڳتن ۽ سنتن جي ٻچاءَ ۽ دشٽن ۽ دشمنن جي ناس ڪرڻ لاءِ ورتو هو. گرو گوبند سنگهه جي ته هڪ سک ڪنيارام ۾ اهڙي سمتا جي اوچ ڀاونا هئي، جو جڏهن ڪيس مغلن سان ٿيندڙ جنگ ۾ ان ڊيوٽيءَ تي رکيو ويو ته زخميل سکن کي پاڻي پياري ته هو نه فقط انهن کي پر مغلن جي قتيلن مان به جنهن گهريو ٿي، ان کي پيارائين ٿي. گروجن وٽ دانهن ويئي پر ڪنيارام چيو ته سائين مان ته رڳو اوهان کي ئي پاڻي پياريان، ڇو ته مان ته سڀني ۾ اوهانجو روپ پيو ڏسان! جڏهن ڏسان ٿو ته اوهان ئي آهيو، ٻيو ڪو ڪونهي.

جڏهن هڪ سک ۾ اهڙي اوچي ورتي ته سندس گروءَ ۾ راڳ دويش ٿي سگهي لو؟ ڀڳوان چوي ٿو ته گيانوانن جو وهنوار اجهو اهو آهي؛ باقي ٻاهرينءَ طرح ته هو ٻين وانگر ئي ائين وهن.

شلوڪ ٥٨. جيئن ڪڇون پنهنجي سڀني عضون کي سميٽي اندر ڪري سگهي ٿو، تيئن جو منش پنهنجون اِندريون وشين کان ڪڍي وس ۾ رکي ٿو، اُهو مني اِستر بدّيءَ وارو آهي.

پنهنجي اندرين ۽ من کي وشين جي ڏسندي به ڪمزور ٿيڻ نه ڏيڻ، اها استر بدّيءَ وارن جي خاص علامت آهي. اها سادنا ڪا سولي ڪانه آهي؛ ڇو ته اندريون ڏاڍيون پربل آهن. پرٿري راجا جهڙي نه راڄ جو مالڪ هو ۽ ٣٦٠ راڻيون ڪيس هيون، پر هڪ راڻيءَ جي بي وفائيءَ کان اهڙو ته ويراڳ آيس، جو يڪدم سڀ ڪجهه ڇڏي وڃي جوڳي ٿيو. پر وات تي هڪ رات جو چانڊوڪيءَ جي چمڪ ۾ رستي تي پان جي پيڪ ڏسي ان کي هڪ لال سمجهي، سوچڻ کان سواءِ اندرين جي وس ٿي کڻي ان ۾ هٿ وڌائين، جنهن تي سندس بدّيءَ مٿس ڌڪار وڌي:

> رتن جڙت مندر (محلات) تجي - اور سڪين ڪو ساٿ؛
> ري من دوکي لال کي - گيو پيڪ (ٿڪ) سي هاٿ!

اندرين ۽ من جو سارو وهنوار بدّيءَ تي منحصر آهي؛ ورتي اندرين کي قابو رکڻ پرماتما جي ديا کان سواءِ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. جي بدّي استر آهي ته من ۽ اندريون به وس ۾ رهنديون، پر جي بدّي چنچل آهي، ته سارو وهنوار چنچلتا وارو ٿيندو. گيانوان سادن سان بدّيءَ کي استر ڪن ٿا ته پوءِ اندريون ۽ من پاڻيهي استر ٿي ٿا پون. من کي ته سک يا آنند ٿي گهرجي؛ جيسين آتم سک نه مليو اٿس، تيسين وشين جي ڀوڳن ۽ رسن ۾ ئي سک پيو ڳوليندو. ڀڳتن جي بدّي آتم رس ۾ رتل آهي، ڇو ته هنن جي بدّي استر ٿي چڪي آهي؛ هو جاڻن ٿا ته آتم آنند کان مٺي ٻيو ڪو به آنند ٽنهي لوڪن ۾ نه

شلوڪ ٥٧. جو سڀ ڪنهن طرح ۽ سڀ ڪنهن هنڌ (ديهه آدڪ پدارٿن ۾) سنيهه يعني موهه کان رهت آهي ۽ ڀلي يا بري جي ملڻ ڪري نہ واڪاڻ ٿو ڪري، نہ گلا. ان ودوان پرش جي ٻڌي استر چئجي ٿي.

هو من ملڻ لئي تونددي نٿو ۽ ڪهڙي ڀوڳڻ وقت ناراض نٿو ٿئي. هو پنهنجي آتما ۾ محو رهي سکن دکن کان مٿي چڙهي ويندو. هن کي پنهنجي شرير يا حياتيءَ لاءِ بہ موهه ڪونہ آهي، ڇو تہ هو تہ ٻالڪي برهم يا پرم آتما جو انس ٿو سمجهي. هو نہ چڱائي ڪندڙ جي ساراهہ ٿو ڪري ۽ نہ برائي ڪندڙ جي نندا. دنيا ۾ اهڙا مهاتمائون هر پرڪار جو وهنوار ڪن ٿا، پر ڪنول جي گل وانگر الپ ٿي. هو سڀ شڀ ڪرم ڪندا رهن ٿا پر اهي سڀ برهم کي ارپن ڪري. پرماتما سان ڪي ليڪا يا کاتا نٿا رکن تہ اسان هي هي ڪيو. هو انڪري پاپن ۾ ليپائمان نٿا ٿين:

. جل ۾ اُپجي، جل ئي دور - جل ۾ جوت رهي ڀرپور.

ڪنول جو گل پيدا جل ۾ ٿو ٿئي ۽ جل مان ئي سڀ تازگي، سونهن ۽ جوت پائي ٿو، پر جل ڪيس سپرش نٿو ڪري. هو جل کان مٿي ئي رهي. ان طرح پورن مهاتمائون بہ آڪاش مان ڪونہ ٿا اچن. پيدا هن سنسار ۾ ئي ٿين ٿا، رهن بہ سنسار ۾ ٿا، ڪٿي غفائن ۾ يا ٻوٽن ۾ رهن تہ بہ سنسار ۾ ئي ليا ۽ ان جل بہ سنسار جو کائين ٿا، پر هو نرليپ ٿي ڪنول جيان ٿا رهن.

گرو ارجن ديو بہ سکمني صاحب ۾ چيو آهي:

” برهم گياني سدا نرليپ - جيسي جل ۾ ڪنول اليپ. “

هن کي ڪنهن ڪرم ڌرم جي ممتا نہ آهي. اهنڪار ٿي آهي، جو ڪرم جو ڦل ڀوڳائي ٿو. پر يا نيڪن ڀلي سڀني سان هجي، پر موهہ وارو پيار نہ هجي. جيڪو گرهست ۾ رهي بہ اداس ٿو رهي ۽ سڀ سان متاڇرو وڙلي ٿو، اهو بهادر آهي ۽ نہ اهو، جو گرهست ڇڏي ٻاهر ڀڄي ٿو وڃي.

هڪ تہ سڀني سان واجبي سنيهہ هجي ۽ ٻيو ڀلي بري ۾ پرسن رهي، هڪ سمان هلت ڪري. رواجيءَ طرح مرضيءَ موجب پدارٿ پراپت ٿئي ٿو تہ خوشي ٿي ٿئي، ڪٿي اهو پدارٿ سچ پچ دکدائي بہ هجي ۽ آخر ان مان ڀاري ڪشٽ بہ ملن ۽ مرضيءَ جي برخلاف ڪجهہ ٿئي ٿو تہ رنج ٿو ٿئي، ڪٿي اهو آخرين طرح بلڪل آنند ڏيندڙ هجي؛ جيئن ٻالڪ هڪ سدر نانگ کي ڏسي، ان کي پڪڙڻ چاهي ٿو ۽ ان ۾ هو سک ٿو سمجهي ۽ اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ ان مان نہ آخر وک سرولي دک ملندو ۽ جان بہ ويندي! گيانوان من کي ٻالڪ نٿو ڄاڻي ۽ ان جي انڪولتا يا پرتيڪولتا (پسنديءَ يا ناپسنديءَ) کي نہ ٿو ڏسي. من وشيہ ڀوڳن ۾ خوشي ٿو سمجهي ۽ ستسنگ ۾ هو ٻالڪي بندن ۾ هلاڪ ٿو سمجهي. آتما تہ سڀني جو اُڪنڊ ۽ آنند روپ آهي، مگر مايا ۾ ڦاسي اگيان وچان ڪن کي پنهنجو ۽ ڪن کي پرائو سمجهي رهيا آهيون.

ٻاڻي جو شرير سوڙو ونڪ ڏاڍو ويو؛ ڀڳوان کيس جيڪو ڏنو هي سارو سرڳڌام ٽيهجي ملڪيت آهي.

اندرين کي قابو رکڻ لئي اسٿر بڌيءَ وارن جي هلت چلت آهي. ان طرح ڀڳوان ارجن کي سندس چئن ئي سوالن جو جواب ڏنو. جيتوڻيڪ ارجن ٻاهرينءَ هلت چلت، ٻوليءَ وغيره بابت سوال ڪيا، پر ڀڳوان کيس سمجهايو ته ٻاهران ڪو به تفاوت ڪونه هوندو آهي، پر هن جا خاص لڇڻ، هلت چلت ٻئي نموني جي ٿئي ٿي. جيئن متين شلوڪن ۾ آيو.

ارجن ڀڳوان جو اندرين جي سنجم بابت اپديش ٻڌي، شنڪا ڪئي ته اندرين کي قابو رکڻ وارو اسٿت بڌيءَ وارو ۽ گياني ٿو ليکجي. پر اندرين کي قابو ته بيا به گهڻيئي ٿا رکن. ٻاڳل آدميءَ کي وشين جي سک جو پتو به ڪونه هوندو آهي. هو استريءَ جو سک به نٿو ڄاڻي؛ نه اها سڌ ٿيس ٿي ته فلاڻي شيءِ ڪئي آهي يا مٺي. ڇيڻو هدن به ته وشين کان اندرين کي جيتيو آهي. نرآهاري يا ورت رکندڙ جوڻ اندريون به سنجم ۾ رهن ٿيون. ٻاکندي ماڻهو به دنيا کي ريجهائڻ لاءِ ڪاڏي پيئي؛ پڻ وشين جو سنجم ڪن ٿا. بندي خانن ۾ جيڪي آهن يا بيمار پيا آهن، انهن جون اندريون به روڪيون ٿيون آهن. وسنا وغيره جو ڪو به سک نه اٿن، وشين کان به ٻچيل آهن، ته ڇيو ته ڇا اهي به سڀ گيانوان ليکبا؟

ڀڳوان سندس انهن شنڪائن جو جواب ٿو ڏئي:

شلوڪ ٥٩. جيڪي زبردستيءَ يا لاچاريءَ کان اِندرين جو سنجم ڪن ٿا، اُنهن کان اِندرين جا ڀوڳ برابر دور ٿا ٿين، پر اُنهن ۾ ڀوڳن جي واسنا يا اِڇا رهي ٿي. اُها رڳو اُنهن مان تڏهن دور ٿئي، جي اِسٿت بڌيءَ وارا آهن.

ورت رکندڙن جون اندريون برابر اُن وقت سنجم ۾ آهن، پر اُنهن ۾ اهو خيال رهي ٿو ته ورت پوري ٿيڻ تي هي هي پدارٿ کائينداسون. هنن ۾ واسنا ۽ ترشنا رهي ٿي. جيل خانن ۾ به قيدين ۾ هر وقت اهو خيال رهندو آهي ته ڪڏهن ڇڏبا جو وري وڃي ٻاهريان سک ۽ مزا وٺون. اهو سنجم ليڪ ته لاچاريءَ کان آهي. چرين ۾ به سوڪير خيال ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي ته ڪڏهن هي ڏک دور ٿيندو ته دنيا جا سک ڀوڳيون. اسٿر بڌيءَ وارا ڪنهن به زبردستيءَ کانسواءِ ئي اندرين کي وس ۾ رکن. گياني اهڙن ڪونه خيال ڪندا آهن ته سماڌيءَ مان اٿي وري فلاڻو وشيه سک ماڻينداسون يا فلاڻا ڀوڳ پدارٿ هٿ ڪنداسون. جيڪو ٿيسوي راڄ يا سرڳ جي ڪامنا لاءِ تپسيا ٿو ڪري، اهو گياني ڪين چئبو. اڇا رهت ٿي تپسيا ڪرڻ ئي سچي تپسيا آهي. گيانوانن جون سڀ اڇائون پورين ٿي ويئون آهن.

سڀي اڇان ڀوڙيان جا ٻابا اڳم اپارا،
گرو نانڪ مليا يار ٻيوهر- تيري چرنان تون ٻلهارا.

آهي. يوڳ شاستر ۾ چيل آهي ته جن اثر وس ٿواب ڄميو آهي، انهن جي اندرين ۾ سڀ گيان جو الوڪڪ پرڪاش ٿئي ٿو. تن جو هڪ سندر مثال هن ريت آهي:

هڪ جاءِ تي هڪ ٻڪر ٻولي رهيو هو. هڪ ڇنا جو پنڊو اتان اچي لنگهيو ۽ اها ٻولي ٻڌي چيائين ته واهه ڪيئن نه قادر جي قدرت کي ساراهي رهيو آهي. هڪ واڻيو اتي بيٺو هو. ان پڇيس ته "ٺاڪر سائين! ڪيئن ٿا اهي چئو؟" چيائين ته "اها! هو پيو لو چوي: سبحان تيري قدرت! سبحان تيري قدرت!". واڻيو چيو ته "سائين! هو اهو ته ڪولهو لو چوي، پر چوي ٿو "لوڻ مرچ ادرڪ، لوڻ مرچ ادرڪ!" هڪ پهلوان به اچي اتان لنگهيو، سو چوڻ لڳو ته "اوهان ٻنهي غلط آهيو. هو ته چوي ٿو لنڊون پسڙا ڪسرت، لنڊون پسڙا ڪسرت!" هڪ ٻراڳي آيو ۽ هن جو جهيڙو ٻڌي چيائين ته "يار! هو ته رام چوي رام لڇمڻ دسرٿ." مطلب ته ٻڪر ته اتي چالي ٻولي، پر هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ورتيءَ انوسار مطلب لي ڪڍيو. ان طرح سارو سنسار پنهنجيءَ ورتيءَ انوسار هلندو هلي ٿو. من مليل آهي ته اندرين کي به ٻرو ڪرم ڪرائيندو، ٻڌي به خراب ٿيندي ۽ پنڌيون ٻرايون روز ٻروز وڌنديون. سڀ سمجهن ٿا ته هي ٻرو ڪرم آهي، پر ان هوندي به اهو ڪن ٿا ۽ چون ته من ۽ اندريون سندن وس ۾ ڪين آهن. جنهنجي ٻڌي ڌرم اڌرم جو ويچار ڪري سگهي ٿي ۽ ڌرم تي ٽڪي آهي ته ان من کي وس ۾ ڪندي ۽ پوءِ اندريون ڪڏهن ٻرو ڪرم ڪين ڪنديون. گيانوان ڪو اندرين کي ماري ڪين ڪين ٿا، پر انهنڪري شد ڪري، انهن کي وس ۾ ڪن ٿا، نه ته ڪيترو به ڪير رچيل هجي ته به اندريون هٿ ۾ نه ايندس. اندر ديوتا کي ڪيترا نه ڀوڳ پدارٿ ۽ انهن جا سک پراپت آهن پر اندريون وس ۾ ڪين اٿس، جنهن ڪري هن کي به ترپتي نه آهي. هو اڃا به وڌيڪ وشين جا سک چاهي ٿو، پر هڪ مهاتما کي هڪ لنگوٽي آهي ۽ ڪاٺ لاءِ سڪو ٽڪر لو مليس ته به جي انتهڪرڻ شد اٿس ته هو شانت رهي ٿو ۽ هن جون اندريون کي به پدارٿ ڏسي نٿيون لالچن. هو ته اندر ديوتا کي به هڪ رنڪ لو سمجهي ٿو ۽ چوي ته ڏنو نه ليو اٿس ۽ پر مهاتما وٽ نام جو خزانو آهي، جو وڏي ۾ وڏو ڌن آهي. مهاراجا دسرٿ جهڙا چڪرورتي راجائون به وسشٽ منيءَ اڳيان هٿ جوڙي بيهندا هئا. وشوامتر رشي آيو ته راجا دسرٿ ادب وچان ڏڪندو ٻاهر ويو سندس آجيان ڪرڻ ۽ ساشٽانگ پرڻام ڪيائيس. اهڙا مهاتمائون سچي شاهي خزاني جا مالڪ آهن. اهڙن مهاتمائن مان ئي انسان کي هن مثل جنم ۾ ئي ڪجهه حاصل ڪرڻو آهي نه ته سارو جنم وڃائڻ ليندو.

گرو رامداس ننڍي هوندي هڪ غريب گهر جو ٻالڪ هو ۽ لاهور ۾ چولا وڪڻي گذر ڪندو هو، جيتوڻيڪ خاندان وڏو هوس. گرو امرداس جي مٿس ڪرپا نظر ٿي ته هو سندس گاديءَ جو مالڪ ٿيو. سندس در تي لڪشمي ديوي هر وقت ڪري هوندي هئي. هزارين ۽ لکين ۾ ڪيس پيسائون ملنديون هيون. ڪبير جڏهن ڄائو ته مائٽن کيس هڪ ڪوريءَ جي ڪٿي ۾ ڪٿي ڦٽو ڪيو ۽ ان ڪوريءَ کيس پاليو. ڀڳتيءَ جي ٻل سان هن اها ته پدوي

ڀڄڻ ليون وڃن.

اندريون ۽ من نه فقط نام جپڻ سان وس ٿي سگهندا. ڀڳتيءَ مان ئي من شد ٿئي ٿو ۽ پوءِ ويراڳ ۽ گيان اچڻ سان بڌي استر ٿئي ٿي ۽ ٻيءَ طرح نه. ڪبير صاحب نام جو پرڀاءُ ڏيکاريو آهي. جڏهن ڪيس نام جپڻ جو رس آيو ته پنهنجو وهنوار به ڀلجي ويندو هوس ۽ چوندو هو ته واڻ ۾ ڏاڳو وجهان ٿو ته اهو وقت رام جپڻ رهجي ٿو وڃي، سو ڪيئن مان ڏنڊو ڪريان؟ هنومان جي روم روم ۾ رام پئي وسيو. هن جي درشٽيءَ ۾ رام کان سواءِ ساري برهمانڊ ۾ ٻيو ڪجهه به ڪين هو. جن جو من ايشور جي ڌيان ۾ لڳل رهي ٿو، اهي ئي اندرين کي روڪي سگهن ٿا. اندريون آهن گهوڙن سمان ۽ جيڪو سوار انهن کي قابوءَ ۾ رکي سگهي ٿو، اهو ئي منزل مقصود تي پهچندو ۽ ٻيءَ حالت ۾ اهي گهوڙا وچ رستي تي ئي ڪيرائي ڇڏيندا. ايشور جي راهه ۾ اهي هلي سگهندا، جن کي هن منش ديهه جو قدر آهي، ته ڀڳوان اها ديهه ڪهڙي نه امولڪ ڏني آهي ۽ ڪيئن نه هڪ ٻوند مان اسان جو هي سندر شرير ناهيو اٿس! گرو ارجن ديو سکمني ۾ فرمايو آهي:

رمئيا ڪي گن چيت پراني - ڪوَن مول تي ڪوَن درشٽاني!

شلوڪ ٦١. انهن سڀني اِندرين کي روڪي، نيم ۾ رکي پرش کي منهن جي شرن اچي، ايڪاگرچت سان مون ۾ ڌيان لڳائي ويهڻ گهرجي. اِن طرح ئي بڌي استر ٿي ٿئي.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان استر بڌيءَ وارن جو آسڻ ٿو ارجن کي ٻڌائي ته ڪهڙو آهي. اندرين کي وس ۾ رکي به وهنواري اٿوا پرمارٿڪ ڪارجن ۾ ايشور جي شرن ۾ اچڻ آهي. جن کي پرماتما جو ڀروسو نه آهي، اهي ڪٿي هرناڪشپ جهڙا تپ ڪن ته به ڦل سٺو نٿو ملين. ويدن ۾ آيو آهي ته جنهن پرش جي هردي ۾ ڪارج ڪرڻ وقت منگلڪاري پڀو آهي، ان کي ڪڏهن به وگهن نٿو پوي، نه ته ڪٿي ڪارج پورو به ٿئي، ته به پوري سڌي نٿي ملي. شرن پيلن جي ايشور پاڻ ٿو سهائتا ڪري. جڏهن شري رامچندر بنواس ۾ ويو ته اڳري مني، والميڪ رشي ۽ ٻين گيانوان رشين به سندس شرن ورتي ۽ چيو ته اهڙي ڪرپا ڪريو، جو اسان جو من اوهان کان ڀي مک نه ٿئي. والميڪ کان جڏهن ڀڳوان پڇيو: مان ڪٿي جهوپڙي ناهي رهان ته هن سندر نموني سان چيو ته ”جن اوهان جي شرن ورتي آهي، انهن جي هردي ۾ اوهان جو گهر آهي.“ ڀڳوان ته ٻاهريون هند ٿي پڇيو پر رشيءَ پرڀو وچان اتين چيس. پوءِ هن ٻاهريون هند به ڀڳوان کي ڏسيو ته اتي ڪٽيا ناهي رهو. جيڪو اندرين کي وس ۾ رکي ٿو، پر هريءَ جو نالو نٿو جپي، اُن ۾ اهنڪار واسو ڪري ٿو ۽ اهنڪار سڀنائين ڪميليندڙ آهي ۽ اهو ڪنهن به حالت ۾ ايشور کي منظور نه آهي. وڏا وڏا يوگي، رشي مني، گياني به اهنڪار ڪري ڪري ٿا پون. نارد منيءَ جهڙو ديو رشي، برهما جو پتر به اهنڪار وچان اڄرو ڪريو، جو جيتو ٽيڪ تپسيا ڪندي جڏهن اندر ڀڳوان سندس تپسيا ۾ ڀنگ وجهڻ لاءِ ڪام ديوتا ۽ اپسرائن کي موڪليو ته به هو اڏول رهيو، پر

ٻوهر ٿي ڏسڻ ٻوڪ، ٻاڻڻ ٻوڪ ۽ ٻڌڻ ٻوڪ آهي ته جن اُن ٻرهم کي پاتو آهي، اهي ٻيون ڪهڙيون اڇائون رکندا؟ سورج کي ڏسي ٻه ڪو اکين وارو چوندو ته اُنڌيرو آهي؟ شاربوڪ پاش ۾ لڪيل آهي ته ڪيان ٻورو ٿي نه سگهندو، جهستائين اندرين جي وشين نجي لالسا آهي. گيانوان وهنوار ڪري ٿو پر سڀ پرمارٿ روپ ۽ ٻرهم آرپن. باهرين وشين ٻر سک هجي ها ته هوند چڪرورتي ۽ ٻيا راجائون مهاراجائون راڄ محل جو ڇڏي وڃي بن ۾ رشين منين جي شرن وٺن ها؟ گيانوانن جو من ٻاوَل آهي، جنهنڪري هنن جون اندريون هر وقت سنجم ۾ رهن ٿيون. هنن آتما جو سک چکيو آهي، جنهنڪري ٻيو ڪجهه هنن کي منو ٿي نٿو لڳي.

هڪ دفعي گوپن ۽ گوپين شري ڪرشن کي چيو ته ڪڏهن پنهنجو ونڪنٺ اسانکي ڏيکاريو. ڀڳوان هڪ رات سڀني ۾ سڀني کي ونڪنٺ جو درشن ڪرايو، پر اُٺي هنن ڪرشن کي اصل نه ڏٺو، جنهنڪري وياڪل ٿي پيا ۽ چاهڻ لڳا ته ٻرج پومي ڪهي ۽ نه ونڪنٺ. اُتي ڪرشن نه اسانکي پيار ٿو ڪري، هت نه ڪجهه نه آهي. ٻئي ڏينهن ڪرشن سڀني کان پڇيو ته ونڪنٺ ڏيکاريانو؟ چوڻ لڳا ته نه، اسان ڏسي ڇڏيو آهي.

ڪيا ڪرون ونڪنٺ لـي - ڪلپ ورڪش کي ڇـاهه؟

احمد ڍاڪ (بغل) سهاونـي - جڻون ٻـريتم گـل ٻانهن.

پارسي شاعر حافظ کي ٻه ڪنهن چيو ته ”هلو ته بهشت جو سير ڪريون.“ هن چيو ته ”اُتي ته رڳو اپسرائون ۽ حورون هونديون، ٻيو ڇا هوندو؟ مان اهي نٿو چاهيان، جنهن لاءِ دنيا اُڙتي رهي آهي. منهنجي اندر ۾ جا حور پري آهي، مان اُن ۾ مست آهيان.“ مطلب ته هوءَ پنهنجي آتم رس ۾ لٽولين هو، جنهن مان ٿي کيس مها آنند ٿي آيو.

من مندر جي پوترتا رکڻي آهي ته اُن لاءِ ضروري آهي ته اسان جو کاڌو پيتو پوتر هجي ۽ زبان جي رس لاءِ اُڌرم وارو کاڌو پيتو نه هجي. جيئن ڪنهن مندر يا مسجد ۾ پليت شيون ماس، شراب وغيره نه کڻي وڃبو آهي، ليڪن هن ايهڙي مندر شريرر ۾ به ٻريون شيون نه وجهڻ گهرجن ۽ من ۾ انهن لاءِ واسنائون ٻه نه اچڻ ڏجن.

شلوڪ ٦٠. **هي ڪنتي پتر ارجن! سادنائن ڪندڙ ويڪي پرشن جي من کي ٻه هي آليفت بلوان اِندريون زبردستيءَ چلايمان ڪري ڪيرائين ٿيون.**

ڀڳوان چئاني ٿو ته اِندريون اُهڙيون ته زبردست آهن، جو جن جي ٻڌي اڃا اسٿر نه ٿي آهي ۽ جي اڃا اُن وات تي سادڪ آهن، تنکي هو ڪيرائي شبد، روپ، رس آدي وڪارن ڏي گهلي وڃن ٿيون، جيئن چوڪيدارن جي پهري ڏيندي به ڪن ڏنوانن جو ذن مال چور زبردستيءَ کڻي ويندا آهن. سڱڳي رشيءَ کي استري ۽ پرش جو گيان ٻه نه هو ته سڀني جي شريرن جي بناوت ۾ ڪهڙو تفاوت آهي ۽ وشيه سک ڇا ٿيندو آهي، پر اُهو رشي ٻه اپسرائن جي ڦاسيءَ ۾ اچي ويو ۽ وشيه ڀوڳن ۾ لڳو. سساري ماڻهو ته ٺهيو، ٻه وڏا وڏا وڏوان رشي مني، جي تپسائون ڪري رهيا آهن، انهن تي به اهي غالب

سؤ ٻر رشي نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ لڳو ته ڏٺائين ته هڪ مڇ پنهنجي ٻارن ۽ مادين سميت ساڻ ٻرٻر ڪري رهيو آهي. سندس من ان طرف ويو ۽ سمجهائين ته گرهست ۾ ٻرٻر جو ايڏو ڪو سواد آهي، پر افسوس جو مون اهو سواد ڪونه وٺي ڏٺو آهي. ان خيال ڪرڻ سان من ۾ اِڇا پيدا ٿيس ته اهو سک به ماڻڻ گهرجي. ڌيان ان طرف لڳڻ ڪري ڪامنا اُڀري ٿيس. ويو راجا مانڌاتا وٽ ۽ ڪيس وڃي چيائين ته راجن! مونکي گرهست ڌرم ڪرڻو آهي، سو مونکي هڪ ڪنيا ڏيو. راجا سوچيو ته انڪار ڪندس ته رشي ڪاوڙ مان سراپ ڏيندو ۽ هوڏانهن اهو به خيال ٿيس ته رشي آهي ٻڍو ۽ ڪنيائون سڀ جوان آهن، سو اهو به ٺيڪ نه ٿيندو. راجا چيس ته مونکي محل ۾ ٥٠ ڪنيائون آهن. اندر هليا وڃو. جيڪا ڪنيا اوهانکي وري، اها وٺي وڃو. رشي سمجهي ويو ته راجا منهنجو شرير ٻڍو ڄاڻي ائين ٿو چوي. يوگ ۾ نه هو ڪمائي ڪيل هو، سو محل طرف ويندي پنهنجيءَ شڪتيءَ سان هڪ مهاسندر نوجوان ٺهي پيو ۽ اندر ويو ته سڀني ڪنيائن ڪيس پنهنجو ور ڪيو. هو پنجاهه ئي ڪنيائون وٺي ٻن ۾ وڃي يوگ ٻل سان پنهنجا پنجاهه روپ ڌاري ۽ پنجاهه محل ٺاهي، هڪ هڪ زال سان جدا جدا رهي، گرهست آشرم جا فرض پالڻ ڪرڻ لڳو ۽ وشيه ڀوڳ چڱيءَ طرح ماڻيائين. آخر ڪجهه عرصي کانپوءِ خيال ڪيائين ته هاءِ، هاءِ، مان ڪٿي جو ڪٿي وڃي ڪريو آهيان! يوگ اوستا ۾ ڪيڏو نه جوت چڙهيل هوس ۽ هاڻي ڪهڙو حال ٿيو اٿم. ويچار ڪري آخر ورِي سڀني استرين سميت ٻن واس هليو ويو ۽ باقي وقت تپسيا ۾ ڪاٽي، شرير تياڳيائين ۽ ساڻس گڏ رهي پنجاهه ئي استريون به ستيون ٿيون. مطلب ته رڳو مڇ ۽ ميين کي ڀوڳ ڪندو ڏسي، اهڙي ڀوڳيءَ جو به اهڙو حال ٿيو ته رواجي انسان ٻاپڙي جا ڇڪجي؟

اندر ديوتا ۾ ڪنهن خيال وڌو ته مرليو لوڪ ۾ هن وقت گوتم رشيءَ جي استري اهليا جهڙي سندر ٻي ڪا به استري ڪانه آهي. نتيجو اهو ٿيو جو هن ۾ هن سان سنگ ڪرڻ جي ڪامنا ٿي. ڪيترا ڏينهن سرڳ جو راڄ ڇڏي، سمنڊ جي ڪناري تي لڪو رهيو ۽ دوکي سان اهليا جو ست ڀڃائين. آخر جو ڪيس سراپ رشيءَ کان مليو، سو پرسڌ آهي. اهليا کي به پٿر ٿيڻو پيو ۽ آخر شري رامچندر سندس اڌار ڪيو. ڪام رڳو وشيه ڀوڳ جو ٽالو نه آهي، پر ڪنهن به شيءِ يا پدارٿ جي هٿ ڪرڻ جي ڪامنا يا اِڇا کي به ڪام ٿو چئجي. ڪام سالوڪي ۽ ڌرم انوسار آهي ته سک ملندو، پر رجوگڻي ۽ تامسي آهي ته دک ڪليش ملندا. اسان جي اندر ۾ آتما جي اهڙي ته طاقت آهي جو سورج ۾ به نه آهي، رڳو اها سڃاڻجي. آتما جوتين جي جوت آهي، سورج، چنڊ تارن کي روشني ڏيڻ وارو آهي.

"جيون مڪتي" گرنٿ ۾ آيو آهي ته ٻاهريان خيال ڇڏي اندر ۾ جهاتي پايو، پنهنجي شڪتيءَ جو انڀو ڪريو ۽ خيالن کي وس ۾ رکي شڪتي وڌايو. ٻاهرين وشين ۾ خيال لڳائڻ سان شڪتي اجائي زيان ٿي ٿي. ساڌ سنگت مان ٿي خيال شڌ ۽ اوچا ٿين

جڏهن اهنڪار آهس تہ مون ڪم ديوتا کي ڄميو آهي، تڏهن هڪ مايا سان پيدا ٿيل راڄا جي ڌيءَ تي موهت ٿي ان سان شادي ڪرڻ چاهيائين پر وشنو ڀڳوان کيس ٽاري ورتو. ان لاءِ هن وشنو ڀڳوان تي ڏاڍو ڪروڌ ڪيو ۽ سراپ بہ ڏنو تہ جيئن تو مون کي ڳال جو وجهڙو ڏنو آهي، تيئن تون بہ اهو وجهڙو سهندين ۽ جيئن مون کي سهڻي صورت ڏيڻ بدران ٻاندر جي شڪل ڏني، تيئن تون بہ ٻاندرن جي مدد سان ڳال هٿ ڪندين. ڀڳوان جڏهن کيس سمجهايو تہ اهنڪار ڪرڻ ڪري تون ان ريت ڪم جي وس ٿيو هئين ۽ مون تہ توکي ديا ڪري ٻچايو، تڏهن هن سمجهيو ۽ ڏاڍو پڇتاءُ ظاهر ڪري، ڀڳوان کان معافي ورتائين ۽ شڪرانا ڪيائين.

ڀڳوان رامچندر جو ٻاليءَ کي ڇڏي سگريو جي مدد ڪئي، سو بہ ان ڪري جو ٻالي هٺيلو هو ۽ ڀڳوان جي شرڻ ۾ نہ آيو. سيتا جي کوج جو ڪم بہ سگريو کان وڌيڪ شڪتيءَ سان ٻالي ڪري سگهي ها، پر سگريو دکي هو ۽ ڀڳوان جي شرڻ آيو، تہ ڀڳوان کيس راڄ ولي ڏنو ۽ پوءِ سهائتا ورتائيس.

شلوڪ ۶۲. جڏهن ڪو پرش وشين جو ڌيان ڪري ٿو تہ اُنهن لاءِ هن کي پريت پيدا ٿئي ٿي. اِنهيءَ پريت وچان اُنهن کي پراپت ڪرڻ جي ڪامنا اُٿپن ٿئي ٿي. اِن ڪامنا مان ڪروڌ ٿو اُٿپن ٿئي (جي اها پوري نہ ٿئي).

شلوڪ ۶۳. ان ڪروڌ مان موهہ يا اگيان پيدا ٿئي ٿو ۽ موهہ وچان سمرتيءَ جو ناس ٿو ٿئي. وسمرتيءَ سان بُڌي مارجي وڃي ٿي ۽ بُڌي ناس ٿي تہ ڄڻ سڀ ڪجهہ ناس ٿيو.

ڀڳوان هنن شلوڪن ۾ سمجهائي ٿو تہ اندرين جي روڪڻ لِي بہ من ۾ واسنائون روڪيل نہ آهن تہ اهو روڪڻ انرٿ جو ڪارڻ ٿئي ٿو. ٻاهران اندرين کي وشين کان زبردستيءَ روڪي بہ جي من ۾ اُنهن جو ڌيان ڪجي ٿو تہ اُنهن وشين ۾ پريت اُٿپن ٿئي ٿي ۽ اُٿپن ٿيسي ٿو تہ اُنهن مان سک ملندو ۽ پوءِ اُنهن کي حاصل ڪرڻ جي ڪامنا پيدا ٿئي ٿي ۽ جي اها ڪامنا پوري نہ ٿئي تہ من کي ساڙڻ وارو ڪروڌ اُٿپن ٿئي ٿو يعني اها ڪامنا ئي آخر ڪروڌ جو روپ ٿي اختيار ڪري، جنهن مان اگيان پيدا ٿو ٿئي ۽ ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ لائق ڪرم جي پرکڻ جي پوري يعني وويڪ مارجي ٿو وڃي. جڏهن اهو موهہ پيدا ٿئي ٿو، تڏهن سڀ شاسترن، گروءَ ۽ مهاتمائن جا ڏنل اُپديش بہ وسري ٿا وڃن. ان وسمر ڪري ستسنگ يا مهاپرشن جا پروچن بہ ياد نٿا رهن ۽ بُڌي مارجي ٿي وڃي. مطلب اهو تہ تو بہ وشين ۾ خيال ڪرڻ ڪري بہ آخر سڀ ڪجهہ ناس ٿي ٿو وڃي. ان ڪري سماڌاڻ سادهو ٻڌي بہ وشين طرف من کي نٿا وڃڻ ڏين ۽ هميشه برهماڪار ورتيءَ ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ان جو هڪ مثال ڀاڳوت ۾ آيو آهي

جو ڪاهه ڏي ٻوڙن ۽ مهاتما جي چوڻ موجب منهن تي ڏنڊو هڻبو هون. ان طرح ڪي ڏينهن ۽ هوءَ ڏندي لڳندي ۽ واقعي وجهنديون ڇهين، پر ١٥-٢٠ ڏينهن ڪانپوءِ هوءَ مار جي ڊپ کان صبح جو منهن گاهه ۾ نه پيئڻ وڃن. جڏهن باقي ڏينهن هئن سانڍهه منهن نه وڌو، تڏهن راجڪمار هڪ صبح جو هُن کي ولي ويو ۽ راڄا هُن اڳيان گاهه وڌو، پر هُن منهن نه وڌو ۽ راجڪمار کيا ڪٽي. اهڙيءَ طرح اندريون ۽ ٻڪتين مان وس اچڻ ٿيون. اهي ٻڪتيون آهن ويراڳ جو ڏنڊو، ستسنگ ۽ ٻندگي. پوءِ ودبا روپي ڪيا تڏهن جگياسوءَ روپي راڄ ڪمار کي ملندي، جڏهن اندريون وشين ۾ منهن نه وجهنديون. جڏهن جڏهن وشين طرف اندريون وڃن ۽ کين ويراڳ جا ڏنڊا هڻجن ۽ وشين ۾ منهن نه وجهن. ستدن ترپتي ۽ نام جپ سان ٿيندي ۽ نه پدارٿن ڀوڳڻ سان. پرماتما جڏهن تي ڪرپا ڪري ٿو، اُن جون اندريون ترپت ٿي پون ٿيون، پر اسين اهڙي دئيالو داتار کي وساري ويٺا آهيون.

سکمني صاحب ۾ آيل آهي:

آد انت جـو راکن هار - تس سڱ پريت نه ڪري گنوار،
جا ڪي سيوا نونڌ نڌ پـاوي -
تاسڱ موڙها من نهين لاوي. (پوڙي ٣- اشٽپدي ٤)

مهاپرش جي سنگ مان ٿي ٻندگي روپي سچي دولت پائي سگهبي ۽ پرماتما جي دِيا جا لائق ٿباسون.

ڀڳوان ته هن شلوڪ ۾ صاف ٿو ٻڌائي ته جنهن اندريون وس ۾ ڪيون آهن ۽ من جيتيو آهي، اهو منهنجي ڪرپا جو پاتر ٿئي ٿو ۽ هن جا سڀ دک ناس ٿين ٿا ۽ هوءَ گيان واريءَ ٻڌيءَ ۾ استٿت ٿئي ٿو.

شلوڪ ٦٦. جيڪي استر من وارا نه آهن، اُنهن ۾ آتم وشئي ٻڌي اُتپن نٿي ٿئي (يعني هوءَ راڳ دويش ۾ لڳا پيا آهن). هنن کي آتم گيان لاءِ ڀاونا ٻه نٿي ٿئي ۽ ڀاونا کانسواءِ شانتي نه ملندي ۽ شانتيءَ رهت پرش کي (موکش روپي) سک ڪيئن پراپت ٿيندو؟

اهڙن جو من هميشه راڳ دويش ۾ لڳو پيو آهي. هنن ۾ ستيہ استي جي وچار ڪرڻ جي ٻه طاقت نه آهي، ايشور ۾ ڪا ڀاونا ٻه نه اٿن ۽ رات ڏينهن سنساري پدارٿن ۾ ئي لڳا رهن ٿا ۽ تن ۾ ئي سک ڀولين ٿا.

ڌني ڀڳت استٿت ٻڌيءَ جي ڪرتي ڀڳوان ۾ صدق رکيو. پتو ڪي ٻه ٺاڪر سمجهي، ان ڀاونا سان ان جي پوڄا ڪيائين ته اُن مان ڪيئن ٺاڪر جو درشن ٿيو. نامديو ٻه ٺاڪر کي کير پيارڻ چاهيو ۽ هُن نه پيتو، پر ڀاونا ايڏي اوچي هيس، جو ٻالڪي مارڻ لڳو، جنهن تي ٺاڪر پيتو ۽ درشن ٻه مليس! زهر جي پيالي کي ميران ٺاڪر جو چرناامرت سمجهي پيتو ۽ هن کي اَمرت ٿي لڳو. شري ڪرشن جڏهن ڪنس جي آکاڙي ۾ پهتو ۽ وڏيل ماڻهو سڀ هن

ٿا ۽ جنهن مان ئي آخر سک پراپت ٿئي ٿو.

شلوڪ ٦٤. جيڪي آتم گياني پرش وشين منجهه پنهنجون اندريون وس ۾ رکي، سياويڪ طرح اِندرين جي وشين ۾ نيم سان راڳ دويش کان رهت ٿي چرن ٿا، اهڙن ويچاروان پرشن تي منهنجي وڏي ڪرپا سمجهه.

ارجن جو سوال هو ته اهڙا ته ڪي پرش آهن جا، جن کي وشين جا سک ۽ ڏکن ۽ سرد وشٽ يعني سکن دکن ۾ هڪ سمان رهن؟ ڀڳوان ان جي جواب ۾ مٿيون شلوڪ اچارڻ ڪيو ۽ وڌيڪ صاف ڪرڻ لاءِ هيٺيون شلوڪ چيو:

شلوڪ ٦٥. اِن منهنجي ڪرپا ڪري هنن جا سڀ ڏک ناس ٿي ٿا وڃن ۽ هو هر وقت پرسن چت رهن ٿا ۽ جلدي هو گيان واريءَ بڌيءَ ۾ اِستٿت ٿي ٿا سگهن.

جنڪ راجا، ياگيه ولڪيه مني، وسشٽ مني ۽ ٻين انيڪ رشين منين گرهست جا سڀ سک ڀوڳيا، پر اندرين کي وس ۾ رکي، جائز نيمن انوسار ورتاءُ ڪيائون. اهڙا پرماتما جي ڀاري ڪرپا آهي، جنهن ڪرپا جو ڦل اهو ٿو ٿئي، جو هو دکن کان آجا ٿي، پرم آنند پائين ٿا. جن کي هري نام جو رس آيو آهي ۽ اُن ۾ لرٻيل ٿيا آهن، انهن جون اندريون وشين جي ڀليان ڪڏاچت ڪين ليون ڀٽڪن. هنومان کي جڏهن لنڪا ۾ هڪ مڻين جو هار ڏنو ويو ته هن هڪ هڪ مڻيو ڀڃي ڏسي ڦٽو ڪري ڇڏيو، ڇو ته ڇيائين ته انهن ۾ رام جو نالو ڪونهي. ڪبير، سڌني، روهداس، نامديو آدي ڀڳتن ڀلارن ۾ وڃي ڪاهه ساڌنا ڪالا ڪئي هئي، رگهو نام جي رنگ ۾ رتل هئا ۽ گرهست ۾ رهي ڪم ڪار بہ ڪري، گرمي سردي سهاري، جائز وشين بہ ڀوڳيائون ۽ ناجائز طرف منهن نہ ويا. روحاني طرح ته اسان جون اندريون گهوڙيون بہ رچيل هجن ته بہ وشين جي اڳيان اچڻ تي ضرور اُن طرف ڊوڙنديون، جيئن ٻڪري گهوڙي بہ داول هجي، تڏهن بہ عادت کان مجبور ٿي اڳيان گاهہ وجهس ته ضرور اُن ۾ واڇ وجهندي.

هڪ راجا هو، جنهن کي ڏهه پوڙها ڪيا هئي. سوئمبر ڪرڻ جو ويچار ڪري اهو شرط رکيائين ته ونس جيڪي پنج ٻڪريون هيون، انهن کي جيڪو ڇاڳ وٽ رکي ۽ پوءِ وري مون وٽ کڻي اچي، پوءِ جي اهي ٻڪريون اڳيان رکيل گاهہ ۾ واڇ نہ وجهنديون ته ان کي ڪنيا ڏيندس. گهڻئي شهزادا اچڻ لڳا ۽ واري واري سان ٻڪريون ولي وڃن، خوب ڪين ڪاراني ڀاري وٺي اچن، پر داول هونديون بہ هو ضرور گاهہ ۾ منهن پوءِ وجهن. ڪو بہ شهزادو ڪامياب نہ ٿي سگهيو. هڪ راجڪمار وٽ هڪ مهاتما وڃي هو ۽ پڇڻ تي سارو اهو حال ٻڌايائين. مهاتما چيس ته راجا کي حوالي موڪل ته هڪ مهيني لاءِ اهي پنج ٻڪريون ڏي پوءِ مان جڏهن اهي آڻيندس، تڏهن هو گاهہ ۾ واڇ نہ وجهنديون. راجا قبول ڪيو ۽ ٻڪريون ڏياري موڪليائين. ٻڪرين کي خوب راتب جو ڪارايو ڀاريو وٺندو هو پر صبح

ڄاڻيءَ ۽ هوءَ ڪڏاچت شڌ ڀاونا ڪري ڪين سگهندي. ڀاونا کي شڌ نه فقط منش ڄاڻيءَ ۽ ڪري سگهي، نه ته جوڳين جي چڪر ۾ پيو اُجهو وڃي. ڀڳوان رام جڏهن ايوڌيا جي تخت لئي براجمان ٿيو، تڏهن اول اول ساري رعيت کي ڪٺو ڪري، منش جنم سڦلي ڪرڻ جو اُپديش ڏنائين. اسان انيڪ جونين مان ڀٽڪي ڀٽڪي هيءُ منش چولو پاتو آهي. اُن ۾ به جيڪڏهن رڳو کائي، پي، سمهي، ڀوڳ ولاس ڪري، ڌن پدارٿ ڪمائي، حياتي پوري ڪئيسين ته ڇا ٿيو؟ اهي سنساري سک ته اُن جي داڻن وانگر آهن، جي جهرڪيون به کائي پيٽ ڀرين ٿيون. جي اسان به رڳو اهو ڪيو ته باقي فرق ڪهڙو ٿيو؟

جهرڪيون کائين ٿورا ڪجهه داڻا، پر ٻاڙ ۾ شور گهڻو وڃي مچائينديون آهن. هن سنسار ۾ اسين به ٿوري جيئڻ واسطي اجايو جهڳڙا پيا ڪريون. انسان ڪيئي به ڪٺي وڏي پدوي پائي، ته به کائيندو آخر گهڻو؟ آتم ڌن اڳيان اهي پدارٿ ته داڻن برابر آهن. نار جو ريڪت به اجائي ڳڙٻڙ آهي. درياه جي وهڻ جو آواز به ائين آهي. اِن طرح منش لاءِ پنهنجي عهدي، طاقت، ڌن، پدارٿ ۽ ڪٽنب جو اُيمان ڪرڻ ٻڻ سڀ ورٿ آهي. پرماتما جي ڀڄن ڪرڻ کان سواءِ اجايو پيا ٿا اسين شوڪون ۽ مرض جي ترشنا اگن ۾ جلون. اهڙيءَ حالت ۾ موڪش جي اِڇا رکڻ اٿين آهي، جيئن ٻنا ڏاکڻ ڪوني لئي چڙهڻ جي خواهش!

شلوڪ ٦٧. جنهن جو من وشين ۾ ڀٽڪندڙ اِندرين پٺيان وڃي ٿو، پڪ ڄاڻجي ته اُهو من بُڌيءَ کي به اِئين پنهنجي طرف ڪري ٿو، جيئن درياه ۾ هوا ٻيڙيءَ کي ڇڪي ويندي آهي.

اسان کي ڏهه اِندريون آهن. هڪ اِندريءَ جي پٺيان به جي من ۽ بُڌي وڃا ته آتم ساکياتڪار بلڪل ڪين ٿيندو. اِندريون ته هر وقت وشين طرف ٿيون ڀٽڪن. من آهي هوا. اهو من اِندرين طرف ٿيو ته بُڌيءَ روپي ٻيڙي ڇا ڪري سگهندي؟ اندريون ۽ من ملي وڃا ته بُڌي گهڻو ڪري هنن سان ملي ويندي ۽ انسان جو عقل ماريجي ويندو. پر جي بُڌي آتم وشئي آهي ته من کي به پنهنجي طرف ڪندي ۽ اندريون پوءِ ڪجهه به نه ڪري سگهنديون. ميرا ٻائي هڪ استري هئي، پر ڪيس اها ڪهڙي شڪتي هئي، جو شينهن کان به نه ڊني، زهر به چرنامرت ڪري پي وئي، نانگ ۾ ڪرشن جو درشن ڪيائين؟ اهو سڀ سندس آتم وشئي بُڌيءَ جي شڪتي هئي. هيءُ شرير هڪ رٿ سمان آهي. اندر جو آتما آهي، اهو آهي رٿي يا رٿ جو مالڪ. ڪو رٿ جو مالڪ چوي ته مان رٿ آهيان ته ڪهڙو نه بيوقوف ليکبو؟ ساڳيءَ طرح اسين به شرير جا مالڪ ٿي پاڻ کي شرير سمجهون ۽ ڪوٺايون ته ڪهڙا نه اياڻا ڄماسين! اسان جي بُڌي اُن رٿ جي هلائيندڙ (سارٿي)، ڪوچوان يا ڊرائيور آهي. اسان جو من آهي لغام ۽ ڏهه اِندريون آهن اُن رٿ جا گهوڙا. اهي گهوڙا رٿ جي اڳيان ٻڌل آهن. ٻه رستا اسان جي اڳيان آهن. هڪ ڌرم جو ۽ ٻيو اڌرم جو. جي رٿ جو سارٿي (اسان جي بُڌي) ٺيڪ طرح ۽ ٺيڪ رستي تي

ڪـي جدا جدا ڀاونا سان ڏسڻ لڳا. پهلوان ڪمس پهلوان جي نظر سان ڏسڻ لڳا، گوال ٻال
ڪمس پنهنجو سکا ڪري سمجهڻ لڳا ۽ ڀڳتن کي هو ساکيات ٻار برهم لي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هن
جو درشن ڪري هو نهال ٿيا. پهلوانن کي شڪتي ڏيکاريائين ۽ ڪنس جي ڀاونا هئي ته
هو منهنجو ڪال آهي، ته هن کي ماريائين! مطلب ته جهڙي جهڙي ڀاونا، اهڙو اهڙو ڦل
مليو. شري رامچندر جڏهن ايوڌيا ۾ موٽي آيو ته هر هڪ نگرواسيءَ چاهيو ته شري رام
اول مون سان ملي. ڀڳوان اها سندن ڀاونا ڏسي انيڪ روپ ڌاري هر هڪ سان جدا جدا
روپ ۾ مليو ۽ هڪ ڪن ۾!

رهـي ڀاونا جن ڪيَ جيسي - هري مورت ديکي اُن اَتيسي.

ڀڳتي آهر وڏا آهي ته ڀاونا ۽ سڀني ۾ شڌ هوندي، پر جي ڀڳتيءَ ۾ راڳ دويش آهي
ته ڀاونا برهم جي لي نه سگهندي.

نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته ديوتائن جون مورتيون پٿر، ڪاٺ، ڌاتو يا ڪاغذ جون
ٺهيل آهن، پر اُنهن ۾ ڀاونا ايشور روپ جي آهي، ان ڪري سدي ڀاونا انوسار ملي ٿي.
گهر ۾ ڪنهن جي پتا جو فوٽو لڳل آهي ۽ پتا پرلوڪ پڌاريو آهي ته سندس پٽ اُن فوٽي
اڳيان نمسڪار ڪندي ضرور هن جا گڻ ۽ نورا ياد ڪري ٿو. ان طرح مورتين جي درشن
سان ۽ پرماتما، ديوين ۽ ديوتائن جا گڻ ۽ چرتر ياد اچن ٿا ۽ انهن لاءِ پريم پيدا ٿئي ٿو.
سچ پچ ته ساري سرشٽي مورتي پوڄا ٿي ڪري، ٻاهران ڪٿي ڪو ڄا نه چوي. ڪاغذ
جي مورتين جو ۽ ڪيڏو نه اثر پنهنجي انتهڪرڻ تي ٿو پوي! آهن ته اهي ڪاغذ جا
ٽڪر، پر ڀاونا انوسار اثر پيدا ڪن ٿا. مورتيون يا فوٽا پنهنجي سر ڪجهه ڪن پراپر ڪون
ٿا، پر ڪرشن ڀڳوان جي مورتي ڏسي اسين سندس ليلائون ياد ٿا ڪريون ۽ ان مان اسان
جي شڪتي وڌي ٿي ۽ ان تي ڌيان ڪرڻ سان اندر ۾ رس اچي ٿو ۽ ورتي اسٿر ٿئي
ٿي. جيئن دنيوي عاشق هر وقت معشوق جي مورت ياد رکي ٿو، تيئن ستن کي هميشه
اِشٽ ديو ياد آهي. مدود ريءَ جي ڀاونا هئي ته شري رامچندر ڀڳوان آهي ۽ راوڻ کي
چيائين ته هي ساڳيو رام آهي جنهن نرسنگهه روپ ورتو هو يا وامن روپ ڌاريو هو ۽ پر
راوڻ جي ڀاونا ماٺ هئي. هو هن کي هڪ رواجي منش ۽ ڀيسوي سمجهڻ لڳو ۽ چيائين ته
هن سان ضرور يڌ ڪندس. رام ته جو هو، سو هو، پر هر ڪنهن کي ڀاونا انوسار ڦل مليو.
مندرن ۽ گردوارن ۾ جو وڻ جي آکيا ڪيل آهي سو ان ڪري جو اُلي وڻ سان خراب
واسنائون ۽ ڀاونائون نه بدلجي سٺيون ٿيو پون، جنهن ڪري سنساري دک دور ٿي ٿا
وڃن. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ نه اِلين چئي رهيو آهي ته ڀاونا شڌ ڪري ڀڳتيءَ کي شڌ ڪاليه
ته پوءِ آتم گيان پراپت ڪري سگهبو.

من آهي لـسي پرا متانا - ديکي سگل سرشٽ ساجنا.

ٻـي ڪـموار يا ڪٺي کي ڏسندي ته يڪدم سهاوڪ ٿي جهٽ هٿي هن کي ڪالي
اءِ ڀڳڙيندي، جو ته هن جي ڀاونا جنم کان ملين آهي ۽ تڏهن ته اهو جنم مليو اٿس. ان

اندرين کي وس ۾ رکيو آهي، پوءِ گرهستي هجن، اُداسي يا سنياسي] سجاڳ رهن ٿا ۽ جنهن وقت ٻيا سڀ جاڳن ٿا، اهو سمو هنن منين لاءِ رات آهي. مطلب تہ گيانوانن جي چال چلگت سنساري ماڻهن کان علحدي آهي.

"پنڇتان اؤر سنسارين کدي نہ آوي لوڙ،
ان کا مارگ اؤر هئہ، اُن کا مارگ اؤر."

هن شلوڪ ۾ رات جو مطلب آهي اوديا. لن اوديا ۾ سڀ پراڻي جيءَ غفلت ۾ سمهيا پيا آهن، پر گيانوان اُن اوديا کي هٽائي جاڳن ٿا. جن واسنا ۽ ورتين ۾ سنساري ماڻهو جاڳي پرورت ٿي رهيا آهن، اُنهن ۾ گياني نتا لڳن ۽ دور ٿا رهن. ڄڻ تہ هو سمهيا پيا آهن. جنهن شرير ۽ ڏن پدارٿن کي دنيوي ماڻهو ست ٿا سمجهن، اُهي گيانوانن لاءِ سڀ اَست آهن ۽ جنهن آتما جي دنيوي ماڻهن کي پرواهہ ئي نہ آهي، ان کي هو ست ٿا ڄاڻن. جيئن هرڻ برپت ۾ واريءَ جي چمڪ کي غلطيءَ وچان پاڻي سمجهي اُن پنيان ڊوڙي مفت پريشان ٿيندو، ليڪن اُن مرگهہ ترشنا جي جل وانگر هي سارو سنسار دنيوي ماڻهن کي سچو ڀاسي ٿو ۽ هو آتما کي ڇڏي، ڪوڙن ماياوي پدارٿن ڏي ڊوڙن ٿا ۽ پر هرڻ وانگر دکي ٿي، آخر سنسار ڇڏي هٿين خالي هليا ٿا وڃن.

ڪبير صاحب جو هن وشيہ تي هڪ سندر شبد گوڙي راڳ ۾ آهي:
اندڪار سک ڪبهون نہ سوئي هئہ - راجا رنڪ دوئو مل روئي هئہ.
جو پئي رسنا رام نہ ڪهبو - اُپجت بنست روؤت رهبو.
جس ديکئي ترؤر کي ڇايا - پران گئي کهہ کان کي مايا.
جس جنتي مهہ جيو سمانا - مؤئا مرم کهہ کا کر جانا.
هنسا سرور ڪال شرير - رام رسايڻ پيو ڙي ڪبير.

اوندهہ ۾ سک سان آرام ڪڏهن بہ نہ ايندو. راجا توڙي رنڪ ٻئي دکي ٿين ٿا، ڇو تہ اَنڌڪار ۾ ضرور ٺوڪرون لڳن ٿيون. ان طرح اوديا روپي اوندهہ ۾ بہ ڪداچت شانتي نہ ملندي. اوديا ۾ ٻئي دنيوي پدارٿن ۾ لڳون ٿا، جن مان ڪڏهن بہ شانتي نہ ايندي. جيڪو هري نام زبان سان نٿو جپي، اهو پيو جمندو ۽ مرندو ۽ روئندو ئي رهندو. اسين اِهو جيو وقت بہ روئون ٿا ۽ مرڻ وقت بہ. ڪتو بہ روئي روئي مرندو آهي، پر پلا پرش جڏهن مرن ٿا تہ آنند ۽ شانتيءَ سان پرماتما ۾ لين ٿين ٿا. لوڪ اُنهن لاءِ روئن ٿا، پر هو کلندا وڃن ٿا. جيئن وڻ جو ڇانو سج جي هلڻ ڪري ڦرندو رهيو ۽ استر نہ آهي. ان ريت پران ويندا تہ مايا بہ پوءِ جي ٿي ويندي.

جيئن پتليءَ ۾ تار آهي تہ ناچ ڪري ٿي، هلي ڦري ٿي، ۽ اُها تار ڇني ڇڏجي تہ پوءِ هوءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهندي. لن طرح آتما روپي جيو شرير ۾ آهي تہ هلي چلي ٿو، اهو نڪرو تہ پوءِ شرير ڪيئن هلندو چلندو؟ ان ڪري سنت ڪبير اُپديش لوڪ ي

رمڻ هلائيندو ۽ گهوڙن کي قابو ۾ رکندو ته راهه ۾ ڪو به خطرو نه ايندو، نه ته لوڪرون [?] ڪاهيندو، پاڻ ڏکي ٿيندو، گهوڙا به ڏکي ٿيندا ۽ گاڏي پڻ خراب ٿيندو ۽ اندر ويٺل آتما روحي مالڪ به ناراض ٿيندو. بدي ۽ تي سارو مدار آهي. ان ڪري شد ڀاڳيئڙو [?] آهي ته هي لوڪ الڳ پرلوڪ ٻئي سک روپ ٿيندا.

شلوڪ ٦٨. ان ڪري هي وڏين ٻانهن وارا (ارجن)! اهڙي منش استر بدي ۽ وارو (گيانوان) آهي، جيڪو پنهنجي اندرين ۽ من کي (پنهنجي وس ۾ رکي) وشيه ڀوڳن کان هٽائي ٿو.

اهڙي پرش جي بدي اٽل استر ٿي ٿي، جيئن ڏني جي لاٽ هوا نه هجڻ ڪري سڌي ٻري ٿي. اندرين کي جيتڻ لاءِ ڪو پهاڙن ۾ وڃڻ ضروري ڪين آهي، جو ته الي به واسنا رن اندر ۾ پرويش ڪري سگهن ٿيون. ان ڪري اٿمن جاڳي ته سنساري ڀوڳ سڀ ڏکدائي آهن، من کي جيتڻ گهرجي. ان مان ئي سچي شانتي ملندي. گرو جن به فرمايو آهي:

جيتي وس شرير کي، ليتي اپجي ڏک - نانڪ سچي نام بن، ڪسي نه لٿي بک.

جنم جنم جي ترشنا روپي بک دور ڪرڻي آهي ته سچي نام جي سمرڻ ڏيان کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو يا حيلو ڪونه آهي. سنساري سک ڪيترا به هجن ته به انهن مان آخر ڏک پراپت ٿيندو ۽ جيترا گهڻا سک يا پدارٿ ڀوڳبا، اوترا پنهنجا ڪمل ٻج ڪرم ناس ٿيندا. پاپ ڪرمن جي ڦل کي ناس ڪري سگهو دان، ٻج، تپ ۽ ٻجن سان. جيستائين اگيان ٻج ڪرم آهن ته ڀوڳ پدارٿ به رهندا، سدائين رهڻ وارا نه آهن. ڌن چاهي ڪيترو به هجي، پر جي رکو خرچ ڪبو وجبو ته ڪوهه به ڪتي ويندا. پر جي ڪمائي ڪري ان ۾ وجهبو به وجبو ته گهڻو وقت هلندو. اسان کي اڳين ٻجن ڪري جيترا سک پدارٿ مليا آهن ته انهن مان وڌيڪ دان ٻج ۽ ٻيا شڀ ڪرم ڪري انهن کي وڌائڻ گهرجي، نه ته جي رکو اگيان ڪمل ٻج کائي ڇڏينداسين ته پوءِ باغ اجڙ ٿي ويندو. ٻيءَ مان فصل لهي ٿو، پر جي ان فصل جو سمورو ان کائي ڇڏبو ۽ ٻئي فصل جي پوکڻ لاءِ ٻج جيترو ان به نه رکبو ته ايندڙ سال ۾ فصل ڪٿان پوکبو ۽ ڪيئن لڀبو؟ اندرين کي قابو ۾ رکڻ مان انهن ۾ شڪتي اچي ٿي. راجا ڌرتراشٽر جي راڻي گنڌاريءَ ساري عمر پنهنجا نيتر بند رکيا هئا (جو ته سنڌس پتي سورداس هو) ته ڪيس انهن اکين [?] ايتري ته شڪتي ملي، جو هڪ ڏينهن رکو ٻڌي ڪولي پنهنجي پتر دريوڌن تي درشٽي وڌائين ته هن جو سارو شرير وڄر جهڙو سخت طاقت وارو ٿي پيو. ستت لوڙو [?] تا ڳالهائين ته هن جي وچن ۾ شڪتي اچي ٿي. ستسنگ مان ئي اندرين کي سنجم ۾ رکڻ جي شڪتي ملي ٿي، جو ته ستسنگ جو وايومنڊل ئي پوتر آهي ۽ اتي آتم گيان جا اپديش ملن ٿا، جنهن ڪري ويراڳ پيدا ٿئي. وشيه مان ته آخر ڏک ئي پراپت ٿيندو.

شلوڪ ٦٩. جا سڀني پراڻين لاءِ رات آهي، ان ۾ سنجمي پرش [جن

۽ مان ڦوج ۾ هوس موڪل وٺي ڳوٺ ويس. ڪراچيءَ کان ڳوٺ ويندي ويس ته رستي تي اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته منهنجي زال مري وئي آهي. مون سوچيو ته هيءَ وري ڪٿان ٻڌندو، سو هن کي ٻاهر جي گهر ۾ ڇڏي هليو آيس. ٻه اڍائي سال گذريا ته وري ان رستي تان لنگهيس ته ڏٺم ته منهنجي زال جو لاش ٽاڙو ٽوانو پيو هو ۽ هيءَ ڇوڪرو سندس ڇاتيءَ تي رانديون ڪري ٿو ڏاڍي ڏسڻ وڏو ٿيو آهي! آخر ٻڌڻ ماتا جو سنسڪار ڪري هن کي ڪٺي آيس. خبر نه آهي ته هي ڪو فرشتو آهي يا ڪو ديوتا. ٻيءَ فڪر ڇا جو ڪريان؟ جڏهن هنن جي حالت مان ٻچيو آهي ته هن طرح ڪيئن مرندو؟

هڪ مهاتما ڳالهه ڪئي ته هڪ شهر ۾ پليگ پيئي ته سڀ بيمارن کي ڇڏي هليا پيا وڃن. هڪ استريءَ کي ٻه ٻار هئا بيماري ٿي ته گهر وارا کيس اندر ڇڏي دروازو بند ڪري هليا ويا. گهر ڪليل هجي ها ته ڪي شيرادوري سندس سنڀال لهن ها. پر هو ته تالو لڳائي ويا. ماٺي گرهولي هئي ۽ اندر کيس هڪ ٻار ڄائو ۽ پاڻ مري وئي. پر اهو ٻچڙو ان مردي جو کير پيئندو رهيو! ٻن ٽن مهينن کان پوءِ گهر جي ماڻهن اچي قلف ڪرلي اهو پرماتما جي رچنا ڏٺي! مهاتما چيو ته مون اکين سان ٻه اهو سڀ ڏٺو ۽ مردي ۾ بدبوءِ به ڪانه هئي، پر ٻار ٽاڙو ٽوانو هئو!

شلوڪ ۷۱. جيڪو پرش سڀني ڪامنائن جو تياڳ ڪري ڦرو، ممتا ۽ اهنڪار روپي اڌياسن کان رهت آهي، اهو (اوديا جي نورٽي روپ) شانتيءَ کي حاصل ڪري ٿو.

ممتا ۽ اهنڪار ۾ تفاوت آهي. ممتا جي معنيٰ آهي ته هيءَ منهنجي وستو آهي. اهنڪار جو مطلب آهي ته مان هيڏو آهيان، مون هي ڪم ڪيو آهي، مان هيئن ڪندس! ٻئي ساڳيو آهي، پر رنگ ۾ فرق آهي.

هڪ پرش ٽن پٽن کي ميلي تي وٺي ويو. هڪ نوجوان هو، سو ته پاڻيهي پئي گهميو. پتا کي سندس ڪا ڳڻتي ڪانه هئي ۽ نه هن کي ڪا پيءُ جي پرواهه. ٻيو ٦-۷ سالن جو هو، جنهن کي آڱر کان وٺي سندس پتا پئي گهمايو ۽ ڪرڙ گهمسان کان اهائي پئي هلايو. ٽيون ٻالڪ ننڍو هو، ان کي ته ڪڇ ۾ کڻي ٿي هليو. ٽنهي کي سير ڪرايائين پر وڏي جي ڪا به ڳڻتي ڪانه هئس ۽ ننڍڙي کي ته ٻغل ۾ سانڍيو هئائين. ان طرح پرماتما پرم پتا آهي، سڀ کان وڏو پتر آهي گياني، جو پتا برابر ٿي چڪو آهي ۽ پتا سمجهي ٿو ته هن کي سنسار جون ڪامنائون، ايرشا، ڪروڌ وغيره ڪيرائي نه سگهندا. ٻيو اڃا ڪچو آهي. سو آهي پرماتما جو ڀڳت، جو اڃا گيان اوسٿا تي نه پهتو آهي. ان کي ٻه پرماتما مايا جي مهاڄار کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ڪو ڪسنگ نه ٿئيس. باقي ٽيون آهي جنهن پرماتما جي شرڻ ورتي آهي، نماڻو ڀڳت آهي، ان کي پرماتما اهين ٿو ٻچائي جيئن گود ۾ ڪمل ٻالڪ کي پتا پاڻ کان ٻه وڇڙڪ سڪي ڪري ٿو هلي. اهڙن نماڻن کي ايشور پيساري راڳ دويش ۾ ڦاٿڙي وڃڻ کان هٿ ڏيئي رکي ٿو. پتا ته چاهي ٿو ته سهڪو

ته رام، جو رسن جو گهر آهي، اهو ڀيءُ ته امر لي ڀرين. ڀر ارٿ آهي ته جيڪي سروڙ لـ
هنس رهن ٿا، ليڪن شرڀون مڃان ڪال ڀلو آهي. ان ڪري ڀڳوان چوي ٿو ته گيانوان اود
کان سجاڳ آهن ۽ دنيوي ڪاروهنوار ۽ وشيه ڀوڳن وقت جڏهن سمهيا پيا آهن، جو ته انهن
هنن جي ورلي لڳي ٿي.

شلوڪ ۷۰. جيئن هرطرف کان پورن ۽ ڀرپور سمنڊ ۾ سڀ پاڻيءَ جون نديون ۽ نالا اچي ڇوڙ ٿا ڪن، تڏهن به هو استر رهي ٿو (يعني پنهنجي حدن کان ٻاهر نٿو نڪري)، اِن طرح جو پنهنجي سروپ يا آتما ۾ اسٿت رهي ٿو، اُن کي پاڻيهي گهڙيئي اچائون پراپت ٿين ٿيون ۽ هو شانت رهي ٿو، پر ڪامنا وارو اها شانتي نٿو پائي.

سمنڊ کي پاڻيءَ جي ڪا به کوٽ نه آهي ۽ نڪي چاهي ٿو ته ڪا ندي مون ۾ ڀري
۾ ان هوندي به اهي سڀ پاڻهي ئيون ان ۾ ڀرين ۽ تنهن هوندي به سمنڊ پنهنجي مرياد
نٿو ڇڏي ۽ حدن اندر ئي رهي ٿو. ساڳيءَ طرح نشڪام ۽ استر بڌيءَ واري وڪارهين
پرش ۾ ڪنهن به وڪار اٿڻ ڪرڻ کان سواءِ سڀ اچائون سمائجي وڃن ٿيون يعني پرارب
انوسار اهي پورا ٿين ٿا ته به هن ۾ ڪو وڪار نٿو پيدا ٿئي. گياني ماڻهو سمنڊ وانگر ڀرپو
آهي، سنتوش انس ۽ وشين ۾ چلائمان نٿو ٿئي. هو ڪا به ڪامنا نٿو رکي. هن جا سڀ
ڪارج سهج سڀاءِ پاڻيهي پيا پورا ٿين. پرماتما سڀ ڪجهه هن کي پاڻيهي ڏئي ٿو ۽ ه
هروقت شانتيءَ ۽ آنند ۾ گذاري ٿو. رواجي سنساري ماڻهن جون اچائون ڪيتريون به
پوريون ٿين ته به هنن ۾ نيون نيون اچائون اٿن ٿيون ۽ ڪين سنتوش ڪڏاهين نٿو اچي
سوامي رام تيرٿ لکي ٿو ته هيءَ ساري سرشٽي مايا جو کيل آهي، جو گيانوان اڳيان لي
رهيو آهي. هو انهيءَ مايا جا سوامي آهن.

راجا جنڪ جي پرارب راجائيءَ جي هئي ۽ اشٽاوڪر منيءَ جي فقيريءَ جي، پر گيان
ٻنهي کي هڪ سمان هو. جي ڪامنائن پٺيان ڊوڙن ٿا، انهن جون ڪامنائون مشڪل ٿيون
پڄن. گرو نانڪ ديو جي جنم ساکيءَ ۾ آيو آهي ته هيترو سير ڪري انيڪ ماڻهن جو ڪليا
ڪيائون پر ڪڏهن به ڪنهن ڪامنا ۾ نه اٽڪيا. چاربئي پدارٿ وٽن هروقت حاضر هئا
اهڙو گيانوان بڌيءَ، من ۽ اندرين لي حڪم هلائي ٿو. انتهڪرڻ جي شڌ ٿيڻ جو اهو لي
قل آهي. ايشور ۽ ايشوري شڪتي سڀ سنڪلپ آهن. ڀڳتن ۽ گيانين جو پوک کير پرمات
پالڻ ٿو ڪري. هنن کي اڌم ڪرڻ جي ڳڻتي به نئي رهي ۽ نه ضرورت آهي. هو ڄاڻن
ٿا ته شرير جي جيڪا پرارب آهي، اها ضرور اچي ملندي.

هڪ سچو پرش ڪنهن فوجي سردار وٽ وينو هو. سردار جو پٽ ڏاڍو چنچل هو
پٽ لي پٽي چڙهيو ۽ ٽپا ڏنائين. هن پرش چيو ته "سائين! هن کي روڪيو ته ڏکو
کائي. سردار چيو ته "فڪر نه ڪر، هي ڇوڪرو نه ڪرندو." ڳالهه ڪري ڏالڻ لڳس

پر مان تہ نہ تري سگهيس، نہ ڪا سانداري همت ڪئي آهي. رنڌي رنڌي اچي سنسار ساگر جي ڪناري تي بيٺي آهيان ۽ ڪرمن جو بار بہ مٿي تي کڻو اٿم، هاڻي تہ هڪ پرماتما کي ئي ٿي ياد ڪريان، جو اوکڻ هارن کي بہ تاري ٿو، جي اهي سندس شرڻ ٿا وڃن. هي سنسار ساگر ترڻو آهي تہ يا برهم گياني سنتن کان ترڻ جو هنر سکون يا ڀڳتيءَ روپي سانداري همت ڪري ۽ اُن جي مدد سان ترون، نہ تہ سچيءَ دل سان پرماتما جي شرڻ وڃون ۽ نماڻا ٿي ٻاڏايون تہ اسان اوکڻ هارن کي ضرور هو تاري ڇڏيندو. سنساري پتا بہ شرڻ ۾ آيل پٽ کي بچائي ٿو تہ پرماتما، جو جڳ جو پتا آهي، اهو ڪيئن اسان جو ٻاڏائڻ ٻڌي ماف ڪري وهندو؟ هر وقت اها پرارٿنا ڪندو رهجي، جا گرو ارجن ديو سکمني صاحب ۾ چئي آهي.

تُون ٺاڪر، تم پهِ ارداس - جيءُ پنڊ سڀ تيري راس.
تم مات پتا هم بالڪ تيري - تمري ڪرپا مين سُوک گهنيري.
ڪوئي نہ جاني تمرا انت - اوچي تي اوچا ڀڳونت.
سڪل سمگري تمري سُوتر ڌاري - تم تي هوءِ سُ آگياڪاري.
تمري گت مت تمهين جاني - نانڪ داس سدا قرباني.

شلوڪ ٧٢. هي ارجن! اِهائي برهم نيشٺا پدوي آهي. جو اُن کي پائي ٿو، اهو وري موهہ ۾ نٿو پوي. جو انت ڪال وقت بہ هن گيان ۾ اِستٿت ٿئي ٿو، اهو برهم ۾ لين ٿي، موڪش کي پراپت ڪري ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان هن اَڌياءِ ۾ ڏنل اُپديش جو ڦل ٿو ورڻن ڪري تہ موهہ ناس ٿي ويندو ۽ انت ڪال وقت بہ هن گيان کي ڌارڻ ڪري، جيڪو پهرين ٻڌي اسٿر رکي ٿو، سو جنم مرڻ جي چڪر کان مُڪت ٿئي ٿو.

اسين وڏن شاسترن جو سڌانت سمجهون ٿا ۽ پوءِ ڏوهہ ٻيا ڏيون ڌرم کي. ڪنهن شخص کي مٿي ۾ ڦرڙيون هيون ۽ پيٽ ۾ بہ ڪا خرابي هئس. ڪنهن حڪيم کيس ڦرڙين لاءِ ٻڪو ۽ پيٽ لاءِ ڦڪي ڏني، پر هن مورک جا ڪم جو ٻڪو تہ ويو ڦڪي کائي ۽ ڦڪي جنهن ۾ لوڻ بہ پيل هو، اهو لڳو ڦرڙن تي ٻڪڻ! ڦٽ تہ ڇمڪاري اچي پوسرڻ لڳا ۽ پيٽ ۾ بہ ٻڪي وڃي وڌيڪ خرابي ڪئي. هو لڳو حڪيم کي گاريون ڏيڻ. هاڻي حڪيم جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ماڻهو بہ ٻيا خوامخواه ڪرشن ڀڳوان تي ڏوهہ مڙهين تہ مهاڀارت جي لڙائي ڪرائي ڀارت ورش مان يوڌا ناس ڪرائي ڇڏيائين. پر ڀڳوان ڪهڙا جو امرت روپي اپديش ڏنو، تنهن کي جو وساري ويٺا آهيون؟ يوڌا تہ مرڻا هئا جو اَڌرم تي هئا. اهڙا يوڌا تہ ٻيا پوءِ بہ ٿيا ۽ ٿيندا رهندا. گيتا جي گيان تي هلون تہ هوند سڀ يوڌا ٿي پئون. اهڙي گيان جو اَمولڪ پستڪ ۽ گرو گرنٿ صاحب جهڙي امرت سان ڀريل گرنٿ هوندي بہ اسين دکي رهون تہ ڇئبو تہ انهن ۾ جو اَمرت ڀريل آهي، اُن جو ڪوہ فائدو ڪونہ ٿا وٺون. ”ٻاڙيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن.“

ڀڄڻ ڀڄن لئي ڏٺي، پر اسان ڀڄڻ جي اُتڪرشٽا جي حالت ڏسي، اُن موجب هلڻ
ڪريون، نہ تہ سنساري مايا اسان کي ڪچلي ڀورو ڪري ڇڏيندي. گياني ٿيو ٻا هڻ
ٻروءَ کي ڏيو ٻا بلڪل سندس گود ۾ شرن وٺو.

گرو گوبندسنگهہ جن هڪ وقت ٻن ۾ ڦري رهيا هئا. ساڻن کي شش بہ ساڻ هئا
هڪ انهن مان وڃي لڏيءَ تان پاڻي ڀرڻ. اُتي هڪ ساڌو ڏٺائين. هڪ پرش اچي ان
ساڌوءَ کي لٺ هڻي چيو تہ "اڙي پاکنڊي! تون تہ ڦلاڻو چور آهين، پر هٿ بڪلو ساڌ ٿي
ويٺو آهين!" اهو ڪيائين تہ اُن گروءَ جي شش ڏٺو تہ آسمان مان هڪ ترار لهندي پيئي
اچي. هن پرش وري ان ساڌوءَ کي سخت لٺ هڻيئين تہ هو سهاري نہ سگهيو ۽ چيائين تہ
"اڙي دشٽ! ڇولو مون کي آزارين؟ مان هٿ ٻن ۾ ويٺو آهيان." اهو چيائين تہ ڏٺائين
تہ اها ترار موٽي هلي ويئي. اهو اسرار اچي گروجن کي ٻڌايائين. گروجن ڪيس سمجهايو
هن دشٽ اڄايو ئي هن ساڌوءَ کي ستايو. هن سنت سندس ڪجهہ بہ نہ بگاڙيو هو. هن
ڪول ڪيو تہ جڏهن سڀ ايشور تي ڇڏيائين تہ ايشور هن جي پاسي ڪٽڻ لاءِ ترار موڪلي
سندس ستائڻ واري کي سزا ڏيڻ ٿي چاهي؛ پر تہ هو جڏهن سندس گود ۾ ويٺو هو، جيئن
سنساري پتا بہ هوند اهڙي ٻالڪ کي بچائي. جيڪڏهن اهو ساڌو بہ لٺ بہ چپ ڪري
سهاري ها تہ اها تلوار هن دشٽ جو گلو ڪپي ڇڏي ها، پر جڏهن ڀڳوان ڏٺو تہ ساڌ
پاڻ ڪڙو ٿيو آهي تہ تلوار واپس گهرايائين. چڱو تہ انين آهي تہ گيان بہ ٿئي، پر بہ هجي
تہ بہ ايشور جي شرن ۾ رهڻ ئي چڱو ۽ سگهائي آهي. پرماتما پوءِ ضرور رکيا ڪندو.

هنومان پورن گيانوان هو، ٻلوان ۽ شڪتيءَ وارو بہ بيحد هو، ان هوندي بہ اهڙي
نمرتا هئس، جو هميشهہ شري رامچندر جي شرن ۾ رهندو هو ۽ کين بہ وڏا وڏا ڪم
ڪندو هو، تہ بہ اِئين سمجهندو ۽ چوندو هو تہ سڀ ڀڳوان پاڻ ڪرايا آهن. وسشٽ مني بہ
پورن گيانوان هو تہ بہ جڏهن ڀڳوان رامچندر کي گيان اُپديش ڪيائين تہ اُن جي پيتا اها
گهرائين تہ "هي سائين! اوهان جي مايا مون کي ڪڏهن نہ ڀرمائي". اهو ور گهريائين
اِن مايا جا ڏک تہ وڏن وڏن کي اڳيا مگر کي سهي وڃن ٿا ۽ کي ان ۾ ناس ٿي ٿا وڃن
جيئن وڏو ٻيڙو ميلي ۾ وڃي ٿو تہ هن کي بہ ڌڪا ٿاٻا اچي سگهن ٿا، جو ٻيڙي جو هٿ
ولي ٿو هلي، ان کي بہ ڪجهہ ڏڪاڌوڪيءَ ۾ چوٽون لڳنديون ٻا ڪنهن جو ٻيڙو اڳيندس
پر جهڪو ڪود ۾ آهي، اُن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو ۽ ڪنهن جي مجال نہ آهي جو هٿ بہ
لائيس. پتا هن کي بچائڻ لاءِ پاڻ تو سڀ ڪجهہ سهي. حيدر شاهہ شاعر ٺو چوي:

لام- لڳهہ گئيان اوتان پسار ستيان - جس سڪ ليتا هسر تاريان دا،
تان مٽن ٿرن والهان دي سگهہ ڪيتي - نا ڪرلي لڪر ڪيتا مٽن سدا ريان دا،
روندي روندي مٽن ڪنڌي ٿي آه ڪڙي - سر چا ڪرکي پار هواري دا،
علي حيدر مان ڪرهڻ ياد اسوَن - تارن هار جو اوکڻ هاريان دا.

مهمجون سڪيون سهامون جهڪي ٿي چانديون هيون، اُهي تہ وهي پار ڀڄيون

پالڪي شريو پيا سمجهون ۽ نه آنند سروپ چيتن آتما، اهو دور ٿئيٿو. اهو گيان اُچيٿو
سنڪورڻ جي ڏنل منتر کي ڪمائڻ سان.

سڀڪو انسان ڪرمن ڪرڻ جو اڌڪاري آهي. انڪري هڪ لک منترن مان ٨٠
هزار منتر يا شلوڪ ويدن ۾ ڪرمن لئي آهن، ١٦ هزار اُپاسنا يا ڀڳتيءَ لئي ۽ ٤ هزار گيان
لئي. گيان وارا ٤ هزار شلوڪ يا منتر اُپنشدن ۾ آيل آهن، جي ويدن جو ڀاڱو آهن. ويدن
جي آگيا آهي ته ڪرم ڪندا رهو ۽ سؤ ورهين جي جيئڻ جي اِڇا رکو. جن اڳين جنمن ۾
چڱا ڪرم ڪيا آهن، اُنهن کي هن جنم ۾ ڀڳتي پياري ٿي لڳي. جن ڪرم به سٺا ڪيا
آهن ۽ اُپاسنا به ڪئي آهي، تن کي هن جنم ۾ سهجيئي گرو مليٿو، جو کين گيان جو اُپديش
ڏنيٿو. ان ڪامل گروءَ جي اُپديش سان سندن اَگيان دور ٿو ٿئي ۽ هو برهم استٿي پائي
موڪش حاصل ڪن ٿا. ڪي شخص اهڙا آهن، جن ٽنهي جو ٿورو ٿورو اُڀياس اڳ ۾ ٿي ڪيو
آهي، ته اهي هن جنم ۾ به شڀ ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان ٽنهي ڏانهن مائل رهن ٿا، جيئن
ڊاڪٽر ڪنهن کي بخار، قبضي ۽ مٿي جي سور جي گڏ ٿي دوا ڏيندو آهي، مگر ڪنهن
کي وري هڪ خاص بيماريءَ جي دوا ڏيندو آهي ۽ چوندو آئس ته ٻي تڪليف جي دوا
پوءِ ڪبي. ان طرح ڪي شخص رڳو ڪرم جا لائق آهن ته ٽنهي مان پاڻ وارو مل نڪري،
ته پوءِ اُپاسنا ۽ آخر گيان اُپديش جو ڪو اثر مٿن ٿئي. جيئن وهنوار ۾ اهو سڀ ڊاڪٽر جي
سمجهه ۽ بيمار جي طبيعت تي منحصر آهي، تيئن پرمارٿ ۾ اهو گروءَ جي اَنڀوءَ ۽ شش جي
ٻڌيءَ تي منحصر آهي. شڀ ڪرم رڳو ڌن سان نه ٿيندا آهن، پر تن ۽ من سان پڻ. اهو
نه سمجهڻ گهرجي ته ڌن نه آهي ته دان پڃ ڪيئن ڪبا! سنتن جي شيوا، ستسنگ جي
ٻهاري يا صفائي، بيمارن جي شيوا وغيره اهي سڀ شڀ ڪرم آهن، جي غريب ۾ غريب
به ڪري سگهيٿو. مطلب ته جي دل ۾ سچائي آهي ته هرڪو شڀ ڪرم ڪري ٿو سگهي.
پرماتما دل جي شرڌا ۽ ڀاونا ٿو ڏسي ۽ اُن موجب ٿي ڦل به ڏئيٿو.

گرو نانڪ صاحب جڏهن ايمن آباد ۾ ويندا هئا ته هميشه هڪ مسڪين لالو واڍي وٽ
وڃي رهندا هئا، جو ٤-٨ آنا مس روز ڪمائيندو هو. اُن نگر جي پرڌان ملڪ ڀاڳوءَ هڪ
دفعي وڏو يڳيه ڪيو. ان وقت گرو جن اُتي هئا، پر سندس نوتو قبول نه ڪري نه ويا، جو
ڄاڻندا ٿي ته هن وٽ ڌن پدارٿ سڀ ظلم زوريءَ سان ڪٺو ڪيل هو. اهو هنڪي
ثابت به ڪري ڏيکاريائون. سندس پورين ماڻهن کي هٿ ۾ رکي زور ڏنائون ته انهن
مان رت وهڻ لڳو ۽ لالوءَ جي سڪل ڊوڊي ۽ ساڳ مان کير نڪتو. شري ڪرشن
دريوڌن کي ڇڏي ودر داسي پتر جي گهر وڃي رهيو هو، سو به ساڳئي سبب ڪري،
جو ودر ڀڳت هو ۽ وڏو رشي هو ۽ ڀڳوان سان سچو پريم هوس ۽ دريوڌن کي ڪا به
شرڌا نه هئي.

هڪ نگر ۾ هڪ پورن سنت آيو. نگر جا گهڻئي ماڻهو وٽس اچڻ لڳا ۽ ڌن ۽ تن
جي شيوا ڪرڻ لڳا. هڪ غريب مالي به درشن ڪرڻ آئي ۽ ستسنگ لاءِ به ايندي هئي،

اڌياءُ ٽيون

ڪرم يوگ

شري ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پرم ڀڳت ارجن کي ٻئي اڌياءَ ۾ سانکيه شاستر موجب گيان اُپديش ڏنو ۽ اِئين ٻڌايو ته جيڪو اِن گيان ۾ اَنت ڪال وقت به استٿ ٿي رهندو، اُن کي پرم گتي حاصل ٿيندي. اَرجن هاڻي اڳتي هن ريت سوال ٿو ڪري:-

اَرجن چوي ٿو:

شلوڪ ۱. هي ڀڳتن جا دک وناشڪ پريڀو! جيڪڏهن اوهان جي خيال موجب ڪرمن ڪرڻ کان آتم وشيشڪ ٻڌيءَ جو رکڻ سريشٽ آهي ته پوءِ مونکي هن ڀيانڪ ڪرم (يڌ) جي ڪرڻ ۾ ڇو ٿا لڳائڻ چاهيو؟

هن کان اڳ ڀڳوان اَرجن کي نشڪام ڪرم ڪرڻ لاءِ اُپديش ڏنو ته ڪنهن به سوارٿ ڪانسواءِ هاڃي لاڀ، سک دک، جيت هار، عزت اَپمان جي پرواهه نه رکي، هيءَ ڪرم ڪر يعني يڌ ڪر. وڌيڪ کيس ٻڌائين ته جن گياني پرشن جي ٻڌي استر ٿي آهي، اهي سمنڊ جيان اَچل رهن ٿا ۽ هن جون سڀ اِڇائون پاڻهي سهج سڀاءِ پوريون ٿين ٿيون. اهي ٻه ڳالهيون ٻڌي اَرجن چوي ٿو ته جڏهن گيان جي اهڙي مهما آهي ته ڪرم مارگ کان يوگ مارگ وڌيڪ سريشٽ ٿيو، ته پوءِ مونکي ٻڌ جهڙي ڀيانڪ ۽ هنسڪ ڪرم ۾ ڇو ٿا لڳائڻ چاهيو؟ ڇو نه مان به وڃي سماڌي لڳايان ۽ آنند پايان؟

اڳتي چوڻ لڳو:

شلوڪ ۲. اهڙن ظاهريءَ طرح منجهائيندڙ وچنن سان اوهان منهنجي ٻڌي ڀرمائي ڇڏي آهي. اِنڪري ديا پالي مونکي ڪو هڪڙو پڪو رستو ٻڌايو، جنهن تي هلي موڪش پراپت ڪريان.

سڀ ڪنهن اِنسان ۾ ٽي دوش ٿين ٿا: مل، وکيپ ۽ آورڻ. سڀ ويد، شاستر، پران، رشي، مني اِنهن ٽن دوشن کي دور ڪرڻ لاءِ رستا ٻڌائين ٿا. ويدن ۾ ڪل هڪ لک منتر آهن ۽ اهي سڀ ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن: ڪرم، اُپاسنا ۽ گيان.

ڪرم: نشڪام ڪرمن ڪرڻ سان مَلُ يعني اڳين جنمن جي پاپن ڪري جي خراب سنسڪار من ۾ پيا آهن، اُهي دور ٿين ٿا ۽ انتهڪرڻ شڌ ٿيندو.

اُپاسنا: ڀڳتي ڪرڻ سان وکيپ يعني من جي چنچلتائي دور ٿئي ٿي.

گيان: آورڻ يعني اگيان روپي پردو، جو آتما مٿان آيل آهي، جنهنڪري اسين

آهي، سو ارجن کي سمجهي رهڻ جو گڏيل نسخو ٿو ڏسي. ارجن ڀڳوان جو اپديش ٻڌي گهٻرائجي ويو آهي ۽ چاهيندو ٿو ته ڪيئن به هي يڌ روپي گهور ڪرم نه ڪريان ۽ اُن بدران سماڌيءَ ۾ لڳي آنند پايان. آخر ڀڳوان ۾ ڀروسي ۽ پورن وشواس هئڻ ڪري پرارٿنا ٿو ڪري ته مهنجو جنهن ڳالهه ۾ ڪلياڻ هجي، اهو اپديش مونکي ڏيو.

ڀڳوان فرمائي ٿو:

شلوڪ ۳. هي پاپن کان رهت ارجن! جيئن مون اڳ ۾ ئي توکي ٻڌايو آهي ته هن لوڪ ۾ ٻه رستا آهن، هڪ آهي سانکيه درشن موجب گيان يوگ مارگ ۽ ٻيو آهي ڪرم يوگ مارگ.

ارجن کي جو ڀڳوان پاپن کان رهت ٿو ڪوٺي، سو ڏيکاري ٿو ته سندس سوال ڀڳوان کي وڻيو آهي. گيان جي اڀلاشا واري جو انتهڪرڻ شڌ سمجهڻ گهرجي، ڇو ته ملين انتهڪرڻ ۾ گيان پراپت جي چاهنا ئي اُٿي نه سگهندي ۽ نڪي آتما طرف هن کي لاڙو ٿيندو. ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو ته سنسار ۾ اهي ٻه مارگ انادي ڪال کان هليا ٿا اچن. ٻئي مارگ ايشور وٽ پهچڻ لاءِ آهن. ڇهه شاستر جو اسان جي رشين منين ٺاهيا آهن، سو به انڪري جو سنساري ماڻهن جون ورتيون جدا جدا آهن ۽ سڀڪو پنهنجي ورتيءَ ۽ شڪتيءَ انوسار هلي. گيان وارا به آتما ۽ ڪرم لاءِ چون ٿا ۽ ڪرم يوگي به ڪرم تي زور ڏين ٿا. ٻنهي جو آخرين مقصد آهي آتم درشن. يوگ مان به چت استٿر ٿيندو ۽ آتم پد ملي ٿو ۽ ڪرم ڪرڻ سان به انتهڪرڻ شڌ ٿيندو، جنهن کان پوءِ گيان ٿيندو ۽ آتما جو پرڪاش ٿيندو.

ڀڳوان ارجن کي وڌيڪ چوي ٿو ته مهنجي مت موجب ته ڪرم يوگ ۽ گيان يوگ ٻئي ضروري آهن، جيئن پکي ٻن پرن سان ئي آڏامي سگهندو آهي. يورپ ۾ تعليم ڏيندڙ ٻارن جو لاڙو ڏسي، شروع کان ئي اُن موجب کين جدا جدا قسمن جي وديا ڏين ٿا، جنهن ڪري هو اُن ۾ وڌيڪ ۽ تڪڙي اُنتي ڪري ٿا سگهن. هت سڀني ٻالڪن کي شروعات ۾ ساڳي ئي وديا ڏني ٿي وڃي، جنهڪري سڀ اُنتي ڪانه ٿي ٿئي.

جگياسوءَ کي ٻڌيءَ ۽ ورتيءَ انوسار ڪرم يوگ، آتما يا گيان جو اپديش ڏيڻ گهرجي. هن ڪرم يوگ جو مطلب نشڪام ڪرم آهي. ڪن جو من ڀڳتيءَ طرف لڳندو ئي نه آهي. اهڙن کي شڀ ڪرمن ڪرڻ جي ضرورت آهي، اُن لاءِ ته انتهڪرڻ صاف ٿئين. انتهڪرڻ جي صاف ٿيڻ جي وڏي لاڀ آهي ته پرماتما جي ڌيان ۾ ويهجي ته من ٻئي طرف نه وڃي. اها اوستا به پرماتما جي ڪرپا سان حاصل ٿيندي.

ڀڳوان وڌيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ۴. ڪو به پرش ڪرمن نه ڪرڻ ڪري نشڪرم (ڪرمن کان آجو) نٿو ٿي سگهي (يعني موڪش نٿو پائي). نڪي رڳو سنياس يعني ڪرمن جي

هن به چاهيو ته سنت کي پوڄڻ ڪارڻان، پر وٽس پئسو ڪونه هو. هڪ ڀيرو هوس، اهو
ڪجهه ڪين ڪمائيندو هو. مگر آخر پر پر جهلي نه سگهي ۽ هڪ ڏينهن سنت کي مهال
سندس ٻئي ڏينهن لاءِ وسولي موڪلائيائين. ٻئي ڏينهن جهڙو دال ڦلڪو تيار ڪري ڪم
ڪارائيائين پر پاونا اها هيس ته هولڊ ڏن پدارٿ هجي ها ته خوب پوريون، پڪوان، کيرڙي
سيرو وغيره ۽ ميوا ڪارائان ها. سنت ته سدائين پاونا ۽ پر پر جا ٻکيا آهن ۽ نه عمدن ڪاڌ
جا. مهاتما ۾ مالي جو پر پر سمجهي ويو ۽ ڏاڍي پر پر سان دال ڦلڪو کاڌائين ۽ ارداس
ڪيائين ته هي پرماتما! هن مالي جي جيڪا پاونا هجي، سا پوري ڪجو. ايشور وٽ ته
سنتن جو پول بالا آهي، سو مالي جي اندر ۾ اچي پرڪٽ ٿي ۽ ڏينهن ٻڏيون وٽس اچ
لڳيون ۽ هو خوب ڏنوان ٿي پيو ۽ ماءُ پٽ خوب ساڌن سنتن جي شيوا ڪرڻ لڳا. سندس
پاڙي ۾ هڪ ڏنوان رهندو هو. ان جي استري ان مالي کان پڇيو ته ”ڀيڻ! هي س
ڏن پدارٿ ڪيئن حاصل ٿيو اٿو؟“ هن ٻڌايس ته سنتن جي آسيس سان هي مهر ٿي
آهي. هن شاهوڪار جي زال جي ۾ مرضي ٿي ته هولڊ وڌيڪ ڏن حاصل ڪريون. هن ڪا
پڇائين ته تو سنتن کي ڇا کارايو هو؟ جو اهڙا پرسن ٿيا، ته هن ٻڌايو ته ”آدي! مون
رکو دال ڦلڪو کارايو هون.“ مالي سمجهيو ته سنت رکو دال ڦلڪي تي ئي راضي ٿيند
آهن، سو هن ۾ سنت جي روٽي موڪلائي ۽ هيترن پدارٿن هوندي، پاڻ ۾ رکو دال ڦلڪ
کارايائين. اندر ۾ هن کي پر پر يا شرڌا ته هئا ڪين، رکو لالچ هئي. سنت آيا ته ڪين دا
ڦلڪو آڻي اڳيان رکيائين ۽ چوڻ لڳي ته ”سائين! غريب آهيون، ڪا آسيس ڪريو، مو
ڪريو.“ سنتن کي ته خبر هئي ته هي ڏن پدارٿ وارو گهر آهي ۽ جڏهن ڇگ تي پدارٿ
آڻن ته شيوا ۾ ڏن جي ڪرڻ گهرجي. من جي شيوا اها ڪري، جيتڪي ڏن نه هجي
مگر هن کي ڇپائين ته سڀ ٺيڪ آهي. اوهان کي من جي پاونا جو ڦل ملندو. ٿيو ۾ انهن
هن جو ڏن ويو ناس ٿيندو! ماڻا ته اڃي وڃي آهي، سو ڏن ڇگي طرف نه لڳو، ته ٻئي
طرف ويندو. نعي شاستر ۾ آيو آهي ته جي ڏن مان ڌرم طرف ڪجهه نه لڳو ته يا چو
ڪلي ويندا يا ٻاهر يا ٻوڏ ۾ ويندو يا سرڪار ڪلي ويندي.

ڏن کي ٻساڳي چار هڻن - ڌرم، چور، نرپ، آگ ۽

ڪوٻي (ڪاوڙجڻ) ساڻ ٻرانڌ ٿي ۾ - ڪري جو ڪمنانڌ (وڏي ٻعني ڌرم) نياڳ

ڪرمن ڪرڻ جو اڌڪار سڀني کي آهي. گياني کي ۾ سهج سڀاءُ ڪرم ڪرڻا ٻو
ا، جي نشڪام ٿي هڻڻ گهرجن. ارجن ڪئي مل، وکيب ۽ آوڙ اهي ٿيئي روڳ لڳ
هئا ۽ ڀڳوان چاهيو ٿي ته سڀ ڪڍ دفع ٿيس. هو ٻڌوان کتري راجا هو، ان ڪري ڀڳوا
اول کيس ڪرم ڪرڻ جو اپديش ڪيو ۽ پوءِ يوڳ جو ۽ انت ۾ کيس گيان جو اپديش ڏ
ته پاڻ سڄاڻي ته مان پاڻ پوهر آهيان. هڪ ٿي وقت ٿيئي روڳ دور ٿين، اهڙو لسن
ٿيڻا ۾ ڏنل آهي. ارجن اهي ڳالهيون ٻڌي سمجهي ٿيو آهي ۽ چوي ٿو ته هڪ ڳالهه چئو
جيئن ڊاڪٽر کي ڪو مريض چوي ته رکو هڪ قسم جي دوا ڏيو. پر ڀڳوان ته حاذق هڪ

۽ نه رڳو ڪرمن ڪرڻ سان حاصل ٿيندو، جي گيان نه اٿس. استري ڪيترا به سينگار ڪري، پر جي پتيءَ جو سک نه اٿس ته ولرب آهن. ڪُربر آهن سينگار ۽ آتما جو گيان آهي پتيءَ جو سک. رڳو پتيءَ جو سک آهي، پر سينگار نه آهي ته به پتي خوش نه ٿيندو. شڀ ڪرم پڻ پرماتما کي خوش ڪرڻ لاءِ آهن. جيڪا استري پتيءَ کي خوش رکي ٿي، اها ڪيڏيءَ نه پدويءَ تي پهچي سگهي ٿي! ان طرح جپ، تپ ۽ دان روپي شڀ ڪرم به نشڪام ٿي ڪجن ته پرماتما، جو سڀني جو پتي آهي، اهو خوش ٿئي.

تلڪ مهراج هالوڪي زماني جو هڪ وڏو رشي هو ۽ ملڪي مدبر پڻ. گيانوان ته هو پر ڪرم تي ڏاڍو زور ڏيندو هو. هڪ دفعي لاهور ۾ هو، جتي وياکيان ڪرڻو هوس، اتي ٻه ڪلاڪ اڳ تار آئس ته ڀيڻس گذاري ويئي. پڻ ڄميس ته اڄ وياکيان نه ڪريو، پر هن چيو ته ڇو نه ڪريان؟ آتما امر آهي ۽ شرير ته ناس ٿيڻو آهي. اهڙو گيانوان هو، پر پنهنجي پستڪ "گيتا رهسيه" ۾ به هن ڪرمن تي بلڪل گهڻو زور ڏنو آهي ۽ چيو ته ڏاتين تي ته پارلوڪي ڪرم ڇڏي، اڪرمي ٿي پيا هئا ۽ ورن آشرم سڀ بگڙي ويا هئا. ڀڳوان جو به ساڳيو اپديش آهي.

شلوڪ ٦. جو پرشُ ڪرم اندرين کي روڪي ويٺو آهي پر من ۾ اندرين جي وشين جو چنتن ڪري ٿو، اهڙي مورک کي پاکنڊي سڏجي ٿو.

پنهنجن ڪرم اندرين (پير، هٿ، زبان ۽ ٻن مل مؤتر وارين اندرين) کي جيڪر روڪي ٿو، پر من سان وشين جو خيال ڪندو رهي ٿو، اهو ڪُٽي سماڌيءَ ۾ ويٺو هجي ته به پاپ ڪرم ٿو ڪري ۽ پاکنڊي آهي.

بگا بگي ڪمڙي لڳن منجهه ڦسن،
گهت گُهت جيئان ڪانئون بگي (اڇا) نا ٿيهن.

بگلي واري ڀڳتي ڀڳوان وٽ قبول نه آهي، جو ته هن جو من ڪارو آهي.

هڪ مهاتما هو. ڪو پريمي آيو ۽ ڏسندو هو ته هڪدم سکمڻي صاحب جي پوئين اشٽپدي پڙهڻ شروع ڪندو هو، ڄڻ ساري سکمڻي پاٺ ڪري پوري ڪئي اٿس! پريمي اچي ته هن کي چوي ته اچو ويهو، اڃا ٻه جهڙيون پاٺ پورو ڪريان. شهر ۾ سندس ڏاڍي ساراهه، پر ڇا پرماتما ڏسڻ وارو نه آهي؟ ڇو ته هن پرماتما کي انترجامي ڪونه ٿي سمجهيو. پرماتما اسانکي انيڪ ڀيرا ڏيتي، سو ڪو ٻين کي ڏيکاري ته ڪونه ٿو ڏئي. باقي اسين لوڪ ٿي ڪو ٻين پاٺ ڪريون ته ڇا لوڪ کي ڏيکاريون؟ اهي ڪرم ته اسين پنهنجي آتمڪ ڪرڻ جي شڌتا لاءِ ٿا ڪريون ۽ ڪو ايشور تي لوڙو ڪونه ٿا ڪريون. ڏيکاءُ ڪرڻ سان ته الٽو ڪرڻ هڪاري وڌيڪ ٿئين ٿيندو ۽ پرماتما به راضي نه ٿيندو، پر اسين ته ٿين ٿا سمجهون ته ڏاڍي ڪا ايشور جي ڀڳتي ٿا ڪريون، جنهن لاءِ ڪو اجورو ملڻ گهرجي! ڪيترا اوڳڻ اسان ۾ ڀريا پيا آهن، وري پاکنڊ به ڪريون ته اوڳڻ گهٽبا ته

تياڳ ڪري ئي موڪش پائي سگهي ٿو.

شلوڪ ٥. جيئُ هڪ گهڙي واسطي به ڪرمن ڪرڻ ڌاران رهي نٿو سگهي، ڇو ته هرڪنهن کي پرڪرتيءَ جا گڻ (ستو، رجو ۽ تمو) ضرور لاچار بڻائي ڪرم ڪرائيندا رهن ٿا.

ڪرمن ڪرڻ کان سواءِ موڪش ڪڏهن نه ملندو. سچو سنياسي به ڪرم ضرور ڪندو. جيستائين شرير آهي، اوستائين کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، شوچ ڪرڻ ڪرڻ وغيره لڳندا رهن ٿا. اهي نه به ڪري، ته به من ته ضرور ڪي خيال ڪندو رهندو. خيال ڪر به ته ڪرم آهي. ڀڳوان جو مطلب صاف آهي ته گيان ۾ اندر ۾ رهجي ته آتما امر ۽ شر ناسوان آهي ۽ ڪرم به ضرور ڪندو رهجي. ان ڪري اول گيان جو اپديش ارجن ک ڏنائين ۽ پوءِ ڪرم يوگ جو. جي رڳو ڪرم چاهي ها ته اول ڪيس گيان اپديش ڪرڻ ڏ ها ۽ جي رڳو گيان ۾ ڪيس لڳائڻ چاهي ها ته ڪرم يوگ جو بيان ئي ڇو ڪري ها؟ پڻ جو عقل هلائڻ چاهي رشمن منين جو انهيءَ اپائڻ ته ظاهر آهي ته ڪرم ۽ گيان ٻئي ضرور آهن. جيڪڏهن گيان نه آهي ۽ رڳو ڪرم پيا ڪبا ته ڦل انهن جو ڀوڳ ملندو ۽ جنم مر هلندو هلندو.

رشي مني، جن کي پورن گيان هو، انهن به ڪرم ڪرڻ نه ڇڏيو. ياگيه ولڪيه را جنڪ ۽ وسشٽ مني سڀ پورن گياني هئا، پر ان هوندي به سنڌيا وندن، هون وغير سڀ ڪرم ڪندا هئا. راجا جنڪ هزار ڪمل گائيون سونن سڱن ۽ مالهائن ۽ ٻغمل ج وسترن سان سينگاريل حاضر رکيون ته جيڪو مون کي پورو گيان ڏيندو، ان کي اهي ڏ ڪندس. گهڻيئي رشي مني ۽ پنڊت آيا، پر ڪنهن به ست نه ساريو. پر ياگيه ولڪيه مڃ اچي هڪدم پنهنجي شش کي چيو ته هي سڀ گائيون ڪولي آشرم ڏي وٺي وڃ. راجا ڪي چيو ته "سوامي جي! اول گيان ته ڏيو." هن جواب ڏنو ته "راجن! مون کي پاڻ وشواس آهي." ۽ هن سچ پچ الي سڀني وبنلن کي جيتي، کيس گيان ڏنو. اهڙ رشي به سڀ نيم ڪندو هو. وسشٽ منيءَ لاءِ ته رامائڻ ۾ آيو آهي ته جڏهن سن شري رام کي پوري سان گڏ موٽي هلڻ لاءِ مڃائڻ ويو ته به سنڌيا وندن جا سڀ ساسڙ سامگري کڻي هليو ۽ وقت تي به نيم انوسار سنڌيا وندن ۽ هون ڪندو رهيو. مطلب ته ڪ جو نياءُ ڪڏهن به گيانوانن نه ڪيو آهي. اپاسنا ۽ ڀڳتي به سوکيم ڪرم آهن. سچا پورو پوش، جن جي ورلي هر وقت آتما ۾ آهي، اهي به ڪرم ڪري رهيا آهن.

ڀڳوان جو چوڻ آهي ته رڳو ڪرم به سڌي نه ڏيندا، گيان به ضروري آهي. ه ڪونه لي چاهيو ته ارجن ڪو ساري عمر لڙائون ڪندو رهي، پر نهڪام ڪرم ڪر انهڪرڻ شڌ ڪري ۽ ان جو ڦل به ماڻي يعني موڪش پائي. جڏهن ڪرم ڪري، ما تيان ۾ لڳي ٿو ۽ اپاسنا به ڪندو رهي ٿو ته پوءِ هن ني ڪرمن ڪرڻ جو ڏند نه آهي اءِ هو رڳو شڌ ٿي ڪرڻ لاءِ ڪرم ڪري ٿو. رڳو گيان ۾ هلڻ سان به موڪش ته ملد

مطلب ته آهي ته ٻاهران اندرين کي روڪي، من ۾ وشين جو سمرڻ ڪجي ته اها ملمن اٿهڪرڻ جي نشاني آهي. گرهستي اهڙي ٻن نمونن ۾ لڳل هجي ۽ اندرين جا ٺرمن ۾ لڳل هجن ته اهو ڀڳوان کي وڻندو آهي ته ڪٿي ڪو منش جيان جي غفلت ۾ وهي ته ٻڌي نه پائيندو. وهنوار ۾ ته ڏسجي پيو ته پتا ان پتر کي پسند نٿو ڪري، جيڪو سندس چيو نٿو مڃي، ڀلي ٻاهران ڀلو سهڻو پيو لڳاٽي وهي. هو ان پتر کي گهڻو پيار ڪري، جيڪو سندس آگيائون مڃي ۽ سندس سيوا ڪري ٿو. پرماتما به دل جي سچائيءَ تي راضي ٿو ٿئي، نه ٻاهرين ڏيکن تي. ڀڳوان جو ذڪر ۽ سمرڻ به دل جي سچائيءَ ۽ شرڌا سان ڪرڻ قبوليت ٿئي ٿو. هنومان ڏٺان جو قل پرڳٽ ڪيو آهي ته هن جي روم روم ۾ رام وسي رهيو هو. ڪرم اندرين سان جائز ڪرم ڪندو رهجي پر من پرماتما ۾ لڳل هجي. ماءُ ڪم ڪارين ڪندي رهندي آهي، پر هر وقت ڌيان ته ننڍڙي ٻالڪ ۾ هوندو اٿس. سنسار ۾ به جنهن سان دل جي محبت نه آهي ته هو سڌجهي وڃي ٿو. انسان ته ڇا، پر حيوان ۽ پکي به اهو سمجهن ٿا. ڪبوتر وغيره جهڙن جي گهرن ۾ ويندا پر جيڪي ڪين ماريندا آهن، انهن جي گهرن ۾ ڪداچت نه گهڙندا.

جن جو اندرين دوار ڪليو آهي، اهي ته هلندي چلندي به رام نام رٽيندا رهن ٿا ۽ ٻاهران وهنوار به ڪندا رهن ٿا. جيستائين ورتي دسوين دوار تي نه پهتي آهي، اوستائين ڪسنگ کان بچڻ لازمي آهي ۽ پر پوءِ پورن مهاتما ڪهڙن به پاپين جي وچ ۾ ويندو، ته هنن کي سڌاريندو، پر پاڻ نه بگڙندو يا ڪرندو. جن برهم گيان پاتو آهي، اهي نتا لڏن، پر هر وقت ورتي برهماڪار رهي ٿي، ڪٿي ٻاهران ڪهڙا به وهنواري ڌنڌا ڪندا رهن.

شلوڪ ٨. سپ نيمت ڪرم (ڪرم جن جي ڪرڻ لاءِ منش ٻڌل آهي) ڪر؛ ڇو ته ڪرم جي نه ڪرڻ کان ڪرمن جو ڪرڻ سريشٽ آهي. خود شرير جي پالنا به ڪرمن ڪرڻ بنا سڌ نٿي ٿئي.

پنهنجي ڪرم ميمانسا شاستر ۾ جئمنيءَ ڄاڻايو آهي ته جنهن وقت کان وٺي منش کي سرتي ٿئي ٿي، ان وقت کان هو اها پرارٿنا ڏينهن رات ڪندو رهي ته هميشه ڌرم انوسار ڪرم ڪريان. ائين ڪندي هن کي آتم گيان پراپت ٿيندو. انٿهڪرڻ شڌ ڪرڻ لاءِ نشڪام ڪرم ڪرڻا آهن ۽ پوءِ آتم ٻوڌ لاءِ برهم شروتري ۽ برهم نيشٺي گروءَ کان منتر وٺي ۽ ڪمائي گيان پراپتي سگهبو. جيئن ملاح کان سواءِ ٻيڙي پار نه ويندي، تيئن پورن گروءَ بنا وڏيون وڏيون سادنائون به ڪٿي ڪن، ته به وئرٿ آهن.

مرشد ڪامل علاج دل ڪند - اين مراد به دل حاصل ڪند؛

مرشد ڪامل ڪه ارشاد ڪرد - اين دل تو از ياد حق آباد ڪرد.

مرشد ۽ گرو لڀڻ ته سولو آهي، پر ڪامل مرشد (پورن ستگورو) لڀڻ ڪٺن آهي. ڪامل مرشد اهو آهي، جو جگياسوءَ کي پار ڪري. هو من جون سڀ بيماريون دور ڪري ۽ سڀ مرادون اندريون الوا ٻاهريون پوريون ڪري ۽ ڪا به هڪجي مراد باقي نٿي

ڪمن، انڌ ۽ وڏندا. هڪ اڪرمامي ڪي راضي ڪرڻ مان ڪي فائدو ٿيندو ۽ اهو راضي ٿيو ته سارو سنسار راضي ٿيندو. جيئن ڪنهن ٿي ڪر وڏو عملدار راضي هوندو آهي ته ٻيا ماڻهو ته ڇا، پر ننڍا ننڍا عملدار به ان سان ڇڱو هلندا آهن. باقي ٻاهريون پاڪائي دنيا ۾ ته ٿيڻ ظاهر ٿي نه پوي ته پرماتما وٽ ڪيئن قبول پوندو؟ راوڻ پاڪائي ڪري، سادو ٿي، سيتا کي ڪٺي ويو، ته ڇا اهو سندس پاڪائي ڪرا ڪو رهيو؟ هنومان جڏهن سنجيوني ٻوٽي لڇمڻ واسطي کڻڻ ويو ته واٽ تي راوڻ جي چرچ تي ڪال نيمي نالي راڪس هڪ رشيءَ جو ويس ڌاري ڪمس دوکو ڏيئي ترسائڻ چاهيو. جيتوڻيڪ اول هنومان هنڪي سچو رشي سمجهي ڪمس اورانگهي وڃڻ نه چاهيو، ۽ اچي نمسڪار ڪيائينس، پر آخر جڏهن خبر پيس ته ڪمس ماري ڇڏيائين. سنسار هڪ درسنيءَ مثل آهي: جي ٻين کي دوکو ڏين، اهي ضرور پاڻ دوکي ۾ ٿا اچن. پرماتما ته اهڙو شاهه آهي، جو ڏسندو ٿي رهي ٿو ۽ جيڪي سندس ٿورو نٿا مڃن ۽ نه شڪر ٿي هلن ٿا، انهن کي به هو روزي رسائيندو رهي ٿو.

ڏن تون رام سڪان ڪا داتا - ٿيري ڪتي سڀ جڳ ڪاندا،
تن من ڏن سڀ امرا ديتا - ڪسي هٿ نه ليا وڪاندا،
تون سچ شاهه جيئو وڻجارا - راس لسي لسي مڪر ٻاندا،
شيوا داس مڪرن والان نون - هور ديتي دل نه لاندا.

دنيا ۾ ڪنهن سيٺ ڪان ڪو نيندو واپاري مال وٺندو رهي ته به هڪ ڀيرو ڏيئي پوءِ چوندس ته اڳيون حساب چڪتو ڪر ته پوءِ وڌيڪ مال ملندءِ، پر پرماتما ڪيان هي جيڪو وٺندو به رهيو پر سنتوش نه ڪري چوندو به رهيو ته ڀڳوان ڏنو ڇا آهي! پر اهڙن کي به ڀڳوان ڏيندو رهيو. ايشور ته رڳو هن مش جنم ۾ پر انيڪ جنمن کان ڏيندو رهيو آهي ۽ اسين نه سندس هڪ ٿورو به لاهي نٿا سگهون. هيءَ سندر ديهي ڏني اٿس، جنهن جو هڪ هڪ انگ اهڙو امولڪ آهي، جو هڪ به اهڙو دنيا ڀر ۾ ڪرڻ نٿو ٿاهي سگهي!

ڪلجڳ ۾ گهڻو ڪري پنت پوٿا آڳيا ۾ نه آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو اسانجا من ملين آهن ۽ پرماتما انهن پنن پوٿن جي دلين ۾ ويهي اسانکي ڏڪار جا لفظ چوي ٿو ته ويراڳ اپجيئون. اڳي ماڻهو پاڻ ڀڳتي ڪندا هئا ته پنت پوٿا به شيوا ڪندا هئا. ڏٺي نه ٿهڻوني ٿو اسان جي موهه دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري، پر اسان وري وري ان طرف ٻيا وڃون ۽ پرماتما جي ڀڳتي سچيءَ دل سان ڪرڻ بدران هنڪاري ڏيکاءَ ۽ پاڪائي لاءِ ڪريون ته ماڻهن ۾ واهه واهه ٿئي!

شلوڪ ۷. هي ارجن! جيڪو اندرين کي من سان روڪي، سنجم آڻي، ڦل جي اڇا کان رهت ٿي، ڪرم اندرين کي ڪرم يوڳ ۾ لڳائي ٿو اهو بلڪل اوچ پدويءَ وارو آهي.

جا آهي ۽ اڌرم جا آهي ۽ ڌرم موجب هلڻ ڪجي. اهو به ته ڪري سگهجي ته اڀياسا ۽ ڀڳتي ڀڳوان جي نه ڪريون. اها به نه ٿي سگهي ته نشڪام ٿي شڀ ڪرم ڪريون ۽ جي ٿڪجي وڃون ۽ اهو به نه ڪري سگهون ته ڀلي ڦل جي اڇا رکي شڀ ڪرم ڪريون ۽ جيڪي گهر جيئون سو ايشور ڪي ملي گهري وٺون. پر ٻرا ڪرم ته نه ڪريون. جيڪڏهن انهن ٻرن ڪرمن کان پاڻ نٿا بچائي سگهون ته پوءِ نيچ جونين ۾ پئي جنم جنم جا ڌڪا کاڻا پوندا.

راڄ سک يا سرڳ لاءِ ڪرم ڪرڻ اسان جي هندو ڌرم موجب ٺيڪ آهن. جڏهن آتم خزاني کي رشين منين پڌرو ڪيو آهي، اهو دنيا جي خزانن کان اوچو آهي. اُن اڳيان پرلوڪ جو راڄ ته ڇا، پر ٽنهي لوڪن جو راڄ به ڪجهه ڪين آهي. آتم ڌرم کان بيمک ٿيڻ ڪري ئي اسان جي ۽ اسان جي ملڪ جي هيءَ درگتي ٿي آهي، جو بيمار ٿيون، ڏکر، ڏک، ڪليش ڪاهي پيا آهن. اڳي راجا ۽ پرجا ٻئي آتم ڌرم تي هلندا هئا، ته هنن ۾ ساتوڪي ٻل هو ۽ سڀ پدارٿ ملندا هئن ۽ ارجن، ڀيم، ڀيشم پتامه جهڙا جوڌا هئا، جي اڪ ۾ هزارن کي ماري سگهندا هئا. ارجن به اسان جهڙو ئي انسان هو، پر مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ انيڪ جوڌا ماري سگهيو هو.

دنيوي پدارٿ يا سرڳ جا سک سڀ گهڙي پل آهن ۽ اهين آهن جيئن وڄ جي چانئٺ، جا ڪداچت اسٿر نٿي رهي. سکمڻي صاحب ۾ به آيو آهي:

اَنڪ ڀانت مايا ڪي هيت - سر ٻير هووت جان انيت.
برڪ ڪي ڇايا سڃ رنگ لاوي - اوهه بنسي، اُهه من پڇتاوي.
جو ديسي سو چالڻهار - لپٽ رهيو تهه انڌ انڌار.
ٻٽاڙو (مسافر) سڃ جو لاوي نيهه - تاڪئ هاٿ نه آوي ڪيهه.

هڪ مسافر سان جو نيهن ٿو لائي، اُن کي آخر هٿ ڪجهه به نه ايندو. ڇو ته هو ته ساڻ رهڻ وارو آهي ئي ڪو نه. دنيا سان نيهن لڳائڻ به اهين آهي. سڀ پدارٿ ناس ٿي ويندا ۽ اسين پوءِ پيا پڇتائيندا سين.

چلا لڇمي، چلا ڀراتا، چلي جوبن مندري،
چلا چلي سنساري - ڌرم ليکو نسي نهچلا.

ڌن، ڀراتا، پوندڙ جوڀن اهي سڀ هلندا رهن ٿا، بيهن نٿا. ڌن اڄ هڪ وٽ، ته سڀاڻي ٻئي وٽ. ڀراتا جيڪي ويا، سي وري واپس نه ايندا. هن شرير روپي مندر ۾ به جوڀن پوندي ٿي رهي ۽ آخر پوري ٿي ويندي. سنسار مان ٻاهي آخر ٻيو ڪنهن سڀ هلندا ٿا وڃن، مهاپرلي ۾ ويا هليا. هڪ ڌرم ئي اٽل ۽ رهندو.

غنيمت شمر صحبت دوستان ـ ڪه گل پنج روز است دير بوستان.

هن سنسار روپي باغ ۾ هي شرير روپي گل پنج ڏينهن رهندو. انڪري نيڪ پرشن جي صحبت ملي ته شڪر ڪرڻ گهرجي. دنيوي مالڪن سان تعلق رکي ڇا وٺبو؟ سڀ آخر

رهي. گرو جن به صاف فرمايو آهي:

سر اڍيو ٽالدي گر سؤرا - ٽانڪ ٽانڪي ڪارج ڀسؤرا.

هت ڪارج جو مطلب ڪو وهنواري ڪارج نه آهي، پر پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ لي - ڪارج آهي. ڀڳوان ارجن کي ڪرم يوگ ۽ گيان يوگ جا ٻئي مارگ ورنڻ ٿو چاهي. ڪرم يوگ اهڙو آهي جهڙي ٻيڙي ملاح کان سواءِ. رڳو گيان يوگ آهي ملاح ٻيڙيءَ کان سوا ٻئي آهن ته ٻيڙي به آهي ۽ ملاح به آهي، جو ٻيڙي هلائي جگياسوءَ کي پار ڪري ٿو.

منش جنم مليو ئي آهي پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ۽ جي اهو به نه ڪيوسين ته پوءِ باقي ه سنسار ۾ اهڙي امولڪ جنم پائي ڇا ڪيوسين؟ پورڻ گيان حاصل ٿئي ته به ٻين کي م ڏيڻ لاءِ ڪرم ڪرڻ گهرجن، جهڙي وڏن وڏن رشين منين، برهم گيانين ۽ اوتارن به ڪيو.

شاستر صاف ٿا چون ته نت نيمن وارا ڪرم نه ڪبا ته پاپ لڳندو. ان جو مطل آهي ته پرماتما جيڪو سمو سنڌيا وندن، هون وغيره ۽ ڌيان، اپاسنا يا ستسنگ لاءِ ۽ جيڪ ڏينهن ورتن ۽ اپواس لاءِ مقرر ڪيا آهن، اهو وقت ۽ اهي ڏينهن جي انهن پدران دنيو ڪمن ۾ لڳائينداسون، ته ايشور کان ٻي مک ٿينداسون ۽ ضرور ڪي برا ڪرم به ل لالچ وچان ئي ويندا. جڏهن پرماتما اسانکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي ۽ ڪڏهن به ان ۾ کهٽتا نٿو ڪري، ته پوءِ جي اسين اهي ڪرم نه ڪريون ته وڏا ڪرتگهن ليکباسين ۽ ڪرتگه جهڙو مهاپاپ ٻيو دنيا ۾ ڪونهي. ديوتائون اسانکي پرسامه وسائي اَن پاڻي ڏين ٿا، ديوتا، ورڻ ديوتا ۽ اگني ديوتا سڀ اسان جي سيوا ڪن ٿا، پر جي اسين انهنکي راض ڪرڻ لاءِ هون وغيره به نه ڪريون ته ڪيئن نه هو رنج ٿيندا ۽ سزا طور اسانکي ڏ ۽ بيماريون ڏيندا يا ٻيا اپدرو پوڏون نيڻ، ناهيون لڳڻ يا جنگين ٿيڻ جا ڪندا؟ و ڏينهن ئي جو اسان هندن ۾ ڪي گنديون رسمون جوا ڪرڻ ۽ شراب ماس ورتائڻ جه پئيون آهن، اهي سڀ غير مذهب وارن دشمني ڪري وڌيون آهن ته اسان هندن جو ڌ ڪمزور ٿئي ۽ ڪمزور ٿيون. مسلماني راج ۾ ڪن پنڊتن وغيره لالچ وچان وشرتون وني، اه غلط پرچار ڪيا يا حاڪمن زور زبردستيءَ سان ڪرايا.

شلوڪ ٩. جي ڪرم يگيه ارٿ (يعني ايشور کي ارپن) کان سواءِ ٻي هن سنسار ۾ ڪجن ٿا، اهي بنڌن روپ آهن. هي ارجن! ان ڪري تو سڀ ڪرم رڳو ايشور کي ارپن ڪرڻ لاءِ نشڪام ٿي ڪر.

هون ۽ ٻيدارا انهن کي به يگيه ڪوٺيو آهي، پر هن شلوڪ ۾ يگيه جو مطلب ايشور آه ويدن ۾ به آيو آهي ته يگيه وشنو ڀڳوان جو نالو آهي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان صاف ٿو ٻڌا ته ڪرم ڪلي کهڙا به سٺا هجن، پر جي ايشور ارپن نٿا ڪيا وڃن، ته بنڌن ۾ وجهند جنم مرڻ جو چڪر هلندو رهندو، پر جيڪڏهن اهي سڀ پرماتما کي ارپن ڪبا ته نه بنڌن روپ نه ٿيندا، پر اڳيان بنڌن به ڪاٽيندا، جو ته انهيڪرڻ شڌ ٿيندو. پنهنجي آ جو گيان هر هڪ منش کي پراپت ضروري آهي، نه ته به شاسترن جو گيان نه هجي ته ڌ

رشي منين کي، ۽ هون آدمي ڪرم ڪندا هئا، ته هو اُنهن ۾ وگهن وجهندا هئا ۽ ماس، رت، هڏا، چمڙو وغيره وجهي، وايومنڊل خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. انهن راڪاسن کي مارڻ لاءِ ڀڳوان رامچندر جو اوتار ٿيو. ٻالڪ اوسٿا ۾ ئي هو وڃي وشوامتر جي يگيه جي رکيا ڪئي ۽ پوءِ راوڻ ۽ سندس لکها سائين کي ناس ڪيو. وايومنڊل برهمانڊ جو رڳو ملير پيو آهي، جو اڄ ڪاله ته وگيان ۽ ٽيليفون جي دوارا به ثابت ٿي چڪو آهي. هزارن ميلن تان ڳالهه آواز ٻڌون ٿا يا فوٽو اچي ٿو. شاسترن ۾ ته آيو آهي ته جڏهن اسين ڪوبه لفظ واڻي سان اچارڻ ڪريون ٿا ته ڪنن ۾ پهچڻ کان اول اهو ٣ دفعا ساري برهمانڊ مان ٿي اچي ٿو. اهڙيءَ ريت سان آواز هلي ٿو.

وايومنڊل کي سڌاريو ته انتهڪرڻ جا وچار به سڌا ٿيندا ۽ ماڻهن جو چرتر به اُڏبو. گرو گوبندسنگه جڏهن اورنگزيب سان ٻڌ ڪئي ته اول ڪاشيءَ مان هڪ ودوان پنڊت گهرائي آنندپور ۾ پهاڙ جي دامن ۾ ديويءَ جي اُپاسنا لاءِ هڪ ڀاري يگيه ڪيو هئائين. اُن ۾ اٺ سؤ من گيهه ۽ ٻيون سڳنڌيءَ واريون سامگريون وڌيون ويون، جو انهن جون لاٽون آڪاس تائين ٿي ويون. جي اُن ۾ ڪو فائدو نه هجي ها ته گرو جن اهو سڀ اُلٽو ڇو ڪن ها؟ هنن ديويءَ جي پرسنتا حاصل ڪرڻ ٿي چاهي ته جنگ ۾ فتح حاصل ٿئي. اڄ ڪي گروءَ جا اُڪالي سک شايد اهو نه به قبول ڪن. ايشور جي اُپاسنا برابر سڀ کان اُتم آهي، پر اُها انتهڪرڻ جي شڌتا لاءِ آهي ۽ وايومنڊل کي صاف ڪرڻ ۽ ديوتائن ۽ ديوتائن جي پرسنتا حاصل ڪرڻ لاءِ يعني سنساري ڪمن جي سڌيءَ لاءِ يگيه ئي ڪارگر آهن. گرو جن جي اُن يگيه ۾ ديويءَ جو اچڻ ته پرڪاش ٿيو، جو اهو پنڊت به ڏسي اُٿي ويو، پر گرو جن ويٺا رهيا. جيئن ئي ديويءَ جو درشن ٿين، تيئن ئي گرو جن کي چوپايون اسٽت ۾ اچاريون، جنهن جو ارٿ اڄ ڪله سک اُلٽو پيا ڪن. پر سچ پچ ته اُهي ديويءَ جي اُپاسنا ۾ هيون.

مٽن نه گنيش پرٿم مناٿون - ڪشن بشن ڪبهوُن نه ڌيائون.
ڪان سني پهچان نه تنسوُن - لو لاڳي موري پگ ان سوُن.
مهان ڪال رکوار همارو - مهان لوهه ۾ ڪنڪر تارو.
اُپسنا جان ڪرو رکراو - ٻاهه گهي ڪي لاڄ بچارو.
اُپنا جان مجهي پرٿم پرٿي - چن چن شتر هماري مربي.
ديگ تيغ جگ ۾ دوئو چلي - راک آپ تهه اَگر نه دلي.

رهراس ۾ اهي چوپايون اچن ٿيون. ڪي چون ٿا ته گروءَ چيو آهي ته مان ڪرشن، وشنو، گڻيش ڪنهن کي به نه سڃاڻان. پر اهو ته خاص موقعي لاءِ آهي. جيئن ڪنهن آفيسر وٽ ڪم لاءِ وڃبو آهي ته سندس اول ساراهه ڪبي آهي ته سائين! اسان لاءِ ته سڀ ڪجهه اوهين آهيو، اسين ٻيو ڪنهن کي سڃاڻون به ڪونه! اسان جو ڪم اوهين ئي ڪندؤ. گرو گوبندسنگه جن جي چرڻن هو ته هي مهاڪالي ماتا! مان گڻيش جي به پوڄا ڪونه ٿو ڪريان.

هليا ويندا. پر جڏهن هڪ ايشور ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ان کي سمجهي، جو ايشور سان ملائي ٿو ۽ ايشور روپ آهي.

شلوڪ ١٠. پرجاپتيءَ يعني برهما جي سرشٽيءَ جي آرنڀ ۾ يگين سان گڏ پرجا کي پيدا ڪيو ۽ اِئين چيو (ويدن دوارا) ته هنن يگين مان ٿَسي اوهين سڀ اِڇائون پوريون ڪريو ۽ وڌو ويجهو.

مطلب ته جيڪي ورڻ آشرم سنبنڌي يگيه آدي ڪرم ويدن انوسار چيل آهي، انهن جي ڪرڻ سان سڀيئي اِڇائون پوريون ٿين ٿيون ۽ اهي ڪرم سنسار اُنوا سرڳ جي سکن جي ڏيڻ وارا آهن ۽ نشڪام ٿي ڪرڻ سان اُنتهڪرڻ جي شڌيءَ دوارا موڪش جي به ڏيڻ وارا ٿين ٿا. نشڪامتا حاصل ٿي ته پوءِ ڪامنائون اندر ۾ اُٿن ٿي ڪونه ٿيندڙيون ۽ ڪمول ايشور جي پريم ۽ ڀڳتيءَ جي اِڇا رهندي ۽ اهائي ٿوري لڳندي.

ڀڳوان اڳتي برهما جو ڏنل آديش هن ريت ٿو ورنن ڪري:

شلوڪ ١١. هنن يگيه آدي ڪرمن سان اوهين ديوتائن کي خوش ڪريو ۽ هو پوءِ اوهانکي پرسن ڪندا. ان طرح ٻئي هڪٻئي کي راضي ڪري، اوهين پرم ڪلياڻ کي پراپت ڪندا.

پرم ڪلياڻ معنيٰ آتم گيان، جو جنم مرڻ جي بندن کان آجو ٿو ڪري. ديوتائن سان پريم رکڻ جو طريقو آهي يگيه آدي ڪرمن سان انهن جي اُپاسنا ڪرڻ. هو انهن سان خوش ٿين ٿا ۽ بارش آدي وسائين ٿا، جنهن مان سڀ جيو خوش ۽ سکي ٿين ٿا. اِندر ديوتا خود ڪرشن ڀڳوان سان ڪيڏو نه رنج ٿيو، جڏهن هن سندس پوڄا روڪائي گوورڌن پربت جي پوڄا ڪرائي هئي؟ ڪرشن ته پاڻ پرميشور هو ۽ اِندر جو اُپمان پچڻ لاءِ سندس ڪروڌ مان وسايل مُوسلڌارا برسات کي به پنهنجي سدرشن چڪر سان سڪائين ۽ گوورڌن پربت آڱر تي کڻي، ساري برج ڀوميءَ کي بچايائين. نه رڳو شاسترن جي ڌرم جي خيال کان، پر وگيان جي لحاظ کان به هون آدي يگيه بلڪل ضروري آهن، ڇو ته انهن مان واءُ شُڌ ٿئي ٿو، بادل ٺهن ٿا ۽ برسات پئي ٿي. گهر ۾ هون ڪرڻ سان سڳنڌيءَ جي اثر هيٺ زهري جيوڙا ناس ٿا ٿين ۽ صحت قائم ٿي رهي.

بهاولپور رياست ۾ هڪ مسلمان عملدار جي گهر ۾ روز هون ڪندو هو، ڇو ته چوندو هو ته ان مان گهر جي صفائي ٿي ٿي ۽ نرمل واءُ ڪري اسان جو من پرسن ۽ شرير تندرست ٿو رهي. اڄ ڪلهه ته گهرن ۾ اُلٽو شرط سگريٽن جا دونهان ٿا نڪرن ۽ گهرن جو وايومنڊل به خراب ٿو ٿئي ۽ ديوتائن کي به اها گندي هوا لڳي ٿي، جنهن مان ڪين بچاءُ اٿئي. نماڪ ڇڪيندڙ جي اندر ۾ انيڪ غليظ بيماريون پيدا ٿين ٿيون ۽ ان ڪري ٿي هاڻي بيماريون وڌنديون وڃن ٿيون ۽ شرير ڪمزور ٿيندا ٿا وڃن. ديوتائون يگيه آدي ڪرمن سان پرسن ٿا ٿين. ان جي هڪ اها به ثابتي آهي، جو سندن دشمن راڪس جڏهن جڏهن

شلوڪ ١٣. جيڪي سڄڻ پرش يگيه آدي ڪرم ڪري، انهن مان بچيل ان کائين ٿا، اهي اُتم پرش [جڻ امرت ٿا کائين ۽] پاپن کان ڇٽي ٿا وڃن؛ پر جيڪي رڳو پنهنجي لاءِ ئي ٿا پوڄن ٺاهين، سي نشچي ڪري ڄاڻ ته پاپ ٿا کائين.

چوريءَ جو الزام ڀاڳ تان مٽش ڪيئن لاهي، سو ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ورنن ٿو ڪري. سنسار ۾ جو به مٽش جنم وٺي ٿو، راهه اتوا رنڪ، انهيءَ لاءِ ٥ يگيه ويدن شاسترن ۾ ٻڌايل آهن، جي سڀني کي پنهنجي شانتيءَ ڪرڻ گهرجن. جيڪي گرهستي اهي پنج يگيه نٿو ڪري سو چور ليکيو ٿو، اهي پاپن کان بچي ٿا وڃن. اهي پاپ ڪهڙا آهن؟ جهڙوڪ زمين ۾ هر وجهڻ وقت انيڪ جيوَ مرن ٿا ۽ گهر ۾ صفائي ڪرڻ وقت به ڪيترا جيو جنتو ناس ٿا ٿين ۽ جهڙي پاڻي لو ڪجي، اُکلي ۽ اوکل ۾ به جيو مرن ٿا ۽ باهه جي چلهي ۾ به ڪيترا جيو سڙي ٿا وڃن ۽ هوا ۽ اکريءَ ۾ ڪٽڻ وقت يا جند پيهڻ وقت به جيو مرن ٿا. انها جا هيتري ساري جيو هتيا ٿئي ٿي، ان جا ذميوار اُن وغيره کائيندڙ آهن. پنج يگيه، جن جي ڪرڻ جو شاسترن ۾ حڪم آهي، اهي آهن: (١) برهم يگيه (٢) ديو يگيه، (٣) پتري يگيه، (٤) نري يگيه ۽ (٥) ڀوت يگيه. اهي روز ڪرڻ ضروري آهن ۽ انهن ڪيا ته ڄڻ سڀ ڪجهه ململ ڀڳوت حلال ڪري ٿا کائون، نه ته پاپ ٿا کائون ۽ ڀڳون.

برهم يگيه يا رشي يگيه:- ويدانت کي پڙهڻ، ستشاستر ٻڌڻ سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ سچو ستسنگ ڪرڻ، جنهن مان برهما ۽ رشي مُني خوش ٿين، جن لکيئون ويد شاستر ۽ پراڻ ٺاهيا آهن، ان کي برهم يگيه لو ڪوٺجي. ستسنگ نه مذهبي يا ڪجهه مباحثي وارو نه هجي، پر جنهن رڳو پرماتما، ڌرم، اتر انتيءَ ڀاءَ جرچا ۽ ڪيرتن هجي.

ستسنگ ڪهڙي جاءِ - جتي ايڪو نام وکاڻجي.

اڄ ڪله ستسنگ نه اڪيجا آهن، پر سچو ستسنگ اهو آهي، جتي ايشور جي ڀڳتي ۽ استت ٿئي. شري رامچندر جهڙي اوتار به نراس ۾ روزانو ٻڌڻ سان ستسنگ ٿي ڪيو. راجا دسرٿ به رامچن، ساري ڪتب ۽ مطالعه جي ماٿهن سمجهه نيم سان روز ستسنگ ڪيندو هو. جيڪو هن برهم يگيه کان ٻي مک آهي، اهو سڀني ٻين يگين کان به ٻي مک هيندو ۽ جو نه ستسنگ ٿي ٿي سڀ سکيائون مان ٿيون ۽ انهن ئي درشتانت مثال ڏيئي انهن سکيائن جي ضرورت محسوس ٿي ڪرائي وڃي ته من اُن طرف لڳي.

ديو يگيه ۽ هون، آهوتيون، پوڄن مان اگنيءَ ۾ آهوتي ڏيڻ، سمي پالي ديوتائن جي اپاسنا ۽ پوڄا وغيره ڪرڻ ته هوُ پرسن ٿين، ڀنڊارا وغيره ڪرڻ.

پتري يگيه ۽ شراڌ ۽ وڏن جون ورسيون ڪرڻ، پنڊ ڀرڻ، جن مان پترن جو اڌار ۽ وغيره.

ڪرشن جا وشنو ڀڳوان جي مورت ڏٺا آهن ۽ تون ئي منهنجي رکيا ڪرڻ واري آهين. هي
وڏن هٿيارن واري ڀوڳ ماتا! آءٌ تنهنجو داس آهيان ۽ شرن ۾ آيو آهيان. منهنجي رک
ڪر ۽ منهنجي دشمن کي جلدي جلدي اٿين جو سنگهار ڪر. گرو گوبندسنگهه اهو
ديوي اپاسنا دسم گرنٿ ۾ لکي آهي ۽ ساڳي گرنٿ ۾ ڪرشن ليلا جو سندر ڪرتا ۾ ڏني
آهي ۽ ان ۾ ديوي وار به آهي، جا ارداس جي شروع ۾ پڙهبي آهي.

وار سري ڀڳوتي جي کي پالڻهاءِ دسو. ڀڳوتي سمر کي گرو نانڪ لئي
ڏياءِ ...... وغيره،

هن ۾ ٽن پالڻهارن جي آراڌنا ڪئل آهي، ۽ اول ڀڳوتي ديويءَ جي آهي، جو
ان وقت گروجن ديويءَ جي پوڄا ڪري رهيا هئا. "ڀڳوتي" لفظ جو ارٿ تلوار ڪرڻ
وارو غلط آهي.

ڀڳوان ڪرشن جي جولسند سان ٻڌ ڪندي، هڪ دفعو ديويءَ جي اپاسنا ڪئي هئي
ديوي آد شڪتي آهي ۽ ايشور جي ئي شڪتي آهي ۽ وقت تي سڀ ڪنهن جي اپاس
ضروري آهي. گرهست ڌرم وارن لاءِ ته دنيوي ڪارج سڌ ڪرڻ لاءِ ديوين ديوتائن جي
وقت سر پوڄا ڪرڻ ضروري آهي. سڀئي ڪارجن ۾ ته گرهن وغيره جي پوڄا ڪرائي
ويندي آهي.

شلوڪ ۲. يگين آدي مان خوش ٿي ديوتائون اوهان کي من گهري
سک ۽ پدارٿ ڏيندا. انهن ديوتائن وٽان مليل پدارٿن مان جيڪو اُنهن کي
آهوتي روپ ڀاڱو نٿو ڏئي ۽ اهي پدارٿ سڀ پاڻ ٿو ڀوڳي، سو نشچي ڪ
چاڻ ته چور آهي.

هن شلوڪ جي سکيا ٻڌري پيئي آهي ته جيڪو معض ديوتائن وٽان اپڪار طور مل
پدارٿ فقط پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي سوارٿ لاءِ ڪم آڻي ۽ يگه، تعميڪ ڪ
(هون، يگيه آدي) نٿو ڪري، غريبن اُنالن جي پرگهور نٿو لهي، پکين پنن جي سار سنڀ
نٿو ڪري، اهو معض پيٽ لئي پيٽ چور ۽ ڪرتگهن يعني بي شڪر چئبو. جيئن ڪ
معض سنسار ۾ ڪنهن پٺئي ڪان ڪميل قرض نه موٽائي ڏيڻو ڪري، سو بي ايمان ۽ ڪرتگهن
ليکبو آو. رشين منين جيڪي نيم رکيا آهن، سي ڌرم اُنوسار انسان جي سک ۽ ڀلائي
لاءِ ئي ضروري آهن. هن جو حڪم آهي ته گهر ۾ هڪون روز ٿئي، تلسي ضرور رکيل هجي
روٽي پچائڻ وقت اگنيءَ ۾ روٽي وغيره مان ڪجهه ضرور وجهجي، اُتي سٽڪار ضر
ڪجي، پنن پکين کي اَن داڻو ۽ روٽيءَ جا ٽڪرا وجهجن ۽ هنن جي پيئڻ لاءِ پاڻي
ڪنهن جڳهه تي رکجي.

ديوتائن جي استتي ڪري، هنن کي خوش ڪري، هنن جا مليل پدارٿ پوڄيا
شرير جي تندرستي ۽ شڪشالي ليکبو، ٻڌي جي سرشٽ ٿيندي ۽ ايشور جي ڀڳتيءَ ۾
لڳندو.

اسان جي ڌرم انوسار ويدن شاسترن ۾ اهي پنج يگيه بلڪل ضروري چيا ويا آهن،
ن جي نيم سان ڪرڻ ڪري سک ملي ٿو، نه ته پاپ جا ڀاڳي ٿا ٿيون. اُنهي يگيه
بت ڪيترن رشين منين لکيو آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪٿي چور هجي، دشمن هجي، خوني
هجي ته به هنجي اَن ۽ جل سان سيوا ڪرڻ جڳائي. هن ۾ اهو راز آهي ته گهر ۾ گهڙي آيل
شور روپ آهي، ڀوءِ چاهي هو بدنيت سان ئي آيو هجي. جي هن جو ستڪار نه ڪبو
پاپ لڳي ٿو. ڪيترا سوالي فقير ئي ٿا اچن، پر اڄ ڪلهه ڪيترن کي رڳو ڪپڙا ۽ ڌن
ڻ جو لوڀ آهي ته به اُنهي روپ ۾ ڪو اچي ته اَن جل جو ستڪار ضروري آهي. مڙن
نين نه ٿئي، جو ڪو بلڪل سچو اَڌڪاري اچي ۽ موٽي وڃي. اَن هڪ اَڌڪاريءَ مان
اسان جو ڪلياڻ ۽ اُڌار ٿي سگهي ٿو. اهو هڪ ڄوا جو ۽ لاٿريءَ جو داءُ آهي، جو لڳي
جي ته ٻيڙو ٿي پار. انڪري اَن جل ۽ ڪپڙي جو اُنهي موٽائڻ نه گهرجي. گهٽيئي لڳي
ڪرڻ ۾ اچن ٿا، پر اسين پنهنجو داءُ هٿئدا رهون. ڪي چال ڪپت ڪري غريب ٿيڇي
اچن پر اسانکي اهو خيال به دل ۾ نه اچڻ گهرجي. مگر ڌن جي دان ڏيڻ وقت بلڪل
لگيءَ طرح سوچ ويچار ڪري اَڌڪاريءَ کي ڏيڻ گهرجي. وڌوانن کي ڌن ڏيڻ سان اهو
سپ طرف خرچ ٿئي ٿو ۽ ويدن ۾ آيو آهي ته وڌوان کي پوڄن ڪرائڻ جڻ ساري برهمانڊ
ي پوڄن ڪرائڻ آهي. وڌوانن کي ضرورت کان وڌيڪ جا مايا ملي ٿي، اُها به هو ضرور
سپ ڪرمن ۾ يا ٻين غريبن کي ڏيڻ ۾ ڪم آڻين ٿا. سچي اُنهيءَ کي موٽائڻ سان هو پنهنجا
اپ ڏيئي، اسان جا ڪيل پنج ڪٽي ڇڏي وڃي. اِهو ڪيڏو نه نقصان ٿيو؟

ڊيره اسماعيل خان ۾ هڪ جواري هو. هڪ دانار سيٺ ڏٺو ته لهه سياري ۾ جڏهن
سردي به ڏاڍي زور واري هئي، تڏهن هو بزار ۾ رات جو سمهيو پيو هو ۽ مٿان ڪو ڪپڙو
ڪونه پيل هوس. سيٺ چيس ته "اُڙي هوڪو! ننگو سمهيو پيو آهين." چيائين ته
سائين! ڪپڙو ڪونه اَٿم". سيٺ کيس ٻئي ڏينهن سوڙ سبائي ڏني، پر اُها به جوا ۾
هارائي ڇڏيائين ۽ رات جو ساڳيو ئي ننڊ ۾ بنا ڪپڙي پيو هو! سيٺ پڇيس ته چيائين ته
سائين! هارائي ڇڏي اَٿم." وري سيٺ ٻي لهرائي ڏنس. ان طرح ڪنهن کي ٻه،
ڪنهن کي چار ڏينهن پائي سوڙ هارائي ڇڏيندو هو، ڇو ته جوا جي عادت کان رهي نٿي
سگهيو. اَن سيٺ هن کي ٽيهن سوڙيون هڪ ٻئي پٺيان سبائي ڏنيون، پر اهي ٽيهن
ي هارائي ڇڏيائين. آخر جڏهن چوڏهين سوڙ سيٺ نهرائي ڏنس ته هن کي غيرت آئي ۽
ي ڪلي پيس ۽ اڳتي جوا ڪرڻ کان قسم کنيائين ۽ سڌري پيو. سيٺ کي به سچو ڏيرج
و ۽ کيس وشواس هو ته ڪڏهن نه ڪڏهن اثر ٿيندس. چا هن سيٺ کي پنهنجو پيارو ڪونه هو؟
دانا جو به نه ڪو ڌرم آهي! جواري سندس چرنن تي ڪري پيو ۽ اها سوڙ وري
ڏهن به نه وڃايائين. سچو دان اِهو آهي جو شيءِ ڏيئي وري اُن ۾ ممتا نه رکجي. اها ياد
نه کجي ته مون ڏني آهي. مطلب ته اَن، جل ۽ وستر جو هر ڪو گهرجائو حقدار آهي ۽
لاهولائقي وغيره نه ڏسڻ گهرجي.

ٽئون يڳيه يا اَتِٿي يڳيه: گرهستيءَ جي دواري تي جو مسافر يا مهمان اچي، سو اَتِٿي آهي، پوءِ غريب هجي چاهي شاهوڪار. اُنهيءَ جو آدر ستڪار ۽ جل پان ڪرڻ ضروري آهي. ٽڪر هجي نه ڪجهه ته ٿورو ڏيڻ فرض آهي.

ڀُوت يڳيه: ڪُتن، ڪانگن، جهرڪين، ڪبوترن، جيتن جڻين، پشن پکين کي اَن، داڻو، روٽيءَ جا ٽڪرا ۽ جل ڏيڻ ته انهن جي آسيس ٿئي ۽ اسان جو انتهڪرڻ شُڌ ٿئي. گئو ماتا جي سيوا به اوچو ڦل ڏني وئي.

اڳوڻي زماني اڳي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رواج هوندو هو ته هر ڪو گهر هڪ يا ٻه ڦلڪا ۽ دال ڀاڄي مقدار يا ٽڪالي يا گردواري ۾ ڏيندو هو ته جيڪي اَتِٿي يا مسافر اچن سي کائي ٽرپت ٿي آسيس ڪن. پر هاڻي هن وقت اهو رواج گم ٿي ويو آهي. ڏڪار، برسات جو وقت سر نه پوڻ اِن جا ٿي ڦل آهن. پترن جا شراڌ رکي برهمڻ کي کارائڻ کپن ۽ نه ڪنهن ساڌو سنت کي، خاص ڪري جن کي گيڙوءَ رنا ڪپڙا پيل آهن، ٽن کي نه ڏسي پترن جا روح ڀاڄي نا وڃن. ساڌن سنتن کي ڀوڄن ڪرائجي، نه ته ڪنهن جي نمت يا سڪاب جي، نه ته ڪائيندڙن جي ورتي خراب ٿيندي. ورڪت ساڌو هميشه مڌوڪڙي ڪري ڀوڄن ڪندا آهن، جو ته اُن ڀوڄن ۾ ڪنهن جي ممتا نٿي ٿئي. ڪي زالون ساڌن سنتن کي ڪجهه ڀوڄن يا ٻيو ڪجهه کائڻ لاءِ ڏين، ته اهو به ڪنهن ٻار يا ٻئي لاءِ گهوري ڏينديون آهن. اهو پاپ آهي ۽ اهو ساڌ يا سنت لاءِ به ٻرو آهي. هاڻي برهمڻن ۾ به اُها شڪتي ڪير ڪا رهي آهي، نه ته شراڌ کان اول برهمڻ مري ويل جي روح کي گهرائيندا هئا. پر شراڌ به اُنهن جا نا سڦلا ٿين، جن وڏن جي جيئري به پوري سان سيوا چاڪري ڪئي هوندي. جيڪڏهن جيئري پتا کي نه پڇون ۽ مئي کان پوءِ هن جا شراڌ ڪريون، ته اِن مان ڪهڙو لاڀ؟ هن جي آتما ته ناراض هوندي ۽ اهو ڪاڌو قبول ٿي نه ڪندي. اڄ وايومنڊل بگڙيو پيو آهي، سڌارڻ وارو ڪو ورلو آهي، پر بگاڙڻ وارا اَنيڪ آهن.

مٿيان وڌيل ڪيل سڀ يڳيه به نشڪام ٿي ڪجن ته ڦل به اٿاهه پاڻهيئي ملندو، ۽ اندر ۾ به پرڪاش ٿيندو. هن دنيا ۾ جيڪو سک آنند يا ڀوڳ پدارٿ اسين ماڻيون ٿا، سي سڀ اڳين ڄمن جو ڦل آهي. پر اڳتي جي سکن لاءِ به ته ڪجهه ڪرڻ گهرجي. رکيو اڳيون ڀوڪيل کائي کپائي وجهو، ته اِها ڪا سياڻپ ڪانه چئبي ۽ ٻئي جنم ۾ ڪِئن اُن وانگر ڌڪا کاڌا ٿيندا ۽ در در تي ٽڪر ٽڪر لاءِ ڏنبا به ملندا. جيئن موسم ۾ وڻ پاڻهيئي ڦل ڏين ٿا، تيئن ڪرمن جو ڦل به سمي تي ضرور ملي ٿو. اِن ڪري شڀ ڪرمن روپي ٻج وجهندو رهجي ته پاڻهيئي وقت تي اِن مان دنيوي پدارٿ ۽ اندر جو سک شانتي ماڻبا. ڌرم کان سواءِ ڪو به سک ملڻ ناممڪن آهي. جنم به اڳين ڪرمن انوسار ملي ٿو. ڪو بالڪ راجا وٽ جنمي ٿو ته ڪو ڪنگال وٽ، ڪو اوچ جاتيءَ ۾ ته ڪو چنڊال وٽ.

چندن سيتل لوڪ ۾، چندن لسي شيتل
چندن چندرما ڀگل ٻي، شيتل ستسنگ نيت،

هن سنسار ۾ چندن ٿڌو آهي، پر اُن کان وڌيڪ ٿڌو چندرما آهي، مگر چندن ۽ چندرما ٻئي من جو دک يا تپت ڪين دور ڪري سگهندا. برهه واري ماڻهوءَ کي نه چندرما نه چند سازَ ٿيندو. چندرما کي ڪوڙ سيتا ماتا اشوڪ واٽڪا ۾ چيو ته ” اڙي! منهنجي ڪرڻ مان ته چنڊ آگ نڪري رهي آهي! انهن مان ڪجهه ته مونکي موڪل ته مان پاڻ جلايان.“ جو ته هن کي ٻنهيءَ جي وڇوڙي جو اُتساهه دک هو. چندن ۽ چندرما کان وڌيڪ ستسنگ کي ٿڌاڻ ڏني، جو نه من جا دک اُهڃاڻي کي دور ڪري، سيتلتا بخشي.

ڳوٺن ۾ مهمان نوازي گهٽي آهي، ته اُنهن وقت اُن ته جهجهو لڳندو. ڳوٺن ۾ به مهمان پيلاوٽا اُن ڪانئين ٿا. اُن ملن وهنوار ته سنڌ ۽ پرمارٿ ته. پوءِ اهڙو يگيه جو ڦل ڇا جي؟ اُن جو چوٿو آهي نه جو ٻنهن ۽ جيئڻ کي داڪو ڏني لو. اُن کي انهن کان ڪري دک ٿو وسي.

هن شلوڪ جو خاص مطلب آهي ته ايشور سرو وياپڪ نه آهي، پر يگيه ۾ نت وياپڪ آهي.

شلوڪ ١٦. هي ارجن! جيڪو منش هن لوڪ ۾ پرماتما جي بتايل [يگيه ڏي ڪرمن واري] چڪر ۾ نٿو ورتاءُ ڪري ۽ جو اندرين جي وشين ۾ خوش رهي، پاپ ميه حياتي ڪاٽي ٿو، انهيءَ جو جيئڻ ئي اجايو آهي.

پرجاپتيءَ (برهما) جڳت جي نرواهه واسطي جيڪو ڪرمن جو چڪر ويدن جي آگيا وسار هلايو آهي، اُن ئي جيڪو منش نٿو هلي ۽ ويدن جي آگيائن کي اورانگهي، وشين ۾ پوکن ۽ پورو رس لڳندو، اهو اجايو ٿو جيئي ۽ منهنجي امولڪ حياتي ويرٿ وڃائي رهيو آهي. انهيءَ کي نه هي لوڪ ۽ نه پرلوڪ ٿو هٿ اچي. دنيا جا پدارٿ مليا نه ڪر جنم عقل ڪونه ئي پيو. اندرين جي آرام ۾ اسين سک سمجهي ويٺا آهيون، پر اهو خام خيال آهي. جيڪڏهن منش جنم پائي ٻه آگيا نيل ڪرم نه ڪياسين ته باقي ايشور ۽ ديوتائن جو ڪهڙو ڪمائن ملندوسين؟ راوڻ جي مرڻ ۽ ڪتي جي مرڻ ۾ ڪهڙو تفاوت ٿيو؟ مرڻو نه ڪنهن کي آهي. راوڻ دنيوي نظر کان ته مهاپران ۽ لڄسوري مهاراجا هو ۽ ديوتائون به سڀ سندس ۾ هيس، ودوان به ڀاري هو، جو چئن ئي ويدن ئي سندس ٽيڪا لکيل آهي، جا ڪالين ته ودوانن جو پڙهيار لکي وهي ئي ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي ويندي آهي، پر هو مرڻ ڪانهوءَ آدمي مورک ٿو ليکجي ۽ هر سال سندس پتلي کي ساڙيو ٿو وڃي. اهو سڀ ڪري آهي، جو پنهنجي اندرين جو غلام هو ۽ وشيه پوکن ۾ ئي سک ٿي سمجهيائين. جڪر پال اوسبا ڪانوڻي پوڻو (پاپ) ڪري ٿو، پر دنيوي پدارٿ، ڪاڏي ٻئي ۽ پرڻ

شلوڪ ۱۴. اناج مان ئي سڀئي پراڻي مات جيون جا شرير اُپجن ٿين ٿا. بارش مان اناج اُپجن ٿئي ٿو؛ يڳين ڪرڻ سان بارش ٿئي ٿي ۽ ويدن انوسار ڪرمن مان يڳيه اُپجن ٿا ٿين.

جي ڪرم نه ڪيا نه يڳيه ڪٿان ٿيندا؟ جي يڳيه نه ٿيا نه بارش پوري يا وقت سر نه پوندي ۽ اناج وغيره ٺيڪ طرح نه پيدا ٿيندو. اناج، گاهه، ميوا، ڀاڄيون نه ٿيون، ته پراڻي مات ڇا کائيندا ۽ ڪن کي شڪتي ڪٿان ملندي؟ پوءِ نه هو وڌيڪ اُهتي ڪري نه سگهندا ۽ جيون جي اُهتي ٿيڻي وڃي نه ساڳو سنسار ناس ٿي ويندو. ڪرم ڪٿان آيا ۽ ڇا آهن، انهن کي سمجهائڻ لاءِ ڀڳوان هن ريت ٿو چوي:

شلوڪ ۱۵. ڪرم کي برهم (ويد) مان اُپجن ٿيل ڄاڻ ۽ برهم (ويد) اڀناسي پرماتما مان اُپجن ٿيل آهن. انڪري سرو وياپي برهم نت ئي يڳين ۾ استٿت آهي.

برهم جو مطلب ويد به آهي، جيئن سواس مڌس مان نڪرن ٿا، تيئن ويد به اڀناسي پرماتما مان نڪتو آهي. ويد ڪرمن ۾ نت استت آهي يعني انهن ۾ آهوتين، هون وغيره ڪرمن جو بيان آهي ۽ انهن جي ڪرڻ بابت هدايتون ڏنل آهن. پرماتما نه سرو وياپي آهي، پر يڳين ۾ هو وشيش طرح نت يعني هر وقت حاضر آهي. انڪري ويدن ۾ آيل آهي ته ڪرم ضرور ڪريو. گهر ۾ ڏيو ٻارجي ٿو ته روشني ٿيندي، مگر ڏيو ڪائي ڇا ٿو؟ ڏيو اندر ٿو کائي ۽ انڪري ورو ڏئي به ڪارڻ ٿو. ان طرح ٻيا ڪرم ڪري. برو آهار ڪندا سون نه ان مان آهر ولوج به برو ٿيندو ۽ قل يعني پاپ ٻيا به تاسي سڀاءَ وارا پيدا ٿيندا. انڪري سوچ ويچار ڪري ڪرم ڪرڻ گهرجن. وشنو پراڻ ۽ مهاڀارت ۾ سنتان اُهتيءَ لئي اُهنو وستار ٿيل آهي. ڀڳوان چئي ٿو نه يڳيه ڪرمن ڪرڻ سان ٿيندا يعني نه يڳيه ڪرمن مان نڪتا، ڪرم ويدن مان ۽ ويد اڀناسي پرماتما مان. انڪري جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي نه هر ڪنهن منش کي پنج يڳيه ضرور ڪرڻ گهرجن نه اُڻڄاتائيءَ کان جي پاپ ڪريون ٿا، انهن جو دوش لهي وڃي ۽ ديوتائون به راضي ٿين، ۽ ورشا وقت تي ورسائي ملڪ کي ساڻو ڪن.

اڳئي ستڪار ڪندڙ جو ڀنڀارو هميشه ٻرندڙ ٿو رهي. اُن ڀُڙتا ديوي اُتي نواس ٿي ڪري. برهم يڳيه (ستسنگ) من کي آنند ڏئي ٿو ۽ چت ڪهڙو نه وياڪل هجي ته به شانتي اچيتي. گرهستي اُڳئي ڪنهن برابر آهي. ڪڏهن اسعري ناراض، ڪڏهن مٺ، ڪڏهن ماءُ ناراض ته ڪڏهن ڌيءُ. مطلب نه اها گهرڻ هلئي ٿي اچي ۽ ستسنگ ڪرڻ سان ئي شانتي ملي ٿي، ابهو ۾ آسرو ۽ ڀروسو ٿيڻو پڃ لعل من ٿڌو ٿي پوي ٿو؛ سار ڪٿاولي گرنٿ ۾ آيو آهي:

و ۽ هوند ٻاڻ کائون، پر اهو نٿا سمجهون ته اهو ڏيڻ جي پر لوڪ لاءِ لوشوڪنو ڪرڻو آهي.
ڪو زميندار فصل لڻي سڀ اناج کائي کپائي ٿو ڇڏي ۽ ٻيءَ موسم لاءِ ٻج جيترو به نٿو
ي، اهو ٻئي سال ڪهڙو فصل لڻندو ۽ ڪٿان کائيندو؟ دان پڻ ڪري اسين ڪو ڪنهن
احسان ڪونه ٿا ڪريون، پر پنهنجي لاءِ لوشوڪنو ڪري رهيا آهيون ۽ ڇو ته ڏن پدارٿ
ساڻ ڪونه هلندو. جيڪو ڏن پدارٿ دان ڪبو، اهو ئي اڳتي ڪم ايندو ۽ ان موجب
ي جنم ۾ پراپت ٿيندو. مٿش جنم جهڙو امولڪ چولو پائي به جي سمائڻ سان نه هلنداسين
پرماتما جي ناءِ ۾ سندس خلقت سان نيڪ ورتاءُ نه ڪيوسين، ته جنم ئي اجايو ويو.

سوامي تلسيداس چيو آهي:

مؤل چتردس ڀؤن (لوڪ يا برهمانڊ) ڪو، ايڪ سواس هڻ لوهه ۽
أنسو ڏن رگهناٿ ڪو، تلسي ورٿا نـ کوهه؟

اسان جو هڪ هڪ سواس چوڏهن لوڪن جي ملهه جيترو آهي. اهڙا امولڪ سواس
ٻاڻا وڃائڻ ڪيتري نه مورکتا ٿيندي؟ جيڪي اسين پرماتما جي گورجاٿو خلقت، غريبن،
لن کي ان، جل ۽ ڪپڙي جي صورت ۾ ڏينداسون، پکين پسن، جيتن جڻين کي داڻو
ي ڏينداسون، ته ڀڳوان به پنهنجي هستيءَ موجب اسان کي ان جو بدلو ڏيندو.

هڪ بادشاهه شڪار لاءِ نڪتو. بن ۾ شڪار ڪندي ڏورتي ٿي ويس ۽
دي اچي پياس لڳس. پاڻيءَ لاءِ گهڻي ڳولا ڪيائين پر نه مليس. سندس ماڻهو به ان
ي ۾ کانئس جدا ٿي ويا. آخر هڪ ڪاٺير ڏٺائين، جو ڪاٺيون ڪپي، ڪوئلا ٺاهي رهيو
. هن کان پاڻي گهريائين، جو هن پنهنجي مٽڪي مان ڏنس ۽ کائڻ لاءِ ٻوڏي جو ٽڪر
ڏنائينس. بادشاهه ٽڪر کائي ٿڌو پاڻي پيتو ته جڻ نئين زندگي مليس. سوچيائين تـه
ن ڪاٺير جڻ منهنجي جان بچائي آهي، سو هن کي ڪجهه ڏيڻ گهرجي. بادشاهه جا خيال
شاهاڻا هئا. "جي وڏ آهه، تي زڏ ٿيري دائم." بادشاهه کيس چيو ته "مان بادشاهه
سان. تون مون وٽ راجڌانيءَ ۾ اچج ته توکي انعام ملندو. ڪاٺير اچي اها ڳالهه ڪئي.
چيس ته ضرور وڃ ۽ هو ويو. بادشاهه هن جو گهڻو سنمان ڪيو ۽ خيال ڪيائين ته آهي
اٺير، سو منهنجو جيڪو چندن جو باغ آهي، اهو انعام ڏجيس ته ٻل ٻاڻ ڏ جا ٻر هن
ٻرٻان ۽ ٻيا کائين ۽ ياد ڪن ته اسان جي وڏي هڪ ٿلاس پاڻيءَ جو بادشاهه کي پيارڻ
، جنهن جو اهو عيوضو مليو آهي. وزير کي اهڙو حڪم ڪيائين ۽ وزير هن کي اهو باغ
. پر هن کي ڪهڙو قدر چندن جو؟ هو ته بس کائين وانگر چندن جا وڻ به ڪري،
سان ڪوئلا ٺاهي وڪڻڻ لڳو. آخر سارو باغ اجڙي ويو ۽ سڀ وڻ ڪپجي ويا. آهستو
شاهه وٽ ته "سائين! زال بيمار آهي." بادشاهه چيس ته "اڙي! سارو باغ چندن جو
ي ڏنم. ان کي ڇا ڪيءِ جو ڪنگال ٿي مون وٽ آيو آهين؟" هن چيو ته "سائين!
ن تـه ڪوئلا ڪري وڪڻي ڇڏيا. وڻ هئا ٿلها، سو جلد ئي ختم به ٿي ويا." وزير
شاهه کي چيو ته "سائين! بيوقوف ۽ بي قدري سان ٿيهن وڪڻ ته اجايو آهي." آخر

بلاسن سان. سڄو پريم (اُنوراڳ) ته هڪ پرماتما ۽ ستگروءَ سان ئي منش لاءِ ڪرڻ واجب آهي. ٻين ڏيڻ کان من ڏيڻ ڀاري ۽ اُتم آهي. ولشيا ڪنهن وٽ وڃي ٿي ته من نٿي ڏئي، هوءَ ته فقط تن وٽي تن ٿي ڏئي. اسين ته پنهنجو من اول ٿي ڌال، پٽرن، ڌيئرن ۽ ٻين سنبنڌين کي ڏيئي ٿا ڇڏيون ۽ پر حقيقت ۾ من ته مالڪ جي ملڪيت آهي، جنهن اسانکي پيدا ڪيو آهي ۽ اسان جي پالنا ۽ پرورش ڪري رهيو آهي ۽ ان کي ئي ڏيڻ گهرجي. سڄو پيار ته هڪ پار برهم پرماتما ۽ پيو ستگرو آهي، جو اُن پرماتما جي وات ٿو ڏيکاري. اهو پرماتما ته اسانجو آتمائي آهي، جنهن کانسواءِ ٻين ناسونت شرين سان محبت رکڻ مان ته آخر ڏک ۽ وڇوڙو ئي پلئه پوندو.

گرو اَنگد ستگرو نانڪ ديو سان ڪيڏو نه پريم ڏيکاريو آهي! جڏهن گرو نانڪ جن انتر ڌيان ٿي ويا ته هن هيٺيون شبد اُچارڻ ڪيو:

جس پياري سيئون نيهن - تس آگي مر چلئي،
ڌرگ جيوڻ سنسار - تاڪي پاڇي جيوڻا.

چاندوگيه اُپنشد ۾ آيو آهي ته شڪاري جار ڦهلائيندو آهي ته پکي چوڳي جي لالچ ۾ اچي ڦاسندا آهن، پر چوڳي کائڻ کان پوءِ آذاد ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته ڪري پوندا آهن ۽ جو پير ڦاسي پوندا اُٿن ۽ آخر لڙڦي لڙڦي ماٺ ڪري ويهي رهندا آهن. اسان جو من به اِن طرح آهي. مايا جي جار ۾ وشين روپي چوڳو پيو آهي. من ته خوب انهن وشين کي اِندرين دوارا ڀوڳي ٿو. پوءِ آذاد ٿيڻ به چاهي ٿو، پر موه روپي جار مان ڪيئن نڪري؟ آخر ٿڪجي پوي ٿو ۽ ڪجهه وس نٿو هليس. مڙني کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي ۽ اهو منش آخر ان موه ۾ ئي پران ڏيئي، ڪال شڪاريءَ جي هٿ اچي ٿو. سندس محبت سچي مالڪ سان هجي ته آسمان ۾ آذامي وڃي سائس ملي ۽ آنند پائي.

هت ته اسين خوب ٻج پوکي ڦل کائڻ ٿا، پر عاقبت (پرلوڪ) واسطي به ته ڪجهه پوکڻ کپي، ته اُتي به سکي گذاريون. هڪ ڀيکاري هڪ گهر جي در تي بيهي چوڻ لڳو ته "ماني مون ٽن جنمن جي بکئي کي ڪجهه ڏي." مائيءَ چيس ته "اڙي لال! اڳين جو ٿو چورين؟" جواب ڏنائين ته "ماتا! مان برابر سچ ٿو چوان. اڳين جنم ۾ ڪجهه به دان پن نه ڪيو هوم، تڏهن ته هاڻي پنڻو ٿو پوي. هاڻي به ڪجهه نه اُتم جو دان پن ڪريان ۽ ڏيئي ٿو ڪان ته ايندڙ جنم ۾ به بکيو پنڪٽو پوندم." اسين فقيرن کي ڌڪاريون ٿا، پر اهو ڪي سمجهون ٿا ته متان اسانجو به اُنهن جهڙو حال ٿئي. رشين منين انڪري اهي پنج يگيه بلڪل ضروري ٺهرايا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ پاپ ڪرمن جي ڦل کان ته بچون. ودڪ به دان پن ڪري آئينده لاءِ ڪو توشو ڪيو ته واهه، نه ته سکن بدران ڏک ملندا، جو ته ڪرمن جو ڦل ته ايشور ٻيا ڀاسخاطريءَ جي ڏئي ٿو. اهو ڦل ته ڀالدون جهڙن ڌرماتمائن به ڀوڳيو، جيتوڻيڪ ڀڳوان ڪرشن ڀاڻ سندن متر ۽ سالي هو. اسين ڀاڻ ٿي سون هزارين روپيه خرچ ڪريون ٿا، پر غريبن کي ۽ ڌرم جي ڪمن لاءِ ٿورو به ڏيڻ ۾ ڪيٻائون ٿا ۽ چاهيون ٿا ته

ڏڻ سان سڀ ٻڌي سگهجي، جنهنجي ڄاڻڻ سان سڀ ڪجهه ڄاڻجي، ان کي آتم گيان ٿو
چئجي. گيانوان هن لوڪ، پرلوڪ اتر سرڳ آدي لوڪن جي سکن کان به وڌيڪ ترپت
آهي. سنسارين جي تشٽي (سنتشٽو) ٻارن، ڌن، سمپتيءَ مان ٿئي ٿي. هو اهو ڏسي
پرسن ٿين ٿا، پر گيانوانن جي تشٽي آتما ۾ ئي آهي ۽ ٻيو ڪي ڪين کپين. اڳتي ڀڳوان
ٻڌائيندو ته گيانوان به سنسارين کي مثال ڏيڻ لاءِ اهي ڪرم ڪن ٿا، پر هو ٻڌل نه آهن.
گرهست آشرم جي وهنوار ۾ به جڏهن گرهست جا فرض پورا ڪري مٺش پيرسن ٿئيتو ته پوءِ
هن لئي ڪي به فرض نه آهن ۽ سندس پٽ پوٽا به چون ٿا ته بابا! اسين سڀ ڪجهه پاڻهي
ٿا ڪريون ۽ توهان ڀلي شانتيءَ ۾ رهو ۽ ڀڄن ڪريو. هو ڪجهه ڪري يا نه اها سندس
مرضي، پر مٿس ڪو بار نه آهي. سنساري ماڻهن جو ڌن سڀ وهين ۾، بئنڪن ۾، نپال ۾،
جائداد ۾ يا ٻئي ڪنهن اهڙي هنڌ پيو آهي، پر گيانوانن جو آتم ڌن روحاني ڪتابن يا
وهين ۾ نه، پر گرو گرنٿ صاحب، گيتا، ڀاڳوت، ويدن، پرانن ۽ شاسترن ۾ آهي. ايترين وهيون
ڪنهن ورلي کي هونديون. اهڙو اماهه خزانو ڇڏي، جو ٻئن پوڻن، ڌن پدارٿ مان راضي
ٿئي ٿو، اهو گيانوان نه آهي، رکو هڪ شلوڪ کي ڏاون ڪجي ته ساري دنيا جي ملڪيت
ٻاڻ وٽ حاضر ٿيو پوي. اشٽاوڪر راجا جنڪ کي چيو هو ته تنهنجو سارو ڌن، خزانو ۽ راج
منهنجي هڪ اڌ شلوڪ جي (قيمت) برابر نه آهي. اهو آهي گيانوانن جو تشٽپڻو. منيءَ
وڌيڪ راجا کي چيو ته مان توکي اڌ شلوڪ ۾ اها ڳالهه ٿو ٻڌايان، جا ساري برهمانڊ جي ڌن
کان وڌيڪ ۽ مٿي آهي: "برهم ست آهي، جڳت مٿيا آهي ۽ جيو برهم اصل ۾ هڪ
آهن." آتما مان جيڪو ترپت ۽ سنتشٽ آهي، ان کي وشين طرف خيال به نه ويندو.
دنيا ۾ به لک ملي ٿو ته ان وقت من ڪٿي ترپت ٿئيتو پر وري چاهيندو ته ٻيو لک به ملي.
هن جي تهي ورلين جو بيان شفاف پٽر وانگر صاف ورنن ڪيو ويو آهي ۽ هر ڪو ڏسي
ته سندس اهي ورليون آتما ۾ آهن يا ٻاهرين وشين ۾.

شلوڪ ١٨. اهڙي پرش کي ڪيلن ڪرمن سان به ڪو پريوجن ڪونه
آهي ۽ نڪي نه ڪرڻ سان ڪو دوش لڳيس ٿو؛ ڇو ته سڀني پراڻين سان
هن جو ڪو به پريوجن وارو سنٻنڌ نه آهي ۽ نڪي هو ڪنهن جي آسري آهي.

مطلب ته آتم وِيتا پرش نڪي نتيه نئميتڪ ڪرمن ڪرڻ سان ڪو به پريوجن ٿو رکي،
ڇو ته کيس هن لوڪ اتر پرلوڪ (سرڳ) جا سک ڪونه کپن ۽ نڪي موکش لاءِ ئي ڪو
پريوجن اٿس. نت نئميتڪ ڪرمن نه ڪرڻ ڪري هو پاپ جو ڀاڳي ٿئو ٿئي، نڪي نرڪ
۾ ٿو وڃي، ڇو ته اهڙي برهم وِيتا پرش کي برهما کان وٺي سڀني پراڻين سان ڪوئي به
پريوجن يا سنٻنڌ نه آهي، جنهنجو هو آسرو وٺي. هو منزل تي چوٽ پهچي چڪو آهي.
البت جن کي آتما جو پورو گيان نه آهي، انهن لاءِ اهي ڪرم بالڪل ضروري آهن.

هڪ لڳا سوامي رامانند کي ڪنهن پريميءَ چيو ته "مهراج! ڪاشيءَ ۾ وڏو ميلو آهي.
توهان به هلو." ان کي فرمايائون: "ڪٿ جائيئي ري، گهر لاڳو رنگ؟"

وزير پڇيس ته "انهن ڪانئن مان ڪا هڪ به اڏامي؟" ڪانئر چيو ته "ها ڪوانءَ ۾ اهـ
ڪانئي ڀيل آهي." اها ڳُرالي هڪ پساريءَ کي ڏيکاري وئي، جنهن ان جي قيمت
پنجاهه روپيه ڪئي؛ وزير ڪانئر کي ٻڌايو ته جڏهن هن ڪڙيءَ ڪانيءَ جي قيمت اتري
آهي ته ساري باغ جي ڪيڏي نه قيمت هوندي، پر تو سڀ ڪوئلا ٺاهي اجايو وڃائي
ڇڏيو. مگر

اب پڇتائـــي ڪيا هوت، جب چڙيان چڳ گئين کيت؟

اسان جو به اهوئي حال آهي. جي هيڙي امولڪ دنيا جي سواسن کي انهن وڃائي
ڪجهه اڄي لاءِ لوشو نه ڪيوسين ته جڏهن موت اچي مٿي تي بيهندو، ان وقت ڇا ڪري
سگهبو؟ ان وقت نه اولاد ۽ پيا پئسي کي هٿ لائڻ به ڪين ڏيندا، جو ڪاـي دان پڻ
ڪجي. انتريامي ايشور جا سڀ مهانمائون وزير آهن ۽ اهي اسان کي ٻڌائي رهيا آهن
هڪ هڪ سواس جي ڪيڏي قيمت آهي. اهو جڏهن اسان سمجهايون ٿا ته رلون ٿا ته
ڪروڙن ڪان به قيمتي سواس اسين اجايا پيا وڃايون، ان ڪري سياڻپ ان ۾ آهي ته ڏلي
جي ڏنل پدارٿن مان وهنوار به سڌ ڪريون ۽ پرلوڪ جو به لوشو ڪريون ۽ سواسن سا
مالڪ کي ياد ڪري، اهي به سڦلا ڪريون، نه ته حياتي ته وڃي رهي آهي. جيڪو سواس
ويو، سو وري موٽي نه ايندو ۽ وقت گذرڻ کان پوءِ پڇتائڻ مان ڪجهه نه ورندو. دنيا
لطف نه ڏنا سون ۽ ورتا سون، پر ڪجهه پرلوڪ جي آنند لاءِ به ڪرڻ ضروري آهي، نه
نيچ جونين ۾ دک ڀوڳڻا پوندا سين.

شلوڪ ١٧. جيڪو پرش رڳو پنهنجي آتما ۾ پريت رکي ٿو ۽ جو آتم
۾ ئي ترپت ۽ سنتشت آهي، اهڙي پرش کي سچ پچ ڪو به ڪاريه ڪرڻ
ڪونهي.

مطلب ته اهڙو پرش بگهه آدي ڪرمن ڪرڻ لاءِ به بڌل نه آهي، جو ته انهيءَ ڪر
انتهڪرڻ جي شڌيءَ لاءِ آهن، جنهن کان پوءِ آتما جو گيان ملي ٿو. ان ڪري جيڪ
گيانوان آهن، انهي اهي ڪرم نه ڪن ته ان کي ڏوش نه آهي. هو هميشه آنند پنهنج
پاڻ مان ٿا پائين ۽ نه ڪن به ٻاهرين وشين مان.

نارائڻ جن کي هردي ۾ - سو ڪيئن ڪرم ڪري نـا ڪري وي ......

هن جون سڀ اڇائون ترشنائون پوريون ٿي چڪيون آهن ۽ هن کي پورن آنند ره
ٿو. رلي، پرنتي ۽ سنتشٽا ٿا ٿئي اهي من جون ئي ورتيون آهن. گيانوانن جون اه
ٿيئي پنهنجي آتما ۾ آهن؛ هو رلي يا پريم سنسڪ سان ٿا رکن، جنهن ۾ آتما جو وا
ٿو هاي ۽ چاهن ٿا ته مهاتمائن جا ڪي وچن ٻڌون. دنياوي ماڻهو رلي اندرين جي پوڳن
ٿا رکن. انهن کي ترپتي به رجوڳي ڪاڏي مان ٿئي ٿي. گيانوانن جي آتما ۾ آهي.
کي ان مان ئي ترپتي ملي. "برهم گياني ڪا پوجن گيان."
ايشدن ۾ آيو آهي ته جنهن جي ڏسڻ سان سڀ ڪجهه ڏسي سگهجي، جنهن

راڄ جو سک ورتو ۽ نه پانڊون کي وٺڻ ڏنو. جڏهن هنن جو اولاد ئي مري ويو، تڏهن پانڊو ڪهڙو سک پائيندا؟" مطلب ته سک نه ڪورون کي مليو ۽ نه پانڊون کي.

من جي ورتين کي ڪوڙ آسرو ضرور ڪجي. اهو ياد ته آتما جو ڄجي يا سنساري وشين جو. آتما جي آسري ۾ ئي سک ۽ سنساري وشين ۾ ته دک لڪي آهي، پر سنساري ڀوڳن مان ڪڏهن به سنتوش نه ملندو. اهو ملندو ته آتما ۾ ورتيءَ واري ڀرهم وديا ڀڄ کي. اهڙو مهاتما جوڳيءَ ئي اڳيئي ڀڄجي چڪو آهي، انڪري کي به ڪرم نه ڪري ته هاڃي نه وسندس، هو مڪتيءَ ئي چڪو آهي. پر جي ان اوستا ئي نه پهتا آهن، انهن لاءِ اهي ڪرم ڪرڻ ضروري آهن.

شلوڪ ١٩. انڪري تون هميشه اهي ڪرم ڪندو رهه، جي ڪرڻ يوڳيه آهن، پر نه ٻنا ممتا ۽ ڦل جي اڇا جي ڪرم ڪرڻ سان پرم پد حاصل ٿئيٿو.

ڀڳوان جي هن شلوڪ مان ظاهر آهي ته ڀاڳ ارجن کي اڃا گيان پد تي پهتل ڪو نه ٿي سمجهيائين. انڪري هن لاءِ ڪرم ڪرڻ ضروري هئو. ڀڳوان جو پنهنجو مت ته اهو آهي ته گيان ڪٿي ته به اهي ڪرم ڪندو رهجي، ته لوڪن لاءِ مثال ٿئي؛ جو ته ٻين کي اهو خيال نه ٿيندو ته هو ڪو جيون مڪتيءَ يا ٽريا اوستا تي پهتل آهي ۽ هو به ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. اهو ڪرم ڪهڙو؟ نشڪام، جو ٻنڌن ۾ نه وجهي. گيانوانن لاءِ سڀ کان وڏو وگهن آهي نام ۽ روپ ۾ ڦاسڻ. انهن کي هو تڏهن ڇڏي سگهندو، جڏهن ڪرم ڪندي ڦل جي اڇا نه رکندو. گيانوان لاءِ وڏو ساڌن، جنهن سان هو ڀاڳ بچائي سگهي ٿو، اهو آهي وچار. نت اگر وچار ۾ رهي، وويڪ هلائي، نت ۽ انت پدارٿن کي سمجهي ان موجب هلي.

شلوڪ ٢٠. راجا جنڪ ۽ ٻين به نشڪام ڪرم ڪري سڌي پراپت ڪئي هئي، سو تون به ٻيو نه ته لوڪن کي مثال ڏيڻ لاءِ اُٿي ڪرم ڪر.

ڀڳوان راجا جنڪ جو خاص نالو انڪري ورتو، جو هو به ارجن وانگر گرهستي ۽ ڪتري راجا هو. جنڪ راجا گيان پد تي پهتل هو، پر جي هو ڪرم نه ڪري ها، ته سندس رعيت بگڙي ها ۽ ان جو پاپ مٿس پوي ها. ڀڳوان کي ارجن کي پورن گيانوان ڪو نه ٿو سمجهي؛ پر هن چوڻ جو مطلب آهي ته ارجن ڪٿي پورن گيانوان ٿي به پوي ته به پنهنجا ڪرم نه ڇڏي، جو مٿان سندس پويان خراب مثال وٺن. ڪرمن جو تياڳ اصل نه ڪرڻ گهرجي، پر انهن جي ڦل جو تياڳ ڪجي. ڇاڪاڻ ته

شلوڪ ٢١. جيئن ڪو سريشٽ پرش هلت ڪري ٿو، تيئن ٻيا عام لوڪ به ان ريت هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪي هو پنهنجو آدرش بڻائي ٿو، ان جو ٻيا ماڻهو به نقل ڪن ٿا.

ڀڳوان جو هيءُ چوڻ بلڪل بجا رمز آهي. عام ماڻهو گهڻو ڪري هميشه وڏن، ڀيٽن يا سريشٽ ماڻهن جو مثال وٺندا آهن. جيڪڏهن ڪو پورن مهاتما به ٻگهه وغيره ڪري ٿو ته

جن کي ٻنهي گهر ۾ يعني آتما ۾ رنگ لڳو پيو آهي، اهي ٻاهر جا وڇي ڪند
اِهڙن ٻرون مهاتمائن جو من دنيوي رنگن تماشن لاءِ مئو پيو آهي ۽ اندرئين آتم آنند ۾
مئو آهي. ويدن ۾ صاف ڄاڻايل آهي ته هيءَ سرشٽي آنند مان پيدا ٿي آهي، آنند ۾ اس
آهي ۽ آنند ۾ ٿي لين ٿيندي. دک جو نالو به نه ڏيکاريل آهي. ته اسين ساري حيات
دک روپ پيا سمجهون. بالڪ جنم وقت به روئي ٿو يعني ڪر دک هوندس ۽ مرڻ و
به روندا آهيون، ڇو ته پيڙا ٿئي ٿي. حياتيءَ ۾ به جنهن ڪان پڇو ته دکن جو ٿي بيان ڪند
ته ويد چون ٿا ته سنسار سک روپ آهي!

سک ساگر ۾ آنڪي، مٺ جالسو ري پياسا!

اسين سک دنيا جي ڪتب پدارٿ مان ٿا طلبيون، پر اهو آهي ته رڳو اسان جي
آتما ۾. ٻين پدارٿن ۾ ته سنجوڳ ونجوڳ لڳو پيو آهي، جنهن ڪري سنجوڳ وقت
سک ڪٿي پائون ٿا، پر ونجوڳ وقت ته دک ضرور ٿئي ٿو. آتما جو هر وقت سنجوڳ آهي
جنهن ڪري جي ان سان پريتي آهي، ته هميشه سک ۽ آنند رهندو. پوڙهن ۾ الاس مان
روڳ ۽ بيماريون ۽ پرانجن ليون، جن مان به دک ٿو ملي، ڪٿي سنجوڳ به هجي. آتما
پريت رکڻ ڪري منصور سوريءَ تي چڙهڻ وقت به آنند ۾ هو، ڇو ته سوري ته شرير
ٿي ملي، جنهن لاءِ هن کي ڪو به واڳ نه هو. پراڻن ۾ ڪيترا مثال آيا آهن ته وڏن و
راڪسن ۽ دئتن به ڀاري تپسيائون ڪيون آهن، پر انهن جو ڦل ڪين آخر دک ٿي مليو آهي
سو ڇو؟ وردان به ڀاري مليا هئن، پر هنن تپسيائون سنساري ڳالهين ۾ ورتي رکي ڪي
هيون. ان ڪري ڦل به ناسونت ۽ دکدائي مليو. آتما کان بي‌مک ٿيڻ ۾ دک لڳي د
آهي ۽ جيئن پاڻيءَ کان ٻاهر مڇي ڪڏهن به سک نه ٿي پائي، پر تڙڦندي رهي ٿي ۽
دکي ٿي ساهه به ڏئي ٿي. ٻکي چوڳي جي لالچ ۾ جار ۾ ڦاسي ٿو، هرڻ پاڻيءَ جي لا
وڃان رڄ جي جل ڏانهن ڊوڙي ٿو، پر آخر پران به وڃائي ٿو. اهي ته پسون آهن ۽ ع
نه اٿن، پر اسين منش ٿي، ويد شاستر پڙهندي به مايا جي جار ۾ ڦاسي ٿا پئون ۽ آتما
آتما کي ڇڏي ٿا ڏيون ته سک آنند جي بدلي دک ۽ ڪليش نه پائيندا سون، ته ٻيو ڇ
ملندو؟ راوڻ ۽ دريوڌن راڄ ۽ پدارٿن ۾ سک ڳوليو ته آخر پران ڏنائون، پر سکن کان وانج
رهيا ۽ هيڪاري دک مليو. دريوڌن ته مرڻ وقت چيو ته مون کي راڄ وڃائڻ جي پروا
نه آهي، پر اهو دک اٿم ته اسين سڀ ڀائر ٿي پڻ سميت مري ويا آهيون ۽ مان به مرڻ
آهيان، پر افسوس جو پانڊون مان هڪ به نه مئو. اشوٿاما جو سندس گروءَ جو پٽ هو،
چيس ته اهو خيال اٿو ته مان رات ۾ ئي پنجن ئي پانڊون جا سر لاهي اوهانجي اڳيان آ
رکندس، ته خوش ٿي پران ڏجو. هو ويو جتي پانڊو سمهندا هئا، پر ان رات انهن بد
انهن هنڌن تي دروپديءَ جا پنج پٽ سمهيل هئا. انهن جو گهات ڪري هو پنج سر ک
آيو ۽ دريوڌن کي چيائين ته ”هاڻي دل ٿڌي ڪريو.“ دريوڌن سر ڏسي چيس ته ه
ته دروپديءَ جا پٽ آهن. پراڻ ڏيڻ وقت دريوڌن ٿڌو افسوس ڪيو ته ”هاءِ! ته

۽ هڪ هڪ راڻيءَ جي محل ۾ پنهنجا جدا جدا روپ ڌاري رهيو ۽ سڀ گرهست جا فرض پورا ڪيائين ۽ ڀڳيه، دان، پڇ رواجي مطابق جيان ويدن جي سکيا انوسار پوريءَ وڌيءَ سان ڪيائين. شخصي طرح نه مٿس ڪا به اهڙي جوابداري ڪانه هئي، پر مثال ڏيڻ لاءِ هن سڀ ڪجهه ڪيو.

شلوڪ ٢٣. جيڪڏهن مان ڪنهن به وقت آلس وچان ڪرم نه ڪريان، ته منهنجي چال ڏسي، ٻيا لوڪ به منهنجو مثال وٺندا. (يعني ڪرم نه ڪندا، جيتوڻيڪ ڪين اهي ڪرڻ بلڪل ضروري به هجن).

عام لوڪ اها ڳالهه نٿا سمجهن ته ڦلاڻو ايشور ڪري جو آهي يا گيانوان آهي ۽ ڪرمن جي پابندي نه اٿس. هو يڪدم پاڻ به ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا، جنهن ڪري جا ٿيندو جو:

شلوڪ ٢٤. جيڪڏهن مان ڪرم نه ڪندس ته هي سڀ لوڪ ناستا کي پراپت ٿيندا ۽ جاتين ۾ جو مونجهارو پيدا ٿيندو، ان جو دوش به مونتي لڳندو ۽ مان ئي سڀني جي ناس ٿيڻ جو باعث بڻبس.

ڀڳوان جو مطلب آهي ته جيڪڏهن مان ويدن شاسترن ۾ آگيا ڪيل شڀ ڪرم نه ڪريان ته منهنجي پنيان هلڻ وارا منو مهراج کان وٺي سڀ پرش پرشت ٿي پوندا ۽ ڀڳيه آدي ڪرم نه ڪري ديوتائن کي راضي نه ڪندا ته اهي ورِي ورشا ۽ ٻيا سک نه ڏيندا. نتيجو اهو ٿيندو، جو اَن وغيره جي پراپتي نه ٿيندي ۽ سڀ جيوَ بک پياس ۾ ناستا کي پراپت ڪندا. وڌيڪ اهو ته ڌرم مريادا نه رهڻ ڪري، چارئي ورڻ ملي ويندا ۽ ورڻ سنڪر اولاد ٿيندو، جنهن جي جوابداري مونتي پوندي. مون اوتار ئي ورتو آهي ڌرم مريادا قائم ڪرائڻ لاءِ، سو جي مان ئي اهي ڪرم نه ڪريان ته منهنجي لاءِ جائز ۽ مناسب نه آهي.

اها ڳالهه ياد رکڻ ضروري آهي ته ڀڳوان اهي سڀ ڪرم ڪندي به واسطي ۾ اڪرمي آهي، ڇو ته هن کي انهن ڪرمن لاءِ ممتا يا ڦل جي اڇا بلڪل نه آهي. سڀ ڪرم ڪندي به جڻ هو ڪجهه نٿو ڪري. هن نسبت هڪ سندر درشتانت ڀڳوان جي چرترن ۾ آيو آهي.

هڪ دفعي ڀڳوان ڪرشن گوپين کي چيو ته منهنجو گروديو درواسا رشي جمنا جي هن پار رهي ٿو، جنهن ڏي ڇڙيءَ جا ٿالهه کائڻ لاءِ کڻي وڃو. گوپين چيو ته حاضر، پر ڪنهن ٻيڙيءَ جو يا پُل جو ڪو بندوبست ڪريو، ڇو ته جمنا ندي بلڪل تار ٿي رهي آهي. ڀڳوان ڪين چيو ته "جمنا کي وڃي سنديسو ڏيو ته ڀڳوان ڪرشن سدا جتي آهي. جيڪڏهن اهو ٺيڪ آهي ته رستو ڏي." گوپيون ڏاڍو حيران ٿيون، ته ڏسون ته جمنا اهو مڃي ٿي! جنهن جا لوڪ ته ٻيا ٿيندا آهن. جيءَ ته هميشه پيو اسان سان راسون ڪري. جهي ته اهو ٿيندو آهي، جو استريءَ جي شڪل ۾ نه ڏسي. خير آئيا مڃي هليون. ٿالهه پدارٿن جا

ٻيا ماڻهو ڇو نٿا ته هي اهڙيءَ اوچ پدويءَ تي پهتل ٿي به ڀڳيه آدي ڪرم ڪري ٿو تـ
اسين ساڌارڻ گرهستي ڪين نه ڪريون؟ جيڪڏهن مهاتمائون گيان ٻائي ماڻ ڪري وٺي
رهن ته هنن جا پونئيگ به ڪجهه نه ڪندا. اِنڪري ڪرم گيانوان اُنواجي گمان تي اچا نـ
پيعا آهن، سڀني کي ڪرڻ گهرجن. لوڪ مرياد رکڻ لاءِ شري رامچندر ۽ ڀڳوان ڪرشن بـ
ڳرو ڪيا، جيئونٽڪ هو ته پري پورن ايشوري ڪرڻيءَ جا هئا ۽ سندن گرو ته مشڪرڻيءَ
جا هئا. هنن سڀ ڪارج اول گروءَ کان آگيا وٺي ۽ انهن جي اچا انوسار ٿي ڪيا. ڪري
گيانوان پرش پڻ جو اگيان ۾ رهڻ پسند نه ڪندو. ڪو ٻڍهيل پرش پنهنجي اولاد جو
اُڻ پڙهيل رهڻ نه چاهيندو. پر اسانکي ته لوڙو ٿي ويدانت ٿو اچي ته ڪرمن کان پاڻ کي
دور پيا ڪريون. راجا جنڪ جهڙو وڏو سوامي سکديو جهڙو مهاتما به گيان وٺڻ آيو، ان بـ
اهي ڪرم ڪيا. رشين منين به ڪيا. ڪبير صاحب فرمايو آهي:

ڪبير جنهن گهر ساڌ نه سيوئي - هر کي سوجا ناهن ۽
تي گهر مرهٽ سارڙي - ڀوت وسي تنهن ماهن.
ڪبير گرهه ڪري ٿو ڌرم ڪر - نهن تو ڪر وراڳ ۽
وراڳي بندن پڙي - تانکي ٻڙي اڀاڳ.

گرهست ۾ رهندڙن لاءِ تـ اهي ڀڳيه آدي ڪرم بلڪل ضروري آهن، نه ته بهتر تـ
وراڳ وٺي، ڪنهن ساڌنا ۾ وڃي لڳن.

هڪ گهر ۾ پوڄن ليار ٿيو ته هڪ سنت اُتي روپ ۾ در تي آيو. گهر جي مالڪ
ڪوتا وڃن ڇٽي، ڪيس ڪڏهن ڇڏيو؟ پوڄن ڪيس نه ڏنائين، جيئونٽڪ هو سچ پچ ڀڳيو هو
سنت ته موٽي ويو، پر ڏسن ته دبگڙي ۾ بنايل پوڄن بدران ڪينئان پيا آهن! اهڙو پاپ
لڳي ٿو اُتيءَ کي در تان موٽائڻ ۾. اهي سچا مثال آهن. جيڪڏهن پوڄن بدران هر هڪ
پانيءَ سارا چار يا چار ڦلڪا ڪاڌا، ته ڇا هو گهٽ ٿي ويندا؟ جن پالڻ لاءِ اسين ڏن ڏنـ
ڪنو ڪريون، اهي استري، پٽ، ڌيئر به وري وروڌي ٿيو پون، ته ڇا ڦل پائوسين؟ جنهن
پرماتما هيترو ڏنو آهي ۽ ڏيندو رهي ٿو، ان لاءِ سنڌس پيدا ڪيل پراڻين واسطي ڪو
حصو به نٿا ڪڍي سگهون؟ پوءِ ڪٿائون ٻڌي ڇا ڪيوسين ۽ ڪهڙي اُنتي ڪنداسين؟

ري نسر ڪيا تنهن پـران مـن ڪيا،
اُنجاوني ڀڳت نه اُيجي، ٻڙڪي دان نه ديا؟

شلوڪ ٢٢. هي ارجن ٽنهي لوڪن ۾ اهڙو ڪو به ڪرتويه نه آهي، جو
مونکي ڪرڻ ضروري آهي ۽ نه ڪا اهڙي وستو آهي، جا مونکي پراپتي
آهي؛ تڏهن به آءُ ڪرمن ۾ پرورت رهان ٿو.

ڀڳوان ٽنهي لوڪن جو مالڪ آهي. ڪيس ته ڪجهه به نه کپي. هو ته هيڪاري هر پراڻي
کي سڀ ڪجهه ڏيئي رهيو آهي، ته به هن سڀ ڪرم ڪيا. گرهست ڌرم ۾ پرورت ٿـ

لوڪ ڀلائيءَ کي پڪدم نقل ڪري ڪن. ان ڪري ڀڳوان جو وچن آهي ته گيانيءَ کي شڀ ڪرم ڪري ته مڪان دنيوي لوڪ اڳرمي ٿي پون. جيڪي گيانوان ڪوٺائيندي به اپنا قدم ڪٽي ٿا، اهي سچا گيانوان ڪڏاچت ڪين هوندا. هتي ڪي رکو واچڪي گيان ڪٽي ٿو. گرو هرگوبند صاحب هڪ دفعي گهوڙي تي سوار ٿي وڃي رهيا هئا. وات تي هڪ نانگ مئو پيو هو ۽ انيڪ ڪِرِليون ان کي چنبڙيل هيون، جي سندس ماس کائي رهيون هيون. ساڻن جا سنگت هلي رهي هئي، انهن مان ڪن اهو ڏٺو ۽ گروجن کي ڏيکاريائون. مهراج ته انترجامي هئا ۽ سنگت کي ٻڌايائون ته هي اڳئين جنم ۾ گرو هو ۽ ڪيترا ڪري انيڪ ڄڻن کي چيليون بڻائي، هن کان ململ مال پدارٿ خوب ڪاڍا هئائين. هاڻي مئو آهي ته اهي ڄڻن ڪِرِليون ٿي، سندس ماس ٿيون کائين. جي ٻين کي اپديش ڪن ٿا، پر پاڻ ان تي نٿا هلن، انهن کي به پرلوڪ ۾ سزا ڀوڳڻي پوي ٿي.

شلوڪ ٢٥. هي ڀارت! مؤرک ماڻهو ممتا سهت ڪرم ڪن ٿا، پر سياڻا پرش بنا ممتا جي نشڪام ٿي، اهي ڪرم ڪن ٿا ۽ رکيو لوڪن جي مثال لاءِ ۽ انهن جي ڀلائيءَ خاطر.

گيانوان کي ڪرم ته اڳي ئي مليو آهي، وڌيڪ ڦل ڪهڙو چاهيندا؟ هو سڀ ويد وهت ڪرم نشڪام ٿي ٻين کي مثال لڳائي جي خيال کان ڪن ٿا، ته ٻيا جي آتم پد ٽي نه پهتا آهن، اهي پنهنجا فرض پورا ڪري انتهڪرڻ شڌ ڪن ۽ آخر هنن وانگر گيان پراپتي مڪت لهن. آتم گيان کان مٿي ته ڪا چيز ئي ڪانهي. سرڳ ۽ پوهم لوڪ به هنن لاءِ تڇ آهن. جيڪو امرت پي پوءِ به وشيه پرڳڻ ڏي ڊوڙي، ته چئبو ته هن سچو امرت پيتو ئي نه آهي. پارسيءَ واري لکيو آهي ته جنهن اک ايشور جي سندرتا ڏٺي آهي، اها دنيوي خوبصورتيءَ ڏي ڇو وينديءَ؟ جن سچو سک نه ڏٺو آهي، اهيئي وشين جي زلتن سکن پٺيان ڊوڙن ٿا. ڪتو هڪ سڪل هڏيءَ کي ڪاٽي چوسي ٿو. ان ۾ ته ڪو رس آهي ئي ڪونه، پر اُن هڏيءَ چوسڻ ڪري، جيڪو رت سندس مهارن مان نڪري ٿو، ان مان کيس سواد ٿو اچي، پر هو اهو رس ان هڏيءَ مان آيل سمجهي ٿو، ڇو ته هن ٻيو ڪو رس چکيو ڪونه آهي. اسان منش جو به اهو حال آهي، جو سچو سک ڏٺو ئي ڪونه اٿئون. وشين مان جو لڇ سک اچي ٿو، اهو به سچ پچ اُن وقت ٻن پل لاءِ من جي اسٿر ٿيڻ ڪري اسان جي آتما جو سک آهي ۽ اسان جي اندر اُڀرين ٿو اچي. جيئن ڪتو پاڻ کي سياڻو سمجهي هر هر هڏيءَ جي پٺيان ٿو پوي، تيئن اسين به دنيا جا ڏک کائي به هر هر ٿا وشين پٺيان پئون.

شلوڪ ٢٦. ودوان پرش، ڪرم ڦل جي اِڇا رکندڙ اگياني پرش جي بڌيءَ ۾ ڀيد نه اُپن ڪري، بلڪ پاڻ پنهنجي مٿي ۾ قائم رهي، ٻين کي ادڪار انوسار سکيا ڏئي.

ودوان پاڻ ته نشڪام ڪرم ڪن ٿا، پر جهڪڏهن ون اَهڙا کي جگياسو اپديش لاءِ

ڪٿي اچي ڪناري تي پهچون. اچي چيائون ته ”هي جمنا! جيڪڏهن ڪرشن سدا جتي آهي
ته اسانکي رستو ڏي، ته پار وڃون.“ يڪدم پاڻي ننڍو ٿي پيو ۽ هو لنگهي ويون. وڃي
درواسا رشيءَ وٽ پهتيون. پر هو ڏاڍو پيٽون عجب کائين. ڪين اها پُڇهه ته آئي ته ڀڳوان کي
ڪو به ڪرتو نه آهي ۽ جيڪي هو ڪري ٿو، سو سڀ ليلا ماتر، جنهن ۾ هن جي ڪا به ڪامنا يا
ممتا بلڪل نه آهي. رشي درواسا گوپين جو پريم ڏسي، سڀ ٿالهه کائي خالي ڪري ڇڏيا
۽ پرساد طور به ڪين ڪجهه بچائي نه ڏنائين. ڪانئس موڪلائي هليون ته خيال آين ته واپس
ڪيئن وڃون؟ رشيءَ سان ڳالهه ڪيائون ته اچڻ وقت ته هن ڇوڪري سان جمنا رستو ڏنو
هو. رشيءَ چين ته ”هاڻي جمنا کي چئجو ته جيڪڏهن درواسا سدا نرآهاري آهي، ته
رستو ڏي.“ هو وچاريون سڀ ڏاڍيون وسميءَ ۾ پئجي ششدر ٿيون، ته هي ڇا؟ پر مجبور
هيون ۽ وڃي جمنا کي ائين چيائون ته هن رستو ڏنو. هن پر پهتيون ته پاڻ ۾ خوب کل مذاق
ڪرڻ لڳيون ته جهڙو گرو، تهڙو چيلو. هيڏا ٿالهه کائي به چوي ته مان ڪاڏو ٿي ڪجهه نه
آهي ۽ نرآهاري آهيان! ۽ جمنا به اهو مڃي ويئي. چئبو ته ڏاڍن جي وچن جو اهو قدر
آهي، نه ته سچ ته اهو ڪرڻ چئبو اهڙيون شڪائون ماڻهن ۾ اوتارن ۽ مهاتمائن لاءِ اٿن ٿيون.
گوپين جي مٽ به هيٺين سطح تي هئي، پر هوءَ سڀئي ڪرمن کان مٿي چڙهي چڪا هئا
۽ پورڻ گيان ۾ استٿ هئا، جنهنڪري پدارٿ ڀوڳيندي به نٿا ڀوڳين. هنن ته پاڻ کي شڌ
آتما ٿي ڄاتو؛ پدارٿ ته اندريون ۽ شرير ٿا ڀوڳين ۽ ڪرمن ڪندي به اهڙن کي ڪرم نه
ٻڌن ٿا لڳي. ناجائز ڪرمن ۾ ته هو ڪڏهن پرورت ٿي ڪين ٿيندا. ڪرشن راس ليلا
ڪئي ته ڪو پنهنجو ڪرتو ڄاڻي نه ڪيائين. درواسا رشيءَ به کائيندي ڄاتو ٿي ته مان ته
آتما آهيان ۽ اڪرتا آهيان. ٻنهي پنهنجي ورتيءَ جي شڪتي ڏيکاري. اهڙا سمرٿ اوتار
۽ گياني شڀ ڪرم ويدن انوسار ڪن ٿا، ته ٻين کي ڪيئن انهن کان منهن موڙڻ واجب
ٿيندو؟ ڀڳوان ڪرشن سنڌيا وندن ڪرڻ کان پوءِ ڌيان ۾ به ويهندو هو. پاڻ پنهنجو ٿي
ڌيان ڪندو هو ڪيول لوڪن کي مثال خاطر ته هو به پيروي ڪن. جنهن سمي
شنڪرآچاريه پرچار ۾ لڳل هئو، اُن سمي گهڻن ڌرمن، مذهبن ۽ فرقن جو شور و غل هو.
هن ويدانت جو پرچار خوب ڪيو. هڪ دفعي خيال آيس ته چيلا ته گهڻيئي ٿيا آهن، پر
ڏسان ته ڪين ڪا پنهنجي شڪتي به آهي. هڪ ونئيا اچي رهي هئي ته ڪٿي پنهنجي
ٻانهن سان هن کي پڪڙيائين. ڪيترا چيلا به چوڻ لڳا ته واهه واهه، گرو ته هجڻ! هنن به هن
ونئيا سان جهڙ جهاڙ ڪئي. جيڪي سچا هئا، سي ته ماٺ ۾ رهيا. شنڪرآچاريه ڏٺو ته
ڪير ڪير پليل آهن ۽ ڪير سچا. اڳتي هليا ته وات تي پگهريل قلعي بلڪل گرم پيئي
هئي. اُن مان ذرو ڪٿي وات ۾ وڌائون، پر پٺي ڪنهن سندن چيلي ائين ڪرڻ ڪين، جو
نه کنهنکي به وات نه ساڙڻو ڪرڻ هو. ان وقت هن ڪين چيو ته پاڻي جو؟ ونئيا وقت ته
منهنجي مثال جي پيروي ٿي ڪيو، هاڻي هيءَ قلعي وات ۾ ڇو نٿا وجهو؟ هن کي اها ڄاڻ
هئي ته گرو ته پورو آتم گياني هو ۽ شرير جو ته هن کي اڌياس ٿي ڪرڻ هو. مطلب ته

شلوڪ ٢٧. سڀ ڪرم هر ڪلهن حالت ۾ پرڪرتيءَ جي گڻن (ستو، رجو
تمو) جي ڪري ٿين ٿا. جنهن جو من اهنڪار ۾ موهت ٿيل آهي، اهو
سمجهي ٿو ته مان ئي ٿو سڀ ڪجهه ڪريان.

پرڪرتيءَ جو ٻيو اَرٿ سڀاءُ به آهي، يعني سڀڪو سڀاءَ انوسار ڪرم ڪري ٿو.
ٻلي کي گرپ ڏيندو ته آش ڪندي ته منهنجو پٽ ودوان ٿئي ۽ پڇيڪ ٿئي. هوءَ
ڌهن ۾ خيال نه ڪندي ته هو وڏو واپاري يا ٻڌ ۾ سورمو ٿئي. ڪتر ٻالڪي خواهش ڪندي
سندس پٽ سورمو ٿئي، دانار ٿئي. ولش جاتيءَ جي استري چاهيندي ته سندس پٽ
و واپاري ٿئي، خوب ڌن ڪمائي. زمين ساڳي آهي پر ٻج ٻج جي پرڪار انوسار
جو وڻ يا اَنب جو وڻ ٿئي ٿو. ٻاڻي ۾ ٻنهي کي ساڳيو لڳو ملي، مالهي به ساڳيو آهي،
ڦل ۾ فرق آهي. ڇهڙو ٻج، اهڙو ميوو. ان ريت سڀاءُ انوسار هر ڪو جيئن ڪرم ڪري،
جاتيءَ، ڪتب وغيره جو سڀاءُ ڪين ڇڏيندو. نانگڻ جي اچي کي ڇا ته ڪاراڻجي
رجي، پر هن جو زهر ڏيڻ جو سڀاءُ ڪين ويندو. ٻالڪ کي ڪير ڏاڻڻ ڪو سيڪاري ٿو
؟ ٻاندر جو ٽڻون چاول ٻار ههي، اُن کي ماس جو ٽڪرو ڏيو ته ڪين کائيندو، پر مڇش
سڀاءُ کي به سنگ ۾ اچي، بگاڙي ٿو ڇڏي. ٨٤ لک جونين ۾ مڇش کان سواءِ ٻيا
جيئو پرڪرتيءَ جي اڌين آهن، پر مڇش کي ئي پرڪرتيءَ جو مالڪ ٻڻايو ويو آهي ته مالڪ
لڳي ۽ پر اسين ته هيڪاري پنهنجي سڀاءُ کي بگاڙي وشين ۾ لڳي، مٿن مهريءَ
گهوڙي تي چڙهي، ترقي ڪرڻ بدران هيٺ پيا ڪرندا وڃون!

ڪرم ٻن قسمن جا ٿين ٿا: ساڌارڻ ۽ اَساڌارڻ. ڪرم هرهڪ جاتيءَ، ورڻ، آشرم وغيره
جدا جدا آهن، پر ساڌارڻ ڪرم (نام جپڻ، پراپڪار ڪرڻ، نمه نيم ڪرڻ، ايشور جي
ڀڳتي ڪرڻ، ستسنگ ڪرڻ وغيره) ويدن انوسار هر ڪنهن کي ٻنا ڪنهن ڀيد ڀاءَ جي
ڪرڻ جو اَڌڪار آهي. ڪو سپاهي ٻڌل ڪلاڪ ڊيوٽي ڏئي ۽ پوءِ ان لئي غرور ڪري ته
جو اهو غرور اَجايو آهي. ان کان وڏيڪ ڪجهه ڪري ته به غرور ڪرڻ نه گهرجي.
لئي فرض ڪرڻ ۾ ڇا جو غرور؟

چاڪر لڳي چاڪري، ناتي گارب واد - گلان ڪري گهمير ٻان، خصم نه ڀاوي ساد.
ڪي چاڪر يا نوڪر جو به نوڪر ۽ وري ڪري ٻڪواد ته حيراني آهي! مالڪ اگهان جو
ڪين هلي ٿو، اهو ڪهڙو به چاهي چالاڪ هجي ته به مالڪ جو راضپو هٿ ڪين ڪري
سگهندو. اسان جي به اها حالت آهي. ايشور جا پيدا ٿيل ٿي ڪري، هن جو لئي ڏنو
ڀي، وري ڪريون ايمان ته اسان هي دان ڪيو، اسان دان پنج ڪيو. اهڙو انسان
ڌهن ۾ پرماتما جي ڀوسنا پراپت نه ڪري سگهندو، ڪٿي ڪيڏا به وڏا ڪم ڪري.
ن جي شڪتي، ڌن پدارٿ سڀ ان مالڪ جا ڏنل آهن، پوءِ اهنڪار ڇا جو؟

ساري ڪائنات ايشور جي نيمن انوسار سندس ٻڌ ۾ هلي رهي آهي. سورج چنڊ،
، گره، ديو، ديوتائون، سمنڊ، نديون، سڀ هن جي آگيا ۾ ٻڌ ۾ پيا هلن. اگني ديوتا

اچن ٿا، جن ويدن انوسار فرض ۽ ڪرم نہ ڪيا آهن ۽ نہ ڪو اندر جو سوجهرو ۽ سک ئي ڏنو اٿن، انهن کي بہ هو يڪدم نشڪام ڪرمن جو اُپديش ڏين ٿا؟ اهڙا جڳياسو پهريئن نشڪام ڪرمن کي ڪين مڃيندا. اهڙيءَ حالت ۾ گيانوانن کي پنهنجو نشچو پاڻ وٽ رکڻ گهرجي ۽ انهن اگيانين، جن کي اڃا ديهہ جو ايمان بيٺو آهي، اهو نہ ٻڌائين. اهڙن کي شڀ ڪرمن ۾ پرورت ڪرڻ گهرجي ۽ ڪرمن جو ڦل ٻڌائي، مٺن شڀ ڪرمن ڪرڻ لاءِ پيار پيدا ڪرڻ ضروري آهي. ٻالڪ وٽ روپيہ هوندو آهي تہ پيءُ چوندو اٿس تہ اهو ڏي تہ توکي لڏون ڏيان. ٻالڪ ان لئہ خوش ٿي روپيہ ڏيندو آهي. ان طرح جن کي اڃا گيان نہ ٿيو آهي، انهن کان پهرين شڀ ڪرم ڪرائجن ۽ جدا جدا ڪرمن جو ڦل ٻڌائي لالچائجي تہ هو اهي خوشيءَ سان ڪن. هو شروع ۾ نشڪام ورتي ڪونہ سمجهي يا قبول ڪري سگهندا. اڌڪار انوسار اپديش ڪرڻ گهرجي. جو سير نہ ٿو کڻي سگهي، اُن لئہ مڻ بوجو وجهڻ ڪا سياڻپ نہ آهي. ٽي چار درجا پڙهيل شاگرد يڪدم ڪيئن وڃي ڪاليج ۾ پڙهي سگهندو؟ جڏهن انهيءَ لائقيءَ لئہ ايندو تہ پاڻيهي سولائيءَ سان ڪاليج ۾ بہ تعليم وٺي سگهندو. وسشٽ مني ڪيترا دفع شري رامچندر کي چوندو هو تہ هو هن سوال جو جواب ڪجهہ وقت کان پوءِ ڏيندس. پر جڏهن اهو وقت ايندو هو تہ اهو سوال ئي ڪونہ لئي رهيو. ان ڪري ٿوريءَ ٻڌيءَ وارن کي ڪرمن جي ڦل جي لالچ ڏيڻ چڱي آهي، تہ هو اُن طرف هلن. ڏيري ڏيري هو پاڻيهي سمجهندا تہ نشڪام ڪرم ڪرڻ ئي سچو ۽ لاڀدائڪ مارگ آهي.

هڪ مهاتما رٽن ڪندي هڪ نگر ۾ ويو. ٻاهران هڪ ڪوهہ هو، جتي ٻہ چار ڪتيالون ٺهيل هيون. هو وڃي هڪ ۾ رهيو. ڪوهہ جو مالڪ بلڪل ساديءَ ٻڌيءَ وارو هو. اُن جي شيوا ڪيائين ٿي، باقي ستسنگ واري ورتي ڪانہ هئس. پر ساڌ سنگ نہ پرٿا جاءِ. پارس ارهہ کي لڳي تہ ضرور سون ڪندو. مهاتما ئي پنهنجو واس نہ وٺائي تہ ڇا ٿيو؟ جيڪو مهاتما بہ ان کي ساديءَ ٻڌيءَ وارو ڄاڻي ڏڪاري ٿو، اهو سچو مهاتما نہ چئبو. هن مهاتما بہ ڪوهہ جي مالڪ کي چيو تہ سيتارام جو نالو جپيندو ڪر. مهاتما تہ ويو هليو، پر اُن مالڪ کان ٻئي ڏينهن نالوئي وسري ويو ۽ آخر گهڻيءَ ڪوشش کان پوءِ سمجهيائين تہ ”گهسيتارام“ جپڻ جو اُپديش مليو هوم. سو هلندي، وهندي اهو منتر جپيندو هو. پير هڪ مهاتما اتي آيو. اُن کي اهو خيال نہ هو تہ ٻڌيءَ موجب اپديش ڏجي. يڪدم هڪکي ڌمال ڪندي چيائين تہ موڙڪ ”سيتارام“ جو نالو جپ. هن جي ورتي يڪدم اٿي پيئي ۽ وري نہ ٻيٺي لڳي. مهاتما اتان هليو تہ واٽ لئي ڪيس آڪاس واڻي ٿي تہ ”اڙي تو پاپ ڪيو آهي. هن تہ منهنجو نئون نالو رکيو هو، جو مون اکرن کي گهسيٽيو هو. وچ وڃي هن کي ڇڙ نہ ٿان پليو آهيان، گهسيتارام نالو برابر آهي.“ هن ائين ڪيو. مطلب تہ ٻڌيءَ انوسار هرهڪ کي اپديش ڏيڻ گهرجي. گيانوان پاڻ پنهنجي يقين ۾ پورو رهي، ان موجب ٻين کي انهن جي لائقيءَ موجب سکيا ڏئي، نہ تہ فائدي بدران الٽو نقصان ٿيندو.

ي آهي ۽ پنهنجي اَهنڪار ۾ ڦٿي وڃا هئاسين. جيڪو ايمان ڪري ٿو، اهو پنهنجو
ن ٿو سازي. جيڪو سڀ ڪجهه پرماتما جي حڪم اندر ٿيندڙ ٿو سمجهي، اهو ڪڏاڇت
ڪار ڪين ڪندو، ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته انسان جيڪي به ڪري ٿو، اُن لاءِ شڪتي،
ي، ڏن سڀ ايشور ٿو ڏئي. گروجن به فرمايو آهي:

حڪمي اَندر سڀڪو، ٻاهر حڪم نه ڪوءِ،
نانڪ حڪمي جي ٻجهي، ته هؤمَۂ ڪهي نه ڪوءِ.

شلوڪ ٢٨. هي وڏين ٻانهن وارا ارجن! گڻن ۽ ڪرمن جي وڀاڳن ڪي
ڪ طرح ڄاڻڻ وارو ودوان پرش سمجهي ٿو ته گڻ ئي (اندرين جي دواران)
ڻن (اندرين جي وشين) ۾ پرورت ٿين ٿا. انڪري هو پاڻ ڪرتاپڻي جو
مان نٿو ڪري.

هو ٻاڻڪي اَڪرتا ۽ اَڀوڳتا آتما ٿو ڄاڻي. اکين جو ڌرم آهي ڏسڻ، هٿن جو ڪم ڪرڻ،
ن جو پنڌ ڪرڻ، ڪنن جو ٻڌڻ، مطلب ته هو سمجهن ٿا ته اهو سڀ اندرين ڪن ٿيون.
و ڏسڻو آهي ته اهو جائز آهي يا ناجائز. گيانوان جو من ناجائز طرف ته ڪڏاڇت نه ويندو.
ڌس هردي ۾ جڏهن ڌرم لئي ڌرم آهي، گيان ئي گيان پيو وسي، تڏهن هو اَگيان اَڌرم
ف ڪيئن ويندو؟ راجا يڌشٽر کي پانڊون ۽ دروپديءَ ڪيترو ڌريوڌن خلاف چيو ۽
ڪل گهرائون ته ڪيس سبق سيکاريون ۽ ائترو به چيائون ته اوهان جي ڪميا ئي اسانکي
ني رهي آهي، پر يڌشٽر اَڏول رهيو ۽ چيائين ته سک ڏک پاڻيهي گذري ويندا.
نهجي قول لئي پورو رهيو ۽ بنواس ۾ رهڻ جو وچن پاليائين، ڇو ته هن وچن لئي پورو رهڻ
م لئي ڄاتو.

تتووتا مهاتما سمجهي ٿو ته سڀ ڪرم شرير ۽ اندريون ڪري رهيون آهن، مان ته
ڪي آهيان، پوءِ هنڪي ممتا ڇاجي لاءِ ٿيندي؟ هن کي اهنڪار به ڇو ٿيندو، جڏهن
کي هو ڪرتا ئي نٿو ڄاڻي؟ اُنهيءَ ۾ صاف آيو آهي ته جنهن کي آتما جو گيان آهي ۽
ڪي شڌ سروپ ٿو سمجهي، اهو يڪدم ساري مَن ميريءَ جي ڦاسيءَ کان ڇٽي ٿو
ي. تتووتا لفظ جو اَرٿ ئي اهو آهي ته جيڪو اهو تت ڄاڻي ته مان ساکي آهيان ۽
ب ڪرم شرير ۽ اندريون ٿيون ڪن. اگياني جيڪو به ڪرم ڪري ٿو، اهو اَهم ڀاءُ رکي
مان ٿو ڪريان، جنهنڪري انهن ڪرمن جو ڦل به ڪيس لئي ٿو ڀوڳڻو پوي. رکو وريءَ ۾
آهي، ته ته گياني ۽ اگياني ٻئي هڪ نموني شرير سان ڪرم ڪندا رهن ٿا. گياني پرش
هامع چلت ٻاهران رواجي ماڻهن جهڙي آهي. ڏندو، نوڪري، وهنوار سڀ ڪري ٿو،
لسع ڌرم به پالن ٿو ڪري، پر اهي سڀ ڪندي به هو پاڻکي شرير نٿو سمجهي، پر
ڪرم شرير ۽ اندرين جا ڄاڻي، پاڻکي شڌ ست چت آنند سروپ آتما ٿو سمجهي.
ڪار ڪندڙ مورک آهي ۽ ڪرمن ۾ ٻڌجي ٿو.

۽ مالڪ جي آڳيا انوسار ڪرمائش ڏني ٿو، ورڪا وسائي ٿو، ٻيون هن جي آڳيا انوسار اڳي ٿو، پر ۽ هن جي اڇا انوسار ڪم ڪري ٿو، پوءِ اسين ڪهڙي چيز آهيون، جو هن جي حڪم کان ٻاهر هلي سگهون؟

ڪين اُپنشد ۾ هڪ سکيادائڪ ڪٿا آيل آهي:

هڪ دفعي ديوتائن ۽ دئتن جي ٻاري پئي لڳي. سالوڪي سمر هو. ديوتائن کٽيو، پر هنن ۾ ڏاڍو اُيمان جاڳيو. اندر چوڻ لڳو ته مون وڄ هلائي هنن کي ناس ڪيو. اگني ديوتا چيو ته مون اهڙا ٻاڻ هلايا، جو هو سڀ سڙي ڇار ٿي ويا. اِن طرح وايو ديوتا ۽ ٻين ۽ اُيمان ڪيو. اِهو اهنڪار مورکن جو ڪم آهي. ديوتائون پرماتما کي ڀلجي ويا ۽ ڪونه سمجهيائون ته اهو سڀ ايشور جو مليل بل هون. هوڏانهن شري رامچندر سرو سمرٿ ايشوري اوتار ٿي ۽ ڪيڏي نه نماڻائي ڏيکاري آهي. جڏهن راوڻ کي ماري اُيوڌيا ۾ آيو ۽ گرو وسشٽ کي مٿو ٽيڪڻ لڳو ته پنهنجي ساٿين کي چيائين ته "جي مون راوڻ کي جيتيو آهي ته گروديو جي ڪرپا سان." وري گروجن کي چيائين ته "هن ٻڌ جي ٻيڙي پار ڪرڻ وارا هي ٿئي هنومان ۽ سگريو آهن. انهن مترن جي مهرباني هئي." مطلب ته ٻنهي طرفن کان اهنڪار نه ڪيائين. پر هوڏانهن ديوتائون اُيمان ۾ پرجي ويا. پرماتما ڏٺو ته هنن مونکي ته وساري ڇڏيو آهي. هنن جي ورلي خراب ٿيندي، سو يڪدم هنن جو اُيمان دوُر ڪجي. هڪ سندر ٻالڪ جو روپ ڪري انهن ديوتائن جي نزديڪ وڃي ويٺو. ديوتائن اهڙو ٿيجسوي ٻالڪ ڏٺو، جنهن اڳيان سج ۽ چنڊ ۽ پيا شرمندا ٿين. ڏاڍي عجب ۾ پيا. وايو ديوتا وٽس ويو ۽ هن کان پڇيائين ته "ڪير آهين؟" هن چيو ته "مان ٻالڪ آهيان، تون ڪير آهين؟" هن چيو ته "مان وايو ديوتا آهيان." ٻالڪ پڇيس ته "تو ۾ ڪهڙي شڪتي آهي." چيائين ته "مان ساري برهمانڊ کي اُڏائي ٿو سگهان." ٻالڪ چيو ته "هان! ايڏي شڪتي اٿئي!" هڪ ٽيلاءِ جهڙو ڪک ڪڍي ٻالڪ چيس ته "ڪرپا ڪري هن کي ته اڏاءِ." وايو ديوتا هڪ ذرو هوا جو ڪوليو، پر ڪک نه چريو. آخر آهستي آهستي ڪري پنهنجا سمورا پساه حصا ٿي ڪوليائين پر ڪجهه نه ٿيو. شرمندو ٿي واپس ويو. ٻين پڇيس، پر چيائين ته خبر نٿي پوي ته ڪير آهي. اگني ديوتا ويو. اُن جي پڇڻ تي ۽ ٻالڪ چيو ته "مان ٻالڪ آهيان، تون ڪير آهين ۽ ڇا ڪندو آهين؟" اگني ديوتا جو ٽيج ڏسي ۽ سوال ٻڌي حيران ٿيو، پر چيائين ته "مان اگني ديوتا آهيان ۽ چاهيان ته ساري برهمانڊ کي جلائي ٿو سگهان." ٻالڪ چيس ته "هن ٽيليءَ کي ته ساڙ." هن ۽ ٿوري ٿوري ڪري آخر سموري طاقت هلائي پر ٽيلي گرم ۽ نه ڪري سگهيو. شرمندو ٿي موٽي ويو. اندر ديوتا پڇيس ته مان ڪري ويهي رهيو. آخر اندر ديوتا پاڻ ويو ته ٻالڪ ڇپي ويو ۽ اُن جي جاءِ تي ٻارهن ورهين جي هڪ ڪنيا بيٺي هئي. اندر ديو جي پڇڻ تي ڪنيا ڪيس ٻڌايو ته هو ته ڀڳوان جو اوتار هو. اوهان جو ايمان ڀڃڻ لاءِ آيو هو. اندر کي ڏاڍي لڄ آئي ته برابر اسان ڀڳوان کي وساري ڇڏيو هو، جنهن سموري شڪتي اسان کي

ان ۾ هنن کي روڪجي. درجي بدرجي اهڙن کي گيان جي رستي تي لڳائجي.
ن انتهڪرڻ شڌ ڪرڻ لاءِ شڀ ڪرم ڪرڻ ضروري آهن. رنگ به صاف ڪپڙي تي
ڻي ٿو ۽ نه ميري يا ڪوري ڪپڙي تي.

دل ڪو جب غير سي صفا ديکا، آپ ڪو اپنا دلربا ديکا.

شلوڪ ٣٠. سڀ ڪرم مون ۾ ارپڻ ڪري، چت کي آتما ۾ اِستت
ڪي، اِڇائن کان رهت ٿي، موهه ممتا ۽ شوڪ دک کي دور ڪري، اُٿي
ڌ ڪر.

ڀڳوان ارجن کي هن شلوڪ ۾ اگياني موڪش جو چاهيندڙ سمجهي، اهڙو ٿو اپديش
لي. چوي ٿو ته هڪ ته سڀ ڪرم مون ۾ ارپڻ ڪر ۽ من کي برهم گيان طرف لڳاءِ؛
، ۾ ڪاڻي ۽ ڪامنا نه رک ۽ ممتا ڇڏي، چنتا روپي تپ کي تياڳي فرض سمجهي اٿي
ڌ ڪر. ڀڳوان جيڪي هي اپديش ارجن کي ڏني ٿو، سي هرهڪ جگياسوءَ لاءِ امرت
سان آهن.

جيڪڏهن ڪرم ڀڳوان کي سمرپڻ نه ڪنداسين ته انهن جي ڦل ڀوڳڻ لاءِ وري وري
م مرڻ جي چڪر ۾ اُڇلو پوندو. نشڪام ڪرمن ۾ ممتا ۽ نٿي رهي ۽ انتهڪرڻ ۽ شڌ
ٿي ۽ ڀڳوان جي چرنن ۾ پريم ٿو لڳي ۽ آخر گيان پراپت ٿو ٿئي. جاڳڻ کان وٺي سمهڻ
ين اهائي اَرداس ڏٽيءَ اڳيان ڪجي، ته جيڪو به ڪرم ڪريان، سو هي سائين! بنا
نا جي تنهنجي ارپن ڪريان. هن ڪرڻ سان ڪرمن جي گهٽ وڌائيءَ جي ذميواري ۽
ن جي نٿي رهي. جيئن ڪنهن ڪارخاني يا ڪوٺيءَ تي جيڪو ۽ ڪم ڪو ڪريٿو ته اهو
ٺ يا مالڪ جي ٻلي آهي. فائدو يا نقصان هن جو آهي ۽ ڪم ڪندڙ جي ڪا به ذميواري
انه ٿيندي آهي. سچ پچ ته سڀني ڪرمن لاءِ شڪتي ڏيندڙ به ته پرماتما پاڻ آهي.
دس چيتن شڪتي نه هجي ته اسان جو شرير ۽ اندريون ته سڀ جڙ آهن. اهي هوند
ڪري سگهن؟

ڀڳوان جو وڌيڪ اپديش آهي ته من کي برهم طرف لڳاءِ يعني هر وقت ايشور جو
ن ۽ چنتن رهي. پاڻکي شرير، اندريون، پراڻ، من يا ٻڌي نه سمجهي، شڌ آتما جاڻي،
م ڪر. اِئين ڪبو ته من ۾ ڪي به ڪامنائون ڪين رهنديون، نه ممتا ٿيندي ۽ نه ڪا
ا وياپندي، جي ڪٿي گهٽ وڌ ڪجهه ٿيندو. تڏهن اهي ٿي اپديش ۽ پورا ٿيندا.

شلوڪ ٣١. اُهي پرش، جي هن منهنجيءَ سکيا تي پورن شرڌا سان ۽ بنا
هن ديش يا نندا ڀاءَ جي نت هلن ٿا، سي به ڪرمن جي بنڌنن کان
ٿين ٿا.

شلوڪ ٣٢. جيڪي منهنجي سکيا مان دوش ڪڍي، اُن تي نٿا هلن،
پرشن کي سموري گيان کان خالي ۽ ڀرميل مت وارو ۽ ناس ٿيل ڄاڻ.

شلوڪ ٢٩. پرڪرتيءَ جي گڻن ۾ منجهيل پرش اُنهن گڻن جي ڪرمن ۾ موهه رکن ٿا (يعني انهن مان سکن ۽ سرڳ آدي لوڪن جي پراپتيءَ جي اِڇا رکن ٿا). آتم ويتا ودوان کي گهرجي تہ اهڙي اڻ پوري سمجھ وارن جي بُدِيءَ کي ڏولائمان نہ ڪري.

جن جي بُدي اڇا آتم تت ئي نہ پهتي آهي، اهي شرير، اندريون، من ۽ بُدِيءَ کي ئي پنهنجو پاڻ سمجهي اُنهن جي سک ۽ سرڳ جي سکن پراپت ڪرڻ لاءِ سڪام ڪرمن ۾ ممتا رکي، سڀ ڪرم ڪن ٿا؛ پر ودوان پرش، جيڪي گيان جي تت کي ڄاڻن ٿا، اهي اهڙن اگياني پرشن جو من اُنهن سڪام ڪرمن کان نتا هٽائين؛ نڪي هو انهن کي اهڙو اُپديش ٿا ڏين تہ سڪام ڪرم خراب آهن ڇڏي ڏين. هو هيڪاري اهڙن شڀ ڪرمن جي ساراهہ ڪري، انهن کي انهن ۾ وڌيڪ لڳائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، جيئن هو اُڪرمي نہ ٿين ۽ ٻنهي طرفن کان نہ وڃن.

اگياني پرش ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا موڪش جي اِڇا ڪندڙ جگياسو ۽ ٻيا سنساري يا سرڳ جي ڀوڳن جي اِڇا رکڻ وارا. اَرجن کي ڀڳوان "موڪش چاهيندڙ اگياني جگياسو" ٿو سمجهي، انڪري ڪيس ٨ ۽ ٩ شلوڪ ۾ چيائين تہ منش سڀ نيمت ڪرم، جن جي ڪرڻ لاءِ منش ٻڌل آهي، سي تون ضرور ڪر، پر ڦل جي اِڇا نہ رک ۽ سڀ ڪجھ پرماتما کي ارپڻ ڪر. اگياني پرش کي گيان جو اُپديش يڪدم ڪڏهن بہ نہ ڪجي. اول هنڪي ڪرم يوڳ ۾ لڳائڻ ضروري آهي.

هڪ دفعي گورکناٿ ۽ ڪبير جو سنواد ٿيو. گورکناٿ چيو تہ ٻن ڏينهن ۾ چيلو تيار ڪري سگهندو آهيان، پر ڪبير چيو تہ مان تہ ٻارهن سالن ۾ تيار ڪري سگهندس ۽ ڪبير چيو تہ چڱو، پر پوءِ چيلا ملائيندا سين. گورکناٿ اِهو قبول ڪيو ۽ ڪبير کي چيائين تہ ١٢ ورهيہ پوري ٿيڻ ۾ باقي ٢ ڏينهن هجن تہ مونکي اطلاع ڪجِ تہ مان بہ هڪ چيلو تيار ڪندس. ڪبير ١٢ ورهيہ لڳائي هڪ شش تيار ڪيو ۽ گورکناٿ بہ پوءِ ٻن ڏينهن ۾ تيار ڪيو. ٻنهي چيلا ملايا. گورکناٿ ڪبير جي چيلي کي ڪبير جي سکيائن برخلاف گهڻيئي ڳالهيون ٻڌايون، پر هو ڪبير جي ڏنل اُپديش تي بلڪل دڙهہ رهيو. پر ٻن ڏينهن وارو گورکناٿ جو چيلو، جو ڪبير وٽ آيو، انکي جيڪي ڪبير پيو ٻڌائي تہ هو چوي تہ اِهي ڳالهيون تہ گورکناٿ مونکي ڪرڻ ٻڌايون آهن. مطلب تہ اهو بہ ڪبير جو ئي پيو. گورکناٿ گهڻو ئي سمجهايس، پر هن چيو تہ "سائين! گيان تہ ڪبير وٽ آهي. مان تہ هن جو چيلو وڃي ٿو ٿيان. ڪيترا رڳو چيلن کي هڪ بہ اُپديش ڏيئي وڃن چيلن جي لائن وڌائيندا آهن. اهڙا شش جلد ئي ڪري ٿا پون. جيڪي آهستي آهستي ڏاڪڻ چڙهن ٿا، اهي پڪا ٿا ٿين. انڪري جگياسين کي سمجهائڻ لاءِ بہ سندن اڌڪار موجب اُپديش ڏيڻ گهرجي.

اَئين نہ ٿئي جو هيڪاري هنن جي بُدي ڀرمائي، جيڪو ٿورو گهڻو هو ڪرم ڪندا هجن، ان

سياڻي شادي آهي." مون پڇيو ته "ڪنهن سان شادي ڪندي؟" چيائون ته دهليءَ
ائو نوجوان سياڻي مرندو، ٻيل ڪيس سڱ هٽندو ۽ هو مري ويندو. هن جو روح اسين
، ايندا سون ۽ ان سان ڪنيا جي شادي ڪبي." اهو ٻڌي مان شهر ۾ ڏينهن جو وڃي
شان پٽي موجب وڃي ٻزار ۾ ويٺس. اهو ڇوڪرو برابر هڪ دڪان تي آيو ۽ ڪم ڪار
ڻ لڳو ته سندس سيٺ کيس چيو ته "ٻاڻيءَ جو لوٽو ڀري اچ." هو هليو ته مان به هن
، پٺيان ويس. سامهون هڪ ٻيل آيو، جنهن هنکي سڱن تي چاڙهي هيٺ اڇلايو ۽ هو
ي ويو. هن جو سنسڪار ليو. مون خيال ڪيو ته هاڻي رات جو وڃي ڀوڻن وٽ ڏسان ته
الو ٿئي. هو هن جو روح ڪٿي وٺا هوندا. وڃي ڏسان ته هو ڀوت ته روئي ماتم ڪري
ليا هئا. پڇيومانِ ته "ڇو؟" جواب ڏنائون ته "هن ڇوڪري جو روح اسانکي هٿ نہ
و. ان ٻيل جي سڱن تي جمنا نديءَ جي مٽي لڳل هئي ۽ اهي سڱ هن ڇوڪري کي
ا ته سندس روح جي خراب گتي ڪانہ ٿي ۽ اسين هن کي هٿ به نہ لائي سگهياسين.
مٽي هليو ويو." ان ڏينهن کانپوءِ مان هميشہ جمنا ڪناري جي مٽي ساڻ رکندو آهيان ۽ ٽوري
ي پيو کائيندو آهيان ته اوچتو مري وڃان ته منهنجي به شڀ گتي ٿئي، ڇو ته اها مٽي
ي ڪرشن جي چرڻن جي رج آهي. هڪ پناڻ جي شري ڪرشن ۾ ايڏي شرڌا، پر اسين
وڻ گيتا جهڙي امرت سمان هيري کي هٿ ۾ هوندي بہ ڪهڙا نہ ڪمزور! هن گيتا
ن جي آڌار تي انيڪ پرش تري ويا. هن ۾ آهن ته رڳو ٧٠٠ شلوڪ، پر انهن ۾ وهنواري
وا پرمارٿ جون سڀ ڳالهيون سمجهايل آهن، ڄڻ هڪ وڏو ساگر گهاگهر ۾ بند ڪيل آهي.
ي ٻال گنگاڌر تلڪ هن کي هڪ نرمل هيرو ڪوٺيو آهي ۽ "گيتا رهسيہ" پستڪ ۾
ندر ٽيڪا لکي آهي. هڪ شلوڪ تي به هلڻ سان پرم پدوي حاصل ٿي سگهي ٿي. مگر
ٿ اسين پراڻيءَ پرسان گيتا جو پاٺ ڪريون ٿا، پر جيتري ان جو پاٺ ڪري سگهيا ٿي
ڇي ته ڪيتري نہ هوند سڦلتا حاصل ٿئي؟

ڀڳوان هي اپديش اسان کي ان ڪري ڏنا آهن ته اسين اهين پڻ ڪري هاڻي نہ
ي آهيون، پر آئينده جي سکن لاءِ به ڪي شڀ ڪرم ڪريون ۽ گيان پراپت ڪرڻ لاءِ
ڪام تي ڀڳوان ارپڻ ڪرم ڪري انتهڪرڻ شڌ ڪريون ۽ آخر موکش پايون. جي ڀڳوان
ب هن سکيائن تي نہ هلندا، ڀڳوان چئي ٿو ته اهي ناستڪ پراپت ڪندا.

شلوڪ ٣٣. گياني پرش بہ پنهنجي پرڪرتيءَ (سڀاءَ) انوسار هلت
ري ٿو، سڀ پراڻي بہ پرڪرتيءَ موجب هلت ڪن ٿا. پوءِ وري هٺن
ب ڪرمن ٿي ڪهڙي روڪ ٿي سگهندي؟

گذريل ٻن شلوڪن جي ٻڌڻ کان پوءِ ارجن سوال ڪيو ته ڀڳوان! سڀساري جيو سک
، چاهنا ڪن ٿا ۽ نيڪ نيڻ جي اڀلاشا به اٿن، پوءِ به رلن جواهرن کان به ڪهڙي اوچ سکيا
ڇو نہ ٿا هلن؟ ان جي جواب ۾ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ چوي ٿو ته سڀاءَ ڏاڍو پرٻل آهي.
ن جنمن ۾ جيڪي بيج ۽ پاپ ڪيل آهن ۽ آسائون ترشنائون هيون، انهن موجب هر هڪ

پرمل مد جو ارپڻ آهي جو ست اَست جي پرورتي کان وانجهيل هجي.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان اَرجن کي صاف صاف ٿو سمجهائي ته منهنجو جيڪو مت آهي ته تنهن جي اِڇا نه رکي، سڀني شاسترن ۾ آگيا ڪيل شڀ ڪرم ڪري، برهم کي ارپڻ ڪجي. ان لاءِ جيڪو پرش پورڻ شرڌا سان ۽ ٻيا ڪنهن به قسم جي ڪٿڪي ٻيا دوش درشٽيءَ جي هليو، سو انتهڪرڻ جي شڌي پراپت ڪري، پاپ پڃ کان ڇٽي، ڪرمن جي بنڌنن کان آجو ٿيو؛ پر جيڪو اَشرڌالو پرش منهنجي هن مت مان دوش پيا ويکون ڪڍي، انکي اَنگيڪار نٿو ڪري ۽ آچاريه ۽ شاستر ۾ وشواس نه رکي، ڪرم نٿو ڪري، اهو سڀني قسمن جي گيان (سڪيل اَلوا اَنهيءَ) کان خالي ۽ موڙهه سمجهڻ کپي، جو ته هن جو چت سنساري وشين ۾ لٻل هئڻ ڪري ملين ٿيل آهي ۽ اهو سگڻ يا نرگڻ برهم جو گيان ڪٿان ٿو حاصل ٿئي؟ گيان سان جا جاڻڻ يوڳ آهي، گيان جو مطلب ڇا آهي، اهو ڪجهه به نٿو سمجهي ۽ سڀني پرشارٿن ۽ ڪرمن کان ڀرشٽ هئڻ ڪري ناستڪ کي پراپت ڪريو. پرڪرتيءَ جي وس ٿي هو مات ڪري ته ويهي ڪونه سگهندو ۽ ڪرم اوس ڪندو، جي ست شاسترن جي سکيائن جي اُبتڙ هوندا ۽ جن مان آخر ڪيس ڏک ئي ملندو.

ڀڳوان هي شلوڪ اَرجن ۾ شرڌا ۽ ڀروسي پيدا ڪرڻ لاءِ چيا آهن. شرڌا جو مطلب آهي پنهنجي آتما ۾، ويدن شاسترن جي سکيائن ۽ ستگروءَ جي اپديشن ۾ پورڻ وشواس ۽ جنهن ۾ سنمان ۽ لطافت به هجي يعني وشواس رکي وڏيءَ عزت مان ۽ نر اَڀمانڻي جي ان ۾ هلڻ کجي. جيڪي ائين نٿا ڪن، انهن جو جيڪو ڀرو حال ٿئي ٿو، اهو ڀڳوان ٻڌائي ٿو.

ڪي پڙهيل ڳڙهيل پرش به شري ڪرشن ۽ شري رامچندر جهڙن پورڻ اوتارن کي به مهاتمائون ڪري ٿا سمجهن ۽ نه ايشور. شري ڪرشن ڀڳوان پنهنجي هڪ چيچ تي گووَرڌن پربت کنيو. جيڪو اهڙي پورڻ برهم کي به رڳو مهاتما ٿو سمجهي، اهو هن جي سکيائن مان ڇا ڀلائي سگهندو؟ ڀڳوان ڪرشن جا سڀ چرتر ٻالڪپڻي کان وٺي پڇاڙيءَ تائين اَلوڪڪ ۽ ايشوري هئا ۽ نه ڪنهن منش جا، پر هن دنيا ۾ اهڙا به ڪيترا آهن، جي ان ۾ وشواس ئي ڪونه ٿا ڪن! جن دئتن ۽ راڪسن کي ڀڳوان ڪرشن يا رامچندر ماريو، انهن به مرڻ وقت ڪين پار برهم پرماتما ڪري ڄاتو آهي ۽ سندن اَستتي ڪئي اٿن. ان ڪري ڀڳوان پورڻ شرڌا تي زور ٿو ڏئي. هڪ غير ذات واري جي شرڌا ۽ وشواس جو عمدو مثال آهي:

هڪ ٻناڻ ڪنهن دڪان تي ويٺو هو ۽ ڪجهه سوڌو وٺي رهيو هو، پر ڏري ڏري هڪ گولي پيو وات ۾ وجهي. دڪاندار جي پڇڻ تي چيائين ته هي گوليون جمنانديءَ جي ڪناري جي مٽيءَ جون آهن. ڳالهه ڪيائين ته هڪڙي پيري مان ڏهليءَ ويس. جهنگ ۾ هوس ته رات جو ڏٺم ته ڪي جن ٻولن ۾ ئي راند ڪئي ۽ شاديءَ والگر ٻئي خوشيون ڪيائون. مون کانئن پڇيو ته ڇا جي ٿا خوشي ڪريو؟ چيائون ته ”اسان جي راڄا هي ڪيا

ٿهي تہ ٻيءَ ستسنگ ۽ ساڌنائون ڇا جي لاءِ ڪجن ۽ هي ڀڳوان! مون کي ڇو ڀيا اُپديش
ڀو تہ هي نہ ڪريان، هو ڪريان؟ مُنهنجو جيڪو ڀلو هوندو، اُن موجب ڪندس.
جي جواب ۾ ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ٣٤. شرير ۾ جيڪي [٥ گيان] اِندريون آهن، اُنهن جا پنهنجي پنهنجي وشيہ لاءِ پيار ۽ ڌڪار نيم انوسار رهن ٿا. انهن ٻنهي جي وس نہ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُهي موڪش جي مارگ ۾ اٽڪاءُ ڪندڙ دشمن آهن.

هرهڪ اِندريءَ کي پنهنجي پنهنجي وشيہ آهي. اکين کي ڏسڻ جو ڪم آهي. اهي سهڻي روپ کي ڏسي خوش ٿين ٿيون ۽ بدصورت کي ڌڪارين ٿيون. اِن طرح ڪن، نڪ، ڄڀ وغيره کي جدا جدا وشيون آهن، ۽ هرهڪ اِندري ڪنهن کي پيار ڪري ٿي تہ ڪنهن کي ڌڪاري يعني ڪنهن سان دويش ڪري ٿي. اِن راڳ ۽ دويش جي وس ۾ منش نہ ٿيڻ گهرجي. پرڪرتي (سڀاءُ) اهڙن سنسڪارن ڪري منش کي اُن طرف گهلي وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر منش جو فرض آهي تہ ٻڌيءَ ۽ وچار سان اُن پيار ڌڪار کي جيتي، تہ هو ضرور سڀاءُ تي بہ فتح پائيندو.

ويدانت جو اهو وچار آهي تہ ڌرم ۽ اَڌرم ٻج مثل آهن. رواجي ٻج وانگر اِن جا بہ ٻہ اَنڪور ٿين ٿا. هڪ انڪر آهي اُن ڪرم جو ڦل ڏک يا سک ۽ ٻيو انڪر واسنا، خيال يا سڀاءُ، جو اُن ڪرم ڪرڻ سان ٿئي ٿو. اهو سڀاءُ آئينده ۾ ڪرم اُن طرح جا ڪرائي ٿو. ڪرم جو ڦل ڏک يا سک تہ هر حالت ۾ ڀوڳڻو پوي ٿو. جو تہ

ڀوڳي بنان ڪرم نہين ڇوڙي - جي سؤ يتن ڪماءِ؛
ٻيا ليک نہ مٽي سو، سڪي جو لکيا ڪرتار.

اهو خيال يا سڀاءُ نيڪ صحبت ۽ ستسنگ ۽ ٻين شُڀ ڪرمن ڪرڻ سان يا پراڻن ۽ شاسترن جا پرماڻ پڙهي يا ٻڌي گهڻي قدر ڦيرائي سگهجي ٿو ۽ وڌيڪ غلط ڪرم ڪرڻ کان پاڻ بچائي ٿو سگهجي. هن جنم ۾ سڀاءُ نہ بدليو تہ ٻئي جنم ۾ تہ ضرور بدلبو. وچار ڪري ڏسبو تہ چور بہ سمجهي ٿو تہ چوري ڪرڻ خراب ۽ گناهہ آهي، نہ تہ لڪي ڇو ڪري؟ پر هن جو اِندرين تي وس ڪونہ هلي. اِندرين ۾ ايترو تہ ٻئي جي مال کڻڻ لاءِ راڳ يا پيار پرٻل آهي، جو هن کي اُن وقت دليل بہ دل ۾ اهڙا ايندا تہ مون کي ڪو ڏسي تہ نہ ٿو ۽ هي مال هٿ ڪري مان سکيو وقت گذاريندس، ٻين کي سکي ڪندس، وغيره. اُن وقت هو ڀڪڙجي پوڻ يا سزا پائڻ جو خيال ڪونہ ڪندو. اهو راڳ يا دويش اِندرين کي ڪندي اُنهن کي ٻڌيءَ سان ڌرم اڌرم جو وچار ڪري، قابو ڪبو تہ سڀاءُ ڦري ٿي ٿو، جيتوڻيڪ ڪنهن وقت ٿورو گهڻو ظاهر ضرور ٿئي ٿو.

گرو نانڪ صاحب وٽ هڪ ڀوميا نالي مشهور ۽ وڏو ڌاڙيل آيو. جانالين تي تہ مان

منش جو سڀاءُ هن جنم ۾ ٺهيو آهي. جيڪي اڳي اڌرم سان هليا، سي هن جنم ۾ ڪنو
نردئي ۽ ظالم ٿا ٿين ۽ جي اڳي ڌرم تي هليا، سي هاڻي نرم دل، ڪمياون، سنتوشي
ڌرماتما ٿيا آهن. درواسا رشي ڪيڏو نه گيانوان هو، جو ڀڳوان ڪرشن به کيس گرو ڪيو
پر هن جو سڀاءُ بلڪل تامسي هو، جنهن ڪري ڏاڍو ڪروڌ ڪندو هو. هن جو اهو سڀ
بدلجي نه سگهيو. اهڙن پرماڻن مان ثابت آهي ته ماڻهوءَ جو سڀاءُ بدلجڻ ڏاڍو ڪٺن آهي
سوهم ويتا پرش جنهن مايا کي پار ڪيو آهي، اهو به جڏهن پرڪرتيءَ انوسار هلي ٿو
ٻيا اگياني پرش پنهنجي سڀاءُ انوسار هلن، ان ۾ ڪهڙو عجب آهي؟ هڪ پتا جا ڪي
پٽ ٿين ٿا، پر هرهڪ جو سڀاءُ جدا جدا. راوڻ ۽ ويڀيشڻ ڀائر هئا، پر ٻنهي جي سڀاوَن
رامع ڏينهن جو تفاوت هو. جيڪو سڀاءُ پراربڌ ڪرمن مان ٺهي ٿو، اهو گيانوانن جو به
بدلجي سگهي. جيڪي ڪرم گيان پائڻ ڪري سڙي ڀسم ٿي ٿا وڃن، انهن جو ڪري
سڀاءُ تي نه ٿو پوي. وشوامتر رشي به پورن گيانوان هو ۽ تپسيا ۾ به اوچ درجي جو هو ۽
وسشٽ مني به کيس سڀني کان مٿي مڃيندو هو؛ پر هن جو سڀاءُ راجسي هو. جڏهن ٻيو
جي يگيه جي رکيا لاءِ شري رامچندر ۽ لڇمڻ جي ٻانهن گهرڻ لاءِ راجا دسرٿ وٽ ويو
راجا موهه وچان آنا ڪاني ڪئي ته هو ڪروڌ ۾ لعل ٿي ويو. آخر وسشٽ منيءَ راجا
دسرٿ کي سمجهاڻي، هن کي ٻئي راج ڪنور وٺي ڏنا، تڏهن هن جي ڪاوڙ لهي
مطلب ته گيانوان هوندي به سندس سڀاءُ ٻڌرو ٿيو، پر جيڪو مڪتيءَ جو آنند، جو ستوگ
کي ملي ٿو، اهو راجسي يا تامسي سڀاءُ وارن کي نه ٿو حاصل ٿئي. ڀڳوان جي پرم ڀڳت را
امبرش کي درواسا رشيءَ ستايو ۽ مٿس اجايو اڪارڻ ڪروڌ ڪيائين ته ڀڳوان کي پنهنج
ڀڳت کي بچائڻ لاءِ درواسا رشيءَ پٺيان چڪر ڇڏڻو پيو ۽ هو ساري برهمانڊ ۾ ڊوڙ
پر ڪٿهن به سندس رکيا ڪانه ڪئي ۽ آخر وري به راجا امبرش جي پيش پيو، تڏهن جند ڇڏ
هيتري گيان هوندي به ڪليش سهڻو پيس ۽ جان بچائڻ لاءِ حيران ٿي نيٺي لوڪ ٿيو.

گرو نانڪ صاحب جن جي گديءَ تي پهريون پنج پاتشاهيون فقيري سڀاءُ وارين هيون
۽ پويون پنج فقيريءَ ۽ اميريءَ ٻنهي ۾ لڳيون. سڀني ۾ گيان جي شڪتي ساڳي هئي

هڪ ٻڪريءَ جي ٻچي جو سڀاءُ ماڻهن جهڙو هوندو، ڪتيءَ جي ٻچي جو سڀاءُ ڪتيءَ جهڙو
ٿيندو ۽ انهن ۾ ڪن جو ساتيڪو، ڪن جو شرخ. مطلب ته اڳين جنمن موجب اهو سڀ
هرهڪ جو ٺهي ٿو. ساڳئي ستسنگ ۾ ڪيترا گيان جو اپديش ٻڌن ٿا، پر سڀاءُ هرهڪ
جو جدا جدا آهي ۽ ان ۾ تبديلي نٿي اچي. گرو گهر جو پرلکش مثال سامهون آهي. گ
رامداس کي ٽي پتر هئا ۽ ٽنهي جا سڀاءُ الڳ الڳ هئا. هتڙي سمرٿ پتا جو اولاد ٿ
ڪري به پرٿيچند ڪلجڳ جو روپ هو ۽ ڪيڏا نه ڪپٽ ۽ ڏوکي جا ڪم ڪيائين، ڪ
نه وڃي پنهنجي سگهي ۽ ننڍي ڀاءُ ارجن ديو سان رکيائين، جيترو ٺيڪ هو ته ستسنگ جو
هو! پر نه ان ڳالهه جو ۽ نه پنهنجي پتا جي سکيا جو ڪو به مٿس اثر ٿيو.

ارجن ان تي سوال ڪيو ته جي هرڪو سڀاءُ انوسار ٿو هلي ۽ اهو سڀاءُ بدلجي نه

ڍيش کجي سنساري وشين ۽ ڪسنگ سان. گيان جي منزل لئي نه ته راڳ آهي ۽ نه ڍيش. جيئن ڪنهن بهادر کي هٿيار هوندا آهن ته اهي ويرين لئي هلائيندو آهي ۽ نه پنهنجن لئي، تيئن راڳ ڍويش سدا هٿيار اسان کي پرميشور وٽان مليا آهن انهيءَ لاءِ نه هن سان پوءِ به ٻڌ پائون. پر اُسين اهي پاڻ لئي هلائي پاڻ کي پيا زخمي ڪريون ۽ دنيا ۾ جنهن سان پريم، نه ڪنهن سان وير ورود رکيو ويٺا آهيون!

ڪبير ديسن گمراهه دني (مايا) سيئون - دني نه چالي سانگ،
پاءِ کهاڙا مارنا - غافل آپني هاٿ.

ارجن هيءَ اُپديش ٻڌي ڀڳوان کان سوال ڪيو ته شاستر جي آگيا آهي ته سنياس ڌارڻ پان پوءِ وهنواري ڪرم نه ڪرڻ گهرجن. پوءِ مان به ڇو نه سنياس ڪٺي ڌارڻ ڪريان ۽ هن ٻڌ کان هٿ ڪڍي ڀائي خونريزيءَ جي لڪي کان ڇٽان؟ ڇو نه وڃي ڀڪشيا ڪريان ۽ سماڌيءَ جو آنند وٺان؟ مهاڀارت ۾ آيو آهي ته ارجن ۱۲ ورهيه سنياس ۾ ورتو هو، پر ان عرصي ۾ هن سنياس جا نيم پالن ڪرڻ بدران هيڪاري شاديون به ڪيون. هڪ شادي پاتال ديش (امريڪا) ۾ ڪيائين، ٻي شادي چدرا انگد جي ڌيءَ سان ڪيائين ۽ ٽين دوارڪا ۾ سڀدرا سان ڪيائين. ڀڳوان سندس سوال جو جواب هن ريت ڏنو:

شلوڪ ۳۵. پنهنجو سوڌرم (يعني ورن ۽ آشرم انوسار ڌرم) ڪٺي اُهو وڳڻ (ڳڻن کان رهت) هجي ته به پرڌرم يعني ٻئي ورن يا آشرم جي ڌرم کان بهتر آهي. ڪٺي اهو پرڌرم پورن هجي، پر پنهنجي سوڌرم ۾ (فرض ادا ڪندي) مرڻ به چڱو آهي، مگر پرڌرم ڀؤ ڏيڻ وارو آهي.

برهمڻ، ڪتري، ويش ۽ شودر اهي چار ورن آهن ۽ برهمچريه، گرهست، وانپرست ۽ سنياس اهي چار "آشرم" آهن. انهن ورنن ۽ آشرمن انوسار شاسترن ۾ جيڪو ڌرم جدا جدا لکيل آهي، اهو ڌرم ان ورن ۽ آشرم جو "سوڌرم" ڪوٺجي ٿو ۽ ٻئي ورن يا آشرم واسطي اهو "پرڌرم" ليکجي ٿو.

"وڳڻ" جو مطلب آهي ڳڻن کان رهت يعني ڌن، منتر ۽ ديوتا ۾ ڪمزور يا انهن کان رهت جو ڌرم آهي. جنهن ڌرم ۾ ڌن، منتر ۽ ديوتا زور آهن، اهو ڌرم اوچ اوسٿا جو ليکجي ٿو. مطلب آهي ته پنهنجي ڌرم ۾ ڌن نه هجي ته به ڌن دولت وغيره جي لاءِ پرڌرم نه ڌارڻ گهرجي. منتر ۽ ديوتا به نه هجن يا ڪمزور هجن ته به پنهنجي ڌرم ۾ پڪو رهڻ گهرجي، نه ته سک نه ملندو. جيڪڏهن پنهنجي ڌرم ۾ ڪمزوريون آهن، ته اهي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هن آدرش لئي ڀڳوان اتر ٿو زور ڏئي، چوي ٿو ته پنهنجي ڌرم ۾ رهندي، موت اچي ته به اهو چڱو آهي. پرڌرم ڪهڙو اوچو هجي ته به ان ۾ وڃڻ سان ڀؤ ۽ خوف رهي ٿو ۽ آخر نرڪ ملي ٿو.

ڀڳوان ارجن کي سمجهائي ٿو ته سنياس وغيره نه برهمڻن جا ڌرم آهن. تون ڪتري

وڏو پاپي ۽ گنهگار آهيان. پر ڪي پاڻ ڀلا ھئس، جو اندر ۾ شرڌا اٿن تہ گرو جن
درشن ڪرڻ. گروجن سوچيو تہ ھن جا ڪرم اهڙا آھن، جو ڪيترو ٻہ اپديش ڏيس
سڌرندو ڪين. آخر سوچي کيس چيائون تہ ”منهنجو ڪو اپديش مڃيندين؟“ چيائين ”سائي
ٻيو سڀ ڪجھ مڃيندس، باقي چوريءَ جي ڪرت کان منع نہ ڪجو، ڇو تہ اھو تہ منهن
سياوڪ ڌنڌو آھي.“ گرو ديو چيس تہ ”چوري ڀلي ڪندو رھہ پر منهنجون ٻي ڳالهيو
ضرور مڃ. هڪ تہ جنهنجو نمڪ کائين، اُن جو برو نہ چاھج ۽ ٻيو تہ هميشه ۽ ھر حالت
سچ ڳالهائج ۽ ٽيون تہ غريب جو ڪهاڻ ليڻ نہ ڏج يعني ٻي گناھ کي سزا ڏيڻ نہ ڏج،
اُن جي رکيا ڪج.“ ھن چيو تہ اھي ٽيئي ڳالهيون قبول اٿم. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جا
ٿي ھو چوريءَ لي لڪتو ۽ ويو بہ راجا جي محلات طرف. چوڪيدارن پڇيس تہ ”ڪير
آهين؟“ چوڻ لڳو تہ ”چور آهيان.“ چوڪيدارن سمجهيو تہ راجا جو ڪو ماڻھو آھي،
تہ چور ٿورو ئي پاڻ کي چور سڏائيندو. متان روڪيونس تہ هيڪاري اسان کي سزا ملي
ھو ويو ۽ خزاني مان خوب مال ڌن ڪڍي ڪٺو ڪري ڳنڍڙي ٻڌائين. هڪ ٿالهيءَ ۾ ڌا
خوشبودار چورڻ وانگر پيو ھو، سو چپٽي ڀري کڻي وات ۾ وڌائين تہ لوڻ لڳس. ٻڪ
گروجن جي آکيا ياد آيس تہ نمڪ حرامي نہ ڪج. خيال ڪيائين تہ مون راجا جو نمڪ کاڌ
آھي، سو چوري ڪيئن ڪريان؟ سو سڀ ٻڌل ٿڻ ڇڏي ٻاھر نڪري آيو ۽ خيال ڪيائين
سپاٽي ٻئي ھنڌ ڌاڙو ھڻندس. صبح جو راجا ڏسي تہ ڳنڍڙي ٻڌي رکي آھي، پر چ
ڪنھي نہ آھي! پوليس دستور موجب ڪن غريبن کي کڻي شڪ ۾ پڪڙيو ۽ کين سڀ
ڪرائڻ لاءِ مارون ڏيڻ لڳا. پوءِ ميا خيال ڪيو تہ منهنجي ڪري غريب ٿا مارجن، سو ھل
آيو راجائي درٻار ۾. اچي چيائين تہ ”جيئندا ڀلا! چور مان آهيان.“ راجا چيس تہ ”ھ
نامي گرامي چور ٿي، مال ٻڌي، وري ڇڏي ڇو ويئين؟“ ٻڌايائين تہ ”اوهان جو نمڪ
کاڌم، اُن ڪري چوري ڇڏي، ويس. مون کي گرو نانڪ ديو اهڙو اپديش ڏنو ھو.
راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ھن لاءِ ڏاڍي عزت ٿيس تہ ھيڏو نمڪ حلال آھي تہ پاڻ وٽ رک
جهڙو آھي. راجائون هميشه وڏي ڪل وارا ۽ ايماندار ماڻھو، ڪڻ پسند ڪندا آھن ۽ جو
انهن مان ٻس پيش ڪڏھن بہ نقصان يا دوکو نہ ايندو. ھن مثال جو مطلب آھي تہ سٺي
صحبت ڪري پوءِ ميا چور بہ آخر سڌري ويو ۽ راجا جو پيارو ٿي پيو. جڏھن سڌس سي
ماڻ، چوريءَ لاءِ راڳ نن انجامن ڪري دور ٿيو تہ سپاهہ بہ بدلجي پيس.

راڳ دويش ھرھڪ انسان ۾ جنم کان مرڻ تائين رھي ٿو، نہ تہ ٻالڪ ھوند ڇو رني
جڏھن ٻڪ لڳيس ٿي يا مرضيءَ کان سواءِ جاڳائجيس ٿو، تہ روڏڻ ٿو ڪري. تڏھن چ
نہ راڳ دويش پاڻ سان کڻي آيو آھي. ڪن کي ٿورو ۽ ڪن کي گھڻو رھي ٿو. راڳ دويءَ
ٻئي اگيان جون نشانيون آھن، جي گيانيءَ ۾ گم ٿيو وڃن. جيئن ڪنھن وڻ جي ٽاري ۾ ٻا
ٻرندي، تہ اھو ڪڏھن بہ ساڻو نہ ٿي سگهندو، ساڳيءَ طرح جنهنجي انتهڪرڻ ۾ راڳ دويءَ
آھي، اُن ۾ گيان نہ ٿيندو. جي راڳ ڪرنو آھي تہ پرماتما سان ۽ سٽڪروءَ سان ڪجي

ڪيو، جنهن جي پوڄا اڄا سڀ مسلمان اُتي وڃي ڪن ٿا، پر اڪيون ٻڌي. مطلب ته سڀ مذهب هندو ڌرم جي ٿي ٽاريان آهن. ويدڪ ڌرم ئي هندو ڌرم آهي، جو آد ڪان چالو آهي ۽ اهو رڳو ڀارت کنڊ ۾ ئي ظاهر ٿيو ۽ پوءِ ئي دنيا جي سڀني طرفن ۾ پکڙيو ۽ جدا جدا حالتن، رهڻين رواجن ۽ ٻوليءَ جي اوستائن موجب جدا جدا نمونن ۾ ورهائجي ويو.

گرهست ۾ هرهڪ پاليءَ جا به جدا جدا ڌرم يا فرض آهن. پرش ڌرم، ناري ڌرم، پتا ڌرم، پتر ڌرم، ڪنيا ڌرم وغيره. جي هرهڪ پنهنجو پنهنجو ڌرم سنڀالي ته گرهست ۾ جيڪر سک شانتي ڦٽي رهي، ۽ چرخو چڱيءَ طرح هلي سگهي ۽ سڀ هوند خوش ۽ آنند ۾ گذارين. ورڻ ڌرم جي مهما ويدن شاسترن گهڻي ڳائي آهي. ڀڳوان ڪرشن به اها سمجهاڻي ڏني آهي ته جڏهن ورڻ ڌرم بگڙن ٿا، تڏهن دنيا ۾ دک ڪليش اچن ٿا. گرو نانڪ صاحب به فرمايو آهي:

سرشٽ سڀ اِڪ ورن هوئي، ڌرم ڪي گت رهي.

يعني ته سرشٽيءَ ۾ هڪ ورن ٿي ويو (يعني جدا جدا ورڻ نه رهيا)، جنهنڪري ڌرم جي بري گتي ٿي آهي. هو ته رڳو پنج سؤ سالن کان گهٽ اڳي ٿيا هئا ۽ هنن به ورن ڌرم کي جائز ٺهرايو هئو. جيستائين پنهنجي ورن ۽ آشرم ڌرم جو فخر منش ۾ نه آهي، جيستائين ڪو به ڪارج پورو سڌ نه ٿيندو ۽ ڪا به اُنتي نه ٿيندي.

اسلام مذهب به ته ١٤ سؤ سال کن ٿيا ته چالو ٿيو. اڳي ته هڪ مسلمان به نه هو. ڪيترا هندو ڌرم جا ونش ۽ شودر ورڻن وارا وڃي اُن ۾ شامل ٿيا. پنجاب ۾ پيرا نالي هڪ شهر آهي، اُتي سنگل ذات جا مسلمان آهن، جي اصل هندو کتري هئا ۽ اڄا تائين به تهن جي گهر ۾ شاديءَ وقت برهمڻ به اچن ته ملا به اچن! مسلمانن ۾ به ورن آهن: سيد، پير، قريشي (برهمڻن وانگر) وغيره، پر افسوس جو هندو ڌرم جي ورڻن کي برهما پاڻ پيدا ڪيو، تڏهن به اڄ اُن کي ڪيترا هندو مڃين ٿي نٿا. گرو گوبند سنگهه خالصا پنٿ هندو ڌرم جي سهائتا لاءِ رچيو ۽ هندن مان ئي سڀ جوان ورتائين، پر اڄوڪا سک چون ٿا ته اسين هندو ئي نه آهيون، پر جدا ڌرم جا آهيون. گرو تيغ بهادر هندو ڌرم لاءِ سر ڏنو ته ڇا سندس پٽر ڪيئن چوندو ته سندس پوئلڳ هندو ئي نه رهن ۽ پاڻکي جدا ڌرم جا ڪوٺائين؟ گرو گوبند سنگهه هڪ ڪوتا ۾ فرمايو آهي:

تلڪ جنيؤ راکا پربه تانڪا، ڪينو بڏو ڪلؤ مهه ساڪا (قرباني).
ڪيکر فوڙ دليس سر، برپ پر ڪينا پيان (ظلم جو پيالو)؛
تيغ بهادر سي ڪريا، ڪري نه ڪنهوُن آن (ٻئي ڪنهن).

گرو تيغ بهادر جڏهن ۽ تلڪ جي رکيا لاءِ سر ڏنو ته ڇا اهو اننلاءِ ته سندن پوئلڳ هندو ئي نه سڏائين؟ استري پڻ ورتا آهي، پر جي سندس پتي ڏن، وديا وغيره ۾ ڪمزور هجي ته پوءِ هنکي ڇڏي وڃي ٻيو وڏيڪ لائق مڙس ڪري، ته اُن کي ڪو چڱو

آهن. راجا جي ڪل ۾ ڄائو آهين ۽ ڌڻھنجو ڌرم آهي يڌ ڪرڻ. تون سمجهين ٿو
پنھنجي ڌرم ۾ هيسا آهي. انڪري جي پنھنجو ڌرم ڇڏي ٻئي جو ڌرم اختيار ڪندين
نرڪ ڀوڳيندين. هندو ڌرم جا شاستر به پنھنجي پنھنجي ورنن ۽ آشرمن ۾ پورو ۽ پڪ
رهڻ لاءِ سکيا ڏين ٿا. پر افسوس جو اڄ ڪيترا هندو لوڀي ڌن يا نوڪريءَ جي لالچ
يا گمراهه ڪندڙ پرچار ۾ لڳي هندو ڌرم جهڙو اعليٰ ۽ پوتر ڌرم ڇڏي عيسائي يا اسلام
مذهب ٿا اختيار ڪن. ٻيا ڪيترا اهي آهن، جي ٻاهران نالي ۾ ته ٻاٽڪي هندو ٿا چوائين
مگر رهڻي ڪهڻي رواج ٻين مذهبن جا ٿا اپنائين. اهي ته ڪلياڻ جا لائق نه آهن. گروگوبندسنگ
جي صاحبزادن کي ڪيتري نه لالچ ۽ ڪيڏا نه دک ڪليش ڏنا ويا، پر هو هندو ڌ
تي پڪا رهيا ۽ جيئري ڀاٽڪي ڀتين ۾ پورايائون، پر ڌرم تان هٽڻ مؤل نه قبول ڪيائون
حقيقتراءِ ننڍو ٻالڪ ٿي ڪري به هندو ڌرم تي پڪي رهڻ لاءِ سر ڏنو، پر ڌڙڪن
لالچ ملندي به نه هٽيو. اسان کي ڄاڻڻ گهرجي ته اسان جو ڌرم روءِ زمين تي سڀ
کان اُتم ڌرم آهي ۽ ٻيا سڀ ڌرم مذهب هن اسان جي آدي ڌرم مان ئي ڦٽي نڪ
آهن. وید، پران، شاستر، اوتار، گرو جهڙا ڌهه پاتشاهيون، رشي مني، سنت مهاتما
سڀ هن ڌارمڪ ڪتب ۾ ۽ هندو ڌرم ۾ ئي ٿيا آهن. ڪنهن به ٻئي هنڌ يا مذهب ۾ ا
اوتار، ڀوڏا ۽ سورما پيدا ڪين ٿيا آهن. اهڙا اُمولڪ ۽ پورن گيان سان ڀرپور پستڪ
گرنٿ به رڳو هندو ڌرم ۾ ئي موجود آهن. گايتريءَ جهڙو اُمولڪ منتر به اسان جي ڌرم
ئي ته آهي پر اسين اهو به وساري ويٺا آهيون. سڀ ڪمزوريون ان ڪري ئي اسان ج
ڌرم ۾ آيون آهن ۽ ڌن پدارٿ به گهٽيا آهن.

وزيرستان جي رهاڪن جي هڪ مثال مان پتو لڳو پوي ٿو ته هو ڄاڻلو اڻ سڌريل ما
ٿي ڪري به ٻئي ڌرم جو ٻج به نٿا پاڻ ۾ اچڻ ڏين. ڊيري اسماعيل جي ٽانڪ شهر ۾
هڪ ڪئمپ ۾ هڪ پنجابي هندو ۽ سندس زال رهندا هئا. وزيرستان جا وزير اچ
مٿن پيا. مرد ته پاڻ ڇڏائي ڀڄي ويو، پر سندس زال کين هٿ آئي جا کڻي ويا. ٨-٩ س
هوءَ ونن رهي. ڪو وجهه ملڻ ته ڀڄي ٽانڪ ۾ آئي. مائيءَ اچي اُتي عرض ڪيو
سندس گذاري جو ڪو بندوبست ٿئي. پڇڻ تي ٻڌايائين ته مونکي ٻارهن دفعو گر
نيو، پر ٻارهن ئي دفعا هنن اهو گرڀ ڪيرائي ڇڏيو. هنن جو خيال هو ته ما
هندو آهي، سو هن مان جو ٻچو پيدا ٿيندو، اهو سندن قوم جو دشمن ٿي پوندو ۽ سند
قوم کي ناس ڪندو! ليڪن ڏسو ته هندو ئي لوڀ ۽ لالچ ۾ يا مورکتا وچان ٻيا غير مذه
اختيار ڪن. ڌرم تي پوري رهڻ سان ئي شڪتي اچي سگهي ٿي. هندو ڌرم اڄ ڪمز
آهي، ڇو ته اشت ديو جي اُپاسنا ۽ منتر جو جاپ ڇڏي ڏنا اٿئون. گرو نانڪ ديو هند
ڌرم جي ڪيڏي نه مهما ساريءَ دنيا ۾ پکيڙي؟ مڪي مديني ۾ هنن جي اکيان حضر
محمد جي قبر به جهڪي سجدو ڪيو. جن قاضين ۽ مولوين مٿن ظلم ڪيا ۽ کين دک ڏ
اهي به آخر اچي سندن شرن پيا ۽ کين خدا جو روپ ڄاتائون. گروجن اُتي شڙلنگ اسد

ي ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ٣٧. [اِن پاپ ڪرائڻ وارو] ڪام ئي آهي، جو ڪروڌ روپ ي ٿو ۽ رجو گڻ مان اُتپن ٿيل آهي ۽ مهاپيٽوڙي ۽ مهاپاپي آهي. هن سنسار انهيءَ ڪام کي ئي تون وڏي ۾ وڏو ويري ڄاڻ.

هت ڪام جو مطلب آهي ڪامنا ۽ نہ رڳو ڪام وشيہ ۽ جنهن کي ۾ ڪامنا ئي چئي ٿهجي ٿو. اندر ۾ رجو گڻ جو زور آهي تہ ڪامنائون پيئون اُٿنديون. ڪا ڪامنا پوري لي تہ ڪروڌ ٿيندو. بالڪ کي کير نٿو ملي تہ هو ڪروڌ وچان رئي ٿو. اهي ڪام ۽ روڌ وڏا پيٽوڙي آهن، ڇو تہ ڪيترا ڀڳيہ آدي ڪرم ڪري دنيا جا پدارٿ يا سرڳ ي سک حاصل ڪجن تہ بہ ترپت نٿا ٿين. ترشنا لڳي رهي ٿي. اهي وڏا پاپي آهن، ڇو تہ ڪيتري ۾ پوڄا پاٺ تپسيا ڪجي، گايتري پڙهجي، ويد شاستر اُٿلائجن، ند پاٺ رکائجن يا ٻڌجن، تڏهن بہ ڪامنا دور نہ ٿيندي ۽ ڪامنا پوري ڪرڻ جي پ وچان انسان گهڻيئي پاپ ڪرم ڪري ٿو. اِن ڪري گيان مارگ ۾ ڪام هڪ وڏو شمن آهي.

اي من لوڀي لالچي، آکي مؤل نہ لڳي،
ڪني سڻندا اکين ويکي، واٽي مؤل نہ لڳي،
ڀڳوت گيتا پڙهندي ويکي، پڙن هلاري وڳي،
هرگوبند سڀ لڙهندي جاندي، ڪام لهر دي اڳي.

زهريلو نانگ بہ منتر کي مڃي ٿو، پر هي اسان جو من ڪامنائن ۾ ڦاسي ويد شاستر ڙهندي بہ هن جي سڪيا تي نٿو هلي ۽ مچهس واسنائون اُٿنديون ٿيون رهن. گرو جن منتر پڙهون، باڻي پڙهون، ويدن جا پاٺ ڪريون، تہ بہ من ڪامنائن کان باز مور نٿو ي ۽ سڀ ان ڪامنائن روپي لهرين ۾ اُنهين لڙهندا ٿا وڃن، جيئن پوڏ جي پاڻيءَ ۾ وڻ وُٿا. ڪام ۽ ڪروڌ ٻئي رجو گڻ مان پيدا ٿين ٿا ۽ اِنڪري انهيءَ رجو گڻ کي جڙ کان زڻ لاءِ ستوگڻي کاڌو کائجي، ستوگڻي وهنوار ڪجي، تہ پوءِ نہ ڪامنائون اُپرنديون ۽ ڪو ڪروڌ اُٿي ٿيندو، جو پاپ ڪرم ڪرائي. اسان جو هلڻ چلڻ سڀ راجسي ۽ تامسي ي. اِنڪري اهو حال ٿيئون ٿو. من سالوڪي سڀاءَ جو ٿيندو تہ ڪامنائون ناس ٿي ديون ۽ پرم شانتي ملندي. ڪام ڪيئن اسان جو شترو آهي، سو ڀڳوان ٽن مثالن سان ڇهالي ٿو:

شلوڪ ٣٨. جيئن دونهين سان باهہ، مٽيءَ سان آرسي ۽ پردي سان ب ڍڪيل رهن ٿا، تيئن هي ڪام روپي شترو پرش جي گيان (ٻڌيءَ) ڍڪي ٿو.

. اِسٿول شرير جي پيدا ٿيڻ کان اڳ اَنتهڪرڻ سوڪشم اوستا ۾ ٿئي ٿو. اِن سوڪشم

سمجهندو؟ ڪو بہ پنهنجي پٽ کي چڱو نہ سمجهي ٿو غريب، گهٽ عقل وارو سمجه
جهڙي وجي ٿو ڪو ڏئو ان، عزت ۽ عقل وارو ٿيءُ بڻائي، نہ ڇا اهو سمجهہ ليکبو؟ ڌرم
اسان جو ٻئي ٿيا پٽا آهي ۽ ڪمزور هجي نہ بہ انکي زور وٺائجي ۽ نہ نہ اهو جهڙي و
ٿيو ڌرم ٿا مذهب اختيار ڪجي. ڌرم جا چار ٿيو ڇها ويا آهن: (١) سنت ٻولڻ ۽ سنت
هلڻ، (٢) لسب ڪرڻ، ورت آدي رکڻ پنهنجي ورن آشرم موجب، (٣) دٻيا ڪرڻ
(۴) دان ڪرڻ. اهي چار انگ قائم آهن نہ ڌرم ڪڏهن ڪمزور نہ ٿيندو، پر اهي چار
نسب ڏارڻ ڪرتا آهن. ڌن بہ جيڪو اڌرم سان ڪمائجي ٿو ٿيا ڪنهن ڌرم ٿي
خرچ نہ ٿو ڪجي، نہ اهو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ناس ٿي وڃي ٿو. دريوڌن دغا ڪري پانڊ
کان جوا ۾ راڄ ۽ ڌن ڦريو، پر آخر نتيجو اهو نڪتائين جو راڄ پاڻ نہ وڃايائين، پر سرو
ٿي ناس ٿي ويس ۽ پاڻ بہ مئو.

سرگوڌا ضلع جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ دڪاندار جي گهر کي پنج دفعا باهہ لڳي
هر هڪ دفعي وري نئون مڪان ٺهرائي، پر وري جلد ئي ان کي اچي باهہ لڳيس!
ٿي معلوم ٿيو نہ هو ملاوٽي گيهہ سان ڌن پيو ڪمائي ۽ ان مان ئي محل پيو اڏائي.
اڌرم جي ڪمائيءَ هٿڻ ڪري اهي باهہ ۾ سڙي ٿيا. وچس پاڻ بہ ناسيائين نہ ڌن بہ جام
ڪمايان، پر ٿا بيمارين ۾ ٿو وڃي ٿا جاٻون سڙي ٿيون وڃن! اڄ ڪلهہ نہ واپارين و
جيڪي ڏرمائو ڳوٺڙيون رکيل آهن، انهن مان بہ غريبن کي مشڪل ٿو ڪجهہ ملي، باقي
گهڻو حصو نہ وڏن ماڻهن کي چندن چڙن ۾ لڳا ڏني. اهي ڳوٺڙيون سڀ ٺهيون غريبن، بک
۽ ننگن لاءِ آهن ۽ نہ نالي ڪڍڻ واسطي چندن واسطي. هاڻي ارجن وڏيڪ سوال ٿو ڪري

ارجن چيو:

شلوڪ ٣٦. هي ڀڳون! ڪهڙي سبب ڪري هي پرش پاپ ڪرم ڪر
جي اِڇا نہ هوندي بہ زوران زوريءَ جهڙڪ ڪنهن شڪتيءَ کان گهلجي پا
ڪرم ڪري ٿو؟

ڀڳوان ٻئي اڌياءِ جي شلوڪ ٦٢ ۽ ٦٣ ۾ ٻڌايو آهي نہ وشين جي چنتن ڪرڻ ڪر
انهن سان سنگ لڳي ٿو، جو انوڀ جو مؤل ڪارڻ آهي. جيئن هڪ يوگيءَ کي درياهہ
اشنان ڪندي هڪ مڇ ۽ مڇليءَ کي پاڻ ۾ ڪلول ڪندو ڏسي، گرهست جي سکن و
جو خيال پيدا ٿيو ۽ هن وڃي هڪ راجا جي پنجاهہ ڪنيائن سان شادي ڪري، ڪام
سک ڀوڳيو، پر آخر پڇتايائين. ارجن جو سوال آهي تہ منش جو وشين طرف خيال بہ
آهي، اڇا بہ ڪانہ اٿس، سڀاءُ بہ خراب ڪين اٿس، پر ان هوندي بہ هو اڇانڪ ڪو پا
ڪرم ڪري ٿو تہ اهو ڪرم ڪهڙيءَ شڪتيءَ جي وس ۾ لڳي هن ڪيو؟ گهڻن کي اهو
شخصي آزمودو آهي.

ارجن جي هن سوال جو جواب ڀڳوان هن ريت ٿو ڏئي:

ڌن شهنشاهن کي به سنتوش نه آهي، ترپتي نه اٿن، جيتوڻيڪ اهي به رڳو پيٽ ڪاڻي
انگ ڍڪي آخر هليا ويندا ۽ ڌن، مال، راڄ ڀاڳ سڀ اُتي ئي پيو هوندو. رواجيءَ
سرح به سڀڪو ملڪيت پدارٿ سڀ زال ۽ ٻارن لاءِ ڇڏي ئو وڃي. آخر اسان کي هٿ
ا ايندو؟ جيئن هڪ گهوڙو ڏهي ڏهي ڪمائي رڳو داڻو پاڻي يا گاهه کائي ٿو ۽ پيو سڀ
ڪوچوان ئو ڪٺي وڃي؛ ليڪن اسان جو به حال آهي ۽ هرڪو داڻو پاڻي کائي سڀ ڪجهه
ن لاءِ ڇڏي ويندو. ڪنهن کي دڪان ۾ ڪير ملايون مکڻ هجن، پر اهي ڇڏي ماس
ئي نه کهڙو نه مورک ڇئبو؟ اسان وٽ ويدن، شاسترن، گيتا، گرنٿ صاحب جهڙا
مدا پدارٿ مکڻ ماکين ڪان به منا آهن، پر اسين اهي سڀ ڇڏ ٻين لاءِ رکي ويٺا آهيون؛
سين بہ نہ ڪجهه انهن مان سواد وٺي آنند پايون ۽ مدش جنم سڦلو ڪريون. جن لاءِ موهه
چان ڪوٽ پاپ ڪري ڪمايون ٿا، اهي نہ پڇاڙيءَ جو پريت پريت ڪري، گهر مان
ڪڍي وڃي لنبا ڏيئي، ساڙي ايندا. انت ڪال وقت نہ هو ڌن دولت ڪي هٿ به نہ
نڪ ڏيندا؛ نہ ڇو نہ اُن مان اول ئي پنهنجي هٿن سان ڌرم، دان پڃ ٻلي ڪجهه حصو
ڇ ڪري پرلوڪ جو توشو ڪريون؟ جيئن گهوڙو ڪوچوان جا ڇهبوڪ کائي به هن لاءِ
ڪمائي ٿو، ليڪن اسين به ڪتب جي ڀائين جا ڇهبوڪ کائي به هنن لاءِ ئي پئسا ڪٺا
ڪري رهيا آهيون ۽ ڄاڻون مڪان جوڙائي ڄڻ رڳو ڀاڙي جا ٽٽون ئي پيا ٿا هنن لاءِ ڍهون.
پ اَڌرم ڪري ڌن هنن لاءِ ٿا ڪٺو ڪريون، پر ٻڌين جا بار پنهنجي سر تي ٿا چاڙهيون
ر موهه وچان ڪجھ سمجهون نٿا! سندرداس ڪويءَ هڪ عمدي ڪوتا چئي آهي:

١. وار وار کهيو لوهه، ساوڌان ڪيون نہ هو؟
پر ممتا ڪي پوٽ (گنڙي)، سر ڪاهي ڪو ڌرت هه؟

٢. ميرو ڌن ميرو ڌام، ميرو سُت ميرو وا،
ميرو پشوءِ ميرو گرام، ڀوُلا هي ڦرت هه!

٣. لون لو پليو ڀانورو، وڪاءِ گئي ٻُنڌ ليري،
اَنسي انڌ ڪوپ گرهه، تان پر لون پرت هه.

٤. سندر کهت لوهه، نيڪ (ذري) نہ آوي لاڄ،
ڪام ڪو بگاڙ ڪي، اَڪام ڪيون ڪرت هه؟

شلوڪ ٣٩. هي ڪنتي پتر ارجن! هن ڪام ئي گيان ۽ سمجهه کي ڍڪي
يو آهي. اِهو ڪام گيانوانن جو دائمي دشمن آهي ۽ باهه وانگر وشين مان
هن به ترپت نہ ٿيڻو آهي.
مو مهراج برمابر آهي نہ ڪاما وشين جي ڀوڳن کي ڀوڳڻ مان ڪڏهن به ترپت نہ ٿي
جيئن باهه ۾ ڪاٺيون، گيهه ۽ ٻيون سامگريون وجهڻ سان هوءَ وڌيڪ وڌيڪ شعلا
ي ٿي ۽ شانت نٿي ٿئي، ليڪن هن سنسار جا ڪمترا ۽ ڪاٺا پيتا، سون، چاندي ۽ ٻيا

روپ انتهڪرڻ ۾ رهندڙ ٻج ۽ پاپ ڪرمن سان اسٿول شرير پيدا ٿئي ٿو. پوءِ انتهڪرڻ اسٿول شرير ۾ ڪم آڏي ذهن ورتين کي پراپت ٿئي ٿو. ان طرح اهو ڪم اسٿول شرير ۾ اچي اسٿول ٿئي ٿو ۽ سندس اُصلوڪو سوڪشم روُپ اٿين ٿو ڍڪجي وڃي، جيئن دونهي ڪري باھ. وشين جي خيال ڪرڻ سان اهو ڪم وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو يعني ”اسٿول تر“ ٿئي ٿو ۽ اڳي کان اهو وڌيڪ ٿو ڍڪجي وڃي. جيئن مٽي لڳڻ ڪري درسني ڍڪجي ويندي آهي. وشين کي ڀوڳي اهوئي ڪم تمام وڌو يعني ”اسٿول تم“ ٿي پوي ٿو. جيئن ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار ٻردي ۽ ڪل ۾ ويڙهيل هوندو آهي ۽ ڪيس ڪڍڻ لاءِ اها ڪل چيرڻي پوندي آهي. اهوئي ڪم اسٿول شرير ۾ ٽن جدا جدا حالتن کي پراپت ڪري ٿو ۽ گيان کي ڍڪڻ لاءِ اهي ٽي درجا ڪامنائن جا آهن. هرڪو پنهنجي پنهنجي هردي ۾ جهاتي پائي ڏسي ته ڪامنائن جي ڪهڙي درجي ۾ آهي ۽ اسٿول، اسٿول تر يا اسٿول تم؟ اهو هرڪو پاڻ سمجهي سگهي ٿو. ڪامنا ٿوري آهي ته ڪروڌ به ٿورو ٿيندو، وڌيڪ آهي ته وڌيڪ ٿيندو، پر جي تمام گهڻي آهي ته ڪروڌ به بلڪل گهڻو ٿيندو. چور چوري ڪري ٿو ته ڪامنا وس ٿي ۽ ڌاڙو ڌاڙا هڻي ٿو ۽ خوني خون ڪري ٿو، سو سڀ ڪنهن نه ڪنهن ڪامنا اَرٿ. جي ڌاڙي هڻندي ڪو آڏو اچيس ٿو ته ڪروڌ وچان ڌاڙيل هن جو خون به ڪري ٿو وجهي. يعني ڪامنا مان ڪروڌ ٿيو ۽ پاپ ڪيائين. اسان کي هر وقت سجاڳ رهي ڏسڻ گهرجي ته اندر ۾ ستوگڻ جو زور آهي، رجوگڻ جو يا تموگڻ جو. ستسنگ جو ضرور اثر آهي ته رجوگڻ ۽ تموگڻ کي هٽائي ستوگڻ ڌارڻ ڪجي. ياد رهي ته وشوامتر رجوگڻي ورتيءَ تي فتح پائي، ساتوڪي ورتي حاصل ڪئي هئي ۽ راج رشيءَ مان برهم رشي ٿيو هو.

جل صاف آهي ته سورج جو عڪس به اُن ۾ صاف پوندو ۽ درسني صاف آهي ته منهن صاف ڏسڻ ۾ ايندو. ان طرح انتهڪرڻ ساتوڪي آهي ته آتما جو درشن ٿيندو. انتهڪرڻ کي ساتوڪي بڻائڻ لاءِ جڳائي ته آهار وهنوار سڀ ساتوڪي هجي. راوڻ ڪامنا رکي سيتا کڻي ويو ۽ پنهنجي بند ۾ به هر هر هنڪي پنهنجي ڪامنا پوريءَ ڪرڻ لاءِ ستائيندو هو، پر جڏهن سيتا بلڪل صاف طرح جواب ڏنس، ته ڪروڌ وچان تلوار ڪڍي کيس مارڻ ٿي آيو پر مندودري اُن وقت ساڻ هئس، اُن روڪيس ۽ هن هڪ مهيني جو وڌيڪ مدو سيتا کي ڏنو. ان ڪري سنت مهاتمائون سڀ ڪامنائون ۽ ترشنائون گيان روپي سمنڊ ۾ لين ٿا ڪن ۽ ٻين کي به اهوئي ٿا اُپديش ڪن ته اُنهن مان ڪجهه به سک نه ملندو آهي. ان ڪري اُنهن کي دک روپ ڄاڻي، اندر ۾ اچڻ به نه ڏيو. پراربڌ انوسار جيڪي ڀوڳ پدارٿ مليا آهن، سي پاڻهي ملندا. ڪامنائن رکڻ سان اهي وڌندا ته ڪونه هيڪاري مرضيءَ موافق نه مليا ته دک ڏيندا.

سهجو ٻائي ڀڳتياڻيءَ لکيو آهي ته جپ کي ڪمرين ۾ سٺين شين ڪارڻ ۾ هوءَ رکي رهندي. ان طرح ڪامنائن سان ڪمرو به ڀريو پيو، پر من ٿو پُٺ نه ٿيندو. وڌن

ر گڏجي ڪاهه ڪن ٿيون. جي ٻڌيءَ کي سٺ اَسٺ سمجهڻ جي طاقت آهي ته اِندريون
لڙا من ٻنهي کي هوءَ روڪي وس ۾ رکي ٿي؛ پر جي ٻڌي ئي ڪمزور ٿي، ههڙن سان
لي وڃي ته وشيه ڪامنائون ضرور پيئون پيدا ٿينديون، جيئن راجا، وزير ۽ فوج هڪ راهه
ها ٿيا ته ڪيئن نه اُهو ڪم ضرور ڪندا؟

ڪام (ڪامنا) پيدا ٿيڻ ۾ موهه يعني اگيان پيدا ٿو ٿئي يعني هن جي سمجهه قائم
ڻي رهي ۽ منش ڀوڳن ڀليان ڀوڳڻ ۾ پاپ ۽ پڃ جو وچار وساري ڪيئن به ڪري اهو ڀوڳ
رايت ٿو ڪرڻ چاهي؛ جو نه اُن وقت هوُ اُن ڀوڳ کي سکدائي ٿو سمجهي، جيتوڻيڪ اُن
ر هوُ سراسر غلط هوندو آهي.

جهنگل ۾ نانگ هڪ ڪئي جهڙي جانور ڇڇوندر کي کائڻ لاءِ پڪڙيندو آهي، پر هن
کي ڀليءَ ٿي ڪجهه ڪندا هوندا آهن ۽ ڇهڙيءَ جو اُلڙ اهڙو اُلس جو نانگ سمجهندو
آهي ته هن کي کائيندس ته ڪوڙهيو ٿي مرندس. پر ڇوندا آهن ته نانگ جي اُن کي
ڇڏيندو آهي ته هو وري پنهنجي ڇنبي سان نانگ جون اکيون ڪڍندو آهي. اِنڪري
نانگ نه هنکي کائيندو آهي ۽ نه ڇڏيندو اُٿس. اسان جو من به اُن نانگ وانگر آهي ۽
سنساري پدارٿ، گرهست جو موهه وغيره، اُن ڇڇوندر وانگر آهن. من هنن کي پڪڙيو
آهي، اُنهن ۾ مزا اُٿس. موهه وچان هنن کي ڇڏي نٿو، پر اُنهن مان ڏک ٿو پائي. جي
ڇڏي ٿو ته موهه روپي ڇنبو ٿو لڳيس ۽ گيان روپي نيتر نڪري ٿا وڃنس يعني هوُ موهه
۾ اَنڌو ٿيو پوي ۽ مهاڏکي ٿو ٿئي. پر آخر ڇا ڪجي؟ نانگ کي ڇٽڻ لاءِ ته ڀڳوان هڪڙو
اُپاءُ ٻڌايو آهي، اِن طرح اِنسان جي ڇٽڻ لاءِ به اُن جهڙوئي اُپاءُ آهي.

نانگ اُن ڇڇوندر کي جهاي پاڻيءَ ۾ هلبو وڃي ۽ اُتي هن کي ڇڏي، يڪدم هيٺ
ٻي ڏئي ته پوءِ ويندو؟ هوُ اکين ٿي ڇنبو هڻندو ته اهو پاڻيءَ کي لڳندو ۽ نه نانگ
ي. اِن طرح سنسار جي وشين کان ڇٽڻ لاءِ ستسنگ روپي جل آهي، جنهن ۾ ٽبين ڏيڻ
سان ڪليش ۽ ڏکن جي لهر لهي ٿي وڃي. پو ڪو وسيلو ڪونه آهي. جيون مڪت پرم
رايڻ سنڪادڪ به اهو ستسنگ ڪندا هئا. سماڌيءَ مان اُٿي به ستسنگ وڃي ڪندا هئا.
سنساري لوڪن لاءِ ته اهو بلڪل ضروري آهي ۽ وشين جي ڀوڳن ۽ گرهست جي جنجالن
ان جي ڏک ٿا ملن، اُنهن کان ڇٽڻ جو هڪ ئي علاج آهي. ستسنگ ۾ به اِهوئي علاج هو
هالي به اِهوئي آهي. ڀڳوان رامچندر ستسنگ جي مهما ٿي بلڪل اُمولڪ اُپديش پنهنجي
ائون، هنومان ۽ ٻين کي ڏنا آهن.

دنيا ۾ ٻه مارگ آهن هڪ سٺ مارگ ۽ ٻيو اَسٺ مارگ. سٺ مارگ ٿي جيڪو
لي ٿو، اهو گرهست جي ڏکن ۽ ٻين کان ڇٽي ٿو وڃي، پر جيڪو اَسٺ مارگ وٺي ٿو،
هو ڏک ئي ڏک ڀوڳي ٿو. ڀڳوان ولم ڀاڻ چيو آهي ته سٺ مهاتمائون چندن جي وڻ
سريکند) جيان آهن ۽ دشٽ پرش ڪهاڙا آهن. ڪهاڙا چندن ٿي هڻن ٿا ته به چندن ڪين
وشبوءِ ٿو ڏئي. اهو چندن راجائن، ديوتائن ۽ ٻين جي مستڪن تي چڙهي ٿو، پر ڪهاڙو

پدارٿ، سندر استريون، گهوڙا هاٿي، محل مڪان وغيره ڪامنا واري پرش کي ملن،
ٿا هو ترپت نٿو ٿيندو. اهي ته وڌيڪ ترشنا رکندو. ڪام آهي ئي ويري سڀني جو، پر سنساري
ماڻهو ان کي چڱو ٿا سمجهن ۽ هڪڙن پليان ٻيون ڪامنائون ڪندا رهن ٿا، پر ڀڳوان
چوي ٿو ته اهو گيانوانن جو نت ويري آهي. هن کي هو ڪيرائڻ ٿو چاهي، جو ته ترپت
ڪداچت نٿو ٿئي ۽ جيئن گيانوان ڪانئس دور ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، تيئن هو ڪين
وڌيڪ ڪيرائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اها ڪامنا جڏهن سنساري پدارٿن کان هٽائي
پرماتما ڏانهن لاڙجي ته ڀڳوان جي ملڻ جي سڪ وڌندي رهندي ۽ سنساري اڇائون
ٿي وينديون، جو ته ڪامنا يا اڇا هڪ طرف ٿي رهي سگهي ٿي.

سڀي اڇان پوريان، جان پاپا اگم اپارا،
گرو نانڪ مليا پار برهم، تيري چرنان لون پلهارا.

ڪي چون ٿا ته ماءُ ٻالڪ کي ڪيترو نه پيار ٿي ڪري، پر هوءَ ته هن کي رلڻ کان
سواءِ ڪين نٿي پياري. انڪري ڪامنائون ۽ اڇائون رکي پرماتما کان گهرڻ ۾ ڪو دوش
نه هئڻ گهرجي. پر جن کي پرماتما ۾ پورن وشواس آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته هوءَ اسان جي
اندر کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته اسانکي ڇا گهرجي ۽ اسان لاءِ ڇا چڱو آهي، پوءِ
ڪجهه گهرون ڇا چاهيون؟ مطلب ته ڪامنائون ۽ اڇائون رکڻ چڱيون نه آهن، پر جي رکڻ
چاهجن ته ۾ پنهنجي اشٽ ديو پرماتما لاءِ رکجن ۽ نه دنيوي پدارٿن لاءِ.

ڪو جهاز سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي. هڪ ڪانءُ پڻ ٿو وڃڻ چاهي، ته ان سمنڊ
تان ڪيترو اڏامي ڪيترو سگهندو؟ آخر ٿڪجي پوندو. پر جي ان جهاز تي ويهي رهي
ته وڃي پري پري نڪرندو. من ۾ هن ڪانءُ وانگر آهي. گهڻوئي ٿو ڊوڙي، پر شانتي
تڏهن ملندي پس، جڏهن پنهنجي آتما ۾ ٿي آسرو ۽ ڌيان رکندو. ٻاهر ڀٽڪڻ مان ڪجهه
حاصل نه ڪندو. من وشين ۾ آهي ته ٻنڌن ۾ آهي، پر جي من ۾ ڪي به ڪامنائون نه آهن
ته موڪش ۾ آهي.

شلوڪ ٤٠. اندريون (٥ گيان ۽ ٥ ڪرم)، من ۽ ٻڌي، اهي ان ڪام
جي رهڻ جا آستان آهن. انهن دوارا ڪام گيان کي ڍڪي، جيو کي موه
۾ وجهي ٿو.

جڏهن دشمن جي رهڻ جي جاءِ جو پتو پوندو آهي، تڏهن ان کي ڳولي مارڻ سولو ٿيندو
آهي. ان طرح ڀڳوان هوشيار ڪمانڊر وانگر ارجن کي ڪام جي رهڻ جا آستان ٿو ٻڌائي
ته هو آسانيءَ سان هن تي وار ڪري، ڪيس ناس ڪري سگهي. جڏهن اندريون سان
ماي ٿو، تڏهن پوءِ ٻئي ڳڏجي ٻڌيءَ کي پاڻ ساڻ ڦاسائي، انسان کي ڀلائي پاپ ڪرم
ڪرائين ٿا. اندريون ته هر وقت وشين ۾ پرورت ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جيئن
ٻڪري گهڙي ۾ ڏاول هجي ته ٻه گاهه ۾ پوءِ وجهندي، پر جيڪڏهن من ساوڌان آهي
تڏهن اندريون ڪجهه به نه ڪري سگهنديون. پر اندريون آهن ڏاڍيون زوراور ۽ من کي
هڪ ڪرڻ جا هو انيڪ جتن ڪن ٿيون ۽ هڪ واريءَ اهو هڪ آهن ته پوءِ ٻڌيءَ

لڳي ٿو ته اهڙو خيال نٿو ٿئي، پر اکيون، ڪن، نڪ وغيره گيان اندرين کي لڳي ٿو ته وڏيڪ خيال ليندو آهي؛ اُنهن کي ڄاڻڻ جو وڏيڪ اونو ليندو آهي، جو ته اهي اسٿول شرير کان سريشٽ آهن. من ۾ سنڪلپ وڪلپ نه هجن ته اندريون ڪجهه به ڪري نه سگهن ته چئبو ته اندريون من جي وس ۾ آهن. جي من ٻئي طرف آهي ته اکيون ڏسندي به نه ڏسن، ڪن ٻڌندي به ڇا ڪونه ٿا ٻڌن؛ نه اهي ڳالهيون ياد ٿيون رهن ته چئبو ته اندرين کان من اُتم آهي. من ۾ برا ۽ چڱا ٻئي خيال اُٿندا رهن ٿا. من جا ٻه حصا ڇيا ويا آهن: شڌ ۽ اشڌ. شڌ حصي ۾ خيال يا سنڪلپ آهي ته ستسنگ ۾ هلجي پر اشڌ حصي ۾ خيال ٿو ته اُتي ڇا وڃي ڪبو؟ اُجايو ٻڌڻ ليندو. چونه فرصت وٺڻ لاءِ ڪٿهن باغ ۾ يا سئنيما وغيره ۾ وڃجي؟ ٻنهي من جي حصن ۾ جهڳڙو هلي ٿو. جي شڌ من جو زور آهي ته ضرور ستسنگ ۾ وڃبو، پر جي اشڌ من وڏيڪ طاقت وارو ثابت ٿيو ته ان شڀ سنڪلپ کي دٻائي ويندو. آخر من جو جيڪو پڪو خيال ٿو ٿئي، اُن کي عقل يا ٻڌي ٿو ڪرائجي. ٻڌي من کان سريشٽ آهي، جو آخرين فيصلو (چڱو يا برو، اها جدا ڳالهه آهي) ڏيندڙ اها آهي. اُن ٻڌيءَ کان مٿي يا سريشٽ آهي آتما، جو سڀني جو ساکي ۽ اندرين، من ۽ ٻڌيءَ الڳ شرير سڀني کي سَتا ڏيڻ وارو آهي. اهو هليو وڃي ته نه شرير، نه اندريون، من ۽ نڪي ٻڌي ڪوبه ڪم ڪري سگهنديون. سڀني کي طاقت، سونهن، ملهه ڏيڻ وارو آتما آهي. اها آتما روپي چيتن شڪتي وڃي ته شرير، اندريون، من، ٻڌي سڀ جڙ روپ ٿي پونديون. ۽ مڪ مان ڳالهائڻ به ڪونه نڪرندو؛ سڀڪو مُڙدو ڄاڻي جلد گهر مان ڪڍي ۽ ساڙي يا پوري اُن جو بندوبست ڪندو.

شرير ۾ هڪ اندري بگڙيل هجي ته ڪيڏو نه ڏک ٿئي ٿو؟ من ۾ خرابي هجي ته کان به وڏيڪ ڪليش ليندو، پر جي ٻڌي يا دماغ خراب ٿيو ته سارو ڪم بگڙي ٿو. ليڪن جي آتما هليو وڃي ته سڀ مٽيءَ جو ڍير ٿي ڪري پوندو. ويدن ۾ آيو آهي ٻڌيءَ کان پري ٻڌڻ جو لنگ آهي؛ ان کان پري مايا آهي؛ مايا کان اوچو آتما يا پُرش ۽ ان آتما کان پري يا اُتم ٻيو ڪجهه ڪين آهي. چيتن شڪتي وڃي ته پيارا پاٽي ۽ مترَ ۽ دوست به گهر ۾ به رهڻ نه ڏيندا. ظاهر آهي ته سڀني جو سنچالڪ آتما آهي.

شلوڪ ٤٣. هي ارجن! اهڙيءَ طرح ٻڌيءَ کان سريشٽ آتما کي ڄاڻي کي آتم گيان سان وس ڪري، تون ڏاڍو ڏکيو وس ۾ ايندڙ ڪامنا روپي روءَ کي مار.

سنسار ۾ ڪي شرير کي ئي سڀ ڪجهه ٿا مڃين. جن مرڻ ان جو ٿا سمجهن. آتما ڪجهه نٿا سمجهن. سرڳ نرڪ ڪجهه نٿا مڃين. ڪي اندرين کي، ڪي پرانن کي، ڪي کي، ته ڪي وري ٻڌيءَ کي ٿا آتما سمجهن. سچ پچ ته جو سڀني جو ساکي ۽ شروشٽي آهي، اهو انهن سڀني کان نيارو ۽ پَري آهي. اندرين کي جي آتما مڃو ته اک ٻه

۽ وري لوهار جي آڳيءَ ۾ پئي ٿي لو ۽ وري مٿهن تي متان هٿوڙا ٿا لڳنس. دشمن
جو ۽ اهو حال آهي. هو ٻہ جا ڏک ڪاٽي دکي ٿين ٿا. سڀ مهاتمائون ۽ ڪين گهڻو ٿي
اپديش ڏيئي، سک ڏيڻ ٿا چاهين، پر هو هيڪاري هنن سان ٿي وير ٿا رکن ۽ سيد
ٿيندا ٿا ڪن. ستسنگ ۾ لعل هردا ۽ ٿڌا ٿيو پون ۽ من شانت ٿئيتو. سارو سنسار ڪامنائن
۾ لڳو پيو آهي. انهن کان ڪيئن ڇٽجي، اهو ڀڳوان سمجهائڻ لاءِ اول هنن جي رهڻ جا استان
ٻڌايا ۽ هاڻي وڌيڪ ٿو ٻڌائي.

شلوڪ ٤١. ان ڪري هي ڀرت ڪل ۾ سريشٽ ارجن! تون اول اندرين
کي وس ۾ ڪر ۽ انهن کي روڪي ۽ پنهنجي نيم ۾ آڻي، گيان (عقل) ۽ وگيان
(آتم ٻڌ) کي ناس ڪندڙ پاپڻ جي مڙل ڪام کي ٽڙي ڪڍ.

جن کي اُنهي گيان حاصل ٿيو آهي، انهن لاءِ ڪوبہ ڪرم ڪرڻ ضروري نہ آهي
پر نہ ٻہ جي ڪو ڪارج هو ڪرڻ ٿا ڪن نہ ڪمزوري اچي ٿي. شرير جي اندرين کان جيڪ
پوريءَ طرح سنجهر سان ڪم ولي ٿو، انهن جو شرير بلڪل تندرست ۽ ٽيجوان ۽ بلوان رهيو
پر جيڪي ناجائز ڪم اندرين کان وٺن ٿا، انهن جي شرير جو ٻہ برو حال ٿو ٿئي. ڪي چوندا
۽ راڪس ۽ دئت نہ بلڪل تامسي ۽ راجسي سڀاءَ جا آهن ۽ انيڪ ظلم ۽ ڪوتا ڪم ۽ پاپ
ڪرم ڪن ٿا، پر ان هوندي بہ بلوان آهن. مگر هنن جو رڳو ٻاهريون استول شرير نہ ڏسڻ
گهرجي، ليڪن انهن جون وڙليون ڏسبيون، نہ پتو پوندو نہ دل ڪهڙي نہ ڪمزور الس
هنن جي من ۾ استر ٻڌي نہ بلڪل ڪانہ ٿي ٿئي. سالڪي ڪاڏي پيتي وارا ڪٿي شرير
ٿلها متارا نہ ٿا ڏسڻ ۾ اچن، پر هنن ۾ آتمڪ ۽ مانسڪ بل گهڻو ٿو ٿئي. اندريون اول
روڪ ۾ آڻيون، نہ پوءِ ڪامنائون پاڻيهي ڇڏي وينديون.

شلوڪ ٤٢. اندريون (ڪرم اٺوا گيان اندريون) استول شرير کان
سريشٽ آهن، من اندرين کان مٿي آهي ۽ من کان اوچي ٻڌي آهي ۽ پر جو
ٻڌيءَ کان بہ اُتم آهي، اهو آهي آتما.

اتم جو مطلب هنن رهڻ آهي: شرير استول آهي ۽ ان ۾ پنهنجي ڪا بہ طاقت ڪانہ
آهي، جڙ جز اوستا ۾ آهي. اندرين ۾ قدرت جي شڪتي آهي. اکين ۾ سورج تت جو
حصو آهي، جنهن ڪري ڏسن ٿيون، ڪنن ۾ آڪاس تت جو گڻ آهي، جنهن ڪري ٻڌن
ٿا. ان طرح رسنا ۾ جل تت جو انس آهي ۽ هوءَ سواد سمجهي ٿي. ناسڪا ۾ سگنڌيءَ
جي طاقت آهي جو پرٿويءَ جو گڻ آهي. چمڙيءَ کي سپرش ڪرڻ جو گيان آهي، جو
وايو تت جو گڻ آهي. پنجن ئي تتن جي سالڪي حصي مان مٿيون ٥ گيان اندريون ٺهيون.
رجو گڻ مان پنج ڪرم اندريون ۽ تمو گڻ مان استول شرير. تمو گڻ کان رجو گڻ سريشٽ
آهي ۽ رجو گڻ کان ستو گڻ اتم آهي. ان طرح اندريون شرير کان سريشٽ ليکيون ليکجن.
سڀ اندرين کان ۽ ٻڌي من کان اوچي آهي. اهو نہ ظاهر آهي نہ ڏک پئي ڪنهن هند

...رين ته ٻيءَ وري اِندرين جا سک ماڻيندا سين. پر جيئن آتما جو درشن ڪمر آهي، اُن
... وشين ڀوڳڻ جي اڇا کي نٿي رهي. ٤٢ شلوڪ ۾ جو ٻيو ٻيو لفظ ڪر آندل آهي،
... پر نالو برهم جو آهي، جو سڀ کان پري يعني اتم آهي. راڄ دوار ۾ نه ٻيو ٻيو
...ا وهندو آهي ۽ هن کان ٻيو ڪير نه هوندو آهي. سو جيئن اُن ٻيو (برهم) کي ڏٺو،
...جون سڀ واسنائون ۽ اڇائون دور ٿي وڃن ٿيون. اهو ٻار برهم سڃاڻي من کي روڪڻ
...وجي، ته ٻيءَ ڪام جهڙو ٻلوان ويري بہ پاڻهي هٿ وس ۾ ايندو. اهوئي سڀني جو
...ي ۾ وڏو شترو آهي. اُن کي قابو ڪرڻ سان اُن آتما جوگيان ضرور ٿيندو؛ ته ته ڪامنائن
...ب ٻرڙي نه ٿيندي. ارجن کي ڀڳوان سوال جو جواب اِهوئي ڏنو ته ڪامنا ئي آهي، جا
...ريءَ ماڻهوءَ کي پاپ طرف وٺي وڃي ٿي. اُن جي جيتڻ لاءِ ٻار برهم جي شرن وٺجي
...ڏي وس ۾ ايندي. ٻڌي وس ۾ ٿي ته من وس ٿيندو ۽ ٻيءَ اِندريون پاڻهي قابوءَ
...رهنديون.

اندري آهي ته ٻوھ جنھن کي اک نه آهي نه ڄا ان کي نه ٻڪدم مري وڃي کھرجي
خاص ڪري جي ٻڌي اکيون نه الس؟ ٻر الھن ٿي ڪين ٿو. اک، ڪن ٻا نڪ وغيره
سور ھوندو آھي نه اسين چوندا آھيون نه منھنجي اک، ڪن يا نڪ ۾ سور آھي، ٻر الھن
ڪوئي چوندا آھيون نه مون ۾ سور آھي يا مان ٿو سور ڪريان. ان مان ٿي ثابت آھي نه
"مان" جدا آهيان ۽ اندريون جدا آهن. پراڻن کي ٻه جي آتما سمجھو ته اهو به غلط آهي،
نه مڙدي ۾ به پراڻن جي حرڪت آهي. وايو اندر اچي وڃي ٿو، ٻر آتما جي ڪلا نه الس
جڏھن اسين ننڊ ۾ سمھيا ٻيا آھيون نه به پراڻ نه ھلن ٿا، ٻر ٻاهر جي ڪانه خبر اسان ڪي
ڪانه ٻوندي آهي نه ڄا ٻيو ٿي. سمھيل ماڻھوءَ کي پراڻ پراڻ ڪري سڏ ڪبو ته ھو ڪو
سڏ ڏيندو. پراڻ نه الھن آهن، جيئن ڪنھن مڪان جا ٿنڀا، ڪرڙ وغيره، جن جي آسري
شريو بيٺو آهي. پراڻ آهن ٻه ڏھ، ٻر آتما ھڪ سمجھو ويو آهي. پنج پراڻ وڏا ۽ پنج ننڍا
آهن، انهن مان ڪنھن کي آتما سمجھون؟ آتما نه پراڻن جو به پراڻ سڏيو ويو آهي. ڪيمن اپنشد
۾ صاف سمجھايل آهي ته پراڻن ڪري جيئرو نٿو رهجي، ٻر اها شڪتي ٻي آهي، جا الھن
پراڻن جو به آسرو آهي، جنھن ڪري هو هلن ٿا. اها شڪتي ٿون ٻاڪ ٻرھم آھين. سوامي
رام تيرٿ به چيو آهي:

پرانون سي جيوت نھين، جو پرانون کي پران ؛
سولي وهه آتما، سو ھنگ سو پهچان.

جي من کي آتما سمجھو ته من نه چنچل آهي ۽ جڙ وستو آهي، ٻر آتما نه ست چت آنند
روپ آهي، سو من ڪيئن آتما ٿيندو؟ ٻڌي به آتما نه آهي. ٻڌي ڪن جي ٿيو ۽ ڪر
جي مدد يا جڙ آهي، نه ڄا آتما به ڪڏھن ٿيو ۽ ڪڏھن ٻدلو ٿي سگھي ٿو؟ ٻر الھن نه
آهي. هو هر هميشه هڪ جهڙو آهي، نه گھٽجي ٿو ۽ نه وڌي ٿو، نه بدلجي ٿو ۽ نه ناس
ٿو ٿئي. جيئن سج ڪري ٿو ته گند جي ڍير، ڪير، پاڻيءَ، مل مؤتر، گندي پاڻيءَ سڀ
سعدس ڪرتا ٿين ٿا، ليڪن آتما نه سڀني کي ستا ڏئي ٿو، ڪلي ڪو ٻڌيءَ وارو آهي
ڪنھن جي ٻڌي ناس ٿي وڃي آهي. ٻڌي جنھن جي ناس ٿي وڃي ٿي نه اهو ماڻھو ڪ
مري ڪوئي ٿو وڃي. ان ڪري ثابت ٿيو ته آتما انھن سڀني کان جدا، متي، سربشت ۽
انهن سڀني کي ستا ڏيندڙ ساکي آهي. جڏهن اسانجو انتھڪرڻ شڌ ٿيندو نه پاڻھي ھي
سڀ ڪجھ سمجھ ۾ ايندو.

اسٽر ٻرکه مهاتمائن جا لڇڻ ٻڌائيندي ڀڳوان ٻڌايو آهي ته هو اندرين کي الھن ٿا وس
۾ رکن، جيئن ڪڇون پنھنجي انگن کي مرضيءَ موجب ٻاهر ڪڍي يا اندر لڪائي سگھندو
آهي. جيڪي اندرين کي وس ۾ نٿا رکن، اهي اسٽر ٻڌيءَ وارا ڪونھا. اهو به ڀڳوان
ٻڌائي آيو آهي ته ٻوري وقت لاءِ يا زوريءَ ٻيا ڏيکاءَ لاءِ اندرين کي ڪي ٻرش سنجم
رکن ٿا، سو اهي ڪو اسٽر ٻڌيءَ وارا نه ليکبا. هو اندر ۾ نه واسنائون رکي ويٺا هوندا
آهن نه ورت ٻورو ٿي، نماڻيءَ مان جاڳ ٿيون، ٿيڪ مان ٽڪرون، ٿيسا ڪري ٻوري

نهي. وقت گذرڻ کان پوءِ اهو ڄاڻ گم ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ڀڳوان ارجن کي ي اوڙ مان توکي وري ظاهر ڪري ٻڌايو آهي. اڄ ڪلهه ڪنهن کي ٿوري ئي شڪتي ، ٿي ته ڇوي ٿو ته اسان پاڻ ڀرگهٽ ڪئي آهي يا سندس چيلا ٿا اهڙو ويچار ڪن، ان لوڪيءَ جو مالڪ ٿي به اهڙو ايمان نٿو ڪري. ارجن کي ڀڳوان ويرن جا ڏهڪاءُ ري ان ڪري ٿو ڪرڻي، جو هو ڄاڻي ٿو ته هو ڪام آدي زبردست شترن کي جيتڻ سمرٿ آهي.

شلوڪ ٣. اهو ساڳيو پراڻو يوگ جو بلڪل سريشٽ ۽ گپت گيان آهي، مون توکي اڄ ٻڌايو آهي، ڇو جو تون منهنجو پرم ڀڳت ۽ سچو مِتر ين. هي اُتم ۽ گجهو رهسيه آهي.

جڏهن هن ريت ڀڳوان فرمايو ته ارجن کي شڪا ٿي ۽ هن ريت چوڻ لڳو:

رجن چيو:

شلوڪ ٤. اوهان جو جنم ته پوءِ ٿيو آهي ۽ سوريه ته آد ڪال آهي؛ پوءِ ڀڳوان! مان ڪيئن سمجهان ته اوهان اهو يوگ سوريه کي ٻڌايو هو؟

ارجن جو مطلب آهي ته ڀڳوان ڪرشن ته واسديو ۽ ديوڪيءَ وٽ هاڻي جنم ورتو ۽ د ٻاٻا وٽ ليلا ڪئي ۽ سو سوريه ديوتا کي ڪيئن اپديش ڪيو هوندائين؟ ڀڳوان ان ڪا جو ڪيس هن ريت تو جواب ڏني:

وان فرمايو:

شلوڪ ٥. هي ارجن! منهنجا ڪيترائي جنم گذريا آهن، جيئن تنهنجا به ڪ جنم ٿي ويا آهن. مان انهن سڀني جنمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو، پر هي ن جا ڏهڪاءُ ارجن! تون انهن کي نٿو ڄاڻين.

ايشور ۽ جيو جي وچ ۾ اهوئي ڀيد آهي ته ايشور سڀ ڪجهه (گذريل، هاڻوڪو ۽ دڙ) ڄاڻي ٿو، پر جيو گذريل الوا ايندڙ جنمن جو حال نٿو ڄاڻي. جيتن آتما، جو ست آنند روپ آهي، سو سروَوياپي اصل ۾ ايشور يا جيو ۾ ساڳيوئي آهي، پر مايا جي ڪري جيو ۽ ايشور ليکيو وڃي ٿو، ڇو ته مايا جا ٻه حصا آهن: هڪ شڌ ۽ ٻيو ملين. ڪو چيتن شڌ مايا سان مايل آهي، اهو ايشور آهي ۽ جو اَشڌ مايا سان مليل آهي، اهو جيوَ. ملين مايا کي شڌ ڪجي ته اهو جيو به ايشور ٿي، ان ۾ سمائجي ويندو. ان مايا شڌ ڪرڻ لاءِ ٿي اهو يوگ ۽ گيان آهي. ايشور جي اُپاڌي شڌ مايا آهي. جيئن صاف يا شيشي ۾ عڪس بلڪل سنيءَ طرح پوي ٿو، ليڪن شڌ مايا واري چيتن ۾ سرشٽيءَ صاف صاف عڪس پوي ٿو ۽ هو سروَ درشي ٿي ٿو. مهالمائون بي جيترو جيترو ڪرڻ کي شڌ ڪن ٿا، اوترو ئي سروگيتا يا اَنترياميا اُنهن ۾ اچي ٿي. ايشور جي اُپاڌي

اڌياءِ چوٿون

گيان ويراڳ يوڳ

ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پرم ڀڳت ارجن کي ٽئين اڌياءِ ۾ ڪرم يوڳ سمجهايو ۽ چتايائين ته گيان جي پراپتيءَ لاءِ اول ڪرم ڪرڻ ضروري آهن. شڀ ۽ نشڪام ڪرمن کان سواءِ انتهڪرڻ شڌ نٿو ٿي ۽ اشڌ انتهڪرڻ ۾ آتما جو درشن ڪڏاچت ڪين ٿي سگهندو. شڀ ڪرم ته سڀ ايشور ارپڻ ڪرڻ ضروري آهن يعني يگيه، دان، تپ آدي ڪرم ڦل جي اڇا جي ۽ بنا ڪنهن موهه ممت، ڀاوَ ايمان جي ڪجن ته هزارها جنمن ۾ ڪيل پاپن، ڏوهن ۽ اپراڌن جو ميل، جو انتهڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي، سو ناس ٿئي. پوءِ من جي چنچلتا يعني وکيپ کي دور ڪرڻ لاءِ يوڳ جي ضرورت ٿئي ٿي. يوڳ جا گهڻا نمونا آهن، پر گيان حاصل ڪرڻ لاءِ سهج يوڳ يا جهڙڪي راج يوڳ چئجي ٿو، تنهنجي ضرورت آهي. ان کي ڌيان يوڳ به ڪوٺجي ٿو. اهو يوڳ نه پستڪن پڙهڻ سان، پر برهم ۽ شروتري برهم نيشٽي مهاتما کان سکي سگهجي ٿو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته پورن گيانين کي ڪرمن ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي پر هو به لوڪن کي مثال ڏيکارڻ لاءِ سڀ شڀ ڪرم نشڪامتا ۽ نيم سان وڌيءَ انوسار ڪندا. پڇاڙي قسمن جا مهاڀڳيه هرهڪ گرهستيءَ کي روزانو ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. ڀڳوان ٽئين اڌياءِ ۾ اهو به ٻڌايو ته ڪرم ساڌن آهن ۽ سڀ گيان پائڻ لاءِ ڪجن ٿا يعني گيان ساڌيه آهي. هن چوٿين اڌياءِ ۾ ڀڳوان ساڌن روپ ڪرمن جا ۽ ساڌيه روپ گيان جا گڻ ورنن ڪندو ۽ اهو به سمجهائيندو ته ساڌن روپ ڪرم يوڳ يا ساڌيه روپ گيان ٻنهي جو آخر ڦل هڪڙوئي آتما جو ساڪياتڪار ٿيڻ آهي.

ويدن ۾ ٽي رستا موڪش جا ٻڌايل آهن. ڪرم يوڳ مارڳ، اپاسنا يوڳ مارڳ ۽ گيان يوڳ مارڳ. گيتا جي پهرين ڇهن اڌيائن ۾ ڪرم يوڳ، ۷ کان ۱۲ اڌيائن ۾ اپاسنا يا ڀڳتي يوڳ ۽ ۱۳ کان ۱۸ اڌيائن ۾ گيان يوڳ سمجهايل آهن. هن اڌياءِ ۾ هاڻي ڀڳوان هن طرح ٿو سمجهائي:

شري ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ۱. هي جهونو آد کان هلندڙ (سناتن) يوڳ مون پهرين سوريه کي ٻڌايو هو. سوريه منوءَ کي ۽ منوءَ [پنهنجي پٽر] اڪشواڪوءَ کي سمجهايو.

شلوڪ ۲. ائين پرمپرا کان پراپت ٿيل يوڳ راج رشين وغيره کي جاڻڻ ۾ آيو. پر هي ويرين جا ڌڪاءُ ارجن! گهڻي عرصي گذرڻ ڪري اهو يوڳ هن لوڪ مان گم ٿي ويو آهي.

ڀڳوان جي هن طرح چوڻ مان صاف آهي ته يوڳ جو مارڳ آد کان آهي، ڪرشن

...ن جيل ۾ قيدين کي ڏسڻ لاءِ وڃن ٿا ته اهي ڪو قيدي ڪونه ٿي پيا. ڪي آفيسر
...روز جي سنڀال لاءِ به اچي وڃن ٿا، پر پنهنجا فرض پورا ڪري موٽي ٿا وڃن. وڏا
...سر يا حاڪم به انتظام چڪاسي، سڌارن وغيره جا حڪم ڏيئي، وري موٽي پنهنجي
...ڪانن ڏي ٿا هليا وڃن. ڀڳوان جا اوتار به ان طرح هن پرٿويءَ تي ٿين ٿا؛ وڏا وڏا
...ءَ مهاتمائون به ان طرح هن سنسار ۾ ٻين جي اُپڪار؛ ڪلياڻ لاءِ ڀڳوان جي حڪم
... اچن ٿا.

جنم مرڻ دونهو مين ناهين - جي پر اُپڪاري آئي؛
جــي دان دي ڀڳتي لاڻن - هــر سيؤن لڳن مــلائي.

اسين ايشور کي نراڪار چئون ٿا، پر دنيا ۾ نراڪار ڪابه وستو نه آهي. نراڪار مان
...ج، چنڊ، تارا، اگني وغيره ڪيئن روشني يا تيج پائي سگهندا؟ هيءُ برهمانڊ ان
... ڪيئن اُٿي ٿيو؟ وراٽ سروپ جو ڀڳوان ارجن کي ڏيکاريو ته هو نراڪار ڪيئن ٿيو؟
... ويد شاستر ڌرم مذهب هڪ آواز سان چون ٿا ته هو ست چت آنند روپ آهي. اهي
... نراڪار جا ڪيئن ٿي سگهندا؟ جا شيءِ ست آهي، اها ضرور هوندي. چت يعني
...پرڪاش ڪرڻ وارو، سو نراڪار وستو ڪيئن پرڪاش ڪندي؟ ڪو چوي ته مونکي
... ۾ جپ ڪانهي ته ڪيئن اعتبار ڪبو؟ جو لب جپ کان سواءِ ڳالهائي ڪيئن سگهيو؟
...ڪار روپ ته نه ست، نه چت ۽ نه آنند ٿي سگهي ٿو. ڪا شيءِ هوندي، تڏهن ته هن
...آنند ايندو؟ ايشور نراڪار آهي، پر اوسيتائين، جيستائين اسان جون اندريون نٿيون
... ڪري سگهن؛ پر جنهن هي سارو برهمانڊ پيدا ڪيو، اُن لاءِ چئون ته ڪابه هستي نه
...، سو ڪيئن ٺيڪ ليکبو؟ هو ته نت آهي، ابناسي آهي، سڀني جو مالڪ آهي؛
...جي مايا ۾ استت ٿي سرشٽيءَ جي جيون جي ڪلياڻ لاءِ اوتار وٺي ٿو؛ اسان کي اکيان
... اولده منجهان ٻاهر ڪڍڻ لو اچي.

شلوڪ ٧. جڏهن جڏهن هي ڀارت! ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي؛ اُڌرم
... ٿو، تڏهن تڏهن آءُ پنهنجي مايا سان پرڪٽ ٿيان ٿو.

شلوڪ ٨. ساڌن مهاتمائن؛ سداچارين جي رکشا لاءِ؛ پاپين ڪي ناس
...ڻ لاءِ؛ ڌرم کي استاپن ڪرڻ واسطي مان يگ يگ ۾ پرڪٽ ٿيان ٿو
...ي اوتار وٺان ٿو).

...ڀڳوان کي ڀيو ڪوبه نٿو پرڪٽ ڪري يا جنم ڏئي، پاڻ ٿو پرڪٽ ٿئي. ڪيس
...مرڻ جو بڌن نه آهي، پر ڪيس گيان رهي ٿي ته هاڻي پاپ ڪرمن جو سرشٽيءَ ۾
...اهي؛ وڃي ماڻهن جو ڪلياڻ ڪريان. منش يا ڪنهن گيان جي ڪرمن انوسار بڌن
...ي جنم وٺن ٿا. ايشور کي ڪنهي ڪال جي حاڄ آهي؛ ڌرم جي رکيا؛ پاپ کي
...ڪرڻ لاءِ اوتار وٺي ٿو.

پورن طرح سورهن آنا ۽ آد کان شڌ آهي، جنهنڪري هو هر وقت انترجامي آهي. شاسترن
۾ ڄاڻايل آهي ته ڳرڀ اوستا ۾ جيو کي سڀ جنمن جي يادگيري رهي ٿي. پر جنم وٺڻ کان
پوءِ اها آهستي آهستي وسرندي يا مٽبدي ٿي وڃي ۽ آخر سمجهه اچڻ تي ڪنهن لکن
ڪروڙن مان هڪ کي هڪ يا ٻن ٽن جنمن جي يادگيري اچي ٿي. ساڌنائن ڪري
انتهڪرڻ شڌ ڪبو ته وري يادگيري ايندي. شڪديو مهراج پنهنجي ڪيترن جنمن جا
و... ڏنا آهن.

گرو نانڪ صاحب به پنهنجي اڳين جنمن جا ڪي ورتانت ورنن ڪيا آهن. مرداني
کي ٻڌايائين ته جڏهن مان راجا جنڪ جي جون ۾ هوس ته تون منهنجو راڳي هئين، پر هڪ
ڏينهن تو شراب پي اچي مون وٽ ڳالهه ڪئي، جنهنڪري مون توکي ملڇ ڪوليو ۽ توکي
هي جنم مليو آهي. ڪوڏي راڪش کي به چيو هوائون ته توهان يڳ ۾ تون منهنجو رسوئيو
هئين، پر هڪ ڏينهن ڪانو جولو ڪري مونکي ڏنو هوءِ، انڪري مون توکي سراپ ڏنو
هو ته راڪس جي جون پاءِ. اوتارن کي نه فقط پنهنجا پر ٻين جا به جنم ياد تا رهن، پر رواجي
انسانن کي اهڙي ڪاب يادگيري نٿي رهي. جيتري قدر جنهن جو انتهڪرڻ شڌ آهي
اوتري قدر ان منش ۾ انترجامتا ٿئي ٿي. ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو ته تون ڪاٿي شنڪا نه
ڪر ته مون ڪئن سورج کي اپديش ڏنو هوندو. ڀڳوان اهو اپديش سوريه کي هنس اوتار
۾ ڏنو هو، جنهن جو ورنن پراڻن ۾ آيو آهي.

**شلوڪ ٦. جيتوڻيڪ مان اجنما ۽ اجر امر آهيان ۽ سڀني پراڻي ماترن
جو ايشور آهيان، ته به پنهنجي پرڪرتيءَ جو آسرو وٺي (يعني شڌ مايا ۾
استٿت ٿي) پاڻ پاڻيهي پرگهٽ ٿيان ٿو.**

ڀڳوان جو اوتار ڪو رواجي انسانن وارو جنم نه آهي، جو ڪين ڪرمن انوسار ماڻ لو
هو پرڪرتيءَ ۽ ان ڪئن جي وس ۾ رهن ٿا. ڀڳوان پنهنجو پاڻ پنهنجي مايا جو آسرو وٺي
پرگهٽ ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اها مايا سڀ ڀيٻ هن کي ڇهي به نٿي سگهي، پر رکو ڏسو
۾ اهن لو اچي. جي خيال ڪن ٿا ته ڀڳوان جو جنم مرڻ آهي، اهي سراسر غلط آهن. هو
ابناسي آهي، سرو شڪتيوان سمرٿ آهي ۽ ٻين جي اڌار لاءِ، دکتن ۽ ظالمن کي ناس
ڪرڻ لاءِ، جيون کي ڪرمن جي ڦل ڏيڻ لاءِ، ڌرم کي وڌائڻ ۽ ڀڪتن جي دکن ڪاٽڻ
لاءِ اوتار وٺي ٿو. ڀڳوان رامچندر کي دسرٿ ۽ ڪوشليا جو پٽ سمجهڻ يا ڀڳوان ڪرشن
کي واسديو ۽ ديوڪيءَ جو ٻار ڄاڻڻ وڏي غلطي آهي. ڀڳوان رامچندر ته جڏهن ٻال اوستا
۾ ڪاڪڀشنڊ کي واءِ قاڙي ڏيکاريو ته هن ان ۾ ڏٺو ته اندر سوين دسرٿ ۽ سوين
ڪوشليائون ۽ سوين برهمانڊ هئا. ڀڳوان ڪرشن به اهڙو سروپ ماتا جسودا کي ڏيکاريو
پنهنجو وراٽ سروپ ارجن کي به ڏيکاريو (۱۱ اڌياءُ). ڀڳوان پنهنجي ڀڳت پرهلاد کي
سندس پتا جي ظلمن کان بچائڻ لاءِ ۽ ان کي سزا ڏيڻ لاءِ نرسنگهه اوتار ورتو. جي
ڪنهن جيل ۾ رواجي قيدي رهن ٿا، پر وڏا وڏا آفيسر يا خود ملڪ جو حاڪم به ڪنه

شن لاءِ ولس آيو. خود وسشٽ مني جو شري رامچندر جو گرو هو، سو به ٻين سان گڏ
ي کيس ملڻ آيو. اُن وقت وسشٽ منيءَ ٻڌايو ته جڏهن برهما کيس رگهوڪل جي
هتيءَ جو فرض سونپڻ ٿي چاهيو، تڏهن پاڻ اهو قبول نٿي ڪيائين ڇو ته پروهتيءَ ۾
ن لين ٿا. ڄجمانن جي سڌ ئي آڌي راس جو به وڃڻو پوي ٿو، پر برهما کيس چيو ته
هي مني راج! ان ۾ اوهان جو ڪلياڻ آهي، ڇو ته ساڪياس پار برهم پرماتما ان ڪل ۾ اوتار
ي اچڻو آهي، هو به اوهان جو ڄجمان ۽ شش ٿيندو؟" منيءَ چيو ته "هي شري رامچندر!
ون ان ڪري رگهوڪل جي پروهتي قبول ڪئي ۽ اڄ آنند سان اوهان جي ليلا ڏسي
ير آهيان." ڇا اها هن هڪ منش جي اپاسنا ٿي ڪئي؟ جڏهن ڀڳوان رام اُلري مني
ت ويو ته هن به وڏيءَ شرڌا ۽ گهڻي پريم سان سندس آرتي ڪئي. اُلري مني اهليءَ
ويءَ وارو رشي هو، جو سندس پٽ درواسا به رشي ٿيو آهي ۽ شري ڪرشن جو گرو
و. ڀڳوان رامچندر ته جنهن جنهن وٽ ٿي ويو، انهن سندس سنمان الهن لي ڪيو، جنهن
ماتما جو ڪرڻ جڳائي ۽ نه هڪ منش جو.

ڀڳوان ڪرشن هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو ته منهنجو جنم دويه آهي ۽ منهنجو شرير منش
گر پنجن تتن جو ٺهيل نه آهي، پر مايائي آهي. ڀڳوان ڪرشن يا ڀڳوان رام ٻئي اول
ترڀڄ روپ سان پرگهٽ ٿيا هئا ۽ پوءِ ماتائن جي چوڻ تي بالڪ روپ ڌاريو، تڏهن چاول
ڪن والگر رئڻ لڳا هئا.

ويدانت جو سڀني شاسترن ۾ شرومڻي آهي، ان ۾ آيو آهي ته اوتارن ۽ منشن ۾ ٽن
ڪارن جا فرق آهن:

(١) انسانن جو شرير ٥ تتن جو ٺهيل آهي، پر اوتارن جا شرير مايائي ٿين ٿا. هنن
ي اندر هڏا وغيره ڪونه ٿا ٿين.

(٢) انسان سڀ پنهنجي ڪرمن انوسار جنم ٿا وٺن، پر اوتار ڀڳتن، سنتن، مهاتمائن
ي شڀ ڪرمن ۽ دشٽن، راڪسن ۽ پاپين جي برن ڪرمن ڪني ٽيڻ لئي ڌرم کي استاپن
ڪرڻ ۽ اَڌرم کي ناس ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ پرگهٽ ٿين ٿا.

(٣) انسانن کي گرو شيوا کان سواءِ گيان نٿو پراپت ٿئي، اوتار اَصل کان گياني ۽ سڌ
ن. ڪن انسانن ۾ به جنم کان سڌيڙو ٿئي ٿو، پر اوتارن ۾ اهو سڌيڙو نعمو ٿو رهي. بابو
ل پنجن ورهين جو هو ته اُنوقت به سڌيڙي جا لڇڻ هن ۾ ڏسڻ ۾ آيا. بالڪ اوسٿا ۾ راند
يندي هڪ موهن نالي ڇوڪري کان اکيون ڪتيائين. راند پنجي وئي ۽ موهن سڀني کي
ر ته اها اکيون سياڻي ڏيندس. راند جو موهن کي نانگ چڪ پاتو ۽ هو مري ويو. ٻئي
ينهن صبوح جو بابو اَنل ۽ ٻيا ڇوڪرا راند لاءِ ڪٺا ٿيا، پر اکيون ڏيڻ وارو موهن پيدا ڪرنه
. يڪدم سڀئي سندس گهر ويا، جتي سندس ماتا کين ٻڌايو ته موهن راند چلي رهيو
ي. ليڪن بابي انل کيس چيو ته مون کي موهن ڏيکاريو. هنن هن جو لاش ڏيکاريو ته
. پنهنجي لڪڻ سان کيس ڇهي چيو ته "واهه ياني موهن! اکيون آني انيئي ته اچي لڪي

واشسٽ مالها ۾ آيو آهي ته سڀ ڪرم وقت سر ٿيئي ٿو ۽ ٻاٽيهي ٿو ٿيئي. ٻسنت ر
اچي ٿي ته ٻاٽيهي ساوڪ پيدا ٿي ٿيئي، وڻن ۾ ٿوان ٻسن نڪرن ٿا، ڪر ۾ ٻتن نعو ڪ
وجي. ان طرح جاڏهن سنسار ۾ اڌرم وڌي ٿو وڃي، ماڻهو ڌرم ٿي ٻررو نتا هلن، تڏهن
ڀڳوان جو اوتار ٿيئي ٿو ۽ جاڪاڻ ته ڀڳوان کي ستيه ۽ ڌرم ڏاڍا پيارا آهن. انهن جي گهٽتائي
نئو سهي سگهي. ٨ شلوڪ ۾ ڀڳوان ”سمڀوامي“ حرف ڪم آندو آهي، جنهن جو ار
آهي پرگهٽ ٿيڻ ۽ نه جمڻ. پرگهٽ اهو ٿيندو جو اڳي ئي آهي، پر ڪنهن پردي اند
لا ٻيءَ طرح لڪل آهي. جيڪو دکن ۽ ڪليشن وقت پرماتما جي آراڌنا ڪري ٿو ته ڀڳوا
۾ ضرور ڪنهن نه ڪنهن طرح هن جي سهائتا ڪري ٿو. سورداس ڀڳت جو هڪ ڀڄ
ما، شبد هن وشيه ٿي اچارڻ آهي:

هم ڀڳتن کي ڀڳت هماري،
سن ارجن پرتگيا ميري - يه برت ٽرت نهين ٽاري.
١- ڀڳتن ڪاج لاج هيه ڌرکي - پايه پيادي ڌايو،
جب جب ڀيڙ پڙي ڀڳتن پر - تب تب هوت سهايو.
٢- جو ڀڳتن سؤن ويرڪرت هئه - سو نج ويري ميرو،
ديک وچار ڀڳت هت ڪارن - هانڪت هؤن رٿ ٽيرو.
٣- جيتي جيت ڀڳت اپني کي - هاري هار بچارؤن،
سؤر شيام جو ڀڳت وروڌي - چڪر سدرشن مارؤن.

شلوڪ ٩. هي ارجن! منهنجو جنم ۽ منهنجا ڪرم ايشوري الوڪڪ
آهن (رواجي انسانن جهڙا نه آهن). اهو جيڪو منش ڀتارٿ (پوري
پروسي سان) ڄاڻي ٿو، اهو ديهه تياڳڻ پڇاڙيءَ وري ٻيو جنم نٿو وٺي
(يعني موڪش پائي ٿو).

ڀڳوان جي جنم ۽ ڪرمن کي دويه سمجهنداسون، تڏهن ته هن جي اپاسنا ۽ ڀڳتي
ڪنداسؤن. ڪيس رواجي انسان سمجهو ته اهڙي شرڌا ڪيئن ٿيندي؟ شري رامچند
بنواس ۾ جڏهن رشين وٽ ويو هو، تڏهن سڀني ڪيس ساڪيات ايشور ڄاڻي سندس ستڪار ڪ
هو. اول اول هو بالميڪ رشيءَ وٽ ويو ۽ هن سندس ڏاڍو سواگت ڪيو. ڀڳو
پوءِ منيءَ کان پڇيو ته ”سائين! مان هت ڪجهه وقت رهڻو آهيان؛ سو ٻڌايو ته ڪٿي نوا
ڪريان؟“ سندن اهو سوال ٻڌي منيءَ جواب ڏنو ته ”جنهن جي انتهڪرڻ ۾ ڌرم، ڀڳتي
سنتوش، ڌيرج وغيره آهن، اُتي انهيءَ هند اوهان جو نواس ٿيڻ گهرجي.“ مطلب
رشيءَ جي هنن وچنن مان صاف معلوم ٿو ٿيئي ته هن ڪيس دسرٿ راجا جو پٽ نه پر سمجه
پر ساڪيات پار برهم پرميشور ڪري ٿي مڃيائين. وري جڏهن چترڪوٽ ۾ ڀڳوان وڃ
رهيو ته وڏا وڏا رشي مني درشن لاءِ آيا. جنڪ راجا جو ٻاڻو وديهه مڪت هو، اهو

ر شرير جي ڪل لهرائي، پر حق ڪان مٿهن نه موڙيائين. هيرَ کي سڀ مت مالت ڪيترو
جهاليندا هئا ته رانجهي سان پرير نه رک، هو انيڪ رڪاوٽون ان پر وجهندا هئا پر تڏ
ٽتي. آخر انين به چيائين ته پاوين ڪٽي منهنجي پيءُ جي پيءُ جو به ڏاڏو ڪٽي اچي ۽
ن کي سمجهائي ته به مان رانجهي جي پرير ڪان نه هٽنديس. ايشور لاءِ ۽ ستسنگ لاءِ به
ن کي اهڙو پڪو ۽ اَٽل پرير هئڻ گهرجي، جو ڀلا به ڪي ته به ان ڪان مٿهن نه موڙين.
ـــــوڪ آراڏن، دوک آراڏن - وسري نهين ڪرلي ويرا (وقت).
ڀڳوان جو پرير لي اهڙو زور لوڏني، سو ان مان ڪو سندس ڪارج نه سڌ نٿو ٿئي.
هو اسان جي ڪلياڻ لاءِ ئي چري. سڀني پريمين کي ڀڳوان جي وڇوڙي جو اهڙو دک
لو، جهڙو مڇيءَ واري ٽانگ کي مڇيءَ وڇڻ ڪري وياڪلتا ٿئي ٿي. ان ڪري ڀڳوان
ي لو ته دنيوي پدارٿن مان پرتي، خوف ۽ ڪروڌ ڇڏي، مون پر ڌيان رکو ۽ پوءِ گيان
ي تپسيا ڪريو، جنهن لاءِ آتما ۾ انوراڳ کپي. جنهنجو پنهنجي شرير ۾ ۽ نه پنهنجي آتما
سرير آهي، سو ڪيترين به ٻاهرين تپسيائون ڪري ته به ڪجهه نه ونيندو. جن به آتم
ش پالــو، انهن گيان تپسيا مان پالو آهي. ٻيو ڪو به رستو نه آهي ۽ ڪٽي سوڀــن ورهيه
ڪ لنگ لي ٻيهجي، ڏوڙيون دکاني اگنين جي وچ ۾ ويهجي، پاڻيءَ ۾ رات ڏينهن
ي ڌيان لڳائجي. من انهن وڌين سان شڌ نه ٿيندو، فقط سمرن ۽ ڀڳتيءَ سان ئي ٿيندو.
من مارڻ جو اپاءُ گيان (شڌ سمجهه) آهي. جيڪو من ڏوراڏو سمجهي نٿو سگهي،
ضرور اَهاٽپ هلندو ۽ ان ڪري آتم گيان ضروري آهي ته مان ڪير آهيان، ڪهڙي
ر لاءِ هت آيو آهيان.
هي اپديش ٻڌي ارجن شنڪا ڪئي ۽ چيو ته هي ڀڳوان! اوهان فرمايو ته گيان
وپ تپسيا سان نشڪامي پرشن کي اوهان جو پرم پد پراپت ٿئي ٿو، پر سڪام ڪرم
ندڙن کي اوهان پراپت نٿا ٿيو. جي ائين آهي ته چئبو ته اوهان جيتوڻيڪ ساڪمان
رهم پرميشور آهيو ته به اوهان ۾ به پاسخاطري يا ڀيد ڀڏي آهي. ان شنڪا کي ٽورڻ
رڻ لاءِ ڀڳوان ڪهس هن رمز چيو:
شلوڪ ١١. جهڙي جهڙي نموني سان پرش منهنجي اپاسنا ڪن ٿا، اُن
وني جو مان هنن جو پچڻ ڪريان ٿو يعني ڦل ڏيان ٿو، ڇو ته هي پارٿ!
پيڪي منش منهنجو رستو وٺن ٿا.
ڀڳوان جو مطلب آهي تہ مان هر ڪنهن کي سندن ڀاونا ۽ اڇا انوسار ڦل ڏيان ٿو.
ڪو منهنجي اپاسنا دنيوي پدارٿن لاءِ ڪري ٿو، اُن کي دنيوي وشيه سک ڏيان ٿو ۽
ڪو منهنجي ڀڳتي نشڪام ٿي آتم گيان پائڻ لاءِ ڪري ٿو، ته مان هنکي موکش ڏيان
مان ڪنهن سان به پاسخاطري يا ظلم نٿو ڪريان. مان ڦل داتا آهيان ۽ سڀني کي سندن
ڏن موجب ڦل ڏيان ٿو. دکن جي نوڪريءَ جي اڇا وارن جو دک ڪٽيان ٿو، ڏن جي
وارن کي ڌن ڏيان ٿو، آتم ساڪيا لڪار جي اڇا وارن کي آتم درشن ڏيان ٿو ۽ گيانين

سمهيو آهين! اٿي ڪڙو ٿيءُ!" ان تي هو سچ پچ جهڙو ٿي اٿيو!

ڀڳوان ڪرشن جي بال ليلا به الوڪڪ هئي. ان ۾ هن گهڻا نه حيرت ۾ وجهندڙ چرتر ڪيا؟ ڪير چوندي پوتنا جهڙيءَ راڪسياڻيءَ جا پران به پي ويو ۽ هوءَ مري وئي. ڪو به انساني ٻار ائين ڪڏاچت ڪين ڪري سگهندو. اگهاسر، نڪاسر ۽ ٻيا ڪيترا راڪش جدا جدا روپ ڌاري ڪيس مارڻ آيا پر انهن سڀني کي هن ٻالڪ ختم ڪري ڇڏيو. ڪالي نانگ جهڙي زهريلي نانگ کي جمنا نديءَ ۾ اندر وڃي ڪيس اتان نڪري وڃڻ لاءِ حڪم ڪيائين ۽ پنهنجو ايشورپڻو ڏيکاري سندس ڦڻ تي ناچ ڪري سندس مکڻ مان رت ڪڍي ڪيس بيحال ڪري، اتان ڪڍيائين. گووردن پربت چيچ تي کڻي اندر ڀڳوان جو ابهمان ڀڳائين. برهما ۱۲ مهينا گوال ٻال ۽ وڇڙا چوراڻي لڪايا ته ڀڳوان ڪرشن اهڙائي گوال ۽ وڇڙا ٻيا پيدا ڪيا، جو نه گاٻن کي پتو لڳو ۽ نه وڇڙن جي مالڪن ۽ گوال ٻالڪن جي مائٽن کي ڪجهه سمجهيو. اهڙا ڪرم ڪڏهن ڪو مٿش به ڪري سگهي ٿو؟ ڪڏاچت نه:

شلوڪ ۱۰. راڳ (دويشن سان پريتي)، خوف ۽ ڪروڌ کان آجا ٿي، مون ۾ پنهنجو چت لڳائي، مون کي ئي پنهنجو آسرو ڄاڻي، گيان روپي تپ سان پاڪ ٿي، گهڻيئي منهنجي سروپ کي پراپت ڪن ٿا يعني مون ۾ اچي ملن ٿا.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ انهن ماڻهن جون سانڌاڻون ٿو ورڻن ڪري، جي سندس جنم ڪرم ديويه ٿا سمجهن ۽ نه رواجي مٿش جهڙا ۽ اهو تت ڄاڻي، ڀڳوان جي اپاسنا ڪن ٿا. جڏهن پنهنجي آتما جو گيان ٿئي ٿو تڏهن وشين جي پدارٿن لاءِ راڳ (موهه) دور ٿي ٿو وڃي. جڏهن ڪو مٿش ڄاڻي ٿو ته مان اجر امر اوناسي آتما آهيان ۽ جيڪا به ڦيرڦار (جنم، مرڻ، جواني، ٻڍاپو وغيره) ٿئي ٿي، سا شرير جو لڇڻ آهي ته هو ڀي خوف لهي پوي. جڏهن من مان ڪامنائون دور ٿي ٿيون وڃن، خودغرضيءَ کان آجو ٿو ٿئي ۽ هو هيڏ هر جيو ۾ پنهنجو ٻاڻ ٿو ڏسي ته پوءِ هن کي ڪروڌ جو ۽ ڪيئن اٿي ٿيندو؟ جو پرڀو جي شرڻ ٿو وٺي، اهو پورن طرح ان پرڀو جو ڀي ڀڳت ٿيو پوي ۽ هو ان ۾ پراپت ڪري ٿو! گيان روپي تپسيا سان هن جون سڀ واسنائون، ترشنائون، سنسڪار، پاپ ڪرم ۽ گناه سڀ سڙي ڀسم ٿيو وڃن ۽ هو پوتر (شڌ) ٿيو پوي ۽ ان طرح ڪارڻ سهت اگيان کي ناس ڪري پرماتما جي سروپ کي پهچي ٿو وڃي اوڳاڻ مڪت ٿيو پوي. اهڙن لاءِ وري جنم مرڻ ڪونهي. وشين ۾ راڳ ٿيو نه خوف ٿيندو نه اهو پدارٿ هليو نه وڃي. جي اهو پدارٿ نه ملندو ته ڪروڌ ٿيندو. اهي ٽئي تڏهن ٿيندا، جڏهن پنهنجي آتما ۾ انوراڳ ٿيندو. اهو سادن ڪندي، من ڀڳوان ۾ لڳائي، ايشور جي اپاسنا ڪرڻ گهرجي. اشٽ ديو مان پوءِ ڪڏهن به نه هٽائجي، جيئن پرهلاد ڀڳت، ميران ٻائيءَ ڪيترا به ڪشٽ سٺا، پر دل ڪڏاچت نه لوڏيائون. منصور سوري قبول ڪئي، پر اناالحق جو نعرو نه بند ڪيائين. شمس

ن ديوين جي اُپاسنا ڪن ٿا. ايشور جي اُپاسنا سان ته انتهڪرڻ شڌ ٿيندو ۽ آخر
ان جو اڌڪاري ٿيندو. جن کي ڪنهن خاص ڳالهه جي اڇا ٿئي ٿي ته هو اُن ديوتا
آراڌنا ڪن ٿا. جيئن ورساتَ لاءِ اِندر ديوتا جي پوڄا ڪرڻ ڦل ڏني ٿي. اهي ديوتا
ڪلپا ۽ پار برهم پرماتما جا ئي انگ آهن ۽ هرڪو اُن پرماتما جي حڪم اندر ڪم
رهيو آهي. دنيوي وهنوار ۾ به جيڪو ڪم ڪنهن ننڍي عملدار يا وڏي آفيسر
ڪري سگهبو آهي، اُنلاءِ هروڀرو راجا، وزير يا حاڪم وٽ وڃڻ نه فقط ضروري نه
۾ لاڀدايڪ به ڪونه آهي؛ ڇو ته اُن ۾ گهڻي دير ٿيڻ جو هرڪو امڪان آهي. اهو
حاڪم يا وزير به قاعدي انوسار هيٺين عملدارن يا آفيسرن کي ئي حڪم موڪليندو
ئي هو ڪجهه ڪري سگهندا. اِن نڪته نظر کان ديوتائن ۽ ديوين جي آراڌنا به وقت
ڀدايڪ آهي ۽ ڪرڻ گهرجي، پر منش جنم جي مقصد پائڻ لاءِ، آتم اُڌار واسطي هڪ
جي اُپاسنا ئي وڌيڪ ڦلدائڪ آهي. ڇو ته هڪ ايشور جي اُپاسنا ڪرڻ ته سڌو اُتم پرا
يان ۽ موڪش جو پاڻي آنند ۾ لين ٿيڻ؟ رڳو دنيوي ڪامنائون پوريون ٿيون ته ڇا
ڪو به ديوتا يا ديوي موڪش ته ڪداچت ڏيڻ ۾ سمرٿ نه آهي. ديوتائن جي پوڄا
ن پدارٿ به ڪٿي مليو ته اهو به مرڻ وقت ساڻ نه هلندو ۽ هٿ نئي پيو هوندو،
ري اُن جي ڇڏي وڃڻ جي چنتا مرڻ وقت دکي ڪندي ۽ جي اُن چنتا ۾ پراڻ
واسنا اُنوسار ٻي جون ملندي. جاڻ جڳهين جي واسنا هوندي ته پريت جُون ملندي،
جي واسنا هوندي ته نانگ جي، اولاد جي ته سوئر جي. لذهن ان مان فائدو ڪهڙو
ڇو نه هڪ پرماتما جي ملڻ جي واسنا رکون ته انت ڪال وقت به سڌس ٿالو پاد
ته مري به ساڻس ملي وڃون؟ ڀڳوان اڳتي هن رهت تو اُپديش ڪري:

شلوڪ ١٣. جدا جدا گڻن ۽ ڪرمن انوسار مون چار ورن پيدا ڪيا آهن.
انهن جو ڪرتا آهيان، پر واستو ۾ مونکي اڪرتا ۽ ابناسي ڄاڻ.

پرماتما هن سنسار ۾ سڀ منش سڌن اڳين جنمن ۾ جدا جدا نموني ڪيل ڪرمن
ر ۽ سڌن جدا جدا گڻن موجب پيدا ڪيا آهن. ڪي برهمڻ ٿيا، ڪي ڪتري، ڪي
۽ ڪي شودر. ڀڳوان اول پنهنجي قدرتي مان مايا پيدا ڪئي، جنهن هي سارو سنسار
ن (ستو، رجو ۽ تمو) وارو رچيو. جيئن جپ صاحب ۾ به آيو آهي:

ايڪا مائي جڳت ويائي، تن چيلي پروان،
اڪ سنساري، اڪ ڀنڊاري، اڪ لائي ديبان.

هن مايا اول اول ٽي پٽر پيدا ڪيا، هڪ سنسار کي پيدا ڪرڻ وارو برهما، ٻيو
ي يعني پالنا ڪندڙ وشنو ۽ ٽيون پرليه ڪندڙ مهاديو. برهما رجو گڻ پرڌان، وشنو
ستو گڻ پرڌان ۽ شو مهراج تمو گڻ پرڌان آهي. هرهڪ انسان جو پنجن تتن جو شرير
ٺهيل آهي، پر هرهڪ ۾ ڏرم ۽ اُڌرم جا اَنگ جدا جدا پنهنجي پنهنجي ڪرمن اُنوسار آهن،

لو آهي، اُن مان پنهنجي ممتا ڪڍي آها ٻئي کي ڏيون، نه اهو ئيو دان. بکئي ننگي کي ن وستر ڏيڻ، سفيد پوشن جي مدد ڪرڻ، کوه، کوٽائڻ، ڌرم شالائون يا آرام گاهه هرائڻ ۽ مندر، پانشالائون ۽ جل آشرم کولڻ، جو شرن ۾ اچي، اُن جي تن من ڌن سان ڪيا ڪرڻ ۽ اهي سڀ ڌن ڏيڻ جا نمونا آهن. مگر اهو سڀ نشڪام ڀاونا سان ٿي سگهي ٿو. ڏيکاءُ لاءِ يا نه بدلي وٺڻ لاءِ ڪيل دان نه سچو آهي ۽ نه سڦلو ٿئي ٿو.

١٧ اڌياءِ ۾ ٽن قسمن جي دان جو ورنن ٿيل آهي. اهو هن ريت آهي:

ساتوڪي دان: دان ڏيڻ اڻ پڇو ڌرم آهي، انهيءَ ويچار سان يوڳيه ديش، ڪال ۽ پاتر جو ويچار ڪري، ٻاڻ ٿي اُپڪار نه ڪندڙ کي جيڪو دان ڏجي ٿو، اهو **ساتوڪي دان** چيو ويو آهي. (شلوڪ ٢٠). دان ۾ جيڪي وستون ڏجن، اهي ڀڳيون ڪم واريون هئڻ گهرجن ۽ اهي نه جيڪا شيءِ خراب ٿي وڃي ۽ ڪم نه اچي، ها دان ۾ ڏجي. ٻيو نه ڏيڻ ۾ ڪو به پنهنجو مطلب نه رکجي ۽ استان، وقت ۽ وٺڻ واري جي لائقي سڀ ڏسڻ گهرجن. دان وٺڻ جا پاتر يا لائق آهن ودوان، ڀڄن ڪرڻ وارا ۽ نيچ پرتاپ وارا، جي ٻين کي وديا يا گيان اُپديش ڏيندا هجن ۽ غريب اناٿ، ٻـِڪيا، ننگا وغيره ۽ ڌرمي استان، وديا آشرم وغيره. سڀني دانن ۾ وديا دان اُتم ليکيو ويو آهي، ڇو ته اَن وستر جي دان مان ٿوري وقت لاءِ ترپتي ٿئي ٿي، پر وديا ساري عمر سڌاري ٿي ۽ گهرجائُو نه فقط پاڻ ٿو سکي رهي، پر سندس ڪٽنب به سکي رهي ٿو. ڌرم شالائون، کوهه، مسافر خانا، جل آشرم وغيره به انيڪ جنمن تائين ڦل ڏين ٿا ۽ ڇو ته جيسين ماڻهو اُنهن مان آرام وٺندا، تيسين انهن جي ٺهرائيندڙن کي پيئون آسيسون ملنديون، پوءِ ڀلي ڀلي ٿوڙي هوءُ جيڏا هجن يا نه ڪهڙيءَ به جوُن ۾ هجن. اهڙو دان جنم جنمانترن ۾ ڦل ڏئي ٿو.

رجوگڻي دان اهو آهي، جنهن ۾ پنهنجي ڪجهه ڀاونا هجي ته جيئن ڪي دان ڏيون ٿا، اُن ساڌو، مهاتما، پنڊت، ڌرم شالا، پانشالا وغيره مان ڪم ڪڍئو هجي يعني ڪيل اُپڪار جي بدلي وٺڻ جي چاهنا هجي ۽ من ڏکي ڪري يعني بلڪل خوشيءَ مان پر لاچار دان ڪيل هجي. اهڙي دان جو ڦل به ڪليش ٿو ملي. مايا ته نه ڪنهن منش ۽ ڪنهن ديوتا جي آهي. اها آهي ته هڪ ڀڳوان جي ذات ۽ سڀني کي خرچڻ لاءِ ملي ٿي. رڳو وڏي دل ڪري خوشيءَ سان ممتا ڪڍي ڏيڻ ٿي سچو دان آهي.

تامسي دان اهو آهي، جو نرادر سان ڪيو وڃي ٿو ۽ وٺندڙ اُڌڪاري به نه هجي، سمو ۽ استان به يوڳيه نه هجي. اهڙي دان جو ڪو به ڦل ڪونه ٿو ملي. هن قسم جي دان ڪرڻ وارا دان ۾ ذليل وستون به سڃي يا ڪمائتي نٿا ڏين.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان جو ڌن ڏيڻ جو مطلب ستوگڻي دان جو آهي.

(٢) **تپ يڳيه يعني تپسيا**: لوڪ تپسيا جو مطلب هٺ يوگ ٿا سمجهن يعني وڻن ۾ ننگي ويهڻ، پاڻيءَ ۾ بيهي رهڻ، اُڀين جي وچ ۾ وهڻ، هڪ ٽنگ تي بيهڻ وغيره.

...برهمڻ به پيا ٽوپلا ۽ سوٽ بوٽ پائين، سگريٽ ڇڪين، ماس مدرا ورتائين. پوءِ
...ن نه ماڻهو هنن جي عزت ۽ مان گهٽ ڪندا، جڏهن هڪ ڀنگي جمعدار به ساڳي ڊريس
...سگهي ٿو؟ جيڪي ماڻهو ورن ڌرم جي برخلاف ٿا پرچار ڪن، اهي اَڌرم جو پرچار
...ي رهيا آهن.

اَرجن ڀڳوان کان سوال ڪيو ته سيني جا ڪرتا اوهان آهيو، پر چئو ٿا ته اصل ۾ اوهان
...ٿا آهيو، سو ڪيئن؟ جي ڪرتا اوهان آهيو، جيئن چيو اٿو ته پوءِ سيني جي ڪرمن
جوابداري به اوهان جي ٿيڻ گهرجي. ڀڳوان ان جو اُتر هن ريت ڏنو:

شلوڪ ۱۴. ڪرم مونکي لپائمان نٿا ڪن ۽ نڪي مونکي ڪرمن ۾
...ڇت آهي، يعني ڦل جي ڪابه اِڇا نه اٿم. اهڙيءَ طرح جيڪو پرش
...ڪي ڄاڻي ٿو، سو ڪرمن ڪندي به ڪرمن جي ٻنڌنن ۾ نٿو ڦاسي.

ڀڳوان فرمائي ٿو ته منهنجا پيدا ڪيل ڀيسوي جا ڀيسيا ڪن ٿا، ان جو ڦل مان نٿو
...ن. ڪو ڪتري راڄ ڪري ٿو ته مان ڪونه ٿو هن کان اهو سک گهران. ڪو ونش واپار ڪري
...مان ڪونه ٿو فائدو گهران. شودر شيوا ڪري ٿو ته اُن جو ڦل به مان نٿو چاهيان. ڪرمن
...سمورو ڦل مان هنن کي ئي ڏيان ٿو. انڪري مان اَڪرتا ٿيس. جيستائين پتر ننڍا آهن
...ا هنن کي پالڻ پوشڻ ۽ پاڙهڻ جي سموري جوابداري پاڻ تي کڻي ٿو، پر جڏهن ڪين
...ي، پرڻائي، ڌنڌي يا نوڪريءَ ۾ لڳائي جدا ٿو ڪري، ته پوءِ هو پاڻ پنهنجي نفعي
...ن جا جوابدار ٿين ٿا ۽ نه پيتا. پرماتما به اسانکي پيدا ڪيو آهي، سڀ شڪتيون،
...، اندريون ڏنيون اٿس، پر پاڻکي اسنگ رکيو اٿس. اسانکي سکيا به ڏني اٿس ته
...ڪرمن مان چڱو ڦل ۽ برن مان برو ڦل ملندو؛ ڀلي بري لاءِ ذميوار اوهين آهيو. آتم
...ءِ ۾ به ڀڳوان وانگر ڪرتا پڻ نه آهي، جنهنڪري هن کي ڪرمن ڪندي به ڦل نٿو
... جنهنڪري سنڌس جنم مرڻ جو چڪر ڪٽجي ٿو وڃي. سکمني صاحب ۾ به گروجن
...صاف ڏيکاريو آهي:

بشنو سو جس اوپر سُپرسن، بشن کي مايا تي هوءِ ڀن.
ڪرم ڪرت هووي نهه ڪرم، تس بشنو ڪا نرمل ڌرم.
ڪاهو ڦل کي اِڇا نهي باڇي، ڪيول ڀڳت ڪيرتن سنگ راچي.

...هت بشنوءَ جو مطلب آهي وشنو ڀڳوان جو ڀڳت ۽ نه جو ماس مڇي نه کائي. ڦل ته
...ڪنهن کي ڪرم جو ڀڳوان ٿو ڏئي، پر اُن جي ڪامنا رکڻ سان اَنتهڪرڻ شڌ نٿو ٿئي
...ڪاري وڌيڪ ملين ٿو ٿئي. اِنڪري گيان جي اڀلاشين کي وڌن شڀ ڪرمن جي
...ي اِڇا به نه رکڻ جڳائي ۽ سمجهڻ گهرجي ته ڪرم سڀ شرير ۽ اِندريون ٿيون ڪن ۽
...آتما اَڪرتا ۽ اُپرڪتا آهيان، جيئن پرماتما آهي. اهڙن ئي سمڪا اِڇا ڀڳوان پاڻهي ٿو
...ڪري ۽ هن کي ڪنهن به ادم ڪرڻ جو ضرورو نه آهي.

جدهڪري هنن جو جنم به ٽن قسمن جي ورنن ۾ ٿئي ٿو. برهمڻ اهو آهي جنهن ۾ ستوگڻ بلڪل زور هجي. رجو ۽ تمو ته هنن ۾ ڪين ٿا، يا بلڪل نالي ماتر. جي پهرئين نمبر لي پورا آهن، انهن ۾ ستوگڻ ئي پرڌان هوندو آهي. کتريءَ ۾ ستوگڻ ۽ رجوگڻ ٻئي هڪ سمان هئڻ گهرجن. هن جو ڌرم آهي ته پنهنجي تيج ۾ رهي، بهادر ٿئي، دان پڃ ڪري. هن ۾ تموگڻ نالي ماتر ٿيندو. ونش ۾ رجو ۽ تموگڻ وڌيڪ آهن ۽ ستوگڻ ٿورو. شودر ۾ تموگڻ پرڌان آهي ۽ ٻيا گڻ بلڪل ٿورڙا. گڻن جي جدائيءَ ڪري هنن جا ڪرم، فرض به جدا جدا آهن ۽ اهي آد کان هليا ٿا اچن، جي ڀڳوان چوي ٿو ته سڀ مون پيدا ڪيا آهن.

جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، ته ڪرم ٻن قسمن جا آهن: ساڌارڻ ۽ اساڌارڻ. ساڌارڻ ڪرم چئني ورنن لاءِ ساڳيا آهن: ستسنگ ڪرڻ، نام جپڻ، سچ ٻولڻ، ڀڳوان جو ڀڄن ڪرڻ، نت نيم ڪرڻ، وغيره. اساڌارڻ ڪرم هر هڪ ورن جا جدا جدا آهن. هڪڙو ٻئي جو ڪندو ته خطا کائيندو، جيئن هٿن جو ڪم هٿ ئي نيڪ طرح ڪري سگهندا ۽ اکين جو ڪم اکيون يا واس جو ڪم واس. ورن ڌرم اِنلاءِ هلايا ويا ته سرشٽيءَ جو چرخو سڌو سنئون هلي، جيئن سڀ ڪنهن ڪارخاني، آفيس، گهر ۾ سڀني جو جدا جدا فرض يا ڊيوٽي ٿيئي. هرڪو پنهنجو فرض پوريءَ طرح پورو ڪندو ته سڀ سکي رهندا، پر جي هڪڙو ٻه هيٺ مٿي هلندو ته سڀني کي ڏک، هلاڪي يا ڪشٽ معلوم ٿيندو. اڄ ته سڀڪو پيو چوي ته ڇا جا ورن يا آشرم؟ سڀ هڪ سمان آهن. پر هر ڪنهن ڌرم يا مذهب ۾ ڀيد آهن. مسلمانن ۾ به ڪي سيد، ڪي پير، ڪي قريشي (برهمڻن وانگر) ۽ ڪي ميمڻ وغيره آهن. اهو مذهب ته رڳو ١٤ صدين کان آهي ۽ اسان جو هندو ڌرم ته آد کان آهي ۽ ڀڳوان پاڻ اهي چار ورن پيدا ڪيا، جي نه فقط هندن لاءِ آهن، پر ساري سنسار لاءِ. پر وايو منڊل بگڙجي ويو آهي. جيستائين اهي ورن پوريءَ طرح قائم هئا ته ملڪ ترقيءَ ۾ هو ۽ اُتاهون اُنتي ڪيائين ۽ پر پوءِ جيئن اهي ويا بگڙندا، تيئن ملڪ جو حال ويو پٽندو پوندو.

وشوامتر برهمڻ هو ۽ برهم رشي ڪوٺبو هو. برهما به کيس ائين سڏيندو هو، پر چاڻاڪ ته هو ويس کتريڻ جهڙو ڪندو هو ۽ هٿيار به هنن وارا ڪٽيندو هو ته وسشٽ مني کيس راج رشي ڪري ڪوٺيندو هو ۽ نه برهم رشي. وشوامتر کي هن ڳالهه تي ڪاوڙ ايندي هئي ۽ ان ڪروڌ وچان هن وسشٽ منيءَ جا هڪ سؤ پٽ ماريا، پر ان ڳالهه جو ڪو به ويچار نه ڪري هو هن کي راج رشي ئي ڪوٺيندو هو. هڪ ڏينهن وشوامتر کي خيال آيو ته وسشٽ مني متان مهنجي ڪپڙن ۽ هٿيارن کي ڏسي مونکي راج رشي ڪوٺيندو هجي، سو هڪ ڏينهن هو برهمڻن وارو ويس ڪري بنا هٿيارن جي هن وٽ ويو ته هن يڪدم کيس برهم رشي ڪري ڪيڪاريو ۽ ان موجب آجيان ڪئي. وشوامتر چيس ته "مونکي اڳ ڇو نه تي ائين سڏيو ته مان هوند تنهنجا سؤ پٽ به نه ماريان ها." کيس اُتر ڏنائين ته "اوهان جو ويس راجسي هو، انڪري مون اوهانکي راج رشي ٿي ڪوٺيو."

ي ڄاڻڻ جو اهو ويچار نہ آهي. هن جي سک، آرام ۽ واڌاري جو هر ڪو يتن ڪرڻ
جي، پر هن کان اوچ ڄاڻين وارا ڪرم ڪرائڻ واجب ۽ فائديمند نہ آهي. ڇا اسان جي
ـر پر ڪو انگ ڪاڻڻ لاءِ نہ ڪو ڪاڪوس ڪرڻ لاءِ ڪونہ آهي ۽ ڇا ٻئي انگ هڪ
ن لـي سگهندا يا هڪڙو ٻئي جو ڪرم ڪري سگهندو؟ جي ڀهي ڪـي هڪ سمان
يون لـ شريرجو ڪم ني هلـي نہ سگهندو. ڇٽون نہ مل مونڙ وارا استان يا انگ هجن
نہ، سڀ انگ. هڪ جهڙا پورا هجن، نہ ڇا ڪم هلندو؟

هڪ مهاٽو هو، جو هڪ مهاتما جي ڪٽيا جي لڳ واري ٽلاءِ تي ويو ميڇيون ڦاسائڻ.
سمت ڏسي پڇيس، جنهن ٻڌايو تہ گذاري لاءِ تو هي ڪم ڪريان. سمت جي پڇڻ تي
ہ ڇيائين تہ آهيان رڳو اڪيلو هڪ ڄڻو. مهاتما چيس تہ ”هڪ پيٽ لاءِ ايترا پاپ ڇو
ڪرين؟ اهو ڏندو ڇڏي مون وٽ اچي ويهہ تہ توکي اَنُ وسترسڀ ڪجهہ ملندو.“
الين ڪيو ۽ مهاتما جي شيوا بہ ڪرڻ لڳو. آخر نام جو دان گهريائين تہ اُڌار ٿئي.
لما چيس تہ ”تو پاپ گهڻا ڪيا آهن، سو هيءَ بانس جي لٺ ڪٽي ليرڪ ڪرڻ وڃ ۽
هن اها لٺ ساوي ٿي پوي ۽ اُن پر پن نڪرن، تڏهن واپس اچج، تہ مان سمجهندس
تنهنجو اُنتهڪرڻ شدّ ٿيو آهي ۽ پوءِ توکي گيان ڏيندس.“ هو اها لٺ کڻي هليو.
ين منزل ويهن ميلن تي ڪيائين ۽ هڪ وڻ هيٺان ديرو ڪري ويهي رهيو. آڌي رات
ويهہ کن ڌاڪو مشعالون کڻي آيا ۽ پاڻ پر صلاح ڪرڻ لڳا تہ پرسان جو ڳوٺ آهي، اُن
فلاڻو هن گهٽيءَ جي گهرن کي ۽ فلاڻو هن گهٽيءَ جي گهرن کي باهہ لڳائي. هن اهو
ـ ٻڌو ۽ خيال ڪيائين تہ هي تہ خوفناڪ ڌاڙو آهن. مهاتما تہ مونکي پاپن لاهڻ لاءِ
ـ ڪرڻ موڪليو آهي، پر هنن کي بہ مارڻ ضروري آهي. اُنيڪ پاپ اڳي ڪيا اٿم،
پوءِ هيءَ پاپ بہ ڪري، پوءِ ليرڪ ڏي ويندس. سو سيئي متان اوچتو وڃي ڪڙڪيو
ن لٺ سان خوب هڪ هڪ کي ماري پورو ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ نشچنت ٿي سمهي
. صبوح ليو تہ اُٺڻ شرط ڏٺائين تہ اها بانس جي لٺ ساوي ٿي پيئي آهي. مهاتما جو
ڪم هوس تہ لٺ ساوي ٿئي تہ يڪدم موٽي اچج، سو ويو واپس مهاتما وٽ. هن لٺ
ي خوش ٿي ڪائنس پڇيو تہ ”ابا! ڪهڙو وڏو شڀ ڪرم ڪيو اٿيئي؟“ ڇيائين تہ
سائين! شڀ ڪرم تہ ڇا هيڪاري مون ڪيترن ڌاڙيلن جو خون ڪيو آهي!“ سربستي
ـ ڪري ٻڌايائين تہ ”ڳوٺ جي ماڻهن کي بچائڻ لاءِ مون ڌاڙن کي ماري وڌو.“
سمت چيس تہ ”برابر ٻاهران تہ اهو ڪرم بلڪل برو هو، پر اِن ڪري تو ڀاري پڄ جو
ڪيو آهي، جو تہ تہ هو ساري نگري ساڙي ڇڏين ها ۽ اُنيڪ جيو، ٻار ٻچا، ڳائيون
هرن، ميرون مرن ها ۽ ملڪيت ناس ٿئي ها. اُنهن جي بچي وڃڻ جو ڦل توکي مليو
ي، جنهن ڪري تنهنجو انتهڪرڻ شدّ ٿي ويو آهي.“ مطلب تہ ڪرمن جو ويچار ڏاڍو
هو آهي. ڀڳوان بہ اِهن تي تو چوي:

وسشٽ منيءَ وٽ هڪ ڇنڊال ويو. ڇيائين تہ ”سائين! اوهان سمدرشي آهيو، سو

شلوڪ ١٥. ائين ڄاڻي، اڳئين زمانــي ۾ موڪش جـي چاهڪ
(راج رشين اُتــوا برهم رشين) ڪرم ڪيا آهن [نشڪام ۽ ممتا ڪان سواءِ]
تنهنڪري تون بہ، اُنهن پراچين زماني جي اسان جي بزرگن جيان اُتي
ڪرم ڪر.

ڀڳوان چوي ٿو تہ جيئن موڪش جي لاءِ ڪوشش ڪندڙن پهنجي آتما کي اَڪرتا
اَڀوڪتا ڄاڻي شڀ ڪرم نشڪام ٿي ڪيا، تيئن هي اَرجن! تون بہ ڪر. هرڪو گيانوا
ائين ڄاڻي ٿو تہ ڦل جي اِڇا بندڻ ۾ وجهي ٿي. ڪرم ڪهڙو بہ شڀ هجي ۽ ڌرم انوسـ
هجي تہ بہ جي ڪامنا رکي ڪبو تہ ضرور بندڻ روپ ٿيندو. اهو بندڻ چڻ سونيءَ هٿڪڙي
وانگر آهي ۽ بــري ڪرم جو بندڻ لوهي هٿڪڙيءَ وانگر! مٿش جنم تہ مليو ٿي آه
بندڻن کي ٽوڙي آتم درشن ڪرڻ لاءِ، تہ پوءِ اهو ٿي سڏائنت هئڻ گهرجي تہ ڪرمن ڪند
بہ رڳو موڪش جي اِڇا رکجي ۽ ٻين ڪن بہ پدارٿن لاءِ چاهنا نہ رکجي. جڏهن ڀڳو
هيتري سرشٽي پيدا ڪري ۽ هلائي بہ پاڻکي اَڪرتا ٿو سمجهي تہ اسين ڪهڙي ڏ
آهيون، جو پاڻکي ڪرتا ٻڌائي وٺنا آهيون؟ ڀڳوان اڳتي فرمائي ٿو:

شلوڪ ١٦. ڪرڻ يوگ ڪرم ڇا آهي ۽ نہ ڪرڻ يوگ ڪرم يعني
اَڪرم ڇا آهي، انهيءَ ۾ وڏا وڏا ڏاها بہ منجهي ٿا پون. اِنڪري مان توک
ڪرم جو نرڻيہ ڪري ٻڌايان ٿو، جو ٻڌي تون اَشڀ ڪرمن ڪرڻ کان مڪـ
ٿيندين ۽ دک روپي سنسار کان ڇٽي پوندين.

ڪرمن جو نتيجو اَبتو بہ نڪري ٿو. ڪرپرش اَڀياگت ٿي اسان کان وستر يا ڌن دا
وٺي ٿو وڃي. وستر وڪڻي هـو ڌن ٿو ڪري ۽ اُن مان هو شراب يا ماس وٺي کائي ٿ
ٿو تہ اُن جو پاپ دان ڏيڻ واري کي بہ لڳي ٿو يعني چڱي ڦل ملڻ بدران اُن دان جو
برو مليتو. اُن طرح ڪرمن جي گت ڏاڍي ڳوڙهي آهي، جا ڀڳوان اڳتي سمجهائيندو.

ڪبير ڀڳت وٽ هڪ ڏينهن ڪو غريب محتاج آيـو ۽ اچي ڪجهہ گهرڻ لڳو. ڪب
وٽ اناج يا وستر تہ ڪونہ هو، سو ڪجهہ، سٽ جو پيو هوس، اهو ڪڻي هنکي ڏنائين.
اُن سٽ مان مڇين جي پڪڙڻ لاءِ ڄاري ٺاهي مڇيون ڦاسائي گذر ڪرڻ لڳو. ڪنهن ج
پڇڻ تي هن کي ٻڌايائين تہ اهو سٽ ڪيس ڪبير ڀڳت ڏنو هو. اِن ڳالهہ جي خبر ڪبير ڀڳ
کي پهچي وئي. هو يڪدم هن وٽ ويو ۽ چيائينس تہ ڀلا لوڪ! مون توکي سٽ ڏنو
تہ وڪڻي ڪجهہ سيڌو وٺي پيٽ پرڻ يا ڪپڙو اُڻائي پائيندين ۽ نہ هيڏي ڪڪرم لا
جنهن جو پاپ مونتي بہ چڙهندو. هن کان يڪدم اها ڄاري واپس ورتائين. اهـڙا ڪ
اسان سڀني کان بہ ٿيا ٿين. ڪرمن جي سلسلي کي شاسترن جي گياتائن کان سواءِ ڀيو ڪ
سمجهي ڪين سگهندو، جڏهن ڀڳوان ڪرشن پاڻ ٿو چوي تہ وڏا وڏا سياڻا پرش بہ منجه
ٿا پون. اُهوئي اُڌار لاءِ ناٿهو رڳو ٿون ٿا ڪن تہ هن کي ڪل ڪارائڻ ۽ وهارڻ کپي، پر ڪ

ــو خيال سمجهايل آهي. ڀڳوان ذور سان ٿو چوي ته ڪرمن جي ڳت کي چڱيءَ طرح
ــڻ گهرجي، نه ته هي منش جنم ويرٿ هليو ويندو.

هڪ رشيءَ وٽ هڪ شش وديا پڙهندو هو. جڏهن هو گيتا جي هن شلوڪ تي آيو ته
چيو ته مونکي سمجهايو ته ڪرمن جي ڳت ڇو گهري ۽ مشڪل ڪيئن آهي؟ گروءَ چيس
ــچا! تنهن جي ماسي وڏي يوگيشوري آهي. گيان ڪونه اٿس، پر يوگ جي ڄاڻو
ــي. سو ان کان وڃي اهو سوال ڪر." ڇوڪرو ويو پنهنجي ماسيءَ وٽ ۽ وڃي
ــلوڪ جو ارٿ پڇيائينس. ماسيءَ پڇيس ته "ارٿ زبان سان سمجهايانءِ يا اکين سان
ــو چاهين؟" چيائين ته "اکين سان ڏسي آنئو ڪريان ته بهتر." ماسيءَ چيس ته
ــءِ چاليهن ڏينهن کان پوءِ مونکي پٽ پيدا ٿيندو، اُن ڏينهن اُچجانءِ." اهو ٻڌي هو
ــوٽ ويو. گروءَ چيس ته "چڱو، هاڻي اڳتي پڙهه" پر هن چيو ته "اڳتي تڏهن پڙهندس،
ــن هن شلوڪ جو ارٿ پوريءَ طرح سمجهي ايندم." گروءَ ڪٿي ماڻ ڪئي.

چاليهن ڏينهن کان پوءِ سندس ماسيءَ کي پٽ ڄائو ۽ هو ويو، پر هن چيس ته "اڄ
ــوري چاليهين ڏينهن اُچج. ان ڏينهن مان ڪوهه تي ٻالڪ ڪٿي اشنان ڪرڻ وينديس.
ــونندي مونکي هڪ گهوڙي لت هڻندي، جنهن ڪري ٻالڪ ته ٻچي ويندو، پر
ــران ڇڏي ڇڏيندس. ان سمي مرڻ کان اول توکي ارٿ سمجهائيندس." چاليهين ڏينهن
ــائين ٿيو. ماڻيءَ کي گهوڙيءَ لت هنئي. ٻچي کي لڳ ڪن وانهڙن ڪٿي ٻچائي ورتو
ــءِ مرڻ لڳي. سندس ڀاڻيجو به اُتي پهتو ۽ چيائين ته "مهرباني ڪري سوال جو جواب
ــي پوءِ پران ڏي." هن چيو ته هنوقت منهنجي واسنا هن گهوڙيءَ پروچي پيئي آهي، سو مونکي
ــي شاهوڪار جي گهوڙيءَ جي پيٽان جنم ملندو. اُتي اُچج." ١٠-١٢ مهينن کان پوءِ
ــان شاهوڪار جي گهر وڇيري ڄائي ۽ هو اُتي هن وٽ ويو، پر وري هن چيس ته
ــرس. مان ٽن ورهين جي ٿينديس، ته شاهوڪار جو پٽ مونتي چڙهي شڪار ڪرڻ
ــو. اُتي هڪ ٻبر شير منهنجي پنيان پوندو. مان ڊوڙي شاهوڪار جي پٽ کي ٻچائي
ــينديس، پر شينهن جو هڪ چنبو مونکي لڳندو، جنهن ڪري منهنجو ماس ڦٽجي
ــو ۽ مان ان ڏک ۾ پران ڏينديس. ان وقت مونکان اهو جواب وٺج." آخر اهو سمو
ــي، پر هن تڏهن به جواب نه ڏنس ۽ مرڻ وقت کيس چيائين ته "هيتري وقت ڪانپوءِ
ــلاڻي سيٺ وٽ ڪنيا جو جنم وٺي اينديس. اُتي سوال جو جواب ملندءِ." ڪنيا ڄائي
ــءِ به اچي اُتي سهڙيو ۽ ڪنيا کان جواب گهريائين. ڇوڪريءَ چيس ته "١٤ سال
ــه منهنجي جڏهن شادي ٿيندي، تڏهن مان توکي جواب ڏينديس." آخر هو ويچارو
ــڪري ١٤ سال ترسي ويٺو. ڪنيا وڏي ٿي، مڱڻي ۽ شاديءَ جو ڏينهن به آيو. ويو
ــوٽ، پر هن چيس ته "جنهن وقت گهوٽ سان پلئو پلي ڏي، پالڪيءَ ۾ چڙهان، اُن
ــاچج." آخر اهو ڏينهن ۽ سمو به آيو. ان وقت ڇوڪريءَ چيس ته "ڀائي! اڃا نٿو
ــن؟ هي جو منهنجو پتي آهي، اُن کي تون سڃاڻين ٿو ته ڪير آهي؟" هن چيو ته

سماڌي رسوني ڪريو ته ان وقت مان به اوهان وٽ اچان؟" مُنيءَ چيس ته "ڀلي اچج." هو ٻئي ڏينهن رشيءَ وٽ ويو ته وري ٻاهران بيهي پيو پڇي ته "سائين! اندر اچان؟" منيءَ چيس ته "نه." چيائين ته "سائين! ڪالهه ته چيو هوءِ ته ڀلي اچج، پر اڄ وري منع ڀيا ڪريو!" منيءَ چيس ته "تو مون کان اڄ وري پڇيو ڇو؟ ڇهبو ته تون پاڻ کي گهٽ ٿو سمجهين، جو موڪل ملندي به وري مون کان پڇيءِ؟ اهڙا ڪمزوري دور ڪر، ته پوءِ ان لائق ٿيندين."

شلوڪ ١٧. ڪرم جو سروپ ڇا آهي، وڪرم (خراب ڪرم) جو سروپ ڪهڙو آهي ۽ اَڪرم (ڪرم نه ڪرڻ) ڇا آهي، اِهي سڀ ڳالهيون سمجهڻ گهرجن؛ ڇاڪاڻ ته ڪرمن جي گتي ڏاڍي نياري ۽ ڳوڙهي آهي.

ڪرم جي معنيٰ آهي ويدن شاسترن جي آگيا انوسار شڀ ڪرم ڪرڻ. جيئن ته ڌرم ڪرڻ، ست ٻولڻ، دان پنج ڪرڻ، اگني هوتر (هون) ڪرڻ، شڀ مارگ لي هلڻ وغيره، جن لاءِ رشي مني، گرو گوسائين، سنت مهاتمائون، پير پيغمبر، اوتار اولياءَ پرچار ڪري ويا آهن ۽ پيا ڪن.

وڪرم معنيٰ آهي نه ڪرڻ لائق ڪم يعني جن لاءِ ويد شاستر ۽ مهاپرش منع ٿا ڪن ۽ جي پاپ ڪرم ٿا ليکجن. جيئن ته ماس مدرا ورتائڻ، وڀچار، چوري، ڪوڙ ڪپت، ڪوٽ يا نِگي، ظلم، خون خرابيون وغيره ڪرڻ.

اڪرم جو مطلب آهي ڪوبه ڪرم نه ڪرڻ، نه چڱو نه برو؛ مالڪ ڪري وهڻ ۽ آس ۾ گذارڻ. ڏسڻ گهرجي ته هن تن مان ڇا ڪرڻ جڳائي ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي. اَڪرمي ته ڪڏاچت ٿي نه سگهبو. شرير ۽ اِندريون ته ڪٿي چپ ڪن، پر من ته هڪ گهڙي به مالڪ ڪري نه ويهندو. اَڪرمي ٿيڻ سان ڪو وهنوار به نه هلي سگهندو ۽ سارو سنسار ئي جڻ بيهي ويندو، جنهن مان انيڪ ڏک پيدا ٿيندا. وڪرم (بري ڪرم) ڪرڻ جو ڦل ته لازمي نرڪ آدي ڏک ۽ پيا ڪشٽ ۽ ڪليش ملندا. جي اَڪرمي ٿي ڪجهه نه ڪنداسين ته ڪوبه ڦل نه ملندو ته ڇهبو ته ٻئي نيڪ نه ٿيا ۽ اسان کي ڪرم يعني شڀ ڪرم ضرور ڪرڻ گهرجن. اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو ڦل ته هن جنم ۾ ڪالون پيا، جو هيترا سک، ڌن پدارٿ مليا آهن، پر آئينده لاءِ ڪجهه نه ڪيوسين ته پوءِ ٻئي جنم ۾ سک ڪيئن ملندا؟ ڪنهن سائين لوڪ خوب فرمايو آهي:

جهان منگهر بيج ڙلايا (وڌو) - سي لڻن (لڻندا) وچ وساڪ،
جهان ستيان سما گنوايا - سر ڀالن اُدالن راڪ،
جهان وهالي (پوکيا) اڪ ببول وڪ - سي ڦل ڪ ڀائن داک؟
الي ڪما سو الي ڀالمي - اي ويد سٽالن ساک.

ڪجهه ڪبو ٿي نه ته پوءِ ڇا ڀائبو؟ اڪ پير پوکي داک ڪم لڻبدو؟ جيڪي هن لوڪ ۾ ڪبو ته پرلوڪ ۾ ان موجب ڦل ملندو. معنيٰ ڪرتا ۾ ڪرمن، اڪرمن ۽ وڪرمن

شلوڪ ١٨. جو پرش ڪرم ۾ اڪرم ۽ اڪرم ۾ ڪرم کي ٿو ڏسي، اهو ـني پرشن ۾ ٻڌيوان آهي. هو يوگ يڪت آهي ۽ سڀني ڪرمن جي ـرڻ وارو آهي (يعني هو جڻ سڀ ڪجھ ڪري چڪو آهي).

هن شرير ۽ اندرين سان جيڪو وهنوار ٿئي ٿو، ان کي ئي ڪرم چيو وڃي ٿو. ـڪر اهو چڱيءَ طرح سمجهي ٿو ته ڪرم سڀ شرير ۽ اندريون ڪن ٿيون ۽ مان آتما ـيان ۽ مان ڪجھ نٿو ڪريان، اهو ڪرمن ڪندي به اڪرمي يعني اڪرتا آهي. اهو ـرمن جي ٻڌنن کان اسنگ رهي ٿو ۽ ٻڌلن ۾ نٿو ڦاسي. مگر جيڪو ديھ ۽ اندرين ـري نه ماڻ ڪري ويٺو آهي يا ڪٿي سماڌيءَ وانگر ويٺو آهي، پر اندر ۾ ڪرتاپڻي ـ ايمان اٿس ۽ من ۾ پيو ٿو گهاٽ گهڙي. اهو اڪرمي هوندي به ڪرم ڪري ٿو، جو ـپاڻ کي ڪرتا سمجهي ويٺو آهي. انهن اڪرمن جو به ڦل ڀوڳي ٿو، جو نه اڪرمي ٿيڻ ـري هو پنهنجا فرض پورا نه ڪري سگهندو ۽ گنهگار ليکبو. ڀڳوان ڪرشن به ارجن کي ـي آيو آهي ته يڌ ڪرڻ تنهنجي ورڻ ڌرم موجب تنهنجي شرير ۽ اندرين جو ڌرم آهي، ـو تون ضرور ڪر ۽ پر تنهنجو جيڪو آتما آهي، اهو اسنگ آهي. اهو سمجهي تون پاڻ ـي اڪرتا ڄاڻ ۽ موھ ڇڏي ڏي ته توکي يڌ ۾ مارڻ جو ڪو به پاپ نه لڳندو. ممتا ـڏي الي يڌ ڪر. آتما ته نروڪار، نرويو، نرڀؤ، نش ڪرم، نهه ڪلنڪ، شڌ، ست ـ آنند سروپ آهي. ائين جو پاڻ کي سمجهي ٿو، اهو پاڻ کي اڪرتا، اڀوڪتا ٿو ڄاڻي ـڪرمن جي ٻڌنن کان مڪت آهي.

جيڪو ڪرم اندرين کي روڪي، من ۾ اندرين جي وشين کي ياد ٿو ڪري، اهو ـڪ ۽ پاکنڊي آهي، پر جيڪو پرش اندرين کي پنهنجي من سان نيم ۾ آڻي، وشين ۾ ـنهنجي، اڇا رهت ٿي، ڪرم يوگ ۾ اندرين کي لڳائي ٿو، اهو سريشٽ آهي. مطلب ـجيڪي به ڪرڻ يوگ ڪرم آهن، سي شرير ۽ اندرين سان ڪندو رهجي، پر اندر ۾ ـم، ممتا ۽ اهنڪار نه رکجي. ان طرح من اسٿت ٿئي ٿو ۽ سڀ ٻڌن ڇڃي وڃن ٿا.

جڏهن ڀڳوان ڪرشن گوورڌن پربت جي پوڄا ڪرائي، ان وقت سڀني کي اهو ـديش ڏنائين ته پنهنجا ڪرم ئي آهن، جي جنم ۽ دک سک ڏين ٿا. گرو، ماتا، پتا، ـود ايشور ٿڇي، اهي ٿا اهي ڪرم ڦل ڏين. ڪرمن کان سواءِ ايشور به ڪا مدد نٿو ـي. ان طرح سڀني دکن الوا سکن کي پنهنجي ڪرمن جو ئي نتيجو سمجهڻ گهرجي. ـهن اهو نيڪ طرح سمجهه ۾ ايندو ۽ اهو ڄاڻبو ته اهي سرڳ نرڪ به ڪرمن انوسار آهن ـرا ڪرم ڪيئن ڪرڻ واجب سمجهبو؟ پوءِ ته ضرور هر وقت رڳو شڀ ڪرم ڪرڻ ۾ ـت گذارڻ سڀالي ليندي ته آخر سک ملي ۽ مڪتيءَ ڏانهن به وک وڌائيون، نه ته ڪرمن ـچڪر هلندو رهندو ۽ ان جي ڪٿي ڇاڻ به ڏکيو ٿي پوندو.

ڪٿي آهي ڪرم جي نياري، سدا ڪٿ ڪرم جي نياري،
پرڀو آهي نياڪاري، سدا ڪٿ ڪرم جي نياري.

”ها، هي منهنجو ماسات آهي، يعني تنهنجي ڀڀڻين جنم جو پٽ، جو ٽون ڇڏي مري
ويئي هئين ۽. ڇوڪريءَ چيس ته ”پوءِ ڏس ته ڪرمن جي گت ڪهڙي نه گهري آهي
جو جيڪو منهنجو هڪ جنم جو پيٽ ڄائو پٽ هو، اهوئي اڄ منهنجو پتي ٿيو آهي. اها
سڀ ايشور جي هٿ ۾ آهي. انسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي ۽ انسان جو ڪو وس ب
نٿو هلي.“

هڪ سيٺ جي گهر ۾ چاليهه چور آيا. سڀ ڪجهه لٽي ٻهاري کڻي ويا. ڀڳت ڀڳوان
کي ڏورابو ڏنو ته ”سائين! هي ڇا؟“ اوهان جو داس آهيان ته به هي ڏک، جو سموري
ملڪيت ڇٽ!“ ڀڳوان چيس ته ”ٻچا! تو اڳئين جنم ۾ انهن چاليهن کي ٿي ان طرح جد
جدا لٽيو هو ۽ هو به هر هڪ جدا جدا اچي توکان ساڳيو بدلو وٺن ها، پر تنهنجي ڀڳتي
ڪري مون اهو ڪيو، جو تنهنجي گهر کي ٤٠ دفعا لٽڻ ۽ خالي ڪرڻ بدران هو ڪٺا
ڪٺا اچي ڪنا ليا ۽ گڏجي رڳو هڪ دفعو تنهنجي گهر کي خالي ڪيو اٿن. يعني بدل
به ورتائون ۽ ٽون ٣٩ دفعا ٻچي به وئين. سوريءَ مان ڪنڊو ٿيو اٿيئي. اهو سمجهي شڪ
ڪرڻ ته به تنهنجي مرضي، جي هاءِ هاءِ ڪرڻ ته پلي ٽون ڄاڻ. جي هن ڪنڌي وق
رنيتو ته سوريءَ وقت خبر نه آهي ته ڇا ڪرڻ ها؟“ مطلب ته ڪرمن جو سنبنڌ سڀني
جو اناديءَ هليو ٿو اچي ۽ جنم به ڪرمن انوسار ملن ٿا. ڪي راجا ته ڪي رنڪ ٿا ٿين
ڪي شاهوڪار ته ڪي غريب ۽ ڪي سياڻا ته ڪي مورک، ڪي سکي ته ڪي ڏکي
پر اهو سڀ پرماتما جي اڇا انوسار ٿئي ٿو، ڇو ته ڪرمن جو ڦل سڀني کي هڪ هوني
ڏيڻ وارو آهي ۽ هن جو انصاف به پورو پورو ٿئي ٿو. ڪرمن جو ڦل پوڳڻو به ضرور پوي
ٿو ۽ ڪو به ان کان ٻچي نٿو سگهي. رڳو اهو ٿو ٻچي وڃي، جو آتما جو گيان پائي انه
بندن کان آجو ٿي، موڪش پد پائي ٿو. انسان جو ان ڪري اهوئي فرض آهي ته يڪد
گيان جي حاصل ڪرڻ پٺيان پئون ۽ ڪرمن جي گت بابت وچار به نه ڪرين، ڇو ته اه
اجايو وقت وڃائڻو ٿيندو.

هڪ پرش هڪ وڻ هيٺان ويهي آرام سان هڪ پوٿي پڙهي رهيو هو، ته اوچتو مٿا
هڪ نانگ ڪري اچي سندس جهول ۾ پيو. سوال آهي ته هو ان نانگ کي يڪدم ڪڍي
ڪهڙي سوڌو پري ڦٽو ڪري يا ويهي اول وچار ڪري ته نانگ ڪيئن ڪريو، ڇو ڪر
وغيره؟ سڀڪو چوندو ته اول نانگ کي پري ڦٽو ڪري، نه ته هو ڪيس ڏنگ هڻي
ماري نه وجهي. ان طرح انسان ۾ جو ڀرم آهي ته اسين شرير آهيون ۽ نه آتما، اهو آهي
زهريلو نانگ، جنهنکي يڪدم ڪڍي پري ڦٽو ڪرڻ گهرجي ۽ نه ته ويهي خيال ڪجي
اهو ڀرم ڪيئن ٿيو، ڇو ٿيو يا ڪٿان ٿيو؟ ائين ڪبو ته هي امولڪ منش جنم ته ان ۾ ئي
هاريو ويندو. پوءِ پنهنجو ڪلياڻ ڪيئن ڪري سگهبو؟ آتما مان اگيان روپي نانگ ک
يڪدم ٻاهر ڦٽي ڪرڻ ۾ ئي سياڻپ آهي.

هڪ ماڻهوءَ جو درشٽانت ڏنو ويو آهي ته هڪ مهاتما کي رڳو ڊال ڦلڪو کارائڻ ...ونا اوچي هيس ته کڄهه وڏيڪ هجڻ ها، ته هوند خوب پوريون مالپڙا کارائي ناهمان ...ان کي مهاتما آسيس ڏني ته جهڙي ڀاونا اٿيئي، اهڙو ڦل ملندءِ. ته هوءَ جلد ئي بلڪل ...ڪار ٿي پيئي، جڻ اهو ڪرم ڪيائين، پر ستدس هڪ پاڙي ۾ رهندڙ شاهوڪار ...استري ڏن پدارٿ هوندي به ساڳئي مهاتما کي وڏيڪ ڏن جي لالچ رکي، رڳو ڊال ...ر کارايو ۽ چيائين ته سائين غريب آهيون، ڪا آسيس ڪريو! مهاتما هن کي به ساڳي ...س ڪئي ته جهڙي ڀاونا، اهڙو ڦل ملندءِ، ته هوءَ غريب ٿيندي ويئي. مطلب ته ان ...ڪار ڙال ڪرم ته ڪيو، پر وپريت ڀاونا ڪري، ڦل خراب مليس. ان ڪري ڪرمن ...گتي سمجهڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

...ڪر جج ڪنهن ڪيس ۾ سزا ڏئي ٿو، جيتوڻيڪ انصاف موجب هو سزا جو لائق ...آهي، پر ٻئي ڪنهن خيال کان هن کي سزا ڏني ٿي وڃي، ته اهو ڪرم انصاف جو ...ر نه ٿيو، پر انصاف جي خيال کان اَڪرم آهي ۽ يعني فرض جي ڪوتاهي. وري جي ...ن چور يا خونيءَ کي ڪو مئجسٽريٽ سزا نٿو ڏئي ۽ پاسخاطري ڪري يا رشوت ...ڇڏي ٿو ڏنيس ته اَڪرمي هوندي به ڪرم جو ڦل ملندس يعني هن کي سزا نه ڏيڻ ...پاپ ڪرم ڪيائين، اُن جو ڦل ڀوڳيندو. جيڪڏهن ڪو مئجسٽريٽ يا جج انصاف ...ب ڏوهيءَ کي سزا ڏئي ٿو ته اهو هن لئي ظلم نه آهي، پر رحم. ليڪن جيڪڏهن ...ن ۽ اُجوڳي خيال کان سچي ڏوهيءَ کي ڇڏي ٿو ڏئي ته اهو هن سان ظلم ڪري ٿو آهي؛ ...هو وڏيڪ گناهه ڪندو ۽ آخر وڏي سزا پائيندو ۽ هن مان ٻيا ماڻهو به ڏک ڪليش ...ندا. اهو پاپ ان جج يا مئجسٽريٽ لئي پوندو. جيڪڏهن ڪو ٻار چوري ڪري ۽ ...س ماءُ پيءُ موهه وچان هنکي سيکت نه ڏين، ته هو وڏيڪ بگڙندو ۽ عادت پرائيندو ...ر شايد جيل به پوڳي. پر جي هنکي يڪدم سزا ملندي ته هو سڌري پوندو. اها سزا ...پيار آهي ۽ سيکت نه ڏيڻ جو ڪم هڪ ظلم. راڄنيتيءَ ۾ ته جيڪر راڄا ڏوهيءَ کي ...نٿو ڏئي ته اهو هن جي ڏوهه جو ذميوار پاڻ ٿو ٿئي.

...ارجن ٻڌون ڪيو هو ته جيڪو مون کان يڌ ۾ ڪانڌيو ڌنش ڇڏلدو، ان جو مان سر ...ڇڏيندس. مهاڀارت جي يڌ ۾ اهڙو وقت آيو، جو يڌشٽر جا سڀ هٿيار ڪري پيا ۽ ...ي هٿيار ٿي پيو. سامهون ارجن بيٺو هوس، جنهن کان هن ستدس ڌنش ڇڏيو ته پاڻ ...ي. پر ارجن پنهنجو پرڻ ياد ڪري تلوار ڪڍي مٿس الر ڪئي. ڪرشن ڀڳوان يڪدم ...ي چيس ته "ارجن! سنڀال." هن چيو ته مون پرڻ ڪيو آهي. ڀڳوان سمجهايس ته ارجن! ...ن جو پنهنجو ياد ڪر. ان جو سبب اهو هو ته متان ڪو ڏوکو ڪري ٿو ڪان ڌنش ڇڏي. ...وقت ته تنهنجو سڳو ڀاءُ، جو تنهنجو راڄا به آهي يعني تنهنجو مالڪ، جنهن ٻڌرڻان ...ڙي رهيو آهين، سو پنهنجي سر جي بچاءَ لاءِ ٿو ڪان هٿيار ٿو ڇڏي، ان وقت تنهن ...و پرڻ رکڻ مهاپاپ آهي؛ جو ته ته يڌشٽر مارجي ويندو! مطلب ته ڪرمن ڪرڻ وقت

١- ڦري جيئن ٿو چڪر جڳ جو، گهڙيءَ نهر گهڙيءَ اوچو،
ليئن ڏک سک سنساري، سدا گت ڪرم جي نياري.

٢- ڪڏهن راجا ٿين پيءُ، ڇٽ ڀهرين ڳپ ڇيٽو،
الٽ پلٽ دنيا ساري، سدا گت ڪرم جي نياري.

٣- ڪڏهن سکيا ڪنگر پرجن، ڪڏهن پرپور سکيا ليـن،
وهي جڳ لار ڦتوڀاري، سدا گت ڪرم جي نياري.

٤- ڪٿي سمپدا سک ساراہ، سدا پرپور ڀنڊارا،
ڪٿي روڏن رهي جاري، سدا گت ڪرم جي نياري.

هن ١٨ شلوڪ جي ٻي ٽيڪا هن ريت آهي:

ڪرم لفظ جي هڪ معنيٰ آهي شرير ۽ اندرين سان ڪيل ڪرم. ٻي معنيٰ ڪرم جي آهي گيان جي وشيه يعني جا شيءِ ڏسي ۽ ڄاڻي سگهجي. جيئن هي پستڪ ڄاڻڻ جي وشيه آهي. ساري سنسار کي به "ڪرم" چئي سگهجي ٿو. نديون، نالا، پرٻت اهي سڀ "ڪرم" ليکبا. برهم جو شرير جو اندرين سان ڏسڻ ۾ يا سمجهڻ ۾ نٿو اچي، اهو ٿيو "اڪرم". ان ڪرم ۾ جو "اڪرم" يعني برهم ڏسي، اهو ودوان آهي. يا "اڪرم" جو برهم آهي، ان کي سرو وياپي ڄاڻي، ان ۾ ساري سنسار يعني "ڪرم" کي ٿو ڏسي، اهو بدِّمان آهي. ڪرم معنيٰ سنسار ۽ اڪرم معنيٰ برهم. سنسار ۾ برهم ڏسجي ۽ برهم ۾ سنسار. اهو ئي گيان آهي. اهو جو ڄاڻي ٿو، اهو ڀڳوان ۾ لين ٿيو وڃي. ساري سنسار ۾ هڪ پاربرهم ئي وياپڪ آهي. جيڏانهن ڪٿي نظر ڪريون ته ان ۾ سائينءَ جو سيڱار ڏسون، پر ورلو ڪو مايا جي رنگن ۾ موهت ٿيڻ کان بچي اها سُڌ حاصل ڪري ٿو.

هن شلوڪ جو ٽيون ارٿ به ڪيو اٿن:

اگني هوتر وغيره جي برهمڻ جا ڪرم آهن، سنڌيا وندن، گايتري، اپاسنا، دان پڇ جي ٻين سڀني ورڻن جا ڪرم آهن، اهي سڀ ايشور کي پرسن ڪرڻ لاءِ ڪجن ٿا ۽ اهي ويدن جي آگيا انوسار نت ڪرڻ گهرجن، نه ته ڀڳوان پرسن نٿو ٿئي. انهن نت ڪرمن کي "ڪرم" چئجي ٿو. انهن ڪرڻ سان ڪو به بنڌن نٿو ٿئي. ان ڪري اهي جڏهن اڪرم ڏيا، ڇو ته رڳو ڪاما وارا ڪرم بنڌن روپ آهن. جيڪي اهي ايشور پريه نت ڪرم نٿا ڪن يعني اڪرمي ٿا ٿين، اهي جڏهن فرض ادائيءَ کان کسن ٿا ۽ جڏهن برا ڪرم ڪيائون، جو ته فرض نه ڪرڻ به پاپ آهي.

هن شلوڪ جو چوٿون ارٿ هن ريت آهي جو اصلي وشيه سان ٿو ملي ته ڪرم بلڪل ٻوڙها ۽ ٻي الٽ آهن.

دان، تپ، يگيه، نيم وغيره جي ڪرم آهن، سي به جي پريم ۽ شرڌا کان سواءِ ڪيا ته اڪرم ئي پوندا ۽ ڪو به ڦل نه ڏيندا، جن پرشن کي ڪجهه ڪرڻ جي شڪتي نه آهي پر شرڌا ڌاري اٿن، من ۾ پريم اٿن ته هوند ڪجهه ڪريون، سي اڪرمي هوندي به پاورا جو ڦل پائين ٿا ۽ جڏهن ته اهي ڪرم ڪيائون!

ي ڪجهه به نه ليندو. ان طرح گياني ڪي ڪرم ته ڦل نٿا ڏين. گمان نه آهي، ته ليسن
ن جو چڪر هلندو رهندو، پوءِ ڪٿي اندر ديو جي پدوي ته ڀالي ڀا ڪٿي اجا به ڪڏهن
ي اوچ اوستا تي پهچي. جيستائين ڪامنائون ۽ سنڪلپ آهن، ته ڪرم به ضرور ٿيو
ا ۽ جڏهن اهي دور ٿيا ته جڻ ڪرم دور ٿي ويا ۽ هن شرير رهڻ تائين پرارٻڌ ڪرم
ي، هن جا لڇڻ لٽن سان ملي ويندا ۽ هو مڪت ٿيندو. ڪن وشيش معنيٰ جو ته اهو
آهي ته گمان ليندو ني ٿاهن، جڏهن ڪرمن جو حساب مٽندو، تڏهن وڳهن پيا پوندا
ن پوري طرح نه ليندو. آتما جي پرڪاش سان انتهڪرڻ ۾ جو پرڪاش ٿئي ٿو، ان
گيان لو ڇٽجي. ان پرڪاش سان انتهڪرڻ ۾ پيل سنچت ۽ ڪرياوان ڪرم سڙي
وڃن.

شاسترن ۾ مثال اچن ٿا ته فلاڻي سنت جي ڪرپا سان فلاڻي کي پٽر، ڌن دولت
ه جي بخشيش ملي. گرو الهاس ۾ به آيو آهي ته هڪ مائا سلکڻي ستر ورهين جي
واري گرو هرگوبند صاحب جن وٽ وئي پٽر جي بيک وٺڻ، جو کيس اولاد ڪونه هو،
وڃن چيس ته "مائي! توکي پٽر جو ليک ئي نه آهي." هوءِ نراس ٿي وڃڻ لڳي ته
ڀائي گرداس ويٺو هو. اُن ڏٺو ته هيءَ مائي نراس ٿي پيئي وڃي، پر گرو نانڪ جي
ان هيلتائين ڪو به خالي ڪونه ويو آهي، سو کيس صلاح ڏنائين ته وري گروجن وٽ وڃ ۽
مس قلم به ڪٽي وڃي چئه ته "سائين! جي منهنجي مستڪ ۾ پٽر جو ليک لکيل نه
، ته هاڻي ڪٽي اوهين لکو. ڇو ته هتي به لکڻ وارا اوهان ئي آهيو!" مائي گروجن وٽ
قلم ڪٽي وئي ته ان وقت هو گهوڙي تي سوار هئا. مائيءَ جو صدق ڏسي ۽ هيءَ ته
صلاح کيس ڀائي گرداس ڏني آهي، مس قلم وٺي مائيءَ جي مستڪ تي ايڪي جو
لکڻ لڳا، پر گهوڙي جي هلڻ ڪري ايڪي بدران ستو ٿي پيو ۽ مائيءَ کي ۷۰
ن جي عمر کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ۷ پٽر ٿيا. انهن گهٽيتي پاپي ۽ گهنگار سنتن مهاتمائن
آسيس سان تري ويا. سنتن مهاتمائن وٽان مائهن کي من گهريا پدارٿ ملن ٿا، ان جا
ڪ مثال دنيا ۾ پيا ٿين. ڪي چون ٿا ته جا بخشيش سنت مهاتمائون ڀا خود ايشور
ب ٿو، اها به ڪرمن جو ئي ڦل آهي. پرماتما برابر سرو سمرٿ آهي ۽ جيڪي چاهي،
ڪري ٿو سگهي. ڏيئهن مان رات ۽ رات مان ڏينهن به ڪري سگهي ٿو، مئلن کي
ب ۽ جيئرن کي ماري ٿو سگهي، پر رواجي طرح نيم نهيل آهن ۽ گيان کان سواءِ
ن جو ناس ٿيڻ ناممڪن آهي.

قادران قدرت تو داري - هرچ خواهي مي ڪني،
مرده - راجان تو بخشين - زنده - رايجان ڪني.

هاڻي اهو سمجهڻ گهرجي ته برهم گيان ڪيئن تو ڪرمن کي ناس ڪري. ڪرمن جو
وپ رنگ ته آهي ڪونه، جن کي برهم گيان جي اگني جلائي ٿي. ڪرم ڪن ته شرير
ورن ٿا، پر جيستائين اگيان آهي، اوستائين اسين ائين ٿا سمجهون ته اهي ڪرم آتما

۽ عقل کان ڪم وٺڻ ضروري آهي ۽ آخرين نتيجي ۽ ڦل جو خيال ڪرڻ گهرجي، ن
دوکو کائبو.

هن شلوڪ جو اپديش ڏيندي ارجن سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! نِت ڪرمن جي
ڇڏڻ ۽ ڇڏڻ جي بدلي ۾ ڦل لهندي يا اصل نه؟ ماڻهو جڏهن نِتيا ڪرم ڇڏي ڏيندو ته ڪنهن کان پاپ
سمجهه سان ملي ۽ ان ۾ سمائجي وڃي. ڀڳوان ان جو جواب هن ريت ڏنو:

شلوڪ ١٩. جنهن جا سڀ ڪرم ڦل جي ڪامنا ۽ من جي سنڪلپن کا
رهت آهن ۽ جنهن جا ڪرم گيان روپي اگنيءَ سان ڀسم ٿي ويا آهن، انک
ڏيوان پرش پنڊت ٿا ڪوٺين.

ڀڳوان اهو سمجهائي ٿو ته منش جا ڪرم ئي سڀ ڪجهه آهن. انهيءَ سک
دک، سرڳ، نرڪ ۽ ڏيڻ وارا آهن. ڪرم، مترو، دوستي ۽ سڀ انهي ڪرمن تي آهن
نيڪ ڪرمن کانسواءِ نه نرو ملندو ۽ نه ايشور جو درشن ٿيندو. پر جيستائين اهي ختم نه
آهن، اوستائين جنم مرڻ جو چڪر ۽ ڦيرو رهندو. ڪرم ڪڏهن ختم ٿيندا، جڏهن پورو گ
روپي اگني پرگهٽ ٿئي ۽ انتهڪرڻ ۾ پيل ڪرم ڀسم ٿي پون ۽ انهن کي ڦل ڏيڻ ج
سگهه نه رهي. اهو ڪرمن جو خزانو سنسڪارن جي روپ ۾ انتهڪرڻ ۾ پيو آهي. ڪر
کي ٽن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪڙا سنچت جي اڳين جنمن جي جنمانترن ۾ ڪ
ڪرم ڪٺا ٿيا پيا آهن. ٻيا ڪرياوان، جي ڪجهه پيا ۽ ٿيان ورتمان يا پراربڌ ڪرم،
کي چالو ڪرم ٿا چئجي ٿو، جن جو ڦل ملي رهيو آهي. انيڪ جنمن جا ڪرم آهن
واريءَ جا داڻا ڳڻي سگهجن، پر جيترا جنم ورتا اٿئون، انهن جو ڳاڻاٽو وسشٽ مني چو
ٿو ته ڪرڻ ڏکيو آهي؛ ته پوءِ انهن ۾ ڪيل ڪرمن جو ڳاڻاٽو ڪيئن ٿي سگهندو؟ انهن سڀن
ڪرمن مان جي پراربڌ روپ ۾ اچي ويا آهن، انهن جو ڦل ته ضرور ڀوڳڻو پوندو، لوڙ
گيان ۽ ڪلي حاصل ٿئي، پر باقي سنچت يا ڪرياوان ڪرم گيان اگنيءَ سان ڀسم ٿي و
ٿا. شاربڪ پاش گرنٿ ۾ صاف صاف اها ڳالهه سمجهائي آهي ته ڪيترن ۽ ڏيڻ سڄڻ
ڪرامتون هجن، ڪيڏو به ڪير پير فقير هجي، پر گيان اگنيءَ کان سواءِ اهي ڪر
ناس نه ٿيندا. برهم گيان سان ئي ڪرمن جي پاڙ پٽجي ٿي، پوءِ اهو برهم گياني ڪ
۽ شرير ڇڏي ته هو مڪت ٿئي ٿو. هو ڳنگا ڪناري شرير جو تياڳ ڪري يا مگ
استان ۾، جو نيچ ليکيو ويو آهي، وڏن ڀلنگن ۾ سک سان پران تياڳي يا هاءِ هاءِ ڪند
روئن ۽ پيڙ جي ساهه ڇڏي، ته هن لاءِ ساڳي ڳالهه آهي. هو اڳئي لاءِ مڪت آهي ۽ ڪرم
جي چڪر کان آجو ٿي، پالڪي شڌ ست چت آنند سروپ برهم يا آتما ساڪي ٿو سمجهي
سنتوس ڪرمن جو ڪرتا ڀاءُ ئي نٿو رهي. ڪرتا ڀاءُ واري کي ئي ڪرمن جو ڦل چکڻ
پوي ٿو ملي ٿو.

آڪاش نرآڌار آهي. اُن ۾ ڪلي هندوءَ ٿين جون ڪرڻيون هلايون يا ٻيو اڇلايون

...لو هوم، سو اُنهن کير. ٻي ڪاٺ اڃا مونکي ڪانه آهي. ٻن مترن ۾ پراچ ڪمس ...ل جيئن اڳين سڀني ڪالين ۾ آهي، پوءِ اها ڪالي ڪهڙيءَ ۽ صورت ۾ هجي؛ ميز، ...سي، چوڪاٺو، دروازو، ٽيبو، صندل، ميز يا ٻيو ڪا تختو، سڀني ۾ آهي؛ ان آتما ۽ سڀني پراڻي مالر ۾ اندر ۽ ٻاهر آهي. جيئن کير ۾ گيهه، گلن ۾ خوشبوءِ، ...ند ۾ رس، لوڻ ۾ لپل آهي؛ تيئن آتما ۽ اوچ اُلوا نيچ سڀني جيون ۾ آهي. اهو آتما ...لي آهين.

ڪاهي ري بن کوجن جاڻي- سرب نواسي سدا اليپا توهي سنگ سماڻي.
...پشپ مڌ جيوُن باس بست هئہ- مڪر مانهہ جيوُن ڇاهي؛
تيسي هي هري بست نرنتر- گهٽ هي کوجو ڀائي.
ٻاهر ڀيتر ايڪو مانو- ٻهہ گر گيان ٻتائي؛
جن نانڪ بن آپا چيتي- مٽي نہ ڀرم ڪي ڪائي.

شلوڪ ۲۱. برهم گياني آشائن کان رهت ٿي پنهنجو چت ۽ اندريون ...ڪي ۽ سڀ وشيہ سنبنڌ ڇڏي، رڳو شرير جي پالن ڪرڻ واسطي ڪرم ...ي ٿو ۽ اُنهن ڪرمن ڪندي، هو ڪنهن بہ پاپ کي نٿو پراپت ڪري ...ي ڪرم ڦل کي نٿو ڀوڳي.

...ڀڳوان جو مطلب آهي ته جي سڀ ۾ برهم ٿا ڏسن ۽ برهم ۾ سڀني کي ٿا ڀسن، اهي ...ي آشا ڪن ۽ ڪهڙيون اڇائون رکن؟ هنن پنهنجي من ۽ چت کي جيتي ڇڏيو آهي، ...جي ساڌنن (ڌن، پدارٿ، استري، اولاد وغيره) کي تياڳ ڪري، رڳو شرير ...نرواهہ واسطي سڀ ڪرم ڪن ٿا يا ٻين جي مثال لاءِ شڀ ڪرم ٿا ڪنهن ممتا جي ...ٿا ۽ ڀاڳ کي اُڪرتا اُپوڳتا جاڻي پراربڌ انوسار جيڪي ملين ٿو، اُن تي راضي رهن ٿا. ...جي اڇا ته ڪير نٿو ڪري پر ٿيا اڇا جي ۽ دک پاڻ پون ٿا. ان طرح سک ۽ پراربڌ انوسار ...ي ملندا ۽ اڇائون رکڻ اجايون آهن. گيانوان پرش جاڻن ٿا ته سڌن سمجهہ ۽ ڪرياوان ...سڀ گيان اڳيءَ ۾ ٻجي ويا آهن ۽ ٻجل ٻج وانگر ڪو ڦل نہ ڏيندا. پراربڌ ڪرم ته ...ي ۽ اوس ڦل ڏيندا ۽ ڪنهن بہ اڇا رکڻ جي ضرورت ئي ڪانہ آهي. جن کي گيان ...ي، اهي سو ٻين اڇائون رکن ٿا ۽ ٻين کي سکي ڏسي اُندر ۾ سڙن ٿا ته اسانکي ...سک ڇو نہ ٿا ملن! هو نٿا جاڻن ته سک ۽ ڪرمن جو ڦل آهن. جهڙا ڪرم ڪيا اٿئون ...رٻون پيا، اُن موجب سک يا دک ملندا ۽ اڇائن ڪرڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو. شانتي ... ڀانئو آهي تہ هيڪاري اڇائن کان دور ٿجي. آخر ڌن اُهڙو آهي جو لوڪ پرلوڪ ...سک ۽ پدارٿ هن جي هڪ ٻئيءَ برابر بہ نہ آهن. سو جيهنڪي اهو ملير، سو ...يا پرلوڪ جي پدارٿن لاءِ اڇائون ڪيئن رکندو ۽ ڇو رکندو؟ اهڙا سنت تہ ڀاڳ ...پرهالڌ جا مالڪ آهن ۽ پرماتما ۽ منجهن تہ ڪوبہ ڀيد ئي نٿو رهي. پرماتما ۽ هنن

ٿو ڪري. اهو اگيان آهي ته ڪرمن جو ڦل به جيو آتما ٿو ڀاڳي، جو نه ڪرمن جو واسو اگيان ۾ آهي. پر جڏهن آتما جو گيان ٿيو ته مان ڀاڳي برهم آهيان نه اگيان ۽ ان مان پيدا ٿيل ڀرم سنسا سڀ ناس ٿي ويندا، اهين جيئن سورج نڪرڻ سان انڌيرو دور ٿي ٿو وڃي. پوءِ ڪرم وري ڪٿي رهندا ۽ تڏهن اهي به ناس ٿي ويندا. پوءِ اسين اهو چائون ٿا ته مان اڪرتا اڀوڳتا آهيان ۽ ڪرم سڀ شرير ۽ اندرين جا ڪيل آهن، ته پوءِ ڦل به جيو آتما کي ٿيو ملي، جو نه ممتا نٿي رهي ۽ شرير ۽ اندريون ۽ جيو آتما کانسواءِ جڙ آهن ۽ هٿ ٿي مرڻ ڪالبوت ساڙيا، دفن ڪيا يا جل ۾ پرواهه ڪيا ٿا وڃن. پوءِ ڪرمن جو ڦل ڪيئن ۽ ڪٿان ملندو ۽ جڏهن ڪرم سڀ ڀسم ٿي ويا. جيڪو پاڻ کي برهم ٿو سمجهي، اهو هر هڪ جيو کي برهم سمجهندو. اِنڪري هو نه ڪنهن کي ڏکوئيندو ۽ نه ڪو پاپ گناهه ڪندو.

درياهه مان شينهن لنگهندو آهي ته سڌو هلندو آهي. جي پاڻيءَ جي زور ڪري ڪجهه ڇهر هلي ويندو آهي ته وري واپس ويندو آهي ۽ ٻيو دفعو پار لنگهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيسين سڌو هليو وڃي. ساڳيءَ طرح اسان مشن کي ٻڌ ڌرم جي سڌي وات ڪڏاهين نه ڇڏڻ گهرجي. جيڪڏهن مايا جي وس ٿي اوجهڙ پنڌ ۾ وڃون، ته وري موٽي سڌيءَ راهه تي هلڻ جڳائي، جنهن لاءِ پورن ستگوروءَ جي ضرورت ٿئي ٿي، جو ٿي گيان جي وات تي لڳائي ۽ پار پهچائي ٿو سگهي.

شلوڪ ٢٠. ڪرمن جي ڦل جي اِڇا تياڳي جو پرش نت آنند ۾ رهي ٿو ۽ ڪنهن جو به آسرو نٿو وٺي، اهڙو پرش جيڪڏهن ڪرمن ڪرڻ ۾ مشغول آهي ته به هو ڪجهه نٿو ڪري [۽ نه هن تي ڪو پاپ پهچ ٿو لڳي].

اهڙو مهاتما سڀ ڪرم پرڪرتيءَ جي آڌين سڀاوڪ طرح ڪري ٿو، پر سچ پچ هو ڪنهن به ڪرتوپ لاءِ جوابدار نه آهي. ڪرمن ڪندي به هو اڪرمي آهي. ڀڳوان هن ڳالهه تي زور ڏيڻ لاءِ ساڳيو اپديش وري ٿو ڪري. جيڪو پرش پاڻ کي شڌ ست چت آنند سروپ برهم ٿو سمجهي، اهو جيڪي به ڪرم ڪري ٿو، اهي ٻين جي ڀلي لاءِ؛ جو نه هن کي پنهنجي لاءِ ڪجهه نه گهرجي. هن جون سڀ اڇائون پوريون ٿي ويون آهن، هو هر وقت ترپت ۽ نڌوَل آهي ۽ ڪجهه به گهرج نه اٿس، جنهنڪري ڪنهن جي مدد به نٿو چاهي. جيئن جنهن تي راڄا جو وصحوندو آهي، اهو وزيرن يا عملدارن جي ڪا پرواهه نه ڪندو آهي. جنهن کي پرماتما جو رس اچي ويو آهي، ان کي ٻيا ڪي به دنياوي رس مٺا نٿا لڳن، جو نه سڀ رس، سواد، آنند ان آتما مان ئي نڪرن ٿا، جو آتما هو پاڻ ئي آهي. ان کان ٻاهر نه ڪجهه آهيئي ڪونه، نه پوءِ ڪنهن جو آسرو ڇو وٺي؟ هن جو وشين يا دنياوي پدارٿن جي رس ۾ خيال به نٿو وڃي.

لهڪيما کي جڏهن ڀراج آئر گيان ڏنو، تڏهن هن چيو ته "مان هاڻي تمام ترپت ٿيو آهيان. جيڪي پڙهڻو هوم، سو پڙهي چڪو، جيڪي ڏسڻو هوم سو ڏٺم، جيڪي الهؤ

ن مان ليل ڪڍائي مالش ڪندس ته سور لهندو. سو ڪو ٿاڙو ڪليجو هٿ ڪري اچ "
دميءَ چيو ته "سائين! اجهو تو مرليو لوڪ ۾ وڃي وٺي اچان." ويو ۽ ڪيترن کي
لين پر هرڪو چويس ته ڇو نيو آهين ڇا؟ جگر ۽ ڪير ڪڍي ڏيندو آهي؟ خيال
بانين ته ڪن ٻڌڻ کي ڇوان، پر انهن وٽان هيڪاري وڏيڪ کهرا جواب مليس. دنيا
ج ته ڪنهن جو به نشت نه ليو آهي، سو آخر هڪ ستت ڪڏيس، جنهن سان ۾ اها ڳالهه
بانين تہ هن يڪدم ڇري کڻي پنهنجو جگر ڪڍي کڻي اڳيان رکيس ۽ پران ڏنائين.
دمي اهو ڪليجو کڻي آيو وشنو ڀڳوان وٽ. الي اچي ڏسي ته اهو ستت ته اڃا ۾ ني
ي پهچي ويو آهي. ڀڳوان چيس ته "منهي راج! تنهنجي سوال جو جواب تو کي ملي ويو
ي. جيڪي ستت هيڏي قرباني مون لاءِ ڪنتا، ڇا انهن سان ڪڏهن حساب رکيو آهي؟
ستت ٿي ان ماليءَ کي چار پت ڏنا هئا. هوُ مون تان سر قربان ڪرڻ کان به نہ
ڪيو، ته اهڙن جي وڃن رکڻ لاءِ ڇا مان دفتر وهي کڙليان؟ تون ۽ تہ پنهنجي جگر
ماس ڏيئي سگهين ها، پر نه ڏنءِ! اهڙن پورن ڀڳتن ۽ ستن جي واٽ مان نڪتل وچن
ڏهن ۾ نٿو هٽي سگهي، ڪٿي سورج سيتل ٿي پوي، چندرما اگني ورسائي، پر ٿي
نڙل جا گل جمي پون!" فارسيءَ واري چيو آهي:

گر ترا چشم محبت واشود - بر ترا معشوق خود شيدا شود.

جيڪڏهن تنهنجي سڪ محبت واري اک کلي پوي تہ محبوب پاڻيهي توتي خود
بان ليندو. ڏيو ٻرندو تہ پروانا پاڻيهي ايندا ۽ اچي جان ڏيندا. گل ليندا تہ ڀونئرا
ـود واس وٺڻ هليا ايندا، رڳو اسين ڪجهه ٿي ڏيکاريون تہ ايشور اسان جي نيڻ لاءِ
وقت تيار ويٺو آهي.

ارجن پوءِ سوال ڪيو تہ اهڙن مهاتمائن ۽ گيانوانن جو نرواهہ ڪيئن ٿو ٿئي؟ هو پيٽ
پالنا ڪيئن ٿا ڪن؟ ڀڳوان ان بابت هن ريت ٿو فرمائي:

**شلوڪ ٢٢. سڀاويڪ طرح پراربڌ انوسار جيڪي کيس ملي ٿو، اُن تي
نشت ٿي، دک سک، راڳ دويش، مان اپمان روپي دونڊن (آڏن جوڙن)
ـہ ٿاسي، حسد ۽ ريس کان دور رهي، سڌيءَ ۽ اسڌيءَ ۾ هو سمان رهي
۽ ڪرمن ڪندي بہ ٻنڌن کي پراپت نٿو ڪري.**

مطلب تہ اهڙو مهاتما (گيانوان) فقط پرارٻڌ مرجب مليل پدارٿ ۾ئي سنتوش ۾ رهي
ي ڪاڻ اڇا نٿو رکي. ١٨ شلوڪ کان ٢٣ شلوڪ تائين ڀڳوان گيانوانن جي لڇڻ هو
ر جدا جدا طرح ڪري ٿو. مطلب اهوئي آهي تہ هو ڀاڳکي اڪرتا ۽ اڀوڳتا آتما ٿو
ي، انڪري ڪرمن جي ٻنڌن ۾ نٿو پوي. ٻاهران هو رواجي ماڻهن وانگر ڪرم
و ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر واسطو ۾ هو اهي ڪنهن بہ ممتا يا ڪاما کان سواءِ شرير جي
لاءِ ٿو ڪري. هن کي ڪاڏو پيتو ملي يا نہ، دک ملي يا سک تہ بہ هو هڪ جهڙو آنند

جي مرضيءَ جي آڌو نقو اچي، جو نہ هُن جي مرضي سندس مرضي ٿيو پوي. اُهڙن ۽
سنوڪيو ۽ سوڪيو سنڪلپ نہ اُٿندو ڦرمن کو پورا ڪري. دليا اُنهن جي پالڻ لي لي هلي
ٿو ڀڳوان وري ڀڳتن جو پالڻ ٿو ڏسي.

هڪ شاهوڪار دڪاندار هو، جو سيني اُپاڳتن، سنتن، مهاتمائن جي اَن، پاڻي
وستر جي شيوا ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان ڪندو هو. هڪ ڏينهن ناردمني نہ وٽس آيو
هُن جي ڏاڍي دل سان شيوا ڪيائين. مني سوچيو تہ هن کي نہ ڪا تہ ڪامنا هوندي
سو ڪانئس پڇيائين تہ "هيءَ سڀ سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪهن ڪامنا سان
ڪرين ٿو يا بلڪل نشڪام ٿي؟" هُن چيو تہ "سائين! ٻيو دنيا سڀ سوارٿ جي آهي
مون وٽ پُٽ سنتان ڪانہ آهي. اِها پاونا اٿم تہ سنتن جي گودڙين مان ڪو لعل لهندو."
نارد چيس تہ "مان جلد وشنو ڀڳوان وٽ وڃي تنهنجي لاءِ پُٽ سنتان واسطي اپيل ڪندس."
هو ويچارو شرڌا وچان سندس چرڻن تي ڪري پيو.

ناردمني وشنو ڀڳوان وٽ ويو ۽ سيٺ لاءِ پُٽ سنتان گهريائين، پر اُتر مليس تہ هُن
وٽ تہ سَتن جنمن تائين ڪا پُٽ سنتان ڪانہ ليکيل آهي. هُن جي پرارٻڌ ۾ اِهڙي آهي
مان تہ ڪرمن جي ڦل ڏيڻ وارو آهيان. ٻيو هو سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪري ٿو، تہ اُن
جو ڦل بہ ملندس، پر پُٽ نہ ٿيندس. نارد ڪٿي ماٺ ڪئي ۽ وري اُن طرف ويو ئي
ڪونہ. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ رات جو هڪ اَوڌوت مهاتما، جنهنجو انتهڪرڻ سون
وانگر پوتر هو، سو اُن گهٽيءَ مان لنگهيو ۽ آواز ڪيائين تہ ڪو مون کي ڦلڪو کارائي. اُن
وقت سردي بہ ڏاڍي هئي ۽ رات بہ چڱي گذري هئي، سو ڪير اَچي؟ هُن سيٺ جي
استريءَ ٻڌو، سو يڪدم اُٿي هٿ ڌوئي نوڪريءَ ۾ ڏٺائين تہ چار ڦلڪا پيا آهن. اِڪد
اُهي ڪڻي پاڻ ئي مهاتماءَ سان گڏي، اچي اُن مهاتما کي ڏنائين، تہ "سائين! هي اَنگيڪا
ڪريو ۽ ٻيا بہ چئو تہ جهٽ پچائي ڏيان." سنت چيس تہ "مائي! هي گهڻو آهن. آڌي
رات ٿي آهي. مان گهران خيال ڪري هليو هوس تہ جيڪو جيترا ڦلڪا مونکي کارائي ڏيندو، اُن کي اوترا پُٽ ڄمندا. سو توکي چار پُٽ ٿيندا." مائي سنت جي آشيرواد پالي
ڏاڍي خوش ٿي. سنتن مهاتمائن ۽ اُنهن جي شيوا بہ اڳي وانگر چالو رهي. آخر ٨-١٠
سالن ۾ هُن کي ڪل چار پُٽ ڄاوا. اُن عرصي کان پوءِ وري ناردمني اُن طرف کان اچي
لنگهيو تہ خيال آيس تہ اُن ٻرهميءَ وٽ وڃان. ويو تہ اڳي وانگر سندس خوب شيوا بہ ٿي
۽ سيٺ پنهنجا چارئي پُٽ بہ وٺي آيو مٿو ٽيڪائڻ. منيءَ پڇيس تہ "هي ڪير آهن؟"
چيائين تہ "سائين! اوهان سنتن جا ڏنل داس آهن." ناردمني حيران ٿي ويو تہ هي
ڪهڙو اسرار! مون کي تہ وشنو ڀڳوان پاڻ چيو تہ هن کي سَتن جنمن تائين اولاد ٿي ڪو
نہ سگهندو، پر هت تہ هن کي هاڻي ٿي چار پُٽ ٿيا آهن. لڪڙو ٿي لڪڙو ويو وشنو ڀڳوا
وٽ ۽ وڃي اُهو ڏورابو ڏنائينس. ڀڳوان چيس تہ "ڀڳت راج! اُهو ڀيد سمجهائيندو سان،
پر هاڻي مونکي ڏاڍو اُهي ڪک ۽ سور پيو آهي، اُن لاءِ ڪهن اِنسان جو ڪلجو کپ

...يس ودبا ڪانه هئي، سو صبوح جو اٿي گهٽيءَ گهٽيءَ ماڻ، دڪان دڪان تان پنهنجي پيو
...جو ۽ ٻارن جو پيٽ پاليندو هو ۽ پيو پاڻ گهر ۾. وڏو پنهنجي ڪندو هو ۽ جيڪي ڪجهه
...ر ڏيئي ويندو هوس، اُن مان نرواهه ڪندو هو. ٻکيا ڪندي پاڻ هڪ شب ڏينهن راجا
...محل جي در تي ويو. راجا کي اگهه تي خيال آيو هو ته اڄ ڪو گهڻو دان ڪريان.
...هڪ ڪدو گهرائي اُن جي اندر هيرا جواهر ۽ موتي وجهي، وري ٻاهران سانڍيو ڪري
...ڇڏيائين ۽ اهو برهمڻ آيو ته کيس مٿي گهرائي، اهو ڪدو ڏنائين ۽ کيس چيائين ته
...اڄ هن جي ضرور سڀ تي لاهي ڪاڻڻ. هن ورتو ته سهي، پر خيال ڪيائين ته راجا ٿي
...لکي جو ڪدو ڏنو هيڏي شب ڏينهن تي دان ڪري! گهر ويو ته ڏٺائين ته سندس
...بزار ڏي ٻاهي ولي اچڻ لاءِ تيار بيٺو هو. اُن پڇيس ته ٻالو، اڄ ڇا مليو اٿيئي؟ کيس
...يئين ته "هي ڪدو مليو آهي". توکي کپي ته ڀڃون ڪڻ ۽ ٽڪر مونکي ڏجانءِ." هن
...لکر ڏيئي اهو ڪدو ڪٽي ڇڙيد ڪيو ۽ چيائين ته اڄ اهو ئي لڀا ڪائون. گهر وڃي
...ڪدوءَ کي ڪپائين ته اندران ڪيترو جواهر نڪري آيو. سندس پرارٻڌ اهڙي هئي ته
...وٺي ڀڳوان ڏن موڪليس، ڇو ته هن جو ايشور ۾ ڀروسو هو ۽ هن جي ڀڳتيءَ ڪانسواءِ
...و ڏينهن پيو ڪو ڏنڊو لي نه ڪندو هو. سڀني مهاتمائن جي اهائي گرهستين لاءِ سکيا
...ته وهنوار ۾ ڪريو، پر ڀروسو ايشور تي رکو ۽ پرارٻڌ کي تيز ڪرڻ لاءِ نام جي جاپ
...جي سراڻ ۾ رکو، جنهن تي اُن کي تيز ڪريو. مهاتمائن وٽ اهي شڪتيون آهن، جو هڙ
...ن ۾ ٻه ساهه لڀا وجهي سگهن. اها سڀ نام جي وڏائي آهي. جن نام جهڙي جوي
...هڪرڻ شڪ ڪيو آهي، انهن جي پرڪرتي ڪيئن نه داسي ٿي شيوا ڪندي؟ پرارٻڌ ته
...ڪنهن جي داسي آهي، رڳو مهاتمائن جي نه پر اُن پرارٻڌ کي تيز ڪرڻ لاءِ ايشور جي
ڀڳتيءَ روپي ٻٽن گهرجي.

شلوڪ ٢٣. جنهن پرش جون سڀ ڪامنائون ناس ٿي ويئون آهن (ڦل
... اڇا کان رهت آهي)، جنهن جو آڌياس [ڪرتاپڻي ۽ ڀوڳتاپڻي جو] نورت
... ويو آهي، جنهن جو چت گيان ۾ استٿت آهي ۽ جو يگيه آدي ڪرم سڀ
...ور جي پرسنتا لاءِ ڪري ٿو، اُن جا سڀ ڪرم برهم ۾ لين ٿي ٿا وڃن.

اهڙن مهاتمائن کي ڪرم جي ڦل جي اڀلاشائي نه آهي، ڇو ته برهم ڪانسواءِ هو پيو ڪجهه
... تي ڪرن ٿا. هر هڪ وستوءَ ۾ هو ايشور ٿا ڏسن. جن اهو ڏٺو، تن جڳ سڀ ڪجهه
... پيو هو ڇا گهرن؟ هيءُ جنم ڪرمن جي بندنن کي دور ڪرڻ لاءِ مليو آهي، پر
...ٿائين ڪرمن جي ڦل جي اڇا رهي ٿي، لوڪ يا پرلوڪ جي سکن جي اڀلاشا آهي، تيستائين
... نه ويندا. بندنن کان ڇوٽڪاري پائڻ لاءِ ۽ موڪش کي پراپت ڪرڻ لاءِ اول ته
... جي ڀوڳن کان ويراڳ لهڻ ضروري آهي ۽ انهن کي ناسونت ۽ آخر دکدائي سمجهي
...۽ مها آنند سروپ جو آتما آهي، اُن ۾ استٿت ٿيڻو آهي. ٻالڪي شرير نه، پر آتما ڄاڻي

۾ گذاري ٿو، جو ته هو اڳ ۾ ئي آتم آنند روپي ساگر ۾ پيو آهي، ته شريرجي دکن ط
جو هن کي ڪيئن پتو پوندو؟ ڪو ماڻهو درياه جي ٿڌي جل ۾ پيلو آهي، ته ان
ٻاهرين اُس جي ٻهڪ ڪجهه نه ڪندي. تورباني گرمي سمجهندو ته ڪٿي جل ۾
ڏٺندو ته ورپي ساڳيوئي آنند سمجهندو.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ 'يد رچا' لفظ ڪم آندو آهي. هن ۾ ٣ ڳالهيون سمايل آهن
اياچت، (٢) اسنڪلپ ۽ (٣) اپ ٻن.

آياچت جو مطلب اهو آهي ته ٻيا ڪنهن اڳيا ڏيکارڻ جي جوڪڏهن ڪو ٻ
سندس وسولي مجاني ۽ گهر ۾ هلڻ لاءِ عرض ڪري ته مهاتما هن جو پريم ڏسي، س
گهر پوڄا ڪري ۽ وسولي قبول ڪري.

آسنڪلپ رهي. وسوني ۾ ۽ نه سندس ڪا ياونا هجي ۽ نه ڪارائڻ وارن جي
مدوڪڙي ولڻ نڪرندا آهن ته شاسترن موجب اُها ۽ رکيو تن گهرن مان ولڻ جڳاني
وسولي ان طرح گرهستي گهر ۾ ليل وسوني ۾ مان ڪجهه ڏين ٿا، اُها ٻيا ڪنهن سند
جي لهيل ٿئي ٿي. اُها ڪا خاص ان فقير يا مهاتما لاءِ ڪانه ناهي ويئي هوندي آه

اپ ٻن: مهاتما پنهنجي آسڻ تي گهر ۾ ويٺل هجي. ڪو پريمي ڪڏهن اچي
قول، مناني يا روڪڙ وغيره مطلب ته جيڪي ۽ شرڌا سان ڪٿي اچي اڳيان رکي،
اپ ٻن ڪوٺجي. (اپ=ٻاڻيهي. ٻن=پراپت).

انهن ٽن نمونن سان جيڪي ۽ گيانوان مهاتمائن کي پرارٻڌ انوسار ملي ٿو، ان
راضي ٿا رهن. هنن کي پنهنجي ڪابه اڳالي نه آهي.

جيڪو پرماتما وڏن وڏن ڀاڳين، چورن، لنڀن، خونين، ونڪالن کي ته ڇا پر
جيتن، جانورن، پکين ۽ مرن کي جل، ڌرتي انوا آڪاش ۾ هرهنڌ روزي پهچائي
اهو ڇا انهن کي بک ماريندو، جن منجهس وشواس رکيو آهي ۽ سندس ٿي هروقت
۾ رهن ٿا؟ ڀوڪ وسشت ۾ آيو آهي ته سنتوش روپي اُمرت سان ئي ماڻهو دايي
ٿو، ٻيو ڪو وسترو نه آهي. اهو سنتوش پڻ نه ڏن پدارٿ مان ايندو ۽ نه ودوانڻ
ٻيو رکيو ڀڳتي ۾ مان، نام جپڻ مان، ڌيان مان ۽ پرماتما ۾ پورن وشواس رکڻ مان. س
وڏي ۾ وڏو خزانو آهي، جنهن اڳيان سڀ راج خزانا، پدارٿ تڇ آهن.

جب آئي سنتوش ڌن - سڀ ڌن ڌوڙ سمان.

ادم چڱو آهي، پر اهو هري ڀڄن لاءِ ۽ نه دنيوي پدارٿن لاءِ هجي. گرو ارج
فرمايو آهي: "ادم ڪرو وڏ ڀاڳيو - سمرو هر هر راءِ."

هڪڙا ڀ برهمڻ ڀائر هئا. هڪ ايشور جو ڀڳت هو ۽ سارو ڏينهن پوڄا اُ
گذاريندو هو ۽ ٻيو وهنوار ۾ ادم ڪندو هو. وهنواري ڀاءُ گهڻوئي ڀڳتي کي سمجها
ادم ڪر نه ته بک ڪيئن لهندءِ؟ پر هو چوي ته "منهنجو ادم اهوئي آهي. تو
جي مزوري ٿو ڪرين، ته مان ڀڳوان جي مزوري." وهنواري خيال وارو ڀاءُ برهمڻ

ر ڪرنا ڪاڻي رهيا آهن. هن کي اهو گيان نه هو ته مورليءَ ۾ ڀاونا رکيي آهي، ڊ. ڊ
مورليءَ ۾ ڪو زور نه آهي. چوڻ لڳو ته ”مورليءَ ۾ ته ڪا شڪتي ني ڪانه آسي.
ڪان ته ڪولو وڌيڪ طاقت وارو ڇٽهو.“

ن ڏيهن ڪان پوءِ ڏٺائين ته هڪ ٻلي اُن ڪتي کي ڀڪوڙي ڪائي وئي. سمجهيائين
ٻلي زور واري آهي. وري ٿورن ڏيهن ڪان پوءِ هڪ ڪتو اُن ٻليءَ کي ماري
ي ويو؛ هن سمجهيو ته ڪتو شڪتيءَ وارو آهي. هڪ لڱا ٻاهر ويو ته ڪتو به ساڻ
ي ويو ته رستي لي هڪ جهنگل ۾ هڪ شينهن اچي سمدن پنيان پيو؛ ڪتي کي
ڀڪوڙي ڪائي ڇڏيائين ۽ ڀاڻ ڀڄي ڀڄي ويو. پوءِ سمجهڻ لڳو ته شينهن ني سيني
ن وڌو؛ شڪتيءَ وارو آهي. ڏڪڙي ڏيهن تير ڪمان ڪڻي وڃي اُن شير جو ڀاڻ شڪار
ڪيائين. پوءِ سمجهڻ لڳو ته مان ني سيني ڪان وڌيڪ زورآور آهيان. اهو هڪ درشٽانت
ي، ۾ سچ پچ ته اسان جو ڀاڻ يعني اسان جو آلما سڀ ڪان اوچو پرم آنند سروپ،
شڪتيران، سرووياپي ۽ سروڌرشي آهي. وري جڏهن اهو ڏيان ڇڏي ني ته آنند ۽
ڪ لاءِ ڀڙڪي لي؛ ڇو ته سک جي اڀلاشا ته سيني پراڻين ۾ آهي. جنم ڪان مرڻ تائين
ڪو سک ۽ آنند لو چاهي. ٻچي کي کير لاءِ چاهنا آهي، جو اُن مان سک لو مليس. نه
س ته رئي لو؛ مليس ته ماڻ لو ڪري. اِن ٻچي اڳيُ ڪڏهن سک جو انڀو ڪيو آهي؟
ران ته نه ڪيو الس، ۾ هو جو ڀاڻ سک روپ آهي ته ڇو نه اُن جو انڀو هوندس؟ منش
ڦمن مان ڪجهه سک ڀاڻي لو، اِن ڪري وري هميشه سک لي چاهي، ۾ هو نقو جاڻي
ڀاڻ لي آنند ۽ سک سروپ آهي؛ اهو سک اسان کي اندران ني ملي سگهي لو؛ نه
ران وشين جي ڀوڳن ڀدارل مان. نقلي سک ڏسي سک ته چاهيون ٿا، ۾ اصلي سک
هن لڻا وک وڌايون، مگر جڏهن ڀاڳن سان اُن طرف لاڙو لهندو؛ آخر اهو سک پراپت
ڻو، ته پوءِ چاهيو ته ساري عمر اُجايو ڀڄي ڀٽڪياسين؛ وشين جي ڪڻ ڀنگر سکن پنيان
ت وڃايوسين. وري ڀهڻجي آلما ڪان ڀري لي ته پوءِ ڪڻي سرڳ لوڪ، برهم لوڪ،
لوڪ اُلوا وشنو لوڪ ۾ وڃي، ۾ پورن سک نه ملندس. هو هر جنم مرڻ ۾ اچڻو پوندس
جڏهن مولي ڀهڻجي آلما جي شرڻ ايندو ته پرم آنند پراپت لهندس.

ڪر اهو رستو ڀاڇي لو وڃي، ته ماڻا پتا لاءِ رڙي ۽ ڀڙڪي لو؛ ٻيا ڪيترو ۾ ڪمس
ڇهالين ٿا؛ شيون، ميوا ڏيئن ٿا ته ڪٿي ڪجهه وقت ماڻ ڪري لو، ۾ پورن شانتي
ن ايندس، جڏهن ماءُ ٻيءَ وٽ پهچندو. هن سان گڏي لڳي ٿڌا ساهه ڪڻي شانت ٿئي
اسين ۾ سڄي ماڻا پتا ايشور ڪان وڇڙيل آهيون؛ ڪهڙا ۾ لوڪ پرلوڪ جا سک ملن ته
ڄهي شانتي نه ايندي. اها ته تڏهن ملندي، جڏهن پرم پتا ملندو. اسان جو من روپي
ر اهو پوءِ لي آنند ۾ شانت رهندو. ڏوم لي هلڻ سان لي آخر اهو ٻه پراپت لهندو.
، ٻج ڪيل آهن، ته اهي اسانکي وڏن وڏن ڪشٽن ۽ سنڪٽن ڪان ۾ رکيا ڪن ٿا،
ي پاپ ڪرم ڪيل آهن ته مٿ ماڻت، گهر جا ڀاتي ۾ دک ڏيندا. اهي سڀ جڙ

شريرءَ اندرين کان مٿي ٿي، آتما کي برهم پد ۾ آڻيندو آهي. ان لاءِ اهو ضروري
جيڪي بہ شڀ ڪرم [ويدن شاسترن انوسار] ڪجن، جيڪا بہ ابهرو اڀياسا
سڀ ڀڳوان ڪنهن ڏنيري ڦل جي اڇا جي ڪجي؛ سڀ ڪجهہ ابهرو ارپن ڪجي
ڪري رکيءَ ماڻهو بہ ڪرم ايشور کي اهنڪار اندر ۾ اچڻ نہ ڏجي. ڀڳوان ارجن
ڏئي رهيو آهي تہ بنڌ ڪرڻ انهيءَ ڌرم آهي، جو تون شرنو ڪري ڪري آهي
ڪل ۾ جاتو آهين، پر اهو بنڌ بہ تون نشڪام ٿي ڪرين هار جيت جو، ڪرڻ خيال
اهو سڀ پرماتما تي ڇڏ، تہ پوءِ توکي بنڌ ۾ ڪيل خونن جو ڪوبہ ڦل نہ ملندو
سڀ ڪرم ڌرم انوسار ڏسي ڪري تون، پوءِ ان مان سک ملي يا ڏک تہ اهو
واسطي ٿي هاي رهيو آهي؛ اهوئي آهي ڪرمن جي بنڌنن کان مڪت ٿي برهم پد
اڄ ڪلهہ جا گرو؛ پير خود گيان کان خالي آهن، پر ٻاهران رڳو ڪتابي گيان شش
کي ٻڌائي ڏين ٿا. اهڙا گرو پير گهور نرڪ ۾ وڃي، ڏک سهن ٿا؛ وري
۾ حساب ڏين ٿا.

ڪنهن بہ ڪٽنب يا جاتيءَ ۾ جڏهن هر هڪ ڀاتيءَ ۾ ڏيڻ جي ڀاونا گهڻي
سڀ ڀاتي آنند ۾ سکي رهن ٿا. جيڪڏهن ٻين مان وٺڻ جي ڀاونا زور آهي تہ
پڻا اهڙا جاتي ضرور جن ٻن ني آخر ناستا کي پراپت ڪندي. جڏهن هر ڪو ڏي
تہ ان ۾ ڌرم واسو ڪري ٿو. وٺڻ جي ڀاونا اڌرم؛ پاپ جي ڀاونا آهي. هر هڪ
جاتي تہ انسان جو ڀلو ان ۾ آهي تہ اول ٻين جي ڀلائيءَ جو خيال رکن؛ جو تہ
آهي، سڀني جي ڀلائيءَ؛ سک جو، جنهن ۾ انسان جو سک بہ اچي وڃي. هر هڪ
هن شلوڪ واري اوستا حاصل ڪري آهي، تہ تہ هي جنم ويو مڪ وڃندو. رڳو
کاڌوسين، پيتوسين، ننڊ ڪيسين؛ وشين ڀوڳيون سين، اولاد ڄڻيوسين تہ
کي گيان ليو آهي، اهي ساريءَ سرشٽيءَ کي سکداني ٿا سمجهن، جو تہ برهم
سروپ آهي، ان مان ئي تہ اها سرشٽي پيدا ٿي آهي؛ ان ۾ ٿي اسٿت آهي
لين ٿيندي. هنن جي نظر ۾ نہ فقط سڀئي چيتن جيو مگر سڀ جڙ پدارٿ بہ
آهن، جيئن ايندڙ شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو.

شلوڪ ٢٢. [يگيہ ۾] جيڪي ارپڻ ڪجي ٿو، اهو بہ برهم آهي
گيهہ اگنيءَ ۾ وجهجي ٿو، اهو بہ برهم آهي، اگنيءَ ۾ سڀ سامگري
وارو بہ برهم آهي؛ جنهن اگنيءَ ۾ سڀ ڪجهہ سواها ڪجي ٿو، اهو
آهي. جيڪو ان طرح هر چيز ۾ برهم ٿو ڏسي، سو يقينن برهم
وڃي ٿو.

هڪ نيپالي ڪٿا وٽ هڪ مورتي رکيل هئي، جنهن جي هر روز
هئي؛ نمن نيز سان ڀوڳ لڳائيندو هو. هڪ ڏينهن ڏٺائين تہ جيڪو پرساد

...ر نفعو ليو يا نقصان؟" سندس پتا تي يڪدم جواب ڏنو ته "اهو ته نفعو ليو؟" ڪديا ...ر ته "سائين! منهنجو پٽ جيڪو هو ته برابر لعل مثل هو، پر مرليو ڪان پوءِ ته ڪوڏيءَ ...ملهه برابر ليو، جو هن ڪي سڀ وڃي سازي آيا. مون ستسنگ ڪندي انهن ...وڏين بدران سچو اعل پرايت ڪيو آهي ۽ آتم استتي پالي اٿم ته پوءِ مونکي ڪيئن نقصان ...يو؟ منهنجو پتا اجايو پيو تو مون لاءِ دک ڪري." سندس پيءُ کي اها ڳالهه ٻڌي ...يندڙ لاءِ روشني ملي ۽ شانتي پاتائين. اسانکي به دنيوي پدارٿن روپي ڪوڏين کي ...ي آتم گيان روپي لعل کي ٻولي هٿ ڪرڻ گهرجي.

شلوڪ ٢٥. ڪي يوڳي پرش ديوتائن لاءِ اُپاسنا ۽ يگيه ڪن ٿا [جن ...ي ديو يگيه ٿو ڪوٺجي ۽ جي سرڳ يا هن لوڪ جي سکن لاءِ آهن]. ٻيا ...جن پنهنجو پاڻ سچالو آهي] وري برهم اگنيءَ ۾ پنهنجو پاڻ ٿا قربان ڪن ...يعني پنهنجي آتما جي آهوتي پرماتما ۾ ٿا ڏين ۽ پاڻ اُن ۾ ٿالين ڪن).

يوگي لفظ جي معنيٰ آهي يوگ ڪمائڻ وارا، برهم ڌيان ڪرڻ وارا يا جيڪي ...رم ڪن، ان ۾ هڪ لي وڃڻ وارا. هن شلوڪ ۾ ٻن يگين جو ورنن آهي: هڪڙو ديو يگيه ...همو گيان يگيه يا اُجها جاپ. جن ماڻهن ۾ اڳين جنمن جي سنسڪارن ڪري ڪرم جو ...ق آهي، اهي ديو يگيه، دان، يچ، تپ آد ڪرمن ۾ لڳن ٿا. اندر، برهما، وشنو ...سمن ديوتن ديوتائن جي اپاسنا ڪن ٿا ته هن لوڪ ۽ پرلوڪ جا سک ملن. هنن جو ...هڪرڻ اجا شڌ نه ليو آهي، جنهن ڪري هنن کي آتم گيان سمجهه ۾ لي نٿو اچي. ...ون ديوتائن جي اُپاسنا ڪندي آهستي آهستي هو به آتم گيان طرف هلن ٿا.

جيڪو بالڪپڻي کان سنتن جي سنگ ۽ نام ۾ لڳو آهي، ان جا اڳين جنمن جا شڀ ...م ڪيل آهن ۽ اهو ڀاڳوان آهي. هو سمجهي ٿو ته منش جنم امولڪ آهي. اهو خيال نه ...يس ته هوند ان طرف چو لڳي ۽ عام لوڪن وانگر هوند عيشن عشرتن ۾ لڳو رهي. ...مانش ديهيءَ کي درلڀ ٿو ڄاڻي ۽ محسوس ٿو ڪري ته پرماتما سان ملڻ جو موقعو، ...پاڻ جو وقت هيءُ ئي آهي نه ته پتو به نه آهي، ته ڪڻ پلڪ کان پوءِ ڇا ٿئي. سواس ...ويو ته اندر اچي يا نه، ڪا به پڪ نه آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيئن نه يڪدم پنهنجي ...ڌانهن وک وڌائجي؟ بادل مان نڪتل بجليءَ جي چمتڪار ۾ جيڪو ماڻهو پنهنجو ...ڪري ٿو سگهي، اهو سياڻو آهي. هي منش جنم به ان بادل جي بجليءَ جي چمڪي ...ڪڻ پنگر آهي.

ڏسون ويٺا ته ستگتي، مالي، مت مائٽ، سڀ وڃن پيا ته ڇا اسان کي نه هلڻو ...؟ ان ڪري ٽي ڳالهيون هر وقت ياد رکڻ گهرجن: (١) منش جنم الڪل امولڪ ...، (٢) جيون مڪتي آنند هن ئي جنم ۾ ملي سگهندو. وشيه سک ته ڪتن، ٻلن، ...نانگن، پکين، جيتن جڻين کي به اهڙي ٿو ملي، جو منش يا خود اِندر ديوتا کي

اسان جي ڪرمن جا ساڪياڻ ٿيڻ لاءِ، حساب ولن ٿا. اسان جا ڪرم لئي اهـ
روپ ڏاري، اسانکي سک يا دک ڏيڻ آيا آهن. ان ڪري ڪنهڪي به ڏوهه ڏيڻ اج
آهـي. ڏوهه آهي پنهنجي ڪرمن جو. انهن ڪرمن کان ڇٽڪي جڏهن اسنگ جاتمو
اڪرتا آتما سمجهبو ۽ اهي ڪرم شرير جا کيل لڳندا ته دک سڀ دور ٿي ويندا ۽ آ
آتم پد پراپت ٿيندو، جتي آنند ئي آنند آهي.

هن چوٿين اڌياءِ ۾ ڀڳوان ١٢ يڳن جو وچار ٻڌائيندو. هن وقت ٿالهن برهم يڳه
ئي وچار هلي رهيو آهي. برهم گيانين جي درشٽيءَ ۾ هر جڙ، هر وستو برهم آهـي
حقيقت آهي ته اهين. سمنڊ ۾ لهرون، ٻڙٻڙا، گاج، سڀ ڏسڻ ۾ جدا آهن پر آهي سـ
جل. سوناري يا صراف وٽ جدا جدا ڳهڻا ۽ ٻولن وغيره آهن، پر واسطو ۾ آهي سڀ سـ
يا چاندي. ٺاريءَ وٽ ته آهن سڀ ٺڪرن ئي ٺڪرن، جدا جدا ڪوڙن جي نموني
ڪنڀار وٽ انيڪ قسمن جا ٿانو آهن پر آهي سڀ مٽي. اهوئي گيان ڪرشن ڀڳوان ڏيکا
لو ڏئي ۽ اهوئي برهم گيان يعني نام جو پرچار شري گرو نانڪ صاحب به ساري پيار
ڪندو ۾ ڦهلايو، جو ته ان وقت به ساري ديش ۾ اونده لڳي پيئي هئي. تنهن ڏاڍيءَ
قدر ته هو. سڀ منڪر ۽ خودغرض ٿي پيا هئا، ڇيڻ کي چڙي جڙ وستن، قبرن وغـ
جي پوڄا ڪرڻ لڳا هئا. پرماتما کي وساري رکو ڪامنائن پنيان پئي ماٿهو قبرن ۽ سماڌ
کي پيٽيندا هئا. گروجن انهن کي پليل راهه تان آٿي نام طرف لڳايو ۽ گيان جي واٽ ڏيکار

اٿين چوڻ ته آتم گيان حاصل ڪرڻ ته ڏاڍو ڪٺن آهي ۽ اسين ڪيئن ڪري سگهنداسون
اها ڪمزوريءَ جي نشاني آهي. اهڙو خيال به اچڻ نه گهرجي. جيڪي پاڻ ئي پاڙين
۽ ايشور جي سهايتا ۾ ڀروسو رکن ٿا، انهن کي پرماتما ضرور مدد ڪري ٿو. جيئن وهد
۾ ڪم پوري ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن خوب محنت ڪندا آهيون ۽ روٽي پاڻي ۽ ننڊ
وسري ويندي آهي، لعي ٿڌي به نه ڏسندا آهيون، اهڙو شوق جيڪڏهن ايشور جـ
راهه ۾ رکون، ته آتم گيان حاصل ڪرڻ ڪو ڏکيو نه آهي ۽ پوءِ اهو اکيه سک ملندو، جد
جي ملڻ سان جنم جنمانترن جا دک دور ٿي ويندا. جيڪي مڪت مهاپرشن جا سڀ ڪرم
گيان ۾ لين ٿا. هو سڀ ڪرم جاگرت اوسٿا ۾ ٿا ڪن يعني پوريءَ سمجهه سان، پر
انهن جي ڦل جي اڇائي نٿا رکن، ان ڪري اهي ڪرم ڦل نٿا ڏين، پر انتهڪرڻ
ڪري، مهاآنند ۾ استٿت ڪن ٿا.

پنجاب ۾ لغت هزارا ناٿي هڪ ڳوٺ آهي، جتي رانجهو جاٽو هو. اتي لاالاحڪم
ناٿي هڪ سچو پرش رهندو هو. ان جي ڪنيا پالڪپڻي ۾ وڌوا ٿي پيئي. اهو سـ
پرش چوندو هو ته "سائين! مونکي سڀ ڪجهه آهي. پٽ وڏين وڏين نوڪرين ۾ آهـ
ڌن دولت به جام آهن، پر ڪنيا جي وڌواپڻي جو ڏاڍو دک رهي ٿو." هڪ ڏيـ
ڪنيا پيا جي روٽري مون وٽ وٺي چيو ته "سائين! ڪنهن ماٿهوءَ جون سان ڪند
ڌي ۾ ڪي ڪوڏيون ڪري پون ۽ انهن کي ڳوليندي هن کي هڪ لعل ملي وڃي

...ئين، جو افسوس جو ڌرم اُستاتن ۾ اُڏوهر جو اُپديش لٿي ۽ وري ڇوڻ ته اِهو اجها جب
ويدن ۾ ڏنل منترن کانسواءِ ٻئي منتر جو ڦلاءِ ڪرڻ پاپ ۽ پاکنڊ آهي ۽ ان کي
جاپ جو ناڻو ڏيڻ نه وڏو گناهه آهي. اهڙا ترڪ ٻاڻ نه آهن نڪ ۾ ويدا ۽ پرشنن کي
اهه ۾ وجهندا. ستگرو نه اهو ڪجهه، جنهن اڀشور ڄاڻو آهي ۽ ويدن جي سکيائن
هلي ۽ نه ڪه اهو جو پنهنجو نام ڄمائي.

"سٽ پرک جني جانيا - ستگر تسڪا نانوءِ."

شلوڪ ٢٦. پيا پرش وري ڪنن آدي پنجن گيان اندرين کي سنجم
اگنيءَ ۾ هون ڪن ٿا (يعني انهن اندرين تي پورو قبضو رکن ٿا).
وري شبد آدي اندرين جي وشين کي اندرين روپي اگنيءَ ۾ هون ڪن
يعني اهي سڀ ڌرم انوسار ڪم آڻين ٿا).

سنجم جو مطلب ٢ اڌياءُ ۾ ڀڳوان سمجهايو آهي ته جيئن ڪڇون پنهنجي انگن کي موڙي
اندر يا ٻاهر ڪري سگهي ٿو، ان طرح مهاپرش پنهنجي اندرين کي وس ۾ رکن ٿا.
آهي ته اندريون ڪيئن ڪيون وس ۾ اچي سگهن. ڪوڪ ڪان سواءِ آهي وس ۾ نه
ڻون. ڪو به شاستر پراڻ نه پڙهي ودياءِ ويدانت وغيره پڙهڻ سان اندرين
ڏين ڪري سگهبو. انهن جي چڏهلتا ڪوڪ ساڌنا کانسواءِ نه ويندي. وڏا رشي وشوامتر
ڀوڳ ڪندي ۽ اندرين جي وس ۾ ٿي ويا ته پين سنساري جيون جو ڪهڙو حال
؟ ساري عمر پڙهيون ۽ پران پڙهي نه ڪجهه نه ٿيندو. ڪوڪ سان جڏهن من قابو
لو، تڏهن اندريون سنجم ۾ اچي ٿيون سگهن. ورليءَ ۾ ايڪاگرتا لي ته اندريون وس
ڏيون. ڀوڳ ڪندي ڪندي ۽ ڪڏهن اچانڪ اهڙا ويگ اٿن ٿيون ٿا، جو هو وشين
ڏن ٿيون. چت کي ايڪاگر ڪرڻ لاءِ پنج ڏاڪا يا ڀومڪائون ورنن ڪيل آهن:

(١) ڪت ڀومڪا: راڳ دويش ۾ من ڦري ۽ هٺ ڪري ته هي ڪم ڪبو ۽ هي نه
. هن دوش کي دور ڪرڻ کانسواءِ چت ۾ شانتي نه ايندي ته اهو ايڪاگر ڪيئن ٿيندو؟
(٢) هوڏ اوستا: ابياس ۾ ويهجي ته نبد اچڻ شروع ٿئي ۽ شرير ۾ سستي معلوم
. ان اوستا کان بچڻ گهرجي.
(٣) وکيپت اوستا: پڇن ڌيان ۾ ويهجي ته ڪيئن خيال اچي ستائين، جدا جدا
ري ڪالهين جا خيال اچن. هن کان ۽ آجو ٿيڻ ضروري آهي.
(٤) ايڪاگر ڀومڪا: جڏهن ابياس ڪندي ڪندي سرمب دسر ابڀار ٿي، ٻهڙي
نه ٻوءِ من ۾ خيال، سنڪلپ، وڪلپ نه ايندا. جيستائين اها ايڪاگرتا اچي، اوستائين
چالو رکجي ۽ دل نه لوڙهجي. هيءَ اوستا تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن ابياس ۾
يوزو ٻوليءَ ۽ شوق آهي، ستگرو ۽ [illegible] آهي ۽ منتر ۽ ويدن انوسار آهي.
هن اوستا ۾ پهچڻ کان اول من ٻهرين تن ڀومڪائن ۾ ڦٽڪي ٿو، جيئن ڪو پکي

ٿوملي، تہ جيترو ٻہ وڌيڪ نہ آهي. ڪتب وڏا ڇا لاءِ لکيا ويا؟ جن انهن لاءِ نہ ڪو گيان
روپي اوس سڌ ڪرڻ لاءِ آهي. (٣) هن ديهہ ۾ ڪو ڀروسو نہ آهي، تہ ڪان ڀوءِ
هجي يا نہ. اهي ڳالهيون سمجهي ۽ ياد رکي بالڪل ٽڪان ئي ڀڳوان طرف لڳڻ گهرجي.

ڀڳوان چوي ٿو تہ جن جي ڪرمن ۾ پرورتي آهي ۽ ڪرمن ڪي ئي ٿا پوڙان سمجهن
انهن کي گهرجي تہ خوب ڪرم بنہ ڪري، پنهنجو انتهڪرڻ شڌ ڪن، جڏهن ڪان پوءِ
ئي گيان جا اڌڪاري ٿي سگهندا. جن کي هاڻي ئي گيان سمجهہ ۾ اچي ٿو، انهن ۾
اڳي ڪرم ڪيا آهن ۽ اپاسنا بہ ڪئي اٿن ۽ پوءِ گيان جا اڌڪاري ٿيا آهن. شڌ انتهڪرڻ
سان ئي گيان جو رنگ لڳي ٿو سگهي ۽ نشڪام ڀاءَ ڪرمن ڪرڻ کان سواءِ من شڌ نہ
ٿيندو. اهو سڀ منش ديهيءَ ۾ ئي ڪري سگهبو. سڀ ديوتائون بہ گيان جا اڌڪاري
نہ آهن ۽ هو گهڻي ڀاڱي وشين ۾ لڳا پيا آهن. هو سک ڀوڳين ٿا، پر منش جنم لاءِ سڪن
ٿا، تہ گيان پراپت ڪري موڪش پائين. اسين وري اوڌيا وچان هن امولڪ جنم کي
اڪيارٿو وڃائي رهيا آهيون. ڀلا ڪي وري گيان بنہ ڪن ٿا، جڏهن کي اڄها جاپ لڳ
ڪونجي. جڏهن جو ورلي ڀڳوان هن شلوڪ جي پوئين اڌ ۾ ٿو ڪري - ڀڳوان چوي ٿو تہ
اهو بنہ آهي جڏهن ۾ برهم اڳنيءَ ۾ پنهنجو پاڻ هون ڪجي، يعني پنهنجي آتما جو آتما
۾ هون ڪجي يعني سواس سان اڄها جاپ روپي هون ڪجي. ان هون ڪرڻ جو مطلب
آهي تہ صاف طرح سمجهون تہ اسان جو آتما ۽ برهم هڪ آهي. پنهنجي آتما ۽ پرماتما
ڪو ڀيد نہ پاسي. هي بنہ وڏي ۾ وڏو ۽ اتم ۾ اتم ليکيو وڃي ٿو. اهو اڄها جاپ پرواڻي
سان ٿئي ٿو ۽ نہ رواجي زبان سان. سواس سان جو اڄها جاپ ڪجي ٿو، اهو پورا يعني
سوکيم واڻيءَ سان جا ناڀي استان مان هلي ٿي. اڄها جاپ پورن ستگوروءَ جي وچن موجب
ڏنل منتر جو هئڻ گهرجي. جيڪو منتر وچن جي برخلاف آهي، ان جو جاپ اڄهاجاپ نہ
چيو وڃي، ڇو تہ ٻين منترن سان پران اپان جي ڪلا ٺيڪ نہ ٿي هلي ۽ نہ فقط ڪا سڌي
ٿي ملي، پر هيڪاري نقصان بہ ٿي پوي ٿو. اهي تہ انهن آهن جو

نہ اڌر ڪي رهي، نہ اڌر ڪي رهي - نہ يار هي ملا، نہ وصال صنم.

گروءَ جي پدوي بہ ڏاڍي ڪٺن آهي. گرو اهو پورن آهي، جو وچن پڙهيل هجي،
وچن جي منترن ٿي ڏاڍا ڪندڙ هجي ۽ شش کي جو منتر ڏني، سو بہ وچن انوسار
هجي، نہ تہ اهڙو گرو جگياسن کي پرڪاش ۾ آڻڻ بدران وڌيڪ انڌڪار ۾ نيندو، جيئن
انڌو انڌي کي آخر کوهہ ۾ ڪيرائي ڇڏيندو. نالو ڪن اڄهاجاپ جو، لڪليفون بہ ساڳيون
سهن، پر مذهب يا فرقن جي ڦاسين ۾ ڦاسي، غلط منتر جپي، ڏين بہ وڃائين ۽ دنيا بہ
وچن موجب ڏنل منتر جي ابياس سان ورلي شڪتيءَ واري ٿئي ٿي ۽ اهو پرش سمسار
جي هر هڪ ڳالهہ سهاري سگهي ٿو. ستگرو نانڪ صاحب کو پنهنجي نالي جو سمرڻ
ڪرايو ڇا، ٿوڙي هيڏا سمرٿ اوتار هئا؟ پر ڪي ٿوروئي. وچن شاسترَ پڙهي پنهنجي نالي
جو جاپ ڪرائين ۽ اهي ڪيئن ماڻهن جو ڪلياڻ ڪندا؟ دنيا ۾ چوريون لڳيون تہ گهڻيون

ڏو ٻرياءُ آهي. پنهنجي گهر ۾ وڃڻ ۾ ڪنهن کي ڏپ لڳو ٿئي، پر پرائي گهر ۾ وڃڻ ڏپ لڳندي ٿو ۽ اُن مان ڪيترا جهيڙا ۽ خون به لڳن ٿا. جيستائين شرير آهي، تائين وشيون رهنديون، پر جي اُنهن جو ڄاڻو طرح ڀوڳ ڪبو ته ڪو به پاپ نه لڳندو ڪاري اُهو هڪ يڳيه ليکبو. ڄاڻو گرهست مان اولاد به ڌرماتما پيدا ٿئي ٿو.

شلوڪ ٢٧. ٻيا ڪي پرش سڀني اِندرين ۽ پرانن جي ڪرمن کي گيان اِن پرڪاشت ڪيل آتم سنجم روپي اگنيءَ ۾ هون ٿا ڪن.

ن جو مطلب آهي ته جيڪي سماڌيءَ يا ڌيان ۾ وهن ٿا ته ڪرم اِندرين ۽ پرانن جي ڪي روڪڻو پوي ٿو. اِهو سنجم به يڳيه آهي. ڪرم اِندرين جا ڪرم سيڪر ڄاڻي هٿن جو ڪم آهي ڏيڻ، وٺڻ، ڪڍڻ وغيره ۽ پيرن جو هلڻ، زبان جو ڳالهائڻ ۽ ٻن ولو اِندرين جو مل مولو ٻاهر ڪڍڻ. پران هڪ آهي پر پنجن قسمن جو ٿي شرير ۾ ڪري ٿو. اِن ڪري پنجن قسمن جا پران جدا ويا آهن: پران، اَپان، اُديان، ويان ۽ . نابي استان ۾ وايو رهي ٿو. اُتان جو نڪري ٿو اهو آهي پران. اُن جو ڪم آهي پياس لڳائڻ. جا وايو مل مولو کي هيٺ کڻي وڃي، ٻاهر ڪڍي ٿي، اُنکي اپان ولجي. جنهن وايوءَ جي مدد سان هيٺ مٿي نهو لو ڏجي يا مٿي ٿو چڙهجي يا چال وڃي، اُنکي اُدان ٿو سڏجي. جو وايو شرير جي انگن کي ڏکهي ڪرڻ يا وري وڃڻ ۾ مدد ڪري، اُن کي ويان ٿو چئجي. جو وايو اسان جي کاڌل پيتل پدارٿن پنهنجي جڳهن تي رکي ۽ اُن مان رس، ماس، ويره وغيره ٺاهيندو، اُنجو نالو سمان آهي. ويان سماڌيءَ وقت اُنهن ڪرم اِندرين ۽ پرانن کي روڪي ٿو وهڻو پوي. ڀڳوان ٿو ته اهو به هڪ يڳيه آهي ۽ ڪي جڳياسو اِهو يڳيه ڪن ٿا. هيءَ ڇهون يڳيه آهي.

ن يڳيه ۾ پاکنڊ گهڻو ٿو ٿئي، جيئن بگلو ٻڪي ٻاهران ته ڄڻ اُئين لڳندو آهي، ڄڻ سماڌي ـي ۽ ڪنهن جيو کي ڏکوئڻ به نٿو چاهي، پر پيٽ ڀاڙيندو آهي ته ڪا مڇي ڀا ڪر جيوَ لکي ته جهٽ هڻي کائي وڃان! جن جي اندر ۾ گيان جو پرڪاش نه آهي ته سماڌي وغيره به رڳو ڏيکاءُ ۽ ڪمٽ وڃان ٿا ڪن ته ماڻهو واهه واهه ڪن ۽ مهين. ڀورڙن انسانن کي لڪڻ لاءِ اهي ڍونگ رچائين ٿا.

هڪ دفعي نامديو ڀڳت نديءَ تي ڪوڙا ڌوئي رهيو هو. اُتي هڪ ساڌو روپ ۾ پاکنڊي ساڌي لڳائي ويٺو هو. ڪرم اِندريون ۽ پران ته سڀ گهٽي بند ڪري ويٺو هو، پر ۾ نـ گيان هوس ۽ نه سچائي. اصل ۾ هڪ شاهوڪار جوان آيو. ڪوڙا لاهي اندر ن ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ڪلي ۾ هڪ سچن موتين جي مالها هئس، سا به لاهي ڪوڙن ۾ ي رکي اندر گهڙيو. هن ساڌوءَ اها مالها ڏسي ورتي، ڇو ته هو ويٺو ئي هو اهڙن تاڙڻ لاءِ. نامديو جو ته اُن طرف ڌيان به نه ويو. ساڌو جهٽ اُتي اها کڻي پنهنجي جي هيٺان دٻائي رکي ۽ وري سماڌيءَ ۾ ويهي رهيو. ٻيو ڪو به ماڻهو اُن وقت اُتي . اهو جوان ٻاهر نڪتو ته ڏٺائين ته مالها ته آهي ئي ڪانه. خيال آئس ته هي ساڌو ته

جا ۾ ڦاسندو آهي ته اول ته خوب هٿ پير هلائي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي،
جڏهن وس نه هلندو اٿس ۽ اڪلهي پوندو آهي، تڏهن ماٺ ڪري ويهي رهندو آهي.
طرح من شانت ٿيو ته اندريون ڪجهه ڪري ڪين سگهنديون. من کي مارڻ لاءِ ڀڄن ۽ ڌيان
ابياس ضروري آهي. ويدانت وارا هن کي ڌيان يوگ ٿا ڪوٺين. هن ايڪاگرتا ۾
رهي ٿو ته مان ڪنهن جو ڌيان ڪري رهيو آهيان يعني پاڻ ۽ ڌيان واري اشٽ ۾ دو
پاءِ رهي ٿو. اهو ئي ڀڄن آهي پر اگيان ۾.

(٥) نرڌ اوستا: هن ڪان مٿي آهي گيان وارو ڀڄن يا ڌيان، جڏهن ۾ اهو خيال ه
ته رکو مان آهيان. پيو ڪو ئي سنڪلپ نه هجي ته ڪنهن ٻئي جو ڌيان ڪريان يا ڪ
گهرجي. هن کي نرڌ اوستا ڪوٺجي ٿو، جا پنجين ڀومڪا آهي. اهو نيون ٻگهه آهي

چوٿون ٻگهه آهي جنهن ۾ پرش شبد آدي وڪارن کي (شبد ڪنن جو وشيه، سپ
چمڙيءَ جو، روپ اکين جو، رس جڀ جو ۽ گند نڪ جو) اندرين روپي اگنيءَ ۾ هو
ڪن يعني اهي سڀ ڌرم انوسار ورتاءَ ۾ آڻين ٿا. سڄين اڌياءَ ۾ ڀڳوان ٻڌائيندو ته
موجب جو ڪام آهي، سو مان پاڻ آهيان. يعني ته جو ڌرم انوسار گرهست سمبنڌ آه
اهو ڀڳوان پاڻ آهي. ٿن طرح سڀني اندرين جي وشين جو جائز ورتاءَ ڪرڻ هڪ ٻگهه آ
ناجائز طريقي سان اهي ڀوڳڻ پاپ آهي. ڪتا ٻڌڻ ۾ هڪ وشيه آهي، پر ڌرم انوسار آ
سنيما يا ناٽڪن جا گانا ٻڌڻ يا ونشيائن جا راڳ ٻڌڻ اَڌرم آهن ۽ جائز نه آهن.

راجا ڀوڄ رات جو چمڙا پوش ڪري شهر ۾ گهمندو هو، ڏسڻ لاءِ ته ڪو ظل
ڪونه ٿو ٿئي يا ڪو دکي ته نه آهي. هڪ رات هڪ گهٽيءَ ۾ ڏٺائين ته ڏسي ته
استري پنهنجي پتيءَ جي شيوا ڪري رهي آهي. سندس پتيءَ جو مٿو سندس گوڏي
رکيو هو ۽ کيس ننڊ اچي ويئي هئي. راجا ڏٺو ته مائيءَ جو هڪ ننڍڙو ٻار ڪن جو هو ۽
ڪري پرسان هيٺ ڏرليءَ ۾ ٻهيل چلهه ۾ جا باهه ٻري رهي هئي، ان اگني ڪنڊ ۾
ڪندي ڪري پيو. استريءَ ڏٺو ته ٻالڪ ڪري پيو آهي، پر اٿڻ لئي ته پتيءَ جو
ويندو. خيال ڪيائين ته پتيءَ جو آرام نه وڃي، ٻالڪ کي جيڪي ٿيڻو هوندو، سو ڀلي
پر جي ڪو ڌرم لئي پورو آهي، ته ڌرم ئي هنجي رکيا ڪري ٿو. راجا ڀي ڏٺو ته ٻالڪ ٻا
ڪريو ته اگني جڻ چندن جهڙي ٿڌي ٿي پيئي ۽ ٻالڪ اندر ئي ٻيو وڃي ۽ وري باه
نڪريو اچي! نه کيس ڪو چالو ٿيو، نه ڪو ڪوڙو ئي جليس. ڏاڍو حيران ٿيو. ونس د
۾ وڏا وڏا رشي مني، پنڊت ۽ ڪوي هوا، تنڪي ٻئي ڏينهن درٻار ۾ هڪ تڪ چئي ٻڌايا
” پنهنجي ٻالڪ کي باهه ۾ ڪرندو ڏسي .... “

ابترو چئي فرمايائين ته اڳتي هن شلوڪ کي ڪو پورو ڪري ٻڌائي. پيو ته ڪير د
انيون آخر ڪاليداس مشهور ڪويءَ اٿي ان ڪان اڳتي شلوڪ پورو ڪيو ته ” ان پتو
استري تڏهن ته پنهنجي پتيءَ جي ننڊ ڦٽائڻ نه چاهي، جنهنڪري سندس ڌرم جي
سان اها اگني ٻالڪ لاءِ چندن جهڙي سيتل ٿي پيئي “. بادشاهه کيس انعام ڇڏي.

آهي، اُن مان پنهنجي ممتا ڪڍي اها ٻئي کي ڏيون، ته اهو ٿيو دان. ٻڪي ننگي کي
ستر ڏيڻ، سفيد پوشن جي مدد ڪرڻ، کوهه کوٽائڻ، ڌرم شالائون يا آرام گاهه
۽ مندر، پاٺشالائون ۽ جل آشرم کولڻ، جو شرن ۾ اچي، اُن جي تن من ڌن سان
ڪرڻ؛ اهي سڀ ڌن ڌڪم جا نمونا آهن. مگر اهو سڀ نشڪام ڀاونا سان ٿي سڦل
ٿو. ڏيکاءُ لاءِ يا نه بدلي وٺڻ لاءِ ڪيل دان نه سچو آهي ۽ نه سڦلو ٿيندو.

١٧ اڌياءَ ۾ ٽن قسمن جي دان جو ورنن ٿيل آهي. اُهو هن ريت آهي:

ساتوڪي دان: دان ڏيڻ اڻ ٻچو ڌرم آهي، انهيءَ وچار سان يوڳيه ديش،
۽ پاتر جو وچار ڪري، ٻاڻ ٿي اُپڪار نه ڪندڙ کي جيڪو دان ڏجي ٿو، اهو
ڪي دان چيو ويو آهي. (شلوڪ ٢٠). دان ۾ جيڪي وستون ڏجن، اهي به
ن ڪم وارتون هئڻ گهرجن ۽ اهين نه نه جيڪا شيءِ خراب ٿي وڃي ۽ ڪم نه اچي،
ان ۾ ڏجي. پيو نه ڏيڻ ۾ ڪو به پنهنجو مطلب نه رکجي ۽ اِستان، وقت ۽ وٺڻ واري
ائقي سڀ ڏسڻ گهرجن. دان وٺڻ جا پاتر يا لائق آهن ودوان، تپ ڪرڻ وارا ۽
رتاپ وارا، جي ٻين کي ودِيا يا گيان اُپديش ڏيندا هجن ۽ غريب اناٿ، بيمار،
غيره ۽ ڌرمي استان، ودّوا آشرم وغيره. سڀني دانن ۾ ودِيا دان اُتم ليکيو ويو
هو نه اُن وستر جي دان مان ٿوري وقت لاءِ ترپتي ٿئي ٿي، پر ودِيا ساري عمر
ي ٿي ۽ کُهر جاتُو نه فقط پاڻ ٿو سکي رهي، پر سندس ڪٽنب به سکي رهي ٿو.
شالائون، کوهه، مسافر خانا، جل آشرم وغيره به انيڪ جنمن تائين ڦل ڏين ٿا ۽ جو
ن ماڻهو اُنهن مان آرام وٺندا، ليسين انهن جي شُڀ اِڇائن کي پيون آسيسون
ن، پوءِ ٿوڙي هوُ جيڏا هجن يا ٿي ڪهڙيءَ به جُون ۾ هجن. اهڙو دان جنم
ن ۾ ڦل ڏئي ٿو.

رجو گڻي دان اهو آهي، جنهن ۾ پنهنجي ڪجهه ڀاونا هجي ته جيئڪي دان
ٿا، اُن ساڌو، مهاتما، پنڊت، ڌرم شالا، پاٺشالا وغيره مان ڪم ڪڍنُو هجي يعني
اُپڪار جي بدلي وٺڻ جي چاهنا هجي ۽ من ڏکي ڪري يعني بلڪل خوشيءَ مان
اچار دان ڪيل هجي. اهڙي دان جو ڦل به ڪليش ٿو ملي. مايا ته نه ڪنهن مٺش ۽
هن ديوتا جي آهي. اها آهي نه هڪ ڀڳوان جي ذات ۽ سڀني کي خرچڻ لاءِ ملي
ڳر وڏي دل ڪري خوشيءَ سان ممتا ڪڍي ڏيڻ ئي سچو دان آهي.

تامسي دان اهو آهي، جو نراد ر سان ڪيو وڃي ٿو ۽ وٺندڙ آڌڪاري به نه هجي،
استان به يوڳيه نه هجي. اهڙي دان جو ڪوبه ڦل نٿو ملي. هن قسم جي دان
وارا دان ۾ ذليل وستون به ستي يا ڪمائتي نٿا ڏين.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان جو ڌن ڌڪم جو مطلب ستو گڻي دان جو آهي.

(٢) تپ يگيه يعني تپسيا: لوڪ تپسيا جو مطلب هٺ يوڳ ٿا سمجهن يعني وڻن
جي ڇانو، ٻاٺي ۾ بيهي رهڻ، اَگنين جي وچ ۾ رهڻ، هڪ ٽنگ تي بيهڻ وغيره.

سماڌيءَ ۾ ويٺو آهي ۽ ٻيو آهي نامديو، سو ڀڳتن کي چيائين ته ”پاڻي ! ماڻها
منهنجي لو ونت هوندي ! “ نامديو چيس ته ”پيارا ! مون ته اها ڳالهه ڪانه آهي ؟ ٻه هن
چوڻ لڳو ته ”هو ساڌو ته آتم سنجمي آهي، سو ڪنهن لو ٿي هوندي.“ نامديو لي دوش
لڳو ته هن ايشور کي پرارٿنا ڪئي ته ”هي سائين ! منهنجي عزت رکو.“ اتري ۾ اهڙو
لڳ شخص واچوڙو لڳو جو لٺا ڪپڙا اڏامڻ لڳا. هن پاکنڊيءَ جي آسڻ جو ڪر به معي
لي پيو ته اها ماڻها ٺهڪڻ لڳي ۽ نامديو هن جوان کي چيو ته ”ڏس هوءَ تنهنجي ماڻها!“
نامديو ان وقت شبد اچارڻ ڪيو:-

سنگهه پوجن جو نو-جاني - اُلسي لسي لڳ ڏيسو ٻڪاني ؛
نامي کي سوامي: لاهه ليو جهڳڙا - رام رسائن پيو ري ڏڳڙا.

سنگهه هڪڙو نعيڙو پکي آهي، جو اهڙو ته چالاڪ ۽ لڪو آهي، جو شيهن جاڏهن
اٻاڻي ڏيندو آهي ته جهٽ سندس مک ۾ وڃي ماس جو ٽڪرو هٿي ڪٽي ايندو آهي ؛
ڪاليندو آهي، جو هن جو اهوئي آهار آهي ؛ ٻيو ڪجهه به کين ڪاني ! هن ساڌوءَ به ان
پکيءَ جهڙو ڦڙتائي سان ڪر ڪيو، مگر ٻاهران سماڌي لڳايو ويٺو رهيو. نامديو کيس چوڻ
لڳو ته ”هي ڏڳڙا (پاکنڊي) ! ڇو ٿو هي پاکنڊ ڪرين ؟ رام جو پوڄن ڪري سچو امرت
ليءَ، جنهن سان هي سڀ ڪڏا ڪرتوت وسري ويندءِ. مطلب ته سنجم سان ڳڻ اندر
ڪمان به هجي. جيڪو پنهنجي من کي ماري قابو ڪري ٿو، ان جي هر ڪا مراد پاڻيهي
پوري ٿي ٿي. گرو نانڪ ديو جن گهڻي اهڙن پاکنڊي ساڌن ۽ يوگين جا پاندا ڦوڙي
کين سڌين راهه تي آندو هو. ڪرم اندرين ۽ پرانن کي روڪڻ به هڪ چڱو يگيه آهي،
پر اندر ۾ سچائي هجي. پرانن جي روڪڻ جو اهو مطلب نه آهي، ته رڳو نڪ جون ناسون
بند ڪري ويهجي، پر جيڪو منتر (ويدن انوسار) گروءَ ڏنو هجي، ان جو جاپ به پرانن
سان ڪجي. پر اهو رستو ڪامل گروءَ کان سکڻ گهرجي، نه ته مغز خراب ٿيڻ جا به ڪيترا
مثال ليا آهن.

شلوڪ ٢٨. ڪي وري ڏن جو يگيه ڪن ٿا، ڪي تپسيا جو يگيه، ڪي
يوگ روپ يگيه ڪن ٿا، ڪي سواڌيايه (ويدن شاسترن جي اڀياس) جو
يگيه ڪن ٿا ؛ ڪي گيان روپ يگيه ڪن ٿا ؛ وري ٻيا شيل ورتيءَ وارا
درڍ يعني ڪٺن ورتن روپي يگيه ڪن ٿا.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان وڌيڪ ڇهن يگين جو ورنن ٿو ڪري، جي به ايشور جي پراپتي
لاءِ آهن. هن کان اول پنجن يگين جو بيان ٿي چڪو آهي.

(١) ڏن يگيه :- هن يگيه لاءِ منوسمرتيءَ ۽ شاسترن ۾ ڏاڍا سندر اپديش آيا آهن
دان ڏيڻ ني ڏن يگيه آهي. ممتا ڪڍڻ کان سواءِ ڪجهه به ڏيڻ دان نه آهي، ڇاڪاڻ ته
مايا جو مالڪ ته ايشور پاڻ آهي. مفت کي ڪاٻه همت نه آهي، پر جيڪي هن اسان کي

ڪر آسڻ. مطلب تہ جيئن سولائيءَ سان وڌيڪ ڌيان ڪري سگهجي، اهڙو آسڻ ڪري
اڻ گهرجي.

پراڻايام: گرؤءَ کان چڱيءَ طرح سکي ڪرڻ گهرجي، نہ تہ جوکو آهي.

پرتيهار: من کي سوکيم ڪرڻ يعني اهنڪار ۽ اُپمان کان صاف ڪرڻ.

ڌارنا: جيڪي گرو يا شاستر چون، تن کي هنڌائڻ.

ڌيان:- اشٽ ديوَ يا نراڪار برهم جو ڌيان ڪرڻ. **يوگ واشيشٽ** ۾ پرهلاد ڀڳت
جي ورتانت ۾ آيو آهي تہ جو وشنو روپ ٿي وشنوءَ جو ڌيان لو ڪري، اهوئي پورن
ڌياني آهي. هير بہ رانجهي جو ڌيان ڪندي پاڻ کي رانجهو سمجهڻ لڳي ۽ ڪوٺائڻ بہ
لڳي! اهو ڌيان جو ڦل آهي تہ جنهنجو ڌيان هر وقت پنهنجي اشٽ ديو ۾ رهي ٿو، اُن
۾ اُٿاهہ شڪتي حاصل ٿئي ٿي ۽ هو اُن جو سروپ ٿي پوي ٿو. ڪبير ڀڳت ۽ ٻين
ڪمالن جو ايڏي شڪتي پاتي، سو رڳو يڪسوئي ڌيان رکڻ سان. ڪيترن بہ اُن جو
ڏٺجي، گهڻا بہ اُن جا ڳائڻ ۽ چوڻ بہ اُن جا ٿي پڙهڻ يا پڙجن. من کي جنهن طرف
لڳائبو تہ اُن جو سروپ ٿي پوندو.

سوڪلپ سماڌي:- اها سماڌي، جنهن ۾ ڪو خاص مقرر ڪيل وقت ڌيان ۾ رهجي
گروءَ جو ڏنل منتر جو جاپ ڪجي ۽ اشٽ ديو جو ڌيان ڪجي.

اهي ٨ انگ يوگ ڀڳيہ جا آهن. لپ ۽ سواڌيايہ بہ اُن جا ڀاڱا آهن پر ڀڳوان انهن
کي جدا ڀڳيہ ڪري بہ ڏيکاريو آهي، جو ڪا خاص شڪتي رکن ٿا ۽ جي ڪو سڀ
ڪ يوگ ڀڳيہ جا نہ ڪري تہ اهي بہ تہ ضرور ڪري.

(۴) **سواڌيايہ ڀڳيہ**:- هن جو مطلب جئن لوري ۾ مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ اڌڪاري
ٿي، گرؤءَ جي شرن ٿي، ويدانت جا شاستر پڙهجن ۽ روز نيم سان ڌارمڪ شاسترن جو
اڀياس ڪري، انهن جي سکيائن تي وهنوار ڪجي. شيخ سعديءَ لکيو آهي تہ سڀ اُپديشن
تي لکيل هجي تہ اهو بہ ڌارن ڪجي. اِلم تہ چئبي تہ ديوار تہ جڙ آهي، اُن جو
اُپديش جا ولبو؟ سٽسنگ بہ هڪ قسم جو سواڌيايہ ڀڳيہ آهي، جو تہ اُن ۾ سٺا اُپديش ملن ٿا.

(۵) پنجون ڀڳيہ آهي **گيان ڀڳيہ**، جنهن جو مطلب آهي تہ برهم شرووتري ۽ برهم
نشٺي مهاتما کي گرو ڪري، هن کان ويدانت شاستر جو اڀياس ڪري، آتما جو گيان
ڪجي. هيءُ بہ هڪ اوچ درجي جو علم آهي، جو پراڻن لاءِ لازمي آهي. ڪل ڇهہ شاستر آهن،
جن مان ويدانت مکيہ آهي. ٻيا پنج شاستر آهن: نياءُ، سانکيہ، واشيشڪ، ڪرم ميمانسا
يوگ شاستر. نياءُ شاستر ۾ وگيان يعني اڄ ڪلهہ واري سائنس جو علم آهي. سانکيہ
شاستر ۾ ڪپل ديو منيءَ جيڪو گيان پنهنجي ماتا ديو هوتيءَ کي ڏنو آهي، اهو آهي
پرماتما، پرڪرتي ۽ جيو اهي ٽيئي سارو سنسار جو کيل ڪن ٿا. هيءُ ويدانت سان
مشابهت رکي ٿو. **واشيشڪ شاستر** ۾ ڪال کي ئي ڀلوان مڃيل آهي. هن ۾
ڪ مٿي چوي ٿو تہ ڪيتري بہ ڪير ڪنهن ڪم لاءِ ڪوشش ڪري، پر سڀ ڪجهہ

مگر سڀني لڀ جي معنيٰ آهي ڏک سک، گرمي سرديءَ، گرهست جي گهٽ وڌائيءَ
فرض ڪرڻ ۾ جيڪي به ڪليش اچن، انهن جو خوشيءَ سان سهارو ڪرڻ.

(٣) يوگ يگيہ: من کي ايڪاگر ڪرڻ کي يوگ يگيہ ٿو ڪوٺجي. هن يگيہ ۾ ٻ
يگيہ به اچي ٿو وڃي. يوگ يگيہ جا ڪل ٨ انگ ڄاڻايا ويا آهن: يم، نيم، آسن، پراڻايام
پرتيهار، ڌارڻا، ڌيان ۽ سوڪلپ سماڌي. يم انگ جا وري ٥ ڀاڱا آهن: اهنسا
ستيہ، اَستيہ، برهمچريہ ۽ اَپرگرهہ. نيم انگ جا پڻ ٥ ڀاڱا آهن: شوچ، سنتوش
تپ، سواڌيايہ ۽ ايشور پرڻيڌان. تپ به هن ۾ اچي ٿو وڃي پر ڀڳوان انکي جدا يگيہ
ڪوٺي ٿو.

يم جا ٥ انگ:

اهنسا: ڪنهن به جيو جي هنسا نه ڪجي. ماس کائڻ به هنسا آهي، ڪٺي ڪا هن
ڀي نٿو ڪري، پر کائڻ واري لاءِ به دوش آهي. هن بنيادي انگ کانسواءِ يوگ ڪڏهن
لاءِ نه سگهندو. من ۽ وچن سان ڪنهن کي ڏکوئڻ يا ڪنهن جو برو چاهڻ به هنسا آهي
جنهن کان پاڻ بچائڻ ضروري آهي.

ستيہ: هر وقت ۽ هر حالت ۾ سچ ٻولجي ۽ سچ تي هلجي.

اَستيہ: چوري نه ڪرڻ. چوري رڳو هٿن سان نه ٿيندي آهي، دوکو ڪي ڪم
ڪرڻ به چوري آهي. پرائيءَ شيءِ ۾ اک وجهڻ به چوري آهي. انهن سڀني کان دور رهجي

برهمچريہ: گرهستين لاءِ گرهست ڌرم ۽ ورڪتين لاءِ ايشور ڌيان ۾ رهڻ ۽ شڪت
قائم رکڻ. گرهستي به جي نيم انوسار گرهست ڪن ٿا ته برهمچاري ٿا ليکجن، نه ته نه.

اَپريگرهہ: گذاري واسطي ڪم ڪجي. ساڌو برهمڻ اوترو دان وٺن، جيترو گهر
هجن ۽ گرهستي اوترو ڪمائين، جيترو ضروري هجي. اَجايا وڌا ڏنڊا نه وڌائين، نه
يوگ نه ڪري سگهندا.

نيم جا ٥ انگ:

شوچ: ٻاهرين شرير جي الوا من جي.

سنتوش: جيڪي سهاويڪ طرح ملي، اُن تي راضي ۽ شانت رهجي.

تپ: ورت نيم رکڻ، سک ڏک سهڻ، تڪليفون برداشت ڪري فرضي ڌ
تي قائم رهڻ.

سواڌيايہ: گروءَ جي شرن وڃي، ست شاسترن جي ودياپڙهجي. اُن تي ع
ڪجي ۽ پرڻو اوم جي اُپاسنا يعني اَجپاجاپ ڪجي.

ايشور پرڻيڌان: ايشور جي اُپاسنا ڪرڻ ۽ سڀ ڪرم برهم اُرپڻ ڪرڻ.

يوگ يگيہ جا ٻيا ڇهہ انگ:

آسن: جيترا جيو جنتو آهن، اوترا آسن ڄاڻايا ويا آهن. سڀ کان سولو آسن آه

پرمهنس رامڪرشن وٽ هڪ ساڌو آيو ۽ اچي چيائين ته سائين مون ٢٤ سال
اياما ڪيو آهي. سواميءَ پڇيس ته "ڇا ڦل پاتو اٿيئي؟" چيائين ته "سائين! مان پاڻيءَ مٿان
زمين وانگر هلي ٿو سگهان. ڪيڏو نه شهر درياه هجي ته پار ڪري وڃان." پرمهنس
س ته "اهڙي ساڌنا جو ڪهڙو ضرور آهي، جڏهن ته پئسا ٻه پيڙيءَ واري کي ڏيئي پار
سگهجي ٿو؟ آمڪ انتي ڪرڻ ها ته هوند هيتري عمر ۾ ڇا نه پائين ها!" راما مرلي
هور ٻڏو ٿي گذريو آهي. ان ٻڌايو ته مان جو چاليءَ تي موٽر هلائي ٿو سگهان ۽ وڏا
پار ٿو ڪٽان، سو سڀ پراڻايام جي بل ۽ پرئڪٽس سان. اهو ٺيڪ آهي، پر اُن مان آتم
ر طرف ڪجهه به حاصل نه ٿيندو، رڳو ٿالڪن وانگر ڪرامات لاءِ شڪتي ملي ٿي، ڇا
نڪار جو مؤل ٿي لڳي.

گرو ارجن ديو جڏهن گرو گرنٿ صاحب جي بيڙ ٻڌڻ شروع ڪئي، ته اُن وقت
ڪي ڀڳت هوا، سي به آيا ۽ چيائون ته اسان جي ٻاڻي به درج ڪئي وڃي. اُنهن ۾
انا جي ۽ ڇڄوءَ جي ڀڳت به آيا. مهراج ڇڄوءَ کي پنهنجي پنهنجي ٻاڻي ٻڌايو. پسند
دي به درج ڪبي. ڪاناجيءَ چيو:

"مئن اولي ري، مئن اولي ري ...."

مهاراج چيس ته "اوهان ان ۾ سو وهن آهه درست آهيو ته سڀ برهم آهيون، پر هن
واڻيءَ ۾ داسي ڀاءُ رکيو آهي، جو ڪلجڳ جو سمر آهي. ڀڳتيءَ سان گڏ گيان سيکارڻو
. سو اها واڻي درج نه ڪبي، ڇو ته اُن مان اهنڪار پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي."
ناجيءَ کي ڏاڍو غصو لڳو ۽ گروجن کي سراپ ڏنائين ته توکي سرڪار وٽان ماٺهو ايندو
سزا ماندءِ. صاحبن چيو ته تنهنجو سراپ قبول آهي پر واڻي درج نه ڪبي. پائي ٻڌو
وقت اُلي حاضر هو. اهو ڏسي ۽ ٻڌي ڪاناجيءَ کي چيائين ته "تو ٻنا سبب گروصاحب
سراپ ڏنو آهي، سو توُن به گهر ٿائين جيئرو نه موٽندين." ڪاناجيءَ اهنڪار وچان چيو
مان پراڻايام ٿو ڪريان ته ڪيئن ساه ويندم؟" اُنين ڇئي رمه ۾ ويٺو ته يڪدم ڪٽي پراڻ
هيائين ۽ سواس دسوين دوار ۾ ڀهاري چڙهائين. هلندي واٽ تي اَيڏو ته هڪ ڪبو هو،
سندس رمه اُبتو ٿي پيو ۽ ان جو هڪ ڦيٿو اصل بلڪل سندس مٿي تي دسوين دوار
يءَ جاه تي لڳو ۽ سندس پران اُتان نڪري ويا. مطلب ته پراڻايام پرابو شڪتي ڏئي
، پر ڀڳتن جي سراپ اڳيان ڪم نٿو اچي ۽ اها شڪتي ڌرم جي واٽ ۾ به ڪم نٿي
۽ هيڪاري ڪروڌ، اهنڪار ۽ ڪرامت ڏيکارڻ جو شوق ٿئي ٿو، جو پرماتما جي
۾ مدد ڪرڻ بدران رڪاوٽون ٿو وجهي. گيان مارگ تي سولي ۾ سولو ۽ گهٽي ۾ گهٽو
و ڏيڻ وارو آهي. ڀڳوان هي سڀ جدا جدا يگين جا طريقا ٻڌايا، پر هو ڪو انهن لاءِ
ش ڪرڻ ٿو ڪري.

شلوڪ ٣٠. ٻيا وري نيم پڙل (ٿورو) کاڌو کائي، پراڻن کي پراڻن ۾

وقت تي ٿيندو، جو وقت اچڻ تي ٿيڻ آهي. ظالم ظلم ڪري ٿو، پر وقت ضرور ايندو
جڏهن هن کي ان جي سزا ملندي. **ڪرم ميمانسا شاستر** جنهن ۾ جو اڪمل آهي
ان ۾ سمجهايل آهي ته سڀ ڪجهه ڪرمن موجب ٿئي ٿو. ڪرم ڪمل نه آهن ته وشنو
ڀڳوان به ڦل نٿو ڏئي سگهي. **يوگ شاستر** ۾ چت کي ايڪاگر ڪرڻ بابت سکيا آهي
يوگ جي مهما ۽ واٽ سمجهايل آهي. يوگ جا درجا آهن، جي هڪ هڪ ڪري لنگهڻا
پون ٿا، **پاتنجلي رشيءَ** جو هي شاستر رچيل آهي. **ويدانت شاستر** ۾ آتما جو ورڻن
ٿيل آهي ته سڀ آتما آهي، بي ڪا به وستو ساري برهمانڊ ۾ ڪانه آهي. سارو پسارو آتما
جو ٿيل آهي.

ڪل ڇهه شاستر آهن ۽ هر هڪ جو ڏسڻ جو ڍنگ جدا جدا آهي ۽ هنن ۾ واٽون به جدا جدا
ٻڌايل آهن، پر سڀ رستا هڪ پرماتما ڏي پهچائڻ لاءِ آهن ته هر ڪو پهنجي آڌڪار ۽ سمجهه
موجب ڪا به واٽ وٺي ته آخر وڃي اُتي ساڳي منزل ملندو. جيئن سورج هڪ آهي، پر اُن
سان ئي سيڪنڊ، منٽ، ڪلاڪ، گهڙيون، پهر، ڏينهن، راتيون، مهينا، سال وغيره ٿيندا
ٿا. ان طرح پرمهر هڪ آهي. سارو پسارو هن جو ٿيل آهي ۽ ڪو به رستو وٺي پنڌ پوي
ته آخر وڃي منزل تي پهچبو، جنهن لاءِ هيءَ منش جنم مليو آهي.

(٦) هن شلوڪ ۾ پهريون يوگ آهي **ڪلن ورتن روپي يگيه**، جنهن جو مطلب
آهي اهنسا آد ورت ڌاري، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار جي ترڪي. اهڙ
۽ ڪيا سان ڪروڌ ناس ٿئي ٿو، ڏوهه ۽ ڪمي ۽ ڪرڻ سان لوڀ ناس ٿئي ٿو
سچ ۽ نمرتا گيان روپ ويراڳ سان موهه ناس ٿو ٿئي.

ڪل ١١ يگين جو ورڻن ٿي چڪو آهي، باقي هڪ يگيه آهي پراڻاياما يگيه، جنهن
ورڻن ڀڳوان ٢٩ ۽ ٣٠ شلوڪن ۾ ڪري ٿو.

شلوڪ ٢٩. ڪي پراڻن (اندر ايندڙ سواسن) کي اپان (ٻاهر ويندڙ سواسن)
۾ ۽ اپان کي پراڻن ۾ هوم ڪن ٿا ۽ ڪي ٻنهي جي گتي روڪي، ساهه جهلڻ
پاڙڪي لڳائين ٿا۔ يعني پراڻايام ڪن ٿا.

پراڻايام ۾ ٽي انگ آهن: پورڪ، ريچڪ ۽ ڪمڀڪ. پراڻ کي اندر کڻي وڃڻ کي
پُورڪ، ٻاهر ڪڍڻ کي ريچڪ ۽ روڪڻ کي ڪمڀڪ چئجي ٿو. ڪڏهن ناسڪا کان ٻاهر
اندر کڻي وڃڻ ۽ ساهيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ کي پورڪ ۽ ريچڪ ٿو چئجي ۽ ٻنهي ناسن کي
بند ڪري پراڻ کي روڪي رکڻ کي ڪمڀڪ. نو ئي دروازا سريو جا بند ڪري
آسڻ لڳائي الٽي ڪرڻ کي پراڻايام ٿو ڪوٺجي. هي پراڻايام بلڪل ڪلن آهي ۽ سمجهڻ
لاءِ ڪامل گروءَ جي ضرورت آهي. ان هوندي به ويدانت وارا سمجهن ٿا ته آسڻ بند ڪي
پنڌ ٿا. هن جي ڪا به ضرورت ڪانه آهي. هن سان رڌيون سڌيون پراپت ٿين ٿيون، جي
اڳيائين ڏي، وٺي ٿيون ۽ اجايو اهنڪار ٿيون پيدا ڪن. گيانوان اهي بلڪل نٿا چاهين.

ر، ٻڌارا سڀ گرهستين جي ڀلائي لاءِ ئي هلن ٿا. گرهستين کي ان ڪري هميشه
لوڙ ڪندي ۽ ڀڳوان جي شرڻ وٺڻ گهرجي ۽ هن جو ئي ڀروسو رکڻ گهرجي، تڏهن ئي
و ٻار لهندو.

جيڪي منش سڀ ڪجهه هوندي ۽ ساڌن مهاتمائن ۽ غريبن کي نه ٿا ورهائين،
دان نٿا ڪن، انهن جو منش جنم ۾ اچڻ ئي اجايو آهي. اسين ڏٺو پنهنجو پيٽ ڀرڻ
ن آيا آهيون. پيٽ ته ڪانءُ، مور، نانگ، ڪيڙا ۽ ٽا ڀرين. جن گرهستين جي
رن ۾ اهو ڪجهه نٿو ٿئي، اُن گهر جا ڀاتي جڻ جنن ڀوتن جا روپ آهن. جڏهن ڀڳوان
ڪجهه ڏنو آهي، اُن وقت اُن مان ضرور دان پن، پراپڪار ڪرڻ گهرجي، نه ته
سمي گهر جا ڀاتي ٿوري به دان ڪرڻ ڪين ڏيندا. حياتي اِن طرح گذارجي، جو ڀرڏ
تا ۾ آرام ۽ سک پراپت ٿئي. جيترو ٿي سگهي اهي ڪم ڪندو رهجي، جي پرلوڪ ۾ سک
ي سگهن ۽ اهو هر وقت ياد رکجي ته پرلوڪ ۾ وڃڻو آهي، اُن کي نه وسارجي.
ستين لاءِ هن شلوڪ جي سکيا امولڪ آهي.

ان تي ارجن سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! اوهان جي يگيه ورڻن ڪيا، سي ويدن انوسار
ب ڪين رڳو اوهان جو انهن الين آهي؟ ڀڳوان ان جي جواب ۾ فرمائي ٿو:

**شلوڪ ۳۲. هن نموني انيڪ قسمن جا يگيه برهما جي مک مان اُچاريل
ن (يعني ويدن ۾ آيل آهن). اُهي سڀ يگيه ڪرمن مان اُتپن ٿيل ڄاڻ
يعني ڪرمن ڪرڻ سان ئي اهي ٿي سگهندا). اِهو ڄاڻي تون هن سنسار ۾
ر مرڻ جي چڪر کان بچي موڪش کي پراپت ڪندين.**

ڀڳوان جا ٻڌايل ۱۲ يگيه ۽ ٻيا گهڻئي قسمن جا يگيه آدي ڪرم ويدن جي ڪرمڪانڊ
رن ليل آهن ۽ وستار سان سمجهايل آهن. ڀڳوان جي چوڻ جو مطلب آهي ته اهي مون
جي ڪلپنا مان نوڪي ڪونه ٻڌايا آهن. سڀ يگيه ڪرم ڪرڻ سان سڌ ٿين ٿا. ڀوڳ
يگيه ۽ سوڪيم ڪرم آهي. ڀڳتي ۽ هڪ ڪرم آهي. ڌيان لڳائڻ، من سوڪيم ڪرڻ،
انت جي ودِيا پڙهڻ، اهي سڀ ڪرم آهن. پريوءُ ۾ من لڳائڻ ۽ سوڪيم ڪرم آهي.
ب ته ڪرم کانسواءِ ڪو به يگيه ٿي نه سگهندو. جيڪي پوڄا پاٺ، دان پن ڪجهه
ڪن، اهي يگيه ڇا ڪندا؟ اهي غفلت ۾ آهن. رستي تي جيڪي هلڻ ئي شروع نه
دا، سي منزل مقصود تي ڪيئن پهچندا؟

اهي ڪرم ڪري انتهڪرڻ شڌ ڪرڻ لاءِ ئي هي جنم مليو اٿون، پر جي اسين
ر وقت وهنوار ۾ يا وشين جي ڀوڳن ۾ گذاري ڇڏينداسين، ته پوءِ پرلوڪ ۾ ڏکي
سين. اڳ ڪجهه ڪري آيا آهيون، ته هن جنم ۾ ڌن پدارٿ مليا اٿون، پر جي انهن
ڪجهه نه ڪيوسين ته آئينده ڇا ملندو؟ جيڪڏهن تن، من، ڌن يا واڻيءَ سان ڪي
ب ڪرم نٿا ڪريون ته يگيه ڪيئن ڪري سگهنداسون ۽ ڪيئن هن منش جنم کي سڦل

ارپڻ ڪن ٿا . اهي سڀ يگين جا ڄاڻو آهن ۽ انهن يگين ڪندڙن جا پ
سڀ ناس ٿي ٿا وڃن .

بلڪل ٿورولي نيم سان ڪاڌو کائي ڪيترا پرش پنهنجي اندرين ۽ ٻئي ڪي وس
ٿا رکن ۽ ان طرح پنهنجي شرير جي انگن جي گتين کي ڪمزور ٿا ڪن . هي سڀ
من جي پوتر ڪرڻ لاءِ آهن ۽ پاپن کي ناس ٿا ڪن . ڀڳوان ڪل ١٢ يگيه ورنن ڪيا ،
مان ڪنهن ٻه به من لڳي ، اهو ڪري ، منش منزل مقصود تي پهچي ٿو سگهي .

شلوڪ ٣١ . جيڪي يگيه جي بچت ، جا امرت روپ ٿئي ٿي ، اُ
کائين ٿا ، سي سناتن برهم ڏي وڃن ٿا ؛ پر جي يگيه آدي ڪرم نٿا ڪ
تن لاءِ هي لوڪ به نه آهي ، تہ پوءِ ارجن ! پرلوڪ ڪيئن ملندن ؟ (يعني
هن لوڪ جا ۽ نه پرلوڪ جا سک ملندن .)

ڀڳوان جو چوڻ آهي تہ جيڪو ھيترن يگين مان ڪو به نٿو ڪري ، تہ ڪس نہ
لوڪ جا سک پراپت ٿيندا ۽ نه سرڳ آدي پرلوڪن جا ، يعني هن ڪي وري منش جن
ڪونہ ملندو . جنهن پوڄن مان اول ڪو ساڌو ، برهمڻ يا اتٿي ورسي ٿو ، اهو پوڄن اُ
سمان ٿيو پوي ۽ ان جي ڪاڻ سان پاپ به دور ٿا ٿين ۽ انتهڪرڻ به شد ٿو ٿئي . يگ
جمع به اهين ڪندا آهن . ڪڪڙ ڏسو تہ پيرن سان ڪوني ، ان جا داڻا لهي تہ هڪ
داڻو پري ٿتا ڪري ، پوءِ ڪجهه داڻا پاڻ کائيندي آهي ۽ وري ڪجهه داڻا پري
ڪندي آهي تہ پيون ڪڪڙيون يا سندس ٻچا کائين . سڀ داڻا پاڻ تہ کائيندي آهي
ڪتاپون ، ماڪوڙيون به ڪا شيءِ ڏسن ٿيون تہ رکو اڪيليون پاڻ ڪين کائين ، پر ٻين ڪي
ڪٺو ڪري کائين ۽ کارائين . منش جي اندر اها سهن شڪتي ڪانہ آهي . هو راڄ ڏوهه
پئي سڀ وهنوار پنهنجي لاءِ ڪري ٿو ، ڪوشش ڪري لڪائي ٿو ، تہ ٻيو نہ کما
۽ معان منهنجي ڪمائي گهٽ ٿي وڃي !

نيتي شاستر ۾ آيو آهي تہ ٻن قسمن جو پوڄن سريشٽ آهي : هڪ تہ ديوتان
ڀڳوان يا گروءَ کي پوڄہ لڳائي جو ورتائجي ، اهو امرت روپ آهي ۽ ٻيو تہ جيڪو پ
ساڌو مهاتمائون کائي وڃن ، ان کان پوءِ گرهستي کائين ، تہ اهو به امرت روپ آهي
پورن شرڌا ۽ پريم هٿان گهرجي . جنهن گهر ۾ ساڌن مهاپرشن جي سيوا نہ آهي ، انهين
ستڪار نہ آهي ، ٻين ڪن کي پوڄن وغيره نٿا کارائين ، اهو گهر جهڙو مساڻ برابر آهي
الي جهيڙا ۽ فساد پيا ٿيندا . گرهست آشرم تي ٽي ٻيا ٽي آشرم آسرو رکن ٿا . ڪيتري
جوابداري گرهستين تي آهي ؟ گرهست آشرم وارن کي ان ڪري بلڪل گهٽيءَ ادارد
سان يگيه ، دان وغيره ڪرڻ گهرجن . گرهست ڌرم جهڙو وشال ڌرم ٻيو ڪو به ڪونہ آه
هن ۾ ئي شري رامچندر ، شري ڪرشن ، گرو نانڪ صاحب ۽ ٻيون نو پاتشاهيون ،
وڏا رشي مني ، ڀڳت ، سنت ٿيا آهن ۽ تيرٿ ، مندر ، گردوارا ، ڌرمشالائون ،

١- شيل سنتوش ڀڄن سوادين وِسيئي - ديا ڪميا اُر ڌار ؛
ڀُوکي کو ڀوجن، پياسي کو پاني - ديجي ڀلا اڌڪار.
٢- ڪلن سمي ۾ هووهنگي سانئي - ليري سرهشت آچار ؛
اس لئي اُنڪا ڪر لون سنگرهه - سک هو سرب پرڪار.
٣- جو اگياني کهي ٻڌه گند - تس کو هيءِ ڌڪار ؛
هيءِ گيان هي اؤشڌ سب اوگن کي - ڪرلي ويد پڪار.

اُرجن سوال ڪيو ته ”هي ڀڳون! اوهان ٻڌايو آهي ته گيان ڪري سڀ سنچت ۽ ي ڪرم ناس ٿي ٿا وڃن، سو اهو ڪهڙو يگيه آهي، جنهن ڪري اهي ناس ٿا ٿين.

ڀڳوان جواب ۾ فرمايو:

شلوڪ ٣٣. هي دشمنن جا ڏهڪائو اُرجن! گيان يگيه ٿي ڏن ۽ ٻين سڀني ايل يگين کان، وڌيڪ سريشٽ آهي، ڇو جو هي پارٿ! سڀ ڪرم گيان ۾ ايل آهن.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ نرنيه ڪري ٿو ٻڌائي ته ٻاهريان اندريان ۽ شريرڪ مهٽ سنساري ين سان ڪيل يگيه اُتامه ڏن پدارٿن سان ڪيل يگيه جي گيان کان رهنه آهن، انهن ـي کان گيان يگيه وڌيڪ سريشٽ آهي ۽ ڇو ته اهو يگيه ساکيات موکش جو ساڌن ي. ٻيا يگيه ڪرمن انوسار درجي وار موکيه جا ساڌن آهن، پر يڪدم ان درجي تي نه ائيندا. اهي سڀ جڏهن نشڪام ٿي ڪجن ٿا ته آتم گيان ۾ رنڊڪن وجهندڙ روڪي ٻاهرين ي ناس ڪري انتهڪرڻ جي شڌي ڏين ٿا ۽ پوءِ آتم گيان ۾ سمائجي ٿا وڃن. مطلب هي سڀ گيان يگيه لاءِ سامگريون يا ڏاڪا آهن. اهي سڀ دنيوي پدارٿن لاءِ ڪجن ۽ نتيجو به اهڙو ٿو ملي ۽ يگيه ڪندڙ وري هن لوڪ ۾ جنم وٺي انهن يگين جي ڦل ي سک ڀوڳي ٿو، پر گيان يوڳ اهڙو ڪرم ڦل نٿو ڏئي، پر موکش جي پراپتي ٿو رائي. پرم گيان جهڙو ته ڪو دان نه ڪرڻ آهي.

سم سنتوک نه اؤر سک - لپ نه ڪميا سمان ؛
پرم گيان سم دان نهن - ڌرم نه ديا سمان.

ڀڳوان ڪي ته اسان جي دل ڪهي ۽ نه ٻاهريان پدارٿ. گيان يگيه دل جو يگيه آهي. ۾ ٿي پرڀ جي جوت ٻاري رکڻ گهرجي. ٻاهريون جوتيون جي مٿاهون مندرن نڪتاتن ري ٿا رکن، اهي سڀ رکيو اُندرين جوت ٻارڻ لاءِ اشارا آهن ۽ اِن حد تائين چڱيون . جي ڪرم شرڌا ۽ پوري پريم سان نتا ڪيا وڃن، انهن جو ڪوبه ملهه نه آهي. شب م، جنهن جي ٻنياد دل ۾ آهي، اهوئي ڌرم اُنوسار آهي، ٻيا سڀ ڪرم، جهڙي جهيان ۽ ديکا ديکي واسطي ٿا ڪجن، سي چڱو ڦل ڪين ٿا ڏين ۽ ان سان اوچ نيچ ملندي رهندي ۽ جنم مرڻ جو چڪر ختم نه ٿيندو. ٻيا يگيه به چڱا آهن، پر گيان

ڪري سگهبو! ڀڳوان جو مطلب آهي ته ڪرم ڪيا ڪا. هي ڀڳم به ٿي سگهندا، ۽
آلسي ٿي ويٺا هوندا سين يا رڳو وشين جي ڀوڳن ڀليان ۾ ڏن پدارٿ جي پٺيان ساڙو و
ٻوندا سين ته پوءِ اهي ڪيئن ٿي سگهندا ۽ ٻيءَ جنم مرڻ جو چڪر ڪيئن هٽندو؟ جنم
جي چڪر ۾ ته ڏک ئي سهڻا پون. ڏکن سهندي اسين اجايو پيا ايشور، وڏائي يا سمي
ڏوهه ڏيون! ڪرم سدا ڪنداسين ته وشنو ڀڳوان ۽ ٻيو ڪل نثر ڏيئي سگهي. ڀڳتي ۾
وجهه کان هميشه ٿهلو ۽ نماڻو ٿي رهڻو آهي ۽ چڱن ڪرمن ڪندي ۾ ڏجندو رهجي
جيتوڻيڪ ڪرم سدا آهن ته ڏب ليندو ٿي ڪونه، ۽ آچيمه پاپ ۾ ليپ ٿا، جن جي
۾ لٿي پوي. انڪري هميشه پرماتما اڳيان نماڻو ٿي رحم گهرندو رهجي.

سرشٽيءَ ۾ پهرين ويد پيدا ٿيا، جي برهما جي مک مان نڪتا. ماڻهن ڪي جڏهن اه
سمجهڻ ڏکيا لڳا، تڏهن پوءِ ڇهه شاستر لکيا، جي به ويدن مان نڪتل آهن، پر سهولي
لاءِ جدا جدا وشين تي لکيل آهن ته هرڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ پڙهيءَ ۽ اڌڪار موجب،
هڪ ٿي شاستر پڙهي، ان تي هلي، موڪش پراپت ڪري. وري جڏهن ماڻهن جي بد
اجا به گهٽي ۽ شاستر به ڏکيا لڳن ته پوءِ مدؤ آدي رشين سمرتيون لکيون، جن ۾
وهنوار الڳ پرمارٿ جا نيم ڏنل ۽ سمجهايل آهن. جڏهن سمرتين مان به ماڻهن جي و
گهٽ ٿي ته وشين منين پراڻ لکيا، جن ۾ درشٽانت ڏنا ويا ته ماڻهو اهو پڙهي پنهنجا ڪ
سڌارين، آچرڻ سدا ڪن ۽ مثالن مان ڪجهه پرائين. اهي ڪتابون رڳو اسان لاءِ الڳ و
لاءِ لکيل آهن. سڪيا سڀ ويدن واري. ڇهن ئي شاستر، ارڙهن ئي پراڻ، سڀئي سمر
۾ ساڳي سکيا آهي. سوچڻ گهرجي ته ڪيڏي نه محنت اسان لاءِ رشين منين ڪئي آه
جڏهن سنسڪرت ماڻهو نه پڙهي سگهيا، تڏهن گرو انگد صاحب گرمکي اکر ٺاهيا، جڏهن
گرو ارجن ديو سڀني ڏون ۽ ڀڳتيءَ جي واڻي ڪٺي ڪري، هڪ امرت جو ڀنڊار گرنٿ
صاحب لاءِ جو ڪلجڳ ۾ ڪاٿ ورڪش سمان سڀ پدارٿ ڏيڻ وارو ۽ مورتي ۾
ڪري، سنسار ساگر مان پار ڪرڻ لاءِ هڪ جهاز آهي. اهو جڻ پنجون ويد آهي، جو ته
۾ ته سمورو سکيا ويدن انوسار آهي. وري اجا به اڳتي ڏسو ته سنتوش سنگهه جهڙا ڪو
پيدا ٿيا، جن ناناڪ پرڪاش ۽ سورج پرڪاش جهڙا پستڪ رچيا، جن مان حبر ته
پوي ته گرو جن ڪيئن هليا ۽ ٻيا بزرگ ڪيئن وريا. ان طرح هنديءَ ۾ سنت تلسيداس
رامائڻ رچيو. جيڪي چون ٿا ته اسين ڪو ويد ڪورو ٿي پڙهيل آهيون، جو انهن ج
نيم ٿي هلون. انهن لاءِ اهو ئي جواب آهي ته سمرتيون پڙهو، پراڻ پڙهو، مهاڀارت ۽ راما
پڙهو، گرو گرنٿ صاحب پڙهو، سکدمني صاحب، جپ صاحب پڙهو، گرن ج
ساکون ۽ ڀڳتن جا جيون چرتر پڙهو. انهن جهڙي سولي واٽ ٻي ڪهڙي ليندي؟ هي
رڳو وهنوار ڪرڻ ۽ ڏن ڪٺي ڪرڻ يا پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪرڻ مليو آهي.

لون ڪيهه ڪر اپڪار جڳت ۾- لون ڪيهه ڪر اپڪار،
ماڻهن جنم اُسر لڳ لحهه ڪسر- ملي نه ٻار مبار.

ستگورو ڀڳولي، سچيءَ دل سان هنجي شرڻ ۾ وڃي. گروءَ وٽ خالي هٿين وڃڻ ٺيڪ
آهي، هٿن ۾ ڪجهه ڀيٽا طور ضرور کڻي وڃڻ گهرجي. نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته راڄا،
ڪير، گروءَ ۽ سنت مهاپرش وغيره وٽ خالي هٿين نه وڃو. چاڪاڻ ته جي ڀيٽاسڪار
جب نه هلبو ته هنن جي پرسنتا نه ٿيندي ۽ دوش لڳندو. پر جي هنن جي ڀيٽا ڀوڳ
ڪبي ته هو دِيا پرپور ٿي، اسان لئي ڳالهين جي دان ڪندا. پنيءَ لئي جو ناپي وڻبي
ي انهيءَ ۾ به راز رکيل آهي، جو سائنس انوسار آهي. هرهڪ منش جي خيالن جو اثر
ن جي هٿن ۽ پيرن جي آڱرين جي ڇيڙن ۾ رهي ٿو. نيڪ پرشن جي هٿن لڳڻ سان
دن نيڪ گڻ اسان ۾ پرويش ڪن ٿا. سندن پيرن تي سر رکڻ سان به سوکيم شڀ خيال
ان ۾ اچن ٿا. ان ڪري پاپي، ڪوڙن ۽ ڪپٽي ماڻهن کان پري ٻيهڻ گهرجي ۽ سندن
ت لڳل وستو به انگيڪار نه ڪجي ۽ نه هنن سان پنهنجا انگ ملائجن. اهوئي سبب
ي جو ماتا، پتا، گروءَ ۽ سنتن مهاتمائن اڳيان هميشه ڏنڊوت پرنام ڪري آسيس گهرڻ
حڪم ڪيل آهي ته سندن شڌ پرماڻو اسان جو تن ۽ من به سالوڪي بڻائين ۽ ٻُون پرشن
ن همت به نه ملائجي، هن سنسار ۾ انيڪ ماڻهو آهن، جي سنتن مهاتمائن کي به ڏوکو
ڻ ٿا چاهين ۽ سچي نمرتا نه هوندي اٿن، نه به ٻاهران مٿا ٽيڪيندا آهن. ٻلي ڪئي کي
ڏڻ وقت، ناڳ ڇڪ پائڻ وقت ۽ شڪاري ٽير هڻڻ وقت به ڪنڌ هيٺ ڪندا آهن،
نه نمرتا وڃان، پر ڪپٽ وڃان.

سوال به بلڪل نضيامت، عزت، شرڌا ۽ نمرتا سان من ۾ سيتلتا وڪي وشواس ڌاري
ڻ گهرجن ۽ ڪا به ابهرائي نه ڏيکارجي ۽ ادب به بلڪل گهٽو رکڻ جڳائي. شيرا به ٿن،
، ڏن ۽ واليءَ سان ڪجي ستگوروءَ جا گڻ ڳائي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه گروءَ جو سمجهي. سچ
ته گروءَ جي گيان اپديش جي ملهه اڳيان دنيا جا وڏي ۾ وڏا پدارٿ ۽ خزانا تڇ آهن،
وشرير قربان ڪجي ته به ٿورو آهي! جيستائين پورن گرو نه آهي ۽ شش ۾ به مٽي
ن ڪيل گڻ ۽ لڇڻ نه آهن، ته گيان جي پراپتي ٿيڻ مشڪل آهي ۽ پر جي لئي به ڪٺي،
اثر نه ڪندي ۽ ڦل نه ملندو. گروءَ لاءِ هميشه اوچي نظر رکجي. جڏهن ڪاوڙ ڪري
ائين نه سمجهجي ته ڪروڌي آهي، پر ائين ڄاڻجي ته ان وقت هو شو روپ آهي ۽
نکي سڌارڻ لاءِ تاڙنا ٿو ڪري. جڏهن هو سعو گڻ ۾ هجي، دِيالو هجي، ان وقت هن
وشنو ڀڳوان ڄاڻڻ گهرجي. جڏهن رجو گڻ ۾ هجي يعني سنساري ڪمن ۾ لڳي ۽ حڪم
ته هي ڪم ڪريو، هي ڪارج پورو ڪيو، ان وقت کيس برهما جو روپ سمجهجي.
ن وقت آشيرواد ڏئي ته پارٻتي روپ ڄاڻجي. ڌن پدارٿ جي آسيس ڪري ته لڪشمي
پ سمجهجي. وديا دان ڏئي ته سرسوتي روپ جو ڀاءُ رکجي. مطلب ته هر وقت ڀاونا
ي رکجي، جو ته ڀاونا انوسار ڦل ملي ٿو. ان ۾ ڪو گروءَ تي ٿورو ڪونه ٿو ڪجي ۽
ڪر هن جي مها ٿي وڏي، پر شش کي وڏيڪ ڦل ٿو ملي ۽ فائدو ٿو رسي.

ٻيءَ سڀني جو سرمور ۽ آخرين منزل تي پهچاڻ وارو آهي.

ارجن هاڻي سمجهيو آهي ته برهم گيان سان ئي آخرين ڇوٽڪارو آهي، ان ڪر هن کي هاڻي شوق پيدا ٿيو آهي ۽ سوال ٿو ڪري ته اهو برهم گيان ڪيئن پراپت ليند جڏهن ڀڳ لئي ٿي ته هن جهل جي ٽڪري ۾ هيرا جواهر آهن، تڏهن ڪوڻ جو شوق ٿ ٿو، ڪنهن سمنڊ ۾ موتين جي جاءِ جو پتو لڳي ٿو، ته اندر گهڙي ڳولڻ جي ڪوش ڪري ٿو، ان ڪري ارجن گيان ڳيءَ جا ساڌن ٿو پڇي. ڀڳوان اُن جو اُتر هن ر ڪيس ڏئي ٿو:

شلوڪ ٣٤. جن سچ (برهم) کي سڃاتو آهي، اُنهن وٽان نمرتا سا ڏنڊوت پرنام ڪرڻ، ادب سان سوالن پڇڻ ۽ اُنهن جي دل وڄان سان شي ڪرڻ سان ئي اهو گيان پراپت ٿئي ٿو.

جيڪي مهاتمائون برهم شروتري ۽ برهم نشٺي آهن، جن آتما جو ساڪيا تڪار ڪ آهي، اُنهن وٽ وڃي، اُنهن اڳيان نمرتا، پريم ۽ شرڌا سان ليٽ پئي، ڪيئي پرنام ڪجي اُدب ۽ عزت، سان هنن کي عرض ڪجي ته "هي ستگورو! بندن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي سان ڪيئن مڪت ٿي ٿو سگهان؟ اوديا ڇا آهي ۽ وديا جو ڪهڙو سروپ آهي؟ ٻ سڃاڻڻ ۽ آتما جي پرڪاش لاءِ ڪهڙا ساڌن ڪرڻ گهرجن؟" ان ستگوروءَ جي تن، من ڌن ۽ واڻيءَ سان شيوا چاڪري به ڪجي، ته پوءِ هن مهاتما جو من پسندو ۽ شش جو ڏسي، هو کيس اُپديش ڪندو. شش کي اندر ۾ ڪوبه ڪوٽ، ڪپٽ، ڏيکاءُ نه هجي پر سڀ نمرتا ۽ شيوا بلڪل سچيءَ دل ۽ شرڌا سان هجي ۽ گروءَ جي وچنن ۾ به پورو ٻ وشواس رکي. جيڪو مهاتما پاڻ برهم نيشٺي نه آهي يعني برهم جو درشن نه ڪيو انس رڳو برهم شروتري آهي يعني رڳو شاستري گيان انس، اهو ڪنهن کي به آتما جو در ڪرائي نه سگهندو. ان ڪري گرو ان کي ڪرڻ گهرجي، جنهن کي ويدن جي سکيا گيان به هجي ۽ آتما جو اُنڀو به ڪيو هجيس.

من ۾ جا خودي يا اُهنڪار آهي، اُنکي ٽوڙڻ ۽ دور ڪرڻ لاءِ ڏنڊوت پرنام آه سر جهڪائڻ ۽ گروءَ جي چرنن ۾ ئي سر رکڻ سان گرو خوش ٿئي ٿو ۽ آشيرواد ڏئي ٿ ونس جا پياري ۾ پياري وستو برهم گيان آهي، سا شش کي ڏيڻ لاءِ هو تيار ٿئي ٿ بشرطيڪ شش ۾ سچي نمرتا ۽ شرڌا آهي، گرو جن جو واڪيه آهي:

جو سر سانئين تان نه ورين - سو سر ڏيجي ڌار (ڪمي ڇڏجي)،
ناتڪ جس پنجر (شرير) ۾ پره نهين - سو پنجر ٿي جار (ساڙي ڇڏجي).

سچيءَ دل ۽ پريم سان سر جهڪائڻ جي وڏي مهما آهي. شاسترن ۾ آيو آهي ته پره ناراض ٿئي ته هيڪي پوڄن ڪارڻ ۽ پريم سان دان ڏيڻ سان خوش ڪري سگهجي ٿو ۽ پر س ناراض، ٿئي ته رڳو سندس چرنن تي پريم ۽ نمرتا سان سر رکبو ته هن جي ناراضگي هل ... ڏي. ان ڪري جنهن ۾ گيان لاءِ اڀلاشا آهي، اُن لاءِ اهو ضروري آهي

... وڏيڪ گناهه نه ڪن، اهي ڪُمتر چئبا. جيڪي ان جو قدر نه ڪن، اهي ئي سمجهن ... گيان سان گڏ ستسنگ به ضروري آهي، نه ته گيان پڪو ڪونه ٿئي؛ مٺڙن ٽوريءَ تي ... ڪاوت اچڻ لئي ڦسلي پوي ٿو. ستسنگ جي مهما اپار آهي. پرڀات جو اٿي نام جپڻ ... پرماتما جا گڻ ڳائڻ سان سڀ دک پاپ ناس ٿين ٿا. هڪ فارسي فرمودو آهي ته پرڀات ... سهاونو سمو هڪ ڪافوري ملم وانگر آهي؛ جيڪڏهن پاپن روپي زخمن جي دوا ... ڻ چاهيو ته اهو ملم ڪم آڻيو.

امرت وهلا سچ ناءُ - وڏيائي ويچار.

گيان ڏهن انڌر ۾ وهي ٿو، جڏهن انتهڪرڻ مان مل، وکيپ ۽ آورڻ ٿيئي ناس ... ٿا. ڪيترا ماڻهو ستسنگ ڪن ٿا، دان پڃ به ڪن ٿا، يوگ ساڌن ۾ به لڳن ٿا، ته ... به گيان جو پرڪاش نه ٿيو اٿن، ڇو ته هنن جو ڪيل ڪرم ڪجهه به اجايو نٿو وڃي ... ڪيترو به ٿورو يا اڌورو ڪيل هجي. شڀ ڪرمن واري ٻجي خراب ڪٿي ڪداچت نه ... دي؛ جڏهن اڳين پاپن جو مٽل لهندس ته پاڻهي آتم جو پرڪاش ٿيندس.

مڌسودن وڏو پاري ودوان ٿي گذريو آهي؛ گيتا تي سندس سنسڪرت ۾ ڏاڍي ... ڍر ٽيڪا لکيل آهي، جا وڏا وڏا پنڊت ۽ ودوان پسند ڪندا آهن. چون ٿا ته هو رڳو ... هٿ ۾ ڪٽي ڏيان ۾ وهندو هو ته ٽيڪا ڀڳوان ڪرشن پاڻ لکندو هو. ان مڌسودن به ... درشن لاءِ سالن جا سال برندابن جي جهنگل ۾ وڃي ساڌنائون ڪيون پر پرڪاش نه ... آخر ناستڪ ٿيڻ لڳو؛ ظاهر ڪيائين ته اجايو ٿا سڀ مهاتمائون چون ته آتما آهي. ... پرچار خوب ڪيائين. ملڪ ۾ هاءِ هاءِ مچي ويئي. وڏا وڏا پنڊت ونس مڙي آيا پر ... کي سمجهائي نه سگهيا. آخر هڪ پرڏيهي شريف وارو مهاتما هو، ان چيس ته تڪڙ نه ڪر. ... ڙ ڪي لون نه ڇيندين ته ڪو ايشور جي هاڃي ڪانه ٿيندي. تون وڃ ڪاشيءَ ۾ ۽ ... ڪيترپال ديوتا جي وڃي پوڄا اپاسنا ڪر؛ جڏهن هو پرگهٽ ٿئي، تڏهن هن کان اهو ... پڇج ته توکي ڇو نه ٿو آتما جو درشن ٿئي. هو ويو ڪيترپال ديوتا جي مندر ۾ ٤٠ ... ڏهن جي اپاسنا کان پوءِ اهو ديوتا پرگهٽ ٿيو. مڌسودن جي پٺيان ٻيهي ڇوڪر لڳس ته ... گهر، ور ٻهر. مڌسودن چيس ته ڪير آهين ۽ پٺيان ڇو پيئو آهين؟ جواب مليس ته ... ترپال آهيان ۽ پٺيان تن ڪري پيئو آهيان جو توکي يوگ ساڌنا جو ايڏو ته ليج آهي، ... مان سامهون نٿو بيهي سگهان. مڌسودن چيو ته منهنجي اندر ۾ ته اونده لڳي پيئي ... ڪيترپال ديوتا هن کي سمجهايو ته "مڌسودن! تو اڳين جنم ۾ هڪ سؤ برهمڻ خون ... هئا. تو جيڪي ساڌنائون اپاسنائون ڪيون آهن، انهن سان ٩٩ خونن جو ٻار لٿو اٿيئي ... ڇا هڪ برهم هتيا جو پاپ لڳل اٿيئي. اهو دور ڪرڻو پوندءِ. مٽي هٿ ۾ هجي، ... ڇي ان مٿان هڪ پردو به پيل آهي ته پرڪاش ڪونه ڪندي. ڪيس چيائين ته وري ... بن وڃ ۽ اچا به اپاسنا ڪر. هو ويو ۽ جڏهن ساڌنائون ڪندي هن جو اهو پاپ لٿو، ... ڪدم کيس آتم پرڪاش ٿيو. پوءِ کيس يقين آيو ۽ ليڪن ۾ ظاهر ڪيائين ته برهم هتيائن

شلوڪ ٣٥. هي پانڊو راجا جا پٽر ارجن! انهيءَ (ورنن ڪيل) آتم
کي پائي تون موهه ڪان آجو ٿيندين ۽ پوءِ پراڻي ماتر کي پاڻ ۾ ۽ مو
ڏسندين.

رات وٽي ته رات ۾ گهمندڙ ڀيانڪ جانور به لڪي ويندا آهن. ان طرح جڏهن
جو سورج ڪڙهيو ته موهه روپي سڀ وڪار ناس ٿي وڃن ٿا. سڀ ڏک ان موهه مان ٿا
ٿين. جڏهن سڀ برهم ئي برهم آهي ته پوءِ موهه جا جو ڪجهي؟ برهما کان وٺي ڪ
تائين سڀ جيو پاڻ ۾ ۽ ڀڳوان ۾ ڏسبا ۽ پاڻ ۽ پرماتما ۾ ڪو ڀيد نه رهندو ته پوءِ موهه
ٿيندو ۽ ڏک ڪٿان ملندا؟ موهه اهڙو زبردست آهي، جو سڀ دنيا جا ڏک ان ما
ٿا پيدا ٿين. سڀ پاپ، گناهه، غلطيون انسان ان موهه جي ڪارڻ ڪري ٿو. وڏ
وڏي غلطي آهي پنهنجي مالڪ ايشور کي وسارڻ. ڪنهن ڪرڻ ته جهه مهيما نند ڪ
هو، پر اسين ته جنم جنم کان موهه روپي ننڊ ۾ پيا آهيون ۽ سائينءَ کي ياد به نٿا ڪ
۽ نه خوف ٿي پيا من جي چوڻ تي پاپ گناهه ڪريون. گيان سان ئي موهه ناس ٿيند
جڏهن موهه ٽٽو ته پوءِ سڀني پراڻين کي هڪ جهڙو ۽ پاڻ جهڙو سمجهبو ۽ راڳ د
دور ٿي ويندا.

گروءَ وٽان گيان ته ملندو، پر پوءِ ان ٿي ايمانداريءَ سان هلڻ گهرجي ته ته خو
ٺهجي، اسان جي اندر ۾ اهو گيان ايمان پيدا ڪندو. جڏهن مليل گيان ۾ پنهنجي
وجهبي، تڏهن ان کي پڌي ڪرلي سگهبو. ان سان گڏ شوق ۽ شرڌا به هئڻ ضرو
آهن. رڳو گيان اسان کي پنن ڪرمن ڪرڻ کان ڪين ڇڏائيندو ۽ اسين پاپ ڪرم ۾ ڦ
وجهندا سين، اسين ڪهڙي ٺٻاسين ۽ رڳو ٻاهران ڏيکاءُ ڪري، ٻين کي دوکو ڏ
رهنداسين. ڪجهه پرايت ڪرڻو آهي ته سکيل گيان تي ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان
ڪرڻ ضروري آهي.

شلوڪ ٣٦. جيڪڏهن سڀني پاپ ڪرم ڪرڻ وارن ۾ تون مهاپ
هجين ته به هن گيان روپي ٻيڙيءَ سان تون پار ٿي سگهين ٿو.

ارجن ڪو پاپي نه ڪو هو، پر ڀڳوان گيان جي مهما ۽ شڪتي ظاهر ڪرڻ لاءِ
چون ٿا ته ڪنهن جا ڪيترا ۽ ڪيڏا به پاپ گناهه ڪيل هجن ته به گيان ۾ اهڙا پربل شڪ
آهي، جو سڀني ڪرمن کي ناس ڪري ڪلياڻ ڪري ٿو. ٩ اڌياءُ ۾ ڀڳوان چئي
وڏن اگر پاپن ڪرڻ وارو به جي ايشور جي شرن ۾ اچي ۽ ستسنگ ۾ لڳي ته هو جل
سادو پرش ٿي پوي ٿو. والميڪ اول وڏو ظالم ۽ لٽ مار ۽ واٽ ويندڙن جا خو
ڪندو هو، پر سپت رشي گڏيس ته مرا مرا جو جاپ ڪندي به هو تري ويو ۽ رشي ٿيو
ٻڌ، روپ ٿيو ۽ رامائڻ جهڙو گرنٿ رچيائين.

پر ڪيترا ته اُبراڪ ڪري ٿو ته ماڻا ڀلا ياد نٿا رکن، پر جيڪي ٻر ان جو

ـم ۽ اُپاسنا ٻئي گڏوگڏ ڪرڻ ضروري آهن، ڇو ته ڪلجڳ ۾ عمر ٿوري آهي. ڪرمن
ـدي جيڪي به دان پنج ڪجي يا ڀڳتيءَ ۾ مالهائون ڦيرجن ته ڪو به حساب نه ڪجي ۽
ـاد ني رکجي. جيترو گهٽ ڪجي، اوترو ٿورو سمجهجي. ڀڳوان جي اَرپڻ به ڇوڻ جو
ضرور نه آهي. نوڪري ڪري، ڳهار وٺي، پوءِ ڪو نوڪر مالڪ کي ۵ روپيه ارپڻ
ـي ته ڇا مالڪ قبول ڪندو يا ڇا اها ٻنهجي بي عزتي نه سمجهندو؟ شرڌا به ايشور
، ڏن پدارٿ به هن ڏنو، ڪاراڻي پياري به اهو نو، پوءِ اُن ڏن پدارٿ مان جي ذرو ڪٽي
ـونکي ڏيون، ته ڇو اُن ايشور ارپڻ، ته اهو ڇا ايشور کي وڌندو يا سهڻو ليندو؟ جيڪي
ـيون، سو پنهنجو فرض سمجهي ڪريون ۽ ايشور جي ڏنل پدارٿن مان ڪجهه ٻين جيون
ـ ڏيئي پرماتما جا شڪرانا بجاءِ آڻيون. جي پرماتما جي ڏنل ڏن دولت مان ڪجهه
ـو لازمي طور ٻين جي شيوا ۽ دان پنج ۾ ڪم نه آندوسين ته پاپ لڳي ٿو. ان ڪري
ـ ڪري اسين ڪو ڪنهن تي ٿورو يا احسان ڪونه ٿا ڪريون. گيان ٿيو ته پاڻيهي پـوءِ
ـ اچي ٿو ته ارپڻ ڇا ڪريون ۽ ڪنهنکي ڪريون، جڏهن سڀ ڪجهه برهم ئي بـرهم
ـ؟ ڏيڻ وارو به برهم، وٺڻ وارو به برهم آهي، اسين به برهم آهيون. ان ڪري ڇگر
ـي ته شروع ڪان وٺي، حساب ڪرڻ يا شڀ ڪرمن جو ڳڻڻ يا ڀڳتيءَ اُپاسنا جو ڇڏي
ـي، نه ته گيان جي وات ۾ رڪاوٽون پونديون ۽ من ۾ به شانتي نه ايندي. ائين ڪرڻ
ـ هڪ ڏينهن اهڙي اَندر جي پورڻتا ايندي، جو سڀ ۾ برهم جا ديدار ڏسبو.

ڪُدام ديده در دهء سواد نُور تو نيست؟
ڪدام سينه او مخـــزن الاهـــي نيست؟

ـ ڪهڙي اها اک آهي، جنهن ۾ هي سائين! تنهنجو نور نه آهي؟ ڪهڙو اهـو سينو
ـ، جنهن ۾ اِلاهي خزانو نه آهي؟

ـ سچا گيانوان ته اهڙو اچانڪ ڪان رهمع ني ٿا وڃن، جو پرماتما سان ماڻ جي به اچـا
ـ رکن، ڇو ته هو هنکي پاڻ ڪان جدا سمجهن ئي ڪونه. هن شلوڪ جي اُپديش جـو
ـي مطلب آهي ته گيان لهڻ ڪان پوءِ ڪرم هن سنسار ۾ ڦل پوڳائڻ لاءِ منش کي آڻڻ ۾
ـق ني ٿا پون، ان ڪري ڇنبو ته ڀسم ئي ويا. هن جي اها شڪتي ائين ناس لـي
ـني، جيئن ٻيڪل ٻج مان ڪو سلو نه نڪرندو. شري شنڪراچاريه ته چوي ٿو ته پراربڌ
ـ به گيان اگنيءَ سان ناس ٿا ٿين ۽ نه رهو سنچت (اڳين جنمن جا) ۽ ڪرياوان (هـن
ـ جي ڪجن پيا) ڪرم. هو چوي ٿو ته وهدن ۾ ڪٽي به ائين جدا ڪونه ڇيل آهي
ـو ٻن قسمن جا ڪرم ناس ليندا، پر لڪيل آهي ته ڪرم ناس ليندا يعني سڀ ڪرم.

شلوڪ ۳۸. هن لوڪ ۾ گيان برابر پوتر ڪرڻ واري ٻي ڪا به وستو يـا
ـٽ نـه آهي. جيڪو يوگ ۾ چڱيءَ طرح ساڌنائون ڪري شڌتـا حاصل
ـ ٿو، اُهو اُن گيان کي سمي پائي پاڻيهي انتهڪرڻ ۾ پائي ٿو.

ڪري، مون کي پرڪاش نٿي ٿيو. مطلب تہ ڪوبہ شڀ ڪرم وفرض نٿو وڃي، ولب
ال ڏئي ٿو. ان ڪري شڀ ڪرم، ستسنگ، اڀياسا ضروري آهن تہ اندر جو مل ۽ وڪ
دور ٿين. پوءِ گيان جو پرڪاش ضرور ٿيندو. ڪلجڳ ۾ عمر ٿوري آهي، پر وڪهن گه
ان ڪري شڀ ڪرم، ڀڳتي، ستسنگ سڀ گڏوگڏ ڪندو رهجي تہ پڪدم الر لنگ
هروقت ايشور جو ڌيان رکي، من جو تالو جهيندو رهجي ۽ شڀ ڪرم بہ ڪاما کان رهت
ٿي ڪندو رهجي ۽ انهن کي پورو ڪري بہ ايشور ارپن ڪجي تہ جلد ئي انتهڪ
صاف ٿيندو ۽ گيان جو اپديش اثر ڪندو ۽ آخر آتم درشن پائي، هن سنسار ساگر مان
پار پهچو.

ارجن سوال ڪيو تہ ساگر تہ ڪنهن جهاز سان ئي پار ڪري سگهبو آهي، پر جل
ناس ڪونہ ٿيندو آهي. ان طرح گيان روپي جهاز ۾ چڙهي پار وڃڻ سان ڪرمن روپي
جو سنسار ساگر ۾ پرپل آهي، اهو تہ ناس نہ ٿيندو. پوءِ اهي ڪرم ڪيئن نشٽ ٿيند
سوال ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: هڪڙا جائز يا ترڪ وارا ۽ ٻيا ناجائز يا ڪترڪ. هي س
ناجائز آهي. ڀڳوان جو مطلب هو تہ پاپن کان گيان روپي جهاز پار ڪري ٿو يعني ڪر
جي ڦلن کان ڇڏائي ٿو. ان ۾ اهو سوال ئي نٿو اٿي تہ سمنڊ واري پاڻيءَ والگر ڪر
ڇا ٿيندا. ارجن جو هي سوال جيتوڻيڪ ٺيڪ نہ آهي تہ بہ ڀڳوان جو من پريم آهي
ان ڪري ان جو جواب ڏئي ٿو.

شلوڪ ٣٧. هي ارجن! زور سان ٻرندڙ اگني جيئن ڪاٺين کي ڀسم
ڪري ڇڏي، تيئن گيان روپي اگني سڀني ڪرمن کي ساڙي خاڪ ٿي ٻڌائي

گيان جي پرڪاش روپي ٻيج سان سڀ ڪرم سڙي تا وڃن، گيان اگنيءَ ۾ ا
ٿڪتي آهي. سنسار روپي ساگر کان پار ٿيڻ جو بہ مطلب اهو آهي تہ جنم مرڻ کان ڇڏ
۽ ڪوبہ بنڌن نہ رهي. گيان جو ڦل اهوئي آهي تہ سڀ سنچت ۽ ڪرياوان ڪرم ناس
ٿيا وڃن، رڳو پرارٻڌ ڪرم رهن ٿا، جن لاءِ منش جڙ رهي ٿو. اهي ختم ٿيا تہ
آواگون بہ ڇٽو. جي گيان نہ آهي تہ الڳ جنمن جا ڪرمن جا سنبنڌ ٻيا آهن، جيڪ
.ڪ تہ ڪڏهن دک، ڪڏهن اوچ جوڻي تہ ڪڏهن نيچ جوڻي ٻيا ڏيندا.

جيها سچي، سرلٽي - ڪرمان سنڌڙا ڪيمہ.

گيان جو وڏو ڀاري مهاتم آهي، تڏهن تہ وڏا وڏا راجائون، مهاراجائون ٻنهيءَ
ڀاڳ بہ ٿيچ سمجهي ٿئا ڪري وڃي مهاتمائن جي شرڻ پيا، گيان پرائي، هن جنم ج
پرارٻڌ ڪرمن کي ڀوڳي جوڳ ۾ جوڙي ٿي ويا. گيان پراپت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ فرض
جنم جو تہ آهي. ان لاءِ ٻهرين ڏاڪو آهي نشڪام شيوا ۽ شڀ ڪرم. جو بہ شڀ
ڪجي، ان جي ڦل جي اڇا ئي نہ رکجي. نيڪي ڪجي ۽ کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏجي. ا
ياد نہ ڪجي، واهہ سان جوڙ تہ ٿيڙي رهيو. ٻيو ڏاڪو آهي اڀياسا يا ڀڳتيءَ جو ۽
ٽيون ڏاڪو آهي گيان اپديش مهاتمن جي جاب جو وٺجي، جنهن سان ئي آتم درشن ٿئي

ن حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ اهو پائي ڪري، هو ترت پرم آنند يعني موڪش
پائي ٿو.

گيان حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم آهي پنهنجي گروءَ جي وچن ۽ اپنشد الوا
ن شاسترن ۽ انهن جي سکيائن انوسار جيڪي پستڪ هجن، انهن ۾ پوري شرڌا رکي،
ي بلڪل سچ آهن، ڪوبه شڪ انهن ۾ نه آڻي. جو جيڪا آکيا ڏين، ان تي هلي.
ه ان طرف بلڪل ٺهر ٿي لڳي ۽ دل و جان سان هرڪا ڪوشش ڪري. تيئن نه پنهنجي
ن کي وس ۾ رکي. اهي ٣ اپاءَ گيان پائڻ لاءِ ڪيا نه ضرور سڦلتا ملندي ۽ آتم جو
ن لهندو ۽ پرم شانتي ملندي.

ننا يقين جي ڪنهن به ڳالهه تي عمل ڪري نه سگهبو. امرت اکيان اچي، پوءِ جي ان
شڪ پوي نه ڪونه پيئبو. پوءِ وسمت ۾ نه اچين ته لکيل آهي نه جي امرت ڪٿي بي
بهجي نه به شڪي ماڻهوءَ کي پورو ڦل نه ماندو. ميران زهر جي پيالي ۾ چرتامرت جي
رکي نه اهو پيئڻ سان هنکي زهر ڪونه ٿي لڳو ۽ ڪونه خراب اثر ٿي نه ٿيس!
سڪندر بادشاهه انيڪ ڪشالا ڪڍي امرت جو چشمو لڌو ۽ اتي وڃي پيئڻ چاهيائين.
ڏيوتا ڏٺو ته هي ۽ پيئندو ته امر ٿي وڌيڪ ظلم ڪندو ۽ مٿان منهنجي لعنت ٿي ته
اني ڪري، سو هڪ اپسرا کي موڪليائين ۽ هوءَ سرڻ جو روپ ڌاري اچي اتي
. سڪندر کي امرت جو ٻڪ ڀريندو ڏسي، هن نهه نهه ڪري ڪليو. بادشاهه پڇڻ
بولڻ چاهيندو هو ۽ هن ڪان ڪلڻ جو سبب پڇيائين. هن چيس ته مان اڏامندي پياس
لهي هن چشمي مان هڪ ٻه ٻؤڪ جل پيتو آهي ته اندر جلي ويو اٿم ۽ بدن ۾
ه اي پيا اٿم، سو تون جو ٻڪ پيءِ ٿو پين ته الائي ڪهڙو حال ٿيندءِ! بادشاهه
شڪ کائي ويو ۽ اهو امرت جو چشمو اتي ڇڏي هليو ويو!

ڏني جت کي ترلوچن مشر هڪ ٺڪر ڏيئي چيو ته "هي ٺاڪر آهي." هن وشواس
ان ٺڪر جي پوڄا اپاسنا ڪئي ته ڪيڏي نه سڌي پاتائين؟ هو نه پڙهيل هو ۽ نه ودوان،
وشواس مان ڪتيائين. ڀڳوان کيس ان ٺڪر مان پرگهٽ ٿي درشن ڏنو، سندس پوڪ
ن وسڻ ڪاڏائين، سندس ڍڳيون چرايائين. نامديو ڀڳت جو ٻه چرلو شرڌا جو انوکو مثال
. سندس نانو پرديس ويو ته ٺاڪر جي پوڄا ڪرڻ ۽ ڀوڳ لڳائڻ جو ڪم هن تي
ويو. نامديو ڀوڳ لڳايو ته ٺاڪر نه ورتايو. سندس نانو ته رکو ڀوڳ رکي ڪجهه وقت
ه سمورو ئي کٽي ويندو هو. پر نامديو ڏٺو ته کير جو رکيو اٿم، اهو نه سمورو پيو آهي.
سچو ٺاڪر ناني کان کير پيئندو هو، پر مونکان نٿو پئي. ٺاڪر کي کهٽيڪي منٿون
ون ۽ آخر ائين چيائين ته هي ڀڳوان! نه پيئندين ته مان ٺاڪ ماري جند ڏيندس. آخر ڀڳوان
ن جي سچي شرڌا ڏسي کير ٿڌو پيو ۽ کيس درشن به ڏنائين. گيان جي واٽ ۾
جي سکيا ۾ پوري شرڌا جو هجڻ بلڪل ضروري آهي، نه ته سڌي نه ملندي. وهنوار
هڪو شاگرد استاد ۾ پوري شرڌا رکي، هن جي سکيا مڃي ٿو، اهو ئي ڪامل ٿيندو.

ڀوڳ ساڌنا سان ھي جيڪو ضرور پھچي آتما جو درشن ڪري ٿو يعني ھن
ھڪ لمحي ۾ ڪي سمجھندو. پوءِ جيڪا ھن سڀ ڪجھ ۾ ڏٺو. مڪتاولي گرنٿ ۾
آھي تہ آنند جو سمنڊ جو آتما آھي، اُن مان ھڪ ذري مان نڪتل آنند ساري ٽرلوڪ
۾ وياپڪ آھي يعني ھن لوڪ الوا پرلوڪ جا سڀ سک اُن آتم آنند روپي ساگر جي
ڦڙي برابر آھن. اُن مان سمجھي سگھجي ٿو تہ آتما جو آنند ڪيترو نہ وڏو ھوءِ اٿاھ ھوند
اُن آنند جي مھاساگر کي ڇڏي، ھڪ ڦڙي سک پٺيان ڦرڻ ڪھڙي نہ اڻاڻپ ڇئبو
ولکسڻ ڪان وڌيڪ پوتر آسمان پيو ڪونہ آھي، پر آتما جو گيان اُن ڪان بہ وڌيڪ پو
آندمہ ۽ پرڪاش مہ آھي. پوءِ ھستي ۾ اھو گيان پائي سگھجي ٿو. گيان ھجي تہ
پورن يعني ڪن ڪن ۾ ۽ تہ رکيو ڪڍھن ڪڍھن ۽ ٻين وقتن ۾ اگيانين وانگر ھلڻ ڪج
راجا جنڪ جي درٻار ۾ جڏھن اشٽاوڪر مني آيو تہ اُٿي ويٺل ودوان ۽ پنڊت سڀ
شريں ڏسي کلڻ لڳا، تہ ڇيو تہ ھنن کي گيان ھر وقت نہ ھو يعني سچو گيان نہ ھو
جيترو ڪ آيا ھتا راجا کي گيان ڏيڻ. جي سچا گيانوان ھجن ھا تہ ھو ڄاڻن ھا تہ شر
ڪڍي مني جو ڇيو ڪيو ھو، پر اندر وارو آتما تہ ڇيو ڪيو ڪونہ ھو. اھو ئي سبب ھو،
راجا کي ھو گيان نہ ڏيئي سگھيا پر اُن ڇپي ڪپي شرير واري اشٽاوڪر مني ڏنو. سو
نھچلداس ”وچار ساگر“ ۾ لکيو آھي تہ پورن گيانوان ڪڏھن بہ پاڻ کي نٿا ڀلجن. و
ڪرڻ وقت، دشا ڪرڻ وقت، ھلڻ چلڻ وقت، ننڊ ڪرڻ وقت ھر سمي ھو پاڻ سج
تا ۽ پنھنجو پريم آتما ڏسن ٿا. ھن ڪان آتما جو ڏيان ڪنھن وقت وسري ٿو وڃي تہ ا
پورن گيانوان نہ چئبا. جنھن پريم پوھر آتما کي ڄاتو آھي، سو ھميشہ ”سوھنگ سوھ
(اھو مان آھيان) وولي ۾ ڌيان لڳائي ٿو، ٻئي ڪنھنجو بہ ڌيان ني جو ڪري، جا
ھو ٻين کي جدا ڏسي ٿي نٿو ۽ سڀ ڪجھ پاڻ کي ٿو ڄاڻي؟ شرير جنو لہ ٻنياد
ڦڙو آھي، جنھنکي ماتا جي گرڀ اگني ۾ وجھي پرماتما ھي پتلو ٺاھيو آھي. ٻاھر نڪ
سان ڪيس ماڻا لڳي ٿي ۽ آخر ھو مرليو ۽ جو شڪار ٿئي ٿو. تڏھن اھ شرير جو ڪھڙو و
رکجي؟ ڇيتن آتما ڪان سواءِ اھو شرير تہ ھڪ مٽيءَ جو پتلو آھي، نڪر آھي، جنھن
ڀڄڻ ۾ دير ني ڪانہ لڳندي. گيان وٺڻ وقت گروءَ کي رکيو ٿي ۽ ڌن تہ ڏٺو آھي،
من بہ، جو تہ ڌن تہ پرماتما جو آھي ۽ وڌن اُن ڏاڍن جو ڪمائل آھي. ٿي بہ ڏنو تہ ا
آھي پر اھو بہ شاديءَ وقت استريءَ کي تا ارپن ڪريون، سو اسان جو رکيو من ٿي ر
جو گروءَ ۽ ايشور کي ڏٺو آھي. من انھن کي ڏنوسين تہ پاڻي سمجھڻ اھ ڪجھ نہ ر
جيڪو ۽ آتما جي ايڪتا ٿي ۽ اھوئي گيان آھي، جنھن اھ انيڪ ساڌنائون ۽ لڀيا
ڪجھن ليون.

شلوڪ ٢٩ جو پرش (١) پورن شرڌا وارو آھي، (٢) جو ھر وقت ال
اُدم ڪري ٿو ۽ (٣) جنھن پنھنجي اندرين کي سنجم ۾ رکيو آھي، اھو

نه، فلاڻي موں سان لڳي نه ڪاڻ ڪئي آهي، هي ونڪيا نيڪ آهي يا نه. اهڙا ماڻهو
پنهنجو سڌارو ڪري ڪين سگهندا. بي سمجهه، اَشرڌالو ۽ سنسائي اهي ٿـي قسم
جا ڳيان جا اُڌڪاري نه آهن. اڳياني ماڻهو ته وشمن جا سک وٺن ٿا. اَشرڌالو ته
آدي يوڳن پڌارٿن جو سک ماڻين ٿا، پر سنسائي ماڻهو نه چوندا ته هيءَ شيءِ ڪتان
ڪري، گرمي ڪري، ٿڌي ڪري وغيره. هنڪي ڪاڏي پيتي جو بـ آنند نٿو
لهي. جيڪو قدم قدم تي سنسا ڪندو ته ڪو به سچو مهاتما اهڙي سان مٿو مارڻ
ڇيندو ۽ نه هو ڪجهه نيڪ طرح قبول ئي ڪندو. هن جي اندر ۾ هميشه چنتا، دک
بروري رهي ٿي. اهڙي ماڻهوءَ کي بيماريءَ ۾ دوا درمل جو به پورو اثر نه ٿيندو.
ڪري بدي ۽ دماغ به ڪمزور ٿين ٿا. سنسا پاپي ماڻهن جي اندر اچن ٿا، جو نه
اُتهڪرڻ ملين آهي.

گرو نانڪ صاحب وٽ هڪ سک هڪ دفعي آيو. چيائين ته "سائين! شاسترن پرائڻن ۾
جي ڏاڍي مهما لکيل آهي. اها برابر آهي؟" مهاراج چيس ته "انهن کي ڇڏ.
يا تو سمجهين؟" چيائين ته "سائين! مان ته سمجهندو آهيان ته سڀ مهاتمائون رڳو
آن ڪالي ڏنا ملا ٿيو، پنهنجي وانگر پيا ٿا رهن." گروجن چيس ته "ڇگو، ٿدهنجو من
نه آهي، سو اول هٺ رهي شيوا ڪر. لنگر جي شيوا ڪر، برتن صاف ڪر، سنگت
جهون جهاڙ ۽ ٻيو اهڙو ڪم ڪر." ٽي چار سال هن ائين ڪيو ته پوءِ مهاراج ڪانئس
ته "پالي! هاڻي ڇا تو سمجهين؟" چيائين ته "سائين! هاڻي مان ائين ٿو سمجهان ته
مهاتمائون وڏن سمنين وانگر آهن، جي اڳين جنمن جي چڱن ڪرمن جو ڦل هاڻي
سک ٿا وٺن." گروجن سوچيو ته "هن جو اُتهڪرڻ شڌ ٿيندو ٿو وڃي. ڪيس
ن ته "اڃا به ٻيو شيوا ڪر." ٽورا سال پيا به گذريا ته پڇڻ تي چيائين ته "سائين! مان
ن ٿو سمجهان ته "سڀ مهاتمائون ديوتائون آهن." مهاراج ڏٺو ته هن جي ورتي اوچي
پ ٿي وڃي، سو حڪم ڪيائونس ته "اڃا به شيوا ڪر." آخر هن ١٢ سال شيوا جا
ڪيا ته سندس اُتهڪرڻ شڌ ٿي ويو ۽ گرو صاحبن جي پڇڻ تي ٻڌايائين ته "سائين!
هاڻي ائين ٿو ڀاڻان ته ساڌو سڀ مهاتمائون سڀ پار برهم پرميشور جا روپ آهن ۽
ٿي ايڪ روپ ڌاري، سنسار ۾ جيون جي اُڌار لاءِ آيو آهي." گروجن چيس ته
! اهو آهين نه، جو پهرين ته ڪين پنهنجي برابر ٿي سمجهيءِ؟ سڀ ته جيڪي آهن،
هن. هو ڪو بدليا نه آهن، رڳو تنهنجي ورتي اوچي ٿي آهي. اڳي تنهنجي اندر ۾ پاپن
ڪند هو، جو شيوا سان دور ٿيو آهي.

هر هرجن دوهه ايڪ هٺ - سڀ بيهار ڪڇ نانهه،
جل ٿي اُبڀي ترنگ جيون - جل ٿـي پڪي سماهه.

جيترو مئل اسان جي اندر ۾ آهي، اوترا سنسا لڳن ٿا. دنيا ۾ سڀ ڪان ڪريل اهو
آهي، جنهن ۾ سنسا آهن. سنسن مٽائڻ جو اُپاءُ نه ويدن ۾ نه برهما ڪولڻ ڏيکاريو

ڇاڻي ڪري ٿيو ۽ لڙڪ لڙڪ پيو ڏنائين. نارد مني وري نورو اڳيان وڃي ٻيلو ته هن
جي اسٽري آئي. ان سان سندس ساڳيو سوال جواب ٿيو ۽ هن به جڏهن ٻڌو ته آرلي ٿي
رهي ته ٻچيءَ وانگر لڙڪ لڙڪ جان ڏنائين. وري ڪجهه اڳتي وڃي ڏٺو ته ڇوڪرو
هو. هن به ساڳيءَ طرح پران ڏنا. نارد مني حيران ٿي ويو ته اهڙو پيار سندن پرماتما ۾ آهي!
ان وقت ڀڳوان جي آواز نا ڪيائين، جنهن پرگهٽ ٿي درشن ڏنس ۽ سندس عرض ڪرڻ
تي هن نئوي لي همت ڦيري ڪين جيئرو ڪيائين ۽ ڪين چيائين ته "ڀائي! آرلي ته اجا
ٺڪاڻه لي آهي. اجا ڪٿا پيئي هلي." اهو ٻڌي هو سڀ پرسن ٿيا. ٻوڙي آندر ويا.

شلوڪ ۱۸. اهڙا پنڊت (سچا گياني) وديا ۽ ونيه يڪت (نمرتا واري) برهمڻ، ڳئون، هاٿي، ڪتي ۽ چنڊال سڀني ۾ هڪ سمان برهم درشٽي رکن ٿا.

مطلب ته اهڙا مهاتمائون سڀ ۾ پنهنجو ئي آتما (برهم) ٿا ڏسن. اپنشدن ۾ به اهائي
سکيا آهي ته نشچي ڪري سمجهو ته سڀ برهم ئي برهم آهي. گيان پراپت ٿيڻ سان ئي
اها درشٽي پراپت ٿيندي. اهو انڀؤ ته هر جيو ۽ وستوءَ ۾ هڪ پرماتما ئي ٿو وسي، سو
گيان سماڌيءَ جو ڦل آهي. ان کي پري پڪ اوستا به ڪوٺين ٿا. جيڏانهن به درشٽي
رهي، اوڏانهن پنهنجو پاڻ ڏسڻ ۾ اچين، جيئن پرهلاد ڀڳت کي ڪيترا به دک ڏنا ويا ته
ورتيءَ ۾ اهو ئي نشچو هوس ته "جلي وشنو، ٿلي وشنو."

هن شلوڪ جو مطلب آهي ته اهڙا پرش ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي جيون ۾ هڪ
برهم ڏسن ٿا. برهمڻ لاءِ وديا پڙهڻ ضروري آهي. وديا ته سڀ پڙهن ٿا، پر وديا جو
ڦل هجڻ گهرجي نمرتا. اها ڪنهن ڪنهن ۾ ئي اچي. پراڻيءَ لکيو آهي ته وديا ۽ نمرتا
هجڻ وڏن پڃن جو ڦل آهي. اها ستوگڻي سڀاءَ وارن ۾ ئي اچي ٿي، نه ته جيڪو وديا
پڙهي وڏائيءَ ۽ اهنڪار ۾ اچي ٿو، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي ته هنکي وديا امرت بدران
زهر ٿي لڳي آهي. ان مان ڪيس زهر جو ڦل مليو آهي، جو ساري عمر ڪيس دکي ڪندو.
نمرتا واري منش مان سڀ نندا وڏا راضي ٿين ٿا. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ آدرشي ساتوڪي
منش جو ٿو مثال ڏئي يعني برهمڻ به هجي، ودوان به هجي ۽ نمرتا به هجيس.
ڀانوان پرش اهڙي برهمڻ کي ٻتا يوڳيه نمسڪار ڪندو. ڳئو ماتا ڳڻبي آهي ته ان
ان به چار قدم پري ٿي هلندو، ڇو ته آخر پشو آهي، پر ان ۾ به پاڻ اهو رکندو ته برهمڻ
وانگر انجو آتما ساڳيو آهس. وري ڪيس هاٿي ڳڻبو ته ڏهه پندرهن قدم پري ٿي هلندو، ته متان
ڌڪ ڪري، پر انهي ۾ به آتما ساڳيو ئي ڏسندو. وري هڪ ڪتي لي درشٽي پوندس ته
پر به اها ئي سمدرشٽي ٿو رکي، ته هن ۾ به نُور ساڳيو آهي. چنڊال ٿو ڳڻجيس ته هن
ساڳيو ئي نارائڻ ٿو ڏسي. شريرڪ سنبنڌ ڪري ڪٿي چنڊال کان ڪجهه پري ٿي هلندو،
آتمڪ سنبنڌ ۾ هن کي پاڻ جهڙو ٿو ڄاڻي. مطلب ته هو سڀني ۾ هڪ جوت، ساڳيو ئي
ٿو سمجهي. چوڻ جامع دور ڪرڻ جو مطلب نه آهي ته برهمڻ، کتري، ويش ۽ شودر

. دنيوي پدارٿن مان ڪڏاهين نه ملندو. ڇو ته آهي نه اندر ۾ ٽڙڪ لئي نه چار
ٿين نه پيٽ جو ڳڙواه هلي. مگر چار پئسا ليا ته ڏه ڪهن. ڏه مليا ته وڌيڪ گهرجن.
من کي ڪڏاهين نه ايندي ۽ شانتي نه آئي ته سک ڪيئن ملندو؟ ان طرح دنيوي
، کي ڀوڳڻ مان به ترپتي نه ٿيندي ۽ جيئن باه ۾ گيهه پوندو ته هوءَ وڌندي ويندي،
ڀوڳن مان ڪڏهن به ترشنا گهٽبي نه، پر وڌندي ويندي. رڳو هڪ آتم گيان ئي
جنهن مان شانتي ملي سگهي ٿي. ٻاهرين سڀاوَ سان سڀ ڪامنائون ۽ ترشنائون دور
ٿين ٿيون، ايشور جي ڏني ۽ ڪٿي تي راضي ٿو رهجي، من ۾ سيتلتا ۽ شانتي پراپت
ٿي. راج آهي يا لنگوٽي، سڪو ٻوڙو آهي يا ٻوڙ پلاءُ، سڀ حالت ۾ من شانت ۾
ٿو. اگيان ۽ اوديا ۾ نه چڪرورتي راجا کي پوي ٿو نه به شانتي نه ايندس.
گيان مارگ ۾ لڳل پرش جون ورتيون ٽن قسمن جون ٿين ٿيون. هڪ ورتي آهي
تي چنبيل مورت برابر، جا ٻاٽيءَ سان دور ٿي ڪري سگهجي يعني جا ٿوري ئي
گ يا وشيه ڀوڳن ماڻ سان دور ٿي وڃي، ٻي ورتي آهي ديوار تي ڪنهن ڪاٺ،
يا پٿر جي مورتيءَ برابر. اها مورتي جيئن هڪ هنڌان لاهي ٻئي هنڌ رکي يا ٽنگي
سگهجي، ايئن هن ورتيءَ وارو به اڄ هڪ ديوتا ۾ ته سڀاڻي ٻئي ديوتا يا ديويءَ ۾ من
، ٿو ۽ پوري نشچي وارو نٿو ٿئي. ٽين ورتي آهي ديوار ۾ کوڙيل ٿيل مورت برابر،
ان هٽي نٿي سگهي ۽ نه ڏوري ٿي سگهي، جيستائين ڪ اهو پٽ جو ٺڪر نه ڪڍي
ي. اهڙيءَ ورتيءَ واري گيان جي جگياسوءَ جي ٿي آخر جڳ ٿئي ٿي ۽ هنکي ڪير
ٽرالي يا هٽائي نٿو سگهي، ڪٿي هزارن اپسرائون يا دنيا جا ڪيترا به پدارٿ هن کي

ن ڪن.
ڀڳتيءَ ۽ اپاسنا جا به سوامي رام تيرٿ ٽي درجا ڇيا آهن: هڪ ته جيئن ڪو پٿر
ه ۾ پيو هوندو آهي ته اولرو وقت آلو هوندو آهي ۽ ٿڌو به رهندو آهي، پر ٻاهر
و ته ڪن ۾ سڪي ويندو ۽ ٿوري اس لڳندس ته تپي به ويندو ۽ هوا لڳڻ ڪري
مٽي به چڙهي ويندي. ان طرح پٿر دل ماڻهو ستسنگ ڪندو ايندو ته ڀڳتيءَ ۾ به
رهندو. سڀاءُ به سيتل هوندس ۽ صاف به هوندو پر ستسنگ کان جدا ٿيو ته سڀ
ن وسري ويندس. سيتلتا به ڇڏي، دل جي صفائي به وڃي ۽ پريم ۽ ڀڳتي به ويا.
رجو ڀڳتيءَ جو آهي ڪوڙي مثل. اهو ٻاٽيءَ ۾ ٻوڙجي ٿو ته گهڻو ٻاٽي منجهس ڇڪجي
ٿو ۽ هوا ۽ اس ۾ رکڻ سان به اهو يڪدم نٿو سڪي، پر آهستي آهستي ٿو سڪي ۽
ٻاٽي پوس ٿو ته وري گهڻو وقت آلو رهي ٿو. ان طرح اهڙو پرش به ستسنگ مان
ي لاڀ پائي ٿو ۽ اهو پريم وغيره گهڻو وقت هليس ٿو، پر گهڻو وقت ستسنگ کان
رهڻ سان وري ٿوري ۽ هڪ سڀاءُ جو ٿي وڃي ٿو. ٽيون قسم آهي مصريءَ وانگر.
مصري ٻاٽيءَ ۾ ماڻ سان ٻري جل روپ ٿي وڃي ٿي ۽ وري جدا ٿي نٿي سگهي، ايئن
ڀڳتي اپاسنا ۾ ماڻهو پهچي اشٽ ديو سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو اهو ٻاهرين پدارٿن

آهي. پناڻن ۾ هڪ قول مشهور آهي:

پير من خس خس - پڻهن مرا بس بس.

منهنجو مرشد ڪٿي خس خس جي داڻي جيڏو ننڍو هجي، پر منهنجو پڻهن آهي ل هن سمان وڏو پير ڪر آهيئي ڪونه. هر ڪنهن کي پنهنجي پڻهن جو قول ملي لو.

مطلب ته ڏومي پستڪن ۽ ٻاڻيءَ کان اگيانتا، اشرڌا ۽ من جا سنسا اهي لي ڏو ڪرڻ ضروري آهن ۽ گروءَ، ويدن، شاسترن ۽ ايشوري ٻاڻيءَ ۾ شرڌا، گيان مارگ ۾ لڳڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ اندرين کي وس ۾ رکڻ اهي ئي ڳالهيون ڌارڻ ڪرڻيون آهن.

شلوڪ ٤١. هي ارجن! جنهن آتم وان پرش يوگ سا ڌنائن سان ڪرمن جو بنڌن ڪاٽي ڇڏيو آهي، جنهن جا سنسا ۽ شڪ شبهه دور ٿي ويا آهن جنهن جي آتما ۾ نشٺا آهي (يعني جو هر وقت پاڻ تي ضابطو رکي ٿو)، ان کي ڪرم بڌائمان نٿا ڪن (ٻڌن نٿا).

هت يوگ لفظ جو ارٿ آهي سم ڀاءُ ۾ رهڻ، جيئن ٢ اڌياءَ ۾ هو. اهيئي سم ڀاءُ ئي سگهدا جي پچن ڪندي، نام جهي ورتيءَ کي اسٿت ٿا ڪن. هر ڪو پراڻي سک شانتي طلبي ٿو. جيڪي وشين ۽ وڪارن پٺيان پون ٿا، اهي به انهن مان سک، شانتي ۽ آنند ڳولين. چور به چوري سک ماڻڻ لاءِ ٿو ڪري، جيتوڻيڪ هن جي اها سمجهه پوري نه آهي ۽ هو اتو سمجهي ته ان مان من هيڪاري وڌيڪ بگڙندو. ٻار ڪنهن شيءِ لاءِ ڪي ڪري ٿو ته هو به من جي آنند لاءِ ٿو ڪري. سياڻو ماءُ پيءُ ڏسي ٿو ته ٻار جو ڪيترو جائز آهي يا ناجائز. جائز طلب ته هر ڪو عقل وارو مائٽ دل و جان سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، مگر ناجائز گهر پوري ڪرڻ سان ان وقت ٻار کي ٿورو سک محسوس ٿيندو مگر هن جي من جي لوڙ وڌندي ويندي ۽ هو ٿوري گهڻي لي وري ڪيترو ڪندو ۽ جي اهو ڪيترو به سندس پورو ٿيو، ته هو آهستي آهستي وڌيڪ ڪيتا ڪري، آخر هٺ مان نڪري ويندو. ان ۾ ڳو مائٽ جو نقصان ڪونه آهي پر گهڻو نقصان ان ٻالڪ جو آهي، ڇ ته هن جو سڀاءُ خراب ٿي پوندو ۽ هو پنهنجي من کي قابوءَ ۾ نه رکي سگهندو. چور کي بڪدم نه روڪيو يا سزا نه ڏبي ته وٽندس من وڌندو ۽ وڏو ڌاڙيل ۽ خوني ٿي پوندو آخر شايد ڦاسيءَ تي چڙهڻو پوندس. جي شروعات ۾ ڪيس ٿوري سزا ملي ها ته شايد ايڏي وڏي سزا جو اڌڪاري نه ٿئي ها، مگر هن کي پتو نٿو پوي ته سندس بگڙندو ٿو وڃي.

سڀ مارگ ۾ لڳل منش به سک ٿا چاهين، پر هو سچي سک جا ڳولائو آهن. هن ڪي دنيا جو من مانيو سک نٿو گهرجي. وهنوار ۾ لڳل به سک ٿا چاهين ۽ وڌيڪ وڌ ڪاڻ ٿا گهرن ته ڪٽنب سکيو ٿئي، شادين مرادين وڏي ناماچار سان ٿين، مڪان و ڀرائين وغيره. مطلب ته سڀني کي آشا ۽ طلب سکن ۽ شانتيءَ جي آهي، مگر دا

ئي رستو راجمتيءَ اٿوا گيان جي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. سنسا اسان جا ويري آهن.
جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ آهي آتما جو اگيان. اُنهن جو مدار آهي اسان جي ٻڌيءَ تي.
پرمجي وڃي ٿي، ٻڌيءَ ۾ ڀرانتي اچي ٿي ته اُن ۾ سنسا پيدا ٿين ٿا. اِهو اُنهن جو
ن آهي. گيان واريءَ تلوار سان اگيان واري ٻڌي (مت) دور ڪبي ته سنسا رهندا ئي
۾؟ يڪدم ناس ٿي ويندا. گيان پراپت لاءِ ڀڳوان ٻڌائي ٿو آهي ته برهم شروتري ۽
برهم نيشٺي مهاتما جي شرن وڃجي ۽ سندس تن، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان سيوا ڪري،
ـو ئـي سوال ڪجن ۽ عرض ڪجي ته گيان جي وات ٻتائي. ڀڳوان اهو به ٻڌايو ته آتم
ن پراپت واسطي ٽي لڇڻ ضرور ڌارڻ گهرجن: شرڌا، تتپرتا ۽ اندرين جو سنجم؛ ۽ ٽي
ڇڻ تياڳڻ ضروري آهن: ڌرمي شاسترن پراڻن جي سکياڻن کان اگيانتا، اَشرڌا ۽ من جا
ا. اهي لڇڻ ڌاري ۽ ڪاڇڻ تياڳي، نام جپي جپي اڳين تن ڪرمن روپي قرض ڪـي
ڪندو ڪندو انهيءَ کان آجو ٿئي ته پوءِ گيان جو پرڪاش ٿيندس ۽ آخر جنم مرڻ جي
ن کان ڇٽي موڪش حاصل ڪندو.

ڀڳـوان هن شلوڪ ۾ به ساڳيوئي اپديش ٻيون لفظن ۾ ڏيئي چوي ٿو ته اي ارجـن:
ڪٽر و ٿيءَ ۽ آتم گيان پائي اُٺي پنهنجو ڪتري ڌرم پالن ڪر. ارجن کي جا موه ۽ سنسن
پ، ڪمزوري وڌهي ويئي هئي، اُن مان ڪيس آجو ڪري اُٿارڻ لاءِ ڀڳوان ڪيس اهو
يش ڏنو. راوڻ، دريوڌن، ڪنس وغيره ڪا ٿوري ٻاهرين شڪتي هئي؟ مگر هنن
آتمڪ شڪتي نـه هئڻ ڪري هـو هاراٿي ناس ٿي ويا. اُن آتم شڪتيءَ واسطي آتم
کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ويدن، پراڻن، شاسترن، سنتن مهاتمائن ڪونه ڏسيو آهي.
ڪبير صاحب جي هڪ شبد ۾ ست آئي آهي:

ساس کي دکي - سسر کي پياري.

سس آهي سنسن واري ٻڌي يا ورتي. سسر يعني سهرو آهي اگيان. جنهڪي سنسن
پ ٻـڌيءَ دکي ڪيو آهي، اهو اگيان جو پيارو هوندو يعني اگياني به هوندو. جتـي
آهـي اتي سهرو بـه هوندو. ڀڳوان به هر هر اهوئي تو اپديش جدا جدا طريقن سان
ن کي ٻڌائي ته اگيان کي ناس ڪر ته سنسا ۽ موه دور ٿـي ويندءَ. جيستائين نوڙيءَ
جاڻ نه آهي ۽ سنسو آهي ته اها نانگ آهي، اوستائين اُن کان ڊجون ٿا، اُن کـي
جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ پڪ ٿا سمجهون ته نانگ آهي، پر هڪ ٻيلي ٻاري اونده
دور ڪبو ته يڪدم گيان ٿيندو ته نانگ نه پر نوڙيءَ جو ٽڪر آهي. پـوءِ نـه سنسو
و ۽ نه ڀؤ ڀولو!
منصور جي وچار موجب جيڪڏهن دل سديون اکيون کليل هون ته يڪدم پنهنجي
ق کي پنهنجي پاڻ ۾ ڏسبو. ڪيئن؟ جيئن درياه يا سمنڊ ۾ ٻد ٻدا نيندا آهن، جي
۾ پاڻيءَ کان جدا ٿا اچن ۽ رنگ روپ، نالو جدا اٿن ۽ پر اک کلين يعني ڦاٽـن تـ
جل ۾ جل ٿي وڃن ٿا. ان طرح اسان جي اَندرين اک کلي پوي ته پاڻ کي ئي برهم

ڏي وڃي ۽ وڃڻ ٿو، هو اُن ڀڳتيءَ کان جدا ٿي نه سگهندو، جيئن لقمان جهڙو حڪيم
۽ مصريءَ کي پاڻيءَ کان جدا نٿو ڪري سگهي، ليڪن جنهن ساڌڪ جي وڃي آتما ۾ لين
ٿي وڃي ٿي، اُنهيءَ کي ڪير به ڪيرائي نٿو سگهي.

جڏهن هيءُ من بدلجي پنهنجو سنئون روپ يعني آدي روپ آتما ٿي پوي ٿو، ته
آنند ئي آنند آهي. اصل ته هر ڪو آنند روپ آهي، پر مايا جي پردن ڍڪيل جڏهن الس.
ڪبير صاحب به فرمايو آهي:

اي مس الک سنئون هوا - لب جالبا جب جيومت مرا.

مگر من اهي تڏهن بدلبو، جڏهن ڪمس جهڙي مارپو يعني من کي وشيه وڪارن کان
دور ڪري اهڙو سوکبو ڪبو، جهڙو آتما، ته پوءِ هن سان هڪ ٿي ويندو ۽ دنيا جا پوڪ
پدارٿ ڪجهه به ڪري نه سگهندس. جيئن ڪڙو جهڙو وڏيڪ گندو آهي، اولو وڏيڪ
صابڻ ۽ پاڻي انکي صاف ڪرڻ لاءِ کپي، تيئن من ۾ به جيتري وڏيڪ پاپن رولهي ميل
لڳل آهي، اوتري وڏيڪ نام سمرڻ ۽ ڀڳتي ڌيان جي ضرورت آهي ته صاف ٿئي. جهڙ
ڪنهن سان حساب هوندو آهي ته جهڙن پارهن مهيني حساب ٿاهي، پاڻي ڌڪو هوند
آهي ته ان جي لاهڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، ليڪن انيڪ جنمن ۾ اسان پاپ گناه ڪ
آهن ان جو پار چڙهيل آهي. هيءَ مانتا ڏيهي آهي، جنهن ۾ اهي پاپ اسين خام جو جا
ڪري، پيا شب ڌرم ڪري، پڃن ڪري لاهي سگهون ٿا. پر جي لاهڻ بدران هيڪاري
چاڙهيا وڃبا ته هي جنم ته ويو پر ايندڙ جنم به بگڙندو.

پتا کي گهڻيئي پٽ هجن، ڪي وڏا ودوان، ڪي ڊاڪٽر، ڪي وڪيل، پر هڪ
پٽ سندس سيوا ۾ هجي ۽ نه گهڻو پڙهيل، نه هوشيار، پر پتا کي اُهو وڻندو، جو ساڻس
مددگار آهي، سندس ڀڳت آهي ۽ سندس سيوا چاڪريءَ ۾ پريم سان لڳل آهي. پيس
کي به هو پيار ڪندو، پر هن سان اهڙو پريم نه هوندس، جهڙو هن سيواڌاريءَ پٽ لاءِ
ڀڳوان کي به هوشياري، ودوتا، پنڊتائي نه کپي ۽ نه لمسانون گهرجن. هو به چاهي ٿو
سندس ڀڳتي ڪريون، سيوا اپاسنا ڪريون ۽ سندس ئي پريم سان ڌيان ڪريون، سندس
ٿي شرڻ پڪڙيون، جي اسين ڪمو سين ته سڀ ڏک، پاپ دور ٿي ويندا، چو ته ايشور ج
پيارا ٻچڙا ٿينداسون ۽ گيان پاڻي آنند ماڻينداسون.

شلوڪ ٤٢. هي پارٿ! ان ڪري اگيان کري اُپجيل جو تنهنجي
هردي ۾ موهه آهي، ان کي گيان روپي تلوار سان ڪٽي نشڪام ڪرم ڪر
يڌ لاءِ اُٿي کڙو ٿيءُ.

ڪو وري هوندو آهي ته اول ان جي ولو جو سبب ڳولبو آهي ۽ پوءِ هن جو آسر
معلوم ڪبو آهي ته جا ٿي لو مدار رکي يعني ڪهڙي ڪارڻ هو دشمني رکي ٿو يا ڪهڙ
آسري هو مقابلو ٿو ڪري. اهي به ڳالهيون معلوم ٿيون ته هن سان مقابلو ڪرڻ سولو ٿيند

اڌياءِ پنجون

ڪرم سنياس يوگ

ٻئي اڌياءِ ۾ ارجن کي ڀڳوان ٻڌايو هو ته توڙي ڪرم ڪرڻ فرض آهي، پر ڪرمن
ـي انهن جي ڦل جي اڇا نه رک؛ وڌيڪ ڪيس ٻڌايائين ته يوگ ۾ استت ٿي يعني
سک، ڏک، هاڃي لاڀ وغيره ۾ هڪ سمان رهي، پنهنجا ڪرم ڪندو رهه. چوٿين اڌياءِ
ڪان ٢٢ شلوڪن ۾ وري ڀڳوان ڪرمن جي سنياس جو اپديش ڏنو ته جيڪي گيانوان
آهن، سي اڇائن کان رهت ٿي من جا سنڪلپ دور ڪري، پنهنجي من، چت،
ءِ کي جيتي سڀني سنساري ڪرمن جو تياڳ ڪن؛ رڳو شرير جي نرواهه لاءِ
ڪن ٿا. انهن ڪرمن ڪرڻ ۾ هنن کي ڪو به پاپ نٿو لڳي. اهي ٻن نمونن جا اپديش
، ارجن سوال ٿو ڪري:-

ارجن چيو:

شلوڪ ١. هي شري ڪرشن! ڪڏهن اوهان ڪرمن جي سنياس يعني
ـڻ لي زور ڏنو ته وري ڪرمن جي يوگ کي ساراهي رهيا آهيو. انهن
ـ مان جو نشچيه ڪري مون لاءِ ڪلياڻڪاري هجي، اهو هڪڙو ٻڌايو.

ڀڳوان اهي ٻئي مارگ ارجن کي اڳڪري ٻڌايا، جو اهي ٻئي برابر آهن. ويدن ۽
ـدن ۾ به اهي ٻئي رستا ڏنل آهن ۽ چيل آهي ته جيستائين جيئرا آهيو، اوسيتائين
هولر آدي ڪرم ڪندا رهو، ايش اپنشد ۾ آيو آهي ته ڪرم ڪريو ۽ سؤ ورهيه جيئڻ
اڇا رکو. ڪرمن جي تياڳ لاءِ به ويد منتر آهن ته پرماتما ڀڳيه، دان، لڀ سان نٿو
وجي؛ رڳو ستگورو‌ءَ جي ڏواران مليل آتم گيان سان ئي هن کي ڄاڻي سگهجي ٿو.
ـرنٿ صاحب ۾ به ٻنهي قسمن جي واڻي آهي. هڪ هنڌ چيل آهي:

ڦل ڪارڻ ڦولي ٻن راءِ- ڦل پاڪي ٿي ڦوَل ٻلاءِ.
گياني ڪارڻ ڪرم اڀياس- گيان ڀيا ٿي ڪرمي ناس.

ميوي لاءِ گل لين ٿا ۽ ميوا لين ٿا ته گل ڪري ٿا پون. ان طرح ڪرم به گيان جي پائڻ
ـستا آهن. گيان حاصل ٿيو ته ڪرم سڀ ناس ٿي ٿا وڃن. وري ٻئي هنڌ سکمني صاحب
آهي:

ڪرم ڪرت هووي نهڪرم- تس ٻشنو ڪا نرمل ڌرم.

جيڪو نشڪام ٿي ڪرم ڪري ٿو، اُن ڀڳت جو ٿي ڌرم سچو آهي. حقيقت ۾ اهي

سروپ ڏسندا آهن ۽ پوءِ سڀ سنسا، موهه، راڳ دويش دور ٿي ويندا.

ڀاڳيه ولڪيه منيءَ فرمايو آهي ته هڪ آهي ڌرم ۽ ٻيو پرم ڌرم. ڌرم آهي يگيه، دان، تپ، تپ، تيرٿ اشنان، اُپاسنا، اندرين جو سنجم ڪرڻ وغيره؛ مگر پرم ڌرم آهي آتما جو گيان حاصل ڪرڻ ته مان ڪير آهيان! شرير آهيان، اندريون آهيان، پراڻ آهيان من آهيان، بڌي آهيان يا انهن سڀني کان پري ڪا ٻي وستو آهيان؟ اها ڄاڻ پيئي ته مان انهن سڀني کان پري ۽ اوچ انهن جو ساکي آتما آهيان، انکي آتم گيان چئجي ٿو.

صاحب ديوان پر آيو آهي ته پنهنجي آتمڪ شڪتيءَ کي پرگهٽ ڪرڻ ۽ وڌائڻ چاهي تا ته دل کي پرماتما جي ياد کان ڪڏاهين خالي نه ڪريو. جيئن ڪنهن ملڪ جو راجا هجي ته اهو ملڪ جلد ئي لوٽن، ڦورن، چورن ۽ خونين کان ناس ٿي ويندو، ان طرح جنهن جي اندر پرماتما روپي راجا جو راڄ نه آهي يا ڪمزور ٿي ديرو پيو آهي ته اُتي ڪام ڪروڌ روپي چور ۽ لٽيرا سڀ گڏ لٽي کڻي ويندا. اسان جي اندر پر ته جنمن جنمن جا سنسا پيا آهن، اُنهنکي دور ڪرڻ لاءِ گيان جو پرڪاش کپي ۽ ڀڳوان اهو ئي اپديش ارجن کي هن اڌياءَ پڙهيو. اَرجن وانگر اسان مان هر هڪ کي به پنهنجي شڪتيءَ کي سڃاڻڻ گهرجي جنهن آتما مان سڀ سورج، چندرما ۽ ساڙو سنسار آسرو ٿو وٺي، ان ستا کي پاڇي نه وڃڻ کپي. اها گيان روپي تلوار کڻي سنسن روپي دشمن کي ماري پرم شانتي پد پراپت ڪري هي اُتم مانش جنم سڦلو ڪجي.

و نه آتما اجر امر آهي، پوءِ ڇا جو شوڪ ٿو ڪرين؟ اٿي ڪڙو ٿي يڌ ڪر. گيان ڪانسواءِ
جو سڀ ڪرم سرڳ آدي سکن لاءِ ڪن ٿا، پر گيانوان جا ڪرم ڪامنائن رهت آهن.
سڀني کي ڀڳوان جو آتما سمجهي نشڪام ڪرم ڪن ٿا. اشٽاوڪر مني ڀرون سنياسي ۽
ران هو نه پر راجا جنڪ کي گيان ڏيڻ جو ڪرم ڪمايائين.

شلوڪ ٣. جيڪو منش ڪنهن سان به دشمني نٿو رکي ۽ نڪي ڪا ڪامنا
سرڳ آدي سکن جي] ڪري ٿو، سو نت سنياسي ڄاڻ. هي ارجن! اهڙو پرش
ادي گرمي، راڳ، دويش، سک دک، نفعو نقصان، ساراهه ننندا، جيت هار
يره ورودي جوڙن کان پري، سهن شيلتا ۾ رهي ٿو ۽ سک پوروڪ بنڌنن
مکت ٿئي ٿو.

هن شلوڪ ۾ سنياس جو مطلب ٻڌايل آهي. متين لکيل وارو پرش نت تياڳي ٿو
جهي. هن کي نه ڪنهن سان وير آهي ۽ نه ڪا اڇا ٿي اٿس. ڪرمن نه ڪرڻ لاءِ ڪو
نٿو ڪري، پر جيڪي ٻيا آدي ڪرم ڪرڻا پونس ٿا، سي سهج سڀاءِ ڪري ٿو ۽
ڪندي به سرڳ آدي لوڪن يا ٻين سکن جي ڪامنا نٿو رکي. جنهن به ورن، آشرم
جي، ان انوسار ڀڳوان ڪرڻ ڪندو رهي ٿو. ڀڳوان گيان ڀوڳ جي ٻيت ۾ ڪرم
جي وشيشتا انڪري ٿو ڏيکاري، جو منش ڪرمن کانسواءِ رهي نٿو سگهي. وڏا وڏا
ڪمت آتمائون به نٿا رهي سگهن ۽ وقت تي ڪرم ڪري پرگهٽ ٿين ٿا. گيان هوندي
ڪرم جي ڪرڻا آهن، سي ڪندو رهجي پر ڦل جي اڇا نه رکجي ۽ جو نه جي ڦل جي
آهي نه چنبو نه پورن گيان نه اٿس. گرو گوبند سنگهه به هڪ سندر شبد ۾ چيو آهي نه
من! اهڙو تياڳي بڻ، جو سڀ گهر [پنهنجا پراوا] بن جي برابر ڪري سمجهين، من
ڪاهه گهر جي ڪٿي اپت اثر نه ڪري ۽ من هميشه ڪنول گل وانگر اداس هجي يعني
سار کان مٿي هجي، جيئن ڪنول جو گل پاڻيءَ کان مٿي ٿو رهي. سنتوش برابر ڪوبه
نه آهي. سنتوشي جيڪا نند رات جو ڪري ٿو، سا راجائون به نه ڪندا هوندا. ترشنا
دک نه آهي. دوا برابر ڌرم نه آهي. سڀ ڪنهن سان منو ڳالهائجي، ڪڏهن به ڪرم
نه هجي. جو سڀاوڪ لاڀ ٿي وڃي، ان ۾ راضي رهجي. سنتوش جيڪو رکي ٿو،
ٿي سچو سنياسي، ويراڳي آهي. اهو ئي نت تياڳي آهي. ٻيا سنياسي نه رڳو ٻڌائي اچڻ
سنياس وٺن ٿا. رڳو گيڙوءَ رنگا ڪپڙا پائي به سنياسي نٿو بڻجي سگهجي. سچي سنياس
تياڳ لاءِ پوتر دل کپي، جنهن ۾ اهنڪار ۽ ڪامنائن جو نه سچو تياڳ هجي. رڳو دنيوي
ن کي ڇڏڻ ڪو پورو تياڳ نه آهي.

شلوڪ ٤. سانکيه (گيان نشٺا) ۽ ڪرم يوگ ٻنهي کي جو جدا جدا ٿو
جهي، اهو اگياني آهي. انهن مان هڪ کي به پوريءَ طرح ڪندڙ ٻنهي
ڦل [موڪش] کي پائي ٿو.

به ڏاڍ ڀالهيون نه آهن. مطلب آهي ته گيان اوستائين نه ٿيندو، جيستائين ڪرم نه
انتهڪرڻ جو ميل ۽ گند نشڪام شڀ ڪرمن سان ئي دور ٿيندو. ڀڳتي به سوکيو
آهي ۽ اها به انتهڪرڻ جو وکيپ ئي دور ڪري ۽ پوءِ ئي آتما جو گيان ٿي سگه
ڪرم يوگ جي به وڏي مهما آهي، پر گيان جي مهما مها اَپار آهي. انڪري ئي ه
ڪرمن ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. وڏن وڏن رشين منين، گيانين به اڳئين هرلس
ڪرم نه ڇڏيا ۽ وسشٽ مني ۽ جهڙي پورڻ گيانوان مهاتما به شري رامچندر وٽ ٻدوا
ويندي رهڻ ۾ به هوم وغيره ڪرڻ جي سامگري ڪٺي ۽ رستي ۾ به اهي ڪرم
جنڪ راجا به اوچ درجي جو گياني هو، جو سوامي شڪديو جهڙو به ونس جگياسو ٿي
وڏا وڏا رشي مني به ونس ديکيا وٺڻ ايندا هئا ۽ سندس شش ٿيا، اُن به پنهنجا
ڪرم راج ۽ گرهست جا پوريءَ طرح نباهيا ۽ تياڳ نه ڪيا. هو ڏوهارين کي ڏنڊ
ڏيندو هو ۽ ڌرماتمائن جي رکيا ۽ پالنا ڪندو هو. ارجن جي هيءَ شڪا ٻڌي ڀڳوا
رت جواب ڏنو:

ڀڳوان چيو:

شلوڪ ٢. ڪرمن جو تياڳ ۽ ڪرمن جو يوگ ٻئي ڪلياڻڪاري ۽
موڪش ڏيندڙ آهن، پر انهن ٻنهي مان ڪرمن جو ڪرڻ سريشٽ آهي.

مطلب آهي ته جڏهن آتما جو گيان ٿئي ته پوءِ ڪرمن جو تياڳ ڪري سگهجي
نه ان کان اول. ڀڳوان جو اُرجن لاءِ ڪرم ڪرڻ بهتر ٿو ڀانئي، سو انڪري جو هڪ
کتري هو ۽ ٻيو ته اڃا پورڻ گيانوان نه هو. انڪري ڌرم ۾ ڪرڻ هن جو فرض
تلڪ مهاراج به پنهنجي پستڪ "گيتا رهسيه" ۾ ڪرمن تي گهڻو زور ڏنو آهي، جو
ڏنو ته ماڻهو پنهنجا فرض ڇڏي سنياس ٿي پيا آهن. يوگ وسشٽ ۾ آيو آهي ته جيئن
آڪاس ۾ ٻن پرن سان اڏامي ٿو سگهي، تيئن چد آڪاس ۾ وڃڻ لاءِ گيان ۽ ڪرم ٻئي
هئڻ ضروري آهن. انهيءَ خيال ڪرڻ ته گيان ٿيو ته دان پنج يا سنسڪ ڇا ڪجا، سو غلط آ
پورڻ گيانين سنڪ، سنندن آدي ديو رشين به اهي ڪرم نه ڇڏيا، پر ڪندا ر
منوءَ مهاراج به فرمايو آهي ته اهنسا، ستيه، برهمچريا، چوري نه ڪرڻ، اندرين کي
اهي ڌارڻ ڪري، بکيه، تپ، دان، تيرٿ، اشنان آدي ڪرمن ۾ هميشه لڳا رهو
آتما جو گيان نه آهي ۽ رڳو ڪرمن ۾ لڳل آهي ته توري ٿوري تي رڪاوٽون ايند
گيان پراپت ڪري جيڪو شخص سڀاويڪ طرح وهندو وهندو ڪرم ڪري ٿو، اهو آنن
آنند کي پائي ۽ گيانوان ضرور سڀ ڪرم نشڪام ٿي ڪندو.

اُرجن کي جهڙو تهڙو ڪرم يوگي نه هو. ساري عمر وديا سکيو، شتر لوڪ ۽ اندر
۾ به وڃي سکيا ورتائين، پر گيان ڪرڻ هوس ته هڪ جهڙي وٿو. آتم گيان حاصل
... رڪاوٽ نه اچيس ها. ڀڳوان انڪري هڪدم ٻئي اڌياءِ ۾ ٿي ڪمس آتما ج

.و. ڀڳتي، سمرن ۽ نت نيمت ڪرمن ڪرڻ ۾ رڳو وات جي يا دماغي گيان سان
جو ميل نه ٿيندو. ڪبير ڀڳت نه ڪرت ڪرڻ ۾ ڇڏي ڏني، جو چيائين ته وات ۾
وجهان نه رام نام جهڻ رهجي ٿو وڃي!
ويراڳ ڪان سواءِ ۾ گيان ڪم نه ايندو ۽ سچو ويراڳ اَنتهڪرڻ جي شڌيءَ ڪان سواءِ
ڀيت ڪين ايندو ۽ اَنتهڪرڻ جي شڌي نشڪام شڀ ڪرمن سان ٿي ٿيندي. رڳو
سمجهوسين ته اسين برهم آهيون ته ڇا ٿيو؟ برهم اسين اصل ڪان آهيون پر اَنتهڪرڻ
نه ٿيو ته ڪجهه ۾ حاصل نه ٿيندو. فقيري رمز ته اِها آهي ته گيان سان گڏ پڇن پاٺ،
ڪرم، اپياس، ڌيان وغيره سڀ ڪندو رهجي ته اَنتهڪرڻ جو مئل ٻه دور ٿئي ۽
ي چنچلتائي ٻه وڃي. جيترو اَنتهڪرڻ وڌيڪ صاف ڪبو، اوترو وڌيڪ ڀڳتيءَ ۽
جو رنگ چڙهندو. گيان ته رڳو پرڪاش ٿو ڪري، پر من جي صفائيءَ لاءِ ڪرم يوگ
ر آهي. علمي لياقت هڪ شيءِ آهي پر عملي زندگي ٻي شيءِ آهي. من ملين آهي
، لالچ، ڏوشنائون، ڪامنائون پيئون ستائينديون. گهوٽ ڪدار جي شادي ٿئي
هن جو آنند اُن سان ختم نٿو ٿئي. اهو ته اڃا شروع ٿئيٿو. جيئن جيئن هنن جو پاڻ
۽ پريم ويندو وڌندو، ليئن ليئن هنن کي هڪ ٻئي مان آنند ملندو. سماڌيءَ ۾ ٻه
ما ۽ پرماتما جو ميل آهي، جنهن مان آنند پراپت ٿو ٿئي، ليڪن اول اَنتهڪرڻ کي
ڪرڻ بلڪل لازمي آهي، جنهن لاءِ ڪرم يوگ ضروري آهي.
شلوڪ ٧. جو پرش يوگ يڪت (ڪرم يوگ ۾ لڳل) آهي، اَنتهڪرڻ
تس، من ۽ اِندريون پنهنجي وس اٿس، سڀني پراڻين کي هڪ سمان
جو ٿي آتما ٿو ڄاڻي، اُهو ڪرمن ڪندي ٻه ڪرمن جي بنڌنن ۾ نٿو اچي
ڪرم هن کي ڦل نٿا ڏين).
اهڙو پرش سڀ ڪرم ٻين جي ڀلي لاءِ يا ٻين واسطي مثال ٿيڻ لاءِ ڪري ٿو ۽ اُنهن ۾
پنهنجي ممتا نٿو رکي، ته پوءِ اُهي ڪيئن هن کي ڦل ڏيندا ۽ بنڌنن ۾ وجهندا؟ هو
ٿو ته هي جنم ٿي مليو آهي آتم آنند ماڻڻ لاءِ ۽ ٻين سڀني کي اهو آنند ڏيڻ لاءِ ۽ نه
ن ٿورن کي. هن کي پنهنجي ديهه جو ايمان يا اُن جي سکن جي ڪا ٻه ڳڻتي نٿي
هو ٻين کي سک ۽ آنند ڏيڻ ۾ لڳل رهي ٿو. هو سڀني کي پنهنجو آتما ۽ پاڻ کي
و آتما ٿو سمجهي. هو جيڪي ٻه ڪرم ڪري ٿو، اهي ڪيس ليپائمان نٿا ڪن. هن
ڪرڻ اڳ ۾ ئي نشڪام شڀ ڪرمن دواران صاف ٿي چڪو آهي ۽ هن جو من ۽
ن ٻه مڪمل وس ۾ آهن.
سنياسين ۾ ڪڙا ڏنڌي سنياسي ليکيا آهن، جن جو پڻ سڀني کان اوچو ليکبو آهي.
ي اڌڪار آهي ته ڪنهن ٻه مندر، دواري، آستان ۾ وڃن ته مورتين اڳيان گرنٿن اڳيان
ٽيڪن، پر رڳو هٿ ۾ جا لٺ هوندي اٿن، اها جهڪائين. جيئن ڀڳوان هن شلوڪ
الهدون ٻڌائي ٿو، ليئن ئي ڏنڊ ڌارڻ ڪري گرهستي لوڪ ٻه ڏنڌي سنياسيءَ ڪان

سانکيه جي سکيا آهي أنهڪرڻ ۾ اهين ڀاونائن کي هٽائي آتما کي ڀارم
جاڻڻ. اسين ديهه کي ئي آتما سمجهي، ڀاڙکي لڳهر، متارو، ڪمزور، بيمار، ٻالڪ، ٻ
جوان وغيره سمجهي رهيا آهيون. ڪرم يوگ جو مطلب آهي اهي ڪرم نشڪام ٿي ڪ
جن جي ويدن ۾ آگيا آهي. اهي ٻئي هڪ سمان هن رهت آهن: جنهن جو أنتهڪرڻ شڌ
آهي، اهو ڪرمن جو تياڳ ڪري شروع ۾ منن ڌيان گيان ڀائي، نِدِڌياسن ڪري، موڪ
پراپت ڪري ٿو، پر ملين من وارو اول ويدن ۾ ٻڌايل نت نيمتڪ ڪرم ڪري أنتهڪ
شڌ ڪئي، پوءِ شروع آدي ساڌنن سان گيان جو اڌڪاري ٿئي ٿو. آخرين نتيجو ٻنهي
هڪ جهڙو ٿو نڪري.

پنڊت اهو آهي جو سرو ۾ آتما (سڀ ۾ برهم ئي برهم) ٿو ڏسي. ١٨ شلوڪ
ڀڳوان ٻڌايو ته پنڊت (گياني) اهو آهي، جو ودياوان ۽ نهٺي برهمڻ، ڳئو، هاٿي،
۽ چنڊال، مطلب ته هر جيو ۾ ساڳي برهم درشٽي رکي ٿو. شريرن ڪري هنن سان جدا
نموني جو ورتاءُ ڪندي به سڀني کي هڪ جهڙو آتما ٿو ڄاڻي. اگياني لوڪ ته ڌرم
۾ تفاوت ٿا سمجهن. مهرشي ياگيه ولڪ فرمايو آهي ته جيڪو ڌرم ٻئي ڪنهن ڌرم
حملو ٿو ڪري، اهو ڀڪ ڄاڻجي ته ڀاڻ ڪُڌرم (ڪوڙو ڌرم) آهي. نيڪ انسان
ڪنهن تي حملو نه ڪندو. سچا پنڊت گيان ۽ ڪرم يوگ ۾ ڪو به تفاوت نٿا سمجهن.

شلوڪ ٥. جيڪو استان سانکيه رستي ملي ٿو، اهوئي پد ڪرم يو
سان به پراپت ٿئي ٿو. سانکيه ۽ ڪرم يوگ کي جيڪو هڪ ئي ٿو ڄاڻ
اهوئي يٿارٿ طرح سمجهي ٿو.

اهو استان ڪهڙو آهي؟ اهو استان نه برهم لوڪ، نه ولڪنٺ، نه ديو لوڪ
شو لوڪ وغيره آهي، ڇو ته اُتي وڃي وري به واپس مرتيو لوڪ ۾ جنم مرڻ جي چڪ
اچڻو پوي ٿو. ايشور جو استان آهي مڪتي يا موڪش وارو، جتان وري واپس نٿو اچ
گيان ۽ ڪرم مارگ ٻنهي مان ڪهڙو به وٺبو ته آخر اُن موڪش پد کي پراپت ڪبو.

شلوڪ ٦. هي وڏين ٻانهن وارا ارجن! سنياس، ڪرم يوگ کان
حاصل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جو مني ڪرم ڪندڙ آهي، اُن کي برهم
جلدي حاصل ٿئي ٿو.

ڪرمن جو تياڳ برابر آخرين مقصد آهي، پر اُن مقصد پائڻ لاءِ اول ڪرم ڪرڻ ضر
آهن، جيئن فرض ڪرڻ کان سواءِ سچي آزادگي ڪين ملي سگهندي. وهنوار ۾
ٻنهي ڏيهوني ڏٺي اُجهي آهي، ته آرام وغيره لاءِ موڪل ملندي آه
اِن موڪل ۾ ڪو به ڏيهوني وارو ڪم ڪرڻ ڪبو آهي. ڪرم يوگ ۽ گيان
... هوندا ته جلدي برهم لت کي پراپت ڪري سگهبو. أنتهڪرڻ جا
... من سان ئي ناس ٿي سگهن ٿا. رکو واڇڪي يا اکري گيان سان اندر

ڪرم نه ٿي سگهندو ۽ نه من صاف ٿيندو، جنهنڪري گيان ٿيڻ ناممڪن ٿي پوندو.

شلوڪ ٨. تت ويتا (يعني برهم کي ڄاڻندڙ) يوگ ۾ يڪت ٿي ڀل
پرش سمجهي ٿو ته مان ڪجهه به نٿو ڪريان، جيتوڻيڪ هو ڏسي ٿو،
ي ٿو، سپرش ڪري ٿو، سنگهي ٿو، کائي ٿو، هلي ٿو، سمهي ٿو ۽ ساهه
کڻي ٿو؛

شلوڪ ٩. ڳالهائي ٿو، سرير جون ضروري حاجتون [مل مُوتر ٽياڳ
رڻ جون] ڪري ٿو، هٿن سان وٺي ٿو ۽ اکيون پٽي ۽ بند به ڪري ٿو؛
هو اِهين ٿو سمجهي ته اِندريون ئي اِندرين جي وشين ۾ ورتن ٿيون.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان ڏاڍو صاف طرح ٿو سمجهائي ته شڌ چت وارو گياني پرش
وي طرح سڀ وهنوار ۽ ڪم ڪار ڪندي به نشچي ڪري ڄاڻي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه
يون، پراڻ ۽ انتهڪرڻ پنهنجي وشين ۾ پرورت ٿي ڪري رهيا آهن ۽ "مان" ڪجهه
ڪريان. هو پاڻ کي اَڪرتا ۽ اَسنگ ساکي روپ آتما ٿو محسوس ڪري. هو ڄاڻي ٿو ۽
ي ٿو ته مان ڪونه ٿو ڏسان، اکيون ٿيون ڏسن؛ مان ڪونه ٿو ٻڌان، ڪن ٿا ٻڌن؛ مان
نه ٿو سنگهان، نڪ ٿو سنگهي وغيره. هو سڀ ڪرم پنهنجي ڏهن ئي اندرين سان
دي به، پاڻ کي اڪرتا ٿو ڄاڻي؛ جنهن ڪري هن جا سڀ ڪرم گيان اگنيءَ ۾ ڀسم
ٿا وڃن. ڪبير آدي جيڪي به سچا ڀڳت ٿيا آهن، انهن کي گيان درشٽي به پاري
، پر اِن هوندي به ڪرم ڪرڻ نه ڇڏيائون. وڏا وڏا شڀ ڪرم ويدن شاسترن جي
ڪمن مرجب ڪندي به ممتا نه رکيائون؛ اهم ڀاءَ جو منجهن لوليش به نه هو.

ويد ۾ آيو آهي ته وڻ تي ٻه پکي آهن: هڪ ڪرتا ڀوڳتا آهي ۽ ٻيو اَڪرتا اَڀوڳتا
ي. هڪ کائي پيئي ٿو، ٻيو رڳو سڀ جو ساکي آهي. هي شرير آهي وڻ. اِندريون،
، ٻڌي، چت، انتهڪرڻ ۽ اهنڪار اهي وڻ جون ٽاريون ۽ پن وغيره آهن. اِن
ي جيوَ آتما ۽ پرماتما (شڌ برهم) روپي ٻه پکي ويٺا آهن. جيوُ ڪرتا ڀوڳتا آهي ۽
ما رڳو ساکي آهي ۽ اَسنگ ۽ سڀ کان نيارو آهي. جڏهن جيوَ آتما به پاڻ کي برهم
سمجهي، تڏهن هو پرماتما روپ ٿيو پوي ۽ ڪرمن کان اوچو ٿي ٻڌنن کان آجو ٿيو
رپون تہ ڪوبہ ڏک ڪين پايون. هرڪو ڏسي سگهي ٿو تہ عمر ۾ ڪيترا نہ پدارٿ مليا
ا، وري کي ماندا ۽ ويندا، پر استر ڪجهہ بہ نہ آهي. سنجوڳ ونجوڳ هن سنسار
ليو اُچي ٿو، ان ڪري سهج سڀاءِ جيڪي ٿئي ٿا ملي، اُن ۾ راضي رهڻ ئي سچي
ب آهي ۽ انهن پدارٿن ۾ ممتا رکبي، تہ ڏک ملندو.
سک ڏک ڪرمن جو ئي ڦل آهي، ان ڪري نت چڱا ڪرم ڪندو رهجي، تہ
ي سک ئي سک پيا ملندا. سکن پنيان ڀوڄڻ يا ڀٽڪڻ جو ڪر ضرور ڪونہ آهي.
جو ويچار ڪبو تہ ڏسبو تہ سڀ ڀوڳ پدارٿ آخر تہ ڏک ڏيڻ وارا آهن ۽ فقط هڪ
ئي آه، جا اُنت ۽ وچ ۾ سک ۽ آنند روپ آهي. آتما جي ڌيان ڪندي ڪڏهن
ڪ نہ پائو آهي. ڪنهن بہ رشيءَ منيءَ ٻاهر ڪٿي بہ اُئين ڪونہ ڇيل آهي
داڍيءَ مان يا آتر چِتن مان ڪوبہ ڏک هنڪي مليو. هو تہ هروقت آنند ۾ ٿا گذارين.
جو آتما تہ هروقت اسان سان آهي پر اسين پل وچون پيا هنڪي دور سمجهي، وشيہ
پنيان سکن لاءِ ڀٽڪون.
ونڍ ڊونڍ کي عمر گنوائي، جان گهر آهي جهالي پائي، رام سچي، رام ڪبي!
اسان جو پيارو رام (آتما) تہ هرطرف حاضر آهي ۽ هر وقت اسان ساڻ آهي. ڏکن
ڇٽڪارا آهي تہ اُن آتما رام کي اندر ۾ ئي کوجي ڀائڻو آهي.
شلوڪ ٢٣. جيڪو پرش هن ئي لوڪ ۾ هن شرير ڇڏڻ کان اول ئي
، ڪروڌ، وغيره کان اُٿپن ٿيل ويگن کي اِندرين سان انهن ۾ پرورت ٿيڻ
اول کئي سهاري ڪرڻ جي شڪتي ٿو رکي (يعني انهن جي وس ٿئـو
، اُهو يوگي آهي ۽ اُهوئي سکي آهي.
ڪام ڪروڌ آدي، جي مڻش جا دشمن آهن، انهن مان جي ويگ اُٿن ٿي مـن ۽
ي کي ان طرف لڳائڻ جي ڀاري ڪوشش ڪن ٿا، انهن ويگن کان جيڪو پرش هن

اهي ٻئي هٿيار هجن ته وشين جا سک موهت ڪين ڪن. اسانکي پرماتما جا شرڻ،
يا دل جي طاقت ڏني آهي، سا نه وشين ۾ وڃائڻ لاءِ، پر آتم آنند پائڻ لاءِ. جڏهن
وشواس ٿيندو ته ساري برهمانڊ جو آنند اسان جي آتما ۾ ئي آهي تڏهن حيرت لڳند
ٻاهرين وشين ۾ ڦٽڪڻ کان اسين ويندا سين، جو ته انهن مان ته سچو يا نت سک ڪڏ
ملڻو ڪونه آهي. ڪرشن ڀڳوان جهڙو مها ايشور پانڊون جو سائي هو، پر هنن ۾ هن
۾ سک ڪونه پاتو. دروپدي ڀت راتي ٿي، سندس پاءِ پانڊون جو وزير اعظم ٿيو، سـ
دنيا جو راج ڪين هو، پر دروپديءَ کان ڪير ٻچي ها ته ڪڏاهين ڪانه ڇوي ها ته
آهيان. ڇاڪاڻ ته جنهن جا پنج ئي پٽ مارِيا وڃن ۽ ١٢-١٣ ڏينهن ڪانهوءِ ڪيس راج ۾
ته ڇا هنکي ان مان سک محسوس ٿيندو؟ اجا ٽرائيءَ ۾ مرن ها ته ۽ ڪجهه آنت ٿئي
پر آرام سان سمهيا پيا هئا ته اشوتٿاما ڪين پنج پانڊو ڄاڻي سندن سر ڌڙن کان ڌار ڪ
ڪٽي ويو. ارجن کان پڇندو ته هن کي پنهنجي پٽ ابهمنيو جو شوڪ هو. سڀدرا جي
هڪ ۽ نٿي ڪٽي سگهيو، سندس محل ۾ وڃي ۽ نٿي سگهيو، ڇو ته هوءَ اٽي دکي هـ
ڀيم سين کي پنهنجي پٽ جي مارجڻ جو دک هو. وڏن وڏن راجائن، مهاراجائن، لکا
ڪروڙ پتين کان ڪير پڇندو ته ڪير ڪونه چوندو ته مان سکي آهيان، ڇو ته دنيوي
پدارٿن ۾ سچو سک آهيئي ڪونه ۽ جو ۽ سک اسين پائيون ٿا ته اهو ۽ ويو تـ هيڪ
چيله پهي ويندو. ٻڍن کان پڇو تـ چوندا ته هيترو ڌن ڪمايوسين، پر اڄ اسان جا
اسانکي پڇن ۽ نٿا ۽ روٽيءَ ٽڪر ۽ عزت سان نٿا ڏين.

ويراڳ مان ئي سنتوش اچي ٿو ۽ ويراڳوانن جون سڀ ترشنائون ناس ٿـي
وڃن ۽ هوُ آنند پائين ٿا. اهو سک يا آنند ڪو وشين جو نه آهي، پر سنتوش جو اهو
آهي. ڪيترا ته قبول ڪندا آهن ته جڏهن ڌن پدارٿ اسانکي هو ته اڪين ۾ آنڌ هو
مونڙن ۾ هاڻدا هئاسين ته سنتن، سادن، مهاتمائن اتوا غريبن فقيرن جو ڪو خيال ۽ نه
هوسين، پر هاڻي اهي پدارٿ ويا آهن، ته ايترو نه اٿون جو ڪٽي ڪنهن جي شيوا ڪ
سگهون. مطلب ته سک اندر ۾ آهي، جو ڳولي لهڻو آهي ۽ جنهن لاءِ ئي هي منش ج
مليو آهي. ڀڳوان اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته سارو سنسار، جو اندرين جي وشين پٺيان لڳ
آهي، ان جو سروپ ۽ ڦل ڇا آهي؟

شلوڪ ٢٢. جيڪي ڀوڳ اِندرين جي سنگ- سپرش ڪري اُٿن ٿين
اُهي دک ڏيڻ وارا آهن، ڇو تـ اهي آد ۽ انت وارا آهن. هي ڪنتي
ارجن! ٻڌيمان پرش اُنهن ۾ خوش نٿا ٿين.

جيڪو اِنسان ٻاهرين پدارٿن مان سک چاهي ٿو، اهو انهر ڪڏهن ۽ ڪامياب
نٿي ۽ هيڪاري دکن جو بار سر تي چاڙهي ٿو. جيڪي ڀوڳ پدارٿ اِندرين جي و
مان پيدا ٿين ٿا، اهي هن لوڪ کان پرهر لوڪ تائين سڀ راڳ ديوش سهت آ

ڪ ۾ اچي ڪمزور ڏٺاڻ، تہ هن نہ فقط پاڻ سنڀاليو، پر ماڻهن کي بہ اُپديش ڪيائين؛
هن لئي اُگر نہ ليو ۽ ڪروڌ ۾ اچي ٻين لئي ڪوڙو الزام هڻي، راجا ڪنس جا طور
ڻ هڪ ڪهاڻي ڪنس کوهہ ۾ وجهارايو، جتان ڪرڪنامب سڌ ڪنس ڪڍي، هڪ سوان
، پنهنجو شش ڦاٽو ۽ ڪنس سکي ڪيو. هر وقت ڌرم تي هلڻ سان ئي اِها شڪتي
، جو ڪام ڪروڌ جا ويگ سهاري سگهجن، نہ تہ اِهي وڏا شڪتي وان آهن. ڀڳوان
لو تہ اِهو سڀ هن منش لئي ۾ ئي ڪرڻو آهي، جو تہ ٻين جونين ۾ اهو ڪرڻ ناممڪن
جيڪو منش اِهو ڪري ٿو، اهو ڀڳوان سان ملي تمام سک پراپت ٿو ڪري.

هن مان سوال ٿو اُٿي تہ اِنهن ويگن کي سهارڻ مان اِعزو جا ڪر اُمراڪ ۽ عجيب سک
مهاپرش کي ملي ٿو، جو ڪام آدي وشين جي ڀوڳن مان جي سک ملن ٿا، اُنهن کي
جاڻي اهي نٿا چاهين؟ ڀڳوان اِن ڳالهہ کي صاف ٿو ڪري:

شلوڪ ٢٤. جنهن پرش اندر ۾ ئي سک ملهيو آهي، پنهنجي پاڻ ۾ ئي
جاتو آهي ۽ پنهنجي انتهڪرڻ ۾ ئي جوتيءَ جو پرڪاش ڏٺو آهي، اُهو
يڪ ڪري برهم روپ ٿي وڃي ٿو يعني نرواڻ پد ٿو پراپت ڪري.

نرواڻ پد جو مطلب آهي بندشن ڪٽجڻ، جنم مرڻ کان رهت ٿيڻ. جن پنهنجي سکورڻ
ن، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان برابر سان شمرا ڪئي آهي، ساڌن ڌارن ڪري ودا پاتي
ڪم، دان، تپ ڪرم ۽ اُنتهڪرڻ جي شڌتا لاءِ ڪيا آهن، اهڙيءَ اِن پد تي
سگهن ٿا. سڌن ئي اُنتهڪرڻ ۾ پرڪاش ٿئي ٿو ۽ سڀ سک، آنند، آرام پنهنجي
ان ئي پائين ٿا. ٻاهرين وشين ۾ هن جي ورتي لڳي ئي نٿي. ڪيترن جون ورتيون
يون آهن، جو ڪيترا ئي آتمڪ گيان جا اُپديش ڏيون تہ بہ ٻاهر پيرون ٽيڪيندا آهن،
ڪين آتما جي سک جي پروڙ ئي نہ پيئي آهي. لوهہ پارس لڳڻ سان سون ٿئي ٿو ۽
پوءِ لوهہ ٿي نٿو سگهي. پر جيستائين پارس سان نہ لڳو آهي، اوستائين تہ لوهہ ئي
. ورتيءَ جو بہ اِهو ئي حال آهي. جيستائين آتما جو آنند نہ آيو اٿس، اوستائين هوءَ
وشين ۾ سکن جي اِڇا رکندي. وشيون ٻيون ملنديون تہ سک، نہ تہ ڏک سمجهندي.
سک ملن پيا تہ بہ اُنهن ۾ لوڀ، ڏيھ ۽ ڏک ملندا رهن ٿا. لوڀ اِندري جو اُنهن
ڪڏاڇ ڌاپندو نہ ۽ وڌيڪ وڌيڪ ڀوڳ گهرندو. ڏيھ اِندري رهندو جو جوڙ
تہ متان اِهي ڀوڳ وڃن نہ هليا ٻيا نہ کو اهي وشيون ٿري وڃي. جڏهن اهي
ن ٿا پاڻ ڀوڳڻ کان ڪمزور ٿي وڃو تہ ڏک ٿيندو. آتما جي سک ۾ ڪا بہ اُهڙي
نہ آهي. آتما ۾ جنهن وقت بہ ڌيان لڳائيو تہ سک ئي سک محسوس ٿيندو. جڏهن
ڪم سک ورتيءَ کي ملندو تہ پوءِ هوءَ وشين جي ڀوڳن ڏي نهاري بہ نٿي، جو تہ
يس ٿيو ۽ ڏکدائي ٿا محسوس ٿين.

ڪيانوان بہ ڀوڄن آدي ڪن ٿا، لڇون سان ڏسن ٿا. سپرش، گنڌ، رس، روپ آدي

شروع ڪان اول ٿي هن جنم ۾ ئي ڀاڄ ڪڍائي، هن ڪان ناس ڪري ٿو ۽ انهن وڪ
جو مقصد ڪو اڌو لڳو ٿئي، اهو پرش شڪتيوان آهي، ٻئي سچو يوڳي آهي ۽ سک
رهي ٿو. ڪروڌ جي ويگ جو اثر آهي مَن جو چنچل ٿيڻ، اکين ۾ ڳاڙهاڻ وچان اگهڻ
روپ لالائي اچڻ، چپن جو ڦڙڪڻ، پگهر اچي وڃڻ، بدن ۾ جوش وچان ڏڪڻي ل
وغيره. ڪام جي ويگ جو اثر آهي ته مَن ۾ ڪام ترشنا پيدا ٿئي، جنهن ڪري ٻه
جا وار ڪڙا ٿي پون ۽ منهن ۾ سرهائي ڏسڻ ۾ اچي. ڪام ۽ ڪروڌ رجوگڻ مان پيدا ٿ
ٿين ۽ اهي ڏاڍا شڪتيءَ وارا آهن. ان ڪري انهن جي ويگن کي اهوئي سهاري سگهند
جنهن جي اندر مان رجوگڻ ناس ٿي ويو آهي ۽ تموگڻ نه اصل نه آهي. ستن مهاتمائ
جو ان ڪري وار وار اهوئي اپديش آهي ته انتهڪرڻ کي ساتوڪي بڻايو. وهنوار، ڪا
پيئو، سڀ ساتوڪي هوندو ته انهن ويگن جو زور ناٽيهي پئي پوندو. سهڪو جاڳي ٿو
جهڪو انهن کي دٻائي، انهن مٿان سوڀ پائي ٿو، اهوئي هن جهان ۾ سکي ٿئي ٿو ۽
اهو جنهن کي گهٽو ڏن پدارٿ، سهڻي زال ۽ ٻار آهن. ڪام جو مطلب آهي ڪنهن وڻند
پدارٿ يا جيوَ ۾ راڳ، جنهن مان سک ٿو معلوم ٿئي. ڪروڌ آهي ڪنهن اڻوڻندڙ ۽
پسند ايندڙ جيوَ يا پدارٿ سان دويش، جو دک ٿو ڏئي. يوڳي پرش اهي راڳ دوي
ٻئي ناس ڪري، من جي ايڪاگرتا حاصل ڪري ٿو ۽ پنهنجي آتما ۾ ٽڪي ٿي، مهاسک
پراپت ڪري ٿو. ڪام ڪروڌ جهڙا پرٻل ويري انسان جا ٻيا ڪي نه ڪين آهن ۽ هنن ج
ويگ اکين ٿو ته ترت وڌندو رهي ٿو ۽ اڃا نه هوندي به زوران زوريءَ پرش ان ويگ
اچي پاپ ڪرم ۽ گناهه ڪري ٿو. انهيءَ جنهن جيتيو، ان ڄڻ ساري جهان کي جيتيو
ڀڳوان ٻئي هنڌ ٻڌايو آهي ته اهي ٻئي ڪام ۽ ڪروڌ مها پاپي آهن ۽ سڀني شڀ ڪر
(دان، پن، تپ، تيرٿ اشنان وغيره) جو ڦل ناس ڪري ڇڏين ٿا. ڪام (ڪامنا) را
جي ساري ڪل کي ناس ڪري ڇڏيو. اها ڪامنا وڌيءَ اول ۾ پرستا ڏني ٿي،
پوءِ ويري ٿي پوندي، جيئن ڪو ويري ڪلندي پنهنجي دشمن کي ماري وجهي
ڪام هر ڪنهن جو ويري آهي. ڇا ننڍو ڇا وڏو، ڇا انسان، ڇا پسون. هن دنيا جا س
ماڻهو انهيءَ سک روپ سمجهي ان ۾ لڳا پيا آهن. مهاڀارت جي لڙائي، جنهن ۾ ١٨ ڪروڙ
لشڪر مري ناس ٿي ويو، اها به هڪ دشت دروپدي جي ڪامنا جو نتيجو هئي.

نارائڻيءَ ڪام کي سهاريو ته اندر ڀڳوان ٿي ويو ته منهنجو راڄ نه ڦري وڃي
ٻيو وري ايڏان آپس ته هڪ ماڻا سان پيدا ٿيل راڄا جي ڪنيا ٿي موهت ٿي، ڪام ج
ويگ ۾ اچي ويو. پوءِ ته وشنو ڀڳوان پنهنجو ڀڳت سمجهي بچائي ورتس. ڪام
سهارڻ وارو … آهي، ۽ اهو سهاريندو، جنهن ٿي پرماتما جي ڪرپا آهي
وچ … ٿو گڻ دور ڪيا، تڏهن ڪام ڪروڌ جي ويگن کان اهي سگهبو. ساتوڪ
ٻڌي وارن ۾ نه ڪام ڪروڌ پيدا ٿين ٿا، پر ڏوم الوسار ۽ جاڳ نمونو جا ۽ بلڪل
… ۽ وهنوار هلائڻ لاءِ اهو بلڪل ضروري نه آهي. پورن ڀڳت کي ڪامنا

جاڻن ته پارس ورش نالو ڪيڻن پيو، مدهنجا کهڙا فرض آهن، ماءُ پيءُ جي کهڙي
ص رکڻي آهي. رڳو پئسو ڪمائڻو ۽ کائڻو ئي هڙ وديا جو مقصد نه ڄاڻن. راجنيتي
۽ ۽ اڳي وهنوار جي ٻه سکيا ملندي هئي. هڪ شلوڪ ۾ آيو آهي ته شادي براءِ
يءُ ۾ ڪريو، پر هاڻي ته اڇي چمڙي ڏسي ڌاريءُ قوم يا ڌارئي ملڪ جي ٻانهن سان
ر نه اهن، پوءِ ڪٿي اها ڇوڪري ذات جي چمار هجي! اڳي راجائن جا پٽ ٻه ڌرم
سکيا وٺي ڌرماتما ٿيندا هئا. آتمڪ وديا مان ئي اندر جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ آتمان
نرواڻ ٻه حاصل ڪري ٿو سگهجي.

شلوڪ ٢٥. اهي رشي جن جا پاپ ناس ٿي ويا آهن، جن مان پيدائي
پ دويت ڀاونا [جنهن مان سنسا پيدا ٿين ٿا] ناس ٿي وئي آهي، جن
چت ايڪاگر آهي ۽ جي سڀني جيون جي ڀلي ڪرڻ ۾ لڳل آهن، سي
يه کي پائين ٿا.

اهي ئي رشي آهن، جن نشڪام شڀ ڪرم ڪري، پنهنجا سڀ پاپ ناس ڪيا
، گرو ديو جي شيوا ڪري وويڪ ۽ ويراڳ روپي ٻه ساڌن هٿ ڪري، سٽڻ، منن ۽
ياسن وسيلي نرواڻ پد پراپت ڪيو آهي ۽ ڪوبه مل، وکيپ ۽ آورڻ نه رهيو اٿن،
ص جي ڦاسي ڪٽجي وئي اٿن، من جيتيو اٿن ۽ سرو پراڻي ماتر جو ڀلو ٿا چاهين ۽
ي کي پنهنجو آتما ٿا سمجهن. رشي رڳو ساڌو، برهمڻ، مهاتمائون ٿي نه سگهن، پر
ڪي آتما جو گيان ٿئي، پوءِ ڪٿي هو گرهستي هجي، ساڌو هجي يا ورڪس هجي.

سنسا ٻن قسمن جا آهن: پرماڻ گت ۽ پرميه گت. پرماڻ گت اهو آهي، جو ٻڌون
هون ته سرڳ آدي لوڪ آهن ۽ سنسو ٿئي ته سچ پچ سرڳ نرڪ آهن الائي نه. اهو
پرماڻن ۽ دليلن سان دور ٿئي ٿو. شاسترن ۾ آيو آهي ته سرڳ ۾ اندر ديوتا راجا آهي.
نسر جي الئي رچنا آهي. ارجن ٻه سرڳ ۾ وديا وٺڻ ويو هو وغيره، ته پوءِ اهو سنسو
نو ٿئي. ڀڳوان ڪرشن ۽ بلرام جڏهن وديا پرائي رهيا ته گرو دڪشڻا ۾ ڪاڻن گروءَ گهر
، ته سندس پٽر، جو سمنڊ ۾ ٻڏي ويو هو، انکي واپس آڻي ڏين. ڀڳوان انجو سوکيم
يمراج کان وٺي پيو پتلو تيار ڪري، ان ۾ اهو سوکيم شرير وجهي گروءَ کي ڏنو. اهو
، شرير يمراج جي لوڪ ۾ هو. مطلب ته سرڳ، نرڪ، يم لوڪ ۽ ٻيا لوڪ ٻه آهن.
هو چون ٿا ته سرڳ نرڪ سڀ هن پرٿويءَ تي آهن، اهو ٺيڪ نه آهي. اهڙا سنسا
رشين جا سڀ دور ٿي ويا آهن. اهي شاسترن ۽ پراڻن ۾ ڏنل پرماڻن ۽ ٻيانن سان
لين ٿا.

پيو نمونو سنسن جو آهي پرميه گت. پرميه جي معنيٰ آهي وستو. مان آتما آهيان
ير. آتما جي اگيان ڪري شرير ۾ اڌياس ٿو ٿئي ته هي مان نو ڪريان، مان اٿهو
ن، مان بيمار آهيان، مان سٺو آهيان وغيره. اها جڙ اوستا آهي، جهڪي ٻاڻ کي

۽ ورليءَ ۾ آهين ٿا، پر انهن کي سڀ لڳا چاهن ٿا؛ رڳو شرير جي نرواهه ماتر اهي پرڪين
هڻن ۾ ڳڙ جي مک وانگر چهٽي لڳا پون. جن جي ورليءَ ۾ وشيه سکن جو خيال ره
اهي ته پاپ ڪرم ڪرڻ کان به نٽا ٿا جن. دريوڌن اُنت سمي اشوتاما کي چيو ته مان
تو راج تلڪ ڏيان. هي سارو راج تنهنجو آهي. ساري دنيا ان وقت دريوڌن جي
هئي. پيو ڪجهه. همه نه لڳس ته پنهنجي ٻانهن مان رت ڪڍي هن کي راج تلڪ ڏنائ
پر چيائينس ته پڄن ئي پانڊون جا سر ڪپي اچ، ته مان اُنت ويلي خوش ٿي وڃان
جيترا هوندا، ته ٻوڪي به راج ڪرڻ نه ڏيندا؛ مونکي به مرڻ ويل اهو افسوس رهجي ويندو ته
جا سڀ ٻانر ئي مري ويا، پر پانڊون مان هڪ به نه مئو. اهو سڀ هو ته ڪلهنا ماتر
اشوتاما ان کي ايڏو سمجهيو، جو وڃي پانڊون بدران دروپديءَ جي پڄن پٽرن ج
لاهي ڪٽي آيو. سدس ورليءَ ۾ انين اُنيؤ نهو ته راج سک ملندو؛ انڪري ان ڪ
ڪرڻ کان به نه ڊنو. مگر پاپ ڪرم مان ڪڏهن سک نه مليو آهي؛ نه ملي سگهي
آتما جي سک جو ته ڪو درشتانت ڏيئي نٿو سگهجي؛ ڇو ته اهو ته انپري سک آ
جنهن لاءِ ڪو دليل پرماڻ ڏيئي ڪري نه سگهبو. پتورتا استريءَ کان شاديءَ ڪانهوءِ سهي
پتيءَ جو سک پڇن نيرن ته هوءِ ساهري گهر جا سس، سهري ۽ ڏيراڻين جا سک ٻ
سگهندي، ملڪيت جا احوال ٻڌائي سگهندي، پر پتيءَ جي سک جو هوءِ ورنن ڪري
سگهندي. ان طرح سماڌيءَ جو سک ڪنهن گيانوان کان پڇندا ته هو ڪيترو ڪٿي
ڪندو. ڪيترو به ڌر نيان ڪري، پر اُڳاي جي سمجهه ۾ ئي نه ايندو. شرڌا وچان
مڃبو، پر سک جو اُنيؤ نه ڪري سگهبو. ان سک جو اُنيؤ ڪرڻ لاءِ پاڻ گيانوان
ٿيندو، ته پوءِ معلوم ٿيندو. اهڙي ورلي ٿئي جو ۲۴ ئي ڪلاڪ آتما ۾ لڳي ر
” اوُانت سک سمويت رام.“ پيو ڪجهه اکر ئي نه نڪري ته پاڻيهي آتما جو سک ۽ مل

پرلوري راجا چيو آهي ته جيڪي سک آنند ڪتب مان ملن ٿا، اهي مونکي پاڻ
ملن ٿا؛ اهي مونکي پاڻ مان ملي رهيا آهن. آتم وشئي ٻڌي، جا آتما کي ڄاڻي ٿي
منهنجي استري آهي. گيان منهنجو پٽر آهي، جو هن لوڪ اڳوا پرلوڪ ۾ نستارو ڪري
پٽر جي معنيٰ آهي پُٿ = نرڪ، تر = رکيا ڪرڻ وارو يعني جو نرڪ کان بچائي.
ڪانهوءِ ڪريا ڪرم ڪري، اهو سچو پٽر گيان آهي. سڀ ۾ استت ليڻ، سچ ٻولڻ اهو
منهنجو پراتا آهي. ٻڌيءَ کي آتم وشئي ڪري، آتما کي ڄاڻڻ وارو عقل پرانٽو آهي.
پاڻ نه سمجهيو آهي ته مان ڪير آهيان، سو ڪيئن پنهنجي هستي ناهي سگهندو؟
ماڻهو پرماتما کي نٿو ڄاڻي سگهي. جئن شيخ سعدي چيو آهي:

” بي علم نه توان خدا را شناخت.“

پر سچو علم اهو آهي، جنهن مان گيان پراپت ٿئي. اڳي وديا ۾ وهنوار ۽ پرم
نهي جي سڌ ڪرڻ جي سوري سکيا ڏني ويندي هئي، پر هاڻي نه ودياء ۾ هڪ
ڏرم جو ڪو نه سمڪارو وڃي. وڏي تعليم وٺڻ ڪانهوءِ اڄ ڪلهه جا جوان اهو ٻ

ماڻهن جي ڀلاءِ لاءِ. پوتنا جا پران سندس ٿڃ ڏياليندي پيا وڃن. ڪنس نه هڪڙي ڪرشن کي ڦاهلائڻ-ڌارائي کيس مارڻ لاءِ موڪليو هو، پر ڀڳوان هن جي ڪلياڻ سندس پران پي کيس اها گتي ڏني، جا ماءُ کي ڏجي، ڇو ته سندس کير پيتو. پوتنا اڳين جنم ۾ بلي راجا جي ڌيءَ رتن مالا نالي هئي. جڏهن ڀڳوان وامن ورتي سندس پيءُ کان ۳ قدم زمين جا گهريا، اُن وقت هن سندس سندرتا ۽ سندر من موهيندڙ روپ ڏسي، دل ۾ اها ڀاونا ڪئي ته اهڙو سندر بالڪ هوند مونکي هجي ته کيس گود ۾ وهاري کير پياريان! ڀڳوان هن جي ڀاونا پوري ڪيس اهو وردان ته ڪرشن جنم ۾ مان تنهنجو کير پيئندس. ڪرمن جي ڪري هوءَ دئتياڻي ٿي، ۽ سندس ڀاونا پوري ڪئي ۽ پاپ جوڻيءَ کان به کيس ڇڏائي شڀ گتي ڏني. ڪيڏو اهو اپڪار جو ڪم ٿيو! سڀئي راڪشس، جنکي ماريائين، اهي سراپ ڪري دئت ٿي بڻيا هئا، جن جو ڀڳوان ڪلياڻ ڪيو، نه ته هو هر پيا نيچ جوڻين ۾ اچن ۽ وڃن ها.

گرو نانڪ به دنيا ۾ ڪيڏا نه اپڪار جا ڪم ڪيا، جڏهن ڏٺائين ته سڀ ماڻهو راڳ ش جي آگ ۾ جلي رهيا آهن! ٻاريءَ پرلويءَ، جو سڀ ڪري ڪيترن راڪشن کي ب کين شڀ گتي ڏنائون ۽ وڏن وڏن خونين، چورن، ظالمن تي مهر جي نظر ڪري، سچي راهه تي آڻي، ڌرم جي واٽ ۾ لڳايائون ۽ عام ماڻهن ۾ ڀڳتيءَ ۽ سداچار جو ر ڪري، پرماتما طرف لڳائي، سندن ڪلياڻ ڪيائون. سندن سکيا اڄ تائين هزارن کي سچي راهه بتائي ٿي. پنهنجو سک آرام ڦٽائي، رات ڏينهن ٻين جي ڪلياڻ ڻ ۾ لڳا رهندا هئا. سمير پربت تي وڃي سڌن ۽ ٻين جوڳيشورن کي اپديش ڏنائون ب هٿ چاڙهي ويٺا ڪريو؟ هلي هيٺ سنساري لوڪن کي ڌرم جو رستو ٻڌائي، هنن ڪلياڻ ۽ پراپڪار ڪريو. کين ڪيترا ڪشٽ آيا، ماڻهو کين گمراهي ڪوٺيندا هئا، کنهن به ڳالهه جي پرواهه نه ڪري، هنن ساري حياتي پراپڪار ۾ لڳائي. سون ن جو به ڀلو چاهي، کين سچي راهه ڏيکاريندا هئا. پراپڪار جو گڻ سڀني مهاپرشن جو گڻ ٿو ٿئي، ڇو ته هو سڀني کي پنهنجو آتما ٿا ڄاڻن.

شلوڪ ۲٦. جيڪي ڪام ڪروڌ جي پيدا ٿيڻ کان رهت آهن، پنهنجون ريون، چت ۽ من سنجم ۾ آڻن ۽ جن پنهنجي آتما کي پڇاڻيو آهي، تن برهم نرواڻ يعني ڪيولِيه موڪش پد يڪدم حاصل ٿئي ٿو ۽ هروقت ٿو.

ڪرم يوگ سان موڪش پد درجي بدرجي حاصل ٿئي ٿو، پر هن شلوڪ ۾ ورنن ٽيڪسي پرشن کي اهو يڪدم ٿو ملي ۽ هروقت قائم آهي، هرهڪ جي انتهڪرڻ ۾ آتما وڏي شڪتي رکي آهي. انتهڪرڻ جي معنيٰ آهي اندر جو ساڌن اهو پنجن سي سترگڻي انس مان ٺهيل آهي، رجوگڻي انس مان پران ۽ تامسي انس مان شرير. ته سڀني جو انتهڪرڻ شد آهي، پر جيئن درسنيءَ جي شيشي مٿان مٽي چڙهي

شرير کان جدا ٿا ڄاڻن، اهي ڇوندا آهن ته منهنجو شرير ڪمزور يا بيمار آهي ۽ جڙ
ڪري وسترءِ پرڀرم ۾ ٿي ويو آهي، مگر آهي آتما، پر پاڻکي شرير سمجهي ٿو. اهو ڀرم
جي گيان پڙهڻ ۽ ڌيان ڌرڻ سان ويندو. آتما ته واستو ۾ سَت چِت آنند سروپ آهي، پر
هنڪيَ هڏماس جو پتلو سمجهي ويٺا آهيون ۽ شرير جي جنم مرڻ کي آتما جو جنم مرڻ
ويٺا آهيون. جن جا اهي سنسا دور ٿي ويا آهن، اهي رشي سارو سنسار پاڻ ۾ ٿا
۽ پاڻکي ساري سنسار ۾. هنن ۾ دويت ڀاونا (ٻيائي) بلڪل نٿي رهي آ. پوءِ هنن
شوڪ يا موهه ڇا جو ٿيندو ۽ ڇو ٿيندو؟ هو سڀ پراڻي ماتر جي ڀلائي ڪندا ۽ سڀ
ٻين جي اپڪار اَرٿ ٿا ڪن. پنهنجي ڪاڻ واسنا يا اِڇا ۽ ڪامنا نه اٿن. سنسڪ
اهڙيءَ ڳالهه ٿيڻ گهرجي.

نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته سمرٿ پرش ڪرڻي ۾ ڪم ڪري ته اهو ڀاري نه آهي
ادمي پرش لاءِ ڪجهه به دور نه آهي، وديا وان لاءِ ڪو به پرديس نه آهي، جو ته جتي
وڃي ٿو، اتي سنمان ٿو پائي. جيڪو مٺو ٿو ڳالهائي، ان جو ڪو به دشمن نه آهي، ڪڙ
واڻيءَ وارن جا ٻيا دشمن ٿين ٿا. ٻري ورتاءُ وارن جا شترو ٿين ٿا. پريم ڪندڙن
شينهن جهڙا مرون، تانڪن جهڙا جيو به وير ٿيا رکن. اهڙا انيڪ مثال پراڻن ۾ آيل آ
هڪ شينهن جي واٽ ۾ هڪ هڏو اٽڪي پيو. واٽ ڦاڙي بيٺو هو ته هڪ سڌ پرش
لنگهيو. هر هڪ جيو کي پنهنجي رکيا جي سمجهه آهي، سو اهو شينهن به سر جهڪ
نرٻلتا سان اڇي سڌس پرسان بيٺو. هنکي دبا آئي ۽ شير جي واٽ ۾ هٿ وجهي
ڪڍيائين ۽ شير خوش ٿي هليو ويو. ديو سنجوگ سان ان پرش ڪنهن خون ڪيو ۽ پڪ
ويو. کيس سزا ملي ته هڪ بکئي شير اڳيان ڇڏيو وڃي. اهڙيءَ شير بکڙيو و
بس چار ڏينهن هنکي بک ڪڍائي، پوءِ هن پرش کي سڌس اڳيان ڇڏي ۾ وڌو ويو
شينهن هنکي سڃاتو ۽ وار به ونگو نه ڪيائينس ۽ هيڪاري هن سان پيار ڪرڻ لڳو.
جڏهن ڪ جانور سان ڀلائي ڪرڻ جو به اهڙو ڦل ملي ٿو، ته ٻين جيون سان ڪرڻ ڪ
ڪيئن نه ملندو؟ وڏي ۾ وڏو يوڳي شاستر انوسار اهو آهي، جو ٻين جو سک دک
جي سک دک برابر ٿو ڄاڻي. اهڙن مهاتمائن ۾ پراپڪار جو گڻ ڀرڻ لڳي ٿو. هو هر و
ٻين جي ڀلي جو خيال رکن ٿا، ڇو ته هو ان ۾ ئي پنهنجو ڀلو ٿا سمجهن. شري رام
يا شري ڪرشن جو هيٺين دئتن ۽ راڪسن کي ماريو، سو به سڀني ڪلياڻ لاءِ ۽ ٻين
ڪليشن ۽ دکن کي مٽائڻ لاءِ. پاپين کي سزا ڏيڻ يا مارڻ هنن جي ڀلائي ڪرڻي آهي
ڀڳوان رامچندر جو راوڻ ۽ هن جا ساٿي مارڻا، سو رشين منين سان پراپڪار ڪرڻ
کيس پنهنجو ڪو به غرض ڪونه هو. سيتا ماتا کي ڇڏائڻ جو ته هڪ بهانو هو. اهو ڪ
ٻڌاڻ ٻيءَ طرح به ڪري ٿي سگهيو. هڪ هنومان به ان لاءِ سمرٿ هو. هنڌي ج
ڪرڻ جو ان لاءِ ڪا ڪو به ضرور ڪونه هو.

ڀڳوان ڪرشن جيڪي دئيت ۽ راڪس بال اوستا ۾ ئي ماريا، اهي به سڀني ڀلا

ا هوند ڪداچت نه وڃن، پر هو هميشه جيئن هوندي آ— اسان جي اندر ۾ چورن
ر گهڙي، ڏيرو جمائي ويٺيون آهن. انهن کي لڙي ڪڍڻو آهي، جنهن لاءِ وڏا ساڌن
ن گهربل آهن. پراڻايام ڀاسي ڀڳوان چيو آهي ته سماڌيءَ ۾ ويهي نيترن کي ڀرون جي
رکجي، بلڪل بند نه ڪجن نه متان ننڊ اچي وڃي؛ نه صفا کليل رکجن نه متان هيڏي
ي درشٽي وڃي. پوءِ پران اپان کي سمان ڪري، جو گروءَ جو منتر ڏنل هجي، ان
جاپ ڪجي، جنهن کي اجپا جاپ ٿو ڪوٺجي. اهو ٻي هڪ رستو اعليٰ ۽ ويدن جي
انوسار آهي. سواس ٻگڙيا ته من چنچل ٿيڻ سان پران وڌيڪ ٻگڙندا. انڪري ايهاس
اهي قابو رکڻا گهرجن. ايهاس وقت گهٽيتي دوش اچي ستائين ٿا، جن جو بيان
ڇهين اڌياءَ ۾ وستار سان ڏيندو. سواس رڳو ناسڪائن ۾ ئي اچن وڃن. ان کي ٿي
ن جو سچو سنجم چئجي ٿو.

ڌيان جون ٻه اوستائون ٿين ٿيون: هڪڙي جگياسا اوستا، جنهنکي آروڙکيه اوستا ٻه
جي ٿو چئجي ايا منزل ڏي پنڌ پيو ڪري. ٻي اوستا آهي جڏهن گيان پراپت ٿئي
آتما جو ساڪشاتڪار ٿيو هجي، جنهنکي يوگاروڙهه اوستا چون ٿا چئجي هو يوگ ۾
آهي. آروڙکيه اوستا وارا وشين ۾ يا ڪسڪ ۾ يا سرگ آدي سکن جي ڪامنائن ۾
هيٺ ڪري سگهن ٿا، پر جيڪي يوگاروڙهه اوستا کي پهتا آهن، اهي وشين ۾ نٿا
سگهن. هنکي اهو آنند مليو آهي، جو سنساري سک ته هنکي ڪک برابر ٿا لڳن.
پدارٿ، استري، پٽ هنکي ڪجهه ۾ ڏولائمان نٿا ڪري سگهن. جڏهن اندر پون،
چت سڀ اوجل ٿيا ۽ ڪامنا چنچلتا انهن ۾ نه رهي، تڏهن ان پرش جي ورتي
لکي اوچي چڙهندي ويندي ۽ هن جا ڪام، ڪروڌ، لوڀ، ويهر ونجوڳ
دور ٿي ويندا ۽ ورتي آخر اُلي وڃي پهچندي، جتي پورن پرڪاش ۽ آنند آهي.
آنند ان اوستا ۾ ملي ٿو، جو ايهاسي مهاتمائن جو چوڻ آهي ته جڻ الي ڀڳوان پاڻ پيو
ڪري ۽ گوپيون ناچ ڪن. بنسريءَ جي ڌن، سکن، مردنگن، ڇيڻين جو آواز ٿو اچي
ن جو درشن ٿو ٿئي ٿو. اهڙو نه ان وقت پرڪاش ٿو ٿئي، جو هاڻوڻان سورج ۽ چندرما
جهه نه آهن. اندر ۾ ان وقت ڪنهن ڪنهن وقت اگنيءَ جي لاٽ نڪري ٿي، جنهن
جسم جا پاپ ۽ وڪار سڙي ڀسم ٿي ٿا وڃن، پر ڪا ڪرامت ۽ ڪائي ٿي محسوس
مطلب ته جيڪي نظارا ڏسجن ٿا، ان جو ورڻن ڪرڻ ڏکيو آهي. هيءَ گونگي ڪا
س جو نڪرو نه سمجهڻ گهرجي، پر اها بلڪل گهٽي ڇمتي پتلي آهي. سڀني پراڻين
ويريءَ ۾ اهي رنگ آهن، رڳو انسان ۾ نه، پر ممڪن ڪان سواءِ پيو ڪو انهن جو اُهڃ
نٿو سگهي ۽ ممڪن ۾ به جن جا ڀاڳ کلن ۽ ايهاس ڪن.

هيرا ٻڌا ڪوٺي نهين – سڀ ڪي اندر لعل؛
گنٺڙي کول نه جانندي – تب ٿي ڀئي ڪنگال.

گهر ۾ لک ٺوله هجن پر ممتيءَ ۾ بند رکيا هجن ته جا ڪهڙا ليو؟ اسانکي ڀڳوان لعلن جي

وهندي آهي ته ميهن نه ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تيئن انسان جي انتهڪرڻ مٿان به پاپن ۽ ڪرمن جي مٽي چڙهيل آهي، ته آتما جو درشن نٿو ٿئي. وشين ۾ لڳڻ سان شڪتي … ٿي. انتهڪرڻ جي ستوگڻي شڪتي گهٽي اکين دوارا نڪري ٿي وڃي، جڏهن ا… وشيه روپن ۾ لڳن ٿيون. ٻڌڻ، سنگهڻ، ڇهڻ، رسنا وٺڻ يا نندا ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان به… شڪتي کٽي ٿي ٿئي. مطلب ته ذهن ۾ اندرين دوارا اها گهٽ ٿيندي ٿي رهـ… جيڪڏهن وشين طرف خيال آهن. ڪر اندريون ٿيون ڪن، ته ميرو انتهڪرڻ تو … جنهن جون اندريون جمع ۾ آهن ۽ من ۽ چت به سنجم ۾ آهن، اهوئي آتما جو پرڪاش … سگهندو. وشيه ڀوڳ (ڪام) ۾ جا طاقت وڃي ٿي، اها جي سنجم ۾ رکجي ته هوند ٻل… ڀاري شڪتي حاصل ٿئي. ڪروڌ کي قابو رکڻ مان به شڪتي وڌي ٿي. جتي … اهي شڪتيون سڀ سچ وهنوار ۽ ڌرم ۾ لڳائين ٿا. اهڙا جتي پرش هن جنم ۾ … موڪش پائين ٿا ۽ چوطرف برهم ۾ برهم جو درشن ڪن ٿا. "اي جڳ هرڪا ر… هرءِ، هر روپ نظر آيا." هن لاءِ ڀيو ڪجهه به ساري برهمانڊ ۾ ڪونه آهي.

شلوڪ ۲۷. جو پرش سڀني ٻاهرين وشين کي دور ڪري پنهنجي… اکيون پنهنجي ڀرن ۾ لڳائي، پران اپان کي سمان ڪري، پرانن کي ر… پنهنجي نڪ جي ناسڪائن ۾ هلائي ٿو؛

شلوڪ ۲۸. اندرين، من ۽ ٻڌيءَ کي نت سنجم ۾ رکي، موڪش پنهنجو مقصد ٺهرائي ۽ اڇائن، ڀپ ۽ ڪروڌ کان آجو آهي، اهو م… سدائين مڪت آهي.

هي ٻه شلوڪ ڌيان يوڳ جي وڌي ٿا سمجهائين. ٻاهرين وشين جو مطلب آهي … سپرش، روپ، رس ۽ گنڌ. جي من انهن ۾ نٿو لڳي ته پوءِ اهي اندر نه وهندا يون، … من ٿي انهن لاءِ دروازو آهي. اکين کي ڀرن ۾ لڳائڻ جو مطلب آهي ته نظر انهن ڀرن … وچ ۾ رکجي ته اکين جا تارا استقر رهن. پران ۽ اپان کي سمان ڪرڻ سان من استقر … ٿو ۽ ساس پوريءَ طرح سان ٿو هلي، جنهن ڪري سارو شرير به شانت ٿو ٿئي. ساڌ… ڪرڻ سان ئي انتهڪرڻ شڌ ٿئي ٿو ۽ پوءِ ئي گيان حاصل ٿي سگهندو. ان پرسنگ انو… ڀڳوان هنن ٻن شلوڪن ۾ ويراڳ ۽ اڀياس جي ضرورت ٿو ڏيکاري. ڇهين اڌياءُ ۾ ڀڳ… هنن ٻنهي جو ڪولي ڪولي ورنن ڪندو ۽ جو ته انهن کانسواءِ ڪا به سڌي پائڻ مشڪل آهـ…

ويراڳ جو مطلب آهي دنيوي وشين کان پرتي هٽائڻ، هن لوڪ ائرا پرلوڪ … پدارٿن سکن کان ڪتو ٿيڻ. اڀياس جا جدا جدا مطلب ٿي سگهن ٿا. ڀڳتي يوڳ وارا اڀيا… کي پراڻايام آدي ڪرلوه ٿا سمجهن. ويدانت وارا برهم جي اڀياس کي ٿا مڃين. ۲۷ شلو… ۾ ڀڳوان اڀياس جو مطلب ٿو ٻڌائي ته پرانن کي رکو نڪ جي ناسڪائن ۾ هلائجي.

اصل ۾ سڀ وشيون ٻاهر جون آهن. اندر جون هجن ته الائي ڪيڏا قهر ڪن ۽ ا…

ن ڪيا آهن، پر ڪو ڪين موڪش نه ڪو نه پراپت ٿيو. اِللاءِ نه ڀڳوان ڪين اُپديش ڏنو
ان مان ئي موڪش ملندءِ.
ڀڳوان ڪرشن يا ڀڳوان رام جو درشن نه اُن وقت جي انيڪ ماڻهن به ڪيو، پر اهي ڪو
ش جا اَڌڪاري ڪونه ٿيا. ڀڳوان رامچندر جو نه ڀراس پر به ڪيترن رشين منين ڪين
ي پرماتما جاڻي سندس درشن ڪيو نه به موڪش ڪونه مليو. سرگڻ پرڀو جي اُپاسنا
موڪش نٿو ملي سگهي، فقط ايشور پر ورلي اسٿت ٿئي ٿي. راجا دشرٿ کي نه شري
ءِ ڪيڏو نه پريم هو ۽ سندس وڇوڙي پر پران ئي تياڳيائين، پر نه به موڪش ڪونه
. راجا ڀڌشتر لکين ڀيرا ڀڳوان ڪرشن جو درشن ڪيو، نه به لڙائيءَ ڪانپوءِ هن
اهو ٿي دک هو نه مون انيڪ مترن جو خون ڪيو يا ڪرايو آهي ۽ ڪين شانتي نٿي
. جي سگڻ پرڀو جي درشن مان گيان ٿي سگهي نه ڀڌشتر کي جو اهڙو دک ٿيو؟ جو
وک کي دور ڪرڻ لاءِ ڀيشم پتامهه کان اُپديش ٻڌائين ۽ آخر اَشومير يگيه ڪري پاڻ
ڪل دور ڪيائين، تڏهن ڪين شانتي آئي. ان طرح رکر گرو يا ماتا پتا جي درشن مان
هه نه ٿيندو. انهن جي ڏنل منتر يا آگيا جو پالن ڪرڻ ۽ سندن شيوا ٽهل ڪرڻ لازمي
، تڏهن اَنتهڪرڻ شڌ ٿي شانتي ۽ سک پراپت ٿيندو. جهڙي اوچي يا نيچي ڀاونا
، ڦل به اُن موجب حاصل ٿيندو. جو ڀڳوان جهڙي ٿو نه مان نسو ڏيان. ڀڳوان جهڙو
تر (سهرد) ٻيو ڪير ٿي سگهندو؟ هو جنم کان مرڻ تائين ڪاڏو پٽيو، گهڙو لتو،
پداريءَ، سڀ ڪجهه هرهڪ جيو کي پهچائي ٿو، پر موت پر ڪجهه به نٿو طلبي.
سکهه اِنسان کي به ڏيندو رهيو. پر جيڪي منجهس وشواس ۽ شرڌا رکي ڪين سرو
رن جو مها ايشور جاڻي، سڀني جيوَن جو پرم متر ۽ سڀني ڀڳمن ۽ تپن جو ڀوڪتا يا قبول
ڙ تا سمجهن، اهي ئي شانتي پد کي پراپت ٿا ڪن.

ڳنڍڙي ڏني آهي، ۽ ان کي کولڻو آهي. ڀوڳي لوڪ ساڻن جا سال سماڌيون لڳائين
سي ان ڳنڍڙيءَ کي ئي کولڻ لاءِ. جن اها ڳنڍڙي کولي ڇڏي آهي، انهن جو من ڪو
برابر هن سنسار يا سرڳ جي سکن ۾ ڪيئن ويندو؟ هتي جون ته سڀ مرادون پو
ٿي وڃن ٿيون.

سڀئي اچان پوريان - جسا پائيا اگر اپارا.

جيڪي ته ٻه ڪجهه نثر ڪري سگهي ته ٻاهي ڏسي ڇا جو ڪن؟ هتي جي
امرت روپي آنند ۾ مگهن رهي ٿي. اهو سڀ هن رستي ۾ اڀياس ڪرڻ سان
ڪري سگهبو.

شلوڪ ٢٩. اهڙو پرش مونکي ئي سڀني يگين ۽ تپسيائن جو ڀوڪ سڀني لوڪن جو مها ايشور ٿو ڄاڻي ۽ سڀني جيون جو سهرد، ڀلائي گهرڻ متر سمجهي شانتي (مڪتي) پائي ٿو.

مطلب ته سڀئي يگين ۽ تپن، دانن، ورتن وغيره جو ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو ۽ ڀوڳڻ
هڪ پرماتما آهي. جو ئي سڀني برهمانڊن جو مها ايشور، ڪرتا، سڀني پراڻي ماتر جو
متر آهي. جيڪو انهي سڀ ڳالهين نشچي ڪري ڄاڻي ٿو، اهو پرم پد کي حاصل ڪ
جنم مرڻ کان مڪت ٿي وڃي ٿو. مها ايشور لفظ انڪري ڪم آيل آهي جو برهما، و
مهيش، هرڻيه گرڀ وغيره کي به ايشور ڪوٺيو ويو آهي، اهڙو ورتن شاسترن ۾ آيو
انڪري ڀڳوان ايشورن جو به ايشور آهي. متر اهو آهي جنهن سان ڪو اپڪار ڪج
جو به مونٽ ۾ ڪري، ۽ پرم متر يا سهرد سا ڪنهن مونٽ جي آسري بنا بدلي ول
سڪلپ جي اپڪار ڪري ٿو. اهڙو پرم متر بنا سهرد رڳو ڀڳوان ۽ سنگورو ئي سگ
يا اوچ ڪوليءَ وارا مهاتمائون. انهن جو بدلو ڪو به انسان ڪو ڏئي سگهي.

جيڪي سمجهن ٿا ته اهي يگيه وغيره اندر ديوتا يا پيا ديتر ديوتائن ٿا ڀوڳين
سمجهي ۾ ته ڀڳوان ئي انهن جو روپ ٿي، انهن يگين وغيره کي انگيڪار ڪري
جيڪڏهن زال پنهنجي پتيءَ جي سيوا ڪيس ايشور سمجهي ڪري ٿي ته اها ايشور پنهنجي
سمجهي قبول ٿو ڪري ۽ زال کي اهڙو ئي ڦل ملندو، جو جو سندس ورتي اوچي
واهي انسان سمجهي سيوا ڪندي ته ڦل به اهڙو ئي ملندس، پتي ڇڱو هجي يا خ
سڀ ڪنهن کي پنهنجي ڀاونا انوسار ڦل ملي ٿو. ان طرح ٻين کي پتا جي سيوا جو،
ڪنهن گروءَ جي سيوا جو ڦل به سندن ڀاونا انوسار ٿو ملي، ٻه ڏيڻ وارو هڪ پرماتما
آهي. سمعي، ساڌن، وشنو ممن، مهاتمائن، غريبن، انگين جي سيوا جو ڦل به سا
طرح پرماتما ٿو ڏئي.

رڳو پرماتما جي ساڪشات درشن ڪرڻ مان ته مڪتي نه ملندي. ارجن کي
ڪرشن جو ساڪشات درشن هر هر ٿيو پيو. ته فقط اهو ۽ سندس وراٽ سروپ جو ته

وسشٽ مني کيڏو نه اُهوڪ درشي گيانوان هو ۽ شري رامچندر جهڙا سندر، اگيان جمان ۽ جگياسو شش هئا، پر هن به ڪڏهن نه چيو آهي ته سنسنگ، سنڌيا ۽ نيم، ڌرمن جو تياڳ ڪجي. هو پاڻ به اهي سڀ نيم سان ڪندو هو. انهن فرضن ڪرڻ سان ولي ۽ پر هلاس (آنند) ٿئي ٿو، نه ته شانتي نٿي ملي. سچو سنياس يا يوگ گرهست پر هي به ٿي سگهجي: تياڳ ورلي لڏهن ٿيندي، جڏهن انتهڪرڻ شد ٿيندو. اها شد تا ندي شڀ ڪرم نشڪام ٿي ڪرڻ ۽ ڀڄن سمرن ڪرڻ سان. شد انتهڪرڻ پر ورلي ادار يتي ۽ ميري انتهڪرڻ ۾ ڪنجوس ۽ سنڪوچ واري. شد انتهڪرڻ وارن کي پدارٿ هي نٿا سکهن، هو ڌن کي مٽيءَ برابر ٿا سمجهن. راڻڪا ۽ سندس استريءَ بانڪا جو ال مشهور آهي. پتيءَ وات تي مهرن جي ٿيلهي ڏسي ان مٿان مٽي وڌي ته زال هرڪي وجهي ۽ پر زال چيس ته "سوامي! ڇا اڃا اوهان جي درشٽيءَ ۾ سون ۽ مٽيءَ ۾ تفاوت ي؟" ڪيڏي نه تياڳ ورلي ٻنهي جي هئي ۽ هئا اهڙا غريب، جو روز جهنگل مان ڪاٺيون ڪري وڪڻي گذران ڪندا هئا. سچي ڀڳتن ۾ اها تياڳ ورتي هرايدي ي ۽ هو غربت ۾ به من کي ڏانوان ڊول ٿيڻ نٿا ڏين، رڳو ٻيڪ ڌارڻ سان يوگي نه ٿي يو.

گروءَ جي اپديش ڪان سواءِ جيڪي ڪرم ڪجن ٿا، اهي من کي شد نٿا ڪن. ڀڳوان شن ارجن کي پنهنجي فرض پڌ ۾ به پوروت ڪريو ۽ سچو يوگي ۽ سياسي به ٿاڻڻ چاهي. گهر ٻار ڇڏي جهنگلن ۾ ڀٽڪجي، پر جي من ۾ وشين جي واسنا لڳي پيئي ته اهو سچو سنياسي ڪڏاهين نه چئبو. ڪل جي اڃا جي تياڳ کي سنياس ٿو ليکجي ڏيءَ جي استتيءَ کي يوگ.

ارجن پوءِ سوال ڪيو ته سنياس ۽ يوگ ۾ تفاوت ڪهڙو آهي ۽ ٻنهي جي پدوي سمان آهي يا جدا جدا؟ ڀڳوان ان جي جواب ۾ هن ريت چيو:

شلوڪ ٢. هي پانڊو راجا جا پٽ ارجن! جنهن کي سنياس سڏجي ٿو، ن کي تون يوگ پڻ ڄاڻ، ڇو ته واسنائن ۽ ڪامنائن جي سنڪلپن جي ڳ بنا ڪو به يوگي ٿي نه سگهندو.

واستو ۾ ٻئي هڪ آهن، ارٿ ۾ هڪ الن، رڳو نالا جدا آهن. سنياس جو مطلب ه من کي ترليپ ڪري، پرارٻڌ انوسار راجائي هجي ته جنڪ راجا وانگر يا گرهست حيالي هجي ته وشين مٿان وانگر يا ورڪت حيالي مٽيءَ اشٽاوڪر جيان رهجي. سڀئي ي رهجي ۽ من کي استت رکجي. آتم امت جو پوئنو جنڪ راجا، وشين مٿين الوا اشٽاوڪر کي ساڳيو هو، نه گهٽ نه وڌ، رڳو شرير جي پرارٻڌ جدا جدا هئي. ٻنهي کي انند جو ساڳيو ئي آهي. ورليءَ ۾ استتي نه آهي ته پڙ لو رهي ۽ آنند پڌ نٿو حاصل ٿئي. اسعر لي ته اهو پرش اسعر يوگيه ڪونجي ٿو. اهو ڪهڙيءَ به اوستا ۾ رهي ۽ ن به آشرمن ۾ هجي ته سدائين هڪ آنند ۾ آنند آهي. هو سدائين مڪت آهي.

اڌياتم (آتم ڌيان) يـــوگ

شري ڪرشڻ ڀڳوان پنهنجي پرم ڀڳت ارجن کي پنجين اڌياءَ جي آخرين شلو
اتهڪرڻ جي شڪل ۾ روپ يوگ جو مختصر اپديش ڪيو ۽ چيو ته سڀني ڀڳتن، ڪمن
جو ڀوڳيندڙ مان آهيان، سڀني لوڪن جو مها ايشور ۽ سڀني جيون جو مترُ به مان آهيان.
پرش اهڙي ڄاڻي منهنجو ڌيان ڪري ٿو، اهو پرم شانتيءَ کي پائي ٿو. اهو ٻڌي ارجن
ڪيو ته هي ڀڳوان! اوهانکي بلڪل ترت ملڻ جو ڪهڙو اپاءُ آهي، جيئن ڪو مسافر
نگر ڏي وڃڻ لاءِ سولي ۽ سولو رستو پڇندو آهي. هن اڌياءَ ۾ اهو سولو رستو
ساڌنائون ٻڌايل آهن، جن سان پرڀوءَ جي چرنن ۾ من لڳي ٿو. ڀڳوان ٻه مارگ ٻڌايا
هڪ سنياس ۽ ٻيو يوگ. سنياس جو مطلب آهي تياڳ ۽ يوگ جي معنيٰ آهي اسٿر
جنهن جي اندر ۾ تياڳ ورتل آهي، اهوئي سنياسي ليکبو ۽ نه جنهن کي ڳيڙوءَ رنگا
اوڍيل آهن ۽ مٿو منڍايل اٿس. جيئن سورج ٨ مهينا جل مٿي ڇڪي بادلن جي ر
ڪٺو ڪري اُن جل کي شڌ ڪري پوءِ ۴ مهينا اُن مان ورشا ڪري ٿو ۽ ملڪ ساوو ۽
ٿئي ٿو، تيئن سنت مهاتمائون به ڌن ٻٽورين، جو ڪين ملي ٿو، اُن لاءِ ڪٺو ڪندا
سڀي پائي اهو ٻين جي سک ۽ ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪن ۽ لوڪن جو ڪلياڻ ۽ اپڪار ڪ

شري ڪرشڻ ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ١. جيڪو پـرش ڪرمن جي ڦل جو آسرو نه رکي سڀ ڪ
لائق ڪرم فرض ۽ ڌرم سمجهي پورا ڪري ٿو، سو سنياسي ۽ يوگي آ
نه اهو، جو اگني هوتر ڪرم، تپ دان وغيره نٿو ڪري.

سچو سنياسي اهو نه آهي جو سڀ ڪرم تياڳي هٿ ٻڌي ٿو ويهي رهي، اس
جو سڀ نت، نيمت ڪرم ۽ ٻيا شڀ ڪرم ويدن شاسترن جي سکيا انوسار (دان،
ورت، تيرٿ اشنان، شيوا چاڪري) سڀ پوريءَ طرح وڌيءَ انوسار ڪري ٿو، پر ڦل
اڇا نٿو رکي. سچو يوگي اهو آهي جو چت جي ورتيءَ کي آتما ۾ لڳائي، اسٿت
ٿو سگهي، جو ته من قابو نه آهي، ته آتما جو انڀو ڪرڻ مشڪل آهي. سنسار ۾ اهڙا
به اڻڪ آهن، جنکي ٿورڙولي گيان ليو ته چون ٿا ته هاڻي اسين اگني هوتر آدي
ڇو ڪريون؟ ڪرمن ڪرڻ لئا پيا آهيون. اهڙا پرش اهه پوشت ليو پون ٿا ٻنهي
طرفن کان ٿا وڃن ته ڪرم ٿا پوريءَ طرح ڪن ۽ نه آتما جو سچو گيان ٿا حاصل ڪن

ءَ دوارن وبراڳ جي ڀراپتي نه ٿي آهي؛ تيستائين انهيءَ کي کپي ته شاسترن ۾
بڌل آدي ڪرم ضرور ڪندو رهي. جڏهن اهي نشڪام ڪرم ڪندي انتهڪرڻ
ي وڃي، ته پوءِ ڪرمن ڪرڻ جو ضرور ڪونه آهي. ان وقت شم دم، آدڪ ساڌنن
ڪرڻ جي شرن وٺي گيان نشٺا پراپت ڪجي. اها منزل انتهڪرڻ جي شڌتا کانسواءِ
ٿ نه ٿيندي. ان رستي تي لڳل جڳ ان شڪول جو شاگرد آهي ۽ آخرين امتحان پاس
يو الس. جيسين ڪنهن ماڻهوءَ اندر ۾ دوش آهن، اڳيائون ۽ سنڪلپ آهن ته آخرين
يعني يوگاروڙه اوستا تي پهچڻ پري آهي ۽ ڪرم ڪندو رهڻ جڳائي. ان اوستا تي
ڪانپوءِ ڪرمن ڪرڻ جو ضرور نه آهي، پر ته به شريرُ جيستائين هلي چلي ٿو، اوسيتائين
سڀاءَ ڪرم ڪرڻا آهن، جيتوڻيڪ نه ڪري ته دوش نه الس. جيڪو ان يوگاروڙه
تي پهچي چڪو آهي، ان جو ورڻن ڪبير ڀڳت هن شبد ۾ بلڪل سندر نموني
و آهي:

ٻالي سُرڪي ٿيل نڪرنا - منڊل نه باجي نت پئي سوجا.
ٻجهه گئي اگن، نه نڪسو دونهان - رَو رهيو ايڪ اور نهين دوجا.
ٽوٽي تنت نه بجي رباب - ڀول بڳاڙيو اپنو ڪاج.
ڪٿي ٻدني ڪهن ڪهاڻ - سمجهه پري تسو ٻرپنو گاون.
ڪهت ڪبير پنچ جو چوري - تن تي ناٺهه پرم پد دوري.

هن مان جم جم جون جيڪي واسنائون لڳل آهن، جن ڪري جم ملن ٿا، اهي
ي ويئون آهن، موهه روپي تيل به ڪٿي ويو الس يعني سارو موهه دور ٿي ويو الس؛
ويو ته واسنا روپي وٽ هوندي ته به ٻرندي ڪيئن؟ انڪري پوءِ مٽي ميريءَ واري
يا ٻولڪ ڪانه ٿي وڃي. مان ٻلوان، گُلوان آهيان، ڪلوان ۽ ودوان آهيان، ملڪ
لڪ يا حاڪم آهيان، هيءُ مون ڪيو آهي، هيءُ منهنجو آهي، اهو سمرو ايمان
ٿي ٿو وڃي ۽ سندس ناچڻ من شانت ٿو پراپت ڪري. ترشنا روپي باهه پوءِ وسامي
جي. ترشنا، جا دنيا کي جلائي رهي آهي، انڪي هؤ نام روپي جل سان وسائي ٿو.
. هو هڪ آلما ۾ لڳل رهي ٿو. دويت ڀاءُ، راڳ دويش جو نالو به نٿو رهي. هن
پهه اڌياس روپي ڏور ڇڇي پيئي آهي، پوءِ مان هندو آهيان، مان تلهو يا سنهو
، مان ساڌو، برهمڻ يا ڪتري آهيان وغيره، اهو رباب وڃڻ بعد ٿي ٿو وڃي. هؤ
آلما ٿي آلما ٿو ڏسي. ڪبير صاحب چوي ٿو ته اول جو سڀ ٻولي ۾ پئي، پنهنجو
ڪم بگاڙي ويٺا هئاسون ۽ پالڪي شراسر سمجهي، ڪٿي ٻڌنيءَ ۾ پيا هئاسون، اهو
رنن ڪرڻ، ڳالڻ، وَڃالڻ، چوڻ ۽ چوالڻ گيان لمڻ ڪانپوءِ وسري ٿو وڃي. جن پنجن
ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار کي ماري ماٺ ڪري ڇڏيو آهي، انهن کان
(موڪش) پري نه آهي.

رڳو واچڪي گيان سان ئي شڪتي پيدا ڪري نہ سگهبو. اها اوستا تہ انتهڪرڻ کي مار
صاف ۽ اُجل ڪرڻ سان ئي ٿي ٿي. جوڳ شبد جو ارٿ آهي آتما ۽ پرماتما ۽ پر
ستگوروءَ جي وچن ۾ انڀوءَ ۽ جيڪو منتر گروءَ وٽان ملي، ان جو ابياس ڪرڻ. هڙ سا
وقت آتم چنتن ۾ رهڻ ئا ۽ چاهڻ تا تہ سنسار ۾ سڀ پدارٿ رڳو آتم لئہ آهي. سنسار
انتيءَ لاءِ شرير جو ٻل ۽ آتمڪ انتي ٻئي ضروري آهن. ارجن ۾ شرير جو ٻل تہ هو، پ
آتمڪ شڪتي هيٺي هئس، جهڙڪري ڀڳوان هن کي گيتا جو اپديش ڏيئي ٻنهي لاءِ هم
ڏياري ۽ جوڳ ۾ سيکاريو.

دنيا اڄ شريرڪ ٻل ۽ وهنواري انتيءَ جي پٺيان آهي، پر جتي آتمڪ ٻل ۽ انت
آهن، اُتي سيکو نہ ٿو. سچي جوڳين ۽ سنياسين وٽ هر ڪو جهڪي ٿو. رگهو راجا هڪ
پاڻ سان سون جي برسات وسائي سگهندو هو. ان ۾ اها ترقي ٿي چالي، رشين منين ج
شرن ورتي تہ چار گهڙيون آنند پايائين. وهنواري سڌي ۾ حاصل ڪجي، پر آتمڪ انتي
ضروري آهي. وهنوار نرواهہ لاءِ آهي ۽ آتمڪ انتي مڪش جنم جي مقصد پائڻ لاءِ آهي
وهنواري انتيءَ وارن پدارٿن مان آخر ڏک ٿو پلئہ پوي، ڇو تہ اهي سڀ ناسونت آهن
ڪلي امرت ۾ ملي، تہ بہ اهو آخر تہ ناس ٿيندو، نہ تہ اندر ديوتا وٽ سرڳ ۾ امر
جا ڪيترا پيا آهن تہ بہ ڇو ٿو هو ڏٻ ۾ رهي؟ امرت کان بہ وڌيڪ آهي آتم ٻل
وهنواري ترقيءَ جو پاپ بہ ڪرتا پون تا. ڌشتر جهڙي ڌرماتما راجا بہ پنڌ ڪٽڻ لاءِ ڪ
ڳالهايو. اشوٿاما لاءِ چيائين تہ مري ويو آهي، جو ٻڌي سندس پتا درونا چاريہ پران ٿياڳ
جيتوڻيڪ مئو هو اشوٿاما نالي هاٿي، ۽ نہ مڙس. اڄوڪا حڪمران تہ دنيوي ترقيءَ
ڪوڙ، دولاب، دوکي ۽ ظلم جا پتلا ٿي پيا آهن. نرين پڻ تہ آتم ٻل آهي، جنهنجو پو
گرو نانڪ صاحب ڪلجگ ۾ بہ ڪيو. ڀڳوان ڪرشن بہ اهوئي اپديش ٿو ارجن کي ڪري
جيڪڏهن سندس رڳو اها اڇا هجي ها تہ ارجن يڌ ڪري، تہ کيس جوڳ ۽ سنياس
اپديش ڇو ڏني ها؟ ان جو تاتپرج اهو آهي تہ رڳو وهنواري ترقي ڪافي نہ آهي، روحا
ترقي ۽ ويراڳ الوءِ ادارتا بہ گهربل آهن. ڪرم جوڳ ۽ گيان جوڳ ٻئي هجن، جڏهن جسما
ٻل ۽ روحاني شڪتي ٻئي هوندا، تڏهن سڀ ڪم سڌ ٿي سگهندا، پرماتما جو پ
وهنوار ۾ بہ مدد ڪرڻ وارو آهي. وهنواري عقل سان گڏ گيان ۽ ستسنگ بہ ه
ضروري آهن.

شلوڪ ۳. يوگ جي چاڙهي چڙهڻ لاءِ (يعني آروروڪشيہ) منيءَ کي نشـ
ڪرمن جو ڪرڻ لازمي آهي؛ پر جيڪو مني يوگ جي منزل تي پهچي و
آهي، ان (يوگارووڙهہ منيءَ) لاءِ ڪوبہ ڪرم لازمي ڪرڻ آهي. هن لاءِ
(شانتي) ئي ضروري آهي.

شم (شانتيءَ) جو مطلب آهي سڀني سنڪلپن جو تياڳ ڪرڻ. جيسين انتهڪرڻ

٣) ڌن پدارٿ- جيڪي آهر ڌن روپي هيرا، جواهر، لعل منيا، انهن کي دنيا
پدارٿ ڪالي وستو نہ معلوم ٿيندو. هن کي سڀني ڌن جو قدر آهي ۽ اُن ۾ ٿي
ٿهن. هڪڙو ٿي لعل ڪنهن کي هٿ لڳي نہ هو رتين جي چڳي جي کهڙي
ڪندو؟ جيهن ٻالڪ هيرا لعل ڏنا ٿي نہ آهن، اهوئي انهن لي رڄهندو. ٻوگاروڙه
ٿن ۾ مايا جو وهنوار ڪندا، ٻر شرير جي پرارٻڌ سمجهي ۽ پرآهڪار لاءِ ٿي ڪندا.
من لڳا اڙائين.

٤) ناري- جيئن سنساري لوڪ استرين ۾ ڦاٿا پيا آهن، ليڪن ٻوگاروڙه نہ آهن. هو
ناجانز کي سمجهي ممع لڳا رکن. هو جاڻن ٿا نہ اگهن جهمن ڪري وهنوار آهي.
سري لي آهي نہ ڪو ٻيتر پا ڏيءِ. هو شاسترن جي آگيا انوسار سهني سان جالنز
ڪندا.

ٻوگاروڙه مهاتمائون انهن چئن پدارٿن مان سک ٻرائين ٿا، ٻر ڪامسڪ ۽ راجسڪ وهنوار
لي دک لٿا پراپت ڪن ۽ ڪي نہ پنهنجو سارو جيون گندو يا داغي ٿيا ٻو
هي جنم نہ اسانکي سکن لاءِ مليو آهي، نہ دکن لاءِ. سوامي رام تيرٿ ۾ هڪ
سبد ۾ پڌايو آهي نہ

ٿهي فقيري هڪ ميري- آرام پائي کي لڳي.

جنم جنم ۾ گوپ ۽ مرليوءَ جا دک پائي آيا آهيون، هن جنم ۾ نہ آهر آرام پاڻڻ جي
ڪريون ڪين. هيڪاري وڏيڪ دک مله ڳنهون! سنسار سارو آرام چاهي ٿو، ٻر
سرين، استريءَ ۽ عمر ٻنيان چريو آهي. ليڪن اهي نہ هيڪاري هنکي خراب
آرام سدوان دک ۽ ڪليش ڏين ٿا. شري شنڪرآچارج ۾ چيو آهي نہ هڪ ڪٽ
هڪ ٻار سون جو (يعني ٢-٣ تولا) ڏيون نہ ۾ ڪير نہ ڏيندو. ٻر اسين اهڙي امولڪ
وٻرت وجالي رهيا آهيون ۽ نہ ستسنگ، نہ گرو شيوا، نہ ڀڄن، نہ يوگ، نہ گيان ۽
، جاليءَ ۽ غريبن جي شيوا.

شلوڪ ٥. پنهنجي [جيو] آتما جو پنهنجي آتما (وويڪ ڀڳت مـن)
ادار ڪرڻ گهرجي ۽ اُن آتما کي نيچ ڪرمن ۾ نہ لڳائجي، ڇاڪاڻ تہ
آتما (من) ئي پنهنجو متر آهي ۽ اهوئي شترو آهي.

هي سنسار هڪ اٿاه سمنڊ برابر آهي. اُن ۾ استري، پتر، ڌن ۽ مترن روپي اُنهڪ
ـن ۽ ڪام، ڪروڌ، لوڀ موهہ ۽ اهنڪار روپي جهنجا وڪار وڏا واڪهو آهـن
ي بيمارين روپي وڏا مانگرمڇ آهن ۽ نڪ ۽ اُج آدي لهرون آهن ۽ وٻرت پاوناڻون
ٿن روپي ٿڙوا اڳي آهي، پونہ وسنن جي وانهوگ ڪري جي اُنهڪ ورلاپ ڪيهن ٿا،
جهالون آهن ۽ در واسنا روپي سمنڊ (جارو) آهي ۽ اُنهڪ وشين روپي ٻاليءَ سان
سمنڊ ٻوٻل رهي ٿو. اهڙي سنسار ساگر ۾ ڦوٽا کائيندڙ جيو آتما کي پار ڪرڻ لاءِ
وراڳ ۽ ٻين ساڌنائن سان يوگ ڪري گيان پراپت ڪرڻو آهي. من کي وشين ۾

شلوڪ ۴. جڏهن منش اِندرين جي وشين ۽ آسڪت لڳو ٿئي ۽ نه
ڪرمن ۾ موهه ٿو رکي ۽ سڀني سنڪلپن جو تياڳ ٿو ڪري، تڏهن هن
يوگاروڙهه [يوگ جي منزل تي پهتل] ٿو چيو وڃي.

يوگاروڙهه جو ارٿ آهي جو يوگ تي سوار هجي ۽ سڀ راز يوگ جا ڄاڻي. گهوڙي جو
سوار اهو آهي جو گهوڙي جي هلائڻ، قابو رکڻ، ڦيرائڻ، لغام هيٺ مٿي ڪرڻ وغيره
سڀ هنر ڄاڻي. رڳو گهوڙي تي وهڻ سواري نه آهي. اهو نه ٻار به ڪري ٿا سگهن
جي گهوڙو ٻڪڙي پوي نه ڪيرائي وجهندس. ان طرح يوگاروڙهه مهاتما اڙا، پنگلا ۽ سـ
ناڙين جي چال جو واقف آهي، سواسن جي هلائڻ جو هنر اٿس، اندرين کي وس ۾ ر
سگهي ٿو، نه نه سنڪلپ وڪلپ دور نه ٿيندس ۽ آتهڪرڻ ۾ شڪ ڪونه ليندس.
جون اندرين ڪو به هٿ ٺڳيون ڪن نه هي پدارٿ پوڳيون. سياويڪ طرح جاڳرت پو
پراپت الوسار مليل پوڳين ٿيون، جيئن پورن گهوڙسوار سان گهوڙو هٿ نه ڪري. يوگارو
اوسٿا وارن ۾ ڪا به ممتا نه آهي، جو هٿ ڪن. سڀ ڪجهه سهج سڀاءِ ٿئي ٿو. شرير
آهي ۽ انکي هلائڻ واري چيتن شڪتي آهي، جا سڀ ڪم ڪرائي ٿي. اهو سمجهي
شرير جي ڪرمن ۾ نٿا ڦاسن ۽ جيئن سياويڪ شرير جي چيشٽا ٿئي ٿي، ليئن هلن ٿا.
شين ڪان هوُ هميشه ٻاهرڪي ٻچائين ٿا ۽ وشين جي پوڳن جي خيالن ڪان بچڻ لاءِ هر و
ايشور يا آتما جو چنتن ڪن ٿا ۽ جو نه من ڪنهن طرف نه ضرور لڳو رهي ٿو ۽ واند و
وهي ۽ خيالن مان ئي ڪرم ٿين ٿا.

(۱) آيوُ: انسان جي عمر نه پل پل ڪري گذرندي ٿي وڃي، جيئن هلن ۾ جا
پاڻي يا ڪچي دلي مان پاڻي نڪندو رهيتو. اِنڪري اهڙي اسٿر ٿـ رهڻ واري و
ٻنيان هوُ نٿا پون. پنهن جي سروپ کي آتما سمجهي شرير کي هٿيار ٿا ڄاڻن ۽ ان ۾ اج
ممتا نٿا رکن.

(۲) جوڀن جواني، شرير جي جواني به هڪ وچتر چيز آهي، جا هر هڪ کي مجه
تي چڙهي ۽ انسان کي لـ آنڌو ٻنائي ٿي ڇڏي. ڪي ڪي ٻاڳوان ان اوسٿا ۾ هوش ڏا
ٿا ۽ ان جوانيءَ کي اُتم ڄاڻي، ان جي شڪتي پاڻ تي نٿا غالب ٿيڻ ڏين ۽ سنڀالي
هلن. جوانيءَ ۾ جن تي پرماتما جو رحم ٿيندو نه واه، نه نه پيا ڪري ٿا پون.

اي جواني ليڏي وڏي مستاني - ڪيچ ايُون دا ڪر ٻسوشا ،
ڪجي جواليان ٽين اڳـي گالـي - هـڻ اس دا ڪي پـرواسا ؟
مـل مرشد لوُن ڪر ڪدلي اُٿا - تي پڪڙلي ڪولي گسوشا ،
سنت رين دل ليري ڌلـوُن - تي رب ٿهين او روُسا (عصر).

جوڀن گهوڙو سجايو آهي، ان بسبب فريد صاحب فرمايو آهي:

جوڀن جاندي نسان ڏرلي - جي شهه پريم نه جاءِ ،
ڪجي جوڀن پـم ٻن - شـڪ ڳعي ڪملاءِ.

هئو. هڪ ڏهاڙي ڪيس هڪ بلڪل غريب ٻڪيو ڳڏيو، جو نديءَ ڪناري ويٺو وڻ
ڪٽي رهيو هو. سنت پڇيس تہ ”ڀائي! ڇو ڪو تورا ڀڳڙا رکي ويٺو آهين؟ ٻيو ٻہ
وڪڻڻ لاءِ رکين تہ هوند چڱو ڪمائين.“ هن چيو تہ ”سائين! غريب آهيان، ڪٿان
آڻيان؟ ٻن چئن پيسن جا ڀڳڙا وٺي ايندو آهيان ۽ اچي وڪڻي ٻہ چار پئسا وڌيڪ
ڪمائيندو آهيان.“ مهاتما کي ان تي دَيا آئي، سو اهو پارس جو ٽڪرو کيس ڏيئي چيائيس
تہ هيءُ اهو ڳڻ آهي جو جيترو بہ لوهہ هن سان لڳندو، اهو سڀ سون ٿي پوندو ۽ تون
اهي پونديون. پر هڪ شرط آهي. مان وڃان ٿو تيرٿن تي ۽ ١٨ مهينن کانپوءِ موٽي
ايندس. ان عرصي ۾ جيترو لوهہ تون سگهين، اهو سون ڪري وٺج. پر مان موٽي آيس
تہ هڪ منٽ بہ وڌيڪ رکڻ لاءِ نہ ملندءِ.“ هن پارس ورتو ۽ خيال ڪيائين تہ ١٨ مهينن ۾
گهر ڇا، پر ساري ڳوٺ کي سونو ڪري سگهبو. مهاتما تہ پارس ڏيئي هليو ويو.
هو لڳو لوهہ ڳولڻ. پڇا ڪيائين تہ ڏٺائين تہ لوهہ ڪجهہ مهانگو ٿي ويو آهي. خيال
ڪيائين تہ اڳهہ لهي تہ وٺندس. وري ڪجهہ وقت کانپوءِ صلاح مليس تہ ڪجهہ رقم ڪٿان
وٺي ٻاهران لوهہ گهراءِ تہ سستو پوندءِ. هن ائين ڪرڻ جو بندوبست ڪيو، پر
ويو گذرندو. هن جو لوهہ ڪونہ آيو ۽ مٿان اچي مهاتما سر ٿي بيٺس تہ پارس موٽائي
ڏي. هو ڇوڙڻ لڳو تہ ”سائين! لوهہ اسٽيشن تي اچي ويو آهي ۽ مون قرض کڻي گهرايو
آهي.“ مهاتما چيس تہ ”اڙي مورک! ١٨ مهينا ڪجهہ نہ ڪيءِ تہ تو جهڙو ڀيلو ڪير
هوندو؟ لوهہ گهڙو بہ مهانگو هو تہ بہ سون جهڙو اڳهہ تہ ڪونہ هو. ٿورو ٿورو ڪري
ها ۽ سون ڪندو وڃين ها. هاڻي مونکي ڏي اهو پارس. تنهنجو بخت مندو آهي.“
اسان جو بہ اهو حال آهي. منش جنم روپي پارس اسانکي ڀڳوان وٽان مليو آهي تہ پنهنجو
اڌار ڪريون ۽ اُن کي سون بڻايون، پر اسين اڄ سڀاڻ ڪندا جنم پيا وڃايون. ڪال اهو
اچي ڏسندو تہ سمي کانپوءِ هڪ سيڪنڊ بہ وڌيڪ اسانکي ملي. پوءِ پڇتائڻو پوندو.
پارس روپي پارس هٿن مان کسجي ويندو، تہ پوءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهبو.

شلوڪ ٦. پنهنجي پاڻ جو مِتر اهو آهي جنهن پاڻ کي پاڻ سان جيتيو
آهي، پر جنهن پاڻ نہ جيتيو آهي، سو پاڻ ئي پنهنجو شترو آهي ۽ [ٻاهرين
دشمن وانگر] شتروپڻي سان ورتي ٿو.

هن اڳئين شلوڪ کي وڌيڪ سمجهائيندي ڀڳوان ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن سڀڪو پنهنجو ئي
متر يا دشمن آهي. جنهن پنهنجو من جيتيو آهي، اهو پنهنجو سڄڻ آهي، پر جنهنجو
من ڪنهن وس نہ آهي، اهو پنهنجو دشمن آهي. پنهنجا ڳڻ يا دوش ئي متر يا ويري
بڻجن ٿا ۽ مڪتيءَ جو ڪارڻ بہ هي پنهنجو من آهي. جنهنجو من وشين ۾ ڦاٿل آهي،
اهو بنڌن ۾ آهي ۽ جو ڀڳوان ۾ يا آتم چنتن ۾ مگهن آهي، اهو مڪتيءَ پرائڻ آهي. مدن
يا مصيبتن کي ٿي هٿي بہ ڏک ۽ پوءِ بہ لوڪ آدي ڏک پرائيم ٿين ٿا. من ئي ڪبضو

ڏوڙاني هيڪاري جيءُ آتما کي وڏيڪ اڻ ساڳر ۾ ٿو ٻوڙجي. پنهنجو من ئي سار کي
وارو مٽر آهي ۽ ٻنڌڻ کان ڇڏائي سگهي ٿو. پر وشمن ۾ آسڪت ٿيل من هيڪاري
کي وڏيڪ ٻوڙيندو ۽ ڪشٽ ۽ ڏڻ ڀدارٿ جي موهه جي ٻنڌڻ ۾ وجهندو.

هڪ نديءَ جي ڪن ۾ ٻوڙي اچي وڃي ته ڪهڙي مشڪل پيدا ٿيندي آهي، سو هي س
جنهن ۾ انيڪ سمنڊ اچي ٿا وڃن، اڻ جي ڪن کان ڪيئن بچي سگهبو؟ ساري
ڪڏهن ڪنهن سنبنڌيءَ جي سک دک ۾، ڪڏهن ڪنهنجي دک سک ۾ جيءُ لڳو
ٿو ۽ اڻ رڳو ڀٽڪندي ڀٽڪندي آيو پوري ڪري هليو ٿو وڃي ۽ ٻئي غم ۾ و
پوندو. اسانکي هن ئي جنم ۾ اڻ سنسار ساگر کان پار اُترڻو هو. پر اسين سارو منش
اُلين ئي ونڙٽ وڃائي دکي ٿي هليا ٿا وڃون. ساڌن سنتن جو سنگ ڪري، و
۽ ويراڳ سان سڀ ٻڌي حاصل ڪري، هن ساگر کان پار ٿيڻ جو يتن ڪرڻ ئي منش
جو مقصد آهي، نه ته غوطا کائي ٻڏي ۽ لڙهي وڃبو. جنهن جو من شڀ ڪرمن ط
لڳي ٿو، اهو ئي من هن جو ڏوست ۽ مٽر ٿي، ڪلياڻ جو هٿيو ٿي ٿو، پر جي اڻ
کي بري طرف لڳائيو ته اهو وڏي ۾ وڏو دشمن ٿي، اهڙي اوڙاهه ۾ هٽندو، جتان اُ
جنمن ڪاڻين نڪري منش ٿي پائڻ ناممڪن ٿي پوندو، موڪش کان دور رهبو. ج
من آشائن ۽ ترشنائن کان صاف ٿيو آهي، اهوئي شڌ ليکجي ٿو. وچار مالها گ
آيو آهي:

نِـدي آشا، شڀ آشيَ تٽ (ڪنارا) - پـوري منورٿ نير (پاڻي)،
ترشـنـا اُمـٽ تـرنگ جِـنهِـن - ڀـرم ڀـنـوڙ گـنـڀـيـر،
راڳ آدڪ جـل جـنـت ڀـهـه - چـنـتـا ڀـر ٻـل ڀـرواهـ،
ڏرڌ تـرو هـرتـي تـوڙ لِـنهِـن - وبـڌ مـر مـن آهـ.

آشائن روپي ندي آهي، جنهن جا چڱابن ۽ براين روپي ٻه ڪنارا آهن. اُها
ڪلپنائن روپي جل سان ڀرپل آهي. وڏيون وڏيون ترشنائون اُن جا ترنگ آهن ۽
روپي اونها ڪُن الس. راڳ دويش روپي مانگرمڇ ۽ ٻيا جيوَ اُن نديءَ اندر اُنيڪ
چنتا، جا رات ڏينهن لڳي پئي آهي، سا ڪڏهن ڪنهن ڳالهه لاءِ ته ڪڏهن ڪنهن ٻ
واسطي، اهو اڻ نديءَ جو وهڪرو آهي، جو بلڪل لڪو آهي، جنهن ڪري ڌيرج
وڻ، جهڙڪي ڪنارن تي آهن، اهي ڪري ٿا پون. ڪوي چوندو ته اهي سڀ ڳال
منهنجي من کي دکي ڪري رهيون آهن.

اهڙيءَ نديءَ يا سنسار ساگر مان پار ٿيڻ لاءِ من ٻڌي انتهڪرڻ جي شڌتا
ضروري آهي، جنهن وسيلي آتما جو آخر اُڌار ٿيندو. اهوئي ڀڳوان جو اُپديش آ
اهو ترت ڪرڻو آهي، نه ته اڄ سڀاڻي تي رکڻ سان عمر هلي ويندي. ويل وڃي ته
هٿ ٿا پوندا.

هڪ مهاتما ڏيالو سنت هو. وٽس هڪ پارس جو ٽڪرو هو. اهو ڪٿي هو

من معتنگ مائي لهن- جب لڳ خطا نه کاءِ
جئسي وڏوا استري- گرڀ هوءِ ٻچاءِ.

جيستائين من روپي هاڻي دوکو نه کائيندو، اوستائين نه سڌرندو، جيئن وڏوا استري ن ٻچائيندي، جڏهن کيس ڏاڙلي پرش مان گرڀ ٿي ويندو، نه ته پيٽ لڪي ڇپي ون ڪندي. هيءُ من مرندو گروءَ جي شبد جي ابياس ۽ لڳڻ سان ۽ جڏهن هر وقت ن چوڪسي رکبي.

شلوڪ ٧. جن پنهنجو من جيتيو آهي، تن راڳ، دويش آدي وڪارن ن دور ٿي شانت پد کي پراپت ڪيو آهي. اُهي سرو ۾ ايشور (برهم) ٿا ن ۽ سردي گرمي، سک دک، مان اپمان [مخالف جوڙن] ۾ هڪ سمان ۽ ڪان رهن ٿا.

هن ۽ هن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان يوگاروڙهه مهاتمائن جا لڇڻ ٿو ورنن ڪري. اُهي ماڻون پرماتما کي آڪاش وانگر سرو وياپڪ سمجهن ٿا. جيئن زمين جي ذري ذري ون آهي، پاڻيءَ جي ذري ذري ۾ مٽي يا پيو ڏالو آهي، ڪير جي ذري ذري ۾ آهي، تيئن سرو ۾ برهم آهي. هاڻي آڪار ۾ وڏو آهي ۽ ڪٿلي ننڍڙي، پر پرماتما ي ۾ هڪ سمان آهي. شريرڪ شڪتي ۽ انتهڪرڻ جي صفائي هر هڪ جي جدا جدا ، پر چيتن شڪتي يعني برهم مثل، جانور، مڇر، ڪيڙي سڀني ۾ هڪ سمان آهي. ١. اهو پر برهما، وشنو ۽ شو ڀڳوان ۾ ا. ساڳي چيتن شڪتي آهي، نه گهٽ، نه وڌ. جن ڙي شڪتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا سڀ انتهڪرڻ جي صفائيءَ جو نتيجو آهي. جيئن ءَ جي ستا سڀني لمپن يا ٽيوبن ۾ ساڳي آهي، پر هر هڪ بلب يا ٽيوب جي شڪتيءَ صفائيءَ انوسار روشني ڪنهن بلب ۾ گهٽ ۽ ڪنهن ۾ وڌ ٿئي ٿي. شانتيءَ کان سواءِ تري ۾ شڪتي هجي نه ونرمع آهي. رڌين سڌين مان شانتي حاصل ڪرڻ بدران همڪاري ڪار وڌي ٿو ۽ گيان مارگ ۾ رڪاوٽ پوي ٿي. سواس جو جاپ (اجپا جاپ) ٿي . شڪتي ڏئي ٿو. ڀڳوان ڪرشن سورهن ڪلا سمپورن اوتار هو. شري رامچندر ١٤ ڪلا ر جو ويو آهي. پرشرام ۽ گرونانڪ ڏهن ڪلائن وارا اوتار هئا. ڪلا جو مطلب آهي ڪتي، سڀ جيو (مثل الوا پسون، پکي وغيره) پنجن ڪلائن (پرٿوي، جل، وايو، ي ۽ آڪاس) وارا ٿين ٿا. ڪن منشن ۾ ٦ ۽ ڪن ۾ ٧ ڪلائون به ٿين ٿيون. ڀوگ نائن ۽ سماڌيءَ جي بل سان اهي ڪلائون وڌائي سگهجن ٿيون. اها شڪتي ڌارمڪ ن لي وڌي ٿي ته ڪڻ روپ ٿئي ٿي. شراڌو ۾ ڌارمڪ بل اچيو ۽ هو پاڻ لي پنهنجي جو الر ڪري ٿو سگهي. جيئن سنا گروءَ ۽ شش ۾ ساڳي آهي، پر گروءَ جي انتهڪرڻ شڌي گهڻي هئڻ سبب کيس آتمڪ بل جهجهو آهي. اهو بل هو شش کي ڏئي ٿو ۽ ، پاڻ جهڙو بڻائي ٿو. پر بل ڏيو ٿي پئي ڏئي کي ڀاري سگهندو. الپ ڪلائن وارا

نه آهي نه هوءَ نت نوان پاپ ۽ برائين جا خيال ڪري ٿو. جي اسين هڪدم من کي
ڏيون نه هوند برائين طرف ڪين وڃي ۽ آخر اسان جو دوست ٿي پوي. راجا جو مد
جي راجا جي ڊپ ۽ ادب ۾ نه آهي نه ضرور راجا جو دشمن ثابت ٿيندو ۽ راجا کي
ڪرڻ جا پڻ پچائيندو رهندو. جي وزير نيڪ آهي نه هو هميشه وس پڄندي راجا
ڀلائي ڪندو ۽ سک روپ ثابت ٿيندو. سنسار سنڪلپ مان ٺهيو پيو آهي. جهڙ
جو سنڪلپ، اهڙو ئي اسان لاءِ سنسار ٿي پوي ٿو. من کي جيترو پاپ طرف ڪڍي و
اوترو اسئول ٿي ۽ آخر وڃي ٿي، اهڙيءَ جڳهه اڇلائيندو، جو ان جهڙو مها وڃي پو
ليندو. ان جي مت ٿي هلڻ جڻ نانگ کي ڪمر پيار ٿيو آهي، جو ضرور ڏنگ هڻ
اهڙن جيون جا پران جڏهن شرير کان جدا ٿين ٿا، تڏهن انهن کي پر جا دوست ڏاڍا ڏک
ڏين. جيئن ڪمند کي گهاڻي ۾ پيڙي رس ڪڍبي آهي، تيئن هنن جي شريرن مان
ڪڍن ٿا. من صاف ۽ سڌو ٿي پوي نه ان جهڙو ٻيو دوست ۽ مددگار ٿي ڪونه آ
اهو ئي من مهاتمائن جي سيوا ڪري ٿو ۽ اهو ئي وشمن ۾ پوي ٿو. من کي جهڙو ر
لائبو، اهڙو هن کي لڳندو. جيئن جل ۾ جيڪو رنگ وجهبو، اهڙي رنگ جو ٿي پو
استرين ۾ لڳو نه استري ٿي پوندو ۽ پرشن جو سنگ ٿيس نه پرش. سڌن ۽ ساڌن
سنگ ۾ آيو نه ساڌو مهاتما ٿيندو ۽ جي ڀين ۽ ڪوڙن ماڻهن جو سنگ مليس نه پرو انسا
پوندو. ديوتائن جي سنگ ۾ ديالو ۽ ديش ڀڪت، ظالمن جي سنگ ۾ ظالم ۽ ڪ
روپ. ڪمزوريءَ ۾ آيو نه ارجن وانگر ٻلوان هوندي به ڌنش ٻاڻ اڇلي ڇڏيندو. شع
آهس نه ساري برهمانڊ جو آڌار برهما، وشنو ۽ مهيش به هيءَ من ئي آهي.

اسٽر هووي نسو آتما - چنچل هي من روپ،
دولون لکڻ ايڪ ٻ- ايهي اچرج انوپ.

من اهڙو نه پرٻل آهي جو ڪن ۾ آڪاس ڪڍي وڃي ۽ ڪن ۾ هيٺ ڪيرائي ڦٽو
ڇڏي. سورج جهڙي پرڪاش وارن مهاتمائن کي اهو ئي من هڪ ٽانڊاڻو ٺاهي ڇڏي.
چمڪار ان پرش جو ڪم ئي نه وڃي. جيڪي پورنماسيءَ جي چنڊ وانگر هئي چم
اهي من جي چوڻ تي لڳي ڪريا نه تارن وانگر رکو ٽمڪ ٽمڪ ڪرڻ لڳا. سب ٿيع
جو نصف ئي وڃي ٿو. جي سمنڊ جهڙا گهرا ۽ گنڀير هئا، اهي ڊٻي جي پاڻيءَ وان
ٿا پون. وڏا وڏا سورما ڪائر ٿيو پون ۽ هارائي ٿا وڃن. جن جي ماکيءَ جهڙي
واڻي هئي، اهي برائين ڪري زهريلا پيا لڳن ۽ ماڻهو هنن کان ڏور ڀڄڻ جي ڪ
ٿا ڪن. شير وانگر گجڻا ڪنڌ من جي وس ٿي برائين ۾ لڳجي ڪري ڪنڌ ٿي پيا.
اساڌ پاڻ سڀ من جي وس آهي. پراڻهه ڪال هميشه ايشور در اها پرارٿنا ڪجي نه
پرڀو! منهنجو من هميشه توهانجي چرنن ۾ لڳايو رشين منين، پڪتن پڪتياڻين اهو ئي
... کان هر وقت گهريو آهي، ٻيو ڪجهه نه گهريائون. پرو ڪرم ضرور من کي مرو
اهڙ... من ... ڪ...ليندو.

اهو ناممڪن آهي جو سڀ ڪجهه اسان جي مرضيءَ موافق ٿئي. ڇيري ڪان ڀڄبو ته
و نه هميشه رات هجي، چڪرو وري چاهي ٿو ته هميشه سورج ڪڙڪ هجي، پر ڀوڳي
ڄاڻس ٿا ته سڀ سنسار جو چڪر قاعدي ۽ پرماتما جي حڪم انوسار آد ڪان هلي
آهي ۽ هلندو رهندو، اسان کي رڳو ساکي ٿي ڏسڻو آهي ۽ جيڪي ٿيڻو آهي، سو
ٿيندو.

شلوڪ ٨. جنهن يوگيءَ جو من گيان ۽ وگيان سان ترپت ٿيل آهي؛
س ٻڌي استر ٿيل آهي ۽ اندريون سندس جيتيل آهن، سو پٿر، پٿر ۽
کي هڪ سمان ٿو ڄاڻي. هن کي ڀڳوان سان يڪت ڄاڻڻ گهرجي.

ڀڳوان جي هن شلوڪ ۾ آگيا آهي ته گيان ۽ وگيان پراڻي من کي ترپت ڪريون.
يءَ ۾ گيهه وجهي آشا رکجي ته اگني ترپت ٿيندي؛ اهو ناممڪن آهي. ان طرح
ن ڀوڳن ۽ چاهنجي ته من ترپت ٿئي، اهو به ناشدني آهي. اسان جي انتهڪرڻ ۾
جنمن جو واسنائن ترشنائن روپي مٽي پيو آهي. اهو گيان سان دور ٿيندو ۽ وگيان سان
ن ترپت ٿيندو. گيان جو مطلب آهي شاسترن پراڻن جي سکيا ۽ وگيان معنيٰ اپروک
معنيٰ آتما جو انڀو. جيڪو سماڌيءَ مان ملي ٿو. انهن ڪان سواءِ ڪٿي سرڳ لوڪ، برهم
نالين ۾ ڪو وڃي ته به شانتي نه ايندي ۽ ترپتي نه ٿيندي. دنيوي پدارٿن مان ته
رڌين سڌين مان به ترپتي ڪانه ايندي. قارون جهڙا خزانا ڪنهن کي هوندا، پر هو
پت نه ٿيو. قبرن کي کوٽائي انهن مان مڙدن جي والن ۾ پيل پئسا ڪڍائي ڪنا
و هو. سڌن وٽ بيحد رڌيون سڌيون هيون، پر هو به ترپت نه هئا ۽ پنهنجي پنٿ
جي ترشنا ۾ لڳا رهندا هئا. گرو نانڪ ديو جڏهن سمير پربت تي ويو ته گورکناٿ
اوچ اوستا ڏسي چاهيو ته هو به سندن پنٿ ۾ اچي. جيئن سنساري لوڪن ۾ ڏندي
جي چاهنا هوندي آهي، تيئن پنٿ وڌائڻ جو شوق به ترشنا آهي. اهڙا ڀوگ
ندي ۽ من ترپت ۽ شانت نه هوس. پر گيان ۽ وگيان جي اهڙي مهما آهي، جو
سڪوڻي - ٻڌ گيانوان فقير پرماتما جي ڏني ۽ ڪٿي ڪي ترپت آهي ۽ هٿ ۾ ڪٿي
امي جو پئسو به نه هجيس ته به پنهنجي پيٽ ۾ اندر ديو کي به هڪ رنڪ ٿو سمجهي
کي شاهن جو شاهه! اهڙي طاقت گيان ۾ آهي. اهو گيان ستگوروءَ جي ڪرپا ۽ شيوا
سان ملي سگهي ٿو. ترپتي حاصل ڪرڻي به هن جنم ۾ ٿي آهي. اسانکي ته پرماتما
يءَ جو مالڪ بڻايو آهي ۽ الاهي خزانو سونپيو آهي. گيانوان ان مان آنند پائي ترپت
. بين جا اهي خزانا بند ٿي رهجي ٿا وڃن. اهڙا گيانوان پرماتما سان مليل سمجهڻ
ن.

شلوڪ ٩. جيڪو سهردن، مترن، شترن، اداسين (ڪنهن جو به پاسو نه
ن)، وچولن، مخالف ڌر وارن يا ويهر رکندڙن، اپڪار ڪندڙن،

سنت مهاتمائون ٿا ٿين . اِن ڪان مٿي ڏهن ڪلائن وارا اهڙو روپ ٿا ٿين ۽ اِن ڪان م
۽ ساڪيات وشنو ڀڳوان جا روپ ٿا ليکجن .

ٻيو لڇڻ انهن ٻرگاروڙهه مهاتمائن جو هن شلوڪ ۾ ڏيکاريل آهي ۽ هو راڳ دويش
دُور ٿي شانتي روپ ٿين ٿا . هنن جي شانتي ڪا ٻاهرين ڪاڻ ٿي ٿئي ۽ نڪي ڪ
پڙهڻ مان ٿي اچي ، پر پنهنجي اپاسنا جي ٻل سان ملي ٿي . ڪيترا پرش ٻاهرين شانت
سان ٻاهران سماڌيون لڳائي ، لوڪن کي دوکو ٿا ڏين ۽ هو هنن کي سچو مهاتما سم
پوڄين ٿا ۽ پر هنن جو ڪپٽ آخر ظاهر ٿيو پوي . گرو نانڪ صاحب ڪيترن اهڙن ڪ
مهاتمائن جا پول پڌرا ڪري ، ڪين سڌيءَ رستي تي آندو . پنهن گرن وقت ۾ اهڙا گهڻ
مثال ٿيا . ٻاهرين شانتي ۽ بگلا ۾ ڏاري ٻيهن ٿا ۽ ڪا مڇي لڳي ۽ جهٽ هڻ
مڇي کا ڏسن ٿا ۽ يڪدم من ۾ اڙڪ ٿي ٿئين يعني هنن جو من ڪڏاچت شانت ۽ آ
سچي شانتي ۽ اندر ديوتا کي ۾ نه آهي . اُها ۽ رڳو سچن مهاتمائن ۽ سنتن کي ٿئي
جنکي گيان جو پرڪاش ٿيو آهي ۽ پنهن اپاسنا دوارا جن جو انتهڪرڻ شڌ ٿيو آهي .
ڪي سرڳ آدي سک ۾ ٻيچ ٿا لڳن ۽ نڪا لالچائين . هنن جو من لاڀئي نڪو . هو گر
سردي ، مان اپمان ، دک سک سڀ ۾ سمان ٿا رهن ۽ ڇو ۽ هو ڄاڻن ٿا ۽ اهي سڀ
جي پرارٻد آهن ۽ پاڻ ۽ آتما آهن ، جو ست چت آنند سروپ ۽ نروڪار آهي . هو
کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسن ٿي نڪا . اهڙي شانتي وڏن پنهن جو ٿل آهي .

ٽيون لڇڻ هن شلوڪ ۾ جو ڀڳوان ورنن ٿو ڪري ، اهو آهي ۽ هو "پرماتما سماه
آهن . هنن لفظن جو ساڌارڻ ارٿ آهي ۽ هو سڀ ۾ برهم ڀاءُ رکن ٿا . ٻيو ارٿ آهي
هنن جي سماڌيءَ جي وشيه پرماتما آهي . هو سماڌيءَ ۾ اهو آنند ٿا پائين ، جو پرمات
آنند آهي . سماڌيءَ مان اٿڻ وقت هو اهڙي ۽ خوشي محسوس ڪندا آهن ، جو پرم
کان ۾ اوچي آهي . اهڙي پرم خوشي ڪن ۾ وشين جي ڀوڳن مان ڪنهنکي ۾ ۽
آهي . سماڌيءَ ۾ ۽ نه استري ۽ نه ڌن پدارٿ جو سک آهي ۽ نه ڪي رتن موتي ،
جواهر ، زمينون جاگيرون يا راجائي اٿوا سرڳ جا سک آهن ۽ پر اُن هونديءَ ۾ سماڌي
جا خوشي ملندي ، اُها ساري برهمانڊ جي سڀني سکن مان ملندڙ خوشيءَ کان گهڻو گ
اوچي درجي جي آهي . اِها خوشي خود پرماتما آهي ، جنهن کان مٿي ٻيو ڪجهه ۽
نڪو سگهي .

ڪا شيءِ ڪانبي آهي ، اُن وقت جي ورلي ٻئي طرف هوندي آهي ۽ ڪالڻ ڪا
چنبو آهي ۽ ڪاڏم ۽ سهن ، پر سواد جو خيال نه رکيو . سماڌيءَ ۾ ورلي اسٿت ٿئي
آتما جو عڪس اُن ۾ پوندو ۽ آتما جو آنند اُن ۾ ١٦ آنه پورو پرتيت ٿيندو ، جنهن جو
آنند ٻيو ڪونه آهي . اُن ڪري اڳي رشي مني ورهين جا ورهيه سماڌيءَ ۾ ويٺا هو
هئا . پرماتما جو اُنڀو ڪرڻو آهي ۽ سماڌيءَ ۾ پرماتما جوڙلي ڏيان هڻڻ گهرجي ۽ الـ
نهد شبد پڌجي .

ڀڳوان ٧-٨ ۽ ٩ شلوڪن ۾ يوگارُوڙهه مهاتمائن جا لڇڻ ورنن ڪيا. اڳتي هلي ٢٣ شلوڪن
جو وستار سان ورنن ڪندا.

شلوڪ ١٠. يوگيءَ کي هميشه من استر رکي چت جي ورتي ايڪاگر
جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي؛ ايڪاايڪي ٿي (گهر ڪٽنب کان ويراڳ
اڪيلي استان ۾) يَت چت آتما (من، شرير ۽ اِندرين کي قابوءَ ۾
، آشائن ۽ دنيوي پدارٿن مان ممتا (لوڀ لالچ) دور ڪرڻ گهرجي.

هن شلوڪ ۾ "چت" لفظ جو ارٿ انتهڪرڻ آهي ۽ "آتما" جو مطلب آهي شرير
سميت. انتهڪرڻ ۾ من، بڌي، چت ۽ اهنڪار سڀ ئي اچي وڃن.
يوگ ابياس ڪندڙ پرش جيڪڏهن نورتي مارگ ۾ آهي ته ڪنهن ايڪانت واري
(جبل جي غار وغيره) ۾ وڃي ڌيان ۽ سماڌي لڳائي ۽ سنسار جي سڀني پدارٿن
ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪو گرهستي ماڻهو جو ابياس ڪرڻ چاهي ته پنهنجي
ٿي ڪنهن ايڪانت واري ڪمري ۾ يا آس پاس ڪنهن نديءَ يا تلاءَ جي ڪناري
جي اهڙيءَ جاءِ تي ڪري سگهي ٿو. يوگ جو ابياس نيم سان روز ڪجهه نه ڪجهه
اءِ ڪجي ۽ اهو وقت وڌائيندو رهجي. اميدون، آشائون يا ڪامنائون ۽ لالچ
ڇهڙا ۽ آشانت نيون ڪن ۽ شانتيءَ ۽ آتم گيان جون ويريائيون آهن. ڪجهه به
ڪرڻ جي لالچ نه رکي، اهڙو خيال به دل ۾ نه آڻجي، نه ته من هميشه پيو انهن جي
رڪيا لاءِ ڊوڙندو. سڀني ساڌن ۽ يوگين کي ته ڪي به پدارٿ اصل نه ڪٺا ڪرڻ
. هنن کي ڀروسو هجي ته گهرج وقت ايشور سڀ ڪجهه پائيهي ڏيندو. جي پرارٻڌ
هن وٽ ڏن اچي ٿو ته ڏهه روپيه آمدني هجي ته ٻارهن جو خرچ لڳو رهي، جيئن
جو تالو به نه رهي. ٿوري ۾ چئجي ته (١) هميشه ايشور جي ڌيان ۾ رهي، (٢) ايڪانت
ي، (٣) ڀڄن سماڌيءَ وقت بلڪل اڪيلو هجي، (٤) انتهڪرڻ صاف رکي ۽ شرير
ان کي جيتي، (٥) ترشنائن ۽ آشائن کان آجو هجي ۽ (٦) پدارٿن کي ڪٺو نه ڪري.
جو هنن مطلب ڪو ڀيک ڌاري جوڳي نه آهي، پر سچي يوگ ۾ لڳل يوگارُوڙهه مهاتما.
سنساري ڳالهين ۾ به ڏسبو آهي ته جن پدارٿن ۾ گهڻو پريم آهي، انهن کي پرچبو آهي
انهن جي سواد ۾ ورتي لڳي رهندي آهي ۽ جيڪو آنند يا مزو جوانيءَ ۾ انهن مان
ن، اهو پوءِ به ياد رهندو. يوگارُوڙهه مهاتمائون به ان ريت پنهنجو چت هميشه آتم
وسعت رکن ٿا. سماڌيءَ ۾ جو هنن ايشوري آنند پاتو آهي، اهو ڪين سماڌيءَ کان
هو وسري ۽ ان آنند جي ياد ۾ هر وقت هوءُ محو رهن ٿا. مطلب ته آتم چنتن ٻيا
ه به هوءُ ورتيءَ ۾ اچڻ ئي نٿا ڏين. يوگ ۾ ڪري پوڻ جا گهڻيئي ڪارڻ آهن.
به ڪوشش ڪري ڪمائين ٿا. هوءُ ڪو سرڳ مان ڪونه ٿا اچي ڪمائين، پر هوءُ
جدا جدا اِندرين جا ديوتا ئي وٺل آهن، جنهن جو ذڪر مٿي آيل آهي. اهي ديوتائون

دوستن، ڀلن پرشن ۽ پاپين سڀني کي سمان سمجهي ٿو، سو سڀني ک
سريشٽ آهي.

سهرد جو مطلب آهي جو بنا مطلب يا غرض جي، ڪنهن به سنبنڌ کان سواءِ ۽ ب
ڪنهن سان به ڀلائي ڪري ۽ ڀلائيءَ جو ڪو به بدلو نه چاهي.

وچولن جو مطلب آهي جو ڪنهن جهڳڙي، وادوواد ۾ ٻنهي ڌرين جو ڀلو چاه
هجي. يوگارُوڙهه مهاتمائون جاڻن ته سڀ ڪجهه ٿا ته ڪرم دوست آهي، ڪرم دشم
ڪرم چڱو آهي ۽ ڪرم برو، ڪرم پاپي آهي ۽ ڪرم پني ۽ سڌن بنڌي بلڪل سوڪ
ٿيو آهي ۽ سڀ ڪنهن طرح جي پرک رکي ٿي ۽ پر جو سر پاڻ ۾ رهن ٿا يعني سڀهي
پرماتما يا پنهنجو پاڻ جاڻي سڀهي سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪن ٿا. پرءِ ڪٿي ساڌن ڪر
رکي يا شترتا. جيڪو اڃا يوگارُوڙهه اوستا تي نه پهتو آهي يعني اڃا اروڙڪسور آهي
ان راه جو جگياسو ٿو ليکجي. ان لاءِ آهو آهي ته چئن پرڪارن جا ساڌن ڪري: ڪر
مئتري، مدتا ۽ اپيکيا.

ڪرونا:- دکي پرشن، دکين، غريبن تي دَيا ڪري.

مئتري:- جيڪي پاڻ برابر هجن انهن سان مترتا رکي ۽ پاڻ سمان جاڻي ڪمن ۾
مان ڏئي.

مدتا:- ڌرماتما پرشن، ساڌن مهاتمائن کي ڏسي خوش ٿئي، ٻين کي ڌرم الو
ڪر ڪندو ڏسي راضي ٿئي ۽ شڪر ڪري.

اپيکيا:- ٻرن پرشن ۽ ڪنيءَ سنگت کان پري رهي. اهڙن ماڻهن سان ڪو به وا
نه رکي. هنن لاءِ اهي چار ڳالهيون ضروري آهن ۽ جو ته سڌن انتهڪرڻ اڃا اُن صفا
تي نه پهتو آهي، جو ڀلن ۽ برن کي سمان جاڻن.

يوگارُوڙهه مهاتمائون ته ٻين کي به برائي کان ڇڏائي ڀلو بڻائي ٿا ڇڏين. پاڻي بدا
مشهور ڌاڪو هو، پر شري هرگوبند صاحب جي شرڻ پيو ته گروجن کيس نهال ڪـ
ڇڏيو ۽ هو اهڙو ته سڌن پيارو ٿيو، جو چوٽي مشهور هئي ته "بدهچند ڇيما، گرو
سيما." ڇيما سدس ذاتي هئي. گروجن هن کي مهاوير جو خطاب ڏنو، جو هن بلد
ڏکيا وڏا ڪم ڪيا، جيئن شري رامچندر جي آتيه شيوڪ هنومان ڪيا هئا. سو
جيئن سون کي سوڌي شڌ ٿو بڻائي، تيئن سنت مهاتمائون ملين انتهڪرڻ وارن کي
اوجل بڻائي ٿا سگهن. والميڪ جهڙو ڌاڪو به سنت رشين جي اپديش ڪماڻ سان مهر
ٿيو ۽ اهڙي شڪتي پاتائين جو هزارين ورهيه رام اوتار کان اول هن رامچندر جا چر
سنسڪرت ۾ لکيا، جي راماڻ جي نالي سان مشهور آهن. ڪاري ڪرتلي والڪر جو
هن ۾ اڪيي پرکهت ٿي ته هيري جهڙو اتم ٿي پيو. ۹ اڌياءُ ۾ ڀڳوان صاف چيو آهي
جو نهچي ڪري پاپي آهي، دراچاري آهي، پر من ۾ جوت لڳي اٿس ۽ منهنجي
وٺي ٿو، اهو منهنجو ڀڳت آهي ۽ ترنت شانتي پائي ٿو.

صاف ۽ ٻوڙ جڳهه جو مطلب آهي گنگا ڪنارو، رڪمڪيش، اتر ڪاشي وغيره هنڌ،
اويڪ طرح ٻوڙ آهن، ۽ نه مٽيءَ ۽ جيڪي سان ڀريو ٻاٽل زمين هجي، فرش لڳل هجي
جاءِ کي به ڌوئي صاف ڪجي. هن جو اهو به مطلب آهي ته ان جڳهه تي ٽانگن،
وغيره جو يا ٻين ڪو ڊپ نه هجي ۽ نه ڪو وڪيهن وڇوڻ وارو دشت ٻرش يا
هجي. هرويرو ڪو امرمع اسٿان ضروري نه آهي. جڳهه پوريءَ طرح سڌي هجي،
سان نه هجي. آسڻ لڪي تمام مٿي ۽ نڪي تمام هيٺ هجي. اڳي اول ڏڀن جو گاهه
۽ مٿان هرڻ، ٻگهڙ يا شينهن جي کل رکي، ان مٿان هڪ ڪپڙو وڇائي آسڻ ٺاهجي.
جن ان لاءِ ضروري آهن، جو پرٿويءَ ۾ جا ڪشش آهي، اها شريرتي اثر نه ڪري،
چنچل ٿيندو ۽ ڌيان پر نه لڳندو. اهو آسن ڀڳوان سنياسين لاءِ چيو آهي. گرهستي
ڪري سگهن ته ڪيهن صندل يا ڪاٺيءَ تي به آسڻ ٺاهي وهن، جو ته ڪاٺ ۾ به ٿوري
شڪتي آهي. شاسترن ۾ آيو آهي ته يوگ ڌيان ۾ پرورمه نبڻ اهڙي قدر ته فلدائڪ
جو هزارين اشومير يڳين يا سوين راجسي يڳين ڪان سورهن دفع وڌيڪ آهي. يڳين
رويه خرچ ٿين ٿا ۽ ڏک ڪشٽ سهڻا پوندا پون ۽ ٻين وڪهن سماپت ڪرڻ لاءِ انيڪ
ڻ ضروري ٿين ٿا، پر يوگ ۽ ڌيان ۾ نه ڪو خرچ، نه تڪليف، نه پاپ ۽ نه ٻيو
ب ته وڏي ٻوروڪ نه لڳي ته نقصان ٿيندو، ڦل به اڻاهه. ٻراٿهه ڪال جو يوگ ڌيان
وڏو فلدائڪ آهي.

شلوڪ ١٢. اهڙي [مٿي ورنن ڪيل] آسڻ تي ويهي چت ۽ اندرين
فجم ۾ رکندڙ پرش پنهنجي من کي ايڪاگر ڪري انتهڪرڻ جي شڌيءَ
ڪ ابياس ۾ لڳي.

شلوڪ ١٣. شرير، مٿي ۽ گردن کي سڌو، اچل ۽ اسٿر رکي، هيڏي
نه نهاري، پنهنجي نڪ جي چوٽيءَ تي نظر ٽڪائجي.

هن طرح ويهي سواس سان گر منتر جو اجپا جاپ ڪري. هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان
ويهي يوگ ڪمائڻ جي وڌي ورنن ٿو ڪري. پوريءَ طرح آسڻ ٺاهي، ان تي
اول اول من جو نزوڌ ڪرڻ گهرجي، يعني اپر سمسا، واسنائون، ملين خيال، سنڪلپ
وغيره اٿن ٿين ٿا، اهي سڀ دور ڪري ۽ وساري پنهنجي چت کي وس ۾
اندرين جون به سڀ ڪرياؤن (هٿن جو پسارڻ، پيرن جو هلڻ، اکين جو ڏسڻ
بند رکي، جيڪا نه اهي اندريون آهن تي ڪرن. جيئن ڪڇڙ وقت تي سڀئي
ٻاڻ ۾ سميٽيندو آهي. جڏهن ڪيهن دشمن سان مقابلو ڪرڻو هوندو آهي ته ڪوشش
هن جا چارئي طرف بند ڪيا آهن، تڏهن هي من ته ڀاري دشمن آهي ۽ ان ٻناڪوءَ
ڪرڻ لاءِ ڀاري انتظام، وڏي ادم ۽ سادنائن جي گهرج آهي. سڀ ڀلاورمه اڳمه
، پوريءَ طرح آسڻ تي ويهي، يوگ ابياس ڪرڻو آهي. ڦل جي اڇا نه رکي، رڳو

سمجهن ٿا ته انتي ڪرڻ سان ٻوڳي لوڪ ڪين ڀيٽهجي اڏيسن ڪندا، جهڙن راڄن، سور
چندرما، اگنيءَ وايو وغيره ڪيترن ديوتائن کي وس ۾ ڪري، هنن کان شيوا وٺندو ه
ڪسنگ کان ته پاڻ بچائڻ ضروري آهي، نه ته وڏيءَ پدويءَ وارا به ڪري پون ٿ
گوپيچند کي جڏهن سندس ماتا ڀوڳ ۾ وجهڻ لاءِ چيو ته ڪيس ٽي هدايتون ڏنيون هئائو
" (١) هميشه قلع ۾ رهج، (٢) هميشه مٺا پڪوان کائج ۽ (٣) هميشه سيج پلنگ
سمهج." قلعو، مٺا پڪوان ۽ سيج پلنگ فقيريءَ ۾ ڪٿان ايندا؟ گوپيچند ته حيران
ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "ماتا! مان ته جوڳي ٿي جهنگلن ۾ پيو ڦرندس، اتي اهي ڳالهيون ڪ
ملنديون؟" ماتا سمجهايس ته "بچا! ستسنگ ئي هڪ سچو قلعو آهي، هر وقت اتي رهـ
ڪڏهن به ڪسنگ نه ڪج. مٺن پڪوانن جو مطلب آهي ته جيڪي پڪوان ڀراوند الو
ملن، سي ٿڪ وقت کائجن. اهي ان وقت امرت کان به مٺا ٿا لڳن. سيج پلنگ
مطلب آهي تـ جڏهن بلڪل ٿڪجي ننڊ اچيئي، ان وقت سمهج. توکي ان وقت ٻ
لي سمهندين ته ٻه جڻ سيج پلنگ تي ستل هوندين. ٻيا ننڊ جي اڄايو سستيءَ ۾ هـ
لي ته ليٽج." اڪيلائي ۾ ڀوڳ لاءِ ضروري آهي، ڇو ته ورلي اسٿت نه لهندي. لـ
شاستر ۾ به آيو آهي ته ڀڄن وقت اڪيلو هئڻ گهرجي ۽ پڙهڻ وقت ٻه شريڪ هجن، ڳالـ
ٿي هوندا ته رس ايندو، پرديس ۾ وڃڻ لاءِ چار دوست هجن، ته سفر ۾ مزو ايندو، ز
جي کيتي ڪرڻ ۾ ڀڄن جي ضرورت ٿي ٿئي، پر ۾ ته هزارن لکن جو ڪم آهي ۽
لوڪن جو. ترشنا ٽي سڀ وڪار جاڳائي ٿي، انڪري من، شرير ۽ اندرين کي پور
طرح وس ۾ رکڻ ضروري آهي ۽ جيڪي شرير جي پراربڌ انوسار هلي، ان تي راضي
ڀوڳ ۾ اسٿت رهجي. نه فقط ترشنا نه هجي پر ڪنهن ٻئي لاءِ اڀرشا به نه رکجي.

ڪاهوُن ڌيهي پات پتمبر- ڪاهوُن پلنگ نوارا،
ڪاهوُن گري گودڙي ناٿهين- ڪاهوُن کان پهرارا (پليءَ جي سبزي)،
اڀوڪ واد نه ڪيجئي ري من- سڪرت ڪر ڪر ليجئي ري من.

اهو شبد ڪبير صاحب جو آهي. ڪانئس ڪن سوال ڪيو ته ان جو ڪو دليل به آ
ته چيائين ته ها:

ڪنهاري ايڪ جو مائي گونڌي- ڀهـ ڀـت باني لائي،
ڪاهوُن ۾ سولي مڪتا مل- ڪاهوُن ۾ وياد (گندو پاڻي) لڳائي.

ان طرح برهما ته سڀ شرير ڀڄن لئه مان ناهي ٿو، ڪن جو ته ماتا پتا ته ساڳيو آ
۾ هڪ راجا ٿي لو وجهي، ته ٻيو وري سندس اڳيان ٻا ٻين جي شيوا ڪريندو.

شلوڪ ١١. صاف، پوتر جڳهه تي آسڻ ڏاهي، ان تي اسٿر ٿي ويهج
اهو آسڻ ٻه نه بلڪل اوچو هجي ۽ بلڪل هيٺاهون. ان تي ڪشا جو ک
(ڏڀ) رکي، مٿان هرڻ يا شير جي کل وڇائي، ان تي ڪپڙو وجهي ويهج

...ن جا سڀ سنسا دور ٿين ٿا. اندر ۾ پاپ آهي ته ڊپ ٿيندو. جيڪو ڀاڳ ڦرو ڀرو
...ن اهولي ڦريو ٿي سگهندو. ڊپ هميشه اڻ ساڃاڻ ٿيندو آهي، جنهن سان ويهو
آهي. نروڀون اڳيان ته شينهن جهڙا هيسڪ جانور به اچي سر ٿا جهڪائين. برهمچريه
...ه ضروري آهي. ڀاڳ کي سڀ کان آنند روپ جاڻي، من پرماتما ۾ لڳائي، هڪ
...جي ملڻ لاءِ ٿي يتن ڪرڻ ڀهنجو ڪرم جاڻي، يوڳ ۾ استت ٿيڻ گهرجي. ڏرماتمائن
...ه سراج جو به ڊپ ڪونه ٿي. ڊپ يا خوف انهن کي ٿي ٿيندو، جن ۾ دويت ڀاونا
...ڀهنجي ڀاڳ کان ته ڪوبه ڪونه ڊڄندو آهي. جيڪو سڀني کي ڀهنجو ڀاڳ ڀو
...اهو ڊپ ڪنهن جو رکي؟ پران اڳيان جي ڪلا ليڪ رکڻ سان به ڊپ نڪري ٿو وڃي
...ڪڏهن ڪو سبب ڀٽي به ٿو ته به اهي ٿو وڃي. اهو يوڳين جو آزمودو آهي.
...۾ جو ٿوڙيءَ کي ناڱ سمجهي ڊڄون ٿا، اهو به هوند ڪونه ٿي، جي ناڱ کي
...ڀهولي آتما جاڻون. ڪبير صاحب جي ستسنگ ۾ هڪ دفعي هڪ ٻلا نڪتي،
...ڪي به ڀنهن هئا. ستسنگ ۾ ڇريو ٿي ۽ ڪن رڙ به ڪئي. ڪبير صاحب هڪ
...ڇهو، جنهن جو آرمڪ هو ته جن سڀ کي جاڻو آهي ڀهي سڀ کي برهم ٿا سمجهن،
...ن مايا روپي ناڱڻ کي به ڪالي ڇڏيو آهي، سو هن روپي ناڱڻ کان ڇو ٿا ڊڄو؟
...مايا ڏاڍي پرپل آهي ۽ وڏن وڏن ڏيوتائن ڏيوتائن کي به نه ٿي ڇڏي. ان کان ڀڄڻ ۽
...ڻ ته ڪنهن سورمي جو ڪم آهي. شاستر انوسار ناڱڻ ٻلائن کي جهنگل ۾ مارڻ نه
...، ڇو ته اهو سندن گهر آهي ۽ اتي هو نردوش آهن. جيڪڏهن گهرن ۾ اچن ته
...ي مارڻ پاپ نه آهي. گهڻن جيون جي بچاءَ لاءِ هڪ مارڻ روا آهي.

...هون اَنڪ هن شلوڪ ۾ آهي ته برهمچريه پالڻ ڪجي. گرهستي هجي يا ورڪت،
...ڪ ابياس لاءِ برهمچريه پالڻ ضروري آهي. ان کان سواءِ ٻيج ۽ ٻل نه ايندو. شرير
...ها ڌاتو خون مان ٺهي ٿي ۽ خون جو ڇڻ جوهر (عطر) آهي ۽ ٻاهران گندي پاڻيءَ
...ي لڳي، پر آهي سچ پچ بلڪل پوتر وستو، جنهن کي قابو رکڻ سان شرير پوتر،
...ارو ۽ بلوان ٿئي ٿو، نه ته ڪمزور ۽ اپوتر. گرهستي - برهمچاري به اوچ پدوي ٿا
...ان ڌاتوءَ کي قابو رکڻ سان شرير جا روڳ نڪا سگهن ۽ من جا پاپ به دور ٿا ٿين.
...، من ۽ پراڻن جو پاڻ ۾ گهاٽو سمبنڌ آهي. ان جي سڌجهر ڪرڻ سان يوڳ ۾ من
...يءَ سان لڳي ٿو. ٢٧ ڏينهن جي کوراڪ مان جو ڌاتو ٺهي ٿو، اهو هڪ دفعي
...ـ يوڳ ۾ نشٽ ٿيندو.

...هو لـون انڱ آهي ته من ابهور ۾ لڳائجي. ارجن جو سوال هو ته استري، ڌن،
...، پتون وغيره ۾ به ته من ڏٺو آهي، پوءِ اوهان ۾ ڪيئن اڪي لڳائجي؟
...ن بابت جواب ته سڀن اڀياسن کي انهن سڀني کان ابهور وڌيڪ پيارو ٿو لڳي،
...هو ابهور کي ڀهنجو ڀاڳ ٿا جاڻن ۽ ابهدن ۾ آيو آهي ته ڀهنجو ڀاڳ هرهڪ کي

انتهڪرڻ جي شڌيءَ لاءِ ڀوڳ ڌارڻا ضروري ڄاڻجي. ڀوڳ مان سڌيون ۽ حاصل
سگهون ٿيون، پر اُن طرف من کي وجهڻ ۽ نه ڏجي، ڇو ته اهي گيان مارڳ ۾ رنڊ
ٿيون ٿين. ڀيڪڌاري يوگي اُنهن ننڍين ننڍين ڪرامتون ڏيکارڻ لاءِ ڀڄن ٿا ڪن ته ماڻ
واه واه ٿئي ۽ ڌن پدارٿ ملي. پرلوڪ ۽ گوبيچند پارا جيڪي نشڪامي يوگي هئا،
کي پرم سڌي حاصل ٿي هئي. شاستر ٻڌائين ٿا ته ڪوبه ماڻهو ڪيترو به يوگ ڪمائي
هن جو انتهڪرڻ شڌ نه ٿيندو. اول من جا خيال شڌ ڪرڻ ضروري آهن. وهم و
ڪڍي، راڳ دويش دور ڪري، ڀوڳ ڪبو، تڏهن سچو ڦل ملندو. ٻرا پرش ۽
سادنائون ڪري، سڌي پائي، وري به دنيوي پدارٿن ۽ وشين جا سک ٿا طلبين،
جي يوڳ مان آخر ڪين دک ۽ ڪليش ملندا. يوگ ڪو پراڻايام نه آهي، پر چت
ورتيءَ کي روڪڻو آهي. سکمني صاحب ۾ جپ صاحب ۾ بيءَ واڻيءَ جو ڏيان سان
ڪجي ته اهو به يوگ آهي. آسڻ تي اهڙو درد ٿي ويهجي، جو جيئن پرلوڪ ۾ لکيو
ته "هي پرماتما! مان جڏهن ڏيان ۾ وهان ته اهڙو اچل جو پکيا هرڻ اچي منهنجي
کي ديوار سمجهي پنهنجي سڱن سان رڳڙين ته به مونکي پتو نه پوي!" پکيا هرڻ
ڪري لکيو اٿس، جو اُنهن جا سڱ وڏا، نوڪدار ۽ ڀاري ٿيندا آهن، جو ذري به
لڳي ته درد ٿيندو آهي. جيڪو اهو يوگ پرماتما ۾ سچو پريم ۽ ڀروسو رکي ڪري
اهوئي اُها پدوي پائي سگهي ٿو. سوامي هيمراج چڊڪاشيءَ من جي وس ڪرڻ تي
سندر شبد چيو آهي:

ساڌو، من کا بيگ نوارو.
١. ڀڪتي بنا من وس نهين آوي - ڪيتڪ هٺ تپ ڌارو.
٢. ديس ايڪانت ڌرو درڍ آسن - اونڪار اچارو.
٣. سم سم نشچلتا ٻاڻو - چنچل ڀاءُ نڪارو.
٤. سمرڻ ڪي جب من اڪلاوي - ستسنگ پڳ ڌارو.
٥. شرڌا سهت سو برهم وديا - ستسي سڪل نوارو.
٦. من ڪر منن ڪرو رد انتر - نسي اُنسي وچارو.
٧. نسي آتم ڪو من ڪو جوڙو - ديهه اُنسي وسارو.
٨. ديرگهه ڪال نرنتر اُتي ٻڌ - نندڌياس درڍ ڌارو.
٩. نندڌياسن تي من وس هووي - هيمان جڳ جڳڪارو.

شلوڪ ١٣. هميشه پنهنجي چت کي روڪي، من ۾ شانتي رکي
ڪلهن ڌپ جي برهمچريه ورت تي پڪو رهي، مون ۾ چت لڳائي، مو
تي ملڻ جي ڪامنا رکي يوگ ۾ لڳي.

جيڪو سڀني کي پنهنجو سروپ سمجهي، نارائڻ جي جوت ڄاڻي ۽ من ۾ ب
شانتي رکي ٿو، اهو ڌپ ڪيئنجو ۽ ڇو ڪري؟ شاسترن جي وچن ۾ درڍ وشواس

دي . جيئن آئيميءَ کي وقت تي آهير نہ ملي تہ وياڪل ٿيندو آهي . ٿوري دير لاءِ
ي آهي تہ هن جا پران هيٺ مٿي ٿيڻ لڳندا آهن . اهڙوئي پريم ڀوڳ سان هئڻ گهرجي.
اري ڪمن ۾ بہ جيستائين ڪرم جي بنيان نہ ڀڄبو تہ سڌي خبر ڪا ملندي ، تہ جنهن
آخر بوڌ پدوي ، پرم شانتي حاصل ٿيندي ، اهو ڀوڳ ڇا ڀلا محنت ۽ ڀلا نيم سان
ش جي سڦل ٿي سگهندو ؟
ڀوڳ اڀياس جو اُڌڪار هرهڪ لاءِ اُلوا ناريءَ کي آهي ، ۽ ڀورن برهم شرولري ۽
نيشلي مهاتما کان رستو مليل هجي . اُن رستي ڪمائڻ سان اُوس برهم لمعہ جو درشن
و . ايشور جي ڀڳتيءَ ڪرڻ جو حق هڪ چنڊال کي بہ آهي . گروائيءَ ۾ بہ صاف آيو
ي تہ

ڪـــتري برهمڻ شودر ونش - اُڌري سمر چنڊال ؛
جـــن جانيا پرڀوُ آپڻا - نـــانڪ تسي رِوال (ڏوڙ) .

جن هيهجو پوتر چالو آهي ، اُنهن جي چرنن جي ڌوڙ تا گروجن چاهين. اهڙن ڀڳتن
چرنن جي ڌوڙ بہ مان ٿي لهي .
راجا يڌشٽر جي يگيہ ۾ ڀڳوان ڪرشن ڀڳتيءَ جي مهما ظاهر ڪئي آهي، تہ والميڪ
ل، جو پرماتما جو پيارو ڀڳت هو [رامائڻ وارو والميڪ رشي نہ]، اهو جيستائين يگيہ ۾..
تہ يگيہ ٿي سڦل نہ ٿيو. اها ڪٿا پرسڌ آهي . جنڪي اڳين جنمن جي دوشن ڪري
ڏيان جو رستو نہ مليو آهي يا ٻڌن ڪري من اُن طرف نٿو لڳين، اُنهن لاءِ شاسترن
آهي تہ هيٺيان بہ منتر جپيندا رهن تہ اوس ڪنهن وقت ڪين ڀوڳ جو رستو ڪامل
وئان ملندو .
) اوم نمو ڀڳوتي واسديوايہ (١٢ اکري منتر) ۽ (٢) اوم نمو نارايڻايہ (٨ اکري منتر) .
هڪ منتر جو جاپ صبوح جو ڪجهي تہ ٻئي جو شام جو يا جيئن وڻي ، ليڪن ڪجهي
ي منترن جو روز نيم سان جاپ ڪجهي . ڪنهن برهميءَ پنڊت مدن موهن مالويہ کان
ڪيو تہ ٻنهي منترن جو ڪهڙو ضرور آهي ؟ جواب مليس تہ جيئن ٻن اکين سان وڌيڪ
طرح ڏسي سگهبو آهي ، ليڪن هنن ٻنهي منترن جي جاپ سان جلد سڦلتا ملندي .
شلوڪ ١٦. هي ارجن ! جو گهڻو کائي ٿو يا جو اصلي نٿو کائي ، جنهنڪي
سمهڻ جي هير آهي يا جو گهڻو جاڳندو رهي ٿو، اهڙن پرشن کان ڀوڳ
و نہ ويندو .
شلوڪ ١٧. جنهن جو کاڌو پيتو ۽ وهنوار يڪت (رواجي ۽ برابر) آهي ؛
ڪرمن ۾ نيم پوروڪ ورتي ٿو، جو ننڊ ۽ اوجاڳو بہ يڪت (رواجي ريت)
ي ٿو، اهڙي پرش جو ڀوڳ اڀياس سندس دک ناس ٿو ڪري .
هن ٻن شلوڪن ۾ اها سکيا آهي تہ جنڪي ڀوڳ ڪمائڻو آهي ، اُنهنکي کاڌي پيتي

ٻين سڀني کان گھڻو وڌيڪ پيارو ٿو ٿئي. هن سڀني سان ته هو بلڪل چڱو ورتاءُ
ڪري، هن ڏانهن پنهنجا فرض به پالي ٿو، پر دل جي محبت مالڪ ۾ ٿو رکي،
هوُ سندس ئي آتما آهي ۽ آتما پرماتما ۾ ڪو فرق نه آهي. هن ڳالهه جو پرتکيہ پ
اسين گرهست ۾ ڏسون ٿا. گھر ۾ استري، پٽ وغيره ڪڏهن بيمار ٿئي ٿو ته ڏن لڳ
ڪوتاهي نٿا ڪريون ۽ دوا درمل ڪريون ٿا؛ ڇو ته ڏن کان اهي سڀئي وڌيڪ
آهن. پر جڏهن پنهنجي شرير لي ڪا آپدا اچي پوندي آهي ته سڀئي به وسري
آهن. وچڙندڙ بيمارين ۾ ڏٺو ويو آهي ته پاڻ بچائڻ لاءِ ماڻهو بيمار پالين کي به ڇڏي
ويندا آهن! ڇو ته پنهنجو پاڻ اگيانين کي به پيارو آهي؛ پر اگياني پنهنجي شرير ک
پنهنجو پاڻ سمجهن ۽ يوگي لوڪ ۽ گياني آتما کي ئي پاڻ سمجهن. هو شرير کي ته ڪ
ٿا سمجهن ۽ ان جي شيوا ۾ هن جي ڪا پرواهه نٿا رکن. هو هر وقت پاڻ کي آتما ئ
۽ ڀڳوان چوي ٿو ته مان ئي سڀني جي آتما آهيان، ان ڪري هر ڪو گيانوان ايشور سار
پريم ڪري ٿو. اهڙا يوگي ڀڳوان چوي ٿو ته رڳو موکي ئي ٿا پائڻ جي چاهنا رکن. ه
مقصد مان ئي آهيان. هو سڀني ۾ منهنجي جوت ڏسي، هر وقت مون ۾ ئي ڌيان ل
مست رهن ٿا. ڀڳوان کان جو بي مک آهي، اُن جو اَمولڪ جنم ته ويو، پر پرلوڪ ۾ ب
لي دک پوڻيندو.

شلوڪ ١٥. اهڙيءَ طرح (اڳين شلوڪن ۾ ڏيکاريل وڌيءَ انوسار)
لي ويهي؛ هميشه پنهنجي چت کي روڪي، يوگي پنهنجي من کي و
رکي، اُتم سک ۽ شانتي پائي ٿو. اهڙيءَ طرح مون ۾ اسٿت ٿيل يو
نرواڻ يعني موکيہ پد کي حاصل ڪري ٿو.

هن شلوڪ جي خاص سکيا آهي ته يوگ يا ڌيان جيڪر ڪجي، اهو نيم سان ۽ ه
ڪجي ۽ ائين نه ته هڪ ڏينهن ويهجي ته ٻئي ڏينهن آلس وچان نه ويهي ۽ پا به چار
ڪري وري ٻه ٽي ڏينهن ٻيهي وڃجي. هن شلوڪ ۾ بلڪل سندر اُپديش آهن. هڪ ته من
اُپاس ۽ ويراڳ جي ٻل سان هر وقت ڌيان ۾ لڳائڻ گھرجي. ان نيم ۾ ڪو به ڀنگ نه
گھرجي، ڪٿي گھڙا به سنساري وهنوار جا ڪم اچي مٿان پون. "نيت مانسه"
جو مطلب آهي ته من ۾ ڏيرج هجي ۽ اُن ڏيرج ڪري دکن سکن، مان اپمان، هر ڪ
جو ڪو به خيال نه ڪري ۽ من ۾ ذري به گھٻراهٽ اچڻ نه ڏجي. سنسار ۾ ته انيڪ
جا آڌي، وياڌي ۽ اُپاڌي دک لڳا پيا آهن. اُنهن سڀني کي سهارڻ ڪرڻ جي ش
هئڻ ضروري آهي، ان لاءِ ته من چلائمان نه ٿي ڌيان ڀڳ ۾ لڳي سگھي.

پرهلاد ڀڳت، ميران ٻائيءَ، ڪبير ڀڳت ۽ ٻين تي ڪيترا ڪشت آيا، ڪيترا
ڪين مارائڻ جا ڪيا ويا، پر هنن جو من پرماتما مان ذرو به نه هٽيو ۽ نه سندن ڪ
ونگو ٿيو! يوگ ۾ نيم بلڪل ضروري آهي. نيم کان سواءِ ڦل ته نه ويندو، پر سگھنا

ندڙ کي آهار وهنوار سڀ نيڪ، ڏوم ۽ نيم الوسار ڪرڻ ڄڳائي، ته هن جا سڀ دک
س ٿي ويندا. ڪرمن ۾ نيم پوروڪ ورتڻ جو مطلب آهي ته نندا، استت، ڇلي، ٻين
بالن وغيره کان ٻري رهي ۽ اندرين کي وس ۾ رکي، سرو ڀوالٽي، ماتر ۾ پرماتما کي
ياپڪ ڏسي ۽ سڀني سان پريم سان ورتاءُ ڪري ۽ پر موه ۽ ممتا نه رکي. سڀ ڪمن
انهن فرض ڪري، پر من مالڪ کي ڏني.

شلوڪ ١٨. جڏهن چڱي پرڪار نيم ۾ آندل (سنساري پدارٿن کان وکيل) چت پنهنجي پاڻ (آتما) ۾ اسٿت ٿو ٿئي ۽ سڀني سنساري ڪامنائن (وشيه ڀوڳن جي اِڇائن) کان رهت ٿيو وڃي، تڏهن اهو يوڳي پرش "يکت" (پرماتما سان لين) سمجهيو وڃي ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀوڳين ساڌن اهو ڏيکاريل آهي ته پنهنجي چت يعني انتهڪرڻ کي
ياس ۽ ويراڳ جي ٻل سان ۽ گرو جي ڪرپا وسيلي قابو ڪيو وڃي ۽ من، جو چنچل
ي ۽ هر وقت پيو سنڪلپ ۽ وڪلپ ڪري، انکي استر بڻائجي. اسان جو انتهڪرڻ
سڄن لتن جي ستوگڻي انس مان ٺهيل آهي. انهن ڀوتن جي رجوگڻي انس مان پران ۽
تو يعني وبرج ٿيا آهن ۽ تموگڻي انس مان هڏماس جو پتلو يعني شرير. جيئن هڪ پٿر
ي، پيو سنگمرمر ۽ ٽيون چندرڪانٽي، جنهن ۾ اهڙو پرڪاش آهي، جو اونده ۾ چنڊ
ندرما ٿو چمڪي. انکي چندرما جي اڳيان رکبو ته ان مان امرت نڪرندو. اهي ٽيئي
ـن پٿر، پر واجي پٿر تموگڻي انس آهي، سنگمرمر رجوگڻي انس ۽ چندرڪانٽي
توڪي انس. ٽنهي جي قيمت ۾ ڪيڏو نه فرق ٿيندو! انتهڪرڻ به اصلي نه، سڀني جو
ف آهي، پر سنگ ۽ ڪسنگ ڪري، منجهس گهٽ وڌ اوجلتا يا مليتا اچي وڃي
ي. اهو انتهڪرڻ اصل ۾ استت به آهي، پر ترشنائن ۽ ڪامنائن جي پرڀاو ڪري چنچل
ـ پوندو. ان چت ۽ انتهڪرڻ کي اهڙو صاف ڪرڻو آهي، جهڙا اصلي هئا. انتهڪرڻ
ستوگڻ آهي يا رجوگڻ يا تموگڻ، ان جو پتو ڪيئن پوي؟ ان لاءِ ڀڳوان چوڏهين اڌياءِ
ٻڌايو آهي ته ستوگڻ نرمل هئڻ ڪري پرڪاشڪ ۽ شانتي ڏيڻ وارو آهي ۽ گيان اجالـو
ڪري ۽ چت ۾ پارم سک محسوس ٿو ٿئي. جيڪڏهن رجوگڻ انتهڪرڻ ۾ زور آهي
لوڀ ٿيندو، جنهن ڪري انسان ڪيترا پاپ ڪندو وڃي ۽ پوءِ دک پائي ٿو. تموگڻ
ي ته پرماد، آلس، بڪواد، اگيان، موه، ڪمت وغيره اٿمن ٿين ٿا. انهن لڇڻن مان
پنهنجي انتهڪرڻ جي حالت ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿي. ان کي اصلوڪي شڌ ستوگڻي
ت ۾ آڻڻو آهي. جن رشين منين جو انتهڪرڻ شڌ آهي ته ساري برهمانڊ جو عڪس
۾ اچي ٿو وڃي ۽ هو اهو انتهڪرڻ روپي درپڻ ۾ ڏسن ٿا يعني سرو درشي ٿيو
. هن کان ڪجهه به ساري برهمانڊ ۾ ڳجهو نٿو رهي! رشين سڌن جو خيال هجي ته
و اهو ڏسڻو آهي ته هي شڪتي انتهڪرڻ ۾ هر ڪو مشق حاصل ڪري ٿو سگهي،

ننڊ اوجهائي، وهنوار ۽ ڪرمن ۾ بلڪل واجبي رهڻ هلڻ گهرجي. کائڻ ۽ اهڙو ۽
جو چڱيءَ طرح پچائي سگهجي ۽ شرير ۾ ڪوبه دک درد پيدا نه ڪري، هضم
جا جنرا ائين آهي، اها مدد نه لڀي وڃي ۽ سواس ڪليءَ طرح بنا رڪاوٽ جي ا
شاسترن ۾ آيو آهي ته پيٽ جو اڌ آهار سان ڀرجي، چوٿون حصو جل لاءِ ڇڏجي
حصو سواسن لاءِ، ته پوءِ هاضمو به ٺيڪ ٿيندو ۽ سواس به ٺيڪ طرح هلندا. ننڊ
نموني جي نه هجي يعني نه گهٽي ننڊ ڪجي ۽ نه آلس وچان پيو هنڌ تي ليٽجي
ننڊ اوس شرير ۾ دوش آڻي ٿي، سها اچن ٿا، خرابيون ٿين ٿيون ۽ مس
پيدا ٿين ٿا. گهٽي جاڳڻ سان رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ اڀياس ڪرڻ وقت شرير
آلس ايندو ۽ ننڊ به ستائيندي. ان ڪري آهار ۽ وهنوار انهن نيڪ هجن، جهڙ
ٻيا ٻئي پڙ ڇڏهن برابر هوندا آهن ته ڪانٽو وچ ۾ بيهندو آهي. انڪري هڪ
سنساري وهنوار ٻڌ پورو رکجي، پرارٻڌ انوسار ورتاءُ ڪجي. ستسنگ هڪ امو
آهي، پر جيڪڏهن ڪو ڪنهن مهاتما کي پنج ست دفعا هڪ ڏينهن ۾ ستسنگ
لاءِ چوي ته هو تنگ ٿي پوندو ۽ يوگ اڀياس ۾ ويهي ڪونه سگهندو يا ته موقع
ملندس ۽ وهي به ٿڪي ته به وڳهن پوندس! ان ڪري سنڌيا، گايتري، شاسترن
ستسنگ سڀ ڪجهه وزن انوسار پورو پورو ڪرڻ جڳائي ۽ سارو وقت انهن طرف
۾ يوگ اڀياس لاءِ به وقت ۽ شڪتي بچائي رکجي.

رات جو پهريون پهر ته سڀڪو ٿو جاڳي. پويون پهر خاص يوگين کي يا يوگ
کي ضرور جاڳڻ کپي. ڏهين بجي کان ۴ بجي تائين ننڊ ڪن. ۴ بجي اٿي شو
ڪري، ڏيڍ ڪلاڪ ڪن ايشور جي ڌيان ۾ وهن. پوءِ وري پوڄن، ستسنگ وغير
۽ ڏينهن جو پنهنجو ڪار وهنوار ڪن، جو به شڌ ۽ ڌرم انوسار هئڻ گهرجي.
پڙهائين، نوڪري يا ڌنڌو ڪن، کيتي ڪن، مگر سڀ ڪجهه اهڙي سنڌر نمو
جو يوگ اڀياس ڪرڻ ۾ ڪوبه فرق نه پوي. ساڌارڻ گرهستين لاءِ ننڊ ڪجه
گهرجي، جو هو ڏينهن جو شايد ننڊ آرام نه ڪري سگهندا. هنن لاءِ ۷ ڪلاڪ ڪ
آهي. ان بدلي هو ڏينهن جو ڪجهه وقت ڪڏهن پڄن پاڙ ڪن. ڪن جو ته اها
وڏي ويل آهي، جو پوڄن ڪرڻ جو به پورو وقت نٿو ملين ۽ شرير جي رکيا جو
اٿن. هو نٿا سمجهن ته اهڙو جو فساد سر تي کنيو اٿون، سو ڇا جي لاءِ؟ جنهن
پرماتما مالڪ لاءِ پيار نه آهي، هن جي پوڄن، اپاسنا، ڌيان لاءِ وقت نٿو ڪڏهن
لڀي، جو ته جنم ئي اجايو آهي.

پوڄن، ڌيان، ڪيرتن، ستسنگ سڀ ۾ برابر ۽ شرڌا هئڻ گهرجي، نه ته د
ڀيٽ جو نه آهي. عزيز، متر يا ٻار ڪٿي هجي، پر پرڀو نه هجيس ته مترتا جو
ڪهڙو رس ايندو؟ ٻار ڪهڙو ليو؟ ان طرح منش، جنهن ۾ هريءَ جو پڄن نه
ڪنهن به ملهه جو نه آهي. هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان ان ڪري هدايت ٿو ڪري

اهڙي ڀڳوان چئي آيو آهي ته روڳ ابهياس لاءِ آچار وهنوار ٻڌي شڌ هئڻ گهرجن. وڻ دار جو ليندو، جو ذرماتما آهي ۽ سداچار ۾ رهندو ۽ دراچاري نه آهي. جيئن ٻلتڪل ۽ غيب ڪرمن ۾ لڳل آئس. من ۾ ڪوڙ ڪوٽ نڪو اچڻ ڏني ۽ سڀني سان ٻر اپڪار جي ڀاونا ۽ ورلي رکيندو. ٻين سان ڀلائي ڪرڻ جا موقعا ڳوليندو اُتو رهي ۽ من جي ي دور ڪرڻ جي يتن ۾ لڳل آهي. اهڙي مهاپرش جولي من اسٿر ٿي سگهي ي آتما جو لڳال خزانو ڪوجي هٿ ڪري سگهندو. چت يا انتهڪرڻ ۾ چنچلتا آهي. ٻڌيءَ ۾ سنساري وچار، اهنڪار ۽ ممتا وغيره وڪيپ لڳا پيا آهن. مطلب و انتهڪرڻ سنساري ڳالهين سان ڀريو پيو آهي. ان انتهڪرڻ کي صاف ڪري، ۾ اسٿر ڪرڻو آهي، ۽ من، چت، ٻڌي ۽ اهنڪار جي انتهڪرڻ جا چار حصا آهن، جن ني کي ذرم انوسار هلائي اسٿر ڪري، يوڳ ۾ لڳائڻو آهي. اهنڪار مان ممتا ڪرڻ گهرجي.

جڏهن گرو ارجن ديو جن جوتي جوت سمائڻ لاءِ راوي نديءَ ۾ ٽٻي لڳائي ته مک ي وچن نڪتا:

”نهن ڪجهه جنمي، نهن ڪجهه مري - آپنا چرتر آپ هي ڪري.“

اصل ۾ نه هي جيئو مري ٿو، نه جمي ٿو. سڀ ڀڳوان جي ليلا آهي، جا رچنا به هو نو ڪري. پوءِ اسين ڇاجي لا ممتا رکون ته هي منهنجو گهر آهي، هي منهنجو ن يا پدارٿ آهي؟ اهي سڀ اڳين مٽيا آهن، جيئن سڀني ۾ ذٽل پدارٿ هوندا انهن ۾ سڀني ذسڻ وقت ته ممتا هوندي آهي ۽ ڪو چور ڪا شيءِ ڪڍڻ چاهي ته ه نه ان جي پڇيان پوندا آهيون، پر جاڳڻ تي اهو سڀ مٽيا پاسندو آهي ۽ ممتا به ي وڃندي آهي. ان طرح گرمک لوڪ مهاپرش جاڻن ٿا ته هي سارو سنسار اُن وانگر آهي. هي ذٺ پدارٿ سڀ سپني جي ذن پدارٿ وانگر آهن. نه اسين ٽي آيا هئاسين ۽ نه کڻي وينداسون. مرڻ کانپوءِ اهي سڀ اسالڪي به اڳين لڳندا، جاڳڻ کانپوءِ سپني جا پدارٿ، پر ڪيڏو نه اهنڪار ۽ ڪيڏي نه ممتا رکي ويٺا ؟ جيئن هڪ ساڌارڻ فرني جي رڪارڊ ۾ ٻند ٿيل آواز به اسين ڪنا بدلائي سگهون، ارٻڌ انوسار جو هي اسان جو پتلو ٺهيو آهي، انڪري ڪيل ڪرمن جو ڦل اسان ڪنا هيٺ ڪري سگهون ۽ ضرور ڀوڳڻو پوندو. آئينده لاءِ رڪارڊ نيڪ ڀري سگهون ٿا، جيهن ڪرم ڪجهن ۽ برا ڪرم لياڳجن. اهو ڪبو ته سڌو رڪارڊ ڀريو ۽ آئينده سڌري هن وقت ته اهو لي ليندو، جو ايڪ اڪيل آهي، جو پرماتما کي منظور آهي. ان رهڻ به گناهه آهي. پوکي هر وقت ايشور کي حاضر ناظر جاڻي سمجهن ٿا ته اسين اڌين آهيون، ڪرڻ ڪرائڻ وارو مالڪ آهي. اهي برا ڪرم ڪڏاهين نه ڪندا، چون ٿا ته برا ڪرم ايشور ٿو ڪرائي ته جڏهن ڦل انهن جو ڀوڳڻو پوي ٿو، ته اُن ڀوڳڻ وارو به ايشور کي سمجهن ۽ ٻاڻ جو ٿا اجايو دانهون ڪن يا روئن ۽ رڙن؟ اهو

جيئن صاف ٿيل درسنيءَ اڳيان ٻهڪ سان سڀ انگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن شڪتا ۽ صل
ٻما روحانيت ۾ اڳتي قدم ڪٽي نه سگهبو. ڀالي ڀڳو، جو گرو گهر ۾ پرسد ۽ ٻڍڙن ٻوڪار
نڀاڻوان پرش ٿيو آهي، اُن کي اِها انترياميتا اهتري قدر نه هئي، جو جڏهن گرو اَمر
گديءَ ني وهڻ ڪانهوءَ گرو اَنگد صاحب جي شهزادن جي ڪاوڙ ڪري گروندوال ڇ
هليا ويا ۽ وڃي جهنگل ۾ هڪ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ لڪي دروازو بند ڪري ويٺا، ت
هن نبي سندن رهڻ جي جاءِ جو پتو ڪڍيو ۽ گروجن جي گهوڙي اڳيان ڪري سگهم
ڏرو لهي ڏنو. هن اِها انترياميتا ظاهر نه ڪئي، ڇو جو اها ڪرامت ڏسڻ ۾ اچي ها ۽ ڪر
ڏيکارڻ ٿهر جو گهر ڇيو ويو آهي. اِها گهوڙي گروجن جي سواريءَ جي هئي ۽ گر
ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي چڙهڻ نه ڏيندي هئي. گهوڙيءَ کي سگهڻ جي شڪتي
هوندي آهي ۽ ڇٽن ڀيڄن ميلن تان سڱهڻ سان مالڪهءَ جو پتو پوندو اٿس. اسا
اَنتهڪرڻ ۽ اهڙو ٿي صاف ٿي سگهيتو، ڀر ساڌنن ۽ يوگ اڀياس سان. مصالعو سڀ
ساڳيو ني آهي ۽ ڪڏهن ۽ خراب نٿو ٿئي. جنم جنم جا خيال ۽ ڪرمن جا سنسڪار
پون ٿا، جيئن ڪنهن فوني جي رڪارڊ ۾ آواز پيل ليندو آهي. جڏهن سُئي ان هد
اچي ٿي ته جيئن رڪارڊ مان آواز ٿو نڪري، تيئن اَنتهڪرڻ مان خيال ڪڙا ٿا ٿين.
سڀني ۾ ڪڏهن اهڙي جڳهه ۽ اهڙا نظارا ڏسون ٿا، جي جاڳندي اسان هن جنم ۾ ڪ
۾ نه ڏٺا آهن. اهي اڳين جنمن جا سنڪلپ آهن. اَنتهڪرڻ اُوجل ٿئي ته سڀ جنم
حال معلوم ٿي سگهي ٿو، سارو برهمانڊ اُتين ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيئن هٿ جي تري
رکيل شيءِ.

جڏهن چت استت ٿئي ٿو، تڏهن جوڳي اَنتهڪرڻ ۾ پنهنجي ٿي آتما جو درش
ڪري ۽ هن ۾ ني ڪا به ڪامنا نٿي رهي. هوُ ايشور سان ٻڪت ٿيڻي ليئن ٿي وڃي
ايشور سان ٿي سڀڪو ٻوپڙ لڳيس ٿو.

شلوڪ ١٩. جيئن هوا بنا استان ۾ رکيل ڏئي جي لاٽ نٿي لڏڪ
اهڙيءَ طرح ساوڌان چت واري آتم يوگ اڀياس ڪندڙ يوگيءَ جو [و
ڪان] روڪيل انتهڪرڻ سمجهڻ گهرجي.

چت ٿا من روپي ڏئي کي واسنائن ۽ ڪامنائن روپي هوا ۽ طوفان ڪان ٻچائڻ گهر
جو جو نه ته چت جي وِرتي ايڪاگر نه ٿي ٿئي ۽ چنچل ٿيڻ ڪري يوگ ۾ نٿي لڳي
شلوڪ ۾ آتما جو مطلب اَنتهڪرڻ آهي. شاسترن ۾ آيو آهي ته يوگ اڀياس ڪندڙ
آڌيءَ رات ڪانپوءِ ڌيان ڪرڻ جو چڱو وقت آهي، ڇو ته ان وقت شانتي لڳي ٿي،
جو وقت آهي ۽ ٻيو اسٿرتا سان ڌيان يوگ ۾ لڳي سگهيتو.

ٻني رنڍڙي چمڪن تاري - جاڳن ميري سنت جنا جو رام پياري.

يوگ لاءِ اهو هنڌ چڱو آهي، جتي هڪي ۽ گرمي نه هجي، رات لڏي ۽

سنسار جو اهو نيم آهي ته ڪو به ڪرم مطلب ڪانسواءِ ڪير نٿو ڪري. هڪ جڙ ٻڌيءَ
مزور ڪي به چٽبو ته هي بار ڪٽي هل، ته به چوندو ته ڇا ڏيندا؟ جوان ڇوڪري ٻڌو،
الوا رنگ، سياڻو الوا مورک، سڀ پنهنجا ڪرم ڪنهن نه ڪنهن مطلب سان ڪن ٿا.
ڪري سوال اٿندو ته اسين سماڌي جو لڳايون، ته ان مان ڪو ڦل به ملندو ڪين رڳو
شرير کي تڪليف ڏيڻي آهي؟ ڇو وشين جا سک ڇڏيون ۽ نيم ورت پاليون؟ هن ۽
ڙ ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان يوگ اڀياس جو ڦل ٿو ورنن ڪري. دان، پڄ، تپ، تيرٿ
ن وغيره شڀ ڪرمن جو ڦل ته سمي پائي يا ايندڙ جنمن ۾ ملندو، پر يوگ جو ڦل يڪدم
ش ملي ٿو. جنهن وقت يوگ ۾ لڳجي ٿو، ان گهڙي کان وٺي آنند ملڻ شروع ٿئي ٿو.
ديو نٿي لڳي.

ڀڳوان چوي ٿو ته چت کي نروڌ ڪري، من کي سنساري وشين کان هٽائي، جيڪو
شيوا ۾ استت ٿئيٿو، اهو جڏهن ان سماڌيءَ مان اٿي ٿو ته پنهنجي پاڻ ۾ آتردي
پاڻ ۾ ڏسي ٿو، تڏهن هوءُ ڏاڍو آنند محسوس ٿو ڪري. چت جي ورتي استئ لي
جو اڀيڙ ٿئي ٿو. جڏهن به ايشور جي ڌيان ۾ ويهبو آهي، جپ ڪرڻ، پڄن ڪرڻ،
ڪيرتن، ته اڻڄاڻ ڪانئون اندر ۾ ڏاڍي پرستا ٿيندي آهي. پوري يوگ دواران ته ڪن
آنند ٿو پراپت ٿئي. وشين مان مليل گهڻي ڀيڳر سک به ياد نٿا رهن، جيتوڻيڪ انهن
حر دک ۾ پاڻو هوندوسون، پر انهن جي سک کي ياد ڪري خوش ٿيندا آهيون. مگر
جو سک ته پنهنجو پاڻ ۾ آهي. ان جو ٻج ڪامل گرو ٿو وجهي. مرشد ڪامل مليو ته
گيان جي سکيا پڙهندو ته چت سماهت ٿئي ۽ پوءِ سماڌيءَ مان آنند ملندو. انڪري
لي سکهي، اوتڙو پرلم ۽ چاهه سان ان طرف لڳڻ گهرجي. ٻال اوستا کان وٺي
ڪ ۾ لڳڻ ضروري آهي ۽ يوگ ساڌنا جا طريقا سکجن. هڪڙي درويش جو چوڻ
ز ستسنگ ٻندگيءَ جو سمنڊ آهي، سر لي ايندڙ بلائن کي ٽاريندڙ آهي ۽ خدا جو
هي. اهڙي سمنڊ ۾ پراڻهه ڪال جو اٻي نبيون ڏجن، ڀڳوان جو ناٿو جهجي ته ساري
ن ۾ پيا ٻرا سنسڪار ايندا ٿي ڪين. اها ڪا نوري خوشيءَ جي ڳالهه نه آهي.
ڪ ۾ سڀ ايشور جي درشن جا پياسي نٿا ڪنا ٿين ۽ انهن جي درشن ڪرڻ سان
هڪرڻ صاف ۽ شڌ نمڻ لڳي ٿو، ڇو ته اهو مارگ لي اهڙو آهي، پر ملي پاڻن
و:

سنت ڪا مارگ ڌرم کي ٻوڙي - ڪر ڦڏ پاڳي پاني.

يوگ سماڌيءَ ۾ نه ڪو وشيه ڀوڳ آهي ۽ نه ڏن پداريف جو سک، رڳو آتم سک، جو
پاڻ مان پراپت ٿئي ٿو. شمس تبريز به فارسيءَ ۾ چيو آهي ته حيرت اثر، جو مان
لي عاشق لي پيو آهيان! جڏهن پاڻ ۾ پاڻ ڏسان ٿو ته پاڻ ۾ خدا ڪان سواءِ ٻيو
ڏسڻ ۾ ٿي نٿو اچي. ڌيان ۾ ته آتما جو ئي ديدار ٿئي ٿو، ته پوءِ ڪنهن لي ۽
عاشق ٿيندو؟ سڀ آنند اسان جي اندر ۾ آهي پر ڀٽڪون پيا ٻاهر. يوگ ساڌنا

نه ڇڏي نه آهي نه چڱا ڪرم ڪري ٿو نه ڇڏي ٿو لسان ڪيا ۽ برا ڪرم ڪري ٿو نه ڇڏي ٿو
ڪرن ڪراوَن آپي آپ - مانش ڪي ڪڇ ناهين هاٿ !

يوگ ڪرڻ آهي نه ڇڏ جو ڏيو وسامڻ نه ڏجي، پر اُن کي لکيءَ لاءِ سان رکجي. ممتا، واسنا، ڪليش ۽ چنتا روپي هوائون ڪيس لڳڻ نه ڏجن، نه نه يوگ ۾ پوندو ۽ سڦلتا نه ملندي.

يوگ سادنا بابت جيڪي اپديش ڀڳوان هن اڌياءِ ۾ ڏنا آهن، انهن جو لب-
هيمراج جي هڪ سندر شبد ۾ هن ريت ڏنل آهي:

پراني هرڪو ڌيان لڳائو. (رهاءُ)

٢- ڪايا ساڌ دڙهه آسن - اِهه، اُهه ناٿ دڙائو.
٣- سونو ٿورا، بولو ٿورا - ٿورا ڀوڄن کائو.
٤- وشيه واسنا سڪل تياڳو - جس نه ڪتهوُن لائو.
٥- ديهه پاونا جان اُمنگل - آتم تيرٿ نهائو.
٦- ڪام ڪروڌ متسر پر نندا - ان لي پريت هٽائو.
٧- جَپُ، ويراڳ، وچار، مترتا - نس دن رديءَ بسائو.
٨- ڌن، دارا، سڀ ڪي ممتا لي - من کو بيگ ڇڙائو.
٩- ويد گرو جو سکيا ديوين - ونسي ڪار ڪمائو.
١٠- واسديو نارائڻ ايشور - رام گوبند ڌيائو.
١١- پوُرا بولو، پوُرا تولو - پوُري سيوُن هٿ لائو.
١٢- نام چوگ پر پرپسر جال ۾ - من کڳ (پکي) بيگ ڦسائو.
١٣- پُوس، پُرشيه چنتا تياڳو - ورلمان سک پائو.
١٤- بنا وچار نه وچرو جڳ ۾ - ساچي پريت چلائو.
١٥- سڀ وسمان سوُن من کو جوڙو - لئي وکيپ نسائو.
١٦ ساوڌان هو اُمرت اُچرو - مرت ڪا دک مٽائو.
١٧- پوُرن کوُ پورن ڪر ديکو - اوُرن ڀاو ڀلائو.
١٨- دويت ڀاءُ نهچي نهين آئو - اِهه ڀيد نام ڌيائو.
١٩- سواس سواس ۾ من اپني ڪو - پربر هنڊول جهلائو.
٢٠- انتر باهر ايڪو ديکو - گيان پدارٿ پائو.
٢١- گيان ڪڙڇ لي من ڪو مارو - نهچل ڌيان لڳائو.
٢٢- هر من من ايڪ پئي هئه - هيمان سهج سمائو.

شلوڪ ٢٠. جنهن وقت يوگ ابياس سان روڪيل چت (من) ها
کي پرابت ٿو ڪري ۽ ڌنڌ انتهڪرڻ سان پنهنجو پاڻ (آتما) ڏسي ٿو
پنهنجي آتما ۾ ئي راضي رهي ٿو (يعني آتم آنند پائي ٿو).

ڍ ڪيو هڪ ڪُهتيءَ مان ٻئي لنگهي. ڪن ٻالڪن راند ٻئي ڪئي. هڪ ٻانڪ سندس
ڍ هيٺ ڏسي پڇيس ته ”ماتا! ڇا ڪجهه وڃائي، جو ڳوليين ٿي؟ ڪجهه ڪري پيو
ي ڇا؟“ مائيءَ جواب ڏنس ته ”ٻچا! تون اڃا ٻارڪ آهين. نٿو ڄاڻين تہ منهنجي
ئيءَ روپي ڏن هن ڪُهتين ۾ وڃو آهي، سو ٿي ڳوليان.“ ٻرابر انهن ئي ڪُهتين ۾ گهمندي
دي اُن مائيءَ پنهنجي جواني گذاري هئي، جا وڃي ته وري هٿ به نه ايندي. وقت
ڇڪر هلندو رهي ٿو ۽ ڪڏاهن بيهي نٿو. آتم رس ٿي رکو اِستٿ آهي، جو آد جڳاد
ساڳيو آهي ۽ ساڳيو رهندو. جا چيز ٻاهرَ اَنت واري آهي، جيئن جواني، تہ اُن مان استٿ
ڪيئن ملندو؟ سچو سک تہ سماڌيءَ مان ئي پائي ٿو سگهجي. ڪو سندر سروپ
ن هوندو تہ نيترن جو سک ڀاسندو، رسنا کي ڪو عمدو پدارٿ کائڻ يا پيئڻ لاءِ ملندو
سک سمجهندي، پر آتما جو سک اَندر مان ئي ٿو اچي ۽ ٻاهرين پدارٿن جي ڪا بہ
ورت نہ آهي. اِندرين جا ڀوڳ تہ راڄا ڀرٿري چوي ٿو تہ سڀ روڳ ڏيڻ وارا آهن.
وي سنجوڳ بہ آخر وڇوڙي جو روپ وٺندو ۽ ڪڏاهن قائم نٿو رهي. سماڌيءَ جو سک
ن هڪ واريءَ پائو، اهو وري اُنکي ڇڏڻ ڪين چاهيندو. جيئن شراب يا آفيم جو رس
ڪي آيو آهي، اُن جو گهر وڪامندو تہ بہ اهو نشو ڪرڻ ڪين ڇڏڻ چاهيندو، ڇو تہ
ڪان سواءِ هن جا پران پيا نڪرندا، پر دنيوي رس سڀ ڪڻ ڀنگر ۽ دکدائي آهن ۽ آتم
آلَ، اَننت، اَبناسي ۽ پورن آهي.

شلوڪ ۲۲. جنهن اوسٿا (اَبناسي آتما جي درشن) کي هو يوگي پائي ٿو،
لاڀ کان مٿي ٻيو ڪجهہ بہ نٿو سمجهي، اُن ۾ اِستٿ ٿي، هو ڪنهن بہ
ي دک اچڻ ٿي بہ ڏولائمان نٿو ٿئي.

يوڳ وارو سک سڀني سکن جو ٻج آهي. اهو لاڀ جنهن حاصل ڪيو، اهو وري ٻيو
چاهيندو؟ هنکي ٻوءِ ڪيترا بہ شرير جا يا سنساري دک اچن تہ هو ذرو لڏي يا دکي
. هن جي من جي ورتي استٿ ٿي چڪي آهي ۽ ڪاڏي بہ ڪين لڏي سگهي. جڏهن
يءَ جي پير ۾ سڀ پير اچي ٿا وڃن، تيئن هن سک ۾ سڀ سک سمائجي ٿا وڃن.
اد کي سندس پتا ڪيڏا نہ دک ڏنا، پر هنکي اهڙو تہ پرهم جو سک مليو هو، جو هو
ر بہ نہ لڏيو ۽ دکن بہ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ڪيو. اهو الهاس سامهون رکبو تہ هن شلوڪ
رٿ صاف سمجهي سگهبو. ڪيس مارڻ جا اَنيڪ يتن پٽس ڪيا، پر هن چيو تہ ”جلي
، ٿلي وشنو“ تہ اُنهن دکن کي دک سمجهيائين ۽ نہ گهبرايو. سڀ ڪشٽ هن سنا، پر
ٻنتي نہ هٽيو. اُنهن دکن بہ هنکي ڪجهہ نہ ڪيو. منصور سوريءَ تي چڙهيو، پر
ي جو نعرو هٽڻ نہ ڇڏيائين. شمس تبريز پنهنجي بدن جي کل لهرائي، پر ڇوڻ چان بہ
ڪيائين. سوريءَ کان وڌيڪ دک ٻيو ڪهڙو ٿي سگهندو؟ پر اهڙن عاشقن کي

سوري لڳي سيج - مرڻ تن مشاهدو.

جيئن ڪو تهہ اولهاري ۾ آڪاز جي گرميءَ هوندي هڪ برف جي لهٽالي ۾ وڃو

ڪندڙ اِهو سڀ آنند ٻاهر مان پراپت ڪندا، ڇو ته اسان جو اصلوڪو سروپ ئي آ
سروپ آهي. سڀ آنند دائڪ شڪتيون اسان جي گهر جوڙ آهن، اڪمون ته اسان وٽ
آهن ۽ پر انهن مان آنند ولون ٻا نه، اهو اسان تي منحصر آهي.

شلوڪ ٢١. جو سک اِندرين دواران نٿو حاصل ٿي سگهي، پر فقط ش
بڌيءَ مان مس گرهڻ ڪري ٿو سگهجي، اهڙي بيعد سک کي يوگي پـ
جنهن اوستا ۾ انڀؤ ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ استٿت ٿي هو پنهنجي آتم تت ک
چلائمان نٿو ٿئي، اهو يوگ آهي.

هن شلوڪ ۾ يوڳ مان حاصل ٿيل سک جا ٻي وشيشڻ ورڻن ڪيل آهن، جي سد
سکن ۾ پورا نٽا نين. هڪ ته اهو سک بيعد ۽ اکت آهي ۽ ٻيو ته اهو سک اِندرين دو
حاصل ڪونه ٿو ٿئي. اُن اوستا ۾ نه اندريون شانتيءَ ۾ آهن ۽ اهو سک انهن جي محد
ڪرڻ کان پري آهي ۽ ٽيون ته اِن سک کي رڳو ٻڌي ئي انڀؤ ڪري سگهيتي ۽ ۽
هوءَ سماڌيءَ ۾ به سچيت ٿي رهي. جيئن سون ۾ ملاوٽ نه آهي ته اهو نج يعني
ليکجي ٿو، تيئن هيءُ سک جو آهي، اُن ۾ رتيءَ ماتر به دک ڪليش جي ملاوٽ نه آ
سنساري سکن ۾ دک به ضرور ڀريل ٿيندو ۽ اِهي سک فرضي يعني ٿوري وقت لاءِ
ڪا سوادي چيز کائجي ٿي، ته اُن مان اُن وقت ته مزو اچيندو، پر جي ان مان ڪا بيم
ٿي پيئي، ته دک ٿئي ٿو. آتم سک ۾ اهڙو ڪو به دپ نه آهي. وشين ۾ اهڙو پورن
هجي ها ته سڪندر جهڙا بادشاه، راوڻ جهڙا راجائون، دريوڌن جهڙا مهاراجائون
لوڀون نه مهٽي وڃن ها. ڪيڏو نه ڀل همن ۾ هو ۽ ڪيڏا نه وڏا دنيوي سک وشيه ڀوڳ
هنن پالا، پر انتم اوستا ۾ انهن ته ڇا پر وڏن وڏن ڀڳوان جي پيارن کي به اهي سک
پيا. هرڪو پرانن ڇڏڻ وقت ڏن، پدارٿ، استري، پٽن کي ڇڏڻ جو دک سهي
دنيا ۾ ڪو به هروقت سکي نه آهي. اوتارن به وقت ئي دک ڏٺا، ته رواجي منش
کهڙي ڳالهه ڪجي! اهو دنيا جو سک ته ڪڏهن پريءَ ۾، ته ڪڏهن ٻاهر ۾، ڪ
آهي ته ڪڏهن الوپ ٿيو وڃي.

مطلب ته بيعد ۽ نج سک ته آتم چنتن ۾ آهي ته ته سنسار ۾ ته دک ئي دک
ڀريو آهي.

سڪـل سرشت ڪا راجا دکيا - هرڪا نام جپت هـوءِ سکيا.
نـانڪ دکـيا سڀ سنسار - سو سکيـا جـن نـام آڌار.
جو جو ڏسي سو سو روئي - روئي رهت ميرا ستگرو جوئي.

دنيا جو سڀ ڌن پدارٿ ناسونت آهي. جڏهن آهي ته به وڃڻ جو خطرو، ۽ و
ٻا نه آهي ته به دک. جواني ۽ طاقت به ڪنهنجي اسٿر نه آهي.
هڪ ٻڍي مائي ٨٠ ورهين کن عمر جي هئي ۽ سولي جهلي ڪپ ڪندي،

ڪالو ڪرڇو رل مسل ڀالي - لوڪ نه آوي ونندو جالي .

... دنيوي ڏن نه نرواه لاءِ آهيَ . اهو به لڪشميءَ جو سروپ آهي ، پر رکو ان پنهنجان
... ساڪيامت وشنو ڀڳوان کي نه وساري وهڻ گهرجي . ڌام جهڙي سان ڏوم رهي ٿو ۽ ڀڳتي
...سا آدي ڪڻ پرابت ٿين ٿا . اهڙ سڀو ڏن ڀعني وشنوءَ ڀڳوان جتي آهي ، اتي لڪشمي
...يا) پاڻهي ايندي .

شلوڪ ٢٣. جيڪا اوستا دڪن کان نورتي ڏئي ٿي ، اُن کي يوڳ جي
...ستا سڏجي ٿو . اهو يوڳ پڪي نشچي ۽ زور شور سان ورڪت [بندسا
...ڪي يا گهبراهٽ] جت ٿي ڪرڻ گهرجي .

...ڪي ماڻهو ڪجهه وقت يوڳ ڪمائي پوءِ ڏسن ٿا ته اجا نه ڪوبه ڦل نه مليو آهي ،
...سدن وشواس گهٽ ٿي ٿو وڃي . ڀڳوان ان لاءِ چوي ٿو ته يوڳ ڪمائڻ ۾ ڪابه گهبراهٽ
...ڻي گهرجي . اهو ايياس بلڪل پڪي نشچي ۽ درڙهه وشواس سان ڪرڻ کپي . اُنٿڪ ڪرڻ
... اوستا اُلوسار جلد يا دير سان يوڳ جو نتيجو ڏسڻ ۾ اچيندو . جيڪڏهن اندر ۾ پاپن ۽
...ڪرمن جي ڪري مليتا گهٽي آهي ته هن جنم ۾ پرڪاش نه ٿو ٿئي ته به دل نه هارڻ
...جي ، ٻئي جنم ۾ ٿيندو . هن جنم ۾ ڪيل ڪابه سادنا وئرٿ نٿي وڃي . يوڳ ايياس
...ي راهه ۾ دک ڪليش اچن ته به دل نه هارجي . اهو خيال به نه ڪجي ته ايندي منزل
...يڻن طءِ ڪجي ؟ اسان جو فرض آهي دل وجان سان اُن جي پنيان پوڻ . ان سان سچ
...له دکن جو ونهوڳ ۽ سکن جو سمجهوڳ ٿئي ٿو . اِئين به خيال نه ڪجي ته هيترا دان ،
... لپ ، تيرٿ اشنان ڪياسين ، پر اجا نه ڪجهه به فائدو نه ٿو ڏسجي . اِهي سڀ جمع
...پيا آهن ، ڦل به سڀني جو ملندو ، پر جڏهن اندر جو مئل دور ٿيندو ، تڏهن پتو پوندو .
...ر ۾ جيتري گهٽي ماييتا ، اوترو وڌيڪ وقت لڳندو . جڏهن اُندر صاف ٿيو ته سڀني
...لي سادنائن ۽ شڀ ڪرمن جو ڦل هڪدم ظاهر ٿيندو ۽ اُندر ۾ آتما جو پرڪاش به لکو
... ٿيندو . ويدن شاسترن ۾ جا ٻايل شڀ ڪرم ، دان ، پڄ ، سادو لهوا ، ماتا پتا ۽ وڏن
...ي هيوا چاڪري ، تيرٿ اشنان ، يوڳ ايياس ، پڄن پاٺ ڪندو ٿي رهجي . اُندر سان
... ڪرمن جو ڦل ناس ٿيو ته پوءِ ترت ئي پرڪاش ظاهر ٿيندو ۽ آنند حاصل ٿيندو . ان
...ڻ ۾ بلڪل پورن طرح جي درڙهتا سان وشواس رکي ڀڏ ڪرڻ گهرجي . آلسي ڀسران ۾
...ڪ ڏاڍي سکياڏالڪ ڪٿا لکيل آهي ، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته يقين رکي ادم ڪرڻ
...ڪندي ته سڏي ملي ٿي !

... سمنڊ جي ڪناري تي هڪ جهرڪيءَ جهڙو ڀکي رهندو هو ، جنهنکي ٽٽڻ پکي
...ي ڪوليو ويو آهي . ان جي زال گرڀ سان هئي . آنن ڏيڻ جو وقت اچي پهتو ، ته
...ڻيءَ کي چيو ته "اسان جو گهر آهي سمنڊ جي ڪناري تي ، سو ڪجهه پري هلي آکيرو
...ون ، جنهن آنا سلامت رهن ۽ ٻاڻيءَ ۾ لڙهي نه وڃن ." مڙس جهس ته " اڙي ! دجهن
...ٿي ؟ سمنڊ کي جان آهي جو اسان جا پچا کڻي وڃي ! ڪڻي ويو ته مان انکي سڪائي

هجي ته ڪاڻ ڳجهي هو محسوس ٿي نه سگهندو، ليڪن جنهنکي آتم سک مليو آهي، انهيءَ ک
سنسار جا ڪيترا به دک ڪاهش اُنهان اچنا ته مٽي ڪري اٽل نٿو ٿئي. ڪا نوجوان اسـ
يا پرش ڪونئي رستي ٿي آهي ته انکي هڪ پير ٻڌي ڪٽي ڪنهن ڪمري ۾ بند ڪر
ته به پنهنجي پياري مان ورتي ڪنهن هٿ ڏيندس! من ۾ جو ڪيس اُن محبت جو رس
آهي، سو نه ويندس. جنهنکي رگهو ڀڳتيءَ جو رس آيو آهي، اهي ته نام جپ لٽا جهڊ
ڪٽي ڪين ڪيترا به دک ملن ته پوءِ جن مهاتمائن پرگاروڙهه اوستا کي پاتو آهي؛ آتم آن
جو انڀؤ اندر ۾ ڪيو اٿن، اهي ڪيئن پرڪ ڏيهان ڇڏيندا، جنهن مان ڪين انڊو پرڪاش
آهي؟ هو وڏن وڏن سنساري دکن؛ ڪشٽن ۾ ذرو به نٿا گهٻرائين. آتم سک مان جو
اچيو، ان کان وڌيڪ نه ڪا ۾ ان جهڙو به ٻيو ڪو سک ترلوڪيءَ ۾ نه آهي. آتم
جي مهما اوچي ۾ اوچي آهي. اُن اڳيان سڀئي برهماڊن جا ڌن پدارٿ به تڇ آهـ
ڪبير صاحب آتم ڌن جي مهما تي هڪ مهاسندر شبد اچاريو هو، جڏهن هڪ راجـ
جنهنجو ساٿس پريم نه هو، پر راجائي اُنهان وڃان هاٿيءَ تي چڙهي اچي چوڻ لڳو
”سائين! هلو ته سير ڪري اچون.“ اها ڀڳتا نه ڏٺائين جو هيٺ لهي سندن کي عرض ڪر
ڪبير سندس اهو اُنهان جو ڍنگ ڏسي، بيپرواهه رهيو. اها بيپرواهي خودي نه آهـ
پر لطيفون جي وڏي صفت آهي، جو هو ايشور جي ڀروسي تي سڀئي کان بيپرواهه ٿا ر

ڪبير صاحب راجا کي چيو ته توهان هاٿيءَ تي سوار آهيو، پر مان هيٺ پيدل هون
نه توکان گهڻو وڌيڪ شاهوڪار آهيان. انهن نه سمجهه ته ڌن رڳو توکي ئي آهي.
دنيوي طرح برابر غريب آهيان، آنديءَ ليڊيءَ تي آهيان، مگر مون جهڙو ڌن ٻيو
ڪو نه آهي. راجا پڇيو ته ”سائين! اهو ڪهڙو ڌن اوهان وٽ آهي؟ اهو مونکي سمجها
ان جي جواب ۾ ڀڳت صاحب هي شبد چيو:

اگـس نهين دهي، پڙن نهين مکـي - لسڪر نيڙ نـه آوي؛
رام نام ڌن ڪر سنچوني - سو ڌن ڪتهي نـه جاوي.
همرا ڌن ماڌؤ گوبند ڌرڻي ڌر... ايهي سار ڌن ڪهيـسي؛
جو سک پرڀ گوبند کي سيوا - سو سک راج نه لهيـسي. (اڪ رها
اس ڌن ڪارن شو سنڪادڪ - کوجت ڀئي اداسي؛
من مڪند جهبا نارائڻ - پڙي نه جم کي ڦاسي.
نج ڌن گيان ڀڳت گور ديني - تاس سمت من لاگا؛
جلت انڀ ٿمڀ من ڌاوت - ڀرم بنڌن ڀئو ڀاڳا.
ڪهي ڪبير مدن ڪي ماتي - هردي ديک ويچاري؛
تم گهر لاک ڪوٽ اشو هسٿي - هم گهر ايڪ مراري.

ڀڳتن ۽ گيانوانن وٽ اهو نام؛ ٿيان روپي ڌن آهي، جو جيترو ڪاڍين کائين، او
وڌندو ٿو رهي.

ٿين ته ڀوڳ ۽ پراپت ڪندا آهن؟ شاسترن ۾ وڏا وڏا درشٽانت آيل آهن ته ڪهڙن سان ڪيئن نه ماڻهن وڏا اُجگري ڪم ڪيا آهن.

نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته اُدم سان ئي ڪرمهي ناس ٿئي ٿي. اُدمي ماڻهو ڪڏهن نٿو مري. جي اڄ پاڻيءَ پاڻيءَ لاءِ محتاج آهن، اُنهن اڳئين جنم ۾ ڪو اُدم ڪونه آهي ۽ نه هاڻي ڪجهه ڪن ٿا. آلسي هئا ۽ آلسي رهن ٿا ۽ آئينده جنم ۾ به ڏک سهندا. نيتي شاستر مان وڏيڪ سکيا ملي ٿي ته نام جپڻ سان پاپ ناس ٿا ٿين، ڪرڻ سان جهڳڙو بند ٿو ٿئي، راس جو جاڳڻ سان چورن ڏاڪن جو ڊپ نٿو رهي. سب ڀارمه ڳالهيون آهن. ڀوڳ ۾ سڦلتا لاءِ به اُدم، وشواس ۽ ڀڪتي ضروري آهن؛ آخر اهو ڏينهن ايندو، جو مهان آتما جي پدوي پراپت ٿي سگهندي.

شلوڪ ٢٤. اهڙي ڀوڳ جي اِڇا وارو پرش من جي سنڪلپن کان پيدا ٿيندڙ سڀني ڪامنائن کي واسنائن سميت سڀ ڪنهن ريت ڇڏي ڏئي ۽ من سان اندرين کي هر طرف کان بچائي، نيم ۾ آڻي ٿو.

من اهڙو ته چالاڪ آهي جو سوکم طرح به ڪي ڪامنائن جون واسنائون رکي ٿو، پر هن شلوڪ ۾ چوي ٿو ته اُنهن ڪامنائن کي اُنهن واسنائن سميت پورن طرح دور آهي. سڀ اِڇائون سنڪلپن مان پيدا ٿين ٿيون، اِنڪري اُنهن سڀني سنڪلپن کي ڪرڻ ضروري آهي. ڀوڳ ڪامنائون اُپنديون ئي ڪين ۽ جيڪي آهن، سي به مري وينديون. وڏيڪ ڀڳوان جو زور آهي ته رکو ڪن اندرين کي نه پر سڀني کي. کي سڀني طرفن من سان قابو ۾ رکڻ ضروري آهي. هڪ به اندري هٿ مان ته من کي هر هر پنهنجي طرف گهليندي ۽ وشيه ڀوڳ ۾ لڳائي ڪيرائي ڇڏيندي. سنڪلپ هڪڙا پورا ٿين ٿا ته ٻيا اُڀرن ٿا، اِنڪري پورن طرح سنڪلپن جي جڙ ڇڏڻي آهي. اهڙو ته من کي سمجهه ۾ رکڻو آهي، جو ڪوبه سنڪلپ ڪڙو ليڪ نه من جا سنڪلپ جائز آهن يا اَڌرم ۾ ٻڌل ناجائز، اهو هر ڪنهن انسان جو وويڪ ڏاڻي ٿو، پر اسين اُن وويڪ جي آواز کي ٻڌي اَڌرم کي ڇڏي، ڌرم اَنوسار هلون اهو انسان جي وس ۾ آهي. دريوڌن جهڙي ظالم به چيو هو ته "ڌرم ڄاڻان ٿو، پر هلي نٿو سگهان، اَڌرم به سمجهان ٿو، پر اُن کان پرهيز رهي نٿو سگهان!" اهڙا ڙ سنگدل انسان، راڄ مد ۾ اَنڌا به اهو قبول ٿا ڪن ته اسين ڌرم اَڌرم سمجهي ٿا، هو نٿو اَلوا ٿاري؟ ڪي سمجهه ۽ اَسان جو لورو يا گهٽو خيال ضرور رهي ٿو، رکيو قابو ڪرڻو آهي ۽ اُن وويڪ جي آواز تي هلڻو آهي. اهو سڀ من مٿان جون ۾ ڪري سگهجو. پيون سڀ جوڙيون پرڪرتيءَ جي اُڌين آهن. پلي ڪڏهن به ڪوڙي ٿي ڪندي آهي. من کي ڀڳوان پرڪرتيءَ جو مالڪ ٿاپو آهي ۽ هو ڌرم ۽ اَڌرم جو ويچار سگهي ٿو ۽ پنهنجي سڀاءَ کي چڱو يا خراب بڻائي سگهي ٿو. جيئن نوڪر کان مالڪ

پنهنجا آنا ڪڍندس!“ هڪ چالاڪ نور ٻڌي ته اهڙي دعوىٰ رکي ٿو ڪهڙو نه عجب
چيس ته ”اهڙي شڪتي اسان ننڍڙن جيون ۾ ڪٿان آئي؟“ ٻڍڙس چيو ته ”تون
ڪري ويٺي رهه. مان پاڻيهي اهو ڪم ڪندس.“ سمنڊ جي ابهاني ديوتا به اها
ٻڌي. آخر هن ماديءَ آنا ڏنا ۽ ٻئي ويا انهن کي اُلي ڪناري تي ڇڏي چوڳو ڪاڻا.
۽ ڏٺو ته هيڏڙي ٻڪيءَ اپمان ڪيو آهي، سو ڏسان ته ڪيئن ٿو هن جو ٻل هلي! اهي
ڪٽي وڃي اندر امانت طور رکيائين. شام جو هوءَ زال مڙس موٽيا ته ماديءَ اُلي رکيل
نه ڏٺا ته موهه وچان ڏڙڪڻ لڳي ۽ دکي ٿي پتيءَ تي ناراض ٿي ته هوڏ نه ڪيو ها،
اسان جا آنا وڃن ها؟ پتيءَ چيس ته ”ڌيرج ڪر. مان هن سمنڊ کي سيکاريندس.“
چيس ته ”اسان جهڙا ننڍڙا پکي ته هن ۾ ڪر ٿي وڃن ته ڪين سگهندو.“ هن چيس
”هل مون سان.“ ٻئي چهنب ۾ هڪ هڪ تيلو ڪاهه جو کڻي ان سان جيڪو پاڻي ٻهر
سگهي، سو ڪٽي پيا ٻاهر واريءَ تي هارين ۽ وري واري ڪٽي پيا اندر سمنڊ ۾ وجهن
پاڻيءَ جو ته ڦڙو به مس پيا آڻين ۽ واريءَ جا ته به ٽي داڻا مس پيا ڪٽي سگهن. ليڪ
ان ڪم ۾ لڳا رهيا. زال کي مڙس چيو ته ”جيئن مان چوان ٿو، تيئن ڪندي هل.“ هن
ڏسي ٻيا پکي به آيا. انهن کين سمجهايو ته ”ڀائي! سمنڊ به ڪڏهن الئين سڪو آهي
ڀيلا ٿيا آهيو؟“ پکيءَ جواب ڏنو ته ”ڀائي! اجايو همت نه ڪريو. جيڪڏهن اسان
همدردي اٿو ته اسان جا ٻانهن ٻيلي ٿيو، نه ته ماٺ ڪري هليا وڃو.“ آخر هنن جو
ڏسي سڀ همدرديءَ وچان مدد ڪرڻ لڳا. ائين ڪندي هزارن لکين پکي اچي
ڪم کي لڳا. ڪو چهنب سان، ڪو ڪنب سان، ڪو ڪيئن ۽ ڪو ڪيئن ٻهر پاڻي
ڪڍي ۽ واري اندر وجهي. ائين ڪندي نارد مني اچي اتان لانگهائو ٿيو. ايترا پ
ڏسي انهي سبب پڇڻ لڳو ۽ سمورو احوال معلوم ڪيائين. هن پکيءَ کي ناردمنيءَ ۽
سمجهايو، پر هن جو پڪين پڪو هو. کيس ته چيائين ته ”مني مهراج! مدد نٿا ڪر
وڃن جو ٿا وجهو؟ ٿي سگهيو ته همراهه ٿيو، نه ته پنهنجي راهه ٻڪڙيو.“ نارد مني
خوش ٿيو. همت مردان، مدد خدا. ديورشي نارد سڌو ويو گرڙ ڀڳوان وٽ ۽ وڃي
چيائين ته ”اوهان جي رعيت لکن جي تعداد ۾ سمنڊ سان جنگ جوٽي آهي. ا
ٿيو نه ٿا وڃي انهن جي مدد ڪريو؟“ گرڙ کي ته جوش آيو ۽ يڪدم اُلي وڃي سمنڊ
اٿلائڻ لڳو. سمنڊ ۾ جيڪي جيو هئا، اهي وياڪل ٿيڻ لڳا ۽ سمنڊ جو ابهاني ديو
دکي ٿيڻ لڳو. يڪدم هٿ جوڙي اچي ٻاهر گرڙ اڳيان بيٺو ته ”سائين! حڪم ڪر
گرڙ چيس ته ”هن پکيءَ جا آنا ڏي ته واهه، نه ته جان نه ڇٽندي.“ چيائين ته ”
هن پکيءَ جا آنا مون تو ابو کيا آهن، جو مونکي سمجهندس ٻل ڏسڻو هو. مون ڏٺو ۽
هن جي نشچي ۽ ڌيرج ٿيان.“ يڪدم آنا آڻي حاضر ڪيائين ۽ پکيءَ جي زال ورتي ۽
ٿي ۽ پتيءَ ٿان ٻلهار وڃڻ لڳي. جڏهن هڪ ننڍڙو پکي به نشچو رکي هيڏي الساه
ٿي سگهو ته هتي ڏٺائين ته اسين انسان ٿي جي سموڪ ابهاس جي ٻنهان ٻنهين رکي پوند

ر ڪرڻا آهن. ان ڪري لڪڙ جو ڪم نہ آهي ۽ جو نہ اڀوائيءَ ڪان ورکهن ٿون ٿا.
تپسيا ۾ من کي پيار سان ڏيري ڏيري وس ڪرڻو آهي. سنسار کان اپرام ڪري،
يوگ ۾ لڳائڻو آهي. گرهست ۾ رهي بہ مانسڪ تپسيا ڪري ٿي سگهجي. رشين
بہ الهن ٿي وڏيون وڏيون ساڌنائون ڪيون، شانتيءَ سان ودِيا جو ابياس ڪيو ۽
جهانن کي بہ ودِيا ڏنائون ۽ پنهنجي ڏيان ۾ بہ مست رهندا هئا. جنڪ
جهڙي راج رشي هئا، انهن سنساري پل بہ پالو، راج بہ ڪمايائون ۽ يوگ ساڌنا ۾ بہ
هيا. يوگ ۾ ڪاہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي، جو وهنوار بگاڙي. وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي
ي ٿا.
جيڪي بہ شاسترن ۾ پڙهجي يا ستسنگ ۾ ٻڌجي، اهو چڱيءَ طرح سمجهڻ ضروري
نہ پوءِ پاليهي من ان ۾ لڳندو. سکمڻي صاحب ۾ آيو آهي تہ
پريت کي سمرن گرپت نہ بسي - پريت کي سمرن دک جر لسي.
هو نہ پراپر، پر اهو سمرن کهڙو آهي، ڪيئن ٿو ٿئي؟ اهو بہ تہ ڄاڻڻ گهرجي.
ي پڙهڻ ۾ اَڻکيا پيا هجون ۽ اُن جي اُرٿ پاڻ ٿي عمل نہ ڪريون، تہ ڪو بہ فائدو
و. اهو ٻڌيءَ جو ڪم آهي تہ سمجهي من کي آهستي آهستي اُن طرف لڳائي،
رکي، ڌرم جي واٽ ۾ ٻڌيءَ کي لڳائي، من کي هن دنيا جي پدارٿن لاءِ ويراڳ
رڻو آهي ۽ جو تہ اهي سڀ پدارٿ ناسونت ۽ آخر دکدائي آهن ۽ هڪ آتما ۾ ئي
نڪائڻو آهي. چنتائون ڪرڻ اجايون آهن، جو تہ جيڪي سنساري پدارٿ پراربڌ
ملڻا آهن، سي پاڻيهي ملندا. چنتا ڪرڻ ڪري ڪو وڌيڪ ڪين ملندا. انڪري
هن شلوڪ ۾ لن چنتا کان آجو ٿي ويراڳ ورتي ڌارڻ ڪرڻ تي زور ٿو ڏني. اهو
ن منش چولي ۾ ئي سگهندو ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ جوڻ ۾. ديوتائن جي جونين ۾ بہ اهو
ڪين آهي. ان ڪري ديوتائون بہ چاهين ٿا تہ ڪين منش جنم ملي تہ اُنت ۾ پنهنجو
ڪري سگهن.
شلوڪ ٢٦. جنهن جنهن طرف يا جن جن وشين ۾ هنچل ۽ نہ ٽڪندڙ
المان ٿئي، انهن طرفن يا وشين کان کيس ڪيڻجي، پنهنجي وس ۾
آتما طرف لڳائڻ گهرجي.
ن شلوڪ ۾ ڀڳوان من کي وس ۾ آڻڻ جو طريقو ٿو ورڻن ڪري. جيئن ڪو ڏکو وس
دو آهي ۽ ٻاهر ڀڄندو آهي تہ هو هر هنڪي کهلي پنهنجي آسڻان طرف ولي وڃڻو
ان طرح هن من کي جاڏهن جاڏهن هو آتما جي طرفان ڦري وشين طرف وڃي تہ
ن طرف کان هٽائي اصلوڪي طرف آڻڻ گهرجي. ڏکي کي جيڪڏهن سلو چارو،
ڪڙ، گاهہ وغيرہ ملندا رهندا تہ هو وٽاڻ جهڙي ٻاهر نہ ڀٽڪندو. ليڪن جي من
ڪ آنند جو سرور چکائبو، جو اسان جي اندر ۾ آهي تہ من ڪڏهن بہ وشين طرف نہ
۽ آهستي آهستي هو اُن ۾ ئي لڳو رهندو. اهو ليندو ويندو ۽ ويراڳ سان، جي

جهڪو ڪم چاهي، سو ولي سگهي ٿو، ان طرح ڪرڻ کان اسين جهڪي چ
سو ڪرائي نٿا سگهون. جيڪڏهن اسين اهو ضابطو نه رکنداسين، ته ڪرڪي ۽ سها
کي کيرائڻ جي ڪوشش ڪندا. من هر وقت خراب طرف وڃڻ جي ڪوشش ۾
ڪامل مرشد جي شرن ۾ وڃي، پهچي سهاءَ کي اهڙو اوچو بڻائجي جو رڳو من ني
طبيعت کي به قبضو اهڙو رهي، جو پڌهجي سهاءَ جو اثر بين لي نه ٿئي. اڌو بچ
هجي، جو بنا ٽالهائڻ جي بين تي پرڀاءُ پوي. پرگيتا وارو ترنو هجي ته اندر اچڻ
نه ته انکي ٻاهر ڪڍي ڇڏجي ۽ من ۽ اندرين کي قابوءَ ۾ رکجي، تڏهن ئي پرگ
پچن ۽ ڌرم ۾ ورلي لڳندي. دنيوي پدارٿن لاءِ سڀ ڪامنائون واسنائن سمجهه
طرح من مان دور ڪرڻيون آهن، تڏهن هي منش شرير، جنهن مقصد لاءِ مليو آهي،
پورو ٿيندو ۽ پرڀوءَ جو عزت مان سان سائينءَ جي درٻار ۾ به وڃي سگهبو. هڪ
شاعر چيو آهي ته ”هي بندا! اهو وقت ياد ڪر، جڏهن تون ڄائين هئين ته سڀئي
خوشي ٿئي، پر تون رنو ٿي. هاڻي هيءَ حياتي اهڙيءَ طرح گذار، جو جڏهن مرين ته
تنهنجا گڻ ياد ڪري روئن، پر تون کلندو وڃين!“ سڀ چون ته واه جو سمجهگي ه
سڌماني هو، ڀلو لوڪ هو، ڌرماتما هو، داني هو، شيواڌاري هو! اهين نه ٿئي جو
سهڪو پوي نه چڱو ٿيو جو مئو. پکين پسن کي اها لعنت نه ڪانه ٿي لڳي. جي مڏ
باني به اهو لعنت جو گهانگهو پاڻي وجون ته چئبو ته پسن کان به نيچ ٿياسين. هي
جو رستو وٺن ٿا، انهن جا ماتا پتا به سندن دشمن ٿيو پون. رامائڻ ۾ اهڙن لاءِ ڪاڏ
گرڙ کي ٻڌايو آهي ته جيڪي پرماتما کان بيمک آهن، ڌرم تان ڪرال آهن، ان
ماتا ڪال وانگر ڀيانڪ ٿيو پوي، پتا يمر روپ، امرت زهر برابر ۽ متر دشمن رو
پون. گنگا ندي انهن لاءِ جڻ ويترڻي ندي ٿيو پوي، سارو جڳ انهن لاءِ باه وانگر
ٿئي. جيڪي ڌرم تي پورا ٿا رهن ۽ پڇن، ستسنگ، نام جپڻ ۾ لڳا رهن ٿا، ا
هر وقت ايشور جي مدد ملندي رهندي ۽ جن سان رام ساٿي انهن سان سارو جڳ ساٿي
پر جيڪو رام کان بيمک آهي، ان جو ڪوبه ڇوٽڪارو نه آهي. جيڪو اڌرم تي
ٿو، ان جي ڪو ڏيڻ ڏيو ٿا، اشت به رکيا نٿو ڪري. جو ايشور کان بيمک آه
کان سارو جهان منهن موڙي ٿو. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اهوئي ٿو اپديش ڏئي ته من ۽
کي پوريءَ طرح وس ۾ آڻي، ڌرم جي واٽ وٺڻ سان ئي پرگ ڪمائي ڀرم
اڌڪاري ٿي سگهبو.

شلوڪ ٢٥. ڌيرج واريءَ ويڪ بڌيءَ سان من آهستي آهستي نا
پدارٿن کان هٽائي، ويراڳ وارو ڪري ۽ من کي چڱيءَ طرح آتما ۾
ڪري، ڪنهن به پدارٿ جي چنتا نه رکي.

من کي ڌيرج سان استت ڪرڻ گهرجي، پر روڪ وڌائيندو رهجي، جيد
جڙهڻ لاءِ ڏاڪو ڪري چڙهبو آهي. انڀياس ڪرڻ ۾ الهڪ جنمن جا وڪار

سک ۾ سمان نہ رهڻ ۽ هن دوش جو لڳڻو آهي. دکن ۾ گهٻرائجي وڃڻ ۽ سکن
ڦولڻ ۾ ڦوڪجي وڃڻ، خودغرضيءَ ۾ اچڻ، اهڙو ماڻهو ڀوڳ نہ ڪري سگهندو. پرماتما
جي لي راضي نہ رهڻ، ٻين جي ڪمن ۾ نڪته چيني ڪرڻ، اهي خيال ۽ هن دوش
آهن.

گرو ارجن ديو سکمني صاحب ۾ من کي سمجهائڻ لاءِ بلڪل سندر اپديش ڏنو آهي:

من مورک ڪاهي بلالائيئي - پورب لکيئي ڪا لکيا پائيئي.
دک سک پربهه ديون هار - اور تياڳ تسهي تون چتار.
جو ڪڇ ڪري، سوئي سک مان - ڀولا ڪاهي ڦرهه اجان؟
ڪئون بست آئي تيري سنگ - لپٽ رهيو رس لوڀي پتنگ.
رام نام جپ هردي ماهه - نانڪ پت سيتي گهر جاهه.

پورب جو لکيو اوس ملندو، جو پاڻ مستڪ ۾ لکائي آيا آهيون، اهو ئي پراپت
هئڻ ۾ لڳو آهي، ان ۾ جيڪو پاڻي پيئجي سگهندو، اوترو ئي پوندو، وڌيڪ نہ.
لوٽو کڻي کڻن کوهہ تان پيئون، اٿاهہ درياهہ مان ٻيا کڻن نديءَ ديئي مان
پئي ؤت جي ڪا وڏي کاڄڻ آهي تہ ان ۾ پاڻي وڌيڪ پوندو. اسين واهي ابرڪا
نہ هو گهڙو پاڻي کڻي وڃو، سا گهڙي نہ مورکتا جهڙي! جي وڌيڪ پاڻي کپي تہ
وڏو ڀڃي. جي گهڻا سک کپن تہ شڀ ڪرم ڪري پرارٻڌ کي اوچو ڪجي. ايترا
ونبو؟ دک سک پرارٻڌ انوسار ضرور ملن ٿا. ڀڳوان رامچندر جهڙي اوتار جي پتا
کي ۽ دک آيا، جيتوڻيڪ راجا پاڻ اهڙيءَ اوچ پدويءَ وارو هو، جو اندر ديوتا بہ کيس
اڌ سنگهاسن تي وهاريندو هو، جڏهن هو ونس سورڳ ۾ ويندو هو. ڀڳوان ڪرشن
واسديو ۽ ماتا ديوڪيءَ ڪيڏا نہ ڪشٽ سٺا! جيلن ۾ سالن جا سال رهيا! ڀڳوان
اهي سڀ دک نہ لاهي سگهيو. هنن جي پيرن ۽ هٿن ۾ زنجير پيا هوندا هئا.
اڳيان ڪي اهڙا ڪرم هئا. هاءِ هاءِ ڪرڻ مان ڪجهه بہ نہ ونبو. رڳو شڀ ڪرمن
سان ئي دک دور ڪري سک وڌائي سگهبا. ٻيو ڪوبہ رستو نہ آهي.

"ڀاءُ رس امرت" پستڪ ۾ آيو آهي تہ ديس وڃي يا پرديس، اتر وڃي يا اوڀر،
جي يا اولهہ، گنگا ڪناري وڃي يا گهر ويٺو هجي يا سارو جڳ ڦري، تہ بہ ڪو ڦل
نہ ليندس، رڳو پنهنجا ڪيل شڀ ڪرم ئي ڦل ڏيندا، جلن موسم اچڻ تي وڻن
ڪرن ٿا. اهي ڳالهيون من کي سمجهائي پاڻ ۾ قائم رکجي ۽ ڀوڳ ابهياس ۾ لڳائجي.
هن رامن جو ڪو وڌي جوڙو نہ ڏيهن اچي ۽ ڀو وقت ڪاٿ اول نہ صبوح ٿيندو ئي
ڪلي ڪهڙا اهي ٿن ڪري، هيڪاري رامن وڏي ٿوندس ۽ دکي ليندو. ماڻهو
رام سان سڀهي ٻري نہ پاڻيهي وقت تي ڏيهن ليندو. ڪرمن جو ڦل سک يا دک،
ملي ٿو ۽ پاڻ تقڪالڻ سان ڪو دک دور ٿي سک ڪوبہ وڌندا. پرماتما جي ڪٿي
تي پورن وشواس رکڻ ضروري آهي تہ جيڪي هو ڪري ٿو، اهو سڀ اسان جي

سنتن جي سنگ َمان ٻاڻي سکيا.

سنسار ۾ انيڪ دوش آهن، پر ٿلهي ليکي ٽن پرڪارن جا دوش مڃيا و
پهريون آهي چت جو دوش يعني چت جي چنچلتا. ٻيو آهي واڻيءَ جو دوش يع
واڻي ٻولڻ، سچ اُسچ جو پورو وچار نه ڪرڻ. ٽيون آهي شريرڪ دوش يع
جون بيماريون. جنهن ۾ سڀئي قسمن جا روڳ اچي ٿا وڃن. انهن کي دور ڪرڻ
شاستر رچيل آهن. چت جي چنچلتا دور ڪرڻ لاءِ يوگ شاستر آهي، جو مهرشي پ
جو رچيل آهي ۽ جنهن يوگ جو ورڻن ڀڳوان هن اڌياءِ ۾ ڪري رهيو آهي. وا
دوش دور ڪرڻ لاءِ وياڪرڻ آهي. اکرن جي شڌي اُشڌي گرامر مان
سگهجي ٿي. شاريرڪ دوش روڳن جي نورتيءَ لاءِ وئدڪ شاستر آهي، جنهن ۾ ه
قسم جي روڳ لاءِ اوشڌيون ۽ دوائن جا نسخا لکيل آهن. اهو ڏنو ٿريءَ تاهيو هو.
جي چنچلتا جو پرسنگ هلي رهيو آهي، جنهن لاءِ يوگ ئي هڪ اُپاءُ آهي. پورن س
وٽان مليل رستي سان يوگ ڪمائڻ کانسواءِ من ۾ چنچ وس ۾ نه ايندو ۽ اُن جا س
وڪلپ دور نه ٿيندا. من جي چوڻ تي شرير ۽ اندرين کي ان طرف نه لڳائجي
ستسنگ ۽ ويدن شاسترن جي سکيائن کي خيال ۾ آڻي، ٻڌيءَ سان من کي سمج
ڪيس اُن طرف وڃڻ کان بچائي يوگ ۾ استت ڪجي.

يوگ ڪرڻ وقت ٻه ڪي دوش اُٿن ٿين ٿا. کاڌي جو ٻه گهڻو اثر ٿيندو.
گرم ۽ ٿڌو کاڌو کاڌل هوندو ته يوگ وقت ننڊ ايندي، جو ته گرمي پيدا ٿيندي. ا
اڄ ئي ڪجهه گرمي پيدا ٿئي ٿي. وري جي کاڌا ٻه گرم هوندا ته سماڌي ڪي
سگهندي. نيترن ۾ جا جيئو ڪلا آهي، اها وڃي هردي ۾ پوندي ۽ ننڊ ايندي.
چار دوش يوگ ابياس ۾ ٻين ڌيان وقت اچن ٿا: (١) پرماڻ دوش، (٢) وپرجيه
(٣) ديهه اَڌياس ۽ (٤) وياڪلتا دوش يعني دنيوي پدارٿن کي ڪرڻ جي چاهنا

پرماڻ دوش: ٻڌل ڳالهيون ڌيان يا ٻين وقت ياد اچن ٿيون. من وچي
ٿو پوي، يوگ اُليئي چئو! هٿ ۾ مالها هوندي، پر من ٻيو ڪٿي جو ڪٿي ڊوڙندو

وپرجيه دوش: من جي ڀرانتيءَ يا ڀرم ڪري هڪ جو ٻيو سمجهڻ، د
ڪرڻ. اصل ۾ ڏپ جو ڪوٻه سبب نه هجي ته ٻه محسوس ڪرڻ.

ديهه اڌياس: يوگ ۾ ويهڻ وقت شرير جا ننڍا وڏا روڳ ٻه جڙ ياد ٿا اچن.
انگ ۾ خارش ٿيندي، ته ڪڏهن ۾ سُور. انهن سڀني کي ان وقت خيال ۾ ئي ا
ڏجي. جڏهن شرير آهيئي ڪونه، ڇو ته اسين ته آتما آهيون. ائين ڪرڻ سان ديهه
دور ٿو ٿئي.

وياڪلتا دوش: من جي وياڪلتا مان گهڻيئي دوش نڪرن ٿا. ڪڏهن ڪي
سي خيال ٿو اچي ته اسان وٽ ٻه اهو سک هجي. ڪڏهن جا سنڌر وسعر، زيور ۽
سي چاهيون ته اهڙا اسان وٽ ٻه هجن. اهو دوش اچن ۽ يوگ ۾ ٻاري وگهن ٿو

... اوڏاهن دور ٿيو وڃي ۽ اُتم آنند پراپت ٿيندو. ڀڳوان هت اُتم آنند لو چوي، ڇو آتما ...ي لئي سکيو. دنيا جا سک دک ڀوڳ ڪندڙن کي ته اچن ٿا، پر دنيوي ماڻهن ... اهي مٿن اثر نٿا ڪن. اهڙي شڪتي ۽ گنڀيرتا سمڌن ورتيءَ ۾ پيدا ٿئي ٿي.

... چالدوکي اپسمد ۾ سنڪادڪن ڀڳائيو آهي ته جو برهم آهي، اهوئي سک روپ آهي. ...ج مليو ته ڪجهه خوشي ٿيندي، پر وري هليو ويو ته مهادک ڏيئي ويندو. نه فقط ...و، پر ڀوڳن خوشي به نه ٿيندي، ڇو ته ترشنا وڌندي ته ٻيو به اچا ملي، يا جو مليو، ...ورو هو ۽ وڌيڪ ملڻ گهرندو هو. ڀوڳ سان آشائون ترشنائون ناس ٿي وڃن ٿيون، ڇو ...و ۽ تمو گڻ دور ٿي ٿا وڃن ۽ رجو ستو گڻ پڌان ٿيندو.

شلوڪ ٢٨. جو يوگي هميشه اهڙيءَ طرح [يوگ ساڌنا ۾] چت کي ...ي رکي ٿو، سو پاپن کان رهت ٿي ڪري، سهنجائيءَ سان برهم سپرش ... البنت (بيحد) آنند پائي ۽ ماڻي ٿو.

"اهڙيءَ طرح" لفظ جو مطلب آهي ته جيئن اڳين شلوڪن ۾ ڀڳوان سمجهائي آيو ... هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ان سک جو وڌيڪ ورڻن ٿو ڪري، جو يوگ مان ملي ٿو ۽ فرمائي ... اهو سک برهم سپرش مان ٿو ملي يعني وشين مان نٿو ملي. يوگ ساڌنا وارو سک، ...هم جي ميلاپ مان مليو، اهو انت، ابناسي ۽ نت رهندو ۽ بيحد آهي. جيئن شرير ... وشين جي سپرش مان سک محسوس ٿو ٿئي، تيئن ورتيءَ ۾ برهم جي عڪس پوڻ ... آنند ٿيندو، ڇو ته برهم آنندمي آهي ۽ اهو آنند ڪنهن ڪالن ۾ ڪڏهن به ناس نه ... آهي. ان مها آنند پراپت ٿيڻ جو ڪارڻ آهي جيو برهم جي ايڪتا.

شلوڪ ٢٩. يوگ يڪت من وارو پرش سرو ڀوتن مانر ۾ آتما (پنهنجو ... اسٿت ٿو ڏسي ۽ آتما (پنهنجي پاڻ) ۾ سڀني کي ٿو پسي. هو هرهنڌ ... ۾] ساڳيو آتما ٿو ڏسي.

... يوگ ڪندي اهڙي ته انتهڪرڻ ۾ شڌي اچي ٿي، جو سرو ڀوتن مانر هڪ [برهم] ... ٿا ڏسڻ ۾ اچن، سڀني کي پاڻ ۾ ۽ پاڻ کي سڀني ۾ ڏسڻ ٿو. ڀڄ ويد ۾ آيو آهي ته ... يوگي دک شوڪ کان آجا ٿي پوندا، ڇو ته جڏهن سرو ۾ هڪجهڙو ئي پاڻ ٿا ڏسن ته ...زف، دويش ڪنهن سان ڪن؟ دپ هميشه ڏارين کان ٿيندو آهي ۽ نه پاڻ مان." ...وت، ناهي يعني وانگر هو پالڪي ۽ ٻين سڀني کي هڪ برهم روپ ٿو ڏسي. جڏهن ...ياس پڪو ٿئي ٿو، ته ورتيءَ ۾ اهو اثر ٿو ٿئي ته آتما کان شرير الڳ نيارو آهي، ...للوار مثال مياڻ آهي. شرير ته ڪي ڳالهون، ڪي مرد، ڪي ٻار، ڪي ٻڍا آهن، پر ... بلڪل هڪ رس آهي ۽ ان ۾ اهڙا ڪي به ڀيد ڪين آهن. جي آتما ڳالهه جي شرير ۾ ... هڪڙي استري روپ جو اڌياس ٿئي ٿو. استري ڪڏهن به نه چوندي ته مان اچان ... طرح پرش ڪونه چوندو ته مان اچان ٿي. بالڪ جي شرير جي آتما سمجهي ٿي ته

ڀلائيءَ لاءِ. دک ۽ جهڪي انڌيا، سي انسان جي ڀاڻ کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ انسانکي —
لاءِ. انهن لي ڪو ۽ اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي.

سمنڊ ۾ بارش پوي تہ ڪي مالهو چون ٿا تہ اها اجائي آهي. جتي ڀيون —
سڪن، اتي پوي نٿي، پاڻي جتي اڳئي پاڻي آهي، اتي ڪهڙي ڪم ٿي اچي؟ اها —
ٺيڪ نہ آهي. سمنڊ ۾ الڪ جيئڙ رهن ٿا، جي سارو وقت برسات لاءِ واجهائيندا ٿا ر —
چو نہ هو سمنڊ جو پاڻي ٿا پيئن. بارش پوي تہ پوندو جهڙي پياس مٽائين ٿا. —
اهي پوندو جهڙي لي نہ آنڊو موتي پيدا ٿين ٿا. ڀاولپور ۾ اچ شريف آهي، —
جلالدين پير رهندو هو. اُن ۽ اهڙو اعتراض ڪيو ۽ گرو نانڪ ڪيس ڪرتار جي ڪ —
ٺيڪ جو سمجهي، اهو سمجهائڻ لاءِ ڪيس ڀوڳ شڪتيءَ سان هڪ پهاڙ تي پهچايو،
جي هيٺان سمنڊ هو ۽ اُن ۾ بارش ٿي رهي هئي. اُتي ان وقت هڪ سپ مڇلي —
هئي، جنهنجي هڪ هڪ ماڻهوءَ کي آڪاش مان پوڻ جي ٿالهي آئي، پوءِ هن —
آئي. لڏهن اُن مڇليءَ جي مهيمت هنکي سمجهايو تہ تہ ڪرتار جي ڪئي —
آندو آهي. لو ڪوي لوکي پوڻ نہ آيو آهي. پوءِ ڪيس مضمون اپديش ۽ ڪمائين.

پوءِ انهاس ۾ وهڻ وقت شريد سان ڪڏ من کي ۽ قابوءَ ۾ آڻڻ ضروري آهي، —
پوڻ ڀوگ ۾ نہ نڪندو. پر اهو سب ڏيرج ۽ آهستي آهستي پريم سان ڪرڻ گهرج —
جيستائين من قابوءَ ۾ اچي، اوستائين ۽ شرير کي تہ ضرور قابو رکجي. گروجن لہ فرمايو —

من جاوي تو جاڻ دي – تون قابو ڪر شرير؛
ڪُلي پاڇوُن ٿانڪا – ڪيا ڪر سگيا لسير؟

جي من هروڀرو ڀڄڪي تو بہ ۽ شرير کي تہ قابو رکجي ۽ پاڻ کان ڀڄائجي، —
ڪمان کان سواءِ تير ڇا ڪندو؟

شلوڪ ۲۷. جنهن جو من بلڪل شانت آهي، جنهن جو [تمو ۽] رجو —
نورت ٿيل آهي ۽ جو پاپن کان آجو ٿي برهم سروپ ٿيو آهي، اهڙي يو —
کي اُتم آنند پراپت ٿئي ٿو.

ڀڳوان ڀوگ جي وڌي تو ورلن ڪري، جنهن وسيلي چت جي ورتي استٿ —
ٿي، پرماتما سان اڻوراڳ لڳي تو ۽ انتهڪرڻ جي شڌي ٿئي. جنم جنم جا پاپ ۽ —
جلي ٿا وڃن، جنهن مان مها آنند اچيتو ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي حاصل ٿئي —
ڀوڳ مان رڌيون سڌيون پائي، جيڪڏهن دنيا کي وس ڪري، عرص مان پالوس —
ڇا ٿيو، جي پرماتما کان ڀيمڪ آهيون؟ دنيا کي رجهائڻ مان ڇا ٿيندو؟ دنيا کي تہ —
ناٽڪي ۽ ناچ گانا ڪري رجهائي ٿي سگهي ۽ ٺوب ڌن ۽ لي ڪمائي. جي ڀوگ ڪ —
اهوئي حاصل ڪجي تہ ڇا ٿيو؟ هن شلوڪ ۽ ايندڙ شلوڪ ۾ ڀڳوان ان ڀوگ جو سچو —
جو ڀوگين جو مقصد هئڻ گهرجي، اهو ۽ لو ورلن ڪري.

پوءِ ڪندي ڪندي من شانت ٿيندو، وشيہ ترشنا لهي سگهي، پاپ ناس ٿي —

ي جدا شيون نٿو سمجهي ۽ اِن طرح ساري سنسار کي ايشور ۾ ۽ ايشور کي سنسار
ٿو، اهو ئي سچو يوگي آهي. ڀڳوان صاف ٿو چوي ته مان اهڙي يوگيءَ کان جدا يا
ڪل نه آهيان ۽ نڪي هو مون کان جدا آهي. جن اهو اَنڀو ڪيو آهي، اُنهن سان
هر وقت، هر هنڌ، هر طرح ساڻ آهي. هوءَ هر وقت ڀڳوان کي پنهنجي سمک ڏسن
جيءَ طرح پنهنجي پريتم کي سامهون ڏسي، ڪيتري نه خوشي ليندي آهي، ته
ايشور کي پاڻ سان هڪ اَنڀو ڪري ڪيڏو نه پرم آنند ايندو! اهائي اوستا حاصل
آهي ۽ اِلله يوڳ اڀياس ٿي رستو آهي. وسشٽ منيءَ شري رامچندر کي اِهو اُپديش
ي ته پنهنجي اُپاسنا ڪجي، اَن جو روپ ٿي اها ڪجي. وشنو ڀڳوان جي سچي
ڏهن ليندي، جڏهن وشنو روپ ٿي سندس ڏيان اُپاسنا ڪجي ۽ ڀورن سڌي ۾
حاصل ليندي. چيٽن جي اُپاسنا چيٽن ٿي ڪجي، جڙ ٿي چيٽن جي اُپاسنا ڪري
ي. گروجن جي واڻي سموري اَڀروڪيه يعني وشيش گيان سان ڀريل آهي. گرو
صاحب ۾ اهو ئي اُپديش ڏنل آهي ته ايشور کي هميشه سامهون سمجهي، ڀڄن ڪيرتن،
ڌيان ڪريو. هيٺين شبد ۾ اُنهن ايشور کي سامهون سمجهي پرارٿنا ڪيل آهي:

هر مٺلي تم اوڄل ڪرلي - هم لڙکن تمون دانا.
١- هم مؤرک تم چتر سياڻي - تؤن سرب ڪلا ڪا گيانا،
ماڌؤ! تم اَلسا، هم اَلسي -
هر ٻاٻي لون ٻساپ کنڊن نيڪو تساڪر ديا.
٢- تم سب ساجي ساج نواجي - جيؤ پند دي پرانا،
تم گنياري ڪڇ نهين ڪرلي - تم دان ديهه مهرانا.
٣- تم کروپاٽ، هم ٻلوته جائؤن - تم سدا سدا ديالا،
تم سک داتي، پرک ٻڌاتي - تم راکسو ابهي ٻسالا.
٤- تم تسدان اَتل سلطان - جيؤ جنت سب جاچي،
ڪهه نانڪ هم اهي حوالا - راک سنتن کي پاچي.

هين ڄچن ۾ وڏو وچار ڀريل آهي. هيڪ گياني ته يڪدم چوندا ته گرو ٻالڪي ٻاڻي ۽
چئي رهيا آهن ۽ ڪرتار کي اوڄل، دانا وغيره، سو ته وڏو پيد ليو، ايڪتا
ڪيئن ٿي؟ پر اِها غلطي آهي. اهو نٿا ڏسن ته اَڀروڪيه گيان سان ڀڳوان کي عين
ڏسي، اهو چيو اَٿن. جنهن کي اهو گيان آهي، جو ايشور کي ساکيات سمک
ٿو، ته جا اهو ڪڏهن ٻاٻي ۽ مورک ٿي سگهي ٿو؟ جا هيڪي ڪڏهن به اَگيان ٿي
ٿو؟ هيءَ نماڻائي ۽ هيڻائين ته دنوي لوڪن کي سيکارڻ لاءِ ڏيکاريل آهي. گروجن
ڀورن پرميشور روپ هئا. سڪمني صاحب ۾ اهڙا الهڪ وچن اچن ٿا. گروجن جي
ي واڻي اَڀروڪيه گيان سان ڀرپور آهي ۽ آسڪ پاڻ ۾ لهڻو ٿي ڪرائي.
"اِي جڳ هر ڪا روپ هئا - هر روپ نظري آيا."

مان ٻال آهيان، پر آتما نه اصل ۾ نه ٻار آهي، نه ٻڍو يا جوان، نه زال نه مرد. اهي اڌ
سڀ جسم ڪري آهن، پر آهن، جي ڏيهن رامت لڳا پيا آهن. ڪو حڪمت ڪري
نه ايمان الس نه مان حڪيم آهيان. ڪو مختيارڪار آهي نه ايمان ڪري ٿو نه مان ڪا
آهيان. ڪو دڪاندار آهي نه پاڻکي سيٺ ٿو سمجهي. اصل ۾ حڪمت، مختيارڪا
۽ دڪانداري ٻالڪپڻي ۾ ته ڪين هئا ۽ پوءِ به ڪلپت آهن، جو نه جي دڪانداري
ڪري ٿي ماستري ڪندو نه هو ماستر ڪرندو نه دڪاندار. ٻالڪ جوان ٿيندو نه پاڻکي
ٿو سمجهي. مطلب ته آتما ته شد ست چت آنند روپ هڪ رس آهي ۽ اهي شريرن
اڌياس سڀ ڪلپت آهن ۽ سچا بلڪل نه آهن. انهن ۾ آتمڪي پوڻ مان ئي سڀ
موهه پيدا ٿين ٿا. جيئن پراڻا ڪپڙا لاهي، نوان پائيندا آهن، ليڪن هن آتما کي نوان
شرير ڪرمن انوسار ملندا رهن ٿا، انهن شريرن ۾ موهه رکڻ مورکتا آهي. ان اڌياس
ٽارڻ لاءِ ورلي هر هميشه آتما ۾ لڳاتلي آهي ۽ پوءِ ئي سڀني پراڻي مالڪ کي پهچي
جاڻبو. اها اوستا سادنا ڪانسواءِ پراپت ڪانه ٿيندي. ناماڻو ڀڳت ڪٿي ۾ ئي پهچو
يا ايشت ديو ڪرشن ڏٺو. ڪبير صاحب به فرمايو آهي:

اُلو عيب سڪل گهٽ پيتر- هردي لهر بچاري،
هندو ترڪ دونو برابر- ڪهي ڪبير پڪاري.

فارسيءَ واري هڪ شاعر به لکيو آهي ته سڀني ۾ هڪ خدا هميشه حاضر آهي
هڪڙي پاڪ نظر سان ئي ڏسي سگهبو. ان آتم درشٽيءَ سان ڏسبو ته درياهه ۾ نه
آهن، نه بدبدا يا لهرون ۽ رڳو جل ئي جل آهي.

اهڙا آتم درشٽيءَ سان ڪرڻ گهرجي، پر شريرن ڪري هر هڪ سان ورتا
موجب ڪجي. جيئن زال ۽ ماءُ ڀيڻ سان ساڳيو ورتاءُ ڪونه ڪري سگهبو.

حافظا گر فضل خواهي - صلح ڪن به خاص و عام،
با مسلمان الله الله - با برهمڻ رام رام.

شلوڪ ٣٠. جيڪو مونکي سڀ هنڌ ڏسي ٿو ۽ سڀ ڪجهه مو
ٿو ڏسي، اُهو ڪڏهن به مونکان جدا نه آهي ۽ مان ڪڏهن به کان
نه آهيان.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان گيان جو ڦل، جو برهم ۽ جيو جي ايڪتا آهي، ان ايڪتا
جو هڪ اڀياسڪ ۽ ٻيو اڀياسي ٻه آهن، انهن جو ايڪ لو ٻڌائي. پرڪار وڏا مهاتما
تو آتهؤ ڪري نه سرو ۾ ۽ مان سرو ۾ آهيان. هو پاڻکي ڀڳوان کان جدا ۽ ڀڳوان
پاڻ کان ذرا بلڪل ڪونه ٿو سمجهي. جيڪو ڀڳوان کي سڀ جڳهه ۽ سرو ۾ ۽ سرو
ڀڳوان ۾ ڏسي ٿو، اوهه پورٿ، تاهي ٻني جهان ست کي ڪوڙي ۾ ۽ ڪوڙي کي
۾، سمنڊ کي لهرن ۾ ۽ لهرن کي سمنڊ ۾، ڪپڙن کي سوٽ ۾ ۽ سوٽ کي ڪپڙن ۾ لو

رام روپ ۾ درشن ڏيندا. ان وقت پنهنجي ڀڳت جي سچي ڀاونا ڏسي:

نج مرلي، نج چندرڪا - نج گوپين ڪو ساٿ ؛
آپهي ڀڳت ڪارڻي - شري ڪرشن ڀئو رگهوناٿ .

هنومان ۾ ڀڳوان رام لاءِ اهڙي ئي اننيه ڀڳتي هئي، جا نشڪام ڀڳتيءَ ۾ لي ڀڄي. ... وڌي ڀڳتي، جنهن ۾ هر جيو ۾ ايشور يا پنهنجو آتما لڳر ڏسجي. ڀڳوان ڪرشن ... اپديش هن شلوڪ ۾ ڏني ٿو. اهڙو گياني سڀني ۾ هڪ جوت ٿو ڏسي. هو ڪهڙو ... ڪري ٿو ته جڙ پٿر جي ٿو اپاسنا ڪري. ڀڳتيءَ وقت ا- هو ڪٿي ٻين ديوتن، ... ن، جي ٿو پوڄا ڪري، پر اها ته جڙ پار پٿر جي اپاسنا ٿو ڪري. سندس ڀاونا اهڙي ... اها ورلي بلڪل اوچي آهي. ٻيون اننيه ڀڳتيون حد اندر آهن، پر هيءَ لامحدود ... ڀڳتي آهي. اهڙا ڀڳوان کان پري نه آهن ۽ نه ڀڳوان هنن کان دور آهي. مطلب ته ... ته پو اهو رکجي، جو سڀ ۾ وياپڪ آهي. ڪنهنجو نشيد نه ڪجي. نشيد ڀڳتي واري ... ڀڳتيءَ ۾ اوچ اوسطا جي آهي، پر موڪش ان مان نه ملندو. موڪش ته ان کي ٿو ملي، ... گيان آهي ۽ سچو گيانوان ڪڏهن به نشيد ڀڳتيءَ ۾ اٽڪي ٿي ٿيندو. شروعات ۾ ... نشيد ڀڳتي واري اننيه ڀڳتي ڪجي، پر آخر اوچي منزل تي پهچڻ گهرجي. خالص ۾ ... جولدا آهن ته اسين گرو گوبند سنگهه جا سک آهيون ۽ نه گرو نانڪ جا. اها ضروري ... جڏهن گرو جن پاڻ فرمايو آهي ته ڏهه ئي گرو هڪ روپ هئا.

... نامديو ڀڳت پوڄا ڪئي ۽ ڪيترو ئي ڪري پڪاريو. ان ۾ سڀ ڪرشن جو روپ ... . سڀ ديو ديوتائون ۽ ايشور جا روپ آهن ۽ ان جي سدا پالنا ڪري رهيا ... جولي جدا جدا روپ ڌاري برهمانڊ جو سارو چرخو هلائي رهيو آهي. هڪ ڪتو ... اننيه ڀڳتيءَ وچان رکيو مسجد ڪئي ٿي خدا جو گهر مڃي ٿو ۽ نه ڪنهن مندر ۾ ... ڪئي، پر جيڪڏهن گيانوان به اهين مڃي ته ڀيءَ ڀائي جي وچ ڪهڙو تفاوت ٿيو؟ ... هن شلوڪ ۾ اهوئي ٿو اپديش ڪري ته اها حد ٽپي سڀ ۾ پنهنجو اشٽ ديو ڏسو، ... سڀ ته هولي سڀ ۾ رمي رهيو آهي. جنهن هڪ ڪويءَ چيو آهي:

... چندر ديکتا هوں اڌر تون هي تو هه - ڪه هر شيءِ ۾ جلوه، تيرا هو بهو هه.

... هن جي ورلي اچل آهي، سي سڀ ۾ الاهي نور ٿا ڏسن، اهڙي جوت ڪي سڀ ... . اهي ئي سچا يوگي آهن. جنهن جو دم دم جو وهنوار ۽ پرماتما روپ آهي، جو ... جي ورلي هر وقت پرماتما ۾ لڳل آهي. گوپين اها ڳالهه سڌ ڪري ڏيکاري آهي.

... ڪي هن صاف چيو ته هي اوڌو پڌ:

اڪ من تا جو لي گيا جگديش - اوڌو جي ! من ته پڃي ڏس ٻيس.

... نامديو وڏو ڀڳت هو ۽ سندس مهما پڌي ته لوڪن سر سندس درشن ڪوڻا ويو ته ... هو ته سارو وقت وهنوار ۾ لڳو پيو آهي. ڪپڙا پيو ڌوئي ۽ رڱي، ماڻهوءَ ته اچائي ... جي تعريف ڪن. ان وقت هن سان وارتالاپ ڪيائين، جو ڪنهن ڀڳت هن ريت

ڪو شڪ ڪري تہ هڪ ڀڳوان ڪيئن ٿو سڀني ۾ رهي؟ ڪو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ڇا؟ نہ، جيئن آڪاش هڪ آهي، پر هزارين لکين ٻرتن، دلا، مٽڪا رکو تہ هر هڪ جدا آڪاش ڏسبو ۽ هر هڪ آڪاش ۾ آهي، پر آڪاش ڪو ٽڪرا ٽڪرا ڪونہ ٿيو آهي. ۾ ڪوبہ تفاوت نہ ٿو اچي. اهو اڳي وانگر پورڻ ئي پورڻ رهي ٿو. ان طرح برهم ۾ آهي ۽ سڀ سنسار برهم ۾ آهي، پر برهم ۾ گهٽ وڌائي جو ڪو تفاوت ڪونہ ٿي پورڻ ئي رهي ٿو. ڏيرجوان پرش هر وقت ۽ هر طرح سان پرماتما کي پاڻ ۾ اسٿت ڏسن ٿا، هڪڙي سڀ ۾ وياپڪ ڄاڻن ٿا ۽ اهو ڄاڻي هو نرنتر شانتي ٿا پائين ۽ هميشہ ۽ اکنڊ شانتيءَ ۾ گذارين ٿا.

شلوڪ ٣١. جيڪو پرش مون ۾ سڀني پراڻين ۾ رهندڙ کي سڀ سان سمجهي، منهنجي پوڄا ڪري ٿو، اهو يوگي مون ۾ ٿو نواس ڪري، ڇاهي ڪهڙي بہ قسم جو هو ورتاءُ ڪندو هجي.

سڌو ڀڳت ڪاساني هو ۽ اهو ئي ڏنڊو ڪندو هو ۽ پر ڀڳوان جو پرم ڀڳت ٿيو آهي تہ هو ان اوستا ئي ڀڃل هو، جنهن جو ورڻن هن شلوڪ ۾ ڪيل آهي. هن شلوڪ ۾ شد ڀڳتيءَ جو ورڻن ٿيو ڪري. اننيہ جي معنيٰ اَن + اَنيہ = بيو نہ. يعني هن ڪجهہ آهيئي ڪونہ، هڪ پنهنجي پريتم پرماتما ڪانسواءِ. اننيہ ڀڳت سڀني ۾ پنهنجو ايشور ٿو ڏسي. وهمراري اننيہ ڀڳتيءَ ۽ ايشوري اننيہ ڀڳتيءَ ۾ گهڻو ۽ گهرو ڀيد مجنون ليلا جو اننيہ ڀڳت هو، پر هو پنهنجي اننيہ ڀڳتي رکيو هڪ ليلا سان ئي سکيو ۽ ٻين ڪنهن کي بہ هن ليلا جو روپ نٿي ڄاتو. ٻين کي نهيد ڪري، ڌڪي سڀني وستن کي ڇڏي، هڪ ليلا ۾ من لڳل هوس ۽ هن کي ئي ڏسي من پرسن ئي پر ايشور جي اننيہ ڀڳتن جو اهو حال نہ آهي. هو پنهنجي پرميشور کي سڀ ۾ ڏسي گردوارن ۾، رام مندرن ۾، ڪرشن مندرن ۾، مطلب تہ هر آستان ۾ هو انترجامي ايشور ڏسي، سڀني اپاسنا ڪن ٿا. سڀني هردو وشال ٿئي ٿو. اها پرم اننيہ ڀڳتي ڀڳوان ٻارن ۾ ئي ٿي سگهي ٿي.

سنسار ۾ ڪيترا ڀڳت اننيہ ڀڳتيءَ جو اهو ارٿ ٿا ڪن تہ پنهنجي اشٽ ديو کان ٻئي ڪنهن کي بہ نہ مڃين. ٻئي اڳيان مٿو بہ نہ نيڪمن. ان کي بہ اننيہ ڀڳتي ٿو ڪو پر اها اننيہ ڀڳتي، نهيڌ ڀڪيہ واري آهي. هن ۾ راڳ ۽ دويش رهيو. اها بہ وڏي آهي، پر ڀيد ڀاونا رهيل. ٻڌڻ ۾ آيو جڏهن سوامي تلسيداس ڪرشن مندر ۾ ويو تہ جي مورتيءَ اڳيان مٿو نہ نيڪايائين ۽ چيائين:

ڪهان مرلي ڪهان چندرڪا - تب ڪهان گوپين ڪو سانٿ،
تلسي مستڪ تب نوي - جب ڌنش بان ليو هاٿ.

سڀني اشٽ ديو شري رامچندر هو، تنهن ڪري چيائين تہ مان مٿو تڏهن نيڪائيندس

ئي لٿو، سو وڃي جوسمر. جيئن وڃي جوسيندي، ايئن وڃي اندر ۾ سوجهرو ٿيندو
ت لئي ڪلي پيا اکر." نواب ڊاڍو ڇتائي لڳو؛ وري ويو روئڻ اداس وٽ، پر هن
ته "نواب صاحب! اهو وقت هليو ويو!".

شلوڪ ٣٢. هي ارجن! جو پرش سڀني پراڻين ۾، سک اٿوا دک کي
جي آتم سروپ سان ڏسي ٿو، اهو آتم يوگي ڄاڻ.

مطلب ته جيڪو سڀني کي پاڻ سمان برهم روپ ٿو سمجهي ۽ سڀني جو سک دک
لي، انهيءَ لاءِ چئبو ته هن آتم يوگيءَ جي پدوي پراپت ڪئي آهي. اهو پرش ڪنهن کي
يا دک نٿو پهچائي، سڀ ڪنهن جو ڀلو ٿو چاهي، سندس دل نرم ۽ بلڪل ادار
. هي سڀ رڳو خيال سان نه معلوم آهي، پر سچ پچ محسوس ڪرڻو آهي. فقط شڌ
ڪرڻ ۾ ئي ٻئي جي سک دک جو عڪس پئجي سگهي ٿو. من ۾ جيڪڏهن راجسي
سي خيال آهن ته ٻين جي سکن دکن ۽ پيڙائن جي پروڙ ڪڏاچت نه پئجي سگهندي.
جاڻي ٿو ته سک اِشٽ روپ آهي يعني وڻي ٿو ۽ دک سان دويش ٿو لڳي، پر اهو
ر هو پنهنجي سک دک لاءِ ٿو سمجهي، پر ٻين سڀني جيون جي لاءِ پڻ. هو سڀني
ڪن دردن ۽ ڪليشن جي نورتي ٿو چاهي. ٻين کي سکي ڏسي، هو پرسن ٿو ٿئي
ن جي دک ۾ هو پاڻ به دکي ٿئي ٿو. هو ساري سنسار جي پراڻين لاءِ سک جي
ڪري ٿو ۽ دک ڪنهن لاءِ به نٿو چاهي.

ياڳيه والڪيه رشيءَ جڏهن سنياس ورتو ته چيائين ته مون سنياس ان لاءِ ورتو آهي
ي سنسار جي جيون جو سک دک ڪري سمجهان ۽ نه فقط پنهنجو
جي ڪٽنب جي پالڻ جا مترن جو. مان هر وقت اهائي پرارٿنا ڪندو رهندس ته نه
سڀني انسانن جو هئڻ، پکين، ڪيڙن پتنگن سڀني کي سک ٿي ملي ۽ سندن
سک شال مٿن جا دک سک ٿين!

"جيون مڪتي" گرنٿ ۾ آيو آهي ته جو پنهنجي آتما برابر ٻين کي ڏسڻ ٿو چاهي
ساڌن ڪري: (١) تتو گيان، (٢) منو ناس ۽ (٣) واسنا کيه.

تتو گيان: اهو جاڻي ٿو ته سنسار جو سمورو پرپنچ دويت روپ آهي، اَسٽ آهي
پرماتما ئي سٽ آهي. پاڻکي نه پورن برهم سمجهي هلت ڪري يعني پاڻکي شرير
آتما جاڻي. جيڪو اهو پنهنجو آتم گيان نٿو جاڻي، اهو ٻين جا سک دک ڪيئن
س ڪندو؟

منوناس:- من جو ناس ڪرڻ. من جا خيال يا ورتيون هر وقت بدلجندا رهندا. ڪن
ي لڳي ته پاڻي کپي، ڪن ۾ بک لڳي ته کاڌو کپي، ڪنهن وقت وهنوار جو خيال ٿو
ڪنهن وقت آرام ڪرڻ جو. مطلب ته سمي سمي انوسار من جا خيال علحدا علحدا
يا ان من کي ناس ڪرڻو آهي، اهو ڪو سولو نه ڏلدي، تلوار يا بندوق سان نه
گهندو، پر خيالن کي دور ڪرڻ سان. خيال ويا ته نهچ من مري ويو. خيال ناس

پنهنجي واڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي:

ناما مايا موهيا، ڪهي ترلوچن ميت - ڪاهي ڇهي چالي، نام نہ لاءِ چيت.

”اڙي ناما! تون نہ مايا ۾ موهجي ويو آهين. هي ڪهڙا ڇو پيو ڇاپين؟ نام سان
لاءِ.“ ناميديو ترلوچن جا اهي وچن ٻڌي سمجهي ويو تہ هي اجا پهرئين ڏاڪي تي آه
کيس جواب ۾ چيائين:

نــاما ڪهـي ترلوچنا، مک سي رام سنڀال،
هاٿ پائون ڪر ڪام سڀ، چيت نرنجن نال.

سنڌ جي اعليٰ شاعر شاه لطيف ڪين چيو آهي:

هــٿـــن ســين هــاج ڪر، نيڻ ســين نهـــار،
اِيــا اڳڻ پـــار، پــچ پنهنجي پرينءَ کـــي.

هٿـن پيرن سان ڪم ڪار پئي ڪجي، پر واهہ سان نام جپجي ۽ چت من انهن
ڏجي. ٢٤ ني ڪلاڪ اهڙي ورتي رکجي. اها ورتي فقط انهن جي ٿيندي، جن
اپروکہ گيان آهي ۽ هروقت ڀڳوان کي سنمک ڏسن ٿا. هو سڀ ڪجهہ ان ايشور ۾ ڏ
رهيا آهن. هٿن جو سڀ ڪم ڪار ايشور جي ڀڳتي آهي. هو وهنوار ڪندي بہ برهم
ابياسا ڪري رهيو آهي، گويا برهم ۾ لين آهي. ان جو هڪ سنڌر درشٽانت آهي:

روهيداس چمار هو ۽ هڪ ڏينهن چمڙو ڌوئي پئي رڱيائين تہ هڪ نواب، جو سند
پرامي هو، سو وٽس آيو ۽ هميشه وانگر کيس چيائين تہ ”سائين! مونکي بہ ڪو ال
امرت پياريو؟“ هنکي خبر هئي تہ ڀڳتن وٽ سچو امرت ٿئي ٿو ۽ سان ڪان الهن پيو ڪه
ايندو هو ۽ روهيداس بہ کيس دلاسو ڏيندو رهندو هو. ان ڏينهن جڏهن نواب ساڳيو
ڪيو تہ روهيداس موڄ ۾ ويٺو هو. سو يڪدم نواب کي چيائين تہ آب حيات ڪٽيءَ تہ
جهل. هن پڪ جهليو تہ روهيداس چمڙي جي ڌوتل پاڻيءَ مان ٻڪ ڀري کيس ڏنو تہ ”
هيءُ پيءُ.“ نواب اهو وڙتو تہ سهي، پر دل ۾ چيائين تہ هي وري ڪهڙو آب حيا
هن مان تہ بدبوءِ پئي اچي! ادب وچان منهن ٻئي پاسي ڪري پيرن جو پاڻو تہ ڪ
ٻـو سڄو پنهنجي پانهن ۾ هاڙي ڇڏيائين. نواب کي ڪهڙي خبر تہ روهيداس ان و
هرشن ڀڳوان سان هولي کيلي رهيو هو ۽ اهو چمڙي وارو پاڻي ڀڳوان جو چرنامرت ه
نــواب گهر وڃي پنهنجي قميص لاهي هڪ ڌوٻيءَ کي ڏني تہ ڌوئي صاف ڪري.
اهـا ڌوٻي پر رنگ نہ ٿيو لهي، سو واٽ ۾ وڃي جوسڻ لڳي تہ من اِئين لهي. جه
ٻاهر چوسي، ليڪن سندس انتهڪرڻ ۾ پرڪاش پئي ٿيو ۽ الهن ان قميص جي پانهن
رنگ تہ لٿو، پر سندس من تي رنگ چڙهي ويو ۽ هن جا ڪلهه اي ڪلي پيا. مک
هه ونئي کلي پيس ۽ خوب نظارا ڏسڻ لڳي. نواب کي قميص صاف ڪري ڏيڻ و
تہ هن سندس اهو حال ڏسي پڇيو تہ ”ماڻهي! اهڙو هوش جو آهين؟ ڪو خزانو هٿ
آيو، ڪيئن؟“ چيائين تہ ”جيڪا قبلا! هيءَ قميص ڌوئي آهر تہ سڀ خزانا ملي وي

وڪن ۾ من جا چار لڇڻ ٻڌايل آهن: (١) چنچل، (٢) پرمٿڻي يعني بلڪل گهڻي زور
ب وارو، (٣) بلوان ۽ (۴) هوڙي يا هٺ وارو.

چنچلتا: چنچلتا جا ڇهه دوشتانت شاسترن ۾ آيل آهن:

چلدل پتر، پتاڪ پٽ - دامن، ڪپي مسابع،
پُوسٽ دي، دي شڪا - يُون من پرنٽ آناد.
سهج سٽرياڻ آڪاش ڪوُن - باؤڪ اپر چلنٽ،
چنچل سو لهه آناد ڪو - من رمٽ وشيه ڪرنٽ.

(١) پپر جو پن لوڏيءَ هوا ۾ به پيو لڏندو، ڪڏهن به اسٿر نه ٿيندو، (٢) جهنڊي
ٽڙو به پيو اڏامندو، (٣) بادلن مان لڪرنڊڙ بجلي، (۴) ڪڇوءَ جو مٿو به هميشه پيو
، (٥) پرن پرين جا ڏيا ڪڏهن به سڌا نه پوندا، (٦) ڪهر ۾ بارڪ ڏين جو ڊونهون
و نه ويندو، ڇپو ڪپو ٿي مٿي ويندو. من به انهن وانگر آهي. هر وقت هڪڙا نـ ٻيا
پ وڪلپ هڪ ٻئي پٺيان هلندا رهن ٿا. جيئن باندر هڪ ٽاريءَ تي نه ويهندو
پيو ٽپندو ٽپندو آهي. سنڌيءَ ۾ به پهاڪو آهي ته پپر جو پن، هاليءَ جو ڪن ۽
جو من ڪڏهن به اسٿر نه آهن.

پرمٿڻ: من جو وڳ تمام زور وارو آهي. هڪ ٻئي پٺيان خيال اٿڻ زور سان
ن اچن ٿا، جو خيال ۾ پوي ٿو ته ڪا به خبر نٿي پوي. دماغ ۾ خيالن پٺيان خيال
هن ٿا. انهن کي ڪيان روڪي ته روڪي، نه ته من وڪارن ۾ پيو ته ويندو هاسٽرن
ته سمجهندو، وڏي نديءَ جو به خيال نه ڪندو ۽ ٽڪري ٽانگ وانگر ٿي پوندو.
ڪڏهن ڏرم پٺيان لڳو ته ان طرف هلندو ويندو. مطلب ته من ئي شڌ آتما آهي ۽
شيطان آهي. جنهن طرف ڪيس لڳائجي، ان طرف لڳندو. پڌن ۽ مڪتيءَ سڀ
منحصر آهن ۽ نه ٻاهرين حالتن تي. ستسنگ سان ئي من کي سڌاري سگهجي ٿو ۽
رستي ڪان ٻچائي، شڀ مارڳ طرف لڳائي ٿو سگهجي.

بلوان ۽ هوڙي: من ۾ هاٿيءَ وانگر گهڻو ٻل ٿئي ٿو. هاٿين جا پلوان (هلائيندڙ)
ـ هاٿيءَ تي اعتبار نه ڪندا آهن ۽ هر وقت ڪلهو ٿوه جو ڪندو ۽ زنجير هٿ ۾
ندا آهن ته ڪنهن مهل به هاٿي بگڙي ته اهي هٿي ڪيس سڌو ڪن. انهيءَ لڳڙ
هاٿيءَ جو ٻل ٿيو ڪهنجي، پر ان جي چنچلتا دور ٿئي ٿي. من کي سڌي ڪرڻ
هڙا ٿي ڪندا ڪين ۽ جڏهن ڪيس اهي مدگر لڳندا تڏهن سڌو ٿي هلندو. من کي
وبراڳ ۽ ستسنگ روپي هٿيا لڳندا ته ان منجهان برا خيال دور ٿي ويندا. ٻـل
رهندس، پر ستدس هوڙ پڇي پوندي ۽ دب ليندس ته سڌو ٿي ٿو هلندس ته نار
من جيڪڏهن پرڪ ۾ لڳو ته ايشور جو روپ ٿي پوندو ۽ ساريءَ دنيا کي سـوڀر
سندو، پر جي وشين (جوا، شراب، وڀچار، چوريءَ يا لڳيءَ وغيره) ۾ لڳو ته ان
بندو چوٽ چڙهندو.

نيندا، ورلي، کي روڪڻ، ورلي روڪڻ، يوڳ ساڌن، اُنهن جا سان. اُنهن جو
ورلي لڳي ٿو من جو لوڏ بيشڪ ناس ٿيو.

واسناڪيهه: واسنا جو ناس ٿيڻ. واسنا ڪهڙي؟ ورلي ۽ وشمن روپ ڪام
جا ڦرنا يا اُنهن ڪري جا چڙهندا ٿيندي، اُلڪي واسنا ٿو ڪرڻجي. اُها ڪم ليندي
ڪرمن، ڀڳتي، دان، تپ، تيرٿ اشنان، گرو ڀڳتي، ماتا پتا ۽ وڏن جي سيوا،
مهاتمائن، سادن جي چاڪري، وغيره ڪرڻ سان.

اهي ٻئي اُپاءُ ڏسڻ ۾ ڌار ڌار ٿا اچن، پر هڪ ٻئي جا مددگار آهن. لڳ گيا
ته من ۾ ناس ٿيندو ۽ واسنائون ۾ ڪم ٿي وينديون. اِن طرح تنهي مان ڪو به هڪ
ٿيو ته ٻيا ٻه به دور ٿي ويندا ۽ پوءِ سڀني پراڻين جو سک دک پاڻ ۾ ڀيٽهجڻ ٿي
محسوس ٿيندو ۽ اُن ڪرڻ لاءِ ڪو خاص يتن نه ڪرڻ ڪرڻو پوندو ۽ سڀ سهج
وڃي ٿو. اُتهڪرڻ روپي آئينو صاف ٿي ويو ته پوءِ ٻيا ڪنهن يتن جي اُن ۾
سکن دکن جو عڪس پوندو. جيڪو ٻين جا سک دک ڀيٽهجا ڪري ٿو ڄاڻي،
سچو اِنسان ليکجي ٿو ۽ اهو ئي سچو ڀڳت ۽ يوڳي ٿي سگهندو.

ارجن چيو:

شلوڪ ٣٣. هي مڌسوُدن! اوهان جو هي سمدرشتيءَ واري يوڳ
استر استٿتيءَ سان ڪرڻ جو اُپديش ڪيو، اُهو من جي چنچل سڀاءَ
ڪري مون کي ته ممڪن نٿو ڏسڻ ۾ اچي.

شلوڪ ٣٤. ڇو ته هي شري ڪرشن! من پرسڌ چنچل آهي ۽
۾ بکيڙو وجهندڙ، بلوان ۽ هوڏي آهي. اِن کي روڪڻ هوا کي روڪڻ
آءُ بلڪل مشڪل ٿو سمجهان.

ارجن جو هنن ٻن شلوڪن ۾ مطلب آهي ته من اُهڙو ته چنچل ۽ اُڻ اسٿر آهي
سمدرشتيءَ وارو يوڳ ڪمائڻ ڏکيو آهي، ڇو ته من نه رڳو پاڻ چنچل آهي، پر وش
پوڻ جي واسنائن سان شريرُ ۽ سڀني اِندرين ۾ ولوڙو وجهي ٿو ڇڏي ۽ بلڪل بلوان
آهي. جنهن ڳالهه ۾ لڳي ته اُن ۾ جهٽيو پوي ۽ اُها پوري ڪرڻ کان سواءِ نٿو مڙي
کي روڪڻ ته هوا کي روڪڻ کان به وڌيڪ ڏکيو آهي.

"ڪرشن" لفظ جو هڪ ارٿ، جو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي، اُهو آهي ڪرش
ڻ = آنند. ست ۽ آنند جي وچ چت به اچي ويو. اِن ڪري ٿيو ست چت آنند
ٻيو اُرٿ هن لفظ جو آهي ڇڪي وٺندڙ يا دُور ڪندڙ. ڀڳوان ڀڳتن جي سڀني
گناهن، خرابين ۽ اُنهن جي سببن کي دُور ڪندڙ آهي ۽ سڀني سڀ ڪامنائون به
ڪري سڀ ڪجهه ڪين سڀني لِڳا الوسار ڀڄائي ٿو. ارجن جو اهو ڀاءُ آهي ته مو
ڏاڍا دوش آهن، جي اوهان ٿي ٿا مٽائي سگهو، جو ته مون ۾ ته ڪو به ٻل نه آهي

پراپت ڪين ٿا ڪري سگهن، اُن جا هو حقدار نه آهن. پر جيڪي سنجم ۾ رهن ٿا، سي گرهستي هوندي به شاسترن جي نيمن انوسار هلن ٿا، اهي ضرور يوگ ۾ اسٿت ٿي، من وس ڪري سڌي حاصل ڪندا. وهنوار ۾ به اهو بلڪل ضروري آهي ته جيڪو به ڪم ڪجي ته اندرين جو سنجم نوري ڪي گهڻو ڪرڻو پوي ٿو. هڪ وسوهو اهو جي من کي اسٿر ڪري اندرين کي روڪي، ڪم ۾ نه لڳندو ته ڪڏهن به ڪڏهن ڪانو ليار نه ڪري سگهندو. باهه گهٽ وڌ ٿي ته يا ڪچو يا سڙيل کانو ٿي پوندو. مرچ مصالح به پورا نه وجهندو ته کانو سنو نه لڳندو. من جي ايڪاگرتا ۽ اندرين جو سنجم وهنوار جي اتوا پرمارٿ جي هر هڪ ڪرم ۾ ضروري آهي. يڳيه آدي ڪرم، جي رشين منين ٺاهيا آهن، سي سڀ اندرين ۽ من جي سنجم لاءِ. وشوامتر رشيءَ لهو ٻن ۾ يڳيه ڪيا ته راڪس انيڪ وگهن وجهندا هئا، جنهنڪري هو اندرين کي سنجم ۾ نٿي رکي سگهيو. ڪاوڙ، ڪرودت ڪرڻو ٿي پيس ۽ جي هُن کي ماري ته هنسا به ڪرڻي ٿي پيس. انڪري هو ڀڳوان رامچندر ۽ لڇمڻ کي وٺي ويو ته هو راڪسن کي پري ڪن ته پاڻ اندرين ۽ من سنجم ۾ رکي يڳيه پورا ڪري. يڳين جو وڏو مهاتم آهي، جو ٽئين اڌياءِ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آيو آهي.

ڀڳوان ارجن کي جڏهن من جي قابو ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ٻڌايا ۽ ارجن جا سنسا دور ٿيا، ته وڌيڪ سوال ڪيائين:

ارجن چيو:

شلوڪ ٣٧. جيڪو شرڌا وارو ٿي ڪري به پاڻ ۾ قبضو نٿو رکي سگهي ۽ جنهن جو من يوگ کان هٽي وڃي ٿو، اهو هي ڪرشن! يوگ ۾ سڌي پراپت نه ڪري ڪهڙيءَ گتيءَ کي ٿو پراپت ڪري؟

ارجن جو سوال آهي ته شرڌا ته گهڻائي هجي، پر ڪسنگ ڪري يا ٻين ڪن سببن ڪري يوگ ۾ لڳڻ ڪانهيءَ ۽ من اُن مان هٽي وڃي يا موت ڪري وچ ۾ ڇڏي وڃي ته ڪرڙو کهڙو جو يوگ هن ڪمايو، اهو هن جو وڃي وڃي ويندو يا اُن مان ڪو چڱو ڦل هن کي ملندو؟

شلوڪ ٣٨. ٻنهي [ڪرم ۽ يوگ] مارگن ۾ ڀرشٽ ٿيل (ڪريل) اهڙو پرش اُن بادل وانگر ته نه آهي، جو ٻنهي طرفن ۾ بادلن کان ڇڄي وڃي جدا ٿي وڃي [۽ پوءِ ناس ٿي، ٽڙي پکڙي ٿو وڃي]؟ هي وڏين ٻانهن وارا ڀڳوان! اهو يوگي به برهم مارگ ۾ اُن بادل وانگر ڀرشٽ ٿو ٿئي ڇا؟

آسمان ۾ بادل هوندا آهن ته واءُ جي زور ڪري ڪي اڏي ويندا آهن ته ڪي اولهه، اُنهن مان ڪو بادل جو ٽڪرو ڇڄي وڃي ويندو آهي ته واڙي ويندو آهي يا ڪٿي ٽوڙيون لڳندون وساني ختم ٿي ويندو آهي. اِهڙي طرح ڇا ته يوگ ۾ ڀرشٽ ٿيل پرش جو به اهو بادل جهڙو ته حال نٿو ٿئي، جو نه ڪرم مارگ ۾ لڳو ۽ نه يوگ مارگ يا گيان جي واٽ؛

ڀڳوان فرمايو:

**شلوڪ ٣٥. هي وڏين ٻانهن وارا ارجن! هي من بلڪل چنچل آهي
وس ۾ اچڻ ڪٺن آهي. اُن ۾ ڪو به شڪ نه آهي؛ تنهن هوندي به اڀياس
ويراڳ سان هن کي وس ۾ رکي سگهجي ٿو.**

ڀڳوان چوي ٿو ته تو جهڙو ٻڌو ٻڌو تو من کان ڊڄي! من برابر مشڪل سان قابو ۾
اچي ٿو، پر اُن کي وس ۾ آڻڻ جا اُپاءَ آءٌ تو کي ڏسيان. اهي اُپاءَ آهن فقط اڀياس
ويراڳ. هن شلوڪ جي پهرئين اڌ مان اِلين تو معلوم ٿئي ته من کي هٿ ۾ روڪ لڳ
ڪرڻ ڏکيو آهي؛ پوئين اڌ ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته من جو روڪڻ سلسلي سان ٿيڻ گهرجي
هٿ سان اسين اِندرين کي روڪي سگهندا سين، پر نه من کي؛ ڇو ته اِندريون ته ڀڃهي
اِستان (گولڪن) ۾ آهن؛ اهي اسان جي شرير جا انگ آهن ته روڪي سگهجن ٿا،
من جو اِستان اسان جو هردو آهي، اُن کي روڪڻ ڏکيو آهي. اِنڪري اهو ساڌن
ڪري سگهبو.

اڀياس جو مطلب آهي مشق پچائڻ، ساڳي ساڳي ڳالهه جو ويچار ڪرڻ، ورتيءَ
وار وار ساڳي ڪم ۾ لڳائڻ ته پڪي ٿئي. اهڙي پڪي ٿئي، جو اُن کان هٽيجي نه، پر
اسٿت رهي. اڀياس جو هٿ مطلب يوگ اڀياس آهي؛ نه پوئيون پستڪ پڙهڻ. گروءَ
منتر وٺي، اُن جي جاپ جو اڀياس ئي من کي اسٿت ڪندو.

ويراڳ جو مطلب اِهو نه آهي ته گهر ٻار ڇڏي اُس؛ جهنگلن ۾ وڃي رهجي،
راڳ ۽ دنيش کان من دور ڪجي. وهنوار نه سڀ ڪجي، پر من نه ڦاسائجي. اُنهن ۾
آسڪت نه ٿجي، جو جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر تڙڦندي آهي، يا ڀونرو ڪنول کل
يا پتنگ ڏئي مٿان پاڻ قربان ڪري ڇڏيندا آهن، اُنهنڪي ڇڏي نه سگهندا آهن. ترن
وريءَ سان سڀ وهنوار ڪجي. ڳڙ جي مک وانگر وشين ۾ ڦاسي نه پئجي. وشين
ويراڳ هجي؛ نه راڳ. جيترو ويراڳ رکي دنيا ۾ وربو، اوترو دنيا جا دک ۽ ڪليش گهٽ
ستائيندا؛ اوترو وڌيڪ شانت چت رهبو. وشيون نه ملن ٿيون ته ڏکي ٿجي ٿو، پر جي
جاڻي ٿو ته سرو سک آتما جي آسري آهي؛ اهو آتما مان پاڻ آهيان، ته هو وشين طرف
ڪيئن ڊوڙندو؟ وشين جا سک نه سڀ شرير جي پراربڌ اُنوسار سمجهي، ڌرم انوسار
۾ جيڪي ورتاءُ ٿا ڪن، اهي ئي سياڻا ۽ سچا ويراڳي آهن.

**شلوڪ ٣٦. اِهو منهنجو مت آهي ته جنهن پنهنجو من وس نه ڪ
آهي، اُنکي يوگ پراپت ٿيڻ مشڪل آهي؛ پر جيڪو پاڻ روڪي ٿو
ڪوشش ڪري ٿو، اهو اُپاءَن ڪرڻ سان من کي وس ڪري سگهي ٿو.**

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ جڻ جج وانگر آخرين فيصلو ٿو ڏئي ته جن پنهنجي من کي
ڪري نه روڪيو آهي، اِندرين لئي ضابطو نه ائين، جاگر لئو لئي نه هليا آهن، اهي يوگ

راجا يوڌ سنياسي حالت ۾ هڪ هرڻيءَ جي ٻچي جي موهه ۾ ڦاسي يوڳ-ساڌنا
ڪري ويو ۽ ٻي جنم هرڻيءَ جا پالالين. ٿورڙن ڏينهن ۾ ان قسم جو ڊپ آهي ته منهنجو
ڪو بروحال نه ٿئي.

شري ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ۴۰. هي ارجن! هن لوڪ ۽ اڳوا پرلوڪ ۾ يوڳ کان ڀرشٽ ٿيل
ن جو ناس نٿو ٿئي، ڇوته هي تات (پيارا)! چڱي ڪرم ڪندڙ جي گتي
داهت بڇڙي نه ٿي ٿئي.

ڀڳوان بلڪل صاف طرح ارجن کي خاطري ٿو ڏئي ته يوڳ ساڌنا جا ڪوبه ٻيو سبب
ر، جنهن ثورو ڪي ڪهڙو ڪيو آهي، ان جو ڦل ضرور ملندو ۽ جي ڀوڳ وچ رهجي
آهي، ته ٻئي جنم ۾ هوڏ ان ۾ وڪ وڌائيندو، جنهن لاءِ هن کي ڪنهن چڱي گهر ۾
ملندو. ڪي چوندا آهن ته مون ڦلاڻي سان چڱا ڀير ڀريا، پر هوءَ ڪرلڳهن نڪري ويو.
هجي ڀا ن، ته به اپڪار جو ڦل هن کي ضرور ملندو. ڇو ته ڦل ڏيڻ وارو ايشور پاڻ
۽ نه ڪو منش يا ديوتا، جي ڪٿي ڪو نالگ جي سياڻ وارو پرش هجي. ان لاءِ پاڻي
لس فرمايو آهي ته

سڀي ڏُڌ ڀلائيءَ - اندر وِش نڪرر.

ڪ به ان سان اپڪار ڪيو ته ان جو ڦل هو ڪٿي زهر يا دشمني ڏيندو ۽ ناڳ وانگر
پاليندو، پر ايشور ته ضرور چڱو ڦل ڏيندو ۽ هن جي دشمنيءَ مان به ڀالندو ٿي پوندو.
و به ڪو سنگدل انسان هجي ۽ اپڪار جي بدلي وير رکي نقصان پهچائي ته به جو
نه ڪجي، ڇو ته ڪجهه به اجايو وڃڻو نه آهي. سڀ ڪرم ۽ اهو اپڪار ايشور لمحه
جاڻجي. ڌرتيءَ ۾ ٻج وجهبو آهي ته سڀي ڀاڻي ڀاٽي ملڻ سان ان مان سلو ضرور
رندو آهي. هڪ اٽ جي ڪڪڙي پوکيون ٿا ته آخر وڏو درخت ٿي، ڪيترا سال
ڏي ٿو. تڏهن ايشور آرپن ڪرم ڪيا ته ڪيئن نه اُن جو ڦل پاڪيهي ملندو، پوءِ ڀا انسان
پاڻ سان ڪهڙا به اڻا پار هلن! اڳاڻ جل ۾ هڪ ٻج جو ڏوڏو وجهبو ۽ اندر زمين ۾
ي چڙهو نه ان مان به آخر ڪنول جا گل، پن، ٻج ڇون نڪرن، لنوڙهه آدي ڦل
. سڀ هڪ ڏوڏي مان ٿيا ته ايشور جي نمت ڪيل ڪرم ڪيئن ۽ جو وڃڻ ويندا؟
مطلب ته يوڳ ساڌنا ۾ لڳل وقت اجايو نه ٿو وڃي ۽ ڪوبه منسو اندر
ٻ نه ڏجي ته وڳهن پيا ته ڪو نقصان رسندو يا ڏک ملندو. يوڳ مان وڏيون سڌيون
جي به ڪامنا نه رکجي. هڪڙن سچ ٻج آتم درشن جي اڀلاشا آهي ۽ نه لوڪ ٿا
ڪ جي سکن يا عزت مان جي. وڏيون سڌيون ته پرمارٿ جي راهه ۾ ڀاري رڪاوٽون آهن.
هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ارجن کي ”تات“ لفظ سان ٿو ڪوٺي. تات لفظ آتما مان نڪتل
يعني جو ڀيهجي آتما جو جزو هجي. جيئن پٽ پيءُ جو. شري رامچندر به لڇمڻ کي تات

سڌي ڀاڳئين ۽ ٻنهي اهو وڃڻ لئي ناس ٿي ويندو؟ ارجن کي اهو ڊپ آهي ته متان ڀوڳ ڪندي وڃڻ ڪري ٻيهان ته اڳين نه ٿئي جو اڳين ڪمل ڪمائي ۽ ڇت لٿي ۽ ڏوڙيءَ جي ڪڪي والکر ته ڪهڙو حال رهان ۽ ته ڪهاڻ ڪو. ان سڀني دور ڪرڻ لاءِ ڀڳوان کي پرارٿنا ٿو ڪري:

شلوڪ ٣٩. هي ڪرشن! اِهو منهنجو سنسو پوريءَ طرح اوهان دور ڪريو، ڇو ته اوهان کانسواءِ ٻيو ڪوبه سمرٿ نه آهي، جو اِهو منهنجو ڀرم لاهي سگهي.

ارجن کي ڀڳوان ۾ پورن ڀروسو آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو ته ڀڳوان سرو سمرٿ ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ هن کانسواءِ ٻيو ڪوبه سندس اِهو سنسو مٽائي نه سگهندو. اهڙيون انيڪ ڳالهيون ٿين ٿيون، جو ستسنگ ڪندي، ڪوشش ڪندي به اڳين جنمن يا هن جنم جي ٿي ڪن ڪرمن ڪري ماڻهو يوگ مارگ ۾ لڳڻ کانپوءِ به ان کان ڪري پوي ٿو، وگهن پوندس ٿا، سندس شرير جي آسؤ پوري ٿي وڃي ٿي ۽ يوگ وچ ۾ ئي رهجي ٿو وڃي. ان حالت ۾ ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري، اهو ارجن سمجهڻ ٿو چاهي. اڳين جنمن جي سنسڪارن ڪري ڪيترا ڀلا پرش اوچتو ئي ٻرائين ۾ ڪري پون ٿا ۽ ڪيترا برا پرش سٺي سنگت ملڻ ڪري اوچتو چڙهيو سنت ٿيو پون. والميڪي ڪيڏي نه ڪوڙي ٿي ٿي، پر گنڪا هڪ مهاتما جي ڏنل ڏوڙيءَ سان رکيو هڪ طوطي کي رام رام چوڻ سان تري وئي. اڳين جنم جا بيج ڪرم ڪيل هئس، جن جو ڦل هن طرح هن کي مليو ۽ هن جو ڪلياڻ ٿيو.

شٺه سڌري ستسنگ پائي - پارس پرس ڪ ڌاتُو سهائي.

پر ائين به آهي ته ڪي متش ته اهڙا مُوڙه ٿين ٿا، جو ستسنگ مان به ڪين ٿا سڌرن، جيئن بيد ٿي ڪيڏو به ڀالي پوي، ڪلي امرت جي مينهن ورشا ٿئي، ته به گل يا ڦل اُن ۾ نه لڳندا.

ڦوُلي ڦلي نه بيد جب ڪ سُڌا برکي جلد،
مُورک هردي نه چيت - جو گرو ملي ورنچ سم (برهما جهڙو).

برهما جهڙو ڪلي ڪنهن مورک کي گرو ملي ته به هن جو هردو جلندو رهندو، سڌرڻ نه ڪندو. يوگ جي رستي ۾ لڳڻ گهرجي ٿا، پر ڪي اڳين ڪوئي ڪرمن ڪري ٻيا ڪي ايهان ڪرڻ ڪري جلد ئي ڪري ٿا پون ۽ ٻيا شڀ ڪرمن جي ڦل ڪري ترقي ڪوشش سان اڳتي هلندا ٿا رهن. انهيءَ هن راهه ۾ شرڌا ۽ پوري اڀياس سان لڳڻ ضروري آهي، پر ان سان گڏ ڀڳوان کي به هر وقت پرارٿنا ڪندو رهجي، ته ايهان کان بچائي مدد ڪري. هن راهه ۾ ته ديوتا ۽ ديوتا به ڪمزوريءَ جي ڪوشش ڪن ۽ وگهن وجهن ٿا. دنيوي حرص، لالچ، نندا وغيره به هن واٽ ۾ ڦٽنديون ٿين گهڻيون، پر جڏهن ڪامل مرشد ملي ٿو، اُڌهن انهن سڀني کان هو بچائي ٿو ۽ پرش انهن سڀني کي لتاڙي ڪلي پري ٿو ڪري.

ن ڪيو. آهن اهي يوڳ ۾ ڀرشٽ ٿيل، سڌي ٻنهي نه پاتي آهي، ٻنهي جي ڪٿي
ي نرالي ٿئي ٿي. جو نه سڀدن انهالون الڳ الڳ هئون.

هن لوڪ يا پرلوڪ جي سکن جو چاهيندڙ پراڻن لياڳڻ کان پوءِ يوڳ جي پراپت ٿيل
ل انوسار سرڳ جا سک ۽ ڀوڳ ماڻي، وري جڏهن مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺي ٿو ته راجائن،
رن، نوابن يا شاهوڪارن وٽ جنم وٺي ٿو، جي سڀ شڌ انتهڪرڻ وارا ٿين ٿا. اهي
ڌرم جا وڏيڪ ڪرم، يگيه، دان وغيره ڪري، اڳتي وڌي ٿو ۽ يوڳ ۾ وک کڻي
، هو اهڙن وٽ جنم ڪونه ٿو وٺي، جتي هو هيڪاري ڪرجي ۽ جو نه شاهوڪاري يا
ني وغيره نه پاپين کي به اڳين جنمن جي ڀيسيا ڪري ماڻي ٿي ۽ جي اهڙن وٽ، يوڳ
ٽ ٿيل جنم وٺندو ته مٿي چڙهي نه سگهندو ۽ هيڪاري کسڪ ڪري خراب ٿئي
پائيندو ۽ نرڪ جو به واسي ٿيندو.

جنهن يوڳ ڪرڻ وقت آتم پد پراپت ڪرڻ جي اڀلاشا رکي، سا ڌنا ڪٽي هئي ۽
لوڪ اتوا سرڳ جي سکن جي ڪا به اڇا نه هئس ۽ انهن لاءِ پورن ويراڳ هوس، اهو
ڪ جا سک ڀوڳي، وري هن مرتيو لوڪ ۾ ڪنهن پورن گياني يا گرهستي مهاتما وٽ
وٺي ٿو يا اهڙي سدگرهستيءَ جي گهر جنمي ٿو، جتي کيس يوڳ ۾ اڳتي وک وڌائڻ
ڪو موقعو ملي ٿو. کيس جلد ئي ڪو پورن ستگورو به ملي ٿو، جنهن جي رهبريءَ
ويدن انوسار ڌنل متر ڪمائي، پوءِ پدوي پائي ٿو. مطلب ته يوڳ جو اڌو ره پاري
آهي، جو يوڳ ۾ ڀرشٽ ٿيل پرش کي به اهڙو مهادرلڀ جنم ملي ٿو، جو وڏن وڏن
۽ تپسيائن اتوا ڀاري دانن ڪرڻ سان به مشڪل ٿو ملي. ڀڳوان ٤٢ شلوڪ ۾ ”درلڀ
“ لفظ ڪم آندا آهن، جنهنجو ارٿ آهي نه ٿمام درلڀ. هر ڪنهن اوسٽا جا ٽي ڏاڪا
تا: ٿر، ٿيمر ۽ ٿوم. ٿوم سڀ کان مٿي ڏاڪو آهي. آتم پد جي چاهنا ڪندڙن يوڳ
ٽ ٿيل پرشن مان ڪن کي نه ماتا جي گرڀ ۾ ئي آپروکه گيان ٿيو آهي، جو نه هسن
ل جنم ۾ بلڪل گهٽو يوڳ ڪمايو هو ۽ فقط ٿوري ڪمي رهي هئي، نه سڀدن ڀيران
ويا ۽ پراربڌ انوسار جنم وٺڻو پين. ڪن کي هن جنم ۾ ٿوري ئي ساڌنا ڪرڻ سان
پ پراپت ٿئي ٿي ۽ گيان پائين ٿا. ڄاڙ ڀدو (گرو گهر وارو)، اشٽاوڪر مني، راجا
ڪ، هڪڊيو ۽ ٻيا اهڙا مهاپرش اڳين جنم ۾ يوڳ ڀرشٽ ٿيل هئا، جنکي هن جنم ۾
ن گيان ٿيو. ديوٽن ۾ گارگي، مدالسا ۽ ميران انهيءَ درجي وارين هيون. اشٽاوڪر
فقير ٿيو ۽ راجا جنڪ راڄائي سک ڀوڳيا، پر هئا ٻئي گيانوان. مطلب ته ڀڳوان جو چوڻ
ه يوڳ جا سنسڪار مرڻ کان پوءِ ٻئي جنم ۾ به ساڻ هلن ٿا ۽ جو نه انهن جو اثر انتهڪرڻ
لئي ۽ انتهڪرڻ هميشه جيو آتما سان گڏ رهي ٿو. وهنوار ۾ به ڪو ڪر ڪيو آهي ۽
ڪندي پراپت ٿيندي ويندي آهي ۽ ان وقت وڏيڪ نه ڪري سگهيو آهي ته وري
صبح جو اٿي اهو اڳتي ڪري پورو ڪيو آهي. اڳين ڏينهن جو ڪيل ڪم اجايو نه
، آهي.

ڪري ڪوليندو هو. ڇهلي ۾ شيوڪ کي به ثابت ڪري ڪوٺيو آهي.
ڪمل ڪرم ڪڏهن به نشفل نٿا ٿين. دشمن کي به سک ڏيو ته هو ڪٿي ١٦ آنا
ڪين مڃين ته به ڀڳوان اُن جو ڀاونا اَنوسار ڦل ضرور ڏيندو. يوگ ۾ جيڪي وگهن پوندا
آهي ۾ اسان جي ڪن پاپ ڪرمن جو ڦل سمجهڻ گهرجن، جي ڪرم اسان اڳئين جنم ۾
هن جنم ۾ اول ڪيا هوندا. جڏهن دريوڌن جنگ هارائي پڇي وڃي هڪ سروور ۾ لڪ
ءِ ڪرشن ڀڳوان جي پريرنا سان ڀيمسين کيس ٻاهر نڪري جنگ ڪرڻ لاءِ للڪاريو ت
دريوڌن جي ڪنڌي تي جا لڪشمي ديوي رهندي هئي، اُن ساڪيات درشن ڏئي
چيس ته ”اجوڪي رات هتان نه نڪر ءِ اِهي درڇن سهاري وڃ ته صبح مان تنهنجي
سموري مثل سنا وري جيتاري سگهندين ءِ سڀ هٿيار، وستر، ڌن ڀنڊار مڪ نوان ڪري
ڏيندي سانءِ. اُجوڪو ڏينهن باقي آهي، جنهن ۾ مان تنهنجي ڪا به مدد نٿي ڪري
سگهان.“ پر دريوڌن اَپماني هو ءِ سندس اَهڙا ڪي اڳيان پاپ ڪرم ڪيل هئا، جو
اها رات به سهاري نه سگهيو ءِ يڪدم اُٿي ڪان ٻاهر نڪري ڀيمسين سان وڙهيو ءِ مارجي
ويو. دريوڌن جو ايڏو بخت هو، جو لڪشمي ديوي هر وقت پرسن ٿي ساڻس رهندي هئي
هو جنهن خزاني مان هڪ هزار خرچي ته به هزار اُن خزاني ۾ پئجي وڃن. پر اُن ڏينهن
کيس اِها مدد نه ملي، جو ڪي ڪرم اَهڙا ڪيل هئس. ڪرمن جو اهڙو ڦل ڀوڳڻ
آهي، جو لڪشميءَ جي ڇتاءِ ملندي به هو نه رهي سگهيو. سندس هٿ ۾ لڪشميءَ ج
واسي هئڻ ڪري ٿي ڀڳوان ڪرشن کيس پانڊون جي خزاني جو مالڪ بڻايو هو، جڏهن
پانڊون راجسوءِ يگيه ڪيو هو، جيتوڻيڪ اِن ڳالهه جو ڀيد نه پانڊون کي هو ءِ نه دريوڌ
کي. ڀڳوان سمجهيو ٿي ته دريوڌن دويش وچان پانڊون کي ڪنگال ڪرڻ جي خيال کان اَڻ ڳڻ
خرچ ڪندو. پر جيئن هو اَجايو سجايو گهڻو خرچ ڪندو ويو، تيئن پانڊون جي خزاني
ڀيٽي وڌ پوندي وئي. ڀڳوان ٻاهران ته کيس اهو ڪم سندس عزت مان رکڻ لاءِ ڏنو
ءِ هن به اِئين ٿي سمجهيو.

شلوڪ ٤١. يوگ ڀرشٽ پرش پنج ڪندڙن جي لوڪ کي پائي، اُت
گهڻو عرصو سک ڀوڳي، وري شڌ چت وارن ڌنوانن جي گهر ۾ جنم وٺي ٿو،

شلوڪ ٤٢. اَٿوا اهو تمام بڌوانن يوگين جي ڪل ۾ جنمي ٿو. اهڙو ج
هن لوڪ ۾ تمام درلڀ آهي ءِ ورلو ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿو.

يوگ ڀرشٽ ٽيئن جا به قسم آهن، ڇاڪاڻ ته يوگ ساڌنا ۾ ٻن قسمن جون اڀال
ماڻهو رکن ٿا. جيڪي هن لوڪ يا پرلوڪ جي سکن يا ٻئي جنم ۾ ڀوڳن ڀدارٿن جي اڇ
سان يوگ ۾ لڳل هئا، اُنهن جي گتي ٤١ شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ءِ ٻين جن پنهنجي اُتڪ
شڌتا ءِ ايشور جي ملڻ جي سڪ رکي يوگ ٿي ڪيو، پر وچ ۾ وگهن ڪري يا ٻ
وجهڻ سبب ساڌنا پوري نه ڪري سگهيا، اُنهن جي گتيءَ جو حال ٤٢ شلوڪ ۾ ڀڳ

رم ۽ ڇهه شاستر آهن. هو اهو نٿا ڄاڻن ته هڪ ماڻهو ڪم ڪيئن هلندو، جڏهن سڀ ماڻهو ڪ خيال، هڪ طبيعت يا هڪ طرح جي بڌيءَ وارا نه آهن؟ قدرت جو نيم ئي اِئين ۽ ڏيکاري. اسان جا رشي منِي سرڙگيه هئا. هُنن کي ڄاڻ هئي ته ساري سرشٽيءَ جا رڪ هڪ خيال جا ٿي ڪونه سگهندا. هڪ ماءُ پيءُ جا چار پٽ به هڪ خيال، سڀاءُ يا عقل وارا نٿا ٿين.

ڇهه گهر، ڇهه گر، ڇهه اُپديش- گر گر اِيڪو، ويس انيڪ.

شاستر ڇهه آهن، انهن جا رچيندڙ به ڇهه آهن، جي ڇهئي ويد وياس جا اوتار يا وڃن ٿا. اِهو گرو گوبند سنگهه پنهنجي دسم گرنٿ ۾ لکيو آهي. انهن ڇهن شاسترن ۾ پديش ته جدا جدا آهن، پر مطلب ۽ مقصد سڀني شاسترن جو هڪئي آهي، ته ايشور طرف ڄجي. ڳئون چند لڪرندو آهي ته ڏيکارڻ وارا انيڪ هوندا آهن، ڪنهن جي ته اِشاري ي هلي چند جو درشن ڪري سگهيو آهي. اِن طرح هرڪو پنهنجي خيال ۽ بڌيءَ انوسار ڪنهن ته هڪ شاستر جي سکيا ٿي هلندو ته پرماتما جو گيان پائي سگهندو. اسلام ۾ قرآن ڪ ڪتاب برابر آهي، پر اُن ۾ ته ڇهن ئي شاسترن جو لُب پيل آهي. اِهو قرآن شريف ڪو آڪاس مان ڪونه ڪريو آهي، پر اسان جي شاسترن کي مطالع ڪري ٺاهيو ويو آهي. ن ۾ ته گوهتيا، هنسا، شراب، چوري، ماس کائڻ جائز ڪونه ٺهرايو ويو آهي، پر ڪو سمجهي ٿا نه، يا اِن کان ٻيمک لڳي ته اهو جدا سوال آهي. ڪنهن به مذهب جي ڌرمي ستڪ ۾ زور ظلم، اَڌرم، ڪوڙ پاپ ڪونه سيکاريل آهي. سڀني ۾ گڻ پيل آهن، پر هلڻ رو ڪو هجي. اسان جي رشين منين ۾ لوڳ ٻڌي ڀاري هئي ۽ هُنن سمجهيو ٿي ته ڌار ار شاستر ضروري آهن. ٻين مذهبن وارن ۾ اهڙي اوچي ٻڌي ڪانه هئي.

گرو مکت سروپ آهن ۽ جن شش جو هٿ پڪڙين ٿا ته اُنهن کي ٻُڏڻ ڏئين پار پهچائڻ ه ڀاڱ ته جنم (اوتار) وٺن ٿا. هڙ جنم ۾ گرو ته اڳين جنمن جي پيچ ڪرمن انوسار ملندو، نهن جو اُپديش ڀالي، اسين اڳتي وڌي ڪرمن انوسار سڌي پايون ٿا.

شلوڪ ۴۴. يوگ، ڀرشٽ پهرئين جنم ۾ ڪيل يوگ اڀياس جي ٻل سان رضي نه هوندي به اوس اِن طرف پرورت ٿئي ٿو ۽ آخر موڪش پائي ٿو. وگ جي ڄاڻڻ جي لقط اِڇا ڪندڙ پرش به "شبد برهم" يعني ويدن کان تي وڃي ٿو (يعني ويدن ۾ ڄاڻايل ڪرم ڪانڊ کان آجو ٿو ٿئي).

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ صاف ٿو سڻائي ته اڳين جنم ۾ جو هُن کي گيان حاصل ڪرڻ جو وق لڳل هو ۽ اهڙا سنسڪار هُن ۾ پيل هئا، تن جي زور ڪري هو هن جنم ۾ ڪوشش ڪندي ته ڀالمرادو يوگ واسنائن کان ڀاڄ کي هٽائي موڪش جي ساڌنن ڏانهن جهڪي، رُدستيءَ سان اُنهن ۾ پرورت ٿئي ٿو. "گيان واسنا" جو اڀياس ته هن ٿورو وقت ڪيو ۽ "يوگ واسنا" ته انيڪ جنمن کان لڳل هئڻ ڪري گهڻو وقت ڪيل هئي، پر اِن

شلوڪ ٤٣. اُهو [يوڳ ڀرشٽ] پرش نئين جنم ۾ پنهنجي اڳئين جنم
جي شرير ۾ جيڪا بُڌي هئس، اُها ساڻ آڻي ٿو ۽ هي ڪرونندن! پوءِ هو
پورنتا لاءِ وڌيڪ يوڳ ساڌنا ڪري، سڌي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

اڳئين جنم ۾ هنڪي يوڳ ڪمائڻ وقت جهڙي اڀلاشا هئي، اُنهن سنسڪارن موجب
هو هن جنم ۾ بُڌي پائي ٿو ۽ پنهنجي مقصد تي پهچڻ لاءِ اڳتي قدم کڻي ٿو. اُنهن سنسڪارن
ڪري ستسنگ، دان، پڄ ۽ تپ ۾ سندس من لڳي ٿو ۽ آخر آتم درشن لاءِ سندس
اڀلاشا وڌي ٿي ۽ قدم ٻه قدم هو مٿي چڙهي ٿو. نامديو، ڪبير ۽ روهيداس نيٺي اڳئين
جنم جا يوڳ ڀرشٽ هئا. اُن وقت ۾ سندن گرو رامداس هو ۽ پوءِ هن جنم ۾ به هو سندس
ني شش ٿيا ۽ پورن سڌي پاتائون. اڳئين جنم ۾ گرو مٿن ڪاوڙيو هو ۽ ڪين سراپ ڏنو
هئائين، پر اُن سراپ موجب نيچ جونين ۾ جنم وٺندي به هنن جي بُڌي بلڪل سرشٽ
هئي ۽ نيٺي ناميارا ڀڳت ٿيا آهن ۽ انيڪ منشن جو ڪلياڻ ڪيو اٿن. سندن ٻاڻي گرو
گرنٿ صاحب ۾ به درج ٿيل آهي.

روهيداس اڳئين هڪ جنم ۾ گرو رامداس جو ڀنڊاري هو، برهمچاري هو ۽ يوڳ ساڌنا
۾ ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن سوناري اچي سيڌو ڏنو، جنهن مان هن رسوئي ناهي
گروجن جي من ۾ اُن رسوئي کائڻ کان پوءِ وڪار پيدا ٿيا. هو ته مهان آتما هئا، سو من
وس ۾ هون، پر خيال نين ته وڪار ڪهڙي ڪارڻ پيدا ٿيا. شاسترن ۾ آيو آهي ته جهڙو
اَن، تهڙو من، سو ڀنڊاريءَ کي گهرائي پڇيائون ۽ هن ٻڌايو ته فلاڻي سوناري جي ڏنل
سيڌي مان اڄ رسوئي ناهي هيم. گرو رامداس اُن سوناري کان گهرائي پڇيو ته ڪهڙي
خيال کان لوڪي اُسانڌي سيڌي موڪلڻ جي شرڌا ٿي؟ هن صاف طرح ٻڌايو ته ”فلاڻي
ڪامائيءَ جا زيور ناهيا هئم، جنهن مان ڪجهه سون ٿيءُ ڪري اچايو هوم ۽ اُن رقم ما
ڪجهه سيڌو وٺي، اوهانکي موڪليم، ته هن لاڀ مان ڪجهه حصو سنتن کي به ڏيان.“
گروجن سمجهي ويا ته من ۾ ڇو وڪار آيا ۽ يڪدم ڀنڊاريءَ تي ڪاوڙيا ته ڏسي وائسي
دان ڇو ته ٿو وٺين ۽ هر ڪنهن جو موڪليل سيڌو ڇو ٿو وٺي رکين؟ سراپ ڏنائونس ته تو
چمار جو جنم وٺندين. هن اُهو جنم ورتو ۽ اُن ۾ به ڪانئس ني اُپديش ۽ منتر پائي سڌي
پاتائين. اڳئين جنم جي ڪيس اهڙي ته سوجهي هئي، جو هن پنهنجي ماتا جو کير نه پيتو
جڏهن گرو رامداس ٻالڪ کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني ته پوءِ ٻالڪ کير پيئڻ لڳو. گروجن جا
جا اُپڪار هئا ۽ سمجهايائون ته ٻالڪ کير آهي. ٻالڪ ته اُهي سنسڪارن ڪري چمار جو
گهر جو کير نٿي پيتو، پر آخر شريو جي ڌرم انوسار ڪيس گروءَ وٽان آگيا ملڻ تي پيتائين

هڪ ني گروءَ وٽ ڪيترا شش ودِيا وٺن ٿا. هڪ جو خيال ويدانت طرف آهي
ٻئي جو يوڳ طرف، ٽئين جو سانکيه ڏي، چوٿين جو نياءَ ڏي، پنجين جو ميمانسا طرف
۽ ڇهين جو واشيشڪ طرف. اهو سڀ اڳين جنمن جي سنسڪارن موجب ٿي ٿو
جنهن سمجهه نه آهي، اُهي چون ٿا ته ٻين ڌرمن ۾ هڪ ئي شاستر لکندو آهي، ۽ هند

ي سنجم سان ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ ڪري سندس پاپ ناس ٿي ويا وڃن ۽ انتهڪرڻ شڌ ي ٿو ۽ هو يوگ ۾ پورڻ سڌي پائيندو. مڌسوڌن مهراج ۽ شريڌر مهراج جن گيتا تي امولڪ ڪائون لکيون آهن، جي اڄ تائين بلڪل گهٽيءَ عرصي ۾ پوري سان ساڌڪ پڙهن ٿا. انهن مو آهي تہ انيڪ جنمن جو مطلب ٿي جنم آهي، يعني جو سنسڪ ۽ شڀ ڪرمن ۾ ورت ٿيو آهي، اهو هن جنم ۾ نہ تہ ٻئي جنم ۾، نہ تہ ٽئين جنم ۾ ضرور سڌي پائيندو. اهو سڀ ڪوشش ڪرڻ سان ٿيندو، بشرطيڪ ان وچ ۾ هو ڪي اڳيان پاپ نہ ڪري.

شلوڪ ٤٦. هي ارجن! آتم ويتا يوگي تپسوي پرشن کان وڌيڪ اوچو ي. پروکيہ گيانين (علمي گيان وارن ۽ نہ آتم گيان وارن) کان بہ اهو يوگي يشٽ آهي ۽ ڪرم ڪندڙن کان پڻ هو اوچو ليکجي ٿو. انڪري تون اهڙو لي ٿي پئو.

هتي ڀڳوان يوگ جي سچي مهما ٿو ورنن ڪري. هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان يوگ جو سمورو ار ٻڌايو آهي ۽ اهو بہ صاف ذهن نشين ڪرايو اٿس تہ جيڪي اهو يوگ پورو بہ ڪمايو ، يو شريو ڇڏيو ٿيو اٿس، اهو سرگ جا انيڪ سک ڀوڳي، وري بہ اچي پنهنجا ڪار پاڻ سان آڻي، ٻئي جنم ۾ اچي ٿو، آخر سڌي پراپت ڪري ٿو. سڀني مانسڪ ن ۽ بيمارين لاءِ ڀڳوان يوگ جو علاج ڏسيو آهي. پتنجلي رشيءَ بہ ڀاري ڪرپا ڪري ڀ شاستر رچيو آهي، جنهن مان هزارن لکن جو ڪلياڻ ٿيو آهي، ٿئي پيو ۽ ٿيندو رهندو. طرح ڌنونتري وغيره وري جسماني روڳن ۽ بيمارين لاءِ چڪتسا شاستر رچيو آهي، جنهن ريو جي هڪ هڪ روڳ پاسي نسخا لکيل آهن ۽ سڀ دوائن جا سرشتا ان مان ٿي ل آهن. دوائون ۽ نسخا ساڳيا آهن، رڳو ملڪ ملڪ جي ٻولين ۽ طريقن انوسار جدا نمونن سان دوائون تيار ڪيون وڃن ٿيون. سناتن ڌرم جي هڪ ڀاري ودوان ۽ پرچارڪ ي ديانند مهاراج هڪ گرنٿ لکيو آهي، جو ڇهن حصن ۾ آهي ۽ جنهن ۾ يوگ ۽ گيان بلڪل گهٽي وستار سان ويچار سمجهايل آهي. ان جو رايو آهي تہ ٻيا يوگ ساڌنا جي پراپت ٿيڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. وڏن وڏن مهاتمائن جي انهن مان بہ اهو ٿي ٿو سڌ ٿئي، ہ من جو پراڻن سان گهڻو سمبنڌ آهي. سواسن رستي ابهياس ڪجو تہ من جلد ايڪاگر و. ٻيا يوگ ڪرڻ جي ٻين رستن سان بہ من ٿي الڳ ٿيندو، پر بلڪل آهستي آهستي. ري يوگ جو درجو بلڪل اوچو ليکجي ٿو ۽ ڀڳوان بہ اهو ٿي ٿو پنهنجو مت ٻڌائي. شلوڪ ۾ گيان جو مطلب علمي لياقت يا پروکيہ گيان آهي ۽ نہ آتم گيان يا اپروکيہ گيان، ن جي پاڻ لاءِ يوگ ڪهيو.

ڀڳوان چوي ٿو تہ ڏوڙمن ٿيالي وڃڻ، جل ۾ ٻيهڻ، لوهہ جي شيخن تي وهڻ يا وڻن مان لي لٽڪجي پوڻ آلوا دان، تپ، يگيہ، تيرٿ اشنان کان يوگ اوچو درجو ليو رکي ٿو ۽ يوگ هرڪو ڪري سگهي ٿو. علمي گيان کان بہ يوگ اتم آهي، جو تہ يوگ سان انتهڪرڻ

هوندي ۽ يوگ ۾ لوڙولي پرورت لاءِ سبب سنڌس ”گيان واسنا“ سڀني وگهن کي ڊاهي، گيان طرف پرورت ڪري ٿي، ڇو ته اها گيان واسنا آتما سان سنبنڌ رکڻ ڪري ”يوگ واسنا“ کان گهڻو ٻلوان ٿئي ٿي. ڇو ته آتما نت آهي ۽ يوگ واسنائون انت پدارٿن سان نيون سنبنڌ رکن. جيڪڏهن ان پرش ڪو ڀاري پاپ ڪرم نه ڪيو هوندو، جو سنڌس يوگ طرف خيال کي ڊاهي ڇڏي ته هو پڪ ئي پڪ هن جنم ۾ بلڪل لوڙيءَ سان ڀڄي يوگ جي سنسڪارن ڪري منزل مقصود ڏانهن وک کڻندو ويندو. ليڪن جيڪڏهن سنڌس ڪو پاپ ڪرم بلڪل زبردست آهي ته ڪجهه وقت لاءِ هو ان طرف هلڻ کان روڪجي پوندو، پر جڏهن ان پاپ ڪرم جو ڦل ختم ٿيندو ته اهي يوگ جا سنسڪار ڀڄي اثر ڏيندا ۽ هو يوگ سادنائن ۾ لڳيءَ سان لڳندو ۽ سڙلولي پرم پد کي پراپت ڪندو. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ وڌيڪ سمجهائي ٿو ته يوگ سادنائن جي طريقن ۽ متن جي ڄاڻڻ جي خواهش ڪندڙ، ته ڪرم ڪانڊي، جي فقط ويدن ۾ ڏيکاريل رسمن رسمن ۾ لڳا پيا آهن، تن کان اوچو ليکجي ٿو. جڏهن رڳو ان وات جي پڇا ڪندڙ جو به ايڏو درجو آهي، جو ان يوگ ابياس ۾ لڳل آهي يا ان کي ڄاڻي ٿو، اهو نرو ڪلپ سماڌيءَ طرف لڳڻ لاءِ ڪيترو نه اوچيءَ پدويءَ تي هوندو! جيڪو سادڪ رڳو موڪش لاءِ اڇا رکي ٿو، سو به نت نيم ڪرم نه ڪري ته دوش نه. ائين، ڇو ته هو ويدن جي اکرن کان مٿي پهچي چڪو آهي. جڏهن سادڪ جو به ايڏو درجو آهي، جڏهن ۾ اڳين جنمن جا اهڙا سنسڪار به نه آهن ته پوءِ جڏهن اڳئين جنم ۾ ڪجهه يوگ سادنائون ڪيون آهن، پر ڪن سببن ۽ وگهن ڪري سڌي نه پائي سگهيو آهي ۽ هن جنم ۾ سڀ دنيوي واسنائون ڇڏي، ان طرف لڳو آهي، ته هن کي ڪيئن اهي ويدن ۾ ڄاڻايل ڪرم ٻڌي سگهندا؟ هو ته موڪش جي مقصد طرف اڳين جنم جي سنسڪارن ڪري بلڪل زور سان گهلجي لڳيو پوءِ چاهي هن جنم ۾ اهڙي ڪا خاص مرضي نه به هجيس. ڀڳوان هن ڳالهه تي اترو زور جو ڏئي ٿو، سو رڳو ان لاءِ ته ارجن ڪئي ذهن نشين ڪري ته يوگ طرف ٿوري ڪيل ڪوشش به ولرٿ نٿي وڃي ۽ اها ضرور اڳتي ڦلدائڪ ٿئي ٿي. گهڻن ۾ گهڻن دماغي شڪتيءَ واري لاءِ به ڪنهن ناأميديءَ جو سبب ڪونه آهي.

شلوڪ ۴۵. يوگي پرش اڳين جنمن ۾ ڪيل شڀ ڪرمن ۽ اڌم ڪري هن جنم ۾ وڌيڪ اڌم ڪري ٿو ۽ پاپن جي ناس ٿيڻ ٿي، جنم جنم جي پڇين جي پرڀاو سان هن پوئين جنم ۾ سڌي حاصل ڪري، آخر پرم پد مڪتيءَ کي پراپت ڪري ٿو.

آخرين منزل تي پهچڻ لاءِ اڳين جنمن جا ڀيج ڪرم ۽ يوگ ابياس شڪتي ڏين ٿا جنهن ڪري هن جنم ۾ اهو پرش وڌيڪ جتن ڪري ٿو ۽ پرم نشچلي ۽ پرم شرولري ڪر ڪري هن کان اپديش ولي، سنڌس ڏنل منتر جو آڇا جاپ سان ابياس ڪري ٿو. الدو

کن ٿا، جيئن ٻارولي؏ ڀڳوان شنڪر جي ڀڳتي؏ لاءِ ڪئي ۽ منهنجو ٻني ٿئي. هڪ ئي نا ڪاما هئي، پر اها پوتر ڪاما هئي. ڌرو ڀڳت به تپسيا ڪئي ته ڀڳوان جو درشن سن ۽ اٽل راڄ به مليس. اهڙي تپسيا مان به من شڌ ٿئي ٿو، پر اتڙو جلد نه، جيترو ڳ مان.

ڪيترا اهڙا پرش آهن، جن وٽ ڌن پدرهن انيوي نسخا آهن، پر انهن جو اهڙو استعمال آڻن جو وڏا وڏا ڊاڪٽر پيا انهن پٺيان ڦرن ته به چار نسخا اسانکي به ڏني ته ڳو! علم نه به پڙهيل هجن، پر اهي نسخا کين ڪماليت تي پهچائين ٿا. ان طرح ڪامل شد وڻان يوگ جو سگهڻ به انيوي نسخي جي برابر آهي، جو هن جون سڀ بيماريون ترت ور ڪيو ڇڏي. انڪري ڪرم ڪاند کان يوگ سريشٽ ليکيو ويو آهي. ڪرم به ان لاءِ ڪجن ته پاڳ ڪلن ۽ ڪو ڪامل گرو ملي ۽ رستو ڏيکاري. جيئن ڪنهن مڪان تي متي هي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي پر ڏاڪڻ جي عزت مڪان اڳيان تڇ آهي. جيڪو مڪان تي، ڇي ويو آهي، اُنلاءِ ڏاڪڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي. ان طرح جن يوگ حاصل ڪيو ي، انهن لاءِ شريوڪ تپسيا، علمي لياقت الـوا پيا ڪرم ڪرڻ ڪجهه به ڪين آهن. ان ري ڀڳوان يوگ جي ٻاري مهما ٿو ظاهر ڪري.

ارجن ان تي سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! ان يوگي؏ کان به ڪو وڏو درجو آهي؟ ڀڳوان لي هن اڌياءَ جو ڇهينيون پويون شلوڪ اچارڻ ڪيو:

شلوڪ ٤٧. سڀني يوگين مان جيڪو پـوري؏ شرڌا ۽ پريم سان پنهنجو ن ۽ چت مون ۾ لڳائي، منهنجي اُپاسنا ڪري ٿو، اُن کي آءٌ سڀني يوگين ن سريشٽ ٿو مڃان.

هڪڙا آهن جن کي ستگورو؏ ڌوارا يوگ سادنا جو رستو حاصل ٿيو آهي، جو هوُ مالي، ڪماليت کي حاصل ڪن ٿا پر پرماتما سان ايڏو پريم نه ائن، چاڪاڻ ته هنن جي هڪرڻ ۾ اڃا ڪجهه مليتا رهي ٿي. جڏهن انتهڪرڻ اُلي شڌ ٿيندو، تڏهن ٻاري پريم ٿو، ۽ پو؏ هوُ هر وقت ايشور جي ڌيان ۾ مگهن ٿا رهڻ چاهين. ڀڳت ڪبير جي درشٽانت ابو آهي ته هڪ دفعي وِلس کي سنت آيا، جي اڳي به ڪي ڀيرا هن وٽ آيا هئا، پر دفعي سندس پرماتما سان پريم ڏسي، بلڪل عجب ۾ پيا ته ايڏو پيار هن جو ايشور ن هو! ڪبير صاحب کين چيو ته برابر هاڻي ته منهنجي اُپلاشا ٿيندي آهي ته هر وقت ي؏ جو ڌيان ڌريو رهي ۽ ڪوبه ڪم يا وهنوار نه ڪريان، چاڪاڻ ته واهه ۾ ڏاڍو ر ٿو هان ته ان وقت به چت ۾ گهٻراهٽ ٿي اچي، ته اهو وقت به نام سمرڻ کان ويو. هرهڪ ناد يا گرو؏ وٽ ڪيترا وديارٿي وديا وٺن ٿا، جي سڀ آخر ڪماليت کي وڃن ٿا، پر ڪر شش گرو؏ جي اُپديشن کي پريم ۽ وڏي؏ شرڌا سان من لڳائي ڪمائي ٿو، اهو ؏ کي سڀني کان وڏيڪ پيارو ٿو لڳي! راجائن وٽ ڪيترئي راڻيون ٿين ٿيون. اهي

شڌ ٿيئيتو ۽ من پرماتما سان جڙي ٿو، جنهيڪري اُنهيڪري جون خواهشون، ڪمڪمون، ...
ٿاهن جو اثر سڀ دور ٿي وڃن ٿا ۽ پرڪاش ٿئيتو. ويدن شاسترن جي پڙهڻ مان پروڪ
گيان ته ايشور آهي، ۽ هو سرو وياپي، ست چت آنند سروپ، گيان سروپ وغيره آهي
اهو حاصل ٿيئيو، پر ان ايشور جي کوج ڪرڻ لاءِ يوگ ئي هڪ رستو آهي. ڪنهن جي
جي نڪر پر هيرا جواهر يا پارس پٿر پيل هجن ٿا ته آهن، اهو پروکه گيان آهي. جڏهن اهو ٽڪ
ٽوڪي پارس پٿر يا هيرا جواهر ڳولي لڌائين ته اهو انهن جو اپروکه گيان ٿيو. ان طرح يوگ
ڪماڻي ايشور جو درشن ڪجيتو ته اهو ئي ايشور جو، آتما جو اپروکه گيان ٿيو. علمي لياقت
به پڪي آهي ۽ ويدن، پراڻن، شاسترن جو ابياس ڪرڻ به عمدو ڪم آهي ۽ پر جنهن اڻ پڙهيل
کي ستگروءَ جي ڪرپا سان رمز ملي وڃي ۽ هو اها ڪمائي ته هو ان علمي لياقت وار
کان به اوچو درجو پائي ٿو. گرو انگد صاحب جن کي گرو نانڪ صاحب نه رکيو نام جو اپديش
ڏنو، جو منتر ڪمائي هو گرياني پد جا لائق ٿيا. سندن ودّيا وڌڻ ٻابت ڪجهي ته لک
ڪونه آهي ته ڪا به اوچي ودّيا ورتي هئائون نه ويد پراڻ پڙهيا هئائون. هو بلڪل ساڌار
پرش هئا، پر روحاني تعليم کين اهڙي ملي، جنهن اڳيان ويدن پراڻن جي ودّيا ڪجهه به
هئي. سيني ويدن پراڻن جي ودّيا هو کين اُنهن ئي وير. اهڙيءَ طرح سڀني پاتشاهن با
الهاس ائين ٿو چوي ته عين ڪا به رواجي ودّيا ڪانه پرائي هئي، پر سڀئي علمي ڪما
ڪري اها پدوي پاتائون. علم، (ودّيا) جو ڪو نشيڌ نه آهي، پر روحاني ترقيءَ لاءِ ب
ودّيا جي ضرورت آهي، جا هڪ اڻ پڙهيل انسان به پائي سگهي ٿو. رکيو علمي لياقت
وارا ته ائين آهن، جيئن ڪو پاڻيءَ مان ولوڙي مکڻ ڪڍڻ چاهي. پاڻيءَ جي ساري ڄمار
نه ڪو مکڻ ڪونه نڪرندو، پر هڪ سير کير جماني ولوڙڻ سان جهڳولي مکڻ ملي سگهندو.
يوگ ابياس کير ولوڙڻ برابر آهي. ڌرم اڌرم کي پهچاڻڻ لاءِ علم به ضروري آهي، پر
سان گڏ پڪتي يعني يوگ ابياس به ضروري آهي.

اُٿ سندر، ڪلين، چتر مک، گياني، ڌنونت ۽
مرتڪ ڪهيئي نانڪا، جس پريت نهين ڀڳونت.

يوگ جو ارٿ آهي جوڙڻ، هڪ ٿيڻ. پريت ڪانسواءِ هڪ ٿي نه سگهبو. جنهن
پرماتما لاءِ سچي پريت يا عشق نه آهي، سو يوگ ڪمائي نه سگهندو. حڪمت جي
ڪتابن ۾ بين بيمارين سان گڏ عشق جي بيماريءَ جو به ورنن ڪيل آهي ۽ لکيل آهي
دنيا ۾ ۾ عشق جي مرض لاءِ رکيو اهو علاج آهي ته کيس معشوق، (پريتم) ملي. اهو ملي
ته هو چاڪ ٿي پوندو نه ته ويندو جهرندو، ڳرندو ۽ پيلو پوندو. جن کي پريوءَ لاءِ سچو
آهي، اهي ئي يوگ ۾ دڙتا سان لڳن ٿا ۽ جيستائين کين درشن نه ٿيو آهي، تيستائين
شانتي نٿا پائين. آتم درشن لاءِ يوگ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به علاج ڪونه آهي. بياري جي ڀ
رهڻ کي يوگ چئجي ٿو. شريوڪ ڀيسا پر ته من همڪاري ٻڳڙي ٿو. اڳي ڪان به وڌ
استقلال ٿو ٿئي. ڪڏهن شڌي ته ٿئي، پر اهڙي ته، جهڙي يوگ مان. ڪي سچي

رشمن ۾ لڳائڻ ڇگو يا پرماتما جي راهه ۾ ڇگو؟ اهو سوچي فيصلو ڪري سگهجي ٿو. هڪ
ڪ ٻڌند مان پرماتما اسان جو هيءُ سندر شرير آهيو؛ اُن جي پالنا ۽ رکيا لاءِ سهڪجهه
ڪري ۽ ڏيئي رهيو آهي، جنهن شرير جو هڪ انگ به ڪروڙين ۾ وڏو ڊاڪٽر ٻيا
ڪاريگر نٿو لاهي سگهي، ڇا ان ايشور جو اسان تي ڪو حق ٿي نه آهي؟ هو ته رڳو
سان جو من ئي گهري ۽ من سان ئي جڏهن سندس سمرن ڏيان ڪجي ٿو، ته هو ترت
سان کي پاڻ سان ملائي ٿو ڇڏي. ان ميلاپ کي ئي يوگ ٿو ڪوٺجي. فيروزپور ۾ هڪ
ميت هو، جنهنجون اکيون بند ٿي ويون هيون. ستسنگ ۾ ڪٿا وارتا ٻڌڻ ايندو هو، پر
ن جي مدد سان. ان جوڙميءَ ۾ وڃي ٧٥ هزار روپيه خرچ ڪري، اکيون نهرايون. اندر
ڊاڪٽر ڏٺو ته ديد هئس ۽ قدرتي اصول کي ولي، ٻاهرين گولڪن ۾ هئن قيمتي شيشا
سڙيءَ ڪاريگريءَ سان وڌا، جو شيشن جو ميلاپ اندرين سچين اکين سان ٿيو ته هنکي
ر پوڻ لڳي. هي شيشا لاهي رکي ته ڪجهه به نه ڏسي سگهي. يوگ جو پرڪاش ته
ڙهيءَ ۾ وني تا سگهن، اندرينءَ جوڙمه کان سواءِ ٻاهريان شيشا به ڪجهه نه ڪري سگهن
ا. اهڙي پرم پتا پرميشور جو جيڪي ڏيان پرلم ۽ شرڌا سان ڪندا، انهن لاءِ ڀڳوان
ي ٿو ته آهي يوگين ۾ سريشٽ آهن.

سڀ راجا کي پيار ڪن ٿيون. هن سان بلڪل وفادار به آهن؛ راجا به انهيءَ کي پيار ڪري ٿو
۽ هن کي سڀ سک، گاڏا پيادا، گهوڙا لشڪر، گهر، زيور، نوڪر چاڪر ڏئي ٿو. پر تڏهن به
راجا جو سچو پريم ڪنهن هڪ راڻيءَ سان ٿئي ٿو، جا ڪيس نه سچيءَ دل سان گهري ٿي
۽ جنهنکي ٻاهرين سکن کان پتيءَ جي پريم جو سک وڌيڪ ٿو آنند ڏئي. ان جي عيوض
هڪ راجا کي ۽ پڻ ان راڻيءَ کي لڳي ٿي.

نامديو جڏهن هڪ مندر ۾ ويو ته ڪيس گهٽ ذات جو ڄاڻي مندر جي پوڄارين اندر
اچڻ نه ڏنو، ڇو ته هو ته مذهبي رنگ جا هئا؛ پرماتما سان ڪو سچو پريم ڪونه هون.
نامديو ويچارو ٻاهر نڪري ويو، پر اندر ۾ ڀڳوان لاءِ اڻي پريم هوس. پريم هٺ ڪري
انتهڪرڻ ۾ ايڏي ته شڪتي هئس، جو مندر جون ديوارون ڦري ويئون؛ مندر جو دروازو
ان طرف ٿي پيو، جنهن طرف نامديو ٻاهر تاڙيون وڄائي، پريوءَ جا گيت ڳائي رهيو هو؛
پريوءَ جي ڌيان ۾ لين هو. ڀڳت ڪبير ان پريم لئي هڪ شبد اچارڻ ڪيو آهي:

ڪبير پيالا پريم ڪا، انترليا لڳاءِ - روم روم سمرن ڪري، اؤر امل ڪيا کاءِ؟
آنند پيو پينا رهي، پريم کهاوي سوءِ - اڙهي گهڙي جن ايڪ ۾، سو تو پريم نه هوءِ.

ڪو ڇوندو ته روم روم (لوُ لوُ) سان ڪيئن نام جپو؟ واڻ سان جپبو ته رڳو واڻ
هلندو، هٿ سان مالها ڦيرڻي ته به رڳو هٿ هلندو. شرير ۾ سواس هلن ٿا ته اهي مٿي جي
چوٽيءَ کان وٺي پيرن جي ننهن تائين هلن ٿا. انهن سواسن سان جيڪو نام جپڻ جو اڀياس
ڪريو، جنهنکي اجپا جاپ ٿو چئجي. اهو روم روم جو سمرن آهي. هنومان پنهنجي
ڇاتي ڦاڙي ڏيکاري هئي ته ڪيئن نه سندس روم روم ۾ رام رام جو سمرن پئي ليو!

ٻاهرين وايومنڊل جي به اهڙي ته ايڪتا آهي جو ريڊيو جو آواز هزارن ميلن تان
يڪدم ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو آواز اسين واڻ مان ڪڍون ٿا، اهو به ٿي دفعا ساري برهمانڊ
مان ڦري پوسلن وٺلن جي، ڪنن تي پهچي ٿو؛ ان ۾ ڪا وير ٿي ڪانه ٿي لڳي. جڏهن
ٻاهريون وايومنڊل، جو ڪروڙين جوجن ۾ آهي، ان ۾ اهڙي آهي ته اسان جي شرير روپي
برهمانڊ ۾ سواسن سان جاپ ڪرڻ سان جو ڪين لوُ لوُ ۾ سمرڻ ٿيندو؟ جيئن دکي انسان
کي پنهنجي دک دور ڪرڻ ۾ ڪيڏو نه پيار هوندو آهي؛ ذرو ننڊ اچڻ ۾ انس ته شڪ
ڪندو آهي؛ ان وقت ٻاڻ کي سکي ڄاڻندو آهي، نه ته درد پيو آواز ڪندو رهي ٿو.
پرماتما سان پيار ۾ به اسان جو درد پيو آواز نڪري ته سمجهو ته اندر ۾ لڳي لڳل انس
نه ته رام رام ته گهڻيئي پيا ٿا جپون. راجا دسرٿ، جنهن پٽ پريم سان رام رام جپيو، اهو به
هڪ انوکو مثال آهي! هن ۾ ڪيڏو نه وڇوڙي جو درد هو، جو آخر جڏهن رام بنواس
مان سندس وزير سمنت سان واپس نه موٽيو ته سندس پران وڃي هليا!

هڪ ڪوڙي دنيوي معشوق لاءِ به ماڻهو سر ٿا ڏين؛ ڌن، دولت، عزت، مان
مت سالت به ٿا قربان ڪن، ته ايشور جهڙي محبوب لاءِ هڪ سر ڏيڻ ڪهڙو سو ڪهڙو ليو
جيڪو ڀوڳ ڪري ايشور کي پائي ٿو، اهو پنهنجا ١٠١ ڪل اڌاري ٿو. ٿي، من ۽ ڌ

ڻا هئڻ ضروري آهن. راجا وٽ وزير، جج وغيره هوندا آهن ۽ اهي سڀ راجا جي سري هوندا آهن، پر هنن جو من راجا ۾ آسڪت نه هوندو آهي. حڪم حاصل هن ڪان ڪن، پر من پنهنجي ڪٽنب ۾ لڳل هوندو اٿن. جيڪو ڪٽنب کان به من هٽائي، پرماتما ۾ لڳائي، اهو ئي سچيءَ ريت ڀڳوان ۾ آسڪت ليکبو. سچن ڀڳتن جو من هر وقت ڀڳوان لڳل آهي ۽ راءِ ڏينهن آسرو به هن جو ئي وٺن ۽ ڀوڳ ۾ به لٽيرو رهندا. جهنگلن ۽ بيابانن جهو وڃي ٿا رهن، سو به ان خيال ڪرڻ ته ٻئي طرف سندن خيال به نه وڃي ۽ نه ٻئي ڪنهنجو آسرو به نه ٿين. انترجامي اهڙن ڀڳتن جو يوگ ڪيم ڀاڻ ٿو ڪري. اڳي هزارين ڌارني ٻن ۾ رشمن منين وٽ پڙهندا هئا ۽ اُلي ڪاڏو به ملندو هون. اهو ڪاڏو پرماتما ڪنهنجي نمت ته اُلي پهچائيندو رهيو ٿي. اهو پرماتما ۾ آسري رکڻ جو ڦل آهي. ماڪوڙو ڪنهن شيءِ ۾ چڪ وجهندو آهي ته آسڪت ٿي پوندو آهي ۽ به اُڏ لي پوندو آهي پر ڏالبس ته به ان چيز کي ڪين ڇڏيندو ۽ آخر مري ويندو. پڙنرو، پتنگ ۽ ماڪوڙو سچي ڀيت جا مثال آهن. ايڏو پريم جيستائين اسان ۾ نه آهي ته سچو گيان حاصل ڪين ٿيندو نه پرماتما جو درشن ٿيندو. جنهن سان سچو پريم نه آهي، ان جا ڳڻ ڏسڻ به مشڪل آهن سچي پيڇاڻ ڪرڻ ناممڪن. ملڪ، ڌرم ۽ پرماتما لاءِ جن جو من آسڪت آهي، اهي هن ٿان سڀ ڪجهه قربان ڪري سر ڏيڻ کان به ڪين ٿا ڪسن. اهڙن ديش ڀڳتن، ڌرم ن سر قربان ڪندڙن ۽ پرماتما جي ڀڳتن جا اُنيڪ مثال اسان جي ڀارت ورش ۾ ٿيا آهن.

هندو ڌرم لاءِ گرو تيغ بهادر پاڻ ته سر ڏنو پر سندس هڪ هندو شش متيداس به پنهنجو شرير ڪاراتيءَ سان چيرايو، مگر من ڌرم جي رکيا ۾ آسڪت رهيس. بالڪ حقيقت راءِ دو ڌرم ۾ اهڙو پڪو رهيو، جو جان وڃايائين پر ڌرم نه بدلايائين. گرو گوبند سنگهه جي ٽن ٿي شهزادن ڌرم ٿان سر قربان ڪيا. پرهلاد ڀڳت ۽ ڌرو ڀڳت ۾ به ڪيڏو نه ڪتمٽو هو، تڏهن ته سندن جس ٿي. وڪارن ۾ ڦاٿي به ڪيترا نوجوان اهڙا آسڪت پوندا آهن، جو سارو ڌن پدارٿ، عزت، مان، پنهنجو سر به وڃائيندا آهن، پر اهو يوڳ نه ڇڏيندا آهن. ساڳيءَ طرح ڀڳوان چاهي ٿو ته يوگ ۾ به من آسڪت هجي.

آسرو به هڪ پرماتما جو رکڻ جڳائي. هن جهڙو وڏو داتار ڪو بيو؟ ساري برهمانڊ آهي به ٿا، جنهنجو پلئو پڪڙجي؟ هو پاڻين کي به ٿو روزي رسائي. اهڙو ته هو داتار ي. هن داتار وٽان ته ڪوبه خالي نٿو موٽي. هر روزي ڏيندڙ آهي ۽ هر وقت اسان جا چاڻي ٿو، پر ڪاوڙ ۾ به ڪنهنجي روزي نٿو بند ڪري. جيڪو اهڙي ديا ڌن ديال اهي ڏٺيءَ ۾ ئي آسرو رکي، منجهس ئي من کڻائي يوگ ڪريٿو، اهو ئي ڪنهن سنسي س چاڻي سگهي ٿو.

شلوڪ ۲. مان توکي هاڻي گيان ۽ وگيان جو سمورو اُپديش ڪريان ٿو،
چاڻي توکي هن لوڪ ۾ ٻيو ڪجهه، ٻيو چاڻڻ لاءِ نه رهندو.

هن اُڌياءِ ۾ ڀڳوان اُرجن کي شاستري گيان (پروکه گيان) ۽ ٻوڌ گيان (اُپروکه گيا

اڌياءَ ستون

گيان يـوگ

ڇهين اڌياءَ جي انت ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳوان ڀڳت ارجن کي ٻڌايو ته يوگ
سڀني ڀين سادنائن کان سريشٽ آهي ۽ جيڪو يوگي سڀ، ۾ ۽ شرڌا سان منهنجو
ڌيان ڪري ٿو، اهو سڀني يوگين ۾ به سريشٽ آهي. وڌيڪ ۾ ٿي ڏسجي ٿو ته جيهن وس
لاءِ سڪ هوندي آهي، اها پياري لڳي ٿي ۽ جي سڪ نه آهي ته سادارڻ ٿي لڳي.
مانهو اُس مان پنڌ ڪري اچيو ته انکي ڇانوَ گهڻي پياري ٿي لڳي، لڏي جل جو گلا
هن کي امرت جهڙو سواد ٿو ڏئي، پر جيڪي اڳ ٿي ڇانوَ ۾ ويٺا آهن ۽ کهڪهون
جون رکيون اٿن. انهن کي ڇانوَ يا ٿڌي پاڻيءَ جو قدر ڪهڙو ٿيندو؟ پاڻي ته ساڳيو آهي
پر سڪ ۾ ڪشادي آهي. جيڪا وستو ڪشٽ ڪاڻ سان ملندي، اُن جو قدر وڌيڪ ٿو ٿئي
اِن طرح يوگ ته گهٽجي تا ڪمائين، پر جن کي پرماتما سان سڪ آهي، اهي وڏيءَ ش
۽ لڙڪ سان اهو ڪمائين ٿا. هو پرماتما جو درشن ٿا چاهين، انلاءِ هوءِ پياسي ٿا رهن ۽
درشن هنن لاءِ امرت برابر آهي. اهڙن يوگين لاءِ ڀڳوان "ڀڳت لو" لفظ ڪم آ
آهن. رواجي "ڀڳت" ته هرڪو يوگ ڪندڙ هٿڻ گهرجي. اهو پاءِ ولي ڀڳوان هن اڌ
جي شروع ۾ ارجن کي هن طرح فرمايو:

ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ۱. هي پارٿ! هاڻي ٻڌ ته ڪيئن مون سان من آسڪت ڪر
(لڳائي)، مونتي آسرو رکي، يوگ يڪت ٿي، مونکي تون نرسنسي پو
طرح ڄاڻي ٿو سگهين.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٽي ڳالهيون ٿو ڪري: هڪ ته من مون ۾ لڳل هجي، ٻيو ته
۾ ٿي آسرو رکي ۽ ٽيون ته يوگ ڪمائي. ڀڳوان "آسڪت" لفظ ڪم آندو آهي. من
پرماتما ۾ شرڌا ۽ پريم سان لڳائڻ کي آسڪت چئجي ٿو. جڏهن پڻرو ڪنوَل گل ٿي آسڪ
ٿي، شام جو گل ۾ ٻوٽجي مري ويندو آهي، پر اُن کي ڇڏيندو ڪين آهي يا جيئن پت
ڏئي ۾ جلي مري ويندو آهي، پر اُنکي تياڳ نه ڪندو آهي. اهي ٿي لڇڻ جي لا
يوگين جا ٻڌائي ٿو، اهي اسانکي ڏسڻ گهرجن ته اسان ۾ آهن يا نه. اسان ۾ پرماتما
آسرو آهي؟ من هن ۾ لڳل اٿئون ۽ يوگ سان سادنا ڀورون طرح ڪريون ٿا؟ الئن
آهي ته پرماتما ٻدران ٻنهجي ٻڌيءَ، ٻل ۽ ٻدارٿ جو آسرو اٿئون؟ ڀڳتن ۾ اهي

هماليه جو وانءُ مثل هڪ آهي ۽ ڪنهن به چڱو يا برو ڪرم لڪي نٿو سگهي، جيئن
وشبوءِ يا بدبوءِ جي خبر هوا رستي سڀني کي پهچي ٿي وڃي. جهڙا هن گناهه ڪرڻ
۾ جهو ته ان وقت ايشور جي هستيءَ ۽ سندس سروَوياپڪتا ۾ اعتبار ڪونه آڻيون. ڇو
ر گيان پڪو هجي ته ايشور آهي ۽ سڀ ڪجهه ڏسي ٿو ته منش جو هونڌ سڌارو ٿئي
ي. وگيان جو مطلب آهي آتما جو گيان.

شلوڪ ٣. هزارن ۾ ڪو هڪ منش سڌيءَ لاءِ يوگ اڀياس جو يتن ڪري
ـو ۽ سڌيءَ لاءِ پوريءَ طرح يتن ڪندڙن مان به ڪو هڪڙو مون کي تت
ان (سچ پچ) ڄاڻي ٿو.

سڌيءَ جو مطلب آهي پوُرنتا، آتم پد يا برهم گيان. اپنشدن ۾ آيو آهي ته جنهن
ڻ سان ٻيو ڪجهه ڏسڻ جي اڇا نه ٿي رهي، جنهن جي ڄاڻڻ سان ٻيو ڪجهه ڄاڻڻ باقي نٿو
ي، اهو پد آهي آتم پد. جنهن پهچي آتما جو درشن ڪيو آهي، اهو سنسار ۾ ٻيو ڪجهه
ڏسڻ نٿو چاهي، ڇو ته روپ آدي پدارٿ ناسونت آهن ۽ سار ۽ پسار ڪوڙو ۽ مٿيا آهي.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو ته هزارن ۾ ڪو هڪڙو منش آهي، جنهن کي اهو خيال
اچي ته مان مهاتمائن جو سنگ ڪري، جنم سڌاريان ۽ نه ڪي وهنوار ۾ ڦاٿو پيو هجان.
ـڙن ورلي پرشن مان به وري ڪو ورلو هڪ ڀڳوان کي سچ پچ ڄاڻي ٿو يا پائي ٿو.
سچ پچ" جو مطلب آهي ڀڳوان جي اصلي روپ کي ڄاڻڻ، جو نراڪار سروپ آهي، ڇو
ساڪار سروپ ۾ ته هزارن ته ڇا پر لکن ماڻهن سندس رام اوتار ۾ درشن ڪيو، پر اهو
شن موڪش ڏيڻ وارو نه آهي. موڪش گيان کان سواءِ ته ڪڏاچت ٿي نه سگهندو. شري
چندر جي پتا راجا دسرٿ ته سندس وڇوڙي ۾ پران ڏنا، اهڙو پريم هن سان هوس ته
ـڪي ڪانه پاتائين، ڇو ته گيان حاصل ڪونه ڪيو هئائين. درپوڌن وٽ شري ڪرشن
دفعا ويو ته پانڊون سان ٺاهه ڪري، پر هن هڪ به نه ٻڌس. جي هنکي اهو وشواس
ي ها ته شري ڪرشن ساکيات پار برهم پرماتما آهي ته ڪڏهن اهڙي هٺ ڪري ها! هو ته
طرح ته اڳيڪ دفعه شري ڪرشن جو درشن ڪندو رهندو هو، پر سندس سڀ نه پئي
نه بدلي. سامهون درشن ڪندي به من ميرو رهيو، نه ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. گروجن
والي‌ءَ ۾ فرمايو آهي:

گر ڏٺي مکت نه هووئي - جه جُر شبد نه ڌري پيار.

گروءَ جي وچن جي ڌارنا هڻڻ گهرجي ۽ انهن ۾ شرڌا رکي ڪمائڻ ضروري آهي.
ن پراپت لاءِ ساڌنائون ڪرڻيون ضروري آهن ۽ اهو فقط منش جنم ۾ ٿي ٿي سگهندو.
ان صاف ٿو چوي ته ڪو ورلو ساڌنا ڪندڙ تت سان ڄاڻي ٿو. ڀڳوان جو ارجن سان ته
وقت سنگ هو، ڪيس پنهنجو وراٽ سروپ به ڏيکاريائين، پر ان هوندي به ڪيس
ـمت لڳڻ لاءِ گيان جو اپديش ڏنو اٿس، ڇو ته ان درشن مان هو موڪش ڪونه پائي ٿي
ـيو. جيئن شمعڻ جو ڪير سوڻ جي پرڻ کان سواءِ ٻئي ۾ نه رهي سگهندو، ليڪن آتما

ٻڌي ٿو سمجهائڻ چاهي. پروکه يعني ٻاهريون ۽ اَپروکه يعني اَندريون. ڪنهن مڪان کي ٻاهران ڏسڻ لڳو ان جو پروکه گيان ۽ اَندر وڃي هڪ هڪ ڪمرو ڪري ڏسڻ، ان جو اَپروکه گيان چئبو. ڪنهن پستڪ کي ڏسڻ ته لڳو، انجو ٻاهريون گيان، پر اُنکي پڙهي ڏسڻ لڳو، انجو اندريون گيان. هن شريو جو گيان ۽ وگيان يعني ڀڳوان ورڻن ڪندو، جنهنجي سمجهڻ سان پوءِ ڪجهه به وڌيڪ ڄاڻڻ جي ضرورت ئي نه رهندي. لوهه کي سون ڪيتو هجي ته پارس جو سنگ ڪري. ڪاٺ کي خوشبودار ڪيتو هجي ته چندن جو سنگ ڪري. ان طرح ڪنهنکي مهاتما ڪيتو هجي ته نيڪ مردن جي صحبت ڪري. ڪسنگ مان هرڪو ڪوتو ٿي ٿو، جنهنکي برهم گيان ڪاڻو هجي ته پورن برهم شروترِي ۽ برهم نشٺي مهاتما جي شرن وڃي، سندس تن، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان سيوا ڪري، پوءِ اهو مهاتما هن تي پرسن ٿي کيس اُپديش ڏيندو ۽ ساڌنائون ٻڌائيندو ۽ وڏي پيار سان سار ۽ آتم خزانو کيس کولي ڏيکاريندو ۽ سمجهائيندو. سندس اپديش تي هلي، ڏنل منتر جي ڪمائي ڪري، برهم گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو. اول پروکه يا سامانيه يا ٻاهريون گيان ڏيندو ۽ پوءِ اپروکه، وشيش يا اندريون گيان.

شاسترن پراڻن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان ۽ ستسنگ ڪرڻ سان اهو گيان ٿئي ٿو ته پرماتما سرو وياپي آهي، هي ڪرم ڪرڻ گهرجن ۽ هي نه ڪرڻ گهرجن. اهو گيان به وڏو پڻ جو ڦل آهي، پر سچيءَ دل سان ڪي ٿورا ئي مڃين ته پرماتما آهي. ٻاهران ته هرڪ ٿو چوي ته مان ايشور جي هستي مڃان ٿو، پر اهو مڃڻ زباني آهي. وڏا وڏا پڙهيل سياڻا به ان ۾ ٿرڪي پيا پون، وگيان يعني اندريون يا برهم گيان ته پري رهيو. هڪ چور يا خوني به ته چئي ٿو ته پرماتما آهي، پر جي چوري ڪرڻ وقت يا خون ڪرڻ وقت هو سچ پچ مڃي ته پرماتما آهي ۽ هو هر هنڌ حاضر ناظر آهي ۽ سڀ ڪجهه ڏسي ٿو ته ڪيئن هوند هو چوري يا خون ڪري؟ گناهه ڪندڙ گناهه ڪرڻ وقت جيڪڏهن ايشو جي هئڻ ۾ پورو ڀروسو رکي ته ڪڏاچت اهو گناهه ڪين ڪري. ڪيترا ماڻهو ته چوري لڳيون، خون ڪري وري قسم به ايشور يا خدا جو کڻن! چئبو ته هنن کي پرماتما يا خ ۾ سچو ڀروسو ئي نه آهي، ته هو ڪو ڏسي ٿو ۽ ڄاڻي ڄاڻڻهار آهي، هو رڳو هن کي دوک ڏيڻ لاءِ ئي چون ته ايشور کي مڃون ٿا. اَنيڪ انسان اندر ۾ ڪوڙ، ڪپٽ ۽ دغاباز رکي ٻاهران وڏا وڏا تلڪ لڳائي ٿا هلن. اهي ايشور کي سچيءَ طرح مڃيندڙ ته ڪڏاچ ڪين ليکي سگهبا.

هردي ڪپٽ مک گياني - جهوٺي ڪاهي مٿو ڙس پاني؛
ڪاٻا مانجهس ڪون گڻ - جد شد نهين اُپيا من.

ڀڳوان ته انسان جي من جا خيال به سڀ ڄاڻي ٿو ۽ ڪيترو به لڪي ڪرم ڪريون ۾ هنڪان لڪي نٿا سگهون. نه فقط اهو پر لوڪن ۾ به اهي ڪرم آخر ظاهر ٿي پون

...ست ۽ اُنت جو وچار. سانکيه شاستر وارو اُپديش، جيڪو ڪپل ديو پنهنجي ماتا ديوهوتيءَ کي ڏنو آهي، اهو ئي ڀڳوان ارجن کي ۴ شلوڪ ۾ ڏئي ٿو:

شلوڪ ۴. ڌرتي، جل، اَگني، وايو، آڪاس، من، بڌي ۽ اهنڪار، اِنهن اٺن ۾ منهنجي پرڪرتي ورهايل آهي.

ٻهراڻ پنج تت آهن. جيڪو سنسار جو پرپنچ رچيل آهي، سو پرڪرتيءَ جي هنن ...لن حصن مان جڙيل آهي. برهما کان ڪيڙيءَ تائين سڀ اِنهن مان ئي ٺهيل آهن. ساري ...برهمانڊ کي وراٽ سروپ ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ سانکيو گيان اُپدو، پر جي هڪ شرير ۾ ڏسبو ته ... ساڳيو ئي گيان ملندو.

ڪنهن باغ ۾ وڃبو ته سڀ وڻ ٽڻ ٻوٽا ڏسبا ته اهو اُن باغ جو سامانيه يا سمشٽي گيان ...يو. جڏهن ڪنهن وڻ جو وڌيڪ خاص طرح علم پرائبو ته هي فلاڻي قسم جي اَنب جو وڻ ...هي ۽ هيٺ ۽ مٿو يا ڪٿو ڦل اَلس ۽ ٻير ۽ ڪوڙي ڪيتري اَنداز ۾ اَنس ۽ ڪهڙيءَ موسم ۾ ...يندو آهي وغيره، ته اهو اُن وڻ جو وشيش يا وشٽي گيان ٿيو. ان طرح ساري برهمانڊ ...جو وراٽ سروپ سمجهڻ آهي، اُن جو سامانيه گيان ۽ پنهنجي هڪ شرير جو تفصيلوار گيان ...حاصل ٿيو اُن جو وشيش گيان. سانکيه شاستر وارن اُن پرڪرتيءَ جي حصن کي وري ۲۴ ...حصن يا تتن ۾ ورهايو آهي:

۵ تن ماترائون، اَهنڪار، مهه تتو ۽ اويڪت = ۸

۵ مهاڀوت، ۵ گيان اندريون، ۵ ڪرم اندريون ۽ من ۱۶ - ڪل ۲۴.

شرير سچ پچ اُنن حصن ۾ ورهايل آهي، پر انهن جا ئي وري ۲۴ حصا ڪيل آهن. ...له ساڳي آهي. ڪرم يا گيان اندريون به انهن مهاڀوتن مان ئي ٺهيل آهن.

ويدانت ۾ ۵ تتن (پرٿوي، جل، وايو، اگني ۽ آڪاس) کي ۲۵ حصن ۾ ورهايو ويو ...لي. هڪ هڪ جا ۵ حصا ڪيا ويا آهن ۽ پوءِ وري انهن کي اهڙيءَ طرح ڌار ڌار نمونو ...ڏيو ويو آهي، جو ڪل ۲۵ نمونا ٺهن ٿا. آهن اهي به ڪل اُنن حصن ۾ سمايل. ڀڳوان جو ...چوڻ آهي ته اها سڀ منهنجي مايا آهي ۽ ساري سنسار جي رچنا اِنهن ۸ تتن مان ٺهي آهي. ...ت سروپ آتما انهن کان پري آهي، پر اَوَل هن شرير يعني مڪان جو گيان پرائڻ ضروري ...ي، جنهن ۾ اهو جوت سروپ آتما رهي ٿو. هر هڪ شيءِ يا جيو ۾ ۵ تت آهن، پر ڪنهن ...پرٿوي تت وڌيڪ ۽ ٻيا ۴ ٿورا ٿورا آهن، جيئن منش ۽ جانورن ۾، جي ڌرتيءَ تي رهن ... جل ۾ جيڪي جيو آهن، اُنهن ۾ جل جو تت گهڻو آهي ۽ ٻيا چار تت ٿورا ٿورا آهن. ... طرح هوا ۾ رهندڙ يا اَگني يا آڪاش ۾ رهندڙن جيوَن ۾ اُن تت جو گهڻو انداز ۽ ٻين ...ٿورو ٿورو انداز آهي. اِن طرح ڪل ۲۵ نمونا تتن جا ٺهي ٿا پون ۽ ساري سرشٽي اُنهن ... ئي رچيل آهي.

شلوڪ ۵. اها ته اَپرا پرڪرتي آهي. اِنهيءَ کان جدا هي مهاٻاهو! مون ...ميشور جي جيو روپ پرا پرڪرتيءَ کي تون ڄاڻ، جا ساري جڳت جو آڌار آهي.

جو گيان ۽ اهنڪاريءَ ڪانسواءِ نمتل آهي. منُ، واڻي ۽ شرير سان شرڌا رکي، گرو شسروا ڪرڻ ڪانسواءِ گيان ۽ حاصل نه ٿيندو. مورتي پوڄا ڪجي ٿي، اُن ۾ به مورتيءَ ۾ ٻاهرين شرڌا ۽ ڀروسو رکيو آهي، نه اها مورتي ايشور روپ آهي، تڏهن ڦل ملندو. پر مورتيءَ ۾ شرڌا رکڻ سولي آهي؛ جو نه ان جا ڪي ۽ وڪار ڪرڻ ٿا ڏسڻ ۾ اچن، پر شرير ڌاري ستگروءَ ۾ ٻاهرين شرڌا رکڻ ڏاڍي ڏکي آهي؛ من جي شڌتا جو ڦل آهي؛ جو نه رجو، تمو ۽ ستو گڻ نه سڀني شرير ڌارين ۾ آهن. گرو ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڪريندو، ڪڏهن رنج ۾ ٿيندو، ڪڏهن رجوگڻي ورتي ۾ رکيندو، سو اهڙن موقعن تي شرڌا ڪجهه ٿي پوي، نه سڌي حاصل نه ٿيندي. گرو جڏهن گيان جو اپديش ڏئي نه ڪيس وشنو روپ ڄاڻجي؛ جڏهن رجوگڻ ۾ هجي، وهنوار جون ڳالهيون ڪري ته ڪيس برهما روپ سمجهجي؛ انهن خيال نه ڪجي ته هاڻي نه گرو دنيوي جهنجهٽن ۾ پيو آهي يا لالچ تي رکي ۽ گيان اوستا… تان ڪري پيو آهي وغيره. جيڪر انهن تي خيال رکي، اهو نت ئي نقو ٻڌجي. جڏهن گرو ناراض ٿئي ۽ ڌاڙنا ڪري ته هن کي شو روپ ڄاڻي نمسڪار ڪجي ۽ اُن ڪاوڙ جو سبب ۽ ڀاڻڪي ڄاڻي، نماڻو ٿي معافي وٺجي. جڏهن گرو خوش ٿي وردان ڏئي يا آسيس ڪري ته ان وقت ڪيس پاربتي روپ سمجهجي؛ جي ڌن جي آسيس ڪري ته لڪشمي روپ ۽ ودِيا جي نه سرسوتي روپ. جب صاحب ۾ ۽ گروجن فرمايو آهي:

گر ايسو (شو ڀڳوان)، گر گووند (وشنو ڀڳوان)، گر برهما، پاربتي مائي.

جيڪو گروءَ کي هر وقت ايشور روپ ڪري نه سمجهي ۽ اهڙي ڀاونا نه رکي اهو ڪداچت سڌي نه پائي سگهندو. جيڪر گرو ڪرڻ جو ورود ڪري ته، اهو ڪلي جو ايشور جي شرن وٺي ته به ڪو بچاءُ نه ٿيندس. گرو ڪرڻ ڪانسواءِ سگهڻ ايشور جي اپاسـ… ما، ونتڪسا، ڌام ملي سگهي ٿو، پر موڪش نه ملندو؛ جو نه اهو گيان ڪانسواءِ نه پراپت ٿيندو ۽ گروءَ ڪانسواءِ گيان نه ٿيندو. اوڌو نه ساڻو وقت ڀڳوان ڪرشن سان گڏ رهيو نه جڏهن ڀڳوان شرير ڇڏڻ چاهيو ته هن کي پرگ اپديش ڏيڻي چيائين ته وڃي الدرڪاشرم… اهو ننماني، گيان پراپت ڪر ته موڪش ملنئي. ڀڳوان رامچندر وقت سندس ڀاءُ لڇمڻ ۽ هر وقت ساڻ رهندو هو ته به پڇڙيءَ ۾ ڪيس گيان جو اپديش ڏنائين؛ جو نه اِن ڪانسو… مڪتي نه ملي ها. جتي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ملڻو هوندو آهي ته اول هن جي ر… جو پتو نشاني ڪڍبو آهي، اِن طرح ايشور جي ملڻ واسطي به اول سندس واسطو سروپ آ… جي رهڻ جو نڪاڻو وغيره ڄاڻڻو آهي ۽ ڪيئن ٿيو آئي رهي، ڪهڙن ڪمن ڪرڻي لڀجي… اهو سڀ سمجهڻو پوي ٿو. هن جو واسو نه سرو هنڌ، سرو وقت ۽ سرو ۾ آهي؛ جو نه سرو ويا پي آهي، پر ان هوندي به هن کي ملڻ لاءِ سندس اپاڌي، جا انتهڪرڻ آهي، جي وچڙا ڪرڻي پوي ٿي. اهو انتهڪرڻ شرير ۾ آهي. انڪري اِن انتهڪرڻ جو آ… ڪرڻ ضروري آهي. ڀڳوان ٻنهي پرڪرتيءَ سان هي سارو جهان رچيو آهي، جنهن… … ۽ مايا ڪوٺجن ٿا ۽ سانکيه شاستر ۾ پرڪرتي. سانکيه جي معنيٰ آهي وچار ڪر…

ليندو ۽ نه ڪو ڀلو ٿيار ٿيندو. ڀلائي ڪلا آهي جنهن بوقت انهن ڀلي ڪي ڀاهر سڪندي ٿي
سدس نام ۽ روپ پرگهٽ ٿيندو.

ٻارن جي ونسپتي وگيان جي ماهرن به سڌ ڪيو آهي ته وڻ ۽ ٻوٽا به ٻاڻ ۾ ڳالهيون
ٻڌندا رهن ٿا. مطلب ته ٻڪين جي سنبند مان به وڻن
ٻوٽن کي آنند اچي ٿو ۽ هو ڦل ۽ ٻن ڏين ٿا.

شلوڪ ٦. اهي ٻئي مول پرڪرتيون سرو پراڻي ماتر جو ٻج آهن. ان
ڪري اُٿي سڄي جڳت جو اُپائيندڙ ۽ ناس ڪندڙ آهيان. ائين تون ڄاڻ.

ڄاڻڻ ته پرماتما انهن ٻنهي پرڪرتين جو ٻاڻ ٿي مول آهي، ان ڪري هن ساري
جڳت جو هو ئي اُپائيندڙ، پالڻندڙ ۽ لئه ڪندڙ آهي. اُپائڻ ۽ ناس ڪرڻ جي وچ ۾ پالڻ
ڪرڻ به اچي ٿو وڃي. سڀ ڪجهه سندس آسري آهي.

هر هڪ وستو جا ٻه ڪارڻ ٿيا وڃا آهن: هڪ اُپادان ڪارڻ ۽ ٻيو نمت ڪارڻ. اُپادان
ڪارڻ آهي مٽي يا ڌاتو، جنهن مان ٿرتن ٺهن ٿا ۽ سون جنهن مان گهڻا ٺهن ٿا يا ست جنهن
مان ڪپڙو ٺهي ٿو. نمت ڪارڻ آهي ڪنڀار، ٺاٺڻ گهڙڻ وارو، سونارو يا ڪوري. پر
نمت ڪارڻ کان سواءِ رڳو اُپادان ڪارڻ مان ڪو ٿرتن، گهه يا ڪپڙو ٺهي نه سگهندو.

سنسار ۾ اهو ڏسجي ٿو ته اُپادان ۽ نمت ڪارڻ جدا جدا ٿين ٿا. پر ڀڳوان فرمائي ٿو ته
جڳت جي رچنا لاءِ ٻئي ڪارڻ هو ٻاڻ آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه آهي. ڪير سمجهو آڻي
اهو ڪيئن ٿيندو! مگر اسين واقعي جو سڀني ۾ ڏسندا آهيون ته انيڪ وستو هوندي به
... انهن سڀني جو آسرو ٻيئي اپادان ڪارڻ اتوا نمت ڪارڻ اسان جو جيو ڪلا ٿي
...ندو آهي. ڏسڻ وارو به اهو جيو آهي، جو ته شرير ته جڙ آهي ۽ سڀ اندريون به نه
هونديون آهن. چيتن شڪتيءَ (جيو ڪلا) کان سواءِ ٻيو ڪجهه به اُن وقت سڄاڳ نه
...ندو آهي ته ڇاڪاڻ ته سڀني جا پدارٿ اُن جيو ڪلا مان پيدا ٿيا ۽ ڏٺا به اُن ۽ وري ٿين
اُن ۾ ٿي ٿي ٿا وڃن. جڳت ۾ مايا جو به وهنوار ان طرح هلي رهيو آهي ۽ سڀ ڪجهه
...تار ٿي پيو ڪري، پر اسين ٻوٽن ۾ ڀلا ٿيا ڦرون. سڀني ۾ به اسان جو پوءِ ٿي ٿو اسان
... تماشائي. سڀني ۾ ٻلوارون به هلنديون آهن، سر به اهندا آهن، ڪتانون به ٻڌندا آهيون،
... ڪڙا به ٿيندا آهن، مسافريون به ڪيون آهن، پر اهو سڀ ڪير ٿو ڪري؟ سچ پچ ته نه
... ڪو ڀلو ۽ نه ڪجهه ٿيندو. رڳو اسان جو پوءِ آهي.

منش جو ولوج ٻن قسمن جو ٿيندو: هڪ ٻنڌي، ٻيو ٻرهمنڌي. ٻنڌي ولوج جنهن
ڪاله آهي، پر ٻرهمنڌي ۾ آهي. ان ڪري شاسترن ۾ آيو آهي ته وقت ۽ ٿيءَ انوسار

پرڪرتي ٻن قسمن اَپرا ۽ پرا ۾ ورهايل آهي. اَپرا پرڪرتي جڙ آهي، جنهن جو ور
پوئين شلوڪ ۾ ڏنو آهي. اها اَچيتن آهي يعني چريو ڪرڻ، هلڻ چلڻ جي ڪا به شڪت
نه اٿس. جڏهن پرا پرڪرتيءَ جي مدد ملي ٿي، تڏهن هوءَ هلي چلي، وڌي گهٽي، چر
پري ٿي. پرا پرڪرتي چيتن شڪتي آهي. ان جو روپ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ورڻن ٿو ڪري
پرا پرڪرتي کان اَڪيلي ڪجهه نٿي ڪري سگهي. ٻنهي جو جڏهن ميل ٿئي ٿو، تڏهن وهن
هلي ٿو. ماتا جي گرڀ ۾ هڪ پتلو تيار ٿئي ٿو. اها اَپرا پرڪرتي آهي. ان ۾ چيتن شڪت
يا جيو ڪلا جا پوي ٿي، اها آهي پرا پرڪرتي. ان وسيلي اهو پتلو جنم وٺي ٿو، وڌي ٿو
عمر ڪاٽي ٿو، هلي چلي ٿو. شرير جي پرڪرتي جڙ ورگ آهي، جا اٺن حصن ۾ ورها
آهي. ان ۾ چيتن ورگ ملي ٿو ته پوءِ شرير ڪم ڪار ڪري ٿو ۽ سنسار جي رچنا هلي ٿي
اَپرا پرڪرتيءَ کي کيتر (شرير) ۽ پرا پرڪرتيءَ کي کيترگيه شرير جو مالڪ آتما به ڪوٺين ٿا
هڪ ڪان سواءِ ٻئي سان ڪو به ڪارج نه ٿي سگهندو. سڀ ڪارج ٻنهي جي ميلاپ سا
ٿيئن ٿا.

ويدن ۾ هڪ منتر آيو آهي، جنهن ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته مان جيون ۾ پنهنجو ڀاڱو پرويش
ڪري، نام ۽ روپ کي پرگهٽ ڪريان ٿو ۽ چوي ته ان جيو ڪلا جي مدد سان ئي اهو
ڌرم ڪرڻ جوڙ ٿئي ٿو. هي شرير جو گيان، جو ڀڳوان ٻڌائي رهيو آهي، اهو اهڙين آهي
جيئن ڪو واڇ سيکاري يا ڪنهن مشين جو هلائيندڙ پنهنجي شاگردن يا پٽن کي واڇ يا مش
ڏاهي، ان جي هر هڪ پرزي جو علم سيکاري، ته ڪهڙا ڪهڙا پرزا ڪهڙو ڪهڙو ڪم
ڏين ۽ ڪهڙن ۽ ڪهڙي اهي وجهڻ گهرجن، يا جيئن ڊاڪٽر بدن جي هر هڪ هڏيءَ، نس
ٻهڙيءَ ۽ اندريءَ وغيره جو علم ۽ ڪيئن انهن ۾ لڳل روڳن کي دور ڪجي، اهو سکن
پرا پرڪرتي وڏيءَ شڪتيءَ واري آهي. انڪي جيو ورگ، چيتن ورگ، جيو ڪ
يا جيون شڪتي ڪري به ڪوٺجي ٿو. ان سان ئي ڀڳوان ساري جڳت کي ڌارڻ ڪري
رهيو آهي. اها نه هجي ته نام روپ نه ٿيندو. ڌرتيءَ ۾ ٻج وجهون ٿا، پر ان مان انڪ
تڏهن نڪرندو، جڏهن ان ۾ چيتن ڪلا پوندي. پوءِ ئي هو وڌي ٻوٽو يا وڻ ٿيندو، نه
اهڙي سڙي ويندو. جڏهن جڙ جونيءَ وارن وڻن ٻوٽن جو اهو حال آهي ته چيتن مند
ڪيئن جيو ڪلا کان سواءِ ڪجهه به ڪري سگهندو؟ چاندوگيه اپنشد ۾ سمجهايل آهي ته
هي جيو ڪلا چندرما جي ڪرڻن ذريعي هن زمين ۾ اچي ٿي ۽ ڪڻڪ، ڦل، اوشڌيءَ
ٻوٽيءَ، اناج، ڀاڄيءَ، ميوي وغيره ۾ اچي ٿي پرويش ڪري. نارائڻ جي ليلا سان اِ
ڪلا اوان انهن شين ذريعي پتا جي مک ۾ وڃي ٿي ۽ گلي ۾ وڃي رهي ٿي. جنهن ڪلا کي
جنم واٽ آهي، اها اول اتي پهچي ٿي ۽ ڪيترا ڏينهن اتي ترسي ٿي. پتا سارش ته
سمجهي، نه جوڳي لوڪ اها ڳالهه سمجهندا آهن. گلي مان اها جيو ڪلا پتا جي هرڊي
پهچي ۽ پوءِ سندس ويرج ۾ لڪي ٿي. پوءِ اَپرا شڪتي ويرج سان ملي، ماتا جي گرڀ
پهچي، پرگهٽ ٿيڻ جي شڪتي رکي ٿي. اها جيو ڪلا ويرج ۾ نه آهي ته ڪو به گرڀ

...ي سگهي ٿو سمجهي. آتما جي درشن جي اڀلاشا ڪنهنکي به نه آهي ۽ نه جڳت جي
...يءَ جي ڪا خواهش. جيڪڏهن ڪو جگياسو ڪٿي اها اڇا رکي ته به، ته به. جڏهن هن آتما
...سروپ ڏٺوئي ڪونه آهي ته ڪيئن پرم آنند سروپ آهي ته ڪيئن ان طرف من لڳندو؟
...برهم ڏٺو ئي نه آهي، آهي ڪيئن هن جي چاهنا رکندا؟ اهي دليل ماٺهو ڏين ٿا، پر
...ب جا دليل نه آهن، ڇو ته سڀ ڪنهن ڳالهه لاءِ اڇا هروڀرو اُنڪي ڏسڻ کان پوءِ نه
...ي آهي، پر ٻيءَ طرح به ٿي سگهي ٿي.

پرم آنند سروپ، جو برهم آهي، اُن جو اُنهيءَ برابر جگياسو نه ڪير آهي، پر مهاتمائن
...ستن کان ٻڌو اٿس ۽ شاسترن پراڻن ۾ پڙهيو اٿس، ته برهم آنند ههڙو آهي. پا سرڳ ۾
... سک لڀندا آهن، اُتي اِندر ديوتا راجا آهي، نندن باغ آهي، اپسرائون آهن، گندرو
...، امرت جا تلاءَ آهن، ڪامڌينو گئو آهي، ههڙا ههڙا سک آهن وغيره. اُن سرڳ جي
...ڪير نه ڪري؟ پر ڏٺو نه اڳ ۾ ڪنهن به ڪونه آهي. وهنوار ۾ به ڪو واپاري ٻئي
... جي واپاريءَ سان پنا ڏسڻ جي رکو سندس ايمانداريءَ ۽ هوشياريءَ جو ٻڌي،
...مڙه ڪري واپار جو ناتو رکيندو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو پاڻ ۾ گڏجن به ٿا نه، وڏيڪ
... ٻئي جا سنا لڇڻ ڏسي، پرپر تنهن تو، پر رستو اڳ ۾ ٿي هون. مطلب ته ڏسڻ کانسواءِ
...ڪاروبار هلي سگهي ٿو، ته جڏهن سنت مهاتمائون ۽ ويد شاستر برهم جو بيان ڪندا، ته
... ڇوڙ ته ڏسڻ کان سواءِ ڪو، برهم سان ملڻ جي چاهنا نٿو رکي، اهو درست نه آهي.
...اسو به سنگروءَ جي اُپديش مان برهم جي واقف ٻڌي ۽ پهنجي گروءَ ۾ اُن برهم جو
...و گيان ۽ پرڪاش ڏسي، چاهنا رکيندو ته مونکي به برهم جو درشن ٿئي، ته معهجو به
... ڪلي. ان طرح برهم سک جي اُڀلاشا گهڻن ۾ ئي اُٿڻ ٿيندي، ڇو ته برهم پرم آنند
...ب آهي. هروڀرو وشيه سک هرڪو نٿو چاهي، پر سک سڀڪو ٿو گهري ۽ طلبي. جي
...ن نه هجي ته راجائون مهاراجائون ڇو راڄ پاڳ، راڻيون، ڌن ڀنڊار ڇڏي وڃي رشين
... جي شرن وٺن ۽ برهم جو سک ڀوڳين؟ اِنهن مهاتمائن وٽ اهڙو ڪو ولکڻ سک هئين
... هوندو، لڏهن ته سڀ ڪجهه قربان ڪري، اُن لاءِ ڪوشش ڪندا. ان ڪري جڏهن
... جي هرڪو ٿو اڇا رکي ۽ برهم جهڙو سک پيو ڪرڻ ٿي نٿو سگهي، ته ڇيبو، ته نه
... جگياسو پر هرڪو ٻئي آدم برهم جي اڇا رکيندو، ڇو ته اهو وڏي ۾ وڏو سک جو ڀنڊار
.... ان طرح دکن جي نورتي به هرڪو ٿو چاهي ۽ جڳت جا ڀنڊارِ سڀ دکدائي آهن.
...ڪري جڳت جي نورتيءَ لاءِ به هرڪو اڇا ٿو رکي. دکن جي دور ڪرڻ جي هرڪو
...اهنا ڪري.

شلوڪ ٨. هي ڪنتي پترا پاڻيءَ ۾ مان رس روپ آهيان؛ چنڊ سورج
...وت روپ؛ سڀ ويدن ۾ "اوم" آهيان؛ آڪاش ۾ شبد (آواز) ۽ ماڻهن ۾
...تي مان آهيان.

گرهست سنبنڌ ڪرڻ سان سنتان پيدا ٿيندو. پر سنبنڌ وشيه ڀوڳ آهي ۽ اڄاڻو شڪ وڃائڻي آهي.

شلوڪ ٧. هي ڌننجيه! مون چيتن کان سريشٽ ڪجهه بہ نہ آهي مون ۾ هي سارو جڳت ائين پوتل آهي، جيئن ڌاڳي ۾ موتي پوتل هوندا آهن

پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪوبه جڳت جو ڪارڻ نه آهي ۽ ڀڳوان اڪيلو ئي ساري برهما جو ڪارڻ آهي. هو سڀ ڪجهه آهي ۽ ڪائنس متي ٻيو ڪي به نه آهي. ڀڳوان هن ان شلوڪ ۾ آتما جو گيان يعني وگيان سمجهائي رهيو آهي، جنهنجي ڄاڻڻ سان موڪش پراپت ٿيندو موڪش جو مطلب آهي پرم آنند جي پراپتي ۽ جڳت اڌرم جي نورتي. پرم آنند روپ آهي پنهنجو آتما. ان جي پراپتي ڪرڻ گهرجي ته دنيا جي دکن سکن جي نورتي ٿئي جو ته اهي سڀ اسٿر ۽ ناسونت آهن.

ڀڳوان ساري جڳت ۾، هر هڪ جيو ۾، هر هڪ پدارٿ ۾، هر هڪ پدارٿ جي ذري ذري ۾ وياپڪ آهي، پر ڏسڻ لاءِ اکيون کپن. اهي اکيون نيون ته پوءِ اسين ان پوتر کي ڏسي سگهنداسون. نه فقط ايترو، پر ائين ڄاڻنداسون ته اهو پوتر ته اسين پنهنجو پاڻ آهيون پرماتما به آهي ته اسان جو ني آتما ۽ اسان سان ني مليل آهي، پر پوءِ وچان اسين انکي دور ۽ جدا پيا سمجهون. ان اگيان ني مليل آتما کي وري پراپت ڪرڻو آهي، جو ڪيترو جي پردي دور ٿيڻ تي. گيهه ته کير ۾ موجود ٿيندو ۽ هن جي قطري قطري ۾ آهي، ڪڍڻ لاءِ يتن ڪرڻا آهن. ان طرح پنهنجي آتما کي پاڻ مان ئي يتن ڪري ظاهر ڪر آهي. سچل سائين لوڪ فرمايو آهي:

دي دلدار لاهي سڪ اسانڌي - اسين درس تيري دي پياسي،
اهو مڪان، هور ڪجهه نہ مڪان - دي خير پسون وچ ڪاسي.
ڍونڍيندا ٿڪئون، لڀي ليان مڪئون - اسين عجب حيران هوياسين،
سچل ربن سونهي پيارا مليا - جيڏا اڳي مليا هاسين.

مٽيءَ وارو نانگ جيئن مٽي کي نيل سمجهي وياڪل ٿيندو ۽ هيڏي هوڏي ڳولي ٿو آهي سند س مستڪ ۾، يا جيئن هرڻ پنهنجي ڌن ۾ پيل ڪستوريءَ جي سڳنڌ پٺيان هن ڀٽڪندو وتي، ان لاءِ ڳولا ٿو ڪري، تيئن اسين به آتما سان مليل هوندي به انکي ج وڃائي ويٺا آهيون ۽ پاڻکي شرير، اندريون، من وغيره سمجهي، پيا ٿا آتما کي ڳوليو ڪنهن سائين لوڪ به چيو آهي:

مون جاتا هري دور هي - هري هردي ڀرپور،
مانش لوڻدي پاهرا - نيڙي هو ڪر دور.

سنسار ۾ ماڻهو سوال ڪندا ته موڪش لاءِ ته ورلو ڪو جيئو اڇا رکي ٿو، باقي هر سک برابر چاهي ٿو ۽ اهو سک ته وشين مان به ملي ٿو. ڪو اها ٿو چاهنا ڪري ته هميشه سکي هجان، پر چاهي ٿو ڪي ڪهڙو به دک نه هجي. پاڻ سکي آهي ته هو سا

سان پورن طرح جو پرڪاش ٿيندو. اهو ئي آتم تت آهي. ان مان انتهڪرڻ شڌ ٿيندو ۽ ساري برهمانڊ جي سمجهه پئي ٿي. اونڪار جو اُچارڻ آهي ”اُهڃا گايتري“، جا ٻن اکرن تي ٻڌل آهي، جا ساڌنا ڪندڙن جي رکيا ڪري ٿي ۽ ٻڪمن جو ڀوڳ ڪم ٿي ڪري. رشمن ملمن جو ويدن جو ڏونگو وچاڙو، ڌرم پرچار ڪيو، مهان شڪتي پالي، اهو سڀ اونڪار جي ٻل سان. گايتري منتر ٢٤ اکرن وارو ٿيندو:

”اوم ڀُور ڀوه سوه- تت سويتر ورينيم،
ڀرگو ديوسيه ڌيمهي - ڌيو يو نه پرچودياٿ.“

شلوڪ ٩. پرٿويءَ ۾ سڳنڌ مان آهيان، اگنيءَ ۾ تيج، سرو ڀوتين ۾ پران ۽ تپسوين جي تپسيا مان آهيان.

ڌرتيءَ مان جو مٺا مٺا ۽ جدا جدا خوشبوءِ دار گل ڦل ميوا اُڀري نڪرن ٿا ۽ هڪ ڌرتي ٻج مان ڪيڏا نه ٻوٽا ۽ وڻ نڪرن ٿا ۽ انهن گلن ۽ ميون وغيره ۾ مڌر خوشبوءِ آهي، اها ڀڳوان تو چوي ته مان آهيان. پرٿويءَ جي تن ماترا سڳنڌ آهي. سڀني تتن جي تن ماترا ڀڳوان ئي آهي. اگنيءَ جي تن ماترا تيج يا گرمائش اها به ايشور جو روپ آهي. ان مان سڀ ڪارج ٿين ٿا. ٨٤ لک جونيون جيون وڻئون آهن. ڀڳوان تو چوي ته سڀ ڪنهن ش کان وٺي ننڍي ۾ ننڍي جيو ۾ پران مان آهيان. زندگيءَ جو آڌار پيا جڏهن ته خود زندگي هو ٻاڻ آهي. اها نڪري وڃيتي ته هرڪو پراڻي هڪ مردو جسم ٿي پوي ٿو. ان زندگيءَ کان سواءِ ڪاٺ ڪار ۽ هٿيار شرير ڪجهه ڪري سگهي. انڪري ويد شاستر چون ٿا جڏهن سڀني جيون ۾ ايشور جي ڪلا آهي ته ڪنهن کي به دک ڇو ڏيون؟ سڀني جو پالڻو ايشور ئي آهي، ته من، واڻيءَ يا شرير سان ڇو ڪنهن به جيو کي دک ڏيون؟ سڀني سک پهچائڻ سان ڄڻ ڀڳوان کي سک پهچائيندسين.

خلق خدا کي جاڻ کي - خلق دکائي ٿانهه،
خلق دکي جب نند لال - خالق ڪوپي تانهه.

جيڪو به ٻرو ڪرم، دوکو، ڪپٽ ٻين سان اسين ڪريون ٿا، اهو ڄڻ ڀڳوان سان پاڻ سان ٿا ڪريون ۽ جيڪو انهن ڪو سمجهي، اهو مورک آهي ۽ ڪو جاڻي ته آتما سڀني هڪ آهي ۽ اهو پرماتما سڀ ڪجهه جاڻي ٿو. وچن يا من سان به ڪنهن کي نه ڏکوئجي نه ڪنهن لاءِ برا خيال ڪجن. وڏيڪ نه ته اهو ته سڀڪو سمجهندو ته هرهڪ جيو جو ماتا پتا پاڻ آهي ته پوءِ اسين سڀ جڻ هوندي ڀيڻ ڀائر پيٽرن کي نه ڏکويون يا انهن سان ڪو ڪپٽ نه ڪريون، ليڪن سڀني پراڻين سان هلت هلڻ گهرجي. ويد ۾ به پرارٿنا منتر آهي:

سرويشو ماتا چه پتا سرويشو - سرويشو بندوشچ سکا سرويشو،
سرويشو وديا، دروڻم سرويشو - سرويشو سرو مم ديو ديو.

جل مٺڪن وانگر آهي. اُن ۾ جو رس يعني چيتن شڪتي آهي، اها آهي ڏاڍو، جو ...
جو روپ آهي. چندرما ۾ چانڊوڻي، سورج ۾ تيج يا پرڪاش به اهين آهي. جنهن لي و...
۾ اونڪار جو شبد آهي، اهو به ڀڳوان چئي ٿو ته مان آهيان. آڪاش يا پولار ۾ جو آواز ...
ٿو، اهو به پرماتما جو روپ آهي. ماڻهن ۾ جو شرير، من، آتما، ٻڌيءَ وغيره جو ٻل آه...
اهو به سڀ ايشور جو آهي. ڪنهن ۾ وهوار جو گهڻو عقل ۽ شوق آهي ۽ ڪنهن ۾ پرما...
جي شڪتي آهي. اهي سڀ پرماتما جي چيتن شڪتيءَ ڪري آهن. اها چيتن شڪ...
نه هجي ته شرير هوند بيهي به نه سگهي. جل جو رس اصل ۾ مٺو ٿو لڳي، پر ڌرتيءَ...
سٻنڌ کان کارو، کڙو يا گهٽ وڌ ميناج وارو لڳندو. کڻي ته تمام مٺو به لڳندو. روپ...
سواد ڌرتيءَ جي سنگ ڪري بدلجي ٿو وڃي. پاڻيءَ جي رس جي مهما گهڻي ...
آهي. بدهاضمو يا جگر ۾ ڪتائي هجي ته پاڻيءَ جي گلاس پيئڻ سان بار هيمڪ لهي ٿو و...
شڌجل دوا روپ آهي. جيئن هردوار ۾ گنگاجل هاضمي لاءِ جڳ مڪ امولڪ اوشڌي آه...
جيڪڏهن هاضمو ٺيڪ آهي ته جل ٻل ٿو ڏئي. تڏهن چئبو ته اُن ۾ ڪا شڪتي آهي. ڪ...
نانڪ صاحب به فرمايو آهي:

آپي رسيا، آپي رس، آپي راوڻ هار.

ڀڳوان ئي پاڻ رس واري شيءِ آهي، اُن ۾ رس به پاڻ آهي ۽ اُن رس جي ...
وارو به هو ئي آهي. ٻيو ٻيو اڃا ڪير؟ ٻيو ڪجهه به نه آهي. اهوئي سچو گيان آهي.

چنڊ سورج ۾ جيڪو پرڪاش، چانڊوڻي وغيره آهي، اهو به ڀڳوان چوي ٿو ته ...
آهيان. اِنين ڪونه ٿو چوي ته اهو پرڪاش منهنجو آهي، پر مان خود اهو آهيان. اها ج...
مان پاڻ آهيان. ١٣ اڌياءَ ۾ به ڀڳوان چيو آهي ته ”هي ارجن! مان جوتين جي جوت آهيان...
ڀڳوان هي سڀ انڪري ٿو چوي ته اسين سندس سروپ جي وڏائي محسوس ڪري...
جيئن ڪنهن ملڪ لاءِ چئبو آهي ته هي ملڪ هن راجا جو آهي يعني اُن راجا جي اَ...
آهي. ليڪن ڀڳوان به ٻڌائي ٿو ته سڀ ڪجهه سندس اڌين آهي. سڀ ۾ سندس شڪتي
ڪري رهي آهي. سڀ ٻل سندس آهي. ڏسڻ وارو، سمجهڻ وارو، ٻڌڻ وارو سڀ ...
آهي. نه فقط اکيون، پر ڏسڻ وارا نيتر، سمجهڻ واري ٻڌي، ٻڌڻ وارا ڪن به پاڻ آه...
ڏسڻ، سمجهڻ، ٻڌڻ وارا ٻڌارمڪ يا ڳالهيون يا آواز وغيره به هو پاڻ ئي آهي. ليڪن ر...
سندس آهن، ته جولون اهي ڪٿان؟ جولين وڌيڪ ته دنيا ۾ آهيئي ڪانه، جيڪي ا...
پنهنجو ٻڌائي وٺنا آهيون!

ويدن ۾ جو اوم يا اونڪار جو شبد آهي، جنهن جي گيان ٿيڻ سان سڀني ويدن
گيان ٿي پوندو، اهو به ڀڳوان پاڻ آهي. اوم، جو برهم آهي، اُن کي جنهن ڄاتو، تنهن
ٻيءَ ڪهڙيءَ شيءِ جي ڄاڻڻ جي درڪار رهندي؟ اوم جو اچارڻ بالڪل سکيءَ سان ڪ...
گهرجي. سواس سان اوم جو جاپ ڪرڻ سان هردي ۾ پرڪاش ٿيندو ۽ جنهن لي ويدن
گيان ٿي پوندو. هڪ ”اوم“ جي اکر ڪمائڻ سان سگهوروءَ جي دنيا ۽ پرماتما جي

شلوڪ ١٠. هي ارجن! سرو جيون جو آدي (سناتن) ٻج مونکي ڄاڻ؛ ڌوانن جي بڌي مان آهيان، تيجوانن جو تيج ۽ شان بہ مان ئي آهيان.

ٻڙ جي وڻ جو ٻج ڪهڙو نہ ننڍڙو آهي، پر زمين ۾ وجهبو تہ سمي ڀلائي اهو هڪ هي درخت ٿي پوندو. پر اهو وڪاري آهي يعني اول ڦٽندو، پوءِ وڏو ٿيندو ۽ آخر ست ٿي ويندو. سڀ ٻج اول پنهنجي هستي وڃائي، پوءِ ٻوٽي يا وڻ جي صورت ۾ هر ٿين ٿا، پر پرماتما نروڪاري ٻج آهي يعني ٻاڻ ناس اصل نٿو ٿئي ۽ نہ بدلجي ٿو. پ جڳت هن مان پيدا ٿيو، پر هو نرليپ ۽ نروڪار رهيو. ڪنهن بہ طرح سان ڪيڻ نٿو ي يا بدلجي نٿو. هر ديوي پدارٿ اٺوا شرير ۾ ڇهہ وڪار ٿين ٿا، جن مان هڪ بہ پرماتما برهم ۾ نہ آهي: (١) پيدا ٿيڻ يعني جنم، (٢) آستي يعني هئڻ، (٣) وڌڻ يا اسرڻ،) بدلجڻ، ٻالڪ مان جوان ۽ پوءِ ٻڍو، شڪل ۾ ڦيرڦار، طاقتور مان ڪمزور ٿيڻ، جڏهن ٻڍڙو مان ڙي ۽ انبڙيءَ مان انب وغيره ٿيڻ (٥) ڪمزور ٿيڻ، ٻرڌ اوستا کي پهچڻ، پراڻو ٿيڻ ۽) مرڻو يا ناس ٿيڻ. ٻئي هنڌ ڀڳوان چيو آهي تہ چار ورن آهن، سي بہ مون مان ئي ا ٿيا آهن. انهن جا گڻ، ڪرم سڀ جدا جدا آهن. انهن جو ڪرتا مونکي سمجهہ، پر ـتو ۾ مان اڪرتا ۽ اَبناسي آهيان. ڀڳوان اڪرتا انڪري آهي جو ڪرتا هوندي بہ ڀاڻي جو ايمان يا مصمم نٿو رکي. آتما هڪ روپ آهي ۽ هميشه رهيو، پر چندرما ۽ ـتارا، سورج ۾ تيج، اگنيءَ ۾ گرمائش ۽ جل ۾ رس ۽ لساڌل ٿو ڏئي. مطلب تہ جيڪي ـتون هن لٽن ۾ رکيون آهن، اهي سڀ منجهس بہ آهن. هو آهي سڀني ۾ هڪ سمان ـعمان، پر جهڙو ٻج، تهڙو ٻوٽو نڪري ٿو. سوناري وٽ سون ۽ چانديءَ جا انيڪ زيور، ڻ وغيره ٿين ٿا، پر هن جي نظر ۾ سڀ سون يا چاندي آهي. ڪو ڪانئس پڇندو تہ دو تہ هيترا تولا سون جا ۽ هيترا تولا چانديءَ جا آهن، جدا جدا ڳهڻن يا ٺاهڻ جا نالا ي حساب ڪونہ ڪندو.

ڀڳوان جو چوڻ آهي تہ سرو جو ٻج يعني پيدا ڪندڙ مان آهيان، سو بلڪل درست ۽ چو تہ آڪاس روپي اُپاڌي پيدا ڪري، اُن ۾ ٿي هن هوا پيدا ڪئي، نہ تہ هوا ـ ڪئي؟ اِن طرح پوءِ اگني، جل ۽ ڀرتوي پيدا ڪيائين، تہ جيئن تہ سڀ ڪجهہ ڪرڻ تہ پريو ٻاڻ ٿي ٿيو، يعني آدي ٻج هوُ ٿي آهي. ديوتا ديوتائن ۽ ديوين جو بہ آد ٻاڻ آهي، تہ پوءِ چونہ هڪڙي پرماتما جوئي ڏيان ڪجي ۽ اُن جي ٿي شرن وٺجي، ڻ سڀني ديون، ديوتائن، ديوين ۽ شڪتين جو بہ ڏيان ٿي ويو؟ هر هڪ کي پنهنجي جي سمجهہ هئڻ گهرجي. سڀ ڪان اول برهما پيدا ٿيو. ڪنول جي آسڻ ٿي هوُ پيدا ۽ چوڌاري جل ٿي جل ڏٺائين. يڪدم ڪيس خيال آيو تہ منهنجو ٻج ڪهڙو آهي؟ مان ان پيدا ٿيو آهيان؟ هر هڪ انسان کي بہ اهو سوال ڪرڻ گهرجي. اسين ڇو تہ ماتا ان پيدا ٿيا آهيون، پر هوُ ڪٿان ٿيا ۽ آخر سڀ برهما مان اُٿين ٿيل ليکبا ۽ برهما پيدا ٿيو تہ آدي ٻج سڀني جو ڀڳوان ٿي ڄڻيو. جنهن روپ ۾ جنهن بہ پدارٿ جي

گروجن به فرمايو آهي :

ايڪ پتا، ايڪس ڪي هم بارڪ - تون ميرا گرو هائي .

جڏهن سڀ انسان ۽ پراڻي ٻار پيدا آهن ته ٻين جيئن سان ته ڇا، پر انسان ۾ جهڳڙا، فساد، ڪوڙ، ڪپٽ، خون خرابيون ڇا لاءِ ۽ ڪنهن سان لا ڪريون؟ جيڪر پتا کي دکوئي ٿو، ان جهڙو اڳيرو انسان پيو ڪير ٿي سگهندو؟ ڇا ڪو به ڪنهن ڪاسائيءَ کي چوندو ته منهنجي پتا جو گهات ڪر؟ جڏهن هڪ هڪ جيو ۾ پرماتما ٻاڻ آهي ته جيڪي به انهن جيئن سان اسين ڪريون ٿا، اهو سڀ پرماتما سان لا ڪريون. هو ته هرهڪ ڪرم جو ڦل پورو پورو ڏيڻ وارو آهي. ڪنهن به ڪٽي لڪي ڪو ڪرم ڪريون ته به هن کان ته لڪو ڇپي سگهي. اڄ اسين ڪاسائيءَ وٽان ماس جو ٽڪرو وٺي اچي رڌي کائون ٿا، ته ڪنهن ڏينهن اسان جي شرير جو ماس به سندس دڪان تي لٽڪيل هوندو، ڇو ته هرهڪ پراڻيءَ جو ڀڳوان حساب وٺي ٿو:

ڪڇهه دير نهين، اَنڌير نهين - انصاف اؤر عدل پرستي هئه ؛

اِس هاٿه دي اُس هاٿه لي - يهان سودا دست بدستي هئه .

سورج پرڪاش ۾ هڪ ساکي اچي ٿي. گرو نانڪ صاحب جن جهنگل ۾ رٿن ڪري رهيا هئا ته مرداني کي ڏاڍي اچي بک لڳي. گرديو چيس ته "هت اٽو سيڌو نه ڪونهي. ڪٿي ميوا چونڊي وڃي کاءُ." مرداني چيو ته "سائين! سامهون هڪ مڪان پيو ڏسجي... آڳيا ڏيو ته اتان ڀکيا ڪري اچان. ضرور ان ۾ ڪو رهندو هوندو." آڳيا پائي مردانو و... ۽ وڃي در تي ڀکيا گهرڻ لڳس. اندران هڪ نوجوان سندر ڪنيا نڪتي ۽ مرداني کي ماڻهوءَ جي ماس جو هڪڙو ٽڪرو آڻي ڏيڻ لڳي. مرداني چيس ته "مان اهو نه وٺندس مونکي اٽو، دال ڏي." ڪنيا چيو ته "مون وٽ ته پيو ڪجهه به نه آهي. مان به اهو ئي کائيندي آهيان. مون وٽ هيلتائين پيو ڪو به ماڻهو نه آيو آهي." مرداني پڇيس ته "ڪنهن جو ماس کائيندي آهين؟" هن چيس ته "هلي ڏس." مردانو اندر ويو ته ڏٺائين ته هڪ مردو اونڌو لٽڪيل هو. ڪنيا چيو ته "هن جو ماس کائيندي آهيان ۽ پورو ٿيندو آهي ته وري نئين سر ٿي پوندو آهي." مرداني جي پڇڻ تي ٻڌايائين ته "اڳين جنم جو هي منهنج... پتا آهي. پتا وٽ مونکي شادي ڪرائي هئائين. ڪنيا وڪڻڻ وارا جڏهن ماس جا ... واپاري آهن. هوڏانهن ڪاسائي رڙڪي ماس ٿا وڪڻن." ڪنيا وڌيڪ چوڻ لڳي ته "هي سائين! هي پتا مونکي مرڻ جي روپ ۾ مليو آهي ۽ مان اُن جو ئي ماس کائي... جيان ٿي." هوءَ پوءِ مرداني سان گڏ گروجن وٽ آئي ۽ چيائين ته "بدلي وٺڻ لاءِ ٿي ما... هت رهيل آهيان." مطلب ته بدلو ضرور ڏيڻو پوي ٿو. هيءَ ڪٿا ڪا ڏند ڪٿا نه آهي پر جنم ساکيءَ ۾ ڄاڻايل آهي.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اهو به ٿو چوي ته "تپسوين ۾ تپسيا ۽ ساڌن ۾ هڙ ٻاڻ آهي."

سادن ۾ لڳائين ٿا. مورکن کي ڏن آهي ته اڪيلين ۾ مد ۽ اهنڪار وڌيل لو. ڪنهن کي
سرڪاري ٻل آهي ته انهن کي ستائڻ، انهن تي رعب رکڻ الوا هنن مان وشوش ڇڏائڻ ۾
لڳائي لو ۽ نه انهن کي سک پهچائڻ ۾. ساڌو پرش وقت ودِيا آهي ته آتم گيان پرائڻ ۽ انهن
کي ڏيڻ ۾ لڳائين ٿا. ڏن دان پنج، ملڪ، جاتيءَ ۽ غريبن جي شيوا ۾ خرچ ٿا ڪن. جو
۽ پرارمڀ الن، اهو سائينءَ جو سمجهي، هن جي واٽ ۾ ٿا ڪم آڻين. شرپرڪ ٻل آلس ته
پين هيٺن ۽ غريبن جي رکيا لاءِ ٿا ڪم آڻين. راوڻ جهڙو شرپرڪ ٻل ڪنهن وقت هوندو؟
۽ هن سڀ پين تي ظلم ڪرڻ ۾ ڪم آندو ۽ ان جي مارڻ لاءِ ڀڳوان کي نراڪار مان ساڪار
روپ ڌارڻو پيو، تڏهن مس مس هو مري سگهيو. ودِيا جو ٻل اڻڊو هوس، جڙ هن چڱن
ـي ويدن تي عمدي ٽيڪا لاهي آهي، جا اڄ سوڌو قائم آهي. ڏن اڻڊو هوس، جو
ڪهير ديوتا، جيڪو ڏن جو مالڪ آهي، سو به هن اڳيان هٿ جوڙي بيهندو هو، پر انهن
جهي جو قل جا نڪتو؟ ودِيا جي ٻل ڪري اُهان ٽپس. ڏن ۽ راڄ جو ٻل هوس ته وشمن
پن جو نه خون وهايائين. شڪتي هئس ته ديوتائن کي به دک ڏنائين. ان طرح دريوڌن
هئس، ششوپال، اهادي انيڪ راجائون ليا آهن، جن وقت به اهي ٻل هئا، پر ظلمن ڪرڻ
وشمن جي ٻوڪن ۾ سڀ لڳايائون. گرو گوبندسنگهه وقت اهي ٽيئي ٻل هئا، ته هن ودِيا
هلائڻ، هندن جي بچاءَ، ظالمن کي ڏنڊ ڏيڻ ۽ ڌرم جي بچاءَ لاءِ ڪم آندا. سندس رچيل
دسم گرنٿ" هڪ آدڀ پستڪ آهي. ولن ۵۲ ڪوي رهندا هئا. ڪرشن ليلا، چنڊ
جي وار، رامايڻ، ستوٽا، چنڊ، ڪوتائون انيڪ رچيون الن، جي اڄ تائين لوڪن کي آنند،
اعي ۽ گيان ڏين ٿيون. اورنگزيب وقت به ودِيا گهٽي هئي، ڏن ا. خوب هوس ۽
ڀوڪ ٻل به وڏو هوس. هنکي اها شڪتي هئي جو چوندا ته ان سان هو روز مڪي شريف
جي سجدو ڪري ايندو هو، پر اهي سڀ شڪتيون ۽ سمورو ٻل هن هندن کي پيڙڻ ۽
ن زوريءَ مسلمان ڪرڻ ۾ لڳايا. اهي ٽيئي ٻل لورا کي گهٽا هرهڪ انسان ۾ آهن،
ورتاءَ ۾ فرق آهي، جيئن نانڪ ۽ ڪلوءَ ۾. ڀلا پرش ڀلائي ڪرڻ ۾ آنند ٿا سمجهن، پر
پرش برائي ڪري، انهن کي دکي ڪرڻ ۾ فخر ٿا وٺن.

مسلماني راڄ ۾ ڪهن ودوانن اسان جي هندو ڌرم جو نمڪ ڪالي، هندو ڌرم ۾ پيدا
، وري هندو ڌرم تي لي هٿ هلايا، رکو جيئن ڦسن جي لالچ لي. وشنون ولي،
ڌرم جو پرچار ڪيائون ته شراتريءَ لي پلو ڪاڻڻ گهرجي، لڏڙيءَ لي جوا ڪجي، هوليءَ
شراب ۽ ماس خوب ورتائجي. انهن جو اثر اڄا تائين اسان جي هندو ڌرم کي ڪندي
ڪو جهي رهيو آهي. وڏن شب ڏينهن لي ڌرم لي رهي، پرماتما جو ڀڄن ڪيرتن ڪرڻ
ان اسان ۾ اهي ڪڏلون رسمون هلجي ويون آهن.

ودِيا هڪ امرت قل آهي، جا ٻالي اسان ۾ وڏيڪ نمرتا اچڻ گهرجي
، ايمان ۽ هٿ. شرپر جو ٻل به انهن کي بچائڻ، ملڪ ۽ غريبن جي مدد ۽ شيوا ۾ ڪم
گهرجي.

ضرورت آهي، اهو روپ ئي پوري دنيا جو ڪارج هلائي رهيو آهي. ويدانت ۾ ڪهـ
ڪرڻ لاءِ وشنو مني جو روپ ڌاريائين. تالو ته وشنو جو هو، پر روپ ته ايشور جـ
ني هو. پرڪ لاءِ شنڪر ۽ پتنجليءَ جو روپ ڌاريائين ۽ سانکيه لاءِ ڪپل ديو جو وغيره

سڪمني صاحب ۾ به گرو ارجن ديو جن فرمايو آهي:

هيڪ مني سرب ڪو گيان - ڇهه ورتا مهه جسو ڪرتو نام ۽
جو جو جهي، تس کي گت هوءِ - ساڌ سنگ پاوي جن ڪوءِ.

اهو جو سڀني جو ٻج آهي، ان جو گيان هغط گهرجي.

وڌيڪ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو ته ٻڌيمانن جي ٻڌي مان آهيان. ٻڌي ٽن پرڪا
جي ٿيندي: ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي. ڪو ٻڌيءَ سان جهج ٿي فيصلو ٿو ڏئي، ڪ
هوائي جهاز، انجڻيون، آگبوٽ، ريڊيو وغيره ٿو ٺاهي، ڪو جنگ ۾ ماڻهو مارڻ جا ايـ
قسمن جا هٿيار ٿو ٺاهي. اها سڀني قسمن جي ٻڌي ڀڳوان جو ئي روپ آهي. مهاتمائن
جي اپديش ڏين ٿا، انهن جي ٻڌي به ايشور ڀاڳ آهي.

تيجسوين ۾ تيج به ڀڳوان ڀاڳ آهي. تيج جو مطلب آهي ته جنهن کي ٻيو ڪو دٻائي
سگهي. اهو تيج به ٽن قسمن جو ٿئي ٿو: ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي. پر اهو سڀ ڀڳو
چوي ٿو ته "مان آهيان." ساتوڪي تيج آهي رشي منين ۽ مهاپرشن وٽ، راجسي تيـ
راجائن مهاراجائن، وزيرن، آفيسرن، عملدارن، ڪاروبارين وغيره وٽ ۽ تامسي تيج، چـ
ٺوڪ گامي ٿو ڪري، سو جن وٽ آهي، انهن جي ڪروڌ کان به سڀ ڊڄن ٿا. ساتوڪ
تيج وارن اڳيان سڀڪو ڀڄي ۽ شرڌا سان نمي ٿو ۽ اهو سدائين سک وارو آهي.

شلوڪ ١١. ڪامنا ۽ راڳ يا موهه کان آجو جيڪو ٻلوانن جو ٻل آهـ
سو مان آهيان؛ هي ڀارتواسين ۾ سريشٽ! سڀني پراڻين ۾ جيڪو ڪام ڌ
جي ورڌ نه آهي، اهو مان آهيان.

ٻه ڳالهيون هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو. هڪ ته راڳ ۽ موهه کان سواءِ جيڪو
شريرڪ، مانسڪ اتوا اڌياتمڪ ٻل آهي، اهو سڀ ڀڳوان چوي ٿو ته "مان آهيان." ٻ
شاسترن جي آگيائن جي انوسار جيڪي ڪامنائون يا ڪرم آهن، اهي به هُو ڀاڳ آهـ
ڪن ٻلوانن کي سنساري پدارٿن هٿ ڪرڻ جي اڇا هوندي يا ٻين کي دک ڏ
هيسائڻ جي خواهش هوندي يا ڪنهن کي استري، پتر لاءِ اڇائون هونديون، ڀڳوان جو ا
سان ڪو واسطو ڪونه آهي، پر جيڪو ٻل انهن اڇائن کان سواءِ آهي يعني ساتوڪي آهـ
پوءِ اهو وديا جو هجي، شرير جو هجي اتوا دماغ ۽ آتما جو هجي ته اهو پرماتما ڀاڳ آ
شاسترن ۾ آيو آهي ته ٽي ڳالهيون مهاتمائن ۽ دشٽن ظالمن ٻنهي وٽ ٿين ٿيون، پر ڦل ٻ
جو جدا جدا ٿو نڪري. وديا جو ٻل، شرير جي طاقت ۽ ڌن جو ٻل، اهي ٽيئي ٻنـ
وٽ ٿيندا، پر دشٽ پرش وديا کي واد وواد ۾ ٻين کي نڪڻ ۾، ڌن کي عيش عشرت
ٻين کي تنگ ڪرڻ ۾ ۽ شريرڪ ٻل کي هٿن ۽ ساڌن انسانن کي ڏکي ڪرڻ ۽ جهـ

سالڪي کو سراپ نہ ڏني. هندو ناريءَ جو اهو ليج ڀتورتا ڌرم ڪري هو. ڀيشم پتامهہ جڏهن ٻڌ ۾ ناراڻ ٻاڻ هلايو، جو ساري پانڊو سينا کي ناس ڪري ٿي سگهيو، جي ڪرشن سندس سامهون اچي ها. اُن ڪان بہ ڀيمسين نہ ڊنو، پر ڪرشن زور ڪري، سندس اڳيان ڀيمي ڪيس بچايو، پر هن پٺ نہ ڏني. اهڙو ٻلوان ڀيمسين بہ جڏهن گنڌاريءَ پنهنجي پٽن اءِ رنو ۽ ارجن ۽ ڀيم کي ڏسڻ چاهيائين تہ هوءَ ٿي ڀڳوان جي ٻڌل ۾ وڃي لڪا. دريوڌن جي سڀا ۾ جو دروپديءَ جي آبرو ڇڏائي، سا بہ سندس ڀتورتا ڌرم ڪري، جو ڀڳوان ڪرشن ڪيس ننگي ٿيڻ کان بچايو.

پرمارٿڪ وڇار وارن کي تہ هڪ ايشور جو ٻل رهيتو، پر وهنوار ۾ ٻيا ٻل بہ هيٺيان ضروري سمجهيا ويا آهن. جيئن تہ

(۱) وقت ڏسي ان موجب هلڻ کپي:

(۲) مترن بابت خيال رکجي تہ دک سک ۾ ڪير مدد وارو آهي.

(۳) جنهن ديش ۾ آهيان، اُن ۾ منهنجا مددگار آهن يا نہ.

(۴) آمدني ڪيتري آهي ۽ خرچ ڪيترو آهي.

(۵) مان ڪهڙي ڌنڌي جو لائق آهيان. ڇا ڪريان ٿو ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي.

(٦) مون ۾ شڪتي يا ٻل ڪيترو آهي.

انهن ڳالهين جو وار وار خيال ڪري، اُن موجب هلڻ جڳائي.

ڌرم جا چار درجا چيا ويا آهن: (۱) سامانيہ، (۲) وشيش، (۳) وشيش تر ۽ (۴) وشيش تم. شري رامچندر کي پتا آگيا ڏني تہ ۱۴ ورهيہ بنواس وڃي. هن اها آگيا خوشيءَ سان مڃي. اِهو هن جو ١٦ آنہ ڌرم جو ڪم هو، پر ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ ڪيائين. اهو سندس فرض هو، جو ٻچاءَ آنداڻين. هر ڪنهن پتر جو پهريون فرض آهي ماتا پتا جي آگيا پالڻ ڪرڻ. ڀڳوان جو اهو سامانيہ ڌرم هو. اڄ ڪلهہ تہ ڪو ٿورو ٿي پتا جو چيو مڃي ٿو تہ سمجهي ٿو وڏي ڪا شيوا ڪئي اٿم ۽ مون جهڙو ٻيو آهيئي ڪونہ! شري رامچندر کان وڌيڪ ڌرم جو ڪم لڇمڻ ڪيو، جو تہ هن کي ڪا بہ وجهہ جي آگيا ڪانہ ٿي هئي، هو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي شيوا لاءِ بنواس ويو. هن جو اِهو وشيش ڌرم جو ڪم هو. اُن کان مٿي ڀرت جو ڌرم چيو ويو آهي ۽ اهو وشيش تر درجي ۾ اچيتو، ڇاڪاڻ جو جنهن وقت ڀڳوان رامچندر کي بنواس مليو، اُن وقت لڇمڻ تہ حاضر ڪونہ هو، پر ڀرت ڀرپٽ اچي ڏٺو تہ سندس ٿي سڀيءَ اهو ڪُڪرم ڪيو آهي، سو ماءُ جو بہ خيال نہ ڪري، ڌرم جو ڪم ڪيائين ۽ وڃي شري رامچندر کي موٽي هلڻ لاءِ آراڌنا ڪيائين ۽ آخر سندس چاکڙيون وٺي سگهاسن تي رکي، هن جي پاران راڄ هلايائين. ڀرت رام ڀڳت هو ۽ سندس هي ڪم وشيش تر ليکيو ويو آهي. پر سڀني کان وڌيڪ يعني وشيش تم ڌرم جو ڪم شترگهن جو هو، ڇاڪاڻ تہ هن پرماتما جي داس ڀرت جو بہ داس ٿي سندس شيوا ڪئي. جيڪي پرماتما جي داسن جا داس آهن، انهن جو درجو اوچي ۾ اوچو آهي. اِنڪري ڀڳوان چيو تہ ڌرم جي ورڌ

ڀڳوان وڏيڪ چوي ٿو ته جيڪي ڪرم ۽ ڪامنائون ڌرم جي ورڌ نه آهن يعني ڌ
شاسترن جي سکيا انوسار آهن، اهي به مان آهيان. ڀڳوان چاهي ٿو ته سڀ نرناريون ڌ
تي هلڻ جي ڪوشش ڪن، ته نه دک سهندا. گرهستي ۾ جيڪر نرناري شاسترن
وڏيءَ انوسار ڌرم پالن ڪري ٿو، اهو ڪڏهن به دکي نه ٿيندو. نرناريءَ جو مطلب
جيڪر ڌرم انوسار آهي، اهو ڀڳوان جو روپ آهي، جو ته اُن مان ئي سنسار جي ر
ٿيئي. ڌرم ئي هلڻ لاءِ سٺي پرش جو سنگ ضروري آهي. اهو سنگ وڏن وڏن ۽
ڪي نه جا، پر ٻس ڀڳين کي به ڏاري ٿو ڇڏي، پر اهو ستسنگ وڏن ڀاڳن سان ۽ پرماتما
ڪرپا سان حاصل ٿيندو.

بن ستسنگ وويڪ نه هوئي - رام ڪرپا بن سلڀ نه سوئي.

يعني ۽ ٻري گهر ۾ طوطو ۽ مينا به اُهڙا ئي ٿا ٿين. ڀلي جي گهر ۾ هوءَ رام رام وغ
مٺا لفظ چوڻ سکن ٿا، پر ٻين جي گهرن ۾ هوءَ گاريون ۽ بد لفظ چوڻ سکن ٿا.

هندو ڌرم جي سڀ کان وڏيڪ اها وڏائي آهي جو ڀارت ورش جون استر
پتي ورت ڌرم پالن ڪن ٿيون. جڏهن راوڻ تي ڀڳوان رام جي لشڪر جو ڏاڍو زور ا
پيو ۽ سندس راڪسن جو لشڪر تباهه ٿيڻ لڳو، تڏهن هن گهبرائجي پنهنجي ڀاءُ ڪنڀ ڪ
کي ننڊ مان جاڳايو، ڇو ته سمجهيائين ته هن کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو موقعو سندس مدد
جو ايندو. ڪنڀ ڪرڻ سندس ٻري حال جو احوال ٻڌي يڪدم سوال ڪيس ته "اَ
مورک! ڪا ڀارت ورش جي ناري ته ڪونه کڻي آيو آهين؟" راوڻ چيو ته "ڀائو! ڪ
اهوئي ڪيو اٿم." ڪنڀ ڪرڻ چيس ته "اَدا! ڏاڍو ٻرو ڪرم ڪيو اٿيئي. هاڻي تنه
۽ منهنجو مرڻ ضرور ٿيندو ۽ سرو ناس ٿي ويندو!" اهڙي مهما ڀارت ورش جي است
جي آهي. راجپوت استريون ته جيئري ئي پتيءَ جي لاش سان جلي ستيون ٿينديون هي
علاؤالدين پدمڻي رائيءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ جنگ ڪئي، پر جڏهن هن جو پتي جنگ
مارجي ويو، تڏهن هن رائي جو ئي پتيءَ جي لاش سان پاڻ جلائي ڇڏيو. پتي ڏ
علاؤالدين اهو ٻڌي ڏاڍو وياڪل ٿيو ۽ ڊوڙي وڃي ڏٺائين ته برابر اها چکيا اڃا ٻ
ٻري. هن اُن وقت فارسيءَ ۾ هڪ شعر چيو ته "بلهار هندو ناريءَ تان ۽ سندس ڌرم
محبت ته هن جهڙي. پتنگ ته ٻرندڙ ڏئي ئي جان ٿو ڏئي، پر هندو عورت پنه
مري ويل پتيءَ لاءِ به جان قربان ٿي ڪري!"

ڪورون جي ماتا گنڌاريءَ کي پتورتا ڌرم جو اهڙو نيم هو، جو مهاڀارت
ڙائيءَ کانپوءِ، شري ڪرشن کي سراپ ڏنائين ته هيءَ چال سڀ تنهنجي هئي ۽ ت
منهنجا سؤ پٽ مارايا آهن، انڪري ٣٦ سالن کانپوءِ اوهان جو سارو يادو ڪل ناس
ويندو ۽ ٿيو به ائين. اُهي ۽ پيرسين جنگ ۾ اهڙا جهڳڙا ماريا ۽ پنهنجي پل سان
ڪورن کي قتل ڪيائون. اُن وقت ڪوبه ڏوهه ڪين نه هو، پر جڏهن گنڌاري ڪورن ۾
۽ ڇيائين ته ڪٿي آهن اُهي ۽ پيو؟ تڏهن هوءَ پٽي لڙ لڙ کلي لڳا ته معان ڪورو

ڏاڏا، پڙ ڏاڏا جن جو اسين اولاد آهيون، جن سان ۽ اسان جو سنٻنڌ هو، پر اڄ اهي ياد
آهن، ته ڪٿي آهن! ڪي ورلا سهتر آهن، جي وڏن جي ڪا يادگيري ۽ رکن ٿا.
ب آهي ته موهه رکو جيڪي سامهون سنٻنڌي آهن، انهن لاءِ ٿيندو، جو سڀ، ڪلهه ۽
سع يا مطلب وارو آهي. هي اپديش بلڪل اوچي منزل جو آهي ۽ پورو سمجهه ۾ واهي
ي ته هوند سارو سنسار آتما روپ ڏسڻ ۾ اچي. هڪ هڪ جيو يا پدارٿ، ڪي پنهنجو ياڻ
هون. ڀڳوان ارجن کي اهو تو سمجهائي ته انهن ٽن گڻن کان ۽ پار ٿيڻو آهي، ڇو ته جيسين
۾ ڦاٿل آهيون، تيسين جنم مرڻ جو چڪر رهندو ۽ موڪش ڪين ملندو. ويراڳ ۽ ابياس
بل سان ۽ راڳ ۽ دويش جي دور ڪرڻ سان ئي اهو چڪر ڪٽبو. سڀي پرڀت يا راڳ
ڪ ستڪرو ۽ يا پرماتما سان ئي ڪرڻ گهرجي، تڏهن مٿي چڙهي سگهبو ۽ هنوار ۾ پريت
ته هيٺ ڪرائو.
مايا جا اعئي ئي گڻ جڙ آهن ۽ پرماتما ئي هنن جو آڌار آهي. اهو پرماتما اسان جو ئي
پ آهي. جي اهو سمجهه ۾ آيو ته آنند ئي آنند ليندو.
ارجن هن تي سوال ڪيو ته جڏهن سڀ ڄاڻن ٿا ته سرو جڳت ۾ اوهان آهيو ۽ سڀئي
۾ ۽ اوهين استت آهيو ته پوءِ سڀ لوڪ اوهان جو گيان ڇو نه ٿا پائي سگهن؟ ڀڳوان
بل آهي ته هرڪو اهو سمجهي ڪڏهن جي ڪوشش ڪري ۽ گلن ۾ سڳنڌ آهي ته اهو
هرڪو عرق يا عطر ڪڍي لو. ڪير ۾ گيهه سمجهي ماڻهو ڪڍن ٿا، پوءِ اوهان کي
ٿا ڳولي لهن؟ هن سندر سوال جي جواب ۾ ڀڳوان هن طرف فرمايو:
شلوڪ ١٣. اِنهن ٽن گڻن ڪري جي من جون ٽي اوستائون ٿين ٿيون،
ڪان سارو جڳت موهت ٿي، مون کي، جو اُنهن ٽنهي کان اوچو [جدا ۽
ڪاري] آهيان، نٿا ڄاڻن.
ڏسڻو آهي ته مايا جا هي ٽي گڻ ڪيئن ساري جڳت کي موهت ڪري، ڦاسو ڪري
آهن؟ موهت جو مطلب آهي وويڪ جو نه رهڻ، نت ۽ اَنت جو وچار نه هئڻ. مايا
دو اهڙو ته سڀني لي پنجي ويو آهي، جو ستوگڻي پرش ۾ ۽ سرڳ جي سکن جي
لئيتي، پر ايشور جي ماڻ جي لئي ئي. هيءَ ڪا ٿرن مان ليل ڪڍڻ جي ڳالهه نه
جو ته ڀڳوان انهن ٽنهي گڻن ۾ ۽ ڪرو آهي. اهي ليٽي منجهائس نڪتا برابر آهن
هنن کان نيارو، پري ۽ اَڀاسي آهي. مايا ڪئين پرڪارن جا پردا ماڻهن لسي پاتا
سڪ روپ پردو جو سالوڪي گڻن جو ڦل آهي، اهو ۽ ته آخر مايا جو پردو آهي.
لمو مان ته دڪدالي پردا ٿا پون. مطلب ته ليٽي گڻ پردو وجهن ٿا.
هن منش جنم ۾ ته اسان جو فرض آهي ته پنهنجي مالڪ کي سڃاڻون، جيئن جنم
جو جهڳڙو ئي ختم ٿي وڃي، نه ته مايا جو زور ايڏو آهي جو ٽو جو گهڻو، سو ڇرڻون
و. ڪيترا لڳ اهڙا چالاڪ هوندا آهن، جو لڳڻ وقت اسين هنن کي پنهنجو سمجهڻ
ندا آهيون، پر پوءِ خبر پوندي آهي ته ڪيئن نه دوکو مليو اٿئون! هڪ وڻ کي پتر

جو ڪرم آهي، اُن جي اڇا يا ڪامنا ۾ نه ڪرڻ گهرجي. ڌرم انوسار اڇا يا ڪامنا پـ
پاڻ آهي.

شلوڪ ١٢. وري سنسار ۾ جيڪي ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي ٽن قسـ
جا جيو يا پدارٿ آهن، اُهي ٻه مون مان ئي پيدا ٿيا آهن، ائين ڄاڻ.
انهن ۾ نه ٿو رهان، پر اهي سڀ مون ۾ آهن.

اَنڀڪرڻ ۾ اهي ٽيئي ڀاڱا رهن ٿا: ڪن ۾ رڳو ساتوڪي، ڪن ۾ رڳو راجسي يا تامـ
ڪن ۾ ٿورا ٿورا، ڪن ۾ ٻن جو ميل ۽ ٻين ۾ ٽنهي جو ميل، ڪن ۾ ڪو گڻ وڌيڪ
۽ گهٽ، ۽ ڪن ۾ ڪي ٻه وڌيڪ ۽ ٽيون گهٽ آهن. ٿورا گهڻا ٽيئي گڻ سڀني ۾ آهن
ڪن ۾ ڪي گهٽ ۽ ڪي وڌيڪ. اهي ٽيئي گڻ ۽ ڀاڙ جيهن ڪري ٽن قسمن جا جيو
پدارٿ دنيا ۾ آهن، اهي ڀڳوان جي پرڪرتي مون مان ئي نڪتا آهن. ديوتائن، رشين، مهـ
مهاتمائن، کير، ساڳ ڀاڄين، دال وغيره ۾ ساتوڪي انس گهڻو آهي. گندرفن، راجا
ڪتن، مرچن مصالحن وغيره ۾ راجسي انس وڌيڪ آهي ۽ راڪشس، شودرن، لوم،
ماس وغيره ۾ تامسي انس زيادهه آهي. جيتوڻيڪ اهي ٽيئي گڻ ۽ انهن گڻن وارا جـ
پدارٿ سڀ ڀڳوان مان نڪتا آهن، پر ڀڳوان انهن ۾ ڪونه آهي. ڀڳوان بلڪل نرالو نرو
آهي. جيئن ٽانگ نوڙيءَ ۾ ڀاسي ٿو، پر نوڙي ٽانگ ۾ ڪانه آهي. سمنڊ ۾ لهرون آ
پر لهرن ۾ سمنڊ نه آهي.

ساتوڪي سڀاءُ: ڀڄن، پاٺ ڪرڻ، ڌرم انوسار وهنوار ڪرڻ، جپ تپ
ساڌ نائون ڪرڻ، نرم ساده سڀاءُ رکڻ، مٺو ٻولڻ، ڪوڙ ڪپٽ کان پري رهڻ وغيره

راجسي سڀاءُ: مايا جي پراپتيءَ لاءِ گهڻي اڇا رکڻ ۽ ترشنا، اولاد ۽ پدارٿن لاءِ
۽ انهن مان خوشي اچڻ، عزت مان جي چاهنا، رعب رکڻ، ودّيا ۽ ڌن جو اڀمان، عو
۽ جلديءَ جو مد، هوشياريءَ جو اهنڪار.

تامسڪ سڀاءُ: شوڪ، موهه، چنتا، فڪر ۾ لڳو رهڻ، ڪروڌ ڪرڻ، وشـ
ممتا، آلسي سڀاءُ، شوخ طبيعت، بيحد اپمان ۽ اهنڪار وغيره.

اهي آهن ڀڳوان مان ئي پيدا ٿيل، پر انهن مان جو دک سک ملي ٿو، اُن جي ڀـ
وارو پرماتما يا آتما نه آهي. هو فقط ساکي آهي.

هن جڳ سان پرماتما جو جنم جنم جو سمبنڌ آهي، پر حقيقت ۾ اهو سمبنڌ نه آلـ
موهه ڪئيس. دنيا ۾ ڪو ماڻهو مري ٿو وڃي ته سندس سمبنڌي روئن ٿا، دک ڪن
اهو سمبنڌ نه رڳو هن جنم جو هو. اهو انهن آهي جيئن ٻيڙيءَ، جهاز، ريل وغيره جي مسـ
ڪ ٿي سان سمبنڌ ٿيندو آهي. پر جنهن ترهه جو اسان سان جنم جنم جو سمبنڌ آ
اهو ڪوڙو دک سک ڪڻو سمجهي. اسان جي دکن سکن سان هن جو ڪوڙو مطلب نه
اسين ٿوري وقت جي سمبنڌ ڪري دکي ٿيون ٿا. اِها اسان جي ڪمزوري نه مڙو ڪتا جهـ

ڪ مک ۾ بہ اهو وهڪ آهي. ڏک اوڙاهپ سڀ نہ پڄي وهندي. اِن وهڪ تي اسين
ن پا نہ، اهو اسان تي منحصر آهي؛ جو اُن تي هلي ئي اهو مايا کان پار لهي سگهندو.

ارجن سوال ڪيو تہ جيڪڏهن مايا سڀني تي اُهڙو مڙهہ جو پردو وڌو آهي تہ ڀوءِ
ر اُپاءُ بہ آهي، اُن مايا کان پار لنگهڻ جو؟ ڀڳوان اُن جي جواب ۾ فرمائي ٿو:

شلوڪ ١٤. هيءَ ٽن گڻن واري مون پرميشور جي جا مايا آهي، اُن کان
ر ٽپڻ ڏاڍو ڪٺن آهي؛ پر جيڪي پرش مون چيتن جو آسرو وٺي، منهنجي
شرڻ اچن ٿا، اُهي هن منهنجي مايا کان ٽري پار پون ٿا.

هيءَ مايا ايشور جي اُپاڌي يعني ڪارڻ شرير آهي؛ هن ساري جڳت جو مُول
ي. ايشور ۾ ئي هوءَ واسو ڪري ٿي؛ ٽن گڻن جي ڦهليل آهي. جيڪي پورن طرح ايشور
شرڻ ۾ اچن ٿا، اُهي ئي سڀ دنيوي ڌرم بہ ڇڏي، هن مايا کي پار ڪري سگهن
نہ تہ پين سڀني جيون کي اها مايا ڍڪي وٺي آهي. ايشور اُن مايا جو مالڪ آهي؛
پورن طرح سندس وس ۾ آهي. مايا جو ارٿ ئي آهي "ڀِليکو" يا "ڇل"، جنهن
سچ پچ تہ ڪابہ هستي نہ هجي، پر ڏسڻ ۾ اچي. سندس شڪتي اَٿاهہ ۽ بيحد آهي.
شتر راجا ڪي مٽي داڻو هڪ محل ٺاهي ڏنو، جنهن ۾ اهڙي تہ ڪاريگري هئي، جو
ي پاڻي هو، اُتي سڪل زمين پئي سمجهہ ۾ اچي؛ جتي سڪل ڌرتي هئي، اُتي پاڻي
ڏسجي. دريوڌن اُن محل طرف ويو تہ جل سمجهي، ڪپڙا مٿي ڪيائين تہ آلا نہ ٿين،
رڳي زمين معلوم ٿيس؛ جتي زمين سمجهي پير رکيائين تہ وڃي پاڻيءَ ۾ ڪري پيو؛
پهديءَ ۽ پيرسين مٿس چٿرون ڪيون. اندر ڪمري ۾ جتي دروازو هو، اُتي ڪيس رکو
ڏسڻ ۾ آئي؛ جتي ڀت هئي، اُتي دروازو پئي ڏٺو؛ دريوڌن اُن مان لنگهڻ چاهيو
ٿو وڃي ڀت سان لڳس. اصل شيءِ کان پار لنگهڻ سولو آهي. سمنڊ ۾ جهاز رستي ترڻ
سهجي ٿو، پر نقلي شيءِ کان پار لنگهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مرگ ترشنا (رڃ) واري جل مان
ڪن پار لنگهو؟ جڏهن هڪ بازيگر جي بازيءَ ۾ اهڙا کيل ڪن ٿا، جو حيراني وٺيو ٿي
تہ ايشور جي مايا جو ڪهڙو بيحد پاڻي سگهو! آهي تہ اصل ۾ سڀ ڇل روپ؛ ڪابہ
ي نقلي رکي؛ آهي بہ اهڙي ناسولت، جهڙي بادل جي ڇايا يا ڪکن جي باهہ پيا
ن جو وهندڙ پاڻي، جي سڀ ٿوري وقت ۾ ناس، ڪر يا خبر ئي نہ پوي؛ پر اُن
ي بہ سڀ هن جي ڍوڪي ۾ اچي پيا آهن. اُڪيون ڪهاڻيون ساڌڪ هلي ٿو، پر وري
ٻڄي پوي ٿو. اندر ۾ ڏرو بہ ايمان آيو تہ جهٽ مايا جو پردو پئجي ويندو. پالڪي
جو ڪجهہ سمجهڻ سان ڪري ٿو پڄي.

گرو نانڪ ديو جڏهن سمير پربت تي ويو، تڏهن سڌن سان سندس ڏاڍي گوشٽي
گوپيچند، ڀرٿري، چرپٽ ناٿ ۽ پين وڏا سوال ڪيا. مايا باب چرپٽ ناٿ پڇيو:

دنيا ساگر دُتر ڪهيئي - ڪيون ڪر پائيئي پارو؛
چرپٽ بولي اوڌو ناٿ - دبسو سچا وچارو.

هٽون ٿا ته هو به ڦل ڏئي ٿو. چندن جي وڻ کي ڪهاڙو ڪاٽي ٿو ته هو ان ڪهاڙي
به سڳنڌ ڏئي ٿو. اِن طرح سنت ۽ مهاپرش انهن سان به پروپڪار ٿا ڪن، جيڪي
ويرٿا رکن يا ڪين ڏک ٿا پهچائين. راجا رنجيت سنگهه پنجاب جي راجا هڪ غريب
کي به انعام ڏيئي پري ڇڏيو، جڏهن هن مائيءَ جي اڇلايل رک سان پريل لڳي
اچي لڳي. هن مائيءَ ٻڌو هو ته راجا رنجيت سنگهه پارس آهي ۽ خيال ڪيائين ته
نه ته ڪجهه لوه سا ٽس ڇهائي سون ڪري وٺان. اوچتو جڏهن سندس گهر پرسان
لنگهڻ لڳو ته ان وقت ڪيس پيو ته ڪجهه نه هو، مگر هڪ رک سان پريل لڳي هئي،
سوني ڪرڻ چاهي. اها ٿي ان وقت جاءِ جي ڪڏ تي رکيل هئي، سو خيال ڪيائين
جيستائين همت لهان ۽ وڃي اها سندس شريو سان ڇهايان، اتري ۾ هو هليو ويندو
ڪڍي اٿان ئي رک سوڙي مٿس اڇلايائين! هاهاڪار مچي ويو، پر راجا کيس سندس
ٻڌي سزا ڏيڻ بدران ان ٿيءَ جي لور جيترو سون ڏنو، جو ته ٿي ته سوني ڪاڻ ئي
هئي. اهڙن مهاپرشن جو ته جنم ئي پروپڪار لاءِ ٿئيو، پر برا پرش ته ناڻگ وانگر
ڪندڙن سان به ويرٿا رکن ۽ کين پڻ به زهر ٿا ڏين.

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن - جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سڀئي ڪن.

هڪ راجا جي گروءَ کي راجا جي باغ وٽان لنگهندي ڪنهن شخص جو اڇلايل
اچي لڳو، جنهن ڪري ان مهاتما جي شريو مان رت وهيو. جڏهن ان شخص کي را
نوڪر وٺي آيا ته سزا ڏجيس ته ان مهاتما راجا کي چيو ته "راجن! هن ڪوبه دوش
ڪيو آهي. هن ميوي جي وڻ ۾ پٿر ٿي هنيو، جو مونکي لڳي ويو. ان وقت
اندر ۾ ايمان جاڳيو هو ته مان راجا جو گرو آهيان، سو ڀڳوان مونکي اهو پٿر هڻايو
کي سمجهه اچي. جڏهن وڻ به پٿر لڳڻ سان ڦل نو ڏئي ته هيڪي به هڪ جاگير
وڃي، ته ان جو اُن ڪاٽي سکي رهي. هيڪي سزا ڏيو ته مان وڻ کان به نيچ ليک
اهو ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي گروءَ ٿان ٻلهار وڃڻ لڳو ۽ هن شخص کي
عطا ڪيائين. مطلب ته جن جي ورهڪ واري اک کليل آهي، اهي مايا ۾ موهت ن
اهي ئي ٽنهي گڻن کان پار ٿي، برهم پد ٿي پهچي ٿا سگهن. هي مهاتما به ٽنهي
مٿي ويو، جو ته سالوڪي گڻن انوسار به انصاف ڪرڻ گهربو هو ۽ انصاف ٿئي ها
کي ڪجهه سزا ضرور ملڻ کپندي هئي، جو سنهالي پٿر وڻ ڏي نه هنيائين. پر مه
بدلي انعام ڏنس. ڀڳوان جو چوڻ آهي ته جيسين ماڻهو مايا جي ٽن گڻن ۾ ڦاٿل آهي
پرماتما طرف لڳڻ ڏاڍو ڪٺن ٿئي ٿو. جيعو ٺيڪ هو اسان ساڻ آهي پر کيس گولي
لاءِ ڪين ڪين.

گرچ دلبر ساٿ هئه - پن جستجو ملتا نهين،
دوڌ سي مکن جو چاهو - تو بلونا چاهيئي.

وورڪ هر هڪ کي آهي ۽ هر ڪو ستهه سمجهي ٿو ته هي ڪرم چڱو آهي

ته جيڪي ڪيس چيو هوائين، سو ٻڌايائينس. پر هن در نه کوليس. ڪام جي اڳيان جپ
ڪجهه لڳو نهوي ۽ رڳو سڳورو ءِ جي ڪرپا ٿئي، ته ئي لو سگهجي. پر هت نه ٻرو
شش جي پرڪيا وٺي رهيو هو. مطلب ته ڪام رشيءَ کي ڏاڍو ستايو ۽ هو ان ڪنيا
چت لي چڙهي وڃي ننگ هيٺ ڪري لهڻ لڳو ته اڌ ۾ ئي گروءَ استريءَ جو روپ
ڪري ڪيس پنهنجو درشن ڏيئي چيو ته ”اڙي جڙمني! ڇا ٿو ڪرين؟ هن وقت
چو آيو آهين؟“ هو وچارو ڏاڍو شرمندو ٿيو؟ گروءَ چيس ته ”ڪيئن ڏٺءِ ايشور
مايا جو ويگ؟ آهي اها ترڻ سولي؟“ قبول ڪيائين ته ”برابر ايشور ۽ گروءَ جي
پا کانسواءِ ان مايا مان پار پوڻ ڏکيو آهي.“ گرو وسشٽ منيءَ جڏهن شري رامچندر کي
گيان ڏنو ۽ ڀڳوان چيس ته ”گروجي! پيتا گهرو ته اها اڳيان رکان.“ منيءَ اها پيتا
ي ته ”هي رام جي! اوهان جي مايا مونکي نه ڀلائي.“ گرو وسشٽ مني هيڏو ڀاري
رن گيان وان، هئي ۽ ئي هو، ته به اهو ڦر گهرائين ۽ چو ته ڄاڻائين ٿي ته ايشور جي مايا
ري نه طاقت واري آهي. پرماتما جي شرن وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ان کي پار
يا هو نه آهي.

شاسترن ۾ مايا جا ٽي گڻ چو لکيل آهن؟ نوڙيءَ کي ٻڪو ڪرڻو هوندو آهي ته ٽي
هي وٽبي آهي ته پختي ٿئي. قدرت ۾ به ٽي گڻ آهن ۽ انهن ٽن لڙن سان مايا روپي
ب پختي ٿيئي، جنهن ساري جڳت کي ٻڌو آهي. ان مان ترڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ چو
ا ڪو سچي ٻچي ٽستر ڪانه آهي، جنهن مان ٽري پار ٿجي. رڳو اڳيان ٻيا پرم دور
و آهي. اهو ناس ٿيو ته مايا به الوپ ٿي ويندي ۽ ڇڻ هئي ئي ڪانه. اهو ٿي مايا مان
آهي. اهو اڳيان ٻيا پرم جنهن مان پيدا ٿيو آهي يعني پنهنجي پاڻ مان، نورت به ان
ـي ٿيندو يعني پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ مان، آتم گيان پائڻ سان. ڪنهن مڪان ۾
ڪي به ڪمرا آهن، انهن ۾ جيڪو انڌيرو آهي، اهو ان ڪمري جي پٽين ۽ ڇت جي
ب آهي ۽ ڏيکي به ان ڪمري کي وڌو آهي. ستو آشرت ۽ ستو وشيه آهي. هيءَ اودِيا
ا به ان رهت آهي به آتما جي آسري ۽ ڍڪيو به ان آتما کي اٿس. ٽن گڻن سان جڻ
سهي کي ٻڌي ڇڏيو اٿس ۽ اها نوڙي اهڙي نه پڪي آهي، جو هڪ جنم ته ڇا پر
جنم ۾ ڇرنڪارو ٿيڻ مشڪل آهي. مهرشي اشٽاوڪر نه اهترو به لکيو آهي ته ڀاري
ها ياپ ڪرم ڪرڻ ڪري جيل مليتو، سو نه رڳو ڏهٽي ۾ ڪهٽو هن عمر لاءِ ٿيندو، پر هن
اسانکي جنم جنم جو قيدي ظاهر آهي. اسين اوديا جا پڪا قيدي ٿي ويا
! منش جنم پائي به ان مايا جي هٿڪڙين مان ڇٽڻ جي ڪوشش نه ڪريون ته ڪهڙي
ب ڳالهه چئبي؟ ٻڌاز مان ڪو چور کي زنجيرن ۾ وٺي ويندو آهي ته هر ڪو ان چور
قرت جي نگاهه سان ڏسندو آهي، پر اسان ته ممتا، موهه، سنڪلپ وڪلپ،
دويش، لوڀ اهنڪار ۽ ٻين واسنائن روپي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا آهيون، مايا جي گرفت
ترڪ سان جيل خانو هر جنم ۾ ئي ڀوڳيون، پر ڪا به پرواهه لٿا ڪريون! ڪهڙا نه نرلج

گروڄن اِن جو جواب هن ريت ڪيس ڏنو:
هن سنسار ۾ ان ترتلو آهي ته اُن ۾ الهن رهجي، جيئن ڪنول جو گل پاڻيءَ ۾ نرلـ
لپ ٿو رهي. سرغالي پا بدڪ ۽ پاڻيءَ ۾ هوندي آهي، پر سندس کک نه ڀڄندا آهن
طرح شمد بعني بوهر ۽ سرلي لڳائي، اُلدي وهندي، جاڳندي سمهندي، هلندي ڦرند
اِها ورلي رکي نام جپيندو رهجي، ته هي ڀوساگر تري پار پئبو. جڏهن ياڳسن سان
پورن سڳڪور و ملنتو، تڏهن سندس ڏنل منعر ڪمائي، هن اُجهاڳ سمند مان لنگهي پار پئجـ
ويد وياس مهاراج جڏهن هن شلوڪ جو اُرٿ ٻڌائي شش جڻ منيءَ کي دوابر
۾ ڪري ٻڌايو ته هو ڇوٽ لڳو ته ڀڳوان ڪرشن جو اهين چوڻ ته مايا کان ترڻ ڏکيو آهـ
سو ٺيڪ نه آهي. چيائين ته مون هميرا جپ تپ ڪيا آهن، نه راڳ اثر نه دويش. انـ
ساڌنائون ڪندو رهان ٿو، ته پوءِ ڇونه مايا مان تري ويندس؟ اگيانين لاءِ پراپر ڏکيو آ
پر مون جهڙن گيانوان لاءِ اهو ڏکيو مورڳو نه آهي. گروءَ کهٽوني سمجهايس ته "پٽا! اِهـ
آهي. هيءَ مايا ڏاڍي پربل آهي. اُن کان ڊجڻ گهرجي. اِها مايا وڏن وڏن گيانوان
۽ ڀلائي ٿي پيڙي. شڪ ڀڳوان جي ڏرمعتي سڄيءَ ۽ اِن مايا جي گهيري ۾ اچي دک
؛ آهر ڀيرو ڀيرو وٺڻو پوس." جڏهن جڻ منيءَ نه مڃيو ته گروءَ خيال ڪيو ته هنڪي آزمـ
ڏسان ته ڪيئن ٿو مايا کان بچي. تن چئن ڏينهن کان پوءِ ويد وياس پوڳ شڪتيءَ
هڪ سندر نوجوان استريءَ جو روپ ڌاريو؛ ويس ڌاري جڻ منيءَ جي ڪٽيا ڏي رات
ڊپ سان وئي. وڃي جڻ منيءَ کي چيائين ته "هن وقت برسات پئجي ٿي پوي، ٿڌ ۽ ڏا
آهي. مان پنهنجي ٻچيءَ سان گڏ شڪار لئي آئي هئس، پر هنڪي شينهن ماري جڏيو آ
مان اڪيلي آهيان. مونکي رات واسطي اُجهو ڏيو؛ صبوح جو سوير هلي وينديس
جڻ منيءَ چيس ته "تون استري آهين؛ مان پرش؛ وري تون آهين ۽ اڪيلي، سو مـ
وٽ ٽڪهجو رهڻ ٺيڪ نه آهي." هن جو اُنتهڪرڻ صاف هو، پر مايا جي شڪتي پر
آهي. زال چيو ته "مان لاچار آهيان، ڊپ آهيان، پيرو ڪو وسيلو نه اٿم. ڪا جڳا ڪرـ
هجيو ته ڏيو ته رات جا چار پهر وشرام ڪريان. پاڻ ته مون کي ۽ ڪو شهر ڪ
ويندو." رشيءَ کي دیا آئي. هڪ ڪمرو بلڪل پري هو، اهو ڪيس ڏنائين؛ چيائيـ
ته "اندران چڱيءَ طرح بند ڪري ڇڏج." وري ۽ خيال آيس ته متان هي پاپي من
جواب خيال ڪري، سو اُن زال کي چيائين ته "ڪمري ۽ در ڪولڻ لاءِ چوانءِ ته نه ڪولجانـ
هيءَ هڪ جڻ منيءَ ٿالي پڙهندو ۽ رهندو آهي، متان اهو پنهنجو ٿالو ڪري اچي در لهرا
ته ۽ نه کولج." هن زال چيو ته "مان اصل ڪين ڪوليندس." رات جو ڪجهه سمر گذ
ته رشيءَ جي من ۾ ڪام جي اچي مالڏاٽي پئي. اُٿي ويو ان زال جي ڪمري ور
وجهي در کڙڪائائين. هن پڇيس ته "ڪير آهين؟" چيائين ته "مان جڻ مني رشي آهيا
لو ..، چوڻ لڳس ته "نه، تون جڻ مني پڙهت آهين." هن ڪيس کهٽيون لڳائيون ڏليو
ن .. ون وٺ آئي هئيس. لوڪي هي هي ڀُهڻا ٿيل هئا. مون ٿي لوڪي هيءَ ڪٽيا ڏ

سمجهي ته اِها مايا سڀ ايشور جي آهي. هوُ اُنهن کي سمجهي ته سڀ سندس آهي. نمرتا ن ۽ نِڌهن ٿيندي، جڏهن هو سمجهندو ته ايشور جي مايا ۾ پنهنجي ممتا رکڻ پاپ آهي. ڀڳوان کي مايا کان ترِي پار پوندو. يعني جنهن پرماتما جو ساڪيالڪار ڪيو آهي ۽ وويڪ ي ساڌن ڪري، گروءَ جي شرن وٺي، ستسنگ، منن ۽ نِدڌياسن ڪري، مهاواڪيه جو جاپ ڪري، آتما جو درشن ڪيو آهي، يعني اپروکيه گيان پرايو آهي، اهو ئي مايا کان ترِي پار پوندو. انڌيري ناس ڪرڻ لاءِ روشني گهرجي ۽ ٻيو ڪو به اُپاءُ نه آهي. پرڪاش نه هي ته انڌيري کي ڪٽي يا لٺيون به لڳائيون هڻون، دُڪا ڏيون يا منٿون ڪريون ته به هوُ هٽندو. ان طرح آتما جي اگيان جو ئي نالو مايا آهي. اها ڏور ٿيندي گيان پراپت ڪرڻ ان. اهو ڏکيو به ڏاڍو آهي، پر جي آتما جو درشن ٿئي ته سڀ سولو ٿي پوندو. پرماتما ي شرن وٺڻ ان ۾ گهڻو سهائڪ ٿئي ٿي.

اَرجن اهو ٻڌي سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! پوءِ هر ڪو ڇو نه تو گيان پائڻ جي لاءِ ساڌن ڪري هن مايا کان ترِي پار پوي؟ ڀڳوان جواب ۾ ڪيس ٻڌائي ٿو:

شلوڪ ۱۵. دشٽ ڪرمن وارا، مُوڙهه ٻڌيءَ وارا (مورک) ۽ اِنسانيت ن ڪريل نيچ پرش مونکي نٿا پراپت ڪري سگهن. هنن جو مايا ڪري ان چت ٿي ويو آهي ۽ هوُ راڪسن وارو ڪرم ڪن ٿا.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٽن قسمن جا ماڻهو ٿو ورنن ڪري، جن کي سچ ۽ ڪوڙ جو ڪر نه پوي. هوُ هون، نڀون، چورليون، ڪوُڙ ۽ ٻيا اهڙا گناهه وارا ڪرم ڪندا رهن ٿا انيڪ نمونن سان ٻين کي دکي ڪن ٿا. هوُ آسري سڀاءَ وارا آهن، رڳو پنهنجي ۽ ڪٽنب پالڻ جي شريرن جي لي پالڻ پوشڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ اللهُ گهٽيٽي گهور ڪرم ڪن انڪري ڀڳوان چوي ٿو ته اهي مونکي نٿا پائڻ جي ڪوشش ڪن. مُوڙهه يعني مورک آهن، جن کي پنهنجو وويڪ نه آهي ۽ نت ۽ اُنت جو ويچار نه اٿن. اهو نٿا ڄاڻن ته ڪيو آهيان ۽ ڏرم ۽ اَڌرم ڇا آهي. هر وقت پاپ ڪرمن ۾ لڳائي پيا آهن ۽ سندن سارو وار نيچٽي جو آهي. اهڙن جي گيان کي مايا ناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ هوُ دَئيت سڀاءَ ي ٿيون ٿا.

ڪيهن زمين ۾ ڌن، هيرا جواهر پوريل هجن، پر جي اُن جي اسان کي پوري خبر نه ته ان ڌرتيءَ تي هلندي چلندي، رامت ڏينهن اُتي رهندي به ڪو فائدو حاصل ڪين ري سگهبو. ان طرح آتم ڌن به اسان جي اندر ۾ آهي، پر اسان کي ٻُڌجهه نه آهي ته و اُمله خزانو، سکن ۽ آنند جو ڀنڊار اسان وٽ آهي. ان ڪري اسين دُنيوي ڀنڊارن ۽ ۾ پيا سک ڳوليون ۽ اُن لئه سڪ ۾ واسي رهي حياتي برباد ڪريون. اسانجي ۾ آتم سک جو به اُهڃاڻ اسين ڪڏهن ڪريون ٿا، ليڪن سمجهون نٿا. جڏهن ن کي تمام گهري ننڊ اچي ويندي آهي، يعني سپنا وغيره نه ايندا آهن، پر سکوپت

۽ مورک چئباسين ! ڪو به گيانوان اهي ٻڌي، جنم مرڻ جا ڏک، گرڀ جا سور نرڪ جا
اڪري هن لئي جنم ۾ مايا جي ڦندي کان ڇٽڻ ضروري آهي. ان مايا ۾ اسان
ڪيتري ڏورتيءَ ڪوڙ ٻڌو آهي، پر ٻالڪپڻي ۾ ان کي مٺو سمجهي، ڀاڄ ٻڌايو ائين. و
ٻوڙن لئي موهه لئي ڇوڪرا ٻڌجي پيا آهيون. هي منش جنم جاڳرت جو سمو آهي. نرنار
لاءِ هڪ جهڙو موقعو آهي. گرو ليغ ٻهادر جن به فرمايو آهي:

جاڳ جاڳ ري من! ڪهان غافل سويا؟
جو لن اپجيا سنگ هي، سو ڀي سنگ نه هويا.

هن مايا کان ترڻ وچڻ لاءِ پرماتما جي شرن وڃڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به اپاءُ ڪونهي
پرهلاد ڀڳت پرماتما جي شرن ورتي ته خود سڌس ٻتا وري لئي آيو، ته به سڌس
لئي ۽ سڌس ٻتا کي ڀڳوان ساڪار روپ ڌاري ماريو.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ مايا کي منهنجي مايا ڪري ڪوٺي، جنهن اسين پنهنجي جا
ٻڌارن ۾ ممتا رکي پنهنجو ڪوليندا آهيون. ان جو مطلب هيءُ آهي ته ڀڳوان ٻڌائي ٿو
هن مايا جا پيدا ڪيل پدارٿ سڀ سڌس آهن، جو ته مايا ئي سڌس آهي ۽ اسين ا
انهن پدارٿن ۾ ممتا رکي ويٺا آهيون ۽ چئون ٿا ته هي منهنجو پٽ ۽ هيءُ منهنجي زال آه
هيءُ منهنجو ڌن پدارٿ آهي وغيره! پر سچ پڇ ته هيءَ مايا پرماتما ڪانسواءِ ٻئي جي
اڄ تائين ٿي آهي ۽ نه ٿيندي. هزارين وڏا وڏا راجائون مهاراجائون پرٿويءَ کي پنه
پنهنجو سمجهي، آخر هليا ويا، پر پرٿوي سڌن نه ٿي. انهن راجائن جو اڄ نالو نشان
آهي. پر پرٿوي اڄ به اهڙي ئي قائم آهي ۽ ٻيا ٻيا ڪيس ڀوڳين.

گرهست ۾ رهي مالڪ دان پڃ ڪن ٿا، سادن شيوا ڪن ٿا، ودوان به ٻڌائين ٿا، م
۽ جاليءَ جي به شيوا ڪن ٿا، اهي سڀ مشڪل نه آهن، پر جي ڪندي ڪندي ا
اچعو ته ان اهنڪار کي روڪڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو اسوي. شيوا ڪندي ڪا جهڙ هڻڻ وڏو
آهي. شڀ ڪرم ڪندي ايمان پيدا ٿئي ته سمجهو ته ڪراوت جي نشاني آهي. ان
ڀڳوان جي ٻندگيءَ ۾ به خودي يا اهنڪار قبول نه آهي، جو ته پرماتما هميشه مالڪ آ
۽ اسين هن جا هميشه ٻندا آهيون. مايا جو مالڪ هڪ ايشور آهي. پيو جيڪو پاڻکي ڪ
سمجهي ٿو، اهو مهامورک آهي. اسين ته ان رچيل مايا جا ڪکڙا مس آهيون. هميشه
ويچار ڪجي ته جيترو ڀڳوان ٻل، ڌن، پدارٿ، عقل ڏنو آهي، اوترو وڌيڪ دان
ڪرڻ سکڻ ۽ وڌن جي شيوا ڪندو رهجي. جيترو وڏو عهدو يا درجو ملي، اوترو وڏ
ڪمڙ هيٺ ڪندو وڃجي. شري رامچندر اوتار هوندي، به ڪيٽن ته ماتا پتا جي
پالنا ۽ هنن جي شيوا ڪئي! پر اڄ ته ماتا پتا ۽ گرن اڳيان سر به نٿا نمايون! ماتا پتا ا
کي ڪارائي ٻياري ٻڙهائي وڏو ڪن ٿا ۽ هنن کي مٺي ڇاڙهين ٿا، پر پوءِ اولاد ته هنن
پوري شيوا ڪرڻ ته دور، پر ستڪار به نٿو ڪري! ٿوري ٿي ڪو مٺي چڙهي ٿو، عز
ڏن ٻالڪو، اوترو ئي وڌيڪ هو وڏن اڳيان ايمان ۽ اهنڪار سان هلت ٿو ڪري، جو ته ه

ڪرشن کي ڀڳوان ئي ڪري نه سمجهيو ۽ آخر تائين نه اهو ڀانيائين، جو جڏهن جد ڪان وڏيڪ
ڀڳوان لاءِ بدشد ڳالهايائين ته ڀڳوان سندس سر ڀنهنجي سدرشن چڪر سان لاهي، ڪيس پاپن
ن ڇڏايو. راوڻ مها ودوان هوندي به مورک ليکيو ويو آهي، ڇو ته ووبڪ هين هو.

شلوڪ ١٦. هـي ارجـن! چئن پرڪارن جـا سڪرت آتما (ست ڪرم
ڪندڙ پرش) مون پرميشور جو ڀڄن ڪن ٿا. اهي هي پرت ڪل ۾ سريشٽ!
ي آهي: (١) دکي (پيڙا يا درد وارا)، (٢) جگياسو (جن کي آتم گيان پراپت
ڪرڻ جـي چاهنا آهي)، (٣) ارٿارٿي (هن لوڪ يا پرلوڪ جـي سکـن ۽
دارٿن کي چاهيندڙ) ۽ (٤) گياني (جن گيان پراپت ڪيو آهي).

سـڀ ڀڳت ۽ اُپاسڪ انهن چئن درجن ۾ ورهي سگهجن ٿا. هڪڙا آرت يعني دکي
ن کي ڪو شرير جو، من جو يا ٻيو ڪو دک سور ڪليش آهي، جنهنجي نورليءَ لاءِ هو
رماتما کي ياد ڪن ٿا يا هن جو سمرن ڌيان ڪن ٿا. دکن ۾ ايشور کي ياد ڪرڻ بـ وڏن
ن جو قول آهي، نه ته ڪيترا ماڻهو ته دکن وقت به مالڪ کي ياد ڪين ڪن، هيڪاري
يا ڀڳوان کي يا ٻين کي ڏوهه ڏين ۽ پٽين سٽين. دک ته ڪرمن انوسار آيو ان ۾ جـي
ـ ۾ ايشور جو نام جپين ٿا، ته سمجهڻ گهرجي ته ڪي پيڇ ڪرم ڪيل ان جو ايشور جي
ن پيا آهن.

جـراسند ڪيترا راجائون جيتي ڪين پاڻ وٽ قيد ۾ رکيو هو. هـو سڀ ان ڪشٽ ۾
ڀڳوان ڪرشن کي يـاد ڪرڻ لڳا ته ”هي مالڪ! اچي تون اسان جا هـي دک ڪاٽ،
ن جو ٻيو ڪو به سهائڪ نه آهي. ڀڳوان هنن جو آواز ٻڌائي، ڀيمسين کان جراسند کي ڦٽ
ڙائي، راجائن جـي رکيا ڪئي ۽ هنن جا بند خلاص ڪري، ڪين ڀنهنجن راجڌانين ۾
ڪليائين. جهانگير بـادشاه وٽ چنـدو وزير بلڪل ڪلور سڀاءَ جو ماڻهو هـو. ڪيترن
ائن کـي هن گواليار جي قلعي ۾ قيد ڪرائي رکيو هو. هنن اُن وقت گـرو نانڪ صاحب
، گديءَ تي ويٺل گرو هرگوبند صاحب کي ياد ڪيو ۽ اها آراڌنا ڪيائون ته ”هي سچا
اه! اسين بيگناه قيد ۾ پيا آهيون ۽ اوهان اسان جا هٿان بند خلاص ڪريو.“ سندن
ثنا جو اثر اهو ٿيو، جو چندوءَ بادشاه کي ڀٽڪائي پرمائي، گروجن کي قيد ڪرائي ساڳئي
م رکايو. اهڙي ريت ئي جو چندوءَ بادشاه کي چيو ته جيئندا قبلا! اوهان تي جنهن جو
ويٺو آهي ۽ اُن جو ڏاڍو زور آهي. اوهان لاءِ ڪو پاڪ پرش ڄپ جاپ ڪري ته اوهان
ڪشٽ دور ٿيندو ۽ اهو به چيائين ته ”گرو هرگوبند صاحب پورن پرش آهن، سو انهن
اهو ڪم ولهي ۽ ڪين بـ گواليار جي قلعي ۾ رکي، ڪاٿـن اهو جاپ ڪرائجي. جڏهن
ل جاپ پورو ڪن ۽ گهر اوهان ٿان لهي وڃي ته پوءِ ڪين ڇڏجي.“ بادشاهه سندس
م ڦاسي ويو ۽ اهو نه سوچيائين ته هڙن مهاپرشن کي دک ڏيڻ سان ڪيس سک ڪيئن
و؟ چندوءَ جو اصل مطلب ته گروجن کي به تڪليف ڏيڻ جو هو، جاڪاڻ ته گروارجن ديو

اوستا وارو آرام ايندو آهي، تڏهن اسان جون اندريون ۽ من سڀ اُٿي لئي ويندا آهن
نند ۾ من ۽ سرڪمر اندريون سڄاڳ ٿيون رهن ٿيون سڪوپت اوستا ۾ آهي ته شانت ٿيون تين
جاڳون ٿا ته پوءِ سمجهون ٿا ته شرير ڏاڍو سکي آهي ۽ چئون ٿا ته اڄ اهڙي نند آئي، ج
ڪا به خبر نه آهي، پر ڏاڍو آنند آيو. جي ڪا خبر به نه آهي، ته پوءِ آنند جي خبر ڪن
پيئي ؟ ان آنند جو اُنڀوُ ڪنهن ڪيو ؟ اهو سک ڪٿان آيو ؟ ان وقت ته ڪي وشين
ڪين هيون ۽ نه ڪو ڪاڏو پيتو هو. اهو آنند آتم سک آهي. من ۽ اندرين جي شانت ٿيڻ
لاءِ اُنتهڪرڻ ۾ آتما جو عڪس پيو، جنهن مان ورلي ۾ آنند آيو، ڇاڪاڻ ته آتما آنند
روپ آهي ۽ پر اهو آنند جڙ اوستا ۾ آهي ۽ ڪڍ ڀڳر آهي. وشين مان جو سک محسوس
ٿئي ٿو، اهو به آتما مان ٿو مٽي ۽ ڇو ته ان وقت به سڪوپت اوستا وانگر من دل گهر
پدارٿ پائي، ڪن پل واسطي شانت ٿو ٿئي، جنهن ڪري آتما جي عڪس مان سک ج
اُنڀوُ ٿئي ٿو. سڀ پدارٿ به آتما ۾ ٿي آهن، پر جن ۾ وويڪ نه آهي، اهي سکن لا
ٻاهر ڀٽڪن ٿا ۽ سک به ڪونه ٿا پائين، ڇو ته اهي وستوءَ کي ڇڏي پاڇي کي پڪڙڻ جي
ڪوشش ٿا ڪن. آرسيءَ ۾ منهن کي پڪڙڻ مان ڇا ورندو ؟ هٿ ۾ ڪونه ايندو. سنسار ج
سڀ وشيه سک ان آتم سک جا پاڇا آهن. من آتما ۾ اچي ته سڀ سچا سک ملي ويندس
جي آتما جو گيان نه آهي ته ورلي جتي ويندي، اُتان ٺوڪر ملندس. ڀڳوان ان ڪري
چئي ٿو ته اهڙا مورک منهنجي سک کي نٿا ڄاڻن ۽ نٿا پهچي سگهن، ڇو ته انهن پاپ ڪ
ڪيا آهن. اهي من، واڻيءَ ۽ شرير سان پاپ ڪمائيندا رهن ٿا. هنن جو گيان نشٽ ٿي چڪ
آهي. دئيت سڀاءَ وارا منش ڏسڻ ۾ پين جهڙا آهن، پر من جي اوستا بگڙيل اٿن. انهن
پاکنڊ، ڌن دولت، وديا، شرير ڪ پل ۽ ڪٽنب جو ايمان، ڪنورتا، ڪروڌ ۽ اگيا
ٿئي ٿو. راوڻ، دريوڌن، ششوپال، جراسنڌ ۽ ڪنس اهي ڀاري ودوان، بلوان ۽ ڌن پدار
جا مالڪ راجائون هئا، پر آسري يعني دئيت سڀاءَ جا هئا. ڪنس کي ته ماٿر ڪرڻ
ٿي دئيت هئا. هو ڪوبه ڪم ڪندا هئا ته وويڪ کان شوڙ ٿي، من جي چوڻ تي. انه
کي سمجهائڻ وارو ڪوبه ڪونه هو، ڇو ته هو ته ڪنهنجي چڱي صلاح ٻڌندا به نه هئا
دريوڌن، جراسنڌ، ڪنس ۽ ششوپال کي ته مارڻ يا مارائڻ لاءِ ڀڳوان کي خود ڪرشن او
ونڻو پيو. هو ٻئي ڪنهن کان مرڻ وارا ٿي ڪين هئا. ششوپال ته ڪرشن جو ٿالسو ڀڄي
جلندو هو. انهن جو پورن اوتار هوندي به ڪرشن هن جي نظر ۾ رکو هڪ گوالو هو ۽
کي بلڪل نيچ نظر سان ڏسندو هو. جڏهن راجا يڌشٽر جي دربار ۾ ڪرشن ڀڳوان ک
پروڌان ٿائڻ لڳا ته راجا کي تلڪ ڏني، ان وقت سڀا ۾ ويد وياس، آتري مني، اگست
مني ۽ ٻيا اهڙا وڏا رشي مني به ويٺا هئا ۽ سڀني جي راءِ هئي ته ڀڳوان ڪرشن ک
اهو پد ملڻ گهرجي. پر ڀڳوان انهو ته ششوپال جي اندر ۾ جو ڀڳوان لاءِ ديش هو، سو ٿار
وڌيو ۽ هو ڀڳوان جي شان ۾ بلڪل گهٽ وڌ لفظ ٻولڻ لڳو. ششوپال وديا ۾ گهٽي پڙه
هو، راڄنيتيءَ ۾ به ٻڙ هو، سڀ ڪجهه ڄاڻندو هو، پر اهو وويڪ نه هوس، مُڙهه هو.

ڀڳوان جهڙي لوڪ ۾ ڀيا ڀڳت آهن جگياسو، جنکي ڪو دک سور، دلمري يا سرڳ جي
سکن ۽ پدارٿن جي اڇا ڪانه آهي، پر ڀڳوان کي ملڻ جي آس رکن ٿا ۽ پرم آنند جي پراپتي
۽ جگت انوڀ جي نورلي ٿا چاهين. اهڙن جگياسن جا ته انيڪ درشٽانت شاسترن ۾ آيا آهن.

راجا جنڪ راڄ جو مالڪ هوندي به آتم گيان جو اڀلاشي هو ۽ اها آس رکي مٿلاپوري
ڪان ٻاهر نڪتو ته ڪنهن رشيءَ جي شرڻ وڃان. پرسان ۾ واريءَ جي ڍڳن ۾ اشٽاوڪر
مني اوڌوت اوستا ۾ لمٿيل ڏٺائين. هنڪي شرير ۾ اٺ ڏنگ هئا، جي ڏسي راجا جي
ن ۾ ڪجهه کلاڻي آئي ۽ خيال ڪيائين ته سوڙهو ستو نه ٿيو آهي ۽ جنهن ڪارڄ لاءِ نڪتو
هيان، اهو مشڪل سڌ ٿيندو، ڇو ته سامهون ۾ هڪ ڪبو نندو برهمڻ ڏٺو الم. رشي
شٽاوڪر ته پورڻ گيانوان هو، سو هڪدم راجا جي اندر جي ڀاونا سمجهي ويو ۽ هڪدم
ٿس آواز ڏنائين ته "اڙي راجا جنڪ! ٿون ڇا لاءِ ٿو کلاڻي ڪرين؟ نديءَ جي زمين جهڙي
يندي آهي، پر پاڻي ته ڪو ڇپر ڪونه هوندو آهي. ڪمند ڏنگو ڦڏو هوندو آهي، پر
ن ۾ جا رس هوندي آهي، اها ته ڇپي ڪبي نه هوندي آهي. منهنجو شرير برابر ڏنگو
ڏو آهي، پر آتما ته اٿين ڪانه الم!" راجا اهو ٻڌي حيران ٿي ويو. پالڪيءَ تان لهي
ن جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ گيان ملڻ لاءِ هٿ جوڙي ۽ پيشانون رکي، پرارٿنا ڪرڻ
لڳو. رشيءَ هنکي اول ساڌن ڪرڻ لاءِ اپديش ڏنو ته "هي تات! موڪش جي اڇا
هي ته وشين کي زهر برابر سمجهي تياڳ ڪر ۽ ڪومل سڀاءُ رک ۽ ڪنهنکي به ڏکاءُ نه ۽
ٺدي به ڪو جهڙو نه مار ۽ ڪو ٿوڪان دپ نه رکي ۽ ڪوبه ڏکي نه ٿئي ۽ سڀني ۾ ديا
ڪر ۽ هميشه پرسن رهه ۽ هرهڪ ڳالهه ۾ ايشور جي ڪلا ۾ راضي رهه ۽ سچ بول ۽ هنن
پديشن کي امرت وانگر پان ڪر." راجا جنڪ هي سڀ اپديش ڪمائي، پوءِ ۾ ٻڌو ۽
ر متر جپي، آتم گيان حاصل ڪيائين ۽ اچري انتي ڪيائين، جو راڄ ڪندي وديهه
ڪت ٿيو. مٿلاپوريءَ جي راجائن جو لقب هوندو هو جنڪ، جنهن لفظ جي معنيٰ آهي
. ڪل ٿي جنڪ راجائن رشي اشٽاوڪر کان گيان ورتو آهي. هڪ انهن مان سيتا مائيا
پيا هو. اصل ٿالا جدا جدا هئن. هڪ جنڪ اهو هو، جنهن اشٽاوڪر کان گيان گهريو ته
ڪ ٿيو گهوڙي جي رڪاب ۾ رکان ۽ ٻيو پير رکان، ان وقت ۾ گيان ملي. انکي
مني اعولي گيان ڏنو جو اشٽاوڪر گيتا ۾ ٣٠٣ شلوڪن ۾ لڇ ٿالين قائم آهي. اهو راجا
ڪ اتم اڌڪاري هو ۽ هڪدم گيان پراپائين، جو ته سنڌس مل ۽ وکيب اول دور ٿي
ڪا هئا.

ڪرشن ڀڳوان جو متر اوڌو به آتم جگياسو ٿيو آهي، جنهنکي ڀڳوان ڀاڳ گيان جو
پش ڏنو ۽ جڏهن سڀ يادو ناس ٿيڻ تي هئا، ته ڪنس اپاڻ لاءِ چيائين ته بدري ناٿ
جي اهو ڪمائي پرم آنند پراپت ڪر. اتي هو اڇا ڄاڻ ڪري، پرمر سان ورلي
لي، آتم پد ۾ استٿت ٿي، نراڪار ڀڳوان ۾ لين ٿي مڪت ٿيو. هو راجا اگرسين جو
ٽر اعظم به هو ۽ بلڪل ڏرماتما هٺ ڪري، سوري وعيت کي ڏادو سکي رکيائين.

سندس ڏيئہ جي مائٽي گرو هرگوبند لاءِ نہ قبول ڪئي هئي؛ ان ڪري هن سان بہ ولو
رکيو هئائين. گرهہ جو نہ ڀائو هو، آخر گروجن کي قلعي بہ رکيو ويو. گروجن جي ماتا کي
اهو ڏسي ڏاڍو ڪاوڙ نہ ٿيو. جيتوڻيڪ گروجن کيس ڏيڻ ڏياري موڪليو، پر هنڪي
ڪٿان لي لئہ اچي؟ وڏن وڏن ٻڌي سکن کي چيائين تہ ڪيئن بہ ڪري گروءَ کي ڇڏايو.
هڪ پالي جيٺا هو. هو گرو ارجن ديو جو شش هو؛ يوگ ساڌنا بہ هوشيار هو؛ سڌين جو
مالڪ هو. کيس خبر هئي تہ گرو گهر بہ ڏين سڌين کر آلڪ جي سخت منع آهي، پر
گروءَ جي سيوا بہ ضروري هئي؛ ماتا جي آگيا پالي، شڪتيءَ کان ڪم ورتائين، راءِ جو شير
جو روپ ڌاري، بادشاه جي سمهڻ واري ڪمري بہ پهتو؛ پهچي وڏن وڏن ننهن وارو چنبو
بادشاه جي ڇاتيءَ تي رکي کيس جاڳايائين. بادشاه ڊپ وچان حيران ٿيو تہ اندر شينهن
ڪيئن آيو! سو پڇيائين تہ ڪير آهين؟ پالي جيٺا کيس چيو تہ "توهانجو وزير چندو بلڪل
ڪوڙو آهي. هن گرو ارجن ديو سان بہ برو سلوڪ ڪيو هو؛ هاڻي سندس پٽ سان بہ تئ
ويو پاڙي. اوهان لي نہ ڪو چنچر جو گرهہ آهي؛ نہ گروجن کو ڏوهہ ڪيو آهي." بادشاه
سمجهيو؛ انجام ڪيائين تہ گروجن کي ڏينهن ٿئي تہ ڇڏينداس. صبح ٿيو تہ بادشاه بلڪل
گرم مزاج بہ راڄ دربار بہ چندوءَ کي تڙيون ڪڍيون، پر چندو بہ ڪو جهڙي لهڙي مٺو وارو
ڪونہ هو. هن جي دماغ بہ نہ ڪوڙ؛ ڪمت پرل هو، سو چوڻ لڳو تہ "جيئندا قبلا!
اهو اوهان کو سمجهو ڏنو آهي. پلا ڪمري بہ شير ايندو ڪيئن، جڏهن پهران چوطرف
بندوقن لوين سان سپاهي پيا ساري رات پهرو ڏين؟ اهو بہ چنچر جي گرهہ جو اثر آهي
اوهان جاپ بند ڪرايو؛ هو اوهانکي تڪليف ڏئي." بادشاهہ پوڇجي ويو؛ انجام نہ پاڙياءِ
وري ان راءِ جيناجيءَ ساڳيو روپ ڌاري کيس ڊيڄاريو تہ انجام ڪر نہ تہ ماري ڇڏيندوسانءِ
اها سڀ چندوءَ جي شرارت آهي؛ اوهانکي بري طرف تو گهلي. هو اوهان جو بہ دشمن
آهي. جيڪي سڄڻ مهاپرشن کي دک ڪشت تا ڏين، اهي پهنجو راڄ پاڳ سڀ تا وڃائين
مطلب تہ کيس چڱيءَ طرح سمجهائي پڪو پون ڪرايائين؛ ٻئي ڏينهن گروجن کي قلعي
سان ڪيڻ جو حڪم جاري ٿيو، پر گروجن چيو تہ مان پاهر تڏهن نڪرندس، جڏهن
ٻين سڀني باند ليل راجائن کي بہ آزاد ڪيو ويندو. بادشاه معافي ورتي؛ اهو سڀ قبول
ڪيائين؛ چندوءَ کي بادشاه نوڙيون ٻڌائي، هڪ مغل کي وانگر شهر جي گهٽين ما
گهلائي مارايو. مطلب تہ راجائن دکن بہ ابهور کي آزاد يو تہ هن کين گروجن معرفت
سهائتا ڪئي.

دروپديءَ بہ ڪشت وقت ڀڳوان ڪرشن کي ياد ڪيو تہ ڀڳوان ساڙهي روپ ٿي
سندس دروڌن جي سڀا بہ لاڄ رکي. گجيندر هاٿيءَ گراهہ کان اڇٽ لاءِ هريءَ کي
ڪيو تہ ڀڳوان گرڙ جي سواري بہ ڇڏي يڪدم اچي کيس گراهہ جي واتان ڇڏايو؛ سند
رکيا ڪئي. مطلب تہ اهڙا مثال دک بہ ڀڳوان کي ياد ڪرڻ ڪري دکن جي ناس ڪ
جا پرالي بہ ملن ٿا؛ دنيا بہ بہ پيا ڏسجن.

ڳهري ۽ موڙڪي پنهنجي چرڻن ڪملن جو ڌيان ڌارڻ ڏيو. ڳهري ۽ سچ پچ اهڙي جڳائي.

وار وار ور مانگئون - هرش ڌيئو سيارنگ ؛
پد سروج اَن پاوني - هري ڀڳتي سدا ستسنگ.

ڌروُ ڀڳت کي نه فقط ٻيءَ جو راڄ مليو، پر اهو هزارين سال پوڳي پوءِ جڏهن شري پڌپائين ته ڪيس اَٽل راڄ مليو، جو جيستائين هي برهمانڊ آهي، اوستائين ماٽيندو. هوُ سڀني تارن نڪيترن وغيره کان مٿي راڄ ٿو ڪري ۽ اُن کي ڌروُ لوڪ ڪوٺجي ٿو.

ارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ ڀڳتيءَ جو ٻيو مثال سگريو جو آهي، جو ڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ ڀڳوان شري رامچندر جي شرن ويو. ٽيون مثال ڀڳت ڀيشڻ جو آهي، جو راوڻ هٿان ي عزتو ٿي لنڪا جي راڄ ملڻ جي ڪامنا رکي، ڀڳوان رام جي شرن ويو ۽ مراد پاتائين. سدامو ڀڳت ٻه ڀڳوان ڪرشن وٽ اَرٿي ٿي ويو هو ۽ هن جا ٻه سڀ ڪارج ڀڳوان سڌ ڪيا سون جا محل کيس ڏنائين.

چوٿين قسم جا ڀڳت آهن گياني، جن ڀاڻ سچالو آهي. اهي ڀڳوان کي پنهنجو سڀ آتما سمجهي، اُن جو ڌيان ڀڄن ڪن ٿا. سوامي چوگنانند پنهنجيءَ ٽيڪا ۾ لکيو آهي ته سنڪ سنڪادڪ (برهما جا مانس پتر) ڀهريان گياني ٿيا آهن، جن گيان پرائتي پوءِ سماڌي جڳائي، پرماتما جو ڌيان ڀڄن ڪيو آهي، سي ڀڳوان کي پنهنجو آتما سمجهي سدا اکنڊ ويت آنند روپي سماڌيءَ ۾ استٿت رهن ٿا. اهي برهما جا ۴ پٽ آهن، جي شري ڪري هميشه ڀڄن ورهين جي بالڪ اوستا ۾ رهن ٿا ۽ ڪين انڪري ڪام آدي وڪار ستائين ۽ هوُ سدائين سماڌيءَ جو سک ۽ آنند پائيندا رهن ٿا.

سماڌيءَ ۽ سکوپت اوستائن ۾ تفاوت آهي. ڪي ڀنهي مان حاصل ٿيل سکن کي ڪ سمجهن ٿا، پر سکوپت معنيٰ گهاٽي ننڊ. اُن ۾ جو سک ملي ٿو، اهو به من جي ت هٽڻ ڪري، آتما جوان ۾ عڪس جيڪو پوي ٿو، اُن ڪري ٿو حاصل ٿئي. پر اهو سک اوستا جو آهي ۽ شريو جي ٿڪاوٽ ڪري ٿو ملي ٿو. اهو سک ته وڏا وڏا پاپي ۽ ۽ پاپي ٿا سگهن ۽ ٿوري وقت لاءِ ڪو پيگر آهي. ليڪن سماڌيءَ جو سک پران اَپان ڪلا ستگوروءَ جي ڏنل منتر جي جاپ ڪرڻ سان سمان ٿئي ٿي، ۽ من استٿت ٿيڻو سک پرليت نو ٿئي. پر ڀنهي سکن ۾ واٽ ڏيهن جو پيڊ آهي. سماڌيءَ جو سک وڪلي آهي ۽ سکوپت جو راجسي الوا تامسي سڀاءَ وارن کي ٻه ملي ٿو ۽ جاڳڻ تي هر ي پنهنجي سڀاوَن ۾ پروورت ٿيڻ ڪري، دنيوي ڪليشن ۾ پون ٿا. سماڌيءَ وارو سک ڀيشه اندر ۾ رهي ٿو ۽ جاڳرت ۾ ٻه پيو محسوس ڪبو آهي. وپاڪرڻ موجب سماڌيءَ جو ب آهي اَها اوستا، جنهن ۾ ٻڌي ٻتارٿ طرح هجي. پرماتما کي پنهنجو آتما سمجهي، درشن ڪرڻ وارا ٿي ٻتارٿ ٻڌيءَ وارا ليکجن ٿا ۽ هوُ هر وقت اُن آتما ۾ استٿت رهن اهوئي سڌن ڀڄن آهي.

گيانوان پرماتما جو ڀڄن لڳاتار ٿي ڪن ٿا. هو وقت چت ۾ ايشور جو ڌيان اَلن

هن جو انتهڪرڻ بلڪل شڌ هو. هنجي منصف مزاجي جڻ تہ ايشور جي ڀڳتي هئي. اهڙي
پرش کي ٻئي جپ تپ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿي ٿئي. اهڙا جگياسوُ بہ پڻ آتما
آهن ۽ ڀڳوان جا ڀڳت ٿا ليکجن ۽ ڀڳوان چوي ٿو تہ اهي بہ سريشٽ آهن.

ٽيان ڀڳت آهن، جن کي ڀڳوان ارٿي ٿو ڪري ليکي، جن کي دنيا جو سوارٿ سڌ ڪرڻ
جي ڪا اڀلاشا آهي. ڌن، پتر، استري، راڄ ڀاڳ انوا هن لوڪ يا پرلوڪ جي سکن ۽
پدارٿن جي اڀلاشا اٿن. اهي بہ ايشور جو ڀڄن ڪري، پنهنجو مطلب سڌ ڪن ٿا. اهڙا
ڀڄيندڙ ڀڳت بہ انيڪ ٿيا آهن.

ڌرو ڀڳت اهڙو هڪ مثال آهي. ننڍڙيءَ اوستا ۾ ئي هو پنهنجي پتا راجا اُتانپاد
جي گود ۾ وڃي ويٺو ۽ پتا بہ هن کي هردي سان لڳايو، پر سندس مانيلي ماءُ کي، جنهن
لي راجا جو گهڻو سنيهہ هو، اهو نہ وڻيو ۽ هن کي راجا جي گود مان لاهي پري ڪيائين ۽
کيس چيائين تہ ”راجا جي گود ۾ ويهڻ ٿو چاهين تہ منهنجي ڪک مان جنم وٺين ها!“ ڌرو
بالڪ هو، پر ڪتري راجا جو اولاد هو، سو اهو اپمان نہ سهي ڏاڍو ڏکي ٿيو. راجا بہ
سندس اُن وقت پاسو نہ ورتو. ڌروءَ خيال ڪيو تہ ڇا ڪريان، جو هن مانيلي ماءُ جو بہ
پيار ملي ۽ هي راڄ بہ منهنجو ٿئي. وڃي پنهنجيءَ ماءُ وٽ ڪانئس پڇڻ لڳو تہ ”امڙ! تون
راجا جي راڻي آهين يا داسي؟“ ماڻس چيو تہ ”پٽ! آهيان تہ پٽ راڻي، پر ايشور جو
ڀڄن نہ ڪيو اٿم، جنهنڪري ڪو ٻل نہ اٿم.“ ڌروءَ چيو تہ ”ڀلا مان ڪهڙو ڪرم ڪريان،
جو سڀ دشمن دوست ٿي پون ۽ مانيلي ماءُ بہ آڌين ٿئي.“ ماءُ چيس تہ ”ٻچا! اپاءُ
اهو آهي تہ ايشور جي ڀڳتي ۽ اپاسنا ڪرين، جنهن مان سڀ ارٿ پورا ٿين ٿا. تنهنجو
سڀ اڇائون بہ پوريون ٿين ۽ انتهڪرڻ بہ شڌ ٿئي ٿو ۽ ڏک ڪليش سڀ دور ٿي وڃن.“
اهو اپديش ٻڌي هوُ شهر کان ٻاهر نڪتو تہ وڃي بن ۾ تپسيا ڪريان. اڃا شهر کان ٻاهر ئي
مس نڪتو تہ راجا کي پتو پيو ۽ ماڻهو ڏياري موڪليائينس تہ ”بن ۾ نہ وڃ ۽ موٽي اچ
اڌ راڄ جو تون حقدار آهين، سو هڪدم لوٽي ڏيانءِ، پيو اڌ ٻئي پٽ کي ڏيندس.“
وزير امير ڌروءَ وٽ ويا، پر ڌروءَ جي من ۾ آيو تہ اڃا رڳو يقين رکي ڀڳوان جي ڀڄن لاءِ ٻاهر
نڪتو آهيان تہ اهو ئي پتا، جنهن اُن وقت زبان مان هڪ اکر بہ نہ ڪڍيو، سو موٽي ا
راڄ جو ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اهڙي مهما ايشور جي آهي تہ پوءِ چونہ سندس ڀڄن ڪري
پوري ڪماليت پايان ۽ سمورو راڄ بہ وٺان! هليو اچي تہ راجا سارو ئي راڄ ڏيڻ لاءِ و
موڪليو، پر هن نہ مڃيو. هن کي پرماتما جي درشن جي اڀلاشا اٿين ٿي ۽ آخر وڃي
نارديءَ کان مليل منتر ”اوم نمو ڀڳوتي واسديوايہ“ جو جاپ جمنا ڪناري تي برج ڀومي
۾ ڪيائين. پوءِ مٿس پرسن ٿيو ۽ ساڪيات چترڀڄ سروپ جو کيس درشن ڏنائين ۽ ور گهر
”ءِ چيائين. هن کي تہ اڃا اهاڻي اڀلاشا هئي تہ راڄ ملي، سو ور گهريائين تہ اٽل را
ڏيو. ڀڳوان ”تٿاستوُ“ چئي انترڌان ٿي ويو. پوءِ هڪدم کيس گيان آيو تہ هاءِ، هاءِ
مون ڇا ڪيو! هڪ مهاراجا جي اپاسنا ڪيم، پر گهريم رکي هڪ ڪوڏي! اهو جو

جيئن ڙال مڙس جو ليکو نٿو رهي، تيئن گيانوان به اهڙو سان ليکو لڳو رکي ۽ جيئن
ي ڙال ٻنهي جو انگ لپي وڃي ٿي، تيئن گيانوان ۽ پرماتما هڪ ٿي ٿا وڃن.

پنجون مثال شري شڪديو مهاراج جو آهي. پراچين ڪال ۾ هن جي ناليءَ ولڻ سان لـي
ردو پوڻ ٿيو پوي ۽ جنم، ستت، سماڌي، گرو سيوا، سادڻا وغيره سڀ ٻاد اچيو وڃن.
ز سک ٿي پوي ٿو. هو به پورن گيان ۾ استٿ ٿي، سماڌيءَ ۾ رهندو هو ۽ مها آنند
انهيءَ ڪندو رهندو هو. ڪيس من ۾ سنسار اٿيو ته هي سنسار ڪيئن پيدا ٿيو آهي،
هن جـي آسري استٿ آهي ۽ ڪيئن لين ٿيندو؟ سندس پتا ويد وياس، جو به پورن
ني هو، ان چيس ته ”هي پٽ! هي سنسار سنڪلپ مان پيدا ٿيو آهي، سنڪلپ ۾ ٿي
آهي ۽ سنڪلپ ۾ ئي لين ٿي ويندو. ان جو ٻيو ڪو به آڌار نه آهي. چت جي خيالن
سنجم ڪرڻ سان سنسار جو سنجم ٿي سگهي ٿو.“ شڪديو اهو سمجهيو ته سهين،
ويد وياس سندس پتا هو، ان ڪري سمجهس گرو ڀاونا نه آئيس. ستگرو وٽ ۾ پـورو
واس نه هولڊ ۽ نر جيترو به سنديهه هوندو ته ڀڳتيءَ ۾ وگهن پوندو. ويدوياس به سمجهي
و ته چگو ٿيندو ته پٽ کي ٻئي ڪنهن جي شرن موڪليان. ڪيس چيائين ته ”ٻچا! مـان
ي ٻڍو ٿيو آهيان ۽ عقل ۾ گهٽ ٿي ويو اٿم. اڄ ڪله راجا جنڪ پورڻ گيانوان آهي.
وٽ وڃـي سندس سکيا وٺ.“ سوامـي شڪديو راجـا جنڪ وٽ ويو دربار جـي
وان چوڪيدار بـيٺا هئا. انهن مان هڪ وڃي راجا کي ٻڌايو ته ويدوياس رشيءَ جو پٽـر
ڪديـو ورڪمت آيو آهي. راجا به ڄاڻي ڄاڻهار هو. حڪم ڏنائين ته ”اڃي ٻـيهاري
يوس.“ هـو ستت ڏينهن راڻيون اتي ٻيٺو هو ۽ راجا ڪو به خيال نه ڪيو. اٺـين
ين راجا چوڪيدار کان پڇيو ته ”ڪيئن شڪديو ٻيٺو آهي، راضي آهي، منهن تي ڪو گهنج
ڪو نه اٿس؟“ چوڪيدار جواب ڏنو ته ”جيئندا قبلا! هو جيئن بلڪل آنند ۾ آيو هو، تئين
رڻ ٿيو ٻيٺو آهي.“ راجا حڪم ڏنو ته ”هڪ دروازو ڪيس اندر ڪري ٻئي دروازي
ٻيهاريو.“ هو اتي وڃي ٻيٺو. شڪديو جي مٿان جوئيون ٻالڪون ۽ جوت اڇلائي ويندي
، ۽ هو درڻ رهيو. ٻيو هفتو گذريو ته راجا جي پڇڻ تي چوڪيدار وري ٻڌايو ته ”هـو
ني خوش مزاج ٻيٺو آهي.“ راجا حڪم ڏنو ته ”ڪيس اندر آڻي اشنان ڪرايو ۽ ريشمي
۽ ڳهڻا پهرائي عمدا عمدا ڀوڄن کارائي، چوڌر گهمائي آنند ۽ آرام ۾ وهاريوس ۽ بلڪل
ءِ طرح سندس سيوا چاڪري ڪريو.“ ستت ڏينهن ان طرح گذريا. راجا نوڪرن کـان
ته ”شڪديو جي ڪهڙي حالت آهي؟ سندر سندر استريون ڏسي، عمدا عمدا کاڌا
سندس من جي حالت ڪهڙي آهي؟“ جواب مليس ته ”هن کي ڪنهن به ڳالهه جي
ني نه رهي آهي. جيئن ٻاهر ڪڙو هو، تيئن هت به هڪ سمان پرسن چت آهي. نه
۾ هو رنج يا ناراض هو ۽ نه سنمان ۾ خوش ٿيندو.“ راجا اهو ٻڌي خوش ٿيو. اهڙو پوڻ
وامي شڪديو هو. راجا پوءِ ڪيس ٻاڻ وٽ گهرائي پڇيو ته ”ڪيئن آيا آهيو؟“ هن
ته ”سائين! سوال ڪرڻ آيو آهيان ته هي جڳت ڪيئن پيدا ٿيو، ڪيئن استٿ آهي

دنيوي ڪامنائن طرف هڻن جو من وڃڻي نٿو. جيئن دنيوي عاشق ڪي به هر وقت پن جي هڪ معشوق جو ئي ڌيان رهندو آهي ۽ کائيندي پيئندي، سمهندي ڀٽهجي ٻ ڪي ياد ڪندا آهن. جيڪ پرماتما ۾ ليو لائيندڙن ڀڳتن سڀ ايشور ۾ لڳل ٿيا. گيان ٻڌائڻ ۾ ڳڻن ۽ ڳالهيون به ايشور جون ڪندا، سندس يش ورڻن ڪندا، سندس چرتر جون ڪٿائون پڙهندا يا ٻڌندا. هو هميشه ڀڳوان جي اپڪار لاءِ ۽ ڀڳتن جي هر د ڪي پورو ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا رهن ٿا، جنهن ڪري هو هميشه پرسن چت ٿا رهن ۽ اهڙ جا گڻ ياد ڪري آنند پرائين ٿا. نارد مني به آتما جو گيان پائي هر وقت ايشور جي ڀڄ مگن رهي ٿو ۽ سندس گڻ ڳائي آلم ڪرڻا ڪري آنند پائي ٿو.

ٽيون مثال آهي پرهلاد ڀڳت جو، جنهنکي ڪابه ڪامنا وغيره نه جهان يا پرلو جي ڪانه هئي ۽ گيان هوس ته "جلي وشنو، ٿلي وشنو." هن ان گيان ڪري پتا جا ڏ سڀ دک ڪليش آنند سان سنا ۽ آخر سندس ايڇا لاءِ ڀڳوان پاڻ اچي نرآڪار مان ساڪ نرسنگهه اوتار ورتي سندس پتا هرڻاڪشپ کي ماريو.

چوٿون مثال آهي پرٿو راجا جو. هو به پورن گيانوان، ڌرماتما ۽ سچو ڀڳت هو ۽ اهڙ ابڀاسا ڪيائين، جو پرماتما کان ور پاتائين ته هزار هٿ ڏيمر ته سنتن جي شيوا ڪريان، لک جيڀون ڏيمر ته هڪ دفعي ئي لک دفع نام جپيان، هزار نيتر ڏيمر ته هڪدم هزار د اوهان جو درشن ڪيمر. جپ صاحب ۾ به آيو آهي:

اڪ دو جيڀهو لک هوهِ - لک هوهِ لک وِيس،
لک لک گيڙا آکيئهه - ايڪ نام جگديس.

لکين زبانون ئين ته هڪ هڪ سان لکين دفع نام جپيان. هن ۾ پورن گيانوانن ج پڄڻ جو ورڻن ڪيل آهي. هو ان طرح سواس سواس سان پڄن ڪن ٿا، ته ذهن مس م شانتي اچين ٿي، جو ته هو پراين ئي نٿا. ٻاهران ته ڪم ڪري وهنا هوندا آهن، پر ان ۾ روم روم ۾ هو پڄن ڪن ٿا. جيئن ڪنهن جي شادي ٿي وڃي هجي ته گهر ۾ ڪم ڪار و عر گهوٽ ڪنوار پيا رهائيون ڪندا آهن ۽ ان مان ڏاپيدا ٿي ڪين آهن ۽ پتي پتني جو س هو پيوهه محسوس ڪندا آهن، تيئن گيانوان جو پرماتما سان وواهه ٿي وڃي ٿو ته هو ڪ جو آنند پرماتما سان رهاڻ ڪري ٿا پرائين. رگهو گيان پرائڻ ڪافي ڪين آهي. جيڪ روز ڪي ڳالهه ڳالهيون مالهائون ڦيري سمجهن ٿا ته پڄن ڪيو اٿئون، اهي پرماتما کان گ دور آهن. جن پرماتما سان حساب رکيو، اهي ڪچا ٿا ليکجن. هنن لاءِ سامي جن فرمايو آهي:

ليکا سڀ وسار، انڌر ڌس اليک ڪي،
ڏهي ڏپ پاڻي ڪري، حرفن سان نه هار،
جاڳ وڃائي ڀسڄي، سامي سار سنڀار،
لنوءِ نٽن نهار، لڳ ٻيا ڪيکي پرين جو.

…پر ته ٻه فرق آهي. ڌن جو نقصان ٿيڻو ته ڏک ٿيندو، پر جي پٽ آدمي کي پالي بيمار ٿي
…پوي، ته اُن لاءِ ڌن خرچ ڪرڻ ۾ ڏک نه ٿو ٿئي ۽ خوشيءَ سان خرچ ڪجي ٿو، ته ڇمو ته
…ڌن کان هُو وڌيڪ پيارا آهن. پٽ وغيره کان پنهنجا پران وڌيڪ پيارا آهن. ڪٿ اهي
…ته هرڪو پنهنجي پرانن بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙا مثال به ڏٺا آهن جو استري
…پتيءَ کي بيمار ڇڏي ڀڄي وئي هجي، پتا پٽ کي يا پٽ پتا يا ماتا کي بيمار ڇڏي
…ڪري ويو هجي. پليگ، وبا آدي بيمارين وقت ڪيترا اهڙا مثال لڀن ٿا. تڏهن ڇمو
…پٽن، زال، پتيءَ ۽ مترن کان پنهنجا پران وڌيڪ پيارا آهن. پرانن کان وڌيڪ پنهنجو
…آتما پيارو آهي. گيانوان پنهنجي آتما جي ڪلياڻ لاءِ پران ڏيڻ کان به نٿا ڊڄن. منصور
…سوريءَ تي چڙهيو پر انالحق جو نعرو بند نه ڪيائين. شمس تبريز بدن جي کل لهرائي پران
…نا، پر ڏٺيءَ کان ڦيرو نه ڪيو. ڪبير، ميران، پرهلاد پرانن جي ڪا به پرواهه نه ڪري
…ڀڳتيءَ ۾ پورا رهيا. ڪن مارڻ لاءِ ڪيترا يتن ڪيا ويا، پر هُو ڊڄي ڪين ويا. پرماتما
…جن جو وار به ونگو نه ڪيو. گرو گوبند سنگهه جي پٽن سر ڏنا پر پران قربان ڪيائون آتما
…جي ڪلياڻ واسطي. مطلب ته آتما پرانن کان به پيارو آهي. گيانوان اهو ڄاڻي سچ تي ٻڌا
…آهن ۽ پرماتما کي پنهنجو ئي آتما سمجهي، هن سان پيار ڪن ٿا، جيئن پاڻ سان پيار ڪبو
…آهي. هُو پنهنجي ۽ پرماتما جي وچ ۾ ڪو ڀيد ئي نٿا ڏسن، ته ڊليوي ڀڳتن کي ڪيئن
…پيارو سمجهن؟ گيانوان انڪري پنهنجي آتما يعني پرماتما ۾ ئي هر وقت يڪمت آهن ۽ اُن
…اُن ۾ ئي هُو ٿو رهي ۽ سنتوش ڀالي آنند ۾ رهن ٿا.

سکمني صاحب ۾ به گروجن فرمايو آهي:

من ساچا، مک ساچا سوءِ- اوڙ نه پيکي ايڪس بن ڪوءِ،
نانڪ اِهه لڇڻ برهم گياني هوءِ.

گيانوان ۾ ڪمت مُور نه آهي. جن جو من سچو آهي، اُنهن جي ٿي وانگي سڀ ٿي
…ڏکي ٿي. هن جو اهو ئي لڇڻ آهي ته جيڪي اندر هوندن، اهو ئي ٻاهر به چوندا، ڪومت
…ڪمت ڏرڪو ڪنهن سان به نٿا ڪن. جيڪو واعدو سان اُسج پول ٿو پولي، اهو سڀ ٻڌ ۾
…وقت ڪداچت ڪين ٿي سگهندو. جيڪو سڀني کي پنهنجو آتما ٿو ڄاڻي، اُهو ڪمت يا
…ڪو ڪيئن ۽ ڪنهن سان ڪندو؟ گيانوان ۾ ڀيد ڀرم ڪجهه به نه آهي ۽ هُو هڪ ٿي
…کي ڄاڻن ٿا، پاڻ ۾ هن جا روپ آهن ۽ پڻ سڀني جيون کي به هن جا ئي روپ ٿا
…ڄاڻن. جنهن جي ورتي آتما ۾ لڳي، اهو پرانن ڏيڻ کان به ڪين ٽرندو، پروڙي آتما
…دور ته ڪندو، جو ته هن اُن سک جو جهڪر پالي ڏٺو آهي، جو پرانن کان وڌيڪ
…. وچارڻ استريءَ کي پرائي پرش مان جهڪر آيو ته هڪي ڪيتري به مار
…ڏي ته به هوءِ اهو ڪر ڪشڪل ڇڏيندي. هن کان اهو جهڪر ڪين وسرندو. ڪلي اُن
…ڪيترا به مڙس ڏک اڇن يا خواري ٿيس. وڏن وڏن ڀڳتن اهو سڌ ڪري ڏيکاريو
…ته ڪيترا به ڪين ڏک مليا ته به هُو يار پرم جي ڏاهن کان نه هٽيا. ملڪ لاءِ به ڪيترا!

۽ ڪيئن ڄمي ڄمندو؟" راجا جنڪ به ڪيس ويدوياس واري ئي جواب ڏنو ته "هي جڳ
سنڪلپ مان اُٿيو آهي، سنڪلپ ۾ ئي اسٿت آهي ۽ وري ڄمي به سنڪلپ
ئي ڄمندو." سوامي شڪديو چيو ته "اهو ته مونکي پنهنجي پتا به ٻڌايو هو." راجا جنڪ
ته "اِن ۾ تنهنجو پتا پاڻ هو ۽ گرو پاڻ نه هو، ان ڪري اُن جو ٻولي اثر نه ٿيو." سوامي
شڪديو اهو گيان پرائي پوءِ ڏهه هزار ورهيه سمير پربت جي غفائن ۾ اُجها جاپ ڪيو
اوم جي ڌني لڳائي، سماڌيءَ ۾ رهيو. اهو آهي گيانوانن جو ڀڄن.

اهو ٻڌي ارجن سوال ڪيو ته انهن چئن پرڪارن جي ڀڳتن ۾ سريشٽ ڪير آهي
ڀڳوان ان جو جواب هيٺ ڏئي ٿو:

**شلوڪ ١٧. انهن چئن مان گياني، جنهن جو چت ايڪاگرتا سان رڳو
مون ۾ لڳل آهي ۽ جو رڳو مون هڪ جي ڀڳتي ڪري ٿو، اُهو سريشٽ آهي
ڇو جو آءٌ اُن گيانيءَ کي اَتينت پيارو آهيان ۽ هو به مون کي اَتي پيارو آهي**

ڀڳوان چوي ٿو ته مون کي چئن ئي قسمن جا ڀڳت پيارا آهن پر گياني سڀني
سريشٽ آهي، ڇو ته هو رڳو هڪ مون ۾ پنهنجو چت لڳائي ٿو ۽ مون لاءِ ئي ڪيس اند
ڀڳتي آهي. ٻيا جي ٽن قسمن جا ڀڳت آهن، تن مان ڪوبه مون سان نت ڀڳت نه آهي
دک وارن جو دک لٿو ته مون کي ياد ڪن يا نه. ڪامنا وارن جي ڪامنا پوري ٿي
مون کي ڏيائين يا نه. جگياسو به ڪيترا وچ ۾ ئي ٿا ٿڪجي پون. رڌيون سڌيون پائي او
وڃيو پون. ان ڪري آهي هميشه مون ۾ لڳل نه ٿيا. رڳو گيانوان ئي مون ۾ هر وقـ
لڳا رهن ٿا ۽ پل پل ۾ مون کي ياد ٿا ڪن. هنن جو من ٻئي طرف وڃڻ ئي نٿو. هو سمجه
ٿا ته سڀ سک آتما ۾ آهي. ٻين ٽن ۾ اها ڀاونا گهٽ ڪا آهي. جيڪڏهن ڪو اول وشـ
روپ جي ٿو اُپاسنا ڪري ۽ ڪامنا پوري نٿي ٿئيس ۽ ڪو چوي ٿو ته شو ڀڳوان مـ
پوري ڪندو، ته وشنو روپ جي پوڄا ڇڏي شو روپ جي پوڄا ڪرڻو. هو اهو نٿو ڄاڻي
وشنو ۽ شو سڀ هڪ سروپ آهن. آهي اَنيه ڀڳت نه آهن. ڪنهن لکيا واري اهو
لکيو آهي ته ٻهراڻ ئي ته ٻين ديوتائن، ديوتائن جي پوڄا اُپاسنا به ڪن ٿا، ڪيئن
سوورج يا رڊر جي، ڪي ٻئن جي، ڪي اندر جي، مگر هو اُنهن کي برهم روپ ته، پر ديو
روپ سمجهي اُپاسنا ڪن ٿا. ڪي جگياسو سرسوتي آدي ديوين جي به اُپاسنا ڪن ٿا،
ڪيئن وديا جلد ۽ سوليءَ طرح حاصل ٿئي. ڌن ڀنڊار جي چاهڻ وارا ڪٻير ديوتا جي يا
ڀڳوان جي ڀڳتي ڪن ٿا، ته جلد ئي ڌن ملي. رڳو گيانوان آهن، جي هڪ برهم جي ڀڳت
اَنيه چت سان ڪن ٿا. ان ڪري ڀڳوان چوي ٿو ته اهي سريشٽ آهن ۽ مون کي اَتـ
پيارا آهن.

شري ڀڳوانءَ ۾ آيو آهي ته گيانوان پنهنجي آتما ۾ اُئي پيار جو ٿو رکي؟ جواب آهـ
ته سڀ کان وڌيڪ پيارو پنهنجو پاڻ آهي. ٻيا پيارا آهن، ڌن پيارو آهي، پوٽا پيارا آهـ

...، نہ تہ اهڙا بہ آهن جي وڏي ڏک ۾ بہ هاءِ گهوڙا، بابا ڙي، اما ڙي ڪانسواءِ واڪ
...ن ٻيو ڪجھ بہ نٿا چون ۽ نہ پرماتما کي ڇڏي ڏيون، ٻيون يا ٻين ديوين ديوتائن جي
...اسنا ڪن ٿا، پر ايشور جو نالو نٿا جپين. نام جپيندي جڏهن ڪين متي ۾ سوڙ لڳو پوي.
...رهان ٿي ڀڳت سڪام ڀڳت آهن يعني ڪامنا ائن، پر گيانوان نشڪامي آهن ۽ بنا ڪنهن
...للب جي ڀڳوان کي ئي پنهنجو آتما ڄاڻي، ڀڳوان ۾ پوري شرڌا ۽ پريم سان ڀڳت آهن
...پرماتما، جو سڀ جو آتما آهي، ان کي ئي پنهنجو مقصد ڄاڻي، سندس ئي ڀڳتي ڪن
... گيانوانن جا هر قسم جا ڏک آڌياتمڪ (شريرجا روڳ)، آڌي ڀوتڪ (چورن، نانگن،
...ن کان ڏک) ۽ آڌي ديوڪ (گرهن جا ڏک) سڀ دور ٿي ويا آهن. پوءِ هنن کي
...لهڻو ڇا جو ٿئي، جگياسا ڇا جي رکن ۽ ڌن پدارٿ ڇو گهرن، جڏهن سڀني پدارٿن جو
...ل آتما هنن کي ملي چڪو آهي؟ آهي هڪ ايشور کي ئي پرم گتي ڄاڻي، ان سان
...ڊ ٿي ويا آهن ۽ پاڻکي ست چت آنند روپ ڄاڻي اکنڊ آنند ۾ ليِن رهن ٿا.

ڀڙهي ٿيو ڀڳتو، گرمک اکر ڀريم جو ؛
ڪڍيائين ڪوري ڪري، نانا جو نقطو ؛
ڪيائين ليکو سڀ سان، چت منجهون چڪتو ؛
سدائين مکتو، سامي رهي سپاڻ ۾.

شلوڪ ١٩. گهڻن جنمن جي انت ۾ گياني پرش "هي سمورو سنسار ...ديو روپ آهي"، ائين سمجهي آپيد روپ سان مونکي پراپت ٿئي ٿو. اهڙو ...تما پرش ڏاڍو دُرلڀ آهي.

گهڻن جنمن جي انت ۾ گيان حاصل ٿيئڻو، ڇاڪاڻ تہ انتهڪرڻ ٿي جنم جنم جي پاپن
...ن جو ملُ چڙهيو پيو آهي، سو يڪدم دور نہ ٿيندو. ان جي لاهڻ لاءِ شُڀ ڪرم
...ن، يگ، تيرٿ اشنان، شيوا، تهل، وغيره) ڪرڻا پون ٿا، جن لاءِ گهڻو وقت کپي ۽
... وقت گهرجي. وکيپ (من جي چنچلتا) اپاسنا يوڳ سان دور ٿي سگهندو. ان لاءِ بہ
...ن مِين هزارين ورهيہ لمبا ڪٿي آهي. جڏهن اهي سڀ ڪري، مل ۽ وکيپ ٻئي
... ڪبا ۽ باقي آورڻ (آگيان جو پردو) رهندو، تہ اهو پورهر شروتري ۽ برهم نيشٺي
... جي اپديش ٿي هلڻ ۽ سندس ڏنل منتر جي جاپ ڪرڻ سان دور ٿيندو. انهيءَ
...يءَ ڪريا لاءِ گهڻيئي جنم کپن. هڪ ئي جنم ۾ هي نٿو ٿي سگهي. پهرين معنيٰ گهڻا ۽
... يعني ئي کان وڌيڪ. ان جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو چڱيءَ طرح يتن ڪري
...ن جنم ۾ گيان حاصل ڪري سگهيئو. جن اڳ شُڀ ڪرم ڪيا آهن، اپاسنا ڪئي آهي
...ن کي هن ئي جنم ۾ گيان پراپت ٿي سگهي ٿو. اشٽاوڪر کي ماتا جي گرڀ ۾ ئي
...ليو هو، ڇو تہ هن پنا ساڌن شُڀ ڪرم ۽ اپاسنا جا اڳين جنمن ۾ ڪري ڇڏيا هئا ۽
...يان ٻاڻڻ رهيل هوس. الله بہ هن پنهنجو انتهڪرڻ گهڻو شُڌ ڪري ڇڏيو هو،

پنهنجون جانيون ٿا قربان ڪن، جو هو سمجهن ٿا ته ان ۾ سندن آتم ڪلياڻ آهي. اهڙن آهي ته پيٽ لاءِ به هو اهي ڪن ٿا، ليڪن جيڪڏهن هو پوريءَ ايمانداريءَ سان ملڪ جي رکيا ڪرڻ ۾ پران ڏين ٿا ته ضرور هو پرلوڪ ۾ چڱو ڦل پائين ٿا؛ مرڻ وقت به هو آنند سان ديه ڇڏين ٿا. لڙائي ۾ اهڙا امولڪ مثال ڏسڻي ٿين ٿا، جن کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان به آنند ۽ اُمنگ ٿئي ٿو. برهم يا آتم آنند جن کي مليو آهي، سي ڀلا سڪن ٻنيان ڪئن پوندا؟

سندرداس ڪويءَ فرمايو آهي:

اندرائي سنگار ڪر چندن لڳاوي انگ،
لاءِ ديکي اندر اُئي ڪام وش ڀيو هي؛
سوڪري هون ڪردمي ۾ جاءِ ليٽ ڪر،
جاءِ آکي سوڪر ڪي من هو ليو هي؛
جيسي سک سوڪر ڪو تيسي سک مکهوا ڪو،
تيسي سک نر پشوءَ ڀکي ڪر ديو هي؛
سندر ڪهت ٻسا ڪر ڀيو برهم آنند سک،
سوئي ساڌو جگت ۾ جيت ڪر گيو هي.

مطلب ته جنهن برهم آنند پاتو آهي، اهو جڳت مان بازي جيتي ويو. نه ته ڪام جو سک يا جنسي ڪو ته جهڙو اندر ديوتا کي اندرائيءَ مان ٿو اچي، جا خوب چندن لڳائي، سينگار ڪري، اهڙوئي سک هڪ سوئر کي پنهنجي ماديءَ مان ٿو اچي، جا گپ ۾ پيل آهي. اهو ڪب ۾ پيل سندس اڳيان لي وڃي؛ يا منش کي زال مان؛ پکين پسن کي پنهنجين مادين مان ٿو ملي. ڪو به لو جيترو به تفاوت نه آهي.

پرماتما سان پريم ڪرڻو آهي ته سندس روپ ڪهڙو آهي، جو ته اصل ۾ ته هر ڪو سندس ئي روپ آهي؛ پر مايا جي پردي ڪري، اسين هن کي ڌار ڪان جدا پيا سمجهون. گيانوانن جو اهو ماياوي پردو هٽي ويو آهي؛ هو پرماتما کي پنهنجو ڌار جائي پريم ڪن ٿا. اهڙن کي پوراج ڪجهه نٿو ڪري سگهي، ڪا ڪن ليکوني نٿو ڀڄي؛ هنن جا سڀ ڏوهه پاپ ناس ٿي وڃن ٿا؛ انهن جو جنم مرڻ جو چڪر ئي پورو ٿي ٿو وڃي.

شلوڪ ١٨. چئني ئي قسمن جا ڀڳت اُدار (سريشٽ) آهن پر گياني ته منهنجو ئي آتما يا روپ آهي، ڇاڪاڻ ته هن جي چت جي ورتي مون ۾ لڳل رهي ٿي؛ مونکي ئي هو پنهنجو آتما ڄاڻي، مونکي ئي سڀني کان اُتم گتي ٿو سمجهي.

ڀڳوان چئني قسمن جي ڀڳتن کي ادار ٿو ڪوٺي، جو ته انهن جا گذريل جنمن ۾ نيڪ ڪرم ڪيل آهن، جو ايشور جي ياد اچين ٿي، ڀلي ڪنهن دکن وقت يا ڪامنا پوري ڪرڻ

ھڙيون ڪيتريون ديويون ۽ ٻارھن ورش ۾ ٿي گذريون آھن، جن کي ۽ ھن جنم ۾ ئي ھ گيان ٿيو. گارگيءَ ۽ جنڪ راجا جي درٻار ۾ وڏا وڏا سوال ڪيا ۽ ڇيائين ته جو پنھن ي ھردي ۾ آتما جو درشن نٿو ڪري، اھو مرد ئي نہ آھي. ڦدرمھ ڪري تہ گيان ۾ ستري پرش جو ڀيد ئي نہ آھي، جو ڪمائي اھو کٽي ٿو.

راجا سکر ڌج ۽ سندس راڻي چوڙالا جو مثال مشھور آھي. ٻئي گڏ ٻنھنجي باغ ۾ ويا ڪين ھڪ پورن گيانوان يوگي گڏيو. مدرواڻيءَ ۽ سمتل سڀاءُ وارو ھو. ھن کي وجي ٻنھي تام ڪيو ۽ شرڌا ڀريہ سان ڪجھ ڀيٽا ۽ رکيائون. سندس گيان ۾ لبا لب ڀرپور ھئو. اندر گيان جون لھرون ھئي اليس، جن چاھيو ٿي تہ ٻين ۾ ۽ وجون. جيئن چندن جي وڻ ي سگند دور دور تائين وڀندي آھي، تيئن گيان ۾ ڀرپور پرش جي سنگ ۾ ۽ گيان پلٽجي رندو آھي. ھن مھاتما راجا ۽ راڻيءَ کي يڪدم گيان جو اپديش ڏنو. ٻنھي کي يوگ ڪمائڻ جو رستو ھڪ جھڙو ڏيکاريائين، پر اڳين جنمن جي ڪمائيءَ جو اثر اھو ٿيو، جو ڻيءَ تہ اھو رستو يڪدم ڪمائڻ شروع ڪيو، پر راجا وشين ۾ ئي لڳو رھيو. رمز ٻنھي ساڳي ملي، پر جيڪا اڌڪارڻ ھئي، ان کي رنگ لڳو. راڻي تہ جلد ئي يوگيشوري وئي، پر راجا ساڌارڻ ئي رھيو. راڻيءَ کي چاھ ٿيو تہ جيڪو آتم آنند مون کي مليو ي، سو راجا کي ۽ ملي، پر راجا کي تہ اڃا ويراڳ ئي نہ لڳو ھو، سو ڪيئن ان طرف ي؟ آخر راڻيءَ ڪيس سنتن مھاتمائن دوارا ويراڳ ڏياريو ۽ ھو وڃي ھڪ ٻن ۾ ارڙھن ھيہ گھور تپسيا ڪيائين. راڻيءَ سوچيو تہ ھاڻي ھن جو انتھڪرڻ شڌ ٿيو ھوندو ۽ گيان اڌڪاري بڻيو ھوندو. آخر ٻاڻ ھڪ رشيءَ جو روپ ڌاري، ڪنڀڪ رشي نالو رکائي س وئي ۽ راجا کي وڃي گيان جو اپديش ڏنائين، جو ٻنھي کي اڳ ھن مھاتما ڏنو ھو. ھا جو اھڙو ۽ يڪدم کلي پيو ۽ ھو سمجھڻ لڳو تہ مان ڪير آھيان. چندن جي خوشبوءِ ھي ٿي ھڪ سرڪي پوئي ٿي، پر اڌڪار آھر قل ملي ٿو. ٻانس ۾ اھا سگند ڪوہ اثر ي ڪري، ٻاقي ٻين وڻن کي اھا چندن بڻايو ڇڏي. اھو اڌڪار جنم جنم جي شڀ رمن انوسار ٿئي ٿو. ڪمائي اجائي تہ وڀندي. ڪنھن تہ ڪنھن جنم ۾ ضرور ڪو اھڙو آتما ملندو، جو رستي تي لڳائيندو. شڪول ۾ ھڪ واريءَ ڪو ودھارلي گھڙي ٿو تہ دھي ۽ دھي، سال ۽ سال اڌڪار موجب ھن کي اُستاد ملي ٿو ۽ آخر ھو اوچي جي تائين پھچي وڃي ٿو.

ارجن جي اھڙي گيانيءَ جون نشانيون ٻڌڻ ٿي ڀڳوان ٻڌائيس ٿو تہ ھو سڀ ۾ مون سدا پرڪرشن جو روپ ڏسي ٿو. ٻيو ڪجھ بہ نٿو ڏسي. مون کي ئي سرو ديوتائن جو و، سرو جو آتما ٿو ڄاڻي، پر اھڙو پورن گيانوان مھاتما ڏاڍو مشڪل ٿو ملي. گيان پراپت تہ اسين سرو ۾ اھو ھڪ نور ٿا ڏسون، جيڪو اسين ٻاڻ ۾ ٿا ڏسون. اھو سڀ گيان شاسترن ھو آھي پر اھڙو سان سڌ ٿي سگھي ٿو. پرماتما سرو وياپي آھي. اھو تہ ھر ھڪ ذرہ ب ۾ آھي، سڀ آسڪ لوڪ اھو سمجھن ٿا، پر رڳو واتن سان ھڪ پس تہ آھي. اھو

پر پرارٻڌ انوسار جنم لکيل هوس. جيستائين انتهڪرڻ ۾ پورن صفائي نہ آهي، تيستائين
ڪٿي وشنو ڀڳوان خود اچي اپديش ڏئي تہ بہ اثر نہ ٿيندو. رنگريز ڪپڙو بہ ڪٿي هوش
هجي، پر جي ڪپڙي ۾ مٽي چڙهيل آهي ۽ صاف نہ آهي تہ هو اُن تي رنگ چاڙهي
نہ سگهندو. گيان رڳو زباني علم کي نٿو ڪوٺجي. سچو گيان تہ آهي آتما کي ڄاڻڻ ۽ ا
جي سمجھ رکڻ. جڏهن اهو گيان حاصل ٿيو تہ پوءِ اهو منش ايشور سان ايڪ ٿي وڃي
جيئن پاڻيءَ جو ڦڙو ڦاٽي ڪانهي دريا يا سمنڊ ۾ هڪ ٿي ٿو وڃي ۽ ڪا بہ جدا هستي
ڪانہ ٿو رکي. جڏهن مصري ۽ جل، جي جدا جدا شيون آهن، اهي بہ گڏجي ٿيون وڃ
تہ وري ڪو بہ ڪين جدا نٿو ڪري سگهي، تہ جيو ۽ برهم، جي اصل کان هڪ آهن ۽ رڳو
ڪري جدا ڏسجن ٿا، سي هڪ واريءَ ملي وڃن تہ ڪيئن وري جدا ٿي سگهندا؟ آڪاس
هڪ آهي، پر جدا جدا دلن ۽ مٽڪن ڪري هر هڪ ۾ جدا جدا آڪاس ڏسجي ٿو،
اهي دلا يا مٽڪا ڀڄي چڙا ٿيا تہ اُنهن وارو آڪاس بہ وڏي آڪاس سان ملي هڪ ٿي ويندو
سون جدا جدا گهڻن جو روپ وٺيو، پر سڀ گهڻا ڳاريا تہ سون ٿي پوندو.

جيڪو بہ شڀ اَلوا اشڀ ڪرم ڪجي ٿو، اُن جو اثر انتهڪرڻ تي پوي ٿو ۽ اهو پڻ ج
۾ بہ ڪم اچي ٿو ۽ جي شڀ ڪرم ڪيل آهن تہ پوءِ اڳتي وک وڌائي سگهجي ٿي. ڪو ڪٿي
پڇي تہ دان پنج آدي شڀ ڪرم اڳين جنمن جي شڌتا جو نتيجو ڪيئن آهن، تہ جواب ا
آهي تہ اهو قدرت جو نيم آهي تہ جي مٿي چڙهڻ لڳاسين تہ ضرور مٿي چڙهندا ويندا
۽ جي هيٺ لهڻ شروع ڪيوسين تہ هيٺ ئي لهنداسين؛ جيئن ڪوهہ ۾ ماڻهو جون ڪنگر
مٿي هلن ٿيون تہ مٿي ئي مٿي وينديون، پر هيٺ لهڻ پيئون تہ هيٺ وينديون. انس
بہ بري پاسي لڳو ۽ برن خيالن ۾ آيو تہ آخر نيچ گتيءَ کي حاصل ڪندو. جن جو من
آهي، اهي وڌندا مٿي چڙهندا. مطلب تہ نيڪ ڪرم ڪندو هلجي ۽ اهو خيال بہ نہ اچ
ڏجي تہ ڪجھ بہ ولرٿ ويندو. جيڪي ڪجي ٿو، سو سڀ ايشور جي درگاهہ ۾ قبول ٿو
ٿو، اهو وشواس هئڻ گهرجي. ٻيا اهو ٿورو مڃن يا نہ، اُن جو بدلو ڏيڻ جي ڪوش
ڪن يا نہ، اُن جو ٿورو جيترو بہ خيال رکڻ اجايو آهي، ڇو تہ ڦل تہ هڪ ايشور ٿي ڏيڻ وا
آهي، جنهن کان ڪجھ بہ ڳجهو نٿو رهي ۽ جنهن وٽ ڪا بہ بي انصافي يا پاسخاطري نٿ
ٿي. شڀ ڪرم نشڪام ٿي ڪبا، تہ ڦل بہ ملندو ۽ انتهڪرڻ بہ شڌ ٿيندو ۽ ڪامنا رک
ڪبا تہ ڪامنا تہ پوري ٿيندي، پر انتهڪرڻ تي ڪو سٺو اثر نہ پوندو. دنيا ۾ اهڙا مث
ڪيترائي ٿيا آهن. اشٽاوڪر ۽ ياڳيولڪيہ جهڙن مهاتمائن گرڀ ۾ ئي گيان پاتو. جنڪ را
جهڙن کي راڄ ڪمائيندي گيان حاصل ٿيو. اهو سڀ اڳين جنمن جي ڪرمن جو ڦل آهي
هن جنم ۾ تہ هنن نہ اهڙو ڪو شڀ ڪرم ڪيو ۽ نہ ڪا اهڙي سادنا ڪمائون، جو اه
اهڙو ڦل ملين. ميران ٻائيءَ هن جنم ۾ ڪهڙا تپ ڪيا، جو يڪدم کيس ڀڳوان ڪرشن
درشن ٿيو، ڪيئن يڪدم هن جي ورتي اُن طرف لڳي ۽ هن جي پياري لئي پڪي
دليءَ ۾ ٽانگ آهس تہ اُن ۾ بہ هن ڪرشن جو درشن ڪيو. سلڀا، مدالسا، گارگي ۽ دميتي

ي پڙهين جون پڙهيون اُن مان پيئون پيدا ٿيون، سو ڇپائين ته هيءَ ستار ڪٿي مون ڪني
ٿو. هتي گهٽولي ڇيس ته ان ڳالهه تان لهي وڃ. ٿيو ڪجهه ڏن پدارٿ گهر. ٻيو هونـ
ڙيو ۽ هتي ڇيس ته ”ڇڱو ٻلا ڪٿي وڃ. ان کي ڪمري ۾ واڙهي ٻاڪ وٽ رکيائين ۽ هو
ڪي هتي ڪتولي سميت مڪان وٽ پهچائي آيا. ڪتولو ۽ هتي اڪيلي ڇڏي هو ستار
ٺي اندر گهر ۾ ويو ۽ سيٺي کي چوڻ لڳو ته اچو اچو ته هڪ قيمتي هيرن جواهرن سان
ڙيل ستار ڏيکاريانو. ڪمري کولي ته ستار جي بدلي هڪ اٺ جي ٽنگ جو ٽڪرو نڪتو.
سڀ حيران ٿي ويا. ڇپائونس ته چوهو ليو آهين ڇا؟ هن ڪين سمرو ورتانت ڪري ٻڌايو
مون اها خود وڃائي هئي. مطلب ته ٻولن جي وس ۾ به اهڙيون ڳالهيون آهن، تڏهن
مايا، جا خود يزدان آهي، ان جي وس ۾ ڇا نه هوندو؟ هڪي ڪجهه ۾ ڏسڻ يا سمجهڻ
ڪجهه ٻيو اچي، ان کي مايا لو ڪرتجي. هڪ بازيگر جي مايا به عام ماڻهو نٿا سمجهي
سگهن، ڀڳو اهو لو سمجهي، جو ڄاڻي ٿو، تڏهن ايشور جي وچتر مايا جو انت يا ڀيد ڪير پائي
سگهندو؟ ڪو ورلو سالڪ جو پيارو اُن مايا کي سمجهي سگهي ٿو، نه ته اُن ته اُنيڪ وڏا
وڏا مهاتمائون به موهي ڇڏيا! سچ ۽ ٻُورن گياني ئي اُنکي سمجهي سگهي ٿو ۽ پوءِ هن
ـي هر هنڌ ۽ هر ڪنهن ۾ اُندر باهر گوبند ئي گوبند ٿو ڏسڻ ۾ اچي. من، واڻيءَ ۽ شريو
ڪري هو ٻيو ڪجهه به نٿو ڏسي. نوڙيءَ ۾ نانگ سمجهڻ، سپي ۾ اُنيڪ پدارٿ ۽
ڇپائون ڏسڻ، اهي سڀ ان مايا جا مثال آهن. ان طرح هي سارو سنسار اُست آهي. من
و ڀرم آهي. واستو ۾ ڪجهه به نه آهي. جڏهن آتما جو گيان ٿيو، ته جڳت جا سڀ درشيه
سپني جي پدارٿن وانگر سمجهه ۾ ايندا. هونداڻي ڪرن، هڪ برهم ئي برهم پسبو. پوءِ
سڀ سنڪلپ وڪلپ دور ٿي ويندا. پوءِ خود اسان جو من به محسوس ڪندو ته اهي سڀ اجايا
ڀرم ۽ خيال هئا. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اهوئي تو اپديش ڏني ته گيان ٻالي سرڙ ۾ مون کي
سو. ۾ اهڙو گيانوان ڏاڍو درلڀ لو ملي.

لاکن ۾ ڪو ڪولي، ڪروڙن ۾ ڪو ايڪ - ناراڻ هر ۾ رسي، ناراڻ ۾ ڪو ايڪ.

اسان جي سنڌ جي برهم گياني ساميءَ به پنهنجي شلوڪن ۾ چيو آهي:

نـر وڪلپ نـسهي، ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو،
جنهن ڏٺو پنهنجي پالڪي، ٻلڪن منجهه ٻهاي،
جـاڳي ڪنهالين جيءَ مـون، سـدا سيهجـي،
بـاليـڻ بـدبهي، رهـي سدالين ڏاهه ۾.

شلوڪ ٢٠. جن جو گيان ڪامنائن ڪسي ورتو آهي، سي منش گهٽيلي
ٻير ورت رکي ۽ پنهنجي پرڪرتيءَ (سڀاءَ) جي وس ٿي ڪري، ٻين
ديوتائن جي پوڄا اُپاسنا ڪن ٿا.

ڀڳوان جڏهن ارجن کي گيانوان جون سڀ نشانيون ٻڌايون، تڏهن ارجن سوال ڪيو
سڀ منش ڇو نه ٿا اهڙي پد پائڻ جي ڪوشش ڪن ۽ اوڻان جي لمڪار ڀڳتي ڪري

جڏهن اُنهيءَ ڪيو، تڏهن اُن تي عمل ڪري سگهيو. اُن تي عمل ڪيو ته ڇا هن سنسار جو ناس ٿيو، جو ته سڀ کي ڀيٽيو آتما سمجهيو، ته ڀوءِ وير ورود، دويش، ڀڃائي، ڪمت، دوکو ڪنهن سان ڪيو؟ لون ۽ مان ڇا جي رهندي؟

گروگرنٿ صاحب ۾ نامديو ڀڳت جو هڪ سندر شبد آيو آهي، جنهن ۾ هيءَ ويدانتڪ سڌانت سڌ ڪمل آهي:

ايڪ انيڪ وياپڪ پورڪ - جت ديکو تت سوئي،
مايا چتر بچتر بموهت - ورلا بوجهي ڪوئي.
سڀ گوبند هئي، سڀ گوبند هئي.. گوبند بن نهين ڪوئي،
سوت ايڪ من شت - اوت پوت پرڀو سوئي. (رهاءِ)
جل ترنگ اوَر ڦين بدبدا - جل تي ڀن نه هوئي،
اِهُ پرپنچ پار برهم ڪي ليلا - بچرت آن نه هوئي.
مٿيا ڀرم اَر سپن منورٿ - ست پدارٿ جانيا،
سڪرت منسا گرو اُپديشي - جاگت هي من مانيا.
ڪهت نامديو هرڪي رچنا - ديکو هردي ٻيچاري،
گهٽ گهٽ، انتر سرب نرنتر - ڪيول ايڪ مراري.

هن شبد ۾ پورن ادويت وچار پيل آهي. هڪ، جو پورن پرماتما آهي، سوئي انيڪ جيون ۾ وياپي رهيو آهي. ڪو سوال ڪري ته گيانوان سمجهن ٿا ته سڀ ۾ برهم آهي، ته ٻيا ڇو نه ٿا اهو سمجهن؟ نامديو چوي ٿو ته اهو اهو ڄاڻندو، جيون کي پرماتما جي انيڪ پرڪارن جي چيٽڪا مايا آهي، اِن موهت نه ڪيو آهي. مايا ڪن ڪن ۾ پلاليل واري آهي، جاڳرت ۾ ته ڇا پر سپني ۾ به پلائي ٿي. جنم جنم جا پردا مايا جا اسان تي پيا آهن. ديوان اسماعيل خان جي هڪ سچي وارتا هن ريت آهي:

هڪ برهمڻ ڀڳت رهندو هو، جو ستار ۽ طبلي وڄائڻ جو چڱو ڄاڻو هو. شهر جي ٻاهران ايرانيءَ ميدان ۾ قبرستان هو، جتي پولن پوڙهن جو واسو هو. انهن ۾ هڪ رات ڪا شادي هئي. انهن خيال ڪيو ته اِن ڀڳت کي وٺي اچون ته ستار وڄائي. اهو خيال ڪري وٺا ڀڳت ڏي. هو ٻاهر ازار ۾ ڪٽولو وڇائي سمهيو پيو هو، جو گرميءَ جا ڏينهن هئا. ڪٽولي سوڌو هن کي کڻي وٺا ۽ قبرستان ۾ وڃي ڪوس جاڳايائون. جڏهن طرف پوڙهو پوت ڏسي هو ڊڄي لڳو ۽ ڏاڍو وياڪل ٿيو، پر هنن چيس ته ”ڊڄ نه. اسان وٽ اڄ هڪ شادي آهي. تون اسان کي ستار وڄائي ٻڌاءِ.“ هن چيو ته ”ستار ته مون کي هٿ آهي، ڪالهه ۽ گهر ۾ رکي آهي.“ پوڙهن کيس چيو ته ”ستار اسين ٿا توکي ڏيون.“ هو هڪ هيرن جواهرن سان جڙيل سهڻي ستار کڻي آيا، جنهن جي قيمت ڪٿڻ ناممڪن هو. هن اها خوب ڀرپور ۽ ڪاريگريءَ سان وڄائي، سڀني کي خوش ڪيو. وڏا سک سان تي گذريو. صبوح ٿيڻ تي هو ته هنن کيس چيو ته ”جيڪي گهرين، سو توکي ڏيون ۽ توکي گهر به ڇڏي اچون.“ هن ڀڳت سوچيو ته هن ستار کان وڌيڪ قيمتي شيءِ ڪهڙي ليندي؟ اها هو ڄاڻندو ته منهنجا ڀڳت پورا ته ڇ

آهر رلندو مري ويو، هڪ خالي ڏيکاري ويو. ڪبير ديهه سوڙو مڪمل لي ويو. نه فقط
ڪاٺ ٽريو، پر اُنيڪ ٻيا اِنسان ٻه ٽاريائين. پرهر گيان جو اُپديش ڪمالي ۽ ٻين ۾ ڦهلائي اَمر
لي ويو. سڪندر بادشاهه ساڍن ١٢ سالن جي راڄ ۾ هڪ سؤ سورهن بادشاهن کي جيتيو،
پر ڪٽي آهر خاڪ جي ڇپتي ٻه نه ويو. لقمان جهڙو حڪيم ڪيس اُلسار جي بيماريءَ مان
ڇڏائي نه سگهيو.

شلوڪ ٢١. جنهن جنهن روپ (يعني ديوي ديوتا، وغيره) ۾ شرڌا ۽
ڀڳتي رکي جيڪو ٻه اُپاسنا ڪري ٿو، تنهن تنهن روپ ۾ مان هن جي شرڌا ۽
پريتي پڪي ۽ اَچل ڪريان ٿو.

هن شلوڪ ۾ سڪام (ڪامنا وارن) ڀڳتن جو بيان آهي، ته جيڪو جنهن مورتيءَ،
ڪر، ديوتا، ديويءَ، جن، ڀوت، پريت وغيره ۾ شرڌا ۽ وشواس رکي، اُن جي پوڄا
اُپاسنا ڪريٿو ته ڀڳوان اُن جي شرڌا اُن روپ ۾ درڍ ڪريٿو يعني وڌائي ۽ پڪي ٿو ڪري
سندس ڪامنا پوري ٿئي. ايشور جي اُپاسنا، آراڌنا آتم گيان ۽ پرم ڌام ڏيڻ واري
ٿي ۽ ٻيون اُپاسنائون ڪامنائون پوريون ڪنديون، ڌرم ۾ پرورت ڪنديون، ڌن پدارٿ
ڏينديون، پر مڪتي ڪين ڏينديون، يعني جنم مرڻ جي دکن کان آجو نه ڪري سگهنديون.
ڪ وسشٽ گرنٿ ۾ وشوامتر راجا جي ڪٿا آهي. وشوامتر لفظ جي معنيٰ لسي آهي
وان. هن جي دل ۾ آيو ته مان ڇٽن لي طرف سرشٽي ڏسان. اڳيي ديوتا جو اُپاسڪ
. اُن اُپاسنا ڪندي هن اهڙي نه سڌي پائي، جو پنهنجي هڪ شرير مان چار ڪري
گهيو. چئني شريرن جو روپ، رنگ قد، اَنگ، سڀ ساڳيا هڪ جهڙا هئا. چئني طرفن
ڪ هڪ شرير سان هليو، پر ڪيترا سال پٺي پند ڪيائين، پر پرٿويءَ جو انت نه پائي
ٿهيو. راجا جا چارئي شرير آهر پورا ٿي ويا ۽ ڪيس هرٽيءَ جو جنم مليو. شري رامچندر
هن وسشٽ منيءَ کان پڇڻ ڪيو ته اهو راجا هاڻي ڪٿي آهي ته منيءَ ٻڌايو ته اهو
ڪان جي آشرم جي ڀرسان ٿي هرٽيءَ جي جون ۾ آهي. هن کي ڀڪرائي گهرايائون ۽
ڪاڻ نه هؤ اصل اڳيءَ جو پوڄاري هو، انڪري اُن وقت ٻه اُلي اڳيي ٻاريائون ۽ اڳين
تا جي اُپاسنا ڪيائون ته هرٽيءَ پرپر وچان ونڀي اڳيءَ ۾ ڇال ماريو ۽ سندس اها ديهي
ونئي ۽ ساڳئي راجا جي شرير ۾ اڳهت ٿيو ۽ سڀني کي نمسڪار ڪيائين. منيءَ ڪيس
ته تنهنجو ناڻو نه هو ودوان، پر تو ڪم مورکن جهڙو ڪيو، جو ايشور جي سرشٽيءَ جو
لهڻ ۾ پنهنجو جنم وڃايو. آتم گيان پنهنجان لڳمن ها ته موکش پائين ها. اُجايو ڀتڪي
جي عمر ختم ڪيو ۽ وري ڀتڪڻ جي عادت ڪري جنم ٻه هرٽيءَ جو مليو. هن مان
ٿو سبق لڪري ته اڳن ديوتا جي ڪيڏي نه ڀاري لپسيا ڪيائين پر ڦل جا پاتائين!
وسشٽ منيءَ جي اُپديش دوارا گيان پرائي، مڪتي حاصل ڪيائين.

هر ڪو مٺس ڀالي سڪ لو چاهي ۾ ڪامي، ڪرودي ۽ لوڀي سڀ ڀتڪيا سڪ ‖

اوهان جا پيارا ٿيون؟ ان جو جواب ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ڏني ٿو ته من ۾ ڪامنائن هيٺ ڪري
معش شڌ ٿي ٻاهر طرف لڳا پورو رهن ٿيون ۽ ٻنهي ڪامنائن ۽ اڇائن جي پوري ٿيڻ واسطي
هو پرماتما کي ڇڏي، ٻين ديوين ديوتائن جي اُپاسنا ڪن ٿا يا ڀُوتن پريتن، ڀيرن، سماڌين
وغيره يا ٻين فقيرن جي پوڄا ڪن ٿا. وڏا وڏا ڪشٽ ۽ تڪليفون سهي، موهني منتر،
وشي ڪرڻ منتر، مرڻ منتر وغيره سکي، انهن سان پنهنجون دنيوي اڇائون پوريون
ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ دشمن کي نقصان پهچائڻ يا مارڻ جون به اڀلاشائون رکن ٿا ۽
الين راجسي يا تامسي اپاسنائون ڪري، ٻين کي دک پهچائڻ لاءِ يتن ڪري، پنهنجي
جيوت وبرٿ وڃائين ٿا. پر ايشور جي شرڻ ۾ نٿا وڃن. سندن اپاسنا انهن دنيوي ڪامنائن
کي پورو ڪري ٿي، پر ڪين آتم گيان، موڪش يا پرم ڌام نٿو پراپت ٿئي ۽ ٻين کي
نقصان پهچائڻ جي ڪري هو هيٺاري اَڌوگتيءَ کي پراپت ڪن ٿا.

ڀمو ڀڳت اصل ديويءَ جو اُپاسڪ هو ۽ ڏاڍي پريم سان ديويءَ جي پوڄا ڪندو
هو. نشڪام ڀاءُ ڪري هن جو انتهڪرڻ جلد ئي شڌ ٿي پيو ۽ هن ۾ جنم مرڻ جي چڪر
کان ڇٽڻ جي اڀلاشا پيدا ٿي. پريم ۾ اچي ديويءَ کي ونيه ڪيائين ته ”هي ماتا! منهنجو
جنم مرڻ جو بندن ٽوڙي، وري ماتا جي گرڀ ڪند ۾ پوڻ ۽ مرڻ جي ڀيڪر دکن کان بچاءِ.“
ديويءَ مان آواز آيس ته ”هي پٽ! مون وٽ رڌيون سڌيون، شڪتيون، شريرڪ ٻل، ٻڌ
۽ جڳ جي شڪتي، ڌرم، ڪرم سڀ آهن، جي ڏيئي سگهان ٿي، پر هڪ موڪش ڏيڻ
جي طاقت نه اٿم. بيو جيڪي گهرڻو هجيئي، سو گهر. اها تنهنجي وڌتي لڳي پوري ڪري
سگهان.“ هن مان ثابت آهي ته پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪو به ديو، ديوتا، جن، ڀوت، ڀير،
فقير موڪش نٿو ڏيئي سگهي. اهي ڌرم، اَرٿ ۽ ڪام (ڪامنا) ٿي پدارٿ ڏيڻ جا
سمرٿ آهن، پر نه چوٿين پدارٿ موڪش جا. ڪلپ ورڪش، جو سرڳ ۾ آهي، اهو رڳو
اَرٿ ۽ ڪام ڏيئي سگهي ٿو ۽ ڌرم نٿو ڏيئي سگهي. ڪامڌينو ڳئو ڌرم به ڏيئي سگهي
ٿي، پر موڪش نه. ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته ماڻهو دنيوي پدارٿن، سرڳ جي سکن وغيره جون
ڪامنائون رکي، ديون، ديوتائن جي اپاسنا ڪن ٿا، پر مون پرميشور کي نٿا پوڄين، جنهن
ڪري هنن ۾ پرم پد پائڻ جي اڇا نٿي پيدا ٿئي. ڀمي ڀڳت کي به ديويءَ چيو ته ”هي
موڪش جي اڀلاشا اٿيئي ته ايشور جي اپاسنا ڪر.“ گيان مارگ ۾ هلندڙ ايشور جي اپاسنا
ڪندڙن لاءِ ڪنهن به دنيا جي پدارٿ جي لاءِ واسنا رکڻ به ورجت آهي. هنن جون سڀ
ڳهرجون ايشور پاڻهي پوريون ڪري ٿو. هو هر وقت اهڙن جو يوگ کيم ڪرڻ لاءِ تيار
ويٺو آهي. جيڪو به هن جي شرڻ وڃي ٿو، اهو ته نهچت ٿي پوي ٿو.

جيستائين پرم جو گيان نه آهي، اوستائين هن سنسار ساگر مان ترڻ اَسنڀو آهي ۽
اهو گيان ستگوروءَ جي ڪرپا سان ملي ٿو. ڪبير ۽ سڪندر هڪ ئي وقت ٿيا آهن.
ڪبير هڪ غريب ڪوري هو، سڪندر هڪ وڏو بادشاهه، پر پڇڻ ڪري ڏسڻ ته اڄ
عزت ڪنهن جي وڌيڪ آهي؟ ڪنهن جو نالو عزت سان ٿو ورتو وڃي؟ سڪندر بادشاهه

وسعت نه آهن ڇا نه ايشور هڪ کان وڏيڪ آهن؟ ان شنڪا جي مٽائڻ لاءِ ڀڳوان هن
شلوڪ ۾ صاف ٿو ڪري ته ڪرمن جو ڦل رڳو هڪ مان ئي ٿو ڏيان، ٻيو ڪوبه سمرٿ نه
آهي، پر جنهن جنهن ديويءَ ديوتا ۾ ڪنهن جي شرڌا آهي، ان کي ان ديوي ديوتا ۾
شرڌا مان ئي ڪري، مان اهو ڦل ڏيان ٿو. اهو ديوي ديوتا پنهنجي سر هن لاءِ ڪجهه به
نه ڪري، جيتوڻيڪ ٻاهران ائين ٿو ڏسجي ته اهو ٿو ڪري ۽ اپاسڪ به ائين ٿو سمجهي.
مطلب ته هر هڪ منش جو اشٽ ديو يا ديوي پرماتما جو ايجنٽ يا هٿيار آهي ۽ ڪرمن جو
ڦل ڏيڻ وارو هڪ پرماتما پاڻ ئي آهي. اِن هوندي به پرماتما کانسواءِ ٻيو ڪوبه اشٽ
ديوتا ڪجهه نٿو ڏئي سگهي ۽ رڳو ڏور، اوسٽ ۽ ڪام اهي ئي ڏئي سگهي ٿو.

شلوڪ ٢٣. پر انهن (ديوين ديوتائن) مان انهن ٿوريءَ ٻڌيءَ وارن
ماڻهن کي مليل ڦل سڀ ناسونت ٿئي ٿو. ديوتائن جي آراڌنا ڪندڙ ڀڳت،
پوڄاري ديوتائن کي پراپت ڪن ٿا، پر مون پرميشور جا ڀڳت مونکي ئي
پراپت ڪن.

هن مان صاف ظاهر آهي ته ڀڳوان جي اپاسنا کانسواءِ ٻين جي اپاسنا يا ڀڳتيءَ جو
ڦل ٿورو ڦل ٿو ڏئي، سو به ناسوان. ڪلي ساري حياتي اهي پڌارٿ هلن، نه به
سڀ وقت انهن جو دکدائڪ وڇوڙو ٿيندو. ڀڳوان چوي ٿو ته اهڙي ناسوان الپ سکن جي
ٿوريءَ مت وارا ئا رکن، جو نه هنن کي پرکڻ لاءِ اهو وويڪ ئي نه آهي. شريرڪ کي
سڀ ڏئي، ڏوڙيون دکائي، منتر جنتر سکياسين يا ٻين کي وس ڪرڻ آئرا هنن کي دک
ماڻڻ جون شڪتيون حاصل ڪيونسين، يا رڌيون سڌيون مليون، ته ڇا ٿيو؟ اهي نه ڪنهن
ڪم آهن، جي مايا جي چڪر ۾ هيڪاري وڏيڪ ڦاسائينديون. آخرت ۾ نه هڪ ٿرڪار
سواءِ ٻيو ڪوبه ساٿي نٿو ٿئي. دک ان جي آراڌنا سان موڪش سميت سڀ پدارٿ
سگهن ٿا ۽ سارو برهمانڊ اسان جو ئي ٿئي ٿو. جن ٻرهم جي اپاسنا ڪري سرهم گيان
آهي، پرماتما ۽ جيئڻ انهن جي ٻليان ٻيو ڦري ۽ هو جيڻ پرميشور جا روپ ئي ٿين ٿا ۽
اهڙي ڀڳت هتان ساريءَ دنيا جو ڪلياڻ ئي سگهي ٿو. جنڪ راجا جڏهن مرڻ کانپوءِ
سوراج سان گڏ پرلوڪ ڏي، ئي ويو، ته واٽ ئي نرڪ آيو، جتي نرڪ واسين دکن وچان
ڪراهت پئي ڪيا، پر راجا جنڪ اتي ٻيو پاڻو نه سهي جا دک دور ئي ويا ۽ هو
ئي ويا. پڇڻ ئي ڌرمراج راجا کي ٻڌايو ته اهو سڀ اوهان جي ايشور ڀڳتيءَ جو پرڀاءُ
. ديوتائن ۽ ديوين جي اپاسنائن ۾ ڪوبه اهڙو ٻل نه آهي. مطلب ته تارڻ وارو رستو
ڀڳوان جي ڀڳتيءَ اپاسنا جو آهي. انهيءَ هڪڙي آدي ديو جي شرن وٺڻ سان اسان
سڀ دک درد ڪليش آپدائون ڪن ۾ دور ئي وينديون. دنيا ۾ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ئي
وٺون ٿا ته هو مدد ڪري ٿو ۽ رکيا ڪري ٿو ته جا ايشور، جو سڀ جو مالڪ آهي،
ڀروسو رکون ۽ شرن وٺون ته هو ڪهڙو ڪندو؟ هو نه اهڙي ڀڳت کي پاڻ کان به
پيارو ٿو سمجهي ۽ سندس ائين ٿو رکيا ڪري، جئن ٻلڪون (ٻچڙن) اکين جو

گهرن، ته سچو سک ۽ موکش ساڻ ئي ملي ٿو سگهي. ان جو مطلب نه هرگز موڪش
جي لاءِ چاهنا رکي. ان ڪان سواءِ ۽ دکن جي نورلي ۽ نت سکن جي پراپتي ئي ڪا
سگهندي، جنهن ۾ ليش ماتر ۽ ورڇ ڪو دک نه لڳي. جو چوري ٿو ڪري. اهو ٻ
سک پاڻ جي ڪامنا ساڻ اهو ڪم نٿو ڪري. ۽ اهڙن کي نه آهر دک ئي ٿو پلئه پوي
ماڻهو جوا تا ڪن، ستا تا هڻن ۽ ٻه ڪمائڻ جي لالچ وچان، ۽ اهو ٻ ڄڃهر نه آهي ۽ انه
مان نه آهر ماڻهو سڀ ڪجهه وڃائي ڪنگال ٿيو پون. پورهيو ڪري ڪمائيندڙ ڪڏهن
دکي نه ٿيندو. سک جي اڇا نه هرگز ٿو رکي. نه رکو انسان، ته جيڏو جست پئي. ۽ ڪيڏ
سچو، دائمي سک پراپت ٿيندو ۽ اهو هوءَ نٿا ڄاڻن.

گيتا رهسيه پستڪ ۾ لوڪمانيه تلڪ لکيو آهي ته هرگز چاهي ٿو ته جيئن مان چاهيان
ليڪن ٿئي نه مان سک ڇڏيان. بالڪ ۽ بازاري شيون گهرندا آهن، جو اهي انهن کي مزيد
ڏسڻ ۾ ليون اچن ۽ هوءَ انهن مان سک جي اميد تا رکن ۽ پر ڄاڻن ٿا نه انهن مان آهر
بيمار پون ۽ دک ئي ٿا پرائين. بار گهر جا سٺا ۽ امرت برابر نهيل پدارٿ نٿا پسند ڪن
جو نه اهي سندن من کي سٺا نٿا لڳن! بزاري شيون، جي دکن ڏيڻ واريون آهن، انه
مان هوءَ سک تا سمجهن ۽ ٻ آهي نه اها ٻارن جي مورکتا. ان طرح معش چاهين ٿا دائم
۽ اڃل سک، ۽ اهو ٻا نه وشيه مان تا پاڻ چاهين ٿا نه ديوين ديوتائن ٻا ٻين جي اپا
ڪري تا هٿ ڪرڻ چاهين ۽ مگر اڪيلو ۽ نت سک ۽ آنند نه هڪ نرهرمان ئي حاصل
سگهي ٿو. اگني، وايو، يم، اندر، ورڻ، ڪبير، ڪنهن جي ٻه اپاسنا ساڻ موڪش
ملندو. ڪو ٻه شاستر اهڙو نيم ڪونه ٿو ظاهر ڪري. راوڻ سنسارڪ اننتي ايڏي ڪئي
جو انيڪ ديو ديوتائون ۽ ديوليون سندس حڪم ۾ رهي، سندس شيوا ڪندا هئا. هڪ
لک جوڌا جوان پٽ هئس ۽ سوا لک پوٽا، پر آخر هٿ ڇا آيس؟ ساري لنڪا سون جي
ٺهرايائين، جنهن ۾ هيرا جواهر ۽ مٽيون لڳل هيون، جن جي روشنيءَ ساڻ رات جو
وغيره ٻارڻ جي گهرج ئي ڪانه ٿيندي هئي، ۽ ايشور جو ڀڄن نه ڪيائين، تہ مرڻ ک
پوءِ نه مهان مورک ٿيو ڪڍجي. شري رامچندر ڪيس سندس سموري لشڪر سميت
ڪري ڇڏيو. انتي چاهجي نه آتمڪ اننتي، جنهن مان مڪتي روپي نت سک ملي ٿو.

شلوڪ ٢٢. اهڙو پرش اهڙيءَ شردا ۾ لڳل رهي، ان ديوتا جي شي
اپاسنا ڪري ٿو ۽ پنهنجون ڪامنائون منهنجي مرضيءَ انوسار ان ديو
مان پائي ٿو.

ارجن جو سوال هو نه ماڻهو ڪامنائن لاءِ ديوين ديوتائن جي اپاسنا ڪن ٿا ۽ ڀڳو
مطلب سڌ ڪن ٿا، ته شاستر ۾ لکيل آهي نه ڪرم جو ڦل رڳو هڪ پرماتما ٿو ڏئي
پوءِ ڪيئن اهڙي سمرلي نٿو رکي، نه پوءِ ديوتائون ڪيئن ٿا ماڻهن جون ڪامنائون پور
ڪن؟ جهڳڙو اهو ڦل ديوتائن وٽان مليل ليکبو نه پوءِ چئبو نه پيا نه شاستر جا وا

ڪرشن کي ٻالڪ کان ئي گهڻو سمجهندا هئا ۽ قدرت جي نگاهه سان ڏسندا هئس.

پر مدد وٺڻ لاءِ جڏهن دريوڌن ۽ ارجن ٻئي ڀڳوان ڪرشن وٽ ويا ۽ ڀڳوان ڪين ڇيو ته هڪ طرف مان اڪيلو ۽ ٻنا هٿيارن جي ۽ ٻئي طرف منهنجي سموري فوج ۽ سڀنا هٿيارن سميت ڏيندي، تڏهن دريوڌن خوش ٿي سندس سڀنا قبول ڪئي، ڇو ته من ۾ سمجهائين ته ڪرشن ٻالڪ ته هڪ لٽ آهي، جو ناچ ڳائڻ ڪري ڄاڻي يا بانسري وڄائي عورتون پرچائي ڄاڻي! جراسنڌ کان ڀڄي ويو ته جولندو ته ڪرشن هڪ ڪمزوري هو. ارجن ڌرم ڀڳوان سان جنگين ۾ هار ٻاٽائين ته به هن جي مهما نه ڄاڻي سگهيو. ڪنس جي درشٽيءَ ۾ هو سندس ڪال هو. اوڌو يا اڪرور جهڙا ڀڳتي ڀيشر اتامه وانگر ٻار برهم پرماتما سمجهندا هئا. ڀڳوان لاءِ چاهيو ٿي ته سڀ سندس واسطو سروپ کي ڄاڻي آنند پراپت ڪن، مگر مورک ڪرشن لاءِ اهين ڪرڻ ممڪن ٿي ڪين آهي. جهڙي پرم ڌام چاهين ٿا، انهيءَ جڳائي ڀڳوان ڪرشن يا ڀڳوان رامچندر کي ساڪيات پرم برهم سمجهي، هن جي اپاسنا ڪن ته ڪين هيئي اتماسي سک حاصل ٿئي. راوڻ مهاپاري ودوان هو، مگر ان هوندي به ٻڌي ٻڙي هئس، جو هن شري رامچندر جي مهما اصل نه ڄاڻي ۽ ڪيس روحي انسان ۽ شهزادو ٻواسي سمجهي ٻئي سائنس ورتاءَ ڪيائين. مطلب ته مورک وڏو اڳ اڙهيل نٿا ٿين، پر وڏا وڏا ودوان ۽ پڙهيل به مهامورک ٿي ٿا سگهن، جيڪڏهن سچ ۽ اسچ جو وچار نه ڪن ۽ پرميشور کي نٿا ڄاڻن. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان جو اهولي جوڙ آهي ته جن جي ٻڌي شڌ آهي، اهي مورک آهن ۽ مونکي نٿا سڃاڻي سگهن.

جهان سمتي، تهان سمپد ناتا ـ جهان ڪمتي ۽ تهان وپت نسداتا.

جن جي شڌ ٻڌي آهي، اهي سڀ پدارٿ حاصل ڪن ٿا ۽ پر جتي ڪمتي آهي، اهي دکون اڇو ڪهر ڪن.

سوال ٿو اٿي ته شڌ ٻڌي ڪيئن حاصل ڪجي؟ شڌ آهار ۽ وهنوار مان ئي شڌ عقل پيدا ٿئي ٿو، جنهن سان ايشور جو يٿارٿ گيان پالڻ گهرجي. اناج جو ٻڌيءَ تي گهڻو ۽ اثر ٿئي ٿو. اُن شڌ نه آهي ته من به ميرو ٿئي ٿو ۽ وڏا وڏا ودوان ان اثر هيٺ برا ڪرم ڪري ٿا وهن. هڪ چور جي اَن کائڻ ڪري هڪ وڏي ودوان برهمڻ جي ٻڌي ڦري ته ڦري ويئي، جو هو بدڪار ۽ دراچاري ٿي پيو. نه فقط اَن جو پر جل جو به اثر ٿو. گهر ۾ ٻاهر رکائيو آهي ته جل سان ڀريل هڪ ڪورو دلو رکيو آهي. اُن جل ۾ جو اثر پوي ٿو ۽ اهو آرمڻ سمان ٿي ٿو پوي، جنهن جي ڀيٽ سان سٺا خيال ۽ من شانتي اچي ٿي. ان ڪري جل به خبرداريءَ سان ڀيٽڻ گهرجي ۽ جتان ڪٿان نه پيئجي. ڏسڻ گهرجي ته ڪٿان پيو آهي، ڪهڙي ڪماليءَ مان اُن تي خرچ ٿيو آهي، گلاس آهي يا نه وغيره. هن ۾ قدرت جي ڳالهه نه آهي، مگر شڌتا ضروري آهي. جنهن هڻن جي پڪل روليه کالون ٿا، اُن جي خيالن جو به اثر اسان جي ٻڌيءَ تي پوي ٿو. ٻڌيءَ لاءِ شڌ کاڌ ۽ پيئڻ ۽ وهنوار به شڌ ۽ صاف گهرجي. اُن سان ڪل ايشور جو

ڏارن جي رکيا ڪن ٿيون.

هن سنسار ۾ ڪوبہ اهڙو انسان نہ آهي، جو چاهي ٿو تہ هاڻي ترت سک ملي،
نوري يا ڪجھہ عرصي کانپوءِ ٿئي. ڏک ڪنهن کي به ڪونہ گھرجي. هرڪو نت سک لاءِ طلب ڪري
ڪامنائن پوري ڪرڻ لاءِ ماڻهو وڏا وڏا يگيہ دان ڪن ٿا. ڪن سرڳہ ۾ ملندو، مگر اهو
سرڳ جا سک بہ آخر ختم ٿيندا ۽ وري ڪنهن مرتيو لوڪ ۾ اچڻو پوندو. منش جنم جو اصل
مقصد آهي تہ نت سک جي ڀنڊار ڀڳوان ڪي ڳولي. دنيا يا سرڳ جي سکن جي ڪابہ چاهنا نہ ڪري
دنيا جا وشيہ سک تہ جانورن، پکين، جيتن، جنتن، ڪانگن، ڪتن کي بہ ساڳيا آهن،
مان انت ۾ تہ ڏک ئي ڏيڻو پوندو آهي.

شلوڪ ٢٤. اوويڪي پرش منهنجي ابناسي اويڪت (جو ڪنهن
پرڪرتي آدي پرمانڻ جي وشيہ نہ آهي) سروپ کي نہ ڄاڻي، مونکي ويڪت
کي پراپت ٿيل (رواجي منش وانگر جنميل) سمجھن ٿا.

ڀڳوان سچ چت آنند سروپ آهي ۽ جنم مرڻ کان پري، نت ۽ ابناسي آهي،
ڀڳوان جو پنهنجو تہ سنساري ماڻهو مونکي واسديو ۽ ديوڪيءَ جو پٽ سمجھن ۽ ڪوشليا جو
پٽ رام جو پٽ سمجھن ۽ منهنجي اصلوڪي سروپ کي نٿا ڄاڻن. اهڙا ماڻهو مورک
ووڪ هيڻا آهن ۽ سچ اصل جي پهچ نہ اٿن. دريوڌن کي ٻي ساري سنسار جا
گڏجي چون ها تہ شري ڪرشن پاڻ پرميشور آهي ۽ هن جي تون اپاسنا ڪر، تہ بہ
ڪين مڃي ها. هن جي نظر ۾ تہ هو هڪ گوالو ۽ گوپين سان رانديون ڪندڙ هو.
ڀيشم پتامہ کي ڪو ڪٿي چوي ها تہ ڪرشن گوال هو تہ هو ڪڏهن بہ قبول ڪين ڪ
ها. هن جي نظر ۾ تہ شري ڪرشن پاڻ پورڻ پرميشور هو.

مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ جڏهن ڀيشم پتامہ تيرن جي سيج تي ليٽيو، جو هو لڏ پانڊون
ساري سڀا کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏي ها، تڏهن ڀڳوان ڪرشن ارجن کي چيو تہ "
۾ ڏاهپ ڪري ڇڏي ڀيشم ڏسي ويهہ." ارجن چيو تہ "اها تہ ڪانئرتا ليکبي، جو هي
پانڊون هوندي پاڻ کي ڀيشم ڏيان." ڀڳوان چيس تہ "ارجن! هٺ نہ ڪر. هي
جو ڪم نہ آهي." آخر هن مڃيو. ڀڳوان پانڊون جي ساريءَ سڀا کي وٺي اهڙو وڃي
ڏنو ۽ انهن بہ سڀني مڃيو، مگر ڀيشم هٺي هو ۽ نہ مڃيائين. ڀڳوان هڪدم پنهنجي پيش
وڃي ويو ۽ جڏهن اچي بہ هن ڀيشم ڪيو ۽ پاڻ ڏي پٺي نہ ڪيائين تہ هڪدم ڪيس پاڻ
ڪري پاڻ ڀڳوان ان پاڻ ڏي ڀيشم ڪئي. پاڻ اٿڪري پنهنجي کي نہ لڳو ۽ ڀڳوان ان
پنهنجي مک ۾ ورتو. ڀيشم پتامہ ان وقت چيو تہ "هي ڪرشن! تون ڌنيہ آهين
تون ئي جيڪو تہ جنهن طرف ڪرشن آهي، ان کي ڪير بہ ماري يا جيتي نٿو سگھي
نہ تہ هي هڪڙو پاڻ پانڊون جي ساري سڀا کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، پر جن
پرماتما پاڻ ساٿي آهي، ان جو ڪير وار بہ ونگو نٿو ڪري سگھي." دريوڌن ۽ د

ي. ان کي سنان ڪرائي، سينگار ڪري گود ۾ رکي کارائيندي هئي، آرام ڪرائيندي
ي. مطلب ته اهڙو پيار ڪندي هئس، جهڙو پياري پٽ کي ماءُ ڪري. ڪا مائي ٻاهران
ٿوس ڪندي هئس ته ”هي ڇولدي هئي ته مان ڪيئن اچان؟ منهنجو ٻالڪند اڪيلو
ندو! مطلب ته اُن ۾ سچو ڀاءُ هوس. ڀڳوان ۾ ته ڀاؤ جو ئي ڀکيو آهي. هڪ ڏينهن اُن
ڌمع شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا ٻڌي ڪئي. اهو پرسنگ نڪتو ته جڏهن شري ڪرشن ماتا
سودا جي ڏڌ مکڻ جي مٽڪي ڀڃي ڇڏي؛ حويليءَ ۾ مکڻ ڪٽي کائڻ لڳو ته جسودا
جس نوڙيءَ سان ٻڌڻ لڳي. اهو ٻڌنديئي اُن مائيءَ کان رڙ نڪري وئي ته ”اڙي
سودا! اهڙي نازڪ بدن ڪنول منهنجي ٻالڪند کي، تون نوڙيءَ سان ٿي ٻڌين! ايئن
ڪر.“ جڻ ته ظاهر هوءَ اهو سڀ اکين سان ڏسي رهي هئي. ايئن چوندي چوندي هن
ن تياڳي ڇڏيا! اهڙو اٿاه سچو ڀاءُ هن جي هردي ۾ هئو. مورتي پوڄا ۾ ان جو سچو
ڀام آهي، اهي ان ۾ ايشور جو ئي درشن ڪن ٿا؛ سندس لاءِ ڪي پٿر ئي ٿا. پر اهو تڏهن
ندو، جڏهن پريم ۽ شرڌا سان سندن ٻڌي نرمل ۽ شڌ ٿي پوي ٿي. ملين ٻڌيءَ وارن
ي اهڙو پريم ڪڏاچت نه ٿيندو.

گرو نانڪ ديو ۽ پرماتما جو پورن اوتار هوا؛ منش چوليءَ ۾ پارلواسين ۽ ٻين ڪيترن
ڪن جي ماڻهن جو ڪلياڻ ڪرڻ آيا هئا. زنده پير، جو سکر ۾ پاڻيءَ ۾ آهي، اٿي هڪ
ع گروجن ٻالي ۽ مرداني سان گڏ ويٺا هئا؛ ڪن پيرن سان پڻ گيان گوشٽ ٿيالون.
ن چيو ته ”اسين مڪي شريف ٿا وڃون.“ مرداني گروجن کي چيو ته ”سائين! اسين
هلون؟“ پيرن خيال ڪيو ته مردانو ته مسلمان آهي، سو ڀلي هلي، پر هي اسان هندن
ڪيئن وٺي وڃون. ان ڪري چپ رهيا. گروجن مرداني کي چيو ته ”ڀائي! هيءَ پير
سان گڏ هلڻ جي صلاح ۾ نٿا ڪن.“ پير ته ويا هليا. مردانو چوڻ لڳو ته ”سائين! مڪو
ڪونه ڏلر!“ گروجن چيس ته ”مردانا! دل انيئي ته وڄاءِ رباب.“ رباب وڄيو. ڪيرتن
. شبد پورو ٿيو ته مرداني کي مڪي جا منارا ڏسڻ ۾ آيا. مردانو واڳرو ٿي ويو. اهي
ته اٿي هڪ سال کان پوءِ پهتا؛ گرو نانڪ اٿي انيڪ الوڪڪ ڪرم ڪري چڪا هئا،
ي ايشوري شڪتي ڪري سگهي ٿي ۽ نه ڪو ٻيو منش.

شلوڪ ٢٥. مان سڀني کي ظاهر نٿو ڏسڻ ۾ اچان، ڇو ته منهنجيءَ يوگ
ا مون کي چوطرف ڍڪي ڇڏيو آهي. موڍ پرش ان ڪري مون کي نٿا
ڻن ته مان جنم ۽ مرڻ کان رهت آهيان.

ارجن کي شنڪا ٿي ۽ سوال ڪيائين ته ”هي ڀڳون! جڏهن اوهان سروويا پڪ آهيو
پد ۽ ايئن ٿا ظاهر ڪن ۽ اوهان ۾ ايئن سمجهايو آهي، ته پوءِ اوهان جو پرڪاش ساري
ـ جي ٻارالين ۾ ڇو نه ٿو ٿئي؟ مهاتمائن جي هردي ۾ ۽ اوهان آهيو، ته پوءِ ٻئي
اوهان جو پرڪاش هڪ جهڙو ليٽا کهڙجي. ان جي جواب ۾ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ فرمائي
ـ هي ارجن! برابر مان سروويا پڪ ۽ پرڪاش سروپ آهيان، پر يوگ مايا سان ورتل

پڇڻ نہ ضروري آهي، ۽ پرماتما جو پڇڻ نہ شڪ ڀڳتيءَ وارن کان ئي سگهندو.
عقلي صاحب شعور - عقلي ڀاڳي مان.

ڀڳوان جا جنم ۽ ڪرم سڀ ديوي آهن ۽ نہ صرف وارئڪ ڪرمن جي ڦل پوڻ لاءِ
پنهنجي مرضيءَ موجب اوتار وٺي سنتن مهاتمائن جي رکيا ۽ مدد ڪرڻ ۽ دشٽن
ناس ڪرڻ لاءِ هن سنسار ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو. شريمد ڀاڳوت جي ڏهين سڪند ۾ ڀڳوان
ڪرشن جي ليلائن جو ڪهڙو نہ پورو پاڻ ظاهر ڪيل آهي! جنم وقت ٿي هو چترڀج
۾ ظاهر ٿيو ۽ ڪنس مڪٽ، پيتنبري مالها، شنک، گدا، چڪر، ڪنول جو گل وغيره
شري رامچندر نہ سانئيي روپ ۾ پيدا ٿيو ۽ پوءِ ماتائن جي چوڻ تي پنهنجي ٻالڪ روپ
رواجي ٻالڪن جهڙي ليلا ڪيو هو. ٻال اوستا ۾ ڀڳوان ڪرشن جهڙيون الوڪڪ ڪرم
۽ وڏا وڏا دئيت ۽ راڪاس ماريا، پوتنا جي ڇاتيءَ مان ڪيو پيتندي، سندس پران
ڪنس ماري ڇڏيائين، گووردن پربت کي چيچ تي کنيائين، اهي سڀ ڪرم ڪوبہ
ٻالڪ نہ ڇا، پر پهلوان بہ ڪونہ ڪري سگهندو. شري رامچندر سمنڊ تي پل ٻڌائي ۽
بہ هٿيارن کان سواءِ رڳو ڏلش ٻاڻ سان راوڻ جهڙي پهلوان ۽ سندس سموري لشڪر
ختم ڪيو. اهو سڀ ڏيکاري ٿو تہ ڪرشن ۽ رام خود پرميشور جا روپ هئا ۽ پورن
هئا. ڀڳوان ۾ پورو ڀاءُ رکڻ ضروري آهي. ان سبب هڪ الوڪڪ دشٽانت شا
آيو آهي:

هڪ سنتوڪي مالهي ٿي گذري آهي. هوءَ ٻال اوستا ۾ پرڻي ۽ جلد ئي ٻالڪپڻ
وڌوا ٿي پئي. ڏس ادار منڌ گهٽو ڪرس. ويچار ڪيائين تہ اهو سڀ ڀڳي ديو جو
ان ڪري اُن جي لاءِ هڪ سندر مندر ٺهرايائين، جنهن هر هميشہ لنگر چالو رهندو
سنسنگ بہ ٿيندو هو. گهڻيئي سنت مهاتمائون بہ ايندا هئا. جنهن ٿلهي تان ڪانءَ پا ٻ
پهڙ ٻالي پيئن ٿا تہ ڪڏهن هنس بہ ايندا آهن، تيئن ان مندر ۾ هڪ ديمي هڪ
مهاتما آيو. هن وٽ ٺاڪر جي هڪ مها سندر مورتي هئي، جا هر وقت پنهنجي
رکندو هو ۽ سمهڻ وقت بہ پنهنجي ڪتولي ۾ رکندو هو تہ اهو بہ آرام ڪري.

مالهيءَ ان مورتيءَ کي ڏٺو تہ هن جو بہ ان ۾ پريم ٿي ويو. چاهيائين تہ اها م
هوند ان جي شيوا ٽهل ڪريان. پر بہ ڪونہ الر ۽ هوند اُن ٺاڪر جو ئي ٺالو ٻالڪ
رکي ڪيس پيو وارئڪو ڀائيان. مالهيءَ مهاتما کان اها مورتي گهري، پر هن چيو تہ مون
لوان ان ۾ آهن، سو ڪي اهڙي مورتي ٿا ٺهرايون. انهن ڪيو ويو. سڀ مورتيون،
ڪاغذ يا پٿر وغيره جا ٿين ٿا، پر جڏهن انهن ۾ ويد منترن موجب پرتشٽا ڪري،
وجهائجن ٿا، تڏهن اهي ٺاڪر جون مورتيون ٿيون ٿيڪن ۽ پوڄا ڪرڻ جوڳيون ٿيون.
ٿي مورتيون يا چٽڙا رکيا آهن تہ انهن ڪي ٺاڪر ٺيڪ ٿيڪي. مهاتما ان مالهيءَ جي
جو بہ سڀ ڪم پنهنجي سر ڪرايو ۽ پوءِ اها مورتي مالهيءَ کي ڏني تہ هان وٺ،
ٻالڪ ٻالمڪند ڀڳوان. مالهي ڏاڍو گدگد ٿي. رات ڏينهن ان مورتيءَ سان پريم

ماري اندر گهوڙڻ لئي هو تہ ڀڳوان ڏٺو تہ هي منهنجو سچو ڀڳت آهي ۽ ڪو ڇل ڪپٽ ۾
نہ اٿس، سو هڪدم يوگ مايا سان ان راجا کي رام، لڇمڻ ۽ سيتا هڪ ٻيڙيءَ ۾ ايندا
ڏسڻ ۾ آيا. ان وقت ملاح کي شري رامچندر چيو تہ هو سامهون منهنجو ڀڳت راجا ڇال ٿو
ماري. سمنڊ ۾ گهوڙي وڃي هن کي ڇڏ تہ رامچندر تہ راوڻ کي ماري سيتا ولي پيو اچي.
لون ٻيهہ اجايو نہ وڃ. هن ائين ڪيو تہ راجا گهوڙي تان لٿو ۽ پنهنجي اِشٽ ديو جو ساکيات
درشن ڪري گد گد ٿيو. چوڻ لڳو تہ، ”سائين! مان تہ هوند هاڻي وڃي راوڻ کي ماريان
ها.“ پرڀوءَ چيس تہ ”پيارا! تڪليف نہ ڪر. مان پاڻ هنکي ماري آيو آهيان.“ ڪاڏي
ترتا يڳ ۽ ڪاڏي ڪلجڳ؟ پر راجا جي ڌارڻا اهڙي هئي ۽ سندس هردو اهڙو پوتر هو،
جو هن ڀڳوان جا سڀ چرتر اکين اڳيان ٿيل پئي سمجهيا. اهو آهي پرماتما جو پنهنجي ڀڳتن
جي هردي ۾ پرڪاش. ٻيمڪ انسان ۾ اهو اُٿو نٿي. ڀڳوان سڀني جي اندر ۾ هڪ سمان
آهي، پر مورکن کي مايا جي پردي ڪري پرڪاش لٿو نٿي ۽ هو درشن نٿا ڪري سگهن.

شلوڪ ٢٦. هي ارجن! جيڪي جيو هن کان اڳ ٿي گذريا آهن، جي هاڻي هن وقت آهن ۽ جيڪي هن کانپوءِ ايندا ۽ ٿيندا، انهن سڀني کي مان ڄاڻان ٿو، پر مونکي ڪير نٿو ڄاڻي.

پنهنجي مايا جو ڀڳوان وڌيڪ مثال ٿو ڏئي تہ ڪئن سندس مايا سڀني لئي پردو
ٿي چڙهيو آهي. لکيل آهي تہ مايا جي گرڀ ۾ جيو کي سڀني جنمن جي سُوجهہ پوي
ٿي ۽ جنم کانپوءِ اها يادگيري آهستي آهستي مٽجي ٿي وڃي ۽ جلد ئي صفا وسارجي
(وسري) ٿي وڃي. ڪي ورلا مهش آهن، جن کي پوئين هڪ ٻہ جنمن جي ڪجهہ
ڪجهہ يادگيري رهندي، نہ تہ مايا اهڙي آهي جو سڀني جو پنهنجن جنمن جو اهو گيان
ڪس ٿي ڪري ڇڏي. شريمد ڀاڳوت ۾ آيو آهي تہ جسودا ماتا جڏهن ڪرشن ڀڳوان کي
ٻال اوستا ۾ چميو تہ ٿو منهن جو ڪاڏي آهي تہ هن وات ٽاڙي کيس ڏيکاريو ۽ چيو تہ ڏس
منهن منهنجي ڪٿي ڪاڏي آهي؟ جسودا اندر نهاريو تہ وات ۾ هن انيڪ برهمانڊ ڏٺا ۽ هوءَ
حيران ٿي ويئي، پر ڀڳوان وري مٿس پنهنجي اهڙي مايا وڌي جو سندس اهو سارو گيان
هڪدم دور ٿي ويو ۽ کيس پنهنجو ٻالڪ سمجهي چوڻ لڳي تہ ”ڇوڪرا اڳتي ڪڏهن بہ مٽي
نہ وجهہ.“ هن وات ۾ انيڪ برهما، وشنو، شو ڀڳوان ۽ ٻيا برهمانڊ ڏٺا، پر
کانپوءِ هڪدم سڀ ڪجهہ وسري ويس! مايا جو مطلب ئي آهي اوديا ۽ ان جو ڪم
آهي مهش کي ڀلائڻ ۽ هڪ جو ٻيو درشن ڏيارڻ. ان مايا جي ڪري اسين سکن کي ڏک
۽ ڏکن کي سک پيا سمجهون. ڪن ۾ تہ مايا جو اهڙو زور آهي، جو هو آتما کي تہ مڃين ئي
نہ ۽ سڀ ڪجهہ پنجن تتن جي پتلي ديهہ کي ٿا سمجهن. هنن جي اندر ۾ اهو ويچار ئي
نہ اچي تہ هن شرير کي ڌارڻ ۽ هلائڻ وارو ڪو ٻيو آهي. هو ائين ٿا خيال ڪن تہ
هن دولت، عزت، سک دک سڀ هنن پاڻ پيدا يا حاصل ڪيا آهن! هو اهو خيال بہ نٿا

هنن سڀ مان اهڙن منش جي هردي ۾ پرڪاش نٿو ڪريان، جي مُوڙهه آهن ۽ منهنجي
ڀڳتي پريم ۽ شرڌا سان نٿا ڪن. مايا آهي شڪتي ۽ يوڳ لفظ جو مطلب آهي سنڪلپ
جا مايا پرماتما جي سنڪلپ مان پيدا ٿي آهي ۽ اُن موجب هلي ٿي، اُنکي يوڳ مايا
سڏجي. پرماتما جو اهو سنڪلپ آهي ته شرڌا ۽ پريم هيڻا منش جي هردي ۾ سندس
پرڪاش نه ٿئي، انڪري ٿي نٿو ٿئي. ڀڳوان جو اهو سنڪلپ آهي ته پنهنجي سچن شر
وارن ڀڳتن کي ٿي درشن ڏيان، سندن اندر ۾ پرڪاش ڪريان ۽ جي بي مک آهن، لڪ
نه ڏيان.

رامائڻ ۾ اهو الهاس پرسنڌ آهي ته شري ڀڳوان جي پتنيءَ سيتا کي يوڳ ليو هو ته شري
رامچندر جي پاڻ ايشور آهي ته پوءِ زال جي وڇوڙ ۾ چونڊ ڙوئي ٿا ۽ ڇو نه ٿي ڪيس
پوي ته ڪير هنکي ڪٽي ويو آهي. جڏهن سيتي سندس پريکيا وٺڻ لاءِ سيتا جو روپ ڌار
شري رامچندر ۽ لڇمڻ اڳيان لنگهي ته شري رامچندر يڪدم ڪيس سيتي چئي ڪمڪار ڪيو ۽
ڀڳوان جو پڇيو. اُن وقت ڀڳوان اهو نه سوچيو ته متان اتري ۾ نه سيتيءَ جو يوم نه وڃ
سو يوڳ مايا سان انهن ليو، جو سيتيءَ کي چوطرف رامچندر، لڇمڻ ۽ سيتا ڏسڻ ۾ آ
جيڏانهن نهاري اوڏانهن آهي نيئي پيئي ڏسي! اهو درشيه ڏسي هوءَ ڏاڍي وياڪل ٿي
ويهي پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته ”هي پريو! مون بي سمجهيءَ ڪان هي سنسو ڪيو آهي.
ڪيس بچنائيندو ڏسي ڀڳوان مايا جو پردو دور ڪيو ۽ هوءَ شري ڀڳوان ومت ويئي. مطلب
يوڳ مايا ايشور جو هڪ هٿيار آهي، جنهن سان هو ڀڳتي نه ڪندڙن کي پرڪاش نٿو ڏي
پاڻ اُنين ڍڪي ٿو، جيئن سورج ڪڪرن سان ڍڪجي ويندو آهي. سچن ڀڳتن جي آ
۾ ڪيئن ڀڳوان جو پرڪاش ٿيئو، اُن تي نه هڪ سندر الهاس آهي:

هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جنهنکي من ۾ شري رامچندر جي چرنن جو ڏاڍو
هو ۽ سچو رام ڀڳت هو. هڪ پنڊت رکيو هئائين، جو ڪيس روز رامائڻ جي ڪٿا ٻڌائيند
هو. راجا اها ڪٿا ڏاڍي پريم ۽ سچيءَ ڌارڻا سان ٻڌندو هو ۽ هڪ هڪ چرتر ۽ ڳالهه
سمجهندو هو، جڻ اکين اڳيان پيئي ٿئي ۽ اُهن ۾ لنئولين ٿي ويندو هو. پنڊت کي ا
خبر هئي، اُن ڪري جڏهن ٻراس وڃڻ ۽ سيتا جي ڪجي وڃڻ جو الهاس آيو، جنه
رامچندر ورلاپ ڪيا آهن، تڏهن ڪٿا جو اهو ٽڪرو هن پڙهيو ٿي ڪونه، جو جاڻائين ته
سهي نه سگهندو. راجا کي نه فقط ٻڌڻ ۽ من جي شڪتي هئي، پر ڌارڻا ڪرڻ جي
پنڊت سوچيو ته راجا نه متان راج ڀاڳ ڇڏي ٻراس نه هليو وڃي. پرماتما جي اڇا
پنڊت هڪ ڏينهن بيمار ٿي پيو ۽ پنهنجي پٽ کي ڪٿا ڪرڻ موڪليائين. ڪٿا ڪند
پرسنگ انوسار هن شري رامچندر جي ٻراس وڃڻ ۽ سيتا جي ڪجي وڃڻ جي وارتا ٻڌائ
راجا اُنين سمجهڻ لڳو ته جڻ هينئر سيتا ماتا کجي ويئي آهي. يڪدم فوج کي حڪم ڏ
ته سيتا ماتا جي کوج ڪريو. راوڻ سان ڌڪ ڪرڻ لاءِ پاڻ به تيار ٿيو. ڪيس گهڻو
سمجهايائون ته اها هزارن سالن اڳ جي ڳالهه وارتا آهي، مگر هن جي سمجهه ۾ اها ڳا
ويئي ته. يڪدم هٿيار کڻي لشڪر وٺي هليو راوڻ کي مارڻ. اچي سمنڊ وٽ پهتو ۽

اڃا ۽ وڏيءَ اوستا کي پهتو ۽ ڪرونڌ واري ورلي ٿيندس ۽ شرير کي ۽ ڪمزور ڪندو. وڏيڪ پٽو ٿيو ۽ وار ۽ اڇا ٿيندس ۽ لٻا لٻا ساهہ کڻندو ۽ سمورو موهہ پنهنجي شرير ۾ پولندس ۽ جو ۽ هڪ نہ پيءِ تڪليف ٿيندي رهندي. پرڏ اوستا ۾ لسرشنا ۽ وڏي ٿي. آخر هڪ ڪمٽ لي مري وڃيتو ۽ سپ وڃي سندس شرير کي جلائي خاڪ ٿا ڪن. پڇاڙيءَ تائين راڳ دويش رهن ٿا. منش جنم ۾ اهي دور ڪرڻا هئا، پر اُن طرف جو ڪو خيال ئي نہ ڪريون ۽ نہ ڀڳوان جي ڀڄن يا ستسنگ ڏي ٿا چت لڳايون! نتيجو اهو ٿو ٿئي جو آخر آتما لسہ هليو ويندو ۽ ڪرمن آهر وڃي ڀين جوڻن ۾ پوندو ۽ دک سک سهندو. پنهنجي رکيو سندس نالو ڪجهہ وقت لاءِ ڪتب وغيره ۾ رهندو ۽ سندس شراڌ ٿيندا، سندس لسع ڪالڱن ۽ ڪن کي ڪجهہ اُن جل وجهندا، پر اُنهن مان ڇا ليو؟ پرپنت ڀين جي ڪرڻ مان ڪجهہ ۽ حاصل نڪو ٿئي. ڪروڙ جي ڪنهن لي ڪا ڪرڻا ٿئي، ۽ واهہ، ۽ لسہ سارو جڳت هن سنسار روپي سمدر ۾ غوطا پيو کائي، اڃائين ۽ راڳ دويش جي جار ۾ ڦاٿو پيو ٻڏي ۽ ترّي.

هنومان جڏهن سيتا ماتا جي خبر لهي شري رامچندر وٽ آيو ۽ ڀڳوان پڇيو ۽ ”هي هنومنت! سيتا وٽان لي آيو آهين ۽ سندس نشاني ۽ آندي آڻيئي، پر اهو ۽ ٻڌاءِ ۽ هوءَ جيئري ڪيئن رهي سگهي آهي؟ مونکان وڇڙڻ لي ۽ هن جا پران ٿي نڪري وڃڻ گهرندا هئا! مونکي ۽ عجب ٿو لڳي ۽ جيڪڏهن مون سان هن جو سچو پريم آهي لسہ پوءِ اڃا تائين حياتي ڪيئن رهي سگهي آهي؟ مڃي لسہ ٻاليءَ ڪالسواءِ ڪداچت جيئري نڪي رهي سگهي.“ هنومان هڪ ڀاري ودوان ۽ پنڊت هو، پر ڀڳوان جي ان سوال جو جواب ڏيڻ کو سؤلو ۽ ڪوٺ هو. تڏهن ۽ جواب ۾ چيائين:

دوهرو: نام پاهرو ڏوس لس - ڌيان ٿهار ڪپاٽ،
لوچن نيچ پد جنترت - جاءِ پران ڪيهہ ٻاٽ.

”هي پرڀوءَ! هوءَ رات ڏينهن اوهان جو نام جپي رهي آهي، جنهنجو منس پهرو آهي ۽ هن ٻالڪي اوهان جو ڌيان روپي دروازو لڳائي ڇڏيو آهي. در ۽ بند ۽ پاهران ۽ پهرو، ۽ جو ڪيئن اندر ويندو؟ وري هر وقت هوءَ پنهنجو سر هيٺ ڪري اکيون پيرن ۾ وجهي ويٺي آهي، ٻئي طرف درشٽي ٻہ نٿي ڪري. اهو شرم ۾ رهڻ جڻ ان دروازي کي ڪلف لڳايو اٿس، ۽ پوءِ سائين! هن جا پران ڪهڙي رستي نڪري وڃن؟“ ڀڳوان اهي وچن ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هنومان پوءِ چيو ۽ ”سائين! سيتا ماتا اهو ۽ چيو هو ۽ منهنجا پران ۽ ڪڏهن جو نڪري وڃن ها، پر اُن ۾ منهنجو قصور نہ آهي، پر منهنجي اکين جو ڏوهہ آهي، جو اهي چاهين ٿيون. ڀڳوان جو درشن ڪرڻ. ان آسا ڪري ساس روڪي بيٺا آهن.“ انڪان پوءِ جڏهن هنومان وڌيڪ چيو ۽ ”سائين! سيتا ماتا ڏاڍي دکن ۽ وڌل آهي، تڏهن ڀڳوان چيو ۽ ”جڏهن هوءَ من، واڻيءَ ۽ شرير ڪري منهنجي شرڻ ۾ آهي، هن کي سپني ۾ ۽ دک نہ لڳڻ گهرجي. ٻون هڻي جو ڪو چوڻ؟ وڃڻ لسہ اٿي لي اچي

ڪن ته جي سڀ ڪجهه شري آهي ته مرڻ ڪانپوءِ ڇونه ٿو اهو شري اڳي وانگر هلي چلي ۽
ڪم ڪار ڪري ۽ ان ۾ ڪا شڪتي هئي، جا هلي وئي. جن کي اهو گيان به نه آهي، انهن
کي اڳين جنمن جو گيان ڪٿان ٿي سگهندو؟ ڀڳوان انڪري چوي ٿو ته رڳو هڪ مان آهيان،
جنهنکي ٽنهي ڪالن ۾ اهي ٿيل جيون ۽ ٿيل ڳالهين جو گيان آهي. پرماتما جي مايا جو
اثر هر هڪ جيو تي آهي، پر جيڪو سندس ڀڳت آهي يا سندس شرڻ وٺي ٿو ۽ جن
جو ٿي تي رهي ٿو، ان کي سندس ٻڌيءَ ۽ من جي اوجلتا انوسار ان مايا جي چار جو پتو
پوي ٿو. اها مرياده پورن ستگروءَ وٽان پرائي سگهجي ٿي، جو ته ان مايا جو ڀيد هڪ
پرماتما ۽ پيو ستگرو ٿو ڄاڻي.

شلوڪ ٢٧. هي! ڀارت سڀ پراڻي اڇا ۽ دويش، مان اُتپن جي، سردي گرمي، دک سک، مان اپمان وغيره جوڙا آهن، انهن ۾ جڪڙيا پيا آهن، جنهنڪري هي دشمنن کي تپائڻ وارا! هو جنم کان وٺي موهه ۾ ڦاٿل رهن ٿا.

ارجن ڀڳوان کان سوال ڪيو ته "سائين! ڪهڙو ڪارڻ آهي، جو ٻلوڪ اوهان جي
ڀڳتي نٿا ڪن ته گيان اهي نٿين، جڏهن ڄاڻن ٿا ته اهو گيان سندن اونداهي اُنهڪري
کي شد ڪري ڪين سک آنند ڏيندو؟" ڀڳوان ان جي جواب ۾ مٿيون شلوڪ اچاري
ته "هي ارجن! سارو جڳت راڳ ۽ دويش ۾ ڦاٿو پيو آهي، جنهنڪري سهيئي دک سک
سردي گرمي، دشمني دوستي، ٻک ڏڪ، هرش شوڪ، انڪولتا پرتيڪولتا، مان اپما
وغيره جوڙا پيدا ٿين ٿا ۽ انهن ۾ لڳي ڪري موٽنڪي وساري وينا آهن. جنهن پدارٿ کي
انسان جي وڻي چاهي ٿي، ان سان اسين پريم ٿا ڪريون، ڪٿي آخر ۾ ان مان ڪليش پراپ
ٿئي ۽ جن کي انسان جي دل نٿي چاهي، ان سان غير يا ٻڇان ٿا رکون، ڪٿي اهي آخر
سکداني هجن. انهيءَ راڳ دويش جي موهه ۾ جڳت جا سڀ جيو جنم کان ئي ڦاسج
وڃن ٿا ۽ مرڻ تائين ان ۾ لڳا رهن ٿا. ورلو ڪو ڀاڳوان ان کان دور ٿيڻ جي ڪوشش
ڪري ٿو. سرشٽيءَ جي آد ۾ نه پورها ۾ نه راڳ دويش هئا. ڪيئن جنم کان اهو راڳ دويش
لڳو ٿو رهي، ان لاءِ گرو صاحب هڪ سندر شبد اچاريو آهي، جنهن جو ارٿ آهي ته ج
ڪانولي آخر تائين ورلي جيو جي ساري ڳالهين ۽ پدارٿن ۾ لڳي رهي ٿي ۽ مالڪ پرمال
نه ياد ۾ نٿو اچي. جنم کان هڪدم ماتا جي کير ۾ موهه ٿو ٿئي. اهو بالڪ کي لڳو ملي
دويش وڃان رني ٿو. وڏڙو ٿيو ته ماتا پتا کي سڃاڻي ٿو. اهي کلندس ته خوش ٿيندو
پيو ڪو کلندس نه رنندو. اهو جنم جنم جو سنسڪار آهي. اڃا ٻه وڏڙو ٿيو ته ٻار، ڀ
ڀاڄائي وغيره ۾ ٻه پيار ٿيندس. اڃا به عمر ۾ وڌيو ته راند روند ۾ موهه ٿيندس ۽ انهن م
هٽائيندس ته روسامو ڪندو. اڃا وڌيو ته ڪاڏي پيتي کهڙي لٽي ۾ موهه وڌندس. مرضي
موجب نه ملندس ته ڪاوڙ ڪندو ۽ دکي ٿيندو. ان کان مٿي ٿيو ته پوءِ شاديءَ ج
لڳندس ۽ ڪام وس ٿيندو. پوءِ گهر ٻار ناهڻ جو موهه لڳندس، جو ته ٻار ٻچا ٿيندس

جا ٻڌندو ته چوري ڪرڻ جهڙي ڏيندو. اسانکي ته اهڙي عرصه ۾ نه آهي. ستسنگ جي مهما اپار آهي، جا ويدن پراڻن، رشين منين ڳائي آهي۔ شري ڀڳوان ٻڌائي آهي، پرهيا لکي آهي، ڀڳوان ڪرشن پاڻ اوڌو کي ورلن ڪئي آهي ۽ ڀڳوان رامچندر لڇمڻ کي چئي ٻڌائي آهي. خير، چور ته مري ويو. ستدس پٽ ته ستدس اهڙي ڪري چوريون ڪندو هو. هڪ ڏينهن هڪ چوراڻل ڪلڙي سر تي کڻي ٿي ويو ته ميدان ۾ ڪٿا پئي ٿي. اتان لنگهيو ته کيس پيءُ جي سکيا ياد آئي ۽ ستسنگ جي آواز کي نه ٻڌڻ لاءِ ڪنن ۾ آڱريون وڌائين، پر اُن کان اول ڪي اکر ٻڌي ورتا هئائين ته ديوتن ديوتائن جا پير زمين تي نه لڳندا آهن ۽ هنن جو پاڇو نه پوندو آهي. هن اها ڪلڙي راڄا جي خزاني مان ڪڍي هئي. اها نه کڻي وڃي گهر ۾ لڪايائين، پر هن کي سان ڪڏ هنکي نه شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ چور نه ستدس پيءُ هاڪارو چور هو. وزير کي ان ڪري هن ۾ گهڻو شڪ پيو، پر ڪا ثابتي ڪانه هئي. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ وزير خيال ڪيو ته هو ديويءَ جو پوڄاري آهي، سو راڻي جو الن بانهن واري ديويءَ جو روپ ڌاري ولس محل جي ڪمري ۾ ويو. چور هنکي ڏسي انکي سچ پچ ديوي سمجهيو. وزير ان روپ ۾ کيس چيو ته "تنهنجو پيءُ منهنجو پوڄاري هو ۽ مون کان ور گهرندو هو. تون نه اُن جو پٽ آهين ۽ منهنجو نه پريمي آهين، سو تون به ور گهر. سچ پچ ٻڌاءِ ته مان توکي محل مان نه ڇڏائي ڇڏيندس. تنهنجي پيءُ کي نه مون گهڻيئي دفعا ڇڏايو هو." هو ٻڪو هو، سو چوڻ لڳو ته مون چوري ڪانه ڪئي آهي. وزير ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هو نه ڊڄي رهيو. آخر چور کي ستسنگ ۾ ٻڌل اکرن جي اچي يادگيري پيئي ۽ يڪدم جاچڻ لڳو ته ڏٺائين ته هن جا نه پير زمين تي آهن ۽ پاڇو نه ستدس بدن جو پيو پوي. پڪ هئس ته ستسنگ جا وچن ڪڏهن نه غلط نه هوندا ۽ هيءَ ديوي جهُڙو آهي. ان ڪري اڳي کان نه اڳرو ٿي چوڻ لڳو ته مون چوري اصل ڪانه ڪئي آهي. آخر وزير کي منس اعتبار ڪرڻو پيو ۽ هنکي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڪڍيائين. اُن چور کي خيال آيو ته ستسنگ جي ٿورن لفظن منهنجو هن طرح ڇوٽڪارو ڪيو، سو جي نه روز وڃي اتي وچن ٻڌان! پوءِ هو ستسنگ ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ سڌاري ڇڏيائين. ستسنگ سان وڏا وڏا ٺڳ، چور، پاپي خوني نه سڌري ويا.

ڀڳوان ڪرشن ارجن کي ٻڌائي رهيو آهي ته دلموهي پيدا ڪرڻ ۾ اچا ۽ دويش حرڻ ڪري موهه روپي دوند (مخالفتي جوڙا) پيدا ٿيندا، جنهن ڪري منش گراوٽ ۾ اچي ٿو ۽ ستدس آتمڪ بل گهٽجي ٿو وڃي ۽ پاپ زور ٿا ٿين. ان ڪري سڀني اندرين کي هميشه شبه طرف لڳائڻ گهرجي ۽ ڀڳوان کان نه ان لاءِ مدد جي هر وقت پرارٿنا ڪندو رهجي.

شلوڪ ٢٨. پر جن پڇ آتمائن جا شُبه ڪرم ڪندي پاپ ناس ٿي چڪا آهن، اهي موهه مان پيدا ٿيل دوندن روپي جوڙن کان ڇٽي منهنجي ڀڄن ۾ دِڙهه ورتي رکن ٿا.

ارجن سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! لوهان جيو آهي ته جن پرڪارن جا ڀڳت اوهانجي الهندا

جتي منهنجو سمرڻ نہ آهي. جهڙڪي ڀيڪ آهن. جتي منهنجو ڀروسو آهي، اتي وهائو جو اچڻ؟" جهڙو مالهو جل ۾ ٻڏو آهي، ان کي گرمي ڪيئن لڳندي؟ جو چالو ۾ وهي آهي، ان کي اُس ڇا ڪندي؟ ڀڳتن کي نہ وڏا وڏا ڪشٽ بہ ڪو دک نٿا ڏين. ه ڪوبہ دک محسوس ئي نٿا ڪن. پرماتما نہ هر سمي ڀڳتن جي رکيا ڪريو، پر جهڙي جنم کان مرڻ تائين راڳ دويش ۾ لڳا پيا آهن، سمرڻ ڀڄڻ نٿا ڪن، انهن کي پرڪاش نه ٿي. وڏن وڏن ڀوڳن ۾ لڳي، هي پراڻي پالڪي اُمر سمجهي ويٺو آهي؛ مرڻ پساد ۾ الس. هڪڙا پدارٿ ملندس ٿا نہ ٻين جي چاهنا ٿو ڪري. واسطو ۾ نہ اسانکي راڳ (پريم هٿ گهرجي پرماتما جي ڀڄن اُپاسنا ۾؛ دويش سنساري ڀوڳن پدارٿن لاءِ. پرڀوءَ سان اهڙ پريم هجي جهڙو مڇيءَ جو پاڻيءَ سان آهي، جنهن ڪانسواءِ هوءَ تڙفي مري ٿي وڃي پرماتما جا گڻ ڳائيندي اهڙو پريم هٿ گهرجي، جو اکين مان پريم جون آنسون ڙهي اسان جا پاپ گناهہ ناس ڪري، هردي کي صاف ڪري ڇڏي. پرهلاد ڀڳت ڀڳوان کا مڪتي ڪانہ گهري، پر چيائين نہ ڪرمن انوسار جتي؛ جنهن بہ جوڻ ۾ جنم وٺان، اتي اوهان جي چرڻ ڪملن جو پريم مون ۾ سدائين رهي. ڪبير ڀڳت بہ چيو آهي:

ڪهہ ڪبير هر چرڻ دکاوو- ناچي ٿي پر ڪيئن نہ ڀناوو؟

"هي ڏلي! پنهنجي اُنهہ ڀڳتي ڏيو؛ چرڻ اسانو، ٻوهہ ٻلي پمراج بہ اچي." اهڙ کي پلا پر ڇا ڪندو؟ منش جنم لہ سڦلو لڏهن ٿو ٿئي، جڏهن سڀ اندرين شڀ ڪرم طرف لڳن؛ من پرماتما ۾ لڳي. هٿ آهن دان لاءِ، شوا چاڪري ڪرڻ لاءِ، پير اُپڪا طرف هلڻ لاءِ يا ستسنگ ۾ وڃڻ واسطي، نيتر سنتن مهاتمائن، ديوين ديوتائن جي درش لاءِ، جو نہ شاسترن انوسار پرماتما جا بہ سروپ سگڻ روپ جا چِنھ آهن: هڪ مدر رڪمل موڙليون، جي اچل سروپ ۾ آهن؛ ٻيو سنت مهاتمائن جي هلندڙ سروپ آهن، انهن جو درشن ٿئي نہ سمجهو نہ ڏيهن سڀاڳو آهي. انهن جي درشن مالو سان ٿي من کي شانتي ۽ سيتلتا ملي ٿي.

ڪن ۾ شڪتي ٻڌڻ جي آهي نہ ايشور جي نام ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ولڀ آهي. جڀ ۾ ڳالهائڻ جي طاقت آهي لہ نام ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ اچارڻ ڪري. ورل رڪنا جي بہ اهائي معنا آهن نہ ڪاڏي ٻيڻي؛ ڳالهائڻ جو سنجم رکي ساري شڪتي ايشو طرف لڳائجي.

ستسنگ جي پرڀاءَ جو هڪ الوڪڪ درشٽانت آهي:

هڪ چور هو. ان مرڻ وقت پٽ کي اُپديش ڏنو نہ چوري ڪيئن ڪجي آهي. سـ ڊنگ ان جا سمجهاڻي ٻڌائي؛ جو ڪيس اهو بہ ڏهن لعمن ڪرايائين نہ جتي ستسنگ ڪٿا وارتا ٿيندي هجي، اتي ڪڏاچت نہ وڃج. جي لاچاريءَ ڪان ان هنڌ پرسان لنگهڻ پوي نہ ڪن ۾ آڱريون وجهي لنگهج، جيئن ڪجهہ ٻڌڻ ۾ نہ اچئي. اهڙي هرت ا چور کي ستسنگ جي پرڀاءَ جي هئي. ڇاڪاڻ ٿي نہ سندس پٽ هڪ ۾ اڪر بہ ستسنگ

پليان گل چاڙ جڻا پيا ۽ نڪتا ۽ لوهه ٻس لي ويئي. گروجن ڏيکاريو ته ٢٥ سالن جي سنسڪ ۽ اپديش کانپوءِ هيترنيءَ سنگت مان رڳو پنج جڻا سر ڏيڻ لاءِ نڪتا. گروجن ته هنن جا سر ڪونه لاٿا هئا ۽ رڳو شش جي پريکيا وٺي رهيا هئا. آخر انهن پنجن کي پنج پيارا ڪري پوڄيائون ۽ هنن کي امرت پياري وري پاڻ هنن جي هٿان امرت پان ڪيائون.

وسشٽ منيءَ ته شري رامچندر کي چيو آهي ته ڪٿي امرت اڳيان هجي، پر جي اُن ۾ امرت جي پاونا نه آهي، ٻڌيءَ ۾ ڀرانتي آهي ته اُن مان امرت جو پورو ڦل ڪين ملندو. راجا هرشچندر ڪيڏو نه سَت ڌرمي هو! ڌرم لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪيائين. راڄ ڀاڳ ته ڏنائين، پر ڏڪڻا ڏيڻ لاءِ زال ۽ پٽ وڪيائين ۽ پاڻ ۾ وڪڻي هڪ چنڊال وٽ غلام ٿيو، پر سَت تان نه ڪريو ۽ ڏڪڻا جي رقم پوري ڪري ڏنائين. پنهنجي پٽ روهت جي مرڻ تي سندس لاش کي ۾ مالڪ جي ٻڌل پڌڌهان ولڻ ڪانسواءِ شمشان ۾ ساڙڻ نه ڏنائين. چيائين ته "پرابو منهنجو پٽ آهي، مگر هن وقت مان مالڪ جو نوڪر آهيان. اُن جو اهو حڪم آهي." سندس من وياڪل ٿيو، سندس زال به دکي ٿي، پر هُو ڌرم تان نه هٽيو. وشوامتر رشيءَ سندس اهڙا پريکيا ورتي، جنهن ۾ هو پوري طرح پاس ٿيو ۽ پوءِ کيس سڀني ديوتائن درشن ڏنو، سندس پٽ کي جيئرو ڪري مٿس گلن جي ورکا ڪيائون ۽ سندس خوب ڀش ڳاياٿون.

پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ دردتا جي سخت ضرورت آهي، نه ته ڪاميابي مشڪل ٿيندي. درڍ ورتي رکڻ بلڪل ضروري آهي. ڪيترا پسُون به پنهنجي سڀاءَ ۾ درڍ آهن، ڪٽي سندن اهڙا دردتا هسڪ آهي. شير هڪ دفع چنبو هڻندو ته اهو خالي نه ويندو. ڪارپهر نانگ جنهن سان وير رکندو ته اُن کي نه ڇڏيندو. ڀڳتيءَ ۾ به اهڙي ورتي هئڻ جڳائي. ڀڳوان رام پتا جي آگيا پالڻ لي ڪيترو نه درڍ رهيو، جو سندس گرو، سهرو، پرجا پاڻ ۽ خود ڪيڪئي ونس ٻن ۾ وڃا نه هاڻي موٽي ايوڌيا هلو، پر هُو پتا جي وچن سَت ڪرڻ ۾ درڍ رهيو ۽ سڀني کيس ڏن ڏن چيو. سيتا ماتا جي پتيءَ ۾ ڪيڏي نه دردتا هئي، راون جا هيترا دک سنائين، راوڻ وٽ پاند رهي ته به من ته لنڪيس! جي ڌرو ۽ هيبت ۾ ٿي ها ته اڄ نالو به ڪونه ياد رهيس ها.

امرداس سائين ٧٢ ورهين جي ڄمار ۾ ١٢ سال پنهنجي گرُو انگد صاحب جي کهڙي ۾ کلن من لڳائي دردتا سان شريڪ شيوا ڪئي! سندس ڪٽنب جا ڀاتي ۽ کيس مهڻا ڏيندا هئا، ڇو ته سندس ڀائٽيو گرو انگد صاحب جي نياڻيءَ سان شادي ڪيل هو ۽ پاڻ گروجن جو سيڻ هو، مگر اُن ڳالهه جي ڪا پرواهه نه ڪري هنن شيوا ڪئي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان درڍ لشچي جي مهما ورنن ڪئي آهي، جا سندس ڀڳتيءَ ۾ بلڪل ضروري آهي.

شلوڪ ٢٩. جيڪي پرش پڌايي، موت آدڪن کان ڇٽڻ لاءِ منهنجي شرن وٺن ٿا، اهي برهم تت کي يٿارٿ روپ سان ڄاڻن ٿا ۽ ڪرمن کي به سمجهن ٿا.

ڪيا: دکي، جگياسو، ڪاما وارا ۽ گياني پرش. پوءِ اهي چارئي ته ضرور موھ کان
ڇٽل هوندا؟ پوءِ ڪيئن ٿا چئو ته ساري سرشٽي اگيان ۾ پيئي تي ڀٽڪي؟ ان جي جواب
۾ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ فرمائي ٿو ته فقط اهي، جن جو انتهڪرڻ صاف ٿئي ٿو، سي هن
موھ يا اگيان ۾ نٿا ڦاسن. اهڙن کي سڀ اُسٽ جو وچار ٿئي ٿو ۽ ورلي پرماتما ۾ درڍ نشچي
تي، جيئن پرهلاد ڀڳت تي ڪيترا ئي دک ڪشٽ آيا ته به هو نه لڏيو. هيود سندس پ
دشمن ٿي پيو، استاد ڪيس اُبتي سکيا ڏيڻ لڳو، مگر پرهلاد جي ورلي اندر جي
صفائي ڪري اهڙي ته پڪي هئي جو رام رام جپڻ کان سندس من مُور نه هٽيو. جيئن آفيمي
کي روز پوري وقت تي نيم سان آفيم نٿو ملي ته هو تڙپي ٿو، تيئن نام جپڻ لاءِ ب
تڙپ هئڻ گهرجي. دنيوي عاشق معشوق ليلا مجنون، سهڻي ميهار، شيرين فرهاد ب
ڪهڙو نه هڪ ٻئي سان پڪا هئا، جو انيڪ مصيبتون سٺائون ۽ هڪ ٻئي تان جانيون
قربان ڪري ڇڏيائون. دنيوي پريم ۾ به اهو ضروري آهي. جڏهن هڪ ماس جي
ٺيڪي لاءِ ٿو سڀ ڪشٽ سٺو وڃي، تڏهن ڀڳوان جي ملڻ لاءِ ڪيئن نه اهڙا درڍتا ضروري
ليندي؟ گرو گوبندسنگهه هن بابت هڪ وچار ظاهر ڪيو آهي. هڪ وقت ديوان ۾ ٻلڪل
وڏا وڏا راڳي رباني ايندا هئا ۽ راڳ چوندا هئا، جن ۾ ڪيترا مزاجي عاشقن جا قصا به هوندا
هئا. گروجن کي اهي عشق سان پريل راڳ به وڻندا هئا. ڪن پراڻن سکن کي اهو پسند ن
ايندو هو ته دنيوي عاشقن جا راڳ دربار ۾ ڳائجن. اندر ۾ گروجن تي هو ڪٽرڪ ڪرڻ لڳا
جيتوڻيڪ ظاهري ڪجهه نٿي چيائون. گروجن ته انترجامي هئا. هڪ ڏينهن اکيا ڪيائون
ته اڄ رات جو به ديوان لڳندو ۽ ساري سنگت حاضر ٿئي. ان رات جو ڏاڍي اچي برسات
پيئي ۽ ٿڌ ۽ هوا به لڳي. ساري ديوان ۾ ٻه چار ماڻهو مس آيا. ٻئي ڏينهن جڏهن ديوان
لڳو ۽ ساري سنگت روز وانگر آئي ته گروجن پڇين ته "ڀائي! رات جو ڇو نه آيا هئا؟"
جواب ڏنائون ته "سائين! سخت ٿڌ، هوا ۽ ورلي بارش هئي." مهاراج جن چيو ته "بس
هڪ ڏينهن جي برسات ۽ ٿڌ کان ڊڄي سٽسنگ ۾ نه آيا، باقي اعتراض انهن عاشقن جي
ساراهه تي ٿا ڪريو، جي سر جو سانگو نه ڪري هڪ ٻئي سان ملندا هئا! سهڻي ڪهڙي
دل جي پرواهه نه ڪري درياهه ۾ ٽپي پيئي ۽ جان ڏنائين، پر پريتم ميهار وٽ وڃڻ ۾ دل
نه وڌائين." وهواري پريم ۾ به اهڙي درڍتا ۽ قرباني تي گهرجي ته ڀڳوان سان ملڻ ڪو سولو
آهي؟ دنيا ۾ انيڪ استريون تي گذريون آهن، پر تالو انهن جو اڄ قائم آهي، جن پرماتما
سان درڍ پريتي رکي سندس ڀڄن ڪيو. لهڻي کي گرو نانڪ ديو پنهنجي گادي بخشي
سو ته هن ۾ پاڻ لاءِ درڍ وشواس ۽ پڪي شردا ۽ شيوا ڀاءُ ڏسي. گرو گوبندسنگهه سکن
جي پرکيا لاءِ وساکيءَ ڏينهن ڀاري ديوان لڳايو. ڪرڙو ويس ڪري، تلوار هٿ ۾ جهلي
سنگت کي چيو ته "جنهنکي سر ڏيڻو هجي، سو نڪري مون وٽ اچي." اول ته ر
هڪ دارام ڪيتري نڪتو. ڪيس اندر تنبوءَ ۾ وٺي ويا ۽ اتان خون جي ڌارا وهڻ لڳي
ورلي وقت سان لبرل تلوار کڻي باهر اچي چيائون ته اڃا گهرج آهي. آخر هڪ ٻئي

وڃي ڪرندو هو، ان ۾ ڪٿي ٻهار ٻو. راجا آيو ۽ يڪدم دستن لڳڻ ڪري ڪاڪوس ۾ ويو. سندس سڀ گند هيٺ ان صراف نوجوان جي پرسان ۽ ڪجهه مٿان پوڻ لڳو. هو ڇپ ڪري سهڻ لڳو، جو ڪجهه نه وس نٿي هليس. راجا نه هر هر گهڙيءَ دفعا ڪاڪوس ڪيو ۽ هن جوان جا سڀ ڪپڙا لٽا مٿهن مٿو گند سان پورجي ويا ۽ هو بدبوءِ وچان بيهوش ٿي ڪري پيو. راجا آخر جڏهن بس ڪئي ۽ آرام ڪرڻ لڳو ته رانيءَ داسيءَ کي چيو ته هن جوان کي ڪڍي وٺي اچ. هن کي ڪڍي خوب اشنان وغيره ڪرايو ويو، کيس نوان ڪپڙا نه پهرايا ويا. عطر ڦليل سنگهائي کيس چاق ڪيو ويو. هو دليون ڪٿي واپس ويو، جو ان وقت وڏيڪ نوسڻ جوڪي وارو هو، جو راجا اچا محل ۾ نئي هو. رانيءَ نه چيس ته چڱو ٻئي دفعي مان توکي گهرائيندي يس. ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ رانيءَ وري هن کي نياپو موڪليو ته مال ڪٿي اچ، پر هن جواب ڏياري موڪليو ته ”مان اهڙو موڪ نه آهيان، جو هيترا ڪلاڪ اهڙيءَ جڳهه ۾ بيهوش ٿيو پيو هوس ۽ مس مس جان بچي آهي، سو وري اوڏانهن هلان. مان مور نه هلندس.“ ويچار جي ڳالهه آهي ته اهو صراف جو پٽ ڪير آهي، راڻي ڪير آهي ۽ اها داسي ڪير آهي؟ صراف جو پٽ آهي جيو، راڻي آهي وديا يا مايا ۽ داسي آهي ٻُڌي. ان صراف جي پٽ يعني جيو کي ٻڌيءَ ڦاسائي مايا جي جار ۾ وڌو، جنهنڪري هو ۹ مهينا ۽ ۹ ڏينهن ماتا جي گرڀ روپي گند ۾ اٿو لٽڪي ڪشٽ ڀوڳي سهي. صراف جو پٽ هڪ دفعي جي آزمودي مان ٿي سبق پرائي ويو، پر اسان جيو ته انيڪ جنمن ۾ اهڙا ڪشٽ سهي آيا آهيون پر اجا نه سبق ٿا سکون ۽ نڪرڻ کانپوءِ وري نه ساڳيو ٿي ان مايا روپي رانيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسندا ٿا رهون. نه فقط گرڀ جو دک آهي، پر جنم ۽ مرڻ ۽ پوڙ اوستا جا دک نه ڀاري آهن. ڀڳوان چوي ٿو ته جيڪي هي دک ڄاڻي منهنجي شرڻ وٺن ٿا، اهي ئي موٽڪي ڀورڪيءَ طرح ڄاڻن ٿا ۽ منهنجي ولٽڪاري لاءِ موٽڪي سمرن ٿا.

هنن ٻن شلوڪن مان هيءَ ويهاڪيا رکيو ۳۹ شلوڪ جي اڌ جي آهي. باقي ڏيڍ شلوڪ جي ويهاڪيا ۸ اڌياءَ ۾ ارجن سوال ڪندو، جن جو ڀڳوان جواب ڏيندو، ان سان گڏ ڏيندي. جوان جو مطلب آهي ته سڀئي دکن کان ڇٽڻ لاءِ سندس شرڻ ۾ اچڻ ضروري آهي.

شلوڪ ۳۰. جيڪي مون کي ئي اڌيڀوت، اڌيديو ۽ اڌي يڳيه ڄاڻن ٿا،
اهي انت ڪال وقت به، پنهنجي ورتي مون ۾ جوڙي، پنهنجو چت مون
۾ لڳائي، پراڻن جو تياڳ ڪن ٿا.

اڌيڀوت يعني استول طرح لِٽن جو گيان، اَڌي ديو يعني مانسڪ طرح ديوتائن جو گيان
۽ اڌي يڳيه يعني يڳن جو گيان. جيڪي اهي سڀ هڪ پرماتما ۾ ٿا ڏسن ۽ ان ڀاونا
سان سنڌس اپاسنا ڪن ٿا، اهي مؤت وقت به درڍتا سان ڀڳوان ۾ ورتي لڳائي، آخر
پرم پد پائين ٿا. اَٺاويهين شلوڪ ۾ اهو ڀاءُ ڏيکاريل هو ته جن جا اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن
ڪري اَنتهڪرڻ موهه کان آجا ٿيا آهن، سي ئي ايشور ۾ درڍ ورتي رکي سگهن ٿا. هنن
شلوڪن ۾ ڀڳوان وڌيڪ ٿو سمجهائي ته هو سمجهن ٿا ته دنيا جا سک دک اَٽوا پداپي ۽
مؤت جا ڪشٽ ڪليش سڀ پرماتما جي شرن وٺڻ سان دور يا هلڪا ٿي وڃن ٿا. اهڙا
پرش ئي سچو گيان پائي ٿا سگهن ۽ سکي ٿين ٿا. مدش جي سموري آيو ڏينهن راءِ گذرڻ
سان پوري ٿيندي ٿي وڃي، ڪال وينو نهاري ته ڪڏهن اها ختم ٿئي ته مان چنبو هڻي
پنهنجو شڪار هٿ ڪريان. ڪال کان ڪيئن بچجي، اهو نئي خيال ڪرڻ سياڻپ آهي.
مرڻ وساري وڏن وڏن ڏنڊن، واپارن ۽ اَنسنن ۾ لڳي عمر وڃائي رهيا آهيون ۽ جنم مرڻ
جا دک پيا سهون. انهن کان ڇٽڻ لاءِ ڀڳوان چوي ٿو ته اهي منهنجي شرن ۾ اچن ٿا، جيڪي
ٻڌيمان آهن يعني جدڪي سنڌس پوريءَ طرح گيان ٿيو آهي.

هڪ راڻي هڪ دفعه سرديءَ وچان پنهنجي محلات جي ڪوٺي تي اس کائي رهي
هئي. محل تمام اوچو هو، ان ڪري راڻيءَ جي نظر پري پري تائين آس پاس وارن مڪانن جي
ڪوٺن اسٽ پئي پيئي. هڪ جڳهه جي ڪوٺي تي هڪ سندر نوجوان ويٺو هو. راڻيءَ جي
ورتي رجوگڻي هئي. هن کي ڏسي مٿس موهت ٿي پيئي. داسيءَ کي چيائين ته اهو صراف
جو پٽ، جو ڪوٺي تي ويٺو آهي، ان کي محل ۾ وٺي اچ. کيس چئج ته راڻيءَ کي ڪجهه
هيرا جواهر کپن، سو کڻي هل. داسيءَ به لالچ وچان ڌرم اَڌرم جو ويچار نه ڪيو ۽ راڻي
اڳ ئي ڌرم وساري ويٺي هئي. داسي وئي ان صراف جي پٽ وٽ. هن ويچاري کي
ته ان داءُ پيچ جي ڪا خبر ڪانه هئي. انهن ڏينهن ۾ اهو رواج هوندو هو ته بزازي
صراف وغيره وڏن وڏن مڪانن ۾ ڪپڙو، هيرا جواهر، گهه ڳنا وغيره کڻي وڃي ڳالن کي
ڏيکاري وڪڻي ايندا هئا. اهو جوان به ۵-۷ دٻليون هيرن جواهرن ۽ موتين جون کڻي راڻي
وٽ ويو ۽ کيس ڏيکارڻ لڳو ۽ قيمت به ٻڌائيندو ويو. راڻيءَ جو ته مطلب ٻيو ئي هو، س
ديو ڪرڻ لڳي ۽ من ۾ پاپ جا اَنسنا ڪرڻ لڳي. ايتري ۾ راجا جي اندر اچڻ جي ه
آئي. راجا کي پيٽ ۾ سور هو، ان ڪري جلاب ورتو هوائين. راڻيءَ ڏٺو ته راجا صراف کي
ڏسي ڪاوڙبو، ان ڪري داسيءَ کي چيائين ته هن کي ڪٿي وڃي لڪائي ڇڏ. صراف
ڏنو. آخر لڪڻ ۾ داسيءَ هن کي ڪاڪوس ڀرسان جو ڪمرو هو، جتي ڪاڪوس جو ڪ

سڄ اها آتما ست چت آنند سروپ آهي يا ڏيهه آهي يا جيو آهي؟ ڪي من کي به آتما ٿا ڪوٺين. ڏيهه کي به ڪنهن هنڌ آتما ڪوٺيو ويو آهي. اڌياتمڪ ڏک جو ته مطلب آهي آتما جي آسري جو ڏک ملي. ڏک ته شرير کي ٿا ملن، ان ڪري اِئين آتما جو مطلب شرير ليو. ست چت آنند سروپ جو آتما آهي، اُن کي ڏک ڪيئن ملي سگهندو؟

(٣) **ڪرم ڇا آهن؟** ارجن پڇي ٿو ته اوهان جو چيو ته مهنجا ڀڳت ڪرمن کي ڄاڻن ٿا، سو اهي ڪرم ڇا آهن؟ گرامر موجب ته **ڪرم** لفظ جو ارٿ آهي جو ڪيو وڃي. پشدن ۾ ڪٿي ڪرم لفظ جو مطلب يگيه، دان، تپ وغيره آهي، ۽ ڪٿي وري ڪرم يگيه جدا ڄاڻايل آهن. اهي ڪرم، جي ڀڳت ڄاڻن ٿا، اهي ڪي جدا آهن يا يگيه آدي ڪرمن کي ئي ٿا ڪرم ڪوٺيو؟

(٤) **اڌيڀوت ڇا کي ٿو ڪوٺجي؟** پنجن ڀوتن يا تتن ۾ ڌرتي، جل، واءُ، اگني آڪاس، انهن کي جو آسري ڪري يعني جو انهن جي آسري استٿت رهي ٿو، اُن کي ڀوت ٿا چون يا انجو ٻيو ڪو مطلب آهي؟

(٥) **اڌي ديو ڪير آهي؟** جو ديوتائن جو آسرو وٺي اِستٿت آهي، اهو ڇا آهي؟ ديوتائن جي ڏيان وغيره کي اَڌي ديو ٿا ڪوٺيو يا ٻيو ڪو مطلب آهي؟ اوهان چيو ته هان جا ڀڳت ٻين کي به ديوتائن جي پوڄا ڪندا ڏسن ته پوءِ اَڌي ديو ڪير آهي؟ اوهان پيو يا اِندر آدي ديوتائون يا سورج چندر وغيره ۾ وياپڪ چيتن؟

(٦) **اڌي يگيه ڇا آهي؟** ويدن ۾ آيو آهي ته يگيه نالو آهي وشنو ڀڳوان جو. وري هان ٻڌائي آيا آهيو ته يگيه لاءِ جيڪي ڪرم ڪجن ٿا، انهن کان سواءِ ٻيا سڀ ڪرم بدن روپ آهن. اِئي يگيه جو ارٿ، آهي ڀڳوان ۽ نڪر خاص ديوتا. ان ڪري هن جو مطلب ٻڌايو ته هن شرير ۾ يگيه جو آسرو وٺي جو استٿت رهي ٿو، سو اَڌي يگيه ڪير آهي؟ ڪنهن ديوتا جو اهو نالو آهي يا پاربرهم جو؟ اهو شرير ۾ آهي يا ٻاهر؟

(٧) **ڀڳتن جو انت ڪال:** اوهان جو چيو ته انت ڪال وقت اهي مون ۾ پنهنجي چت لڳائي، پران ڇڏين ٿا، سو اُن وقت اوهان هنن کي درشن ٿا ڏيو يا ٻيو ڪو اُمرتو جي ڌيان جو آهي؟ ٻالي، شبري ۽ جٽايوءَ ته شري رامچندر اڳيان پران ڇڏيا هئا، ڀڳت به ائين ٿا ڪن ڇا؟ اُن وقت ته سڀ اِندريون ڏک ۽ ڪليش وچان وياڪل ٿين ۽ من به ساوڌان نٿو رهي، پوءِ هو ڪيئن ٿا اوهان جو ڌيان ڪري سگهن؟

ارجن ڪل ست سوال هنن ٻن شلوڪن ۾ ڪيا آهن، جن جو جواب ڀڳوان ايندڙ شلوڪن ڏيندو.

ڳوان چوي ٿو:

شلوڪ ٣. اهو جو اِبناسي ۽ پرم سريشٽ (سڀني کان اوچو) آهي، ان "برهم" ٿو چيو وڃي. اُن برهم جو جيڪو سڀاءُ آهي [چيتن، سوُيم پرڪاش،

اڌياءُ اٺون

اڪشر برهم يوگ

ارجن هن اڌياءَ جي پهرين ٻن شلوڪن ۾ ستين اڌياءَ جي پوين ٻن شلوڪن ۾ ٻڌايل
ڳالهين بابت ست سوال ٿو ڪري جن جا جواب ڀڳوان کيس ڏيندو.

ارجن پڇيو:

شلوڪ ١. هي ڀڳوان! (١) اهو برهم ڇا آهي، (٢) اڌياتم ڇا کي ٿ
چئجي، (٣) ڪرم ڇا آهن، (٤) اڌيڀوت ڇا آهي ۽ (٥) اڌي ديو، جنهن ک
چون ٿا، اهو ڇا آهي؟

شلوڪ ٢. هي مڌسودن! (٦) اڌي يڳيه يعني يڳيه جو سوامي ڪير آهي
۽ ڪٿي ۽ ڪيئن ٿو رهي ؛ (٧) جن يوگ سادنائون ڪري من کي قابو ڪي
آهي، اهي انت ڪال وقت ڪيئن ٿا اوهان جو سمرن ڪن؟

(١) برهم ڇا آهي؟ هن سوال مان ارجن سمجهڻ ٿو چاهي ته برهم نرآپاڌڪ (اپاڌي
رهت) آهي يا اُن جي ابتڙ ساپاڌڪ (اپاڌيءَ سان)، نرليپ يا ليپائمان؟ برهم ۾ ڪرتاپڻ
جو لوليش آهي يا نه؟ سورج جو عڪس گنگا جل ۾ به پوي ٿو ته گندي پاڻيءَ يا مل مو
۾ به پوي ٿو. پاڻيءَ جي شڌتا يا مليمتا سان سورج کي ڪجهه به اثر نٿو پوي، اهو نرليپ
آهي. اهڙيءَ طرح برهم سڀني ۾ واسو ڪري ٿو، پوءِ ڪٿي هو پوتر هجن يا اپوتر، مهان
هجن يا نيچ پاپي. واسطو ۾ ته برهم نه فقط جيئرن جنتن ۾ آهي، پر مڙدن ۾ به ؛ جڙ پدار
۾ پڻ؛ نه ته سرووياپي ڪيئن ليکبو؟ پر هو ڪنهنجو به ساڌڪ نه آهي يعني ڪنهن سان
لوليش نٿو رکي. لڪڻ مڙ ڪاٺيون آهن. ڪوڙيءَ به صورت ۾ هجن، ننڍيون، وڏيون
چوروس، گول، پر اگني سڀني ۾ سمان آهي، پر اها ڪنهنجي ساڌڪ نه آهي. پر سامانيه رو
سان سڀني ڪاٺين ۾ آهي. جڏهن اگني ظاهريءَ طرح پيدا ڪجي ٿو ته هوءَ نقصان به ڪري
ٿي يا ڪو ڪارج سڌ ڪري سگهي به ڏئي ٿي. ساڌڪ به ٿئي ٿي ؛ ٻاڌڪ به. اصل
۾ برهم ساڌڪ ٻاڌڪ نه آهي، پر جڏهن اهو روپ رکيو ته پيدا ڪرڻ، پالڻ وغيره وار
اپاڌيءَ وارو ليکبو، نه ته نرآپاڌي آهي.

(٢) اڌياتم ڇا آهي؟ ارجن هن لفظ جو صاف مطلب ٿو سمجهڻ چاهي. هن ل
جو اکري ارٿ آهي، جو آتما کي آسري ڪري. ارجن پڇي ٿو ته اوهان جو چيو ته م
جا پڪسي اڌياتم کي ڄاڻن ٿا، سو اڌياتم نه ٿو آتما کي آسري ڪرڻ واري وسعتن يا هي

ناس ڪري سگھي ٿو. جو سمجھي ٿو ته آتما مري يا ماري ٿي، اهو مورک آهي. اهو سڀ گيان ڀڳوان ارجن کي ٻئي اڌياءَ ۾ ڏنو آهي. برهم جو ته ست چت آنند سروپ آهي، ان ڪري نِرُپاڌڪ آهي. اُپاڌيون سڀ اگيان مان ٿين ٿيون ۽ گيان ٿي انهن کي مٽائيندو. آتما (برهم) نرليپ آهي، جيئن پاڻيءَ ۾ ڪنول جو گل. اهو ڪڏهن به ڪمزور يا ناس نٿو ٿئي. اپنشدن ۾ آيو آهي ته آتما آهلاد سروپ آهي يعني پورن آنند سروپ. جاگرت، سپن اوستا ۽ سشوپتيءَ اوستا ۾ به ساکي آهي.

آد سچ، جگاد سچ، هئه ڀي سچ - نانڪ هوسي ڀي سچ.

جنهن برهما دنيا پيدا ڪئي، اهو به ته آخر ناس ٿي ويندو ته پوءِ ڇا رهندو؟ رڳو هڪ برهم پرماتما ئي ست رهندو.

اونده ۾ لوڙيءَ کي نانگ ٿا سمجھون پر ان لوڙيءَ ۾ نانگ ته نه اصل ۾ هو، نه اسان جي ڏسڻ وقت هو ۽ نه پوءِ ٿي هوندو يعني ٽنهي ڪالن ۾ ڪونه هو، پر اونده ڪري اسان کي ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ان طرح اسين وري برهم کي اَست ٿا سمجھون، ڇو ته ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر هو ته اسان جي اگيان وقت به ست هو ۽ ٽنهي ڪالن ۾ ست آهي.

چت: چت جو مطلب آهي جو ڪر نه ٿئي، لڪي نه وڃي. سورج رات جو اسان کان لڪي ٿو وڃي، چنڊ ڏينهن جو نٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر برهم اکنڊ پرڪاش آهي. هن جو پرڪاش سڀني ۾ هر وقت، هر حالت ۾ هر هنڌ هڪ جهڙو رهي ٿو. هو جوتين جي جوت آهي. سورج، چنڊ، تارا سڀ ان کان پرڪاش پائين ٿا ۽ هو ڪنهن کان به پرڪاش نٿو وٺي.

آنند: آتما آنند سروپ آهي. اسانکي جو ستسنگ ۽ ڌيان ڪرڻ وقت آنند اچي ٿو، هو به من ۾ آتما جي عڪس پوڻ ڪري آتما مان ٿي اچي ٿو. جيئن سورج نڪرڻ تي ڪي انسان چڱا ڪرم ڪن ۽ ڪي برا. ان لاءِ سورج جوابدار نه آهي، تيئن ڀڳوان ارجن کي سمجھائي رهيو آهي، ته برهم به ڪنهنجي ڪرم جو جوابدار نه آهي. اهي ڪرم جيڪو ڪو ٿو ڪري ۽ هوءُ ئي جوابدار آهي.

آڌياتم: ڀڳوان چوي ٿو ته برهم جو جيڪو سڀاءُ آهي، انکي اڌياتم ٿو چئجي. هن ... جدا جدا ٽيڪا ڪندڙن جدا جدا رايا ڏنا آهن. هر هڪ شيءِ، پدارٿ يا جيو جو جدا جدا سڀاءُ ٿئي ٿو. ڪيم جو، زهر جو، امرت جو، باهه جو، برف جو، نانگ جو، سنتن جو، مورکن جو، لوهيءَ جو، مطلب ته هر هڪ جو سڀاءُ يا گڻ پنهنجو پنهنجو آهي. ان طرح برهم جو سڀاءُ آهي ست چت آنند سروپ هئڻ. برهم جو اهو به سڀاءُ آهي ته ڪيترو به ڪو ڪوڙو، برو، دراچاري هجي، پر پرماتما جي شرن اچڻ سان ۽ دنپ، ڪمت ڇڏي الهه ڀڳتي ڪرڻ سان پرماتما هنکي ساڌو ڀڳتي ٿو ڇڏي. نانگ جي اندر زهر آهي، ان ڪري جنم کان مرڻ تائين ڏنگ هڻڻ جو سڀاءُ رکي ٿو. چندن جو سڀاءُ آهي خوشبوءِ ڏيڻ، ڪير هنکي ڪهاڙو هڻي ته ان ڪهاڙي کي به هو خوشبوءِ ڏئي ٿو. گلن جو سڀاءُ به آهي سگند ڏيڻ. گل جهڙي سکيو ته به سگند ڏيندو ۽ ڪيس هٿن ۾ مهٽبو ته به

پرم آنند سروپ، هن مٿيا شرير ۽ انتهڪرڻ جو آسرو وٺي هن شرير ۾ ڀوڪتا
روپ سان ورتي، آتم روپ سان استٿت ٿيڻ] اُنکي "ادڀاتم" چئجي ٿو. جن
اُپاون سان پـراڻي ماتر جي اُتپتي ۽ پالنا ٿئي ٿي [يگيه، هوم، دان، تپ
وغيره، جي ديوتائن کي ارپن ڪجن ٿا]، تن کي "ڪرم" چئجي ٿو.

برهم: هن شلوڪ ۾ برهم لاءِ "اڪشر" لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن جو گرام
موجب ارٿ آهي جنهن جو ناس نه ٿئي. برهم اُبناسي، سرو وياپي، ٻاڻ کي پـاڻمهي پرڪاش
ڪندڙ ۽ هر چيز ۽ هر جيو جو آدي ٻج آهي. هڪ وستو ناسونت آهي، جا ناس ٿي وڃ
ٿي ۽ ٻي آهي اوديا، جا گيان ڪري دور ٿئي ٿي يعني جنهن جو اُڀاءُ ٿو ٿئي. اِ
سچ ٻچ نه اصل هئي ڪانه پر اوديا ڪري پئي ڏسڻ ۾ آئي. جو ناس به نه ٿئي ۽ جنه
جو اُڀاءُ به نه ٿئي، اهو آهي "برهم". هوُ انڪري نراُپاڌڪ آهي يعني هن ۾ ڪرتاپڻ
جو ڪو لوليش به نه آهي. هوُ اَڪرتا آهي. اُپائڻ، پالڻ ۽ ناس ڪرڻ اهي ڪرم ايش
جا آهن ۽ ايشور روپ ۾ اهو برهم اُپاڌڪ ليکي سگهجي ٿو پر نه اهو برهم، جو هر هن
جي اندر واسو ڪري ٿو ۽ جو اُن ٻار برهم جو انس آهي. آڪاس هڪ هوندي به جدا ج
ليکجي ٿو. هڪ آهي مها آڪاس، جنهن ۾ سارو برهمانڊ اچي ويو آهي. ٻيا آڪاس (ٻول
جدا جدا اُن جي اندر آهن، جيئن هر هڪ ڪمري ۾ يا هڪ هڪ ٻولن ۾ سرووڙن، ٿلاڙن
ڪوهن ۾ به جدا جدا آڪاس آهن، جن ۾ اهي ٻيئا آهن. ٻار برهم مها آڪاس وانگر آهي
ٻيا برهم جي جدا جدا شريرن ۾ آهن." اهي ننڍن ننڍن آڪاسن وانگر آهن. هن ۾ اُپاڌ
جو لوليش به نه آهي. هوُ اَڻين وياپڪ آهي، جيئن گلاب جي گل ۾ خوشبوءِ ۽ بادامن
روغن. اهي اُنهن جي ذري ذري ۾ آهن.

اڪشر جو ٻيو ارٿ به آهي يعني جو سڙي ۾ رهي يا پرويش ڪري ٿو. لوهه جو گ
باهه ۾ وجهي لهانبو لـ آهي هوُ اگني جهڙو ڳاڙهو ٿي پوي ٿو، جاڪاڻ لـ اگني هن
ذري ذري ۾ پرويش ڪري وڃي ٿي ۽ هوُ بلڪل اگني روپ ٿي وڃي ٿو ۽ اِهن ٻـر
اگرن جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چاندوڪيه اُپنشد ۾ آيو آهي ته ياگيه ولڪيه منيءَ پنهنجي
گارگيءَ کي ٻڌايو آهي ته اِن اڪشر جي حڪم اَندر هي سرڳ، ڌرتي، آسمان، ٻا
سڀ پنهنجي پنهنجي حد ٻيئا آهن يا قائم رهن ٿا. هوُ اُبناسي آهي ۽ ڪو به رنگ ر
نه اٿس. اُرجن سوال ڪيو ته ويدن سمرتين ۾ "اوم" کي به "اڪشر" ڪوٺيو ويو آ
ڀڳوان اڳتي هلي ڪيئن ٻڌائيندو ته اِلي "اڪشر" جو مطلب "اڪر" آهي يعني اوم "لفظ
پر هن شلوڪ ۾ اڪشر جو مطلب آهي جو ناس نه ٿئي يعني برهم. اوم جو اڪر لـ مها
وقت نه رهندو، جو ته اُن وقت نه ويد پراڻ شاستر سمرتيون سڀ ڪر ٿي ويندا ۽ نه اُن
جا پڙهڻ وارا رهندا، مگر برهم يعني آتما ته سدا چت آنند سروپ آهي ۽ مها پرلي ۾ بـ
روپ ٿي قائم هوندو. هن کي نه ڪو ماري سگهي ٿو، نه تلوار يا بندوق سان ڪٽ

ڀڳوان کي نهايت پيارا لڳن ٿا ۽ هر وقت ياد رهن ٿا. اهڙن ئي ڀڳتن پيارن ستپرشن لاءِ ڀڳوان چوي ٿو ته مان ڍيل ڪانه ڪريان ٿو، ٻيو ڪوبه سبب ڪونه آهي. هڪ راڪس ڪل جي انسان کي رگهو شرن اچڻ تي ڀڳوان ستت تو ڪوني. اهو ئي ڀڳوان جو سڀاءُ آهي. نه فقط ڀڳوان اِئين چيو، پر ڀيشڻ به چيو ته ”اچڻ کان اول منهنجي اَڀلاشا هئي ته لنڪا جو راڄ ليان، پر هاڻي اوهان جي درشن ڪرڻ سان اها ڪامنا ئي ناس ٿي وئي آهي ۽ رگهو اوهان جي ڀڳتي ٿو چاهيان.“ پر شري رامچندر ته هڪدم سمنڊ جو جل گهرائي کيس راڄ تلڪ ڏنو ۽ لنڪا جو راڄا ڪري ڪونيو. اڃا لنڪا فتح به ڪانه ٿي هئي. لنڪا فتح ڪرڻ کانپوءِ به ڀڳوان اول کيس راڄائي تي وهاري پوءِ سيتا ماتا کي پاڻ وٽ گهرايو! ڀڳوان ڪرشن به پنهنجي شرن ۾ آيل متر سدامي کي ٻنا گهرڻ جي ڪيڏو نه ڌن پدارٿ ۽ محلات ڏئي ڇڏيو. مطلب ته سڀڪو پنهنجي سڀاءُ انوسار هلي ٿو.

جي ڙڏ آپ، سي ڙڏيري دات.

پرماتما جي ساڪار روپ جو سڀاءُ آهي دَيالو، ڪرپالو ٿيڻ. نراڪار برهم جو سڀاءُ آهي ست چت آنند روپ هئڻ.

ڪرم: اَرجن جو ٽيون سوال هو ته ڪرم ڇا آهن ۽ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته جن اپاون سان پراڻي ماتر جي اُتپتي ۽ پالنا ٿئي ٿي، اُن کي ڪرم ٿو چئجي. جيئن ته يگيه، هوم، دان، تپ وغيره. جن ڪمن ڪرڻ سان پراڻي جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچن ٿا، پوءِ اهي خراب هجن يا چڱا، انهن کي به ڪرم ٿو ڪوٺجي. پر هن شلوڪ ۾ ڪرم لفظ جو مطلب آهي اهي ڪرم جي ديوتائن کي اَرپن ڪجن، جن ڪري پراڻي اُٿن ۽ پالن ٿين ٿا. دان، تپسيا، يگيه وغيره جو وستار سان اُپديش اڳير ئي ئي آيو آهي. ڀڳوان اڳتي چوي ٿو:

شلوڪ ۴. جيڪي ناسونت پدارٿ آهن، اُنهن سڀني کي اڌيڀوت ٿو سڏجي. هن شرير ۾ جو آدي پرش (هرڻيه گرڀ) رهي ٿو، اُن کي آدي ديو ڪوٺجي ٿو. هي اَرجن! هن شرير ۾ رهندڙ وشنو روپ ”آدي يگيه“ مان واسديو ئي آهيان.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻين ٽن سوالن جا جواب ٿو ڏئي:

اڌي ڀوت: برهم کي ڀڳوان ”اڪشر“ ڪونيو يعني جو ناس نه ٿئي. ان طرح جي ڀوتن کي ڀڳوان ”کشر“ ٿو ڪوٺي يعني جو ناس ٿئي، ڪمزور ٿيندو وڃي. جيڪو وارث پيدا ٿيو آهي، اهو ناس به ضرور ٿيندو. جنم آهي ته مرڻو به ٿيندو ۽ مرڻ کانپوءِ ٻيهر جنم به. جيستائين گيان پراپت ٿئي، تيستائين جنم مرڻ جو چڪر هليو ايندو. پنجن تتن مان جيڪي به ڪجهه لهي يا پيدا ٿئي ٿو، اهو سڀ آخر ضرور ناس ٿيڻو آهي. ٻاري برهمانڊ ۾ سڀ شرير يا وستون پنجن تتن مان ئي جڙيل آهن. انڪري سڀ ناسوان آهن. انهن کي اَڌيڀوت ٿو ڪوٺجي. ويدن ۾ صاف آيو آهي ته سارو سنسار پرماتما مان

هتن ۾ سگهندو ڏيندو. پارس لوهه کي سون ڪري ٿو. پوءِ کڻو ته اهو لوهه ڪمزور، خراب
سڙيل هجي. ڪتاني کير کي ڦٽاني ٿي ڇڏي. ان طرح هرڪو جيو ته سپاءِ الوسار هلي
ڪرم ڪري ٿو. تنهن اڌياءِ ۾ ارجن سوال ڪيو هو ته سنساري جيو جاڻن ٿا ته اندرين ڪ
قابو ڪرڻ ۾ سک آهي ته پوءِ ڇو نه ٿا سڀ ائين ڪن؟ ڀڳوان جواب اهوئي ڏنو هوس
اهو نيڪ آهي، پر سارو سنسار سپاءَ ٿي بدل آهي. ان سپاءَ کي اڌيائم ٿو ڪوٺجي.

بالميڪ کڻو نه ظالم ۽ گهاتڪ ڦورو هو، پر سنتن جي سنگ ماڻ ڪري هتن ج
ملڻيل منتر "رام رام" کي ابتو "مرا مرا" جپڻ سان به ڪيڏيءَ نه اوچ پدويءَ تي پهـ
۽ رشي ليکجڻ ۾ آيو! اهو پرماتما جي نام جو سپاءُ آهي. سنتن مهاتمائن جي سنگ ۾ و
وڏا چور، ڌاڪو، خوني به سڌري سنت ٿيو پون ۽ ٻين جي سنگ ۾ وڏا وڏا ڀڳت
چڱي ڪل جا ماڻهو به ڪري ٿا پون. ڪسنگ ۾ پوڻ ڪري هدس جهڙا پرش به ڪانـ
ڪـان بدلو ٿيو پون. ڪرنيءَ سنگت ۾ سپاءُ بگڙي ٿو پوي ۽ انسان اڌوگتيءَ کي پاڻي ٿ

جڏهن راوڻ وٽان ڀيشڻ ٻي عزتو ٿي اچي شري رامچندر جي شرن پيو ته ٻانـدر
جي راجا سگريو خيال ڏيکاريو ته هن جي پريکيا وٺي، پوءِ اُن کي رهڻ ڏجي ۽ اوسيتائ
ڪيس ٻانڌ رکجي، ڇو ته هو راڪس آهي. ان وقت ڀڳوان پنهنجو سپاءُ ورنن ڪيو ۽ چ
ته منهنجي شرن ۾ جيڪو پيءِ پيت ٿي (ڊڄي)، ڪهت دوکو ڇڏي سچيءَ دل سان اچ
ٿو، اهو کڻو ته پاپي، ڪونو پا پرو هجي ته به مان هنکي هردي سان لڳايان ٿو ۽ ه
ساڌو ٿي پوي ٿو. رامائڻ ۾ تلسيداس اهو هن طرح ورنن ڪيو آهي:

سنهه سکا نج کهوُن سپائوُ - جان ڀشند سيهوُ، ڪرجائرو؛
جو نر هوءِ چراچر دروهي - آوي سيهه شرن لک موهي؛
تج مد موهه ڪهت ڇل نانا - ڪرئون سڌ تيهه ساڌوُ سمانا.

ڀيشڻ کي به ان وقت ڀڳوان هن رمت چيو:

جنني، جنڪ، بـنڌوُ، سـت، دارا - تن ڌن، ڀوَن، سهرد پـريوارا.
سـب کي ممتا تـياڳ بتوري - مـم پـد منهه ٻانـڌ بـر ڊوري.
سردرشي اچـا ڪڇ نانهين - هرش شوڪ ڀـيــ نهين مــن مانهين.
اُس سجــن مـم اُر بس ڪئسي - لـوڀـي هـردءِ بـسءِ ڌن جئسي.
تـم سريکي سنت پـريــ مــوري - ڌروُن ديهه نهين آن نهوري.

هي ڀيشڻ! ماتا پتا، متر، پتر، استري، تن، ڌن، گهر ٻار، پيارا، پيارا ڪٽنب
اهي جي ممتا روپي ڌاڳا آهن، سي سڀ ڪٽا ڪري، انهن جي هڪ ڏوري ڌن
پنهنجو من اُن ڏوريءَ سان مون سان ٻڌي ڇڏ. اهڙي سچي شرن پوڻ جي نشاني آه
رکيو ٻاهران مٿي نيڪڙ مان ڪجهه ڪمن ورلدو. اهڙن جي درشٽي سم ٿي پوي ٿي، ه
اچا من ۾ نٿي رهين ۽ نڪي ڪو هرش يا شوڪ يا ڊپ ٿا رکن. اهڙا سچڻ منهنجي هر
۾ ائين ٿا واسو ڪن، جيئن لوڀي پرش جي هردي ۾ هميشه ڌن ايو رسي. مطلب ته

سروپ آهي، سوڪشم شرير ان لاءِ هرڻيہ گرڀ ۽ سڪوپت اوستا لاءِ ايشور. هو جڳت جو هرتا ڪرتا آهي. جاڳرت اوستا ۾ اهو جيؤ وشو روپ ٿو ڪوٺجي ۽ ليترن ۾ واس ٿو ڪري. سپني ۾ هن کي تيجس ٿو ڪوٺجي ۽ هڪ سڀني جيتري سنهي ناڙي ۾ گلي ۾ واسو ڪري. سڪوپت اوستا يعني گهاٽيءَ ننڊ ۾ هن کي پراڳ نالو ڏنو ويو آهي، جو محسوس ٿو ڪري تہ مون ڏاڍي آنند جي ننڊ ڪئي. اهو سوڪشم شرير اَڌي ديو ٿو ڪوٺجي. سموري شڪتي ان سوڪشم شرير ۾ آهي. استول شرير ۾ ڪيتري بہ طاقت هجي، پر جي من ڪمزور ٿي پوي، تہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهبو. دک سک سڀ اهو سوڪشم شرير ٿو محسوس ڪري ۽ پوءِ نہ استول شرير. استول شرير جي ڪنهن انگ مان اهو سوڪشم شرير [سنڌيءَ هڻڻ سان يا ڪلوروفارم وغيره سنگهائڻ سان] ڪڍي ڇڏبو تہ ان انگ ۾ سک دک جو ڪجهہ بہ اَنڀؤ نہ ٿيندو. ان طرح وڏا وڏا ٽڪ ڪٽ جا ڪم ڊاڪٽر استول شرير تي ڪن ٿا ۽ ان وقت ڪوبہ سؤر دک منش ڪونہ محسوس ڪري. جڏهن ان ڪلوروفارم يا سنڌيءَ جو اثر لهي ٿو ۽ انگن ۾ پران اچڻ وڃن ٿا تہ پوءِ آهستي آهستي سڀ اِندريون هوش ۾ اچڻ لڳيون ۽ درد بہ معلوم ٿئي ٿو. گيان حاصل ڪرڻ کانپوءِ سوڪشم شرير جا ١٧ ئي جزا ڌار ڌار ٿي پنهنجن تتن ۾ ملي ٿا وڃن ۽ هوُ موڪش کي ٿو حاصل ڪري.

جيئن باغ ۾ لڳندڙ هوا گلن جي سڳنڌ کڻي پري پري تائين ڦهلائي ٿي، ليئن هرڪو جيؤ بہ ڪرمن جو ڦل کڻي وڃي ٿو ۽ ڏرم اَڌرم موجب دک سک استول شرير جي آسري پوڳي ٿو، جو تہ ان ۾ هوُ وڃي ٿو نواس ڪري.

آڌي يڳيہ: اَرجن جو ڇهون سوال هو تہ اَڌي يڳيہ يعني يڳيہ جو سوامي ڪير آهي؟ ڀڳوان چوي ٿو تہ اَڌي يڳيہ يعني ساکي روپ مان پاڻ آهيان. يڳيہ وشنو ڀڳوان جو روپ چيو ويو آهي. وشنو ڀڳوان جو اوتار شري ڪرشن پاڻ بہ ٿو چوي تہ اهو مان آهيان. اهو گيان جيڪو پاڻي ۽ سمجهي ٿو، اهو موڪش پائي مڪت ٿي وڃي ٿو.

يڳيہ لفظ جي اکري معنيٰ آهي قربان ۽ اَڌي يڳيہ جو مطلب ٿيو ان قربانيءَ جو آڌار يا بنياد. ڀڳوان جو چوڻ آهي تہ هرهڪ قربانيءَ جي ڪم جو آڌار يا بنياد مان آهيان، هرهڪ جيؤ ۾ جا قرباني ڪرڻ جي شڪتي آهي، اها مان آهيان. ڪنهن جي اندر ۾ قربانيءَ جو انگ آهي تہ سمجهڻ گهرجي تہ ان ۾ پرماتما جو واسو آهي. پرماتما جي پريرڻا کانسواءِ ڪوبہ منش قرباني نہ ڪري سگهندو. قرباني ايشوري انگ آهي ۽ ايشور جو سروپ آهي. قرباني سڀئي اها آهي، جا ڌرم الوسار هجي يعني ڌرم لاءِ، ملڪ لاءِ، غريبن انسانن جي ڀلا لاءِ، جڳت جي ڪلياڻ وغيره لاءِ ۽ نہ ڪنهن خود غرضيءَ لاءِ يا ڪنهنکي نقصان يا دک پهچائڻ لاءِ هجي. اهڙين ڌرم کان هٽيل قربانين کي يڳيہ نٿو ڪوٺجي. ڀڳوان يڳين يعني شڀ ۽ ڌرم الوسار قربانين جو آڌار يا بنياد آهي.

شلوڪ ٥. جو پرش انت ڪال سمي بہ رڳو مون پرميشور جوئي ڌيان رکي مونکي ئي ياد ڪندي شرير تياڳي ٿو، سو پرش مونکي پراپت ڪري

انهن ٿيو آهي. اول آڪاس انهن ٿيو، ان مان وايو، وايوءَ مان اگني، اگنيءَ مان جل ۽
مان پرٿوي اُتپن ٿي. اوڌوت گيتا ۾ شري دتاتريه لکيو آهي ته هيءَ سرشٽي پنجن تتن
کيل آهي جو مرگ ترشنا (رڃ) جي جل وانگر اصل ۾ ڪجهه به ڪين آهي، ٻيو ڪو ڏ
۾ اچي ٿو. سنسار ۾ ڪيڏي نه وڏي شڪتي هجي ته به ان جو انت ضرور ايندو. ڪ
ٻگن جا ٻگ عمر ملي، پر آخر موت ضرور ايندو.

جو اپجيو سو بنس هَي - پرسو آج ڪي ڪال ؛
نانڪ هرگن گاءِ لي - ڇاڏ سڪل جنجال.

هن سنسار جا سڀ پدارٿ اَنت ۽ ناشوان آهن، جڏهن ڪري انهن مان ڪنهن به سچ
سک جي اَيلاشا رکڻ نه مهامورکتا آهي. سچو سک ته ستسنگ ۽ نام جپڻ ۾ ئي آهي
وشين جو سک جيڪو ڏسڻ ۾ ٻڙو به ماڻ ٿو، اهو به ڪڻ ڀنگر آهي ۽ آخر ان مان دک ٿو پراپ
ٿئي. سنڪادڪن جهڙا مهامني، جي برهما جا پتر آهن، اهي پنجن ورهين جي بالڪ او
وانگي شريرن ۾ رهندا آهن، جيئن متن مايا اثر نه ڪري. انهن کي جي دنيوي پدارٿن ۾ س
دسڻ ۾ اچي ها ته هوند ڀڳوان کان اهو ور ڪونه گهري وٺن ها ۽ دنيا جا پدارٿ ڪ
ڪري انهن مان سک پرائڻ جي ڪوشش ڪن ها. سک ته اُن پدارٿ مان ايندو،
سدائين پراپت هجي. اهو هڪ آتما ئي آهي ۽ آهي به اهوئي سک سروپ. دنيا جا س
پدارٿ ته ناسونت آهن، جن کي اڌيوت ٿو ڪوٺجي.

اڌي ديوُ: ارجن جو پنجون سوال هو ته اڌي ديوُ ڇا کي ٿو ڪوٺجي؟ ڀڳوان جو
ٿو ته هن شرير ۾ آدي پرش يعني هرڻيه گرڀ رهي ٿو ۽ جڏهن کي لنگ يا سوکيم شر
ٿو پوڪجي ۽ جو ته استول شرير ته ٻاهر ۾ سڙي ڀسم ٿي ٿو وڃي. اهو سوکيم شرير ١٧ شين
ٺهيل آهي: ٥ ڪرم اندريون، ٥ گيان اندريون، ٥ پران، من ۽ ٻڌي. ڌرم ۽ اڌرم، پا
اُتوا پنجن جو ڦل سڀ ان سوکيم شرير کي پوڪجو پوي ٿو. جڏهن پران نڪرن ٿا ته اهو سو
شرير جيئن شڪتيءَ مان سرڳ يا نرڪ پوڪجي ٿو ۽ پوءِ وري جنم وٺي ٿو. انهن نرڪ
سرڳ لوڪن ۾ سوکيم شرير ئي ٿا واسو ڪن.

پاڇي لنگ شرير هي - پر ڪو لنگ شرير.

جيڪي به شڀ يا اشڀ ڪرم اسين مٿس جنم ۾ ڪريون ٿا، اهي سڀ ٻج رو
ٿي، سوکيم شرير ۾ پون ٿا ۽ سمي پائي ڦل ڏين ٿا. ان سوکيم شرير کي هرڻيه گرڀ يا
به ٿو ڪوٺجي. اهو هڪ هڪ شرير ۾ وڀڳتي رهي ٿو ۽ ساري سنسار ۾ سمشٽي روپ
وياپڪ آهي. هڪ جيو جي سوکيم شرير کي وڀڳتي روپ لنگ شرير ڪوٺبو، پر سار
سنسار جي سوکيم شريرن کي گڏي هرڻيه گرڀ ٿو ڪوٺجي. سڀني استول شريرن کي گڏ
وراٽ شرير چئجي ٿو، جو سمشٽي روپ ۾ آهي. سڪوپت اوستا ۾ جو سمشٽي روپ آهي
اهو ايشور آهي.

جيوُ هڪ آهي، پر اُن جا ٿي ٿي ٿالا يا روپ ٿين ٿا. استول شريرن لاءِ هوُ ورا

هئي. ڪن اهڙن مٿس حملو ڪيو ته هنکي سچ پچ ته ڪوبه گيان ڪونهي، پر ڇا لاءِ جو ڪاشيءَ ۾ شري ڀڳوان جو پڌارو چالو آهي، ته ڌهن جيڪو هت مرندو، سو مڪتي پائيندو. ان ڪري ڪبير به هت رهيو پيو آهي. سندس اُجالي مهما پيئي ٿئي. ڪبير ڀڳت اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون. راڳ دويش کان ته هو پري هو، پر هنن جي سنسن مٽائڻ لاءِ بار ٻيا وتي ڪاشي ڇڏي وڃي ٻيءَ پر هرنيءِ (مگهر) ۾ رهيو، جنهن لاءِ چوندا آهن ته جيڪو اتي مرندو، سو گڏهه جي جوڻ پائيندو. اُتي جي رهندڙن مان به جڏهن ڪو مرڻ تي هوندو آهي يا سخت بيمار پوندو آهي، ته کيس کڻائي ڪاشيءَ ۾ ايندا آهن ته مري ته گڏهه جو جنم نه مليس. ڪبير ته گيانوان هو. هن ته چالو ٿي ته آتما کي اگني، جل، وايو، شستر ڪجهه به نقصان ڪري سگهن؛ پر جو ڏپ به نه انس ته هرنيءِ ۾ مرڻ جو ڇو ڏپ ڪجي؟ ڪبير ڀڳت چون ٿا ته سوامي شڪديو جو اوتار هو، جنهن راجا پريڪشت کي شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا ٻڌائي هئي. ڪبير جڏهن ڪاشي ڇڏي، هرنيءِ ۾ وڃي رهيو ته پرماتما سندس پريکيا وٺڻ چاهي؛ آڪاس واڻي ٿي ته

سڪل جنم شوپري گنوايا - مرتي وار مگهر اُٺ آئيا؛
بهت برس تپ ڪيتا ڪاسي - مرن ڀيا مگهر ڪي باسي.

ڪبير صاحب جواب ڏنو:

ڪاشي مگهر سم ويچاري - اوڇي ڀڳت ڪئسي اُترس پاري؟
ڪهه گرو ڪبج شو سب ڪو جاني - مئا ڪبير رهت شري رامي.

مون ته ڪاشيءَ ۽ مگهر کي هڪ سمان سمجهيو آهي. ٿي ڀڳتيءَ جي ڪرڻ ڪري ڪيئن پار ٿي سگهبو؟ باقي هوس ته منهنجي ته تورڙي ڀڳتي آهي، سا ڇا ڪندي، جو مان مڪتيءَ جي اميد رکان؛ وڏي جاچيان ته ڪٿي ٿا منهنجا پران نڪرن؟ مان ته هڪ پنهن جي اشٽ شري رامچندر ڀڳوان ۾ اسٿت آهيان، جنهنجا ساکي منهنجا گرو، گڻيش مهاراج ۽ شو ڀڳوان آهن. چون ٿا ته ڪبير پران اُتي مگهر ۾ تياڳيا، پر سندس پراڻ تياڳڻ تي سندس شريو تي انترڌيان ٿي ويو، جيئن گرو نانڪ ۽ گرو گوبندسنگهه جا شريو اُلوپ ٿي ويا هئا. ڏسهه سميت پرماتما جي درٻار ۾ ويو. ڀڳوان به هنن شلوڪن ۾ ٻڌائي ٿو ته جيڪو انت ڪال وقت منهنجو ڌيان ڪري ٿو، اهو شريو تياڳي، مون کي ٿو ملي. اُنت ڪال وقت پرماتما ياد اچي، ان لاءِ ٿي سڀ رشي مني، سادو سنت، پير فقير، ساري عمر ڀڄن اڀياسا ۽ ستسنگ ڪندا رهن ٿا، ته اها گهڙي هٿ اچي؛ متان ان وقت خيال ٻئي پاسي نه هليا وڃن. ساريءَ عمر جو ڦل ان گهڙيءَ تي ٿو مدار رکي، جيئن ساري سال جي پڙهڻ جو ڦل امتحان وقت پيپر لکڻ تي ٿو مدار رکي.

گرو گرنٿ صاحب ۾ هن وشيه تي هڪ شبد بلڪل سرل لفظن ۾ آيو آهي:

انت ڪال جو لڪشمي سمري - ايسي چنتا ۾ جو مري،
سرپ جوني ول ول اوتري - اري مائي، گوبند نام مت وسري. (رهاءُ)

ٿو، ان ۾ ڪوبه سنديهه نه آهي.

شلوڪ ٦. جيڪو شرير ڇڏڻ وقت جنهن جنهن پدارٿ [يا ديوي ديوتا، وغيره] جو سمرڻ ڌيان ڪري ٿو، هي ڪنتي پتر ارجن! اهو ان پدارٿ [يا ديويءَ ديوتا] کي پنهنجي ڀاونا انوسار پراپت ٿئي ٿو يعني هن کي اهڙو ئي جنم ملي ٿو.

مرڻ وقت جي خيال اُهين نين ٿا، ان موجب ٻيو جنم ملي ٿو. حياتيءَ ۾ جو سڀني کان وڌيڪ زور وارو خيال هوندو آهي، اهو ئي انت ڪال سمي، من کي گهيري ٿو ۽ ان خيال يا واسنا انوسار ٻئي جنم ۾ شرير پائي ٿو. سنسڪارن جو اهڙو نه زور آهي، جو مرڻ وقت اهڙائي خيال اُهين نين ٿا. جن حياتيءَ ۾ ڀڳوان جي ڀڳتي ۽ اُپاسنا ڪئي آهي، اهي انت ڪال وقت به پنهنجي اشٽ ديو کي ياد ڪن ٿا. جيڪڏهن حياتيءَ ۾ اُپاسي آتما جو خيال رهيو آهي ته مرڻ وقت به آتما جو ئي خيال ايندو ۽ موڪش حاصل ٿي پوندو. جيڪڏهن شرير جو خيال هوندو ته وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ پئبو. راجا ڀرت هرڻيءَ جي ٻچي ۾ موهه وجهڻ ڪري ٽي دفعا هرڻيءَ جو جنم پاتو هو!

ڀڳوان جا ٻه سروپ آهن: هڪ سگڻ ۽ ٻيو نرگڻ. ويدن شاسترن، رشين منين، گرو صاحبن سڀني اهي ٻه سروپ مڃيا آهن. هڪ ساڪار جيئن ڪرشن، رامچندر وغيره اوتار ۽ ٻيو نراڪار برهم، جنهنجو ڪوبه روپ رنگ ۽ نالو نه آهي. جيڪو ساڪار يا سگڻ برهم يا ڪنهن ديو ديوتا جو ڌيان ڪندي شرير ڇڏيندو، اهو وشنو لوڪ، شو لوڪ، برهم لوڪ، سرڳ يا جنهن ديوتا جي اُپاسنا ڪندو آهي، ان کي پراپت ڪري ٿو. اتي سک ۽ مزا ماڻي ٿو، پر مڪتي نٿو ٿئي ۽ اُنهن لوڪن ۾ سک ڀوڳي، وري مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺي ٿو. نراڪار برهم جا جيڪي پوڄاري آهن، اهي جڏهن هي شرير ڇڏين ٿا، تڏهن سندن پران وايوءَ ۾، اندريون پنهنجن ديوتائن ۾، من چندرما ۾ ۽ بدي ورهسپتيءَ ۾ ملي ٿا وڃن. پوءِ هو وري جنم ۾ ڪيئن اچن؟ هو مڪت ٿي پون ٿا. "پانڊو گيتا" ۾ آيو آهي ته گيانوان ڪٿي به پران ڇڏي، ڪاشيءَ ۾ يا ڪنهن چنڊال جي گهر ۾، ته به هو مڪت ٿي ويندو. هن جو شرير هزارين آدمي عزت ۽ مان سان ڪڍي وڃي چندن جي ڪاٺين ۾ ساڙين يا رڳو ٻه چار آدمي هن جي مڙهه کي گهلي وڃي جلائين يا دريا ۾ اڇلائين ته هو هڪ جهڙو ئي موڪش حاصل ڪري ٿو. ڪڏهن جي لاش کي ڪتا ڀلا، شينهن بگهڙ کائي وڃن، هن جا مرتيو سنسڪار وڌيءَ انوسار ٿين يا نه، ته به هو مڪت ٿئي ٿو. اهڙائي گيان جي مهما آهي.

ڪبير ڀڳت ڪاشيءَ ۾ رهندو هو. گهڻا ماڻهو سندس عزت ڪندا هئا، پر ڪيترائي پنڊت، برهمڻ، سندس ورودي هئا، جو ڪين پنهنجي وديا جو گهمنڊ هو ۽ ڪبير کي نيچ ذات جو سمجهي ڌڪار ڪندا هئا. هن کي ناм ۽ گيان جي مهما جي ڪا خبر ڪا ڪانه

کين ولي هليا دهليءَ بادشاه وٽ. گروجن ته اهو ڪوتڪ ڏٺهي ڪيو هو، سو اچي بادشاه وٽ پهتا. اتي اهو فيصلو ٿيو ته کين هڪ اجاڙ مڪان ۾ رهائجي، جتي هڪ پريت جو واسو هو. ان جاءِ ۾ رهندڙ پريت اهڙو ته ڀوائتو هو، جو جيڪو ان اندر ويندو هو، انکي ماري ڇڏيندو هو. پر گروجن ته بنا ڪنهن ڊپ جا انڪ جي وچين لن ۾ رهيا. هڪ پريت ته ڇا پر ڪروڙين پريت به نام واري منش کي ڪجهه به نه ڪري سگهن. گروجن ته سرو سمرٿ ايشور جا روپ هئا. پريت به سمجهي ويو ته گروجن ڪي شڪتيءَ جا مالڪ آهن ۽ سرو سمرٿ آهن ۽ منهنجي اڌار جو وقت ٿو آيل ڏسجي. وڃي ڪنهن ٻيءَ مان ڪمند ٻني پري ٻڌي آٽي گروجن جي اڳيان ڀيٽا طور رکيائين، پر پاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. ڀائي متي داس ۽ ٻيا، جي گروجن سان هئا، اهي اها پري هوا مان ڪرندي ڏسي حيران ٿي ويا ۽ گروجن کين ٻڌايو ته هتي جو پريت رهي ٿو، ان اها ڀيٽا رکي آهي. پاڻ پوءِ ان پريت کي گهرايائون. جيتوڻيڪ سڀ پريت هوائي شرير وارا ٿين ٿا ته به هو ڏسڻ ۾ آيو ۽ اچي چرنن تي متو ٽيڪيائين. پڇڻ تي ٻڌايائين ته "هي سارو محلو اڳئين جنم ۾ منهنجو هو ۽ مان بلڪل وڏو شاهوڪار هوس. مرڻ وقت منهنجي واسنا هن جاءِ ۾ وڃي پيئي ته هيترا محل ٺهرايا اٿم ۽ سڀ ڇڏي ٿو وڃان! ان ڪري پريت جوڻ ملي اٿم ۽ مان هت رهي ٻين کي رهڻ نٿو ڏيان." مطلب ته اهو سڌ ٿو ٿئي ته مرڻ وقت جهڙي واسنا ٿئي ٿي، اهڙو جنم ملي ٿو. جوڻيون رڳو چيتن ٿيون ملن، پر جڙ يعني وڻن، ٻوٽن، پٿرن، سمنڊن وغيره جون به ملن ٿيون. ومِلا ۽ ارجن نالي ٻه وڻ نند بابا جي حويليءَ ۾ هئا. شري ڪرشن کي ٻال اوستا ۾ جڏهن جسودا ماتا اکريءَ سان ٻڌو هو ته هن اها اکري انهن ٻنهي وڻن جي وچ ۾ اٽڪائي زور ڏئي ڪيرائي سندن اڌار ڪيو هو. انهن پاڻ ظاهر ٿي ٻڌايو هو ته اسين ٻه ندرو هئاسين ۽ هڪ رشيءَ جي سراپ ڪري اهو جنم مليو هوسين.

گرو گوبند سنگهه جڏهن سير ڪندي سنت ماڌوداس وٽ وڃي پهتا، جو وڏيءَ ڪرامت جو ڏٺل هو ۽ شرير ۾ به پهلوان هو، تڏهن اول ته هن گروجن تي پنهنجو زور آزمايو ۽ جڏهن ڏٺائين ته هو تيج وارو پورن پرش آهي، تڏهن اچي چرنن تي ڪريو ۽ پنهنجو نالو ٻڌائڻ بدران پاڻ کي بندو ڪري ڄاڻايائين ۽ گروجن سندس نالو بندو بهادر رکيو. ان ٻڌائڻ تي چيو ته سندس گروءَ اهو آشرم ٺهرايو هو. مهاراج ڪانئس پڇيو ته "تنهنجو گرو ڪٿي آهي؟" چيائين ته "سائين! اهو ته پرلوڪ پڌاريو آهي ۽ دوه ڪجهه پراپت الس." گروجن ڌيان ڪري ڪمس ٻڌايو ته هن آشرم ۾ ٽلاٽي ڏاڙهونءَ جي وڻ ۾ هڪ ڏاڙهونءَ ۾ هو ڪيڙو ٿيو پيو آهي. اهو ڏاڙهون گهرايو ويو ۽ کولڻ تي ان مان هڪ ڪيڙو نڪتو. گروجن ان ڪيڙي کي ڏرليءَ تي رکي لمر جي لوڪ سان زور ڏنو ته پران نڪري وس ۽ جوت آڪاش طرف وڃڻ لڳي. مٽي وجهي چيائين ته "مان هن ڏاڙهونءَ جي وڻ مان انت ڪال وقت ٿيو هوس ۽ منهنجي واسنا ان ڏاڙهونءَ ۾ لڳي، جنهن ڪري اهو ڪيڙي جو جنم مليم. جيڪو جهاليءَ ۾ واسنائون ۽ ڪامنائون رکي ٿو، انت ڪال وقت به

انت ڪال جو استري سمري - اُنسي چنتا ۾ جو مري، ولشيا جنم ول ول اوتري
انت ڪال جو لڙڪي سمري - انسي چنتا ۾ جو مري، سؤڪر جوُن ول ول اوتري
انت ڪال جو مندر سمري - انسي چنتا ۾ جو مري، پريت جوُن ڦل ڦل اوتري
انت ڪال جو نارائڻ سمري - اُنسي چنتا ۾ جو مري،
ڀڳت ترلوچن لي نر مڪتا - پيتامبر ڏاري تاڪي رِدي بسي.
(سؤڪر = سوئر. مندر = جايون جڳهيون. ڦل ڦل = هرهر.)

اِهين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ساري حياتي پاپ ڪيا ۽ انت ڪال وقت ڀڳوان ياد ايند
۽ شبه گتي ٿيندي. اجاميل کي مرڻ وقت نارائڻ ياد آيو، سو نہ سندس اڳين شبه ڪرم
۽ پڄڻ جو ڦل هو، رڳو وچ ۾ هو پڇڙيءَ ستسنگ ۾ پيو هو ۽ وري سنتن جو سنگ ملمس ت
تري ويو. گنگا نہ ڪو مفت ۾ ڪوٺ پڇاڙيءَ جو طوطي کي رام رام چوايو. اڳين جنم
هوءَ پورن ڀال برهمچاري هئي ۽ فقط مرڻ وقت هڪ جوان حڪيم جي سندس نبض ڏسڻ
وقت هن جي اندر ۾ ڪام واسنا آئي هئي، جنهن ڪري هنکي ولشيا جو جنم مليو هو
اجاميل نہ هن جنم ۾ ئي اول وشنو برهمڻ جا سڀ ڪرم فرض ڪندو هو. گائتري پاٺ
ويدن جو پڙهڻ، دان پنج سڀ ڪندو هو، پر پوءِ پريءَ ستسنگ ۾ ڦاسي ڪو وقت پرن ڪرم
۾ وڃايائين. گجيندر (هاٿين جو راجا)، جنهنجو موکش ڀڳوان پاڻ اچي ڪيس مانگرمڇ
کان ڇڏائي ڪيو، اهو نہ اڳين جنم ۾ هڪ گنڌرو هو ۽ هڪ رشيءَ جي سراپ ڪري
هاٿيءَ جو جنم پاتو هئائين. اهو سراپ جو عرصو پورو ٿيس تہ سندس ئي شبه ڪرمن ڪري
پرماتما جو ساڪيات درشن ٿيس ۽ ڪشٽ کان نہ آزاد ٿيو. جيڪو وديارٿي سارو سال نہ
پڙهي ۽ ابياس ڪري، اهو ڇا امتحان وقت پيپر ٺيڪ لکي سگهندو؟ جيڪڏهن اول چڱي
محنت ڪري هوندس ۽ وچ ۾ ڪٿي ڪريو هجي ۽ امتحان جي ويجهڙائيءَ ۾ وري محنت
ڪري تہ امتحان وقت نہ لکڻ لڳي ويندس ۽ شايد پاس ئي پوي، جو تہ ڪمل محنت ج
ڦل ڪجهہ نہ اجايو نٿو وڃي. ان ڪري شروع کان ساڌنائون، ابياسائون ۽ ستسنگ ڪر
گهرجن. انت ڪال ۾ تہ انيڪ پيڙائون اچيو ليون معان پون. پران نڪرڻ ڪا سولي ڳال
ڪانہ آهي. شرير جي ذري ذري مان، چوٽيءَ کان وٺي پيرن جي ننهن تائين واءُ نڪر
لڳي ٿو ۽ چون ٿا تہ ڏهن هزارن وڇن جي ڏنگڻ جيترو ڪليش ٿئي ٿو. ان وقت ڀڳوا
جو سمرڻ ياد اچڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪانہ آهي. اهو نہ انيڪ ساڌنائن ۽ شبه ڪرمن جو ڦ
آهي، جيئن ڇهين اڌياءَ ۾ ڀڳوان سمجهائي آيو آهي. ساري حياتي جهڙا خيال ۽ ڪرم ڪيا
انت ڪال وقت بہ اهڙا خيال ۽ اهڙيون ڀاونائون اينديون ۽ گتي بہ اهڙي ٿيندي.

”سورج پرڪاش“ ۾ گرو تيغ بهادر جن جي چرترن ۾ هڪ ڪٿا آيل آهي تہ جڏه
هو ڪشمير جي پنڊتن جو عرض اونائي دهليءَ اورنگزيب ڏي سر ڏيڻ هليا تہ آگري
گروجن پهچڻ تالي واري سوني منڊي هڪ ٻڪرار کي ڏني تہ بازار ۾ وڪڻي اچ. ه
ويو تہ پڪڙيو ويو ۽ پوليس هن جي مدد سان گروجن کي اچي لڌو ۽ شاهي حڪم موجب

۽ ڌرم انوسار، پرماتما ۾ لڳل آهي ته من نه لڳندو ۽ شڀ سنڪلپ ڪندو ۽ اندريون نه
ڇڱي طرف لڳنديون. ڀڳوان جو ته اھوئي اُپديش آهي. جيئن ٻاهر جا پرپ اکيان ٻنا خيال
وڃبو ته نه سيک جا لڏڪار ايندو، ليڪن نام ۾ ته اھا شڪتي آهي ته ٻنا من لڳائي جپبون
ته به چڱو ڦل حاصل ڪبو، پر جي من ۽ ٻڌي لڳائي ڀڄن ڪبو ته سڄو گيان ڀڳتي حاصل ٿيندو.
نھچي ڪانسواءِ انسان ڪري ٻوي ٿو.

پرهلاد بالڪ هو، پر ٻڌي ڏرڍتا واري هئس ته رام نام تي جيڪا ڌرم آهي ۽ ان لاءِ
سندس پتا ڪيس ڪيترا ئي دک ڏنا، ته به هن جو من نه لڏيو ۽ هو ڌرم تي قائم رهيو. هن
ڏٺو هو ته جيھن رام ٻليءَ جي ٻچڙن کي ڪنڀار جي ٻرندڙ ڀٽيءَ ۾ بچايو هو، اھو مونکي به
ضرور بچائيندو.

رام رام سڀڪو ڪھي - ڪھڻي ڪا وچار،
وھي رام سادو ڪھي - وھي ڪھي سنسار.

رام رام طوطو به جپندو آهي، سنساري ماڻھو به جپين ٿا ۽ سادو سنت، گياني
مھاتمائون به جپين ٿا ۽ ڪبير صاحب ۽ سندس زال، ڌيءَ ۽ پٽ به جپيو. سندس زال هڪ
دفعي هڪ ڪوڙھئي کي ٽي دفعا رام رام رام چوائي هن جو ڪوڙھ دور ڪيو ۽ پر جڏهن
ڪبير اھو ٻڌو ته مٿس ڪاوڙيو ته هڪ دفع رام چوڻ جھڙو؟ ڇا هڪ دفع رام جپڻ ۾
ڪوڙھ ڇڏائڻ جي شڪتي نه آهي؟ ايڏو سندس وشواس هو. لوڪيءَ ته هن کي ٽي دفعا
انڪري نام جپايو جو ڏٺائين ته هن کي ٽين ٻن ايندڙ جنمن ۾ به ڪوڙھ ليٺو آهي، سو اڳيون پوءِ
اھو دک به هن جو اڳئين دور ڪري ڇڏيائين. پريم ۽ شرڌا جو ئي اھو نتيجو آهي.

ساري شڪتي جا ڀڳوان پرھماند ۾ پري آهي ۽ جا شري رامچندر، شري ڪرشن،
ري گرو نانڪ اوتار ٻين اولياءن ۽ وڏن وڏن رشين منين ۾ هئي، اھائي ساري سنسار جي
ڪ هڪ انسان ۾ آهي، پر اھا پرگھٽ ڪريون يا نه، اھو هر هڪ جي من ۽ ٻڌيءَ تي
دار ٿو رکي. پرماتما پنج تت سڀني ۾ هڪ جھڙا رکيا آهن، راجا اوتار رنڪ، مورک اوتار
دوان، سڀ اوتار ٻاٻيءَ ۾. تفاوت اھو آهي جو ڪن جا من ۽ ٻڌي صاف آهن ۽ ڪن جا
ندا. دل ۽ دماغ جي جوڙ به سڀني جي ساڳي آهي، پر اسان جي ڪرتوتن ۽ ورتاءَ جو
ق آهي. انهن کي ايشور اوپن ڪبو ته انهن ۾ گندگي ڪداچت ڪين ايندي، پر وڏيڪ
ن وڏيڪ شڪتي ايندي ويندي. جيڪڏھن ڪو سمجھي ته هن هڪ شلوڪ جي سکيا
ڪافي آهي. سنتڪ مٽي هڪ سالوڪي وستو آهي، پر ان تي به ڪو گند جا مٽي لڳي
جي ته ڪا بي چيز ڪانه ٿي پيئي. من ۽ ٻڌي به ستوگڻ مان ٺهيل آهن، پر جنم جي
ن ڪمن ڪري انهن تي گند جا پردا چڙھي ويا آهن، جن کي صاف ڪرڻو آهي. ان
جلتا ڪانسواءِ وسدانت جو سڌانت آئم وچار پائي نه سگهبو. وھنوار ۾ پلي لڳون، ورن
سار ڌندو ڌاڙي ڪريون، نوڪري ڪريون، پر سڀ ڪجھ ايمانداريءَ ۽ محنت سان (
، ڪريون، ماتا پتا ۽ سڀني مٽن ڏانھن فرض نباهيون، پر من ۽ ٻڌي هميشه پنهنجي

اُنهن کان آجو ٿيو ٿي سگهي ۽ ڪيتري به ڪوشش ڪري ته ڪي نه ڪي اُن وقت مٿ
گهڻو ڪن ٿيون ۽ هن جي اڳيان اچي ٿيون بيهن ۽ هو اُن موجب ٻيو شرير پائي ٿو. جيڪ
خيالن ۾ سارو وقت آتما چنتن ڪري ٿو، هرهڪ ۾ پنهنجي آتما ٿو ڏسي ۽ پنهنجي آ
۾ هرهڪ کي ٿو ڀائي، سو انت ڪال به پنهنجي سروپ ۾ استٿت رهي، اُن ۾ لين ٿ
وڃي ٿو.

شلوڪ ۷. اِن ڪري سدائين هر هميشه سرو ڪال ۾ رڳو مون کي ياد ڪ
۽ اُٿي ٻڌ ڪر. من ۽ بُدي مون ۾ لڳائي، منهنجي چنتن ڪرڻ سان تو
بيشڪ مون کي پراپت ڪندين. اِن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ڏاڍي پيار وچان ارجن کي اپديش ڪري ٿو، جو نه فقط هن ا
آهي، پر هرهڪ منش لاءِ آهي ته جيڪو اوهان جو سواڀاوڪ ويوهار آهي، سو ڪريو، ۽
من ۽ بُدي مون ۾ لڳائي، منهنجو سمرن ڏينهن هر وقت ڪندا رهو. ارجن کتري راڄ
هو، اِن ڪري کيس ڀڳوان چوي ٿو ته اُٿي ٻڌ ڪر. پرمارٿ اٿوا ويوهار ۾ من ۽ بُدي پو
طرح ڌرم الوسار نه لڳل هوندي ته ڪارج سڌ نه ٿيندو. من جو مطلب آهي دل ۽ بُدي
جو مطلب آهي دماغ. اهي ٻئي شرير ۾ پرڌان آهن ۽ اُنهن کان سواءِ شرير ڪجهه به ڪ
۾ سمرٿ نه آهي. دل جي نه هلڻ ته شرير مردي برابر آهي، دماغ ٺيڪ نه هجي ته آهي
ڪوبه ڪارج ٿي نه سگهندو. ڀڳوان چاهي ٿو ته اسين اهي ٻئي منجهس لڳايون، سڀ فرض
ڪرم پنهنجي ورڻ، آشرم ۽ سڀاءَ الوسار ڪريون. اِن طرح ئي سچي سڦلتا حاصل ٿئي ٿي
سچو سک پائي سگهجي ٿو.

حقيقتاً بالڪ اوستا ۾ هوندي به رڳو شرير ڌرم مٿان قربان نه ڪيو پر سندس
۽ بُدي به اُن ۾ لڳل هئا، اهي به قربان ڪيائون. هن بُديءَ ۽ دماغ سان سمجهيو ٿي
ڌرم ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ دل سان درد نه هجو ڪيائون ته سورج پٺي هيڏي هوڏي ٿ
پر مان ٿو چيتو ته ڌرم تان نه ٿڪندس، ڪٿي مون کي ٽوڙيون لڳن، بندوقن سان مار
وجهن يا ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃان. گرو گوبند سنگهه جي شهزادن به ڌرم تان دل ۽ دم
سان ڪڏ شرير به قربان ڪيو. من ۽ بُديءَ جي لڳائڻ کان سواءِ ڪوبه ڪارج، ڪابه قرباني
ڪوبه فرض، ڪابه سيوا سڦل نٿي ٿئي، ڪٿي ٻيو شرير سان ڪيتري به محنت ۽ چاڪ
ڪجهي. جن ويرپرشن، ڀڳتن ۽ دان ويرن جا نالا اڄ تائين ياد ۽ قائم آهن، اُنهن سڀني
رڳو تن سان پر من ۽ بُديءَ سان ديش، ڌرم ۽ جاتيءَ جي سيوا ڪئي يا پرماتما جي ڀڳ
اُپاسنا ڪئي. وڏا وڏا اپديش، ڪمرن ۽ ڪٿائون ٻڌندا آهيون، پر جي من ۽ بُدي
طرف نه لڳل آهن، ته ڪک به پلي نه پوندو آهي. من جي سنڪلپن سان سڀ ڪم ٿ
ٿا، ته نه ٿيو ڏسندي به ڪجهه نٿا ڏسن، ڪن ٻڌندي به ڪجهه نٿا ٻڌن، واسنا ڪالي
۾ ٿيو سمجهي نه جا ڪاڏرا من وري بُديءَ جي آڌار آهي. جهڙي بُدي هوندي، اهڙ
من ٿيندو. من جي وس ۾ اندريون آهن ۽ اِهي وري جسم جا هٿيار آهن. جي بُدي

ساڻ ڪن ٿا. هڪ ڏري ٻج جي قيمت ڪٿڻ ۾ ڪو گهٽ ٻڌيءَ جو ڪم نه آهي، پر اها ٻڌي ڪلياڻڪارڪ نه آهي؛ گيان واري ٻڌي ئي سچي ٻڌي آهي. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اهوئي اوچيو ته من ۽ ٻڌيءَ جو مون ۾ ارپڻ ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته اهي ٻئي مون ۾ لين ڪريو. اسان جو چت ڪيوَل هڪ ڀڳوان ۾ لڳي ۽ ڀيو ستسنگ، سنتن جي شيوا ۽ اهڙن شڀ ڪرمن ۾ لڳي، ٻئي ڪنهن به طرف نه ڀٽڪي. پوءِ ئي اسين منش جيون جي مقصد يعني پرم پد يا پرماتما کي پائي سگهنداسين.

جاتي، گڻ، ڪريا ۽ سٻنڌ اهي چار ڳالهيون سنسار ۾ هلن ٿيون، پر ديوَ پرش انهن کان رهت آهي. جاتيءَ جو مطلب آهي برهمڻ، کتري، ويش يا شودر. اهي انسانن ۾ آهن، پر نه پرماتما ۾. گڻن جو مطلب آهي جدا جدا سڀاوَ موجب گڻ اوگڻ، هلت چلت، شڪل شبيهه. اهي به پرماتما ۾ نه آهن. هوءَ نرگڻ نراڪار آهي ۽ جو نه گڻن کي حد آهي، پر هوءَ بيحد ۽ اپار آهي. ڪريا جو مطلب آهي ڪرم ڪرڻ، ڏيڻ وٺڻ، کائڻ پيئڻ ۽ وهنوار ڪرڻ. اهي سڀ به شرير ۽ جيوَ جا ڪرم آهن. پرهم ۾ ڪجهه به نه آهي. هوءَ اڪرتا ۽ اڀوڪتا آهي. سٻنڌ به شريرن جو آهي، نه هي پٽ آهي، هيءَ ذال آهي، هيءَ ڀاءُ يا پيو متر آهي. هي دشمن آهي، هيءَ دوست آهي. اهو به آتما يا پرماتما ۾ نه آهي. اهڙي پرماتما کي پراپت ڪرڻ منش جو پرم ڪرتوِيه آهي ۽ اننيه اڀياس يوگ گهرجي يعني نت نيم ساڻ انهيءَ طرف هلندو رهجي. اهو خيال نه ڪجي ته مون هيترو ڪيو، پر مليو نه ڪجهه به ڪين ائين. اسان جي انتهڪرڻ ۾ اڻ ڳڻين جنمن جا سٻنڌ ۽ سنسڪار پيا آهن، جن جو ڪو ڳڻپ يا حساب ڪونهي. صبر نه آهي ڪهڙيءَ ريت ڪري وڃڻ پون ٿا ۽ ڦل نٿو ڏسڻ ۾ اچي. انڪري هن واٽ تي هلندو هلجي. گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانه آهي. شڀ ڪرمن جو ڦل ضرور ملڻ به اجايو نٿو وڃي. اهو ڀڳوان صاف صاف اڳي ئي ٻڌائي آيو آهي. اڀياس ۾ لڳو رهيو ته ضرور ڪنهن وقت منزل مقصود تي وڃي پهچبو. جيڪو ڏکيو پيا وڏو رستو ڏسي ٿڪجي ويهي رهندو، سو ڪڏهن به منزل تي نه پهچندو. پرهم شرڌا ۽ پرم نشٺا ڪرڻ وٺان واهت نيل منتر جو اڀياس ڪري اوس آتم تت کي پراپت ڪري سگهجي ٿو.

هڪ راجا هو. ڪيس هڪ پرجا نالي ڏاڍو سياڻو، ايماندار، ڌرماتما ۽ محبتي وارو وزير هو، جو هميشه راجا جي ڀلائيءَ ۽ پرجا جي چڱائيءَ جو اونو رکندو هو. راجا هن تي ڏاڍو پرسن رهندو هو ۽ هن جي هلندي ۾ گهڻي هوندي هئي. ٻيا وزير اهو ڏسي پرسڙندا هئا ۽ اهو خيال ڪيائون ته ڪا انڪل هلائي هن کي هٽائڻ کپايون ۽ پوءِ پرجا کي ٿي ڏن ڪلو ڪريون ۽ رشوتون کائي خوب مزا ماڻيون. دماغ وارا ته هوا ۽ سو آخر وقت کيائون ته ڪن ماڻهن ۾ بغاوت ڦهلائي راجا جي برخلاف چڙهائي ڪرائجي ۽ راجا کي ٿلهي ته پرڄوءَ لشڪر ولي وڃي سامهون ٿئي. آخر پرسان رهنڊ هڪ نعدي راجا کان ڦهائي ڪرايائون. راجا کي چيائون ته ”سائين! اسين ته اڳي الڪ دفعا جنگين ۾ ويا آهيون ماڻي دشمن به زبردست آهي، سو پرڄوءَ منهن ڏيئي سگهندو. اسان جي ڀاڻ نه آهي.“

مالڪ پرماتما ۾ لڳايون، ته هو نه فقط هن لوڪ جا سڀ سک ۽ پدارٿ ملندا، پر پرلوڪ ۾ سڌ ۽ پرماتما کي به پراپت ڪري سگهو. ڀڳوان اهو ٻڌائي ٿو ته اسان جي مک سان ٿيو ٿو ڇوري. سچي ڀڳتي پرماتما ۾ من ۽ بدي لڳائڻ سان ئي سگهندي.

جي دل ۾ آهي کوٽ، ڌڪ ۽ واسنا سان ڀيا ڪيان جون ڳالهيون ڪريون، ته تيو جڻ پاڻيءَ ولوڙڻ برابر. ڪاپا يا شرير کي ٻاهران صاف ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو، جڏهن اندر ۾ گندگي لڳي پيئي آهي؟ اسان جو من لڳو پيو آهي زال ٻارن، پائرن، معرو ٻين دنيوي پدارٿن ۾، ته پوءِ ڀڳتي ڪيئن ٿيندو؟ اهو سڀ اسانکي ڀلين ڪونهي ته ايش سرو وياپڪ ۽ انترجامي آهي، جو سڀڪجهه ڏسي رهيو آهي ۽ اهڙي ڀي ادبي لا ڪريون، جو ما سڀڪجهه ڏسي رهيو، پر من ٻئي هنڌ پيا لڳايون يا ڇيڪ ڇڏيون.

مالها لو ڪر ۾ ڦري، جيبا ڦري مکهه مانهه؛
منوا تو دهه دس ڦري، يهه تو سمرن نانهه.
ستي رڱڙي زمين نال، من اڏي آسمان؛
ٿوري حريري ڪابل دي، لي دولت خان پٺان!

شلوڪ ٨. اِن ريت هي پارٿ! جيڪو پنهنجو من يوگ اڀياس سان ٻئي طرف نه لڳائي، رڳو آتم چنتن ۽ ڌيان ۾ لڳو رهي ٿو، اهو منش پرش جوتي سروپ پرماتما کي ضرور پائي ٿو.

ڀڳوان جو مطلب آهي ته من ۽ بدي پرماتما ۾ لڳائڻ جو طريقو آهي اڀياس يوگ لڳڻ ۽ جنهن ڪري من جا سنڪلپ وڪلپ ۽ بدي جا انيڪ پرڪار جا سنسا دور ۽ اهي استثر ٿين. ڪامل گروءَ جي ڏنل منتر جو اُچار جاپ ڪرڻ سان اها اوستا حاصل ٿئي ٿي ۽ من ۾ شانتي اچي ٿي ۽ بديءَ ۾ ست ۽ اَست جو ٻڌڻ ۽ وچار اٿي ٿي اڀياس ئي چت ۾ شانتي آڻڻ ۽ وڪارن کي دور ڪرڻ جو لاثاني علاج آهي. زسمت مد چت جي وريءَ کي استثر ڪرڻ واسطي به علاج ڏسيا آهن. هڪ يوگ ۽ ٻيو گيان. ٻئي جدا ڪم ڪن ٿا. يوگ چت جا سنڪلپ روڪي ٿو ۽ گيان ٻڌائي ٿو ته درشتي ڏٺي پرڪاش ڪري ٿو ته سڄو ۾ هڪ آتما، برهم يا نور آهي. جنهنکي اهو نور ٿو هر جي وستوءَ ۾ نظر اچي، اُن جي بدي ۽ من برهم ۾ اڙيل ڪيل جاڻڻ گهرجن، جنکي ڀڳوان شلوڪ ۾ چاهي ٿو.

بدي ٽن پرڪارن جي ٿئي ٿي: ستوڪي، رجي ۽ تمي. هنن ستوڪيءَ جي ضرور آهي، جا ستوگڻ جو انس آهي ۽ جنهن سان ست ۽ اَست جو پورو پورو ٻڌڻ ٿئي ٿو. ۽ تموگڻ مان اها پراپت نه ٿيندي. گذريل زماني ۾ اهڙا عالم ۽ ٻڌيمان انيڪ هئا ۽ گذريا آهن، جن ۾ ڀاري دماغ ۽ بديءَ جي ضرورت آهي، پر اها بدي راجسي آهي دنيوي اُرٿ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ٿي اچي. صراف هيرن جواهرن جي پرک سڀ ڪري

(٢) آزادي: هو آد کان آهي. ڪنهن به هن کي نه پيدا ڪيو ۽ نه ٺاهيو آهي. هو پاڻ مان پاڻهي ظاهر ٿيو آهي. "ٿاپيا نه جاءِ، ڪيتا نه هوءِ - آپي آپ نرنجن سوءِ."

(٣) هن جو حڪم ساري برهمانڊ تي هلي ٿو. سڀني جيون ۽ پدارٿن جو آڌار ۽ نيم به رکندڙ آهي. سورج، چنڊ، تارا، گره، نکشتر اهوا سڀ جڙ ۽ چيتن جيو هن جي حڪم انوسار هلي رهيا آهن ۽ سندس ڀئه ۽ خوف وچان نيم انوسار هلن ٿا. دنيا ۾ اسين ڏسون ٿا انسانن کان ڀوڳيون برايون لڪايون ٿا ۽ انهن جي روبرو ڪو غلط يا خراب ڪم لڪا ڪرڻ چاهيون، حڪمران جي ڀئه کان قاعدي جو اُلنگهن ڪرڻ کان به ڏجون ٿا، پر اهڙي سروشڪ پرش کان ڪو بي به ڪمت ڪندي لڪا ڏجون! برايون ڪندي انهن کيا سمجهون ته هو ڏسي به ٿو ۽ جي ڏسي ٿو ته به ڇا ڪندو؟

(٤) سوکيم کان سوکيم: اڻو هڪ باريڪ ۾ باريڪ وستو آهي. سج جا ڪرڻا پوندا آهن ته ان روشنيءَ ۾ بيشمار ذريون مٽيءَ جون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. انهن ذرين کي اڻو ٿو سڏجي. ديوبه پرش انهن کان به سوکيم آهي. جيترو ٺيڪ هو سوکيم کان به سوکيم آهي اوترو وڏن ۾ اهو آهي ته هو وڏي ۾ وڏو به آهي ۽ انيڪ برهمانڊ اُن ۾ سمايل آهن ۽ سندس آسري هلن ٿا.

(٥) سڀني جو پاليندڙ: هن پرم پرش جي آسري سڀ جيوَ آهن. هو ئي سڀني جي پالنا ڪري ٿو ۽ هنن جي رکيا ڪري ٿو. ڪيترو به ڪو پاپ يا اگر پاپ ڪريو ته به انهن جي هو روزي نٿو بند ڪري. هو سڀني جو روزي رسائيندڙ آهي. شيخ سعديءَ لکيو آهي ته هڪ اهڙو به جيوُ آهي، جنهن جي خوراڪ روز چاليهه هاٿي آهن، نه ته هو ترپت ٿو ٿئي. پرماتما اُنکي به روزي رسائي ٿو ۽ هو ڪو اِک ڪوڏ مرندو هوندو. پيدا ٿئي هڪ ٻچي جا پرا ڪرم ڏسي هڪ ٻچي کان نفرت ٿا ڪن، پر سائين انهن کي به روزي پهچائي ٿو ۽ ڪوبه فرق نٿو رکي. جل ۾، زمين تي ۽ هوا ۾ انيڪ جيوَ رهن ٿا، جن جو ڪو ڳاڻاٽو ڪونهي. انهن سڀني جيوَن کي روزي ڏئي ٿو. ماتا جي گرڀ ۾ جڏهن ٻچي پلجي ٿو ته گڏوگڏ ماتا جي ٿڻن ۾ کير به پيدا ٿو ڪري، جو ٻار جنم ڌاري پلجي ٿو. خون ۽ ماس مان کير ٺاهڻ هڪ پرم پرش جي ئي شڪتي آهي. ڳائون مينهون ٻڪريون سائو گاه، ڪڻڪ وغيره کائي امرت جهڙو کير ڏين ٿيون! اها قدرت ڪير نٿو ڄاڻي سگهي. ٻال اوسٿا ۾ ڏند نه آهن ته کير ملي ٿو، جوانيءَ ۾ انيڪ قسمن جا پدارٿ ملن ٿا. ٻڍ اوسٿا ۾ اولاد ڀلا ڀلا متر اهڙي نموني جا کاڌا پيتا ڏين ٿا ۽ شيوا چاڪري ڪن ٿا. انهن ۾ به ڀاونا پرماتما ٿو وجهي هو ئي ٿو هنن دوارا اهو سڀ ڪري. شري رامچندر سيتا کي پنهنجي روزي رسائڻ جي شڪتيءَ جو هڪ سندر ڪمل ڏيکاريو هو. سيتا ماتا جڏهن ولن کي پوڄن ڏيندي هئي، تڏهن شري رامچندر کاڌي کان اول ڪجهه وقت ڌيان ڪري جي طرف ۽ هميشه مٿي نهاري پوءِ کائيندو هو. سيتا ته آدرش پتني هئي، سو اهو رنگ روز ڏسندي هئي ۽ آخر هڪ ڏينهن وجهه وٺي نماڻائيءَ سان ان جو مطلب پڇيائين

راجا کي هنن جي ڪهڻ جي نه ڪا به سڌ ڪانه هئي، انڪري سندن صلاح قبول ڪيائين
ٻچو به حڪم ٻالي مقابلو ڪرڻ ويو. جلد ئي وزيرن بادشاه کي ڪُوڙ ڪري چيو ته "سائين
جنگ ۾ ٻچو ته ماريجي ويو آهي." راجا به اعتبار ڪيو. هوڏانهن ٻچو ته جنگ کٽي اچڻ لي
هو ته ٻيا وزير اڳ ئي راجا کي اُن طرف شڪار جو بهانو ڪري وٺي ويا. ٻچو راجا ک
ايندو ڏسي ڪيس ملڻ لاءِ اچڻ لڳو، پر وزيرن هڪ ٻئي کي ونائي بادشاه کي چيو ته
"سائين! ٻچو ته ڀُوت ٿي پيو آهي ۽ ڏسو ته گهوڙي تي چڙهي پيو اچي." سيٺي وز
هن کي ڀُوت ڀُوت ڪري ڪوڙڻ لڳا. بادشاه حيران ٿيو، پر هنن جي ڪهڻ ۽ ڀيد ڪ
جاڻي نه سگهيو ۽ پوءِ جي هنن تي اعتبار ڪيائين. ٻچو سمجهي ويو ته اِها وزيرن جي چا
آهي ۽ بادشاه به ڀرم ۾ ڦاسي ويو آهي. خيال آيس ته مون سڀ سک ورتا آهن، سو گه
نڪو وڃان. راجا به دل ٽٽو پئدي. سو وڃي بن ۾ تپسيا ڪرڻ لڳو ۽ ايشور ۾ ڌيان لڳايائين
راجا کي هيڪاري پڪ ٿي ته ٻرابر ٻچو ڀُوت ٿي پيو هو. ٻچو ته وڏو رشي ٿي پيو
وار وڏا ٿي ويس، بدن تي رکو وٽڻ جهڙن ڪلوُن ۽ هڪ لنگوٽي هوندي هيس. لـ
ڏيهن ڪانپوءِ راجا کي وري وزير ان طرف شڪار ڪرڻ وٺي ويا. ٻچوءَ کي ٻيهر هو ل
راجا سان مليو، پر وزير پيا راجا کي پرمائين ته اهو ڀُوت آهي ۽ پيهنجي ويجهو به نه اچ
ڏيوس. مطلب ته راجا ۾ ڀرانتي گهر ڪري ويئي، جا لڏهن نڪري سگهيئي، جڏهن ڪ
سمرٿ پرش ڪيس ٻڌائي ڪرائي ته اهو ٻچو منش آهي ۽ نه ڀُوت. پڻ آرٿ گيان سان ل
اهڙي قسم جي ڀرانتي دور ٿي سگهي ٿي. ساڳيو ئي حال اسان جو به آهي. اسان جو آ
ته ڏوهه پرش آهي. اُن کي اسين جاڻيءَ، برهمڻ، ڪتري وغيره ڦرن وارو يا ٿلهو، سنهو
بيمار، تندرست وغيره مڃي ويٺا آهيون. اِنهن نٿا سمجهون ته اهي گڻ ۽ دنيوي ناتا سر
شرير جا آهن ۽ آتما ته اُنهن کان نرالو، پري ۽ اَسنگ آهي. اهو ڀرم لڏهن دور ٿيندو
جڏهن سمرٿ گروءَ دوارا گيان پرائي من ۾ ٻڌي ايشور ۾ لڳائي درڍ ڪبا.

**شلوڪ ۹. اُهو پرم پرش ڪوي (سڀ ڪجهه ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ سروگيه)
آنادي، سيني کي قاعدي ۽ نيم ۾ هلائيندڙ حاڪم آهي ۽ سوکيم اٽوءَ کان سوکيم
سيني جو پاليندڙ آهي، جنهن جي روپ جو ڪو چنتن نٿو ڪري سگهجي
سورج سمان پرڪاش وان ۽ موهه روپي انڌڪار کي ناس ڪندڙ آهي.**

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ڏوهه پرش جا هي لڇڻ ٻڌائي ٿو:-

(۱) **ڪوي:** هي لفظ هت ايشورواچي شبد آهي ۽ ان جي معنيٰ ڪوتا رچيندڙ
آهي. ڪوي اهو آهي جو سروگيه هجي، جيئن بالميڪ رشيءَ رام اوتار کان ڏهه هزار ور
اول رامائڻ جي ڪوتا ڪئي هئي. رشي مني به سروگيه نہ ٿا، پر هو ڀرگ ساڌنائن ڪري ا
شڪتي پراپت ڪن ٿا، مگر پرماتما آد کان سروگيه آهي. هردي جي ٧٢ ڪروڙن ۾ ج
اسين جدا جدا خيال ڪريون ٿا، اهي به پرماتما جاڻي ٿو وٺي.

ھونديون ملنديون. ليڪن اُن وقت مان انهن جو اُجل ٿيندو، جن اول ئي اُن کي اهڙو ٺاهيو هوندو ۽ اندر ۾ اُنهيءَ ڀڳتيءَ جو رنگ لڳل هوندو. هن شلوڪ ۾ يوگ وارن ڇهه چڪر مهيا آهن. شري گرو گرنٿ صاحب ۾ به انهن جو بيان آهي. چڪر جو مطلب آهي وائُوءَ جو مرڪز. وائُو پنجن پرڪارن جا آهن: پران، اپان، اُدان، وِيان ۽ سمان. انهن جي ٺهڻ جي رستي کي چڪر ٿو ڪوٺجي. انهن ڇهن جي هوا کي قابو ڪرڻ کي سماڌي ٿو چئجي. پهريون چڪر آهي مُولاڌار، جو گدا مان شروع ٿئي ٿو. ٻيو چڪر آهي، سوادِشٺان، جو ڏن جي پاسي آهي. ٽيون چڪر آهي مڻي پُورڪ، جو هردي ۾ آهي. چوٿون اناهت چڪر آهي، جو ڇاتيءَ ۾ آهي ۽ ڪنول جي گل وانگر ٿئي ٿو. پنجون آهي وشڌ چڪر، جو ڳلي ۾ آهي، جتي ناڙيءَ ۾ سمهو اچي ٿو. ڇهون آهي آگيا چڪر، جو سکمنا ناڙيءَ ۾ رهي ٿو. يوگي لوڪ اُن کي قابو ڪن ٿا. شريرَ روپي ڪوٺڙي انهن ڇهن نيمن يا چڪرن سان ٻڌل آهي. اهي کلن ته پران نڪري وڃن. انت ڪال وٺي اهي کلي ٿا پون ۽ هوا استان ڇڏي ڏئي ٿي ۽ پوءِ مرڻو ٿئي ٿو. پران انهن ڇهن مان هڪ رستي وڃن ٿا. اِن شرير روپي ڪوٺڙيءَ ۾ انوپم وستو آهي، جا هٿ ڪرڻي آهي. اها ڪوٺڙي ڪيئن کلي؟ مرڻ وقت ته پاڻيهي کلندي، پر اُن وقت ڪجهه نه ڪري سگهبو. اِن ڪري يوڳ ڪمائي، ستگوروءَ کان ڪنجي وٺي، پرانن ئي جو ڪلف لڳو پيو آهي، اهو کولڻ گهرجي. اها ڪنجي آهي برهم وديا ۽ جو ڪلف پرانن ئي لڳل آهي، اهو آهي دسم دوار جو بند رهڻ، جنهن کي کولڻ آهي ۽ ٻيا در بند رکڻا آهن. اُن جي کولڻ جو طريقو آهي اڀياس ڪرڻ، جنهن سان مَن استر ٿئي ٿو ۽ سماڌي لڳي سگهي ٿي. هيءُ شلوڪ يوگي جن لاءِ آهي، پر جنهن کي رستو معلوم آهي، اهو وهنوار به ڪري سگهي ٿو ۽ انت ڪال وقت اهڙي نموني پران تياڳي پرم پرش کي به پائي سگهي ٿو.

هڪ ماڻهو هو، جنهن ساري عمر ڏن پدارٿ گڏ ڪرڻ ۾ گذاري، جنهن لاءِ انيڪ پاپ به ڪيائين. ستسنگ ڪڏهن ڪونه ڪيائين. آخر انت ڪال ڪان آيس. مٽر ڪيس رام نام اُچارڻ لاءِ چون، پر هُو ڪين چوي ته جو تا اُچاريو منهنجو آرام ڦٽايو ۽ مٿي ۾ سُور ٿيو؟ دنيا جون ڳالهيون خوب پيو ڪري، پر رام جو نالو واتٿ مان نه ڪڍي. هڪ سياڻو انسان هو، اُن سندس ڏوهٽو، جنهنجو نالو رام هو، اُن کي اڳيان ڪري پڇڻ لڳس ته ڀلا هي ڪير آهي؟ هن جو نالو ڇا آهي؟ چوڻ لڳو ته هي ڏوهٽيءَ جو پٽ آهي! واتٿ مان رام جو نالو نه ڪڍيائين. اهو وڏن پاپن جو ڦل آهي، جو انت ڪال وقت اهڙي زور ڪرڻ سان به ايشور جو نالو واتٿ مان نه نڪري. هر هڪ ڪرم جا ٣ ڦل ٿين ٿا، پوءِ اهو ڪرم ڀلي جو هجي يا پاپ جو. ڀلي ڪرم جا ٣ ڦل آهن: (١) ڏرم وڌي ٿو. هڪ چڱو ڪرم ڪبو ته ٻي چڱي ڪرم جو خيال ٿيندو ۽ دل وڌندي، (٢) اُتهڪرڻ شڌ ٿيندو ۽ ويراڳ ۽ ستسنگ ۾ پريم لڳندو ۽ (٣) اُن چڱي ڪرم جو چڱو ڦل هن دنيا جا سک ۽ پدارٿ ملن ٿا. جي هن ملڪ ۾ قيمتي پٿران هيرا جواهر ۽ مڻيون جامن ۾ لڳل هونديون هيون، جي واتٿ

کان پڇيائين. ڀڳوان جواب ڏنو ته منهنجو فرض آهي ساريءَ سرشٽيءَ جي جيون جي پا
ڪرڻ (جو هو وشنو ڀڳوان جو اوتار هو). انڪري مان هر طرف نگاهه ڪندو آهيان ته سڀني
کي روزي ملي ٿي يا نه. هڪ ڏينهن سيتا ان ڳالهه جي پرکيا وٺڻ چاهي. هڪ ڪيڙو ڪٺ
هڪ سون جي دٻليءَ ۾ بند ڪري رکيائين. پوڄا جو وقت آيو ته اها دٻلي اتي آندائين
ڀڳوان ڌهه منٽ ڌيان ڪري پوءِ رسوئي کائڻ لڳو. سيتا کلي ڏنو. چيائين ته ”اڄ ته سڀني
جيون کي روزي ڪانه ملي.“ دٻلي کڻي کوليائين. ڏٺائين ته هڪ ڪيڙو ڪالهه کا
هن ۾ بند آهي، انکي روزي ڪانه ملي آهي. پر عجب جي حد نه رهيس، جڏهن ڏ
ته ان جي وات ۾ هڪ چانور پيو هو. شري رامچندر چيس ته اها پرماتما جي اچنت شڪت
آهي. تنهنجي مٿي لئي ٽڪڪ ۾ چانور لڳل هئا، انهن مان هڪ دٻلي بند ڪرڻ وق
ڪري ان ۾ پيو هو، جو ڪيڙو مک ۾ چوسي پئي پليو.

(٦) **آچنتيہ روپ:** هو ڪنهن جي به چتون ۾ نٿو اچي سگهي يعني من، واڻيءَ
بڌيءَ کان مٿي آهي. هن جو بيان پوريءَ طرح ڪير به ڪري نٿو سگهي. نه فقط انسا
پر ويد شاستر به اهو نٿا ڪري سگهن. سيڪو پنهنجيءَ بڌيءَ انوسار ڪي قدر هن جي ڪ
جو خيال ڪري سگهي ٿو.

(٧) **پرڪاشوان:** هو سورج وانگر پرڪاشوان آهي، پر سوئم پرڪاش آهي يعني
ٻئي ڪنهن مان پرڪاش نٿو پائي، پر ٻيا سڀ سورج، چنڊ، تارا، گرهه وغيره سڀ ان م
تا پرڪاش پائين. هو موهه روپي انڌڪار ۽ اگيان کي به ناس ڪندڙ آهي.

ارجن هاڻي سوال ڪير ته اهڙي پرم پرش جو انت ڪال وقت ڀڳت ڪيئن تا ڌ
ڪري ڪيس پراپت ڪن؟ ان جو جواب ڀڳوان هن طرح ٿو ڏئي:

شلوڪ ١٠. مرڻ وقت جيڪو پرش من جي ورتي اچل ڪري، پرمات
۾ لڳائي، يوگ بل سان ڀنهي ڀرن جي وچ ۾ پرانن کي چڱيءَ طرح رکي
اُن پرم پرش جو ڌيان ڪري ٿو، سو اُن جوتي سروپ دِويہ پرش کي پراپت
ٿئي ٿو.

اهڙي پرش جو موهه دور ٿي ويو آهي ۽ جو ته هن پنهنجي آتما کي سچارو آهي
پاڻکي پرماتما سان هڪ ٿو سمجهي، جنهن ڪري دنيا جي هر ڪنهن وٿي ۾ وڌ
پدارٿ کي آتما جي ٻيت ۾ هر ليچ ٿو چاڻي ۽ ٿو جهتري ته ممتا نٿو رکي. هو يوگ ڌ
مان آتاهه شڪتي پائي ٿو ۽ هن جو من الڪل اسٿر ٿي چڪو آهي. انت ڪال وقت ه
من کي پرماتما ۾ لڳائي، يوگ جي طريقي پنهنجا پران پنهنجي ڀرن جي وچم رکي، سک
ناڙيءَ ۾ استٿت ڪري، پرماتما جو ڌيان ڪندي، پران تياڳ ٿو ڪري ۽ جوتي سروپ
پرش ۾ لين ٿي ٿو وڃي. جوڳي، رشي، مني، ڀڳت، سنت سڀ اهو ٿا چاهين ته انت ڪ
ساوڌان ٿي، پران تياڳيون ۽ ڪي به سنڪلپ وڪلپ من ۾ نه اچن، ته ته انهن الو

ڪرلوڪيءَ جو واس لاءِ ”اوم“ ۾ آهي. ساري اُتپتي ان مان ٿي آهي. نالا ٻن طرحن جا ٿين ٿا: هڪڙا ڪرم يعني جي ڪرمن ڪرڻ ڪري پوندا. جيئن گوبند، مڌسوڌن، مراري، ڪواري، گرڌاري ۽ ٻيا، جي ڀڳوان جي ليلائن ۽ کيل ڪمن انوسار مٿس پيا آهن، مگر هڪ نالو پرم پرش جو اصلي اهو آهي ”اوم“، ”ست“ يا ”اونڪار“. گرو ارجن ديو سهسر نامي ۾ انيڪ نالا پرماتما جا سمرن ڪيا آهن، پر سوهلي ۾ چيو اٿس:

”ڪرم نام ڪٿي تيري جيها- ”ست“ نام تيرا پرا پورِ ٻلاءِ.

جيڪي هي نالا مهنجي زبان اُچاري ٿي، اُهي سڀ اوهان جا ڪرم نالا آهن، پر اوهان جو آدي نالو ”ست“ آهي. ”ست نام“ ڪو نئون نه آهي، پر نالو رکيو ”ست“ آهي. ويدن ۾ ”ست“ ۽ ”رام“ نالا آيا آهن. ”اوم“ نالو به اد نالو آهي. گايتري ٢٤ اکرن جو منتر آهي پر ”اوم“ فقط ٻن اکرن جو، پر ٻنهي جي جاپ سان رکيا ٿئي ٿي. اوم جي جاپ جي مهما بلڪل ياري ڏيکاريل آهي. گرونانڪ، شيخ فريد ۽ ٻيا به اهڙي ستو وني سماڌيءَ ۾ لڳندا هئا. ڪاڪڀشنڊ به چيو آهي ته پرليه ۽ مهاپرليه وقت مان هوني اُجپا جاپ جو رستو وٺي شرير جي رکيا ڪندو آهيان. ان سان نه فقط آتمڪ شڪتي پرڪاش ٿيندو، پر انيڪ رڌيون سڌيون به حاصل ٿين ٿيون. ان ۾ ڪابه اچرج جي ڳالهه ڪانه آهي. اهو اُجپا جاپ اُهي ڪري سگهندا، جن جي انتهڪرڻ مان دان، پُڄ، تپ، تيرٿ اشنان آدي شڀ ڪرمن ڪرڻ سان پاپن جو ميل صاف ٿي ويو آهي. اُجپا جاپ ڪو سولو ڪم نه آهي، جيئن مالها ڦيرڻ يا پستڪن جو پاٺ ڪرڻ، پر تلوار جي ڌار تي ٽلڻ برابر آهي، ليڪن جيڪي ان ۾ سچيءَ دل سان لڳن ٿا، اُنهن لاءِ جلد ئي اهو بلڪل سولو ٿيو پوي، جو اک ڀوُنڻ ۾ به ڏکياڻي ٿئي ٿي، پر اُجپا جاپ ۾ انتري به نه! اُٿندي، ويهندي، سمهندي ڦرندي، کائيندي پيئندي هو ان ۾ مگهن رهندا، پر ٿئي پراپت وڏن ڀاڳن سان ٿو. ايشور ۽ ستگروءَ ٻنهي جي ديا سان ملي ٿو. شاستر، پراڻ، سمرتيون وغيره سڀ ان اُجپا جاپ جي شڪتيءَ سان رچيون ويئون آهن. گرو نانڪ ڪان وٺي ڏهن ئي پاتشاهين ڪابه گهڻي دنيوي تعليم ڪانه ورتي، تڏهن به اهڙي اوچ درجي جي باڻي اُچاريون ۽ انيڪ ايشوري ڪم ڪيائون. اهو سڀ اُجپا جاپ جو پرتاپ ۽ يوگ اُڀياس جو هئو. گوسوامي تلسيداس وڏو ڀڳت هو، مگر وديا جو اڀياس ڪونه هوس. هنڪي به گروءَ وٽان رمز ملي ۽ اُجپا جاپ ڪمائي، هردو پرڪاشوان ٿيا، انهن ۽ رامائڻ جهڙو سندر گرنٿ ڪرتا ۾ رچيائين. اهو اجپا جاپ ڪروڙن مان ڪنهن ورلي ڪي نو حاصل ٿئي. ان جي چاهه به ورلي ڪنهن ڀاڳوان کي اندر اٿين ٿئي ٿي. ڀڳوان جيڪو گيان رجن ڪي ڏني آهي، سو سڀ هر منش لاءِ ڪارگر آهي.

شلوڪ ١٢ ۽ ١٣. سڀني دوارن کي بند ڪري (سڀني اندرين کي وس ڪري)، من کي هردي ۾ روڪي، پراڻن کي مغز ۾ آڻي، يوگ جي ڌارڻا ڌاري (سماڌيءَ ۾ ويهي)، هڪ اکر ”اوم“، جنهن جو ارٿ برهم آهي، اُن

جو روشني ڏيندڙ هجون! مهاپرش ۽ راجائن جا اِتهاس ڏيکارين ٿا ته پارٿ ورش
نه سگهي ۽ آباد هو! اهو سڀ ماڻهن جي ڌرم جي ڪرمن جو ڦل هو. پاپ ڪرمن
نه ٽن قسمن جا ڦل ڏني ٿو: (١) اڌرم وڌندو ۽ هڪ ٻئي ٻنيان ٽوان ٽوان پاپ ڪرم
(٢) من ملين ٿيندو، لڇمن دوکن ۾ وڌيڪ پوندو ۽ ستسنگ ۽ ڀلن ماڻهن جو سنگ نه
۽ (٣) دک، درد، غريبي ۽ ٻک وڌندي. ڪرمن جو ڦل ڪڏهن نه ٽرو وڃي ۽
لي ضرور ملي ٿو. پڇ ڪرم ڪيل هوندا نه انت ڪال وقت پرماتما طرف وڙسي لڳد
نه ٿه درڳجي ٿيندي. پوڳي ۽ ڀڳت لوڪ انت ڪال سمي پرماتما جو ڌيان ڪري، آڳيا
۾ سواس اسٿت ڪري، پران ٿياڳين ٿا ۽ دويه پرش کي پراپت ڪن ٿا.

شلوڪ ١١. ويدن جا ڄاڻو جنهن کي اکشر (يعني ابناسي) چون ٿا،
دويش ڪان آجا جتي ۽ سنياسي پرش، جنهن ۾ واسو ڪن ٿا، ساڌڪ پر
جنهن جي اِڇا رکي برهمچريه پالن ڪن ٿا، اهو جو سمپورن پد آهي،
بابت مان توکي سنکيپ ۾ اُپديش ڪندس.

ويد وِتا پرش، رشي، مني سڀ اَن اکشر يعني برهم جو اپديش ڏين ٿا، جو اَبنا
پرم پرش آهي. گرهستي پرش جيت ستي ۾ قائم رهي، راڳ دويش کان دور ٿي، اُ
ڌيان لڳائين ٿا ۽ جنهن کي ستت مهاتمائن رشي مني برهمچريه ۾ رهي ڌيائين ٿا،
اُوجن کي چوي ٿو ته اَن برهم جو مان توکي هاڻي ٿوري ۾ سڀ ورنن ڪري ٻڌائيند
اکشر جا ٻه مطلب آهن: هڪ ته اکر "اوم" ۽ ٻيو جو ناس نه ٿئي يعني پرم پرش. اوم
جاپ ڪيئي اُڄپا جاپ يا هنگري اڀاسنا ڪرڻجي ٿو ۽ اهو سواسن سان گرونه جي
طريقي سان ڪيو وڃي ٿو. رشين منين جو اهو ڪهڻ حوالو آهي ۽ اِن سان ئي هوُ اَنهڪ
شڌ ڪري، آنند ۽ شانتي پراپت ڪري، گيان جو پرڪاش حاصل ڪن ٿا. برهمچريه
ڪرڻ سان هن وانت ۾ چڱي مدد ملي ٿي. رشي مني به سڄڻان پيدا ڪندا هوا، ليڪ
قاعدي ۽ نيم انوسار گرهست ڪندا هئا، جو برهمچريه ئي ليکجي ٿو، جنهنڪري
شڪتي ۽ طاقت گهٽي هوندي هئي ۽ سواسن کي اسٿر رکي سگهيا ٿي. برهمچريه کان
بدن جي ڪمزوري ۽ سواسن جي چنچلتا ٿئي ٿي ۽ من ڀٽڪي ٿو. جنهن ڪاهري معر
جاپ سان رکيا تي ٿي، اِن طرح اوم جي جاپ سان ٻيا لوڪ پرلوڪ ۾ رکيا ٿي ٿي.
سادن ٽن ماترائن جو ٺهيل آهي: اَڪار، اُڪار، مڪار ۽ اڌ ماترا شڌ برهم جي. سچو،
۽ ٽيو ۽ اَرڌ ماترا آهي. "سوهنگ، هنگ سا" يعني "جو هوُ آهي، سوئي مان آهيان
" جو مان آهيان، سوئي هوُ آهي." اِن جاپ کي اُڄپا جاپ ٿو ڪوٺجي. اهو ئي آد
آهي. سڀني رشين منين اِن اُڄپا جاپ مان ئي سڀوري شڪتي پائي آهي. جيڪي انت
وقت سڀني دوارن کي روڪي، من کي هردي ۾ اسٿت ڪري، اُڄپا جاپ ۾ لين
پرم پرش جو ڌيان ڪن ٿا، اهي جسم مرڻ کان رهت ئي پرم پرش کي پراپت ٿين ٿا.

شلوڪ ١٤. هي پارٿ! جو پرش اننيہ چت سان هميشہ (روز ڪيترو وقت لاءِ) منهنجو چنتن ڪري ٿو ۽ ٻئي ڪنهن طرف چت نٿو وڃيس ۽ جو هر وقت اڪنڊتا سان منهنجو سمرن ڪري ٿو ۽ ٻئي ڪنهن جو نہ، اهڙي ساوڌان يوگيءَ کي مان سهنجائيءَ سان پراپت ٿيان ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٽہ لفظ خاص طرح ڪم آڻيا آهن. هڪ آهي اننيہ چيتاها يعني جنهن جو چت ٻئي ڪنهن بہ طرف نہ وڃي، رڳو هڪ طرف هجي ۽ ٻيو آهي نتيہ سهہ يعني روز ڪيتري وقت لاءِ. جيئن پتورتا استري پنهنجي پتيءَ کان سواءِ ٻئي طرف ڪڏهن ڌيان نہ ڏيندي آهي، ٺيڪ تيئن يوگيءَ جو ڌيان ٻئي طرف نٿو وڃي ۽ جو هر وقت اکنڊ وڙليءَ سان پرم پرش جو ڌيان ڪريٿو، يعني اهين نہ تہ ٢-٤ يا ٦ مهينا ڌيان ڪري وري ڇڏي ڏئي يا سستي ڪري، پر لڳاتار هميشہ سان هن جو ڌيان ڪري ۽ ٻئي طرف ڪا واسنا نہ رکي. اهڙي يوگيءَ کي پرماتما سهج ۾ پراپت ٿيندو. اهين بہ نہ ٿيڻ گهرجي، جو اڄ پرماتما جي ۽ وري ڪجھ وقت کان پوءِ ڪنهن ديويءَ يا ديوتا جي اپاسنا ڪري. ان کي استرتا نٿو ڪوٺجي ۽ اپاسنا ۾ استرتا لازمي آهي.

ايڪ ڀروسو ايڪ بل ايڪ آس وشواس.

ايڪ جوڙ دوڄي لڳي، ڏٺي سي وڻجارا.

جو ڪنهن رستي تي هلندو رهي ٿو، اهو ضرور آخر منزل تي پهچي ويندو، پر جو هلندو ٿي نہ يا ڪجھ وقت هلي، وري اهو ڇڏي ويندو تہ اهو منجهي مرندو ۽ مقصد کي پراپت ڪين ڪندو. پتورتا استرين جي اندر ئي تہ شڪتي ٿئي ٿي، جو سورج، چندرما ۽ ٻين ديوتائن جا ڀڳت ۽ هنن جي وس ۾ رهن ٿا. هن سورج جو لڪڻ بہ سهاري بند ٿي ويندو، سوڏا مثال شاسترن ۾ اچن ٿا. ستيءَ ساوتريءَ ڪيئن نہ پنهنجي مئل پتيءَ ستيوان کي يمراج کان موٽائي ورتو. مردن ۾ تہ اهڙي شڪتي اوتارن ۾ ٿئي ٿي، جيئن ڪرشن ڀڳوان پنهنجي گروءَ جي مئل پٽ کي واپس آندو، پر زالن ۾ پتورتائي مان اها شڪتي حاصل ٿي سگهي ٿي. پنهنجي گروءَ ۽ پرماتما ۾ بہ اهڙي اننيہ ڀڳتي ۽ پريم رکڻ گهرجي. پرماتما وٽ پتي بہ ٿڌو حاصل ٿيندو. هن جو ايشور ۾ اننيہ پريم نہ آهي، اهي انهن زالن وانگر آهن، جي پنهنجي پتيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڇڏي ٻين جي پٺيان ڀٽڪن ٿيون. جيئن استريءَ جو پتيءَ ۾ پريم نہ آهي، اها ڪهڙي بہ سٺي هجي تہ بہ پتيءَ کي نٿي وڻي. هن جو من ڪٿي ٿو ۽ لڄ بہ ڇڏي ڪڏاهين نہ هوندس. هن کي سک ڪڏهن نہ ملندو، جو نہ هن جي ترشنا ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندي ۽ هوءَ اندر ۾ جلندي رهندي. پتورتائي کي نہ رڳو هندن ۾ عزت آهي، پر ٻيون جاتيون ۽ قومون بہ ان جو قدر ڪن ٿيون. مطلب تہ ڀڳتيءَ ۾ اننيہ ڀاوَ ضروري آهي. اهين نہ تہ چت ٻئي طرف هجي ۽ هٿ سان پوڄا مالها ڦيري يا واڻي سان پيو جاپ ڪري يا پاٺ پڙهي. وهنوار ۾ بہ هر ڪم ٺيڪ طرح ڪري سگهبو آهي، جڏهن من لڳائي ڪبو آهي. پرمارٿ ۾ تہ اهو

برهم روپ منتر جو جاپ ۽ منهنجو سمرن ڪندي، جيڪو ديهه جو تياڳ
ڪري ٿو، اهو اُتم گتيءَ کي پراپت ڪري ٿو.

اوم جو جاپ ”اوم“ ”اوم“ اچارڻ سان ٿيو ٿئي، پر ان جو جيڪو شبد
”سوهنگ“ آهي، ان جو جاپ ڪيو وڃي ٿو. اوم لفظ برهم جو واچڪ شبد آهي
جيئن ڪنهن جو نالو هوندو آهي. اوم ئي برهم جو اصلي نالو آهي. ان جو جاپ سوا
سان ٿيندو ۽ نه زبان سان. انت ڪال وقت اهو ئي اهو جاپ ڪري سگهندو، جنهن سا
حياتي ان جو اڀياس ڪيو هوندو، نه ته ممڪن ئي نه آهي. هن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان فرما
ٿو ته سڀني دروازن يعني اندرين جون جيڪي گولڪون آهن، انهن کي سنجم ۾ رکج
يعني شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گنڌ، جي انهن اندرين جون وشيون آهن ۽ بلڪل ٻ
آهن، انهن کي اڀياس دوارا وس ۾ رکجي ۽ ڳجهه جاءِ طريقي ڪر آڻجي. انڪي ئي اند
جو سنجم چئجي ٿو. رڳو اهو ڪافي نه آهي ته ٻڪلي وانگر هٿ، پير، اکيون سنجم ۾ رک
پر من ۾ وشين جي ڀوڳڻ جي ڪامنا ۽ تامه لڳي پيئي هجي. ان لاءِ ان سنجم سان
ڀڳوان چوي ٿو ته من کي هردي ۾ روڪي يعني ان جو نروڌ ڪري، مٿي ۾ جا سک
ناڙي آهي، ان ۾ پراڻن کي آڻي، پوءِ سماڌيءَ ۾ ويهي، اوم جو اُجپا جاپ ڪرڻ گهرج
من جيڪڏهن قابو نه آهي، ته پوءِ ڀٽڪندو ۽ ڪوبه ڪم نه ڪري سگهندو. ان جي پيٽ
جيڪڏهن هٿ، پير ۽ اکيون سان ڪم ڪندو رهجي پر من پرماتما ۾ لڳل هجي ته اهو ڀڳ
کي پيارو آهي، اهڙي منش جا سڀ ڪرم جڳ ڀڳوان جي سيوا آهي.

سکمنا ناڙيءَ ۾ جڏهن پران هلن ٿا، تڏهن ورتي ڌرم طرف لڳي ٿي ۽ ان ۾ مدد
ٿي. اڀياسي پرش جي ته جيڪا ۾ ناڙي هليجي ته هڪڙي آنند ملي ٿو، پر سکمنا ناڙي هلڻ
پرم آنند پراپت ٿيندو. ان وقت وهنوار چڱيءَ طرح سڌ نه ٿا ٿين ۽ نه ڪرڻ گهرجن،
نه گهڻو ڪري نڪل ٿين ٿا. سکمڻي صاحب اُمرت جي والي آهي ۽ گروجن اها سک
ناڙي هلڻ وقت اچارن ڪئي هئي، ان ڪري ئي ان جو نالو سکمڻي پيو آهي. ڪن جو چ
آهي ته سکمڻي نالو ان ڪري پيو آهي جو ته اها من کي سک ڏئي ٿي، پر اهو ٺيڪ
آهي. انهن کي ان راز جي پروڙ ئي نه آهي. من جي اوستا پرٻڪ آهي ته سکمنا ناڙيءَ
پرانن هلڻ وقت جو جاپ ڪجي ٿو، ان مان هڪ ڪن ۾ جو آنند ملي ٿو، اهو وڏن و
راجائي سکن ته جا، پر برهما، اندر الوا وشنوءَ جي لوڪن جي سکن کان به گهڻو وڌيڪ
ٿو ۽ اهو سک سچو ۽ اُساسي آهي ۽ ٻيا سک سڀ ناسونت ۽ آهر دکدائي ٿين ٿا.
سک ڀوڳڻ سان ڀهنجا ٻيج ڪرم ختم ٿيندا ٿا وڃن ۽ آهر انهن جو سروپ ۽ نڪو رهي، ۽
۽ ڪمزور ۽ آهر نشٽ ٿئي ٿو، پر اڀياس جي آنند مان ڪرم جا خزانا ڪٺا ٿين ٿا ۽ اهو آ
وڌندو رهيو ۽ سک ۾ اهڙن کي به حاصل ٿيندو. ديهه جو ڪوبه دک ٿڪ ٿئي پا سعا
۽ ديهه جو اُهان ئي نٿي ٿو وڃي. ڪترا ۽ ٻرارٻڌ ڪري ديهه ني ڪمت اچن ته اهو
ڏرو به نٿا لڳائين.

سي ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڀاڳيءَ جو ڏيو به خطري وارو آهي. ان طرح ماتا جي گرڀ ۾ ڪٽلي
الي لورو آهي، پر اندر ٻالڪ کي اهو ڪرم ڀاڳيءَ جو ڀلاءَ لو ڀاسي. اُنڌر جا جنرا اگهي
اتا جي پيٽ ۾ آهي، اها به هنگي خوب تاٻش ڏيئي سازي ٿي، جو نه اُن وقت هو هڪ
ل والڪر بلڪل ڪومل لڳندو ۽ اهو تاپ ڪيس اُهين لو لڳي، جنهن اُندر ڪر ٻاه جو ڪيڏ آهي.
يڙا جهڙو ۽ جنترو هي ماءُ جي پيٽ ۾ آهن، اهي هنگي چڪ ٻاهين ٿا. هو ڪيڏي ڀاڳيءَ
ل مولو ۾ ليٽون ڏيئي دڪي لڳندو. آهڙيءَ حالت ۾ هو مهينن جا مهينا رهندو. اها مهاڀاري
ڙا جهڙو ڀالي لوءِ پر جنم وٺڻ کان پوءِ سڀ وسري لو وڃيس. جي پر پوءِ جو اُنهه جهڙ
ان سمرن ڏيان ڪيتا ۽ آتما جو آپرو ڪيو. گيان حاصل ڪيو اٿن، اهي وري جنم مرڻ جي
ڪر ۾ نه اچن ۽ انهن دکن کان ٻار ٿي چڪا آهن. اهوئي ڀڳوان جو اُپديش ۽ ويدن جو
انڊورو آهي نه "هي نر! گرڀ ۾ جا ڀيانڪ حالت لڳندي، اها وساري، اُن گرڀ مان
ڪرڻ لاءِ پرماتما سان جهڪي پون ڪيا هئا، نه ٻاهر ڪڍندو نه اوهان جو سمرن ڪندس، اهي
وگدر ڪري، غفلت ۽ ڪمت ۾ ڦاٽي ويو آهين." گرڀ ۾ جيو اُهڙو لڳندي لهسيا ڪري
و نه پوءِ ڪيس هڪ مٽيءَ جو پوڙهو هيءُ شرير مليو آهي، جنهن تي ايمان ڪري راحت ڏيندي
س دنيا ۾ ماڻا موهه ۾ پيو لو دک سهي. جنم مرڻ جا دک سهڻي جن جا نه ڏٺا آهن،
هنجا ڪٿي ياد نٿا پون. ٻالڪ ٻاهر نڪري ٿو نه ڪهڙو نه مل مُوتر ۽ روڳ ۾ پيو هوندو
هي! انهن دکن جو آزمودو هوندي به سنساري وشيه ڀوڳن مان سکڻ وٺڻ جي ڀيا
ڪوشش ڪريون! اهو ماڻا جو موهه اسانکي اهڙو نه وڪڙهي ويو آهي، جو جڏهن اُنڌا ٿي پيا
هيون. هن موهه جو هڪ سندر درشتانت پراڻن ۾ آيو آهي.

هڪ وقت نارد مني ولڪنٺ ۾ ويو ڀڳوان وشنوءَ کي ملڻ. ڏسي نه ڀڳوان وڏ شانتي
ڪي ويٺي آهي، جنهن ساري ولڪنٺ خالي پيئي ڀاسي. ڀڳوان کان پڇيائين نه "ناٿ! انهن
و آهي؟" ڀڳوان چيو نه "نارد! هتي ڪم اچڻ لڳو چاهي." نارد چيو نه "واهه صاحب!
س ڪيئن هوندو؟ ڀلا مڪڻ ڪاليندي نه ڪمهنجا ڏلد ڀڳا آهن؟ اڪيا ڏيو نه مان لو مرليو لوڪ
ن گهٽيئي جهڙو ولي اچان. اتڙا ولي ايندس، جو اوهان وٽ جاءِ لي نه هوندي." ڀڳوان
چيو نه "واهه! اهو ڪم نه ضرور ڪر." نارد مني هڪ نگريءَ ۾ ويو. هڪ نوجوان جي
ولي ڏاڍي لاڏڻ ٻاڏڻ سان ٿيئي ويٺي. خيال آيس نه هن کي نه ولڪنٺ ضرور پسند
ندي. الي محل آهن ۽ الهڪ پيا سک ۽ پدارٿ آهن. هن کي ڪڏيو، پر هن پورو نمسڪار
ه ڪيس. وڪو چيائون نه "سنت جي! حڪم ڪريو." نارد چيس نه "ڀائي! ولڪنٺ ۾
ڏا سک آهن. هلو نه مان اوهان سڀني کي الي ولي هلان." هو چوڻ لڳا نه "واهه جهڙو
نت آيو آهين. اڃا هاڻي شادي ڪئي اٿون. ڦلاڻو ڪم ڪرڻو آهي. ڦلاڻو ڏٺو پيو
سي." درپيت ڀڌالي ڪيس ڪڏهن چڏيائون. اڃي ويو نه هڪ پرڏ شرير ڪڏيس. پوڙهو
س ڏڪا ڏيئي رهيو هو ۽ ڳاريون نه پيو ڏنيس. ٻڌو پوڙهي کي ڏاڍو پيو سمجهاڻي، نه
پا! انهن نه ڪر." نارد سوچيو نه هيءُ ٻڌو نه پڪڙم هلڻ قبول ڪندو. نارد ڪومل

ازحد ضروري آهي. جيڪڏهن اسين ساڪار روپ جا اپاسڪ آهيون، ان ۾ انهه ڀڪ
رکون ٿا ته انت ڪال وقت ۾ اهڙو ئي روپ اکيان ايندو ۽ درشن ڏئي ان رو
جو ليندو.

مجازي عاشق معشوق ليلا مجنون، شيرين فرهاد، سهڻي ميهار، هير رانجهو، ان
جو نالو ۾ اڄ اِنڪري ياد آهي، جو هنن جو هڪ ٻئي سان انهه پريم هو. هنن جو پريم پ
شريرن جو هو، پر اهو سچائيءَ سان ڀرپور هئو ۽ قربانيءَ جو اعليٰ مثال ٿي ڏيکاريائو
هنن کي گيان ڪونه هو، فقط هڪ ٻئي جي شريرن تي موهت هئا ۽ نه آتما تي ۽ پر
هوندي ۾ مجنونءَ کي ڪو ۾ پرماني نه سگهيو نه ليلا کي ڇڏي ۽ نه ليلا کي ڪو ۾ مجنو
لاءِ پريم گهٽ ڪري سگهيو. جڏهن هڪ دفعي مجنون ڏاڍيءَ بريءَ حالت ۾ قائل ڪ
سان بد شڪل ٿي پئي لنگهيو ته ليلا کي سندن ساهيڙين چيو ته ”اهڙي چريي مستا
بد شڪل ۾ ڏٺو ڇا اٿيئي؟“ هن چيو ته ”اهو ته سڀ اوهان پنهنجي اکين ۽ دل
ڏسي ڏيون ٿيون. منهنجي اکين ۽ دل سان ڪيس ڏسو! مون لاءِ ته هو خود خدا آهي.
ڪو خدا ٿي مان نٿي چاهيان.“

شيخ سعدي پڙهيو ئي ڪين، ڏهن هن علم پڙهيو، پر اهڙو ته اُنهه چت ۽ شوق
پڙهيو، جو اڄ تائين سندس ناهيل ڪتاب شڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهايا وڃن ٿا. گلستا
بوستان وغيره ڪتاب سندس انهه چت جو ڦل آهن. انهه چت ڪانسواءِ پرماتما جو
ناممڪن آهي. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اهو انجام ٿو ڪري ته اهڙن ڀڳتن کي مان سولا
سان ملان ٿو.

شلوڪ ١٥. اهڙا مهاتما پرش مونکي پراپت ٿي وري دکن جي آسٿ
۽ ناسونت جنم کي نٿا پائين، ڇو ته هنن پرم سڌيءَ (موڪش) ک
پراپت ڪيو آهي.

”اهڙا“ جو مطلب آهي، اهي جن اڳين شلوڪن ۾ بيان ڪيل طريقي سان ڀڳو
کي پاتو آهي. اهي هميشه لاءِ جنم مرڻ جي چڪر کان آجا ٿي وڃن ٿا.

گرڀ اپنشد ۾ جنم وقت يا ماتا جي گرڀ ۾ رهڻ وقت جو دک ۽ ڪليش
ٿو، اهو ورنن ڪيل آهي. ماتا جي گرڀ ۾ مل مُوتر، رت ۽ خون ۾ ٻالڪ رهي ٿو ۽
جنم وٺڻ وقت هو ماتا جي عضون ۽ ناڙين مان پيشاب جي هنڌان نڪري ٿو ۽ ان و
پرسوت وايو (ٻار وقت جو اندر وايو هلي ٿو، جيهڪري سُور لڳن ٿا) جا ڪليش
ٿو. اهو اڻ سهندڙ دک ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ مايا جي پردي پوڻ ڪري وسري وڃي
ان طرح مرڻ جو دک ۾ جيڪو انيڪ دفع اسان سٺو آهي، اهو به وسري ٿو و
پرلوڪ ۾ ڪيئن ٿو گهمي ڪهي ۽ اتي جي دک ڪليش سوالي طور ملن ٿا، اهي
گروڙ پراڻ ۾ ورنن ڪيل آهن. هڪڙي گهڙي لاءِ ٿورڙو ٻاٽلي به سمنڊ برابر ڪه

ان جو مطلب ته منش جڏهن به لڇي ٿو هر لوڪ پاڻ جي نه چاهنا نه رکجي، پر رڳو آتم گيان پائڻ جي. ستو لوڪ، سرڳ، پتر لوڪ وغيره ٿو هر لوڪ کان هيٺ آهن. انهن ۾ وڃڻ نه ضرور ٿيو جنم وٺڻ ٿا.

نمرک راجا ڪرمن ڪندي سرڳ جو راجا اِندر ٿيو، پر آخر جڏهن سندس پنج ڪرمن جو ڦل کپي ٿي ويو، تڏهن وري هڪ ڪکين جي جُوڻ پاتائين. جو رشين جي سراپ ڪري اهو تل بلڪل ترت ناس ٿي ويس. هن کي ڏيڻ رشين کان پڇڻ جي پالڪي ڪڍائي انهن کي ته فقط تڪليف ڏني، پر هڻن کي ڪهڻ تڏ نه ڳالهايو، جنهن تي هنن سراپ ڏنس. جا ڄهوجي ڪٽي اِندر راجا نه ٿيو، پر هڪ سراپ ملڻ تي سڀ ڪجهه وڃائي هڪ ڪيڙو ٿيو! سرڳ نه هڪ لوڪ آهي، جتي سک ٿوار ملن ٿا، پر موکش نٿو ملي. آتم گيان کان سواءِ ٻيو سڀ وڃڻ آهي، جو نه اهو آتم گيان ٿي آهي، جو ديش، ڪال ۽ وستوءَ جي حد کان رهت آهي، پر سڀ دنيوي پدارٿ ۽ ٻيا لوڪ انهن تي ٻڌل آهي ٿا وڃن، جي سڀ ناسوان آهن ۽ آخر ختم ٿيندا. هڪ برهم ئي آخر رهندو ۽ ڪڏهن ناس نه ٿيندو. پرماتما هر هنڌ آهي، هر وقت آهي ۽ هر چيز ۾ آهي، جو ته هُو سَت چت آنند سروپ آهي ۽ اُنڪري ديش، ڪال ۽ وستوءَ جي حدن کان ٻاهر آهي. سڀئي پدارٿ ڇهن وڪارن ۾ ورهايا ويا آهن: اُستي (هجڻ) پالي (ڏسڻ ۾ اچڻ)، وڌڻ (ڦهلارو)، ڦلڻ (ڦالو) ۽ روپ شڪل شبيهه). پهرين تي ڪٽا ته هر هڪ پدارٿ ۾ هر وقت رهن ٿا، پر پوين نه ناس ۽ روپ بدلجندا رهن ٿا. ڪو به اهڙو پدارٿ جڙ يا چيتن نه آهي، جنهن ۾ اُستي ۽ پالي ۽ ڀڻ ڏسجي ٿي ڪڏهن به وقت نه هجن، يعني هميشه رهن ٿا. باقي نالو ۽ روپ هميشه بدلجندو رهي ٿو. ڪڏهن ٻار ته ڪڏهن ٻڍو، ڪڏهن تندرست ته ڪڏهن بيمار، ڪڏهن ڏُٻرو ته ڪڏهن ٿلهو متارو، ڪڏهن سون ته ڪڏهن ان مان ٺهيل زيور، ڪڏهن چاندي ته ڪڏهن ان مان ٺهيل ٿانو، ڪڏهن سڪا يا زيور. مطلب ته نالو ۽ شڪل شبيهه هر هڪ پدارٿ جو بدلبو رهي ٿو. جڏهن ڪاڻا جا آڌيا برهم لوڪ، ستو لوڪ، وشنو لوڪ، سرڳ، لوڪ وغيره جا پدارٿ آهن بدلجن، گهٽ وڌ ٿين ۽ ناس ٿيڻ وارا آهن ته پوءِ انهن جي ٻڌان ٿي جو منش جنم وڃائجي، جڏهن هي اَمولڪ جنم مليو ٿي آهي موکش جي پراپتيءَ لاءِ؟ پر ان هوندي به ماڻهو منش جنم جو قدر نٿي ڪري ۽ ڪيترن اهڙين شين کي ڇڏي نه سگهن ٿا جي ناس ٿيڻ ۽ دُکن ۾ ڦاسائيندڙ آهن!

سڀ لوڪ هُو ته هوش نه ٿيندو - ڪهڙو نه ڪان ڏري

ٻٽڪري هن جنم ۾ پرماتما ساڻ ملڻ جو ٿي پڃن ڪرڻ جيڪا نه جنم مرڻ جو چڪر اُهي سڀ ٿو اڪنڊ آنند پراپت ڪريون. اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن من اسٿر ٿيندو ۽ من ٽِڪيو، جو ڪتي پڇيءَ طرح ٻولندو. پر وشين جي سکن جي اڻاٽا ٿي نه ٿيندي. هڪ ٻي روپ نه ڏٺو ۽ پوءِ به نه هُو روپ وڌيڪ پسند ڪندو. هن جي اندر ۾ جيڪو آهي، اهو هڪڙي ٻاهر ڳولي ٿو. جيتوڻيڪ عقل اهڙو نه اٿس، روپ جي چمڪ ڏسي،

جڏهن وارو هو. ڪنس ڏاڍي ڀوڳ ۽ همدرديءَ وچان چيائين ته ”ادا! هل ته مان تو
ولڪنس ۾ ولي هلان، جتي ڏکو سک لي سک آهن. هتي ڪهڙو له دک الڳي
ان ٻڌي ٻڪدم چيس ته ”هل ڙي هل. شرم نٿو اچئي جو ائين ٿو! هي منهنجو
آهي، ڏنڊا هٿي، نه ته مون لاءِ اهي ڪل ڦل آهن. دل ٻيڻي خوش ٿئي سندس ٻاران
حرڪتون ڏسي. شل اهولي مونکي چڪيا لي ڪلي سازي اچي. جهڙو نه آهي، ٻو آ
آهي ته منهنجو رمه ته ؟“ هن جو اهڙو موه ڏسي نارد دنگ رهجي ويو. وري
ٻڌي مالي هڪ ڪتوليءَ لي سڪف ٻيمار ٻيل ڏٺائين. دسف لڳل هئس ۽ ائين ٻيٺي
انکي هلڻ واسطي چيائين، ٻو هن چيس ته ”مان لوڄهڙي سڪف جي درشن جي ٻسا
هئس، ٻو لون مون کي سکي ڪرڻ ٻڌران مارڻ آيو آهين. مون کان نه وڏيءَ عمر وار
ڪمعرون اڃا جيئن ٻيٺون.“ ناردمنيءَ خيال ڪيو ته وشنو ڀڳوان ليک لي چيو ته مان
سرليو لوڪ کي نا ٻسند ڪن، ٻوءِ ڪلي ڪهڙا نه دکي هجن. هنن کي سرڳ جا سک
ڪمن. آهو ويو جهنگل ۾ ته ڪن جانورن کي لي ولي وچان. هڪ سؤنر ڏٺائين. انک
چيائين، ٻو هن جواب ڏنس ته ”مان زال ۽ ٻارن کان ٻچان ته اهي نه هلندا؟ مان اڪيل
هلندس.“ وٻو نه هنن ٻيمس ته ”الي ولڪنس ۾ اسانکي کائڻ لاءِ وشتا ۽ گند ملندو،
هتي ملي لو؟“ ويچارو آيو ناردمنيءَ کان ٻڇڻ. هن چيس ته ”الي نه سڀ سنا ٻيدا
آسرمف جهڙا هوندا آهن، گند ۽ وشتا ڪٿي هوندا آهن؟ ان لي هن جواب ڏنو ته“
اسين الي ڇا هلي ڪريون؟“ مايا جو اهڙو موه ساري ڪائنات ۾ ڇانيل آهي. انهن
کان ڇٽو آهي ته ڀڳوان جي ڏنل اپديش لي هلي، سندس لي ڌيان ڪري، جنم مرڻ
چڪر کان آهي لڻ لاءِ گيان پراپت ڪرڻ ضروري آهي، نه ته مايا جي چڪر ۾ ٻيو
۽ وچنو ۽ دک ۽ ٻڙالون سهيون.

شلوڪ ١٦. هي ارجن! برهم لوڪ تائين وٺي اڌڪاري وري واپس
مرڻ جي پرواهه ۾ اچن ٿا، پر هي ڪنتي پترا جيڪو مون کي پائي ٿو،
جو وري ڄمڻ جنم نٿو ٿئي.

برهم لوڪ ناس نه ويچار شاسترن ۾ آيا آهن. جيڪي لوڪ ڪرم ڪندي ٻعدي
دان، لپ آدي شڀ ڪرم وسيلي برهم لوڪ پراپت ڪن ٿا، اهي اتي گهڻو عرصو
وڏا وڏا سک ماڻي ٻوءِ وري جنم وٺن ٿا. ٻو جيڪي هنگري اپاسنا ۽ اڃا جاپ سان
سورن گيان نٿا ماڻين ۽ اڳي لي جولو ڇڏين ٿا، اهي نه برهم لوڪ ۾ وڃن ٿا ۽ اتي
ٻنارلن کي ٻاڳي برهما جي عمر تائين سک ۾ رهن ٿا ۽ مهاپرلئه وقت برهما کان آئر اپد
ماڻي، موڪش کي پراپت ڪن ٿا ۽ وري ٻيو جنم نٿا وٺن. جيڪو نڪام لي ونا
شڀ ڪرم ڪرٿو، اهو نه برهم لوڪ ۾ ويندو، ٻو آهو وري جنم وٺندو. جيسائين ڪ
نه پراپت ڪيو اٿس. هن شلوڪ ۾ ڪرم ڪندي برهم لوڪ جي پراپتيءَ جو بيان آيل

ڏني هئي، سو هاڻي ڀڳوان ۾ شڪ وڌائين ته مٽيءَ واسطي سندس پاڻ جو خون ڪرايو
الس. ڀڳوان ڪرشن پاڻ تي الزام آيل ڏسي، گولا ڪري اها مٽي هٿ ڪئي ۽ ثابت
ڪيائين ته ستراجيت کي شينهن ماريو هو. پر ان مٽيءَ ڪري ڀڳوان تي ڪوڙو ڪلنڪ لڳو،
نشمي ونڌي ۽ آخر ستراجيت لڄي ٿيو. مطلب ته سڀ بدران ڪهڙو وقت وڃي ورونڊ
پيدا ٿيو.

اڄين نگر ۾ سومنات برهمڻ پاربتي ديويءَ جي تپسيا اُپاسنا ڪري، هڪ امرت
ڦل پاتو ته جيڪو کائي، سو امر ٿي پوندو. اهو هن آڻي راجا ڀرٿريءَ کي ڏنو، ته اهو
ڌرماتما راجا آهي، سو کائي ته پرجا جي پالنا ڌرم انوسار ڪري سگهندو. راجا اهو
پنهنجي پياريءَ راڻيءَ پنگلا کي ڏنو. هن وري اهو پنهنجي پريتم پيلوان کي ڏنو، جنهن
وري هڪ وئشيا کي ڏنو، جنهن سان هن جو پريم هو. ان وئشيا خيال ڪيو ته مان ڪاليدنس
ـ امر ٿي پيئي پاپ ڪرم ڪندينس، سو اهو وري راجا ڀرٿريءَ کي ڏيڻ لاءِ سندس
دربار ۾ کڻي ويئي. راجا اهو سڃاڻو ۽ جڏهن خبر پيس ته راڻيءَ اهو ڪاڻڻ بدران سندس
پيلوان کي ڏنو هو ۽ ان سان هن جو پريم هو ۽ نه ساڻس، تڏهن ويراڳ آيس ۽ راڄ ڀاڳ ڇڏي
جي ٿي ويو. مطلب ته برهمڻ جي ان ديويءَ جي تپسيا مان به ڪو چڱو ڦل نه نڪتو،
پڪاري راجا کي به دک ٿيو ۽ راڻي به خوار خراب ٿي. سنسار ۾ وڏي ۾ وڏي تپسيا
اوڻ ڪئي، جو پنهنجا سر به ڪپي شو ڀڳوان جي اُپاسنا ۾ هون ڪيائين ۽ وڏا وڏا ور
تا هٿائين ته ڪيس منش ۽ پاندرن کان سواءِ ٻيو ڪو ماري نه سگهي. هن سمجهيو ته اهي
منهنجا ڪاڄ آهن، پر ان راوڻ به آخر ڪجهه به سک نه پاتو ۽ ڀڳوان منش جو اوتار وٺي
اندرن جي سهنا سان وٽي ڪيس ختم ڪيو. اهڙي تپسيا پرماتما جي ڪري ها ته آتم گيان
لي موکش پراپت ڪري ها. ويدن، پراڻن، شاسترن ۽ رشين منين جي اپديشن ۾ اهو
ـ آهي ته اپاسنا هڪ پرماتما جي آتم گيان ڏيڻ واري آهي، جنهن مان ئي موکش ملي
ڪهي ٿو. پرماتما طرف اسين هڪ قدم هلنداسين ته هو سؤ قدم اسان جي ويجهو ايندو.
ٿو ديوتائون ته ڪنهن وقت رلج به ٿين ٿا. اپاسنا ۾ ڪا چوڪ ٿي ٿي ته ڪروڌ به ڪن
ـ پر پرماتما وٽ پاڻ سان ڪيس ياد ڪندڙن کي به سک ٿو ڏئي ۽ پنهنجي راهه ۾ لٿو
ڪالي ۽ هن جو ڪلياڻ ٿو ڪري.

شلوڪ ١٧. جي پرش ڄاڻن ٿا ته برهما جو ڏينهن هڪ هزار ڳڻن جيترو
ـ پورو ٿئي ٿو ۽ رات به هڪ هزار ڳڻن جي ٿئي ٿي، اهي لوڪ سچ پچ
ڏينهن ۽ رات کي سمجهي سگهن ٿا.

هنن ڳڻ جو مطلب آهي ڳڻن جي چوڪڙي يعني جڏهن چارئي ڳڻ (ست ڳڻ،
ڀر ڳڻ، دواپر ڳڻ ۽ ڪلجڳ) هزار دفعو پورا ٿين ته برهما جو هڪ ڏينهن گذري ٿو ۽

طرح واسطه

ان کي پسند ڪري ٿو. وشمن جو سک ڀئسي برابر آهي ۽ آتم آنند روپي والگر. س
سنت مهاتمائون، رشي مني ان سک جا چاڪو آهن ۽ ويد شاستر سڀئي جيون کي ان سک
سک. ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ ڀيا ٿا ڪوششون ڪن، پر هين جو سڌ ورلو ئو اناڻي. اناڻ وار
مان ته سچو ڦالدو ڪي ورلي ٿا ولن ۽ پوروز آدم ڪن. رڳو اپديش بڌي، ڪي رس ولي
واهه واهه ڀيا ڪن! چندن جي سنگ ۾ سڀ وڻ چندن جي سگند ڀرالين ٿا، پر بانس ج
وڻ ڪجهه نٿو ڀرالي، جو هن کي پنهنجي اوچائي جو اڀمان لو رهي، جاڪاڻ ته سڀئي چند
جو وڻ لنڊ ۽ ٥٢ اگر اوچو ٿئي ٿو. جيئن بانس چندن جي سنگ مان لاڀ نٿي ڀرالي
ليئن ڪوئي ڀاڳن وارا سنتن جي سنگ ۽ اپديش مان ڦائدو نٿا ولن. چندن جو ان ۾ ڪ
ڏوهه نه آهي، پر دوش بانس ۾ آهي، جو جو هڪ ته ان ۾ ڳنڍيون آهن ۽ ٻيو نه پوور
آهي، ٽيون نه اوچو آهي ۽ چوٿون نه بانس جو ڀاڳير ۾ اهرڪا ۽ حسد آهي. هڪ ٻئي سا
گسڻ سان باهه پيدا ڪن ٿا، جنهن ۾ سڀ بانس جلي ويندا آهن.

جيڪي اوڳڻ بانس ۾ آهن، اهي سنسڪين ۾ نه هئڻ گهرجن، تڏهن اپديش جو ال
هن ٿي ليندو. بانس وانگر ڏنڍ پٽي، ڪل، ودڀا، ڏن ڀدارٿ جو اڀمان نه هجي، راڳ
دويش جون ڳنڍيون نه هجن، انهن ئه نه ڪن سان ٻرابر ۽ ڪن سان دشمني ڪجي. ٽيو
نه هن ۾ ڏارڻ ڪرڻ جي شڪتي هجي ۽ سمجهه پول نه هجي، جو هڪ ڪن سان ٻڌج
۽ ٻئي ڪن مان هلمو وڃي، ۽ چوٿون اهرڪا، حسد، ڪروڌ آدي اڪيون نه هجن، جي ڪي
ٻيئون جلائين. اهي ڪوتا لچڻ هوندا ته ساري عمر ڀيو سنتن جو سنگ ڪجي ته به ڪو ا
نه ليندو. پارس هزارين من لوهه جا سون ڪري ٿو سگهي، پر جي لوهه ۽ پارس جي وچ
هڪ ميندي جو ٻن به پيو هوندو ته اهو لوهه سون نه ٿي سگهندو. اسان جي اندر ۾ ڪ
جنم جنم جي پاپن روپي پردا پيا آهن، جي دور ڪجن، تڏهن ٿي گيان جي حاصل ٿ
جي اميد ٿي سگهي ٿي.

هن شلوڪ جو سڌانت اهو آهي ته پرماتما جي اپاسنا کان سواءِ ٻيون جيڪي ٻ
اپاسنائون آهن، اهي سڪام هجن، ٿورڙي ٿمڪام ته موڪش پد ڪيون ڏيئي سگهن، ۽ ر
هڪ پرماتما جي اپاسنا ئي جنم مرڻ جو بندڻ ڪاٽي ٿي سگهي. ٻين جي اپاسنا مان ه
لوڪ جا سک ڀدارٿ ملن ٿا، ڪامنائون پوريون ٿين ٿيون، پر اهي سڀ ناسوَنت ۽ آهر
دک ڏيڻ وارا ٿين ٿا. شريمد ڀاڳوت پران ۾ ڪٿا آئي آهي ته شتراجيت سورج ڀڳوان ج
اپاسنا ڪري مڻي حاصل ڪئي. ان ۾ اها شڪتي هئي ته سورج وانگر پرڪاش ڪندي
هئي ۽ ٨ پهر يعني ٢٥٦ تولا سون جا روز ڏيندي هئي. هن ان سون سان ساري نگر ج
بک ۽ غريبي ڪڍي ڇڏي پر آتم سک نه هن کي ان مان نه ڪونه ملي سگهيو. شتراجيت
جو ڀاءُ اها مڻي ڳلي ۾ وجهي جهنگل ۾ ويو ته ڪنهن شينهن ماري ڇڏيس ۽ اها مڻي ڪ
ويو. ان شينهن کي وري جامونت نالي رڇ ماري مڻي ڳلي وجهي پنهنجي غار ۾ ويو
شتراجيت ڪان اها مڻي ڀڳوان ڪرشن گهري هئي ته ڀلجا اڪرسن کي ڏهي، پر هن

برهما کي گيان مليو، ته هن کي ته سانکيه گيان مليو ۽ هو موکش پائين ٿا. پر جن ڪرم
ڪندي، برهم لوڪ پاتو آهي، سي اهي وري جنم وٺن ٿا. جڏهن انهن ڪرمن جو ڦل پورو
ٿئي ٿو.

جڏهن برهما صبوح جو سجاڳ ٿئي ٿو ته سڀ جڙ ۽ چيتن (استاوَر ۽ جنگم) پدارٿ،
جي رات جي وقت اويڪت هئا يعني ڏسڻ ۾ نٿي آيا، اهي نڪري نروار ٿين ٿا ۽
وري رات پوڻ تي پرڪرتيءَ ۾ لين ٿي وڃن ٿا يعني اويڪت ٿي وڃن ٿا. مطلب ته برهما
جي رات ۾ سرشٽيءَ جا سڀ پدارٿ برهما جي هرديه ۾ سوکشم روپ ۾ رهن ٿا ۽ صبوح
ٿيڻ تي سڀ ظاهر ٿين ٿا. اهي پدارٿ ڪي نيا نه آهن، پر ساڳيا اڳئين ڏينهن وارا آهن ۽
جيئن اسين رات جو سمهون ٿا ته اسان جا سمورا پدارٿ جهڙا اسان ۾ لين ٿي ٿا وڃن ۽ اسان
جي صبوح جو اٿڻ سان سڀ وري ظاهر ٿيو ٿا پون. ڪر نوان ڪونه ٿيا ٿين. هي سمورو
برهمانڊ به ان طرح برهما جو پدارٿ آهي. سج، چنڊ، تارا، نڪيتر وغيره سڀ جهڙا
ٿيو ٿين ڪلپ (برهما جي ڏينهن رات) ۾ هئا، اهڙا ئي نه، پر ساڳيائي وري هن ڪلپ
۾ ظاهر ٿين ٿا. مها پرلي وقت يعني برهما جي هڪ سؤ سالن پوري ٿيڻ تي اهي سڀ
ناس ٿي ويندا. ان عرصي اندر روز رات اچڻ تي برهما ۾ لين ٿيندا رهن ٿا ۽ صبوح ٿيڻ
تي ظاهر ٿيندا رهن ٿا. اسين ڏسندا آهيون ته برسات پوڻ تي ڏيڏر پيدا ٿي پوندا آهن.
اهي ڪٿان ٿا اچن؟ انهن جو ٻج ڌرتيءَ ۾ پيو آهي، جو مينهن پوڻ تي اهي جهٽ ظاهر ٿيندا
آهن. مثل ڏيڏر ڪي سڪائي اتو ڪري رکو ته ان مان به برسات وقت ڏيڏر پيدا
ٿي پوندا آهن. ان طرح جهنگلي ٻوٽن ۽ گلن جا ٻج به ڌرتيءَ ۾ پيا آهن ۽ چوماسي ۾ اهي
نڪرندا آهن. ان کان اول اهي اويڪت هئا ۽ پوءِ ويڪت ٿيا. هر هڪ جيو پنهنجي
ڪرمن مطابق برهما ۾ اويڪت طرح لين ٿيو ۽ وري برهما جي صبوح ٿيڻ سان اهو انهن
ڪرمن کي ڀوڳڻ لاءِ جنم وٺي ٿو. ان طرح ڪروڙين سال جنم وٺندو ۽ مرندو رهي ٿو،
جيستائين گيان حاصل ڪري. ان ڪانهوءِ سنسار جنم مرڻ جو چڪر سمايل ٿيو.

ڪي لوڪ ڪلجڳ جي عمر رڳو ٥ هزار سال ٿا چون، پر شاسترن موجب اهو ٺيڪ
آهي. ٻين ڳڻپ جي عمر مٿي ڏيکاريل انگن موجب ٿي گڏوي آهي ته ڪلجڳ جي ۽
٤٠٣٢٠٠ سال ٿيڻ گهرجن. اهو لکيل آهي ته شبهه ڏينهن ٿي لوڪ دان پيو ڪندا ته ڪلجڳ
جي عمر ڪجهه گهٽجي سگهي ٿي، مگر ان جو تفاوت بلڪل ٿورو ٿيندو. ڪلجڳ کي ٥
هزار ورهيه ته ٿي چڪا آهن. پڳوان جو مطلب آهي ته برهما جي عمر جو هڪڙو ڏينهن ۽
سالن جي اڻ ڳڻ سالن جو آهي ۽ اهڙا هو هڪ سؤ سال رهندو، پر آخر هن جو به انت
ٿيندو ۽ جي گيان جو لائق نه ٿيو ته وري هو به ٻيو جنم وٺندو. سڀئي جيوتن ۾ جيئڻ کي
ڪ دک هڪ جهڙا ئي محسوس ٿين. پر جيتوڻيڪ رڳو ٿي ڏينهن لڳو رهي، پر هو
پنهنجي حياتي ۾ هڪ سؤ سالن پورو ٿو ڄاڻي ۽ سک دک ٻنهي پرالبڌن وانگر ٿو ڀوڳي.
ن کي ڪندي پاڻيءَ مان اهو آنند ٿو اچي، جو اندر پڳوان کي امرت جي پياري مان ايندو

شلوڪ ۱۸. برهما جي ڏينهن ٿيڻ تي سڀ پراڻي مالڪ ۽ ٻيا پدارٿ
ڏنل پرڪرتيءَ مان پيدا ٿين ٿا ۽ وري برهما جي رات اچڻ تي اهي سـ
انهيءَ پرڪرتيءَ ۾ لين ٿين ٿا.

شلوڪ ۱۹. اهڙيءَ طرح هي پارٿ! ساڳيا ئي جيو هر هر اُٿين ٿـ
اوس برهما جي رات اچڻ تي، اُن ۾ لين ٿين ٿا ۽ ڏينهن اچڻ تي وري پيـ
ٿين ٿا.

ڀڳوان شلوڪ ۱۶ جي پهرئين اڌ ۾ ٻڌايو ته برهم لوڪ تائين جيڪي لوڪ آهن، ا
۾ وڃي جيءُ وري جنم ۾ اچي ٿو. ان بيان کي وڌيڪ سمجهائڻ لاءِ هي ٻه شلوڪ آهـ
ته متان ڪنهن جي من ۾ اها شنڪا اچي ته برهم لوڪ ته بلڪل هڪ اُتم آسمان آهـ
اتي جيءُ پهچي وري هيٺ ڇو ڪري؟ ڀڳوان سمجهائي ٿو ته جيڪو پيدا ٿيو آهي،
ضرور ناس ٿيندو، ٻيو ڪو جلد ۽ ڪو دير سان. هڪ مڇر گهڙي ۾ گهٽ ۳ ڏينهن جـ
رهندو، ٻيو انسان هڪ سؤ ورهين تائين يا اچا به ڪجهه وڌيڪ حياتي ماڻي سگهي ٿو
طرح ڪيڙيءَ کان وٺي هاٿيءَ تائين جدا جدا اوسٿائون آهن ۽ ٻيو ناس آخر سڀ جا ٿين.
برهما تائين اهو حال آهي ۽ هن جو به ضرور هڪ ڏينهن انت ايندو ۽ سندس برهم
۾ ختم ٿي ويندو. وشنو پران ۾ آيو آهي ته چئن ڳن جي ڪل عمر ۴۳ لک ۽ ويهه
سال آهي. ان مان ست ڳڳ ۱۷ لک ۲۸ هزار سال، ترتيا ڳڳ ۱۲ لک ۹۶ هزار، د
ڳڳ ۸ لک ۶۴ هزار ۽ ڪلجڳ ۴ لک ۳۲ هزار سال ٿيندو. اهڙا چار ڳڳ هزار دفع لـ
ته برهما جو هڪ ڏينهن ۽ ٻيا هزار دفع اوترو وقت گذري ته هڪ رات. ان طرح
مهيني ۾ ٽيهه ۶۰ هزار ڳن جون چوڪڙيون. ٿي ٻارهن سال ۾ ٽيهه ۷۲۰ هزار ڳن
چوڪڙيون ۽ سؤ سالن ۾ ۷۲ هزار، هزار ڳن جون چوڪڙيون ٿيون يعني ڪل
۷۲۰۰۰ × ۱۰۰۰ × ۴،۳۲۰،۰۰۰ = ۳۱۱،۰۴۰،۰۰۰،۰۰۰،۰۰۰ سال.

چئن ڳن جي جوڙ کي هڪ مها ڳڳ ڪوٺجي ٿو. ۷۱ مها ڳن ۽ هڪ سنڌيا جـ
۱۷،۲۸،۰۰۰ سالن کان پوءِ ٿيندي، انکي هڪ منونتر ڪري ڪوٺجي. ان جي عمر
۳۰۸،۴۴۸،۰۰۰ سال. اهڙن ۱۴ منونترن ۽ ٻي سنڌيا جا ۱۷۲۸،۰۰۰ سالن کان پوءِ ٿي
انکي گڏي هڪ ڪلپ ٿئي ٿو، جنهن ۾ ۴۳۲۰۰۰۰،۰۰۰ سال ٿين ٿا. اهڙا ٻه ڪلـ
برهما جو ڏينهن ۽ رات. اهڙن سالن کان پوءِ برهما به ڪم ٿي ويندو. جيستائين
گيان دوارا موڪش ماڻي، اوستائين جيو به جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچڻو پوندو. ـ
حياتيءَ جي انت وقت جيڪڏهن هو "انڪ آهي ته پرماتما ٻاڻ جيڪي ڪمن جو ايندهن
سگهيءَ جي راهه ڇڏي ٿو. برهم گيان جي واٽ تي هلندڙ جگياسوءَ جي اُها حالت ۽
ابياسا ڪندي، پوءِ گيان پائڻ کان سواءِ شرير لٽائي، برهما جي لوڪ ۾ وڃڻ ته
کي ته برهما جي آئُو تائين اتي رهڻو پوي ٿو ۽ هو برهم لوڪ جا سک ڀوڳي.

شلوڪ ٢٠. پر اُن اويڪت (اکين ڏٺل يا لڪل) کان به مٿي وڏيڪ اويڪت ۽ سناتن ٻيو ابناسي آهي، جو جڏهن ٻيا سڀ پدارٿ ناس ٿي وڃن ٿا، تڏهن به ناس نٿو ٿئي.

شلوڪ ٢١. اهو جو لڪل کان به وڏيڪ لڪل ۽ ابناسي آهي، اهو ئي پرم پد يعني پرم گتي آهي، جنهنکي پائي وري جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي. اِهوئي منهنجو پرم ڌام آهي.

اهو ابناسي پرش آهي يا پرهم پرماتما، جو اکين ڏٺل جڳ يا هرڻيه گرڀ کان به اوچو، اٽل ۽ سناتن آهي. اهو ڪڏهن به ناس نٿو ٿئي، ڪٿي برهما سوڌا سڀ جيو ناس ٿي وڃن.

اويڪت جو مطلب ١٧-١٨ ۽ ١٩ شلوڪن ۾ هو، برهما جي سشپتي اوسٿا ۾ جيڪي ورتيون يا جيو اڪل رهن ٿا. هتي اِن شلوڪن ۾ اويڪت جو مطلب آهي اها چيتن شڪتي يا ستا جا هڪ يار پرهم ۾ آهي ۽ برهما کان وڌيڪ ڪليءَ تائين سڀني پدارٿن ۽ جيون جي ناس ٿيڻ لي به قائم رهيتي ۽ ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي. اهو يار پرهم سناتن يعني آديءَ کان به آدي آهي، جنهن جو ڪو انت نه آهي ۽ نه هوءَ ناس ٿيندو. هتي "سناتن" لفظ جي معنيٰ ڪو خاص فرقو يا ڌرم نه آهي، پر آدي ڌرم. شري رامچندر ۽ شري ڪرشن اِن آدي (سناتن) ڌرم لي هلڻ جي آکيا ڏني آهي. سمرڻ هوندي به ڪنهنجو ڪو ڌرم، فرقو يا مذهب چالوءَ ڪونه ڪيو هو.

جڏهن برهما پنهنجي سؤ ورهين جي آئو پوري ڪري، پنهنجي لوڪن ۽ جيون سميت ختم ٿي ويندو، تڏهن به اهو پرم پرش، جو ابناسي آهي، اهو ڪداچت ناس نه ٿيندو. ڇوته مان اهو پرم پرش آهيان، اڳي جيڪو پرڀ ڪريو، اهو وري جنم ۾ اچي ۽ مڪت ٿي وڃيو. پرم پرش جي چيتن شڪتي مها پرليه وقت به قائم رهيتي ۽ ڪنهن به حالت ۾ ناس نٿي ٿئي.

ڪنهن کي ڏک لڳي ٿو ته اهو هند سڄي پرهتو يا زخم ٿيو ۽ رت لڳو. ڏسڻ ۾ اچيتو، پر جيڪو سور انکي ٿيو، اهو نه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ رڳو محسوس ڪري سگهجي ٿو يا ٻيو جنهن کي اهڙو ڏک اڳ آيو هوندو، اهو جاڻي سگهندو. ٻيو ڪو نٿو جاڻي سگهي. مهاتمائن ٻين جي ڏک ۾ دکي ٿين ٿا، ڇو ته انتهڪرڻ شد آهي ۽ ٻين جي آتما جو عڪس سندن آتما ۾ پوي ٿو، رواجي طرح ماڻهو ٻئي جو دک درد نٿو جاڻي سگهي. تنهنڪري ٻيا هن جي حرڪت مان اندازو لڳائي سگهجي. اِن طرح پرماتما کي اِندرين وغيره ٿيون ڏسي سگهن، جنهنڪري اکين ڏٺل جڳ کان به هن کي وڏيڪ اڻ ڏٺل چيو ويو ۽ سناتن يعني آدي آهي. هن جو روپ، نه ڪو رنگ، نه ڪو آڪار يا وڪار آهي، جنهن مان ڪٿي جاڻي ٻيا ڏسي

آهي. رشيڪيش ۾ گلر جا وڻ آهن. اهي گلر گول ڦرڪائن وانگر لڳن ٿا ۽ ڀڃڻ سان اَندرا
انيڪ مڇر نڪرندا آهن. ان طرح هي سارو سنسار گلر ڦل وانگر آهي، جنهن ۾ انيڪ جي
انهن مڇرن وانگر پيا آهن ۽ جي پيا ٿا ڄمن ۽ مرن. جيڪو چاهي ٿو ته مان شانتي پائان
جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ٿيان ته پرڀوءَ جي چرنن ۾ لڳڻ گهرجي. پرماتما ۾ پورو نه آهي
ته سچو سک ڪداچت حاصل نه ٿيندو. من ته هو هميشه سک ۽ آنند ٿو طلبي، پوءِ اُ
ڪٿان به ملنس. سنساري لوڪ اهو وشين ۽ مايوي پدارٿن ۾ ڳولين ٿا، پر انهن پٺيا
پٺيءَ آخر دک سهن ٿا ۽ جي ٿورو گهڻو سک پراپت به ڪن ٿا ته اهو ڪڻ ڀنگر ۽ آخر
دکدائي ثابت ٿو ٿئي.

هڪ راجا هو. ستن قلعن اندر رهندو هو ۽ هڪ هڪ قلعي ٻاهران پهريدار بيٺ
هوندا هئس. سمهندو به سون جي پلنگ تي هو. هڪ رات کيس سمهڻ آيو ته ڏاڍي بک
لڳي اٿس. وڃڻ لڳو ته ڪنهن ان جي ڪمري مان ٻڌي، گهري ولي ڪان، ته رات ٿي هڪ
گداڙيءَ کيس چڪ پاتو. هڪ بک، ٻيو چڪ جو سور. ويو هڪ ڊاڪٽر وٽ، پر هو
ملم پٽي ڪرڻ لاءِ پئسا گهريا، جي هن وٽ نه هڪيا ڪين هئا. ڏاڍو وياڪل ٿيو ۽
دک ۾ سندس اک کلي پيئي. ڪاڏي ويئي بک ۽ ڪٿي ويو اهو چڪ جا سور! ٻاهر
سوين نوڪر حڪم لاءِ کڙا هئا، پر هو سپني ۾ ڪنگال ٿيو پاڻ کي سمجهي ۽ پئسو نه هوس
جو ڊاڪٽر کي ڏيئي ملم پٽي ڪرائي! اسان جو به اهڙو ئي حال آهي. اندر نه اُ
خزانو ڀرپور آهي، پر اسين اهو وساري پاڻ کي ڪنگال ۽ دکي پيا سمجهون. اسين به پو
جي سپني ۾ آهيون ۽ اگيان جي وس پيا ٿا ڀٽڪون. گيانوان کي پنهنجي آتما جو ساکيا
ٿيو ٿو ۽ هو ان جو انين ٿا درشن ڪن، جيئن ڪو هٿ جي ترئ تي رکيل شيءِ جو ڪري
جن کي آتما جو نعيه سک آتما جي درشن مان مليو آهي، اهي دنيوي سکن ۽ سرڳ
شو لوڪ، ديوتائن جي لوڪن ۽ خود برهم لوڪ جي سکن کي به تڇ ٿا ڄاڻن. هو ڄاڻن
ته اهي سڀ ناسونت آهن. هن وشيه تي سوامي هيمراج جو هڪ سندر شبد آهي:

اب هم پايا پاڙن يوگ (رهاءِ)

١- دک سنتاپ گئي سڀ من تي - اُتر گئي سڀ روگ.
٢- جنهن لئه لڙلعو ڀوڙن - لهه سنجوگ ونجوگ.
٣- جو جو ڀاسي برهم پرڪاشي - ڪالي، ڀالي، لوگ. ●
٤- ڊوڙلد متي چنتا سڀ ڀوڙلي - وسر گئي سڀ سوگ.
٥- ڪرتا تا سر سڀ ڪڇهه ڪيتا - اڙ نه ڪرتي ڀوگ.
٦- لئه سنعشت ترائعه وس ڀيئو - وسري الندري ڀوگ.
٧- لئه ٻرايت آتم لئه ٻسابو - ڀوڙليو ڊهه سنجوگ.
٨- ترلد هوه سراجؤن هيمان - جيون مڪت اروگ.

● ٣٠ ڪالمون، ٣ ڀالمون ۽ ١٣ لوڪ

نت ڏاڍي پريم سان رهيا. فريد صاحب ليائي هو ۽ گروجن ته پورڻ گيانوان هئا ۽ نه ليائي گرهڻ. رامع ني ته گروجن ٻالي مردالي سان ڳڻ آرامي ليا. دنيا سان هڪ پريمي پرسان ت مان گروجن جي اڇا جو ٻڌي وڏو لوٽو کير جو ڪٽي ڪمن پيارڻ آيو. گروجن ته آرامي ا، پر فريد صاحب جاڳيو پئي. اُن پريميءَ کي چيائين ته منهنجو حصو کير جو منهنجي ن لوٽي ۾ پائي رک ته مان پيئندس، باقي هو ته ننڊ ۾ آهن. هن پريميءَ فريد صاحب ي کير ڏنو ۽ باقي کير گروجن لاءِ پنهنجي ئي لوٽي ۾ ڇڏي اندر پنج سونيون مهرون به ڍڪي رکي هليو ويو. جڏهن پرڀات جو اُمرت ويلي گرو صاحب جاڳيا ته فريد صاحب کين ڪ شلوڪ ۾ چيو:

ڀلي رامع ڦاڙا، ڦـل ٻي ٻچلي رامع - جاڳن سيئي لهنگي، سائين سندي دامع.

مطلب هوس ته مان جاڳيس پئي ته کير مليم ۽ پيتم. اوهان سمهيا ته پيا هجو ها ۽ ندا هجو ها ۽ پنهنجي اُپاسنا ۾ لڳل هجو ها ته اوهانکي به کير ملي ها ۽ نام جو به رس ٻو ها. هنکي اها خبر ڪانه هئي ته ڪو اهو پريمي هنن لاءِ به کير ڇڏي ويو هو. گروجن چيو ته هنکي اجا ويراڳ ورليءَ جو درجو حاصل آهي پر وگيان جو درجو ڪونه پاتو انس ۽ کيس جواب ۾ چيائون:

لي صاحب سنديان ڪيا چلي لس ٽال - اڪ جاڳندي نا لهن، اڪ سُتيان دين اٿال.

گروجن ته اهو پنهنجي انيتو مان چيو، پر ان وقت ٻالي ۽ مردالي صاحبن کي لوٽي ۾ ل کير ڏيکاري چيو ته ڪو پريمي رامع جو ڇڏي ويو آهي. گروجن چيو ته پرارٻد انوسار آهي، سو پلٽيو ته ٽيئي پيئون. هنن پلٽيو ته اندران ٥ مهرون به نڪتيون. فريد صاحب گروجن پڇيو ته اوهانکي رامع ڇا مليو هو؟ هن چيو ته کير مليو هو، پر اوهان سمهيا هـئا. صاحبن چيس ته ”سائينءَ جي دامع سان ڪو زور ۽ پرٽسعي نٿي هلي. ٿـون ين اهي ته به رکيو کير مليو هوءِ، پر اسين سمهيا پيا هئاسين ته کير به رکيو آهي ۽ پنج ن به. سو اهو سڀ هر ڪنهن جي شريعر جي پراوبد آهي، ان لاءِ ڪو به هرش يا شوڪ ا ولرنع آهي.* گيانوان من ۾ اهڙا سڪلپ وڪلپ اچڻ ئي نٿا ڏين. فريد صاحب خيال هو ته گروجن ته گرهستي آهن، ان ڪري ويراڳ نه اٿن. فريد صاحب پاڻ به تي ته هو ۽ کيس هڪ ڏوهتو به هو، پر اُن وقت جهنگل ۾ ويراڳ اوستا ۾ رهيل هو. وجن کي چوڻ لڳو:

هڪي تو لوڙ مڪلسي، هڪي لسو الولوڙ ۽
دوئان ٻنهي لـئان لهو ڏو، جاسين وڪر پـوڙ.

يا ته سڌو گرهست وهنوار ڪر يا الله کي ڳول. ٻن ٻيڙين ۾ پير نه رک، متان وڪر ٻڏي وڃين. صاحب سمجهي ويا ته هنکي گيان نه ليو آهي. ويراڳ ته پيو ڏاڪو آهي ۽ ڏاڪو آهي يوگ، چوٿون گيان ۽ پنجون موکش. فريد صاحب کي ڳالهه نه هئي جن موکش پد واڙا هئا ۽ پنجون مڪمت ئي ڇڪا هئا. گروجن کيس جواب ۾ چيو:

سکھجي. ستگرو ء شش کي نشانيون ڏسي ٿو، اشارا ڏئي ٿو. جيئن آسمان ۾ ٻيج جو چ نڪرندو آهي ته سڀني کي يڪدم ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي، پر جن ڏٺو هوندو آهي اهي ٻين کي آڱرين جي اشارن سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر ڏسڻ سڀني ک پنهنجي اکين سان آهي. ان طرح آتما جو ساکياتڪار هر هڪ کي پاڻ ڪرڻو آهي. وي شاستر، ستگرو ۽ مهاتمائون هن جو سروپ سمجهائين ٿا، اشارا به ڏين ٿا، پر درشن هر هڪ کي پاڻ ڪرڻو آهي. هر هڪ پراڻيءَ ۾ آها پرم پرش واري چيتن شڪتي ڀرپور آهي اهائي شڪتي سارو برهمانڊ هلائي رهي آهي.

ڀڳوان جو چوڻو آهي ته اهو ئي منهنجو پرم ڌام آهي. سو ان "منهنجو پرم ڌام" چوڻ مطلب ڪهڙو آهي؟ سنسار ۾ ته جڏهن اسين چئون ٿا ته هي منهنجو مڪان آهي ته مڪ ۽ اهو چوندڙ جدا ٿيا. هن حالت ۾ ته ڀڳوان ۽ سندس "پرم ڌام" جدا آهن ڇا؟ هـ وڏي شنڪا آهي. جيڪڏهن ڪو ڌام ۾ وڃي ته چئبو ته پرماتما کي ڪر ته مليو، ان ۾ ته نه ٿيو، پر ويدانت جو اهو سڌانت آهي ته هر هڪ جيو پاڻکي پرماتما سمجهي، ان پرما ۾ لين ٿيڻ جو آدرش اگيان رکي گيان پرائي ان ۾ لين ٿي وڃي، جيئن هڪ ندي وڃي قائم جل ۾ ملي ويندو آهي. هتي "منهن جي ڌام" جو مطلب آهي جيئن اسين چوندا آهيون هي منهنجو مٿو يا هٿ آهي. اسين ان مٿي يا هٿ کان جدا نه آهيون. ان طرح پرماتم سندس پرم ڌام جدا نه آهن. ان پرم ڌام ۾ وڃڻ جو مطلب آهي پرماتما ۾ لين ٿي وڃڻ ۽ سان هڪ ٿي وڃڻ. اهو ڌام پرماتما جو سروپ آهي. ان پرم ڌام کي پائڻ جو هن ک آهي ته جنم مرڻ جي چڪر کان آجو ٿجي. اهو ئي سڌانت ڀڳوان هنن شلوڪن ۾ سمجها رهيو آهي ۽ سڀني رشين منين، مهاتمائن به وارو وار اهو ئي اپديش ڪيو آهي ۽ ڪندا ر ٿا، جو ته هنن اهو آنند پاڻ ڏٺو آهي، جو هو ٻين کي به وٺائڻ ٿا چاهين. دتاتريه اوڌو مهاتما هو ۽ وڏن وڏن راجائن کي اپديش ڏنائين ته هي وٺجائو! اجايو اوهين دک ڪليش ۾ ڦاٿا ٿا پئجو، پر اسين آنند ۽ سک ۾ پيا مزا ماڻيون. ان اوسٿا ۾ ئي نر آنند ۽ پرڪاش آهي، جنهن اگيان سڀئي سڀ ڇڏي ڇڏيا آهن.

مهاڀارت جي شانتي پرو ۾ ڀيشم پتامه راجا يڌشٽر کي ٻڌي آهي ته پرم گتي موکش آتم گيان سان ٿي ٿئي ٿو، پر اهو آتم گيان ڀوڳ سيکارڻ ٿي نه سکيندو. ٻليا ڄمڻ وديائون حاصل ڪجن، پر هي آتما ڄاڻ ۾ ورلي ڪه ٿي لڀي ته گيان کين حاصل ڪ سکجو. ان ڪري ئي آتما ڄاڻ کي ڀوڳ ۾ ڪونجي ٿو. ڀوڳ ڪالسواءِ ورلي ورڻ ٿيندي ۽ هردي ۾ پرڪاش ڪين ٿيندو. ڪلي ڪيترو ئي ڪيو ڀڄندڙ ويا ودوان ه ان اوسٿا ۾ راڳ دويش، نندا يا استتي، مان اپمان سڀ هڪ سمان ٿا لڳن ۽ سڀني شرٿو جي پرارٻڌ جاڻي سهن ڪيو ٿو.

شيخ فريد ملتان جي هڪ جهنگل ۾ ڀوڳ ڪمائيندو هو. ان جڳهه کي چاولپور ڪ ٿا، جتي هاڻي هڪ گردوارو آهي. اتي گرو نانڪ ديو جن صاحب وڃي ويا هئا ۽ ڪ

ان ڳنڍڙيءَ کي لاهي ڇنو ڪرڻ سان ئي ڪلياڻ ٿيندو.

شلوڪ ٢٢. هي پارٿ! اهو پرم پرش رڳو اننيه ڀڳتيءَ سان پائي سگهجي ٿو. اُن پرم پرش ۾ سڀ جيو سمايل آهن ۽ هو ساري جڳت ۾ وياپي رهيو آهي.

سڀ پراڻي (جي ڪاريه آهن) اُن پرم پرش (جو ڪارڻ آهي) ۾ استٿ آهن، جو سڀڪو ڪاريه پنهنجي ڪارڻ ۾ رهي ٿو، جيئن مٽيءَ جو ٺهيل برتن مٽيءَ ۾ ٿو رهي. پرش لفظ جو ارٿ آهي جنهن سان سڀ ڪجهه پُر ٿيل هجي. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ارجن کي ٻڌائي ٿو ته اهو جو پرم پرش آهي يعني منهنجو پرم ڌام آهي، سو اننيه ڀڳتيءَ سان حاصل ٿئي ٿو. سارو سنسار اُن پرماتما ۾ انترڀوت آهي، ڇو ته پرماتما ئي ساري سنسار جو ڪارڻ آهي ۽ هرهڪ پراڻيءَ اندر جڙ پدارٿ ۾ وياپڪ آهي. اننيه ڀڳتيءَ جو مطلب آهي جا ڀڳتي ٻئي ڪنهن ۾ نه هجي، فقط هڪ پرماتما ۾ هجي. اها اننيه ڀڳتي نوڌا ڀڳتي کان نه اوچي ڏهين ڀڳتي آهي، پر سچ پڇ ته انهن نون قسمن جي ڀڳتين سان اننيه ڀڳتي ...لڻ گهرجي يعني هرهڪ ڀڳتيءَ ۾ اننيه طرح سان چت پرماتما ۾ هجي. ڀڳوان رامچندر شبريءَ کي نوڌا ڀڳتيءَ جو ورنن ڪيو آهي:

(١) شروڻ:- ٻڌڻ، هريءَ جو جس سڻڻ.
(٢) ڪيرتن:- هريءَ جو جس ڳائڻ، چوڻ، بيان ڪرڻ.
(٣) سمرڻ:- پرماتما کي ياد ڪرڻ، نالو جپڻ.
(٤) پاد سيوَن:- ايشور جي چرنن جي سيوا ڪرڻ.
(٥) ارچن:- پرماتما جي پوڄا ڪرڻ.
(٦) وندن:- پرماتما کي نمسڪار ڪرڻ.
(٧) داسيه:- پرماتما جو پاڻکي داس سمجهڻ.
(٨) سکا:- پرماتما ۾ دوستيءَ جي ڀاونا رکڻ.
(٩) آتم نويدن:- پرماتما کي پنهنجو پاڻ سمپڻ.

ڀڳوان جو مطلب آهي ته ڀڳت ۾ اهي نو ئي لڇڻ يا ڪي هئڻ گهرجن. انهن مان هڪ جنهن ۾ پورن طرح سچيءَ دل سان آهي، ڀڳوان چوي ٿو ته اهو مونکي پرم پيارو آهي، اهو ڪٿي پرش هجي يا زال، ساهوڪار هجي يا غريب، برهمڻ هجي يا ڪهڙي ذات جو. ڀڳوان ذات پات، عقل، بي عقلي، سندرتا يا ڪوجهائپ، ڪل، ڌرم، ٻل، اهي ڪجهه به نٿو ڏسي؛ هو ته رڳو پريم سان ڀڳتيءَ جو نالو چاهي ٿو. ڀڳتيءَ کان انسان اهڙين آهي جيئن پاڻيءَ بنا بادل. رڳو پرماتما جي ڪٿا ٻڌڻ جو نه اُتساهه ٿو آهي. برعڪس اننيه ڀڳتيءَ سان شريمد ڀاڳوت پراڻ جي ڪٿا سڀ ڏينهن نيم سان ٻڌي ته ...تي پاپ اٿائين. دڌيچيءَ پريت سڄڻ ۾ اهڙي ڪٿا پريم سان سڀ ڏينهن ٻڌي ته هن جو

دوئان ڀڙي ڀر ڏر، لـي دولي وڪـر چاڙهه،
ڪولي ڀڙي لکـي ڏسي، ڪولي الـري ڀـار.

گروجن ته سڀ آتمن ئي آتما جو نظارو ٿي ڏٺو، سو ڇا جو لياڳ ڪري؟ ڦريد صاح
ته اها خوديءَ واري ڀڙيءَ ٿي هو. هن وات ۾ خودي ئي وڏي رنڊڪ آهي، جڏهن
مـارڳ کان سواءِ پرمارٿ جي راهه ۾ هلڻ ڪٺن آهي. گيانوانن ۾ خودي اصل نٿي رهي
جو ته خودي شرير ۾ آهي؛ نه آتما ۾. جن جي هٿڌي آتماڪار ٿي چڪي آهي، اهي خود
ڇا جي ڪندا؟ هو ته شاهنشاهه آهن. خودي يا ايمان نه آتما جي بلڪل ورڌ آهي. جي
عام چوڻي ۾ آهي ته خودي ۽ خدا گڏ ڪين رهي سگهندا، جيئن هڪ مياڻ ۾ ٻه تلوار
نه ماپي سگهنديون. آتما ته نت پرڪاش روپ آهي. اهي انڌڪار روپي خودي، ايمان
لوڀ، موهه، ڪام ڪروڌ ڪين رهي سگهندا، يڪدم ڀاڄي ناس ٿي ويندا، جيئن س
جي اڪرڻ ٿي رات جي اونده گم ٿي وڃي. خودي، ايمان وغيره سڀ آسنت پدار
آهن، جي آتما جي اڳيان ڪين بيهي سگهندا، ڇو ته هو ته سنت پدارٿ آهي. سچ ج
اڳيان ڪوڙ بيهي نه سگهندو. خودي يا ايمان سڀني ڪلمن جي جڙ آهي.

بلاشاهه خوديءَ ٿي هڪ سندر شعر چيو آهي:

مانـي خودي ڪريندي يار - مانـي خودي ڪريندي يـار.
مانـي جوڙا مانـي گهوڙا، مانـسي دا اسوار -
مانـي نـون مانـي مارن آئي، مانـي دي هتيار.
جس مانـي وچ ڀڄسي مانـي، لـندي بهت اهنڪار -
مانـي باغ بغيچا مانـي، مانـي دي گلزار.
مانـي ٽون مانـي وڪڻ آئي، مانـي دي بهـار -
هنس ڪيل لـر ماتي هولي، بس پوندي ڀر ڀـار.
بلاشاهه ڀڄارٿ ٻُجهي - لاهه سرون ڀونهه مار - مانـي خودي ڪريندي يـار.

سـڀ شرير نه مٽيءَ جا آهن. انهن ۾ خودي ڇا آهي؟ هڪ پتليءَ کي تارون ٻڌ
ڪو هلائي چلائي يا نچائي؛ جي اها پتلي سمجهي وهي ته مان ئي اهو ناچ ٿي ڪريان
اها ان پتليءَ جي خودي آهي، اهو ان پتليءَ جو اڳيان ايمان آهي، جو نه ڪنهن هلا
چلائي نه پيو لو.

ڪير چوي ته اسين مٽي ڪٺن آهيون؟ اسان کي نه ڪو تارون ٻڌي ڪوڏ تو هلائ
اسين لکن جو واپار ٿا ڪريون، راڄ ٿا ڪريون، وڏا دفتر ٿا سنڀاليون. پر اهو ياد
گهرجي نه اهو سڀ اسين تڏهن ٿا ڪري سگهون، جڏهن پرمان ڀڳوتيءَ شڪتيءَ
اسان کان ڪرائي ٿو. هن شرير مان اها چيتن شڪتي هلي وڃي نه خاڪ جو پتلو ٿي
پوندو. سڀني کي هلائڻ چلائڻ وارو اهو آتما، هنس آهي، پر اسان اجائي خودي
اهنڪار روپي پڳڙي ڪٺي سر تي رکي آهي نه هي ۽ مون ڪيو، هڙ ۾ مون پورو ڪ

راضي جو خيال رکي شيوا چاڪري ڪري ٿو ۽ جيو مڃي ٿو. ان مان هوُ اُم ڦل پائي ٿو.
سڪا ڀڳتيءَ ۾ ڀڳت پرماتما کي پنهنجو متر يا دوست ٿو سمجهي ، جيئن ارجن ڪرشن ڀڳوان
کي ٿي سمجهيو. ارجن ته ڪرشن جو اننيه ڀڳت هو، پر سکا ڀاءُ طرفي . هر ڳالهه ۾ هو هن
کان مدد وٺندو ۽ صلاح ڪندو هو. سگريو جو به شري رامچندر سان سکا ڀاءُ وارو پريم هو.
نائين ڀڳتي آهي آتم نويدنم يعني پرماتما کي پنهنجو آتما سمجهي ، هن ۾ اننيه پريم رکڻ
۽ پنهنجو پاڻ هن کي ارپي ڇڏڻ. ٻلي راجا سڀ ڪجهه وامن ڀڳوان تان گهوري ڇڏيو.
سندس گروءَ ٻڌايس ته وامن ڪپت جو اوتار آهي ، ڇل ڪري تنهنجو راڄ ٿو ڦرڻ چاهي .
پر هن چيو ته " پرواهه نه آهي. هوُ منهنجو سوامي آهي ۽ ٻيءَ طرح به مونکان راڄ ڀاڄ ڦري
سگهي ٿو، سو مان پنهنجي هٿن سان ڇو نه کيس ڏيان ؟ " اهي نئون قسمن جون ڀڳتيون
آهن ۽ اننيه چت سان ڪرڻ سان ڪنهن هڪ مان به پوُرن ڦل ملي سگهي ٿو. سڀ ڦل چت
جي اوستا انوسار حاصل ٿو ٿئي . جن کي ڏٺيءَ سان ملڻ جو سچو شوق آهي ، انهن کي

اوُنت ڀڳنت سروُپ نام - ڪهه نانڪ جن ڪي سد ڪام.

ڪي اننيه ڀڳتيءَ جو مطلب اهو ٿا ڪن ته شري ڪرشن جو ڀڳت شري رامچندر يا ٻئي
ڪنهن اوتار کي نه مڃي ۽ نه انهن جي مورتين اڳيان نمي . پر ان ۾ ڀيد ڀاونا يا وير ڀاءُ جو
انس رهيو، جو ٺيڪ نه آهي . جيترو ٺيڪ وروڌ ڪانسواءِ ٻه اٺين ڪري سگهجيتو، جيئن
جڏهن جڳن ناٿ جي مندر ۾ سوامي تلسيداس ويو ته ڪرشن جي مورتيءَ اڳيان نمسڪار
ڪيائين ۽ چيائين ته جڏهن مونکي هن مورتيءَ مان شري رامچندر جو درشن ٿيندو
نمسڪار ڪندس. هن ۾ دويش ڪو نه هو، پر هن جو شري رامچندر ۾ ئي درڍ وشواس
ار، جنهن ڪري هن کي اُتي جو اُتي ڪرشن جي مورتيءَ مان به شري رام سيتا جو درشن
ليو ۽ هن نمسڪار ڪيو. ان وقت چون ٿا ته مورتيءَ مان بنسري وغيره گم ٿي ويئي ۽
نش ٻاڻ هٿن ۾ ڏسڻ ۾ آيو. ڪاشيءَ جو هڪ پنڊت جڏهن پاڻنا ۾ گروگوبندسنگهه جي ٻال اوستا
م هن جو درشن ڪرڻ ويو ته دل ۾ اهو پڪو، ڪيائين ته جي هوُ سچ پچ ايشور جو اوتار
هي ته مونکي ڪرشن روپ ۾ درشن ڏئي ۽ اٺين ئي ٿيو. گروجن ان وقت پين ٻارن
ان رالد پٽي ڪئي ۽ هن پنڊت کي ساکيات شام سندر جي سروپ ۾ درشن ڏنو ۽
ندس ڪامنا پوري ٿي. جت ۾ بيشڪ پنهنجي اشٽ ديو لاءِ پورن ۽ اننيه پريم هجي پر
ن مورتين اڳيان به سر جهڪائجي. ۽ اٺين خيال ڪجي ته مان پنهنجي اشٽ ديو اڳيان ٿو
مسڪار ڪريان ۽ ڇو ته سڀني روپن ۾ هڪ هوئي آهي. جي اهو گيان آهي ته پوءِ دويش ڀاءُ
رهندو.

ڪي وري پنهنجي ڌرم يا مذهب کي ئي اوُچو ۽ ٺيڪ ٿا سمجهن ۽ ٻين ڌرمن يا
هبن کي گهٽ سمجهڻ کي اننيه ڀڳتي ٿا ڪوٺين. پر اهو ٺيڪ نه آهي . ان ۾ ته اڀا ۽
وبڌ آهي ۽ ان جو ڦل آهي اُتهڪرڻ جي ملينتا، جا تنگدليءَ جي نشاني آهي . هر ڪنهن
ڻوص آهي پنهنجي ماءُ پيءُ کي. دنيا جي سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پريم ڪن، پر ان

ان ليکي ۽ دکدائي جون مان نستارو ٿي وڃو. ناسڪ مرليءَ تي آهڙو لو مست ٿئي، جو ڪٿي
ڀٽڪڻ جو ڪو به نه ڀڄندو، ڏنڊ ڀڄوس ڪو به ڀڄائيندو. پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ به ان طرح پريم
دردنا سان لڳڻ گهرجي. پر اسانجو چت جنم جنم جي پاپن ڪري آهڙو ته ڪلور ٿي
آهي، جو سٽسنگ يا ڪيرتن ڀڄن ۾ به انهيءَ چت سان نٿا پرورت ٿيون. من ڀڄي پاسي
ڀٽڪي. ڪيرتن ڪجهي ته به آهڙيءَ طرح من پريم ۾ لڳائجي، جو هر هڪ رڳ مان ڪيرت
جو آواز نڪري ۽ ٻيا فڪرنا ۽ خيال ان وقت من ۾ اصل نه اچن. وهندار ۾ به من لڳائي
جي ڪم ڪر ڪجهي ته، اهو جلد ۽ ڀلو ٿئي ٿو.

پرماتما جي نام سمرڻ ۾ به من لڳائڻ سان ئي من استر ٿيندو ۽ جلد انتهڪرڻ صاف
ٿيو پوي. نارديءَ پرماتما جا گڻ ڳائيندي ۽ ٻين وڄائيندي پريم ۾ لين ٿي ويندو آهي
سنتن مهاتمائن ۽ گروءَ يا پرماتما جي چرنن جي شيوا ۾ من لڳائي ڪرڻ گهرجي، جيئن
پونئرو گلن جي انهيءَ چت سان سگند وٺندو آهي. گرو ان قسمن جا آهن ۽ ٽنهي جي شيوا
ڪرڻ مان اهو ڦل مليو. هڪڙا گر منتر ڏيڻ وارا ۽ ٻيا انوسار راه ٻڌائڻ وارا ۽ ٻيا ود
ڏيڻ وارا ۽ ڏيان ڌرم اپديش ڪرڻ وارا. گرن جي چرنن جي شيوا مان ڀائي امرداس جي
ڪيڏي نه پدوي حاصل ڪئي، جو گرو گديءَ جا مالڪ ٿيا. پرهلاد ڀڳت انهيءَ چت سان
سمرن ڪيو ته هن جو وار به ونگو نه ٿيو ۽ ڀڳوان ساڪار روپ ڌاري، سندس رکيا ڪئي
جيتوڻيڪ سندس پتا سندس خون جو پياسي ٿي پيو. ڪيس مارڻ جا اپاءَ هٿن ڪيا!

ارچنا يعني پوڄا. مورتيءَ جي يا ٺاڪر جي پوڄا به پريم ۽ سڄيءَ شرڌا سان ڪرڻ
سان پرم پدوي ملي ٿي. اهڙا نامديو آدي ڀڳت ڪئي ته ڪين ٿڪن مان به ٺاڪر جو درش
ٿيو. ٿڪن جي ٺاڪرن سندن لڳاتار پوڄا انگيڪار ڪئي. گرنٿ صاحب کي به گرو سمجهي
ادب ۽ پريم وچان وندنا ڪرڻ (متو ٽيڪڻ) جڳائي. ٻئي جو ته فرض آهي ته وڏن
ماتا پتا ۽ گهر جي ٻين بزرگن کي هر روز متو ٽيڪين، ۽ سو به سڄيءَ دل، عزت
پريم ۽ نماڻائيءَ سان. نماز پڙهڻ وقت پڻ وندنا ڪجي ٿي، پر جنهنجو هردو وڪارن
تعصب ۽ ڪدورتن سان ڀريو پيو آهي، انهن کي متي رڳڙڻ مان ڪجهه به حاصل ڪين ٿيند
جنهن اڳيان متو جهڪائجي ته ان اڳيان وري ڪڏاچيو ڪهڙو، ٻي عورتن، لڙائن سان ور
مور نه ڪجي. پڻ ماتا اڳيان اولاد سر جهڪائي ٿو ته وري جي ٿر جيترو به انتر هلي
ٽراڻ، ڏيکاري ٿو ته اهو ناڪاري ۽ ڪمائر ٿو ليکجڻ ۾ اچي. ليڪن ڪوڙي ۽ ڏولکي ٿيو
سر جهڪائڻ سان هيڪاري انتهڪرڻ ۾ ڪوڙ روپي مليتا وڌي ٿي. ڪن حالتن ۾ اپراڌ
لڳي، ڪني گهڻو متو ٽيڪيندا آهن، جيتوڻيڪ اندر ۾ ڪاهه جهڙي ڀاونا ڪانه هوندي ا

داس ڀاءُ يه ڀڳتيءَ جو نمونو آهي يعني پرماتما کي مالڪ ۽ پاڻ کي داس يا نوڪر
سمجهڻ. جيئن هنومان شري رامچندر جي داس ڀاو سان انهيءَ ڀڳتي ڪندو هو. شاسترن
آيو آهي ته سورج کي لحد ڏيڻ گهرجي، ماهه کي اڳيان رکڻ گهرجي پر سواميءَ يا مالڪ
جي شيوا آڳر ڀيجو ته وهاري هر طرح سان ڪرڻ گهرجي. وفادار نوڪر جيڪو بعد مالڪ

ڪانسواءِ ڪي بہ چڱا لڇڻ يا پدارٿ پراپت نہ ٿا ٿين. رامايڻ ۾ بہ آيو آهي:

متي، ڪيرتي، گتي، ڀوتي، ڀلائي - جو جنهن ڄاڻ جهان ۾ پائي.
سو جانو ستسنگ پرڀاءُ - لوڪهن ويد نہ آن اپاءُ.

سٺي مت، عزت مان، سدگتي يا موکش، ڌن پدارٿ يا ڪنهن بہ قسم جي چڱائي، جا ڪنهن کي بہ کهڙن بہ اپاوَن سان ملي آهي؛ ڪٿان بہ حاصل ٿي آهي تہ سمجهڻ کپي تہ اها ڪنهن ستسنگ جوئي ڦل يا نتيجو آهي؛ ڇو تہ دنيا ۾ ٻيو ڪو بہ اپاءُ نہ آهي؛ نہ ڪو ويدن شاسترن ۾ ٻيو ڪو رستو ٻڌايل آهي. دڪاندار جي هٽ ۾ رکيو نورا لفظ ستسنگ ۾ دل ڏيئي پڙهيا؛ جنهن ۾ ڏاريا تہ سرو آتما روپ ٿي ويو؛ گانءِ؛ پاٺڪي هڪ آتما سمجهيائين. چنتامڻي ويشيا، جنهن بلوا منگل کي ويراڳ ڏنو، جو پوءِ سورداس ڀڳت جي نالي سان مشهور ٿيو، اها بہ آخر ويراڳ پائي نڪتي؛ ڳائڻ ۾ هوشيار هئڻ ڪري هن ڪيرتن ڀڳتي ڏاڍي پريم؛ انهيءَ ڇيڪ سان ڪئي. جوڳڻ ٻڻجي ڪرشن جي پريم جا گيت مندر ۾ وڃي ڪرشن جي مورتين اڳيان ڳائڻ لڳي؛ آخر اها گتي پاتائين جا رشين منين کي بہ ملڻ مشڪل آهي. هڪ ڀيرو ۾ جڏهن هوءِ پهتي تہ اتي هڪ سادن جي منڊلي اچي ٿي لٿل هئي. هڪ نوجوان وڌوا استري، جو پتي مري ويو هو. هوءِ ان سادو منڊليءَ ۾ وڃي وڃي آراڌنا ڪيائين تہ مونکي منهنجو پتي جياري ڏيو، ڇو تہ هو ئي منهنجو هڪ آسرو هو. مگر هوءَ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيا. هوءِ پوءِ چنتامڻيءَ وٽ وئي. هن ڀڳوان ڪرشن جي مورتيءَ اڳيان انهيءَ ڇيڪ سان ڪيرتن ڪري پرارٿنا ڪئي؛ ڀڳوان ديالو ٿي. مدس پرارٿنا قبول ڪري، هن وڌوا جو پتي جيئرو ڪيو. مطلب تہ جيڪي بہ انهيءَ ڇيڪ سان ڪجهي ٿو، اهو ثمر ٿو ڦل ڏئي. رڳو ستسنگ پڙهڻ سان انهيءَ پريم رکجي تہ ان مان بہ ولد ڪاماڻ ٿي پوي؛ پر اهو پريم اهڙو هجي، جهڙو ٻچيءَ جو ماڻيءَ سان، پتنگ جو ٻتي سان، هرڻ جو راڳ سان يا ڪامي پرش جو پنهنجي پريمڻ سان. جيئن پياسي ماڻهوءَ کي جل لاءِ اڪير ٿئي ٿي، تيئن نام لاءِ اسانکي تڙپ هئڻ کپي. سچو ڀڳت هر وقت پرماتما ۾ اڳون ڌيان رکي، جيئن لوڀي ماڻهو ڌن دولت ۾. گرونانڪ ديو کان ڪنهن پرش سوال ڪيو تہ ”سائين! پرماتما سان اوهان جو ڪيترو پيار آهي؛ ڪهڙي قسم جو پيار اٿو؟“ صاحبن اٿر ڏنو:

مارو مڇهن نہ ترپتيا - اگي لهي نہ ٿڪ،
راجا راج نہ ترپتيا - ساگر ڀري ڪ سڪ،
نانڪ سچي نام کي - ڪيتي لهجي ڀک.

مارواڙ ديس ۾ ڪيتري بہ بارش پوي تہ زمين ڪين ڌاپندي؛ ڇو تہ واريءَ واسي آهي. بہ ڪيترين بہ ڪاٺين يا ٻين سامگرين وجهون تہ هوءِ وڌندي ويندي پر ڌاپندي ڪين. راجا بہ ڪڏاچت راج مان ڪين ڌاپندو، ٻيو وڌيڪ ملڪ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. سمدر يا تلاءُ بہ هميشہ پيا پاڻي جهلين. ان طرح نام جي اڀلاشا بہ گرومکن ڇڏڻ نہ

جو مطلب اهو نه آهي ته ٻين جي مائٽن يا ٻيڙن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسجي. ٻڌائجي
ماتا پتا جي سيوا ڪرڻ هر هڪ سچي پٽ جو فرض آهي، پر انڪري اهو جائز نه آهي
ٻين ڌارين سان وير يا ڌڪار رکجي. ڪرشن ڀڳوان ته چٽي آيو آهي ته جنهن ۾ ايشٽ د
۾ ڪو پيار رکيئو، انکي مان اُن جي معرفت ڦل ڏيان ٿو؛ اُن جو پر پر ٻنهجي ايشٽ د
۾ درڍ ٿو ڪريان. مطلب ته ڦل ڏيڻ وارو ته هڪ پرماتما آهي، پر هوءَ اهو ڦل جدا ج
انهن جي معرفت ٻه ڏئي ٿو، جيئن ٽيڪ اِن طرح موکش نه ملي سگهي. موکش ف
سڌيءَ طرح پرماتما جي اپاسنا ڪرڻ سان ملي سگهي ٿو. اسين روز ستسنگ ڪريون ٿا
روزانو ڪيترو وقت اُن ۾ لڳايون ٿا، پر جي اُن ستسنگ ۾ لڄير ٿي ڌيان سان نه ٻڌيو؛
هلڻو ته ڪي ۾ هڙ حاصل نه ٿيندو. شاسترن ۾ هن پرسنگ تي هڪ ننڍڙو پرماڻ اچيئو:
هڪ دڪاندار سيڌي وارو روز مندر ۾ صبوح جو ڪٿا ٻڌڻ ويندو هو؛ پوءِ اچ
دڪان کوليندو هو. سندس ڇوڪرو اول دڪان جي صفائي ڪرڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن
کي خريدار جلدي آيا؛ چيائون ته اسان کي پرڻ تي پهچڻو آهي؛ سؤدو جلد ڪري ته
ٻيڙي هلي ويندي. ڇوڪري مندر ۾ وڃي پيءُ کي ٻڌايو. هن چيس ته لون هل؛ چ
ته ”ٻاپو اچي ٿو.“ هن ائين ڪيو، پر پٽس جلد ڪين آيو، ڇو ته ڪٿا مان وچ ۾ اٿي وڃ
نيڪ نه ڄاتائين، جيئن ٽيڪ خيال دڪان طرف هوس. ڪٿا جو پرسنگ ۾ ڪجهه لمبو هو
سو ڇوڪرو وري آيو، پر پٽس وري ۾ يڪدم نه ويو. جڏهن آخر ڪٿا سماپت تي
وڃي هنن کي سؤدو ڏنائين. ٻن پهرن جو هڪ گهو آئي؛ اچي دڪان ۾ رکيل چٽن ج
ڳرڻ ۾ واڻيا وڌائين؛ ڪجهه چٽا ڪاڌائين. دڪان تي ڇوڪرو ويٺل هو، پر هن ڪجهه
نه ڪيو. سندس پيءُ پريان پٽي آيو؛ يڪدم اچي گانءِ کي لنيون هڻي پري ڪيائين
ڇوڪري تي ۾ ناراض ٿيو. ڇوڪرو گانءِ کي مار ملندي ڏسي رڙ لڳو. پٽس چيو
”لون ڇو ٿو رنين؟ توکي ته ماريو ڪونه اٿم!“ هن چيو ته ”اوهان جيڪي ڏنڊا گهو
کي هنيا، اهي مونکي لڳا آهن.“ پٽس ڏٺو ته برابر سندس پٺيءَ تي ڪارا نشان تي
هئا. پتا حيران ٿي ويو ته هن کي اهڙو درجو ڪيئن حاصل ٿيو؟ تڏهن چيس ته ”بابا جي!
ڪٿا ۾ اوهانکي ڪونڻ آيس ته اُن وقت ٻڌم ته گهوَ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ منهن وجهي
؛ ڪاڻي ته انکي روڪڻ نه گهرجي. گهڻو ڪاڻي ها ته مان ۾ ڪٽي آهستي هٽايانس ها،
اوهان ته يڪدم هن کي وٺي لنيون هنيون. اُن تي مونکي ڏاڍو صدمو پهتو.“ پتا چيس
”جيڪڏهن ڪٿائون ٻڌي اُن طرح عمل ڪجي ته دڪان وغيره ڪيئن هلندو؟ ڪٿا ٻڌ
اٿي ٿي ڇڏي اچڻ گهرجي!“ اسان مان گهڻن جو اهو حال آهي. ڪن کي ته ڪٿا ۾ ٻ
ڳالهيون ياد به ڪونه رهنديون آهن. ڇوڪري جو من شروع کان ئي ٻڌڻ ۾ اُنهيءَ طرح لڳ
ويو ته يڪدم اُن اپديش تي عمل ۾ ڪيائين پر سندس پيءُ رڳو ٻڌندو رهيو، پر ڇ
ڪجهه ڪونه ٿي نڪيس. اڄ جي وڏا وڏا مهاتمائون ۽ سنت آهن، انهن به شروعات
سکيائن ٻڌڻ ۾ اهڙو من رکيو هوندو ته ته اهو درجو ڪماڇت ڪري پائي سگهن ها. ستسن

...مرڻ کي به ٻڌڻ ڪيتا، اهڙي گرو رامداس جو فيصلو آهي. ڀڳوان کان سواءِ ٻيو ڪجهه جيڪو آهي، ساري برهمانڊ جي هر هڪ جيءَ يا وستوءَ ۾ اهو پرماتما سمجهي، اهڙي سمجهه... بيان آهي.

شلوڪ ٢٣. هي ڀرت ڪل ۾ سريشٽ ارجن! ڪهڙي وقت شرير ڇڏڻ ڪري يوگي لوڪ ٻيهر جنم کي نٿا پراپت ڪن ۽ ڪهڙي ڪال ۾ شرير ڇڏي ... وري ٻيهر جنم پائين ٿا، اهو مان توکي ٻڌايان ٿو.

شلوڪ ٢٤. اگني، پرڪاش، ڏينهن جي وقت، سهائي پڪش (مهيني جي ... پوئين اڌ ۾)، سورج جي اترايڻ وارن ڇهن مهينن (جنوري جي وچ کان ... جولاءِ جي وچ تائين) واري سمي ۾ پران ڇڏيندڙ يوگي، جي برهم کي ڄاڻندڙ ... آهن، سي برهم کي پائين ٿا [يعني وري جنم نٿا وٺن].

شلوڪ ٢٥. دونهين، رات، ڪرشڻ يا اونداهي پڪش (مهيني جي پوئين ... اڌ ۾) سورج جي دکشڻاين وارن ڇهن مهينن (وچ جولاءِ کان وچ جنوريءَ تائين) ... واري سمي ۾ پراڻ ڇڏيندڙ يوگي چنڊ مارگ کان سرڳ ۾ وڃي ڪرمن انوسار ... سک ڀوڳي وري موٽن ٿا [يعني ڪرمن انوسار جنم ٿا وٺن].

شلوڪ ٢٦. روشنيءَ ۽ اونداهيءَ واريون اهي ٻه گتيون هن جڳت ۾ آد... کان اٽل مڃيون ويئون آهن. هڪ [جوتي مارگ] سان جيو جي وڃڻ ڪري ... موکش پراپت ٿئي ٿو ۽ ٻئي [اونداهي مارگ] دواران وڃڻ ڪري وري ... جنم ٿئي ٿو [يعني موٽي مرتيو لوڪ ۾ اچڻو پوي ٿو].

هنن ڇهن شلوڪن ۾ ڀڳوان پرلوڪ وڃڻ جا جيڪي ٻه رستا يوگين لاءِ آهن، اهي ... ڏسيا آهن... ان لاءِ اول ته آستڪ ٿيڻ گهرجي ۽ ويدن شاسترن ۾ جيڪي لکيل آهي، ... ڪو هنن شلوڪن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، اهو سڀ برابر آهي. جيستائين آتم گيان نه ٿيو ... تيستائين انيڪ لوڪن جي پراپتي ٿيندي ۽ ڪٿي برهم لوڪ تائين ڪو جيئن وڃي ته به وري ... مرتيو لوڪ ۾ جنم ضرور وٺڻو پوندو. آتما جو گيان ٿيو ته نه مرتيو سنسار، نه لوڪ، نه جنم، ... مرڻ آهي. اهو جيءُ برهم ۾ لين ٿي ويندو. گياني هن جنم ۾ ئي ٻالڪي آتما ئي آتما تو... سمجهي ۽ هر هڪ جيءَ يا پدارٿ کي برهم جو سروپ (يعني پنهنجو ئي سروپ) ڄاڻي. ... ان برهم کان سواءِ هن لاءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه، ته آواگون ڇا جو رهي؟ اهڙي ريت ... جا اندريون، پراڻ وغيره هن شرير کي ڇڏي ٻين لوڪن ۾ ملي ٿا وڃن ۽ هو وري ڪونه ... ٿا وڃن. جنهن کي يوگ ڪندي به اڃا گيان حاصل نه ٿيو آهي ۽ ڪرمن ڪرڻ ۾ لڳل ... اڀياسي ڪئي آهي، شڀ ڪرم ڪيا آهن ته انهن کي شرير ڇڏڻ کان پوءِ سرڳ، سرلوڪ، ... لوڪ، برهم لوڪ به پراپت ٿين ٿا، پر هو اتي سک ڀوڳي وري مرتيو لوڪ ...

ته اُگاڙ آهي ۽ جو پيار موڙ ڪي آهي، اُن جي ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين!

ڪرشن ڀڳوان پورن اوتار هوندي به ودپا گرؤءِ سنديپن جي آشرم ۾ ڇهه سال شيوا ڪئي
۽ سندس گهر لاءِ ڪاٺيون به جهنگل مان ڪري ايندو هو. وشوامتر شري رام ۽ لڇمڻ ڪي
اوتار ڄاڻي پنهنجي رکيا لاءِ وٺي ويو، پر هنن سندس ڪهڙي نه ٻڌي ڪئي سان شيوا ڪئي
جو نه سندن ڌرم اُپديشڪ گرو ٿي پيو ۽ ڪين ڪجهه شستر وديا به ڏنائين. هو پڙهي ۽ شرڌ
سان سندس پيرن کي زور ڏيندا هئا، سويل اُٿي ڪيس اشنان ڪرائيندا هئا، باغ مان پوڄ
لاءِ گل پٽي ايندا هئا ۽ سندس آگيا کان سواءِ ڪجهه به نه ڪندا هئا. وسشٽ مني سندن
ڪل گرو هو، نه اُن جا نه چاريئي پاڻ هٿ ٻڌا داس هوندا هئا. رام ڏينهن سندس آڳ
۾ رهندا هئا ۽ سڀ وهنوار اُنوا پرمارٿ جا ڪم سندس موڪل وٺي پوءِ ڪندا هئا. سنتن
۽ مهاتمائن جو به وڏو سنمان ۽ آدر ڪرڻ گهرجي ۽ اُها به جڳ ايشور جي ڀڳتي آهي، جو
ڀڳوان کي پاڻ کان وڌيڪ پنهنجا ڀڳت پيارا آهن. سنتن جي ڀڳتيءَ مان گيان جي پراپتي
بلڪل جلد ٿئي ٿي. هڪ دفعي گهڻا رشي مني، سنت مهاتمائون هڪ آستان تي گڏ ٿ
هئا. ويچار هليو ته هن سنسار ۾ وڏو ڪير آهي، جنهنجو ٿي اسانکي پوڄن ڪرڻ گهرجي
هڪ رشيءَ چيو ته سڀ کان وڏي ڌرتي آهي. هوءِ ڀاري به آهي ۽ سڀ ڪجهه پيدا ا
ان مان ٿو ٿئي، سو اُن جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. ٻئي چيو ته ڌرتيءَ کي ته شيش ناڱ ڪلي
وبٺو آهي، نه چئبو نه اهو ڀاي آهي ۽ اُنڪري پوڄڻ جو پوڳيه آهي. ٽئين چيو ته شيش ناڱ
کي ته شؤ ڀڳوان گلي ۾ پائي ويٺو آهي، سو سدا شؤ وڏو چئبو. چوٿين چيو ته شؤ ڀڳوا
کي ته پارٻتيءَ سميت ڪيلاش پربت پاڻ تي کڻي ويٺو آهي ته پوءِ اُهو وڏو چئبو. پنجين
چيو ته ڪيلاش پربت کي ته راوڻ سميت جيون سميت ڪيترا دفعا هٿن تي کنيو هو، ته
راوڻ سڀني کان وڏو چئبو. ڇهين چيو ته راوڻ کي ته باليءَ ڇهه مهينا پنهنجي بغل ۾ دٻائي
رکيو هو ۽ آخر تارا کي دٻا آئي، جنهن ڪيس ڇڏايو. ستين چيو ته ڀائي! اُن باليءَ کي
ته شري رام هڪ تير سان ماري وڌو، ته چئبو رام ئي سڀني کان وڏو ليکبو ۽ اُن جي
پوڄا ڪرڻ گهرجي. پر اٺين چيو ته شري رام ته پنهنجي ڀڳتن جي وس ۾ آهي ته پوءِ سڀ
ثيو ته ڀڳت ئي ڀڳوان کان وڌيڪ اُوچا ٿيا. شبريءَ ٿي به ڀڳوان رام خود اُٿين تي چيو آهي
ته مونکان وڌيڪ منهنجي ڀڳتن کي ليکڻ گهرجي.

ڪبير ڀڳت به هڪ شبد ۾ پنهنجي گرو رامداس جو ڪيل فيصلو ٻڌايو آهي ته تيرٿن
کان به ڀڳوان جا ڀڳت وڏا آهن:

جهڳڙا ايڪ نبيرهه رام- جه تم اُهي جن سيؤن ڪام. (رهاءُ)

١- اهه من وڏاڪ جاسڪ مانيا- رام ٻڌا ڪه رامهه ڄاڻيا.

٢- برهما ٻڌا ڪ جاس اُپايا- بيد ٻڌا ڪ جهان تي آيا.

٣- ڪهه ڪبير هئه پيا اُداس- تيرٿ ٻڌا ڪ هرڪا داس؟

هن شبد ۾ پهريون اڌ سٽ جو سوال آهي ۽ ٻيون اڌ گروءِ جو جواب آهي. سنت

…لوارن سان گهايل ٿو ڪيو وڃي، ڪٿي اگنيءَ ۾ جيئرو ٿو جلايو وڃي، ڪٿي تيل جي ڪڙاهين ۾ ٽريو ٿو وڃي، ڪٿي رت، پونءِ، هڏن ۽ ماس جي ٿلهن ۾ غوطو ٿو ڪارايو وڃي، ڪٿي تتل ٿنڀن کي ڀاڪر ٿو پاتو پوي، ڪٿي ماس آهاري پکي ۽ مردن سندس ماس چهنبن سان چڪن سان پٽي ٿا کائين، ڪٿي وڇن ۽ نانگن کان ڏنگايو ٿو وڃي، ڪٿي تتل ٽامي جي ڌرتيءَ تان پنڌ ٿو ڪرڻو پوي ... تي ليٽايو ٿو وڃي. ان طرح سرڳ ۽ نرڪ انيڪ قسمن جا آهن. انگريزي ۾ اهي چوڻ ته سرڳ ۽ نرڪ ڪونه آهن ۽ سڀ ڪجهه هن دنيا ۾ آهي، اهو بلڪل غلط آهي. هتي ته برابر دک سک ملن ٿا، پر اهي هنن دکن سکن اڳيان تڇ آهن ۽ انهن مان ڪنهن کي قدر اندازو لڳائي نٿو سگهجي. سرڳ، نرڪ ۽ ٻين لوڪن جو ورڻن شاسترن ۽ پراڻن ۾ صاف طرح آيو آهي. ؟ ... سانڪ ديو لاءِ لکيل آهي ته ولي نديءَ ۾ ٽپي لڳائي ونڪٽ ۾ مها وشنو ڀڳوان وٽ استت ڪري، گرو منتر ورتائون ۽ پوءِ ان منتر "ايڪو اونڪار" جو دنيا ۾ پرچار ڪيائون. جو مطلب اهو لوڪ، جتي ٽي ڏيهن رهيا هئا. گروجن پاڻ ان لوڪ جو ورڻن ڪيو آهي ته ... انت پرڪاش هو. ڪرشن ۽ بلرام نديءَ اوستا ۾ جڏهن ودا پراڻي پوري ڪئي، ... گرو دڪشنا ۾ متن اهو ڪم رکيو ويو ته پرڀوريءَ مان پنهنجي گروءَ جو فوت ٿيل پٽر آ... ڻن. هنن اهين ڪيو ۽ يم لوڪ مان هن جي سوڪيم شرير کي آڻي، پيو استول شرير ٺاهي گروءَ کي ڏنائون. اها ڪٿا سوامي شڪديو جهڙي مهاتما ٻڌائي آهي ۽ ڪڏاچت غلط نٿي ... سگهي. جنڪ راجا جي اتهاس ۾ ته آيو آهي ته جڏهن پرلوڪ ويو ٿي ته واٽ تي نرڪ ... جي پرسان لنگهيو ته نرڪ واسين جون دکن وچان ٿيل دانهون ٻڌائين ۽ پڇڻ تي ڌرمراج ڪيس ... ٻڌايو ته اهي پاپي ۽ گنهگار جيو آهن، جي نرڪ جا دک پائي رهيا آهن. جنڪ راجا ان ... نرڪ ويو ۽ اندر پير رکيائين ته سندس ڀڳتيءَ ۽ شڀ ڪرمن جي پرتاپ سان هنن جا سڀ ... دک دور ٿي ويا. راجا جنڪ اهو ڏسي اتي رهڻ جو خيال ڪيو، ته ٻيا ته سکي ٿين. ... ڌرمراج چيو ته "سائين! اهو ايشوري نيم جي برخلاف آهي." راجا جنڪ ضد ڪيو ۽ ... ڌرمراج ان وقت نرڪ ڀوڳيندڙن جا بند خلاص ڪيا، جيئن ڪنهن حاڪم جي جيلخاني ... وڃڻ تي يا سندس جنم ڏن يا اهڙي ٻئي خوشيءَ جي موقعي تي قيدين جي سزا گهٽائي ... ويندي آهي ۽ ٿوريءَ سزا وارن کي ڇڏيو ته ويندو آهي. پاڻي گرداس جي وار ۾ اها ڪٿا ... هيٺئين پرڀر سان ورڻن ڪيل آهي. راجائون هڪ سؤ اشوميڌ يڳيه پورا ڪندا هئا ته اندر ... پدويءَ جا حقدار ٿيندا هئا. ٻلي راجا اهڙا ٩٩ يڳيه ڪيا ۽ جڏهن باقي رهيل هڪ يڳيه ... رڻ لڳو ته اندر ڀڳوان جي آزي نيزاريءَ تي وشنو ڀڳوان وامن اوتار ورتي ٻلي راجا جي ... سڀ ۾ ڀڪ وڌو ۽ ٽن پيرن ڌرتيءَ جي دان وٺڻ سان هن جو سمورو ڌرتيءَ جو راڄ ... ي ورتو. اندر کي اهو ڊپ هو ته ٻلي دنت هو ۽ سرڳ جو راجا ٿئي ها ته ديوتائن تي ... ڪري ها. هن مان ثابت آهي ته اندر ۽ آهي ۽ سندس سرڳ لوڪ ۽ آهي. ان طرح ... سڀ لوڪ، نرڪ، سرڳ، جن جو شاسترن ۾ ورڻن ڪيل آهي، اهي سڀ آهن، پر سوکيم

۾ جنم وٺن ٿا. اهڙن يوڳ ڪندڙن لاءِ سريو لباڳئي کان پوءِ پرلوڪ وڃڻ جا ٻه رستا آهن
هڪ کي اُترائڻ يا ديوتان مارگ ۽ ٻئي کي دکشڻائن يا پترياڻ ٿو ڪوٺجي.

انهن ٻن رستن جو بيان ڇانداوگيه اپنشد ۾ هن طرح صاف سمجهايل آهي:

”روشنيءَ سان شروع ٿيندڙ رستي تي [پرلوڪ پڌاريل جيءُ] هلي ٿو، جو نه اهو
رستو صاف نظر نٿو اچي. ان ديوتائن واري رستي تي پهچي، هو اڳن لوڪ ۾ اچي ٿو
پوءِ وايو لوڪ ۾ ۽ پوءِ ورن لوڪ ۾. اُتان هو اندر پريءَ ۾، پوءِ پرجاپتي لوڪ ۾ ۽ آخر
لوڪ ۾ پهچي ٿو.“

ڪوشتڪي اپنشد ۾ ان باٻت هن رُيت بيان آهي:

”هو روشنيءَ ڏي وڃي ٿو، روشنيءَ مان ڏينهن ڏي ۽ ڏينهن مان چندرما جي
ٿيڻ ۱۵ تاريخن واري رستي ۽ اتان سورج جي اُترائين مارگ ڏي وڃي ٿو. اُتان هو
آدليه کي پهچي ٿو. هي رستو روشنيءَ وارو آهي، جنهن مان آخر موڪش ملي ٿو.“

سورج ڇهه مهينا اُترائن ۽ ڇهه مهينا دکڻائن ۾ ٿئي ٿو. جيڪو يوڳي اُترائڻ جي
ڇهه ماسيءَ ۾ پران تياڳي ٿو، اهو اُترائڻ يا ديوتان مارگ کان پرلوڪ وڃي ٿو، جو برهم
وارو مارگ آهي ۽ ديوتائن جي لوڪن کان لنگهي برهم لوڪ تائين وڃي ٿو. جيڪڏهن
پورن گيان الس نه يڪدم مڪت ٿئي ٿو، پر جي اڃا پورو گيان نه پاتو الس، نه برهم لوڪ
۾ رهي سک ڀوڳي مها پرلءِ وقت گيان پرائي مڪت ٿئي ٿو. جيڪو يوڳي دکڻائن وا
ڇهن مهينن ۾ چولو ڇڏي ٿو، اهو دونهين، اونداهي ۽ جتي رات ٿي رهي آهي ۽ ڪرشن پکو چند
جي روشني گهٽ ٿي، اهڙي مارگ کان سرڳ آدي لوڪن ۾ وڃي ٿو ۽ اهڙا شڀ ڪ
ڪيل الس نه برهم لوڪ تائين نه پهچي ٿو، پر هو اُنهن جا سک ڀوڳي وقت گذرڻ
وري جنم ضرور وٺي ٿو، مڪت نٿو ٿئي. ڀيشم پتامه پورن ڪرمي ۽ پورن ابياسا ڪ
يوڳي هو. جڏهن مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ هيڪي ارجن تيرن سان گهايل ڪري ڪيرائي ڇڏ
ان وقت سورج دکڻائن مارگ ۾ هو ۽ ڀيشم جي اڃا هئي نه اُترائڻ وقت پران تياڳيان.
ڪري سادا ٻه مهينا پنهنجو شرير هن تيرن جي سيجا تي رکيو ۽ جڏهن سورج اُترائڻ
آيو، تڏهن پران تياڳيائين. شرير جو اُترائڻ يا دکڻائن ۾ ڇٽڻ نه پنهنجي وس آهي ۽ نه
چالس تي آهي. اهو ڪرمن ۽ پرارٻڌ انوسار ٿئي ٿو. دان پنج ۽ تپسيا، ابياسا ۽ ان سان
يوڳ نه ڪيل هوندو نه اُترائڻ پڪش ۾ شرير ڇٽي ٿو، پر جيڪڏهن فقط شڀ ڪرم ۽ ڪ
ابياسا ڪيل آهي پر يوڳ نه ڪمايل آهي نه دکڻائن ڇهه ماسيءَ ۾ مرڻو ٿئي ٿو. ٻين
نه ڪرمن الوسار لوڪ ۽ ٻيون جوڻيون ملن ٿيون.

ڀڳوان جي هن بيان مان اهو نه سمجهڻو ٿئي نه جدا جدا قسمن جا سرڳ ۽ لوڪ ۽
لوڪ جي شاسترن ۾ ورڻن ڪيل آهن، سي سڀ برابر آهن ۽ انهن ۾ وشواس نه ڪرڻ مو
آهي. شاسترن ۾ اهڙن قسمن جا لوڪ بيان ڪيل آهن، جي جدا جدا طريقن سان سو
خيالي جيءُ آتما کي ڪرمن الوسار دک ملن ٿا. ڪئي ڪهاڻين ۾ لڪڙيو ٿو وڃي،

جنم ۾ ڪرمن انوسار ويندا، اُن اُن ۾ اوهان جي ڀڳتي ملي ۽ اوهان جي چرنن جو ڌيان
رهي. موڪش وغيره هن گهريو ئي ڪونه. ڪرڻ جي مرڻ وقت ڀڳوان ڪرشن خود سڳدس
سامهون حاضر هو، پر هنکي موڪش نه مليو، ڇو ته ويدن جو اهو نيم آهي ته گيان ڪانسواءِ
مڪتي نه ملندي. جٽايوءَ کي ڀڳوان رام پنهنجي هٿن سان ساڙيو ۽ سڀ سڳدس سنسڪار
ڀاڻ ڪيائين ته به هو مڪمت نه ٿيو، پر سرڳ ۾ ويو. ڀڳوان رام جٽايوءَ کي مرڻ وقت چيو
ته منهنجو پتا به لوکي سرڳ ۾ گڏيو، پر انکي سيتا جي کڄي وڃڻ جي خبر نه ڏجانءِ، ڇو ته
هو ڏک ٿيندو. مطلب ته سڳڻ برهم جا اُپاسڪ نه موڪش پائين ٿا ۽ نه هنن کي ان لاءِ
ڪا اِڇا ئي ٿئي ٿي. هو ته اهائي ٿا چاهه ڪن ته جنم جنم ۾ اسين پرماتما جي ڀڳتيءَ ۽ ڌيان
۾ مست رهون ۽ ان پريم ۾ رهي امرت روپي آنند ماڻيون. والميڪ ۾ اُرڻيه ڪانڊ ۾ سرڀنگ
منيءَ جو ورتانت آيل آهي. جڏهن ڀڳوان رام لڇمڻ ۽ سيتا سميت چترڪوٽ کان ٿي اگستيه
منيءَ جي آشرم ڏي وڃڻ لڳا ته واٽ تي هن منيءَ جي ڪٽيا ۾ پهتا. اُتي منيءَ سڳدن
آدرستڪار ڪري چيو ته ”هي سائين! مان برهم لوڪ ڏي وڃڻ وارو هوس، مگر ٻڌم ته
اوهان هن طرف اچي رهيا آهيو، ان ڪري اوهان جي واٽ رات ڏينهن پئي نهاريم.
اوهان جو درشن ڪري هاڻي مها آنند پاتو اٿم. هي ناٿ! مون ۾ ڪوبه ساڌن نه آهي ۽
ونکي ڌڻي جاڻي اوهان پنهنجي ڪرپا ڪئي آهي، ان ڪري هاڻي اوسيتائين هت رهو،
جيستائين مان هيءَ تن ڇڏي، اوهان سان ملان.“ هن پنهنجي ڪيل يوگ، تپ، جپ ورت
هي جو ڦل پريوءَ کي ارپن ڪري سڳدس ڀڳتيءَ جو ور گهريو ته لڇمڻ ۽ سيتا سميت
رهين منهنجي هردي ۾ هر وقت واس ڪريو. اهو ور پائي ان روپ جو ڌيان ڪندي هن
يوگ اگني پرتهت ڪري پنهنجو شرير ان ۾ جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو ۽ پريوءَ جي ڪرپا
ان هو ونڪنٺ ويو، پر موڪش نه پاتائين، ڇو ته سڳڻ روپ جو اُپاسڪ ٿي پيو. ڀڳوان
ڪرشن به ارجن کي اهوئي تو اپديش ڪري، ته هو هر وقت سڳدس ڀڳتيءَ ڌيان يوگ ۾
هي آنند پائي.

شلوڪ ٢٨. هي ارجن! پوريءَ وڌيءَ سان ويدن پڙهڻ، اشوميڌ آدي
ڳين ڪرڻ، تپسيا ڪرڻ، دان ۽ پين شڀ ڪرمن ڪرڻ جو جيڪو ڦل شاسترن
ڏيکاريل يا ورڻن ڪيل آهي، انهن سڀني کان وڌيڪ اوچو اهو يوگي وچي
۽ اهو ڄاڻي ڪري، هو پرم ڌام يا انادي اُتم اوستا کي پراپت ٿئي ٿو.

الين اڌياءَ جي هن پوئين شلوڪ ۾ ڀڳوان يوگ جي ڄاڻ واري ۽ اُپار مهما ڪئي آهي،
ا نو ورڻن ڪري. ڀڳوان کان ارجن هن اڌياءَ جي شروع ۾ اٺ سوال ڪيا هئا، انهن جو
اب هن شلوڪ سان پورو ٿيو. ويد پورن برهمچريه رکي گرامر موجب پڙهڻا آهن. يڳيه
پُورن وڌيءَ سان ڪرڻا آهن، تپسيا به اهڪاگر چت سان، ورت نيم به ساڳيءَ طرح رکڻا
ن، دان به شڪتيءَ آهر ۽ شرڌا ۽ پريم سان ڪرڻو آهي. انهن سڀني مان جو ڦل ملي ٿو،

شريرَ الي وڃنا ۽ ڪرمن جو ڦلُ ڀوڳڻ پوندو آهي، ڀوڳين ٿا.

سوامي شڪديو راجا پريڪشت کي ٻڌايو آهي ته جن جا پورا جنم ڇڳا آهن يعني
انهن ۾ شبه ڪرم ۽ اپاسنا ڪئي آهي، پوءِ اها پوري هجي يا گهٽ ته ان موجب جل
جو جنم وٺن ٿا، لڏهن ٻال اوستا کان وٺي هنن جا آچرڻ ڌرماتمائن وارا ٿين ٿا. هو هر وق
ڀڳونت سمبنڌي ڪرم ڪن ٿا، پرماتما سان لڳن رهين ٿي، سدتن ۽ مهاتمائن ۾ پريم
ٿئين ۽ ڌرم جي اصولن کي پسند ٿا ڪن. هنن جو ستسنگ سان پريم ٿو ٿئي ۽ هن جنم
هو اڳتي وڌ وڌائين ٿا ۽ جيڪڏهن ڪرم الڪل سنا اٿن ته هنن کي پورن ستگورو م
لو، جنهن کان اپديش وٺي هن جي ٻتايل راه تي هلي ڏنال مقتر ڪمائي، آخر آتم گيان
پائين ٿا. سوامي شڪديو پنهنجي اڳين جنمن جي ڪٿا ٻڌائي آهي ته ڪيئن نه هڪ ج
۾ هو طوطو هو ۽ شري اَمرناٿ جي مندر ۾ شو ڀڳوان ڪان راماين جي ڪٿا ٻڌائين، جڏ
اها هن پاربتي ديويءَ کي ٻئي ٻڌائي. اِن اَمر ڪٿا ٻڌڻ ڪري ڪيس اَمر جنم مليو.

سنسار ۾ ٻه شڪتيون ڪم ڪن ٿيون! هڪ يوڳ ۽ ٻيو گيان. يوڳ سان چت جو
ورتي استمڀ ٿي ٿي ۽ گيان سان سمدرشتي پراپت ٿي ٿي. هو سڀئي ۾ هڪ ايشور ج
جوت ٿو ڏسي ۽ اندر مان بيائي، دويش، دشمني ڌر ٿي ٿيون وڃن. جن جي چت
ورتي استمڀ نه آهي، پر يڪدم گيان ٿا پرائين، اهي ڪمزور ٿا ٿين. هنن کي رکو عل
گيان لو ٿئي، جنهن مان آتمڪ بل نٿو اچي. يوڳ کان سواءِ من جا پرم ناس نه ٿيندا،
ڪري يوڳ ۽ گيان ٻئي ضروري آهن.

شلوڪ ٢٧. هي پارٿ! هنن ٻنهي رستن کي ڄاڻي يوڳي موهه ۾ نٿو اٽڪ
اِنڪري هي ارجن! تون ٻه سدائين هروقت يوڳ ۾ يڪت ٿي رهه.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان جو اشارو انهن يوڳين ڏانهن آهي، جي سگڻ برهم جا اپاسڪ آ
هو ڪاڏهن پرواه نٿا ڪن ته ڪهڙي پڇش يا عرصي ۾ اسان جا پران ويندا ۽ ڪهڙي ر
اسين پرلوڪ ڏي وينداسين. هو هر وقت پنهنجي اشٽ ديو جي يوڳ ۾ لڳا رهن ٿا ۽
مان اناه شڪتي پرالي موهه کان آجا ٿي پون ٿا. ارجن کي ته ڀڳوان پنهنجو انيه ڀڳت ج
جوي ٿو ته تون ته يوڳ ۾ استر ره، جو ته ان مان العهڪرڻ جي شڌي ٿئي ٿي ۽ من
چنچلتا دور ٿيندي. شاسترن ۾ ڀڳتيءَ ٻڪيه ۾ هڪ ٿي سروپ يعني سگڻ مجيو ويو آه
جو ته سگڻ ۽ نرگڻ ٻئي هڪ ٿي برهم جا سروپ آهن ۽ انهن ۾ ڪو ڀيد نه آهي. گرو
ته پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ صاف چيو آهي:

سرگڻ آپ- نرگڻ ٻي اوهــي.

يوڳي لوڪ پرلوڪ وڃڻ جا ٻه رستا ڄاڻندي به پرواه نٿا رکن ۽ يوڳ ۾ مجو رهن
۽ ڪو ٻه سنسو نٿا ڪن ته ڪهڙي وقت چولو ڇڏبو ۽ موڪش ملندو يا نه. هو پرماتما
ڀڳتيءَ ۾ لسن رهن ٿا ۽ مڪتيءَ جي پرواه به نٿا ڪن. هنن کي ڀڳتيءَ مان ئي مها آ
پراپت ٿو ٿئي. پرهلاد ڀڳت ته اهوئي نرسنگهه ڀڳوان کان گهريو ته هي ڀڳون! مان جنهن

کان اوچو ۽ اتاهه آهي. يوگي نه آدي آستان ۾ پرم پد کي پراپت ڪري ٿو. ڪو به لوڪ هن
کان پري نه آهي يعني هو سڀني لوڪن ۽ ساري برهمانڊ جو ڄڻ مالڪ يا اڌڪاري ٿي
ٿو. يوگ جي مهما اپرم اپار آهي. ان يوگ جي بل سان ئي سڀ شاستر پراڻ ٺهيا
۽ رچيا ويا آهن. هر ڪنهن قسم جي اُنتي، وهنوارڪ اٿوا پرمارٿڪ ان يوگ سان جلد ۽
...وون طرح جي ٿي سگهي ٿي. يوگ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي. يوگ ۾ لڳڻ لاءِ اول
ستسنگ جي ضرورت آهي. وڻ کي سائو ڪرڻو آهي ته اول پاڙ کي پاڻي ڏيڻ گهرجي،
...گهو پن ۽ ٽارين تي جل وجهڻ مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. انتهڪرڻ کي صاف ڪرڻ
جو سولي ۾ سولو طريقو يوگ جو آهي ۽ ان شڌتا کان سواءِ ڀڳوان طرف وک وڌائڻ ناممڪن
آهي. اڄ ڪلهه جا ڪي اڳوان چون ٿا ته ڌرم جو اپديش دنيوي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ٿو
وجهي، پر هو نٿا ڄاڻن ته جيڪو ڌرم کي ناس ٿو ڪري اُنکي ڌرم ضرور ناس ڪندو.
...سچو يوگي هڪ لنگوٽيءَ ۾ آهي ته به هن اڳيان چڪرورتي راجائون به سر جهڪائين ٿا ۽
...سڀي هڪ وار برابر به نه آهن. ٻاهران ڪٿي ڏسجي ٿو ته هو ڦاڪي لاءِ به پيو
...ر، پر سچ پڇ ته هو دنيا جو مالڪ آهي ۽ هن جي برڪت سان ئي سارو سنسار ڪائم ٿو.
ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اُن يوگ جي مهما پوري ۾ ورڻن ڪئي آهي.

آن کان گهٽ وڌيڪ ۽ اُهو ڦل ٻوڪ مان حاصل ٿئي ٿو. رگ ويدن جي پوريءَ وڏيءَ سا
پڙهڻ جو به ڦل اُتاهه آهي. شري رامچندر جا ٻه سپوت لوُ ۽ ڪُش سنسار ۾ پرسڌ آهن
انهن جي ونس ۾ لوُ جي سنتان مان هڪ ڪال ڪيتو هو ۽ ڪش جي سنتان مان ڪال ر
هو. راڄ ڪندي ٻنهي جي وچ ۾ ورود پيدا ٿيو. ڪال ڪيتو ڪجهه ڏاڍو مڙس هو،
ڪري ڪالراءِ ڪاشيءَ هليو ويو. اُتي پورن برهمچريه رکي هن ويدن جو اڀياس ڪيو
ٻنيان ڪال ڪيتوءَ جي من ۾ به پڇتاءُ آيو ته ورود ڪرڻ چڱو نه هو ۽ ڪالراءِ جي لاءِ ڏاڍي
عزت ۽ پريم جاڳيس، جو هن راڄ ڇڏي ٻنا ڪنهن بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي وچ
ودياپڙهڻ شروع ڪئي هئي ۽ سنت ٿي ويٺو هو. وچار آيس ته ڪيس گهرائي هت وهاريا
ڪالراءِ به آن وقت ودياپڙهي پوري ڪئي هئي ۽ پاءُ جي ڪوٺ تي سندس پريم ڏسي
هليو آيو. هن ۾ نه ورود ڀاونا ڪانه رهي هئي ۽ پورو ساڌو روپ ٿي پيو هو. راجا ڪا
ڪيتوءَ اڀلاشا پرگهٽ ڪئي ته مونکي ٻه ويد پڙهاءِ. ڪالراءِ کيس ۳ ويد پڙهايا. انهن
پڙهڻ تي ڪال ڪيتوءَ کي وئراڳ لڳو ۽ ڪالراءِ کي چيائين ته هاڻي راڄ تون ڪر. مان ان
تپسيا ڪرڻ ٿو وڃان. ڪالراءِ گهڻوئي روڪيس، پر هن نه مڃيو ۽ آخر ڪالراءِ راجا ٿي وي
۽ چيائينس ته توکي مون ۳ ويد پڙهايا آهن ته وئراڳ لڳو اٿيئي، سو ڪلجڳ ۾ ۳ گاديو
منهنجي ڪل مان راڄ ڪندا ۽ چوٿين گادي تنهنجي سنتان مان ٿيندي ۽ سوڍي ڪ
چرائيندي. منهنجون ۳ گديون بيدي ڪل (جن ويد پڙهيا هجن) ڪرنيون.

لن بيدين کي ڪل وکي - پرگهٽيا نانڪ راءِ.

ان بيدي ڪل ۾ گرو نانڪ صاحب اوتار ورتو ۽ گرو انگد ۽ امرداس اهي ٽي گديو
ٿيون ۽ چوٿين گدي گرو رامداس جي سوڍي ڪل ۾ ٿي. اصل اهي ٻه ڪل (راجائي
ڪال ڪيتوءَ ۽ ڪالراءِ جا پنجاب ديش ۾ سنوت ديش ۾ هئا. سوڍي ڪل سنوت ديه
وارن مان ٿيو. مطلب ته هن مان سڌ ٿو ٿئي ته ويدن پڙهڻ جو ڦل ٻه ڪيڏو نه اُهو آهي
انتهڪرڻ جا پاپ ويد پاٺ سان دور ٿين ٿا، جيئن ڏٺي ٻارڻ سان اندر دور ٿي وڃ
يگين جو ڦل به ڀاري آهي. اشوميڌ يگيه ڪرڻ سان هن ديش ۾ ڪيترا راجائو
چڪرورتي راجائون ٿيا آهن. اهڙا سو يگيه پورا ڪرڻ سان اندر جي پدوي ۽ سرڳ لو
جو راڄ ملي سگهي ٿو، ڇو ته انهن يگين ۾ انيڪ قسمن جا دان پنج ڪرڻا ٿا پون. راجسو
يگيه به وڏو ڦل ڏيڻ وارو آهي. اهو راجا يڌشٽر ڪيو هو. ان طرح دان پنج جو به جهج
ٿي ڦل مليٿو، پر جي ممتا يا ڪامنا ۽ اهنڪار يا ايمان کان سواءِ ڪجن. صبوح جو ڪيو
دان ڪرڻ جو خيال اچي ته اهو به وڏن پنن جو ڦل آهي. تپسيا ڪان به دان ڏکيو آهي
ڇو ته هڙ مان مايا ٿي ڪڍڻي پوي. نشڪام دان مان آخر پرماتما تائين پهچي سگهجي ٿ
جسم ته هرڪو وٺي ٿو، پر سڀن ۾ ڪو هڪ سورمو ٿئي ٿو. هزارن ۾ ڪو هڪ ودوان
ڏهن هزارن ۾ ڪو هڪ وکتا يا ڪٿا ڪندڙ ۽ داتا ته لکن ۾ هڪ ٿو ٿئي، سو به مشڪل
ــ ته هنن سڀني ڪرمن جو ڦل وڏو آهي، پر ٻوڪ جو ڦل ڀڳوان چوي ٿو ته انهن سڀ

ل، ڌياوان ۽ ٻوڌ ودّيا جو ٻڌُن جاڻُو هجي، پر تڏهن به شش ڪجهه به نه پرائيندو.
يش لياي، جي گهاٽي ۾ ڀڄل بيل سارو ڏينهن وهندي ۽ چڪر کائيندي به شاڙ جو پلڙ
ي ساڳي هنڌ ڏسندو آهي، جيتوڻيڪ سمجهندو آهي ته مون ڪيترو چالهه ميل پنڌ جا
سرور ڪيا هوندا، ساڳيءَ طرح اهڙي شش جو به حال ٿيندو، ڀوءِ ڪٽي ڪيتري به جفاڪشي
عشي ۽ ڪاوش سنا هجس. مهاتمائن جي اپديشن جي ڀيٽ ۾ ڪتابن مان پرايل اپديشن
ي قيمت بلڪل ٿوري آهي. سمنڊ ۾ اٿاهه پاڻي آهي، پر سمورو کارو آهي، نه ڪنهن
يءَ پيئڻ لاءِ ڪم اچڻو ۽ نه ڪنهن جي پياس مٽائي ٿو، پر اهوئي پاڻي جڏهن سج جي
ش سان مٿي وڃي بادل ٿئي ٿو برسي ٿو، تڏهن زمين به ساڳي ڪيو جهڙي. ڀيون بارا به
اد ٿيو پون ۽ پيئڻ لاءِ به نديون نارا، کوهه ۽ باوليون مٺي پاڻيءَ سان ڀرپور ٿي پون ٿيون ۽
هزارين لکن ماڻهن ۽ مرن جي پياس لاهي ٿو. وير شاستر ۽ پرانڪ اُن سمنڊ وانگر اٿاهه ۽
لين ماڻڪن جا ڀنڊار برابر آهن، پر انهن ۾ ڏنل اپديش تڏهن امرت وانگي مالدو ڏيندو،
ڏهن اهو ڪنهن مهاتما جي مکاورند مان پڌرو ۽ اُن تي عمل ڪيو. جيڪڏهن سڄڻ
اتمائن ۾ دوش درشٽي رکبي، ته ڪجهه به حاصل ڪين ٿيندو ۽ انهن اپديشن مان ڪو به
پرايت نه ڪري سگهبو. سڄڻ مهاتمائن ۾ دوش درشٽي رکڻ هنن جي نندا ڪرڻ
بر آهي ۽ اُن جو ڦل بلڪل گهڻو ڀيانڪ ملي ٿو، جنهن جو وستار سان بيان سکمني صاحب
ي ١٣ اشٽپديءَ ۾ گرو ارجن ديو صاف صاف ڪيو آهي. ڪهڙا به ڪو سڄڻ مهاتمائن ۾
ن، پر دشت پرش هنن ۾ دوش ئي ٿا ڏسن. جيئن بيمار ماڻهوءَ وٽ سوادي کاڌو
ي وڃبو ته اُن ۾ به هو گهڻتائون پڌائيندو ۽ اوڳڻ ڪڍي ڪين کائيندو. بخار واري وٽ
مه جهڙو مٺو کير کڻي وڃبو ته چوندو ته مونکي ته ڪڙو پيو اڳرو ٿو لڳي ۽ اُلٽيءَ جو
ال ٿو ٿئي، کين پيئندس. جيئن مٺو پاڻي بادلن مان ئي ورسيل ئي سگهبو، تيئن
گيان جو اپديش به ٻڌُن ٻوڌ شرڌالو ۽ ٻوڌ ليشلي گروءَ وٽان حاصل ٿي سگهندو.
هن به ڪنهن جي ڪٽن ۾ دوش پاوئا اچي ته پڪ جاڻجي ته اسان جي من ۾ دوش آهن.
ڀوُن جل ۾ آهن، پر مهاتما ڀنا ڪنهن ڪارڻ جي هنن سان وير رکي، هنن کي ڀڪرن
۽ پيهنجي لالچ لاءِ هنن جي جان وٺن ٿا. مڇين جو هنن سان ڪو به وير وروڌ ڪون
. ان طرح شڪاري به ٻڪين ۽ مرن سان اڪارڻ وير رکي، هنن جو شڪار ڪن ٿا.
وچارا ڪائين گاهه ۽ جهنگ تلاءَن جو پاڻي، سو انهن ڀلا شڪارين جو ڇا بگاڙيو، جو هو
کي مارين ۽ ڦاسائين ٿا؟ اهو بنا ڪارڻ وروڌ آهي، جنهن جو ڦل ڏاڍو ڪڙو ۽ بڇو
بوي ٿو. دشت پرش به سڄڻ مهاتمائن لاءِ خواهه مخواهه وير دشمني رکن ٿا. اهڙا
ت کٽي ڪيترو ئي به ساڌ نائون يا ڀيسائون ڪن ته به ڪداچت گيان جا اڌڪاري ڪين
سگهندا. آتم گيان، جو ڳجهي ۾ ڳجهو ۽ اموليڪ پدارٿ آهي، اهو شرڌا سان ئي ملي
جهو. رواجي وديا يا علم به اهو شاگرد چڱيءَ طرح پائي ٿو، جو استاد ۾ شرڌا، عزت
۽ وڪي پرائي ٿو. اُن جو ڦل به هيڪي اثر ٿو ملي، ته ته اهوئي علم ايمان ۽ اهنڪار ٿو

اڌياءُ نائون

راج وديا- راج گُهيه يوگ

شري: ڀڳوان چوي ٿو:

شلوڪ ١. هاڻي مان تو شرڌاوان کي ايرشا رهت ڏسي، ڳجهي ۾ ڳجه
رکڻ جهڙي وستو ظاهر ڪري ٿو ٻڌايان، جا آهي گيان، وگيان سميت، جنهن
ڄاڻي ڪري تون آزاد ٿيندين. (يعني مڪتي پائيندين) ۽ پاپن کان آ
ٿي پوندين.

هن اڌياءَ جي شروع ۾ ئي ڀڳوان ارجن کي شرڌاوان ۽ ايرشا رهت ڏسي، جو آ
گيان آهي، جنهن کي وگيان يا اپروکش گيان به ڪوٺجي ٿو، ان جي ٻڌائڻ جو ڪمس ا
ٿو ڪري. ان اپروکش گيان مان ئي پاپن گناهن جو ناس ٿيندو ۽ جيئڻ مڪتي حاصل ڪري
سنسار ۾ گهڻيئي پدارٿ سانڍڻ جهڙا آهن، جيئن موتي، هيرا، جواهر، لعل ۽ ٻيو ڌن دولت
چنتامڻي يا رسايڻ، جنهن سان سون يا چاندي ٺاهي سگهجي آهي. پر اهي سڀ ته ٻين
شخص کان آخر لڪائي نٿا سگهجن ۽ ڪين ڏنا وڃن ٿا؛ مگر آتم گيان جهڙي امولڪ وسـ
جا گرو وٽ ٿيئي، اهڙو ڪهن اڌڪاريءَ، شڌ چت ۽ ٻڌيءَ واري شش کي ڏ
ٿو. ڀڳوان ارجن کي اهڙو ئي اڌڪاري ڏسي، اهو گيان ڪيس ڏيڻ ٿو چاهي. گيان
مطلب آهي علمي گيان ۽ وگيان جو ارٿ آهي انڀوي گيان. ڀڳوان نه فقط علمي (پروک
گيان ٿو ڏيڻ چاهي، پر انڀوي (اپروکش) گيان پڻ، جو نه ان انڀوي گيان مان ئي آ
ماڻهو موکش لاءِ اڌڪاري ٿي ٿو سگهي ۽ نه علمي يا ڪتابي گيان مان. سڀ کان ا
اهو ڏسڻو آهي ته ڀڳوان جي ارجن ۾ ڪيتري نه اپار ڪرپا آهي. اسين سڀ پڻ ان
ڦل ماڻي رهيا آهيون. گانءِ کير پيهجي وڇڙي لاءِ ٿي ڏئي پر ان جي صدقي اسين به
پيئون. ان طرح هي امولڪ گيان اسان سڀني جي پياس مٽائي ٿو سگهي، جيترو ڪ
رڳو ارجن کي هو. ڀڳوان بلڪل بتارث وڃن ٿو چوي ته اهڙي امولڪ لڪائي رکڻ جهڙ
وستو ٻي ٿي نه سگهندي، جو ته آتما پنهنجو پاڻ آهي ۽ پاڻ سڀ کان وڌيڪ پيارو ٿيء
پتا وٽ ڌن پدارٿ آهن. جيڪو پتا جو آگياڪاري پتر آهي، انهيءَ کي ئي پتا ملڪي
جو وارث بڻائي ٿو. برهم وديا به فقط اهي شش ستگورن کان گرهڻ ڪري سگهن ٿا، ج
سوڌي ستگورن جي آگيا ۽ ادب ۾ رهي، هن ۾ ڪا به دوش درشٽي نه ڪري، سد
ڌ، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان سيوا ڪن ٿا. جي اهو نٿا ڪن، ٿي جو گرو ڪلي کهڙو ه

ڻ وري به مهاتما جي دل نه ڏسان. کيس ٻاڻ وٺ گهراڻائين ۽ چيائين ته "لعل ڏيو نه ته
ين ٿن ڪلاڪن اندر سوريءَ تي چاڙهيا ويندا." هن قبول نه ڪيو ۽ ڪو رهيو. آخر سوريءَ
ڪاهي ويئي ۽ مهاتما کي ڪڙو ڪيو ويو. راجا چيو ته "هاڻي به ڏيو ته ڇڏيا ويندا." پر هن
چيو ته نه ڏيندس. راجا چيس ته "جي ڪو اوهان کان لعل ولي ويو هجي ته؟" چيائين
ته "ولي ويو هوندو ته چرڻن جي شيرا چاڪري ڪري ۽ نه حڪم هلائي." راجا سندس چرڻن
تي ڪري پيو ۽ چيائين ته "سائين! اهو مان ئي آهيان، جنهن کي اوهان ڪاله لعل ڏنو هو."
مهاتما چيس ته "تو ورتو يا ڪنهن ٻئي، پر شيرا ڪري ورتو هوندا ۽ نه حڪم سان." راجا
وري به سندس چرڻن تي ڪري معافي ورتي. مطلب ته شيرا ۽ شرڌا سان مهاتمائن قيمتيءَ
قيمتي دنيوي ائوا پرمارٿ جا پدارٿ ڏين ٿا. گيان به اهڙي أمولڪ وستو آهي، جا
فقط اڌڪاريءَ کي ملي ٿي.

شلوڪ ٢. اِهو گيان سڀني ودياڻن ۾ شرومڻي (راج وديا) آهي، مکيه ۾ مکيه ڳجهه آهي، پوتر ڪندڙن ۾ اوهي ۾ اوچو آهي، پرتڪش ڄاڻڻ لائق آهي، ڌرم انوسار ۽ ڪماڻڻ ۾ بلڪل سولو ۽ ابناسي آهي.

هن شلوڪ ۾ برهم گيان روپي راج وديا جي مهما بلڪل يٿارٿ طرح ورتي ڪمل
ئي، اِتلاءِ ته اُن ۾ جگياسوءَ جو من ڇڳيءَ طرح لڳي. هن ۾ نڪي أنڌ وشواس آهي ۽ نڪي
وريءَ واري شرڌا. برهم گيان سڀني ڪرمن جي جڙ کي ساڙي سڀن هزارن جنمن جي
ڪٽي ليل ڪرمن کي اک ڇنڀ ۾ ڀسم ڪري ٿو ڇڏي. أوديا ۽ اُن مان پيدا ليل سڀ
ن دور ٿي ويون وڃن. پراشچت يا ٻيا ڪرم ڪيترا به ڪجن، پر آهي سڀئي پاپن جو ناس
ڪري سگهن، پر فقط ڪن خاص ڪرمن جو. ڪٿي اهي پاپ لهن، ته به اُنهن پاپن ڪري
اُنتهڪرڻ ۾ اثر پوي ٿو، اهو دور ٿو ٿئي، پر برهم وديا سڀئي پاپن ۽ انهن جي
جو ناس ڪن ۾ ڪري ٿي ڇڏي، ۽ ڪارڻ سميت أوديا جو ناس ٿي ڪري. اِنڪري
هن کي پوتر ڪندڙن وستن ۾ اوچي ۾ اوچي ليکجي ٿو. آتم وديا جو حاصل ڪرڻ ڪر
ڌرم جي ورڌ نه آهي، پر اهو انيڪ جنمن ۾ نشڪام ڪرمن ڪرڻ جو ڦل آهي ۽ وري
حاصل به جلد ۽ سولو ڪري ٿي سگهجي. اِنڪري اِهين سمجهڻ نه آتم وديا مان جو گيان
ملي ٿو ته اُن جو اثر به جلد ناس ٿي ويندو، سو به ٺيڪ نه آهي، ڇو ته اهو گيان
ناسي آهي ۽ ڪڏاچت ناس ٿو ٿئي ۽ هميشه پنهنجي پرڪاش سان چمڪندو رهيو.
هن هڪ واريءَ هيءَ امرت پان ڪيو آهي، اهو پاڻ به اناسي ٿيو پوي ۽ ڪال هن
اوڏو ٿو اچي. ٻيون سڀ وديائون وهنوار سڌ ڪنديون، ڌن، سمجهي وغيره
نديون، پر اگيان نورت نه ڪري سگهنديون، هيڪاري اوديا وڌنديون، ڇو ته ڌنيوي
ڻن ۾ من وڌيڪ اُٽڪندو. تلڪ مهراج پنهنجي "گيتا رهسيه" پستڪ ۾ هن راج وديا
سڌانت کي بلڪل ڇڳيءَ طرح اُنهن ڪري سمجهايو آهي. لکيو اٿن ته سچي وديا

پيدا ڪري، جو آخر ڪيرائي ڏڪ لوڏني ۽ ڪلهاڙ ڪرڻ ٻدران همت نه ڪيرائ
ڇوٿين اڌياءِ ۾ ڀڳوان اهو سمجهائي آيو آهي. فارسيءَ واري به نيڪ چيو آهي:

هرڪه خدمت کرد او مخدوم شد - هرکه خودرا ديد او محروم شد.

جن کي خودي يا اهنڪار آهي ۽ ٻين ۾ دوش ٿا ڏسن يا رڳو ڀاڳ تي ٿا چڪ
نظران چاڙهن، اهي هميشه خالي ٿا رهن. جن کي ٻه ڏوجهو پاڻو آهي نه شرڌا، شيوا ۽ وشو
رکڻ سان. گيتا جو هي اپديش راج يوگ آهي ۽ بلڪل هڪ املهه خزانو آهي. سچي
سان شرڌا رکي ڪنهن مهاتما جو اپديش ڪمائبو ته هو پاڻيهي پنهنجي شش کي شڪ
ڏيندو، پوءِ چاهي ڪٽي ڪهڙو به سخت دل مهرشي درواسا وانگر هجي. شرڌا سان
ڪرڻ ڪري درواسا رشيءَ ڪيترن کي اڌي چڙهيو هو، نه ته هو ڪروڌي هوندو
ڪاوڙ وچان سراپ به ڏيندو هو. هڪ پورن سنت مهاتما هو. وٽس هڪ لعل هو. جان
ملڪ جي راجا کي خبر پيئي، ته ان اهو لعل هٿ ڪرڻ چاهيائين. راجا ان مهاتما
پاڻ وٽ گهرايو. مهاتما راجڌانيءَ جو چالو هو، انڪري وٽس ويو. راجا به هن جو س
ڪيو ۽ چيائينس ته اوهان وٽ جو لعل آهي، اهو اسان جي خزاني ۾ داخل ڪرايو. م
جواب ۾ چيو ته لعل ته برابر آهي پر ڏيندس نه. راجا چيس ته "مان زوريءَ به وٺندس."
ڏينهن اندر نه ڏيندين ته سوريءَ تي چاڙهيو ويندين ۽ حال اهي ايس ڏينهن نظربند آهي
مهاتما سچو هو، سو چيائين ته "ڀلا ڀلي ڪريو، پر لعل نه ڏيندس." کيس بندي خان
رکيو ويو. وزير چئن ڏينهن کانپوءِ خيال ڪيو ته هيءَ راجا جو ڪم ته نيڪ نه آهي. مد
فرض آهي راجا کي سڌي رستي تي آڻڻ. وڃي راجا کي چيائين ته "جهندا ڀلا! م
کي جو نظربند ڪيو اٿوَ، سو نيڪ ڪم نه آهي. زبردستيءَ سان ڪابه وستو ڪنهن
وٺڻ اڌرم آهي ۽ بلڪل پاپ جهڙو برو ڪرم ليکبو." راجا چيو ته "منهنجو ڪم م
سان ويو ڪونه آهي، پر اهو قيمتي لعل مونکي ضرور کپي." وزير چيو ته "لعل وٺڻ
ته اهو طريقو نه آهي سختيءَ سان ڪجهه به وٺڻ جو. سنت جا پيچ ڪي پڪڙيو، سندس خد
ڪريو، شيوا چاڪري ڪريو ته ملي پوندو، نه ته هو سوريءَ تي چڙهندو، پر ڏيندو
ڪين." راجا پڇيو ته "ڀلا ڇا ڪريان؟" وزير صلاح ڏني ته "سادي پوشاڪ پائي
پرساد کڻي وڃي، سندس شرير جي شيوا ڪريو، زور ڏيو، مالش ڪريو ته
پاڻيهي پرسن ٿيندو ۽ لعل به کڻي ڏيندو." راجا جيل ۾ ويو، پرساد پيش رکيائين ۽ خ
زور ڏيئي کيس آرام ڪرايائين. چوڻ لڳس ته "سائين! راجا ته دشت آهي، جو ٻيا
تو اوهان سان ورتاءُ ڪري." مهاتما سندس شيوا تي خوش ٿيو ۽ چيائين ته "اڀا
جي مرضي." ان طرح تي ڏينهن راجا وٽس ايندو رهيو. سنت شيوا تي راضي ٿيو
کي چيائين ته "هاڻي ڦاسي ته ملندي پر هي لعل مون وٽ آهي، سو راجا کي نه
ڏيندس، تون کڻي وڃ." راجا لعل وٺي کڻي ويو. جڏهن اڻون ڏينهن ٿيو ته راجا س

ڪان پرپر ڀاءُ ڏيکاري مونکان گهري ۽ مان ڏيئي وڃان، ان ڪري اڄ پر ٿي اهو پڻ
ڪري ڇڏيائين. پرماتما جي اڇا سان اهڙو وقت آيو، جو ٻڌدس وڏي ڀاءُ يڌشٽر جا سڀ
هٿيار ڇڏي ڏنا. رت ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو هوس ۽ کيس پڪڙڻ يا مارڻ لاءِ دشمن مٿس
حملو ٿي ڪرڻ چاهيو. يڌشٽر پاڻ بچائڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ ارجن کي چيو ته پنهنجو ڌنش مون
کي ڏي ته مان دشمن کي منهن ڏيان، جو ٻيو ڪوبه رستو نظر نه آيس. ٻڌڻ ارجن پنهنجي
ٻن جو خيال ڪري ترار کڻي ڀاءُ کي مارڻ چاهيو. ڀڳوان ڪرشن چيس ته ”هي ڇا ٿو
ڪرين؟“ چيائين ته ”مون ته اهڙي پرتگيا ڪئي آهي، جا ضرور پوري ڪندس.“ ڀڳوان
چيس ته ”واه! ستيه جو اهو مطلب ٿو ڪڍين! اها ستيه پرتگيا نه آهي. ان وقت تنهنجو
مطلب ان پرتگيا جو جيڪو هئو، اهو نه سمجهه. تو ته چاهيو ٿي ته متان ڪو دشمن نه دوکو
ڏئي. اهو نه مطلب ڪونه هوءِ ته پنهنجي ڀاءُ ۽ راجا، جنهن لاءِ تون خود سر جو سانگو نه
ڪري لڙي رهيو آهين، ان جو ئي پنهنجي هٿن سان سر لاهين؟ اها پرتگيا ته تو راجا
کي پڻ فتح حاصل ڪرائڻ لاءِ ڪئي هئي، پر وري ڪر پيو آهين ستيه لي خون ڪرڻ.“
ارجن سمجهي ويو. تلڪ مهاراج چوندو ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو ۽ اليمن اهيسا ۽
ستيه جي نالن ۾ ملڪ ۽ جاتيءَ کي ڪمزور ڪري اٿاهه نقصان پهچائي رهيا آهن ۽ صدين
جي غلامگيري پوکي اٿن. مهاڀارت ۾ ٻيو به هڪ ڪٿا آيل آهي. پرشرام جو پيءُ، جنهن
کي سهسر باهوءَ ماريو ته ان جي ويرو وٺڻ لاءِ پرشرام کشترن کتري راجائن کي قتل ڪري
ڇڏيو. اهو ٿيو سخت ويرو جو ورتاءُ. هڪ راجا جا ٻه پٽ ١٥-١٦ ورهين جا هئا، جن جا ڏاڏا
ڏاڏا ۽ سڀ متر ماري ويا هئا، انهنجي ٻنيان ۾ ٿيو. اهي ٻئي جوان هڪ سشيل برهمڻ
جي گهر ۾ اچي لڪا ۽ چيائون ته پرشرام اسانکي مارڻ ٿو گهري. اسين اوهان جي شرڻ ۾
آهيون. برهمڻ سچ ڏرمي هو. ليمن لي ۾ پڪو هو ۽ لڪڻ جو ۾ بلڪل اعليٰ هو.
خيال ڪيائين ته سچ پولڻ تي ڌرم آهي، پر جي هن وقت مان سچ ڳالهائيندس ۽ پرشرام کي
ٻڌائي ٿي ڏيندس ته هو مون وٽ آهن ته هو هنن کي خون ڪري ڇڏيندو ۽ اهو پاپ
ٿي پوندو. متيا وچن چوڻ سان جي سٺو ڦل نڪري ته اگري سچ چوڻ کان بهتر آهي.
پرشرام اتي پهتو ۽ اچي ان برهمڻ ديوتا کان پڇيائين ته تو وٽ کي کتري راجڪمار آهن؟
چيو ته ”نه. مون وٽ ٻه برهمڻ بالڪ آهن جي ودا پڙهندا آهن.“ هنن کي اڳير ئي
برهمڻ برهمچارين جي پوشاڪ پهرائي ڇڏي هئائين. پرشرام کي شڪ ٿيو ۽ هنڪي
چيائين ته مونکي شڪ آهي ته ڪو هي برهمڻ آهن. هن چيس ته ”ڪيئن پڪ ڪندؤ؟“
پرشرام کي خبر هئي ته هي برهمڻ بلڪل هٺ ڌرمي، ستيه تي پورو آهي، سو برهمڻ جي هٿ
سواءِ ٻين جي هٿ سان کڌل رسوئي ڪين ورتائيندو. سو چيائينس ته ”هنن جي هٿن
جو کڌل رسوئي کائي ڏيکار، ته پڪ ٿيندي.“ هو برهمڻ نيمن تي پورو هو، پر هنجي جان بچائڻ
لاءِ نيمن جو ڪوبه خيال نه ڪري هنن جي هٿن جي رسوئي کاڌائين ۽ پرشرام مٿس وشواس
ڪري هليو ويو. هن حالت ۾ اٿين بلڪل ڪين سمجهو ته اهو برهمڻ ڪو ستيه ڌرم لان

آهيمي پوهر ودبا ۽ ٻيون سڀ ودبائون سچ لاءِ اُود بائون آهن. منو مهراج جو هڪ شلو
آهي ته هنسا نه ڪجي، سچ وچن بولجي، پڙلو رهجي ۽ اندرين کي سنجم ۾ رکجي.
شلوڪ جو مطلب ڪيترن ٽيڪا ڪندڙن غلط نموني ڪيو آهي، پر تلڪ مهراج پنهنج
اُنهيءَ ۽ ٻوڪ شڪتيءَ سان سمجهي، بلڪل ٻئاريءَ طرح ڪيو آهي. ٻيا ڪي چون ٿا
اهنسا پرم ڌرم جاٽي جسماني طاقت ڪنهن جي به برخلاف ڪم نه آڻڻ گهرجي. تلڪ مهر
جو هن بابت ٻيو وچار آهي. دليل ڏنو اٿس ته هڪ گرهستي مالڪ آهي. ديو سنجوڳ
سان وڃ وقت ڪيس گهٽي تڪليف ٿيئي ۽ بار بار ننڍو نڪري. هو ٻڇي ٿو ته هت اهن
جو ڪهڙو اثر ٿيندو؟ جي مالڪ جو شريو مرڻ لي وڃي ته ٻچو به شايد مري ويندو
انڪري اول مالڪ جو ٻچائڻ ضروري آهي؛ چو ته هو هوندي ته ٻيا ٻچا به ڄڻ
سگهندي. انڪري ان وقت اهنسا اها ٿيندي، جو ٻيا حيلا نه هلي سگهن ۽ ڪٽي اُن ٻچ
کي نڪرنڪري ڪٽلو ٻوي ته ٻلي الين ڪجي؛ ۾ ماءُ جي حياتي بچائڻ ضرور
آهي. سومنات مندر لي جڏهن محمود غزنويءَ ڪاهون ڪيون ته اتي رهندڙ مهنتن
ساڌن الوا شهر جي ماڻهن ساروڌي ۾ بدارم هٿن کي ڏنو، پر مڃيو هت ۽ نه هلا ٻائون؛
ته ان کي هنن هنسا ٿي سمجهيو، پر سچ پڇ ته انهن ماڻ ڪري هنن لٽيون ۽ ظالمن
حوصلو وڌايو ۽ اهو خيال نه ڪيائون ته وقت ڪهڙو آهي ۽ اُن وقت اهنسا جو ڪهڙو نتيج
نڪرندو. ڪٿري جيڪڏهن اهنسا اهنسا ڪن ته ڪيئن اُنهيءَ وارين لڙائين ۾ وڙهي سگهن
جيڪڏهن اهنسا جو اهو مطلب هجي ها ته ڀڳوان ڪرشن جو ارجن کي پنهنجي سڄڻ مائٽ
۽ آچارين کي به مارڻ جو اپديش ڏئي ها ۽ جو ڪيس اٽڪلون، داؤ پيچ بڌالي ٻين ڪي
مارائي ها؟ گيتا ۾ اهو صاف سمجهايو ويو آهي ته اهنسا پرم ڌرم آهي. پر سمي ۽ ضرور
اَنوسار ۽ هلڻ لازمي آهي. اهنسا جو اهو مطلب ڪين آهي ته ظالم کي ۽ آڏو نه اچجي
اَن جي ظلم کان بچڻ لاءِ مَن، واٽيءَ اَلوا شريو سان اهنسڪ لي، ٻالڪي وچارو بڻا
مارڻن ڪانهن ۽ پنهنجو ناس ڪرائجي. سچي ٻيڇي هنسا ته انيڪ ماڻهو وڙ ڀيا ڪن. غريب
جو حق کائڻ، جيئن کي ماري انهن جو ماس کائڻ، هلت چلت الوا زبان سان ٻين ک
دوکو ڏيڻ يا ڏکوئڻ اهي سڀ هنسا جا نمونا آهن، جن کان بچڻ لازمي آهي. هنسا ۽
لڙائيا ڪنهن هٿيار سان ڪنهن سان وڙهڻ کي ٺڳو ڪرلجي. ٻين جو برو چاهڻ، امانت
خيانت ڪرڻ ۽ هنسا آهي. انهن ۾ ته اسين رات ڏينهن لڳا پيا آهيون، باقي ظالمن ل
هٿ هلائڻ کي هنسا سمجهي ڪانئر ٿي پيا آهيون!

سچ بولڻ لاءِ ۽ تلڪ مهاراج ساڳي نموني جي سمجهاڻي ڏني آهي. چوڻ ٿو ته لس
ٻندو ورو ٿا ڏيون ته موڪ پولگيا ڪئي آهي ته ملاٽو ڪم مان ساري عمر نه ڪندس، پر ا
پولگيا کي پالڻ ڪرڻ ۾ ۽ سمي ۽ حالتن جو وچار رکڻ ضروري آهي. مها ڀارت جي
۾ ارجن پولگيا ڪئي هئي ته مان پنهنجو گانڊيو ڌنش ڪنهن کي ۽ لاءِ ڏيندس ۽ جي
گهرندو ۽ ڪٽي ته انهو سر ڪاهي ڇڏيندس. سندس مطلب هو ته مٿان ڪو وڏي دوک

سنگ ۾ ستت ٿيو پون ۽ ويرم ۾ به ٿي لڳي. برهم ودِيا مان آتم گيان حاصل ٿيو ته ورتي پاڻ طرف مِن ڪڏهن به ڪين ويندو. ارجن جو خيال هو ته اهڙي آتم وديا ضرور ڏکي هوندي ۽ ڪشالن سان پراپت ٿيندي، پر ڀڳوان ڀڪدم ڪيس چيتو ته اها وديا آهي سولي ۽ پورو ڪرڻ ۽ ڌرم ۾ لڳائڻ واري يعني اُن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سان ٻه اڌورم نٿو ڪرڻو پوي. ڪنهنکي ڏکوئڻو به نٿو پوي. گوسوامي تلسيداس برهم وديا جي پيٽ ۾ پرياگ راج تيرٿ جو بيان ڪيو آهي، ته جنن اهو تيرٿ سڀني تيرٿن ۾ شرومڻي ليکجي ٿو، جو ته اتي گنگا، جمنا ۽ سرسوتي ٽيئي پورو ڪندڙ نديون اچي ٿيون گڏ ٿين ۽ گڏ ٿي رهن، اُن تيرٿ ۾ وڏا وڏا رشي مني ته ڇا، پر ديو ديوتائون به ديو لوڪ کان اچي اشنان ڪندا آهن ۽ برهم وديا جا جاڻُو مهاتمائون به ساڳيءَ طرح سرو سريشٽ ليکجن ٿا، جو هنن جي رسنا ۾ به ٽنهي ڪانڊن يعني ڪرم، اپاسنا ۽ گيان جو اپديش رهيو ۽ هو ٽنهي جا جاڻو آهن. ڪرمن جو اپديش جمنا جو پرواهه آهي. سڀني قسمن جا شڀ ڪرم، يگيه، دان تپ، جاپ وغيره اُن ۾ اچي ٿا وڃن. ڀڳتيءَ جو اپديش گنگا نديءَ جو پرواهه آهي ۽ گيان جو اپديش يعني ست ۽ اَست، آتما ۽ اَن آتما جو ويچار سرسوتيءَ جو پرواهه آهي. پرياگ، ڪاشي، هردوار وغيره سڀ استاور (بيٺل) تيرٿ آهن، پر برهم وِتا مهاتمائون جنگم (هلندڙ) تيرٿ ليکيا وڃن ٿا. هو هلندي هلندي رسنا سان ورشا ڪندي لوڪن کي پورو ۽ نهال ڪندا رهندا. هو پيدا ٿي اُن پرمارٿ ۽ پراپڪار جي لاءِ ٿيا آهن.

شلوڪ ٣. هي شترن جا ڏهڪاءِ ارجن! هن آتم گيان روپ ڌرم ۾ شرڌا نه رکندڙ پرش مون چيتن پرماتما کي نه پائي، مرتيو لوڪ ۾ جنم مرڻ جي چڪر ۾ پون ٿا.

اهڙن جو برهم وديا ۾ وشواس يا شرڌا نه آهي ۽ گروءَ ۾ به هو دوش درشٽي رکندا، جنهن ڪري هو اها وديا پرائي نٿا سگهن ۽ اگيان هٽي ڪري، جنم مرڻ جي پيڙا ۾ دکي ٿيندا رهندا. جنکي آتم گيان جي اڀلاشا هجي، انهن لاءِ اول ته اهو ضروري آهي ته ستگروءَ ۾ پورن شرڌا هجين، هنجي هرهڪ ڪرم ۽ هڪ هڪ لفظ مان گڻ گرهڻ ڪن ۽ هن جي اپديش تي هلن. جي انين نٿا ڪن ته گرو ڪٽي کهڙو به اوچ ڀدويءَ وارو پورن مهاتما هجي، ته به هنن تي سندس اپديش جو ڪو به اثر ڪونه ٿيندو ۽ هنن جي انتهڪرڻ ۾ ڪجهه به ڪين ٽڪندو. سروپ، سادن ۽ ڦل اهي ٽي وستو آهن. گيان جي حالت ۾ اهي ٽئي شرڌا سان حاصل ٿي سگهنديون. آتم جو سروپ پورن شرڌا رکڻ سان سمجهي سگهبو. سادنا ۽ اُن لاءِ لڏهن ڪبي، جڏهن شرڌا ۽ وشواس هوندو ۽ ڦل به شرڌا وارن کي ملندو. جنکي ماٺهو اندر ۾ ڪمت ۽ اشرڌا رکي، سنتن ۽ مهاتمائن وٽان اپديش يا منتر وٺن ٿا، تي ڪجهه به پرائي نٿا ڪن. شرڌا پوري آهي ته پٿرن مان به ايشور پرگهٽ ڪري ٿو سگهجي. نامديو ڀڳت کي ٺاڪر جاٽي پوڄ لڳائيو ۽ اُن مان ڪيس پرماتما جو درشن ٿيو. دوش درشٽيءَ ۽ چترائيءَ سان ته پر پولي ٿاڙ ۽ شرڌا سان پرماتما ملي سگهندو، گرو نانڪ ديو

ڪري پيو، هن نه ٻالڪ ٻن جيون جي جان بچائي وڏي پنج جو ڪم ڪيو. تلڪ مهاراج چوي
ٿو ته ڌرم اڌرم جو وچار رکي اندرين کي هلائڻو آهي، دماغ کان ڪم وٺي ضرورت انوسا
ورتاءُ ڪجي. هنسا مان جي اهنسا جو قول ملي ته اها هنسا يا اهو ڪوڙ به جائز آهي
خود غرضيءَ ۽ لالچ وچان هنسا ڪرڻ يا ڪوڙ ڳالهائڻ برابر پاپ آهي.

مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ جڏهن دروڻاچاريه جي مارڻ جو وقت آيو ته ڀڳوان ڪرشڻ جي صلا
سان دروڻاچاريه کي ٻڌايو ويو ته سندس پٽ اشوٿاما مارجي ويو آهي، ڇو ته سڀني کي
اها سڌ هئي ته هو جڏهن پٽر جي مرڻ جو ٻڌندو، تڏهن هٿيار ڇڏي ٻڌ ڪرڻ کان جواب ڏيندو
۽ پوءِ پانڊون لاءِ کيس مارڻ سولو ٿي پوندو. پر دروڻاچاريه ڪنهن جي به زبان تي
اعتبار ڪين ڪيو. چيائين ته جيڪڏهن ڌرم پتر يڌشٽر پنهنجيءَ زبان سان اهين چوي ت
مونکي وشواس ايندو، ڇو ته کيس خبر هئي ته هو ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائيندو. ڪرش
ڀڳوان اچي يڌشٽر کي چيو ته "تون ائين چئو ته اشوٿاما مارجي ويو آهي، ڇو ته ان ساڳئي
نالي وارو هڪ هاٿي ان ڏينهن جنگ ۾ مئو هو." پر يڌشٽر چيو ته "مون سچ جو پرو
ڪيو آهي، سو ڪوڙ مور ڪين ڳالهائيندس." ڪرشڻ ڀڳوان ڪڏهن به يڌشٽر تي رنج
ٿيو هو، پر ان وقت سندس ٿي فائدي لاءِ ۽ ڌرم جي بچاءَ لاءِ روش بدلائي کيس چيائين
ته "ان وقت سچ ڌرم ياد ڪونه هوءِ، جڏهن جوا ۾ دروپديءَ جو داءُ رکي هارائي ويٺا هئا
ديش جي هاڃي ٿي، ويري سر تي هلندا اچن، ان وقت سچو ڌرم جاڪي چئجي، انه
لوڪن پتو ئي ڪونه آهي. ان وقت ته سچو ڌرم اهو آهي ته تون چئو ته اشوٿاما مري
ويو آهي، ڇو ته اهو ڪوڙ به نه آهي ۽ ان نالي وارو هڪ هاٿي مئو آهي." مطلب ته ڀڳوا
خود اها ڀڳتي سيکاري هئي اپديش ڏنو ته اهڙي وقت سچو ڌرم جو مطلب پورو ل
نڪري. سڀني ۽ حالتن پٽاندر هلڻ ۾ ئي ڌرم ۽ ويرتا ليکجي ٿي. ڪڏهن غلط وقت تي
سچ ڳالهائڻ پاپ آهي، ان جو تلڪ مهاراج جي "گيتا رهسيه" ۾ هڪ درشٽانت ڏنل آهي
هڪ مسافر هو، جنهڪي ڌنوان جاٽي ڪن چورن سندس پيڇو ڪيو. مسافر ڊوڙي ڪنه
رشيءَ جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي شرن ورتي. رشيءَ کي نمسڪار ڪري جهوپڙيءَ جي پٺيا
وڃي لڪي ويٺو. چور به پيرو کڻي اتي آيا ۽ اچي رشيءَ کان پڇيائون ته "هتي ڪو مسا
آيو آهي؟" هن جاتو به ته هي ڌاڪو آهن ۽ هتي ۾ مارڻ لاءِ هٿيار به اٿن، پر پالڪي سچ
وڪتا جاٽي چيائين ته "ها، جهوپڙيءَ جي پٺيان لڪو ويٺو آهي!" هو يڪدم ويا ۽ کيس
پڪڙي ماري ڌن ڦري هليا ويا. يڪدم آڪاش واڻي ٿي ته "هي رشي! تون سمجهي
ٿو ته تو سچو ڌرم پاليو آهي، پر ان جو ڦل توکي ڀيانڪ نرڪ ملندو، جو تو هڪ انسا
جي حياتي سڀ ڪجهه ڄاڻندي به وڃائي آهي." مطلب ته تلڪ مهاراج گيتا رهسيه ۾ اه
مثال ڏيئي سمجهايو آهي ته سچو ويدانت ڇا آهي.

برهم وديا جو ڦل پرتڪش ڏسجي ٿو. دان، پنج، تپ، تيرٿ ياترا وغيره جو
سڀني ياتي ملي ٿو. ستسنگ جو ڦل به ترت ٿو ملي ۽ ٻري ۾ برا انسان به مهاپرش ج

و هو ته پنهنجي گروءَ وسشت کان هڪ هڪ ڪري آکيا وٺي، اُن موجب هلندا هئا. هن ۾
هميشه پورن شرڌا، عزم ۽ وشواس رکي گيان جو اُپديش ورتائون، جنهنڪري هو نه رڳو
ڪرڻيءَ جو هو ۽ پاڻ ايشور ڪرڻيءَ جا پورڻ پار برهم هئا. گرو شش جا، پتي زال جا، ماءُ
يءُ اولاد جا ڏوهه گناهه معاف ڪن ٿا، پر اُنهن ۾ به شرڌا، وشواس، شيوا ڀاءُ، نماڻائي ۽
ڀاءُ هجڻ لازمي آهي، نه ته هو ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهندا ۽ هيڪاري وڏيڪ غلط
راهه تي هلندا ۽ وڏيڪ ڏوهه گناهه ڪندا، جو ته هو اِهين سمجهندا ته اسين پاپ گناهه ڀلي
ڀا ڪريون ۽ هنن جو معاف ڪرڻ فرض آهي. اِنڪري هو ڪابه ترقي نه ڪري سگهندا ۽
ڪنهن چڱيءَ منزل تي پهچي سگهندا. هر هڪ جو فرض آهي ته جن جي سنگت مان
شرڌا گهٽ ٿئي، وشواس ۾ هاڃي پهچي، نندا چغليءَ سڪڻ جو انديشو هجي، اهڙن کان
پري ان تي دور رهڻ چڱو آهي، نه ته برو نتيجو پائبو. گلاب جو گل بلڪل سندر آهي،
خوشبوءِ به عمدي اٿس، پر جي اهي گڏ وساري ساڻ جي ڪندا اٿس، تن جو خيال ڪبو
پوءِ گلاب مان نه سڳنڌ جو مزو وٺي سگهبو ۽ نه ان مان ڪا ترقي حاصل ڪري سگهبي.
ي ڪندا ته گل جي رکيا لاءِ آهن، نه ته پکي هن کي خراب ڪري وجهن. سڀئي
شن ۾ گڏ اوڳڻ ٿين ٿا، پر جيڪڏهن ڪنهن مان پراڻو آهي ته رکو هن جي ڳڻن طرف
رشٽي رکڻي آهي. نانگ بلائون کهڙا نه زهر ڀلا جيو آهن ۽ اسين هنڪي برو ٿا سمجهون،
ڀڳوان آهي ته اسان جي ڀلي لاءِ پيدا ڪيا آهن، جو هو واءُ منڊل ۾ جا زهريلي هوا
هي، اها گرهڻ ڪن ٿا. اڳي جهنگل گهڻا هئا ۽ نانگ بلائون به جام هيون، نه بيماريون
گهٽ هيون، پر هاڻي هيٽرو پيٽرول، ڪوئلو، گاسليٽ ۽ بيو تيل جلي ٿو، نه واءُ منڊل
زهر وڌي ويو آهي، اُن جو اثر اِنسانن جي تندرستيءَ تي ٿئي ٿو.
ڀڳوان صاف ٿو ٻڌائي نه پرمالما ۽ گروءَ ۾ پورن وشواس رکڻ سان ئي گيان پراپت
ندو، نه ته جنم مرڻ جو چڪر ڪين ٽٽندو. ڀڳوان اڳتي فرمائي ٿو:

شلوڪ ٤. مون نراڪار برهم جي آسري هي سارو سنسار وياپڪ آهي ۽
ب پراڻي مالڪ مون ۾ ئي اِستٿت آهن (يعني منهنجي آسري آهن) پر مان
ن جي آسري نه آهيان.

هم وديا هتان شروع ٿئي ٿي

ڀڳوان پهرين ٽن شلوڪن ۾ برهم وديا جي مهما ۽ نه پراڻ جو اُگرو ڦل ٻڌايو. هاڻي
برهم وديا جو وچار ٿا ٻڌائين. گيان ۾ ئي ڀاڳ ٿين ٿا، جي برهم وديا جي شروع ڪرڻ
تي پراپت ٿين ٿا. هڪ نه پنهنجي سروپ جو گيان ته مان ڪير آهيان؟ هڏ ماس جو
، اندريون، پران يا اَنتهڪرڻ آهيان يا انهن کان ته جدا ٻيو ڪجهه آهيان؟ اهو
تهي پوءِ ساڌن شروع ڪرڻ گهرجن. گروءَ جو ڏلل معرڪمالجي، ان جي اڀياس روپي
ان سان گڏ ٻيا به بتايل ساڌن اُن سروپ جي پراپتيءَ لاءِ ڪجهن. ٽيون آهي انهن جو ڦل

پائي لوڪن کان گهٽ ڀون نه هرڊا ۽ ڀورن وشواس جون ڳالهيون ورتيون ۽ پڙهه ڪي ڪ
برهم گيان روپي امولڪ وستو جو دان ڪيائون ۽ آخر گرو گدي به بخشيائون. گرو رامدا
جو ارجن ديو پٽ هو، پر وڏو پٽ پرٿيچند هوس. پرٿيچند وهنوار ۾ بالڪل هوشيار ۽ چال
هو ۽ گرو جن اڳيان خوب جهولندو ۽ هٿ جوڙيندو هو، مگر اندر ۾ ڪپٽ ۽ ايرشا
ڀريل هو. من ۾ شرڌا نه آهي ته ٻاهران مٿا ٽيڪڻ، هر هر جهڪڻ مان ڪجهه به پراپت
ٿيندو. ستگورو جي ڪِرپا ۽ وچن تي جيڪڏهن نرسنسي وشواس نه آهي، ته ڪو
اتم ڦل پائڻ بلڪل ناممڪن آهي. گرو ارجن ديو سڀ ڪجهه پنهنجي پتا کان شرڌا
پائي. هو ڪا چترائي، چالاڪي نه هليو، پر پرٿيچند ڪجهه به نه پراپت ڪيو، جيترو
دربار جو ڪم ڪار به گهڻو ڪندو هو، حساب ڪتاب به سنڀاليندو هو ۽ اندر ٻاهر جي
خبر رکندو هو. ديوتائن جي مورتين يا پٿرن جي ٺاڪرن ۾ شرڌا ئي رکجي ته اسان جه
شرڌا ئي روپ ڌاري درشن ڏئي ٿي ۽ اهي مورتيون يا اهو پٿر ڪوڙ تو پرماتما ٿي پوي
رهي پاوتا جنڪي جيسي - هري مورت ديکي تن تيسي.

ڪرشن ڀڳوان ساڪيات پاربرهم پرميشور هو، آنند جو ڀنڊار ۽ وشو جو رکپال هو،
ڪنس هنکي پنهنجو ڪال سمجهڻ لڳو ۽ گوال ٻالن کيس پنهنجو سکا، دوست ئي جاڻ
پهلوان کيس هڪ ٻوڏو ڪري سمجهڻ لڳا ۽ ياد ڪيس پنهنجو ڪل وارو لوڪڻ لڳا ۽
راجائون کي پيار ۽ ڪي وڏيرا پاوتا سان ڏسڻ لڳس. مطلب ته هر ڪو پنهنجي شرڌا انو
ڏسڻ لڳو ۽ اهڙو ئي ڦل پاتائون. هڪ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي ڪنڊ ۾ ڪجهه رقم جو موهو يا سب
وٺي رازکي وڪڻي ٿو ته شام جو لکو ڪري ڏسي ٿو ته ڇا فائدو ٿيو. الحمدالله فائد
جو خيال رکي ان طرح هليو، پر اسين گهٽ وقت ستسنگ ۾ گذاريون ٿا، دان پن به ڪر
ٿا ۽ ايتري ڪجهه ڪندي به اسانکي ڏسڻ ته گهرجي ته انهن ڦل ڇا نڪرندو؟ جي ر
اشرڌا سان سڀ ڪجهه ڪيو، چترائيءَ سان ڏيکاءُ سان هليو ته ڪجهه به نه ورتو ۽ سڀ
تڪليف ۽ وقت وڃايو ويندو. اسانکي روز اهو ڏسڻ گهرجي ته اسان ڇا حاصل ڪ
آهي؟ اندرين ۽ من کي وس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون يا نه؟ اتهڪرڻ ۾ شڌي آ
آهي يا نه؟ ٻين جي نندا ڪرڻ ڇڏي اٿئون يا گهٽ ڪئي اٿئون؟ جي ها ته پوءِ ڪ
مڙيوئي پراپت ڪيو اٿئون، نه ته نه. هر هڪ جي اندر ۾ ذوبڪ روپي آئينو آهي،
بڌائي ٿو ته ڇي ڪر، خيال نا وڃي ڇڱو آهي يا برو. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ صاف ٿو چا
ته جنهنکي شرڌا نه آهي، ڪهڙو ڪيتا، اهي آتم گيان ڪين پائي سگهندا. جن پٿرن ڪ
ماتا پتا لاءِ پڻ ڀاوتا گهٽ آهي يا نه آهي، انهن پٿرن جو وڏو اپاءُ جيبو ۽ ان ۾ سعدن
ڏوهه آهي. اولاد کي ماتا پتا ۾، استريءَ کي پتيءَ ۾، شش کي گروءَ ۾، شاگرد کي ا
۾ ڪڏهن به دوش درشٽي نه آڻڻ گهرجي، ڪڻ اوڳڻ ته سڀني انسانن ۾ لين ٿا، پر جو ا
ڏسي ٿو ۽ گڻن کي نظر وٺي، اهو بالڪي دکو ٿو ڏئي ۽ نقصان ٿو رسائي. ڀڳمت ۾ ڀڳو
اوڳڻ پاوتا رکندو ته ڇا پراپت ڪندو؟ ڀڳوان رامچندر ته پورن پرش اهڙو جا اوتار

هر هڪ ۾ پرماتما جي جوت (نراڪار پرڪاش) سمايل آهي ۽ انهن جي ذري ذري ۾ پرماتما وياپي رهيو آهي. مگر اهو سڀ ڄاڻي يا ڏسي اهو سگهندو، جنهنکي آتما جو گيان پراپت ٿيندو يعني جنهنجا دويه نيتر کلي پوندا.

فريد صاحب ۽ سندس گر ڀائي جسوُ لوهار ٻئي هڪ پورن گروءَ جي شيوا ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن گروءَ خيال ڪيو ته هي ٻئي شيوا ته ڏاڍي پريم سان ٿا ڪن، پر ڏسان ته منهنجي اپديش مان هنن کي گيان ٿيو آهي يا نه. پرکيا وٺڻ لاءِ ٻنهي کي گهرائي، هڪ هڪ ڪبوتر ۽ هڪ هڪ لڪي ڇري ڏيئي چيائين ته ”پٽرو! منهنجو هي ڪم ڪريو، جو هنن کي اهڙي هنڌ وڃي ڪهي اچو، جتي ڪوبه اهو نه ڏسي.“ جسوُ لوهار ته هڪ اجاڙ مڪان، جتي مڪش ته ڇا پر پکي جيتو جنتو به نه هو، اتي وڃي، در بند ڪري اهو خيال ڪري ته هت ته ڪوبه ڏسڻ وارو ڪونهي، اُن ڪبوتر کي ڇري وهائي ماري ڇڏيو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو ته مون گروءَ جو حڪم پوريءَ طرح مڃيو آهي. پرسن ٿي اچي گروءَ جي در ٿي ويٺو. فريد به هڪ سڃي مڪان ۾ گهڙي در بند ڪري ڇري ڪڍي مارڻ لاءِ تيار ٿيو، ته خيال آيس ته گروءَ چيو هو ته جتي ڪير به نه ڏسي، اتي ڪبوتر ڪهي، پر هت مان ته ڏسان ٿو ته جنهن ڪبوتر کي ماري رهيو آهيان، اهو به پيو ڏسي ته مان ڪيس ماريان. وري جلد ئي اهو به خيال آيس ته خدا به ته سرووياپي آهي، اهو به ته ڏسي پيو. انهيءَ وچاري ڪبوتر ۽ ڇري ڪٺي ڪهڻيءَ اجاڙ جهنگ ۾ ڦريو، پر سندس دل نه مڃيو ته ڪوبه ڪونه ٿو ڏسي ۽ آخر رات پوڻ تي واپس گهر گروءَ وٽ آيو. جسوُ ته خوب پيو کلي ۽ ته فريد هي خسيس ڪم به گروءَ جو ڪونه ڪيو! فريد کان جڏهن گروءَ پڇيو ته چيائين ”سائين! مان ته جتي پيو وڃان، اتي خدا کي حاضر ناظر پيو سمجهان. ڪا به اهڙي جڳهه ڪانه لڌم، جتي هو نه هجي. ان کان سواءِ مارڻ وقت مان به پيو ڪبوتر کي ڏسان ۽ هو پيو مونکي ڏسي، سو ڪيئن مارڻانس؟“ گرو سندس اهو جواب ٻڌي، مٿس ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چيو ته ”توکي منهنجي سکيا پوريءَ طرح پراپت آهي.“ جيئن پکڻ پکين جي نظر ڏاڍي دور تائين ويندي آهي، ليڪن گيانوان جي درشٽي به پري تائين وڃي ٿي ۽ هو هر ڳالهه ۾ پيچرو سمجهي ڪم ڪندا. گروءَ جسوُ لوهار کان پڇيو ته ”تون ڪٿي ڪبوتر ماري آئين؟“ سڀ حال ڪيو. گروءَ چيو ته ”ڇا مونکي ڪو ڪبوتر مارائڻا هئا؟“ مون ته ڏٺو ٿي لوهان ۾ ڪيتري قدر گيان جي اپديش جو اثر ٿيو آهي. تون اڃا ساڌنا ڪندو رهه، جو ڪو ته ٿيو آهين.“

شلوڪ ٥. هي سڀ پراڻي (سڀ پنج) مون ۾ اسٿت نه آهن. هيءَ منهنجو عجيب ايشوري يوگ ڏس، ته سڀ جيڪي جيوَ آهن، انهن جو ٿيندڙ ۽ پاليندڙ مان آهيان يعني ساري سرشٽيءَ جو ڪارڻ روپ مان آهيان؛ مان انهن ۾ ٽڪيو رهان.

يعني گيان ، جو ٻوڪ ساڌن سان ملندو.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ٻي ڳالهيون ٿو چوي : هڪ تہ هيءُ سنسار مون رچيو آهي ۽ ٻ
تہ مان سڀني ۾ نراڪار روپ سان وياپڪ آهيان ۽ ٽيون تہ اهي سڀ مون ۾ اسٿت آهن
پر مان انهن جي آسري نہ آهيان. ڪي هن جڳت کي ٽن گڻن واري مايا جو رچيل ٿا سمجهن
ڪي چون ٿا تہ پرماتما ٿا جڳت کي رچين. ڪي ربُو ٻيجن لٽن کي ٿا مڃين، تہ انهن ما
ٿي جڳت ٿيو، پيو آهي. سڀني کي پنهنجا پنهنجا خيال آهن ۽ جيتري جنهن جي ٻڌي
جي پهچ آهي ، اُن پرماتما جي جڳت کي سمجهڻ جي اولري ڪوشش ڪن ٿا. اسلام
سرشٽيءَ جا ۱۴ طبق ٻتايل آهن ، پر گرو نانڪ صاحب تہ لکين آڪاس ، لکين پاتال چ
آهن. مسلمانن جا مؤلوي ۽ قاضي هن ڳالهہ ٿي ڪاوڙيا تہ گروجن ڇين تہ لکين تہ چا
ٿي اَنت آهن. اَڪال پرک جي شرير ۾ ڪرنڪ يعني ڪروڙين وشنوُ، مهيش ۽ برهما آهن
پير رڪن الدين جي پٽ کي گروجن اِهي انيڪ برهمانڊ گهمايا ۽ سڀني ۾ برهما، وشنو
شو جدا جدا ڏنائين. جيڪي چون ٿا تہ هي جڳت مايا ڪري رچيل آهي تہ مايا
جڙ آهي ۽ اُن ۾ پنهنجي شڪتي تہ اصل نہ آهي. پرماتما ئي ان مايا کي شڪتي ڏني ت
تہ پوءِ هوءَ هيءُ جڳت رچي ٿي تہ چئبو تہ رچڻ وارو پرماتما پاڻ ٿيو. ويدن ۾ صاف آ
آهي تہ پرماتما جڏهن سنسار رچڻ چاهيو تہ چيائين تہ مان هڪ مان انيڪ ٿي پوان ۽ اِ
ٿي ٿيو. جيئن پرٿويءَ مان گل، ڦل، ٻاجهرن، دوانون، اُن وغيره پيدا ٿين ٿا ۽ ڪانڊ و
پراڻي ۽ پرٿوي لڪ مان ئي پيدا ٿيا آهن ۽ مرڻ ڪانپوءِ ۽ پرٿويءَ ۾ لين ٿيندا يا جيئن مد
جي شرير مان ڪروڙين وار پيدا ٿين ٿا، اُن طرح ويد چون ٿا تہ ان اکشر برهم مان سار
سرشٽي پيدا ٿي آهي. جيستائين اهو نشچو نٿو ٿئي، تہ هي سنسار برهم مان ئي پيدا
آهي، اُن ۾ ٿي اسٿت آهي ۽ لين بہ اُن ۾ ٿي ٿيندو، تيستائين گيان نٿو ٿي سگهي.

ارجن سوال ڪيو تہ ”سائين! اوهان تہ هن رٿ ۾ ويٺا آهيو ۽ واسديو روپ
آهيو، مان تہ سمجهي نٿو سگهان تہ ڪيئن اوهان جڳت ۾ وياپڪ آهيو.“ ڀڳوان ڪيس ٻڌا
ٿو تہ ”هي ارجن! منهن جا سروپ ٻن قسمن جا آهن: هڪ ساڪار ڪرشن يا واسد
روپ ۽ ٻيو نراڪار روپ، جنهن دواران سارو جڳت پيدا ڪري هلائي رهيو آهيان.
منهنجي نراڪار سروپ کي ڪي بہ اندريون نہ آهن، پر ساري برهمانڊ جي جيئن ج
جيڪي بہ اندريون هٿ، پير، نيڪرن، ڪن، نڪ، اکيون آهن، اهي سڀ ان ج
آهن ۽ هوءَ سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ڪري ٿو، جيتوڻيڪ ڪنهن بہ ڪرم ۾ هوءَ آسڪت نہ آه
جيئن هرهڪ ڪاٺيءَ جي ذري ذري ۾ اگني آهي ۽ اها نہ ڏسجي تہ خاڪ آهي ۽
اگنيءَ جي شڪتيءَ ڪري ئي ڪاٺي ڏسڻ ۾ ٿي اچي.

سڪل ٻناسپت ۾ بيسنتر، سڪل دود ۾ گيها،
اوچ نيچ ۾ جوت سمائي، گهٽ گهٽ ماڌو جيها.

سڀني ڪاٺين ۾ باهہ آهي، سڀني کيرن ۾ سٿڀ آهي، اُن طرح اوچ نوڙي نيچ ج

پورو قدر نہ انهن کي ليندو، جيڪي سندس واستو سروپ ڄاڻن ٿا. شسوپال، دريوڌن، ڪنس، جراسند ۽ خود رڪمڻيءَ جو ڀاءُ رڪم ڪرشن ڀڳوان جي مهما کي ڪونہ ڄاڻي سگهيا. هو هنکي هڪ گوالو سمجهندا هئا ۽ عزت ۽ قدر بہ هن لاءِ اوترو هون. رڪمڻي نہ پنهنجي پتيءَ کي ساکيات ايشور ڄاڻندي هئي ۽ نہ ئي لوڪن جو مالڪ پار برهم پرماتما ڪري ٿي سمجهيائين، پر سندس ڀاءُ ڪيس پاڻ جهڙو نہ ئي سمجهيو. اهڙا اگياني مدش پرماتما جي پرم پد جا ڪڏاهين اڌڪاري ڪين ٿي سگهندا.

پرماتما جي پرڪ شڪتي بہ اٿاهہ آهي. جنهن ڏانهن ڀڳوان هن شلوڪ ۾ اشارو ڪيو ڪري، ان شڪتيءَ سان پرماتما اک ڇنڀ ۾ برهمانڊ پيدا ڪري، پالي ۽ وري ناهي سگهي ٿو. هن کي ڪا بہ ولوم نہ ٿي لڳي. هن جي پالڻا جا رستا بہ بي انت آهن ۽ چوڻ اهو هن جو برڌ آهي تہ سڀني اٻالڻ جيئن جي پالنا ڪري. اهو ڪم هو انيڪ نمونن سان پورو ڪري ٿو. غريبن، فقيرن، اناٿن يا سنتن مهاتمائن لاءِ بين مدش ۾ پريرڻا وجهي ٿو. پکين پسن لاءِ بہ انسانن ۾ خيال وجهي ٿو. مطلب تہ سڀ ڪنهن جي روزيءَ جو اونو پاڻ ٿو رکي ۽ ٻئي ڪنهن تي اها جوابداري نہ رکي اٿس.

اڳي هندستان ۾ ٿوري ٿوري ٽڪري ۾ جدا جدا راجا هوندو هو. اهي راجائون پاڻ ۾ پيا وڙهندا ۽ لڙندا هئا ۽ جيڪو ڏاڍو ٿيندو هو، سو ٻئي جو راڄ کسي وٺندو هو يا ان کي پنهنجي اڌين ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ راجا ٻئي راجا کي جيتي هڪ اجاڙ قلعي ۾ ڪٽي بند رکيو ۽ سندس کاڌي پيتي جو بہ ڪو بندوبست نہ ڪيائين، تہ ڀلي اڃ بک ۾ ڌڪي ٿي مري وڃي، پر ڀڳوان سڀني کي روزي رسائيندڙ آهي. اهو ڪيئن ٿو هنکي وساري سگهي؟ ان قلعي جي ٻاهران رستو هو ۽ ايندڙ ويندڙ مسافر ان قلعي جي ڀت جي ڇانو ۾ ويهي ماني کائيندا هئا، تہ ڪجهہ جهٽ هٽي ڪجهہ ڪڻي ويندا هيون ۽ اندر قلعي ۾ راجا جي پاسان وڃي ڪرندا هيون. هو اهو ٽڪر کائي پيٽ پالبو هو. بارش بہ ڏاڍي پيئي اندر هڪ هنڌ گهڻو پاڻي بيهي رهيو ۽ هن جي پيئڻ لاءِ ڪافي هو. ان طرح هر جي پورش پرماتما پنهنجي پرد رکڻ لاءِ ٿي ڪئي. جل جي اندر انيڪ جيو وڏا ننڍا رهن ٿا. انهن جي بہ هو پالنا ڪري ٿو. پاڻيءَ جي اندر نہ ڪو هٽ يا دڪان ڪو نہ آهي، پر انهن سڀني جيئن کي سندن کاڌو پيو ملي. پرماتما سوڪير روپ ۾ سڀني جي پالنا ڪري ٿو.

پنهنجي اصلي سروپ جي جڏهن اسانکي خبر پوي ٿي، تڏهن اسان جي شرير ڀاونا ختم ٿي وڃي ٿي ۽ پالڪي شڌ سروپ آتما سمجهي مها آنند ۾ گذاريون ٿا. اهڙو پرش سڀني کي پنهنجو آتما ٿو ڄاڻي ۽ پرماتما کي ساري سرشٽيءَ جو اپائيندڙ، پاليندڙ، رکيا ڪندڙ ۽ ناس ڪندڙ. پرماتما کانسواءِ هو ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ڏسي ۽ جو تہ اصل ۾ ٻيو ڪجهہ آهي ئي ڪونہ.

چوٿين ۽ پنجين شلوڪن ۾ ڀڳوان هڪ ٻئي کان اُلٽيون ڳالهيون ٿو ڪندو ڏسجي
جيتوڻيڪ سچ پچ ائين نه آهي. چوٿين شلوڪ ۾ چيائين ته سڀ جيو مون ۾ اسٿت آهن
وري هن پنجين شلوڪ ۾ ٿو چوي ته اهي پراڻي نه مون ۾ اسٿت ڪونه آهن. سڀ پراڻ
نراڪار برهم ۾ اسٿت نهن ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اهو انهن جيئن رج ۾ پاڻي ڏسبو آهي،
آهي سچ پچ ڀرم. اهو ڀرم وڃڻ ته برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه رهندو. مطلب ته سـ
پراڻي ڀرم مان اُٿن ٿيل آهن. جيئن رج جو پاڻي اصل ۾ ته هوندو ئي ڪونه آهي پر ر
سج جي چمڪ ٿي واريءَ ۾ پاڻي ڀاسندو آهي. نراڪار برهم ڪنهن به جيو يا پدار
سان ڪو به سنبنڌ نٿو رکي، ڇو ته هن جو ڪو به روپ رنگ وغيره ڪونه آهي ۽ هو اسنگ
آهي. جڙ ۽ چيتن جو سچ پچ ته ڪو به ناتو ئي نٿو سگهي. ان طرح نراڪار برهم جو ساڪ
پدارٿن سان ڪو به سنبنڌ آهيئي ڪونه. برهم اسنگ هوندي به سڀني جيون ۽ پدارٿن
آسرو آهي ۽ انهن جو آڌار آهي. اهو هڪ ايشوري ڳجهه آهي. جيئن سڀنهن ڏسڻ
سڀني جي پدارٿن سان ڪو به واسطو نٿو رکي، يا هوا يا گئس ڪنهن به ٻرڻ سان واسـ
نٿي رکي، ساڳيءَ طرح برهم به ڪنهن به شرير يا پدارٿ سان واسطو نٿو رکي. آتما ۽ ش
جو ناتو سڀ مايا وي آهي يعني رڳو ڀاسي ٿو، پر سچ پچ رج جي پاڻيءَ وانگر آهي ڪو
يا جيئن اونده ۾ نوڙيءَ ۾ نانگ اصل ۾ ته آهيئي ڪونه، پر رڳو ڀاسي ٿو. هر هڪ شي
تيار ڪرڻ لاءِ ٽي ڪارڻ لڳن ٿا: سماداڻ، اسماداڻ ۽ نمت. هڪ دلي يا مٽڪي لاءِ مٽي
سانچو يا هٿيار ۽ ڪنڀر اهي ٣ ڪارڻ ڪم. ان طرح زيورن لاءِ سون، اوزار ۽ سونار
ڪپڙي لاءِ سٽ، اوزار ۽ ڪوري. ويدانت ۾ به ڪارڻ مڃيا ويا آهن: هڪ اپادان ۽
نمت. اپادان ڪارڻ آهي مٽي، سون، سٽ وغيره ۽ نمت ڪارڻ ٿيو ڪنڀار، سونار ۽
ڪوري. سندن هٿيار وغيره به ان نمت ڪارڻ ۾ اچي ٿا وڃن. سڀني ۾ جيڪي اسي
ڏسون ٿا، انهن سڀني پدارٿن جا اپادان ۽ نمت ڪارڻ ٻئي اسين آهيون، يعني سڀني
پدارٿ ناهيندڙ به اسين آهيون ۽ انهن پدارٿن لاءِ جيڪي ضروري آهي، سو به اسين آهيون
سڀني ۾ ٻيو ته ڪجهه نٿو ٿئي، پر ٿڌهن به ڏسون ٿا ته گهڻو آهي، انڪي وچڙو جهي
ان گهاڻ جو ڪير ڀيٽون ٿا، مکڻ ڀـ ڪاڍون ٿا. سڀني ۾ شادي به ٿئيئي، ٻار به ڄمن
۽ آخر اسين مري به ٿا وڃون! ان طرح هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته هن جڳت جو اپاد
الڳ نمت ڪارڻ ٻئي هو پاڻ آهي. ساري سرشٽيءَ جو ڪرتا، ڀرتا ۽ هرتا هو پاڻ آهي
ٻيو ڪوئي ڪونهي. سڀني پدارٿن جو پيدا ڪندڙ به پاڻ ۽ جنهن مان پيدا ٿين ٿا، اهو
پاڻ آهي. رچنا ڪري به پرماتما انهن سڀني کان نيارو آهي ۽ جيئن ڪنڀار دلن مٽ
کان جدا آهي ۽ نه هو انهن ۾ آهي ۽ نه هو منجهس آهن، جيتوڻيڪ پيدا سندس آسر
ٿيا آهن.

ٽانجو اهو آهي ته جيئن زيورن ۾ جڏهن سون ڏٺو ايندي، تڏهن ئي الهجو
ڏسڻي سگهبو. هر هڪ شيءِ جي قيمت ان جي قدر انوسار ٿئي ٿي. ان طرح ڀڳوان

ڊوائون آهن، جن کي جيترو وڌيڪ ٻاريڪ طرح رڳڙبو، اوترو وڌيڪ اُگر ڪندبون. گيان پڻ اِئين آهي. جيترو وڌيڪ ساڌنائون ڪبيون، اوترو وڌيڪ ڦل ڏيندبون ۽ آنند پراپت ليندو. آخر برهم گياني پرميشور روپ ٿي پوي ٿو. پر سڀ ڪجهه گيان پرائي، ۽ سوءِ ڪمائيءَ ڪرڻ تي منحصر آهي ۽ رڳو گيان پائڻ ڪافي ڪين آهي. گيان سان گڏ ڀڳتي اڀياسا به ضروري آهي ۽ جو ڀڳوان چئي آيو آهي ته گيانين پڻ اهي ڪيس پيارا آهن، جي سندس اننيه ڀڳت آهن ۽ جن جو منجهس پورن ريت پورو ۽ وشواس آهي.

ويد وياس جهڙو مها ودوان ۽ پورن گيانوان، جنهن ۱۸ ئي پراڻ ٺاهيا آهن، اهو به ۱۷ پراڻن ٺاهڻ کانپوءِ هڪ دفعي اداس چت سان سنڌونديءَ جي ڪناري تي ويٺو نهاريو، ته نارد منيءَ اُن وقت کيس گڏيو ۽ کانئس اداسيءَ جو سبب پڇيائين. ويد وياس جواب ڏنو ته ”هي ديو رشي! مون پراڻ ۽ گرنٿ ته گهڻيئي ٺاهيا آهن، پر ته به چت پر شانتي ۽ پرسنتا نه اٿم. ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“ ترڪال کي ڄاڻڻ وارو، ويدانت جي سار کي سمجهڻ وارو، وڏن وڏن اتهاسن جي لکڻ وارو، سو به اِئين چوي! ديو رشي نارد چيس ته ”توهان سڀ گرنٿ ٺاهيا آهن پر اهڙو ڪو گرنٿ تيار ڪريو، جنهن ۾ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ، ليلائن ۽ يش جو ورنن ڪيل هجي. اُن مان اوهانکي ضرور شانتي ملندي. چار شلوڪ آد ڀاڳوت جا کيس ڏنائين، جي کيس برهما وٽان مليا هئا ۽ چيائينس ته انهن چئن شلوڪن کي وستار سان ڪري گرنٿ ٺاهيو. ويد وياس انهن مان پنهنجي دماغ ۽ سوڪيتا سان ۱۸ هزارن شلوڪن جو شريمد ڀاڳوت پراڻ رچيو، جنهن ۾ ڀڳوان جي ليلا چرتر، ڀڳتيءَ پريم جو ورنن ڪيائين، تڏهن ئي کيس ڀڳتيءَ جو رس ۽ من ۾ شانتي ۽ آنند آيا. اُن سان اول به هن کي پورن گيان هو، پر ڀڳتيءَ جو رنگ نه لڳل هوس. لغو گيان، مٿو ناس واسنا کيه اِهي ٿيئي گيانوان ۾ هڻ گهرجن. اهي به هن ۾ هوا، پر ڀڳتيءَ جو پورو انگ ڪونه هوس. جنهن ۾ ڀڳتي آهي، اُن جي واڻيءَ ۾ رس ٿيندو، آڪرشڻ شڪتي ٿيندي ۽ هن جا وچن اسين هر هر ٻڌڻ ٿا چاهيون؛ ڇو ته انهن ۾ پريم آهي. جيئن لوڻ کانسواءِ کاڌو ي رس لڳي ٿو، تيئن ڀڳتيءَ کانسواءِ گيان ۽ وراڳ سڀ ڦڪا ٿا لڳن. ليلا کي جيڪڏهن جهنون پريم سان ياد نه ڪري ها ته سندس وراڳ ڪهڙي ڪم جو؟ وراڳ جو مطلب ئي آهي بن سڀني کي ڇڏي هڪ پريتم کي ياد ڪرڻ. گهر ٻار ڇڏي هليو وڃي، پر ڀڳتيءَ جو رنگ نه اٿس ته ڇا حاصل ڪندو؟ روپئي ۾ هڪ سو پئسا آهن. اهو روپئي جو يان آهي، پر اُن روپئي کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڪنهن وقت ڪم ايندو، اها هن جي ڀڳتي ي. ڀڳتيءَ کانسواءِ گيان ۽ وگيان پڪو ۽ پختو نه ٿيندو. ڀڳتيءَ دوارا ئي اندر ۾ آنند ساگر پلٽجي پوندو. ڀڳوان ٻار ٻار چوي ٿو ته ڀڳتيءَ سان مان جلد پرسن ٿيان ٿو. ڀڳوان ڀڳتن جي اڌين ٿو رهي ۽ اهائي سندس سکيا آهي ته مون کان وڌيڪ منهنجي ڀڳتن ن پريم ڪريو.

هڪ رشي هو، جنهنکي پنج پٽ هئا. ننڍڙي جهوپڙي ۾ رهندو هو. هو ڪنهن وڏي شهر ۾

شلوڪ ٦. جيئن سڀني ڏشائن ۾ هلندڙ، زور وارو وايو هميشه آڪاش
۾ هر طرف رهي ٿو، تيئن سڀ پراڻي مالڪ مون ۾ اسٿت آهن، ائين
نشچيه ڪري ڄاڻ.

هن شلوڪ ۾ پوئين ٻن شلوڪن ۾ ورنن ڪيل گيان جو سندر مثال ڏنل آهي. جيئن
هوا هميشه آڪاش ۾ ڪنهن به بندن کانسواءِ رهندي ۽ ان سان لپائمان نٿي ٿئي، ان طرح
سڀ جيو ۽ پدارٿ پاربرهم ۾ رهن ٿا پر ان پاربرهم لي ڪو به ليپ نٿو لڳي ۽ هو اسنگ
رهي ٿو ۽ ڪنهن به بندن ۾ نٿو اچي. آڪاش ۾ نه بندن هوا وانگر هر قسم جا جيو برهم
رهن ٿا پر هن لي ڪو به اثر نٿا وجهي سگهن. جيئن سان هن جو ڪو به سمبنڌ ڪونه آهي
يوگ وسشٽ ۾ آيو آهي ته جيئن سمپورڻ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪنول جو گل هجي، ان
طرح برهم روپي پورڻ ۾ هي سارو سنسار هڪ گل وانگر آهي يعني برهم اهڙو ته آڪا
آهي، جو هن سنسار جهڙا انيڪ سنسار هن ۾ اسٿت آهن، پر هو هنن جي آسري نه آهي
ارجن کي ڀڳوان پنهنجي سوڪشم نراڪار سروپ جي شڪتي سمجهائي رهيو آهي، نه ه
ڄاڻي ته ڀڳوان جو استول شرير، جنهن سان هو ان وقت سندس رٿ هلائي رهيو هو،
اهو نه سندس هڪ مايا وي روپ هو ۽ هن جو اصلي روپ ته نراڪار آهي. ڀڳوان ارج
کي آتم گيان جي سمجهاڻي ڏيڻ لڳو چاهي. گيان جو ارٿ آهي ڄاڻڻ. هٿن ۾ ڪاٺي ۽ اکين سا
ڏسي چئون ٿا ته هي انگور آهي. اهو ان ميوي جو گيان آهي. ان گيان جو آنند آهي
ان انگور کي کائڻ ۾. جيڪڏهن رڳو سمجهيوسين ته هي انگور آهي، پر ان جو ڪائي
چکيو نه ورتوسين ته ان مان ڪو مزو نه ايندو. گيان ته آهي ڪنهن شيءِ يا پدارٿ جي
پڇاڻ، پر آنند ته آهي ان جي ذائقي ۾، ان جي سواد وٺڻ ۾، ان جي رس پيئڻ ۾، انگو
هضم ڪرڻ ۾. رڳو گيان پائڻ ڪافي نه آهي. نربد صاحب گيان پائي پوءِ وجهي ٻن ۾ ساڌ
ڪئي ۽ چوي ته هن کي برهم ۽ جيو جي ايڪتا جو آنند ڪهڙو هو، جنهن لاءِ ايڪانت
ضروري هئي. جيئن دنيا ۾ شاديءَ ڪانپوءِ زال ۽ مڙس ايڪانت ۾ ملي هڪ ٻئي مان پو
۽ آنند پائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. رڳو شادي ڪرڻ مان آنند نه ايندو ۽ جيتوڻيڪ اها ب
ضروري آهي ۽ ان مان به ڪجهه خوشي ٿيندي، پر سچو آنند ته پوءِ ميلاپ مان پائجي
ٿو. انڪري سڀ مهاتمائون امرت وٺي، جڏهن ايڪانت آهي، تڏهن اڪيلو ويهي
برهم جو چنتن ڪن ٿا. ان وقت پستڪ پڙهڻ يا مهاتمائون ٻڌڻ به ضروري نه آهي،
سانت ۾ وهڻ سان ٿي شرير ۾ آنند پرگهٽ ٿئي ٿو. وشيه ڀوڳ لاءِ به ايڪانت ٿا ڳولهيون
ته جيو برهم جي ميلاپ لاءِ ڪيئن نه ان جي ضرورت نيندي؟ گيان پائڻ ان آنند جو ا
پهريون ڏاڪو آهي ۽ پوءِ ڏيان ۽ جاپ روپي ڪرمن سان ئي آنند پراپت ٿيندو. اهي ڪر
بند نه ڪرڻ گهرجن. رڳو گيان پائڻ سان مرڪش نه ملندو، پر جڏهن ان گيان جو رس
وٺبو. ساڌن ڪيا ته پوءِ آنند به ملندو ۽ آخر مڪتي به حاصل ٿيندي. ڪيترين اهڙين

جڙ ٿيون ڏسڻ ۾ اچن، جيتوڻيڪ اُهي ۾ نه اُهي ٿيون، وڻ ۽ گاس ٿيون آهي. پٿر ۽ جبل ۾ بلڪل جڙ نه آهن، جو نه اهي نه وڌن ۽ وڏا ٿين ٿا. وڻن ۾ ٻوٽن کي جڏهن ڪٽبو ۾ پڇي چڏبو آهي ته، پوءِ مرڻ وانگر جڙ ٿي پوندا آهن ۽ پوءِ اُهي مان ڪا به اُهڃي نه ليندي آهي. پر وڻن جي پاڙ جي ثابت هوندي آهي ته وري اهي وڌي اُپرندا ۽ لڙهن سر اسري سگهندا آهن. ان طرح مايا جڙ آهي، پر چيتن ستا ايشور کان ولي پرڪاش ٿيندي. پار جمي ٿو ته اُن ۾ چيتن ستا هئڻ ڪري مايا جي وسيلي هو وڌي ٿو، وڌو ٿيندو، جوانيءَ ۾ اچي، هلي چلي ٿو وغيره. جيڪڏهن اها چيتن ستا هلي وڃي ته مايا ۾ ڪجهه نه ڪري سگهندي ۽ هو هڪ مٽيءَ جو پتلو يا ڍير ٿي ڪري پوندو. جب صاحب ۾ گرو جن فرمايو آهي:

رنگي رنگي ڀاتي ڪر ڪر - جنسي مايا جن اپائي،
ڪر ڪر ويکي ڪيتا آپڻا - جو تس دي وڏيائي.

هڪ مور جي کنڀ ۾ ڪيڏي نزاڪت آهي! اندر ڪيو ٿو ويهي اهي سندس من موهيندڙ رنگا رنگي کنڀ ٺاهي؟ سندر سندر جيوَ، رنگ ۽ رنگي گل ڦل، هيرا جواهر ڏسو ته ڪيئن نه ايشور ٺاهيا آهن! اهي سڀ پيدا مايا ڪري ٿا ٿين، پر شڪتي پرماتما جي آهي. ڪي چون ٿا ته پرڪرتيءَ ست جو ارٿ آهي ته مايا جڏهن اپائي آهي، پر اُهين آهي. مايا نه جڙ آهي. اها پيدا نه ٿي آهي پر اناڌي چئي وئي آهي. هڏجو ارٿ آهي ته مايا جي وسيلي پرماتما اهو سڀ پيدا ڪيو آهي. مايا آهي اناڌي، پر انت هئجو ٿئي ٿو. مهاپرلي وقت سڀني جيون جا ڪرم سوڪيو ٿي مايا ۾ لين ٿين ٿا ۽ مايا ايشور ۾ لين ٿي وڃي ٿي ۽ ان طرح سندس انت ٿئي ٿو. پر پرماتما جو انت نٿو ٿئي. هو سڀڪجهه سمجهي اچا انوسار ڪري ٿو. ان ۾ ٻئي ڪنهنجو به دخل اهو هلي سگهي. منش ڪهڙيئي ٿن ڪري ٿو پر آخر هاري جوي ٿو ته جيڪا ڪرتار جي اچا! منش جنم مليو ٿي ان ڳالهه سمجهڻ لاءِ آهي ته ساري سنسار جو هرتا، ڪرتا، ڀرتا ڀڳوان پاڻ آهي ۽ سڀڪجهه سندس جا موجب ٿئي ٿو، پوءِ جو ته هر وقت سندس ٿي ڏيان، سمرن ۽ ڀڄن ڪري، جنم مرڻ جو چڪر مٽائيون؟ اهو منش چولي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به جونيءَ ۾ نه سمجهي ڪري سگهبو. جيڪي سمجهن ٿا ۽ هن جونيءَ ۾ ٿي پنهنجو اڌار ڪري آهي، اهي وڏا ڀاڳشالي آهن، جو نه اهڙي پياس اُهين ٿيڻ ۽ وڌڻ ڀڄن جو ڦل آهي. راجا جنڪ کي راڄ ڀاڳ هوندي به اها اڀلاشا ٿي ۽ هن رشي اشٽاوڪر کان گيان ورتو. جنهنکي پاڻيءَ جي پياس هوندي آهي، انکي ئي پاڻيءَ جو قدر ليندو آهي ۽ هو اهو هٿ ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي. ان طرح پرماتما جي ملڻ جي جنهنکي سچي پياس آهي، اهو ڌن آهي، نه ته ٻيا شريرڌاري سڀ مردن برابر آهن.

پڙهه پڙهه آکيئي پڙهه ٿيون سلطان - جس ٿن پڙهه نه اُپجي، سو ٿن جان مسان.

اهڙن کي هميشه چنتا ٿي رهي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن ساڻن ملندو. اها چنتا ٿي هنن

ڪمائڻ ويو. ڪجهه عرصي کانپوءِ گهر واپس اچڻ لڳو ته خيال ڪيائين ته ڪجهه ميوو ڪ
وارن لاءِ وٺي وڃان. پنج ٻت هوس، هڪ ڄال ۽ ستون پاڻ هو. سو ڪل ست صُوف ولي
ويو. گهر پهتو ته پنج ئي پٽ ڏاڍي ٻرٻر سان ساڻس مليا ۽ هن هرهڪ کي هڪ هڪ
صُوف ڏنو، هڪ ڄال کي ٻه ڏنائين ۽ باقي هڪ پاڻ لاءِ رکيائين. وهي ڳالهيون ڪرڻ
لڳو ته ڄال چيس ته ٻيو ته سڀ سک هو، پر ننڍو ڪڪو اوهانکي ڏاڍو ياد ڪندو هو
رات ڏينهن بابا بابا ڪري پيو اوهان جو پڇندو هو ۽ اداس گذاريندو هو. پتا جو اهو ٻڌ
ته هن لاءِ ڪيس وڏيڪ ٻرٻر اُهن ٿيو ۽ ڪيس گود ۾ وٺي ڀاڪر پاتي، پنهنجي لاءِ جو صُوف
رکيو هئائين، اهو به ڪٽي ان کي ڏنائين. ٻيا چار چوڻ لڳا ته ”بابا! هي ڇو؟“ چيائين
ته ”حصو ته مون سڀني کي برابر ڏنو، پر هُن جو مونکي ياد ڪندو رهيو هو، سو مون
پنهنجو حصو به هن کي ڏنو. ياد ته اوهان به ڪندا رهيا هوندا پر هن جو ياد ڪرڻ وڌيڪ
ٻرٻر ۽ ڀڳتيءَ وارو هو، انڪري هن ضرور ڪجهه وڌيڪ لهڻو.“ پرماتما به ائين آهي
ڪيس ياد ته سڀ ڪن ٿا، گيانوان، ويراڳي، رشي مني، مگر ڀڳت اُن نمڙي ٻتر وانگ
آهن، جي هروقت پرٻر وچان اداس ٿي پيا ڪيس ياد ڪري ڏکائين ٿا. انڪري ڀڳوان ج
ست چت آنند روپ آهي، سو پنهنجي آنند جو حصو هنن کي زياده ٿو ڏئي، جڻ پنهنج
حصو تو هنن کي ڏيئي ڇڏي. ڇهين اڌياءَ جي ۴۶ ۽ ۴۷ شلوڪن ۾ به ساڳيو ڀاءُ ڀڳوا
سمجهائي آيو آهي.

شلوڪ ۷. هي ڪنتي پتر ارجن! هي جي سڀ پراڻي ماتر آهن، اهي
ڪلپ جي پوري ٿيڻ تي منهنجي پرڪرتيءَ ۾ لين ٿين ٿا. جڏهن وري
ٻيو ڪلپ شروع ٿئي ٿو، تڏهن وري مان انهن کي اُلپن ڪريان ٿو.

ساري برهمانڊ جا جيوَ ۽ پدارٿ سڀ ڀڳوان جي ٽن گڻن واريءَ پرڪرتيءَ مان پيد
ٿيا آهن. ڪلپ پوري ٿيڻ تي يعني سرشٽيءَ جي انت ڪال وقت سڀ سندس پرڪرتي
۾ لين ٿي وڃن ٿا ۽ جڏهن وري نئون ڪلپ شروع ٿو ٿئي، تڏهن اهي سڀ وري ڀڳوا
تنهنڪري اُچا سان پيدا ڪريٿو. مطلب ته اصل ۾ ٻه پيدا پاڻ ڪيائين، پالنا به پاڻ ڪند
رهيتو، ناس به پاڻ ٿو ڪري ۽ وري پيدا به هوني ٿو ڪري. ان طرح ساري سنسار ج
چڪر سندس ئي هٿ ۾ آهي. درشٽانتن ۾ پرماتما ۾ ته اُنهن ٿو چئجي ته سڀ هي ڪ
مايا ٿي ڪري، مگر مايا پاڻ ته جڙ آهي ۽ جڙ وستوءَ ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪاڻ شڪتي نٿ
ٿئي؛ پر جڏهن ڀڳوان کان چيتن شڪتي مليس ٿي، تڏهن اهي سڀ ڪارج ڪري ٿي
چئن قسمن جون جونيون جيئون ويئون آهن: اُنڊج (آني مان نڪرندڙ جيئ)؛ جيرج (جير
يا ٻوري مان نڪرندڙ جيئن منش، جانور وغيره)؛ سيتج (پسيني يا ٻگهر مان پيدا ٿيند
جهو مڇر، منگهڻ وغيره ۽ اُڀج يعني وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گاهه، ٻٽر وغيره. اُڀج جو
کي ظاهري طرح جڙ ٿو ڪرائجي، جو ته منش، پسُ پکين ۽ ٻين جونين جي پيٽ ۾ ا

ٽئين طرف هليو ته هڪ وڏو ڪوهه نظر آيس. ان جي ڪناري تي هڪ وڻ هو، جنهن جي هڪ وڏي ٽار کي پڪڙي ڪوهه ۾ لٽڪي بيٺو. سمجهياءِ ته اتي نه شير ۽ نه هاٿي ۽ نه اها راڪاسياڻي اچي سگهندا. پر هيٺ ڪڙي نظر ڪري ته هڪ پنجن مکن وارو نانگ ڦڻ ڦهلائي ڪوهه ۾ ويٺو آهي. خيال ڪيائين ته ڪوهه ۾ ڪرندس ته اهو نانگ ڏنگ هڻي ماري ڇڏيندو. ٻاهر نڪرندس ته هاٿي اچي ڪناري وٽ بيٺو آهي. اِنڪري ان ٽار کي خوب پختو پڪڙيائين، ليڪن جلد ئي ڏٺائين ته ان ٽار کي هڪ ڪئو ۽ هڪ ڪئي پيا ٽڪين، ڏاڍو پريشان ٿيو، پر مايا جي اهڙي رچنا ٿي، جو ان وڻ جي هڪ ٽاريءَ ۾ ماکيءَ جو مانارو هو، جنهن مان تازي ماکي ڏار ڪري وهي سندس واتَ ۾ سڌو پوڻ لڳي. ان مان ڏاڍو مزو ۽ آنند محسوس ڪرڻ لڳو، پر آخر اهو ڏار، جنهن ۾ لٽڪيل هو، اهو ڪئن جي ٽُڪڻ ڪري ڪمزور ٿي ڀڄي پيو ۽ هو هيٺ ڪوهه ۾ ڪري ان نانگ جو شڪار ٿيو. هيءُ سنسار ئي اهو بن يا جهنگ آهي، جنهن ۾ اسين پيا ڀٽڪون. مايا روپي راڪاسياڻي وشين روپي ڦاسيون ڪڍي اسان جي پٺيان پيئي ڊوڙي. اهنڪار روپي شينهن ٻئي طرف ۽ ڪامنائن روپي هاٿي ٽئين طرف آهن. هيٺان ڪال روپي پنج مکو نانگ واتُ ڦاڙي ويٺو آهي، ته عمر روپي ڏار کي وري راتِ ڏينهن روپي ڪئي ۽ ڪئو ٽُڪي رهيا آهن ته ڀلي ته هيٺ ڪرون ۽ ان ڪال جي منهن ۾ پئون، مگر وشين روپي سکن جي ماکيءَ جي لار اسانکي اهڙو ته مست ڪري ڇڏيو آهي، جو سڀ جوکا وساري، ان جي ميناج ۾ انڌا ٿيا پيا آهيون ۽ آخر ڪال اچي اسانکي گهٽي ماري ڇڏي ٿو ۽ سارو مٺو جنم اڪيارٿو وڃي ٿو. ڀڳوان چاهي ٿو ته جيئن اول ئي اسين سندس ياد ۾ حياتي گذاريون ۽ ڪيس نه سڀ ڪجهه ڪندڙ ڄاڻي وشين کان پاڻ بچائي هي جنم سڦلو ڪريون؟

شلوڪ ٨. هي ارجن! مان هن پنهنجيءَ پرڪرتيءَ ۾ استٿت ٿي يعني ان ۾ شڪتي ٿي ڪري، سڀاءَ کان اوديا دوشن سميت پراڻين، جي سمپورن جڳت جا پراڻي آهن، تن کي وار وار پيدا ڪريان ٿو.

پرڪرتي يا مايا انروچنيه ڪوٺي ويئي آهي يعني جا وچن سان سمجهي نه سگهجي. جا نه سَتَ هجي ۽ نه اَسَتَ ۽ ٻنهي کان علحدي. سَتَ اها شيءِ آهي، جا ڪڏهن به ناس نه ٿئي ۽ ٽنهي وقتن ۾ قائم رهي. مايا گيان اچڻ تي ناس ٿي وڃي ٿي ته جيئو ته سَتَ نه آهي. انکي اَسَتَ به نٿو ڪوٺي سگهجي، جو ته ان ۾ آورڻ شڪتي آهي، جنهن ڪري اگيان ٿو اڀري ٿي. اها پربل شڪتي آهي. وستو ته ڪنهن به ڪال ۾ اَسَتَ نه ٿي ٿئي، پر مايا ڀاسجي ٿي ۽ هن جو ڪجهه چمتڪار اسين ڏسون به ٿا، ان ڪري هنکي نه سَتَ ۽ نه اَسَتَ ڪوٺيو اٿن، پر انروچنيه. ان مايا يا پرڪرتيءَ دواران پنجن قسمن جا ڪليش هردي ۾ پيدا ٿين ٿا: اوديا، اسمتا، راڳ، دويش، ابينويش. اوديا جو مطلب آهي ڀُل، هڪ جو ٻيو سمجهڻ، جيئن ٻازيگر جي وڏي شڪتي آهي پردو وجهڻ يعني جهڪي پاڻ ڪري اهو پيا نه سمجهي سگهن، ته ڪيئن ٿو ڪري. انکي هٿن جي صفائي، جادو يا ڪمل ڪوٺجي

جو ڪتولو آهي ۽ دنيوي دک ان ڪتولي جو وانڌ آهي. هو هر وقت ان ڪتولي لئي لڇندا
رهن ٿا ۽ پاسو ورائڻ لئي ڄاڻي دک ڪيس پريتم جي ياد ٿا ڏيارين، پر هو انهن دکن جي
پرواهه نٿو ڪري ۽ خوش ٿو ٿئي، ته پرين ياد ٿو اچي. پريم، عشق، پريم جا اهڙي وا
اري ڪٿ لئي گدلا ناهي وچائيندڙ ته اهو پريتم اچي ان لئي لڇي آنند ڏئي. مطلب ته
اهڙن کي رات ڏينهن ايشور جي ملڻ جي تڙپ رهي ٿي. دنيوي عاشق به پنهنجي پريت
کي ملڻ لاءِ ڪيترو نه رات ڏينهن پيو تڙڦندو ۽ سڙندو آهي! ڪنهنجو پتو پاڻ ور
هوندو آهي ۽ ٻه چار ڏينهن خط پٽ ۾ دير ٿيندي آهي ته ڪيترو نه خيال ٿيندو اٿس؟
مگر پرماتما جو اسانکي نٿو ملي، ته ڪا به چنتا ڪانه اٿئون! جڏهن اسانکي پيدا ڪيو
بالڪل ننڍڙا سک ڏنا، هيڏو امولڪ شرير ڏنو، ان جو ذرو به فڪر نه اٿئون ته ڪيئن ملي
اسين دنيا ۾ هڪ ٻئي کي ماڻيندا آهيون ته ٻارن ٻچن، ڌن پدارٿ، روزگار، وغيره جو
سوال ڪندا آهيون، پر اهو سوال ڪونه ڪندا آهيون ته ادل! ڪو پرماتما جو ٻچن سمرن به ڪند
آهين؟

ڪوئي ڪهتا هه تيرا ڌن مال ڪتنا هه - ڪوئي ڪهتا هه تيرا دنيا ڪا جنجال ڪتنا هه
ڪوئي پوڇتا هه تو تيري پتر سنتان ڪتني هه -
ايسا ڪوئي نهين پوڇتا ڪو پريو ڪي سات پيار ڪتنا هه

جنهنجي اندر ۾ اها تڙپ ٿئي ٿي، اهو ضرور پورن مهاتما جي کوج ڪري، ايدي پري
ولي، ڪمائي ڪري ٿو ۽ آخر منزل مقصود تي پهچي ٿو. سچا مهاتما جڏهن اهڙ
اڌڪاري جگياسوءَ ڏسن ٿا ته ان اڳيان گيان روپي امولڪ پدارٿ کولي رکن ٿا.

ڪبير ولسا ڪبري گونلي - ٻارڪو آگي ڪول،
جب مانيگي پارکو - لينگي مهنگي مول.

جواهري يا بيو واپاري به پنهنجو مال گراهڪ گراهڪ جي خواهش ۽ هستي ڏسي اڳ
اڳيان کوليندو آهي. هڪ ٻانڪي جي خريدار اڳيان ڪو به سياڻو دڪاندار ڪمخاب جو
ٿاڪيا ڪونه آڻي رکندو. مٺي جونيءَ ۾ چار ورڻ ڀڳوان پڌايا آهن ۽ ڪرمن انوسار
انهن ۾ جنم ملي ٿو، پر پرماتما جو ٻچن سمرن ڇڏڻ لئي ورڻن ۾ ضروري آهي ۽ ان فرض
پوري ڪرڻ ۾ ڪونه تڪاوٽ ڪونه آهي. گرو گوبندسنگهه جي مشهور شش ڪوي نندلال
پارسيءَ ۾ هڪ عمدو دوهرو چيو آهي:

برائي بندگي آورد در وجود مرا - بجز ته ذوق چنيي آمدن نه بود مرا.

مان هڪ بندگيءَ لاءِ ئي هن جهان ۾ آيو آهيان، نه ته بيو ڪوئي سبب هن منش
۾ اچڻ جو ڪونه آهي. وشين جا ڀوڳ، ان جا سک ته پشن سڀني جونين ۾ به ملن ٿا، پر هي
جونِ رکيو پرماتما جي ڀڳتيءَ لاءِ ملي آهي، جنهنجي هٿ ۾ ساري برهمانڊ جي ڏوري آهي

هڪ مسافر هڪ بن ۾ ويو ته هڪ راڪشاڻي هٿن ۾ تلوار کڻي کيس پڪڙڻ آئي.
سامهون ته هڪ ٻبر شير ڏٺائين، پٺي پاسي ڊوڙيو ته هڪ مست هاٿي حملو ڪندو آيس

پنجون ڪليش مايا جو آهي اڀينويش يعني هٺ. اها به مايا جي وڏي شڪتي
هي اسين ڳالهه ڳالهه ۾ هٺ ڪريون ٿا ۽ اُن تي قائم رهڻ جي به هر ڪا ڪوشش ڪندا
ڪريون. پنهنجي غلط ڳالهه کي به درست ثابت ڪرڻ واسطي انيڪ نمونن جون ڪوششون
يهانا ٿا ڪريون. اهي پنج ڪليش مايا يا پرڪرتيءَ جون پنج وڏيون شڪتيون آهن،
ي ڪن سالڪنءَ جي پيارن کان سواءِ هرهڪ ۾ لڪل يون يا گهٽيون رهن ٿيون. بازيگر جي
يا لاءِ به جيتوڻيڪ اسين ڄاڻون ٿا ته آهي رڳو هٿن جي صفائي، پر اسانکي سمجهه ۾ نٿي
ي. جي هڪ واريءَ اُن جي ڄاڻ پئجي وڃي ته پوءِ هوندا اها الڪل رواجي ڳالهه معلوم
دي. اها هڪ ننڍڙي مايا آهي ۽ پرماتما جي مايا شاهي ۽ بي انت آهي. اِن جو راز
ي ٿا سمجهن، جن برهم جو ساڪشاتڪار ڪيو آهي ۽ اُپروڪت گيان حاصل ڪيو آهي. يڌشتر
اڄ جڏهن يگيه ٿي ڪيو، تڏهن مئي دانو سندس واسطي سندر محل ٺاهيا، جن ۾ اهڙي
رچنائون جو جل جي جاءِ تي سڪي پٽيءَ ڏسجي ۽ سڪي زمين جي جاءِ تي پاڻي
سمجهجي، وغيره. دريوڌن جهڙو راڄا خبرداريءَ ڪندي به ٿلهجي پيو ۽ ٺوڪرون
ائين. جڏهن هڪ رواجي مايا ڌاري ڪاريگر اهو ڪري سگهيو ته پرماتما جي مايا جو
ر انت پائي سگهندو؟ ڪو سوال ڪندو ته مايا ته جڙ آهي، پوءِ اها ڪيئن ٿي پردو
ي ۽ اُن ۾ اهي پنج ڪليش ڪيئن آيا؟ اِن جو جواب آهي ته گهر ۾ ڪمرا ٿيل آهن ۽
ڪ ڪمري ۾ جو اونداهو آهي، اهو اُن ڪمري جي آسري آهي ۽ اُن کان ٻاهر ميدان
ـ ڪونه آهي. اُن ڪمري ۾ ڪو پستڪ رکيو هجي ته روشني آڻڻ کان سواءِ اونداري ۾
نه ڏسي سگهبو. اِن طرح مايا به هن شرير جي آسري آهي ۽ وري قابو به اُن شرير ۾
جيوَ کي ڪيو اٿس ۽ پردو به اُن تي وڌو اٿس. مايا جون اهي پنج شڪتيون ٿي
ن ۾ جهڳڙا ٿيون پيدا ڪن، جن ۾ لکين جيو مري ٿا وڃن ۽ ڪروڙن جو نقصان ٿو ٿئي.
ن مان رنڪ ۽ فقيرن مان راجائون ٿيو پون. راوڻ به انهن پنجن ٿي مايا جي ڪليشن جا
ڪشٽن جو جڪڙيل هو. اوديا جي وس ٿي وشيه مان سک وٺڻ چاهيائين. ويدن جي
هوندي ۽ مدودريءَ ۽ ٻين انيڪ خوبصورت استرين هوندي، مدودري، ڀيشڻ ۽
جي سمجهاڻڻ کان پوءِ به پراستريءَ مان سک وٺڻ جي چاهنا نه ڇڏيائين. اهنڪار ايڏو
س، جو هڪ هنومان جو هيترو پرتاب ڏسي به پنهنجي طاقت جو ٻاٽوڙ نه ڇڏيائين.
ماد جهڙو پٽ، ڪنڀ ڪرڻ جهڙو ڀاءُ ۽ ٻيا انيڪ جوڌا ۽ سندس پٽ پوٽا سب مارجي
ل به هٺ ٿان نه لٿو. سيتا ۾ سندس راڳ يعني اپولڙ پريتي ٿي ته ڪل جي ناس ٿيڻ،
جي وڃڻ، ملڪ جي برباد ٿيڻ ۽ پنهنجي جان وڃڻ جي به پرواه نه ڪري، ڪرڙي
تي قائم رهيو. انهن پنجن مايا جي ڪليشن کي دور ڪرڻ لاءِ شب ۽ اشڪام ڪرم
ضروري آهن، اِنڪاءِ ته انتهڪرڻ شد ٿئي. پوءِ ٿي گيان حاصل ٿي سگهندو ۽ مايا جو
دور ٿيندو.

سلون ايڏيش پڇڻ ارجن سوال ڪيو ته جڏهن اوهان ٿي پنهنجي اهڙيءَ مايا سان

ٿو. ان طرح ماڻهو نه سمجهي سگهن ٿا اهڙو نه اڪيان روحي ٻرڌو وڏو آهي، جو هڙ هڪ جو ٻيو ٻيا سمجهن، دک کي سک سمجهڻ، چڱي کي برو جاڻڻ، آتما کي أن آتما جاڻڻ، مطلب نه الٽ پلٽ سمجهڻ. ڪو چوندو نه دکن کي سک ۽ سکن کي دک ڪئن سمجهبو؟ شاستر چون ٿا نه هڪ آتما ئي آنند يا سک روپ آهي ۽ سنسار ۾ ئي ڪاله وستو سک سروپ ڪانه آهي، پر دنيا ۾ اسين آتما کان ٻاهر سک ٿا، دنيوي پدارٿن پٺيان پيا ٿا سکن لاءِ ڦرون ۽ ڪمالا ڪيون. دنيا جا پدارٿ سڀ ناسونت آهن ۽ هر ڪو اهو جاڻي به ٿو، پر ان هوندي به سموري ڪوشش انهن پٺيان پوڻ ۾ ٿا لڳايون. وشين مان سک نه ڪڏهن ڪونه مليو آهي ۽ جو نه ڪڻ پکر سک سمجهون ٿا، اهو به ناسونت ۽ آخر دک ڏيندڙ آهي، پر اسين انهن ڀوڳن کي ئي سکدائي سمجهي ويٺا آهيون ۽ انهن لاءِ اڙداسون ۽ ڀرجالون ڪريون ٿا، ليڪن آخر نه دک ٿا حاصل ڪريون.

سک مانگي دک آڳي آوي- سو سک مانگيا هم نهين پاوي.

ماڻهو پتر سنتان لاءِ ڪيڏا نه پير فقير ٿا پڇن، پر جڏهن اهي ٿين پتر ماڻهن کي دکي ٿا ڪن، نه هو پڇتائن ٿا نه ان کان نه هجن ها نه چڱو. ان طرح ڀوڳن ولاسن مان جو ٿورو سک ان وقت محسوس ٿو ٿئي، اهو به آخر روڳ، بيماري، ڪمزوري ۽ پير دک ئي ڏيندو. مهاتمائن ۽ شاسترن اهو ئي ڪيئي ڀيرا ٻڌايو آهي.

ماڻهو جو ٻيو ڪليش آهي اسمتا، جنهنکي سوکم اهنڪار به ڪوٺجي ٿو، جو هر هڪ جي اندر ۾ ڀريل آهي. هڪ لوهه جو گولو باهه ۾ وجهبو نه جلد ئي ان ۾ اگني جو پرڪاش ڏيندو ۽ اهو اگني روپ ئي ٿيندو ۽ ٻرندڙ ٽانڊي جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو. ان وقت هو لوهه نه، پر آگ جو گولو ٿو ڪوٺجي، جو نه هن جي ذري ذري ۾ باهه پرويش ڪئي آهي. ان طرح سوکم اهنڪار به اسان جي رڳ رڳ ۾ ڀريل آهي ۽ اسين ان جا روپ، اهنڪار جا پتلا آهيون. ڪڏ ڪڏ ۾ اهو ائين ٿو، پراڻي نڪرڻ کان پوءِ به جيڪي سان ساڻ وڃي ٿو ۽ نئين جنم ۾ به ظاهر ٿو ٿئي. جيستائين سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪرائڻ وارو هڪ پرماتما آهي، پر اسين ان اهنڪار وچان سمجهون ٿا نه سڀ ڪجهه اسين ٿا ڪريون.

ٽيون ڪليش ماڻهو جو آهي راڳ يعني وشين، دنيوي پدارٿن ۾ پيار يا موهه. پرماتما ۽ سڪورڻ سان پيار يا پريم ئي سکدائي ۽ سچو پيار آهي، باقي ٻيا سڀ پيار راڳ جي ٽالي ۾ ڪرڻ. پرماتما يا سڪورڻ سان پريم ڪي انوراڳ ٿو چئجي. جيڪا شڪتي پرماتما سان انوراڳ ڪرڻ لاءِ اسانکي ملي هئي، سا دنيوي پدارٿن ۽ ڀوڳن سان راڳ ڪرڻ ۾ وڃائي ويٺا آهيون.

چوٿون ڪليش ماڻهو جو آهي دويش يا وير. دنيوي پدارٿن سان دويش يا وير رکڻ بدران اسين سچن سکيائن سان ۽ سچن سکيا ڏيندڙن سان ئي دويش رکون. پيٺهي اولٽ ڪڏهن بدران ٻين جي پيا نندا ڪريون ۽ ٻڌون يا هن کان سٺي صلاح مليل تي جهيڙو ڪريون ۽ وير وجهون.

ڪيترا انهن خيال ۾ ڪن ته منهنجي هيڏي هستي آهي، سو ڦلاڻو ويري مونکي ڇا ڪندو؟ ۾ اهو ننڍو ويري به ڪنهن وقت موقعو پائي اهڙو ڏنگ هڻي ٿو، جو ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. ان طرح روڳ به ننڍڙو هجي ته يڪدم علاج ڪرڻ گهرجي. غفلت ڪرڻ سان اهو وڌي شريو جو گهاتڪ ٿو بڻجي. اگنيءَ جي هڪ چڻنگ به بيحد نقصان ڪري سگهي ٿي. پاپ ننڍڙو ڪيل هجي ته به يڪدم ان جو پڇتاءُ ڪجي ۽ آئينده لاءِ توبهه ڪجي، نه ته هن جو انڀياس ڪرڻ ميرو ليندو ويندو ۽ جلد ئي هو وڏا وڏا پاپ گناهه ڪرڻ لڳندو. سوامي يا مالڪ ڪيڏو به هجي ته به هن سان ادب ۽ عزت سان هلڻ لازمي آهي ۽ هن جي چئي تي هلڻ مان ئي فائدو پوي ٿو. انهن ڪڏاهن نه سمجهجي ته مان هن کان عمر ۾ وڏو يا عقل ۾ سياڻو آهيان، سو ڇو سندس چيو مڃان؟ ان طرح نانگ کهڙو به ننڍڙو هجي ته به ان ڪا پرواهه نه رهجي. هو ڪٿي هڪ آڱر جيترو هجي، پر هن جو ڏنگ اسان جي ايڏي ... ن جي ديهه کي به ماري ٿو سگهي!

سنسار ۾ رهي ڪرم ته ضرور ڪرڻا پون ٿا، مگر مطلب آهي ته وهنواري ڪمن سڪت نه ٿي پوڻ گهرجي. پرمارٿ طرف ئي ساري شڪتي لڳائڻ ۾ فائدو آهي ۽ پر هنوار به پاڻيهي سڌري پوندو. وهنوار رڳو نرواهه لاءِ ڪرڻ گهرجي. جيڪر وهنوار ۾ نه شڪتيءَ ۽ چترائيءَ سان هلي ٿو، پر پرمارٿ ۾ هڪ مورک جيان، اهو آخر پنهنجي پڏي شڪتي سڀ وڃائي ويهندو. ڀڳوان صاف ٿو چوي ته "هي ارجن! مان سارو سنسار ر وار پيدا ڪري، پالي ۽ لئه ڪري ٿو ان ۾ آسڪت نٿو ٿيان ۽ نيارو ٿو رهان. جنهن ڪري ڪنهن به ٻنڌن ۾ نٿو اچان. ان طرح تون به ڦل جي اڇا نه رکي ڪرم ڪر ۽ پرمارٿ دڙ لڳ ٿيءُ.

اُڳري منيءَ ۽ سندس ڌرم پتني انسويا ديوي، جا بلڪل پورن طرح جي گيانوان ۽ ورتا استري هئي، اهڙي جو سيتا ماتا کي به اپديش ڏنو هوائين، اهي ٻئي به بلڪل اسين طرح هن دنيا ۾ رهيا. انهن جا ٽي پٽ دتاتريه، چندرما ۽ درواسا به هن وانگر هست ۾ رهيا، مگر ڪنول جي گل وانگر الپ ٿي ۽ پنهنجي شڪتي پرمارٿ طرف ٿي پائون. راجا جنڪ راڄ ڪندي به اداسين ٿي رهيو. جن کي ڏنڊ ڏيڻ واجب هو، انهن ڏنڊ به ڏنائين، جن جي رکيا ڪرڻ سندس فرض هو، انهن جي رکيا به ڪيائين، پر ه ۽ پرمارٿ ٻئي ڌرم انوسار ۽ بنا ڪنهن موهه ممتا جي نڀائيائين.

شلوڪ ١٠. هي ڪنتي پترا! هيءَ پرڪرتي منهنجي آسري ۾ ا آڌين
، سڀني چر ۽ اچر جيون کي پيدا ڪري ٿي. ان ڪري هي جڳت وار وار
ا ۽ ناس ٿئي ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان پرڪرتيءَ بابت وڌيڪ صاف طرح ٿو ٻڌائي. مايا جڙ آهي پر ر جي شڪتي پائي حرڪت ۾ اچي ٿي ۽ انيڪ ڪرم ڪري ٿي. جيئن لوهه جڙ آهي

هي سنسار وچيو آهي، ته سنساري جيو جيڪي به چڱا يا برا ڪرم ڪندا، انهن جي
ذميواري به اوهان تي هئڻ روا آهي. ان ۾ جيون جو ڪهڙو ڏوھ؟ انهن جي ڪرمن جي
ڦل به اوهان کي ڀوڳڻ گهرجي. ان سوال جي جواب ۾ ڀڳوان فرمائي ٿو:

شلوڪ ۹. هي ڌننجيه! اُداسين پرش وانگر اسٿت ۽ انهن ڪرمن
کان آسڪتي نه رکڻ ڪري اهي ڪرم مون کي ٻڌي نٿا سگهن.

ڀڳوان صاف ٿو چوي ته سنساري لوڪ جيڪي ڪرم ڪندا، انهن لاءِ مان بلڪل ٻڌ
نه آهيان؛ مطلب ته انهن جي ڦل لاءِ ڪا به ذميواري نه آهي، ڇو ته مطلب انهن ۾ موھ نه آهي
مان نه هميشه اُداسين طرح بي رهيو پيو آهيان ٿو. جيڪي ڪرمن ڪرڻ وقت انهن ۾ جاڳ
اسين ٿا اهي ڪريون ته ڦل به انهن کي ڀوڳڻو پوندو. جڏهن ڀڳوان کي نه ڪرمن ڪر
جي اڇا آهي ۽ نه ڦل ڀوڳڻ لاءِ چاهنا، ته پوءِ ٻڌڻ ۾ ڪيئن پوندو؟ هو ته جو سنسار
ڪري ٿو، پالي ٿو ۽ وري ناس ڪري ٿو، انهن ڪرمن ۾ به پنهنجي ڪا به ممتا نٿو رکي
نڪي اهو اهنڪار ٿو ڪري ته اهو سڀ مون ڪيو آهي. ان ڪري اهي ڪرم به ڪيئ
ٻڌڻ ۾ نٿا وجهن. مثال لاءِ به ساڳيو نمونو آهي. بازيگر يا جادوگر ٿوري مايا جاڻي ٿو
ڏيکاريو ته اڌ نمبر ڪري ٿو! هزارين ماڻهو اهو ڏسڻ اچن ٿا، پر جيڪا رچنا ڪري ٿو، ان ۾
ڄاڻ ته ٻڌجي نٿو، ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته اهو سڀ کيل آهي. سؤن هزارن روپين جا نو
نه اهي ٿو يا روپين جي برسات ڪري ٿو، جيئن سنڌ جي مشهور جادوگر هاسانند انهن
اهڙا کيل ڪري پئي ڏيکاريا، پر هو انهن ۾ ڦاٿو نٿي؛ ڇو ته ڄاڻائين پئي ته اهي نوٽ
روپيه سڀ ڪوڙا آهن ۽ رڳو مايا ڪري ٻين کي ڏسڻ ۾ ٿا اچن. جي اهي سچا هجن ها
جو هزار کيل ڪري هو ٿورا پئسا ڪمائڻ جي تڪليف وٺي ها؟ ان طرح ڀڳوان به سڀڪج
مايا جي وسيلي ڪري ٿو، پر هو ان ۾ آسڪت نٿو ٿئي، جنهن ڪري ٻڌل نه آهي. سڀني ۾ اس
ڏيندي نه الهتي ڪريون ٿا ۽ روز پيا اهڙا سچا لهون ۽ انهن ۾ دک سک، خوشي رنج
ڀوڳيون ٿا ۽ ان وقت ٻڌڻ به سمجهون ٿا، پر ڄاڻڻ تي اسان جو اسٿول شرير ڪنهن به
ڳالهه جو ذميوار نه آهي؛ ڇو ته سڀني جي ٻڌارن يا ڳالهين کي ڪوڙو سمجهي اسين ان
۾ ڪا به ممتا نٿا رکون. گيانوان هن دنيا ۾ هميشه جاڳرت ۾ رهن ٿا ۽ هن سنسار کي هڪ
سپنو ٿا سمجهن ۽ ان ۾ ڪو به موھ ممتا نٿا رکن ۽ آتما ۾ ئي اسٿت ٿي آنند ۾ گذارين
جنهن ان آنند جي سچي لطف لهڻي. اهي ئي ان گيان لاءِ سادنائون ڪندا. پر آدمين
جهڳڙو هجي ته جيڪڏهن ٽيون وچ ۾ پوندو ته ضرور هو به ڪجهه دک ڪليش پائيندو
ان جي پري ئي بيهندو ته مٿس نڪا جوابداري ٿيندي ۽ نڪو ڪيس ڪجهه ٿيندو. ش
اُتوا اُشپ ڪرمن ۾ اداسين طرح رهيو ته ٻڌڻ جو ڪو ڪارڻ ئي انهن نه ٿيندو. جيڪڏ
انهن سمجهندا سون ته هي ڪرم مون ڪيو آهي ته ان جو ڦل به ضرور ڀوڳڻو پوندو.

نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته وديءَ، روڳ، پاپ، اگنيءَ، سواميءَ ۽ نانگ کي ڪڏ
ر نندو ڪري نه سمجهڻ گهرجي. انهن ڪڏهن خيال نه ڪجي ته اهي ننڍڙا ڇا ڪندا

شلوڪ بلڪل صاف ۽ سولن لفظن ۾ آهي ۽ بيو ڪوبه مطلب نٿو نڪري سگهي. ڪرشن ڀڳوان ٻالڪ اوستا کان وٺي هيترا ايشوري ڪرم ڪيا، جي هڪ منش لاءِ بلڪل ناممڪن هئا، مگر ان هوندي به اُن وقت ڪنس، دريوڌن، ششوپال آدي مورکن کيس ايشور ڪري نٿي مڃيو ۽ ٻاڻ کان به گهٽ هڪ گوالو ڪري پئي ڄاتو. نه فقط ايترو، پر هو سائنس وير ۽ دشمني ڪندا هئا ۽ ڪوبه موقعو هن جي نندا ڪرڻ جو نه وڃائيندا هئا. هن کي ڦل به اهڙو ئي مليو. راجا يڌشٽر راجسوءِ يگيه ڪرڻ وقت اُن يگيه ۾ ويٺلن ويد وياس، اَسري مني، ڀرگو رشي وغيره جهڙن مهاتمائن جي فيصلي انوسار ڪرشن ڀڳوان کي يگيه جو پوڄان مقرر ڪيو، پر دريوڌن ۽ ششوپال جهڙن کي اهو نه وڻيو. ششوپال نه ڪليو ڪلايو وروڌ ڪرڻ لڳو. سڀني وڏن وڏن رشين ۽ مهاپرشن جي سمجهاڻ تي به هو نه مڙيو ۽ کلي للڪار ڪري چيائين ته "ڏسان ته ڪيئن ٿو ڪرشن تخت تي پير رکي؟" آخر ڪرشن ڀڳوان جي سدرشن چڪر هن اڀمانيءَ جو سر ڪپي ڇڏيو. سرپنکا راوڻ جي ڀيڻ شري رامچندر کي هڪ منش سمجهي، اهڙي هامه هلي، پر ڦل اهو پاتائين، جو ڪن ۽ نڪ ڪپايائين. رڪمڻيءَ جو وڏو ڀاءُ رڪم به ڪرشن کي هڪ اَهير (گوالو) سمجهندو هو ۽ وير رکي سائنس هامه هليو، پر سندس بيو ڀاءُ ۽ ڀيڻ هن کي ساکياٽ پرميشور ڪري سمجهندا هئا ۽ کيس رڪمڻي پرڻائڻ لاءِ آتا هئا. دريوڌن به يڌ ۾ ڀڳوان ڪرشن جو لشڪر وٺڻ قبول ڪيو ۽ نه کيس. انهن سڀني ڀڳوان جا انيڪ چرتر ڏٺا ۽ ٻڌا، جي ايشور ئي ڪري سگهي، ته به هن کي ايشور ڪري ڪين مڃيائون. اڄ به اسان جا ڪي ڀائر آهن، جي ڀڳوان ڪرشن کي فقط هڪ مهاتما ڪري ٿا سمجهن ۽ نه خود ايشوري اوتار. جن جو انتهڪرڻ ملين آهي، اهي ڀڳوان جي پرسان رهندي به هن کي نه سڃاڻي سگهيا. گيتا جو گيان به انهن کي سمجهه ۾ ايندو، جن کي ڀڳوان ڪرشن لاءِ پورن صدق آهي ته هو ساکياٽ پار برهم پرماتما هو، جو ڀڳتن جي رکيا ۽ دشٽن کي سزا ڏيڻ لاءِ اوتار وٺي آيو هو. هو پيدا ٿيو ته به چترڀڄ سروپ سان پرگهٽ ٿيو ۽ برهما سميت سڀني ديوتائن جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ اچي سندس استتي ڪئي، پر ماتا پتا جي چوڻ تي وري ٻالڪ روپ ۾ پيو ۽ رواجي ٻالڪن وانگر لِيلائون ڪيائين. ٻاڻ ٿي پنهنجي پتا کي چيائين ته مون کي نند ٻابا وٽ جمنا جي هن پار ڇڏي اچو ۽ جسودا کي جا اُلي ڏيءَ ڄائي آهي، اها هت کڻي اچو. واسديو جڏهن کيس کڻي جمنا پار ڪرڻ لڳو ته جمنا کيس رستو ڏنو، جيتوڻيڪ اُن وقت اها بلڪل ڇوهه سان ڀر ٿي وهي. ٻال اوستا ۾ پوتنا کي سندس ٿڃ ڌارائيندي به بي جان ڪري ڇڏيائين ۽ ٻيا ڪيترا راڪس جيئن ٻالڪن سان راند ڪرڻ وقت هن جي روبرو ماري ختم ڪيائين، جن …ي ڪنس ڪرشن ۽ سندس سائين کي مارڻ لاءِ پئي موڪليو. گووردن پربت پنهنجي …ڪ چيچ تي کڻي برج ڀوميءَ کي اندر جي ڪوپ کان بچايائين. ڀڳوان ارجن کي اِنڪري …ءَ تو ٻڌائي ته متان مونجهه ۾ اهڙا خيال اچن. سورج، چنڊ يا ٻين ديوتائن کي به ايشور …وليو آهي، ان ڪري ڀڳوان هن شلوڪ ۾ پاڻکي مها ايشور يعني ايشورن جو ايشور ٿو ڪوٺي.

پر لوهه جي سئيءَ يا سڻ چقمق جي وچھر اچڻ سان ان جي شڪتيءَ سان هن ڏانهن ڪه
ويندو آهي. ايھور مايا کي سدا ڏلي لڙ، مگر ڪري سڀ ڪجھ اها مايا ئي.
ٻر ڪري، اوديا يا اگيان سڀ ساڳي ڳالھ آهي. ان مايا جا ٽي هٿيار آهن: ستو، ر
لمو گڻ. سورج جي روشنيءَ سان ماڻهو دنيا ۾ انيڪ ڪرم ڪن ٿا، پر انهن لاء س
جوابدار نه آهي. ان طرح پرماتما جي شڪتي حاصل ڪري پرڪرتي سڀ ڪارج ڪ
ٿي. مايا جي انهن ٽن گڻن روپي هٿيارن سان سڀ جڳت جا جيوَ ۽ پدارٿ پيدا ٿين
هڪ پراڻيءَ ۾ به اهي ٽي گڻ ٿين ٿا، پر ڪن ۾ ڪو گڻ گهرو ته ڪن ۾ ڪو گڻ وڌي
انهن جي جدا جدا نمونن جي ميلاپ سان جدا جدا سڀاوَن وارا جيوَ ٿين ٿا ۽ جدا جدا
جا ڪرم ڪن ٿا. بازيگر يا جادوگر جي کيلن ۾ تلاش ڪرڻ سان، نه هوَ اهو ڪيئن
ڪري، ڪجھ نه ورندو، پر جي ان سان ڪٿي دوستي رکبي ته هوَ راضي ٿي پاڻ
پنهنجي ڪاريگري ڪٿي اسان اڳيان کوليندو ۽ پوءِ اسان کي سمجھ ۾ ايندي ۽ آنند
پراپت ٿيندو. پرماتما جي هن مايا جي کيلن کي به رکو پڳت ئي ڄاڻي سگهن ٿا، جي
پڳوان هن اڳيان سڀ ڪجھ پرگهٽ ڪري ٿو. هي سارو سنسار پرماتما جي
بازي آهي، جا هن پاڻ پيدا ڪئي آهي، پنهنجي دل وندرائي. جڏهن
سنڪلپ ڪيائين ته "ايڪو هم بهوَ سيام"- هڪ مان انيڪ ٿيان، ته هي سڀ برهم
انهن ۾ جيوَ ۽ پدارٿ پيدا ٿيا. رچنا ڪري ۽ ڏسي، جڏهن ان بازيءَ جي بند ڪر
وچار اڇيس ٿو ته بازيگر وانگر پرماتما به سارو کيل سميٽي ٿو ۽ پرلئه دوران سڀ
۽ جيوَ ۽ پدارٿ گم ٿي ٿا وڃن. پرماتما سان پريتي رکبي ته هوَ پنهنجي اڌيوت پا
جو پتو پاڻيهي ٻڌائيندو ۽ اهو به ڄاڻي وٺبو ته ان مايا کان ڪيئن ڇٽي پار پئون. او
۾ ٽوڙيءَ ۾ نانگ ٿا سمجھون. جي روشني ڏسڻ بدران رکو پيا دليل هلائبا ته ڪٿان
ڪيئن آيو، ڪيئن مرندو، ته اهي سڀ اجايا وهم ليکبا. اول ته ڏسڻ کپي ته سچ پچ
آهي؟ جي نه، ته پوءِ پيا حيلا ان کي پڪڙڻ يا مارڻ جا ڪرڻ ٿي اجايا ليکبا. مايا
دور ڪرڻ لاء به آتما جو درشن ضروري آهي، اهو ليو ته مايا رهندي ٿي ڪا
جي رکو بنيان پوڻ ته ڪيٿن ٿي، ڇو ٿي، ڪيئن ٿي پيدو وجهي؟ انهن وچار
ڪجھ به ونبو ڪين. ٽيان پراڻي ان کي دور ڪرڻ ٿي مناسب آهي.

شلوڪ ١١. مورک لوڪ مونکي هن منش شرير ۾ ڏسي پر نتا سڃ
۽ منهنجي سڀ پراڻي مالڪ جو مها ايشور هجڻ هوَ نتا سمجھي سگهن.

جيڪي مؤڙه بڌيءَ وارا منش آهن، پڳوان چوي ٿو ته اهي مونکي هڪ منش
سمجھن، جاڪاڻ ته مون منش جولي ۾ اوتار ورتو آهي. هوَ اهو نتا ڄاڻن ته مان
برهمانڊ جو مها ايشور آهيان ۽ مون ئي سڀ جيوَ ۽ پدارٿ پيدا ڪيا آهن ۽ مان ئي
هلائي ۽ پالن ڪري رهيو آهيان ۽ هن کي لئه ڪرڻ جي شڪتي به مون ۾ آهي

...امه جي هڪ جهنگلي استري ڪئي هئي، پر ڀڳوان جي شرڻ وٺي ۽ رشيءَ منيءَ کان به وڌيڪ درجي جي ڀڳتياڻي ليکجي ٿي. روداس، نامديو، ڌنو، سڌنو ۽ ڪبير سڀ ننڍين ذاتين جا ڪجهه به نه پڙهيل ۽ بلڪل سادا انسان هئا، پر سڀئي به ڀڳوان لاءِ شرڌا ۽ پريم ڀريل هوا، ۽ اوچ ڪرنيءَ جا ڀڳت ظاهر ٿيا. ڪبير اڳئين جنم ۾ شڪديو سوامي هو ۽ پورن گيانوان، ۽ پوءِ برابر ڪري جنم مليس، ته پريم ۽ شرڌا سان ڀڳتي ڪيائين ۽ انهن خيال به نه هئس ته پورن گيان اُتم ته ڀڳتي ڇو ڪريان؟ شرڌا ۽ پريم هڪ مها اَمرت رس آهي. ان ۾ ... ڪي رهن ٿا، اهي ساوا ٿا رهن، نه ته ٻيا سڪي ٿا وڃن ۽ لوڙهن ٿي تڪليفن اچڻ ٿي ... ڪري ٿا پون. سوامي تلسيداس ڪيڏو نه گيانوان هو، ان هوندي به شري رامچندر جي ڪهڙي ... اُتم ڀڳتي ڪيائين ۽ ڪيڏي نه پريم سان هن جا چرڻ هڻدي ڪرتا پر لکيا اٿس! جيڪو ...راڪار ايشور سان پريم نٿو رکي، اهو ساڪار سان ڪيئن وير وروڌ رکندو؟ جيڪو الين ... ڪري ٿو ۽ ايشور جي ڪرپا جي پرواهه نٿو رکي، ته اهو مورک اگياني آهي ۽ ڪوبه ڦل ... سهڻي علم، وديا ۽ شڀ ڪرمن جو نٿو پائي، ڇو ته اهي سڀ جڙ آهن ۽ ڦل ڏيڻ جي ...ڪاهه شڪتي نٿا رکن.

شلوڪ ۱۳. پر هي پارٿ! جي مهاتمائون آهن، اهي منهنجي دئوي ...پرڪرتيءَ جو آسرو وٺي، مونکي سڀني پراڻين جو آدي ۽ نتيه ڪارڻ ...سمجهي، اننيه چت سان منهنجو ڀڄن ڪن ٿا.

ڀڳوان پوئين شلوڪ ۾ ناستڪن جو بيان ڪيو ۽ هن شلوڪ ۾ آستڪ ڀاءُ رکندڙن ...مهاپرشن جو ورنن ٿو ڪري ته اهي ڀڳوان کي سرو پراڻي مات جو اَبناسي ۽ آد پرميشور ...ڄاڻي دل ۽ من سان هن جي ڀڳتي اُپاسنا ڪن ٿا. مهاتما لفظ جو مطلب آهي جنهن جو ...انتهڪرڻ روشن هجي يعني جنهن ۾ گيان جو نواس هجي. اهي دئوي پرڪرتيءَ جي آسري ...هن ٿا يعني ديوتائن وارا شڀ گڻ ڌارين ٿا. اهي گڻ ڀڳوان ۱۶ اڌياءَ جي پهرين ٽن شلوڪن ...بلڪل سولا ڪري ورنن ڪيا آهن. انيڪ شاستر پڙهڻ پر گيتا جهڙو صاف پرڪرڻ ...ڪٿي به نٿو ملي. انهن ٽن شلوڪن ۾ ڪل ۲۶ گڻ ڀڳوان دئوي سمپدا وارن جا بيان ڪيا ...ن: (۱) نربهيتو- ايشور، گرو ۽ وڏن کانسواءِ ٻين جو خوف نه رکڻ. جي پاپ ڪرم نٿا ...ن ۽ اندر صاف اٿن، اهي ئي بيخوف رهي سگهندا. (۲) چت جي شڌي. (۳) گيان ... (۴) يوگ ۾ استرتا. (۵) دان ڪرڻ. (۶) اندرين جو روڪڻ. (۷) يگيه هوم ڪرڻ، اَتٿي ...ستڪار، پترن جي پوڄا، برهمڻن، سنتن مهاتمائن کي ڀوڄن ڏيڻ، پکين پسن ۽ جيتن جنتن ... داڻو پاڻي ڏيڻ وغيره. (۸) ويدن شاسترن جو نيم سان ابياس ڪرڻ. (۹) واڻيءَ، من ۽ ...سرير جي تپسيا. (۱۰) چال چلگت جي سڌائي. (۱۱) اهنسا من، واڻيءَ ۽ شرير جي. (۱۲) سچ ڳالهائڻ. (۱۳) ڪروڌ نه ڪرڻ. (۱۴) تياڳ ورتي ڌارڻ. (۱۵) شانت سڀاءُ رکڻ. (۱۶) چغلي نه هڻڻ. (۱۷) پراڻين تي دَيا ڪرڻ. (۱۸) وشين ۾ لمپٽ نه ٿيڻ. (۱۹) ڪومل...

مورک لوڪ مونکي نٿا ڄاڻن - نه اُن ٻڌي ڀا ويچار ٻاني ؛
مونکي سمجهن ٿا منش تن وارو - وسوڙيو جو هڪ پتر ٻاني ؛
منهنجي پرم ڀاؤ کي ڪين ڄاڻي سگهن - مان آهيان ساري جڳت جو آڌار ٻاني ؛
سڀني جيون جو مان آهيان مهاايشور - وٺان تنو ڀڳتن لاءِ اوتار ڀاني .

شلوڪ ١٢. اهڙن جيون جون آشائون، ڪرم، (جپ، تپ، دان، اگني هوتر) سڀ ويرٿ آهن؛ هنن جو گيان، علم، وديا سڀ اجايو آهي، ڇو ته هنن جي پرڪرتي راڪسي، دئتن واري آهي ۽ هو موهت ڪندڙ مايا آسڪت ٿي لڳا رهن ٿا [۽ مونکي نٿا ڄاڻن].

ڀڳوان صاف ٿو ٻڌائي ته جيڪي ڪيس ڇڏي مايا جي مد ۾ مست ٿيا پيا آهن، انه
جون آشائون ۽ مرادون ڪڏهن به پوريون ڪين ٿينديون؛ هنن جا سڀ ڪرم ۽ ساڌن اجا
۽ نشڦل وڃن ٿا. هنن جي وديا به ڪو چڱو ڦل نٿي ڏئي، ڇو ته هو هيڪاري ايمانس
ٿيو پون. ڪنهن آفيس يا ڪارخاني ۾ ڪم ڪبو آهي ته اُن جو ڦل يا پگهار اُهي ڪمل ڪ
ڪرائڻ ڏيندو آهي، پر اُن آفيس يا ڪارخاني جو مالڪ يا عملدار ڏيندو آهي. اِن طر
جيڪو ڪم ڀڳوان جي اُمت نٿو ڪري ۽ ايشور کي ڦل داتا نه سمجهي، انهن ڪرمن ج
ڦل ڪو چاهي، اُن جي آس ڪيئن پوري ٿيندي، ڇو ته ڪرم خود ته ڪوبه ڦل يا اجور
ڏيڻ ۾ اسمرٿ آهن ۽ جڙ آهن. ايشور کان بيمک ٿي ڪري ڪرمن جو ڦل ته نٿو ملي
هيڪاري دک ۽ ڪليش پراپت ٿين ٿا. ڪوبه سٺو ڪرم ڦلدائڪ نه ٿيندو، جيڪڏه
پرماتما جي ارپن نه ڪبو. جيڪڏهن ايشور کان انڪاري آهيون ته ڦل ڏيڻ وارو ڪو ٻ
تر ڪرڻو پوندو. نوڪري ڪريون ٿا ته ڪنهن جي مالڪي قبول ڪريون، پر مالڪي
ڪنهن جي قبول نه ڪريون ته ڪير اجورو ڏيندو؟ افسوس جو وهنوار ۾ اهي سڀ ڳالهيو
سمجهون ٿا، پر پرمارٿ ۾ سڀ ڪجهه انڌا ٿي ٿا ڪريون ۽ جيڪر ڦل ڏيڻ وارو پرمات
آهي، اُن کي مڃون نٿا. وڏن وڏن دئتن ڪهڙو نڀايو ڪمون، پر ڦل ڏيڻ واري پرمات
سان ويرو وڌ رکيو ته ڪهڙو ڦل پراپت ڪيائون؟ پرهلاد جي پيءُ هرناڪشپ جا لوري لپ
ڪڏهن هئي؟ پر ڪهڙو ڦل ڪم ڏنو، جڏهن هو ٻالڪي ٿي ايشور مڃي ويٺو هو؟ راو
انيڪ دفعا پنهنجا سر ڪپي هون ڪيا ۽ شو ڀڳوان کي پرسن ڪيائين، اِهر جيڪر اهو
ڦل ڏيڻ وارو هو، اُن جي سگهي روپ شري رامچندر سان ويرو رکيائين ته ڦل جيڪر مليس
سو پڌرو آهي. جن جي نيت صاف ۽ من ۾ نمرتا آهي، اهي ئي ٿورن ئي شڀ ڪرم
جو به گهڻو ڦل پراپت ڪن ٿا، نه ته ڀيا ته اُن مايا جي موهه ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ سندن آشائو
۽ ڪرم سڀ وِرٿ ٿا وڃن. جيڪڏهن ٻڌي ۽ عقل ٿي ڪجهه هجي، پر شرڌا اوچي آه
ته اهو انسان پار ٿي ويندو. شبري ڪهڙا ويد پراڻ پڙهيل هئي؟ هن ۾ شري رام ۾ پور
پريم ۽ شرڌا هئا ۽ انهن ئي سندس نستارو ڪيو. هن ٻالڪي جڙ مڃي، نوڪن ۾ نيچ شو

انڪري ستسنگ يعني سڄڻن جي سنگت ۾ اُها ميرو ڪل ڌوئي ٿي.

هڪ کير وڪڻڻ وارو گوالو هو. ڪجهه پنهنجي ڳائين جو کير گهر ۾ وڪڻندو هو؛ ڪجهه پنهنجي ڪنيا کي ڏيندو هو ته وڃي گهٽين ۾ وڪڻي اچي، ۽ سندس پتا جو ڪيس چوڻ هو ته جتي ستسنگ ٿيندو هجي، اُن طرف ڪڏاهين نه وڃج. هن ٿي چاهيو ته ڪنيا کي ڪو شڀ اُپديش ملي؛ جيئن اُنڌيرو نٿو چاهي ته ڪو پرڪاش اچي. هڪ ڏينهن ڪو وڏو پرب هو؛ گهٽين ۾ ڪنيا کير کڻي ڦري، ۽ سڀ ماڻهو ستسنگ ۾ ويل هئا. ڇوڪريءَ خيال ڪيو ته ڇو نه اُن طرف وڃان ته سڀ کير وڪامي ويندو؛ ان ۾ ڪجهه ستسنگ ٻڌي ايندس. ويئي ته اُن وقت مهاتما اِهو اُپديش ڏئي رهيو هو ته کير ۾ نير (پاڻي) نه ملائڻ گهرجي، ڇو ته اِهو مهاپاپ آهي؛ جيئن ڪنهن کي دوکو ڏيڻ گناهه آهي. ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ ڪرڻ ڀاري پاپ آهي. گندي کير جا گهڻا مان تندرستي بگڙي ٿي. اُن جو جوابدار کير جا گهڻا وڪڻڻ وارو آهي. کير هڪ رتن ليکيو ويو آهي؛ اُن ۾ پاڻي ملائي وڪڻڻ ڀاري اَپراڌ آهي. ڇوڪريءَ ويچار ڪيو ته پاڻ ته روز کير ۾ پاڻي وجهي وڪڻي، سو هو سمجهي ها نه، ليڪن ماءُ ته کير ۾ پاڻي ڪنهن به حالت ۾ نه ملائيندي. شام ٿي ته ماڻهو سڀني گهر کير وٺڻ آيا ته روبرو ڏهائي ٿا وٺن. جيئن رواج آهي. ۽ هن جو پيءُ ته اُن ۾ اڳ ۾ ئي ڪجهه پاڻي وجهي رکندو هو. پاڻهران ڌيءَ کي چوندو هو ته برتن خوب ڌوئي صاف ڪري اچ، ۽ مطلب هوندو هوس ته برتن ۾ ڪجهه پاڻي وجهي اچ. ڇوڪريءَ جو ستسنگ ۾ اُپديش ٻڌو هو، سو اُن ڏينهن ته برتن ڳل صاف ڪري خالي کڻي آئي. پيءُ ڏٺو ته هن ۾ ته ڇڪر به پاڻيءَ جو ڪونه آهي. خبر نه آهي ته ڇوريءَ جو خيال ڪاڏي ويو آهي؛ ۽ گراهڪ به بيٺو هو، سو ڌيءَ کي چيائين ته هن ۾ اندر مٽي لڳي پيئي آهي، سو وري وڃي صاف ڪري اچ. ڪنيا ڳالهه ته سمجهي ويئي، ۽ پنهنجي ارادي تي به پڪي هئي. وري به صاف ڪري خالي کڻي آئي. پڻس وري موڪليس ۽ هوءَ ٽيون دفعو به خالي کڻي آئي. آخر اُن ڏينهن ته کير ڏهي گراهڪن کي ڏنائين، ۽ رات جو ڇوڪريءَ تي ڏاڍو اچي ڪاوڙيو؛ چيائين ته اڳي روز کير جا سادا پنج روپيه ملندا هئا، ۽ اڄ رڳو چار روپيه مليا. ڇوڪريءَ به سارو حال ڪري ٻڌايس، ته ستسنگ مان ٻڌي آئي آهيان ته کير ۾ پاڻي ملائڻ مهاپاپ آهي. انڪري مان چاهيان ٿي ته پئسا کير جا وٺي پاڻي جا ڏيون. پتا ۽ پتريءَ جو سوال جواب هليو. پتا جي اندر ۾ براڻي هئي، ۽ ڪنيا جو من صاف هو؛ هن نه مڃيو؛ آخر جهيڙو ٿي پيو. پيءُ چيس ته منهنجو چيو نه مڃيندينءَ ته مان ناراض ٿيندس. هن چيو ته "ماءُ پاپ نه ڪندس، ڀلي چا به ڪريو؟" هن نٿي چاهيو ته ستيه به ڪا شيءِ آهي. پاڻهران برابر ڏهه روپيه گهٽ ملنس، ۽ ستيه جو ڦل مليس ها. شاسترن ۾ آيو آهي ته ستيه مان ئي ڌرم جي پيدائش ٿئي ٿي. اِهو اُن جو بيج آهي. ستيه وهنوار، ستيه ڪاج پنج لسا ستيه متر نا نه آهي، ته ڌرم نه رهندو. پتا ۽ ڪنيا جي وچ جا ڳالهه هلي رهي هئي، سا شهر جي راجا پاڻهران ويس

سهاءِ رکڻ ۽ بزرگن، سادن سنتن لاءِ ادب ۽ اکين ۾ شرم رکڻ. (٢٠) من جي چ
دور ڪرڻ. (١٢) لڄ رکڻ. (٢٢) ڪميا ڪرڻ. (٢٣) ڌيرج رکڻ. (٢٤) پوترتا - شريرَ
۽ اندرين جي پوترتا رکڻ. (٢٥) دوھ ڦريب ڪنھن سان نہ ڪرڻ. (٢٦) نرمانٽو ڌار
ھٺ لڳي ٿي تہ سارو ڏيهان ڪاڏي ۾ ۽ پياس آهي تہ جل پاڻي ۾ لڳي ٿو. پياري جي
جي سک آهي تہ پيا سڀ ڪم وسري ٿا وڃن. جنهن سان انهہ پريتي آهي، اهو ۾
ٿئي ٿو ۽ جري ٿو تہ هن جو ڏاڍو موھن سان پريم آهي. ڀڳوان بہ اهڙن ئي ڀڳتن کي
پسند ڪري، جيڪي دل ۾ من سان سات٘س پريم رکن ٿا ۽ سندس ئي ڀڄن، اپاسنا
ٿا ۽ ڪيس ئي ساري برهماند جو مها ايشور جاڻن ٿا.

شلوڪ ١٤. هو هميشہ بلڪل سچي نشچي ۽ درڍ ورتيءَ سان [ستي
اهنسا، برهمچريہ آدي] ورتن کي پورا رهي، يتن ڪري منهنجو يش ڳائ
ٿا ۽ مونکي ڏنڊوت پرنام ڪري نت درڍتا ۽ پريم سان منهنجي ڀڳتي
اپاسنا ۾ لڳا رهن ٿا.

جيڪي هن وات ۾ نروان آهن ۽ پرماتما جو ساڪيات ڏيهان نتا ڪري سگهن، اهي
پنهنجي گروءَ کي ئي ايشور يا برهم جاڻي، ان جي اپاسنا ڪن. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌا
ٿو تہ جن مهاتمائن جو بيان پوئين شلوڪ ۾ ڪيو، اهي ڪيئن تہ سندس اپاسنا ڪن. و
۾ آيو آهي تہ پرماتما ست چت آنند روپ آهي، ساري سنسار کي آنند ڏيڻ وارو آهي
لوڪ ۽ سگڻ ٻئي هن جا روپ آهن. سگڻ يا ساڪار روپ جا بہ روپ چل ۽ اچل چيا
آهن. چل يعني هلندڙ، جيئن اوتار، سادو، مهاتما، سنت، برهم ويتا پرش وغيره ۽ ا
يعني استٿر ليل مورتيون، ٺاڪر، سالگرام وغيره. مورتين، ٺاڪرن وغيره جي بہ ش
۽ پريم سان اپاسنا ڪرڻ سان انهن مان ڀڳوان جو درشن ٿئي ٿو، جيئن ڀڳت رود
کي ٿيو. لوڪ يا نراڪار روپ جو برهم آهي، اهو تہ گهٽ گهٽ ۾ وسي رهيو آهي
سرو وياپي آهي.

گهٽ گهٽ کي ڀٽ پٽ کي جانت - ٻري ٻلي کي پير پڇانت.

پرماتما هرهڪ جيڙ جي من جي هڪ هڪ پردي جي ڄاڻڻ وارو آهي. هر
جي اندر جا دک سڌر ۽ ڀاونائون ڄاڻي ٿو. هن جي ان گيان پاڻ سان ئي موڪش پر
ٿي سگهي ٿو. جتي بہ سچي شرڌا ۽ انهہ ڀڳتيءَ ۽ پريم سان هن کي ياد ڪيو، تہ اتي
پرگهٽ ٿئي ٿو. هو ڪر ڪٿان اچي ٿو، پر هر جڳهہ هر وقت حاضر هئڻ ڪري، هو
پرگهٽ ٿي درشن ڏئي ٿو. سچا ڀڳت هر وقت سچي هردي سان پرماتما جي گڻن ۽ چ
جو ڪيرتن ڪن ۽ يش ڳائيندا. ايشور استتيءَ جو بلڪل وڏو مهاتم آهي. واهڙ
ستوگڻي ٿئي ٿو، ورتيءَ ۾ شانتي اچي ٿي ۽ اندر ۾ آنند ٿو محسوس ٿئي. ڀڳوان جا
ڀڳت اهنسا، ستيہ ۽ برهمچريہ جي اصولن تي قائم ٿا رهن. ستيہ جي مهما ڀاري آ

سر ۾ آدي لوڪن جا سک ۽ پدارٿ ڏيئي سگھندا ۽ نه گيان. أدم يا ٻين سڌاري ڪمن
ھو ته ڪجھ ٿو، پر برھم گيان پائڻ لاءِ ٻين واٽن ضروري آھي. ستسنگ ۾ ئي ھن ٻين
ڪرڻ جو اپديش مليتو، شروع ڪري وڏن وڏن پاپين، چورن، ڌاڪن، ٺڳن، گنھگارن
ي ته سوجھي آئي آھي. راماڻ ۾ ڏيکاريل آھي ته ستسنگ جو اثر يڪدم ٿيتو ۽ نه بين
ب ڪرمن وانگر سمو پائي.

مجن ٿل ديکي لنت ڪالا - ڪاڪ ھوئي پڪ، بڪ ھوئن مرالا.
سني اچرج ڪري جن ڪوئي - ستسنگ مھما نھن گوئي.
بالميڪ نارد گھٽ جوني - نج نج مکن ڪھي نج ھوني.

ارٿات ساڌ سنگ روپي ٿيرٿ ۾ اشنان ڪرڻ سان ڦل تتڪال مليتو. ڪانءُ جھڙو
ڪوڙي سياھ وارو ڪوئل جھڙو منو ٿي پوٿو. بگلي جھڙا پاڪنبدي، ھنس جھڙا صاف دل
ٿي پون ٿا. اھو ٻڌي حيران نه ٿيڻ گھرجي، ڇو ته ستسنگ جي مھما جو ڪو انت نه آھي.
سچ جونين وارن بالميڪ، نارد وغيره پنھنجو حال پنھنجي مکن سان بيان ڪيو آھي ته،
ڪيئن نه ستسنگ جي اثر ھيٺ ھو اوچ اوستا تي پھتا. جيئن پارس جي ڇھڻ سان ڪوڙو
گندو ۽ پراڻو لوھ سون ٿي پوٿو، تيئن نيڪ پرشن جي صحبت سان پاپي به اعليٰ انسان
ٿي پون. چندن جي نزديڪ پوئي جي سنگ ۾ ٻيا وڏا وڻ به چندن ٿيو پون. گنگا
يءُ ۾ پيو گندو پاڻي پوڻ سان به گنگا جل جھڙو پوتر ٿيو پوي. نيڪ مردن جي صحبت
سھو خزانو آھي. سٿن ڏيھن جي ستسنگ ڪرڻ سان راجا پريکشت جو اڌار ٿي ويو ۽
ن پرم گتي حاصل ڪئي. جاءِ ڪھڙي به سندر ۽ پڪي ٺھيل ھجي پر جي پيڙه پڪي
الس ته جوکي واري ليکدي. ان طرح جنھن انسان جو ستسنگ روپي بنياد پڪو نه آھي
جنھن سنت پرشن جي اپديش کي نه ويچاريو آھي، ان کي گيان پراپت ڪداچت ڪين ٿيندو.
ھن شلوڪ ۾ ڀڳوان درجي ورليءَ جو به اپديش ڪيو آھي. ان جو مطلب آھي ته رات
ڏينھن ھر وقت، ھر حالت ۾ ان طرف ڌيان لڳو رھي، جيئن ڪنھن ڪامي پرش جي
لي ھميشه ان وڪار ۾ لڳي رھندي آھي ۽ ڌن، عزت، طاقت جو ڪيترو به نقصان
ٿي ته به ھو نٿو مڙي. ان طرح جنھن جو چت رات ڏينھن پرماتما طرف لڳل آھي، اھو
ري مان وڏائي، ڌن دولت ڪجھه به نٿو سمجھي. درجي تا ڪان سواءِ وھنوار ۾ به ڪاميابي
ڪل ٿي ملي ته پرماتما جي راھ ۾ ته ذري ذري تي وگھن پوندا.
ھڪ استري ڪنھن پرپرش جي پريم ۾ لڳل ھئي. ماڻ ۾ ڪنھن ھنڌ اچي گڏجڻ جو
ھون. ھوءَ ان لاءِ ھڪ ڏينھن لڪڙو لڪڙو وڃي رھي ھئي ته رستي تي ھڪ پرديسي
ھڻ ان وقت ناڪر رکي انھن جي پوڄا ڪري رھيو ھو، اتفاق ته وانھڙو ڏسي مٿر ٺڪي
ه پنسو ڏوڪڙ رکندا وڃن. ٺاڪرن کي ھو اشنان ڪرائي رھيو ھو. ان وقت مائي
ندي اڙو ته پنھنجي پريتم جي خيال ۾ مست ھئي، جو انھن ٺاڪرن جو ڪو به خيال نه
ي، انھن کي اورانگھي ۽ ٺوڪر ھڻي ھلي وئي. برھمڻ ڪيس گھٽ وڌ ڳالھايو، پر

بدلائي لنگهندي ٻڌي ورتي. سندس اندر ۾ پورتا جاڳي ته اهڙي سته بڌيءَ وار
چوڪري اڃا ڪنواري ويٺي آهي ۽ اهڙي ڌرم لي استت آهي، سو مان هولد ان
وواه ڪريان. ٻئي ڏينهن وڏيو سان ڳالهه ڪيائين. وڏيو کير واري وٽ ويو ۽ هن خوش
سان اهو ناتو قبول ڪيو. مطلب ته سندس ڪنيا کي سته ڌرم لي استت رهڻ ڪر
لوٽ ڪيڏو نه اُتم ڦل مليو! اهو ستسنگ جو ڦل آهي، جو ته اهڙيون اموالڪ سکيا
اليٽي ملن ٿيون، جن مان هڪ لي ۽ هلڻي، تو ته ڪلياڻ ٿي پوي ٿو. ستسنگ جي م
اپوم اپار آهي. سوامي آنند داس ويچار مالها ۾ فرمايو آهي:

شرلي سمرلي شري [tear]نڌ ڪهيو- ستسنگ جگ سار؛
آنـند سـتـاوي وڪـمـتـا- درشاوي س وڃار.

ڀڳتي ساگر گرنٿ ۾ به آيو آهي:

لب ڪي ورش هزار هو- ستسنگ گهڙي ايڪ؛
تـو ڀـي نهن برابري- سڪديو ڪهيو وويڪ.

هي سڪديو سوامي چرنداس جو شش ٿيو آهي. ستسنگ نيم سان ڪرڻ هر هڪ انـ
لاءِ ضروري آهي.

هڪ مهاتما ٻئي گرهستي مهاتما کي لالا موسا ريلوي اسٽيشن تي هڪ دفعي گڏ
اٺين ٻجي کي ڇهه ڪلاڪ رهڻو هو. گرهستي مهاتما هن کي جل پان ڪرايو. پوءِ ان م
چيو ته "اڄ ڪٿا ڪريان ٿو. اوهين ٻڌو." هن ٻڌايو ته منهنجو اهو نيم آهي ته پير
ٻڌڻ وارو نه هجي ته به ڪنهن وڻ هيٺان ويهي ڪٿا ڪندو آهيان يا پٿين کي ٻڌائي
آهيان، پر نيم نه ٽاريندو آهيان. گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي به انهن ڪندو آهيان، جيئن
مسافر مونکي انڪري چريو ۽ سؤدائي به سمجهندا ۽ ڪوٺيندا آهن. اهو آهي ستسنگ لاءِ
هڪ سؤرداس مهاپرش روز مندر ۾ ويندو هو. هڪ ڏينهن ٻئي ويو ته ڪنهن پڇيس
"سائين! اوهان ڏسي نه ڪو نٿا سگهو، پوءِ مندر ۾ ڇا وڃي ڪندا؟ ٺاڪرن جو د
ته ڪونه ٿي سگهندو." جواب ڏنائين ته "پيارا! برابر نيتر ڪين آهن ۽ مان ڏسي ڪ
نه نٿو سگهان، پر ويندس ته ڀڳوان ته ڏسندو ته مان ونس آيو آهيان، پر منهنجي ونس حاضـ
ته لڳندي." شڪرل ۾ چوڪرو غير حاضر رهندو آهي ته سندس پڙهائيءَ ۾ ڪيڏو
وڃون پوندو آهي؟ پر ستسنگ ۾ وڃون پيون ٿا ته اسين خيال به نٿا ڪريون! جيڪ
هڪ ڏينهن جي وڃڻ جو خيال ڪجو ته پوءِ پرواهه به نه ٿيندي. ستسنگ ۾ پرماتما جو
ٽالجي يا ٻڌجي ٿو ۽ ان مان آتما بلوان ٿئي ٿي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان فرمائي ٿو ته سچا
ڀڳت ڪري منهنجو ڪيرتن ڪن ٿا. هم ڀڳتن جو مطلب آهي پورن سادن سان ڀڳتي
شرولري ۽ پرم نمشتي مهاتما وٽ وڃي، ڪمس گروڏواري شرن ۾ رهي، پرم سان سـ
شيوا چاڪري ڪري، هن جا وچن ٻڌي، انهن تي منن ۽ ندڌياسن ڪجي. پهاڙن يا غفـ
۽ ٻئي رهڻ کي ڀڳتي نٿو سڏجي. وڏا وڏا پڳهه ۽ ڀتين نه ڇيباڻ جو ته آهي ۽ ته هن لو

مسڪار ڪري، ڇڪيا جي ٻنهيان وئي، پر دل ۾ حيران رهي. آخر شمشان ڀومي ۾ پراڇي
هتا ۽ پراڻيءَ کي اشنان ڪرائالون لـ هو 'هري رام' 'هري رام' ڪري سجاڳ ٿي پيو.
سدس آلما مولي اڇي، اُن شريـر ۾ واسو ڪيو ۽ سـڀ حيران ٿي ويا. وستر گهرائي، هن
ي ڀهرائالون. هو ٻاڻ ته بلڪل عجب ۾ پيو، پر زال چيو ته "سائين! ڊڄو نه. هيءَ سـڀ
ڀڳت نامديو جي آسيس جو ئي ڦل آهي." سـڀ ڪڏجي سـنـت نامديو وٽ ويا ۽ هن جران
. متو نيڪيو. نامديو چيس ته "آها! هاڻي وڃ گهر." پر هن چيو ته "سائين! گهر لاءِ لـ
ان مري چڪو هوس ۽ سـڀ مونکي مساڻن ۾ پهچائڻ آيا هئا. هاڻي منهنجو سـبنڌ آهي
. اوهان سان." ٻاڻ ۽ استري ٻئي سـدس شرن پيا ۽ اهو جوان پـوءِ ٿرلوچن ڀڳت جي
الي سان مشهور ٿيو. اڄ ته ٿورو ٿي ڪنهن پتر کي عهدو ٿو ملي ته پتا اکيان انڌا ٿي ٿڌي
ر ڏئي ۽ لوري گهٽي ٿي ڦرنت ته ٿيو ٻيهي!

شلوڪ ١٥. ٻيا گيان يگيہ سان منهنجي اُپاسنا ڪن ٿا ۽ مون هڪ کي پيني ۾ وياپڪ سمجهي پوڄين ٿا ۽ ڪي وري انيڪ روپن ۾ منهنجي پاسنا ڪن ٿا.

مطلب ته ڪي ڀڳوان ۽ ٻاڻ کي هڪ روپ سمجهي انشور جو ڀڄن ڪن ٿا، ڪي ٻاڻ
ي برهم کان جدا جاڻي، هن کي مالڪ ۽ ٻاڻکي شيوڪ سمجهي، هن جي ڀڳتي ڪن ٿا
ڪي وري ڀڳوان کي جدا جدا ديوتن ۽ ديوتائن جي روپن ۾ ڌيائين ٿا. شريو جي گيان
ي جنهن سان شريو جي اندرين، پراڻن وغيره جو سمورو علم ملي ته ڪيئن ٿا پران هلن،
ڪيئن ٿو اُنتهڪرڻ ۾ پرڪاش ٿئي، ڪيئن هڪ هڪ اندريءَ کي وس ۾ رکجي وغيره،
ڪي گيان يگيہ ٿو ڪرائجي. اِن مان هِمن جون اندريون اکيون کلي پون ٿيون ۽ هو ڏسن ٿا ته
نيا بيو ڪجهه به نه آهي ۽ جيڪي آهي، سو سـڀ برهم. ٻاڻکي به اُن برهم کان جدا نٿا
مجهن. اهڙن برهم گيانين کي چاڪر به ڌنيري جيو ها بدارمعه دک ڏيندو؟ اِنڪري ته
هلاد، ڪبير، ميران ۽ ٻين ڀڳتن کي مارائڻ لاءِ ڪيترا نه ٽن ڪيا ويـا، هاٿين کان لتاڙايا
، شينهن جي اکيان وڌا ويا، جبلن تان ڪيرايا ويا، جل ۾ ٻـوڙايا ويا، زهر جا پيالا ڪين
ها ويا، رهري نانڪ کين هٿن ۾ ڏنا ويا پر هو نه ڊنا ۽ نه هنن سـدن وار بہ ونگو
هو. جنهن جو سڀني ۾ هڪ ڀاءُ آهي ۽ نه ڪنهن سان خاص دوستي ٿيا راڳ ۽ نه ڪنهن
ن دشمني ٿيا دويش. اهو وڏيءَ ڪمائيءَ جو ڦل آهي. نامديو ڪٿي ۾ به ايشور ڏٺو هو.
ان جي نظر ۾ سـڀ ڪجهه برهم آهي. ڪبير جي گهر ڪاشيءَ ۾ هڪ رات هڪ چور،
ون ڪنهن شاهوڪار کي ڪاٽ هڻيو هو، مال ڪٽي اچي لڪو، جو لـ پٺيان سپاهي پيا
س ۽ اُن وقت ڪبير جي گهر جو ٿي در کليل ڏٺائين. اندر وڃي ڪبير کي چيائين لـ
ان چور آهيان ۽ سپاهي پٺيان پيا اٿم، پر هاڻي مان اوهان جي شرن آيو آهيان، مونکي
ه ڏيو." ڪبير جي درشنيءَ ۾ نه ڪو چور هو ۽ نه ساڌ، سـڀ برهم روپ هئا. هنکي

ان لاءِ هن جو ڪو ڏيان ئي ڪونه ويو. پرڀتر سان مليو، جڏهن واپس پهتي آئي تـ
ئي ڏٺائين تـ هڪ برهمڻ ٺاڪر رکي ويٺو آهي. يڪدم اَدب سٽڪار سان اُنهن
ڪجھ ڀيٽا رکي سر نوائي پرڻام ڪيائين. برهمڻ ڏٺو تـ هيءَ تـ ساڳي مائي آهي. ڪ
پڇيائين تـ ”مائي! تو ڪي اڳهين ڇو نـ ادب جو خيال ڪيو؟“ هن چيو تـ ”مهاراج! مون
ڪوبـ پتو ڪونـ آهي. مون تـ ان وقت اوهانکي ڀا ٺاڪرن کي ڏٺو بـ ڪونـ.“ اها
درٻـ ورتي هن مائيءَ جي پنهنجي ديوي پرڀتر ۾. هنکي ان وقت دنيا ۾ ٻيو ڪجھ
ڏسڻ ۾ ئي ڪونـ آيو. اَسين پڇين ڪمن ۾ وهون ٿا تـ انيڪ خيال اچيو پيا گهٽ ۾ و
پڇن ڏيان ۾ بـ اهڙي درٻـ ورتي ضروري آهي، تڏهن ڪاميابي ملندي.

هن شلوڪ ۾ ٽيون لڇڻ چيو ويو آهي تـ اُهي ڀڳت مونکي نمسڪار ڪري، مدھ
اُپاسنا ڪندا. هتي جو نمسڪار بـ پريم ۽ شرڌا وارو ٿيڻو. هن مان ڏسبو تـ ڪير
نراڪار روپ جو نيم، پر نمسڪار تـ ساڪار روپ جو ئي سگهندو يعني تـ سچا ڀڳت نراڪ
ساڪار روپ ۾ ڪو پيد نٿا ڏسن ۽ ٻنهي کي هڪ ڄاڻين ٿا. سر جهڪائڻ جي وڏي مهما آ
ماتا، پتا، گروءَ، اُستاد، مالڪ ۽ سنتن مهاتمائن جي جيڪو عزت سنمان نٿو ڪر
اُنهن اڳيان شرڌا ۽ پريم سان نٿو نمي، اهڙن جو سر گروجن چون ٿا تـ لاهي ڦٽو ڪرڻ
۽ جن جي اندر ۾ پريم نـ آهي، اُنهن جي شرير کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏڻ ڄاڻي.
اڳيان اتوا وڏن اڳيان نمڻ ۽ جهڪڻ جي مهما جو هڪ سندر مثال آهي:

نامديو ڀڳت ٻالڪل ساڌوڪي سڀاءَ جو اوچ اوستا تي پهتل هو. هو سڀڻ مورتيءَ
اُپاسنا بـ ڪندو هو ۽ نرگڻ گيان ۾ بـ پڙ هو. هڪ ڏينهن نديءَ جي ڪناري تي ڏ
ويٺو هو. شهر ۾ هڪ شادي ڪيل جوان مري ويو. هن جا سنبندي سندس چکيا ٺا
مساڻ ڏي وڃي رهيا هئا. پٺيان سندس استري بـ ٻين زالن سان گڏ رئندي پٽي و
پر هن جو ستسنگ ۾ هميشـ پريم هوندو هو. خيال ڪيائين تـ ڀاوي تـ جيڪا ليٽي ه
سا ئي، پر سامهون هڪ سنت ڏيان ۾ ويٺو آهي، ان کي نمسڪار تـ ڪريان. هنکي
اورانگهي وڃڻ ٺيڪ نـ آهي. ساري سنگت کي ڇڏي وڃي، ڀڳت نامديو کي نمس
ڪيائين. جيڪي وڏن اڳيان نمن ٿا، اُهي ڪڏهن بـ ٽنگ هٿ نـ ٽيندا ۽ نـ ڪڏهن هن
شرير ۾ ڪمزوري ايندي. جيڪي ٻار ماءُ پيءُ اڳيان نمن ٿا، اُنهن کي اهڙي تـ آشير
لڳي ٿي، جو هو اَڏجي ٿا پون. هن مائيءَ نمسڪار ڪيو تـ ”ڀڳت نامديو اکيون کو
آشيرواد ڏنس تـ ”اچو سڀاڳڻ ڀاڳوان! راضي آهيو؟ پرسن آهيو؟“ هن مائيءَ تـ روئي ڪ
سنتن جو هردو ڪومل تو ٿئي، سو يڪدم پڇيائين تـ ”ڇو؟“ مائيءَ چيو تـ ”سائ
منهنجي سهاڳـ جو سائين تـ شمشان ڀوميءَ ڏي کڻي پيا وڃن.“ نامديو چيو تـ ”ديو
مونکي تـ اِها خبر ڪانـ هئي، پر اَندر ۾ جيڪو ويٺو آهي، ان ئي اِهي وچن ڪڍايا آ
سو اهوئي وچن پاليندو بـ. تون سڀاڳڻ آهين ۽ ڪير بـ تنهنجي پتيءَ کي ماري نٿو سگ
سنتن جا وچن اَٽل ٿا ٿين، ڇو تـ ”پرڀ جي ٻسـ ساڌ کي رسنا!“ مائي وشواس ر

هو جيڪي ٻہ ڏسن ٿا ٻڌن ٿا، اهو برهم ٿا ڄاڻن. اُپديش ڪرڻ وارو بہ برهم، ٻڌڻ وارا بہ برهم، جهنجهو ورڻ ٿئي، اهو بہ برهم، تہ باقي ٻچيو ڇا؟ ڀڳوان جو هن نموني ڌيان سمرڻ ڪرڻ لي سچي ڀڳتي آهي ۽ اتم بہ اتم درجي جي اُپاسنا آهي.

"مڪتاولي گرنٿ" ۾ آيو آهي تہ ڪپڙو، جو سامهون رکيو آهي، اُن جي اصليت، ي نگاهہ ڪبي تہ ڪپڙي جو روپ ڪجهہ بہ نہ آهي. نالا تہ گهڻيئي آهن: ڪُرڪ، بافتو، ململ، ٽئيل، ڏوريو، وغيره، پر اصل ۾ آهن تہ سڀ لٽڙون. لٽڙن کي جدا ڪبو تہ ڪپڙو ڪونہ رهندو ۽ نڪو نالو رهندو. ڀڳوان جا اُتم درجي جا ڀڳت بہ اصليت کي ٿا ڏسن تہ هر ڪو جيو پدارٿ برهم ئي برهم آهي، ٻيو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. جيڪي ڪپڙي کي ودا جدا نالن سان ٿا ڪوٺين، اهي اصليت لي نہ پهتا آهن ۽ ٻئي درجي لي آهن ۽ جڏهن ڀڳوان کي ڪو ڪرشن روپ ۾ ٿو مڃي، ڪو رام روپ ۾ ۽ ڪو ٻئي ڪنهن روپ ۾. ڪ روپ کي مڃڻ وارا ٻئي روپ کي نٿا مڃين ۽ پرنڪ ڀاءُ ٿا رکن. اهو گهٽ ٻڌيءَ جو ڪر آهي، جو ايشور کي رڳو هڪ هنڌ اُن روپ ۾ ٿا ڏسن. جن جو من اُڃا اسٿر نہ ٿيو هي، ورلي ايڪاگر نہ ٿي اٿن، اُنهن لاءِ اهو ضروري آهي، پر آخر هنن کي بہ اوچ اوستا ي پهچڻو آهي. روهداس، نامديو ۽ ٻيا ڪيترا ڀڳت اول مورتي اُپاسڪ هئا، پر ڀڳتي ڪندي ڪندي هڪ ڀاوَ وارا ٿيا ۽ سڀ ۾ هڪ برهم ڏسڻ لڳا. نامديو جي پرما ڀڳتي ڙي تہ اُتم درجي جي هئي، جو هنجي مورتيءَ مان ڀڳوان پرگهٽ ٿي کيس پرلکش درشن ئو ۽ سندس پوڄ لڳايل کير پيتو. وري جڏهن گيان جي اک کليس ۽ جيئو برهم جي ڪتا ۾ درڍتا حاصل ٿيس تہ پوءِ ڪنهن پڇيس تہ "هاڻي ٺاڪر کي کير جو پوڄ ڇونہ ٿو ڳائين؟" چيائين تہ "اهو تہ هن اڳي ئي وڇڙي جي روپ ۾ پوڄ لڳايو آهي! وڇڙو تہ برهم روپ آهي. وري ٻيو دفعو ڇو پوڄ لڳايان؟" شروعات ۾ تہ ٺاڪر يڪدم پوڄ ورتايو تہ نامديو ٺاڪر لي هڇا وڃڻ لاءِ پاڻکي گهاٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو! ڪنهن يس تہ "ٻلا ڳل تہ ٺاڪر لي چاڙهہ." چيائين تہ "ڳلن جو واس تہ هن اڳ لي ڀونئرن جي پ ۾ ورلي چڙيو آهي!" اشنان ڪرائڻ بابت چيائين تہ "جل ۾ اَنيڪ جيوَ آهن، جن جي پ ۾ ڀڳوان هر وقت پيو اشنان ڪري تہ مان وري ڇو ڪرايانس؟" مطلب تہ هن هر جيو رهم لي ڏٺو. جيڪي ڀڳوان کي رڳو هڪ روپ ۾ ٿا ڏسن، ڀڳوان ڇوي ٿو اهي بہ تہ ڄا ڀڳت آهن. هنڪي پرنڪ سروپ جي ڀڳتي، ساڪار ڀڳتي يا سگڻ ڀڳتي تہ ولجي. هڪ ڀاوَ واري ڀڳتي نراڪار ڀڳتي آهي. جيڪي زبان سان ٻيا ڇون تہ اسين ڪار کي نٿا مڃون، پر نراڪار جا اُپاسڪ آهيون، اهي اُنين تہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪرهڪ وارا آهن، ڇو تہ جن اول ساڪار روپ جي ڀڳتي نہ ڪئي آهي، اهي نراڪار جي ي ڪين سگهندا. لکن ۾ ڪو ورلو هوندو، جو اڳين جنمن جي ڪماليءَ ڪري يڪدم ڪار روپ جي اُپاسنا ڀڳتي ڪري سگهندو. جڻ اشٽاوڪر مني يا وامديو ٿيا آهن، جن ماتائن جي گرڀ ۾ لي گيان ليو هو.

ڇڏائين ته اُيا اُلڪو نه ڪر. هن ماڻهوءَ لي مونجهي ٿياڻي سمهي پيئي آهي، لون ته ا
سمهي پئو. جلد ئي سپاهي اچي وارد ٿيا. ڪبير چيو ته ڀائي!“ سڄو گهر ڦيرو آئو. ڳولي ڏ
ته هيءُ ڪو چور آهي ڇا.“ ڪبير جي ذهن سان ڇ. هو سمهيو پيو هو، ته هٿن کي شڪ
نه ٿيو ۽ هو هليا ويا. چور ٻوڙ اٿيو ۽ زار زار روئي ڪبير صاحب جي چرنن ۾ ڪري پي
ڪبير چيس ته ”ڀاوا! فڪر نه ڪر. لون هميشه مونهنجو ناٿي لي ڇڪين ۽ هيءَ مونهنج
ٿياڻي هاٿي لنهنجي استري آهي.“ ان لي اهو چور هيڪاري وڏيڪ رنڻ لڳو ۽ پنهن
ائيان ڪرلوٽ ياد ڪري پشيمان ٿيو ۽ هوري هوريءَ ۾ لڳي چڱو ڀڳت ٿي پيو. ماڻهو
ڪبير جي نندا ڪئي، پر هن چيو ته ”مونهنجي نظر ۾ ته سڀ هڪ پرماتما جا روپ آهن
پوءِ اوهان جو نا هن ٻالهه ۾ دل دکويو؟ جي مون پرو ڪم ڪيو آهي ته ڪٿي مون سا
رستو نه رکو. مون پنهنجي پٽ وڃائي آهي ته اوهان جو ڇا؟

جب هر ايڪو ايڪ ڪر جانيا - تب لوڪهه ڪاهي دک مانيا؟
هـر ابيهه اڀئي پٽ ڪـوهي - هوري ڪوچ پڙهه مت ڪوئي.“

سڄڻ مهاتمائون جو ششن کي ويدن شاسترن جو وچار سمجهائين ٿا ۽ پاڙهين ٿا، ا
کي به گيان ڀڳيه ڪرنجي ٿو، پر اهو آتم گيان نه آهي، پر علمي گيان. آتم گيان جو ڀڳيه
انتهڪرڻ جي شڌيءَ مان ئي حاصل ٿي سگهندو ۽ نه رڳو دماغي وديا مان. پرڪاش
لڌهن نيندو، جڏهن شرون، منن ۽ ندڌياسن سان اڳين پاپن گناهن جي مٽل دور ٿي ويندي
۽ هرهڪ جيو کي برهم روپ جاڻبو. آهي ته سچ پچ هرهڪ جيو برهم، پر ڀرم ڪري ج
اسين جيو کي برهم کان جدا جاڻي ويٺا آهيون، اهو ڀرم دور ڪرڻو آهي ته پوءِ پاڻيهي
پرڪاش لهندو. منصور جو انلحق جو نعرو هنيو، سر کي ساوني ۾ دوکي وڃان نه هو
هن کي اپروکيه گيان ئي ڇڪو هو ۽ ديهه جو اڌياس ئي ناس ٿي ويو هوس. هن سهي
کي سچ پچ برهم ئي جاڻو، لڌهن ته سوريءَ تي به خوشيءَ وچان انلحق جو نعرو هڻي شر
ليائيائين. هن کي ته اها گيامه به نه هئي ته شرير جي هٿ يا ڄڏڻ ۾ ڪو ڪفاوت آهي
هن جي ورتي شرير ۾ اصل ڪانه هئي، جنهنڪري هن کي سوريءَ جو ڪوبه دک ڪليش
محسوس ئي نه ٿيو، جيئن ڪلورو فارم سنگهائل ماڻهوءَ کي عضون ۾ وڍ ڪٽ ڪرڻ ئي
ڪا خبر نه پوندي آهي ۽ نه ڪو دک محسوس ٿيندو آهي. جن جو آتما ۾ چتن رهيتو
انهن جي ورتي ٢٤ ڪلاڪ شرير کان الڳ ئي رهي ۽ هو شرير جو دک محسوس ئي ڪو
نا ڪن. هڪ دفعي ليلان والـن جي هڪ منڊ ۾ وٺني هئي ته مجنون ڏوڙندو انين اچي
ليلان سان ڪڏيو، جو جڏ پيو ڪو انسان ائي ويٺل ئي ڪرڻ هو. سچ پچ هن جي درشٽي
۾ رڳـو هڪ ليلان هئي وسي. ان کي سماڌيءَ جي پرم اوستا ٿو ڪرلجي. جيئن مجازي
پيار ۾ پڻ ۾ پنهنجو پراتم ٿو ڏسجي، ليئن ايشوري پريم ۾ سڀ ۾ ايشور ٿو پسجي.

سرهم ڏيسيءَ، برهم سيءَ - برهمو سرهم وڪالتئي ؛
آتم سارا ڪرڻ هـارا - هـر ٻيا نه جاڻئي.

هڪ ننڍو جيو آتما آهيان. اوهان ۾ مون ۾ ست چت آنند ڀاءُ ته ساڳيو آهي.

لوهي، مرهي، موهي لوهي، اَنتر ڪتا؟ ڪنڪ ڪنڪ جل لهرنگ جتا.

يعني اوهان سون آهيو، ته مان ڪنگڻ آهيان؛ اوهان سمنڊ آهيو ته مان لهر يا بدبدو آهيان."

ڀڳوان ڏاڍو ڏاڍو خوش ٿيو. ايڪتا ڪا شرڀن جي دڪانه ٿيڻي يا سمجهڻي آهي، پر آتما جي. جيو آتما به پرماتما جو ئي هڪ جزو آهي.

(۲) ڪنهن مهاتما جيو برهم جي ايڪتا لئي هردوار جي هڪ پلٽفارم لئي وڌايان ٿي ڪيو. ستسنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ اهو مهاتما وڃي پنهنجيءَ هڪ ڪٽيا ۾ ويٺو. هڪ جگياسو، جنهن ستسنگ اهو وياکيان ٻڌو هو، سو هن وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين ته "سائين! جيو برهم جي ايڪتا مونکي وري سمجهايو." سنت چيس ته "چڱو، پر اول هيءُ منهن جو لوٽو وڃي گنگا نديءَ مان ڀري اچ، پوءِ هر جي ٻوڙڻ وڃان." هو ويو ۽ ڀري کڻي آيو. مهاتما چيس ته "هي گنگا نديءَ جو جل ڪيئن آهي؟ گنگا نديءَ ۾ ته مندر آهن، جن ۾ پوڄاري ويٺا آهن ۽ سوين ماڻهو اشنان پيا ڪن ۽ گهاٽ آهن، اندر مڇيون ۽ مڇ آهن. هن ۾ ته ڪجهه به نه آهي." هن چيو ته "سائين! اهو ته اپاڌين جو فرق آهي. جل ته ساڳيو ئي آهي. ٻي ڳالهه مون اصل هر جي ٻوڙڻ وڃان پڇيو آهي. هن ننڍڙي لوٽي ۾ ڪيئن اهي مندر، ڪنارا، مڇيون وغيره يا ماڻهو ايندا؟" مهاتما چيس ته "ڀلا! مون ڪي ته سمجهائڻو به اهوئي هو، ته جيو ۾ ٿوري شڪتي ۽ ايشور ۾ گهڻي اَناه شڪتي آهي، پر آهن ٻئي ست چت آنند سروپ آتما. انهن جي ايڪتا ائين آهي، جئن هن لوٽي واري جل جي گنگا نديءَ ۾ جل سان."

روهيداس به اهڙوئي جواب ڀڳوان کي ڏنو. ڀڳوان ڏٺو ته هنجو برهم گيان ته ٺيڪ آهي، وري چيائين ته "اهو ته برابر، مگر تنهنجو شرير پاڻ ۾ برابر سان پريل آهي ۽ مان پنهنجون يعني پولر ڪرڻ وارو آهيان. ان ڪري اسان جو ميل ڪيئن ٿيندو؟ تون ته ڏاڍو، جو چمار آهين، جا جوڻي لوڪي اَڌرم ڪرڻ ڪري ملي آهي." چوڻ لڳو ته "سائين! ٻي ڪهين جيو پاپ نه ڪريون ته اوهان جو نالو ڪيئن پتت پاوَن پوي ها؟" ڀڳوان ڏٺو ته هن سوال ۾ به ڪتي ويو. ڀڳوان پوءِ چيس ته "روهيداس! تون داس، مان سوامي، سو هڪ ٻئي سان ڪئن وهنداسين؟" روهيداس چيو ته "سائين! برابر اوهين سوامي آهيو، پر سواميءَ کي ڪيئن سڃاڻجي يا ڄاڻجي؟ جڏهن کي ڏه ٻيڊرهن چيلا يا داس پرسان ويٺا هوندا، تڏهن ته ڪنهن سڃاڻبو. دڪان لئي به جي سيٺ هوندا ته ٻيا ڪي نوڪر چاڪر به ضرور هوندا. اهي نه هوندا ته هڪڙي ڪير سيٺ چوائيندو ۽ ڪيئن ڪو ڄاڻندو ته سيٺ آهي يا نه؟ اسين اوهان جا داس نه هجون ته اوهانکي سوامي ڪير چوائيندو؟" ڀڳوان ڏٺو ته روهيداس ۾ پوري ۽ شرڌا به جهڙي آهي ۽ چتر به آهي، سو پرسن ٿي ور گهرڻ لاءِ چيس. روهيداس اهوئي ور گهريو ته "جيستائين هي شرير هجي، اوستائين اوهانجي ڀڪتي ٿيندي رهي ۽ مونکي ڪيائون مهاتمائن ۽ سنتن جو درشن ميلاپ ٿيندو رهي."

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته مهنجا ڀڳت گهڻن ئي نمونن سان مهنجي ڀڳتي
ٿا. هڪ ٻاهر سان ڪن ٿا جدا جدا روپن ۾ ڪن، ته ڪو فڪر نه آهي، ڇو ته مهنجا
جڳت ۾ انيڪ روپ آهن. ڪي اگني، سورج، اندر، ورڻ، وايو وغيره ديوتائن جي
پوڄا ڪن ٿا. مان سڀني اپاسنائن کي قبول ٿو ڪريان ۽ ڀڳتيءَ جي ڪرتيءَ انوسار ڪ
ڦل ڏيان ٿو. هنجو مطلب اهو آهي ته ڀڳوان ڀڳتن جون گهٽ وڌايون، اوڻايون، د
وغيره ڪجهه نٿو ڏسي، جئن دنيا ۾ اسين ته پنهنجي پيارن جون اوڻايون ۽ برايون نه ڏسـ
آهيون. ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن جي شرڌا ۽ پريم کي ٿو ڏسي ۽ نه هنن جي عقل کي. هر
پنهنجي عقل ۽ ٻڌيءَ انوسار ڀڳوان کي جدا جدا روپن ۽ نمونن ۾ ڌياني ٿو، پر ڀڳوان
سڀني کي پنهنجو ڀڳت ٿو سمجهي. ڏني ڄاڻ جو مثال عالم آشڪار آهي ته هڪ پيءُ
ٻارڪي ناڪر ڄاڻي ان ۾ برابر ۽ ويساهه رکيائين ته آخر ان مان ڀڳوان جو ساڪيامڪ د
پاتائين. ڀڳتيءَ لاءِ وڏن جون هدايتون آهن ته ضروري آهي ته امرت ويلي اٿي ۽ ڏ
پاٺ ڪري، اشنان ڪجي ۽ پوءِ ڀڳتي ڌيان ۾ ويهجي ته من ايڪاگر ٿيندو. شرچ ڪ
ڪان اڳ آهي ته اپان وايو خارج ٿيڻ ڪري بدن ۾ گرمي ٿيئي، انڪري بدن کي ٿڌ
ڪرڻ لاءِ ١٨ دفعا پاڻيءَ سان ڪرڙيون ڪرڻ گهرجن، ته گرمي ڳلي مان مغز ۾ نه چڙهي و
کي ڇون ٿا ته اهي اجايا وهم آهن، پر ائين نه آهي. شرچ ۾ ٿڌي پاڻيءَ سان ڪرڻ گهر
اهو حڪمت جو نيم آهي. لقمان حڪيم ۾ لکيو آهي ته ڪشمير جهڙن برف وارن هنـ
۾ بـ هنڌ ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوئڻ گهرجن. ان ۾ شرير جو ڪلياڻ ۽ پوڻيا ڀي آهن.
جي اوقت ولي اسان جي پورو ڄڻن اهي نيم ٺاهيا آهن، جو ته اڄي سڀ ڌرماما هوندا
۽ انهن ٿيڻ کي ۾ ڌرم جو نالو ڏنائون، مگر آهن اهي نيم سڀ سائنس تي ٻڌل ۽ تندر
لاءِ. اشنان نه ڪ؛ ڍڳن ”اءِ ضروري نه آهي پر هر هڪ مدش لاءِ، نه ته گهڻئي ته
جون بيماريون ۽ روڳ پيدا ٿيندا. شرير ٺيڪ هوندو ته ڀڳتي ۾ ٿيندي ۽ وهنوار جا ڪ
چڱيءَ طرح ٿي سگهندا. هڪ ٻاهي ۾ سوير اشنان ڪندو ته ضرور مک مان رام جو
اڪرندس، ته سندس پاپ گهٽ ٿيندا. پاڻيءَ جو اهو سڀاءُ آهي ته ٿڌاڻ هوندو ته وا
ايشور جو نالو ضرور نڪرندو. جيڪو پرهم جي ايڪتا جا ۾ سندر درشٽانت آهن:

(١) روهداس ڀڳت هڪ دفعي ڀڳوان جي آراڌنا ڪئي ۽ درشن جي اڀلاشا ڪ
هن جو انتهڪرڻ شڌ هو، جنهن ڪري ڀڪدم درشن ٿيس. هڪي ڪل ۴۲ دفعا اهـ
ساڪار روپ جو درشن ٿيو هو. روهداس کي درشن ٿيو ته اڳي آدرستڪار سان ڀڳوان
نمسڪار ڪيائين. ڀڳوان ۾ پيار ڪمس پر ڪمس چيائين ته ”مهنجي چرنن کي سپرش
ڪر، پو ته ٿون جيڪو آهين ۽ مان ايشور.“ جو اڪيهه آهي ۽ ايشور سروگيه ۽ جيو ۾ دک ڪا
لين ٿا ۽ ايشور آنند روپ آهي ۽ جيو مايا ۾ ڦاٿل آهي، پر ايشور مايا جو مالڪ آهي ۽
شڪتيمان آهي. جيو جنم مرڻ ۾ اچي ٿو، ايشور اناسي آهي. روهداس اهو ٻڌي اٿر ڏ
”سائين! اهو ته رکو اپاڌين (شرطن) جو فرق آهي. اوهان وڏا ٿيو آئيا آهيو، مان

هوندا هن. ڀڳوان به ائين اسانکي ڏک ڪليش سزا طور ڏئي ٿو ته سوچيون ۽ نيڪ ڌرمن جي
ڌرم انوسار هلون، پر اهي به پرڀو ۽ محبت وچان اسان جي ڀلائيءَ لاءِ ڏين ٿا. ڪرمن
جي ڦل ڏيڻ وارو ۽ ساري حياتي پاليندڙ ۽ روزي رسائيندڙ به هو ئي آهي. ڪرمن جو
ڦل نه ضرور ملي ٿو، ڪٿي ڪيئن به لڪائي ڪجن. ماڻهو گهڻا دان ڪندا آهن، پر ته ا
گهڻا دان ڪندڙ جو به پتو پئجي ويندو آهي. ان طرح جيڪي انسان لڪي ڇپي پاپ ڪ
ڪن، اهي به ظاهر ٿين ٿا. ماڻهو ڪيترو به پنهنجو ڌن پدارٿ لڪائي رکن، ته به ٻين کي
سندن شاهوڪاريءَ جو پتو پوي ٿو. ٻج ڪندڙ ڀڳتن جو ٻج به ڪونه ٿو لڪي. اهي
سڀ ڳالهيون ڪنهن نه ڪنهن طرح اچي ٻيا پوءِ ظاهر ٿيو پون. اهڙا مثال دنيا ۾ ظاهران
ظهور ڏسجن پيا، ڪنهن به دليل يا مثال ڏيڻ جي ضرورت نه آهي. سڀئي ٻڌن ٿا
ملن ڪرمن جو ڦل نه ايشور ڏيڻ وارو آهي ۽ ان کان ڪجهه به لڪي نٿو سگهي، ڪٿي
دنيا کان ڪجهه لڪائي به سگهجي. سچ پچ ته لڪي يا ڳجهه ڪيل ڪرم جو ڦل رواجي
طرح گهڻو وڌيڪ ملي ٿو. انڪري سياڻا ماڻهو شڀ ڪرم دان، پڇ، شيرا جيترو ٿي
سگهي، اوترو بلڪل لڪي ٻنا ڪنهن ڏيکاءُ جي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيئن هڪ
هٿ سان ڪيل چڱو ڪم ٻئي هٿ کي به معلوم نه ٿئي. پنهنجي پاري شڀ ڪرمن لاءِ به
ڪوشش ڪري هو پنهنجي ستگروءَ، وڏن جي آسيس يا ڀڳوان جي ڪرپا کي ٿا ڪارڻ
ٻاٽائين. اهڙا سٺ پرش جي ڪو برو يا غلط ڪم ڪري ٿا وجهن، ڇو ته انسان خطا جو گهر
آهي ته هو يڪدم اهو ظاهر ڪري پڇتاءَ ٿا ڪن، ته ڪين ان جي لاءِ پرماتما وٽان ٿوري
سزا ملي. ان ڪرڻ سان هنن جي جا ٿوري ڳلا ٿئي ٿي، اها سندن انتهڪرڻ کي شڌ
ڪيو ڇڏي ۽ ان بري ڪرم جو اثر مٽائي، ڪين آئينده لاءِ اهڙي ڪرم ڪرڻ کان بچائي
. نه فقط ايترو پر سندن ٿوري وقت لاءِ ڳلا به آخر ساراهه جو باعث ٿي پئجي ۽ ڇو ته
سچيار ۽ ايماندار ٿا ڀليا وڃن ۽ هرڪو سندن سچائي ۽ اوچي ووهڪ جي ساراهه ٿو ڪري.
ڪي برا ڪرم لڪي ٿا ڪن، اهي ڪجهه وقت برابر بچيل ٿا رهن، پر پوءِ ٿو ٻئي
ي ڦاٿڻ لي هو گهڻو خوار خراب ٿا ٿين ۽ هرڪو هنن کي ڌڪاري ٿو ۽ انهن کي سمجهي
هو اندر جا ڪرنا، پاپي ۽ وويڪ هيڻا آهن. هنن جو انتهڪرڻ به وڌيڪ کان وڌيڪ
ڪار سان ڀرجي ٿو. ڌڻيءَ کان ته ڪجهه به لڪي نٿو سگهي، پر مورک ماڻهو ان جي
اه نه ڪري، رڳو لوڪن کان لڪائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ۽ اهو نٿا ڄاڻن ته ڦل ڏيڻ
وارو هڪ ايشور آهي ۽ جڏهن اهو ڦل ڪين ملندو ته لوڪن کي به سندن پاپ ڪرمن
خبر پئجي ويندي. لوڪن ۾ ڳلا يا ساراهه به پرماتما جي اڇا انوسار ڪرمن جوني ڦل
لي. انڪري لڪي برو ڪرم ڪرڻ نه هيڪاري وڌيڪ سزا جي لاءِ جڳهه گهر ڪرڻي
. ڀڳوان ڪيئن ٿو ڪرمن جو ڦل ضرور ڏئي، ان جو هڪ سدر درشٽانت آهي:
چندر ديو بنگال ۾ پرماتما جو پيارو ڀڳت ٿيو آهي. ذات جو برهمڻ هو. اجان ننڍو ئي
سندس ماتا پتا اچي گذاري ويا. منجهس اڳين جنمن جا سنسڪار سٺا ڀلا هئا ۽

ڀڳوان سندس ابلاشا پورن ڪئي ۽ اهڙو ور ڏنو.

شلوڪ ١٦. مان ئي ڪرتوُ، (هوم) روپ آهيان. يگيه به مان آهيان. پترن کي جو ان جو پنڊ ڏجي ٿو، اهو به مان آهيان. سڀ اوشڌيون (دوائون) ۽ ٻيا ٻوٽا [ان وغيره جا] مان آهيان. منتر [جيڪي يگيه وقت پڙهجن ٿا] به مان آهيان. گيهه ۽ اگني به مان آهيان ۽ هوم ۾ جا سامگري پوي ٿي، اها مان آهيان.

هن شلوڪ جو مطلب آهي ته نه فقط چيتن پر سڀ ڪجهه چراچر، جو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اهو سڀ ڀڳوان پاڻ آهي، ٻيو ڪجهه به نه آهي. پوين شلوڪن ۾ ڀڳوان پنهنجي چيتن روپ جو ورڻن ڪيو آهي ۽ هن ۾ جڙ پدارٿن جو بيان آهي. ڪرتوُ لفظ جي معنيٰ آهي هڪ قسم جو ويدن انوسار نندڙو يگيه. ڪي يگيه ويد منترن ذريعي ڪجن ٿا ۽ ڪي سمرتين ذريعي. ستن مهاتمائن کي پوڄن ڪرائڻ به هڪ نندڙو يگيه يا ڪرتو ڪوٺجي ٿو. يگيه ڪيترن ئي قسمن جا آهن. ٻيا ڪامنا جي يگيه ڪجن يا ڪامنا رکي، سڀ ڀڳوان جوي ئي ته مدهيه روپ آهن يعني هو پاڻ آهي. ڀڳوان جو هيتري وستار سان ارجن کي ٻڌائي رهيو آهي هو ڪيس سرو آتما سمجهي، سو ان ڪري جو هو ڀڳوان جو سچو ۽ شرڌا وشواس وارو ڀڳت هو ۽ سندس چوڻ تي وشواس هوس. ڀڳوان کي سرووياپي ۽ انترجامي واقف سان نه سهڪ ٿو قبول ڪري، پر پوري طرح انکي اهو ٿو ڄاڻي ۽ ان تي هلڻ ڪري، جنهنجو آچار وهنوار شڌ آهي ۽ پرماتما جي ڀڳتي ۾ نيم سان ڪريٿو. پراڻهڪال جو اٿي، آلس ڇڏي جو ان طرح هلي ٿو، ان جو ٿي انتهڪرڻ شڌ ٿيندو ۽ پرماتما جو سچو گيان ڪيس پراپت ٿيندو. ڪبير ڀڳت هڪ شبد ۾ صاف ٻڌايو آهي ته پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ آلس ڪرڻ وڏو گناهه آهي، ڇو ته حياتيءَ جي دم تي به ڀروسو نه آهي ۽ آلس ڪبو ته من حرامين ڏي ئي ڊوڙندو ۽ ويندو مچلو ٿيندو. جڏهن هڪ سواس جو ڀروسو نه آهي ته سڀاڻي لئي ڪم رکبو ته آخر وقت هليو ويندو ۽ ڪال اچي گهيريندو.

پاءِ پلڪ ڪي سڌ نهين - ڪري ڪالهه ڪو ساج ۽

ڪال اچانڪ مارسين - جيئن تيتر ڪو باج.

شلوڪ ١٧. هن جڳت جو پتا، ماتا، پاليندڙ يا ڪرمن جو ڦل ڏيندڙ ڏاڏو وغيره، ڄاڻڻ يوگ وستو يعني پاربرهم، سنسار ۾ پوتر ڪندڙ سڀ وستو، اوم يا اونڪار، رگ، سام ۽ يجر وغيره ويد سڀ مان ئي آهيان.

هن شلوڪ ۾ ته ڀڳوان وڏي وستار سان ٿو ٻڌائي ته سڀ ڪجهه پاڻ آهي. جڳت اپائيندڙ پاڻ آهي. ماتا، جا پيدا ڪري ٿي ۽ پيار سان نپائي ٿي، اها به هو پاڻ آهي. پرماتما سڀني جيئن کي ماءُ پيءُ وانگر پرورش ڪري ٿو. پٽ ڪيتري ڪوڙو ۽ نرموهي يا دوشي ٿي پوي، ته به هو ته ڪيس پيار ڪن ٿا. سمجهائڻ لاءِ تاڙنا ڪندس، پر اندر ۾ محبت

ائين ۽ جنديو کان ڀل بخشائين. ڪرمن جو ڦل ان طرح ڀڳوان ڏئي ٿو ۽ پيارن جي
يا ڪري ٿو.

دنيوي پتا پٽرن کي ڌن، دولت، ڀميون ڀار، جايون مڪان سڀ ڏئي ٿو، پر پنهن
ر ڀاڱا ڪونه ٿو ڏئي، مگر پرماتما نه پنهنجو ڀاڱو به ڏئي ٿو. اهڙي دئالو پرم پتا کي
ڀ ڪال جو اُٿي پريم ۽ شرڌا سان هرروز نمسڪار ڪرڻ ضروري آهي. اِهائي آراڌنا
جي نه هي پريو! منهنجو ماتا، پتا، بنڌو، پراڻا، سڀ ڪجهه تون ئي آهين. دنيا ۾
پتا پٽرن کي پيدا ڪندا، پالين ٿا، پڙهائين به ٿا، پر جيڪو جهڙي شيوا ڪريٿو، ان
ب هن کي ملڪيت جو حصو گهٽ وڌ ڏين ٿا، مگر جو شيوا اصل نٿو ڪري، اُنکي
جهه به نٿا ڏين. اِهو وهنوار آهي، پرماتما به ان طرح سڀني کي پيدا ڪري پالي ٿو،
ڪرمن اُنوسار گهٽ وڌ سکن دکن روپي ڦل ڏئي ٿو. جيءُ ڪرمن ڪرڻ ۾ نه ستنتر آهي
نه اُنهن ڪرمن جي ڦل پراپت ڪرڻ ۾. اهو پرماتما جي وس ۾ آهي ۽ هو هرهڪ کي
من انوسار انصاف موجب ڦل ڏئي ٿو. هن وٽ نه پاسخاطري آهي ۽ نڪو ظلم ۽ نا
انصافي. نر جيتري به چڱي يا بري ڪرم جو ڦل ڏنو وڃي ٿو. اِهو پورن وشواس
سکي ٿي ٿو، اهو ڀاڳ وارو آهي ۽ جو نه هو ڀوءُ ڪونه ٻڌو ڪرم ڪين ڪندو ۽ نه شپ
م ڪري اَجايو ڦل جي واسنا رکندو. هو ڄاڻي ٿو نه سڀ ڪجهه ڀاڳيهي ملندو ۽ واسنا
ڪا ڪري، سندس انتهڪرڻ به وڌيڪ صاف ٿيندو.

لرلوچن ڀڳت جو نندڙو پٽر گذاري ويو، نه سندس استري پرماتما کي ڏورابا ڏيڻ
نه اسان هيتري ساڌ شيوا، ڀڄن ۽ ستسنگ ڪريون ٿا نه به اسان جو پٽ مري ويو!
ڀڳت کيس سمجهايو:

”نارائڻ ڪاهي نندس ڀولي گنواري - دڪرمه سڪرمه ٿارو ڪرم ري.“

هي مورک! پرماتما کي ڇونٿي نندين؟ سڀ پنهنجي ڪرمن جو ڦل پيو ملي. ستسنگ
ساڌ شيوا ڪئيسين نه ڪو ڀڳوان تي نه اَحسان ڪونه ڪيوسين! اِهي نه پنهنجي ڀلي
يا ٿا ڪريون. انهن جو ڦل به اڳتي وقت سر ملندوسين. هي دک ٻين ڪن ٻرن ڪرمن
ڦل هولدو! پانڊوَن جو شري ڪرشن کهڙو نه سهائڪ هو، پر بدشتر جهڙي ڌرماتما به
ن جو ڦل ڀوڳيو. نل راجا جهڙو ويو، ڌرماتما، ٻلوان، شرير جو سندر ۽ گڻوان ڪو ورلو
هي، مگر ڪرمن نه ههکي به نه ڇڏيو ۽ ڪيترا دک سهڻا پيس. شري رامچندر اوتار
پر مئش ليلا ۾ نه چنبو نه ههکي به ڪرمن جو ڦل مليو. نرسنگهه اوتار وٺي جڏهن ڀڳوان
ڪشپ کي ماريو نه اُن پاپ کي لاهڻ لاءِ هردوار ۾ ويو ۽ اُتي سون ڪسر ٿالي ڀهاڙ
الي وڃي هٿ ڌوتائون. اٿي نرسنگهه ڦوهارا ٿالي ڇممو اَڃا تائين موجود آهي. ان
ڪ روپ سان هردوار ۾ گنگا ڪناري پئي ڦريا نه هڪ برهمڻ جي استري، جنهن پٽي
ڪا اشنان پئي ڪيو، سا ڏجي وٺي ۽ ٻران ڌتائين. برهمڻ اُن وقت ڀڳوان کي سراپ
نه جئن مونکي زال کان وڇوڙيو اٿيئي، تئن تون به زال جي وڇوڙي ۾ دکي ٿيندين.

ٻال اوستا کان ئي مالا پتا جي شيوا، ڀڳتي ۽ ستسنگ جي لڳ هئس. ڪيا ڪري ٻئي
شريرجي پالنا ڪندو هو ۽ هر وقت ايشور جي ذڪر ۾ مست رهندو هو. جيئن ٻلا
فرمايو آهي:

آٺ پهر، چوسٺ گهڙي، جن ٻلا ڪر ڌيان؛
تهين جاني ڪهڙي گهڙي، آءِ ملي ڀڳوان!
آٺ پهر چوسٺ گهڙي، پرو ٻماالا پريم؛
ٻلا ڪوئي وچارڪي، پهي همارا نيم.

ڀڳتي ۽ سڀ ڪن تا پر گهڙي خبر ۽ گهڙي وقت پرماتما راضي ٿئي، اتلاءِ
ڀڳت ۽ وقت پرماتما جو ڌيان ڌارين ٿا. جڏهن جي پتا تي هڪ نرنجن نالي واڻئي
قرض هو. واڻئي خيال ڪيو ۽ جڏهن کي جو مڪان آهي، اهو هٿ ڪريان. اچي ڪ
چيائين ۽ ”تنهنجي پتا وٽ منهنجي وڏي رقم هئي. اها ڏي.“ هن چيس ۽ ”
وٽ.“ پر هن اتري ۽ وٺي وياج تي ٻه وياج ٻڌس، جو لڳ ڀڳ اُن مڪان جي قيم
جيتري رقم ٿي وئي. قرض سچ پچ ۽ ٿورو هو، پر هن بي ايماني ڪري رقم وڌ
چڙي ۽ چيائين ۽ ”هي دستاويز لکائي آيو آهيان ۽ مڪان مونکي لکي ڏي، جو ۽
جي قيمت جيترو قرض اٿيئي. جي اٿين نه ڪندين ۽ اترو قرض لاهي ڪيئن سگهندين؟
هن ۽ چيس ۽ ”چڱو پاڻي!“ اٿين چئي دستاويز تي صحيح پاڻي ڏنائينس. واڻيو ڪ
ڏينهن ۽ چپ رهيو ۽ پر پوءِ آيس ۽ مڪان خالي ڪر. هن چيو ۽ ڪندس. پر هن لڊ
لاني ڏنس ۽ ۽ جلدي باهر نڪر. اتري پر اُن واڻئي جي هڪ ڪنيا دوڙندي آئي
چوڻ لڳي ۽ ”بابا! اسان جي گهر کي باهه اچي لڳي آهي.“ نرنجن اُتي ڀڳو. جڏهن
ڀڳت هو ۽ هنکي دل ۾ دَيا آئي ۽ خيال ڪيائين ۽ هنکي مدد ڪرڻ گهرجي. ڀڳتن
پرائي پيڙا پنهنجي ئي لڳندي آهي، سو يڪدم پنهنجي دک جو ڪوبه خيال نه ڪر
ڀڄو هن کي مدد ڪرڻ. دنيا ۾ ۽ اهڙن سرل سڀاءِ وارن انسانن کي ئي لوڪ گهڻو د
ڏيندا آهن. جيڪو ڏنگو ماڻهو هوندو آهي، انکي ڪير نه چوندو آهي. جهنگل ۾ ڪا
۽ ڏنگن وڻن کي ڇڏي، سڌن وڻن کي ئي ڪپيندا آهن. سنت ۽ سچو اهو آهي، جڏهن
ٻين جي دکن جو اونو رهي.

ڪبير پير سوئي آکيئي - جي هووي پر پيڙ؛
جو پر پيڙ نا جانئي - سو ڪافر بي پير.

جڏهن ۽ يڪدم ويو نرنجن جي مڪان طرف. وڃي ڏسي ۽ جيئن پيا ماڻهو
وڃن، ڪنهن آب وڃي وڌندي ۽ پر قدرت الاهي جو جيئن جڏهن اچا اُتي پير رکيو
آگ شانت ٿي وئي ۽ ڄڻ ۽ ڪجهه ٿيو ئي نه هو. سڀ حيران ٿي ويا. پر جيڪو
ڪري نو، اُن کي دل ۾ سڀ ڪجهه سمجهي نو. هن واڻئي ۽ سمجهيو ۽ مون پاپ ۾
جڏهن سان لڳي ڪئي آهي، اُن جو ڦل ئي مونکي مليو. يڪدم دستاويز ڪڍي

سي. وڏا وڏا راڪاڻون، ٽوپون، بندوقون ۽ لشڪر هوندي به ٻاهر کان وڌيڪ زبردست
ڪا کان ڊڄڻ ٿا. هنن کي سمجهڻ، ڪاٺ پيهڻ ۽ آرام جو نه آهي، پر جنڪي پرماتما پرپورسو
ي، انهن جي اندر پرڪاش ۽ شڪتيءَ جو سورج اڀري ٿو، جنهن اڳيان دنيوي مايا
ڀي اندڪار ۽ خوف ڪڏهن ٿي ٿو وڃي.

ڀڳوان وڌيڪ فرمائي ٿو ته ويد به مان آهيان ۽ ويدن جي ڄاڻڻ وارو به مان آهيان يعني
ته هن مان ئي پيدا ٿيا آهن ۽ سندس ئي انس آهن. سنسار انادي ڇيو ويو آهي ۽
ه سنسار ازل کان وقت ئي پيدا ٿيا ته اهي به انادي ليکبا. ٻيا ڌرم شاستر، انجيل،
ن وغيره سڀ پوءِ لکيا آهن. ويدن پر چار ڀڱن ڏيکاريل آهن. ان مان سڌ ٿو پئي ته ٻيا
ب، ڌرم، فرقا سڀ پوءِ ٿيا آهن. ٻيا ڌرمي پستڪ سڀ ويدن جي سکيا جي آڌار
تاهيا ويا آهن. حڪمت جو شاستر به ويدن جو انگ آهي ۽ سنسڪرت ۾ آهي. ان
آڌار تي انيڪ ڪتاب انگريزيءَ ۽ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ لکيل آهن. نسخا اهيئي
، پر جدا جدا ملڪن ۾ ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا جدا جدا آهن ۽ انهن کي گڏي تيار ڪرڻ
طريقا به جدا جدا ڪم آندا ويا آهن. پوءِ ڪن کي يوناني حڪمت جو طريقو، ڪن کي
ٿڪ يا ڪن کي هوميوپيٿڪ طريقو ڪونه وڃي ٿو، پر آهن سڀ اصلي آدي آيورويدڪ
شاخون. ان طرح دنيا جي سڀني سد گرنٿن ۽ ڌرمي پستڪن جو مُول به ويد آهن.
ن ڪرشن جي گيتا گيان ٻاهمه به رشي مني انهن لکي ويا آهن ته ويدن جي سکيا جولي
يا نچوڙ آهي. چئن ئي ويدن روپي ڳئونءَ کي ارجن روپي وڇڙي لاءِ ڀڳوان گيتا روپ
ڏهي کير جو امرت ڪڍيو آهي. اهو ارجن به پيتو ۽ ساري سنسار جي جيون لاءِ به
يو آهي. ويد هڪ سمنڊ ۽ ان ڀاڱن ۾ ورهايل آهن، جن کي اپنشد چئجي ٿو. ٽروجن جي
ي واٽي به ويدن جي ئي سکيائن انوسار آهي، پر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ آهي، جو ته اڪثر
ڪرت ودوان بلڪل ڪي ورلي ٿا سگهن، جنهن ڪري ويد يا اپنشد نٿا پڙهي سگهن.
۾ جا سکيا آهي، اها جدا جدا اڌڪارين لاءِ ڇهن شاسترن ۾ جدا جدا رشين ڏني
ته هرڪو جگياسو پنهنجي اڌڪار موجب ودِيا پرائي لاڀ پائي. انهن ڇهن شاسترن
ڪنهن هڪ جي به اوٽ وٺي جگياسو منزل مقصود تي پهچي سگهي ٿو يعني پرم آنند
۽ پد پرابت ڪري سگهي ٿو. انهن ڇهن شاسترن جي سکيائن تي ڪتابن ۽ درشٽانت
لاءِ ١٨ پراڻ لکيل آهن، جي سڀ ويد وياس جا رچيل آهن، ان لاءِ ته ماڻهو اهي پڙهي
ڙهن، جو ته انهن مان گهڻو رس اچي ٿو ۽ انهن کانسواءِ اپنشدن جو گيان هڪ پيو
۽ پورو سمجهه ۾ به نٿو اچي. ٻيا به انيڪ سولا سولا گرنٿ ويدن شاسترن جي سکيائن
ن، جي سڀ ويدن جولي روپ ليکيا وڃن ٿا. انهن جو مقصد آهي ته اسين ويدن
سکيا چاهه سان ڀرائين ۽ سولائيءَ سان سمجهي سگهون. ڪي سچ اعتراض اٿارينداا
مسلمانن ۾ هڪڙو قرآن، ڪرستانن ۾ هڪ انجيل ۽ ان طرح ٻين مذهبن ۾ به هڪ
آهي پر هندو ڌرم ۾ ٤ ويد، ٦ شاستر، ١٨ پراڻ، ته ڪهڙي ته منجهي پئون؟ پر سچ

ڀڳوان رام جي اوتار جو اهو ئي هڪ سبب ڇو وچڙو. مطلب ته اوتارن ۾ ڪرمن جو
ڀوڳيو، جيتوڻيڪ اهو هڪ ليلا طور هو ۽ نه سچ پچ ڪرم ڪري.

ڪن جو چوڻ آهي ته جي ڪرمن جو ڦل ملڻ اٽل آهي ته پوءِ ستسنگ، دان، پڄ
پڇن، سمرن ڇو ڪريون؟ برابر اهي اڳين جنمن جي برن ڪرمن جي ڦل کي ناس ته ڪ
ڪندا، مگر من کي صاف ڪندا ۽ برن ڪرمن جي سنسڪارن کي گهٽائيندا ۽ اڳين اس
ڪرمن جو ڦل ته ٻين شڀ ڪرمن جي ڦل ڪري معلوم گهٽ ٿيندو، ڇو ته من جي ور
شڀ ڪرمن ۽ ڀڄن ۾ لڳل هوندي ته دک معلوم ٿي نه ٿيندو.

سکي دکي نر جگت ۾، ڌرم ڪري سڀ ڪوءِ؛
سکي ڪري لو سک اڙهي، دکي ڪري دک کوءِ.

اسانکي هاڻي اڳين شڀ ڪرمن جو ڦل سک سمپتي ۽ پدارٿ ملي رهيا آهن،
جي هاڻي ڪو انهن جي ماڻڻ ۾ حياتي برباد ڪنداسين ته آئينده دکي ٿينداسين ۽ پوءِ
شڀ ڪرم ڪري ۽ ڪونه سگهنداسين ۽ جئن هاڻي به ڪيترا روٽيءَ ٽڪر لاءِ محتاج آهن
اهي ڪهڙا دان پڄ ڪندا، جو ٻئي جنم ۾ سک پائين؟ شاسترن ۾ آيو آهي ته ڪامي
ڪروڌي، لوڀي، موهي، اهنڪاري به ٿوري سکن ۾، جيڪڏهن هو سڌري پون ۽ ڀڄ
ڪن، ليڪن ڪرلگهن يعني جيڪي اڳلي جي ڪئي جو قدر نٿا ڪن يا مڃين، اهي ڪڏ
به نه ٿرندا. اهڙو ڪو به مثال پراڻن شاسترن ۾ ڪونه ٿو ملي. اندر ۾ سيڪو جهالي پاڻي ڏ
ته اسين ڪيتري قدر ڀڳوان جي ڏنل سکن، پدارٿن ۽ ديا واسطي سندس ٿورا مڃون ٿا
انهن جو قدر ڪريون ٿا. انيڪ قسمن جا پدارٿ، کاڌا پيتا، امرت جهڙو کير، گيهه، مک
ميوا مناسبون ملن ٿا ۽ عمدا عمدا وستر ۽ ٺهڻا پاڻي به ڪهڙو ٿا سندس ڀڄن ڪريون
ساڌن سنتن، غريبن جي ڪا شيوا مدد ڪريون؟ هيڪاري انين پيا سمجهون ته ڀڳ
اسان سان ظلم پيو ڪري! هن شلوڪ ۾ مکيه اپديش ڀڳوان اهو ٿو ڏئي ته اسين ڪيس ڏ
پنهنجو ماتا، پتا، ڏاڏو، رکيڪ، پالينڌڙ ۽ ڪرمن جو ڦل ڏيندڙ سڀ ڪجهه ڄاڻي، هر
سندس ٿي شرن وٺون. جيڪو الين ڪريو، اهو ئي ڪٿڪي آنند ٿو ماڻي. گرو ارجن
هن هڪ سندر شبد ۾ فرمايو آهي:

اولٽ سڪيا بنتم سڪيا - پڙ نهين لاڳي جا السا ٻجهيا.
راکا ايڪ همارا سوامي - سگل گهٽا ڪا انترجامي.
سوئي اچنا جاڳي اچنا - جهان ڪهان پربهو تون ورلتنا.
گهر سک وسيا باهر سک پايا - ڪهه نانڪ گر منتر دڙايا.

هن شبد جهڙو پڙوسو هئڻ ضروري آهي ته پوءِ آنند ئي آنند آهي. ساڌو، سن
مهاتمائون، اهوئي ٿا دليل ڏين ته جيئن ماتا جي گود ۾ ويٺل ٻچو لوڀ نه هوندو آهي،
جيڪو ڀڳوان جي گود ۾ پاڻ کي سمجهي ٿو، تنهنکي دنيا جو ڪو به دک پڙ لهو پاسي. ٻئ
جڳهه پڙ، خوف ۽ دک آهي، ڪلي ڪمترو به ڪلي ڪم ٺوان، شڪتيءَ ۽ هلندي

ور ناليندا نه وڃن، نه ٻيءَ ڪهڙو ههن کي سنو ڦل ملندو؟ ڪلجڳ جو اثر و نه زور آهي
اشنان جو سنڪلپ ڪري نڪرن نه واٽ تي ٿورو وقت به ڪاڏي پيٽي تي ضائع ڪتا
سگهن. اڄي گنگا ڏانهن ويندي ماڻهو پير اگهاڙا ڪري هلندا هئا، پر هاڻي نه گنگا
ڪناري تي به جتيون پائي نه هلن، ڏاکڻ وٽ به لاچار نه لاهين. گنگا ۾ اشنان ڪرڻ
...ل عمل ۽ صابڻ لڳائڻ جي منع آهي، پر اُن جي به لوڪ اڄ ڪلهه پرواهه نٿي ڪن.
جي عزت تي نه رهي آهي نه ڦل ڪهڙو ملندو؟ پاربتيءَ کي ڀڳوان شنڪر اکين سان
وسارو ڪيل وڃي ڏيکاريو. ڀڳوان شنڪر پاڻ هڪ ٻڍي روڳي برهمڻ جو سروپ ڌاريو.
...س بدن مان روڳ ٿي وهيو ۽ مکيون ٿي ونڀيون. پاربتي هڪ جوان استريءَ جي
...سان وڃڻو ڪٽي آهي مکيون هڪلڻ لڳي. ٻئي اچي هردوار جي پرسان گنگا نديءَ
ويندڙ رستي تي ويهي رهيا. جيڪو به پاڙري اتان پير لنگهي، اهو پاربتيءَ جي
...ن ۽ جوانيءَ ڪري ساڻس ڳالهائڻ جي پيو ڪوشش ڪري. هرڪو پيو پڇيس نه "هيءَ
...انيءَ؟" هوءَ پيئي چوي نه "هي منهنجو پتي آهي." هو پيا ريمارڪ ڪن
...هيءَ ڪهڙي سندر ۽ جوان ۽ مڙس ڪهڙو نه ٻڍو ۽ روڳي اٿس! هن جا ماءُ پيءُ ڪي
...ر دل آهن. هيءَ نه سال اڌ مس ڪڍندو." ڪي وري پاربتيءَ جي صورت تي
...ٿي پيا پون ۽ انهن مان ڪي نه ڪليو ڪلايو پيا هنکي چون نه "هن ٻڍي کي ڇڏي
...سان هلي محلن ۾ رهه!" هن نه سڀ ڪجهه چپ ڪري ويٺي رنگ ڏٺو. هزارن
...ٿي اهو تماشو ڏٺو. آخر هڪ برهمڻ اشنان ڪرڻ لاءِ اچي اتان لنگهيو. ڏٺائين
...ڏي پڙ لڳي پيئي آهي. ويجهو اچي ڏٺائين ۽ پاربتيءَ کي چيائين نه "هي ماتا!
...نه ڇا آهي؟" هن چيو نه "منهنجي هن پتيءَ کي سراپ مليل آهي ۽ اُن جي ٽوڙ لاءِ
...هو شرط آهي نه ڪو هزار گنگا اشنانن جو ڦل هنکي ڏي نه سندس روڳ لهي ويندو.
...ن ماڻهو هتان لنگهن پيا ۽ هر هڪ رڳو هڪ اشنان جو ڦل ڪٽي ڏئي نه به هوند هيءَ
...لي پوي." هن برهمڻ چيو نه "ماتا! هزارن کي ڇا ڪبو؟ مان هڪ ڪافي آهيان.
...تو هنکي هڪ هزار گنگا اشنانن جو ڦل ڏيان." پاربتي ديويءَ پڇيس نه "ڪيئن
...ن؟" چيائين نه "هي ماتا! مان روز ڇهه ڪوهه پنڌ ڪري اچان ٿو گنگا اشنان ڪرڻ.
...مان شرڌا سان ٿو اشنان ڪريان نه هڪ هڪ قدم لاءِ مونکي گنگا اشنان نه ڇا پر
...پنڌ جگهه جو ڦل ملڻ گهرجي. جي گنگا مائي اهو سچ ٿي ڄاڻي نه مان هنکي هڪ هزار
...ن جو ڦل ارپڻ ٿو ڪريان نه تنهنجي پتيءَ جو روڳ ٽورت ٽٽي." هن اڃا اهين چئي
...تا ڪئي نه شو ڀڳوان ٺوڪ ٿي پيو. شو ڀڳوان چيو نه "پاربتي ڏٺءِ! هزارن لڪن ۾
...ڪ وڏيءَ انوسار اچي اشنان ڪريٿو. ٻيا آيا نه اشنان ڪري پاپ لاهڻ، پر هيڪاري
...ي ورلين کي به خراب پيا نه ڪن. تيرٿ اشنان لاءِ نه بلڪل سنجم ۽ نيم ۾ رهي،
...پولڻ ڪري چت ۾ شانتي آڻي، دان پنج اشنان ڪرڻ گهرجي ۽ پاپ پچڻ ۾ وقت
...هي." گنگا جل جو مهاتم ان مان به ثابت آهي نه اهو جل ڪيترو وقت به رکبو نه.

بيو اهو اعتراض بلڪل غلط آهي ۽ اهي ڪن ٿا، جن کي روحانيت جي ڪاٻه ڄاڻ
آهي ۽ نه ان طرف سچو لاڙو اٿن. روحانيت ڪا سولي ڳالهه ڪانه آهي ۽ هرڪو
پنهنجي پنهنجي ٻڌيءَ ۽ سڀاءَ انوسار جداجدا اوستا تي پهتل آهي ۽ انڪري ڇهه شا
بلڪل ضروري آهن. انهن ڇهن ۾ شڌ ويدن جي سکيا آهي، پر جدا جدا اوستا تي پ
لاءِ جدا جدا شاستر آهن، جڏهن هرڪو پنهنجي ڪرجو هڪ شاستر تي چڙهي منزل تي پهچ
جن ڇهه شاستر لکيا آهن، اهي به پرماتما جا انس اوتار هئا. ويد وياس، جنهن
تي پران لکيا، اهو به ڀڳوان جو تي اوتار مڃيو ويو آهي، انڪري ڀڳوان چوي ٿو ته چار
ويد به مان آهيان ۽ انهن کي ڄاڻڻ وارو به مان آهيان ڀعدي ته انهن جي سکيائن کي سڄ
ٻوليءَ ۾ آڻڻ وارو به پاڻ ئي آهي.

وڌيڪ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته اوم جو جاپ، اَجپاجاپ به هؤ پاڻ آهي ۽ يڳ ڪندڙ
گنگاجل، گايتري منتر وغيره به سڀ پاڻ آهي. جڳ پاوني گنگاجيءَ جو ته بلڪل پ
مهاتم آهي. هڪ وار پاربتي ديويءَ شو ڀڳوان کان سوال ڪيو ته شاسترن ۾ گنگاجيءَ
مهما بلڪل گهٽي لکيل آهي، رشي مني به گنگا اشنان کي اُتم ٿا سمجهن ۽ رڳو د
ڪرڻ جو به اٿاهه ڦل ڄيو ويو آهي، سڀ مونکي پوريءَ طرح ٻڌايو. شو ڀڳوان چيو ته ”
پاربتي! گنگا اشنان جو ڦل اهڙو ته ڀاري آهي، جو هڪ هڪ قدم، جو اُن اشنان لاءِ
وجهي ٿو، اُن جو هڪ هڪ اشوميڌ يڳيه جيترو ڦل ملي ٿو. پاربتي اهو ٻڌي حيران
ويئي، ته هزارين لکين ماڻهو ٿا روز گنگا اشنان ڪن ٿا، پر اهڙو ڦل پائين ته ڪونه ٿا
جي ڪا ٿاڻتي به آهي، ڪين رڳو وشواس؟ شو ڀڳوان ٻڌايس ته ڦل ته برابر اهو آهي
لوڪن ۾ اشنان ڪرڻ يا درشن ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي وڌي نه آهي. گنگاجيءَ پاڻ
سڌانت آهي ته اشنان ڪرڻ سان ٽنهي ديوتائن برهما، وشنو، مهيش جي پدوي ملي
جنهن وقت پاربتي اشنان ڪرڻ لاءِ ڏاڪڻ لهي ٿو ۽ گنگا جو جل پيرن سان سپرش ڪ
ٿو، اُن وقت هؤ وشنو روپ آهي، ڇو ته گنگا وشنو ڀڳوان جي پيرن مان نڪتي آ
جنهن وقت اندر جل ۾ ٽٻيون لڳائي ٿو ۽ جل مٿي تي پوندو ته اُن وقت هو شو
آهي، ڇو ته گنگا شو ڀڳوان جي سر تي رهي ٿي. جڏهن ٻاهر نڪري ٿو ته لوٽو پاڻي
پري ٿو نڪري يا سڀ مهاتمائن پنهنجي ڇپي پري نڪرندا آهن ته اُن وقت هو
جو روپ آهي، جو برهما لوٽي ۾ گنگاجل رکندو آهي. پر ماڻهو وڌيءَ سان نٿا اشنان
ته ڦل به نٿو ملين. هر هڪ ڳالهه پوريءَ وڌيءَ سان ڪرڻ سان سڦلي ٿيندي. ڪاڌو به
وڌيءَ سان ٺاهيو ته لذيذ ٿيندو، نه ته يا ڪچو ٿيندو يا سڙي ويندو يا مصالح گهٽ
هوندا ته آنند نه ايندو. هڪ هڪ ننڍڙي ڪم ۾ به وڌيءَ موجب هلڻ هلڻ سان ڪ
ملي ٿي ته گنگا اشنان، گايتري جاپ، گيتا يا ٻين شاسترن جي پاٺ ۾ ڪيئن نه و
جي ضرورت ٿيندي، جڏهن انهن مان ڀاري لاڀ ملي ٿو؟ شو ڀڳوان ته آدي ڪال
ڳالهه ڪري، پر اڄ ڪالهه ته گنگا اشنان لاءِ ماڻهو وڃن ٿا ته ڪاڏيءَ ۾، رستي تي مانس

ڪمار جي هٿان مان ڪري وڃي راڄ ڪنور جي ڳلي ۾ لڳي، ۽ هو هڪدم زخمي ٿي
ري وئو. هري اچا! ڀاوي بلوان! ڪمار ڏاڍو بيحال ٿي ڪري ويٺي ۽ سوچڻ لڳي ته لوڪ ڇا چوندا
. منهنجي ساري حياتي ڪيئن گذرندي؟ انهن ڳڻتين ۾ آخر هن کي ننڊ اچي وئي. ڏينهن
ير ته داس داسيون اچي دروازو کولي ڏسن ته راڄ ڪنور مئو پيو آهي ۽ راڄ ڪنيا بيهوش
يٺي آهي. هاهاڪار مچي وئو. راجا، وزير ۽ ٻيا سڀ آيا. ڀاويءَ جو اهڙو ڀرپاءُ ٿيو، جو
ارڪو اِئين سمجهڻ لڳو ته نڪاٽي جي مهنت جوڻي اهو ڪرتوت هوندو جو راڄ ڪنيا کي
دمت ۾ پيو هوندو. مهنت کي راجا ۽ وزير خوب ڏمڪايو ۽ سچي ڪر، پر هن ڇيو ته
جڳندا ڀلا! مونکي ته ڪا به خبر نه آهي." پر مٿس ڪو به وشواس نه پيو ڪري ۽ ڪيس.
وهي جاٽي راجا حڪم ڪيو ته هن ساڌوءَ جا ٻئي هٿ ڪپايا وڃن. لانگ ته سوريءَ جو
ي، پر سنت آهي، سو جان ڇٽا ولونس. وچارو ڪجهه به نه ڪري سگهيو ۽ سمجهيائين
ايشور طرفان مونکي ڪو ڏنڊ مليو هوندو، سو سنت ڪري پوئڻ گهرجي. جن جا ڪرم
مهيا پيا آهن، انهن جو ڪير فرياد ٻڌي؟ ڏاڍو دکي ٿيو ۽ نگر ۾ عزت مان به ويس.
رڻ لڳو ته هي ڪهڙو ظلم، جو پنهنجو استان ڪين رهڻ لاءِ ڏنم ته هيڪاري هي ڦل مليو
ر! هو هڪدم نگر ڇڏي وڃي ڪاشيءَ ۾. ڀولا ڪيائين ته ڪو هوشيار جوتشي ملي، جنهن
ن پڇان ته هيءَ سزا ڇو ملي اٿم؟ آخر هڪ جوتشيءَ جو پتو لڌي، هن جي گهر ويو ۽
جي در جو ڪنڊو کڙڪايائين. اُن جوتشيءَ جي زال پنڊتياڻي نڪتي، جو هو پاڻ گهر ۾
ڪو نه هو. زال پڇيس ته "ڇا کپيئي؟" هن ٻڌايس ته "ڪا جوتش لڳارائڻي اٿم." زال
ڪدم پٽيءَ کي پٽڻ لڳي ته مئو مار پنڊت! مونکي ڪهڙي خبر ته ڪٿي پيو هن وقت
ڪا کاڻي. وچارو مهنت حيران ٿي ويو ته هيءَ وري ڪهڙي ماجرا آهي! آخر ٻڌار مان
و پيس ته اهو پنڊت فلاڻي گهاٽ تي ويٺو هوندو. وڃي ڀولي لڌائينس. هن کي ڏسي
هو ته بالڪل چندرما جهڙو سيتل سڀاءَ وارو آهي، مگر سندس زال اگنيءَ وانگر پيٽي
ي. ڀڳوان هيءَ وري ڪهڙو ميل ڪرايو آهي؟ پنڊت پڇيس ته "مهاتماجي! ٻڌايو ته
يئن آيا آهيو؟" جواب ڏنائين ته "سائين! آءٌ ته پنهنجو ڪو سوال پڇڻ آهيان، پر اول
هان پنهنجو حال ٻڌايو ته اوهان جي استريءَ جو اهڙو بدمزاج (سڀاءُ) ۽ اوهين هن کي
اه سگهيا ڇٽا ڏيئي سگهو!" پنڊت جواب ڏنو ته "سائين! اهو سڀ ڪرمن جو ڦل آهي،
گيانوان ۽ پنڊتن کي نه پوڇڻو پوندو." پڇڻ تي وڌيڪ ٻڌايائين ته "هيءَ منهنجي استري
ين جنم ۾ گڏهه هئي ۽ مان ڪانءُ هوس. هن جي شرير تي گهڻا زخم هئا ۽ مان سڀاءَ
ري پيو انهن زخمن ۾ چهنب هڻندو هوس. هڪ ڏينهن اها چهنب اهڙي ته، هن کي
ي، جو هن جي هڪ هڏيءَ ۾ اٽڪي پيئي ۽ نڪري نه سگهي ۽ هوءَ ڏڙڪي ڏڙڪي
ا نديءَ ۾ ڪري پيئي، جو ان جي ڪناري تي ٻيٺي هئي. مان به ان سان گڏ ٻڌس
ي مري وياسين. گنگاجل جي پرتاپ ڪري مان هڪ ودوان پنڊت ۽ هوءَ پنڊتياڻي
سين، پر مون جو هن کي ڏک ڏنا هئا، سو هوءَ به واڻيءَ جي چهنب مونکي هڻندي

ثواب اصل نه ٿيندو. پيا جل بدبوءِ ڪري ويندا ۽ انهن ۾ ڪيڙا به پئجي ويندا
اڇهي ويندو. گنگا جل ۾ اشنان ڪرڻ سان انيڪ بدني روڳ ناس ٿا ٿين. هرد وار
ته ڪري آسمان دنيا ڀر ۾ ڪونه آهي ۽ نه گنگا جل جهڙو ٻيو جل. ان نديءَ جي
ي وڏي هزارين رشين منين هزارين ورهيه تپسيا ڪئي آهي ۽ ان تپسيا جو اثر به
جل ۾ سمايل آهي. ڪير مري ٿو ته هن جا سنگ به گنگا نديءَ ۾ پرواه ڪن ٿا، ته
ڪيائون وڃي. سگر راجا جا سٺ هزار پٽر ڪپل منيءَ جي سراپ سان سڙي رک
ويا هئا، انهن جو اڌار به تڏهن ٿيو، جڏهن گنگا جل انهن جي ڀسم مٿان لنگهيو. گنگا
۾ اشنان ڪرڻ سان بس جو به اڌار ٿيندو ۽ انهن کي اهو جونيون ملن ٿيون. اهڙا مثال
ساستر ۾ آيل آهن. گايتري منتر ۽ اوم يا اونڪار جو جاپ به پاپن کي دور ڪرڻ لاءِ
... آهي، جو ته ڀڳوان فرمائي ٿو ته آهي مان آهيان. گايتري منتر مان سالوڪي ورلي
ٿئي ٿي ۽ آتمڪ ڀاڳ ٿيندو. اونڪار جو جاپ، جنهنکي اجپا جاپ ٿو ڪوٺجي، اهو
سان ڪئي ٿو ۽ مهاپاپ ڪندو آهي. واڻي جڳ ترڪارن جي آهي: پرا، پشينتي، مڌيما
۽ ويکري. ويکري اها آهي جا زبان سان چئجي، مڌيما جا ڳلي سان آهستي آهستي اچارجي، پشينتي
آهي هردي ۾ جپ ڪري نام جو سمرڻ ڪرڻ ۽ سواس سان منتر اچارڻ ڪرڻ کي پرا
ٿو چئجي. ان جو فل اڻاه آهي. هزار دفعا ويکري واڻيءَ سان نام جپڻ برابر آهي
دفعو مڌيما سان اچارڻ برابر. هزار دفعا مڌيما سان برابر هڪ دفعو پشينتيءَ سان ۽
دفعا پشينتيءَ سان برابر هڪ دفعو پراواڻيءَ سان. يعني ته پراواڻيءَ سان هڪ دفعو جپ
ڪرڻ برابر آهي ويکري واڻيءَ سان هڪ ارب دفعا نام جپڻ. اهو ته ڪرڻ وارو ٿو ڪر
انهن کي ٻيون سنگورن جي ڪرڻا نٿي ٿي. سکمني صاحب ۾ آيو آهي:-

سانس سانس سمرو گوبند - من انتر ڪي اتري چند.

ڪرين جو فل ڪيئن ٿو ٿئي ٿو ۽ گنگا جل جو ڪيڏو نه مهاتم آهي، تنهن
هڪ سندر دِرشٽانت شاستر ۾ اچي ٿو:-

هڪ راجا جي پٽر جي شادي ٿي. ڏولي ڪئي ڪنوار جي شهر مان گهوٽ جي
۾ پهچي آئي ته معلوم ٿيو ته راجا کي جيڪو ته هيءَ جو ويلو آهي، سو گهوٽ ڪنوار جي گهر
... پيش ڪرڻ لاءِ ٺيڪ نه آهي ۽ هيءَ رات شهر کان ٻاهر گذارين. نگريءَ کان ٻاهر هڪ
ٽڪ ٿو هو. راجا ان ٽڪاڻي جا ٻه چار ڪمرا خالي ڪرائي هڪ ۾ گهوٽ ڪنوار رهايا
۽ ٻئي ۾ ٻانهيون رهيا ته رات آرام ڪري صبح جو هليا ويندا. رات جو سڀيئي روني ڪ
ننڊ ۾ هئا. راج ڪنور (گهوٽ) ننڍڙو ٻار هو، سو ڪنهن ڪڏهن ننڊ اچي ويئي. ڪ
جي اڳيان هئي ته ٻئيءَ سان ڳالهائي، پر ليڄ وچان ڪنهن جاڳائڻ ڪين، پر ڪنهن ننڊ
نه ٿي اچي. راج ڪنور جي مٿي کان سندس هيرن جواهرن سان جڙيل هئي واري
ڪئي هئي، جنهنکي مياڻي مان ڪڍي انکي ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. هيرن جواهرن ک
ڪمري ۾ روشني ته خوب هئي، پر ته راج ڪنور نه جاڳيو. ڏسندي ڏسندي اها

ناسونت آهن، پرماتما ۾ سڀني جو سڀ ساڌن آهي يعني ٽنهي ڪالن ۾ سڀ؛ سي اننت
سک هڪ پرماتما ۾ ئي ڏسي سگهجي. سنسار ۾ استري آگياڪاري هجي ته اهو به چڱن
ڪرمن جو ڦل آهي. پٽ آگياڪاري هجن، ڌن دولت هجي، تندرستي هجي، اهي به
سکن جا ساڌن، پر هڪ ته اهي ملڻ ڏکيا آهن، ٻيو جي ملن ته به ناسونت آهن ۽ گهٽجي ۾
گهٽ ۽ هن شرير ۾ ڏئين هلندا. مطلب ته ٻيا سڀ سک آخر دک روپ ثابت ٿين ٿا، ڇو ته
انهن ۾ وڇوڙو اوس اچيو. پران ويا ته زال، پٽ، مٽر، ڌن، دولت سڀ پراوا ٿي ويندا؟
اسان جو شرير ئي اسان سان نٿو هلي ته ٻيا ڇا هلندا؟

(٣) پرڀو (سوامي يا مالڪ): گهر جي مالڪ يا برادريءَ جي مکيءَ کي به پرڀو
ڪوٺي سگهجي ٿو. ڀڳوان ساري برهمانڊ جو مالڪ يا سوامي آهي، ڇو ته سڀ جيئڙ ۽ سنسار
جا پدارٿ هن جي اڌين آهن ۽ هن جو ئي ڪٽنب آهي.

(٤) ساکي: ڀڳوان چوي ٿو ته سڄي جڳت کي ڏسڻ وارو به مان آهيان. شاسترن ۾
وهنواري ڪارجن وقت سورج، چندرما ۽ اگنيءَ کي ساکي مڃيو ويو آهي. ڪوبه شڀ
ڪارج ڪبو آهي ته انهن مان هڪ کي ساکي (شاهد) ڪبو آهي ۽ اهڙا منتر اچاريا آهن.
شادين، جڳين ۽ ٻين شڀ ڪارجن ۾ گهڻو ڪري اگنيءَ کي ساکي بڻايو ويندو آهي ۽ ويواه
وقت پتي ۽ پتني اگنيءَ اڳيان هڪ ٻئي سان پرڻ ڪندا آهن. ڀڳوان چوي ٿو ته ساري
برهمانڊ ۾ جيڪي به ڪجهه اسين من، وچن ۽ شرير سان ڪرم ڪريون ٿا، اهي سڀ هو
ڏسي ٿو. من جا ڪرم يا خيال ته ٻيو ڪوبه ڏسي نٿو سگهي.

(٥) نواس: سڀني جيون ۽ پدارٿن کي هڪ پرماتما ڀائڻ جتي هو چاهي، اتي نواس
ڏيڻ وارو آهي. پنج تت پيدا ڪري، انهن ۾ ئي هو سڀني کي نواس ڏئي ٿو. ڪي
ڌرتيءَ تي آهن، ڪي جل ۾، ڪي اگنيءَ ۾، ڪي هوا ۾ ۽ ڪي آڪاس ۾. جيئن ته سڀ
ڪجهه هڪ پرماتما ۾ ئي سمايل آهي ته هو ئي سڀني چيتن جيون توڙي جڙ پدارٿن جو
رهڻ جو استان آهي.

(٦) شرن يا اجهو: جنهن وٽ وڃڻ سان هردي جو دک دور ٿئي، انکي شرن
وڃڻ ٿو ڪوٺجي. شرن وڃڻ جو مطلب آهي ته سڀ پنهنجو ڀار پرڀو لاءِ ڇڏي ئي وڃجي
ڀائڻ ئي دک ۾ ئي رهجي. پر شرن وڃجي ته اُهان رهت ئي. ۽ پورن وشواس ۽ شرڌا جو
هجڻ به ضروري آهي، نه ته اهو سڀ پورن شرن ۾ وڃڻ نه چئبو. ڪنهن به سمرٿ پرش
جي شرن ۾ وڃبو آهي ته هو بچائيندو آهي. ڀڳوان کان وڌيڪ سمرٿ ٻيو ڪوبه نه آهي، ان
ڪري هو ئي سچو اجهو يا شرن ڏيڻ وارو آهي، جو ته جنم مرڻ جي دکن کان بچائڻ وارو
هڪ هو ئي آهي. جيڪو وڏن، گروءَ يا مالڪ جي شرن وٺي ٿو ته اهي هن جا ڳڻ اوڳڻ
ڏسي ۽ ڪيس بچائين ٿا. ڀڳوان انهن سڀني کان وڌيڪ شڪتيوان آهي ۽ جيڪو هنجي
شرن وٺي ٿو، انکي ٻيو ڪنهنجو ڊپ رهندو؟ ڪيترا مثال شاسترن ۾ اچن ٿا ته شرن آيل
کي بچائڻ لاءِ ماڻهن پنهنجا سر به ڏنا آهن، ڌن پدارٿن جي ته ڳالهه ئي ٻي رهي. ڀڳوان

ٿي رهي. وڏيڪ نٿي ڪري سگهي، جو ته مون ته ڪانءَ جي جون ۾ هئڻ ڪري سها
انوسار پئي ڪيس ڇهنبون هنيون ۽ نه ڪنهن ويو ياءُ سان. منهنجا ڪرم ئي مونکي اهو ڦل
ڏيئي رهيا آهن. هن جو ڪو به دوش يا وس نه آهي."

گنگاجل جو ايڏو مهاتم ٿيو، جو هڪ گڏهه ۽ ڪانءَ کي به اهڙو اوچو جنم مليو، ٻ
ڪرم انوسار ڦل به ملين. هن مهنت پوءِ پنڊت کان پڇيو ته مونکي ڇو ٻيا ڪنهن ڏوهه
ڪرڻ جي سزا ملي آهي؟ پنڊت ٻڌايس ته تون اڳين جنم ۾ هڪ برهمچاري هئين. ندي
جي ڪناري تي ويٺي گايتري جاپ ڪيءَ ته هڪ ڪتو اُتان لنگهي ويئي. هن جي پنيان
هڪ ڪاساني آيو. توکان پڇيائين ته ڳانءِ ڪاڏي ويئي؟ تو واڻ سان نه ڪجهه ٻڌي هٿ
ڪٿي ان طرف ڪيا ۽ اشارو ڏنو ته هن طرف ويئي. هن اها پڪڙي وڃي قتل ڪئي
ان هتيا جو ڦل توکي اهو مليو آهي. اهو ڪاساني راج ڪنوَر ٿيو آهي ۽ اها ڳانءِ سندس
ڪنوار آهي. ڳئوءَ کي به بدلو وٺڻو هو، سو ورتائين.

شلوڪ ١٨. مان ئي سڀني جي گتي (ڪرمن جو ڦل)، پالنا ڪندڙ يا سک
ڏيندڙ، سوامي يا مالڪ، ساکي روپ، سڀني جو نواس اِستان، اجهو يا شرن،
پرم متر، سڀني جو مُول (اُلپتيءَ جو ڪارڻ)، پرلاءِ (ناس جو ڪارڻ)
بنياد (اِستٿي ڏيندڙ)، خزانو ۽ اَبناسي ٻج آهيان.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان پنهنجون ٻارهن صفتون ٿو ٻڌائي، جنهن مان پنڻ سندس سر
وياپڪتا ۽ سرو شڪتيوانپڻو ثابت ٿو ٿئي:-

(١) گتي: هن لفظ جو ارٿ آهي ڪرمن جي ڦل جي پراپتي. لنگهي ويل وقت
کي به گتي چئبو آهي. جيڪا به اوچ يا نيچ گتي ڪرمن انوسار سڀني جيون کي ملي ٿي
اها ڀڳوان چوي ٿو ته مان آهيان. اڳين شلوڪ ۾ چيائين ته ڪرمن جو ڦل ڏيندڙ مان آهيان
هاڻي وري چوي ٿو ته اهو ڪرمن جو ڦل دک يا سک به منهنجو ئي روپ آهي. گتي
جو مطلب موکش به آهي. اهو به ڀڳوان جوئي پرم پد آهي يعني سندس روپ آهي.

جرا مرا تاپ سرتاپ- ڪوئي لاڳ نه سڪي ٻن هرڪا لايا.

جرا جي معنيٰ ٻڍاپو ۽ مرا يعني موت. جرا مرا هڪ خاص بيماري به آهي. سرتاپ
يعني سرسام جي بيماري. ٻيا پرڀوءَ جي آڳيا جي ڪاڻ بيماري لڳي نٿي سگهي يا آهي
دک نٿا اچن.

(٢) ڀرتا: ڀرتا يعني پالن ڪندڙ يا سک ڏيندڙ، جيئن استريءَ جو پتي ڀرتا آهي
پرميشور ساري سنسار جو ڀرتا آهي. " ناڪر ايڪ، سڀائي نار." استريءَ کي سواميءَ
سک مليتو، انڪري هوُ سک ڏيڻ وارو آهي. پرماتما ئي سڀني سکن جو آڌار آهي.

نانڪ دکيا سڀ سنسار- سو سکيا جن نام آڌار.

نام ڪالسواه ڪو به دائمي يا سچو سک نٿو ملي سگهي. سرڳ يا برهم لوڪ جا سک

ان ڪنهن نه ڇاهيو. سندس ڀيڄ لئي ڀيشم پتامه، درونا چاريه، ڪرپاچاريه ۽ ٻيا وڏا وڏا ڌرماتما راجائون مهاراجائون ۽ سندن امير امرا وزيرا هئا، پر ڪنهنکي به همت نه ٿي. اهو هن جا سڀ آسرا جڏهن ڇڏي ويا، تڏهن من ئي من ۾ ڪرشن ڀڳوان جي شرن ورتائين ۽ ڪيئن نه ڀڳوان سندس سنڌ رکيو، جو دشاسن سندس ٥ وارن جي ساڙهي ڇڪي ڇڪي لاهڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿڪجي پيو، پر اها پوري نه ٿي، اڻلڀ وڌندي ويئي ۽ ڪوڙين گز جا ڪوٽ اڏجي ويو.

(٧) سهرد يا پرم متر: متر اهو آهي جو وقت تي مدد ڪري. مترتا ۾ ٻنهي ڌرين مان هر هڪ ٻئي جي مدد ڪن، پر ان ۾ سچائيءَ جي ضرورت آهي ۽ نه نڪمتا جي. کير ۽ جل جي مترتا به هڪ اعليٰ درجي جي آهي. کير ۾ جل ملائبو ته جل جي قيمت به کير جيتري ٿيو پوي. کير تاءِ تي ڪاڙهڻ رکبو ته اڳي جل سڙي ٿي ته کير اچل ڏيئي اڳيءَ ۾ پوڻ جي يا باهر نڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر پاڻيءَ جو ڇنڊو ڇهڪايس ته شانت ٿي ويندو. انڌو پريم الس جل لاءِ. پاڻي به هن سان پوري مترتا ٿو نباهي. ڪاڙهڻ وقت کير کان اول هو پاڻ ٿو جلائي ۽ پوءِ ئي کير کي سيڪ ٿو اچڻ ڏئي. سو ۾ ٿورو به پاڻي آهي ته کير ملائي ٿي ويندو، پر سڙندو ڪين. پاڻي پنهنجو پاڻ قربان ڪري کير کي بچائي ٿو، پر جيڪڏهن کير ۾ کٽاڻ جي ذري وجهبي ته کير ۽ پاڻي جدا ٿي ويندا. متر ڌرم به ان کير ۽ نير (جل) جي ميلاپ وانگر آهي. جيڪڏهن ڪو ڪپٽ ته جهڙي مترتا ۾ کٽاڻ پئي، پوءِ سواد به ويو ۽ مترتا به ڦٽي ويندي. متر ڌرم نباهڻ ڏکيو آهي. پر پيچ نشٽ نه ٿيو آهي؛ اڄ به سچا متر پيا آهن. مگر ان کان مٿي آهي سهرد يا پرم متر، جنهنجو مطلب آهي ٻئي سان اپڪار ڪرڻ بنا ڪنهن موٽ يا عيوضي جي ڀاونا يا اميد جي. رواجي مترتا ۾ عيوضي جي آس رهي ٿي ۽ وقت تي مدد نه ملي ته ڏک به لڳيو، پر سهردتا ۾ اهڙو خيال بلڪل ڪونه اچي. اها اتم قسم جي مترتا رکو سنت، مهاتمائون ۽ پرماتما ڪري ٿا سگهن. پرماتما ته ساري عمر رواجي وارن لاءِ سڀ ڪجهه ڏيندو ٿي رهي ٿو، ڪڏهن به ورڻ جي اڇا ڪونه رکي ۽ نه ڪو پنهنجي روزي بند ٿو ڪري.

ڏيرج، ڌرم، متر ۽ ناري - آپد ڪال پرکيئي چاري.

هن چڱن جي پرکيا ڏکئي وقت ۾ ڪري ٿي سگهجي. اهو ڏيرج ڪهڙو جو رکيو ان وقت هجي، پر دک ڪليش اچن ته دلگير ٿي اشانتيءَ ۾ غوطا کائجن؟ جيڪو ويتا وقت به شانت چت رهي ٿو، اهو ئي سچو ڏيرجوان آهي، پر اها شانتي به ساتوڪي هئڻ جي. اها انڪي اهڙي، جيڪو پاپ ڪونه ڪري، جنهن ڪري ڪيس ڪو ڀو ڪونه رهي. ٿي شب لڇڻ جو ڏيرج سرتاج آهي. ڌرم جي پرکيا به آپدا وقت ٿئي ٿي. ٿوري ٿي وقت اچڻ تي ڌرم کي ڇڏ ڏجي ته اهو ڌرم ڪيئن چئبو؟ جيڪو ڌرم تي رهي ٿو ته هو ڏکئي وقت هميشه رکيا ٿو ڪري. پارت ڪالهه ساري مهڀارت ۾ هڪ پرڪار

شرڻ ۾ آيلن جي انيڪ لمحن سان هر وقت رکيا ڪري ٿو، جيئن ڀڳوان ڪرشن پانڊون جي سا
وقت رکيا ٿي ڪئي. شوي راجا وڏو ڌرماتما ٿي گذريو آهي؛ پرن ڪيو هئائين ته جيڪ
۾ منهنجي شرڻ ايندو، اُنکي مان ڀؤ کان رهت ڪندس؛ سچ پچ اُهين ڪندو هو. اها
سندس مهما سرڳ لوڪ تائين پهتي. ديوتائن هنجي پرکيا وٺڻ چاهي. اندر ڀڳوان اگني
ديوتا کي چيو ته مان تو لئه باز؛ تون ٿي پوءِ ڪبوتر. مان تنهنجي پٺيان پوندس؛ تون
لاءِ وڃي شوي راجا جي شرڻ پئج. ڏسون ته ڪيئن تو هو تنهنجي رکيا ڪري؟ اُهين
فيصلو ڪري ٻئي اُڏاڻا؛ ڪبوتر وڃي شوي راجا جي گود ۾ پيو؛ پوءِ چوڻ لڳو ته "راجن!
هي باز موٽکي کائڻ لاءِ پٺيان پيو آهي، اُن کان منهنجي رکيا ڪريو. مان اوهانجي شرڻ
آيو آهيان." باز چوڻ لڳو ته "راجن! هي ڪبوتر منهنجو کاڄ آهي، سو هنکي ڇڏيو ته مان
کپس کائي، بيحد بکيو آهيان." راجا چيس ته "هيءَ ته هاڻي منهنجي شرڻ آيو آهي، سو مان
توکي اُهين ڪڏاهين ڪين ڏيندس." باز چيو ته "راجن! تون ڌرماتما آهين، پوءِ ڪيئن
تو منهنجي روزيءَ جي آڏو اچين؟ جي مان بک وگهي مري ويندس ته پاپ توکي لڳندو."
شوي راجا چيس ته "بک لاهڻ لاءِ مان توکي پنهنجي شرير جو ماس ٿو ڏيان، پر هنکي
ضرور بچائيندس؛ توکي بک ۾ مرڻ نه ڏيندس." هڪ راجا ٿي هڪ پکيءَ جي شرڻ پيون
ٿي اُهين ڪري ته ڪيڏي نه اَثر ڀالهه ڇئبي؟ باز چيو ته ڇگو هن جي تور جيترو ماس مون
کي ڏيو. تارازي گهرائي وئي. هڪ طرف اُن ڪبوتر کي رکيو ويو؛ ٻئي طرف راجا
پنهنجي سٿر جو ماس ڪٽي وڌو، پر اهو ڪبوتر ته اگني ديوتا هو، سو وڃي ڳرو ٿيندو
آخر ٿورو ٿورو ڪري ساري شرير جو ماس ڪٽي ڪٽي راجا رکيو، پر ڪبوتر وارو
هيٺ ئي رهيو. آخر پنهنجو سر لاهڻ لڳو ته اندر ديوتا سڃيو ته ڌن آهي هي راجا
جو هڪ ڪبوتر لاءِ اهڙي قرباني ڪرڻ کان نٿو ڪسي. هڪ ڪبوتر کي ته هوند هڪ
۾ جهٽ هٽي کائي وڃي. راجا وٽ لکين ماڻهو ڪم ڪندا، پر اُنهن کي ڇڏي هو پنهن
جي شرير جو ماس پيو ڏئي. يڪدم باز ۽ ڪبوتر پنهنجي اصلي سروپن ۾ ظاهر ٿيا
چيائون، ته "هي راجن! تون ڌن آهين." اندر ديوتا امرت جي ورکا ڪري اهو ڪٽيل ماس
راجا جي شرير ٿي رکي ڪيس سواڌان ڪيو؛ سندس اُستت ڪري، ٻئي سرڳ لوڪ ويا
وزيرستان ۾ اُنهن جا رهاڪو ڏاڍا ظالم، بي رحم ڪاساني آهن، پر جيڪڏهن ڪو چوري
ته مان اوهان جي شرڻ آيو آهيان ته ڪير ۾ هجي، هندو خواه مسلمان يا ٻيو ڪير، ته يڪدم
هو هنکي پاڻ سان وٺي ويندا. پاڻ ۾ وڙهندا، پر هنکي هٿ لائڻ نه ڏيندا. هنجي هڪ
ٻئي کان ۾ رکيا ڪندا. اهو اصول هنن ۾ بلڪل اعليٰ آهي، پر اسين هندو پاڻکي اهنس
جا پوڄاري ڪوٺائي ۾ ڪو شرڻ اچي ته هن ٿي هاسي مسخري ڪريون ٿا، ته ڌڪي ليـ
آهي، تڏهن تو اُهين ڪري. پنهنجو فرض وساري ويٺا آهيون. جيڪي ڀڳوان جي شرڻ
وٺن، اُنهن جا سڀ پاپ، ڏک ۽ سنسا دور ٿيو وڃن؛ هنن جا سمورا ڪارج سڌ ٿيو پون
دروپديءَ کي جڏهن دريوڌن سڀا ۾ ننگو ڪرڻ چاهيو، تڏهن هنکي ساريءَ سڀا ۾ ويٺل

رلي. خيال ڪيائين ته ڇون نه سچ ٿا. مون گرو برابر ڌارڻ ڪرڻ ڪيو آهي. سڌو ويـو
شنو ڀڳوان وٽ ۽ آڳيا وٺڻ لڳو ته ڪنهنکي گرو ڌارڻ ڪريان. ڀڳوان چيس ته سڀاڻي سوير
و ڪنهن نگريءَ ڏي وڃ ۽ جيڪو منش اول توکي گڏجي اُنکي گرو ڪج. آڳيا انوسار
، ويو ته اول ڪيس هڪ مهاڻو گڏيو، جو ڄار ڪلهي مڇيون ڦاسائڻ لاءِ وڃي رهيو هو. نارد
يدس ڇرڻن تي ڪري پيو ۽ ڪيس چيائين ته ”سائين! اوهان منهنجا گرو آهيو. مونکي
ان اپديش ڏيو.“ هن چيو ته ”ابا! مان ڇا ڄاڻان گرو لڳڻ مان؟ مونکي اچي ڄاڻو،
و مان توکي ڪهڙو اپديش ڏيان؟“ مگر نارد چيس ته ”مونکي ڀڳوان اها آڳيا ڏني آهي،
و ڪيئن به ڪري مونکي اپديش ڏيڻ جي ڪرپا ڪريو.“ مهاڻي به ڏٺو ته هيءُ شردا
و آهي ته هن جو ٻيڙو ضرور پار ٿيندو ۽ هن جي صدقي مان به تري ويندس. سو مهاڻي
س ته ”چڱو ابا! رام رام جو وڃي جاپ ڪر.“ اهو گر منتر وٺي نارد نمسڪار ڪري
هو. رستي ۾ سوچ ويچار ڪيائين ته ”گرو ته ڪيم پر ....“ اڳتي لفظ نه چيائين، ڇو ته
ل آهس ته گروءَ لاءِ ڪجهه به گهٽ لفظ نه خيال ۾ آڻڻ ۽ نه چوڻ گهرجي، مگر ”پر“
ڇڏي ويٺو هو. آخر ويو وشنو ڀڳوان وٽ. هن پڇيس ته چيائين ته ”هائو سائين! گرو ته
ن ڪري آيو آهيان، مگر ....“ ڀڳوان چيس ته ”بس وڌيڪ لفظ واهه مان نه ڪڍج.
گروءَ لاءِ ”مگر“ لفظ چيو آهي، سو ٨٤ لک جونيون ڀوڳي، ته اهو دوش ٽوٽان لهي.
ءِ لي تو اعتراض ڪيو آهي، جو هن جو نرادر آهي ۽ وڏو پاپ آهي. نارد چيو ته ”گرو
ڌارن ڪيم پر سنسو به رهيو ۽ ٨٤ لک جونيون به ڀوڳيان!“ ڀڳوان چيس ته ”انهن کان ڇٽڻ
ـه گروءَ کان وڃي رستو پڇ.“ هو ويو ۽ صبوح جو سوير ساڳئي هنڌ اهو مهاڻو ڪمس
و. ڪيس ڇرن وندنا ڪري ڇٽي ٻڌايائين ته ”سائين! مون اوهانکي گرو ڌارڻ ڪيو، پر
ڪجهه ڪترڪ ڪيم، ان ڪري ڀڳوان مونکي ٨٤ لک جونين ڀوڳڻ جي سزا ڏني
. اوهان ڪو ڇوٽڪاري جو رستو ٻڌايو.“ هن چيس ته ”نارد! ڪو فڪر نه ڪر.
ن کي وڃي چؤ ته سائين انهن ٨٤ لک جونين جو نقشو ٺاهي ڏيکاريو. ڀڳوان توکي اهو
ز زمين تي ٺاهي ڏيکاريندو ته انهيءَ مٿان ليٽي پيٽي چئج ته سائين! اهي ٨٤ لک
ون به اوهان پيدا ڪيون آهن ۽ هيءُ به اوهان تي لاهيون آهن. گروءَ جي چوڻ
جب مان هيءُ جونيون تو ڀوڳيان.“ نارد ائين ڪيو. ڀڳوان ڏاڍو خوش ٿيو. گروءَ
سهرد پڻو ڪيڏو نه اوچو ۽ نشڪام آهي، جو شش کي ٨٤ لک جونين ڀوڳڻ کان
ي ورتائين! ان طرح سنتن مهاتمائن جا اپديش به اهڙالي ڪلياڻڪاري آهن ۽ مورت ۾
ه بـه ڪمن ڪرڻ تو ملي. توري گهٽي شيرا جو ڪم سڌن ڪريٿو، سا به پهنجي
ياڻ لاءِ ۽ اها به سڌن اپڪار جي ڀمت ۾ لڳ آهي ۽ سڌن سهرد پڻي جو اُجرو نه
. سچو گرو ته پرم ڌام پراپت ڪرڻ جو رستو تو ڏيکاري، سو ان جي اجرت ڪيئن
ر ڪٽي سگهندو؟ پرماتما جا ته هن جڳ تي بيحد ٿورا ماتا جي گرڀ کان وٺي مرڻ
ٿين ٿا، جن لاءِ هي جڳ ڪو به عوضو ٿورو ڏيئي سگهي. جڏهن هو اهو سهرد پڻو

جي ڌرمشالا آهي يعني ڌرم جو گهر (نه مسافرخانو). اهڙي ديس ۾ ليِ ڪري، جڪ
ڌرم جي عزت نٿو ڪري، اهو آخر ڪرندو ۽ دکي لي راوڻ وانگر لڙهون ٿيندو وڃندو
ساڳيءَ طرح متر ته سچا اُهي آهن، جي دکن ۽ ڏکيءَ وقت ۾ ڪم اچن. اُهين نه ته سگهن
اچي خوب کائي پي خوشامد ڪري پيار ڏيکارين، پر مصيبتن ڪو ڪم پوي ته اُهي اگلي لـ
ڪو دک، غريبي وغيره اچي، ته منهن موڙي وڃن. ڀڳوان رامچندر ته متر بابت چي
آهي ته پنهنجو دک سمير پربت جهڙو ڀاري هجي لـ ته هڪ مٽيءَ جي ڪڻي برابر
سمجهي، پر متر جو دک ٿورو جيترو هجي ته به اُنکي سمير پربت جهڙو ڀاري سمجهي، اُ
ڪي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ان طرح استريءَ جي سچائي به اوکيءَ وال لي پڌري
ٿئي. جڏڪا زال وڃڻا اچڻ لي پتيءَ کان منهن موڙي لي ۽ همدردي نٿي ڏيکاري
مددگار نٿي ٿئي، اها سچي استري نه آهي. سيتا ماتا جو مثال لاثاني آهي. ڪيس بنواس
ڪونه مليو هو ته به پتيءَ سان بنواس وئي ۽ هن جي شيوا ڪيائين. خود ڀڳوان رامچند
گهٽولي جيس ته ڪڏهن ساهري ۽ ڪڏهن پيڪي رهي ۱۴ ورهيه گذار. پر هن صاف چي
ته پتي بن ۾ پٽ لي سمهي، ڪندمول کائي، پيري اُگهاڙو ڦري ۽ آءٌ همت سيج پلنگ
لي سمهان، سندر کاڌا کان، اهو ڪداچت ڪين ٿيندو. ڪي چون ٿا ته پرماتما ته ڪر
جو ڦل لو ڏئي، پوءِ هو سهرد يا پرم متر ڪيئن ٿيو؟ هو ڪجه وڌيڪ نه ڏئي لي ڪ
لو. ليڪن هو سڀ ڪجه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن راضي لي پوي ته ڪمڙي ڪ
بادشاهي ڏئي لو وجهي. هو انصاف برابر ڪري ٿو، پر ان سان گڏ مهر، ڪرپا، ديا ب
ڪري ٿو ته ڪه انسان اهڙا نه پاپ ڪري ٿو، جو هونئه ڪرمن جي بار ۾ سڙي مري. وواج
ماءُ پيءُ ته ٻارن کي سزا ڏين ٿا، پر ان ۾ مصلحت ۽ پريم سمايل هوندو آهي ۽ ديا سا
هنن جي دل ڀرپور هوندي آهي، نه ته هونئه ٻار اُهين ڪونه وڌي وڃهي، پر ڪومالجي
ختم لي وڃي. ان طرح پرماتما جو سهردپڻو ته ساري جڳت جي جيون جي رکيا ڪري ٿو
گروءَ جو سهردپڻو ته بلڪل ڀاري آهي، چو ته هو ڀڳوان جي ملڻ جو گيان ۽ رستو لو ٻڌائي
پر اُن لاءِ هو ڪو به عيوض نٿو طلبي. گروءَ کي ڪيترو به شش ڌن پدارٿ ڏئي يا ڪيترو
به سندس شيوا چاڪري ڪري، نه ته ان گيان ۽ شڪيا جي قيمت ڪداچت نٿو چڪا
سگهي. سچا سنت، مهاتمائون به ٻيا ڪنهن بدلي جي لوڪن جو هر وقت ڪلياڻ ڪر
جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا ۽ سارو وقت لن پراپڪار ۾ لڳائين ٿا ۽ انکي سڦلو سمجهن
گروءَ جي سهردپڻي جو هڪ انوکو مثال شاسترن ۾ آيو آهي:-

ديو رشي نارد جڳتامع ليرڻه لي ويندو هو. اُجا گرو ڌارڻ ڪرڻ ڪيو هتائين
مرليؤ لوڪ جي مريادا آهي ته گروءَ جي آگيا کان سواءِ جپ سڦل نٿو ٿئي، چو ته هڙ ل
سنت وسنوءَ جو دان ڏئي لو. نارد مني جڏهن الي ويندو هو ته سندس موٽڻ کان پوءِ ب
ان زمين کي کوٽيندا هئا ۽ اُتي مٽي وجهندا هئا، چو ته هو سمجهندا هئا ته هو نگروآ
۽ سندس وڃڻ ڪري اها مٽي به اَپوتر لي پوي ٿي. ناردمنيءَ ڪنهن وقت اها ڳالهه ٻڌ

مٿين ڇهن شلوڪن ۾ ڀڳوان پنهنجي سرو روپ ۽ سرو وياپڪتا جو ورڻن ڪيو آهي ۽
ي اُهن کي ٻڌائي ٿو ته مان ڪو انهن جي رمڻ لئي وهنل نه آهيان. مگر منهنجو واسترڪ
ب پيو به آهي. هن شلوڪ ۾ پنهنجي اُن سرو روپ جو وڏيڪ بيان ڪندي چوي ٿو
سورج روپ سان مان ئي گرمي، روشني ۽ تپت ڪريان ٿو. مان ئي ٨ مهنا سورج جي
ڻن دوارا سمنڊن، تلاون، ندين وغيره مان جل ڇڪي وٺان ٿو ۽ پوءِ چار مهينا
ؤماسي جا) ورشا ۾ بادلن دوارا مان ئي لڙ ڪريان. سائنس ته چوي ٿي ته جيڪو
گرمي ۽ سج جي تپت ڪري ٻاف ٿي مٿي وڃي ٿو، اُن مان ئي بادل ٿي ڌرتيءَ
وسن ٿا. ليڪن ڀڳوان صاف ٿو چوي ته اهو سڀ ڪرڻ وارو ۾ مان ئي آهيان. سڀني
ن جي زندگي ۽ موت ۾ مان ئي آهيان يعني ته سڀ ڪجهه سندس حڪم سان ٿئي ٿو.
سي طرح حڪم ڏيڻ وارو ۽ حڪم ۾ جدا وستو آهن، پر ڀڳوان چوي ٿو ته حڪم ۽
م سڀ ساڳي آهي. سورج ۾ هو ته گرمي ۾ هو، وري بادل ۽ برسات ۾ هو ته سردي ۾
يعني ته هو روپ ۽ سرو روپ ۾ هو ئي آهي. شري جپ صاحب جي پئي پوڙيءَ ۾
وجن سمجهايو آهي ته ساري سنسار جا جيو ۽ پدارٿ سڀ هڪ پرماتما جي حڪم ۾
رهيا آهن، پيدا ۾ سندس حڪم سان ٿيا آهن ۽ اسٿت ۾ سندس حڪم ۾ آهن ۽ لين
ن جي ئي حڪم اُنوسار ٿيندا. هن جي حڪم کان ٻاهر ڪجهه ۾ نه آهي. پوءِ اسين
ا ايمان ڪريون ته هيءُ مون ڪيو، هي مان ڪندس، هيءَ زمين مون ورتي آهي،
جاءِ يا ملڪيت منهنجي آهي، مان آفيسر آهيان، ڌن دولت منهنجي آهي وغيره؟
ولي ڇڻون ٿا ٻلاٽو بچ پوکيندس ۽ پوءِ هي فصل ٿيندو، پر اهو ۾ ڪر ياد اٿئون ته
جل ڪهي ۽ اهو ته اسان جي وس ۾ نه آهي؟ اها سڀ ليلا پرميشور جي هٿ ۾ آهي.
را دفعا ڏٺو اٿئون ته کيتي ۾ چڱي ٿي، اُن ۾ تيار ٿيو، پڪو ٻيو. مالڪ ڏاڍو
ته چڱو اُن لهندو، هاري ۾ پرسن ۽ پر اچانڪ ماڪڙ اچيو هڪ ڏينهن ۾ سڀ اجاڙ
ي وڃي! جيڪڏهن اسان جي وس جي ڳالهه هجي ته جيئن هيترو وقت ٻنيءَ جي
يال لڌيسين، ليڪن باقي ماڪڙ وقت ڇو نه ڪري سگهياسين؟ ڇوته اُها ۾ سڀ
ايشور جي حڪم موجب ٿئي ٿيو ۽ اسان جو اُهمان خام خيال هو! پر اسين اهڙا سون
ن ڏسي ۾ سکون ڪٿي ٿا؟
سڪندر بادشاه کي گهڻو ايمان هو ۽ پاڻ کي سڀ ڪجهه سمجهندو هو. چوندو هو ته
لوڪن جو مان بادشاه ٿيندس، پر هر ڪو ڄاڻي ٿو ته ڪجهه ۾ وس نه هليس. اُمرت
شمي وت وهندي ۾ پرم وڃان اُمرت نه پي سگهيو ۽ جو ته ڀڳوان جي اجا اڃا نه هئي
ظالم کو اُمرت پئي. هو ته رواجي انساني حياتي ۾ ڪانه پاڻي سگهيو ۽ ۳۵ ورهين
نديءَ عمر ۾ ئي ختم ٿي ويو. لقمان جهڙو حڪيم ولس هو، پر هو ۾ ڪيس اُپسار
اريءَ کان ڇڏائي نه سگهيو ۽ هو اُن بيماريءَ ۾ مري ويو. ڀڳوان صاف ٿو چوي ته
موت ۾ هو ساڳي آهي يعني اهي ۾ سندس حڪم ۾ ئي پٽل آهن.

نه ڏاري، پر اسانکي انصاف پڻ وجهي نه هوند أسين هڪ ڪن نه سکي رهي نه سگهون
هڪڙا ٻه ٻالڪ هڪ ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيا، پر ٻنهي جي پڻ گڏيل هئي، ا
سڀ انگ ۽ عضوا جـدا جدا هئن. وڏا ٿيا. هڪ سمهي نه پيو ٻه سندس مٿان سمهـي
هڪ ڪـي ڪاڪوس پيشاب جو خيال ٿئي نه ٻئي کي گڏ وڃڻو پوي. ڏاڍا دکي ٿيا جـ
هڪ ٻئي جي پراڌين هئا. هڪ نه ڏاڍو گرمک هو ۽ هميشه پرماتما جو شڪر ڪندو هو
پيو چوندو هوس نه ”ڇا جو ٿو ڀڳوان جا ٿورا مڃين؟ هن ڪان وڌيڪ وري پيو ڪهڙو دک
ملندو؟ ڪيڏي نه تڪليف ٿا پيا سهون؟ آرام سان سمهي به نٿا سگهون؟“ پر هو ته
چوي: ”أدل! پرماتما نه سهرد (پرم متر) آهي. هيءُ دک نه اسان جي ڪرمن جو ڦل
آهـي.“ جنهن الهين شڪرگذاري ٻئي ڪئي، ان جا پران نه جلد ئي پيا ڪنهن بيماري
ڪانڻ جـي نڪـري ويـا ۽ ناستڪ جـو شرير جيئرو رهيو. اڄ پر نه ٻئي شرير ٻنهجي
طاقت سان هلندا هئا، پر هاڻي نه جو شرير مري ويو، انکي به کيس ڪلهي هلڻو پوندو هو
وري ان شرير پر جلد ئـي ڪيڙا پـ پئجي ويا ۽ پيو ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳو. ٻنهي جا ڪر
نه هڪجهڙا هئا ۽ هڪجهڙو هڪ گهر پر جنم مليئين، مگر هڪ شڪرگذاري ڪري پاڻ
ڦل دور ڪري ساڻين ۽ جو رحم حاصل ڪيو ۽ دکي حياتيءَ کان ڇٽي ويو، پر ٻئي ئي دک
مٿان دک ويا وڌندا ۽ ڏاڍو وياڪل ٿي، بيماري ڪانئي ساهه ڏنائين!

(٨) اتپتي ڪندڙ، (٩) لـه يا ناس ڪندڙ ۽ (١٠) استٿي ڏيندڙ:-
سڀني جيون جو اُپائيندڙ، لـه ڪندڙ ۽ پالڻندڙ هڪ ڀڳوان ئي آهي، اهو نه هرڪو ٿو ڄاڻي
۽ ڀڳوان به هن شلوڪ پر اهو صاف ٿو ورڻن ڪري نه ساري برهمانڊ پر پيو ڪوبه نه آهي
جو هنن ڪالهن پر ڪاٻه دست اندازي ڪري. ڀڳوان چاهي نه پيا ساس جي بـ جيئـ
رکي سگهي ٿو.

(١١) نڌان: نڌان لفظ جا ٻه ارٿ آهن: خزانو ۽ گهر. ڀڳوان ئي سڀني جو گهر آهي
۽ هو ئي هرهڪ جو پرم خزانو آهي. سڀڪو آخر هن پر ئي وڃي ٿين ٿيڻو يعني هن کـ
پراپت ڪرڻو. ڀڳوان جهڙي ٿو نـه سون، چاندي ۽ جواهرات جي کاڻين روپ نڌان
نان آهيان.

(١٢) ابناسي ٻج: هن جو مطلب آهي نه ٿين سڀني ڀڳوان پر ٿين ٿا ۽ هو ئي
ٻجي ٿو ۽ وري جڏهن نئون ڪلپ شروع ٿيڻو نه سڀ سجهائيندس ئي ٿا پيدا ٿين يعنـ
هـو ٻج روپ آهي ۽ ڪڏاهين ناس ٿيو ٿئي. سمورن جڳت جي الهتيءَ جو سرڪيمر لـ
يعني ڪارڻ پرميشور ئي آهي، جو ٽنهي ڪالن پر قائم رهي ٿو.

شلوڪ ١٩. هي ارجن! مان ئي [سورج روپ ٿي] تپت ڏيان ٿو، ما
آهي جل روپ رس ڇڪڻ وارو ۽ وري اُن کـي ورشا روپ پر وسائڻ وا
آهيان. مـان ئي امرت روپ (يعني زندگي ڏيندڙ) ۽ مرتيو روپ (يعنـ
موت ڏيندڙ) آهيان. مان ئي ست ۽ است روپ آهيان.

وڌيڪ ڀڳوان چوي ٿو ته ست ۽ اَست به مان آهيان. "ست" جو مطلب آهي جو
سڻ ۾ اچي ٿو يعني پيدا ٿيل پدارٿ، ۽ اَست جو مطلب آهي اُهي پدارٿن کي پيدا ڪرڻ
و، جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اَست جو هت اهو ارٿ نه آهي ته جو هجي ئي نه، ڇو ته آهيئي
ته ان مان ڪجهه به ڪيئن پيدا ٿيندو؟ هي ست ۽ اَست لفظ رواجي مطلب سان ڪم
ا ويا آهن، جيئن دنيوي ماڻهو نا سمجهن، ڇو ته هنن جي خيال ۾ دنيوي پدارٿ ئي
ست ڏسجن ۽ آتما جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، اهو اَست ٿيو پاسي. پر سچي ويدانتيءَ لاءِ
م آتما ست آهي، ڇو ته هو هميشه آهي ۽ ڪڏهن به بدلجي يا ناس بلڪل نٿو ٿئي ۽
مان جيڪي پيدا ٿيو آهي، اهو اسٽ آهي، ڇو ته اهو بدلجندو رهي ٿو ۽ آخر ناس
يندو يعني وري برهم ۾ لين ٿي ويندو. ڪي هيئن اهو مطلب نا ڪڍن ته جي اَست ۾
ن آهي، ته پوءِ نيڪي ۽ پاپ جي ماڻهو ڪيتا ته آهي ۽ ڀڳوان جي حڪم سان نا ٿيئن.
ر، پر جيڪو پرماتما جي حڪمن لي هاي ٿو، ڌرمڪ آهي، اهو نيڪي يا پاپ ڪداچت
ن ڪندو. اِهي ته ممڪ ني نا ڪن. جيڪو چوي ٿو ته مون پرو ڪرم يا نيڪي پرماتما
حڪم موجب ڪئي آهي ته اُن جو قبل به هن جو حڪم سمجهي پوڳي. جيڪو حڪم
ي ٿو، اهو ڪداچت هرمئي نٿو ڪري. جيڪو نٿو مڃي، اهو ٿي پنهنجي ممتا لو رکي
ن ممتا ني سڄو ڪم بگاڙيو آهي. پرماتما جا قاعدا قانون سڀ ويدن، شاسترن، سمرتين،
يدن ۽ رشين منين جي سکيائن ۾ ڏنل آهن، جي اسان کي ٻنا ڪيهن حجت ۽ ڪترڪ
م ۽ شڪ جي مڃڻ گهرجن. جڏهن سرڪاري قانونن کي به اسين وهنوار ۾ مادر ڪري مڃون
اڄايا بحث مڪونه نا ڪريون، ته اهي قاعدا ڇو نهيا يا نه نهڻ ڪيندا هئا، لڏهن پرماتما
ي بتايل نيمن ۽ قاعدن لي وهي اعتراض وٺڻ ڪيڏي نه بيوقوفي ۽ من مکتا آهي؟
۽ اَست جو اهو به مطلب آهي ته گيان ۽ پرم ڀڳتي هو ٻاڻ آهي، جيئڻ ۽ مرڻ ٻم
ن چوي ٿو ته مان پاڻ آهيان! هڪ دفعي اِندر ديوتا ڏٺو ته ٻلي راجا اڪيلو لهسيا
ي رهيو آهي. کيس اندر سماڌيءَ مان جاڳائي چيو ته "توکي مان هي پنهنجو وڄرو
ماريندس، ڇو ته تون لهسيا اِن لاءِ ٿو ڪرين، ته منهنجو تخت وٺين." ٻلي راجا سرچيو
يءَ الٽين ڪري ته سگهي ٿو، پر مان ڏسان ته منهنجو موت هن جي هٿان ليٽو آهي
يوڳ بل سان ڏٺائين ته انين ڪونه ليٽو آهي. اِن ڪري کيس چيائين ته "هي اندر!
جيڪي توکي ڪرڻو هجي، سو ڪر." اندر ديوتا مٿس پنهنجو وڄر هلايو، پر هڪڙي
ه ٻه نه ٿيو، جيتوڻيڪ اُن ني وڄر سان هن سرين پهاڙ ڀڄُور ڀڄُور ڪري ڇڏيا هئا.
ته زندگي ۽ موت ٻئي هڪ پرماتما جي هٿ ۾ آهن. پرماتما اَمرت روپ آهي. ان
طلب اِهو آهي ته سندس نام ني سچو اَمرت آهي. نام جپڻ جي مهما ويدن، شاسترن،
سمرتين سڀني ڪئي ڪئي آهي. جيئن هڪ باه جي چڻنگ هزارين لکين منڻ ڪاٺين جا
خاڪ ڪري ٿي سگهي، هڪ ننڍڙو پارس پٿر جو ٽڪر لکين منڻ لوهه جا سون ڪري
هي، تيئن نام به هزارين جنمن جا پاپ گناهه ناس ڪري سگهي ٿو. راجا جنڪ پنهنجو

ورتي پر پاڪر ٽالي هندي، ۽ هڪ گرنٿ آهي. اُن ۾ آيو آهي ته پرماتما
حڪم انوسار ڦلاڻي سال ۾ هيئن ٿيندو. جوتشي ۽ ڀڳهچي علم سان ٻڌائي ٿا سگهن
ابتدا وقت ۾ ڇا ٿيندو. ڪي سال اڳ هو اڳڪٿيون ڪري ظاهر ٿا ڪن، ته ڇا ابتدا
اها شڪتي نه آهي جو ساري قدرت جو مالڪ ٿي ڪري، سڀ ڪجهه اڳ ۾ ئي
ڄاڻي ته هن وقت هيءَ ٿيندي؛ هن وقت هو ٿيندي، ڦلاڻي وقت ڦلاڻو جيو پيدا ٿيندي ۽
وقت ڦلاڻو مري؟ هنڪي اهي سڀ شڪتيون آهن. پرماتما جا پيارا سڀ پرماتما جي
ڪي سمت ڪري ٿا ڏيکن. **نانڪ پرڪاش** ۾ آيو آهي ته گرو صاحب جڏهن اچ
(بهاولپور) ۾ پير جلال الدين وٽ ويا ته اُن پير سان سندن سنواد ٿيو. صاحبن چيو ته
سرشٽي هڪ پرماتما جي حڪم ۾ هلي رهي آهي؛ جيڪي هو ڪري ٿو، سو سڀ
آن ٺيڪ آهي. پير اها ڳالهه پورن ريت قبول نه ڪئي. گروجن چيس ته چڱو مان
نڪي تو پران، لون وڃي ان ڳالهه جي پريکيا وٺي اچ. هو سمنڊ طرف ويو. ڪنار
هڪ پهاڙي پرسان هئي. اتي هڪ سنت منڊلي ويٺي هئي؛ هيٺان آٿاه سمنڊ
ڇوليون هڻيون. ڏٺائين ته سمنڊ ۾ بارش پيئي پوي. من ۾ سوچڻ لڳو ته سمنڊ ۾ ات
آهي، وڌيڪ بارش پوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ خشڪ زمين تي وارياسي ذرن
پوي ته ڪم ۾ اچي. مطلب ته ڀڳوان جي ان حڪم کي هن ڇڻ قبول نه ڪيو؛ اڳتي
سير ڪري وڃي ان پهاڙيءَ تي نڪتو، جتي سنت منڊلي ويٺي هئي. هو ۽ انهن
پرسان وڃي ويهي رهيو. رسوئيءَ جو وقت ٿيو ته اتي ويٺل سڀني لاءِ آڪاش مان
ڇ.ون ٿالهيون آيون؛ اچي سڀني اڳيان پيئون، مگر هن پير جي لاءِ ڪانه آئي. هن
جي مهنت سوال ڪيو ته "سڀني کي ڀوڄن ملي ويو؟" ته هڪ ڪم ڪندڙ چيو ته
هن پير صاحب کي نه مليو آهي." مهنت پير کان پڇيو ته "سائين! ڪا من مڪتا ته
ڪئي اٿو؟ سائينءَ جي ڪرتيءَ تي ڪو اعتراض ته نه آندو اٿو؟" هن چيو ته "
ڪجهه ۾ نه ڪيو آهي، رڳو اهو سو خيال آيو ته سمنڊ تي جو برسات پئي پوي ته اها
آهي." مهنت چيس ته "پير سائين! اها شنڪا ٺيڪ نه آهي. هن سمنڊ ۾ اهڙا
جيو رهن ٿا، جي سمنڊ جو کارو پاڻي نٿا پيئن. اهي بارش لاءِ واجهائيندا رهن
برسات جي بوندن مان سيمن ۾ موتي ٿا ٺهن. اوهان جو عقل نه پهتو ته بس؟ اها
جي منمڪتا آهي. پرميشور جيڪي ڪري ٿو، سو بلڪل ٺيڪ؛ درست سمجهڻ ڪ
آخر پير کي معلوم پيو ته گرو نانڪ صاحب جي واڻي سچ آهي. اچي گروجن جي
تي ڪري پيو؛ اڄ تائين گروجن جي چاڪڙن جي شرا اتي ٿيندي آهي. مطلب
ڪجهه پرماتما جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. سوَرج ايشور جي حڪم سان ٿو تپي
بارش، سردي، گرمي سڀ هڪ ايشور جي حڪم سان ٿين ٿا، مرليو ۽ هنجي هڪ
جيون کي ماري ٿو، پراڻ ۽ هن جو ٿي داس آهي، ساري شڪتي هڪ پرم
تي نڪري.

ڪن ٿا، اُهي ديوتائن جي راڄا جو سرڳ لوڪ پراپت ڪري، ديوتائن وارا
لوڪ ڀوڳي ۽ سک ماڻين ٿا.

هن شلوڪ ۾ ٽن ويدن جو ورڻن ڪيل آهي، جو اُنهن ٽن (رگ، سام ۽ يجر) ۾ ڪي
ي آدي شڀ ڪرمن جو ورڻن ڪيل آهي. چوٿون آهي اٿرو ويد، جنهن ۾ هن لوڪ لاءِ
يم ورڻن ڪيل آهن. ويدن جي آگيا اُنوسار يڳيه وشنو ڀڳوان جو سروپ آهن ۽ اُنهن مان
نهڪرڻ جي شڌي ٿيندي. يڳين جي سڦلتا لاءِ پرارٿنا ڪئي آهي ته اسان جو يڳيه قبول
ي ۽ اسانکي سرڳ ملي. اُنهن ۾ دان پڻ اچي وڃي ٿو. جڏهن پڄن، دان، شڀ
رمن، يڳين، تيرٿ اشنان ۽ ٻين سادنائن جو ڦل ڪلو ٿئي ٿو، تڏهن سرڳ ۾ واسو ملي
جتي ديوتائن وارا ڀوڳ پدارٿ ۽ سک ملن ٿا. ڪي جگياسو اُنهن ڀوڳن پدارٿن ۾ ڦسي
يت ٿي، پنهنجي شڀ ڪرمن جو ڦل ضايع ڪندا ۽ سرڳ جي اپسرائن، ڪلپ ورڪش ۽
ٻين لاڀ ڏيندڙن پدارٿن ۾ لڳل رهي، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. مگر جيڪي
ٻڌيءَ وارا آهن، اُهي سرڳ لوڪ ۾ وڃي به اُنهن پدارٿن ۾ نٿا اٽڪن ۽ اڳتي قدم وڌائڻ
ڪوشش ڪندا رهن ٿا ۽ آخر پرم پد کي پائين ٿا.

جيڪڏهن اُهي سڀ شڀ ڪرم نشڪام ٿي ڪيا ته اُنتهڪرڻ جي شڌي ٿيندي ۽
هن حياتيءَ ۾ ئي گيان لاءِ اڌڪاري ٿيو. شڀ ۽ ڌرم جي ڪرمن جا سٺا ڦل ڏيا ويا
ن. جنکي حياتيءَ ۾ اُهي سٺ ٿي پراپت آهن، اُنهن لاءِ ائين سمجهڻ کپي ته اڳين جنم
ورن ڌرماتما هئا. اُهي سٺ نشانيون آهن: (١) چڱي ڪل ۾ جنم ملي، (٢) شرير سندر
ي، (٣) راڄائي حاصل ٿئي، (۴) ڌن پدارٿ جام ملن، (٥) عزت مان گهڻو هجي، (٦)
وان ۽ چتر به هجي ۽ (٧) عمر وڏي ۽ تندرستي سٺي هجي. مٿي جنم لاءِ ملي، ٻيو
ڪڏهن هن چنڊال يا دردريءَ جي گهر يا ڪنهن پاپي ڪٽنب ۾ ملي، ته اهو سمجهڻ ته
و ۽ ورتو ويندو. مٿي ٿي ملي ته شرير به طاقت وارو، سندر، تندرست هجي ۽ مال
يت، عهدو ۽ عزت به چڱي هجي، دماغ اعليٰ ۽ عقل به چڱو هجي ۽ عمر به ڊگهي
ي، تڏهن سمجهو ته هن اڳئين جنم ۾ ڌرم جا ڪرم پوريءَ طرح ڪيا آهن. پاڻ ڪان چنڊ
مو مهاراج پنج يڳيه ٻڌايا آهن، جي نيم سان هميشه ڪرڻ جڳائن. پاپ ته هرڪو لورا
روز پيو ڪري. اُنهن جي تورليءَ لاءِ اُهي يڳيه ضروري آهن، نه ته وهنوار ئي پورو
نه ٿيندو. اُهي پنج يڳيه آهن: برهم يڳيه، ديو يڳيه، پتر يڳيه، ڀوت يڳيه ۽ اَتٿي
سري يڳيه. اُهي ويدن ۾ به ٻڌايل آهن ۽ ساري دنيا جا سڀ ڌرم مذهب اُنهن کي
ن ٿا. اُنهيجو ڪجهه وستار سان بيان اڳي ٿي ڪيو ويو آهي. [ڏسو اڌياءِ ٣ شلوڪ ١٣].

شلوڪ ٢١. اُهي [سڪامي پرش] اُن ڀاري سکن واري سرڳ لوڪ جا
ڀوڳي پنهنجي پڃ ڪرمن جي ڦل جي ختم ٿيڻ تي مرتيو لوڪ ۾ واپس

ڇڪل ٿام ڏٺي، ساري لوڪ ۾ ڦلن ڄمڻ جا ٻڌ ڇلاص ڪرائي، ڪين ڏکن ۽ ٻڌڙن
ڇڏايو هو.

پرماتما ست چت آنند روپ آهي. اهو نه ڪڏهن قبول ٿو ڪري، پر هو ساڳئي
اُسٿ ڪيئن آهي؟ اسٿ وستو معنيٰ جا شيءِ ٿئي ڪالن پر نه هجي. هي سارو س
نڪمان مان ٿيو آهي ۽ واسنا روپي ٿين لاءِ ڪڙو آهي. سپني ۾ اسين ڪيتري نه ر
ڪريون ٿا، راڳ دويش ڪٽون، متر ۽ ويري ٿين ٿا، لڙايون به ٿين ٿيون، خوشي ۽ رن
ٿين ٿا. رڳو هڪ سپنو لهڻ تي اهو سڀ ڏسي ٿو. ان طرح سنسار به اڳيان ۾ ٿو اسان
ناسي ۽ اسٿ هوندي به گيانوانن کي هڪ برهم يعني پرماتما جو ئي روپ ٿو ڏسڻ ۾ ا
هن بابت سکمني صاحب ۾ به آيو آهي:

آپ ست، ڪيا سڀ ست، تس ست تي سگلي اُتپت.

اها اُتپت آهي نه سچ پچ اسٿ، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پيدا نه ان ست ايشور مان
آهي. سکمني صاحب ۾ وري ٻئي هنڌ آيو آهي:

”اي جڳ ڌڙل ڪا ٺهه محل.“

هي جڳت ڏولهن جو محلات آهي. هي ٿيو لشڪر پکيه. ڪي بالڪ ۾ ٻهي پکيڙ
وچ اُچن ٿا ۽ ٻهي کي سمجهڻ شڌ ٻڌيءَ جو ڪم آهي. ان جو ڏاٺ پرچ آهي نه جيڪ
زيورن کي ڇڏيو نه سون آهي نه ڪو غلط نه ٿيو، جو نه آد، مڌ ۽ انت ۾ اهي زيور
روپ ئي آهن ۽ پر هرهڪ زيور جو نالو جو ڏسڻ ۾ ست ٿو اچي، اهو آهي رڳو ڪلپنا
نه هيءَ منڍي آهي، هي ڪنگڻ آهي وغيره. اهي نالا ڪو ست نه آهن ۽ نه سون
جدا آهن، فقط سمجهه ۾ اچن ٿا اچن. صراف ڪان ڪو پڇندو نه تو وٽ ڪيترو مال آهـ
نه هو اهين ڪونه ٻڌائيندو نه هيتريون منڍيون اٿم، هيترا ڪنگڻ اٿم وغيره، پر هو چ
نه سون وٽ دڪان ۾ هيترا تولا يا گرام سون جا آهن. هن جي نظر ۾ سڀ رڳو سون آه
ان طرح هي سنسار به برهم جو ئي روپ آهي، جو ست آهي، پر سنسار خود ست نه آ
جو نه اول ۾ برهم ۾ هو، جان هو لڪيو ۽ آخر به برهم ۾ لين ٿيندو. ان ڪري چئجي
نه ست اٿوا اسٿ سڀ پرماتما ئي آهي. سنسار ۽ سنساري پدارٿن کي اسٿ ڄاڻائڻ
مقصد اهو آهي نه اسين سمجهون نه اهي سڀ ناسونت آهن ۽ انهن لاءِ ويراڳ رکي ر
گيان طرف لڳون. جيئن مڪان جي ڪولي (ڪلڻ) لي وچڻ لاءِ ڏاڪڻ ضروري آهي،
گيان پرائڻ لاءِ ويراڳ جو هئڻ ضروري آهي. گرو تيغ بهادر جي واڻي گهڻي قدر و
واري آهي. گروجن پاڻ نه نرواڻ پد تي پهتل هئا، پر اها واڻي اسان لاءِ اچارن ڪيا
وشيه ۽ سنساري پدارٿن کي اسٿ ڄاڻي، ست پدارٿ، جو برهم آهي، ان طرف لڳ
سارو سنسار اسٿ آهي، پر آهي سڀ پرماتما جي آسري، جو ست آهي.

شلوڪ ٢٠. ٽنهي ويدن جا ڄاڻندڙ ۽ امرت پيئندڙ [سڪام ورتيءَ و
پاپن کان پوتر ٿي يڳين دوارا مون کي پوڄي، سورڳ جي پراپتيءَ لاءِ پرارٿنا

مؤت جو شڪار ٿيو. دريوڌن به انيڪ شڀ ڪرم ڪري آيو هو، جنهن ڪري سندس هٿ ۾ ڪنول گل جو نشان هو، جنهن ڪري لک روپيه خرچ ڪري ته به لک روپيه خزاني ۾ اچي پون. لڪشمي ديوي هميشه سندس حڪم ۾ رهندي هئي، پر پاپن ڪندي ڪندي سندس سڀ پنج ختم ٿي ويا ته آخر خوار ٿي مئو. دروپديءَ جهڙي پتورتا استريءَ جي بي عزتي ڪرڻ ڪري جو مهاپاپ لڳس، اُن سندس پنن کي ساڙي ڪيرڻ ڪري ڇڏيو.

گرو نانڪ هڪ دفعي مرداني کي سمجهايو ته ”انين نه سمجهه ته سنساري لوڪ پوڄا ٿا پوڄين، پر جڻ پنهنجي پنن کي پوڄي ختم ڪري رهيا آهن. اسان جا سواس ۽ پنج ڀڳتي ان طرح ختم ٿيندا ٿا وڃن. جي اچا انئون ته سک وڏن، ته پنج ڪرم ڪندو رهجي ۽ پوڄن طرف خيال به نه ڪجي.“ رڳو اڳيان پنج ڪرم ڪاني ڇڏيا، ته اڳتي ڪيئن سک ملندا؟ ڏکن وقت، لن ۾، يڌ جي ميدان ۾، اگنيءَ کان، جل کان بچڻ ۾ ڌرم ئي ٿو رکيا ڪري سگهي. ڌرم ڪيل آهي ته فتح ملي ٿي ۽ وڏين وڏين مشڪلاتن کان بچي ٿو وڃجي. پهن روپي ندي چالو آهي ته سکن جي ڦلواڙي به ساني سبز رهندي، نه ته سڪي ويندي.

سگل پدارٿ هئ جگ مانهين - ڀاڳ هين نر پاوت ناهين.

هن شلوڪ جو اهوئي اپديش آهي ته پنج ڪرمن کي ناس نه ٿيڻ ڏجي، پر وڌائيندو رهجي، نه ته سرڳ لوڪ نه ڪٽي ملي ته به آخر اُتان به ڌڪا ملندا ۽ وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ پيو ڀٽڪبو.

شلوڪ ٢٢. جيڪي ٻيون سڀ واٽون ۽ آسرا ڇڏي فقط منهنجو ئي چنتن پوڄن اننيه چت سان ڪن ٿا، اُنهن سدائين يڪت رهندڙن کي مان نه مليل پدارٿ پهچايان ٿو ۽ مليل پدارٿن جي رکيا ڪريان ٿو (يعني هنن جو سمورو جوڳ ڪيم مان ٿو ڪريان).

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان نشڪام ڀڳتن بابت ٿو وچار ٻڌائي، جيڪي رڳو هڪ پرماتما جي درشن ۽ ميلاپ جي ابلاشا آهي. اُنهن کي اننيه ڀڳت ٿو ڪوٺجي. هو سڀ ڪجهه هڪ پرماتما کي ٿا سمجهن. اٿندي، وهندي، سمهندي، کائيندي، پيئندي هڪ ايشور کي ئي ٿا پنهنجو ڄاڻن. هو سڀ ۾ هڪ پرڀو ئي ٿا ڏسن. جيڪي اهڙيءَ طرح رات ڏينهن ڀڳوان جي ڌيان ۾ لڳل رهن ٿا، اُنهن جي شرير جو نرواهه ڀڳوان ڇوي لو ته مان پاڻ ٿو ڏيان ۽ اُنهن کي جيڪي به گهرجي، اهو مان ٿو پهچايان ۽ جيڪي اُنن لڌهجي رکيا به ٿو ڪريان، ڇو ته اهو منهنجو ڌرم آهي. پرماتما ته ساري سنسار جي جيئن جي پالنا ڪندو، پر ڀڳتن ۽ ٻين جيون ۾ اهو فرق آهي ته ٻين جيون کي پنهنجو اُدم به ڪرڻو ٿو پوي، پر اننيه چت سان ڀڳتي ڪندڙن لاءِ اُن اُدم جي به ضرورت نه آهي. هنن جو سڀ ڪجهه پرماتما پاڻ ٿو رکي، جيئن اُبهم ٻار لئه ڌڙن ٻچن جو خيال ماتا خاص پاڻ رکندي آهي. ساري ماڻهن کي وهوار لئه لو گذران ملي، پر ڀڳتن جو ايشور جو ڌيان ڪرڻ ئي سندن

جنم وٺن ٿا ۽ اِن طرح تنهي ويدن ۾ ٻڌايل نيمن انوسار ڪامنائن جا ڳولائو ڪامنائون پراپت ڪرڻ لاءِ جنم مرڻ جي آواڳون ۾ ايندا ويندا رهن ٿا.

جيئن ريل، جهاز يا هوائي جهاز لاءِ ٽڪيٽ موجب ماڻهو سفر ڪري ٿو، ليڪن هر جيو، جو ڪامنا رکي شڀ ڪرم ڪري ٿو، سو انهن ڪرمن موجب، ٿورا يا گهڻا سرڳ يا ٻين لوڪن جا سک ڀوڳي وري مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺي ٿو. هت سنسار ۾ ڪيس ڪيس انيڪ سک دک ملن ٿا. هيءُ سارو سنسار ڪرمن جي ڦلواڙي آهي. اڳين جنمن جي پاپ ڪرمن ڪري اورنگزيب بادشاهه ٿيو. هن هندن تي اهترا ته ظلم ۽ زبردستيون ڪيون، جن جو حساب نه آهي. گرو تيغ بهادر وٽ، جڏهن ڪشمير جا هندو مدد لاءِ آيا ۽ آنند پور اچي ڪري عرض ڪيائون ته اسان کي هن ظلمن کان بچايو، نه ته اسان جو هندو ڌرم نا ٿيندو، تڏهن گرو جن کين ٻڌايو ته جڏهن ڪنهن وڏي مهاپرش جي قرباني ٿيندي، تڏهن هن جا پاپ ڪٽيا ويندا ۽ هندو ڌرم بچي سگهندو. هن پوءِ خود پنهنجو سر ڏئي ڪشمير جي هندن کي بچايو. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي. پرٿوي راجا به لکيو آهي ته هن سنسار جا ڀوڳ پدارٿ ڪهڙا موڪش جي چاهنا هجي ته شڀ ڪرم ڪري. ڪامنا رکي ڪرم ڪندو ته ڀوڳ پدارٿ ملندس ۽ جي نشڪام ٿي ڪندو ته انت ۾ موڪش پراپت ڪندو. ٻيا پاپ ڪرمن ڪرڻ جي ته رواجي دنيوي ڀوڳ به نٿا ملن ته سرڳ ۽ ٻين لوڪن جا سک ڪيئن ملندا؟

جلندر دئت ۽ شنڪر ڀڳوان جي هڪ سمي ٻڌ ٿي. شنڪر ڀڳوان ته سرو شڪتيمان هو، مگر جلندر جي اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن ڪري سندس استري طرح جي پتورتا هئي، جنهن ڪري ڪو به جلندر دئت کي جيتي نٿي سگهيو. دئت هٿرا ڪري، پاپ به گهڻيئي پئي ڪيائين، پر زال جو بل جهجهو هوس. من ۾ گهٻرائجي ڀڳوان وشنو ڀڳوان کي ياد ڪيو. جنهن تي ڀڳوان ٿان آئت ٿارڻ لاءِ جلندر دئت جي استري جو ڪنهن نمونې سٺ ڀنگ ڪرايو، ته پوءِ اهو دئت مئو. مطلب ته پڃن ڪري سک ٿا ... پر جي اُهي ختم ٿيا ته سک به پورا ٿي ويندا. سرڳ ۾ سک ته ملن ٿا، پر اُتي به ۽ اُوڻايون پڻ آهن. ڪي اهي آهن ته اُتي ڪامڌينو گئو ۽ ڪلپ ورڪش آهن، جي من گهريا پدارٿ ڏين ٿا. مها سندر باغ آهن، شرير هميشه جوان، سندر ۽ تندرست رهي ٿو، وڻندڙ ڀوڳ پدارٿ ملن ٿا، مها سندر استريون حاضر رهن ٿيون. دوش يعني اوڻايون اهي جو هڪ ته اُتي وڃڻ سان هڪ گلن جي مالها ملي ٿي، جا گلي ۾ پيئي ٿي رهي. سو سان ڪان پوءِ اُن مالها جا گل هڪ هڪ ٿي سڪندا ويندا. جڏهن اهي سڀ گل ڪومائجي ٿا وڃن، تڏهن هنن کي سرڳ مان نيڪالي ملي ٿي ۽ وري مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺڻو پوي ٿو. چنتا جيءَ کي لڳي ٿي رهي. اُتي هڪ ٻئي سان ايرکا به ٿيندي.

اورنگزيب جا به پاپ ڪٽيا ته هن جنم ۾ ٿي ٿو ڪرون ڪاڏائين ۽ گرو گوبند سنگهه جو ... ڪلپل ظفرنامو پڙهائي ٻڌائين ته يڪدم سر ڪاڏي ويس ۽ ...

اَچرج ڪاني ۽ وري ٻالڪ جي صورت ۾ ڏاڍي موهڻي ۽ سندس ڳالهائڻ ۾ مٺو. غور
ڪري ڏانهنس نهاريائين ته ڏٺائين ته سندس ڳل تي هڪ چهبڪ جا نشان لڳل هئا.
ڪانئس پڇيائين ته "هي ڇا جو نشان اٿيئي؟" چيائين ته "ماتا! رشي مهاراج مون کي
چهبڪ هڻندي آهي، جيتوڻيڪ مان ته سيوا ڪرڻ لاءِ حاضر بيٺو آهيان." ماتا چيس ته "تو
جهڙي آگياڪاري مٺ موهيندڙ ٻالڪ کي هو ڪيئن ماريندو؟" چيائين ته "ماتا! مان ته
هر وقت جيڪو به حڪم ڪريٿو، اهو بجايان ٿو، سيوا ڪريان ٿو، پر رشي زبردست آهي،
خواه مخواه مار ٿو ڏئي." اهڙي پريم وارتا ڪري هليو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ رشي
گهر آيو. يڪدم خيال آيس ته سيڌي لاءِ ويس، پر سارو ڏينهن پنهنجي ئي ستسنگ ۾ پئي
ڦريس. شاگردن ڪيئن پرچن ڪيو هوندو؟ گهر آيو ته زال چيس ته "سوامي! ڦلڪو ڪائو. بک
لڳي هوندي." هن پڇيس ته "سيڌو ڪٿان آيو؟ مون ته ڪو به ٻڌو ڪونه ڪيو." زال ٻڌايس
ته "هڪ ١٣ ورهين جو سندر ٻالڪ سيڌو ڏئي آيو؛ چيائين ته گوبند سيٺ موڪليو آهي.
هنجو رنگ شيام هو ۽ ڏاڍو مٺو ۽ سباجهو هو. اوهان هنکي چهبڪ به هڻندي هئي، جا
پنهنجي ڳل تي لڳل ڏيکاريائين." رشيءَ چيو ته "مون ته ڪنهن کي به ڪڏهن ڪونه هنيو
آهي." آخر سمجهي ويو ته گيتا ته خود ڪرشن ڀڳوان جو روپ آهي، سو مون جو هڪ
لفظ تي ليڪو پاتي ڪاٽيو آهي، اها ڄڻ مون ڀڳوان کي چهبڪ هنئي آهي. اهو ٻالڪ پاڻ
ڀڳوان هو. زال کي چيائين ته "برابر مان ڏوهي آهيان. ڀلجي ويو هوس. ڪٿي اچ گيتا."
اچي پاڻ وري اها ست ڪڍي، جو لفظ ڪاٽيو هئائين، ان مٿان وري "وهاميهم" لفظ
لکيائين ته ڀڳوان برابر پاڻ ٿو ڀڳتن کي روزي پهچائي. شري گيتا ڀڳوان ڪرشن جو ئي
روپ ڄاڻڻ گهرجي، ڇو ته هنجي ئي پولر مکاروند مان نڪتي آهي. ويد به برهم واڻي
آهن، پر نڪتا برهما جي مک مان آهن. ڪي چون ٿا ته هيڏي گيتا يڌ جي ميدان ۾
ٿوري وقت اندر ڪيئن ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي هوندي؟ مگر ان وقت سنسڪرت ٻولي
چالو هئي ۽ سوال جواب سڀ ان ٻوليءَ ۾ ٿيا. ان جو پاٺ ڪلاڪ يا مٿي ڪلاڪ ۾ ٿي
سگهي ٿو. ڌيرج سان ويهي پاٺ ڪجي ته ڏيڍ ڪلاڪ ڪافي آهي.

هڪ دفعي ڀڳوان ڪرشن دوارڪا ۾ براجمان هو. ديو رشي نارد ونس درشن ڪرڻ
يو ۽ ڏٺائين ته ڀڳوان پنهنجي آسڻ تي ڪونه آهي، پر پوڄن شالا ۾ ڪنهن جي ڌيان ۾ ويٺو
هي. نارد خيال ڪيو ته برهما، شو، اندرا وشنو سڀ ديوتائن سميت ڪرشن ڀڳوان جو ئي
يان سمرن ڪندا آهن، سو هن کان وڏو وري ڪير هوندو، جنهنجو ڌيان ڀڳوان پاڻ پيو
و ڪري! ڀڳوان جڏهن ڌيان مان اُٿي ٻاهر نڪتو ته نارد سائنس مليو ۽ ڀڳوان سندس
عمان ڪيو. نارد سوال ڪيو ته "سائين! هي من وڏو آهي يا جنهنجو هو ڌيان ٿو ڪريو."
وان جواب ڏنو ته "جنهن جو مان ڌيان ڪريان ٿو، اهو وڏو آهي." نارد پڇيو ته "سائين!
هان کان به ڪو وڏو هوندو، جنهنجي ڌيان ۾ اوهان ويٺا هئا؟" ڀڳوان وراڻي ڏني ته
ها، مون کان وڏو به آهي؛ ان جو مون ڌيان پئي ڪيو." نارد عرض ڪيو ته "سائين!

ڀڙوار آهي ۽ ٻئي رواجي وهنوار ڪرڻ جي ڪاڻ ضرورت ڪانه ائين.

هڪ پورڻ مهرشي گيتا جي وچار ڪرڻ وارو رام ڏيهن اُن جي ايپاس ۾ رهندو هو، جڻ اُن جو ٻي سمرڻ ڪندو هو. ڪي شاگرد هئس، جي کي پاڙهيندو به هو. هڪ ڏينهن ٢٢ شلوڪ جو پاٺ آيو ۽ اُن لي کيل ٽيڪا به پڙهيائين، ۽ ڀڳوان جو چوڻ آهي ته اننيه ڀڳتن کي جيڪي آهي، اُن جي مان رکيا ڪر بانتو ۽ جيڪي نه ائين، اهو مان کين پهچايان ٿو. اُن ارٿ لي هڪڙي شنڪا ٿي ته ڀڳوان پالنا ته برابر ڪري ٿو، پر اهو ته مان ڪري ٿو سمجهان ته هو ڪو پاڻ ٿو ڪجهه پهچائي. هر ڪو پنهنجي مٿي ٿي ته ڪونه ٿو ڪٽي اچي پهچائي. "وهاميهم" لفظ جي معنيٰ آهي پهچائڻ. اُن هردان هن خيال ڪيو ته ڀڳوان کي چوڻ گهرجندو هو "ددامهيم" يعني ڏيان ٿو. اهو خيال آيس ته پنهنجي ڏرمپتنيءَ کي، گهراني پڇيائين ته تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ هوءَ به ودوان هئي. استريءَ ورائي ڏنس ته سوامي! منهنجي سمجهه اُن ۾ نٿي هلي. اوهان سمرٿ آهيو، جيئن اوهان جو من مڃي. اِئين ٻڌي هو اُٿي ڪڙو نيو ۽ "وهاميهم" لفظ تي ليڪو پائي ٻاهر وڃڻ لڳو. زال چيس ته سوامي گهر ۾ ڪجهه به نه رکيو آهي. ودياڻي به ڪاڏو گهرندا. رشيءَ کي ته اهو ٿي ڌڪ لڳي ويو ته "وهاميهم" يا "ددامهيم" لفظ لکڻ گهرجي. اُن خيال ۾ هو زال کي ڪو به جواب نه ڏيئي ٻاهر هليو ويو. رهراس ۾ ته آيو آهي:

(١) سو سر رزق سباهي تاڪر - ڪاهي من ڀؤ ڪريا؟

(٢) ڪاهي ري من چتوهه اُدم جا آهر هرجيءَ پريا؟

سيل پٿر مهه جنت اُپائي - تاڪا رزق آگي ڪر ڌريا.

مات، پتا، استري، پتر، ڪوئي ڪنهنجو آسرو يا روزي ڏيندڙ نه آهي، سڀني جو روزي ڏيندڙ هڪ ايشور پاڻ آهي.

رشي پنهنجي لي خيالن ۾ جهنگل ۾ ايڪانت ۾ وهڻ لاءِ هليو ويو ته آخر ڇا ڪريان؟ لفظ "وهاميهم" کي ڪاٽي ته ڇڏيائين، پر اُن بدران ڇا لکي، اهو فيصلو ڪري نه سگهيو ۽ اهو به خيال پيو اچيس ته مون اهو لفظ ڪاٽي ڇگو ڪم ڪيو يا اسرو؟ ڀڳوان سو چيو سو ڌيءَ ته رکو منهنجي لي خيالن ۾ لڳو پيو آهي ۽ سندس شاگردن جو به خيال رکڻو آهي. اُن ڪري ٻارهن ورهين جي سندر اوستا واري بالڪ جو روپ ڌاري سيٺ جي نوڪري (اٽي، چانورن، گيهه، دال، مصالحن وغيره سان ڀريل) مٿي تي کڻي اچي اُن رشيءَ جي گهر ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيو. پرنام ڪري چيائين ته هي ماتا! هي سيڌو وٺو. اُن مان موهيندڙ بالڪ کي ڏسي رشيءَ جي زال چيو ته "بچا! ڪنهن موڪليو اٿيئي؟" ڀڳوان بالڪ روپ ۾ جواب ڏنس ته "اما! گوبند سيٺ موڪليو آهي." ماتا چيس ته "چڱو، ذرا سنڀال سان رکي ڇڏ، ڪٽي اچان." اول اٽي جو ٿيلهو پرتائين ته ڏسي ته چوڪري وارو ٿيلهو ساڳيو ٿي پيو هو. اُن طرح ماتيءَ پنهنجا سڀ ٿيلهو جدا جدا ٿيڻ سان ڀريا، پر ڏٺائين ته چوڪري جو هڪ ٿيلهو خالي نه ٿيو، سو انهن وانگر سڀ تمتار ٿي رهيا. مائي ڏاڍو ...

هليو ويو. سمنڊ جي ڪناري تي رهندو هو، سو اُن جل ۾ اها ٽڪڙي ڏوني، صاف ڪياءِ
۽ اُن مان وهي ونيون ٺاهيائين. اهي کڻي ويو جڳناٿ جي مندر ۾. شام جو جوت جڳي
ته سندس اهي ٺاهيل ونيون ڪم آيون ۽ پرڪاش ٿيو. ماڻيءَ کي به قبول مليو، ڇو ته اهي
ونيون ڪيترا ڏينهن پٽي پرڻ لاءِ ڪم آيون. ماڻيءَ جي اندر ۾ پڇتاءُ ليو ۽ اچي اُن مهاتما
جي چرنن تي ڪري. مهاتما ڌيرج ڏنس ته ماٺا ڪر دک نه ڪر. منهنجي اها پرارٻڌ هئي.
سچا پرماتما جا ڀڳت ايترو صبر ٿا رکن ۽ سندن پريم جو پرڀاءُ ٻين ڪونن جيوَن تي به پوي
ٿو. جڏهن دنيا ۾ ڪنهن وٽ نوڪري ڪجي ٿي ته هو اُدر پورنا لاءِ پگهار ڏئي ٿو ۽ خاص
وفادار نوڪر جو هو وڌيڪ اونو به رکي ٿو ته ڇا جيڪو اننيه چت سان شاهن جي شاه
پرماتما جي ڀڳتي ڪندو، انکي ڀڳوان وساري ڇڏيندو؟ ڀڳوان ته ڪنهن به طرح پنهنجي
ڀڳتن جي ڌارمڪ شڪتي ڪمزور ٿيڻ نٿو ڏئي. سنسار ۾ اوگهٽ گهاٽيون آهن. ڪو به
ايمان نه ڪري ته مان پورهيو نيشتي تي چڙهيو آهيان ۽ هاڻي سنسار جون ڳالهيون مون کي
ڪين ڪيرائي سگهنديون. پرماتما جي مهر نه ٿئي ته ڪيترا ايمان وڃان ڪري پونٿا ۽ نه
وهنوار جي سڌي ٿا ڪري سگهن ۽ نه پرمارٿ جي. جيڪڏهن ڀڳتيءَ جو بل هجي ته به
هر وقت اهڙي پرارٿنا ڪندو رهجي ته ان بل جي رکيا ٿئي ۽ اڳيان به وڌيڪ بل ملي ته
...ريا اُليت اوستا، آتم درشن تائين پهچي سگهجي. ڪيئن ٿو ڀڳوان اهڙن ڀڳتن جي رکيا
ڪري، ان جو الوڪڪ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ مثال ڀڳت مالها ۾ آيو آهي:

ڪٻا نالي هڪ ڪنڀار هو، جو ٻرتن ٺاهيندو هو ۽ کوهه به کوٽيندو هو ۽ انهن جا
...ٽڪا به ڪڍندو هو. پاڻي ڪڍي ڏيندو هو ۽ مالڪن کي چوندو هو ته وڌيڪ ڪم پاڻ وٽي
...ڪن يا ڪرائين. پرماتما جو به ڏاڍو پريمي ڀڳت هو، پر غريب هو. هڪ شاهوڪار جو
...ٿس ڪجهه قرض هو. هن چيس ته مونکي هڪ کوهه کوٽي ڏي ته باقي رقم مان لوڪي
ڏيندس. ڪنڀار کوهه کوٽڻ لڳو. زمين ڪچي هئي ۽ مٽيءَ جا ڍير لڳي ويا. پاڻي نڪتو
...ر هو اڃا اندر ئي هو ته کوهه جي هڪ ديوار ويهي وئي ۽ مٽي هن جي مٿان پئجي وئي.
...وس ڪڍڻ وارو ڪير ڪونه هو. سندس استريءَ ڏاڍا ورلاپ ڪيا ۽ ماڻهو به خوب اچي
...ڪٺا ٿيا. سڀني ڏٺو ته مٽي ڪڍنداسون ته وري ديوار ڪري پوندي ۽ جيڪي مزور
...ڪم ڪندا، اهي به دٻجي ويندا. هڪ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندي، ٻين جون به
...جانيون وينديون ۽ هو به ڪونه بچي سگهندو. نهيو، هڪ ئي بليدان ليو. سندس استري
... صبر ۾ رهي، پر ان ٿاهي پيٽي گذران ڪندي هئي. ڪٻا ڪنڀار ته ڀڳوان جو پريمي ڀڳت
...ر ۽ اها عادت هئس ته ڀڳتيءَ ڪرڻ وقت هٿن ۾ وڄائڻ جا اوزار رکندو هو ۽ اهي ڇيٽون
...نجي ڳچيءَ ۾ انڪيون پيئون هونديون هيون. ڀڳتن کي ته آس ئي پهر پرماتما جي لنؤ
...ڪي ئي رهي، پر ڪنهن وقت وڌيڪ هلاس اچين ٿو. سورج ۾ هميشه پرڪاش آهي،
...صبوح ۽ شام جو گهٽ ۽ منجهند جو وڌيڪ ٿو ٿئي. جڳياسو به اهڙا آهن. جنهن وقت
...ٻا کي اولاد ليدؤ هو، ته ٻهي اهي ڇيٽون وڄائي لهندو هو. اُن وقت سندس

ان جو ڀ... شن مونکي نه ڪرايو؟ ڀڳوان نارد کي رٿ تي چاڙهي هڪ بيابان ۾ پهتو. اتي هڪ وڻ تي پکي ويٺو هو، جنهن جي مک مان ڪرشن ڪرشن جو آواز اچي رهيو هو. ڀڳوان پڇيس ته اڄ هو پکيءَ جي ٻولي ۾ ويٺو هوس. منهنجي سمرن ڪرڻ وارا مونکان وڏا آهن. خاص ڪري هي پکي. هن جو ٻرگ ڪيم ڪرڻ کان پوءِ پيو ڪم ڪندو آهيان، پر نه هي! منهنجو اننيه ڀڳت آهي ۽ ڪاڏي نه چوڳي داڻي لاءِ نٿو وڃي. هڪي جڏهن ڪو چوندو آهي ته لهڻجي ٻڌران مان ٿو ڪرشن ڪرشن چيان، لون ٻڌ، تڏهن آن جل ورتانيندو آهي ۽ ڪنهن سان منهنجو نالو ٻڌندو آهي. اهو ٻڌي جڏهن نارد نه انين چيس ۽ ڀڳوان جو نالو ڄڀانئين، تڏهن هن آن ڪاڏو ۽ جل پيتو ۽ ڀربت تي ويري نام جهڻ جي رٿ ۾ لڳي ويو. ٻرسي ڀڳت جي ڀڳوان ڪيئن هنڌي پري ۽ ڪيئن سدس ڪيا جي شاديءَ لاءِ ڪيا جي طلب کان ٻه گهڻو وڏيڪ ڏاج وغيره ڪٽي شاديءَ وقت پهچايو، اهو سڀ ٻه شاسترن ۾ آيو آهي. ٻي نه هڪ وارتا شاسترن ۾ آئي آهي ته هڪ ٻالڪ ڪنهن شهر ۾ ڀڳوان ڪرشن کي هڪ خط لکي ليٽر باڪس ۾ وجهڻ لاءِ ويو، مگر ان ۾ وجهي نه پيو سگهي، جو قد ۾ ننڍو هو. هڪ شخص ڏٺو ته ان کان وٺي اندر وجهڻ لڳو ته ڏٺائين ته ايڊريس ۾ لکيل هو ته ڪرشن کي. ملي ٻڌرابن ۾. خط پڙهيائين ته لکيل هو ته اسين غريب آهيون ۽ مونکي گهر ۾ کير ڪونه ٿو ملي، سو اوهين کير ۽ پتاشا موڪليو، ته مان پيان. ان شخص ٻالڪ کان حال ورتو ته هن ٻڌايس ته "ڪرشن شاهوڪار آهي ۽ اسين غريب." اهو شخص نه ڪرشن ڀڳوان جو ڀڳت هو ۽ ٻالڪ کي چيائين ته "مونکي ڪرشن اڄ ئي لکيو آهي ته توکي مان روز کير پيئڻ جو بندوبست ڪري ڏيان." هڪي هڪ کير واري جي دڪان تي وٺي ويو ۽ بندوبست ڪيائين ته روز اتان کير پي وڃي؟ هن ٻالڪ جو پتا نه ڪرشن جو پريمي ڀڳت هو ۽ مسڪين حالت ۾ هئڻ ڪري پٽ کي چيائين ته ڪرشن کير ڏيندو. هن شلوڪ مان ته لڳي ٿو ته ڀڳوان جو پنهنجي ڀڳتن سان ڪيڏو نه پريم آهي. ڀڳتيءَ ۽ پيار بلڪل اوچي وستو آهي. سڀني لوڪن سان سڪ پريم جي ڳالهه نه درڪار، پر زمرلن جيون سان نه سڪ پريم ڪبو ته آهي ته پورو قل نه ڏيندا. ٽر لوڪي ناٿ سان جو پريم ڪندو، انکي باقي ڇا جي ۽ ڪهڙي گهرج رهندي؟ ڀڳوان ته صاف ٿو ٻڌائي ته انهن کي ته ڪنهن ادم ڪرڻ جي نه ضرورت ڪانه آهي. ڀڳوان ڪونه ڪو روپ ڌاري يا ڪنهن جي هردي ۾ پريرنا ڪري ڀڳتن کي سڀ ڪجهه پهچائي ٿو.

هڪ نگر ۾ هڪ مهاتما اچي رهيو. هڪ ڏينهن شهر ۾ مذڪوري ڪرڻ نڪتو. هڪ ماني هٽي جنهنجو سياءُ ڏاڍو ڪروڌي هو، ان جي گهر تي اچي "نارائڻ هري" چيائين. مهاتما صبر جو روپ هو، سو بيهي رهيو ته ماني ٻکيا ڪٽي اچي. مائيءَ ان وقت جاءِ کي ليپو پئي پائو. مٽيءَ ۽ ڇيڻي ۾ هٿ وٺل هئس. هڪي بيهي رهندو ڏسي مائي ئي اکو غصو، سو ليپي واري ٿڳڙي، جا هٿن ۾ هئس، اها ڪٽي اچي مهاتما جي منهن تي هڻيائين. مهاتما نه خيال ڪيو ته هي من! اڄ اهاني لهڻجي پرارٻڌ آهي. هو اها ڪٽي

شلوڪ ٢٣. جيڪي لوڪ ٻين ديوتائن جي شرڌا سان ڀڳتي اُپاسنا ڪن
، اُهي به مون کي ئي ٿا پوڄين، پر هي ڪنتي پٽر! انهن جي اُها پوڄا
ڌيءَ پوروڪ نہ آهي.

ڀڳوان جو چوڻ آهي تہ جيڪي سندس سمرن ڌيان نہ ڪري، ڪن ديوين ديوتائن
ب اپاسنا ڀڳتي شرڌا رکي ڪن ٿا، اُهي بہ ڄڻ مهنجو ئي ڌيان سمرن ڪندا، پر سندن
و تہ غلط آهي. ڦل تہ هڪ ايشور ئي ڏيئي ٿو سگهي. ديوتائن يا ديوين جي معرفت جو
ـهن جا ڪرم ئين ٿا تہ اهو ڦل بہ ڀڳوان ئي انهن رستي پر ڏئي ٿو، ڇو تہ هنن پر بہ تہ هو
ئي نو وسي ۽ ڦل ڏيڻ جي شڪتي ڪانئس سواءِ ٻئي ڪنهن ڪي بہ ڪانہ آهي.

برج ڀومي‌ءَ پر گوپ ۽ گوال ڳائين جي کير، مکڻ، لسيءَ جو آنند وٺندا هئا، انڪري
سال پر هڪ ڏينهن مقرر ڪري، اندر ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا، ڇو تہ هو بارش جو
وتا ليکيندا ئو ۽ هو سمجهندا هئا تہ انهن ڪرڻ سان هو خوش ٿي ڪين وقت سر ۽ پوري برسات
ندو. ڀڳوان ڪرشن چاهيو ٿي تہ مان برج واسين کي سيکاريان تہ اندر ديوتا ڪنهن بہ ڪرم
ڦل ڏيڻ پر سمرٿ نہ آهي ۽ هر هڪ ڪرم جو ڦل هڪ ايشور ئي ٿو ڏئي. انڪري
ڏهن اندر جي پوڄا لاءِ سڀئي ماٺهو ۽ سندس پتا ماتا نند ۽ جسودا بہ خوب پڪوان ۽
ون پيٽا رکڻ لاءِ تاهڻ لڳا تہ ڀڳوان کين چيو تہ اندر ديوتا تہ سرڳ پر ويٺو آهي. اوهان
گاه وغيره تہ گوورڌن پربت ٿو ڏئي، سو اُن جي ڇو نہ ٿا پوڄا ڪريو؟ اندر ديوتا
لہ ڏيڻ جي ڪابہ شڪتي ڪانہ آهي. سڀني کي اها ڳالهہ ٺيڪ لڳي ۽ اُن ڏينهن
، اندر ديوتا جي بدران وڃي گوورڌن پربت جي پوڄا ڪرڻ لڳا. پربت تہ جڙ آهي،
ڪري ڀڳوان ڪرشن پاڻ هڪ پنهنجو ٻيو سروپ ڌاري ساري پيٽا رکيل سامگريءَ جو
لڳايو. اهو سڀ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا تہ پربت پاڻ ساکيات ٿي اسانکي درشن ڏنو
، ۽ اسان جون پوڄا لڳايل وستون سڀ اُنگيڪار ڪيون آهن، اندر ديوتا تہ ڪڏهن بہ
ـن ڪونہ ڏنو هو. اندر ديوتا کي جڏهن هن ڳالهہ جي خبر پيئي تہ اُيمان وڃان برج
ـن کي سبق سيکارڻ لاءِ انهن ئي پرليہ ڪال واري برسات ستن ڏينهن ۽ ستن راتين
ـي برج ڀوميءَ کي ٻوڙي ڇڏڻ چاهيائين، پر ڀڳوان ڪرشن پنهنجيءَ هڪ چيچ تي
ڌن پربت کڻي برج ڀوميءَ جي مٿان جهليو ۽ ان طرح اُنکي برسات جي پاڻيءَ کان
و. اندر ديوتا جو هٺ ڀڳو. آخر هن اچي ڀڳوان کان معافي ورتي ۽ ڀڳوان کيس اُپديش
تہ تون ڪجهہ بہ ڦل ڏيڻ پر سمرٿ ڪين آهين. اها سڀ مهنجي شڪتي آهي ۽
ني توکي اها شڪتي ڏني آهي تہ برسات وسائي سگهين، ليڪن تون اُهنڪار وچان
ي وساري سڀ ڪجهہ پاڻکي ڄاڻي ويٺو آهين.

هن شلوڪ پر ڀڳوان جو چوڻ آهي تہ مان ئي سڀ جو آتما آهيان ۽ جيڪو اهو نہ
، پيد ڀاونا رکي، ديوين ديوتائن جي پوڄا ٿو ڪري، اهو بہ مهنجي پوڄا ٿو ڪري

چھرو پرماتما جي نور سان چمڪندو ھو. سندس ڳلي ۾ اھي چيٽيون نہ ھاٿي بہ بدل
ھيون، پر ھو سوين مڻن مٽيءَ ھيٺان دٻيو پيو ھو؛ مگر اھڙن سڀني ڀڳتن جو يوگ کيم پرماتما
ڪريتو ۽ ھو نہ ھرھنڌ حاضر آھي ۽ ھنن جي رکيا ڪريتو. ھو اندر دٻجي نہ ويو پر اھڙي
قدرت ني جو کيس اُلي پوري زمين ملي وئي، جتي ھو ويٺو رھيو. چئن طرف مٽي ھئس
پر وچ ۾ پول ھو، جتي ھو بلڪل چڱيءَ طرح ويھي ساھ ني سگھيو، جڻ ھڪ ڪمرو
ھوس. مارڻ واري ڪان ٻچائڻ وارو وڏو آھي. ماتا جي گرڀ ڪان وڏي ڪنڌي ٻي
ڪھڙي ڪوٺڙي ملندي؟ اُتي بہ ڀڳوان رکيا ڪريتو؛ ٻالڪ نہ فقط زندہ رھي ٿو، پر
وڏي ويجھي ٿو. ھو بہ اُتي آنند سان گذارڻ لڳو؛ خود پرماتما پيو کيس درشن ڏني.
جتي پاڻ پريو، اُتي اُن، پاڻيءَ ۽ سواس کڻڻ لاءِ ھوا جي ڪيئن ڪمي ٿيندي؟ ھڪي نہ
ٻک لڳي، نہ اُڃ؛ نڪو ساھ پيو منجھيس. درد ني ڀڳتيءَ ۾ مست ٿي ويو؛ سارو وقت
جھانجھہ وڄائي ڪيرتن ۾ محو رھڻ لڳو. سندس استريءَ ۽ ٻين شھر وارن نہ سمجھيو تہ ھو
مري ويو، مگر جنم مرڻ، ھاڃي لاڀ؛ جس اُپجس اھي ڇھ پرماتما جي وس ۾ آھن.

سو پرڀ پاوي پرڀل بلڪ کھي مني راءِ،
جنم مرڻ، ھاڃي لاڀ، جس اُپجس وڌي ھاٿ.

ھي لفظ وششٽ منيءَ پرڀ کي چيا ھئا، جڏھن ھو ۽ شترگھن شري رام لڇمڻ ۽
سيتا جي بن وڃڻ ۽ راجا دسرٿ جي مرڻ کان پوءِ ناناڻن مان آيا ۽ ڪاوڙ ۾ اچي متراءِ
ڪيڪئيءَ کي گھٽ وڌ ڳالھايون ڏکي ٿيا ھئا. ڪبا ڀڳت جو يوگ کيم بہ ڀڳوان ان منيءَ
جي ڏيہ اندر ڪرڻ لڳو. قدرت سان ٻارھن مھينن کان پوءِ اُتان ھڪ شاديءَ جي ڄڃ
اچي لنگھي؛ ان قتل ڪوہ پرسان رات نڪيا. ڏٺن نہ جھانجھن وڄڻ جو ۽ ڪيرتن ڳائڻ جو
آواز پيو اچي. رات جو سمو ھو، ان ڪري آواز بلڪل صاف پيو ٻڌڻ ۾ اچي. سڀ حيران
ٿيا تہ پرسان نڪو مندر؛ نڪو ڳائڻ وارو ٿو ڏسجي، پر ھي آواز ڪٿان ٿو اچي! آخر
ڏٺائون تہ ھن ڪوہ جي اندران پيو اچي. خيال ڪيائون تہ اندر ڪو فرشتو يا ديوتا آھي
يا ڪو پرماتما جو پريم پيارو. صبوح ٿيو تہ وڃي شھر ۾ ھل ڪيائون، تہ ھن ڪوہ جي اندر
ڪو شرير آھي يا ڪو مندر آھي، جتان ڀڳتيءَ جو آواز ٿو اچي. ماڻھو آيا ۽ ڏٺائون تہ اھو
ني ڪريل ڪوہ آھي، جتي ڪبا ڪنڀار گذريل سال پوريجي ويو ھو. ھنن بہ آواز ٻڌو. آخر
ان طرف جو راجا بہ آيو، مزور لڳايا ويا ۽ آھستي آھستي ڪري مٽي ٻاھر ڪڍيائون تہ
ڪبا ڪنڀار ڏاڍيءَ مستيءَ ۾ زبان ۾ مگھن ويٺو آھي. سندس استري ۽ ٻيا متر ۽ شھر جا
ماڻھو ڏاڍو خوش ٿيا؛ کيس ٻاھر ڪڍي خوب ھار پائي شھر ۾ وٺي ويا. ھڪ سال ڪـ
ھو اندر رھيو، پر وار بہ ونگو نہ ٿيس. ھيڪاري آتمڪ اُنتيءَ ۾ ڪماليت پاتائين. ھ
ڪان وڌيڪ يوگ کيم جو ڪھڙو مثال ني سگھندو؟ ڀڳوان اھوئي ھن شلوڪ ۾ ٻڌائي
رھيو آھي.

انيٺي ؟ چيائين ته ”امڙ! اڄا ته ڪونه مليو اٿم. سانڍائون پيو ٿو ڪريان.“ ماءُ پڇيس
”ڪيئن ٿو هن کي ڳولهين؟“ چيائين ته ”مان ڀٽيو آهيان عاشق ۽ هو آهي منهنجو
ورق. مان پيو ٿو هن جي پنيان ڦران، پر اڃا ته رڃهيٺي نٿو.“ ماءُ اهو ٻڌي کيس عشق
ت هنئي. چيائين ته ”اڙي مورک! تون معشوق ٿيءُ ته هو پاڻيهي تنهنجي پٺيان
دو.“ ڀڳوان جو به اهوئي مطلب آهي ته جيڪو منهنجو اننيه ڀڳت ٿئي ٿو ته مان هنجي
ن پيو سندس يوگ کيم ڪرڻ لاءِ ڦران ۽ هن جي سڀني ڪمن پوري ڪرڻ لاءِ ڊوڙان.
انين نه آهي ته ۲۴ سالن ۾ نه ڇا، پر ۲۴ جنمن ۾ به ڀڳوان ڪين ملندو.
ڪبير من نرمل ڀيا، جيسي گنگا نير - پاڇي لاڳا هري ڦري، ڪهت ڪبير ڪبير.
من شڌ ٿيو، انتهڪرڻ اوجل ٿيو، اندر مان ڪوڙ، ڪپٽ، دويش، فريب، چالاڪي
ن ته اهاني سچي ڀڳتي آهي. اها شڪتي آئي ته پوءِ ڀڳوان پاڻيهي ان ڀڳت جي پنيان
و رهي ٿو ته سندس يوگ کيم ڪريان. نمت ڀيا ٿين ٿا، پر ڪرڻ ڪرائڻ وارو ايشور
آهي.

شلوڪ ۲۴. مان (پرماتما) ئي سڀني يڳين جي ڀوڳڻ وارو آهيان ۽ ڦل
ن وارو به مان آهيان. پر ”سڪامي“ پرش مون پرماتما جي اِنهيءَ روپ
نٿا ڄاڻن، جنهن ڪري هو وري مرتيو لوڪ ۾ پيا اچن.

ڀڳوان اڳيم ٻڌائي آيو آهي ته نشڪام ڀڳت اننيه چت سان مون ايشور ۾ ڌيان لڳائيندا
تا. ڪابه ڪامنا لوڪ يا پرلوڪ جي سکن ۽ ڀوڳن جي نه الن ۽ رڳو مون سان ملڻ جي
رکن ٿا. اهي آخر پرم پد پائي، جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي ٿا وڃن. جيڪي
ري ڪامنائون ٿا رکن ۽ انهن لاءِ يڳيه آدي ڪرم ڪنتا، انهن کي به ڦل پرماتما ئي
ن جي دوارا ڏئي ٿو، پر اهو ڦل هن لوڪ يا پرلوڪ جي سکن ۾ ختم ٿي ٿو وڃي
ران ڇري ٿو ته اهي جيئو وري مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺن ٿا ۽ ان طرح هنن جو جنم ۽
و چڪر هلندو رهي ٿو. ڪي ڇون ته پرماتما کي ڏياني، جنم مرڻ جي چڪر کان
ن ته ڇا ٿيو؟ اهو هو نٿا ڄاڻن ته هن انساني جنم جو مقصد ئي اهو آهي. وڻ ساڻو
ڏهن رهندو، جڏهن هنجي ٻاڙ کي پاڻي ڏبو. ٻاڙ کي ڇڏي ٽارين ۽ پنن کي پاڻي
بيسود آهي. ان طرح ڀڳوان ساري برهمانڊ روپي وڻ جو مول يعني جڙ آهي، جنهن
اپاسنا ڀڳتي ڪرڻ سان سڀ اپاسنائون ئي وڃن ٿيون ۽ چارئي پدارٿ ڌرم، ارٿ،
موڪش ملن ٿا. ان ڪري لوڪ پرلوڪ جي سکن جي ترشنا يا ڪامنا رکي پرماتما
سمڪ ٿيڻ ۽ پوءِ جنم مرڻ جي چڪر ۾ پوڻ وڏي مورکتا آهي. هو نٿا سمجهن ته
ڀڳوان جي اپاسنا ڪرڻ سان سڀ پدارٿ ۽ ڀيون ملي ٿيون سگهن ته پوءِ ٻين طرف
ڪجي ؟ وهواري ڪمن لاءِ ڪڏو نه اڌم اسين ڪريون ٿا، مگر جو سچو اڌم آهي
جو نام جپي سڀني دکن ڪليشن کان ڇٽجي، آلند پراپت ڪريون، اهو وساري ويٺا

... الـ ... هيڪو ڀاڳي به ست چت آنند سروپ جاڻي، من ست چت سروپ پرماتما جي اپاسنا ڪريٿو، اهو ئي سڀ کان چڱو آهي ۽ اهي اپاسڪ آهيد ۽ پوري آهي. ... شرڌا جو ... پاس رکي، اپاسنا ڪندا يا ڪامنائون رکي آراڌنا ۽ ڀڳتي نه ... اهي اوديا واري اپاسنا نه ڪن. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته ديوتائون يا ديوتائون جلد ئي ڪارج پورا ڪن، اهي اگيان ۾ آهن.

سرگوڌا ضلع جي هڪ ننڍي ڳوٺ جو زميندار ڪنهن ڪيس جي ڪري ٻاهر ويو. ... سندس استري پنهنجي ڳاءِ صبح جو چوڙي کٽي جهنگل ڏي موڪلي ته چري شام جو واپس ايندي. رات پئجي وئي، پر ڳئون ڪانه موٽي. اهو زميندار موٽي آيو. ڳاءِ جو پڇيائين ته "ڪنهنجي حوالي ڪري ڇڏي هئي؟" زال چيو ته "پير ڪير به نه هو، سو ڀڳوان جي حوالي ڪير." هن چيس ته "اڙي! تون ته ڪا باوري آهين. ڀڳوان ته بيپرواه آهي. هنکي انيڪ ڪم ڪارين آهن. تون ڳاءِ ته ڪنهن پير پيغمبر جي حوالي ڪرين ها." ڳاءِ نه آخر آئي، پر هيءَ هڪ چرچو آهي، جو ودوانن جي هٿ ۾ هڪ سنڌر درشٽانت ٿي نو اچي ته دنيوي ماڻهو ڪامنائن وس ٿي، انهن کي ترت پوري ٿيڻ جي لالچ وچان پرماتما کي ڇڏي ديوين ديوتائن يا پيرن پيغمبرن جي پوڄا ڪندا. پر جيڪو ڪم پرماتما جي حوالي ڪبو، اهو ئي پورن طرح سڌ ٿيندو. ديوين ديوتائون ته ... طرح اپاسنا نه ڪرڻ لي ڪاوڙ به ڪندا ۽ ايتو به ڦل نڪري ٿو. هڪ معمولي هستيءَ وارو ماڻهو ڪنهن راجا يا بادشاه کي پرسن ڪريٿو ته هو ننڍن عملدارن يا وزيرن جي به پرواه نٿو رکي ۽ هيڪاري وزير ۽ عملدار به هن جو خيال ٿا رکن ۽ پنهنجي ڪا سفارش ڪرائڻ هڇين. اها به هن جي معرفت ٿا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن. ان طرح ڀڳتن جو نالو سڌو پرماتما سان ٿئي ٿو ۽ وڏا وڏا راجائون ۽ پيا به انهن اڳيان نمن ٿا ته هو ... اڳيان ڪا سندن سفارش ڪري ته سندن ڪلياڻ ٿئي. اها ڀڳتن جي پهچ جي مهما آهي. جيڪي لڪي پاپ ڪرم ٿا ڪن، انهن جو ڦل به ڀڳوان پاڻ ٿو ڏئي، پر انسان کي ان وقت هڏيءَ لي پرڌواچي ٿو وڃي ۽ سمجهون ٿا ته ڪوبه ڪونه ٿو ڏسي، پر هو ته ... آهي ۽ سڀ ڪجهه هرهنڌ ۽ هروقت ڏسي ٿو. لڪل ڪرم جو ڦل ظاهر ڪيل ڪرم کان گهڻو وڏيڪ ٿو ملي، پوءِ چاهي اهو ڪرم چڱو هجي يا برو. سياڻا ماڻهو اِنڪري ... شب ڪرم (دان، ڀڳتي، پوڄ، شيوا وغيره) لڪي ڪندا آهن ۽ ڏوهه گناه ڪري ... آهن ته يڪدم پاسي ظاهر ڪندا آهن ته انهن جو ڦل گهٽ ملي. ان پاسڻ ڪري ... ظاهر ڪرڻ ڪري جا سندن لوڪ ۾ گلا ٿئي ٿي، اها سندن پاپ ڪرمن جي ڦل کي گهٽائي ٿي ۽ هنن جي انتهڪرڻ لي ميل لٿي چڙهي.

هڪ داعي ٣٣ ورهيه تپسيا جا پورا ڪري، فريد صاحب پنهنجي ماءُ وٽ آيو. هوءَ ته وڏي ڀڳياڻي هئي، سو ڪانئس پڇيائين ته جهن لاءِ هنڪي رهيو آهين، اهو پرا...

ــتيءَ سان ني ملي تو سگهي. پرماتما جي نام جپڻ ۾ وڏي اَٿاهه شڪتي آهي، جا پاپن
ــهن کي ناس ڪري اَچل سک ۽ آنند بخشي ٿي. جيئن پارس پٿر جي ٽڪري ۾ شڪتي
ــي لکين مڻ لوهه جا سون ڪرڻ جي، زهر ۾ شڪتي آهي ته ٿوروئي کائڻ سان جيئُ مري
وڃي؛ ليئن ايشور جي نام ۾ بي اَنت شڪتي آهي دنيا جي دکن ڪليشن کي ناس
ــري، جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏائڻ جي. رام رام اُبتو جپڻ ڪري به بالميڪ رهزن
ــڪرءَ مان ڦري وڏو مهرشي ٿي پيو ۽ هزارين ورهيه رام اوتار کان اول رامائڻ ڪوٺا ۾
ــيانين. جڏهن شري رام بنواس ويو ته به هن کان وڃي پڇيائين ته ڪٿي ڪٽيا ٺاهي
ــن؟ ان جي جواب ڏس هن ڀڳوان کي ڏنو ۽ ان کان اول ڪيس چيائين ته "جنهجي اندر ۾
ــت آهي، جي ڌرم تي قائم آهن، اوهان جا سچا ڀڳت آهن، سب وڪتا آهن، انهن
ــهردي ۾ هي سائين! اوهين هميشه نواس ڪريو." اهڙو ته هنجو انهن نام جپڻ ڪري
ــي ويو هو، جو هنکي ڌرم کان سواءِ ٻيو ڪجهه سجهيو ئي نٿي. پٿرن کي پاڻيءَ تي
ــڻ وارو به رام جو نام هو ته جيڪو اهڙو نام هردي سان جپيندو، اهو سنسار ساگر مان
ــن نه ٽري ويندو؟

دبوا پاهن تارئي - رام ڪهت جن ڪس نه ٽري؟

ــهي لفظ رويداس ڀڳت دبوا نالي هڪ برهمڻ کي چيا آهن ته جڏهن "رام نام جپڻ
ــڪير نه پار ٽيو؟" هن برهمڻ رويداس کي ٽوڪبازيءَ وچان چيو ته "تون گهٽ ذات
ــهين، ٻر هاڻي ته ايڏي عزت ٿي اٿيئي جو راجائون به تو کي نمسڪار ڪن!" هن
ــ ته "پالي! دنيءَ کي دور ڪر، ذات پات کي نه ڏس! اها سڀ ڪرپا پرماتما
ــنام جي آهي. مان ته مٺش آهيان، ٻر جڙ پٿر به ٽري ويا!" دنيا ۾ مٺش جنم ۾ نام
ــني وڏي ۾ وڏو مقصد آهي، پر اسين اهو ڇڏي سارو جنم دنيوي پدارٿن هٿ ڪرڻ
ــت وڃائي رهيا آهيون. پرماتما کي ته دشمنيءَ وچان ياد ڪجي ته به شُپ ڦل ملي
ــاوڻ، ڪنس، ششوپال، جن ڀڳوان سان دشمني ڪئي، انهن کي به ڀڳوان ماري شُپ
ــڏني. ڪيترن دئتن، دئتياڻن کي به انين ماري ڀڳوان سدڻ اُڌار ڪيو. ڪلجگ ۾
ــر ٿوري آهي، وگهن گهڻا آهن ۽ شڪتي نالي ماتر. ان ڪري مياڻو اهو آهي جو
ــهوندي به پنهنجو ڪرم سنواري وٺي ۽ پنهنجو مقصد جو موڪش پائڻ جو آهي، اُنلاءِ
ــت ٽمونِي ڪوشش ڪري، اهو حاصل ڪري. جي حاصل نه ني سگهي ته به ان طرف
ــوڃهو وڃي سگهي، اوترو چڱو.

ــشلوڪ ٢٦. جيڪو شڌ چت، سچيءَ شرڌا ۽ ڀڳتيءَ سان مون کي پن،
ــپيوا، جل وغيره اَرپڻ ڪري ٿو، اُن شڌ انتهڪرڻ واري پرش جو اِهو
ــسان ڏنل سڀ مان پريتيءَ سان انگيڪار ڪريان ٿو.

ــارو سنسار هڪ پرماتما پيدا ڪيو آهي ۽ هر چيز جو مالڪ هو ئي آهي. سدس

آهيون. راوڻ ڀاري تپسيائون ڏيئي ديوتائن جون ڪري ڪيڏي نه شڪتي پائي، جو
ترلوڪيءَ تي به جڻ فتح پائي ھتائين، پر ھڪ ايشور کان بيمک ھو ته ڪھڙي نه خراب
گتي ٿيس، جو پنھنجا سندس ڪٽنب مان ڪو ڏيئي ٻارڻ وارو به ڪونه بچيو! وڏا وڏا وشو
ڀوڳ ڀوڳي جي پرماتما جو نالو ياد نه ڪبو ته ڀرلوڪ جي دکن ۾ پوڻو پوندو. پرلوڪ ڏي
وڃڻ جو سفر ڪھڙو نه اٽانگو ۽ ڏکدائي آهي، اھو سکمني صاحب ۾ روز پڙھون ٿا ته
نتا وچاريون.

جھ مارگ ڪي گني جاءِ نه ڪوسا - ھرڪا نام اوھا سنگ توسا،
جھ پيڏي مھا انڌ غبارا - ھرڪا نام سنگ اجيارا،
جھ پنٿ تيرا ڪوئي نه سڃانوُ - ھرڪا نام تھ نال پڇانوُ،
جھ مھا ڀئيان تپت بھ گھام - تھ ھرڪي نام ڪي تم اوپر ڇام،
جھان ترکا من تجھ آکر ڪسي - تھ نانڪ ھر ھر امرت برکي.

ان پرلوڪ جي سفر ۾ ته ھڪ پرماتما جي نالي جو جاپ ئي ڪم ايندو. ھن شلوڪ
جو مطلب اھو ئي آھي ته سڀ سنساري ڀوڳن کي ڇڏي ايشور طرف اچجي، ڇو ته انھن ڀوڳن
مان آخر شانتي يا سنتوش نه ايندو ۽ نڪي آنند ڪلياڻ ئي ٿيندو. جيئن اگنيءَ ۾ گيھ
جي سامگري وجھڻ سان ھوءَ شانت ٿيڻ بدران ھيڪاري تيز ٿيندي ويندي، تيئن وشي
مان من ڪڏھن به ترپت ڪين ٿيندو. ڀڳوان اڳتي چوي ٿو:-

**شلوڪ ٢٥. ديوين ديوتائن جي اُپاسنا ڪندڙ ديو لوڪ ۾ ٿا وڃن
پترن جي پوڄا ڪندڙ پتر لوڪن ۾، ڀوتن پريتن جي آراڌنا ڪندڙ انھن جي
لوڪن ۾، پر منھنجي اُپاسنا ۽ ڀڳتي ڪندڙ مون کي ٿا اچي ملن.**

ھن سنسار ۾ عام طرح ٽن پرڪارن جي انتھڪرڻ وارا منش ٿين ٿا: ستوگڻي، رجو
ڳڻي ۽ تموگڻي. چوٿان آھن اھي جي انھن ٽنھي کان پري مھان آتما آھن. ھرڪو پنھنجي
انتھڪرڻ جي ڀاونائن انوسار اُپاسنا ڪري ٿو. ساتوڪي انتھڪرڻ وارا ديوتائن جي پو
ڪندا ۽ شرير تياڳي ديو لوڪ ۾ ديوتا روپ ٿي سک ڀوڳين ٿا. رجوگڻي منش پترن جي
پوڄا اُپاسنا ڪندا. اھي به ديوتا آھن، پر گھٽ درجي جا ۽ انھن جي اُپاسنا سان سنتا
۾ واڌارو ٿيندو ٿي. اھي مرڻ کان پوءِ پتر لوڪ ۾ وڃن ٿا، جيئن پنڊ پنڊن ۾ ملايو ويند
آھي. ٽيان آھن تامسي ورتيءَ وارا جي ٻين کي ڏک پھچائڻ لاءِ ڀوتن پريتن، پڪين
پشاچن وغيره جي پوڄا ڪن ٿا ته ھن لوڪ ۾ ڪين عرض مان جي سڌي ٿئي يا ٻين سند
دشمن کي ڏک يا نقصان پھچي. اھڙا انسان مرڻ کان پوءِ ڀوتن پريتن جون جوڻيون پا
ڀٽڪندا رھن ٿا. جيڪي مھاپرش ڀڳوان جي پوڄا اُپاسنا ڪن ٿا، انھن لاءِ ڀڳوان چوي
ته ھي شرير تياڳي مون سان اچي ملن ٿا. ان مان صاف ظاھر آھي ته جنم مرڻ جي ڏک
کان ڇوٽڪارو ۽ اکنڊ آنند جيڪو ھن منش جيون جو مقصد آھي، اھو ھڪ پرماتما جي

بيءَ سادي شيءِ جو ڀوڳ لڳائجي، پر پنهنجي هستيءَ ۽ شڪتيءَ انوسار ڀوڳ لڳائڻ ۾
ن ڍيج ڪرڻ گهرجي. سُدامي وچاري وٽ ته ڪجهه به ڪين هو. ڀڳوان انترجامي آهي
ڀاونا کي ٿو ڏسي.

جهنگل ۾ هڪ ڀيل قوم جو ڇوڪرو هو، مگر پرڀو ڀڳت هو. جيڪو ميوو مٺو ۽ لذيذ
ـت لڳندو هوس، اهو ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ رکندو هو. جوٺي ليڻ جو به خيال ڪونه ڪندو
ـ، پر چکي ڏسندو هو. هڪ ڏينهن ان ۾ هڪ سهڻو انگور وانگر ڦل هٿ آيس، جو
ـر ۽ نرم هو. جهٽ ۾ آيس ته چکي ڏسان ته ڪيترو مٺو آهي. وات ۾ وڌائين ته غضب جهڙو
ـادي لڳس. يڪدم خيال آيس ته وات مان ڪڍي ڀڳوان لاءِ رکان، پر اهو ڦل وڃي
يءَ ۾ اٽڪيس. اندر نه هليو وڃي، ان ڪري يڪدم ڇرو ڪڍي اهو ڦل ٻاهر ڪڍيائين.
ي لڳڻ ڪري اهو ڦل ته رت سان ڀرجي پيو، پر ٻار به مرڻ لڳو. ساهه جو سانگو نـ
ـري، اهو ڦل ٻاهر ڪڍيائين. تڙپڻ لڳو ته ڀڳوان کي ڀوڳ لڳايان، پر ٽوس نه پيو هليس،
ـو گهاءُ ڏاڍو وڏو ٿي پيو هوس ۽ مرڻ لڳو، پر اها جا واسنا هيس، سو ڪيئن ٿو ڀڳوان
ـڙن پرڀو ڀڳتن جو دک سهي سگهي؟ يڪدم ظاهر ٿي ڀڳوان پنهنجي امرت درشٽيءَ
ـن سندس گلو ٺيڪ ڪري نوبنو ڪيو ۽ هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "هي پرڀو!
ـ ڦل اوهان کائو." اهو به خيال نه آيس ته رت ۾ ڀريل ۽ جوٺو آهي! هيڪي ته اهوئي
ـل هو ته اهڙو مٺو ۽ لذيذ ڦل مان ڇو کان، بهتر ته ڀڳوان کائي." ڀڳوان چيس ته "پيارا!
ـ ڦل ته مون پنهنجي رسنا ۾ وجهي اڳيئي انگيڪار ڪري ڇڏيو آهي." ڪي چون ٿا
ـڀڳوان ۽ مورتيون ۽ گرنٿ صاحب ڪيئن ڀوڳ انگيڪار ڪندو؟ پر هن شلوڪ ۾ ڀڳوان
ـ لفظ چيو ته "اشنامي" يعني قبول ڪريان ٿو، ڀوڳ لڳايان ٿو. شرڌا ۽ پريم جو ٿي
ـ لڳي ٿو ۽ نه وستوءَ جو. جيڪڏهن ليڪ شرڌا آهي ته ڀڳوان ۽ مورتين مان ديو ديون
ـهت ٿي وستوءَ جو به ڀوڳ لڳائين ٿا. نراڪار هوندي به هو اسان جي سنڪلپ، واسنا
ـرڌا کي قبول ٿو ڪري. ان لاءِ ڪو به اعتراض ڪرڻ مورکتا آهي. وهنوار ۾ به وڏن
ـن مائٽن ۽ آفيسرن کي مٺا ميوا، مٺايون وغيره ڀيٽ ڏيندا آهن، پر اهي هو سڀ
ـ ته ڪونه کائيندا آهن. هو ته انگيڪار ڪري ڪٽي الي ٻچڙن ۾ ورهائيندا آهن يا
ـڪرن چاڪرن کي ڏيندا آهن يا گهر موڪليندا آهن. هو ڏيندڙن جو پريم ۽ ڀاونا ٿا
ـن ته هنن اسان جي عزت ڪئي آهي. هو ڪو هيرو ۽ مال جا بکيا ته آهن ۽ نه اهو ٿا
ـن ته ڪهڙي شيءِ آهي ۽ سؤ روپين جي. جڏهن وهنوار ۾ به ائين آهي ته پرماتـ
ـمين ته ائين ٿي ٿو سگهي؟ ايشور کي ڪا پدارٿن جي ٿڪ ۽ گهرج آهي ڇا، جڏهن
سڀ ڏنا به ٻار انس؟ رڳو شرط آهي ته پريم ۽ سچي شرڌا هجي.

شري رامچندر جڏهن ۱۴ ورهيه بنواس ڪاٽي واپس گهر آيو ۽ آيو ته سندس ماتا
ـشليا ڏاڍي پريم وچان چيس ته "رام! تو بن ۾ جيڪا ليلا ڪئي، سا ڏاڍي سندر ۽
ـهتي. سڀ ڪجهه ڏٺم، مرياد موجب هو، پر هڪ ڪمزوري ڪئي اٿئي، جا اسان

ني ڏنل پدارٿن مان جيڪو مٺ ڀوڳو ڏل، شرڌا ۽ پريم سان ڪجهه به ڪيس ڀوڳ لڳ
يا ارپڻ ڪريٿو، اهو ڀڳوان چوي ٿو ته مان ڏاڍيءَ سڪ سان قبول ڪريان ٿو، ڪٿي اهو
پدارٿ رڳو گل ڦل، ميوو يا جل ئي هجي. اسين سندس ڏنل ڀوڳن پدارٿن مان
ڪيترو به ڪيس ارپڻ ڪريون يا سندس نالي تي دان پن ڪريون، اهو سڀ سچ پچ
ڦل جي برابر ئي آهي، ڇو ته هو ته اسانکي انيڪ پدارٿ هر وقت پيو ڏئي. هو ته
۽ پريم کي ڏسي ٿو ۽ نه پدارٿن جي ملهه کي. نامديو جو کير، ڌني ڄٽ جو ڏوڌو ۽
شبريءَ جا جوٺا بير، ڪرما ٻائيءَ جي کچڙي سڀ پريم ۽ سڪ وچان هن انگيڪار
ڇو ته هنن شرڌا ۽ ڀڳتيءَ سان ڪيس ڀوڳ لڳايا هئا. ودر ڀڳت جي ڳال ڪيلن جون
کلون ڀڳوان ڪرشن کي کارايون ۽ ڀُر لتي پئي ڪئي. هوءَ ڀڳوان جي پريم ۾ ايڏو ته
هئي، جڏهن ڀڳوان سندن گهر ۾ آيو هو. پر ڀڳوان کي انهن کلن مان ايڏو ته رس پئي
جو جڏهن ودر گهر ۾ آيو ۽ ڳال کي اهو اڻتو ڪم ڪندو ڏسي ٻاڙ ڀڳوان کي ڳڙ ڪارائڻ ل
ڀڳوان چيس ته "هي پيارا! هنن کلن مان مونکي وڌيڪ سواد ٿي آيو." هن ش
ڀڳوان صاف ٿو چوي ته اسين ڪهڙو به سادو پدارٿ پريم ۽ شرڌا وچان ڀڳوان کي ڀوڳ
لاءِ ارپڻ ڪريون ته هو اهو ڏاڍيءَ خوشيءَ سان قبول ٿو ڪري. ڀڳوان جي انيڪ پد
اسانکي ڏنا آهن، اهي اسين سڀ پنهنجي لاءِ سمجهي پيا ٿا کائون، پيئون ۽ چ
مائيون ۽ ڪجهه به پرايڪار، دان پن ۽ ٻين جي سيوا مدد ۾ نٿا لڳايون. جيڪي پد
آپسوارٿ پٺي ٿا خرچ ڪريون، سي ته سڀ اجايا ٿا وڃن ۽ ٿو جيترو به اسان جو
ڪين سڌاريندا. ايشور جي ڏنل ڌن دولت مان ڪجهه ته هنجي نمت ڏيڻ سان ئي
سڦلي ۽ سکدائي ٿئي ٿي ۽ پرلوڪ جو توشو ٺهي ٿي. سدامو غريب هو، گرهست
جنجال ۾ ڦاٿل هو، پر سپاءِ الوسار ڪاما رهت هو، ليڪن ڳال جي گهٽي زور
ڌن پدارٿ جي ڪاما رکي ڪرشن ڀڳوان ڏي دوارڪا وڃڻ لاءِ سنبريو. خيال آ
ڪجهه پيٽ ڪٿي وڃان ۽ هٿين خالي ته وڃڻ جڳائي. ٿورو چانورن جو ڏارو سندس ا
پاڙي جي ڪنهن گهر مان ولي ڪيس هڪ پراڻي ڪپڙي ۾ ٻڌي ڏنو، جو هو ڪٿي
من ۾ ڏاڍو شرمندو ٿيندو پئي ويو ته ڇا وڃي ڀڳوان کي چوندس ته مون وٽ ڪا
ڪجهه ڪين آهي؟ آخر وڃي پهتو، پر مک سان ڀڳوان کي پنهنجي غريبيءَ يا گهرج
بلڪل ڪجهه ته چيائين ۽ اها چانورن جي ڳنڍ به بيو شرم وچان لڪائي، پر ڀڳوان ته
پريم ۽ سڪ وچان اها ڪانئس گهري ورتي ۽ اهي چانور ڏاڍي شوق سان ڦڪ ڀري
لڳو چوڻ ته امرت روپ هئا! ستڀاما ڪجهه هاسي ڪئي، پر ڀڳوان چيس ته "الين
برهمڻ کي ڪڏهن به ٿوڙن ته سمجهجي. هي چانور ته اهڙا امرت روپ آهن، جو
اهي ڏسڻ ٿا ياد پون، جڏهن ماتا جسودا جي گهر کير مکڻ کائيندو هوس، تڏهن هوندي
ان کير ۾ وجهي کان ها!" مطلب ته پريم سان ڏنل چانورن جي ڏاري هي به ڀڳوان
ته عزت ڪئي! ان جو مطلب اهو ته سمجهڻ گهرجي ته پدارٿن هوندي به پرماتما کي

ـب ۾ آيو آهي.

دس ڀيتون لي پاڇي پاوي - ايڪ ٻيب ڪارن ڀڳوت گرائي ؛
ايڪ پي نه دي، دس پي هر لي - تهءِ مورڙها ڪهه ڪها ڪري؟

گروگهو ۾ اهو نيم آهي ته هر ڪو سک پنهنجي ڪمائيءَ جو ڏهون حصو پرماتما جي ـي ڏئي. ويدن شاسترن ۾ به اهوئي حڪم آهي ته ڪجهه نه ڪجهه نيم سان پنهنجي ـانيءَ مان ڏجي نه ته ڪمائيءَ ۾ برڪت پوڻ بدران اها ڪمائي به پاپ ميه ٿيندي. اسان ـو وچن ماتا جي گرڀ ۾ ڀڳوان سان ڪيو آهي، پر ٻاهر اچي ڦري ٿا وڃون، جو بلڪل ـ پاپ آهي. راجا دسرٿ پنهنجي زال ڪي ڏنل وچن ڪري پياري سپتر شري رامچندر ـ ڇوڙو سنو ۽ اُن ڪارڻ پران به ڏنا، پر وچن نه ٽوڙيائين!

شلوڪ ٢٧. هي ڪنتي پترا جيڪي به تون ڪرين، کائين، هوم ڪرين، ـ ڪرين، تپسيا ڪرين، اُهو سڀ مون کي ارپڻ ڪري ڇڏ؛ سڀ ڪرم ـ لاءِ ڪر.

مطلب ته جيڪي به پنهنجي سڀ وهنوار سان ڪجي، جپ تپ، سنڌيا وندن، ـا، ستسنگ، پراپڪار، ديا، ڌرم جو ڪرم جيڪو به (سالوڪي آهار) کائجي، جو ـي هوتر يا يگيه ڪجي، جيڪي به (اَن، ڌن، وستر، سون، گئو وغيره جا) دان پنج ڪجن، ـا به تپسيا ڪجي، اهي سڀ ڀڳوان جي ارپڻ ڪري ڇڏڻ گهرجن يعني انهن ۾ ڪا ـهي ڪنهن به قسم جي ممتا نه رکجي. اهي سڀ اسين ڪري به پرماتما جي ڏنل ـنين ۽ ڌن پدارٿن سان ٿا سگهون ۽ ان ڪري اهي ڪرڻ به رگهو هنجي راضپي هت ـ لاءِ گهرجن.

آهار ٽن پرڪارن جو ٿئي ٿو: سالوڪي، راجسي ۽ تامسي. آهار موجب ئي وهنوار ـهڪرڻ ٿئي ٿو. ڀڳوان هن شلوڪ ۾ سالوڪي آهار ڏي لو اشارو ڪري. تپسيا جو ـ آهي ته جيڪي پاپ گناه اَسين اڻڄاڻائيءَ وچان يا ڄاڻي ٻجهي ڪريون ٿا، ڪن ـڪي ڌرم موجب سمجهي ڪريون ٿا، پر ڦل پاپ تو نڪري ۽ پيا اهڙا نامعلوم پاپ ـنتا، اهڙن سڀني ڪرمن جي ڦل يا سزائن کان بچڻ واسطي پراشچت ڪرڻ ضروري آهي. ـدشي، ستنارائڻ ۽ ٻين اَهڙن ورتن رکڻ سان اُنتهڪرڻ شڌ ٿئي ٿو ۽ اندريون سنجم ـ ٿيون. اهي به تپسيا جا نمونا آهن. هن شلوڪ جو اُپديش بلڪل سڪدائي ۽ سدر ـ. سڀ ويد شاستر پران اِهو ٿا چون ته خودي ڇڏي، نر اهنڪار ٿي، سڀ ڪرم ـ گهرجن ۽ انين ڪندي به سڀ ڪجهه پرماتما جي اَرپڻ ڪجي. هي اُپديش ڪو ـ واسطي نه آهي پر آد کان رشين، منين، سنتن، مهاتمائن سڀني انين ڪيو آهي، تڏهن ـن جو ڪلياڻ ٿيو آهي ۽ هو پرم پد کي پهتا آهن. پنهنجي ڪا به ممتا ڪرمن ڪرڻ ـ نه ئي رکي. هڪ راجا يا ڪنهن وڏي عملدار جي ڪو پرش شرڌا ۽ پريم سان ٻيا

جي خاندان، ڪتري ڀٽي انؤسار ٺيڪ نہ هئي. هڪ جهنگلي عورت، جنهنکي هٿ منهن نڪي ڌوئڻ آيو، انجا جؤتا ڪيل پير ٺو وٺهي ڪاڏا!“ ڀڳوان اهو ٻڌي جالو تہ هيءَ تہ باهر مريادا ني ڏسي، پر ڀڳتيءَ ۽ پريم کي نڪي سڃاڻي. ڇپائين تہ ”ماتا! هي پير جؤتا ڪ حيل هئا، پر بلڪل سخت هئا، جي هن وات ۾ وجهي چٻاڙي نرم ڪري مونکي ڏنا. مون چاهيو ٿي تہ اهي مونکي نرم ٿي ملن.“ ماتا حيران ٿي چيو تہ ”هان! مون ٻڌو هو تہ هن رکيو چکي ٺوکي ڏنا، پر ٺون تہ چوين ٿو تہ وات ۾ چٻاڙي نرم ڪري ٺوڪ ڏنائين.“ ڀڳوان چيس تہ ”ماتا! اهو پريم جو سؤدو آهي. هنکي مون سان پريم هو. ه خيال ڪيو تہ ڪٿڻ مان اهڙا سخت پير ڪائيندس؟“ مطلب تہ ڀڳوان جي چرنن مان اهـ ٿي ٺو ثابت ٿئي تہ هو پريم جو بکيو آهي.

گرو گوبندسنگهہ جن وٽ ڪڙهہ پرساد ايندو هو تہ هؤ رکيو اڳر لڳائي يا پنهنجو لـ لڳائي انگيڪار ڪندا هئا. پرساد پيش ڪرڻ وقت اها ياونا هئڻ گهرجي تہ شل انگيڪ ٿئي. هڪ ڀڳوار هو، جنهنجي ڏاڍي شرڌا هئي تہ خدا ڪڏهن بال روپ ٺي مون و اچي تہ مان سندس سهڻا سهڻا وار ڪير سان ڌوئان. رکيو هڪ چولو پيل هجيس ۽ اچي مـ جي هنج ۾ وهي! اهو هنجو شڌ ڀاءُ ڏسي، پرماتما اهڙوئي بالڪ روپ ڌاري هڪ ڏيـ سندس گود ۾ اچي ويٺو ۽ هن پنهنجي شرڌا پوري ڪئي. وڏا وڏا ودوان پرٿيون پڙهـ مالهالـون قيري رهجي ٿا وڃن پر سچيءَ سڪ ۽ شرڌا سان ياد ڪرڻ ٿي هڪ ڀڪرار پرماتما کي ٻالي ٺو سگهي. متراءِ، ٻندراٻن، ڪاشي ۽ ٻين تيرٿ استانن ۾ ٺاڪرن اڳ راجائون مهاراجائون هزارن روپين جا ڀوڳ لڳائين ٿا، لڪن ڪروڙن جي شيوا ڪيتا، اهـ ڪي اپاٽا تہ ڪونہ آهن. هو سمجهن ٿا تہ پرماتما اسانکي خزانا ڏنا آهن تہ انهن مان ٺر ڪيس بہ اوين ڪرڀون. اُمرتسر ۾ ڪنترو نہ پرساد گروءَ ٺي چڙهي ٿو، پر اهو ورهائجي سگهي ۾ ٺوا پيش ڪرڻ ڪان پوءِ پيت ڪندڙ جي ڪاءِ واسيا پرساد ۾ نہ هئڻ گهرجي، اهو سڀ پرساد پرماتما جو ٺيو ۽ اُمرت سمان آهي. جڏهن اُهو ورهائجي ٿو تہ اهو گرو ايهوو طرفان ملڻ جاڻڻ گهرجي ۽ نہ پيت ڪندڙ طرفان. هن ڀڪرار بہ بالڪ روپ ۾ آ ڀڳوان جي گهڻ ٻدار وارن کي ڏسي چيو تہ هيتري مٽي انهن ۾ آهي، سو ڪولي ڪير ڌوئي صاف ڪري هنجا وار سهڪارڀالين تہ سندس اُنتهڪرڻ بہ شڌ ٿي ويو.

هر هڪ قوم، ديش ۽ ملڪ ۾ سهڪو ٺو مڃي تہ دان پنج، خيرات ۽ پراپڪار، ضروري ڪرم آهن، سي هر ڪنهن کي ڪرڻ گهرجن، جو تہ اهو بہ هر ڪو ٺو جا تہ منهنجو ڪلياڻ ٿئي. ان ڪري پرماتما نمت ڪنهن گهرجائوءَ يا غريب کي ڏيڻ هر ملڪ يا جاتيءَ ۾ ضروري ٺو سمجهيو وڃي. پنهنجي ڪرت ڪمائيءَ مان ڪجهہ حصو پر جي نمت ارپڻ ڪجي ٺو، تہ اهو جڻ پنهنجي ڪمائيءَ کي سڦلو ڪرڻ آهي. ڀڳوان ڪا گهرج يا چاهنا ڪانہ آهي. هو تہ پاڻ ڏيڻ وارو ڏاتار آهي، پر اسان جو فرض آهي ڏنل ڏات مان ڪجهہ ٺاهاٺيءَ، هوڪلا ۽ پريم وچان ڪجهہ ايهوو جي نمت لڳايون. سڪ

ا وڏا گنهگار ڇو نہ ڪٿي هجن، انهن جي بہ جيئري رهڻ تائين خوراڪ بند نہ ڪجي. راجا
بين پائين بہ هن برهمڻ کي ڏاڍي پريم سان وهاري پوڄن ڪرايو ۽ سڀ خوش ٿيا تہ هڪ
ألتي برهمڻ ڪاڌو تہ هاڻي پوڄن أمرت ٿيو. أجا پاڻ کائڻ وٺا تہ هڪ ڪتريءَ جي واس ۾
تتي آيو ۽ چيائين تہ "ڏاڍو بکيو آهيان. جيتوڻيڪ آهيان ڪتري ۽ مونکي گهرڻ نہ ڳڻائي
ر وپتيءَ ۾ آهيان ۽ اهڙيءَ حالت ۾ شاستر ڪتريءَ کي بہ بکيا گهرڻ جي موڪل ڏين ٿا."
اجا، راڻي ۽ ٻيا پائي سڀ خوش ٿيا تہ هڙئي وپت ڪال ۾ بہ در تي ألتي آيو آهي. اهي
سان جا وڏا ڀاڳ چئبا. راڄ ڪرڻ وقت بہ دان ني ڪيائون ۽ هاڻي بہ خوش ٿيا تہ ڪجهہ
بتي سگهون ٿا. ڏاڍي سڪ ۽ پريم سان هنکي پوڄن ڪرائائون. اجا هو کائي ويو مس تہ
نه سنگهاسن تي ۽ مان نه اُن تي وهان، اهو ٺيڪ ڪونهي. شش واڱر سوال ڪريو.“ راجا ڪڍ
پنهنجي تخت تان لهي مهاتما کي اُن تي ويهاريو ۽ پاڻ سامهون ٻئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو
ته ”مهاراج! هاڻي ٻڌايو ته پرماتما ڇا ٿو ڪري؟“ مهاتما جواب ڏنو ته ”هو اهو ٿو ڪري
جو راجائن کي لاهي ڦقيرن کي تخت تي ٿو ويهاري. مٺن کي جلوو ڪري، جلون کي

ماڌو جل کي پياس نه جاءِ - جل ۾ اگني اُلي آڌڪاءِ. (رهاءُ)
١- تون جل ٿل هُو جل ڪا مين - جل مهه رهت جلهه بن ڪين.
٢- تون پنجر هه سؤ لٽا تور - جر منجار ڪها ڪري مور.
٣- تون تڙوَر هه پنکي آهه - مند ڀاڳي تيرو درشن ناٿهه.
٤- تون ستگور هه تؤلن چيلا - کهه ڪبير مل اَنت کي ٻيلا.

هي ماڌو، مايا جا آڌ پتي! اوهان جي نام جي پياس ڪڏهن به گهٽ نه ٿئي. نام جو جل اهڙو آهي جو جيترو ڪم پئي ٿو، اوترو ئي من جي پياس وڌي ٿي. ان لاءِ جدا جدا دليل ٿو ڏئي. جوڻي ٿو نه هي سائين! اوهين جل جا ساگر آهيو، مان ان ۾ هڪ مڇي آهيان ۽ ان ۾ رهان ٿي نه واهه، پر ٻاهر نڪرنديس نه ناس ٿي وينديس. مان هڪ طوطو آهيان ۽ اوهان مون لاءِ هڪ پڃرو آهيو. ان ۾ بند هوندس نه سلامت رهندس ۽ ٻيو روپي ٻلو مون کي ڪجهه ڪري نه سگهندو، پر جي ٻاهر نڪرندس نه کائي ويندم. اوهان هڪ درخت آهيو، جنهن ۾ مان هڪ پکي رهان ٿو پر مند ڀاڳي واري کي اوهان جو درشن نٿو ٿئي، يعني نام ۾ پريم نٿو لڳي. هي مالڪ! اوهان منهنجا ستگرو آهيو ۽ آءٌ اوهانجو هڪ ننڍو چيلو آهيان. سو اَنت ڪال وقت ضرور مون کي درشن ڏجو. انسان جو ويلو هي منش جنم آهي، جو گهڻي ڀٽڪڻ کان پوءِ مليو آهي.

چؤپڙ راند ۾ ساري جڏهن سڀ جڳهه خانا ڦري آخري (last) پهچندي آهي نه پوءِ ڪابه ساري ماري ڪين سگهندي آهي، مگر ان کان اول جيڪڏهن ماري وڃي وري سڀ خانا ڦرڻا پوندس ٿا. ان طرح هي منش جنم هٿان ويو نه وري چوراسيءَ جي چڪر ڀٽڪڻو پوندو.

پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ ڪا سؤ کي ڳالهه نه آهي. هڪ مزور سارو ڏينهن سخت پورهيو وري ڪري روزي ڪمائي ٿو پر جي ان کان پڇو ڪنهن ڪم ڏني ۽ چوندس نه سارو ڏينهن وهي نام جپ، مالها ڦير نه قبول مشڪل ڪندو! سهجو ڀڳت اهو سڌ ڪري ڏيکاريو آهي. هو لاهور ۾ رهندو هو ۽ صبح جو روز راوي نديءَ تان اشنان ڪري، ٿي ڪري ١١-١٢ بجي پنهنجي آستان تي پهچندو هو. هڪ لڳا پئي آيو نه چار پنج ور بيٺا هئا ۽ پئي چيائون نه اڄ روز نه لڳو آهي. ڀڳت چيو نه اچو، مون وٽ ڪم آهي اوهان کي ساري ڏينهن جي مزوري ڏيندس، جيتوڻيڪ اڌ ڏينهن پورو لڳي آهي. ولي آيو آستان تي. هڪ پير ڏناري ڪين مالهائون ڏنائين نه ۽ وهي اها ڦيري رام جپي. ڪين چيائين نه اوهان کي کاڌو به ملندو ۽ ساري ڏينهن جي مزوري به. ڪلاڪ مس گذريو نه هو اٻاسيون ڏيڻ لڳا ۽ پيا هڪ ٻئي ڏانهن نهارين. آخر چيائون سائين! هي ڪم اسان کان نه پڄندو! ڀڳت صاحب چيو نه ڀلا اڌ ڏينهن نه پورو ڪريو نه جن به تيار ڪندو. پر هو ٿو سنڀالي ڪين! گرو گوبند سنگهه جن ٻانڪ الله پور ۾ ڪم ڪرائي پيا هئا. هڪ ڏهاڙي ڪن مزورن کي گهرائي چيائون نه اڄ ٻي مزوري ڪرڻي اٿو. هي

جڏهن ڀڳوان ارجن کي گمان رُوپي مها اُگهه ڀنڊارن جو دان ڪري رهيو آهي، جه
اڳيان هيرا جواهر، مٽيا ۽ سونلي يا پارس به ڪجهه ڪين آهن، تڏهن ارجن ڪئن نه ڀڳ
جي اُستتي ڪري ڀڳوان جي لالڻي ڏيکاري ۽ اهو دان سڦلو ڪري؟ هو ڀڳوان جي ڌيان ڪ
درد ڪرڻ لاءِ هيءَ پرارٿنا ٿو ڪري، ڇو ته جڏهن ڀڳوان هر وستوءَ، جڙ يا چيتن پر وياپ
آهي ته پوءِ ڪهڙيءَ وستوءَ ۾ ڌيان ڪري، هو ڀڳوان جي سماڌي ڀڪي ڪري؟ هڪ ر
آهي گرو منتر جو جاپ ڪرڻ ۽ پيو آهي هر وقت پرماتما روپي رکڻ يعني سمجهڻ. جاڳ
ڪالڻ پنڌ وقت هميشه پرڀو جو چنتن ڪجي. گنگا کي مهاتما طوطو ڏٺي ان کي رام
جهالڻ لاءِ چيو، جو جڏهن ته هن لاءِ منتر جو جاپ هو. اڄامل کي سنتن اولاد ۾ موهه ڏس
نندي پتر جو نالو نارائڻ رکايو ۽ مرڻ وقت جڏهن دوتن کان ڊڄي هن پنهنجي پتر نا
کي نارائڻ نارائڻ ڪري سڏايو ته هو شب گٽيءَ کي پراپت ٿيو. ڪانڪسي البڏي شڪ
آهي، جو پاڻ يا ڪٽهاڙ ۾ ڪٽن ته جهڄي ته به سنو ڦل ملندو. جهن ڏرلي ۾ ٻه ڪئن ه
سٽنو وجهو، ڪلي حوش ٿي يا روٽي ۽ پر سان وجهو، ته به ڦل ڏيندو. پارس کي ڪ
مان ڪاسائي جي ڇريءَ سان لڳايو يا کهاڙو ڪئي پارس کي هٿو ته به پارس پنهنجي
سون ڪندو. ان طرح پرماتما جو نالو موهه ۽ چاهه جهڄي يا ٿرموهي ٿي ته به اڌار ڪند
عمران پالي ڪرشن کي پتي ۽ روپ جاڳي هن جي پڇر پر مست رهي ۽ ڀڳتي اُپاسنا ڪ
پرم پد حاصل ڪيو. ڪبير ڀڳت ۽ گرو نانڪ پورن برهم گياني هئا ۽ سگڻ اپاسنا ڪ
واري هئي. سوامي رامانند ڪبير ڀڳت جو گرو مورتي اُپاسڪ هو ۽ من سان پنهنجي اي
دمو جي پوڄا ڪندو هو. مطلب ته اهي سڀ جدا جدا رستا ۽ پاڻ آهن. ارجن پڇي ٿ
پاڻ ڪهڙي طرح جو چنتن ڌيان ڪري؟ هو چاهي ٿو ته سنسار جي هر هڪ پدارٿ ۾
ڪي ڀڳوان ڪرشن ڏسڻ ۾ اچي. ارجن جي پاونا بلڪل اوچي هئي، ڇو ته اپديش ڪ
وارو به ته اهڙو اوچو هو، جنهن جهڙو پيو نه ڪڏهن ٿيو ۽ نه ٿي سگهندو. پنهنجو ڌيان ج
طرف لڳائيو، ان طرف ورتي پڪي ٿيندي. ورتيءَ لڳائڻ کان سواءِ پتر ڏسن ٿا
سچ پچ نٿا ڏسن ۽ ڪن ٻڌن ٿا پر سچ پچ نٿا ٻڌن ۽ ڇو ته من ان طرف لڳل نه آهي
انسان جو من سنساري پوڳن پٺيان ڀٽڪندو رهي ٿو. جڏهن ڪنهن ستسنگ ڪري من
پرماتما طرف لڳايون ٿا، تڏهن اهو ڌيان کي هڪ جاءِ سمجهي اُن مان لڪڻ لاءِ ترقي
جتن ڪو پڪي جاءِ ۾ ڦاسندو آهي ته لڪڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪندو آهي پر جڏه
وس نه هلندو اٿس ته ماڻهه ڪري ويهي پاڻ ڦاسائيندو آهي. ان طرح من کي به جه
ڪوشش ۽ ابياس سان ڌيان مان لڪڻ نه ڏيو ته اهو شانت ٿي ڀٽڪڻ کان آجو ٿي ا
لڳو رهندو. الڪري ستسنگ، جاپ ۽ ڌيان روپي جاءِ من لي ضرور وجهڻ گهرج
ڪمترو به هوا ان ۾ ترقي ته آهو ڪيو ۽ پوءِ ڌيان ۾ پڪو ٿيندو.

ڪبير ڀڳت جو نام ۾ ڪمترو پريم هو، اهو ڪوڙي واڳ جي هڪ شعر ۾ ورنن
آهي، جو گرنٿ صاحب ۾ درج ٿيل آهي:

جيڪا هن هن مثل کي اها سمجهه اچي رهي، جنهن ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ڏيئي ڏنو ته
...ٽا مثل ته ساري برهمانڊ جا سڀ ٻرندڙ هڪ پرماتما جا ئي روپ آهن ۽ هوئي هر هڪ
...ي هردي ۾ وسي رهيو آهي ته اهوئي سڀ ڪجهه آهي، جاڪاڻ ته پوءِ ڪو به انسان هوندو
...ڪنهن سان دشمني ڪري ۽ نه ڪنهن کي ڌاريو يا پاڻ کان جدا سمجهي. هن مثل جنم
...۾ اهوئي مقصد آهي ۽ هي گيان هن جولي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به جولي ۾ ڪونه پائي
...گهيو. مثل جنم ۾ اسين پنهنجي دماغ ۽ عقل سان گهڻو ڪجهه ڪري ٿا سگهون. و هموار
...ي ڏسجي پيو ته ڪيتري نه مثل ترقي ڪئي آهي. هوائي جهاز هلن ٿا، هزارن ميلن
...ن ريڊيو رستي ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، نوان اچن ٿا، جنگ لاءِ ايڪ قسمن جا ڀيانڪ
...ڀوڻاڪ هٿيار ٺهيا آهن، ايڪ قسمن جون ڪلون انسان جي مدد لاءِ ٺهيون آهن. مگر
...سن اهڙي اٿر ڏسي پائي به ڪٿي ٿا هلون؟ دنيا لاءِ ڏوڙ رهيا آهيون، پاڻهي پنهنجي پيرن
...ي ڪهاڙو ٿا هڻون. پرماتما هيترا پدارٿ ۽ سک اسان کي ڏنا آهن، ليڪن انهن لاءِ
...ڪر گذاري مڃڻ لاءِ اسين ڪجهه ئي ڪريون. سارو ڏينهن رات مايا مڙڻ ۽ ڀوڳن ڀوڳڻ
...لڳا پيا آهيون. رڳو صبوح ۽ شام جو به پنهنجي مالڪ ايشور کي ياد نه ٿا ڪريون، پر دنيا
...پدارٿ سڀ ناسوان آهن ۽ ساڻ نه ٿا هلندا، پر هت به هميشه نه هوندا.

هڪ دفعي نارد مني ڀڳوان وٽ وڪنٺ ۾ ويو. چڱو ڀلو ۽ سنمان مليس. سوال
...ڇيائين ته "هي سوامي! اهڙو به ڪو اوهان جو ڀڳت آهي، جو اوهان کي بلڪل پيارو
...ي؟"

ڀڳوان چيس ته "ها." نارد اُن جي درشن جي اڀلاشا ڏيکاري ۽ سمجهايائين ته هو ڏو
...۾ رشي مني هوندو. ڀڳوان ٻڌايس ته فلاڻي ڳوٺ ۾ فلاڻو زميندار ڪمتيءَ وارو آهي،
...اُتي آيو ۽ هن جي گهر جي ٻاهران ويهي رهيو. ڏٺائين ته صبوح جو اُٿي ڪرڻا ڪرم
...ي ڪجهه پاٺ پوڄا ۽ سيرن ڪان پوءِ ڪلهي تي پچاري رکي ٻيل وٺي هليو زمين تي.
...به اوڏانهن ويو. اُتي جيڪو ڪمتيءَ جو ڪر لڳندو آهي، اهو ڪيائين. شام جو ٻيل
...گهر آيو. ٻيل کي ٻڌي پوُسو، گاهه وغيره ڏيئي ڪجهه نام جپيائين، پوءِ کاڌو کائي
...وقت ڀڳوان جو ڌيان ڪري سمهي رهيو. نارد کي عجب لڳو ته هي ڪٿي وڃي ڏو
...ڇڏيو؟ آيو ڀڳوان وٽ. هن پڇيس ته "نارد! منهنجي ڀڳت جو درشن ڪري آئين؟"
...ڪچهري نه پيو. آخر چيائين ته "سائين! هن ته ٿورو ڪجهه صبوح ۽ شام سمرن ڪيو،
...سارو ڏينهن ته پنهنجي ڌنڌا ڪيائين. سو وري اوهان جو پيارو ڀڳت ڪٿي ٿيو؟"
...ن چيس ته "هي نارد! چڱو، ڀلا هيءُ تيل سان ڀريل ڪٽورو اُٿي. هن کي سارو ڏينهن
...هٿن تي رکي شهر مان گهمائي اچ، پر جنهن هڪ به ڦڙو تيل جو نه ڪري." نارد اهو
...رو ١٢ ڪلاڪ ساري شهر ۾ ڦيرائي شام جو واپس کڻي آيو. ڀڳوان پڇيس ته "١٢
...ڪن ۾ تو موليڪي گهڻا دفع ياد ڪيو؟" چيائين ته "بلڪل نه. منهنجو سارو خيال ته هن
...ري ۾ هو، جنهن تيل نه هاري." ڀڳوان چيس ته "نارد! تو تيل جو خيال ڪندي

مالهائون ڪٽي سڳنڌ واهڪرو وڃي ٿو. سڀ وڻ ۽ ٻوٽا هڪ ئي مالهيءَ جي
ڪمائون نه چونڊيا سنڀالين! مان هر ڪم ڏکيو آهي. اسان جون آڱريون لمون سڀئي ڪن!
هر ٻوٽي ڪٽڻ جو ڪم سولو آهي. گڏهه کي مصري ڪارائجي نه ڪو به قدر ڪونه ڪندو،
هاٿيءَ کي عطر سنگهايو نه پسند ڪونه ڪندو. ان طرح هيءُ من به ٻالڪ آهي ۽ ان کي
لڳڻ پسند ڪونه ڪري. پر ڪنهن لڳائڻ به ضرور آهي.

شلوڪ ١٨. هي جناردن! مونکي پنهنجي يوگ شڪتين ۽ وڀوتين بابت وري وستار سان ٻڌايو، ڇو ته اوهان جي امرت روپي وچنن مان مونکي ڍءُ نه ٿيو آهي.

جناردن لفظ جو ارٿ آهي جو اسرن کي نرڪ ۾ موڪلي يا جنهن جي سڀ آرادنا ڪن ته سندن آشائون پوريون ڪري ۽ سندن رکيا ڪري.

ارجن وري اهو لفظ ان ڪري ڪم آندو آهي جو ڀڳوان اڳ ۾ ڪيس سنکيپ ۾ ٻڌايو آهي پر اهو سڀ اشاري ماتر هو ۽ ارجن وستار سان ٿو ٻڌڻ چاهي.

شري ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ١٩. هي ڪورون ۾ سريشٽ ارجن! مان هاڻي توکي پنهنجي رکيه مکيه وڀوتين بابت وستار سان ٻڌائيندس؛ ڇو ته منهنجي شڪتين جو ڪو به انت يا پار نه آهي.

ارجن کي ڀڳوان اڌڪاري ٿو سمجهي، ڇو ته ڪيس اتڪرش ۾ پاڻ جو مثل يا من جو وکيپ نه آهي ۽ ان ڪري هو لتو گيان پائڻ جو لائق آهي. مڌيه اڌڪاريءَ کي اول اپاسنا ڪرڻ من جو وکيپ (چنچلتائي) دور ڪرڻو آهي، ته پوءِ هو گيان اپديش جو لائق ٿيو. اپاسنا ٻن قسمن جي ٿئي ٿي: هڪ يوڳ اپاسنا ۽ ٻي مورتي پوڄا. نيان اڌڪاري گهڻت ليکجن ٿا، جن جي اندر ۾ پاپن جو مثل به آهي ۽ من ۾ چنچلتائي به آهي. انهن لاءِ ضروري آهي ته اول شڀ ڪرم، دان، يڄ، سيوا، پوڄا، تيرٿ اشنان ڪري پاپن جو مثل لاهين ۽ پوءِ اپاسنا ڪري من جي وکيپ کي به دور ڪن. ارجن کي هو ڀڳوان جي وڀوتين بابت ٻڌڻ جو اهڙو شوق آهي، سو سندس اتڪرش جي نشاني جو ثبوت آهي. ارجن مهارشين جو سنگ ڪيو هو، جنهڪري سندس اتڪرش لئي سلو الڙ ٿيو هو ۽ هو گيان پائڻ جو لائق ٿيو هو. مهارشن ۽ سنتن جي سنگ مان لئي سچي دولت ملي ٿي، جا آهي پرماتما جي ڀڳتي. ڀڳوان اڳ ڪري ٢٠ شلوڪ کان وٺي ارجن کي گيان اپديش ڏيندو.

شلوڪ ٢٠. هي نند کي جيتڻ وارا ارجن! سڀني پراڻين جي هردي ۾ رهندڙ مان ئي آهيان. سڀني جيون جو آد، مڌيه ۽ انت (اُتپتي، استٿتي ۽ ناس روپ) به مان پرماتما ئي آهيان.

آهي ، سڀ وقت اهو خيال اچڻ نه گهرجي ته ڪڏهن ڪال اچي ولي ويندو ته پوءِ
نڪي دنيا جي رسن ۽ ديهه جو اڌياس ڪٿي رهندو؟" وڏو سمجهي ويو ته راجا جو
ودهي ڪرڻي. هن جو شرير ۾ رهڻ ڪا ماٺ ۽ موهه نه آهي ۽ نه هو ٻاڻ کي شرير ٿي
سمجهي ٿو. جيڪڏهن اسان ۾ موٽ جو ڊپ رهي ته ڪو به پاپ هوند ڪونه ڪريون!
ڪي سڀهي لڏون ڪندا آهن، چورن ۽ انهن جون ليڊرون آهن ۽ پر جيڪي خبردار
جاڳندا رهن ٿا، انهن وٽ چور ڪڏاهين نه ايندا. هن مثل[۱۸جنم] جيڪو هوشيار ٿو رهي،
تولي پنجن دشمنن (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار) کان بچي سگهي ٿو، نه ته
اسان جو ڌرم ناس ڪري اسان کي ناس ڪندا. ڀڳوان کي جيڪڏهن هر هنڌ، هر جيو
هر وقت اسين سمجهون، جنهن هو سڀ ڏسي آهي ته ڪڏاهين هوند ڪو پاپ ڪرم نه
ڪريون ۽ جو نه هو سڀ ڪجهه ڏسي ٿو. اسين پڻ ماڻهن اڳيان ته پاپ ڪرم ڪرڻ کان
ڊڄون ٿا، ته هوند پرماتما جي اڳيان ڪيئن ڪريون، جيڪڏهن هن کي حاضر ناظر سمجهون؟

شلوڪ ٢١. ٻارهن آدتين (پرڪاش ڪندڙ ديوتائن) ۾ آءٌ وشنو آهيان،
روشني ڏيندڙن ۾ آءٌ سورج آهيان، مروُتن (هوا ڏيندڙ ديوتائن) ۾ ماريچ
جي وارو مان آهيان ۽ نڪشترن ۾ چندرما آءٌ آهيان.

شلوڪ ٢٢. ويدن ۾ سام ويد، ديوتائن ۾ اِندر، اندرين ۾ من ۽ سيني
ٽين ۾ چيتن شڪتي آءٌ آهيان.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان پنهنجي ڪن مکيه وڀوتين بابت ٻڌائي ٿو. سڀئي وڀوتيون
ٺيڪ آهن، ليڪن جنهن ٻاڻ جو اُنس، تن کي وڏين وڏين وڀوتين بابت بيان ٿو ڪري.
ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان ٻڌايو ته مان سڀ جو آتما ۽ سڀني پراڻين جي هردي ۾ براجمان
چيت آنند سروپ پرماتما آهيان ۽ سڀني جيون جو آد، مڌيه ۽ انت، مان ئي آهيان. هن
سورو گيان، ڌيان، ڀڳتي اچي ٿا وڃن ۽ مگر ارجن جي خواهش ڏسي ڪجهه وڌيڪ
سان ٿو ٻڌائي ته جدا جدا پراڻين کي پنهنجي ٻڌي ۽ اوستا آهر گيان ٿو ڏئي.
سورج جي اپاسنا ڪن ٿا ته اهي نه سمجهن ٿا ته سورج جي ديوارن هو انهور جي
ٿا ڪن. اِندر جا پوڄاري نه سمجهن ٿا ته اِندر پرماتما ٻاڻ ئي آهي. ستسنگ ڪرڻ
لي اها خبر پوي ٿي ته ڪهڙي ۽ اشٽ ديو جي اپاسنا ڪجي پر جي هن کي پرماتما
روپ جاڻي ڪجي ته اها اپاسنا جلد پرماتما جي ٿي ۽ اهڙو ڦل ملندو. پر جي اهو
نه آهي ته به ڦل ملندو، پر گهٽ درجي جو. انڪري ستسنگ بلڪل ضروري آهي
ي صحبت اصل نه ڪجي، جا انهور کان اسان کي پري ڪري. وڏن وڏن ڌرماتمائن
پريءَ سنگت مان ڇهو رسيو آهي ۽ ڪمزوري پاتي اٿن.

ٻارهن آدتيه هن ريت آهن: ڌاتا، مترا، آريمي، رودرا، ورن، ڀاڳ، سُوريه، وِوسوان،
سوتا، توشتا ۽ وشنو. سال جي ٻارهن مهينن ۾ هنن مان هڪ هڪ ٿالي وارو آدتيه

مولکي پل به ياد نه ڪيو، مگر هو گرهست جو هيڏو ڀاري بوجهو کڻندي، مصمم
ڪندي به هيترا دم جو مولکي ياد نه ڪري، اهو مولکي جو نه وسارو لڳندو
گرهست ۾ ڪيترا نه حرج، ڪيتريون نه جوابداريون، اُن هوندي به پالڻ جون آهن! ان گرهست
۾ رهي، جيڪو سچيءَ دل سان منهنجو ٿورو به سمرڻ ڌيان ڪري ٿو، اهو مولکي پيارو
آهي." گرهست لفظ جي معنيٰ ٿي آهي ٻهارُ هٿان هجڻ. (گِرِهِ معنيٰ ٻهارُ، هست معني
هٿ). گرهست ۾ رهندڙ ٿي جڻ ٻهارُ جيڏو هٿن ۾ بوجهو رهي ٿو. ڌرم پالن ڪندي
جو سنسڪ ڪري ٿو، نام جپي ٿو، اهو وڏو مهاپرش آهي. اُلٽ شرط اشنان پالي ڪري
اينتو ۽ جو نام جپڻ ۽ سنڌياوندن ڪرڻ گهرجي ۽ مگر اڄ ڪلهه نه اُلٽ شرط چالهه، بسمدا
سڪر پت ڪين! ڀڳوان شري رامچندر اوتار ٿي ڪري به اهي نيم، فرض پالن ڪيا ٿي ۽ پرپام
جو اُلي اڀاسا وغيره ڪندا هئا. هندو ڌرم ۾ اهو نيم آهي جو انسان وساري ڇڏيو آهي
مهاڀارت ۾ آيو آهي ته ڌرم جا چار پير آهن: سچ، تپ، دَيا ۽ دان. اُنهن مان ڪو به کهڻ
ٿيو ته ڌرم ۾ ڪمزوري ايندي. ڌرم پوريءَ طرح ڌارڻ ڪيو ته ڀڳوان جي سرو اسڪ
محسوس ٿيندي.

جنڪ راجا جي اڳيان سندس وڏي وزير هڪ ڏينهن عرض ڪيو ته "سائين! اوهين
ڌرم جا اوتار آهيو، مگر شريو اُلو نه به پاڻ کي وڏلهي ڇولا ڪرائيو؟ وڏيه مڪت جو
مطلب آهي ته گيان پالي جيئرو ڇڏجي." راجا چيس ته "هن سوال جو جواب هفتي ڪالهه
ملندءِ." ٽن چئن ڏينهن ڪالهوءِ راجا ڍنڍورو ڏياريو ته "منهنجي وڏي وزير اپراڌ ڪيو
آهي، جنهنڪري ڦلاڻي ڏينهن کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو." ساري راڄ ۾ اهو ڍنڍورو
گهميو، جو وڏي وزير ۽ سندس ڪٽنب وارن به ٻڌو. سندس گهر جا ڀاتي ۽ متر رُئڻ لڳا
شهر ۾ به ڏاڍو شور مچي ويو ۽ سڀڪو هاهاڪار ڪرڻ لڳو، جو ته وزير ماڻهن ۾ ڏاڍ
پيارو هو. وزير جو ٻڌو ته باقي ٣-٤ ڏينهن جيئرو آهيان، ته کاڌو پيتو به بند ڪري
ڇڏيائين. سارو وقت مرڻ جو خيال هوس! مگر راجا کي ڪير چوي؟ ڏ وزير جو منهن
بدن پيلو ٿيندو ٿيو وڃي. آخر راجا کيس گهرائي چيو "تو منهنجو اپراڌ ڪيو آهي پر ما
اهو ظاهر ڪونه ڪندس. مگر تون منهنجو ڪهڙي وقت ڪان وڏو ڏ وزير هئين، سو ٻهاڙي
جو وسولي مون ڏيڻ ڪالهه." راجا وسولي ڪندڙ کي چيو ته "ڪنهن به شيءِ ۾ لوڻ اص
نه وجهجو." ڏ وزير وسولي کاڌي، مگر سارو خيال موت ۾ هوس. ڏٺائين به ڪونه ته ڇا
کاوان. کاڌي کائڻ کانپوءِ راجا پڇيس ته "هي وزير! ڇا ڇا کاڌءِ؟" هن چيو ته "جيئندا ڦلا
مولکي نه سارو وقت موت پئي ياد پيو، سو کاڌي ۾ ڪهڙو مزو ويندو؟ خبر نه آهي
ڇا ڇا هو، جو کاڌم. مون نه پنهنجي گهر جي ڀاتين، استريءَ، ٻچن ۽ ڏانٽرن سان
ڪونه ڳالهايو آهي ۽ نه انهن جو منهن ٿي ڏٺو آهي." راجا چيس ته "هي وزير! تو ڪ
ٽِن ڏينهن جي نه هڪ هٿي نه جيئرو رهڻ ۽ پوءِ ڦاسي ملندءِ، ته به سڌ پئي ته جي و
آهين ۽ اهو به ياد نه اٿئي ته هيتر ڇا کاڌءِ! مگر مولکي نه هڪ دم جو به خيال ۽ جو پوء

ندر، مارڳ ۽ ڌرم ڌڻي ٻه ڪوڙ آهن؛ ٻيو سچ، جنهن ۾ سڀئي ڏنا آهن. من کي نه هر ڪو
۽ سمجهي ٿو نه اهو هر هڪ ٻراڻي ۾ آهي. ان ڪري ٻرهم روپ سمجهي جيڪڏهن سڀئي
راڻين ۾ هڪ جهڙو ڀاءُ رکجي نه اهو ٻرماتما جي اپاسنا ٿي. ڪڻ ۾ ڀڳوان جي هستيءَ
لڀجو هلڻ گهرجي ۽ پوءِ آهستي آهستي ڀاڳهي ڀڳوان جي اصلوڪي سروپ جو
ڌيان ڪري سگهبو. دنيا ۾ ڏسبو آهي ته سڀ ڪنهن ڪم لاءِ راجا يا حاڪم ڪسي
ڪدم ڪوڙ وجهي عرض ڪبو آهي، مگر لنڊن وڏن عملدارن مان ته ڪم ڪڍبو آهي.
ڪن انهن سڀني کي ته راجا يا حاڪم جو روپ سمجهي ڪين درخواست ڪبي آهي، جو
هنن کي انهن ڀاران شڪتي يا طاقت مليل آهي. ان طرح ديوين ۽ ديوتائن مان به ڪم
ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته هنن کي ٻرماتما اهڙي شڪتي ڏني آهي. انهن ديوين يا ديوتائن
ن پنهنجي سر اهڙي ڪا شڪتي نه آهي، جئن عملدارن مان جيڪو ڪوئي ڪان لهندو
ي نه ڪو ٻه حڪم هلائي يا فيصلو يا ڪم نه ڪري سگهندو آهي.
گرو گوبندسنگهه اورنگزيب سان جنگ ڪرڻ کان اول چنڊڪا ديويءَ جي اپاسنا
ي هئي ته جنگ ۾ جوش ورلي حاصل ٿئي ۽ ديوي ورڊان ڏني. جيڪي چون
ته گرو نه پاڻ ٻرهم روپ هئا، سو هنن اپا پوڄا نه ڪئي هئي، اهي غلط آهن. هنن
اپاسنا ڪئي هئي، ليڪن اهو ڄاڻي ڪري ته ان ديويءَ ۾ به شڪتي ٻرماتما جي
ي. هنن پنهنجي ڀاليءَ ۾ ڪوئي ان ديويءَ جي اپاسنا جو ذڪر ڪيو آهي. ان اپاسنا
پوءِ هڪ دفعي ٻڌ ۾ اورنگزيب جو پٽ بهادرشاهه جو ٿيل هو ۽ هڪ وڏ هيٺ وٺو
. گرو گوبندسنگهه جن جي فوج ٣ ٿل ٻري هئي ۽ پاڻ به اتي هئا. مهراج جن هڪ تير
يو ۽ جنهن پلنگ تي بهادرشاهه ويٺو هو، ان جو هڪ پالو ڀڃي پيو ۽ هو ڪري پيو.
جن جي هڪ هڪ تير تي تولو سون جو لڳل هو ۽ سندس تالو لڳل هوندو هو،
بهادرشاهه ڏٺو نه تير ڪٿان آيو. هن جو گروجن سان گهڻو پيار هو، پر چيائين ته گروجن
ولدا آهن نه اسان ڪرامت نه ڏيکاريندا آهيون پر هيءَ ڪرامت نه آهي نه پيو ڇا
ي؟ اهڙو خيال ڏيکاريائين مس نه پيو ٿيو آيو، جنهن ۾ هڪ چلي ٻه هئي، جنهن ۾
ل هو نه هيءَ ڪرامت نه آهي، پر ٻڌ ودئا جي اڀياس جو نتيجو آهي. مطلب نه پند
هنن ديويءَ جي اپاسنا ڪري اهڙا ورڊان پاتا ۽ شڪتي ٻه حاصل ڪئي هئي.
ر جي اپاسنا سان من جي شانتي ۽ سک ملي ٿو. انتهڪرڻ ۾ پرڪاش ٿئي ٿو، مگر
ري ڪين ۾ فتحيابيءَ لاءِ ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا اپاسنا مدد ڪري ٿي. جڏهن
ن هنومان ٻالڪ اوستا ۾ سورج کي هڪ ميوو ڄاڻي ڇال ماري ان ڏانهن اڏامڻ لڳو
ن کي ڪلي اچان، نه سورج ديوتا کي مار لڳا ۽ هڪ مدگر هڻي سندس ڪاڏي ڀڃي
ائين. هنومان جي پتا پون ديوتا کي ڪاوڙ آيو ۽ سنسار ۾ هوا لڳڻ بند ٿي ويئي،
سنسار مڇي ويو ۽ سڀ ٻراڻي ۽ ديوتائون گهٻرائجڻ لڳا. آخر سڀئي ديوتائن برهما جي
لي اڳيان ديوتا جي اپاسنا ڪئي ۽ هن کي خوش ڪين تڏهن هوا چالو ٿي ۽ پوءِ

هڪ هڪ مهيني لاءِ سورج ٿئي ٿو. اُهي ٻه وشنوءَ ٿيڻ وارو سورج ڀڳوان جو ٻالڪ آهي
جو ڏهن ۾ ٽڪڙن قسمن جون آهن: ماهر، بجلي، وچ، سج، وغيره. اُهي ۾ مهاڀڳوان سو
ڀڳوان چوي ٿو ته مان ٻالڪ آهيان. واءُ ديوتائن کي مرُوت ٿو ڪولجي. اهي ۴۹ قسم
جا آهن، جن مان وڏيڪ ٻور واري واءُ مارِيچ آهي، جا ڀڳوان ٻالڪ آهي. اصل واءُ
قسمن جا آهن ٻر هڪ هڪ وري معن ڏرجن ۾ ٿئي ٿو، ان ڪري ڪُلي ۷ ۽ ڪي
واءُ جا نمونا چوڻ ٿا. نکشترن ۾ ڀڳوان فرمائي ٿو ته اُمرت وسائيندڙ چنڊ رما مان آهيان
ٻارهن آدتيه، ستاويهه جوتيون، ستاويهه قسمن جا واءُ ۽ سڀ نکشتر آهي پرماتما جون ساما
ويڀوتيون آهن، پر اُهي ۾ وشنو آدتيه، سورج، مرچي، واءُ ۽ چند رما سندس وڏ
ويڀوتيون لکڻ ٿيون. اُهي وشيش ويڀوتين مان ڪٿهڪي نه پرماتما جو روپ سمجهي ڏي
لڳائي، ان جي اُپاسنا ڪري سگهجي ٿي. ان جو طريقو هن ئي اڌياءِ ۾ ڪن شلوڪن
ڀڳوان سمجهائيندو.

جن ويدن ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته مان سام وید آهيان. هن وید ۾ سڀ منتر راڳ
ڀُڄها ۽ يندا آهن. تنهن هسرِ ديوتائون جا وڌا آهن، اُهي ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته ديوتا
جو راجا جو اندر آهي، اهو مان آهيان يعني جيڪو اندر جي پوڄا ڪري ٿو، اهو ج
پرماتما جي ئي پوڄا ڪري. ڪاماڻن وارا اندر جي پوڄا ڪندا آهن، جيت ٿيڪ ٿل
روپ ۾ ڏيڻ وارو ايشور ٻالڪ آهي. ٻارهن اندريون آهن ۽ ۵ ڪرم اندريون (زبان
هٿ، پير، گدا ۽ جنسي اندري)، ۵ گيان اندريون (ڪن، نڪ، اکيون. جڀ ۽ چمڙي
۽ ٻارهون من. اُهي ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته من مان آهيان. جو ته من جي شامل ٿيڻ کان س
آهي اندريون ڪوبه ڪم نه ڪري سگهن. ڪٿليءَ کان وٺي برهما تائين هر هڪ جيو
من آهي. ان ڪري هر هڪ پراڻيءَ کي ايشور جو روپ سمجهي ڏکوئڻ نه گهرجي. جيڪ
ٻئي جو من ڏکي ٿو ڪري، اهو جڻ پرماتما کي ٿو ڏکي ڪري. من سروويا پڪ آهي ۽
نه هر هڪ جيو ۾ آهي ۽ هن اندرين مان ڪي ڪن ۾ نه به هجن ته ٿي سگهي ٿو. سڀ
جيون ۾ جيڪا چيتن شڪتي آهي، جنهن جي آڌار تي هو هلي چلي، ڳالهائي ٿو،
شڪتي پرماتما ٻالڪ آهي. اها نڪري وڃي ته پراڻي مردو ٿي پوي ٿو ۽ ڪجهه به
ڪري سگهي. اها ڳالهه نه اڻ پڙهيل به سمجهي سگهي ٿو.

جيڪو پرماتما جو ڌيان ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي هر هڪ جيو ۾ اها چيتن شڪتي ڏ
گهرجي ۽ هر هڪ جيو کي هن جو روپ جاڻي. اهو اُڃارڪاريءَ جو لڇڻ آهي. ه
ڏيئا جو گيان شڌ ٿيءَ وارن کي سمجهه ۾ اچي ٿو. جنهن جو انتهڪرڻ شڌ نه آهي،
هي وڌانت جا وچن سمجهي ڪونه سگهندو ۽ ان ڪري هو هيئين ٻالڪ کي نه سمجهي
سگهندو. انهن کي اول ڪرم ۽ اُپاسنا جي ساڌنن جو اڀياس ڪرڻ ۽ اُهي جي سگها
ٿي هلڻ گهرجي. ڀڳوان هميشه ان ڪري ٿو ڏئي ته جهڙڪي ايستائين ٻڌي آهر م
۾ وشواس جي، ٿي ۾ پرماتما جي ٻانهن ڪي اُپاسنا ڪري. ڪم ڪرڻ ۽ اسان ڪ و

...ٽ لئي وسؤ سائس شامل ٿيا هئا ۽ مددگار هئا، اڪري مرڻ لوڪ ۾ رهڻ جي سزا
...س مِلي ۽ ٻيا جنم وٺي وري وڃي پنهنجي اصلي درجن تي پهتا. ڀيشم پتامه اهو ورثالت
...پڏايو هو. اُن لئي وسؤ وسشٽ منيءَ جي ڪامڌينو ڳئو چورائڻ لڳا هئا، پر ڳئو ڪولي
...ر آيو هو. چوريءَ جو ڦل ديوتائن نه ڀوڳيو جو گرڀ ۾ آيا ۽ ڀيشم پتامه کي نه ٽمرن جي
...ٽا لئي ۽ ڪيترا ڏينهن ڪشٽ ڀوڳڻو پيو. اهو ڏيکاري ٿو ته ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو
...ي ٿو.
...وڏن وڏن ڀائرن ۾ ڀڳوان سمر پربت آهي، جنهن ۾ سون جون کاڻيون آهن، جنهن مان
...جواهر نڪرن ٿا ۽ جتي رشي مني تپسيا ڪندا آهن. سڀئي جدا جدا روپن
...ٽ ڀڳوان ڪرشن الهن ڪوه ٿو چوي ته اهي منهنجا روپ آهن، پر اهي سڀ مان ٻاڻ
...ن. هن سنسار ۾ يجمان ۽ پروهت جو رواج آد کان هلندو ٿو اچي. ڀڳوان چوي ٿو ته
...ائن جو جيڪو پروهت ورهسپت ديوتا آهي، اهو مان آهيان. ورهسپت ديوتا بلڪل
...ودوان ليکيو ويو آهي، جيتوڻيڪ عمر ۾ سڀئي ديوتائن کان ننڍو آهي. اڄ ڪلهه ته
...ن ۽ پروهت جو ناتو بلڪل نالي ماتر آهي، ڇو ته ٻنهي طرف ڪمزوري آهي ۽ غرض
...هي آهي. راجا دسرٿ هر هڪ ڳالهه يا ڪارج ۾ پنهنجي پروهت وسشٽ منيءَ کان
...مصلحت وٺندو هو. شري رامچندر ۽ ائين ڪيو. اڳتي ڀڳوان چوي ٿو ته سيناپتين ۾
...ڪند هه يعني ڪارتڪ ڀڳوان آهيان. هو ديوتائن جي فوج جو سيناپتي ۽ شنڪر مهاديو
...تر آهي. تارڪ اسر نالي هڪ مهاٻلوان راڪس ٿيو آهي، جنهن سڀئي ديوتائن کي
...ي ٻل سان جيتي، ڪين طاقت ۽ پدارٿن کان خالي ڪري ڇڏيو هو. ديوتائن گهڻي
...ش ڪئي ۽ الڪ وس هلايا، پر هن سان پڄي نه سگهيا ۽ آخر برهما وٽ ويا. هن، ڪين
...ٿ هيءَ دليت ور ملڻ ڪري، اوهان مان ڪنهن کان به نه مرندو، پر شري شنڪر مهاديو
...ويري مان پتر پيدا ٿئي، سو اهو هن کي ماري سگهندو. اُن وقت ڀڳوان شنڪر اڪيلو هو،
...ستيءَ کي تياڳي ڇڏيو هئائين ۽ هن ته پتا جي يگيه اگنيءَ ۾ پاڻ جلائي ڇڏيو هو. پو
...هن هماليه پربت جي گهر پاروتيءَ جي نالي سان ورتو هو ۽ پوءِ اُن جنم ۾ تپسيا ڪري
...هئي ته ڪيس شنڪر ڀڳوان ور ملي. ڀڳوان رامچندر ۽ ڀڳوان شنڪر کي ڌيان ۾ چيو ته
...يءَ کي انگيڪار ڪري ۽ ديوتائون به ونتي ڪري ويا ته شادي ضرور ڪري،
...نس ويري مان پتر پيدا ٿئي ته هن ظالم دليت کي ماري. هن ڪري ۽ ڪارتڪ ڀڳوان
...۽ اُن اسر کي ماريائين. ڪارتڪ ڀڳوان جي بلڪل ياري مهما پراڻن ۾ لکيل آهي ۽ هن
...لي ۾ ڇهن وڏا وڏا ورت رکندا آهن ۽ من گهريا ور پائيندا آهن.
...سي ڀڳوان چوي ٿو ته سڀئي جل آڌارن ۾ مان سمنڊ آهيان. نديون، تلاءَ، ۽ ڍنڍون
...سڀني کان سمنڊ وڏو ۽ اٿاهه آهي. سڀ سمنڊ، سگر راجا جي پٽن کوٽيا هئا، اڪري
...ي ساگر ۽ ڪوٺيو آهي. مالدار راجا سڀئي ڀائرن کي پنهنجي ٽمرن جي نوڪ سان
...دا هئڻ تان ڪٽي ڪٺو ڪري قطارن ۾ رکيو هو. اڳيئي ڀائر ٿلهل هوا، جنهن ڪري

هڪ هڪ ديوتا ٻين ديوتا جي چوٽ تي هيومان کي وڏا وڏا ڏر ڏنا. ڪنهن زميندار
کي پئي لاءِ پاڻي کڻندو آهي، نه سرون پيا اهلڪار جي خوشامد ڪندو آهي ۽ نه ٻئي
ڪنهن ڪاليءَ جي عملدار جي. ڪو جهيڙو هوندو نه پوليس يا ماجسٽريٽ جو ڊر ڪڍائيندو
۽ نه اهلڪار جو. جدا جدا ڏيهن ديوتائن جي اپاسنا ٻڌي ڪرڻ پر اهو ڄاڻي نه اهي سڀئي
۾ پرماتما پاڻ براجمان آهي ۽ ڪل ۾ هڪ هوئي ٿو ڏئي. ڀڳوان چوي ٿو نه ڪهڙي ۾
روپ ۾ جهڙو مونکي ڏيکاري ٿو نه مان اهو قبول ٿو ڪريان، ڇو نه هر هڪ ۾ وياپڪ ۽
شڪتي ڏيندڙ مان آهيان.

شلوڪ ٢٣. رُدرن ۾ شنڪر، راڪسن ۽ يڪشن ۾ ڪبير (ڌن جو ديوتا)، وسن نالي اٺن ديوتائن ۾ پاوڪ (اگني) نالي وارو وسو مان آهيان؛ وڏن وڏن پهاڙن ۾ ميرو پربت مان آهيان.

شلوڪ ٢٤. هي ارجن! پروهتن ۾ ديوتائن جو پروهت ورهسپتي ۽ سيناپتين ۾ سڪندهه نالي وارو يعني ڪارتڪ ڀڳوان مونکي ڄاڻ. جل آڌارن ۾ سمنڊ مان آهيان.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان مڌيم ادڪاريءَ واسطي پڌائي رهيو آهي نه اهي ڪن ۽ ڪهڙن روپن ۾ سندس اپاسنا ڪري سگهن ٿا ۽ اهين ڪندي به اهو سمجهن نه هو پرماتما جي ئي اپاسنا ڪري رهيا آهن، ڇو نه اهين ۾ به پاڻ ئي شڪتي وجهي ڪل ڏني ٿو.

رُدر يارهن آهن. رُدر لفظ جي معنيٰ ئي آهي يارهن. شو مهراج يارهن روپ ڌارڻ ڪيا آهن. سڀ سڀي اوتار هو اوتار ورتي ٿو. اهين روپن ۾ شنڪر مهاديو پارٻتيءَ جو پتي، سو ڀڳوان چوي ٿو نه مان آهيان. هنومان ۽ شنڪر آچاريه به شو ڀڳوان جا اوتار سمجها ويا آهن. راڪسن ۽ يڪشن ۾ جو ڪبير يڪشن جو راجا ۽ ديوتائن جو خزانچي سمجهيو ويو آهي جنهن ڌن بخشڻ وارو آهي، اهو ڀڳوان پاڻ آهي. وسو نالي اٺ ديوتائون آهن. ڌرتي، جل، اگني، هوا، گگن، سج، چنڊ ۽ تارا اٺ وسو ڪوٺجن ٿا. اهين ۾ سارو برهمانڊ اچي ٿو وڃي. اهين ۾ اگني ڀڳوان پاڻ آهي. ڀيشم پتامه به اهين اٺن وسن مان هڪ جو اوتار هو. اٺئي وسو سراپ ڪري منش جنم ۾ آيا ۽ شانتنو مهراج جا پتر ٿيا ۽ سندن ماتا گنگا ديوي هئي، جا پڻ گنگا نديءَ جو اوتار هئي. هن ستن وسن نه جنم وقت گنگا نديءَ جي جل ۾ وجهي ڇڏيا، ڇو نه راجا شانتنوءَ سان شاديءَ وقت هن اهو شرط وڌو هو نه مان پنهنجي اولاد کي رکان يا نه، اهو منهنجو حق ٿيندو، نه نه مان هلي ويندس. راجا حيران نه پئي ٿيو، پروس ٿي هليس ۽ رڳي وڃائڻ نٿي چاهيائين. جڏهن ڀيشم پيدائش جو ڄاڻ، تڏهن هن راڻي کي اهو پتر جل ۾ وجهڻ نه ڏنو ۽ هوءَ گم ٿي وئي ۽ ڀيشم پتامه دنيا ۾ جيئرو رهيو، ڇو نه هن کي وڏيءَ جي ليڪ اوسار هن سنسار ۾ گهڻو سال رهڻا هئا. ڀيشم گناهه ڪري اٺن وسن کي سرگ ۾ سراپ مليو هو، اهو گناهه نه ڀيشم ڪيو هو، پر پيا

رکون ٿا! ڇمترا ٻيٽ، ٻولا، ڏيڍر، ڏٺلڻا آهن. انهن سڀني جو حال رکٽو ٿيو ٿو. آيا ڀمون هي جمر سڌارڻ، ٻر لکجي وڃا آهمون ڪرڻ ڏٺلڻ ٻر. ان لاءِ ضروري آهي تہ ڏن ٻکمن، جن ڪرڻ لاءِ اسان کي نہ ڪا شڪتي آهي ۽ نہ عمر يا ڏن پدارٿ، انهن کي ڀڳتي جو سولي ۾ سولو "اوم" يا "اونڪار" جو جپ روپي ٻکہ آهي، اُن کي ڌني ڀيھجو اُڌار ڪريون. ان جپ ٻکہ ۾ نہ خرچ، نہ ڪا تڪليف، نہ گهڻي عمر جي ضرورت نہ ڪن ٻين جي هنسا جي گهرج، جنهن ٻين ٻکين ۾ ڪرڻي ٿيو ٿي، جنهن جو آخر قل سوگهو ٿيو ٿو. ساري سرشٽي ان هڪ اکر مان پيدا ٿي آهي. سڀني جو آد اهو ئي آهي.

سو مهراج لکي ٿو تہ ٻار ٻرهم جي درشن جي اڀلاشا اٿوَ تہ چار ڳالهيون ڪريو:

(1) اوم يا اونڪار جو جاپ ڪريو. ان جو رستو ڪامل گروءَ جي شيرا چاڪري ڪري، هن کان وٺڻو آهي ۽ اهو جاپ ٻرا واٽيءَ سان يعني سواس سان ڪرڻو آهي، جنهن اجپا جاپ ٿو ڪوٺجي. اهو جاپ ٻکہ سڀني ٻين ٻکين کان اُتم ۽ ڏيک ڦلدائڪ آهي.

(2) ٻيو رستو آهي شرير جي تپسيا جو، جنهن ۾ پراڻايام سکڻو ٿيو ٿو، جو ٻہ ٻورن ڙءِ کان سکڻ ضروري آهي.

(3) ٽيون رستو آهي ڪنهن منتر جي جاپ ڪرڻ جو. گايتري منتر سڀني کان اوچو مڃيو ويو آهي.

(4) چوٿون رستو آهي مؤن ڌارڻ ڪرڻ جو، جنهن کان اُتم ورڻي آهي ست ٻولڻ ۽ ست هلڻ جو مارگ.

سڀني ۾ اُتم رستو "اوم" جي جاپ جو آهي؛ جنهن سان ٻاهمڻ ۽ دکن کان رکيا ٿئي ٿي جڪو مرڻ وقت ان لفظ جو اُچارڻ ڪري ٿو، اهو شرير ڇڏڻ کان پوءِ برهم ۾ ليِن ٿئي گايتري منتر بہ ٻاهمڻ کان رکيا ڪري ٿو، پر "اوم" اجپا گايتري آهي ۽ اُن جي مهما ي آهي. جن جن سنسار کي هٿن ٿي لتاڙيو آهي، انهن اجپا جپ جي مها شڪتيءَ سان. نانڪ صاحب جو دنيا ۾ چڪر هلايو ۽ هندن الوا مسلمانن ٻنهي کي ٻهجو ڪيو، ان اجپا جاپ جي شڪتيءَ سان سرشٽيءَ جو ڪلياڻ ڪيو. ڪبير، نامديو، روهداس، ، سڀني ڀڳتن ٻڌ ان اوم جي جاپ مان ئي ساري شڪتي پالي، ٽي دفع اوم جي ڻ سان سواس اندر لهن ٿا، جنهن ڪري سڀ مهاتمائون ڪما ڪرڻ کان اول ٽي دفع جو اُچارڻ ڪندا ۽ شروعاتن کان ڪرائيندا آهن. اوم شبد اَڪار، اُڪار، مڪار ۽ اَرڌ ماترا لهل آهي. اَڪار وشنو آهي، اُڪار برهما، مڪار شو ڀڳوان ۽ اَرڌ ماترا شڌ ست چت سروپ نراڪار برهم. برهما جي چار ويد نرگهٽ ڪيا تہ اهو بہ هن اوم جي جاپ شڪتيءَ سان. اوم جي جاپ سان انتهڪرڻ جي شڌي بہ گهڻي ۽ جلد ٿي ٿيو ٿي. ، ٻرلتن، گرهن جو زور ٿڪو ٿيو. رکو واسطہ سان اوم جو ڪوڙ ڪالي نہ آهي. اهو ٻہ آهي، پر ٻوري ۽ ڏيءَ سان لهن جو جاپ پرا واٽيءَ سان (سواس سان) ڪرڻ گهرجي

آباديءَ ۾ رڪاوٽ پوندي هئي. ڀڳوان جو مطلب ٻڌائڻ جو آهي ته نه فقط جڙ، پر اُجر وسعت
۾ هولي پاڻ اسمت آهي، ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. ڀڳوان ساري برهمانڊ جي
جيون جو آتما آهي. هن جو هڪ پرتڪش مثال مهاڀارت ۾ اچي ٿو: پانڊو جڏهن بنواس
هئا ته دريوڌن درواسا رشيءَ کي عرض ڪيو ته اُهي وڃي هنن کان ڀوڄن گهرائڻ جهڙ
سان گڏ اچي ستڪار گهري. هو اهو ڪري نه سگهندا ته رشي هنن کي سراپ ڏيندو
هنن جو ٻچ هليو ويندو. رشي چيلن سميت ويو ۽ پانڊون کان رسوئي گهريائون، پ
پانڊون وٽ ته ڪجهه به ڪين هو. دروپديءَ وٽ هڪ ديڳڙو سورج ڀڳوان کان مليل
هو، جنهن ۾ جيڪي به هوءَ رڌيندي هئي، سو اُن وقت تائين نه ختم ٿيندو هو، جيستائ
هوءَ پاڻ نه کائي. اُن ڏينهن هوءَ پاڻ به کائي ويٺي هئي ۽ ديڳڙو به صاف ڪري رک
هئائين ۽ ٻئي ڏينهن تائين اهو ڪجهه ٿي ڏئي سگهيو. رشيءَ ته حڪم ڪيو ته اسن
اشنان ڪري اچون ته اسان کي رسوئي ملي. دروپديءَ ڪرشن ڀڳوان جي استتي ڪئي
ته دَيا ڪري لڄ رکو. ڀڳوان ڊوڙندو آن تي ۾ پهچي ڀڳتن جي لڄ رکڻ لاءِ. دروپدي
وٽ آيو ته هوءَ ڏاڍو خوش ٿي ته سهارو مليو. پر جڏهن ڀڳوان گهُرس جيو ته دروپدي
مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي، ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي، ته هوءَ وائڙي ٿي ويئي ته اُڪر ٿي
هڪڙن جي چنتا ۽ هاڻي وري ڀڳوان ته ٿو گهري! سارو حال ڀڳوان سان ڪيائين ته هـ
چيس ته دروپدي! اهو پنهنجو ديڳڙو ته کڻي اچ. هوءَ کڻي آئي ۽ ڀڳوان ڏٺو ته اُن ديڳڙي
۾ ساڳيءَ جو هڪ پن لڳو پيو هو. اهو کائي ڇڏيائين ته مان جو سرو جو آتما آهيان، س
ٿو پيٽ ڀرس. اُڌا اُنهن چيائين ته ساري برهمانڊ جي سڀني جيون جي بک اچ دور ٿي
ويئي ۽ هرڪو پاڻکي ڍاول سمجهڻ لڳو. رشي درواسا ۽ سندس چيلا به نديءَ ۾ اوڳرايون
ڏيڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته پيٽ ته اهڙو ڀريو پيو لڳي، جو هڪ داڻي اُن
جي پاڻيءَ جي به جاءِ نه آهي، سو ٻڌ ڏسترو وٽ ڪٿي هلي پاڻ کلائيون! هن ته ستا سڏا ڪا
اٻار ڪيا هوندا. آخر فيصلو ڪيائون ته اُن طرف وڃي ٿي ته ۽ سڀ پنهنجي آشرم ڏي
موٽي ويا. مطلب ته ڀڳوان پانڊون جي لڄ به رکي ۽ ڏيکاريائين به ته ڪيئن هو ساري
برهمانڊ جي جيون جو آتما آهي.

شلوڪ ٢٥. مهارشين ۾ مان ڀرڳو رشي آهيان، واڻيءَ ۾ مان اکر "اوم"
آهيان، جدا جدا قسمن جي يگين ۾ آءٌ جپ يگيه آهيان ۽ اچل پدارٿن ۾ هماليه
پربت آءٌ آهيان.

برهما جا ست مانسڪ پٽ آهن: اُتري مني، وسشٽ مني، مريچ، ڀرڳو وغيره. انه
۾ جو مهاتيجسوي برهم رشي ڀرڳو آهي، اهو ڀڳوان جو ٿو ته سان آهيان. جيڪي ٻ
ڪجهه واڻيءَ سان اُچارجي ٿو، ان ۾ "اوم" شبد ڀڳوان جو آهي. اوم ۽ اونڪار هڪ ئي
آهي. ڪلجڳ ۾ عمر ٿوري ۽ وقت گهٽ آهن. ڪيترا ته سمطلب ۽ آسوڻ اُسن هردي

ا ورلن کي اِهو اُس نه هو اڳئين جنم ۾ هڪ داسيءَ جو پٽ هو. ماڻس رشين منين جي
ڪندي هئي ۽ جنهن ڪري ٻالڪ ۾ ٻال اوستا کان وٺي هنن جي سنگ ۾ آيو. انڪري
۽ ڀڳتيءَ جو رنگ لڳو، جو ٻئي جنم ۾ برهما جو پٽ نارد ٿيو. جهڙي سنسڪار
اوستا ۾ پون ٿا، انهن جو اثر گهڻو ۽ گهاٽو ٿئي ٿو. ستسنگ پرياگ راج امرت سمان
، جتي ڪرمن جي اپديشن روپي جمنا، ڀڳتيءَ جي اپديشن روپي گنگا ۽ گيان جي
شن روپي سرسوتي نديءَ جو ميل ٿئي ٿو، جنهن ڪري جتي پرياگ راج جو وڏو مهاتم
، تتن ستسنگ ۽ اُهو ڦل ڏيڻ وارو آهي. ظاهري پرياگ راج امرت جي اشنان جو
وقت ٿئي ملي ٿو، پر ستسنگ روپي پرياگ راج جو ڦل تُرت ملي ٿو. مگر سچو
نگ اهو آهي، جتي هڪ پرش، پرماتما جو وچار هلي ۽ وڏن انوسار سکيائن جو
ش ملي. جن ستسنگن ۾ ٻين ڌرمن يا مذهبن جو کنڊن منڊن ٿو ڪيو وڃي، اهي سچا
نگ نه آهن، اُهي نه دويش ڀاءُ ڦهلائڻ جا مرڪز آهن. سچي ستسنگ ڪرڻ سان اهو ٿو
ڪري، جو ڪانو والڪر نان ڪندڙ مشن لتڪال ڪوئل جهڙو منو ٻالهاليندڙ ٿيو
۽ بگلي جهڙو ڪلو ر دل ۽ ڪونو اُسان هنس جهڙو دِيالو ۽ ڪومل سڀاءَ وارو ٿيو
. ٻالميڪ رشيءَ جو مثال ئي ڪافي ثابتي آهي. اگستيه منيءَ به پنهنجي لاءِ لکيو
نه ستسنگ ئي هن جي جيون ۾ پلٽو آندو ۽ هو هڪ وڏو مهرشي ليکجڻ ۾ آيو. هن
ندو نه پرڀاءُ هو، جو سندس ڪٿا جي پڙهڻ سان رهندڙ پسون پکي به هڪ ٻئي سان
۽ وساري، پريم ۾ رهندا هئا ۽ وهندڙ جل جي لهر ئي ويرو وروڌ وساري، شينهن
ون ۽ ٻيا جانور ۽ پکي گڏ پيا پاڻي پيئندا هئا ۽ باز ۽ طوطا، مور ۽ نانگ گڏ گهمندا
هئا! مطلب نه سچي ستسنگ جي مهما اپرم اپار آهي. ڪوئي مت کي دور ڪري،
ان من ۾ شانتي اچي ٿي ۽ من جي وڪارن دور ڪرڻ جو هڪ نيڪ علاج آهي. جڏهن
منيءَ جو پتا ڪردم رشي گرهست پورو ڪري بن ۾ ويو نه سندس ماتا ديوهُتي
هو وڇڙو سهي نه سگهي ۽ ڪپل ديو ماتا کي سانکيه شاستر جي گيان جو اپديش
، سندس ڪلياڻ ڪيو. هن جو اهو ئي اپديش آهي نه ٽنهي قسمن جي ڏکن (آڌياتمڪ،
ڪ ۽ آڌي ديوڪ) کان بچڻ لاءِ گيان جو پراپت ئي هڪ علاج آهي. آڌياتمڪ ڏک شرير
يمارين، آڌي ڀوتڪ ڏک آهن چورن، پسن، نانگن وغيره مان ڏک يا ڏپ ۽ آڌي ديوڪ ڏک آهن
جيئن اڙولن مان مليل ڏک. انهن ٽنهي ۾ سڀني قسمن جا ڏک اچي ٿا وڃن ۽ اهي سڀ
سان ئي ناس ٿيندا. ڪي سوال ٿا ڪن نه اهي ڏک ٻين نمونن سان به ٽاري يا ناس
سگهجن ٿا، پوءِ گيان هر ويرو جو ضروري آهي؟ شرير جون بيماريون دوائن،
وغيره سان ڊاڪٽر يا حڪيم دور ڪري ٿا سگهن ۽ چورن، پسن وغيره جا ڏپ
دارن يا مددگارن رکڻ سان لهي ٿا سگهن ۽ نانگن وغيره جي چڪن جو علاج به
يا منترن وغيره سان ڪري ٿو سگهجي. گرهن وغيره ڪري ملندڙ ڏک به پوڄائن
جاپ وغيره سان دور ڪري ٿا سگهجن. اڙولن پرڀن جو اثر به ٽاري سگهجي ٿو.

پورو لاپتالڪ آهي. ان اوم جي اُچار لاءِ مڌسوڌن، جنهن گيتا لاءِ مها سدر لڪ لکي آهي، اُن جو چوڻ آهي ته ان جاپ ۾ لڪجوڻ، جو نه اُلالي ڪمترن جمن جا ڀاڱ آسان ۾ جڙهيل آهن، جي لاهتا آهن. وڌيڪ ڀڳوان چوي ٿو ته جدا جدا قسمن جي يڳن ۾ مان جاپ يگيه آهيان. جاپ پرماتما جي ڪهڙي به ٿالي جو ڪري سگهجي ٿو. اُچل پهاڙن ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته مان هماليه آهيان، جنهن لفظ جو اُرٿ آهي برف جو گهر.

شلوڪ ٢٦. سڀني وڻن ۾ پپر جو وڻ آءٌ آهيان؛ ديو رشين ۾ نارد مان آهيان؛ گنڌرون ۾ چتررٿ نالي وارو گنڌرو؛ سڀني سڌن ۾ ڪپل مني مان آهيان.

هندو پپر جي وڻ کي پوڄين ٿا، جنهن لاءِ ٻين مذهبن وارا اُسان لاءِ هاسي ڪندا آهن پر اُسان جا سڌارڪ بلڪل اوچا آهن ۽ اشرڌالو ماڻهن جي سمجهه ۾ اچڻ ج ڪمن آهن.

ڀڳوان چوي ٿو ته وڻن ٻوٽن ۾ آءٌ پپر جو وڻ آهيان. ان جو اهو مطلب نه آهي ته ساري عمر رکيو پپر جي وڻ کي پوڄجي، مگر اهو ته هڪ ڏاڪو آهي ته اندر ۾ شرڌا پيد ٿئي ۽ وسواس جمي. وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن ۾ به قادر جي قدرت نه آهيئي ۽ جي قادر پيا ياد نه اچي ته سڌس قدرت کي ئي پوڄي، سڌس مهما جو قدر ڪريون. هڪ ننڍڙي اُهر جي داڻي جيڏي ٻج مان شاهي پپر جو وڻ اڀجي ٿو. ان سان پرماتما جي قدرت جو اظهار ٿو ٿئي ۽ ان وڻ کي به پرماتما جي جيئڻ شڪتي سمجهي، اُن جي پوڄ ڪرڻ گهرجي. ديو رشين ۾ ڀڳوان نارد آهي. هڪڙا ليندا آهن رشي، ۽ ٻيا مهرشي ليان راج رشي، چوٿان برهم رشي ۽ پنجان ديو رشي. رشي اهو آهي جو پنهنجي اندرين کي قابوءَ ۾ رکي. اُنهن کان مٿي اُهي آهن، جن آتم پد پراپتي پالي آهي. اُهي مهرشي ٿا ڪوٺجن. راج رشي اُهي آهن، جي راج ڪندي يا حڪومت هلائيندي به اندرين کي قابوءَ ۾ رکن ٿا. برهم رشي اُهي ٿا ڪوٺجن، جي برهمڻ جا ڪرم ڪري اندرين کي وس ۾ رکن ٿا ۽ ديو رشي اُهي آهن، جي ديوتائن جهڙي ڪان پوءِ به سرڳ ۾ ڀوڳن ولاسن کي دور ڪري اندرين کي قابوءَ ۾ رکن ٿا. گنڌرو آهن ديولوڪ جا ڳائڻا وارا پڳت ۽ راڳي اُنهن ۾ چتررٿ نالي وارو وڏو گويو جهڙو آهي، اهو ڀڳوان چوي ٿو ته مان آهيان سڌ اُهي آهن، جن جي هٿن ۾ رڌيون سڌيون هجن. هڪڙا جنم کان سڌ ليا ٿا، جن کي اوتار به ڪوٺجي ٿو. ٻيا ڪمائي ڪري سڌ ٿين ٿا. ڪپل مني جنم کان سڌ هو ۽ ڀڳوان ج اُنس اوتار ليکجي ٿو. ڀڳوان چوي ٿو ته سڌن ۾ مان ڪپل مني آهيان. گرو نانڪ ديو جهڙا ان ليءِ سڌ هوا. پال اوستا کان ئي سڌن ليلا رام، ڪرشن والکر عجب هئي. لسار ڀڳوان ديوتا ئي ڪري ته ڀوڳن ولاسن بدران سارو وقت ڀڳوان جي ليلائن ڳائڻ ۽ پرانڪ جي ... ۾ ولعيت ڪندو آهي. اها پدوي هن سنسڪ ۽ شنوا مان پالي آهي. پاڻ پنهنجي

شلوڪ ٢٨. سنسار ۾ جيڪي به هٿيار آهن، انهن ۾ وڄر مان آهيان، ڳاين
۾ ڪامڌينو ڳئون، اولاد پيدا ڪندڙن ۾ ڪامديو ۽ سرپن ۾ واسڪي سرپ
مان آهيان.

وڄر اندر ڀڳوان جو هٿيار آهي جو ددڌيچي رشيءَ جي هڏن مان ٺهيل آهي. ورتاسر
سان ديوتائن سان سنگرام ۾ له مترو ته ديوتائون برهما وٽ ويا، جنهن ڪين ٻڌايو ته هن
جو موت لکيل آهي ددڌيچي رشيءَ جي هڏن مان ٺهيل هٿيار سان، ٻيو ڪو به رستو
ڪونه آهي. آپ سوارٿي ٿي ڪري اندر ديوتا برهما ۽ ٻين وڏن ديوتائن کي ساڻ
ڪري اُن جڳهه جاڳندي رشيءَ وٽ ويو ۽ سمورو حال وچي هن سان ڪيائين. رشيءَ
۽ اوهان سڀ چاهيو ٿا ته منهنجي شرير کي ڪٽي ته ڏاڍو ڏکندو، پر جيڪڏهن منهنجيءَ
ڀلائيءَ سان اوهان سڀني جو ڀلو ٿيڻو آهي ته منهنجو شرير حاضر آهي. مهاتمائن کي ڪاڻ
ڪانه ٿيءِ ته آهي، جا هو پرايڪار لاءِ نه ڏيئي سگهن. شري راجا پنهنجي شرير جو
ڪجهه ڪمي هڪ شرن ۾ آيل ڪبوتر جي رکيا لاءِ ٻاز کي ڏنو، ڪرڻ پنهنجي شرير
تان جنم کان لکيل زره پنهنجي چمڙيءَ سميت لاهي اندر کي ڏني ۽ سو هن رشيءَ به
رشيءَ وچان قرباني ڪئي ۽ سندس چوڻ موجب سندس شرير کي گهٽو لوڻ مکائي ڳئوءَ
چٽايو ويو، ته هوءَ ماس به چٽي ويئي ۽ رهيو هڏا پڃائين ۽ رشيءَ پران تياڳي ڇڏيا.
اندر ديوتا اهو سندس شرير جو پڃرو کڻي وچي اُن مان وڄر نالي هٿيار ٺاهيو، جنهن سان
ورتاسر جو وڌ ڪيو ويو. ڪامڌينو ڳئو سمنڊ ولوڙڻ وقت ٻين رتن سان گڏ نڪتي
هئي، جا سرڳ ۾ ديون ديوتائن جي ۽ ڪڏهن مرتيولوڪ ۾ به وڏن رشين منين جي شوڀا لاءِ
رهندي آهي، ۽ جا گهرڻ تي سڀ پدارٿ هن کي مهيا ڪري ڏيڻ جي شڪتي رکي
ٿي. هن ڳئوءَ جي مدد سان وسشٽ منيءَ ٻن ٻر وشوامتر جو سندس لشڪر سميت آتٿي
ستڪار ڪيو هو، جڏهن اهو رشي راڄ ڪندو هو ۽ لوچ ولي ڪاڏي وڃي رهيو هو.
رشي لوچ ۽ ٻين لاءِ اُن ڳئوءَ ڀوڄن، مٺايون، کير ۽ ٻيا انيڪ ڪاڻ ۽ کاڌ جا پدارٿ ۽
گاهن وغيره لاءِ گاهه، داڻو پاڻي، وغيره پيدا ڪري ڏنو. راجا وشوامتر اهو سڀ ڏسي
حيران ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته هيءَ ڳانءِ مون راجا وٽ هجڻ گهرجي ته ٻيا خرچ جي سڀ
ضرورتون پوريون ٿيڻ ۽ هيءَ هن رشيءَ وٽ هن جو ڪو ضرور ئي ڪونه آهي. وسشٽ منيءَ
هن ڳانءِ لاءِ گهر ڪئي، پر هن ٻڌايس ته هيءَ نه ديون ديوتائن لاءِ آهي ۽ سرڳ ۾
رهي آهي ۽ هيءَ ٿوري وقت لاءِ رشين منين جي شوڀا لاءِ آيل آهي. وشوامتر اُن
تي راضي نه ٿيو ۽ زوردستيءَ سان اُها ڳئو کڻي وڃڻ چاهيائين ۽ پنهنجي ماڻهن کي
ڏنائين ته هن کي ٻڌي ولي هلو. اهو ٻڌي وسشٽ منيءَ ڳئوءَ کي چيو ته ماتا!
سرڳ لوڪ هلي وڃ. جڏهن وشوامتر جي ماڻهن رکو هن کي هٿ لاتو ته هوءَ مٽي
وڃڻ لڳي. وشوامتر کي ڪروڌ آيو. ڪروڌ انسان کي انڌو ڪري ڇڏي ٿو ۽

۾ ڪمل ديو ماتا کي صاف سمجهايو ته اهو سڀ تون ري وقت لاءِ ٿي سگهي ٿو ۽ هڪ
بيماري لڳي ته پي ٿي سگهي ٿي يا ساڳي بيماري وري ۽ هر هر ٿي سگهي ٿي. پر
سڀ دک هڪ دفعو لٿا، ته پوءِ دفع به ٿي سگهن ٿا. پر اهي دک وري اصل نه اچن
اهو گيان حاصل ڪري جنم مرڻ جي چڪر کان آجي ٿيڻ سان ٿي سگهندو.

هن شلوڪ مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته پرماتما ته رڳو چيتن پدارٿن ۾ آهي، پر هو جڙ پدار
۾ به وياپڪ آهي. جهڙو رڳو ساهه وارن ۾ نه، پر وڻن ٻوٽن، پٿرن وغيره ۾ به آهي. الب
جڙ پدارٿن ۾ جهڙو ڪهڙيءَ ليکي ۾ ٿئي ٿو. ڪرمن ڪري وڻ ٽڻ ان طرح جڙ اوستا ۾
آهن، جئن ڪنهن ڪرڻ جهڙي حيوان ليکي ۾ بيهوش پيو هوندو هجي؛ ان وقت اهڙي سند
حالت هوندي هئي، جو سندس شرير کي وڍن وڍن ٽڪرن سان ڪٽيندا هئا يا متالثس و
وڏا جانور هلائيندا هئا ته به ڪنهن معلوم ٿيندي نه ٿيندو هو. وڏا وڏا ڌهل دماما وڄندا
ته به هو جڻ ٻڌندو ئي ڪونه هو ۽ ڏاڍي مشڪلات سان ڪنهن جاڳائي سگهيو هو. وڻن ٻوٽن
به اهڙو ئي حال آهي؛ پر ڪا ٿوري ڪمي يا بيشي ته پائي وڃڻو آهي. اهو ه
جو دک وڃائي رڳو يا گهڙها ڀاڄي آهي.

چترريٿ گنڌرو اهو آهي، جنهن سان ديوتائن جي لڙائي ٿي هئي، جڏهن پانڊو
۾ هئا ۽ ديوتائن وڏو لشڪر وٺي پانڊون کي ختم ڪرڻ ويو هو، پر انهن جي ٻڌي چاهڻ ڪر
سندس ٿي ٻڌو ٿيو. ديوتائن ساڳي سروور ۾ شنان ڪرڻ گهريو، جتي چترريٿ پنهنج
زالن سان اشنان ڪري رهيو هو. چترريٿ کي ان ٿي غصو لڳو ۽ ڀاري ٻڌ لڳي، جن
۾ ديوتا چارئي، ڀيمر ۽ ٻيا، سڀ زخمجي بيهوش ٿي ويا ۽ ديوتائن کي اهو گنڌرو ک
آڪاس ۾ اڏائو، پر آخر يڌشٽر جي حڪم ٿي ارجن وڃي ڪنهن ڇڏايو ۽ ڇڏايو.

شلوڪ ٢٧. گهوڙن ۾ موکي امرت سان گڏ [سمنڊ ولوڙڻ وقت] نڪت
اُچئي شروس نالي وارو گهوڙو ڄاڻ؛ شاهي هاٿين ۾ مان ائراوت هاٿي آهيان
منشن ۾ آءٌ راجا آهيان.

اُچئي شروس گهوڙو ۽ ائراوت هاٿي ٻئي سمنڊ ولوڙڻ وقت نڪتا هئا. گهوڙو د
جي راجا بليءَ ورتو ۽ ائراوت هاٿي ديوتائن جي راجا اندر پنهنجو ڪيو. ڪل ١٤ رتن سمنڊ
نڪتا هئا، جن مان ٻه هي به هوا. منشن ۾ راجا هميشه پرماتما جو انس ليکيو ويو آهي
راجا جو پد به ڪن ڀاري ڪمائي سان ملي ٿو، پر ڏنو اهو راجا آهي، جنهن جو راج عد
انصاف ۽ ڌرم ٿي ٻڌل آهي. ديوان حافظ جو هڪ شعر آهي، جنهن ۾ چيل آهي ته ر
جي ڀڳتي آهي انصاف ڪرڻ. جيڪو حاڪم پنهنجو راج ڌرم، عدل انصاف سان هلائي
اهو ڄڻ پرماتما جي سچي ڀڳتي ٿو ڪري. هن لاءِ ٻي ڪا به عبادت ڪرڻ لازمي نه آهي
اڄ ڪلهه ته حاڪم رعيت کي سکي ڪرڻ بدران هنن کي ڦري، ڏلون ۽ لوازما وٺي،
ڌن مان عيش ڪن ٿا. اهڙا حاڪم ايشور جي درگاهه ۾ وڏا گنهگار ليکيا.

آهيان، سرپ ناڳن کان گهڻو وڏيڪ زهريلا ٿين ٿا. ناڳن ۾ وڏو شيش ناڳ آهي ۽
سرن ۾ واسڪي، جنهن جي هڪ ڦوڪ سان سڀ ڪجهه سڙي خاڪ ٿيو ٿو پوي. راجا
پرڪشت کي واسڪي سرپ چڪ پائي ڀسم ڪيو هو. ان جو رنگ پيلو ٿئي ٿو ۽ ڪنس
ڪ مٺو ٿيندو آهي، پر ناڳن کي کهڻيون ڦڻا ٿين ٿا.

شلوڪ ٢٩. ناڳن ۾ اننت ناڳ وارو ناڳ مان آهيان؛ پاڻيءَ جي پراڻين
۾ آءٌ ورڻ ديوتا آهيان؛ پترن ۾ اريمان، اِنصاف ڪندڙن ۽ ڏنڊ ڏيندڙن
راجائن ۾ يمراج آءٌ آهيان.

جيڪي ڀڳوان جي نراڪار روپ ۾ ڌيان نه لڳائي سگهن، انهن لاءِ ڀڳوان پنهنجون مکيه
ووڀوتيون ورڻن ٿو ڪري نه جنهن نموني جنهن جو ڌيان لڳي، اهو ان طرح سان سندس
ڌيان اپاسنا ڪري. راجا ساري ديش جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ ان ۾ ڪي وڏا وڏا شهر ٿين ٿا.
راجا چوي ٿو نه فلاڻو شهر به منهنجو آهي، فلاڻو به منهنجو آهي ۽ انهن ۾ منهنجو راڄ ٿيو
ٿي. ان جو اهو مطلب ڪونه ٿيو نه باقي ٻين شهرن يا ڳوٺن ۾ سندس راڄ نه آهي ۽ اهي
سندس نه آهن. آهي نه سارو ديش سندس، پر بيان ڪرڻ وقت رڳو مکيه مکيه شهرن جو
ورتو آهي. ان طرح ڀڳوان به پنهنجي مکيه مکيه ووڀوتين جو ورڻن ٿو ڪري. آهي نه
ڪا وستوءَ جڙ توڙي چيتن، سندس ئي روپ. اهو سڀ وستار سان اسان مان هر هڪ جي
لاءِ ٿو ٻڌائي.

اننت ناڳ شيش ناڳ جو آهي، جنهن کي هزار ڦڻا ڇيا ويا آهن ۽ هو هر هڪ وات مان
وقت پرماتما جو ناڳ جپي ٿو، جنهن ڪري هن ۾ اهڙي نه شڪتي آهي، جو ساريءَ
زمينءَ کي پنهنجي هڪ سر مٿان کڻي بيٺو آهي ۽ اهو ڪيس هڪ گل برابر هلڪو ٿو
محسوس ٿئي. شيش ناڳ جي مهما اپار چئي ويئي آهي. لڪشمڻ به شيش ناڳ جو اوتار
ڀڳوان ڪير ساگر ۾ شيش ناڳ جي سيجا تي ئي ستل ڪندو آهي، جڏهن پرلي جو وقت
آهي تڏهن ساري سرشٽي منجهس لين ٿي ويندي آهي. ورڻ ديوتا هر پرڪار جي
جو مالڪ يا راجا ليکيو ويو آهي ۽ سندس راجڌاني سمنڊن جي تري ۾ چئي وڃي ٿي.
هن هڪ ڏينهن نند بابا جمنا ۾ اشنان ڪرڻ لاءِ گهڙيو نه ورڻ ديوتا هن کي پنهنجي
پاتاليءَ ۾ کڻي ويو نه ٻلي ڀڳوان ڪرشن کيس ڳولڻ اچي نه مان سندس درشن ڪريان.
نه انهن ۽ ورڻ ديوتا ڀڳوان جي ڏاڍي آجيان ڪئي ۽ پوريءَ وڌيءَ سان سندس پوڄا
ڪيائين ۽ درشن پائي ڪرتارٿ ۽ بيحد خوش ٿيو. ڪرشن ڀڳوان سندس مراد حاصل
ٿيو ۽ پتا کي وٺي ٻاهر آيو. پترن جو ديوتا اريمان آهي. شراڌن ۾ هن جي پوڄا
ٿي آهي. ڀڳوان چوي ٿو نه شيش ناڳ، ورڻ ديوتا ۽ اريمان مان ئي آهيان. جيڪي
کي ارپن ڪجهي ٿو، اهو ڀڳوان کي ارپن ٿيل ڄاڻڻ گهرجي ۽ هو اهو انگيڪار ڪري.
انهن سڀني جي پوڄا نه ڄڻ ڀڳوان جي پوڄا آهي. اهو نه هڪ ڏاڪو آهي پرماتما طرف

سڀني ٻاهن ۽ اڙلن جو مُول آهي ۽ سنسار ۾ دوبش وڌائڻ جو سبب به اهوئي آهي. وشوا
جي حڪم سان سندس مائٽن ڳئو ماتا تي لمر هلايا. هوءَ نه آڏامي وڃي ۽ ڪي لمر ڪيـ
لڳايا ۽ هن جو خون وهي ڌرتيءَ تي ڪريو. ان خون مان ڇون لٿا نه ته ٽي شيون
ٿيون: هڪ ڳاڙهي رنگ جي مسُور جي دال ۽ ٻيو لساڪ. انڱريزن کي جڏهن اها خبر
آئي نه اهڙو ڪو ڪم ڪجي، جو هندن جو ڪمل جب لب لقل ٿئي، تڏهن ڪمس صلاح
ته هندن ۾ لساڪ چکڻ جي عادت وجهي ته هنن جو عقل ۽ ڌرم ناس ٿئي. سُورج پرڪا
ڪرلنڊ ۾ اها ڳالهه ورلن ڪمل آهي، جنهن ڪري سڪن کي گروجن لساڪ چکڻ جي منع
منع ڪئي. هنن کي ڪو لساڪ سان وير نه آهي پر گروجن جي سکيا تي عمل ڪرڻ لاءِ
ان جي برخلاف آهن. خاص ڪري جو هنن مان شرير جي طاقت، تندرستيءَ ۽ دماغـ
شڪتيءَ جو ناس به ٿئي ٿو، هردو جلي ٿو، ٽڙيءَ جون بيماريون ٿين ٿيون ۽ ٻيا الڇ
روڳ لڳن ٿا ۽ ووي پيداش به ڳئوءَ جي رت جي آهي. ڪانڌيو ڳئو نه آخر هلي ويـ
آڪاش ۾، پر وشوامتر جو ڪروڌ وڌي ويو ۽ حڪم ڏنائين ته وسشٽ منيءَ کي قتل ڪـ
وڃي. گوليون بندوقون هليون، پر وسشٽ منيءَ وٽ برهمڻ ڪانڊ جو ڏنڊو اهـ
جهلي وٺي رهيو ته سڀ گوليون وغيره ان ڏنڊي کي لڳيون، ختم ٿي پيئون وغيـ
ان ۾ ٿي لاهي وسامي وڃن ۽ رشيءَ جو وار به ونگو ڪري نه ٿيو. تڏهن وشوامتر هـ
مڃي ڇوڙي لڳو ته ڌڪار آهي منهنجي ڪتري ٻل کي. برهم ٻل ئي سچو آهي. هـ
ته هر رشيءَ جي ڏنڊي اڳيان ڪتري فوجن جا استر شستر سڀ لڪا لساهت لـ
اهو آتمڪ ٻل يا برهم تيج آهي، جنهن اڳيان لکين لشڪر ڪجهه نٿا ڪري سگهن. اها شڪـ
سڀ دماغ ۾ آهي ۽ هندو قوم جو دماغ آهن برهمڻ. ليڪن اڄ اهي برهمڻ به برهم ليـ
ڪان هيٺ ٿي ويا آهن ته ٻيا ڇا ڪري سگهندا؟ رواجي ڳئن جي به مهما اپار آهي ۽ ڪـ
شيوا مان اٿاهه ڦل ملي ٿو، جنهن ڪري هرهڪ کي اها شيوا ڪري لاڀ پراپت ڪرڻ جي
سچ پچ ته اها شيوا هرهڪ جو فرض آهي، خاص ڪري حاڪمن جو. ڳئو ماتائون سار
عمر کير ڏيئي اسان جو ۽ اسان جي ٻارن ٻچن جو پالڻ ڪن ٿيون. سڀ شيون جي پرما
پراپڪار لاءِ ئي پيدا ڪيون آهن، انهن مان هڪ ڳئو به آهي، جو نه هوءَ گاهه ۽ داڻو کائي
امرت جهڙو کير ٿي ڏئي. ٻيون ڇهه شيون آهن: سُورج، چنڊ، بادل، وڻ ٻوٽا، ندي
تارا ۽ مهاتما لوڪ. اهي سڀ ٻين کي سک ڏين ٿا ۽ ڪڏهن عيوض نٿا چاهين.

اڳتي ڀڳوان چوي ٿو اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ جو ڪام آهي، اهو به مان آهيان. مطلب
جيڪو گرهست جو سنبنڌ جائز آهي، اهو ايشور روپ آهي. ناجائز گرهست مان ٿي سـ
وڪار پيدا ٿين ٿا. ڌرم انوسار گرهست ڪرڻ مان هميشه سک ۽ سمپتي ملن ٿا. شادي
وقت جيڪي ويدن جا منتر برهمڻ پڙهندو آهي، انهن جي مطلب سمجهڻ سان پتو پوي ٿو
جائز ۽ ناجائز گرهست ڇا آهي. سمُون اڌياءِ ۾ به ڀڳوان ساڳي ڳالهه ڪري آيو آهي ته جيڪـ
ڪام ڌرم جي ورڌ نه آهي، اهو مان آهيان. سرپن ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته واسڪي سرپ

ي ڏيان سان ٻڌي انهن لئي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي به سمت ۽ ڏرماتما پرش ٿيو هون ۽ سندن من جو مٽل وغيره سڀ دور ٿي وڃي ٿو. هن جو هڪ پرلڪش مثال آهي هڪ ڪمڙو ڪاڪي رنگ جو ٿئي ٿو. ان ڪمڙي کي جڏهن پرلکي پڪڙي، ان لئي ڙهي وهندو آهي ۽ آواز ڪندو رهندو آهي ته اهو ڪاڪي رنگ وارو ڪمڙو به ان يان رکڻ ڪري پرلکي ڪمڙي وانگر ڳاڙهو ٿي سندس ئي روپ ٿي پوندو آهي. ٻو مثال شري شڪديو راجا پريکشت کي ڏنو آهي. وڻن ۾ اصلي چندن جي ٻوٽي ٻارهن رن جي ٻوٽي سان سنگ ڪرڻ ڪري آس پاس جا وڏا وڻ به چندن جهڙي سڳند وارا ي ٿون ٿا ۽ چندن لئي وڪامن ٿا. سمنڊ ۾ جڏهن سوالي نڪشتر ۾ برسات جي بوند ڪ سپيءَ جي وات ۾ پوي ٿي ته اها هڪ مولي ڦٽجي پوي ٿي ۽ پارس سان لڳڻ ڪري واب ۾ خراب لوهه به سون ٿي پوي ٿو ته جيڪڏهن منش سچن سنتن جو سنگ ڪري ته ڪن نه ڌرماتما ڦٽجي پوندو؟ من به پاڻيءَ جي سڀاءَ جهڙو آهي. جهڙو رنگ ڏيس، اهڙو ي پوندو. خيال ئي من جا رنگ آهن. جهڙا خيال ڪبا، اهڙو من ٿي پوندو. خيال بدلبا ته سي ۽ راجسي خيالن وارو من به بدلجي ساتوڪي ٿي پوندو. يتن (ڪوشش) سان من کي وڪٽي ٽانڪو آهي، ڇو ته ستوگڻ اِيشور جو انس آهي ۽ ساتوڪي پدارٿن ۾ ئي پرماتما کي يش طرح ونهاڪ جاڻڻ گهرجي. جيئن ٽڪ ساماله طرح ته هوُ هر پدارٿ ۽ هر جيو ۾ ي. هو مردي ۾ به آهي، ڇو ته سرو وياپڪ آهي.

ڀڳوان هن سلوڪ ۾ چوي ٿو ته دئتن ۾ پرهلاد مان آهيان. دئت ته سڀ راجسي ۽ سي سڀاءَ جا ٿين ٿا، پر انهن ۾ پرهلاد ساتوڪي گڻن وارو هو. سڀ دئت ڏِتيءَ جو اد آهن، جا دکش پرجاپتيءَ جي ڌيا هئي ۽ سندس پتا هن جي شادي پين ١٢ ميائن سان گڏ مهرشي ڪشپ سان ڪئي هئي. هڪ ڏينهن سنجها جي وقت جڏهن ي ڀڳوان جي اُپاسنا ۽ ڌيان ۾ ويٺو هو ته دتي وٽس آئي ۽ چوڻ لڳس ته مونکي جو د کول آهي ۽ پين ڀينرن جو اولاد ڏسي، مونکي ايرکا ٿي ٿئي، سو مونکي پٽر سنتان مونسان هن وقت گرهست ڀوڳ ڪريو، جو مونکي بي آرامي ٿي پيئي آهي. رشيءَ وني سمجهايس ته ”سنجها جو وقت آهي، اهو گذري ته پوءِ سڀ ڪجهه تنهنجي اڇا ار ٿي پوندو. هن وقت اهڙي ڪرم ڪرڻ سان دپوتائون ناپج ٿين ٿا ۽ ڏري سزا ڏين.“ هوءَ ان وقت ڪام ۾ انڌي ٿي پتيءَ کي زور سان لپ لاهي ننگ ڪرڻ لڳي ۽ رشيءَ رماتما جي اهڙي اڇا سمجهي هن جي مراد پوري ڪئي ۽ پوءِ وري اشنان پاڻي ڪري ، پوڄا پاٺ ۾ لڳو. اُتري ۾ دتي به پشيمان ٿي ۽ روئي اچي معافي وٺڻ لڳي ۽ ن ڪرڻ لڳي ته مهنجو گرڀ اجاهو نه وڃي. رشيءَ سندس پڇتاءُ ڏسي چيو ته ”تو ل اجوڳ وقت ۾ اهو ڪرم ڪرايو آهي، ان ڪري توکي ٻه وڏا پاپي پٽر ڄمندا، جنجو ڪل ٻهاڪ ٿيندو ۽ هر لوڪ پالڪن، ديوتائن ۽ مهشي کي ستائيندا ۽ تنگ ڪندا. آخر خود اوتار وٺي هنن کي ماريندو، مگر تو پڇتاءُ ڪيو آهي ۽ وشنو ڀڳوان جي اُپاسنا ي

وجڻ جو. انصاف ڪندڙن ۾ ڀڳوان ڄڻ ڄڻو ٿو ته مان يمراج يا ڌرمراج آهيان. ڌرمراج سڀني
ماڻهن کي سندن ڪيل ڪرمن موجب انعام ڏيڻ يا سزا ڏيندو آهي. هو پورو پورو عدل ٿو ڪري
۽ جن برا ڪرم ڪيا آهن، تن کي هو قاعدي موجب سزائون ڏئي ٿو ۽ وري نيچ جونين ۾
جنم ٿو ڏئي. جن شڀ ڪرم ڪيا آهن، تن کي هو سرڳ جا سک ڏئي ٿو ۽ پوءِ سٺين جونين
۾ پيدا ٿو ڪري. ڀڳوان جو انصاف ڪيئن ٿو ملي، ان جو هڪ عمدو مثال شاسترن ۾
آيو آهي:-

ڪنهن جو مثال هو. هڪ واڻيو هردوار ويو ۽ خيال ڪيائين ته ڪم ڪري وڃان ۽ ان
طرح پنهنجو گذر ڪريان ۽ ڪجهه ڪمايان به. اهو ڌنڌو هن چالو ڪيو. لڪن آدمين جي
ڀيڙ هئي، سو هو ڪم ۾ گنگا جل ملائي ڪم جي اڳهه ۾ وڪڻڻ لڳو. مثلو جيترو ٿيو ته ڪمس ۾
سؤ روپيه هڙ ۾ ٿيا، جي هو هڪ ڏکيءَ ڳوٺڙيءَ ۾ وجهي پنهنجي ڪم سان ٻڌڻ لڳو ...
هڪ بانڊر اچي ڪسي وجهي هڪ وٺي ويو، جو گنگا جي ڪناري تي هو. بندر ڳوٺڙيءَ
کي کولي ۽ ان مان ڪاڙهي بانڊر ڇا ڪيو، جو هڪ روپيو گنگا ندي ۾ ٿي اڇلائي ۽ هڪ
ان واڻيي طرف ڦيرو ڪري. آخر واڻيي کي هڪ سؤ روپيه بچي ويا ۽ باقي هڪ سؤ گنگا ۾ ويا. ان
وقت سڀ روڪڙا جالڊيءَ جا روپيه هوندا هئا. مطلب ته ڀڳوان ان بانڊر جي روپ ۾ ...
جڳ عدالت ڪئي ۽ واڻيي کي پنهنجو حق ڏنائين ۽ باقي هڪ سؤ، جي هن گنگا جل
ڪم ۾ ملائي ڪمايا هئا. اهي گنگا ۾ وڌائين. مطلب ته عدل ڪرڻ وارو پرماتما پاڻ آهي.
جنهن ۽ انصاف جهڙڪهن پورو عدل ڪن ٿا ته هو جڳ پرماتما جو انش ٿا ڪن، جو ته
عدل انصاف سندس ئي روپ آهن.

شلوڪ ۳۰. دئيتن ۾ پرهلاد مان آهيان؛ حساب يا ڳڻپ وارين شين ۾
ڪال يعني وقت يا سمو مان آهيان؛ جانورن ۾ اُهي سندن راجا (شينهن) آهيان
۽ پکين ۾ وئنتيه (وئنتا جو پٽر گرڙ) مان آهيان.

ڀڳوان جو مطلب آهي ته دنيا ۾ جيڪي به ساتوڪي پدارٿ آهن، اهي سندس روپ
آهن ۽ انهن جي اپاسنا ڪندڙ سندس اپاسنا ٿا ڪن. ستوگڻي شين ۾ ئي پرڪاش پيو ئي
ٿو. جيئن سورج جو عڪس پٿر يا ڀت ۾ ته پوندو، پر نرمل جل ۽ شيشي ۾ پوندو. سورج
ته سڀ لاءِ هڪ جهڙو ئي پرڪاش ڪري، مگر پٿر ۾ جل جهڙو نرملتا نه آهي. شيشو ...
پٿر آهي، پر ان ۾ گهڻي صفائي آهي. ان طرح ستي گڻ ۾ شڌتا ڀاري آهي ۽ ان ۾ ايشور
يا آتما جو عڪس پوي ٿو. ستوگڻ مان ئي گيان ٿو پيدا ٿئي. شانتي، سنتوش ۽ ڀڳتي
اهي سڀ ستوگڻ جا لڪ آهن ۽ ان مان پيدا ٿين ٿا. پوءِ ئي گيان حاصل ٿئي ٿو. ان ڪري
ڀڳوان کي ڳولڻو آهي ته هو ساتوڪي پدارٿن ۾ ئي ملي سگهندو. سنسار ۾ جيڪو جيئن ...
... ڪري يا جنهن جي صحبت ٿو ڪري، ان کي اهڙو رنگ لڳي ٿو ۽ اهو هن جهڙو
روپ ئي پوي ٿو. جيڪي مهاتما، سادن ستن جو سنگ ڪن ٿا ۽ انهن جي سکيا ...

ني وشوامتر جي يگيه جي رکيا لاءِ ڪيترا راڪس ۽ راڪشسالين ماريو ۽ شو ڀڳوان جو
ي ڏنش ڪٽي، ڀڃي، سيتا سان شادي ڪيائين. اهو ڏنش راوڻ ۽ ٻيا وڏا وڏا يوڌا جدا
ا چوري به نه سگهيا، ڀر ڳنڍجي به نه ڪٽي سگهيا. سگريو سان مترتا رکڻ وقت هن ڪي
رج ڏيڻ لاءِ گول چڪر ۾ بيٺل ست تلها ڪجيءَ جا وڻ هڪ تير سان اکوڙي ڪيرائي
ڪارنائين، جو ڪنهن به انسان لاءِ ڪرڻ ناممڪن هو. سگريو کي پنهنجي ڀاءُ ٻاليءَ جو
ب هو ۽ ٻاليءَ کي ور مليل هو ته ڪير ڀي اهو ماري سگهندو، جيڪو انهن سٽن ڪي
ن کي هڪ ٻاڻ سان ڪيرائيندو. ڀڳوان رامچندر اهو ڪم ڪري سگريو کي دلجاءِ ڏني
اڻ ٻاليءَ کي ماري سگهندو. اندر ديوتا جي پتر جيئنت جڏهن ڪانءَ جو روپ ڌاري
ي بنواس جي وقت سيتا ماتا جي پير جي هڪ آڱوٺي کي چهنب هڻي رت ڪڍيو ته
ن رامچندر هڪ اهڙو ته تير هلايو، جو اهو جيئنت جي پٺيان پيو ۽ جيڏانهن هو اڏامندو
وڃي، اوڏانهن اهو به پٺيان. تي ولس ۽ هن ڪان کي به ديو ديوتا، خود سندس پيءُ
ر ديوتا به ڪين بچائي نه سگهيو. آخر ناردمنيءَ کيس وچان ڪيس صلاح ڏني ته وڃي
ن رامچندر جي شرن پئي ڪانئس ڏي معافي گهر ته هو ڪرپالو آهي ۽ معافي ڏيندءِ تهه
ولندي. جيئنت اهو ڪم ڪيو. هن اهو اڻڳڻو چهنب هڻڻ جو ڪرم ڇو ڪيو؟ ان
هن رمز ڪٿا آئل آهي :-

ٻال اوستا ۾ ڀڳوان رامچندر انوڌيا ۾ هڪ دفعي پتنگ اڏايو، جو سڌو سرڳ لوڪ ۾ اندر
ٽ جيئنت جي محل تائين ويو. سندس استريءَ اهو ڏسي سمجهيو ته مرتيو لوڪ مان
هيءَ لاءِ آيو آهي، سو ان جو اڏاميندڙ به ڪو وڏو ويو پرش هوندو. هن اهو لاءِ
ي رکي ڇڏيو. شري رامچندر گهڻو ٿي ان کي ڇڪيو، پر اهو نه آيو. ڀڳوان هڪدم
ان کي اگيا ڏني ته وڃي سرڳ لوڪ مان ڪٽي اچ. اهڙن ٻوڏن لاءِ سرڳ الپن هو، جتي
ن وڏيءَ جاءِ جو ڪرلو. هنومان وڃي ڏٺو ته جيئنت جي زال وٽ لاءِ هو. هن ڪان اهو
ئين ۽ کيس ٻڌائائين ته اهو لاءِ منهنجي اشٽ ديو رامچندر جو آهي. هن چيس ته مان
هو درشن ڪرڻ ٿي چاهيان ۽ پوءِ ڏيندي س. هنومان اچي ڀڳوان کي اهو حال ٻڌايو،
ني ڀڳوان چيس ته هن کي وڃي چؤ ته هاڻي ڇڏ ۽ جڏهن مان بن ۾ ايندس ته منهنجو
ن لون اچي ڪجانءِ. هن اهو قبول ڪري لاءِ ڏنو ۽ جنهن وقت ڀڳوان بن ۾ ويو ته
ڏيهن هوءَ درشن ڪري من گهريو ڦر وٺي ويئي هئي. اها ڳالهه ٻڌي جيئنت کي
ا لڳي ته مان ديوتائن جي راجا جو پتر ۽ منهنجي زال هڪ منش جو درشن ڪرڻ
. ان ڪري ڀڳوان جي شڪتيءَ پرکڻ لاءِ هن اهو ڪم ڪيو ۽ آخر ڀڳوان جي مهما
، آڻ مڃيائين.

ڪا لڌي سيتي جل آسرن ۾ ٽوٽر ۾ ٽوٽر لکجي ٿي. جڏهن وامن اوتار ۾ ڀڳوان ٻلي
ان ٽي پير زمين جا دان ورتا ته هڪ پير ۾ سرڳ لوڪ ماپيائين. سندس اهو پير جڏهن
وڪ ۾ پهتو ته الي برهما سندس ان پير کي جل سان ڌوئي چرنامرت ورتو. اهو

۽ آهن. ان ڪري ٿورهين الهن ۾ ٻنهي مان هڪ ڪي پرماتما جو ڀڳت پتر روپ ۾ جنمندو.
دليءَ ڪي ۽ پتر هرڻاڪش ۽ هرڻاڪشپ ناليءِ وارا ڄاوا ۽ هرڻاڪشپ کي پرهلاد پتر ٿيو.
پرهلاد ٻال اوستا کان ئي پرماتما جو ڀڳت ٿيو، جنهن ڪري سندس پتا مٿس ڏاڍا ظلم ڪيا
۽ کيس مارڻ جا انيڪ اپاءَ ڪيا، پر وشنو ڀڳوان نرسنگهه اوتار ڌاري هرڻاڪشپ کي ماريو
۽ پرهلاد کي بچايو. ٻالي گرداس لکيو آهي ته جنهن ڪُٽ مان ۽ ڪنول جو ڪُل پيدا ٿئي
ٿو، ان طرح دليءَ جي ڪُل ۾ پرهلاد ڀڳت روپي ڪنول ۽ سالوڪي اتهڪرش وارو سنت
پيدا ٿيو. جو ڀڳوان چوي ٿو ته مان ٻالڪ آهيان. هن اتشرو ته نام جپيو، جو هن جو سارو
شرير سالوڪي ٿي پيو ۽ سندس اتهڪرش اهڙو ته شڌ ٿيو، جو هن ۽ ايشور جي وچ ۾ ڀيد
ئي نه رهيو. هرڻاڪش ۽ هرڻاڪشپ ۾ ڀڳوان ڪونه هو ڇا؟ هو ته هئن ۾ به هو،
مگر هنن جا اتهڪرش ملين هئا، جنهن ڪري پرماتما جو عڪس انهن ۾ نه ڏسڻ ۾ آيو.

ڪاٿ وارن منجهن ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته مان ڪال يعني وقت آهيان. سڀڪو ڄاڻي ٿو ته
ڪال مهابلوان آهي. وقت اچڻ تي سڀ ڪجهه فنا ٿي وڃي ٿو، وقت اچڻ جو ساري
برهمانڊ جي ۽ پرلي ٿي وڃي ٿي ۽ وري وقت اچڻ تي اُن جي نئين سر اُتپتي ٿئي ٿي.
هڪ هڪ جنتو جي عمر وقت اٽوسار بڌل آهي. سورج، چنڊ، تارا، نڪشتر سڀ ان وقت
جي اڌين هلي رهيا آهن ۽ هڪ ڙي پل ۾ همت ڪين ٿا ڪري سگهن. هرهڪ بيماريءَ
ٿي ڪال جو ڏاڪو وڃي ٿو. اڄ جيڪا شيءِ اسان کي وڻي ٿي، ڪڏهن ۽ لذيذ ٿي لڳي،
اها سڀاڻي يا ڪجهه وقت کان پوءِ شايد ڏسي به نه وڻي. ان ڪال يعني وقت مان سڀ
ڪلاڪ، ڏينهن، هفتا، مهينا، سال ۽ يگ ٺهن ٿا ۽ اهو مهابلي آهي، جو ته ڀڳوان ٻالڪ آهي.
جانورن ۽ مرن ۾ شينهن سڀني راجا ليکيو ويو آهي، ڇو ته هو سڀني کان وڌيڪ طاقت
وارو آهي ۽ ٻيا سڀ جانور کانئس ڪنبن ٿا ڪائين. ڀڳوان چوي ٿو ته اهو مان آهيان. گرڙ
وشنو ڀڳوان جي سواري آهي ۽ بلڪل اٿاهه شڪتيءَ وارو ۽ ٿيو آڏامندڙ آهي.

شلوڪ ٣١. پوتر ڪندڙن [يا ويگ سان هلندڙن] ۾ آءٌ پوڻ ديوتا
آهيان، شسترن ڌاريندڙن ۾ شري رام مان آهيان، مڇين ۾ مانگرمڇ ۽
نديُن ۾ آءٌ گنگا ندي آهيان.

هوا وڏي ۾ وڏي پوتر ڪندڙ وستو آهي، جو ته اُنيڪ اپوترتائون (غليظائون) وڃو هر
لڳڻ ڪري دور ٿي وڃن ٿيون. هوا جو ويگ ۽ تمام تکو آهي. ڀڳوان چوي ٿو ته اها
هوا مان آهيان. شسترن ڌاريندڙن ۾ ڌنش ڌاري ڀڳوان رامچندر ٻالڪ پرماتما آهي. شري
رامچندر جي زماني ۾ جا شستر وديا هئي، سا هاڻي الوپ ٿي وئي آهي. راون سان جنگ
۾ اگنيءِ باڻ، اگني باڻ، جل وسائڻ وارا باڻ ۽ ٻين انيڪ قسمن جا باڻ ڪم آيا هئا
ڏور نٿو ٻڌي سگهه، پٿر پتامه، دروڻا چاريه، ڪرپا چاريه ۽ ارجن ۽ وڏا ڀاري شستر ڌاري
هئا، پر هاڻي اهڙو علم ڪونه رهيو آهي. ڀڳوان رامچندر ڌنش ٻالڪ سان ڪمو ڪيو اوسا

سمي لڳي رهي. ڀڳوان ڪرشن ارجن کي وراٽ سروپ جو درشن ڪرائڻ وقت چيو هو
انهن ٻاهرين اکين سان تون ڪين ڏسي سگهندين. اِلڪري مان توکي الڳ ديون اکيون
مي دويه نيتر ٿو ڏيان. انهن سان منهنجو اهو سروپ ڏس.

گرو گهر ۾ ڏهن ئي پاتشاهن مان ڪنهن لاءِ ڪونه لکيل آهي ته ڪو دنيوي اوُچ
وديا پڙهيل هوائون. ڀڳو گرو شيوا ۽ آتم گيان پائڻ سان ئي هنن سڀئي لوءِ پدوي پائي ۽
ڀڳت گرو ٿيا. گرو ارجن ديو ته ڪنهن به دنيوي وديا حاصل نه ڪرڻ باوجود گرو گرنٿ
صاحب جهڙو امرت واڻيءَ جو جهاز پرگهٽ ڪيو. گرو گوبند صاحب ته رڳو ٻاٻي بيدي
ن گرمکي اکر پڙهيا هئا، مگر انڌي وديءَ شڪتيءَ جا مالڪ رڳو شيوا ۽ ڀڳتيءَ مان ٿيا.
ين شستر وديا به چڱي حاصل ڪئي هئي، جنهن سان هنن مغلن جو مقابلو ڪيو. اهو سڀ
هر وديا جو ڦل هو ۽ نه ڪنهن دنيوي علم جو. گرو هرراءِ صاحب به سڀ ڪجهه ان
هر وديا مان پاتو. گرو هرڪشن صاحب ته ٻال اوستا ۾ ئي جوتي جوت سمايا، پر ڪسين
هر وديا جي انڌي شڪتي حاصل هئي، جو هڪ اڻپڙهه ڪرار جي مٿي تي پنهنجي هٿ
ي سوٽي ڇهائڻ سان هو پنڊتن جي سڀا ۾ ويدن شاسترن جي شلوڪن جا ارٿ
الڻ لڳو!

ٽين ڳالهه جا ڀڳوان هن شلوڪ ۾ چوي ٿو، اها آهي ته واد وواد ۾ ڳالهائيندڪ واد سان
ـان. واد وِواد يعني بحث مباحثو يا سوال جواب. اهي ٽن قسمن جا ٿين ٿا: (١) جلپ،
) وتنڊا ۽ (٣) واد يا سر واد. **جلپ** جو مطلب آهي ته بحث مباحثو ان مراد سان ڪجي
اسان جو راءِ ٺيڪ ثابت ٿئي ۽ مخالف ذر غلط نڪري، ڀلي ڪٿي سچ ڪُٺو به هجي.
آهي پاڻي ولوڙڻ جي برابر. وتنڊ جو مطلب آهي ته ڏيکاءَ لاءِ سوال ڪجي ته اڳلو
ـاب اڳلي کي نه اچي ته پاڻ پڌائي سرخرو ٿجي ۽ پنهنجي وڏائيءَ لاءِ سوال ڪجن.
ـهن ڏکئي شبد، سٽن يا ٻوليءَ جو ارٿ يا مطلب سکي، پوءِ پيا ٻين کان اهو پڇون،
ڪرائي ٿو؛ ان لاءِ تو چاليهه ورهيه اجايا وڃايا آهن.“

ملڪ، جائيءَ، ڌن، سلج، عزيزن، گهرجاتن وغيره جي به شيوا بلڪل نشڪام
ڪجي، لذهن سچي شڪتي ۽ شانتي حاصل ٿئي ٿي. ڪجهو به نيڪ ڪرم ڪجي ته
ڪداچت اُجوري ملڻ جو خيال نه ڪجي، چاهنا ڪرڻ نه پوري رهي. ڦل ته ضرور مل
پر گهرڻ يا چاهڻ سان گهرو ۽ نشڪامتا سان اٿاهه. ڏيکاءَ لاءِ شيوا چاڪري، دان و
ڪرڻ به ڪامنا وارو ڪرم ٿيو ۽ الپ ڦل ملي ٿو. ڀڳوان صاف ٿو فرمائي ته سڀ ڪا
ڀڳتي آهي ويد وهت ڪرم ڪري، اُنهن جي ڦل جي اڇائي نه رکڻ ۽ پرڀوءَ پرمانمه
سيکيه اُرپڻ ڪري ڇڏڻ. اهوئي رستو آهي پورن شانتي حاصل ڪرڻ جو. ڀڳوان
چوي ٿو:

چندن کان وڌيڪ سيتل چندرما آهي، پر اُنهيءَ سيتلتا باهريون آهي ۽ اها من کي سيتل
ڪري. من جي جلن متائڻ لاءِ، ٿڌي ڪرڻ لاءِ سنتن جو سنگ ضروري آهي.
هڪ سنت هو، جو ساري رات ڀڄي ايشور جو ڌيان ڪندو هو. ڪنهن مهاتما
ن ته "اوهان جو ايڏي تپسيا ٿا ڪريو، سا ايشور کي منظور آهي؟" جواب ڏنائين ته
ظور ڪري يا نه، اهو ڄاڻ جاڻي، مان ته فرض ۽ ڌرم سمجهي ٿو ڪريان." مطلب ته
ن اپاسنا يا ڀڳتي اها آهي، جا ڪنهن لالچ يا قبول پوڻ يا نه پوڻ جي خيال کان سواءِ
وڃان ڪجي.
يو ڀڳت ڀڳوان جو پيارو سنت هئو. ڏک سک، مان اپمان ۾ سمان رهندو هو. جڏهن ڪو
سنت گهر ۾ ايندو هوس ته استريءَ جا وستر گروي رکي به سيڌو وٺي هنن کي
ندو هو. هڪ دفعي جهنگل ڦرڻ ويو ته بارش گهڻي پوڻ ڪري زمين ۾ هڪ ديگ
ڏسڻ ۾ آيس. ڏٺائين ته منجهس ڪي سون جون مهرون پيل هيون. ڪو به خيال نه
ب گهر هليو ويو، پر اُتي وڃي اُن بابت ڳالهه ڪيائين، جا پاڙي واري گهر وارن ٻڌي.
ن هڪدم ڊوڙي ويا اها ڪڍڻ. وڃي ڏٺائون ته ديگ ته برابر آهي، پر کولڻ تي اُن
ڏا وڏا پيلا ڏينڀو نڪتا ۽ هنن کي ڏک ڏيڻ لڳا. هنن سمجهيو ته پيسي اسان کي
ڏنو آهي، سو ديگ کڻي نه ويا، پر وڃي سندس گهر ۾ اُڇلايائون! هنن خيال ڪيو ته
جو ڦل ٿا ڪيس ڏيون ته پل ڏينڀو ڪيس ۽ سندس ٻارن ٻچن کي ڏنگهن. ليڪن پرارٻڌ
ن جي ڄاڻ سان آهي، جا وشنو ڀڳوان به ڪو متائي سگهي. هنن ديگ اُڇلائي، جا پيسي
جي استريءَ ڏٺي. پيسي ڀڳت به ڇيو ته هيءَ ته ساڳي ديگ آهي، جا مون جهنگل
ي هئي. کوليائين ته ڪين گيئين جا ڍڳ مليا. اها سندن پرارٻڌ ۾ لکيل هئي ته پيا دشمنيءَ
ه کڻي وٺي ڇڏي ويا. پر ٻين کي گيئون به ڏينڀو ٿي لڳيون!
وامي رام تيرٿ جڏهن امريڪا ويو ته فقط چادر ۽ ڪمبوري چولي ۾ ويو ۽ پيا ڪجهه
ساڻ هئس. هڪ ڪوڏي به مايا جي ساڻ نه کنيائين. هڪ انگريز جهاز تي کانئس پڇيو
رو ڪيئن ٿا ڪريو؟ جواب ڏنائين:
جو مل جائي سوئي اُڇا - سوئي ميرا گذارا هئي.
ڏهن جهاز ڪناري تي لڳو ته وڏا وڏا ماڻهو کيس وٺڻ آيا. اهو ڏسي اهو انگريز
لي ويو، ته هنجي ايڏي ياري آجهان تي ٿي! اهو آتم پرڀاءُ آهي. آتم شڪتيءَ سان
قدرت (پرڪرتي) به شموا ڪري ٿي. سوامي رام تيرٿ خود لکيو آهي ته پرڪرتي
ن جي اڳيان ٽلچ ڪندي آهي. سچو ڀوڳي اهو آهي جو سڀ طرح جي اوستا ۾ هڪ
راضي ۽ شانت رهي ٿو. سوامي جن هڪ ڪوتا ۾ فرمايو آهي:
واهه موج فقيران دي.
ڪڏهن چاٻولن چٽا چهڙان - ڪڏهن لپٽ لپوين ڪمران (ڪمرلي) دي.
ڪڏهن تو اوڙهي دشالي - ڪڏهن گوڏڙيان لمڙان دي.

ته ”هي ڪوئي! تو رلو سو ته ٺهيو، پر وري ڪلهن ڇا لاءِ ٿي؟“ ٻالهيءَ هڪ ٻڍي جو
ڏٺو ته ”هي جيئندا ڪملا! رلڻ ان لاءِ جو مار ملي، پر کلان ان ڪري ٿي جو حال
ته مان رهيو به ڪلاڪ ڪن هن سيج تي ليٽي آهيان ته هيڏي سزا ملي اٿم، پر بادشاه سلا
جو روز ٿو ساري رات هن تي آرام ڪري، سو خبر ناهي ته ڪيس ڪهڙا عذاب ملندا
ايتري گيان ڪنهن نه ڪنهن واقعي مان حاصل ٿئي ٿو. بادشاه کي به اهو تير لڳي و
سمجهڻ لڳو ته ساري حياتي عيش عشرتن ۽ ڪاڏن پٽن ۾ گذاري اٿم. هاڻي ته ڪجهه ڌ
طرف لڳان. اسين ڪو ٿورو سفر ٿا ڪريون ته ان لاءِ ڪيتري نه تياري ڪندا آهيون
سڀ سمر ساري سنڀالي ڪٺي لڳندا آهيون؛ پر پرلوڪ جي سفر لاءِ ڪو به توشو ڪٺا ٿا ڪهي
جيتوڻيڪ پرلوڪ جو پنڌ اڏو نه وڏو ۽ ڏکيو آهي جو ڪاٿو ئي ڪونهي. اُتي نه ڪو
يا مدد ڪرڻ وارو به نه آهي، اولده اُلٽوڪار لڳو پيو آهي؛ نه پيٽ لاءِ پاڻي ۽ نه
ڪان بچاءَ لاءِ ڪا ڇانوَ ملندي. هڪ ايشور جو نام ئي ڪم اچي سگهي ٿو. نام جپيل هو
ته پاڻيءَ بدران به اَمرت ملندو، ته نه لڙڪي لڙڪي بي حال ٿيو. پرماتما جي ڀڳتي
هوندي ته ڇانوَ به ملندي، ته نه اُس ۾ ڪڪڙو پوندو. ابراهيم بادشاه به هڪدم هيءَ دني
بادشاهي ڇڏي، سچي بادشاهي حاصل ڪرڻ جي لئن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. نه پهه
ڪسي راج سوڀي هليو ويو ۽ پاڻ سان رڳو ٣ شيون ڪنيائين- وهاڻو، لوٽو ۽ ٽلڙي. جڏ
جهنگل ۾ ويو ته ڏٺائين ته وڻ گهاٽيون اهن، سو ڏلڙي ته ڪٽا ڪري ڇڏيائين. پوءِ ڏٺا
ته ڪيترا ماڻهو ٻڪ ۾ پيا پاڻي پيئن، سو لوٽو به ڏيئي ڇڏيائين. اڳتي هليو ته ڪنهن ما
کي مٽي هيٺان ٻانهن رکي سمهيل ڏٺائين، جنهن ڪري وهاڻو به تياڳ ڪيائين ۽ ڪنهن مهاپ
جي شرن ويو. ڪي چون ٿا ته ميان مير وٽ ويو. اهو ميان مير گرو ارجن ديو جي ڏ
۾ وڏو پهتل فقير ٿيو آهي. هن ابراهيم کان سکيا ڪرائي ته بادشاهيءَ جي بوءِ به هن
رهي. ابراهيم فقير هڪ ڏينهن ٻيڙيءَ ۾ ويٺو هو ۽ آلر الله جي پوريءَ مستيءَ جي حا
۾ هو. اُتي به ٻروش ويٺا هئا، جي بلڪل اڻ اڪي سڀاءَ جا ۽ ٻرا پٽي لڳا. ابراهيم کي ڏ
هنن هڪ گالو شروع ڪيو ۽ گاري گالهيندي ڪڙي پهچو ڏلدو هنيو ابراهيم جي مٿي
جنهن ڏکڙ ڪسي ڏک هڻيو آهي. فقيرن سان نه ايشور هر وقت ساٿي آهي. جڏهن هن
چار دفعا ائين ڪيو ۽ فقير سائين سهاري ويو ته يڪدم آڪاش واڻي ٿي ته ”هي فقير سائ
چئو ته هنن ٻانهن کي سزا ڏيان ۽ ٻيڙي غرق ڪري ڇڏيان، يا رکو هنن ٻن کي ٻوڙي ڇڏ
مگر ابراهيم مان دويش ڀاءُ ته بلڪل گم ٿي ويو هو، سو چوڻ لڳو ته ”هي خداوند ڪر
جي انهن ڪرپا مون تي ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ۽ سمرٿ به آهيو ته هنن ٻنهي جي ٻڌي
ڪريو، باقي هنن جي مرڻ مان ڪهڙو نفعو ٿيندو؟“ ائين چيائين نه هنن ٻنهي جو ه
صاف ٿيو ۽ اچي فقير جي پيرن تي ڪريا. سچا سنت دک ڏيندڙن سان به دويش ڪٺا ر
هنن جو هردو مکڻ کان به ڪومل ٿئي ٿو. پاڻ آلر الله ووڃي لعنتڪ ۾ هوندي به هن
دکن کي ڏسي ٻکهڙي دکي ٿين ٿا. جڏهن بلڪل سمجهل آهي، ڪرپي ۾ ان جو هر وقت نه

ڌڪار ۽ پوءِ راجا کي به ڌڪارج." هن پنڊت ڌنو ته هت وشواس نه آهيئي ڪونه
ڪي آهن. اُنهنکي جواب به اهڙوئي ڏيڻ جڳائي. ويدن شاسترن جي واٽ تي نه
بار ٿيندو ڪونه. چا ڪيائين جو هٿ ۾ جيڪو ڏنڊو هوس، اهو اُن وزير کي زور
تي لڳاءِ ڪيائين. هو رڙيون ڪري ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. سڀ هاهاڪار
ڪيا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن هوش ۾ آيو ته چيائين ته "مونکي سخت سُور آهي."
ت کي چيو ته "سائين! لوهان هي ڇا ڪيو؟" پنڊت وراڻيو ته "راجن! مون ته
سندس سوال جو جواب ڏنو آهي. ويد، شاستر، پران، پنڊت، رشي مني، ودوان
ن ٿا ته ايشور آهي، ته اسانکي به وشواس رکڻ کپڻ گهرجي. پر هيءُ جو چوي ٿو
سُور ٿا پيڙا آهي، سو اُنکي به سامهون پرگهٽ ڪري مونکي ڏيکاريءِ. جڏهن سُور ٿا
ڪو سروپ نه آهي، اهو ليکڻ مان معلوم ٿو ٿئي يا ٻئي جي سُور کي سمجهي اهو
، جنهنکي اڳي اهڙو سُور ٿيو هوندو. ان طرح ايشور جو اَنڀؤ به اهو ڪري سگهندو،
اَندر جا نيتر ڪليل آهن." پنڊت وڌيڪ چيو ته "برابر مان به سمجهان ٿو ته هن وزير
آهي، پر اُنجو ڪو سروپ نه نه آهي. ان طرح ايشور آهي، مگر هنجو درشن رکو گيان
سان ڪري سگهبو، جو ٿيندو ويدن، شاسترن ۽ گروءَ جي سکيائن تي پورو وشواس
اُنهن تي عمل ڪرڻ سان. وشواس ڪانسواءِ ڪجهه به حاصل ڪين ٿيندو. جڏهن سوامي
راجا پريکشت کي شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا ۽ ڀڳوان ڪرشن جيڪي ٻالپڻ ۾ ڪم ڪيا
ي ٻڌائيندو هو، ته راجا جي اَندر ۾ وچار اُٿندا هئا ته شري ڪرشن ڪو ايڏا وڏا ڪم
ٻالڪپڻ ۾ ڪيا هوندا؟ ۽ يڪدم سوامي شڪديو لڌهن هنکي چوندو هو ته "راجن!
شواس رکي ٻڌ، نه ته مڪتي ڪانه حاصل ٿيندءِ." ڌني ڀڳت کي پورو وشواس نه هجي
جا هو هڪ پٿر جي ٺڪري مان ايشور جو درشن ڪري سگهي ها؟ برهمڻ، جنهن
هو پٿر ڏنو هو، اُنکي نه ڪو به نشچو ڪونه هئو ۽ هن پاڻ نه سالن جا سال پٿر جي
جي پوڄا ڪئي هئي، پر ڪو به درشن پراپت ڪونه ڪيو هئائين؛ پر ڌني کي ان
يڪدم ڀڳوان جو ساڪيات درشن ٿيو. ڀڳوان ڪرشن هنن شلوڪن ۾ چوي ٿو ته جنهن
ن ۾ درڍ وشواس آهي، اهوئي منهنجو سچو ڀڳت آهي. اهو نشچو به پڪو هئڻ
۽ نه اهڙو، جو ڪڏهن گهٽ، نه ڪڏهن وڌ.

ي ڀڳوان چوي ٿو ته جيڪو درڍ نشچو رکي پنهنجو من ۽ ٻڌي مونکي اَرپڻ ڪري
وئي منهنجو سچو ڀڳت آهي ۽ اهو مونکي ڏاڍو پيارو آهي. اهڙن پيارن ڀڳتن جي
ن وس ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجي نيمن جي برخلاف به سندن وچن سچ ڪري ٿو. ڪيترن
ڀڳتن مئل ماڻهو ٿا ٻيا جيئو جيئرا ڪيا آهن ۽ جنکي اولاد لکيل نه هو، اُنهنکي ٻار ڏنا
مطلب ته جن تي پرماتما جي بخشش ٿيل آهي، اُنهنجي مهما اَپرم اَپار آهي. هنن جا
ڀڳوان به نچو ناري ۽ هو جڏهن سندن ٻنيان پيو ڦري، ته جيڪي چاهين، سو ڪرائين. هنن
چرنن ۾ اَناه شڪتي ٿئي ٿي ۽ جڏهن هوءُ برهمانڊ جا مالڪ آهن. اهڙن پرماتما جي پيارن

ڪڻي لوسرون رنگ محل ۾ - ڪڻي لو ڪلي ڪهران (واڙن) دي.
مسنگ دلک ڪاوس نڪڙا - چلندي چال امران دي.

جيڪي آئم ڏن جا مالڪ آهن، اهي جتي وڃن، اُتي هو پرديسي لڳا ليکجن. ڏوم شا
۾ لڪيل آهي ته مورکن جي پوڄا گهر تائين آهي؛ چوڌري ۽ مکيءَ جي پوڄا اُن شهر يا ڳ
تائين محدود رهي ٿي، باشر هم ڪو پڇندس؛ راجا جي پوڄا ۽ هلندي پنهنجي ديش اند
آهي، ٻاهر ڪٿي سندس حڪم نه هلندو؛ مگر ودوان جي پوڄا ۽ مهتا سڀ هنڌ ٿئي ٿي
ڪٿي به وڃي ته سندس عزت، مانُ، پوڄا ۽ آجيان ٿيندي؛ ڪٿي هڪ لنگوٽي ٻالمند، مهي
آئم ڏن جو پرڪاش ۽ آنند الوڪڪ آهي، پر اُهو حاصل اُلڪي لو ٿئي، جيڪو آئم درشن ڪري

ٻيو وڏيڪ لڇڻ سچن ڀڳتن جو ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته هو من کي وشمن ۾ ڏانوان ڊول نه ڪري
قابو رکي ٿو. گيان ڌواران، ستسنگ سان، گروءَ جي سکيا سان ۽ ڌيان وسيلي اهو ڪري
سگهجي. هنجو نشچو به درڙ ٿئي ٿو. ’اد ڀڳت جو ڪڏهن نه ڀڳو لهجو ڀڳوان ۾، ه
جو ٻالڪ هوندي به جيڪي دک هن سٺا، اهي ورلن ڪرڻ ڏٺا آهن، پر هو رلهڪ مالر
ڪين گهبرايو. جڏهن لراڪ ٿي پڙس پنو ۽ ڪيس چيائين ته ” هڏاء ته هن ٿعل لوهه جي ٿ
۾ به لنهجو ڀڳوان آهي؟“ پڪدم چيائين ته ” ها، آهي. جلي وشنو، ٿلي وشنو.“ هن
اهو پڪو ۽ اڏول نشچو رهيو. سندس لشچي ئي هن جي جڙ ڪرائي ۽ نراڪار مان سا
ٿي، ڀڳوان نرسنگهه روپ ڌاري، اُن ٿنڀ مان پرگهٽ ٿي، سندس رکيا ڪئي ۽ سندس
پيءُ هرڻاڪشپ کي ماريو. ڏرو ٻالڪ هو، پر درڙ نشچو رکيائين ته اُٽل پدوي پائيندس ته سند
پتا کيس ڪُود ۾ به نه ٻيو وهاري. اِن نشچي سان جڏهن هو ڀڳوان جي ڀيسيا ڪرڻ لڳ
نه نارد منيءَ به هن جي پريکيا ورتي، پر هو نه هٽڪيو؛ آخر وشنو ڀڳوان ساڪار روپ
کيس درشن ڏنو، ۽ پتا کيس نه فقط دنيوي راڄ ڏنو، پر هزارين ورهيه اهو ڪمالي، و
کيس ڏرو لوڪ جو اٽل راڄ مليو، جو پرلءِ تائين قائم رهندس. اهو سڀ پورن وشواس
ٿي نتيجو آهي. شاستر، پران ۽ گرنٿ صاحب جهون اهي سڀ الاهي والمون آهن ۽ و
جي سکيا اُنوسار آهن ۽ اسانکي اُنهن لئي پورن ڀَهن هئڻ گهرجي. سوال جواب ڪرڻ
جهون اُنادرڻ سان ڀَهن گهٽ ٿئي ٿو. ويد چون ٿا ته برهم آهي، پر ڪهڙا انسان جهڙو
اُنادرس ته ڪيئن ٿا چئو ته برهم آهي؟ اسان کي ڏيکاريو. اهڙين جهڙن وارا ڪڏهن
پنهنجو آئم اُڌار نه ڪري سگهندا.

هڪ راجا ۽ سندس وزير خواه اُمر ناستڪ وڃيءَ جا هئا. جيڪي به سادو، سند
پنڊت، ودوان اچن، اُنهن ٿي ڪل مسخري ۽ چٿرون ڪندا هئا. هو ڪين ويدن جا منتر لڳ
ٻڌائين ته ايشور آهي؛ پر هو چون ته اسانکي ڏيکاريو. آخر هڪ سيالڪو پنڊت اُئي آ
ڏٺائين ته راجا کي نيڪ رستي تي لڳائڻ وارو ڪو به ڪونه آهي. ننڍڪهي آيو درٻار
ڪاٿين، به هڪ وزير سوال ڪيو ته ” ٻڌايو ته ايشور ڪٿي آهي؟“ هن چيس ته ” هر
هرهنڌ آهي.“ وزير چيس ته ” ڏيکاري سگهندين؟“ چيائين ته ” ها.“ وزير چيس ته ”

ھين کان ٽرت وسري ٿا وڃن.

گروءَ اُڃن ڏنو وقت هڪ برهمي سک سوال ڪيو ته ”سائين! اوهانجو ڪو اهڙو ڀڳت ٿي
ت آهي، جو هرش شوڪ کان دور هجي ۽ هروقت ڀاڻي ۾ راضي رهندو هجي؟ جيڪڏهن
ي ته آءٌ جو پتو لڳائي ٻڌايو ته مان سندس درشن ڪري اچان.“ گروءَ جن هڪ ڀهائي
ي سک ڀائي ڀيکاريءَ جو ڏس پتو ڏنو ۽ ڳوٺ وغيره ٻڌايو. هو آيو ان ڳوٺ ۾ ۽ اچي
ڀائي صاحب وٽ پهتو. هن ڏاڍي پريم سان سندس سنمان ڪيو. هن ڏٺو ته هن جو پرم
جهو آهي ۽ نام جو رنگ به چڱو لڳل اٿس. هو ان ڳوٺ رهي پيو. ڏٺائين ته ڏاڍي ڌوم
سان حلوائي مٺايون پيا ٺاهين. گهر غاليچا وڇايا پيا آهن. شاديءَ جو سامان ڪٺو پيو ٿئي.
ي ٿي هڪ ڪمري ۾ ويو ته ڏٺائين ته مُڙدي جي واسطي سموري سامگري تيار رکي آهي.
ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ته هڙئيءَ خوشيءَ ۾ هي ورئي اهو شمشان جو سامان! اچي ڀائي
ريءَ کان نمرتا سان پڇيائين ته ”سائين! هيءُ ڪهڙو رنگ آهي؟“ هن چيو ته ”پيارا!
جي پٽ جي شادي آهي. ڏاڍي ڌوم ڌام سان ڪبي. ٽون ۽ ٽرس ۽ ڏسجانءِ.“
ائين ته ”ڀلا هو ڪفن جو سامان ڇو ٺاهي رکيو اٿو؟“ هن چيو ته ”شاديءَ کان پوءِ جڏهن
مڙس پالڪيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ پهچندا ته گهوٽ ڪري اچي پيٽ ۾ سور پوندو ۽ هو پراڻ
يندو. اها سامگري ان لاءِ تيار ڪرائي رکائي اٿم، جو هي ننڍو ڳوٺ آهي ۽ اها سامگري
لندي ۽ پر ان ڪنهن شهر مان گهرائڻي پوندي، جنهن ۾ دير ٿيندي.“ اهي سک دک
هستين لي ٿي اچن ٿا ۽ نه سنياسين لي. سو اُهن چنتا ڪرڻي ته ڪا وڏي ڳالهه نه
پر جيڪي گرهستي اهڙن موقعن لي شانت چت ٿا رهن، اهي ٻيا شڪ جي وڏائيءَ
لق آهن. هن برهميءَ نه خيال ڪيو ته اهو سڀ ڏسڻ گهرجي. خوب ڌوم ڌام سان
ي لي. ڪنوارڻن ۾ ۽ ساڳيءَ طرح آنند سان سيڪيو ٿيو. واپس هڪ ٻن ڏينهن جو
هو. واٽ ۾ ڇوڪري کي اچي پيٽ ۾ سخت سور پيو. پهالو ته تيٺو هو. گهڻيئي علاج
پر اچا گهر مس پهتو ته سندس پران نڪري ويا. اهو ڪفن جو سامان ان وقت ڪم آيو.
ته اهو سک اهڙيءَ اوستا ۾ پهتل هو، جو ٿيڻي ڪالن جي ڳالهين کي ڄاڻندي به،
هوندي به هرش شوڪ کان رهت هو. ايئن ته ڌيرج رولڻي ڏن وٽس هو. هن سک
ڀيکاريءَ کان پڇيو ته ”سائين! جڏهن اوهانکي اها خبر هئي ته هيءُ حادثو ٿيندو،
ڇوڪري کي شادي ڇولي ڪرايو؟“ هن جواب ڏنو ته ”پيارا! اهو ته ٿيندو پرمالما
ڪئي جي آڏو اچڻ ۽ ان ۾ دخل ڪرڻ.“ جيڪا هن پوريءَ طرح سمجهون ته جيڪو
آهي، اهو ضرور مرندو، ته پوءِ هوندڙ ڏک ڪئيٽي ڪيو. هن دنيا ۾ اسين هڪ ٿي
ولن جنمن جي ڪرمن الوسار اچي گڏ ٿيا آهيون. سڀڪو پنهنجو آهي ته ڪا استري
ت ٿيو آهي ته ڪو پتا، ڪا ڌيءَ ٿي آهي ته ڪا ماءُ. مطلب ته پراربڌ الوسار هڪ
سان گڏيا آهيون ۽ هڪ ٻئي کي ڏيئي ٿا وٺي، ڪناري لي پهچڻ سان جنهن ٻيڙيءَ مان
لهي پنهنجي واٽ وٺندو آهي، ٺيڪ ائين پوريءَ ٿيڻ لي هرڪو هليو ويندو. جيڪي

ڀڳتن جو امرت ولڙي رکيو ٿالهو ولڙ سان نہ وڌو ڪي ڪرم آهي.

شلوڪ ١٥. جنهن کان ڪي ٻِہ لوڪ نٿا ڏڄن يا سنتاپ پائين ۽ جيڪو ٻہ ٻين لوڪن کان نٿو سنتاپ يا ڀو کي پراپت ڪري، جو هرش يا خوشي، ايرشا، ڏپ ۽ چنتا کان آجو آهي، اهو مونکي پيارو آهي.

هن شلوڪ ۾ ورڻن ڪيل ڀڳتن جو گرو تيغ بهادر ٻڌ سهڻي نموني ورڻن ڪيو آهي:

ڀي ڪاهو ڪو ڏيت نهہ - نهہ ڀي مانت آن ۽
ڪهو نانڪ سُن رِي مَنا - گياني تاهِ ٻکان ۽
هرک سوک جاکي نهين - بَيري ميت سمان ۽
ڪهو نانڪ سن ري منا - مڪت تاهِ تي جان.

جي ڪنهن کي ڏپ يا تڪليف ڏيندا آهيون، تہ اسين بہ هنڪان ضرور ڏڄندا آهيون تہ متان بہ اسان کي تنگ ڪري. اهو سڀاويڪ آهي. اسين ٻين کي ڏڄار ڏيندا آهيون تہ هو مان اسا... نہ ٻڌو ضرور ٿيندو، ڇوتہ ڪٿي هو ڪجهہ نہ ڪري! سنسار ۾ جهيڪڙا هن ئي خوف رکڻ آ... تہ رکو ٻيهنجي اوکن ۽ ڪهٽتابن تي خيال وکون. ٻين سان وير رکندا آهيون، تہ آهي بہ ... دشمني رکندا ۽ ٻر جي اسان ۾ وير ڀاءُ نہ آهي، تہ ٻيا ڪيترو بہ اسان سان وير رکندا تہ ڀال... ڀڄوا ٿيندا ۽ آن جو قل بہ ٻرو ڀاڙ ٻوڳيندا ۽ اسانکي ڪو بہ نقصان ڪين ٿيندو. پرمالما جو اسين ٻرڀڙ نا ڪوليون، سو بہ انڪري جو هو ڪنهن سان بہ وير نٿو رکي. هو ڪرمن قل چڱو يا ٻرو سڀني کي ڏئي ٿو، پر اهو بہ نہ ڪنهن دشمنيءَ يا وير وچان، پر ٻر... سڌار جي خيال سان، جئن ڏلموري ماڻا ٻيا ٻالڪن کي سزائون بہ ڏيندا آهن، پر و... دشمني ڪداچت اندر ۾ ڪانہ هوندي اٿن. ڏن ٻيارلن يا ٻين سڪن ملڻ تي اجالي خو... ايمان وغيرہ ڪرڻ نہ ڪپي، پر پرمالما جا شڪرانا مڃڻ ۽ جي ڪي ٻيارو تہ ملبا وڃن يا ... ڏک اچي متان پسون، تہ آن وقت بہ شوڪ ۽ ڏک نہ ڪرڻ کپرجي، پر انهن حالتن تہ ا... بہ ڀلائي هوندي ۽ جو تہ پرمالما سڀڪجهہ اسانجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪري. جيڪو ئي خو... ملهالمپون تہ مؤمت تي ڏکي بہ ٿيڻو پوندو. سک ڏک تہ ڏينهن رات وانگر هڪ ٻئي ... ايندا رهن ٿا، جئن ڪوهہ جي ماله جون ڪنگرپون ڪڏهن ٻرپل تہ ڪڏهن سکيون تي ... ٿيون. ٻڌشتر جهڙي ڌرمالما راجا ۽ سندس ڀائرن بہ ڪيترا نہ ڏک ۽ ڪشالا سٺا! هين ... ڌرمالما ٿيڻ تي مشڪل آهي ۽ ورڻي هنجو ڀهاڪ ٻار ٻار ٻرهم ٻرسعو ۽ ڀڳوان ڪرشن ... تہ بہ پسرارٿ وس الهمہ ڏک ڏٺائون. جيهنجو من پسرمالما ۾ لڳو ۽ آن مان موو آهن تہ سنسار جي سکن يا ڏکن جو ٿو مالر بہ خيال نہ ڪندو، ڇو تہ هنڪي هر وقت اندر جو رهي ٿو ۽ انهن ڏلموڪي ٻيارلن مان ڪو بہ وس نہ ايندس ۽ نہ اهيجي وڃڻ وقت ڪو ... بہ شوڪ جو ٿيندس. ڪجهہ ڪنهن مالر الو ٻرابو ٿئي ٿو، پر اهو مشڪل ڪن مالر آهي ... جتاءَ نهو ڪري ۽ ڀڳتن جو من مشڪل حالت رهڻ ٿو ۽ ڦر ۾ لڳي رهڻ ڪري وڃڻ مڻا

632

سچو ڀڳت هر وقت، هر حالت ۾ پرماتما ۾ پورن ڀروسو رکي ٿو ته هوئي پالڻ هار آهي ۽
هني پراڻين کي روزي ٿو رسائي. ايشور ڪانسواءِ هو ٻيو ڪنهن جو آسرو نٿو رکي، ڪنهن
ڙ نه محتاج نٿو ٿئي. پرماتما سڀني جا ڪرم ڏسي ٿو، ۽ ڪنهن جي روزي بند نٿو
ڪري. جنهنجو رڳو هڪ ايشور ۾ ڀروسو آهي، اهو اٿاهه شڪتي پائي ٿو. اسان ۾ سڀ
شڪتي آهي. جيڪڏهن رڳو پرماتما جا ٿي پئون ۽ من مان ملينتا دور ڪريون ته ڪنهنجي
محتاجي ڪرڻ جي ضرورت ئي نه ٿئي. ڀڳوان رام سيتا جي کوج لاءِ ۽ اول سگريو کي
يءَ جي برخلاف مدد ڪري ڪيس وس ڪيو ۽ پوءِ هن مان ڪم ڪڍيو. اهو ڪم باليءَ
ن نه ٿي سگهي ها، پر ڀڳوان رامچندر کي قدر باليءَ جو محتاج ٿيڻو پوي ها، جو نه
کي ڪا غرض ڪانه هئي.

ٻيو لڇڻ هن شلوڪ ۾ چيل آهي پوترتا جو. ڀڳوان جي ڀڳتن ۾ شريرڪ الوا انتهڪرڻ جي
رتا ٿئي ٿي. اهو نام جپڻ جو نتيجو آهي.

ٽيون گڻ سچن ڀڳتن جو آهي ته هو سياڻا ۽ گيانوان ٿين ٿا. هنجي بڌي سوکم ڪان
م ڳالهين کي سمجهي سگهي ٿي. سموري وديا، جا هن سنسار ۾ آهي، اُها ڪنهن نه
ڪنهن جي دماغ مان نڪتي آهي.

چوٿون لڇڻ هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته سچا ڀڳت ڪنهن جو پکيه پات نٿا ڪن.
هن لفظ ڪم آندل آهي، جنهنجو مطلب سياسي وغيره نه آهي، پر ٻي طرف ٿي رهڻ
جهيڙي فساد ۾ ڪنهن جو به طرف نه وٺڻ.

ڀڳتن ۾ پنجون گڻ اهو ٿئي ٿو، جو هو ڪنهن جي به معرفت مليل دک يا ڪشٽ کي خيال
ا آڻين، يعني هنن لئي ان لاءِ ڪو به رنج يا ڪروڌ نٿا ڪن. جيڪي ڀڳتي هيٺ پرش
، سي سڀ ڪنهن دک ڪليش جو ڏوهه پاڻ تي ٿا مڙهين!

گرو انگد صاحب جڏهن ڪنڊور ۾ ٻارن ٻچن سميت رهندا هئا ته ان وقت ٽي سال ساندو
برسات نه پيئي. ان طرف جا رهاڪو گهڻا زميندار هئا، جنهنڪري برسات ڪانسواءِ بک
لڳا. اُتي هڪ تپسوي به رهندو هو، جو گرو انگد صاحب جي مهما ٻڌي ۽ ماڻهن
ندن شيوا ڪندو ڏسي، ايرشا وچان ڏاڍو جلندو هو ۽ گهڻي چرچاڻ به ڪندو رهندو
گروجن ته اجهاجاپ ۾ ڌرڻ رهندا هئا ۽ ڪنهن جي به ولوروڌ جي پرواهه ئي نه رکندا
آخر اهو ٻيو زميندارن وٽ ويو ۽ کين چيائين ته اوهان وٽ اُرمڻ آهي، جو هڪ
دار هاڻي اوهانجي نگر ۾ گرؤ ٻجي ٻيو پوڄا ڪرائي ۽ ڪاڏهن ڪونائي ۽ الڪري
ڪئن پوندي؟ زميندار ٿوري ٻڌيءَ وارا هئا ۽ گرن جي مهما نٿي ڄاڻالون، سو سندس
ي اعتبار ڪري ويا. تپسي چين ته گروءَ کي هن شهر مان جڏهن ٻارن ٻچن سوڌو ٻاهر
ا، تڏهن بارش پوندي. هو نه بارش لاءِ ترسي رهيا هئا، سو آيا گروجن وٽ ۽ چوڻ
ه "سائين! جڏهانڪر اوهان هت ڪاڏيءَ لي اچي ويٺا آهيو، ان وقت کانوٺي ارمڻ
و ۽ برسات نه ڪانه ٿي پوي، ماڻهو ۽ جانور بک ٿيا ٿا مرن." مهاراج جن پرلم سان

ٿڪن وقت اُٿهان نٿا ڪن، اهي ڏکن وقت رُئن رڙن ٿا. ڪنول جي گل وانگر هو سمسار روپي ساگر ۾ رهيو نه سک پائيو، نه ته من جي ڪمزوريءَ ڀرالي ڏکي گنار پو. جيڪي ڀڻ کي سکي يا ڏن ڀدارمه وارو ڏسي، دل ۾ سڙن ٻڇن ٿا، اهي اجايو ٿا پاڻ کي ڏکي ڪن جو نه سک ڏک سڀ پنهنجي اڳين ڪرمن جو ڦل آهي. ڪنهن سک ڪمي نه شڪ ڪريو، ڏان پڇ ڪن، نه آلمدد سعدن ٻاڳ پلو ٿيندو. جيڪو اهڙشا نه ڪري، اهو جڳ پرماتما جي ڪئي لي ڀڃ لو رهي ۽ سمجهي ٿو نه پرماتما ۾ بي انصاف آهي. ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن ٻابت هن سلوڪ ۾ صاف لو چوي ٿو نه جن ۾ بيان ڪيل گڻ آهن، اهي مونکي پيارا آهن. من ۾ ڏپ خوف ڪمزوريءَ وچان اچي ٿو ۽ اها ڪمزوري برن ڪرمن يا پاڻن جو نتيجو ٿئي ٿي. من ڪٿن لو ڪمزور ٿئي، اهو هيٺينءَ ڪهاڻيءَ مان پڌرو آهي:-

هڪ رلس وڏو ڏلي هو. ٻاهر جهنگل ۾ هڪ ڏينهن دشا ڪرڻ ويو ته ٻاسي ۾ نظل ٻيو مان ڪرڻ هڪ سهڻو ٻيو اڳيان پسيل ڏٺائين. هن اهو کڻي واسا ۾ وجهي ڪاڍو. هڪد خيال آيس نه ڪر نه سلو نه ڪيو، جو دشا ڪندي کڻي ڪاڍم. ان رات ڪنهن جي پٽ جي شادي هئي، جتي هڪ گنڪا راڳ ڳائڻ لڳي. ٿوري وقت ڪالهوءَ هن رلس ڏي نهاري هڪ راڳ شروع ڪيو ته "مٽي لو جان گٿي ري." هن رلس جو من ڪمزور هو، س سمجهڻ لڳو ته هوءَ منهنجي ٻير ڪاڻ ڏي لي اشارو ڪري! ٿال طائڻ لاءِ هوءَ هر هر الهي پيئي چوي ته "مٽي لو جان گٿي ري." هن رلس گنڪا کي ڏه پندرهن روپيه انعام ڏلو هن سمجهيو ته هوءَ هاڻي اهي لفظ چوڻ بند ڪندي، پر گنڪا سمجهيو ته اهي لفظ ۽ اه ٿال رلس کي وڻي وئي آهي، سو وري وري اها ٿال ۽ اهي لفظ پيئي چوي! آخر هو پنهنجو قيمتي دشالو به لاهي کڻي کيس انعام طور ڏلو، نه گنڪا هيڪاري وڌيڪ گالو ڳائڻ لڳي '! بل نه رلس هوش ٿئي! سو اٿي چوڻ لڳي ته "مٽي لو کهه دؤلکي ري، مٽ تو کهه دؤلکي ري." هن رلس کي اچي خوف ورايو نه خوار نه ڪرين، سو جيڪي ونس هو، سو سڀ کڻي هن کي ڏنائين. هوءَ هيڪاري خوشيءَ وچان چوڻ لڳي ته "وقت آ ري، مٽي لو کهه دؤلکي ري!" رلس وڌيڪ رهي نه سگهيو ۽ چوڻ لڳو ته "اڙي مون ڪيو ڇا آهي؟ ڪاڍو نه ٻيو السر دشا ڪندي، ٻيو نه ڪجهه ڪين ڪيو الر. هيتر ڏن ڏلو مانءِ نه ٻه ٻس لئي ڪرين!" اهو ٻڌي سڀني کي کل اچي وئي. هڪ غلط وقت موقعي لي ٻير ڪاڻ ڪري اهو رلس اهڙو ڪمزور من وارو ٿي پيو، نه پاڻ ڪرڻ سان اس جي دل ڪيتري نه ڪمزور ٿي سگهي ٿي؟

فڪر ۽ چنتا به ڀڳوان چوي ٿو نه ڀڳتن کي ٿيڻ نه جڳائي. جيڪي ٿيڻو آهي، سو ضرو ٿيندو ۽ ان لي پوريءَ طرح راضي رهڻ هڪ گڻ آهي. ڀڳوان وڌيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ١٦. جيڪو اڇائن کان رهت ۽ پوتر آهي؛ چتر يا سياڻو آهي؛ پکشپات کان آجو آهي؛ ٻئي جي ڏکي ڪرڻ لي ۽ جو ڏکي نٿو ٿئي ۽ لوڪ پرلوڪ جي ذيڻ وارن ڪرمن جو تياڳ ڪندڙ آهي، اهڙو منهنجو ڀڳت مونکي پيارو آ

لو ته هو مونکي پيارا آهن:

لوڪ ۱۷. جيڪو ڀڳت هرش، شوڪ ۽ دويش کان آجو، ڪامنائن رهت،
۽ اشڀ ٻنهي ڪرمن کان مٿي ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور آهي، اهو مون کي
آهي.

ڪي ۱۳ شلوڪ ۾ ڀڳوان چيو آهي، انڪي وڌيڪ کولي هن شلوڪ ۾ ٿا سمجهائين.
ڳت ولندڙ وستو يا پدارٿ پائي خوش نٿو ٿئي ۽ جي ان جي ابتڙ ڪجھ پراپت ٿئيس
ڄ نٿو ٿئي ۽ انڪي جي ڪجھ وڃائي ٿو ته ڏکي ٿئي ٿو. هو هر حالت ۾ سکن الوا
هڪ سمان رهي ٿو. شڀ يا اشڀ ڪرمن ٻنهي جي ڦل جي ڪانه اچا نٿو رکي ۽
ڪي ته انس، انهي پراپتيءَ جي خواهش ٿو ڪري. هو هر وقت اِشٽ ديو جي ڀڳتيءَ
ا ۾ لڳو رهي ٿو. هو سڀ ڪرم نِشڪام ٿي ڪري ٿو.

لوڪ ۱۸. جنهنکي شترو ۽ متر، مان اپمان، سردي ۽ گرمي، ڏک ۽ سک
سمان آهن ۽ جو وشين جي سنگ کان پري آهي؛

لوڪ ۱۹. جنهنکي نندا ۽ اُستت هڪ جهڙي ٿي لڳي، جو هر وقت صبر ۾
اري، جو هر حالت ۾ سنتشٽ آهي، ڪٽيا، گهر وغيره کان رهت آهي،
ڌيءَ وارو آهي، ڀڳتيءَ ۾ رتل آهي، اهو پرش مونکي پيارو آهي.
ن ٽن شلوڪن ۾ ڏيکاريل ڀڳتن جي لڇڻن مان مکيه مکيه گرو تيغ بهادر جي هڪ شبد
ر طرح ورتل ڪيل آهن:

ساڌو من ڪا مان تياڳو.
ڪام ڪروڌ سنگت دُرجن ڪي - تان تي اهه نس ڀاڳو.
دک سک دوئو سر ڪر جانو - اؤر مان اپمانا.
هرک شوڪ تي رهي اتيتا - تن جگ تت پڇانا.
استت نندا دوئو تياگو - کوجو پد نرباڻا.
جن نانڪ يهه کٺن کلن هئه - کنهو گرمک جانا.

گرمک ڪرودن ۾ ڪو هڪ ٿئي ٿو.
رو نانڪ صاحب جي ڏينهن ۾ لاهور ۾ ڪروڙيا نالي هڪ شاهوڪار رهندو هو. هن
احبن سان ڏاڍو وير هوندو هو. ڪنهن ڪوليندو تي هو نانڪ ڪُراهي ٿيندي جو جواب
تي هلندڙ هئي. گروجن جي ڪن سکن صاحبن کان سوال ڪيو ته ”سائين! ڇا هن
را تي ڪاڻ ملندي؟“ گروجن چيو ته ”ان جو جواب سياڻي وٺجو.“ راند جو صاحبن
ردالي کي چيو ته ”هڪ مڙس نار کڏ کوٽ.“ صبح جو اهي پرينهي سوال جو جواب وٺڻ
هڪ کي ان کڏ ۾ بيهاري مهراج جن پاڻيءَ سان کڏ ڀرڻ لڳا. گوڏي ٿائين پاڻي آيس
حبن پڇيس ته ”ٿوکي ڪا تڪليف ٿئي ٿي؟“ چيائين ته ”بلڪل نه.“ پاڻي وڌائيندا

ڪالهه پڇيو ته "ڀائي! ٻوءِ مرضي ڇا آهي؟" هن چيو ته "سائين! اوهين ڪٽنب سميت هوند ڪنڌور کان ٻاهر وڃي رهو." گروجن چيو ته "جيتي اوهانکي وڻي، اتي اسانکي وهاري اچو." هو گروجن جو پلنگ ۽ ٻيو سڀ سامان کڻي ڪنڌور کان ٻاهر هڪ قلعو هو، اتي کڻي وهاري آيا. جيڪي قدرت جا مالڪ هئا، انهيءَ رهڻ ۾ مڙڻ ٻڌيءَ وارا رهي پيا، مگر هو ته وچارا اگيان ۾ اچي ويا هئا، جو سمجهيائون ته اهين ٻارش پوندي؛ ته اهو ڪٿان ٿيندو؟ گروجن وقت ته اتي ۾ آنند لڳو پيو هو ۽ خوب پيا لنگر لڳن، ته ڪنڌور ۾ برسات نه پيئي. زميندار ان ئي وقت ويا، ته هو پيو چون ته اڃا ترسو، اڃا ڌيرج ڪريو. جڏهن ڪجهه عرصو گذريو ته به برسات نه پيئي، ۽ گرو انگد صاحب جي شش امرداس ٻڌو ته هو زميندارن وٽ آيو ۽ اچي کين چيائين ته "اڙي مورکو! هي اوهان ڇا ڪيو آهي؟" هن چيو ته "سائين! ڀلائي لهي اها صلاح ڏني." امرداس سهج سڀاءِ سڪ مان وچن ڪڍيو ته "برسات اتي پوندي، جتهن پنيءَ ۾ ان لهسريءَ کي وٺي ويندا." هو موڙ ته اڳير ئي هئا، سو هن لهي کي اچي لڳا. هرڪو کيس پنهنجي زمين تي وٺي وڃڻ لاءِ پيو ڇڪي ۽ زور لڳائي. ڪو ٻانهن کان ڇڪيس، ته ڪو ٽنگن کان. جتي پيا وٺي وڃيس، اتي برسات ۾ ٻالي امرداس جي وچن ڪري پوي پيئي؛ ته هو لهو بي حال ٿي پيو ۽ آخر ڏکي ٿي مري ويو. مٽي ڪالهوءِ ۾ هن جو مڙهه جتهن زمين تي گهلي کڻي وڃن، اتي به برسات پيئي پوي. هن اهڙيءَ جو قل اهو پالو، جو مٽي ڪانپوءِ ۾ سنڌس شرير گهلجي خراب ٿيو. زميندارن ۾ سمجهيو ٿي ته هن اجايو لهي جي ڇوڙ تي لڳي، اگيائين وانگر گروجن کي ٻوڙا ڏني. جيتوڻيڪ هن ته اهو ڪوهه خيال نه ڪري، هن تي دبا ڪئي ۽ سندن عرض اگهائي، وري ڪنڌور موٽي آيا، ته ٻالي امرداس جي ان ڪرڻيءَ تي هو بلڪل ناراض ٿيا، جو ته هن لهي کي ڏکي ڪرائي ماريو. کيس ڪيترو وقت ته هن درشن ئي نه ڏنو، جو ته هن نه لهي کي ۽ پنهنجو آتما ئي سمجهيو. ٻالي امرداس ڏاڍيون ليلڙيون ڪري، معافي ورتي ۽ اڳتي لاءِ توبهه ڪئي.

جيون لڇڻ سچي ڀڳتي جو آهي ته هو من ۾ ڪي به واسنائون ۽ آشائون نه رکي، ڪنهن ۾ دنيوي پدارٿ يا سک لاءِ اڇائي ڪا نه ڪري ۽ ڪا ڪوشش نه ورتي. هن پنهنجي اڇا ڀڳوان جي اڇا ۾ سمائي ڇڏي آهي ۽ ڀڳوان جي اڇا کي ئي پنهنجي اڇا ٿو ڄاڻي. اهڙ ڀڳت هر وقت ڏٺيءَ اهڙان پرارٿنا ٿا ڪن ته "هي سائين!

مري چاهي هئي ڪرن ڪي جو هئي تمري چاهه؛
تؤ ابسي چاهي ڪرو - سو هئي مري چاهه.
مري چاهي هو وهي - جو هئي تمري چاهه؛
تمري ان چاهي ڪبي مت هو مري چاهه.
تمري چاهي ۾ ترهؤ هئي مرا ڪلمان؛
مري چاهي مت ڪرو - سڪن مورک اگيان.

ڀڳوان ڀڳتن جا وڏيڪ لڇڻ هيٺين ٽن شلوڪن ۾ ٿو ورڻن ڪري، جن لڇڻن ڪري ڀڳو

ڪو منهنجو ڀڳت آهي، اهو مون ۾ آهي ۽ مان هن ۾ آهيان. (آڌياءُ ۹، شلوڪ ۲۹).
سالمن لوڪ نه سمجهي سگهيا آهن ته پرماتما ڪيترو دئالو آهي. جو اسين هڪ
سندس طرف هلون ٿا ته هو سؤ قدم کڻي اسان ڏي وڌندو آهي. جيئن پيتا کي پتر
پيار لڳي ٿو، تيئن پرماتما جو پيار اسان لاءِ ڏهوڻو آهي. ڇو ته هو سڀني جو پيتا آهي.
ڏهن اسان ۾ هن ڏانهن پريم پيدا ٿيندو ۽ پريم سچيءَ طرح جو لڳي ته هن کي به وڏيڪ
لڳندي.

هڪ راجا هو، جنهن کي گهڻن سالن کان پوءِ هڪ پٽ ڄائو. ڏاڍي ڌوم ڌام سان هن جو جنم ڏڻ
ملهايو. اهو ٻالڪ هڪ سال جو ٿيو ته ماڻس هن کي کيڏڻ واسطي دائيءَ کي ڏنو
هن کي راجا وٽ وٺي وڃ." هوءَ کڻي وئي. راجا ٻار ٻاران کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو
ٻي هٿ ۾ ورتائين، پر ڏٺائين ته ٻالڪ کي ڪنهن لي وسڻ لڳي پيئي. سو يڪدم دائيءَ کي
ته "هن کي اندر کڻي وڃ." دائيءَ کي خبر نه پيئي ته ڇو هن طرح راجا واپس ڪيو.
کي اچي ٻڌايائين ته "راجا ٻالڪ کي ورتو ته خوشيءَ ۾ اچي ويو، پر يڪدم چيائين
وڃ، هن کي اندر کڻي وڃ." راڻي حيران ٿي وئي ته پٽ جهڙي شيءِ راجا ائين ڇو
مگر ڌيرج واري ۽ سياڻي هئي. گهڙي کن پوءِ سوچڻ لڳي ته راجا کي هن لاءِ
محبت هوندي! ٻالڪ گود ۾ ورتائين ته ٻار به ڏٺائين ته ٻالڪ خراب ٿيو پيو هو
سمجهي وئي ته راجا ڇو واپس ڪيو. يڪدم دائيءَ کي چيائين ته "اڙي دائي! ڏوهه
آهي." وري صفائي ڪري، ٻيا ڪپڙا پارائي دائيءَ کي ڏنائين ته هن کي ٻيهر راجا
جهٽ گود ۾ وٺي ويٺو. ان طرح اسانجو پرم پتا پرماتما به سڀني کي پيار ڪري ٿو،
ستالن من ۾ ميل لڳو پيو آهي، تيستائين گود ۾ نه وٺندو، من صاف ڪري شرڌا ۽
کي وٽس وڃون ته هو ته ڏاڍيءَ سڪ ۽ پريم سان اسانکي گود ۾ وهاريندو. هو ته
اچڻ لاءِ اتاولو آهي، پر دير ۽ ڏوهه اسانجو آهي. هن جي قدرت به سڀني کي هڪ
لي سڪ ڏني ٿي، ڏني الوا غريب سڀني لاءِ هو هڪ ٿي آهي.

ن شلوڪن ۾ ڀڳوان اهو به ٿو چوي ته منهنجا سچا ڀڳت جي مون کي پيارا لڳن ٿا،
لم پوروڪ هڪ استان ٿي به لڪا رهڻ چاهين ۽ لڪي سمجهي لاءِ گهر ٻا ڪنيائون ٿا رهڻ
س ۽ پراپت الوسار جهڙي رهڻ ملين ٿو، اٿي هو نواس ڪن ٿا ۽ اسٿر ٻڌيءَ سان هميشه
جي چرنن ۾ لڳا رهن ٿا.

هور ۾ ڇڄو ڀڳت ٿيو آهي. هڪ دفعي بازار ۾ وڃي رهيو هو ته هڪ اڪيلو ٻن اڍائي
هو ٻار ڏٺائين، جنهن کي بدن تي گهڻا سونا زيور پيا هئا. ڏسي چيائين ته هنجي مورک
جي سمجهه نه آهي. ڪو لالچ ۾ اچي هن کي دک ڏئي نه ڇا ڪري سگهبو؟ يڪدم
ڪي بچائڻ لاءِ هن جا سڀ زيور لاهي، هن کي هٿ ڪالولي ڀڄا ڪرڻ لڳو ته ڪنهن
آهي؟ پر اهو ٻالڪ گوڏ ۾ هٿ ڇڏائي گهر ڀڄي هليو ويو. ڀڳت ته ان ڇڻ ماڻهن
اهو هو ته مون زيور لاهي رکيا اٿس. هو ٻالڪ گهر ويو ته ماڻس رڙڻ پٽڻ لڳي ته ڪهڙ

وڃا ۽ جڏهن هو ٻڌڻ لڳو ته دکي ٿيڻ لڳو. گروجن چيس ته ”گرد ن ڄاڻن ڄاڻي آهو ته
ڏوکي ڪجهه نه ٿيو، پوءِ ٿورو وڌيڪ ڄاڻي پيو ته دک ٿيڻ لڳو اٿيئي! ان طرح ٻاپ ته پير
دک نه ته ڏنا، پر جڏهن اڳين پڇين جو ڳالهه ٻاس ٿيندو ته ٿورڙئي گهڻ وڌ ڪمل پرو ڪ
دکي ڪندو ۽ سڀئي ٻاٻن جو ڳالهه اڳوڻي ملي ويندو. اُن وقت مت مانت، يار دوست ڪ
به نه ڇڏائيندا. هن شاهوڪار جو به اهو حال ٿيندو.“

ڪوئيٽا ۾ ١٩٣٥ ۾ رڳو ٥ مٽ کن ڌرتي ڌڏي ته سارو شهر برباد ٿي ويو ۽ هزار
ماڻهو دٻجي مري ويا ۽ دکي ٿيا. اهو سڀ هنئجي پرن ڪرمن ڪرڻ جو ٿي ڳالهه هو، جو ه
ڪي اوچتو مليو ۽ سڀڏن ڪو وس نه ڪين هلي سگهيو. پرماتما جا ڀڳت اهو قدرت
ٿيم جاڻي ڪري پترپه استري، ڌن پدارٿ يا ٻين پيارڻ وستن ملڻ تي خوش ٿيا ٿين
آهي وستن ملڻ لئي رنج ٿيا ٿين. سڀڏن ڪا بيماري ۾ ٻياري وستو هلي وڃي ته ب ڪ
شوڪ نٿا ڪن. ڌن هليو وڃي يا ڪو پٽ يا ٻيو پيارو عزيز مري وڃي، پر هو ڪا به رنج
نٿا ظاهر ڪن. هو نه ڪنهن مٿ يا جيو سان دويش يا دشمني ٿا رکن ۽ نه ڪنهن لاءِ ڌڪا
هو اُپڪار ڪندڙ دوست ۽ برائي ڪندڙ دشمن ۾ سمان ورتي رکن ٿا. ڪو ڪنهن مان عز
ڌني يا دشمني وچان ڀي عزتو ڪري، ٿڏهن به هو جاڻن ٿا ته سڀ سڀڏن ٿي ڪرمن
ڦل آهي. دکن سکن، گرمي سردي، غريبي شاهوڪاري ۾ هو بلڪل سمان ڀاوَ سان شانت
سان ورتن ٿا. سڀسار ي وشين جي سنگ کان دُور ٿا رهن، نه وٽندڙ پدارٿن کي ڌسي موهج
ٿا ۽ نه خراب پدارٿن لاءِ ڀچان ٿا رکن. سڀڏن ڪم ساراه ڪري ته هو ڦولجن ٿا ۽ جي ڪو نند
ڪري ته هو دکي نٿا ٿين ۽ نه نندا ڪندڙ لاءِ من ۾ ئي ڪاوڙ يا ڪروڌ ٿا اچڻ ڏين. جيڪ
به سهج سڀاءِ پيڙ پوين ٿو، ان ٿي هو راضي ٿا رهن. اهڙن جيون مڪت پرشن جا لڇڻ سڪمي
صاحب جي ٿائين اشٽپدي ۾ وڌن ڪمل آهن. جيون مڪت پرشن ۾ به اهو تفاوت ٿئي ٿو
ڪي پراربڌ الوسار راجا جنڪ والگر راج ٿا ڪن ۽ ڪي وري مني اشٽاوڪر والگر فقير ٿي ره
ٿا ۽ ڪي وري گهٽ وڌ حالتن ۾ ٿا حياتي ڪاٽين، پر هو هرحالت ۾ سم ورتي ٿا رکن ٻي
دوستن خواهه دشمن سان هڪ جهڙو پيرلير پيراتو ورتاءُ ٿا ڪن. هو ڪنهن ٻي ڪرم جي
جوابداري نه هوندي به راجنيتي اٿوا گرهست ۽ ٻين فرض پالڻ جو خيال رکي ڪرم ڪن
رهن ٿا، پر اُنهن ۾ ڦيوڳجي ممتا يا موهه ٿا رکن ۽ سڀڪجهه نڪام ڀي، پرماتما جي ڀم
هيڪي ٿي راضي ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا. ڀڳوان ته ارجن کي سڀ گيان ان لاءِ ڏيئي رهيو آهي
ته هو پوري حوصلي سان ڪتوي ڌرم پالن ڪري ۽ ڌرم يڌ ڪري، اوچو پد حاصل ڪري
گيان پراپتي ڪو آلسي ٿي نه ويٺو آهي، پر ٻيهيجا سڀ فرض هيڪاري وڌيڪ شڪتي
۽ شڌ بڌي سان ڪرڻا آهن. گيتا جي گيان پالڻ ڪانهوءَ ٿي ارجن ولوين کي مارڻ ۽ ٻيا
سڀ فرض پالن ڪيا. اهڙا اوسطا ڀياس سان حاصل ٿي سگهي ٿي. ڀڳوان چوي ٿو ته اهڙ
ڀڳت مونکي پيارا آهن. جيڪي پرڀو ڀيهجو پيارو لڳي، اهو ڪيڏو نه ڀاڳوان ليکيو ڀڳوان
سو ته ڇو آهي ته مان سڀني ۾ هڪ سان آهيان، مهجو ڪو شترو يا مترو ڪونه آهي

ن جي زبان ۾ مهتاج آهي.“ اسان لاءِ ته اها ضروري ڳالهه آهي. نه سگهن ۽ ساراهه
ڏجي ۽ نه ڏکن ۾ ڪڏهن به وقت ڪروڌ ۾ رنج ڪجي. ڀڳوان وڌيڪ چوي ٿو:

شلوڪ ٢٠. جيڪي منهنجي ورنن ڪيل امرت روپي ڌرم اُپديش جو
ن ڪن ٿا ۽ مون ۾ شرڌا رکي، مون کي ئي پنهنجو پرم ڌام ڄاڻن ٿا، اهڙا
، مون کي گهڻو پيارا آهن.

ن اڌياءَ ۾ ڀڳوان ڪرشن ارجن کي سگڻ ۽ نرگڻ برهم جي اُپاسنائن جو ڀيد سمجهايو آهي.
ن ته سگڻ برهم جي ڀڳتي سولي آهي. ٻر جي اها به ڪنهن کي ڏکي لڳي ته هو ابياس
يعني مورتي پوڄا ڪري. جيڪڏهن اُن ۾ به ڪو اسمرٿ آهي ته سڀ ڪرم ايشور
ي پرسن ڪرڻ لاءِ ڪري، يعني نوڌا ڀڳتي ڪري. ٻر جي اُن ڀڳوت سنبنڌي
ڪرڻ ۾ به ڪو ماڻهو ڪي اسمرٿ ڄاڻي ته اهو لوڪ جو آسرو وٺي ۽ ڀڳوان ۾ ڀڳتي
سڀني ڪرمن جي ڦل جو تياڳ ڪري ۽ هڪ چت ٿي رهي. ڀڳوان ڪو نرگڻ برهم جي
جو نشيڌ ڪونه ڪيو آهي، ٻر اُن کي مها ڪٺن ڪري ڄاڻايو اٿس. سگڻ برهم جي
ڪندي ڪنهن ماڻهوءَ نرگڻ برهم جي اُپاسنا ٿي پهچي سگهي ٿو. انهيءَ ابيا سان
١٣ کان ١٩ شلوڪن ۾ آتم وديا پرشن جا لڇڻ ورنن ڪيا، جيڪي اُن درجي تي پهچڻ
جا وارن لاءِ سادن سمجهڻ گهرجن. اهي ڳڻ جيون مڪت مهاپرشن کي ته سڀاءَ سڌ حاصل
ٻر اهي سادڪ سادن ممکيو اڌڪارين يعني جگياسن کي ڪوشش ڪري حاصل ڪرڻا آهن.
ڏهن شري رامچندر بنواس ۾ لڇمڻ ۽ سيتا سميت چترڪوٽ ۾ والميڪ منيءَ جي آشرم
، تڏهن منيءَ کان پڇيائين ته ”هتي ١٢ سال رهڻ واسطي ڪو استان ٻڌايو.“ منيءَ
سهڻي نموني منيءَ واڻيءَ سان چيو ته ”هي رامچندر! اوهان اهو عجيب سوال ٿا
چو ته مان ته هوند اوهان کان پڇان ته اهو ٻڌايو ته ’ڪٿي اوهين نه آهيو‘ ته پوءِ مان
ي ٻڌايان ته ڪٿي رهو!“ ڀڳوان منيءَ جا اهڙا شرڌا ۽ پريم ڀريل وچن ٻڌي مشڪيو ۽
ڪ رشيءَ به ڪلي مڌر وچنن ۾ ڪمس چيو ته ”هي شري رام! جنهن جا ڪن سمدر والگر
ي سمدر ڪٿا روپي اَنيڪ ندين سان هميشه ڀرجندا رهن، ٻر ڪڏهن به ٿرپت نه ٿين،
ڀڳتن جا هردا اوهانجي رهڻ لاءِ سندر آستان آهن. جن جنهنجي اکين کي چاترڪ بڻائي
ڇي، جي اوهانجي درشن روپي بادل لاءِ سدائين پياسون واجهائين. جي وڏين وڏين
سمدرن وغيره جو نرادر ڪري، اوهانجي درشن روپي بادل جي هڪ بوند جل سان
ٿين ٿا يعني جيڪي اوهانجي دويه سچدانند سروپ جي ڪنهن هڪ انگ جي ذري
الڪيءَ جي اُڀيان استول، سوکم ۽ ڪارڻ تنهي لوڪن ارٿات پرٿوي، سرڳ ۽ برهم
ي سندرتا کي تڇ ٿا ڄاڻن، هي رگهوناٿ! انهن لوڪن جي هردي روپي سکدائي گهرن
ن ڀاءُ ۽ سيتا سميت نواس ڪريو. اوهانجي يش روپي مانسروور ۾ جنهنجي زبان
هنجي اوهانجي گڻن روپي موتين کي چُڳي ٿي، هي رام! اوهان تنهي انهيءَ هردي
ڪريو.“ اهڙي ريت منيءَ ڀڳوان کي چيو ته ”جيڪي پريم سان اوهانکي پرڪ لڳائي

زنڊر لاهي وڌو اٿس. ڪن وڃي ڪنس ٻڌايو ته ڇهو ڀڳت ٻئي هنڪي گهمايو. اُن لاءِ هو لڌس
ساري شهر ۾ ڏم مچي ويئي ته ڀڳت لئي ڪري هي ڪم ڪيو اٿس. آخر ڪي س
ماڻهو هئا اُهن ڇهو ته ڀالي ڇهو ڀڳت کان ته وڃي پڇو. سڀ هن وقت آيا ۽ هن حقيقت
ڪري ٻڌائين ته مون ته ڇوڪري جي سلامتيءَ لاءِ اِئين ڪيو. ڏالن کي هن طرح لنڊن پالڻ
کي زنڊر ڀالي اڪيلو ٻاهر ڪڍڻ نه گهرجي. هو سڀ سمجهي ويا ۽ ڀڳت جي ساراهه ڪر
لڳا. ڪن اهڙي ڇهو ڀڳت کي ٻڌايو ته اول اوهانجي همتري لئدا ٿي هئي ۽ هاڻي ور
هرهنڌ خوب ساراهه ٿيئي لڳي. هن چا ڪيو جو ٻه ملمون ڏوڙ جون ٻري اُڇلون ته هر
ٻوري لئدا جي مٿهن ۾ ۽ ٻي ساراهه جي. سچا ڀڳت ته ٻنهي حالتن ۾ استر چت ٿا رهن.

ڀڳوان هڪ ڳالهه مون جو ٻه ورلن تو ڪري. اها مون چئن قسمن جي آهي: واڻيءَ جي
اِندرين جي، من جي ۽ گيان جي مون. واڻيءَ ۽ اِندرين جي مون ۾ ٻه وڏي شڪتي آهي
من جي مون جو مطلب آهي ته سنڪلپن وڪلپن کان آجو رهڻ، اها ٻه اُتم آهي پر سچ
مون يا مانس آهي گيان واري. سارو ٻسارو ڪوڙو جاڻي، صبر ۾ گذارڻ ۽ پرارٻڌ تي راضي
رهڻ ئي سچي مانس آهي. زبان جي مون کان سچ ڳالهائڻ اُتم آهي. سچ لئي سارو سن
پينو آهي. سنت مهاتمائون هميشه صبر، شانت ۽ مادي ۾ رهن ٿا ۽ چاهن ٿا ته هڪ آتما تي
روپ آهي ۽ دنيا جي پدارٿن ۽ وشين مان سچو ۽ دائمي سک ڪڏاهين نه ملڻو آهي. پالڊو
جي ماتا ڪنتيءَ ڪرشن ڀڳوان کان دک گهريو هو. جڏهن ڀڳوان ڪاڻس پڇيو ته "دادي
هاڻي ته راڄ ڀاڳ سڀ مليو اٿو، پوءِ ٻه اوهان ڪئين، هاڻي ته سکي هوندينءَ؟" هن جواب ڏ
ته "بن ۾ جيڪي اسانکي دک تي مليا، اهي چڱا هئا، جو ته توکي ياد ڪندا هئاسين؛ جيڪ
ڪري اسانجي ٻڌي استر هئي ۽ آنند پائيندا هئاسين. هاڻي ته درٻارڪ جنجالن ۾ ڦاٿي وڃ
آهيان. هڪ لمحي تي وڃي ته ٻي تي اچي. ڪڏهن مرن ۾ ڪهڙو ڪم، ڪڏهن ڪهڙ
سارو ڏينهن ٻڌي پيئي ڀٽڪي. انهي ڪان ته مان چاهيان ٿي ته موکي دک ڏجن." اهڙ
طلب ڪري سچ ۾ هن سک گهريو ٿي، جو ته من جي استرتا لئي چاهيائين؛ جاني سکن
مول ڪارڻ آهي.

ڪميا ۽ هڪ اُتم ڳڻ آهي، جو ڀڳتن ۾ ته ڇا پر هرهڪ چڱي انسان ۾ هئڻ گهرجي. جن
کي ڪميا روپي هٿيار آهي، اُنکي ڪونه پرش ٻه ڪجهه نه ڪري سگهي. دليل آهي ته
ٿي ٻاهر جي پٿرڪ پوندي ته پاڻهي سڙي خاڪ ٿي ويندي، پر ٻيو اهڙي جو اهڙو رهندو
پر جوڪئي هن اها پٿرڪ سڪل گاهه جي ڍير ۾ پوي، ته ڀيهت ٻري پوندو. ڪميا جو اُنڪ
سهڻي ڳالهه ۾ ٻڌان آهي. گروجن ٻه فرمايو آهي ته

ڪميا ڪڏا ڌاري - اُن آڳي ڪو ره ڪي وڪاري.

ڪميا جو هڪ مطلب آهي مس جي ڪميا يعني ڪميا جو ڳڻ. مني واڻي ته ڪرو
آهي ڪو وڏو ڏکي لاءِ ٻه گهڻو ڪري ٻڌي واڻيءَ جو ملو نه آهي، ته ماڻهو سڌس
... ڪندا. هڪ مهاپرش کان ڪنهن پڇيو ته "جڳ سڄو ڪهڙو آهي؟" مهاتم

نہ سمجهجي تہ انهن ڪجهي نہ اسان جي ٻڌي گهٽ آهي ۽ لڳي تہ هو غلط آهن.
ڪڏهن اهڙو شڪالون پيون ڪيون تہ ڪي بہ ڪين ٻڌائيندو. جن کي پورن شردا آهي،
هي گيتا جهڙن شاسترن جي اَمولڪ سکيا ۽ امرت جهڙي اُپديش کي گرهڻ ڪري ٿا سگهن.
راجا دسرٿ جو جڏهن ڄمالي جو پوڙهون ٿيو، جو وقت اچي پهتو، تڏهن ڪمس
۽ خيال ٿيو، جو اولاد ڪونہ هوس. وڃي پهچي گرو وسشٽ مني سان حال ڪيائين
ڪمس پٽر ونديءَ ٻڪڻ ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. هن ٻڌايس تہ ويدن جي منترن ۾ سڀ
ڪمون آهن. راجا شردا ۽ وشواس رکي انهن ڪيو ۽ کيس چار پٽر ٿيا. ويدن جا منتر اڄ
ساڳي شڪتي ٿا رکن، پر اسان ۾ پورن شردا ۽ وڏي هجي تہ سڀ ڪجهه پراپت ٿي ٿو
هي. جي اُن وقت مهاراجا دسرٿ گروءَ جي صلاح تي اَعتبار نہ ڪري ها تہ ٻڪڻ جي
ٿيءَ پڄاڻ سان ڪيترن سندس استرين کي گرڀ ٿيندو، نہ هولند ڪجهه بہ حاصل ڪين
ي ها. ديوتائن جي مورتين کي اسين جيڪڏهن رکو ڪاغذ يا پٿر سمجهنداسين ۽ انهن
ڪا شردا نہ هوندي تہ ڪٿي سؤ سال پيا متا ٽيڪيون، تہ حاصل ڪجهه بہ ڪين ٿيندو.
ڪ ليترهيڻ مهاتما روز مندر ۾ درشن لاءِ ويندو هو. ڪنهن هڪ ڏينهن چيس تہ "مهراج!
ان درشن نہ ڪري ڪونہ ٿا سگهو، سو ايڏو پنڌ ڪري ڇو ٿا وڃو؟" مهاتما جواب ڏنو
"ڀائي! مان تہ برابر ڏسي نٿو سگهان، پر منهنجو ٺاڪر تہ ڏسي ٿو تہ منهنجو شيوڪ آيو
ي!" اها ڪيڏي نہ اوچي چيتن ڀاونا موريءَ ۾ آهي! شردا آهي تہ ٺوري ذري مان
ب ڪجهه حاصل ٿي سگهي ٿو. منش جنم ۾ ڪو سک ولڙو آهي تہ شردا ۽ وشواس
ملندو، نہ تہ ڏوڻيءَ جو ڪتو نہ گهر جو ۽ نہ گهاٽ جو.

حڪيم يا ڊاڪٽر جي دوا دوسل ڪجهي تہ جسي پوري شردا ۽ وشواس تہ آهي تہ
و اثر ڪو ٿيندو. ڪوبہ ڪم ڪرڻو هجي تہ اول سڀ سنسا دور ڪري، پوءِ اهو
ع ڪرڻ کپائي، نہ تہ محنت بہ اجائي ويندي ۽ خرچ بہ. ڀڳوان بہ اُلڪري صاف ٿو
تہ منهنجي سڪيائن تي جيڪو شردا رکي هلندو، اهو ڪلياڻ پائيندو ۽ اهو ڀڳت مونکي
و آهي. ڪو سوال ڪري تہ اهڙي شردا ڇو رکون؟ ڪٿي لکيل بہ آهي ڇا؟ ان جو
ب آهي تہ جنهن وقت هي سنسار پيدا ٿيو، ان وقت ويد بہ پيدا ٿيا ۽ انهن ۾ لکيل
تہ ٻڪڻ ڪرڻ تہ بارش ٿيندي ۽ گاهہ، اَن، ميوا، اوشڌيون ڪير ڪيهه وغيره ملندا.
ن ويدن جي سڪيائن تي اعتبار رکي اهو ڪيو، تڏهن ٿي اهي پيداوار ملندا، پر جي
ن جي سڪيائن تي اعتبار يا شردا نہ رکي تہ ٻڪڻ بہ ڪونہ ڪيا ۽ اهي سڀ پيداوار بہ نہ
. ڪو چوي تہ اسان ويد تہ ڏٺا بہ ڪين آهن ۽ نہ پڙهي ٿا سگهون تہ اُلڪري رشين
۽ ويدن جي سڪيائن الوسار پراڻ ۽ شاستر لکيا آهن، انهن تي ڀروسو ۽ شردا رکي هلڻ
ي. مطلب تہ شردا ۽ وشواس کان سواءِ ڪجهه بہ پراپت ڪرڻ ڪٺن آهي. ڀڳوان صاف
ري تہ "اهو ٿي منهنجي پريم ڀڳت کي پائيندو، جيڪو منهنجي هن سکيا تي شردا ۽
س رکي هلندو."

پوڄا ٿا پوڄن ڪن، جيڪي اوهان جي پرساد وغيره کي وڏي آدر سان ٿا گرهڻ ڪن ۽ جيڪي
پدارٿ، وستر ڪين ملن ٿا ۽ اهي اوهان وٽان مليل پرساد سمجهي ٿا ڪم آڻين، جنهن مست
گروءَ، ديوتائن ۽ برهمڻن کي ڏسي وڏيءَ نمرتا ۽ پريم وچان جهڪن ٿا، جنهن هٿ اوهان جي
چرڻن جي نت شيوا ٿا ڪن، جيڪي هڪ اوهان جو ئي هر حالت ۾ ڀروسو ٿا رکن، جنهن چر
چرڻن ئي پنڌ ڪري ٿا وڃن، جيڪي نت اوهان جو ئي منتر ٿا جپن ۽ پريوار سميت اوهان جي
پوڄا ٿا ڪن، هون، يگيه، برهم ڀوڄن، دان پڻ گهڻا ڪن ۽ جيڪي ستگروءَ کي اوهان کا
۽ وڌيڪ ڄاڻي سڀ سنمان ۽ پريم سان هنجي شيوا ٿا ڪن ۽ اهي ڪرم ڪري ۽ ر
هڪ ئي ٿا ڦل چاهين ته اوهان جي چرڻن ۾ ڪين پريتي رهي، انهن لوڪن جي من روپي مند
۾ اوهين نئي واسو ڪريو؛ جنکي نه ڪام، ڪروڌ، مد، اڀمان يا موهه ۽ لوڀ آهي، نه را
يا دويش آهي ۽ نه ڪپٽ، دمڀ ۽ مايا ئي آهي، جي سڀني جو ڀلو چاهيندڙ ۽ ڪند
آهن، جنکي سک ۽ دک، ساراهه ۽ نندا سمان آهي، جي ويچار ڪري سچا ۽ مٺا ٻول
ٻولين، جي جاڳندي يا سمهندي اوهان جي ئي شرڻ آهن، جي پرائيءَ استريءَ کي ج
ڏيڻ واري ماتا سمان ٿا سمجهن، جنکي پرائو ڌن وهه کان ۾ وڌيڪ ڪوڙو ٿو لڳي؛ ج
ٻين کي سکي ڏسي ۽ سندن پدارٿ ڏسي خوش ٿا ٿين ۽ ٻين کي دکي ۽ وپتين ۾ ڦاٿل ڏس
دکي ٿا ٿين، جنکي هي رام! اوهين پرائڻ کان پيارا آهيو، انهن ڀڳتن جو من اوهان ج
رهڻ جوڳو آهي ۽ اتي اوهان نواس ڪريو. جنهن سوامي، متر، ماتا پتا، گرو سڀ ڪج
اوهان آهيو، انهيءَ جي من روپي مندر ۾ لڇمڻ ۽ سيتا سميت اوهان رهو. جيڪي اوگڻن ک
ڇڏي، سڀني جا گڻ ٿا گرهڻ ڪن، برهمڻن ۽ ڳئن لاءِ سنڪٽ ۽ سهارڻ ڪن ٿا، دنيا
نيتيءَ ۽ مريادا سان هلن ٿا، پنهنجي ڳڻن کي اوهان وٽان مليل ۽ اوگڻن کي پنهنجي ڪرتو
جو نتيجو ٿا سمجهن، جنکي اوهانجا ڀڳت ڏاڍا پيارا ٿا لڳن ۽ جي ذات پات، ڌن دولت
ڌرم مذهب، وڏائي، پيارو پريوار ۽ سک ڏيڻ واري پنهنجي گهر جو ڪو به خيال نه ڪري
من، وچن ۽ ڪرم سان رڳو اوهانجا ئي داس آهن ۽ ٻيا ڪين لالچ جي رڳو اوهان کي ئي
هردي ۾ رکن، انهن جي هردي ۾ هي رگهوناٿ! اوهين سدائين آنند ۽ پرسنتا سان نواس
ڪريو.“ رشي والميڪ جي هن سندر بيان ۾ هن ساري اڌياءَ جي سکيا جو جڳ
اچي ٿو وڃي ته سچن ڀڳتن ۾ ڪهڙا ڳڻ ٿين ٿا يا ٿيڻ گهرجن. رشيءَ اهو سڀ جڏهن ڀ
ڀڳوان رامچندر کي چترڪوٽ وٽ گنگا نديءَ جي ڪناري تي هڪ سندر آستان جو ڏ
ڏنو، جتي ڀڳوان سيتا ۽ لڇمڻ سميت ٻه ڪنياڻون ٺاهي اچي رهيا. انهن ڪنياڻن لاء
لاءِ ديوتائون مورن جو روپ ڌاري آيا هوا ۽ وڏي پريم سان اهو ڪم ڪري ويا. ڀڳو
هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو ته جيڪي منهنجا ڀڳت منهنجي هن اڌياءَ ۾ ڪيل ڌرم اپديش
ڌارڻ ڪن ٿا ۽ شرڌا پوروڪ مونکي ئي پنهنجو پرم ڌام ٿا سمجهن، اهي مونکي ڏاڍا پ
آهن. ڌرمي شاستر ۽ گروءَ پنهنجي جي سکيا ۾ شرڌا ۽ وشواس هئڻ بلڪل ضروري آه
گروءَ ۾ ماتا، پتا ۽ اسعاد ۽ اچي ٿا وڃن. جيڪڏهن انهن جي ڪٿهن ۽ شبد، آگيا يا اپد

آيا آهي، جهڙو ملڻ ۽ مري لڳائي ويٺو آهي، سو آهي ڪمترڪم. اهو جيو آتما
لو ته منهنجي اک ۽ سور آهي، منهنجي ٽنگ کي ڏک لڳو آهي، هي منهنجا هٿ
هي ۽ منهنجو منهن آهي وغيره. سڪن دکن ڀوڳڻ وارو شريرُ آهي. ڪرمن جي ڦل
سک ۽ ڏک ڀي اچن ٿا. هن ڪمتر يعني شرير ۾ ڪمترو ٻه پل هجي، ته ٻه اهو ڪڏهن
ضرور ڪمڻ لڳندو. هن سنسار ۾ جيڪي ٻه آهي، سو سڀ سنڪلپن وڪلپن مان پيدا ٿيو
. واسنائن جو سنچر آهي نه آنند آهي. اُهن واسنائن جي ٽياڳ سان ئي گيان ٿي سگهندو.
ر لتيجو اهو لڪرلدو، جو سنسار جو ئي ٽياڳ ٿي ويندو. ٻاهرين طرح سنسار کي ڇڏيو
اڏي وڃو؟ اهو ته هن ڏرليءَ لي ئي وهٽو ٻولدو، ۽ جتي ٻه رهو، اُتي ڇڏڻ هن جو
لهي ٻولدو. اِلڪري سچو ٽياڳ آهي سنڪلپن ۽ خيالن جي ٽياڳ ڪرڻ ۾، مَن مريءَ
سُور ڪرڻ ۾، نه ته راڄ ڇڏي ڪٿي وڃي ٺڪر لڳي ته ٻه ڪي ڪمن لڳندو.
ڻ کي شرير کان الڳ ۽ اُن جو مالڪ سمجهڻ ضروري ۽ ٻهرين مٿول آهي. شرير ۾ راڳ
ش هر وقت رهن ٿا. اهي آهن التهڪرڻ جا گڻ، ۽ ٽهن شرير ڪري ٿا. جهڙن
ڪ، جانورن يا ٻئي آساج جي داڻن مان ٺهه ٿهن ٿا، جنهي جدا ڪرڻ سان الدوان اُٽ
ي لو ۽ اُهن ٿهن کي ڪٽڪ يا جانورن وغيره لاءِ ڪولهجي، اِن طرح شرمسر ٻه
اِهن برابر آهي ۽ اُن جيئو آتما آهي. اوديا وڃان اها ڳالهه اسان نه سمجهي آهي ۽ اها
لي هن منش جنم ۾ ٻرالٽي آهي. ان لاءِ ستسنگ يعني سنت جن جو سنگ ضروري
جهڙو منش جنم ۽ خاص ڪري ٻرش جو شرير ٻالي گيان لاءِ ٻراپت ڪري، اهو سچو
ي نه لڪجهڻ ڪهي. هن ڳالهه لي هڪ راڄ ڪنيا جو مثال گرو اِلهاس ۾ اچي ٿو:
ڪ راجا کي ڪنيا پيدا ٿي، جا اَڳين جنم ۾ ٻلڪل شڌ سنسڪارن واري ٻرڪمٽوري
ٻر ٻوگ ۾ گهتتاليءَ سڀ وڃي جنم ۾ آئي. جنم وٺندي ئي هيڪي آتما جو گيان
هن جانو ٿي ته هي شرير منهنجو مڪان آهي ۽ مان آتما ان ۾ رهندڙ آهيان. اهو گيان
ي ماتا جي گرڀ ۾ ئي ٿئي ٿو، جنهن واسطي ۽ اشناوڪر رهڻ کي ٿيو هو. مگر اهڙا
ڪروڙن ۾ ورلا ٻلندا. هيءَ ڪنيا ٻه اُن مٿول واري هئي. وڏيءَ ٿي ته ڪو ٻه ڪمرو
نه جهت لاءِ اهي لٽو ٻهي ڪري. راجا ڏٺو ته هيءَ ڪنيا هولدي ٻه اڳهاڙي ٿي گهمي
اهو وڏي ٿي ته ٻه اُهن ٽڪرڻ لڳي ۽ جوان ٿي ته ٻه ڪمڙو اصل نه ٻهني ٻالي.
راڻيءَ لاچار ٿي، هيڪي هڪ جدا ڪمرو ڏنو، جتي ڪمس ڪاڏو ٻمتو داسيون ڏنيون
ن هيون ۽ سنڌس شيوا ٻه ڪنديون هيون. اُن وقت اُن لڳريءَ ۾ گرو نانڪ صاحب
مرداني سان اچي ٻاهر هڪ وڻ هيٺان ديرو ڪيو. مرداني صاحبن کي چيو ته "سائين!
ن جو هڪ وڏو محل ٺهيو ڏسجي، ٿهنجو سئر ڪري اچون." جڏهن اُن محل وٽ آيا ته
ڏسڻ جي خيال کان مردانو ٻلڪل آهستي آهستي هلڻ لڳو. اُن وقت اها ڪنيا دريءَ
ر ٿهاري رهي هئي. گرو جڳ جو ديرو ڏسڻ ڪري داسين کي حڪم ڪيائين ته "جلد
ي مسيحن ۽ سنڌاڙهي ٿي ٻهي ٻهڙو." گوليون ٿاڻو ڳوش ليون ۽ هرڪا ڪوهڙ ڪرڻ لڳي

آڌياءُ تيرهون

کيتر کيترگيه وڀاڳ يوڳ

شري ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پوري ڀڳت ارجن کي ٧ کان ١٢ آڌيائن ۾ ڀڳتي يوڳ جا جدا جدا نمونا ٻڌايا. ويدن ۾ ٣ ڪانڊ آهن- ڪرم، اُپاسنا ۽ گيان. ڪرم يعني شڀ ڪرم ڪرڻ، اُپاسنا يعني چت جي ورتيءَ کي ايڪاگر ڪري ڀڳتي ڪرڻ ۽ گيان جو مطلب آهي پنهنجي آتما کي ڄاڻڻ. گيتا ۾ به ڀڳوان ويدن جو سار سمجهايو آهي ۽ جنهنڪري هن ۾ به ٽي حصا آهن- پهريان ڇهه آڌياءَ ڪرم لاءِ، ٻيا ڇهه ڀڳتيءَ اُپاسنا لاءِ ۽ پويان ڇهه گيان لاءِ. هن ١٣ آڌياءَ کان ڀڳوان ارجن کي گيان جو اُپديش ڏئي ٿو. گيتا جو ارٿ هرڪنهن پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ بُڌيءَ انوسار ڪيو آهي. ڪي يڪدم سڀ سکيا ڪرم طرف کڻي ٿا وڃن، ڪي اُپاسنا طرف ۽ وري ڪي گيان طرف؛ پر حقيقت ۾ ٽنهي جو هڪ ئي ٻالنس ورتل ڪيل آهي. گيتا جي ٧٠٠ شلوڪن ۾ وهنوار ۽ پرمارٿ ٻنهي جي پورنتا لاءِ سليس ۽ صاف شبدن ۾ ڀڳوان سکيا ڏني آهي.

شلوڪ ١. ارجن سوال ڪيو: هي ڪيشو! پرڪرتي ۽ پرش، کيتر ۽ کيترگيه (يعني ديهه ۽ ديهه کي ڄاڻندڙ) ۽ گيان ۽ جنهنجو گيان هئڻ گهرجي، اُن کي سمجهڻ چاهيان ٿو.

ڀڳوان اُتر ڏنو: هي ڪنتي پتر! هن شرير کي کيتر نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ اُن کي جيڪو ڄاڻي ٿو، تنهنکي تت جي ڄاڻڻ وارا کيترگيه ٿا چون.

ڪن پستڪن ۾ ارجن جو سوال ڪونه ڏنل آهي ۽ ڀڳوان جو مضمون اُپديش ڏنل آهي. جيڪڏهن ارجن جو سوال جدا جدا شلوڪ ڪري ڳڻجي، جئن ڪن پستڪن ۾ ڪيو آهي ته گيتا ۾ ٧٠١ شلوڪ ٿي پوندا، ليڪن هرڪو ٧٠٠ شلوڪ ٿو چوي. انڪري ارجن جو سوال ۽ ڀڳوان جو جواب هڪ ئي شلوڪ ڪري ڏنا ويا آهن.

ارجن هت سوال ۾ پرڪرتيءَ ۽ پرش جو ڀيد ٿو سمجهڻ چاهي ۽ انڪري پڇي ٿو ته گيان ڇا آهي ۽ ڇاهڙو گيان هئڻ گهرجي؟

ڀڳوان ڪمس ٻڌائي ٿو ته اندرين، پراڻ ۽ انهنڪري سميت سک دک جو استان جو هي اسٿول، سوکشم الوا ڪارڻ شرير آهي، اُن کي کيتر يعني ٻني ڪوٺيو ويو آهي يعني ڪرمن انوسار دکن سکن جي پوکڻ جو استان آهي. جيڪو اُن کيتر ۾ اندر رهي ٿو ۽ اُن کي ڄاڻي ٿو، اُن کي کيترگيه ڪوٺجي ٿو، جو شرير کان جدا جيو آتما سڏجي ٿو. هڪ هولڊي آهي رسي ۽ ٻيو رسيدار. رسيدار جيڪي پنهنجي رسي ۾ پوکي ٿو، اُن موجب ٿي وقت تي فصل لڻي ٿو. هو ڪجهه به پوکي سگهي ٿو، پر نه مالڪ آهي پر قلعدو اهولي، جيڪو پوکيندو ۽ لڻندو ڪجهه. اِن طرح هي انسان جو شرير به رسي جي کيتي وانگر آهي ۽ آن ۾ رهندڙ اصلي ...

ان ۾ ڪلهه آهن. ٽون الهيءِ اوديا ڪلهه پاڻ جو ٽيائم ڪريٖ موڪي ٿي اُنهن سڀني
.جي ڄاڻڻ وارو سمجهه. اهوئي سچو گيان آهي. ٻيا لوڪڪ گيان سڀ اگيان روپ
چو ته انهن مان سنسار جي ٽورٽي لٿي ٿئي.

تي ارجن کي ڀارت جي ٽالي سان سڏيو ويو آهي، جو هو ڀرت راجا جي ڪل مان
يو هن شبد جو ٻيو ارٿ به آهي. ڀا يعني پرڪاش يا آتما ۽ رت يعني پريم رکندڙ يعني
و آتما ۾ پريم رکي يا آتم گيان پراپت جي اڀلاشا رکي.

سڪ راجا وچار ڪيو ته موڪي اهڙو ڪو مهاتما ملي، جو مان گهوڙي جي هڪ رڪاب
رڪان ۽ ٻئي رڪاب ۾ پير وجهان، تيستائين هو موڪي آتم وچار جو گيان ڏئي. اهڙا
پرش ان سمي هن ديس ۾ هوندا هوا. ڀارت ڀومي ٽون ٿي ڪنهن ۾ ڏور شالا ليکي.
آهي ۽ رشين، منين، اوتارن، ڏهن پاتشاهين گرن، يوگين، تپسوين، جتين ۽ ستين جي
ڪري مهاپوتر آهي. جنڪ راجا جي اڀلاشا ٻڌي گهڻيئي ساڌو، مهاتمائون ۽ ودوان اچي
جي دربار ۾ ڪٺا ٿيا. مهرشي اشٽاوڪر به آيو. گيان شڪتيءَ جو رنگ سوکيم شرير
ڙهي ٿو. اندر جڏهن جوت جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ جهڳ مڳ روشني ٿئي ٿي ته اها
من تي اهڙي چڙهي ٿي، جهڙو جوڳيا (گيڙو) رنگ ٿئي ٿو. انڪري مهاتمائون ٻاهران
ڙن کي اهوئي رنگ ڏين ٿا. اشٽاوڪر جي ماتا ڪيس وچڙ ڪان منع ڪئي ڇو ته هن
۽ اوڏانهن ويل هئو. هن چيو ته ضرور وينداس ڇو ته ٻيو ته ته هيترن مهاتمائن جو
ته ملندم. ڀاري سڀا لڳي پيئي هئي. منيءَ اشٽاوڪر اندر گهڙيو ته اُتي وينل وڏا
ودوان ته سندس شرير جا اٺ وڪڙ يا ڏنگ ڏسي، مٿس کلڻ لڳا. اشٽاوڪر اها هنن
حالت ڏسي سمجهيو ته هنن کي ته ڪپڙو ۽ ڪپڙگه يعني شرير ۽ آتما جي ڀيد جي خود ئي
ٿي ڏسجي، سو راجا کي آتم گيان ڪهڙو ۽ ڪئن ڏئي سگهندا؟ هنن کي اهو گيان
ها ته منهنجي شرير کي ڏسي ڪين کلن ها، ڇو ته هنن منهنجي آتما جو ڪو به خيال
ڪيو. هنجو شرير ته پراڻو ڪروپ هو، پر هو ڄاڻڻ ته آتم اپاس ۾ پرپور هو. اشٽاوڪر
ڪمترن جنمن جي ڪمائيءَ جو ڦل هو. انڪري جڏهن مٿس چٽرپازيءَ ۾ کل هاسي
راجا جنڪ کي چيائين ته "هيءَ سڀا ڪنهن جي لڳائي اٿئي؟" راجا چيو ته "سائين!
۽ ودوانن جي سڀا آهي." هن چيو ته "هت ته ٽن قسمن جا ماڻهو ويٺا آهن: هڪڙا
ٽي، ٻيا چمار ۽ ٽيان چنڊال." راجا جنڪ ڏچڙ لڳو ۽ پڇيائين ته "ڀڳوان! اهڙا سخت
ڪئن ٿا ڪيو؟" منيءَ ورائي ڏنس ته "راجن! هنن سڀني موٽتي کليو، ڇو ته منهنجي
۾ چپ آهن، سو ڇا گرو ڪو جسم ٿيندو آهي؟ گرو ته آتما ٿو ٿئي. شرير ۾ ته گرو
سي ڪا به شڪتي ڪانه آهي، اها ته اتمو جي طاقت آهي. جيڪي منهنجي شرير کي
کلن ٿا، اهي تنهنجا گرو ڪئن ٿي سگهندا؟ گروشڪتي ته اپاس شڪتي آهي. هنن
ي شرير سمجهي، هاسي ڪئي. شرير ۾ ٽي شيون ٿين ٿيون: ماس، هڏا ۽ چمڙي. ماس
ان ڪاسائيءَ کي ٿيندو آهي ته ڪيترو ماس نڪرندو، چمارن جي درشٽي چمڙيءَ تي

ته اول اهي شيون مان ڪٿي پهچايان. هوءِ پوءِ ڪمرا ڀالي رواجي ڪمالن والگر وٺهي رهي
راجا اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وزير سان گڏجي ڪمرا وٽ آيو. اچي ڏسي ڏٺو ته ٻالڪ
سندر نموني وستر پهري آنند سان ويٺي آهي. راجا پڇيس ته "ٻچا! تو سورهن سال ڪ
ڪپڙو ڪونه ٿي پاتو ۽ اڄ ڪهڙي سبب ڪمرا ڀالي ادب سان لڪي ويٺي آهين؟"
جواب ڏنائين ته "پتاجي! قدرت جو نيم آهي ته استري مرد کان ٿي لڄ ڪندي آهي
ته استرين کان. هيل تائين مولکي ڪوبه نظر ڪين ٿي آيو، جو پورو مرد هجي." وزير پ
ته "دنيا ۾ ته نر ناريون انيڪ موجود آهن!" ڪنيا جواب ڏنو ته "منهنجي نظر ۾ مرد ا
آهي، جنهنکي آتما جو گيان هجي، شرير ڪري ڪي مرد ٿيا، ته ڇا ٿيو؟" وزير سوال ڪ
ته "ڀلا اڄ ڇو ڪمرا ڀالي ويٺي آهين؟ ڪٿان تو مرد ڏٺا؟" چيائين ته "هن درٻار کان مو
نهاريو ته ٣ پرش ڏٺم ۽ يڪدم سڃاتم ته هي مرد آهن." آخر راجا ۽ وزير ٻچا ڪري محل
ڪيو ته گرونانڪ نالي سنت ٻاهر آيل آهي، جنهنجو ٿي درشن ڪنيا ڪيو آهي. صاحبن ک
ته ان ڪنيا کي ڪرامت ڪرڻو هو ۽ ان لاءِ ٿي قدرت ڪين اهو آندو هو ۽ مرداني ۾ اهڙ
خيال وڌو هو. صاحب ان محل پرسان جو وڻ هو، ان هيٺ اچي ويٺا هئا. راجا ۽ وزير
ڪنيا کي پنهنجي راڻين سميت وٺي ويا گروجن وٽ. وهي مٿو ٽيڪايائون. گروجن ڪين اهڙ
ڏنو ۽ چيو ته "جنهن ڪل ۾ اهڙي ڪنيا يا اهڙو پتر جمي ٿو، اهو ڪل ڌن آهي، ۽
ته ڪليان ڪرڻ وارو ڪو آتم گياني ئي ٿي سگهي ٿو." ڊاڪٽر هن شرير جي هڪ هڪ
هڏي، نس يا عضوي جو ڪهڙو ڪم آهي، ۽ انهنکي ڪيئن ٺيڪ رکجي، اهو علم سکن ٿ
ڪر هو ان جوڙيءَ جو گيان پرائي ٿا سگهن، جنهن جوڙ سان اهي سڀ نسون، رڳون، هڏ
عضوا وغيره ڪم ڪري رهيا آهن. هو ان چيتن آتما کي نٿا ڄاڻي سگهن. هو ته من
ٻڌيءَ کي به نٿا پهچي سگهن. اهو علم آتما جي گيان پرائڻ سان ملي سگهي ٿو، جنهن
برهم شروتري ۽ برهم نشٺي مهاتما جي شرڻ ضروري آهي. اسين ڪيتر يعني شرير وسي
جيڪي ڪرم ڪنداسون، تنهنجو ڦل سڀني الوسار اسانکي ملندو. انهي ڄاڻڻ وارو گياتا آه
جيو آتما يا ڪيترگيه. آتما ۽ جيو آتما ۾ فرق رڳو اهڙو آهي، جهڙو مها آڪاش ۽ گهٽ آڪا
۾ يعني هڪ آهي ٻاهريون وڏو آڪاش ۽ ٻيو آهي هر هڪ گهڙي ۾ جدا جدا آڪاش، جو
آهي ان وڏي آڪاش جو ئي حصو. سڀني گهڙن ۾ اهو مها آڪاش ئي ڦهليل آهي، پر
جدا برتنن ۾ هئڻ ڪري جدا جدا نالن سان سڏجي ٿو.

شلوڪ ٢. هي ڀرت ڪل ۾ اتپن ٿيل ارجن! سڀني ڪيترن (شريرن)
اسٿت ٿيل جو ڪيترگيه آهي، اهو تون مون برهم کي ئي ڄاڻ. شرير ۽ آ
جي ڀيد کي ڄاڻڻ ئي منهنجي مت موجب گيان آهي.

ڀڳوان چوي ٿو ته هي ارجن! سڀني ڏيهن ۾ اڌشٺان روپ سان اسٿت جو ڪيترو
گيه آهي، سو سو پرڪاش، چيتن، وياپڪ ۽ نت آهي ۽ اڪام ڪري ٿي ڪرتا، ڀوڪتا آ

ڪ آهن، جن ۾ آتم گيان جو گهڙو وچار پيل آهي.
جئن مالها جي سڀني داڻن ۾ هڪ ڌاڳو پوئل هوندو آهي، تئن ڀڳوان چوي ٿو ته سڀني
رن ۾ ساکي ڪيترگيه يا آتما مان آهيان. سڀئي شرير ته جڙ آهن، مان اُيمان، دک سک
يره جو خيال جو شرير ۾ ٿئي ٿو، اهو سچ پچ ته سوکشم شرير ٿو محسوس ڪري. اهو شرير
اوستائن جاڳرت، سپن ۽ سشوپت ۾ ڦري ٿو. شهوپت جي معنيٰ آهي گهري ننڊ. ان
ت سوکشم شرير هردي ۾ واسو ڪري ٿو، سپني وقت اهو گلي ۾ ٿو واسو ڪري ۽ جاڳرت
ي ۾ اکين ۾. سشوپت اوستا ۾ شرير کي ڪوبه دک يا پيڙا نٿي محسوس ٿئي، جئن آپريشن
ت ڪلوروفارم سنگهائي ان سوکشم شرير کي خاموشيءَ ۾ آڻي، پنهنجي خالي ۾ پهچايو ويندو
ي ۽ شرير کي ڪوبه دک محسوس نه ٿيندو آهي، پر جڏهن آهستي آهستي اهو وري ٻاهر
ري ٿو، ته شرير کي دک ۽ پيڙا ڀاسي ٿي. جيڪڏهن شرير کي درد ٿئي ته مرڻ کان پوءِ
ن کي ساڙڻ وقت به هوند دک ۽ درد ٿئي. پر اهين ڪونه ٿو ٿئي؛ ڇو ته ان مان سوکشم
ر نڪري ويل آهي. وڻن ۾ سوکشم شرير سشوپت اوستا ۾ پيو آهي، جنهنڪري انهن کي
ساڙا هڻو ته به ڪم ڪو درد محسوس ڪن ٿا.

ڀڳوان هن شلوڪ جي پوئينءَ سٽ ۾ چوي ٿو ته اهو شرير ۽ آتما جو جيڪو گيان آهي،
ي ٿي مان سچو گيان ٿو سمجهان.

هڪ راجا جو پٽ شڪار ڪرڻ ويو. سنگتي سائي به گڏ هيس. اڳيان هڪ وڏو شينهن
ون آيس. راج ڪنور ان جي پٺيان پيو ۽ شينهن به ڀڄندو ويو. ١٠-١٢ ميل شهزادو
ي ٿي چڙهي هن جي پٺيان پيو ۽ آخر شينهن کي بندوق هڻي ماري وڌائين. ان وقت
ي ٿي ويئي. راج ڪنور اڪيلو هو. واپس وڃڻ ڏکيو سمجهي ڪو رهڻ لاءِ آستان ڳولڻ
ته پريان هڪ روشني اکيدي ڏٺائين. اوڏانهن ويو ته هڪ رشيءَ جو آشرم مليس. گهوڙو
ٻڌي اندر گهڙي ادب سان رشيءَ کي مليو. رشيءَ به هن جو آدرستڪار ڪيو ۽
يس ته "ٻالڪ! ٻڌاءِ ته ڪير آهين ۽ ڪٿان اچڻ ٿيو آهي؟" هن چيو ته "سائين! مان
ي راجا جو پٽ آهيان. شينهن جو شڪار ڪيو اٿم، پر رات پئجي ويئي آهي ۽ سائي به
ي ويا آهن، سو مان رات هت ٽڪي صبوح جو واپس ويندس." رشيءَ چيس ته "پيارا
رهه، پر تنهنجي پتا جو لالو لومهي آهي يا اها سندس صفت آهي يا هو سچ پچ
ي آهي؟" راجڪمار جواب ڏنو ته "اهو منهنجي پتا جو جنم نام نه پر صفاتي نالو آهي،
ته هن ۾ ڪوبه موهه نه آهي." رشيءَ جي من ۾ آيو ته راجائي ڪرڻ ۽ وري لومهي
آهي ته ڏاڍو ڏکيو. وڏا وڏا ودوان به موهه ۾ ڦاسي ٿا وڃن. ٻئي ڏينهن صبوح جو راج
ر جاڳيو ته رشيءَ چيس ته "مان تنهنجي پتا جي پرکا وٺڻ ٿو چاهيان. تون هت ترسي،
ا ڪپڙا لاهي مونکي ڏي ۽ تنهنجا منهنجا ڪپڙا ٻالي هت ويهه." رشي راج ڪنور
ڪپڙا کڻي پري ٿي هليو. شهر ۾ پهچي راج محل وٽ آيو. اول ڪنس داسي گڏي.
هزادي جي موت جو ٻڌي ڪو موهه نه ڏيکاريو. وري شهزادي جي زال وٽ ويو، پوءِ

ويندي آهي ته سٺي آهي يا خراب، ٿلهي آهي يا نرم ۽ چنڊالن جي نظر هڏين تي ويندي آهي ته ڀڳو وڏو آهي يا ننڍو، ٿلهو آهي يا سنهو، سڌو آهي يا ڏنگو ڦڏو. گيانين جو ته اهو ڪم نه آهي. هنن جو مون تي ڪلهو، سو انهن ئي تي نظر وجهي. هستي آتما تي ته درشٽي پيئي ڪاڻ. سو تون مهنجي اڳيان وٺهه ته توکي گيان ڏيان."

سوامي وويڪانند هڪ دفعي آمريڪا جي وڏي شهر ۾ وياکيان ڪري رهيو هو ته ڪنهن سوال ڪيو ته "سوامي جي! شري ڪرشن ڳليان گوپيون ڇو ڊڪنديون هيون؟ رات جو ننڊ ۾ ڪاڻ ايندي هين ۽ ڏينهن جو به ڀي سُڌ ٿي پيئون هن ڳليان ڦرنديون هيون." سوامي جن چيو ته "هن سوال جو جواب مان ڏيندس." جڏهن وياکيان ڪندي هڪ بلڪل سندر مضمون هلي رهيو هو ته هو آتما ۾ مست ٿي ويو ۽ وياکيان ڇڏي ڊوڙڻ لڳو. ڳالھ ۾ سڀ هنجي ڳليان ڊوڙيا ته "سائين! اهڙو سندر وياکيان اڌ ۾ ڇو ڇڏيو؟" هن چيو ته "اهو اوهانجي سوال جو جواب آهي. اوهان انڪري ڊوڙيا، جو ڪشش ٿي آئو. سو جڏهن ساکيات ايشور شري ڪرشن جي روپ ۾ اڳيان هجي ۽ وري ٻرلي سان مرلي وڄائي ته هو سڌ ٻڌ ڇو ڪين نه هنجي ڳليان ڀڄنديون؟ روحاني طاقت رکندڙ هڪ مهاتما به ماڻهن کي وس ۾ رکي سگهي ٿو. اها ڪا صورت پرستي نه آهي، پر سيرت جي ڇڪ آهي."

اشٽاوڪر مُنيءَ جا وچن ڀڏي سڀا ۾ ويٺلن پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ڪيو ته برابر اسان آتم گيان ڀلائي شرير ڏي درشٽي ڪري هاسي ڪئي.

ڀڳوان هن شلوڪ ۾ چوي ٿو ته سڀني شريرن ۾ جاڻڻ وارو جو آتما آهي، اهو مان آهيان. اهو آتما ته اَجر اَمر آهي ته پوءِ شرير ڪان جڏهن اهو آتما جدا ٿئي ٿو ته اسين رئون ڇيون ڇو ٿا؟ شرير ته ناسونت آهي ۽ ضرور ڇڏڻو پوي ٿو. هندو قوم ڀاڳوان آهي جو اسانجا ڀيا حقيقتراءِ جهڙا يا گرو گوبند سنگھ جي صاحبزادن جهڙا ٻڙ اهو گيان حاصل ڪري توبن، بندوقن ۽ ڦاسيءَ ڪان نه ڊڄي انهن چوندا ويا ته

مار نهين سڪتي، حقيقت ڪي اصلي حقيقت ڪو.

جنڪ راجا به مُني اشٽاوڪر کي عرض ڪيو ته "سائين! مهنجو سوال پورو ڪريو." راجا جو عرض هو ته هڪ رڪاب ۾ هڪ پير رکان ته ٻئي پير رکڻ تائين گيان ملي. هن هڪ پير رکيو ته مُنيءَ يڪدم چيس ته "اول گرو دڪشنا ڏي ته گيان ڏيان." راجا سارو راڄ ڀاڳ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو، پر رشيءَ پڇيس ته "اهو تون ڀاڻ سان کڻي آيو هئين؟" چيائين ته "نه." پوءِ پنهنجو شرير ڏيڻ لڳو. مُنيءَ چيو ته "اهو ته تو وواهه وقت پتنيءَ کي ڏئو ڪيو هو." راجا چيو ته "چڱو، مهنجو من وٺو." رشيءَ چيو ته "ها، ٺيڪ آهي. من مونکي ڏي، مگر اهو خيال ڪري نه ڏي ته مون ڏنو. جڏهن تن به ويو ۽ من به تنهنجو نه رهيو ته باقي جيڪي بچيو، اهو تون ڀاڻ آهين." اهو هن کي گيان ڏنائين. گيان ته هڪ منٽ ۾ مليس، پر ان واسطي ٿي پهرين ته هر هڪ کي ڀاڻ ڪرڻو پوي ٿو. جيئن ڪنهن شهر ڏي وڃڻ واسطي ته ڪنهن ڪان پڇڻي پوي، پر پنڌ ته ڀاڻ کي ئي ڪرڻو آهي. مُني اشٽاوڪر ٻڌ هڪ گيتا لکي هئي، جنهن ۾ ٣٠٣

سڳهندين ۽ پيا ڏسهجا سڀ الڳ مثل ڏسڻ ۾ ايندا. تون انهن کري وال جي ٽڪرا
هن هڪ ڏينهن انهن کمو ۽ پراڻ ڇاڙهي لئمو لي سمهي پئو. صبح جو استري ۽
مئو پيو آهي. رئندي آئي سس سهري جي گهر. هاهاڪار مچي ويو. ماتا پتا به خوب
انڻ لڳا. استري ۽ ڇوڪري جون پيڙ ته ٻيئون رئن. آخر هنجي چڪيا لي چاڙهڻ جي
لي. مهاتما اُن وقت اهو ٻڌي آئي آيو ۽ چيائين ته "ٻالڪ! هي اسانجو شش آهي."
کي ڏسي سڀ ڏاڍو خوش ٿيا، پر ماتا پتا ڏاڍو شرمندا ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته "سائين!
ي شيوا ڪندو رهي ها ته اسين اڪين سان ته پيا ڪيئن ڏسون ها، مگر هاڻي ته اڳوپوءِ
و ڏيئي هلئو ويو." مهاتما چيو ته "ڏسان ته سهين." ڏسي چوڻ لڳو ته "ٻالڪ! مان
ي جتاري سڪهان ٿو. ڪير ڪٿي اچو." ڪير آيو. اُن ۾ مصري ملائي هڪ ٽڙي ۽ ملائي
ڙهي چيائين ته "جيڪو هن ڪير کي پيئندو، اهو پراڻ ڏيندو، پر هي جوان جئرو
يندو، جيهنڪي محبت هجي، سو پيئي ۽ قرباني ڏئي." مگر سڀ سائت ۾ رهيا.
وقت اڳم جيڪي روئي رهيا هئا، اهي به اهڙو ڪين، جهڙي پت. آخر هن مهاتما
پتا کي چيو ته "تون پوڙ آهين، ڪئين عيش عشرتون وٺي چڪو آهين، چوڻ ٿو ڪير
ي ته "اچي کڻي وڃ." سون جو ڪهاڙو لڪتو ۽ نديءَ پڇيس ته "هي ڪنهن جو
؟" چيائين ته "اهوئي نه منهنجو آهي." ورن ديوتا ڏٺو ته هي نه ڪو ٻاپي آهي.
آپس ته "جيڪو اندر گهڙي وٺي وڃ." ويو ته گهري ٻالٺيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳو ۽ آخر ٻڏي
ي ويو! انڌ رمي پرش مليا جي لالچ ۾ غوطا کائي ٿا مرن. نه مايا ٿي ملين ۽ نڪي جنم
سڦلو ڪن. ڌرم جي سکيا سنتوک مان ٿي ملي سکهي ٿي ۽ نيم سان سنتوک ڪرڻ
ڪ انسان جو فرض آهي.

شلوڪ ٨. جڏهن جيوَ آتما هن استول شرير کي ڇڏي ٿو ۽ ٻيو شرير ڌٽو
اپت ڪري، تڏهن اُنهن سڀني (يعني من ۽ اِندرين کي) گرهڻ ڪري
ني ٻاڻ سان وٺي) وڃي ٿو، جئن وايو جنهن هنڌان لنگهندو آهي تہ اُتان
سگند يا بدبوءِ ساڻ کڻي ويندو آهي.

هن استول شرير جي مرڻوءِ لڳڻ ٿي جيوَ آتما سوکم شرير وٺي هليو ٿو وڃي ۽ وري وقت
ي استول شرير ۾ واسو ڪري ٿو. اهو سوکم شرير جيوَ آتما سان ڪرمن انوسار ڪمن ٿو
ي. جنهن استول شرير ۾ اهو جيوَ ۽ سوکم شرير واسو ڪن ٿا، اُن ۾ اهي ڪرم هنڪي
ٽا سک ڏين ٿا. جيستائين آتم گيان نه مليو آهي، توستائين جيوَ ٻيو اهين ڪڍن شريرن

به اهو حال آهي. جي ستسنگ ملي ته اندر ۾ سٺا خيال اڀرندا ۽ جي ڪوني سنگت ملي، ته
انيڪ ڪوڙا سنسڪار پيدا ٿيندا وڃن. پر شڪ ۾ نه ته ستسنگ سان سڌري سگهي ٿو. اِنڪري
ضروري آهي ته برن لوڪن کان پاسو ڪجي، والدن کان پري رهجي، جن ۾ ڪي اوڳڻ
۽ برايون عادتون هجن، انهن کان دور ڀڄجي. شاسترن ۾ آيو آهي ته جتي چندن جا وڻ
هوندا آهن، اتي انهن وڻن لي وڏا وڏا زهريلا نانگ لپٽيا پيا هوندا آهن؛ ڇو ته زهر
ڪري هنن جو بدن هر وقت پيو جلندو آهي ۽ چندن ٿڌو آهي سيتل، سو اهي نانگ
ان مان ٿڌاڻ پائي آرام حاصل ڪندا آهن. هڪ زهريلو نانگ هو، اهو به هڪ چندن جي
وڻ ۾ لپٽيو رهندو هو. سندس مٿي ۾ مڻي به هئي. پورڻماسيءَ جو چنڊ نڪرندو هو ته
اهو نانگ ان چندن جي وڻ تي چڙهي، چندرما ڏانهن منهن ڪري سيتلتا وٺندو هو؛ ڇو
ته چندرما به چندن وانگر سيتل آهي. مٿي مان مڻي ڪڍي چنڊ جي سامهون رکندو هو ته
ان مان پرڪاش نه ٿيندو هو، پر امرت به نڪرندو هو، جو پي هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽
زهر جي لهر گهٽجي ويندي هئس. جيڪو نانگ مڻيءَ هوندي، انجو فائدو نه وٺي ۽ امرت نه
پئي ۽ ڏڍو روشنائيءَ ۾ پيو شڪار ڳولهيندو آهي ته ملي ته کان، اهو مورک چئبو. جن کي
مڻي آهي، پر اها لاهي پرڪاش نه ٿا ڪن ۽ نه امرت ٿا پيئن، اهي نانگ ته مهامورک جڻيا
۽ ڏڍو رواجي نانگن بلائن وانگر مٽي کائي ٿا پيٽ ڀرين. مثل ته انهن طرح ٻن قسمن جا آهن:
هڪڙا اوچيءَ ٻڌيءَ وارا، جي آتما روپي امرت پي لوپيت ٿا ٿين ۽ اندر جي باهه مٽائين ٿا
۽ هن امولڪ جنم کي سڦلو ڪن ٿا. ستسنگ آهي چندرما جي سيتلتائيءَ جيان، جنهن مان
امرت ملي ٿو. ٻيا آهن جي امولڪ جنم ڏڍو ٻين لوڪن کي لٽي ماري، شڪار ڪري ٿا
پيٽ ڀرين ۽ ان ۾ ئي خوش آهن، ڇو ته هنن امرت چکيو ئي نه آهي. انهيءَ مان وشي جي
وس ۾ لڳو رهي ٿو. ٽين درجي جا ماڻهو وري اهي آهن، جن ته هن لوڪ جو سک ورلو
آهي ۽ نه پرلوڪ لئي سڌارو آهي. مثل جنم روپي مڻي ته ملي اٿن، پر ستسنگ روپي چندرما
ڪانسواءِ نه ان مڻيءَ جي پرڪاش کان ٿا ڪم وٺن ۽ نه آتما روپي امرت ٿا پيئن؛ نه دنيا جو
رنگ لڳن، نه گيان جو. ستسنگ ۽ ڪسنگ جي اثر جو هڪ عمدو مثال شاسترن ۾ آيو آهي:

هڪ ستسنگي هو ۽ ٻيو ڪسنگي. ٻنهي جا گهر لڳولڳ هئا. جيڪو ستسنگي هئو
اهو ڪاريگر وڏو هو. هڪ ڏينهن نديءَ تي سنان ڪرڻ آيو ته هٿ ۾ ڪهاڙي هئس، ۽
خيال هوس ته جهنگل مان ڪا ڪاٺي ڪپي وٺان. ڪهاڙي ڪناري تي رکي، ڪپڙا لاهي
اشنان ڪرڻ لڳو ته اها ڪهاڙي نديءَ ۾ ڪري پيس. ڳولا لي به نه لڌيس ته واپس وڃ
لڳو، پر ڏڍوماتما پرش جو مال ته نه اڪيلي ئي ساڙي سگهي، نه ته ڏولي ئي ڏبي سگهي
نه چور ٿا کڻي سگهن ۽ نه جل ئي ٻوڙي سگهي. هو ٻه غريب ته هو، پر حق حلال جي
ڪمائي ڪندڙ هو ۽ هميشه ستسنگ به ڪندو هو. موٽڻ لڳو ته نديءَ مان آواز آيو
"پيارا! پنهنجو اوزار کڻي وڃ. مان نٿي رکي سگهان." پنيان نظر ڪري ته اوڏهه
پدران سون جي ڪهاڙي لڪڻي. ڏسي چيائين ته "هي ديوي! منهنجي ڪهاڙي ته ل

...ٽ جي وڇاڻا ڏنا ٿي، جو هو ڇتي ويو. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان اُن ساڌوءَ
ويو ۽ ساري شهر ۾ ڦهلايائين ته ”هي فقير وڏو پسند آهي، جنهنجي ڪرپا سان چئو
ان.“ شهر جا سڀ ماڻهو به هنگي مڃڻ لڳا ۽ وٽس خوب ڏن اچڻ لڳو. هو نه رکو خاڪ
ي ڏيئي پيو، سڀني کي ٺڳائي. نه وٽس ڪا وديا هئي ۽ نه جپ تپ. هڪ ڏينهن
برهمڻ، جنهن وٽ هو نوڪر ٿي رهي آيو هو، سو اُن ڳوٺ ۾ آيو ۽ اچي ڪٿا ڪرڻ لڳو
ائين. ٻڌائين ته هڪ وڏو سڌ پرش رهي ٿو. اچي ڏٺائين ته هيءُ ته مون وارو رسويو
. سمجهي ويو ته سڀ اڳين ڪرمن جو ڦل آهي. جنهنجي ويد وديا ڪجهه ڪم نٿي ڪري،
سهجي رک چتي به ٿي ڏن پيدا ڪري. ڀاڳ ڪونه ٿا ڏسن ته هي پڙهيل آهي يا جڏي
آهي. سڀ نصيب جو کيل آهي. ٻي ڪاٿ وستو ڦل ڏيڻ واري ڪانه آهي.

موڙک موڙک راج ڪرت هئه - پنڊت ڦرن ڀکاري،
اوڌو ڪرمن ڪي گت نياري!

ڀڳلو مڇمن ۽ ڀين جيتن جو گهات ڪري اُنهڪي کائي ٿو، نه به بدن ڪُهڙو نه سندر ۽
ف الس! ڪوئل ڪهڙو نه مٺو ۽ مڌر آواز ڪري ۽ ڳائي ٿي، پر بدن سارو ڪارو اٿس.
۽ جيڻا ٻئي ليڪون ملمون آهن، پر ڪلين جون ڪاڻيون ۽ موتي نه ڪاري سمنڊ ۾ آهن.
وقت هو جو سيتا کي راوڻ کڻي کڻي وڃي اشوڪ واٽڪا ۾ بند رکيو، پر وري اُهو
به آيو، جو هوءَ پنهنجي سان گڏ ومان ۾ چڙهي ايوڌيا ويئي ۽ وڃي تخت تي ويٺي ۽ راوڻ
ڪجهه ناس ٿي ويو ۽ ڀاڳ به ڀڳوان رامچندر جي ڀون جو شڪار ٿي مئو
سڪل پدارٿ هئه جڳ ماڻهين - ڀاڳ هين نر پاوت ناهين.
ڀاڳوان کي ٿي سڀ پدارٿ پاڻهي پيا سندن پيرن ۾ پون، نه نه ڪو ڪمتري ۾ ڪوشش
ي، نه لتا ملن. الڪري سڀني جي چاهنا آهي ته اول سٺا ڪرم ڪجن ته پاڻهي ڀاڳ ٿين.
ڪ شوم هو، جنهنجي نصيب ۾ ڪجهه به نه هو. سڀ ڏني اُهو آهي، جو مايا مان
ڪري ۽ دان پن به ڪري. هو ڏتوان نه هو، پر پراربڌ ۾ ڪو سک لکيل نه هوس.
ڀ روئي ۽ ڪتاڻ ڪالسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪائيندو هو. سندس ڪنهن مٽر جي گهر شادي
ڪمس به جيج سان وڃڻو پيو. خيال ڪيائين ته شاديءَ تي خوب پورئيون، حلوو ۽ مٺائي
س. ٻئي ڏينهن خوب هيج ڪري کاڌائين. پوءِ جن ۾ ڪا سک پيل هئي. مسڪ ۾ اُهو
آهي، جو اُها اندر ۾ نه رهي سگهندي آهي. کائي ٻاهر لڪتو ته اهڙو اچي اندر ۾
ٿيس، جو سڄو ڪجهه الٽيءَ ۾ لڪري ويس. پيا ماڻهو ته ٽي چار ڏينهن خوب کائيندا
پر هنگي ٻاهي سڀ ڏينهن لوڻ پاڻي پيئڻو پيو. مطلب ته سڀ پدارٿ پراربڌ انوسار
، جڏهن پنج ۽ سڪرت جا ڪر ڪيا نه ٿيمي پاڻهي اسانجي شمرا ڪندي.
ٿي ويچار ڪرڻو آهي ته سوکيم شرير جو اصل ۾ سروپ ڪهڙو آهي. جڏهن ڪو جگياسو
روءَ وقت وڃي ٿو، نه جيه وکلب ڪري ٿو. اول نه شش کي بلڪل پوري شرڌا،
۽ ڏرو انوسار وڃڻ جڳائي ۽ پوءِ ٿي ڪي سوال ڪرڻ گهرجن. هو پنهنجي اصلي

کي ڇڏي ڏين ۾ وٺندو ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ رهندو.

هڪ ڀاري ودوان هو. هنجي چت ۾ آيو تہ شاسترن ۾ جو ڪرمن بابت لکيل آهي، سو ڏسان تہ ست آهي يا رڳي گپ شپ آهي. هلندو دنيا جو رنگ ڪرڻ ۽ آخر اچي آهي پهتو، جتي جا رهاڪو ڏاڍي ڏن ڀلاوند وارا هئا ۽ رڳن سان وانڌ ڪري رهيا هئا. خيال ڪيائين تہ هت ڪو وياکيان ڪندس تہ چڱو ڏن پيدا ٿيندم. اچي هن جوتش ۽ ٻيءَ وديا کي پرگهٽ ڪيو. اُن ملڪ جو راجا بہ هت ٻڌي شہرا ۾ لڳو. آخر هو پنڊت اُتان هلڻ لڳو تہ راجا خيال ڪيو تہ هنکي ڇا ڏجي؟ اهڙو ڪو لکو ڏيانس جو هميشہ ياد رکي. اُن ديش ۾ سڀ ڪان ڏرلڀ شيءِ هٿي هئي. اُها رکو لوابن ۽ راجا وٽ هولڊي هٿي ۽ رڳن ڪان ۾ امولڪ لیکجي هئي. راجا سمجهيو تہ هن وٽ هيڏ ڪالهہ هولڊي، سو ٻہ چار سير هيڏ جا هنکي ڀيٽا ڏنائين. پنڊت سمجهي ويو تہ جا ڀراوڀڌ آهي، اُهائي ٿي ملي، ڪٿي ڪو ڪاڏي ٿو وڃي. هڪ گروءَ وٽ ڪيترا شش وديا ولن ٿا. سڀ هڪ سان پڙهن ٿا، پر ڪنهڪي اُها وديا وڏي ڀاڱي وارو ٿي ٿي ٻالي، پر ٻين کي لئي لڳي ۽ هو ساڌارڻ اوسٿا ۾ رهي ٿو. اهو سڀ ڪرمن جو ليکو آهي.

هڪڙا ٻہ ودنارٿي هئا. گروءَ کان ٻئي جوتش وديا سکيا. وديا پوري ڪري ٻئي آيا هڪ شہر ۾. هڪ استريءَ ڪالٿن پڇيو تہ ”سوامي! ٻڌايو تہ منهنجو پٽي جو ٻاهر ويل آهي، سو ڪڏهن ايندو؟ سکي آهي يا ڪهڙو حال اٿس؟“ ٻئي جڻا ڪتاب ڪڍي سوچڻ لڳا. ڪتاب پڙهي کي ساڳيو هو. اتفاق ۾ هڪ ٻي مائي دلو ٻالٽيءَ جو ڪٽي اُتان لنگهي تہ اهو دلو ڪري ڀڄي پيو. هنن مان هڪ شڪن ۾ چوڻ لڳو تہ ”مائي! تنهنجو پٽي مري ويو آهي.“ ٻيو چوڻ لڳو تہ ”نالي! تنهنجو پٽي اڄ ئي ايندو ۽ وڏو ڀاڳوان ٿي ايندو.“ جوتش ساڳي، گرو بہ ٻنهي جو هڪ، عقل بہ ٻنهي کي چڱو هو، مگر ڀاڳ جدا جدا رنگ ٿو ڏني. اچا هو اُن شہر ۾ ٿي هئا تہ اُن ڏينهن مائيءَ جو پٽي وڏي ڌوم ڌام سان آيو ۽ مائي اُن جوتشيءَ کي گهڻو ڌن ڏنو، جنهن چيو هو تہ اڄ ٿي ايندو. ٻئي ويچار ڪيو تہ هي ڇا؟ هڪ چيو تہ ”دلو ڀڳو تہ اهو اپشڪن هو.“ ٻئي چيو تہ ”نہ، جوتہ اهو دلو خالي تہ ڪو پرپل هو ۽ جل اڪري ڌرتيءَ کي مليو. ڌرتي آهي استري ۽ جل آهي پرش. سو جڻن جل پڪدم ڌرتيءَ کي مليو، تئن هنجو پٽي بہ پڪدم هنکي مليو هو ۽ مليو.“

هڪ ڏاڍو سچن پرش هو. هڪ ٺڳ ونس پکيا لاءِ آيو. پرهيڻ کي دنيا آئي، سو چيائينس تہ ”ڇولو درد ۾ پکين؟ منهنجي رسوئي لاءِ ۽ روز مرن وٽ کاءُ ۽ آنند ۾ گذار.“ هن الهن ڪري ڦيرو ڪيو. ڪجهہ وقت ڪالہوءِ وٺڻ جو خيال ٺهيس ۽ وڃي ٻئي ڳوٺ ۾ ڌرتي جهالي ٺڳ لئي ويهي رهيو. هڪ سيٺ ونس آيو، جو سمجهائين تہ ڪو ڀڄتل ٺڳ ٿو ڏسجي. ڪمس چيائين تہ ”سوامي! اڄ منهنجو ڪمس ڪو وٽ ۾ آهي. دنيا ڪريو تہ ڀڄي وڃان.“ ٺڳ سوڻو لڳائي هڪ چٺي رکي جي ڪٽي ڏنس تہ ”جڏهن ڪو وٽ ۾ وڃين تہ هن هاڪ جي لڙ ٿي ڏيکي وڃج.“ هن سيٺ ڪمي ڀائين ٿي ويو. ڪمس تہ ڏاڍو ڏکيو هو،

ـمو، ۽ پوهر ويچار پڌڻ ۾ نٿو وٺي. راڄ روُپ هجڻ ڪري من لڳي ٿو. سچي گيان جو
ان کي وٺي ٿي نٿو.

شلوڪ ٩. هيءُ جيوُ آتما ڪنن، اکين، چمڙيءَ، رسنا ۽ ناسڪائن وغيره ۽
جو آسرو وٺي (يعني اُنهن معرفت) اِندرين جي وشين کي ڀوڳي ٿو.

جمتوٽيڪ هن شلوڪ ۾ رڳو پنجن گيان اِندرين جا نالا ڏنل آهن، پر وغيره لفظ آيو آهي
ـن ڇٽي سگهجو ته پنج ڪرم اِندريون به شامل سمجهڻ گهرجي، يعني زبان، هٿ، پير،
ـ ۽ گدا، خواهه اُنهن سان گڏ انتهڪرڻ پڻ، جنهن ڪٿ اُپنشد ۾ ڏيکاريل آهي. وشين
ڻ جو آستان ته ٿن جا شريو آهي، پر اُن ڀوڳ ۾ مدد ڏيڻ واريون اِندريون ساڌڪ آهن ۽
ـ ٻڌي اُن ڀوڳ جا وسيلا آهن، يعني جيوَ کي ڀوڳڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اهي شامل نه ٿين ته
يون ڪجهه به نه ڪري سگهنديون. مثال طور جيوُ جن روپي رٿ ۾ چڙهي، ڪن ۾ ڪٿن
ـي دروازي مان نڪري، جدا جدا قسمن جا راڳ ٻڌي ٿو. ان طرح چمڙي اِندريءَ دواران
۽ گرم، ٿڌن ۽ کهرن پدارٿن جو اَنڀوَ ڪري ٿو. اکين دواران قدرت جا نظارا ڏسي ٿو.
ـ دواران مٺا، ڪٽا، سوادي کاڌا پيتا چکي ٿو ۽ نڪ دواران جدا جدا قسمن جي سڳنڌ
ـ وٺي ٿو. سچ پچ ته ڀوڳڻ وارا من ۽ ٻڌي آهن ۽ آتما اَسنگ آهي، پر مايا جي پردي
ـي جيوَ آتما اُنهن من ۽ ٻڌيءَ سان گڏ ڀوڳتا ڀاسو لڳي. من ۽ ٻڌيءَ کي آتم ويچار ۾ آڻڻ
ـي جيو آتما اَسنگ ٿي سگهندو. اِندرين کان رڳو جائز سک ۽ ڪم وٺڻ سان ٿي من ۽
آتم ويچار طرف ايندو يون.

امائڻ ۾ آيو آهي ته جڏهن رشي وشوامتر سان گڏجي شري رامچندر ۽ لڇمڻ جنڪپور
ـتا لاءِ رچيل ڏلش ڏسڻ آيا ۽ گروءَ واسطي گل پٽڻ لاءِ راجا جي باغ ۾ پٽي گهميا
ـوان رام جڏهن سيتا کي ڏٺو ته غور ڪري هن ڏي نهارڻ لڳا ۽ ڀانيائين ته هوند هر هر
ـسو درشن ڪريان. ان وقت ڀڳوان پنهنجي ڀاءُ لڇمڻ کي چيو ته "هي ڀائا! اسين
ڪل جا آهيون، سو اسان جو ته اهو سهج سڀاءُ آهي ته اسان جو من ڪڏاهن ڪوني رستي
ـ وجي. مگر هن وقت جو منهنجو من هن سندريءَ ڏي هر هر ٿو وڃي ته مان سمجهان
هن کي منهنجي ڏرمپتني ٿيڻو آهي، ته ته سپني ۾ به مون ڪڏهن پرائي استري نـ
آهي." اهو ڏيکاري ٿو ته اِندرين کي ڪنهن ڏرم ۾ رکڻ گهرجي ته سک ملندو ۽ ناجائز
ـ طرف لڳائبو ته دک ۽ ڪليش پراپت ٿيندو. ويد وياس جي لکي ٿو ته ڏرم اهڙي
ـي آهي، جو ان جي ٿـي آـري هيءَ ڏرلـي جل ٿي بيٺي آهي ۽ سورج ۽ چندرما
ـ ۾ هلي رهيا آهن. اِندريون معش کي وشين طرف جو ٿيون وٺي وڃن؟ چاڪاڻ ته
ـ چاهين ٿيون ۽ اُن جي ڀولا ۾ انهن ڪي ٿيون، مگر جن جو من ۽ ٻڌي آتم سک ۾
آهن، انهن جون اندريون ڀو ـڪ موُر ڪين نهون ڳوليٖن ۽ وس ٿي پون ٿيون.
ـڪ سيمت وڏو ڏنوان هو. هڪ رات هن کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو. هڪ وڏو سياڻو

سروُپ کي سمجهڻ لاءِ ڇهه سوال ڪري ٿو:

” (١) مان ديهه آهيان؟ (٢) اُنکان ٻيو اندريون آهيان؟ (٣) اُن کان ٻيو ڇا مان پراڻ آهيان؟ (۴) ڇا آءٌ من آهيان؟ (٥) اُنهن کان به ٻيو مان ٻُڌي آهيان؟ يا (٦) سڀني کان ٻيو ۽ مٿي جو آتما آهي، سو آهيان؟“ جيڪو اهي ڇهه وڪلپ سمجهندو، اهوئي هن شلوڪ جو پورو ارٿ جاڻي سگهندو. سوال ته ڏکيو ئي آهي ته مان ڪير آهيان؟

پورن گرو جواب ۾ چوي ٿو ته ويدن ۾ جيڪو جو اصلي سروُپ لکيل آهي، اهو آهي ته هو ست آهي ۽ شرير اَست، ڪڙ ڀنگر آهي. شري شنڪر آچاريه اُپروڪت اَپوڪ کي لکندي ستو جو پتلو آهي ۽ ڏک سک ان ۾ آهن. باقي آتما ست آنند روُپ آهي. اسين جيڪڏهن شرير هجون ته اُنهن جنمن جي ڪرمن جو ڦل ڪاٿي ڇو ڀوڳيون، جڏهن شرير ته مرڻ لي ساڙيو، دفنايو يا جل ۾ پرواهه ڪيو وڃي ٿو؟ شرير سچ پچ ته هڪ چولو آهي ۽ اُن جيڪو آتما جي ملڪيت آهي. اسين چولا آهيون ته شرير ڏکي يا سکي آهي ته ڇيهو ته چوڻ وارو ڪو ٻيو آهي.

ٻيو سوال: ڀلا مان اندريون آهيان؟ جواب - اهي اندريون ته ان شرير روُپي گهر جا دروازا يا دريون آهن. ڪنهنکي هڪ يا ٻئي اکيون نه آهن، يا هٿ پير نه آهن، ته هو ڪو مري نه ڪونڌ ٿو وڃي. انڪري اندريون به اَلڳ آهن ۽ توُن اهي نه آهين.

ٽيون سوال: ڀلا مان پراڻ آهيان؟ جواب - نه. پراڻ ته شرير روُپي مڪان جا ٿنڀ آهن. آتما ته پراڻن جو به پراڻ آهي، پراڻن کي به جاڻڻ وارو آهي. جي توُن پراڻ هجين ته رات جو جڏهن توُن ننڊ ۾ سمهيل آهين ته به پراڻ ته هلن ٿا، پر جيڪي اُن وقت وهي وايو ٿو اُهو توُن ٿو ڏسين، اُهيجو لوکي ڪو ڪيان ٿو رهي. پراڻن جي وڃڻ لي شرير برابر ڪري ٿو، پر آتما ته نٿو ڪريو ٿئي.

چوٿون سوال: ڀلا مان من هوندس؟ جواب - نه. من ته سنڪلپ ۽ وڪلپ آهي خيال آهي، جو نهي ۽ ڏهي پيو. ڪڏهن ڪهڙو ته ڪڏهن ڪهڙو خيال؛ توُن من به نه آهين.

پنجون سوال: ڀلا مان ٻُڌي آهيان؟ جواب - اسين اڪثر چولدا آهيون ته هيءَ ڳالهه منهنجي عقل يا ٻُڌيءَ ۾ نٿي اچي، ته ڇيهو ته ٻُڌي جدا شيءِ آهي. ٻُڌي ته پنجن پراڻن جو اُلس آهي ۽ آتما کي جاڻڻ واسطي آهي، انڪري آتما جدا آهي.

ڇهين سوال جو جواب: ان ٻُڌيءَ کان جو ٻيو آتما آهي، اهو توُن آهين؛ جو آتما ست، اَبناسي، ست چت آنند روپ آهي. حقيقت راهه هڪ ٻالڪ هوندي به هندو جاتي جو ڪيڏو نه گورو ڏيکاريو؟ ڪيڏو نه ظلم سهاري ڪيائين؟ اهو سڀ ان ڪري هن ۾ اهو وشواس هو ته شرير ڪڙ ڀنگر ۽ آتما اَمر ۽ اَبناسي آهي، جو ڏرم ڦان ڪر اُبعس ڪيائين؟ بڪدم ظالمن کي چيائين ته ”اي ظالمو! اصلي حقيقت کي اوهانجي تلوار بندوق ڪجهه نٿي ڪري سگهي.“ اهوئي سچو گيان آهي، جو اساڻا رشي مني الله رکي آنند ۾ گذاريندا هئا. اهو وچار ۽ گيان هن ملڪ جي گهر گهر ۾ هو، پر هاڻي اوهر ڪ

جن ٻئي ڀيهجيءَ امولڪ واليءَ ۾ ٻڌايو آهي:

لونڊ لوڙي ڏسڻ - پياس نه ٻجهي مون کهٽي،
لالڪ سي اکيان ٻين - جني ڏسندو مان ڀرين.

ڻا نه مون انهن اکين سان درشن ڪيو آهي، پر منهنجي پياس اڃا لٿي ڪانه، ٻر
مون ٻيون آهن، جن سان اُن پرينءَ الله جو درشن ڪري ٿو سگهجي. اهي دوڀ
يءَ ۽ ساڌن دواران اندر ۾ کلن ٿا. نه اندر ۾ ڪمان لڳي ٿو. گمان کان سواءِ انسان
ي. الڳا سچ پچ اهي نه آهن، جن کي ٻاهريون اکيون ڪوٺ آهن، پر جن کي ڏرم
ي پروڙ نه آهي ۽ پنهنجي آئاظهار کي پلي ويا آهن. من صاف ٿيڻ سان ئي اندر ۾ان
ڻا ۽ معش سڀ ڪجهه هڪ برهم جو روپ ٿو سمجهي. ٻاهر کهٽي هوندي نه ان
ٻالهي نڪرن ٿا. جڏن منصور جي ڪمالي ٻون هئي نه هن جي اندر مان اَلحق
جا نعرا ٻالهي ئي نڪتا. جالوس نه جا لون ٻاڻ کي خود خدا ٿو ڪوٺن نه جالون
ن مان انهن جوان نه مونکي ترار سان ماري ڇڏيو، ٻر جڏهن هو سنچ پچ الحق چولدو
ڏهن ڪاٻ ترار معش اثر ئي ڪين ڪندي هئي ۽ انهن سندس بدن مان نڪري
هئي، جڏن هوا مان، چو نه هو ان وقت سچ پچ آتم سروپ ئي ويندو هو ۽ آتما نه
ن سوکم آهي. آتما جو پرڪاش ڪڏاچت نڪي نٿو سگهي. اسانجا سواس ڪالڻ پٽڻ،
ڪري چوطرف الهڻل رهن ٿا، سو انهسڪي ڪلو ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ
ٻالمالون سماڌي لڳائڻ وقت ۽ ڪتا اڀدش شروع ڪرڻ وقت ئي دعا اوم جو اچارن
هن. او چوڻ سان سواس دسولن دقار ۾ اچن ٿا، جتي انهنجو هئڻ ضروري آهي
و سان آهي آئي اسعت ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح ساڌنا ڪري من کي اسٿر ڪرڻو آهي.
پوسمن نه جيز ۽ برهم هڪ آهي يا اسمن آتما آهيون نه اهو ڪافي نه آهي. من جو
ب ۽ آورڻ دُور ڪرڻا آهن ۽ اهو سڀ ڪمائيءَ ۽ يوگ ساڌنائن کانسواءِ ٿي نه
علمي ليافت ته وڏي وستو آهي، پر ڪمالي ٻي چيز آهي. پڄن ٻاڻ جي شڪتي
آهي. انهن سان علم ٿوروڻي هجي نه ته دوله لمتر ڪلي ٿا پون.
ور ۾ ٻالي جڳتاجي شمواليتي هڪ وڏو سمعه ئي گذريو آهي. هڪ رات ڪي
س گانيون چوڙي ڪٽي ويا، ٻر همن جا وڇڙا ڇڏي ويا. سوير صبح جو اُٿي ٻاني
اهو ڏٺو. يڪدم پنهنجن مالهن تي حڪم ڏنائين نه "هي وڇڙا به ٻمرا ڪٽي گانين
ڙن کي پهچائي اچو." ٻاڻ به همن جي پيڇان ويو. دوڙندي دوڙندي جڏهن همن
ن نه هو کين ڏاڍي ٻرمم سان سڏي چوڻ لڳو نه "پيارا! هي وڇڙا به ولي وڃو،
لوڙ آهي نه ٻلي گانيون ڪٽي وڃو، ٻر هي ٻچا مائن کانسواءِ دکي ٿيندا ۽ گانيون نه
نه ڏيندا پون." هو ڏاڍو شرمندا ٿيا ۽ گانيون موٽائي ڏيئي ويا. اهو سڀ ٻڳجي
آهي.

ـه مالاءِ پسعڪ ۾ آيو آهي: هڪ سنت هي کهر ۾ چور: سگهه هئي تمڙيو. سينه

وندراج آهي ۽ ڏنائين تہ واليءَ جو سور آهي. اگرچ اُن سور لاهڻ لاءِ لوڪ ۽ ڄاڻ ڪافي هوا مگر هن خيال ڪيو تہ هنڌ وڏو سمنڊ آهي، سو اهڙيءَ ساديءَ دوا ۾ وشواس ڪين ڪندو سو چيائين تہ ”سائين! خيال نہ ڪريو، ڏاڍيون قيمتي دوائون ڏيئي جهٽ تو سور لاهيان.“ ٣ پڙ ڀسون چالديءَ جي ورقن وغيره سان لاهي ڏنائين ۽ انهن ۾ ڪي طاقت جا ڪا وڌائين. سمنڊ اها دوا کاڌي تہ سور لهي ويس ۽ وند کي دوا جا ڏهہ رپيہ ۽ ٻي ڏنائين جي هو وٺي خوش ٿي ويو. اُن ٿي وند وقت هڪ غريب رويہ اڌ روز ڪمائڻ وارو ساڳي تڪليف لاءِ آيو تہ هن لوڻ ڄاڻ جون پڙيون ڪمس ڏنيون ۽ هڪ پئسو ورتائين. هو بہ لڏي ٿي پيو. دوا ٻنهي کي ساڳي ڏنائين، پر هڪ کي قائد بادب سان ۽ ٻئي کي سادي نموني سروج پرڪاش ۾ آيل هن درشتانت لاءِ سمجهايل آهي تہ چڻ ٿي جڳن ۾ جنم مرڻ جي دک ۽ چڪر ۾ ڦاسڻ سان دور ٿيڻو آهي يعني نام روپي ڄاڻ ۽ پريم روپي لوڻ. انهن ستل سياءِ روپي جل ملائڻو آهي. اهو پيئڻو تہ سڀ دک دور ٿي ويندا. سَت جڳ ۾ ماڻهن هزارن لکن ورهين عمر وارا ۽ ڀاري ڏنوان هوا، سو ويدن هُنن لاءِ تپسيا لکي، هو ايڏي عمر نہ تہ سندن ڪيئن گذري ها؟ تپسيا ۾ نام بہ جپين ۽ پريم بہ ايڏو سان رکن ڪليائڻ ٿئين. هو ڪلجڳ ۾ عمر آهي ٿورڙي، من ملين، شرير روڳي ۽ تامسي سياهہ وارو وڳهن گهڻا، ان ڪري اها تپسيا ممڪن نہ آهي. ڪلجگ ۾ دکن دور ڪرڻ لاءِ رکيو پريم سان نام جپڻ ۽ سيتل سياءِ رکڻ ٿي ڪافي آهي، جنهن لاءِ من کي اسٿت ڪرڻو پوندو ستسنگ دوارا. وڏا وڏا ساڌو مهاتمائون سڀ ستسنگ مان ٿي ان اوچ اوسٿا تي پهتا آهن پيلٽيءَ جونا پير ڪارائي رام کي وس ڪيو. اهو سڀ سندس نام جپڻ ۽ پريم جو ڦل هو جپ تپ آدي ساڌن بہ وڏا آهن، پر پريم جهڙو ٻيو اوچو ساڌن نہ آهي. ڪي ٻاهريون سپا تہ ڏاڍو سيتل رکندا آهن، پر اندر ۾ غير هوندو اٿن ۽ چال نرڙهي. اندر ٻاهر هڪ جهڙ رهڻ ٿي سچي سنت جو لڇڻ آهي.

سنڌ جي سنت ڪوي سواميءَ فرمايو آهي:

ڪيو جنهن سنت سنگ، ٻاڻ ڪئي پريم سان، سهجي لڌهن پرش کي لڳو آلم رنگ،

مينائين مستڪ لسون ورڌانا جو انگ، سامي ٿيو سربنگ، ڏسي سار سروپ کي.

شلوڪ ١٠. اُهو (آتم)، جو هڪ ديهہ مان ٻيءَ ديهہ ۾ ويندڙ آهي يا هڪ ديهہ ۾ رهي گڻن دواران وشين جو ڀوڳ ڪندڙ آهي، سي مُوڙهہ پرش نٿا ڏسي سگهن، پر جن کي گيان نيتر آهن، اُهي ئي اُن کي پسي ٿا سگهن.

اسان جا ٻاهريان نيتر سڀ روپ رنگ چڱا يا برا ڏسي سگهن ٿا، پر آتما جو وڄهو آهي، اُن کي ڏسڻ لاءِ اهي نيتر اَسمرٿ آهن ۽ اندريان يا دويہ نيتر کپن. جهڙ شيءِ سوکم آهي، ان کي ڏسڻ لاءِ بہ سوکم چڪو کپي. آتما تہ اڪ ۾ باالل سرمي کان بہ ڪ وڄهو آهي، تہ ڀي ٻاهريان نيڻ اُن کي ڪيئن ڏسي سگهندا؟

، انهيءَ ڪري انهن کي اهي ئي ڀوڳ ملن ٿا، جي فقط اکين سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، يا شڪ
ڪن ٿا، انهيءَ ڪري اهي ڀوڳ انهن کي اهو ئي ٿا ڏين. انهيءَ ڪري ارجن کي چيو ويو ته انهن ڀوڳن ۾ ڦاسڻ نه گهرجي.
ڀوڳن ۾ نه جيڪو ڀڄي من سان ٻڌي، ٻڌو وارو ٿيو ٿو، موٽي ڪڏهن ٿو، انکي ملي
ڀوڳن ۾ سرشت تو سمجهان. هن هلڪي ۾ اچڻ آهي فقط ڪم آيل آهي. ان جو
آهي ته جيڪي ڪئي جو قدر لڳا ڄاڻن، جنهن ڀرمالا هڻڻ ۽ اڻ مڃڻ جهلو ڏنو آهي،
سڪ، ڏن ٻڌاري ڏنا آهن، انجو اپڪار نڪا موڙي ڪري سگهجن آهن، انهن لاءِ آتما
جاڻڻ ناممڪن آهي، جو نه هن جو ورڪ زندهه نه آهي. هنجا سڀ اپاءَ، ڀتن، ڪنالا
نا ورجن. جيئن گهاٽي ۾ بدل بيل سارو ڏينهن چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو ۽ ڏينهن
پترا ٿي ميل هلي ٿو، پر شام جو جڏهن کيس کولجي ٿو ته اڃا اتي ئي ڏسجي، جت
ٻڌ ٿي ڪونه ڪيو ائس. ممڪن جا نه سڀ ڀتن اجايا ٿا وڃن ۽ هو اصلي منزل مقصود
پهچڻ نه ٿا، پر وڃي ٻه لڳا وڃن جيڪي پرمشور، گروءَ، سنتن مهاتمائن، اپڪار
ڏن ۽ مائٽ پتا جو قدر لڳا ڪن، اهي ممڪ ٿا ليکجن. سڀ ساڌ نائون پرم پد پائڻ جو ن
هر ۾ ٿي ڪري سگهجن ليون. عيش آرام جو سامان نه ڪتن ٻلن کي به ملي ٿو. انهن
جا گهر لاهيا آهن ۽ انهن ۾ رهن ٿا. سيني ٻلن، ٻڪن، جهتن جٺين کي ڪاڏي ڀتي،
وغيره جا سک ملن ٿا، پر هڪ منش جوني آهي، جا مڪتيءَ جو دروازو آهي ۽
جي مڪتيءَ لاءِ ڪوشش نه ڪئي ته چوراسيءَ جو چڪر ڪاٽڻو پوندو ۽ اهي شڪر ۽
ـمن ليکجن.

ـڪ مکيو بزار ۾ هڪ ستسنگيءَ جي دڪان تان ٽڪ پيڙ آيو ۽ چوڻ لڳو ته ”غريب
، پئسو ڏيو.“ دڪاندار وڃارو ان هو. پڇيائينس ته ”ڀائي! ڪيئن غريب آهين؟ مايا
ٻرار ٻتي انوسار ملي ٿو، پر توں غريب نه نه آهين. مان توکي هڪ هزار روپيه ٿو ڏيان،
ـهنجي اک ڪڍي ڏيندين؟“ چوڻ لڳو ته ”سائين! اهو وري ڪيئن ٿيندو؟“
ـدار ٻ، ٿي آخر ڏهه هزار هڪ اک جا ڏيڻا ڪيا، پر هن نه مڃيو. کيس سمجهايائين ته
ـ چمڙي جي نڪر لاءِ توکي ڏهه هزار ملن ٿا، ته به نٿو وٺين ۽ اهڙا قيمتي انگ ڀڳوان توکي
ـن. انهن لاءِ شڪرگذاري ڪرڻ بدران تون ڀاڳ کي غريب ٿو ڪوٺائين! اهو پرمالما
ـمل اپڪار جو تون ايمان ڪري رهيو آهين. اها ڪرتگهنتا آهي.“

ـڪ جوتشيءَ وٽ جوتش علم سکڻ لاءِ هڪ ماڻهو ويو. ٻارهن سال ونس رهي ودّيا
. گروءَ به دل کولي هن کي علم ڏنو ۽ هو به چڱو قابل ٿيو. سکڻ هڪ ڳالهه آهي،
، زندگي ٻي ڳالهه آهي. ان علم تي عمل ڪرڻ لاءِ گروءَ چيس ته ”هت رهه ته
ـن.“ هو رهي جوتش جو خوب ڪم ڪرڻ لڳو. چڱي ڪمائي ٿيڻ لڳي. خيال آيس
ـ مان ٿو ڪريان، گرو نه هاڻي ٻلڪ ئي سمهيو پيو آهي، پر ڪمائي سڀ هو ٿو
ـن جو ڪريان؟ مان موڪلائي هليو ٿو وڃان. اهو ڪونه سمجهيائين ته گروءَ جو منش
ـه اپڪار هو. گروجن نه انترامي هئا ۽ وري جوتش ودّيا ۾ قابل، سو هنجي اندر

ٻجن ۾ وڌلو هو ۽ سمجهائين ته ڪو ضرورت وارو هوندو، ٻڌي سڀڪجهه ڪڍي وجهي. هن وقت هتا رکيو ناسڳ. چور آهي سب ڪنيا ته ڳوڙ پوڄي پيس ۽ اُن سڀڪجهه مان لڪري نه سگهي. چور اُن سڀڪجهه کي لڪ لڪ ڪري وڏي ڪرڻ لڳو. مهاتما ان لاءِ چيس ته "پيارا تڪليف ڇو ٿو ڪرين؟ ته داڪيما ڪري ڪڍي ڪڍ." اهو آواز هنجي من کي ڦيرائڻ لاءِ جڳ لوپ جو گولو هو. هنجو اندر ڪڍي پيو، هنجو ضمير سهاري نه سگهيو ۽ اچي سنت جي پيرن تي ڪري معافي لڳو. مهاتما هنکي ڌرم جو وسيع اُپڪار ڪيو ۽ هنجو من اهڙو شڌ ٿي پيو، جو پوءِ هو وڏو سڌ پورش ٿي پيو. سڀ شاستر اهو ٿا ٻڌائين ته ساڌنا ۽ اڀياس سان من شڌ ٿيندو. وسمت مڃيءَ ڪان وڏيڪ گيانوان اُن سمي پيو ڪم هئو، پر هو ته ٻڌوي ٿا راڄ جي منڊر ۾ وجهي ساڌنائون ڪندو هو. هوليءَ طرف سندس سماڌيءَ جون جايون اڄ تائين موجود آهن. هن لاءِ به اهو ضروري هو، پر اُچ ڪو چار اکر ٿو سگهي ۽ ٿورولي سنسڪ ڪري ٿو ته سمجهي ٿو ته مون جهڙو ڪو آهيئي ڪونه ۽ مون سڀڪجهه ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوان ته صاف لکو چوي ته اُن آتما کي ڏسڻ لاءِ گيان جا نيتر کپن. واهو مثال هڪ آهي ۽ من کي صاف ڪيو ته ڪيترو ته پوري ڪا شيءِ هوندي ته ڏسڻ ۾ ايندي. ڪنهن ٿلهه جو پاڻي صاف ۽ اسٿر هوندو آهي ته تري ۾ پيل شيون اکين ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جڏهن ان سان پيون آهن. جيتري من جي گهٽي اوجلتا، اوترو اندر ۾ وڌيڪ پرڪاش ٿيندو. اسانجو انتهڪرڻ ته ٿهيل ٿي سالوڪي وسٿن جو آهي ۽ اصل ۾ ته اوجل ۽ صاف آهي، پر رڳو ٻاهران مايا جو مٽي لڳي ويو آهي، جو دور ڪرڻو آهي. گيان نيتر لاءِ ته پوءِ هڪ پرهم ڪالسواءِ پيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ايندو. جهڙي سمنڊ ۾ رڳو جل ۽ ٻڊٻدا، لهرون، ڳاج وغيره، جي جدا پيا ڏسجن، پر سڀ اُن جل جا ئي روپ آهن ۽ جل ئي آهن. اهو گيان ئي سچو گيان آهي.

شلوڪ ١١. يوگي پرش، جي [پوُرنتا لاءِ] يتن ڪن ٿا، اُهي اُن آتما کي پنهنجي اندر ۾ ئي ڏسن ٿا؛ پر اَوويڪي يا ڪرتگهن ۽ مُورک پرش ڪوشش ڪندي به اُن جو درشن نٿا ڪري سگهن.

جن جو انتهڪرڻ صاف ۽ شڌ ٿيو آهي، اُهي شاستري گيان پرائي، مَنن ۽ ندڌياس جو اڀياس ڪري، پنهنجي پاڻ ۾ آتما کي ڏسن ٿا. مطلب ته اول ويدن شاسترن ۾ ٻڌايل ڪرم نشڪام ٿي ڪرڻ سان هردي کي شڌ ڪرڻو آهي، پر جي اهو نه ڪيو اٿئون ته ڪجهه به نه ٿيو، مَنن ۽ ندڌياس وارا ساڌن ڪندا سون ته آتما جو ساڪشاتڪار ڪين ڪري سگهندا سون. هن شلوڪ ۾ يوگيءَ جو مطلب آهي جيڪو من کي شڌ ڪري، آتما سان هڪ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رهي؛ ۽ اهو جنهن کي ڦاڙائي محداوڻ ٻائيون آهن. دان، تپ، تيرٿ اشنان، شمرا چاڪريءَ وغيره سان به من جو مٽل دور ٿئي ٿو.

• جنهن اڌياءِ ۾ ٿا ڀڳوان چئي آيو آهي ته جيڪي شرير کي ڌڪ ڏيئي، دولهون نڪتل جل، آڳ، ٿڌ ٿا گهمي ۽ وهن ٿا، انهڪان ٿري سرپڇ آهن. جيڪي رڳو شاستري ڪ

شلوڪ ١٣. پرٿويءَ ۾ پيهي (استٿت ٿي)، آءٌ سڀني جيون کي پنهنجي
شڪتيءَ سان ڌارڻ ڪريان ٿو ۽ چندرما ۾ رس روپ ٿي آءٌ سڀني ٻوٽين ۽
ٻوٽين (اَن، گل، ميون ۽ اوشڌين) کي رس ۽ طاقت ڏيان ٿو.

پرماتما ڪنهن لکو پنهنجي شڪتي سان سارو برهمانڊ هلائي ۽ پالي ان جو هتي ڀڳوان
ذڪر ڪري. ان برهمانڊ جون سڀ شيون هن انسان جي ڀلائي لاءِ سندس اڳيان رکيون
. ڪي وڏيون ساڻس جا ڀيارا آهن، جي انهن پرماتما جي ڏنل ڏاتن جو قدر ڪن ٿا.
. عام طرح لوڪ صحيح شڪر ڏيئي ڏاتين ۽ شرير جي پوڄا ۾ لڳي هي جنم وڃائي
ا آهن ۽ هي لوڪ مان وڃي روانا ٿين ٿا.

درشٽانت: هڪ راجا هو، جنهن کي ٣٦٥ ڏاسون هيون. هرهڪ کي سال ۾ هڪ رات
ي هئي. هڪ ڏينهن جنهن راڻيءَ جو وارو هو، ان ڏاڍي پريم سان بندوبست ڪيو ۽
سجايو ته منهنجو پيارو راجا اڄ رات مون وٽ ايندو. هوڏانهن راجا کي ان وقت راڄ جو
و ڪم لڳي ويو ۽ رات جا ١١-١٢ لڳي ويا ۽ آخر هڪ ۾ ٿي ويو. راڻي انتظار ڪندي
دي غفلت ۾ اچي وئي ۽ ستي پيئي. داسيءَ کي چيائين ته ٿون خيال رکج، جو راجا
و ۽ منهنجي رات نه وڃي. راجا آخر ٣ بجي پرڀات جو آيو ۽ ڏٺائين ته سڀ سمهيا پيا
. اندر ڪوڙي ٻاهر ٻه سمهي پيو ۽ ٦ بجي اٿي سنان پاڻي ڪري هليو ويو. راڻي
ي ته ننڊ کان ڇيائين ته هن پڇائس ته ڪيئن. ۾ ننڊ اچي وئي هئي. راڻي هاءِ هاءِ
ي ڀڄائڻ لڳي ۽ وري ١٢ مهينا ترسڻو پيس. انسان جو ۾ اهڙي حال آهي. جي هيءَ
جنم غفلت ۾ وڃائيندس، ته وري الڪ جونين ۾ ڀٽڪڻو پوندو. هن راڻيءَ کي ته سال
پوءِ راجا جي ملڻ جي اميد هئي، پر انسان کي خبر نه آهي ته ڪيترا جنم ترسڻو ۽ ڀٽڪڻو
رکيو ٿي ملش جنم ملڻ واسطي. انسان جو پيارو آتمارام ته انسان جي اندر لڪي ويٺو آهي
راجي پيارو وانگر ٻاهران ڪونه اچڻو آهي. هو ته انسان جي انتهڪرڻ روپي سيجا ڏي
ڪرڻ وارو آهي، پر ان انتهڪرڻ کي شڌ ۽ پوتر ڪرڻو ضروري آهي، تڏهن ئي
ايندو ۽ مطلب جو سک ڏيندو. اسين ڏيئي ڪمن، وڙهڻ ڪرڻ لاءِ نه هروقت
۽ چڱا ڀلا پيا لڳون، پر پرماتما جي وات ۾ پيڊ ڪرڻ وقت پاڻ کي بيمار پيا سمجهون ۽
۽ ننڊ ۾ وقت ڪوهيو وڃون. ڏرم ٻيج جي ڪرڻ وقت پيا گهبرايون ۽ ناٽڪن تماشن ڏسڻ
ڪدم تيار ٿيو وڃون ٿا ۽ انهن پيا سمجهون، جڏهن انهن مان ئي اسانجا ڏک ڏور ٿيڻا آهن.
اهڪ سوهه ٻيج ته اهي سڀ ڪرم ڏک ڪلمش ڏيڻ وارا آهن.

پرماتما هڪ هڪ پيداوار ۾ پاڻ پنهنجي سعا وجهي انسان کي ڏني ٿو، پر اسين ڪيئن
ي، پس وانگر جيون ٿا گهاريون. انسان جو ته اهو فرض آهي ته جنهن پرماتما جي جوت
ڪني هرهڪ جيو ۽ پيداوار ۾ آهي، ان کي ياد ڪري هٿن جا ٿورا مڃي، سندس
و ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪرليون ۽ نه سندس ٿورو وساري، اهي لوڪ پرلوڪ وڃايون.

جي ڏٺا جا لي ويا. هڪ ڏينهن شش چيو تہ "گروجي! مونکي ڪيترا ڏينهن ڪهڙا لڪل
لي ويا آهن. هاڻي موڪل ڏيو تہ وڃان." گروءَ جي پراوٿنا تہ ٻاڪ سان هلي ۽ ودا ٿيس
لي. هو ويو هليو، مگر ڪنهن تي بہ ڪوشش ڪري تہ روز هڪ روٽي کان مٿي نہ ٻيو
ملئس. مطلب تہ هن ڪٿي جو قدر نہ ڪيو تہ سڌس ودا ٿلي اپوت نہ لي. جڏهن
گرو ڪوش لي ڪجهہ وقت ڪالهوءَ ٻالهو ڪئس موڪل ڏني ها تہ هونئن آسمس بہ ملئس ها
۽ سڌس علم ڪيس آذي جلدي ها. ان طرح سيلمن وقت بہ ڪيترا جوان ڪم سگهجن ٿا،
پر ڪم سکي هنن کان جدا لي ڏنڊو ڪن ٿا. جا اهڙا ماڻهو سلوا ليندا؟ اهڙي سلوا ليندا،
جي سيلمن جي پر آهڪار جو قدر ڪري، هيٺي هوشي حاصل ڪري، سڌن مرضيءَ سان
جدا ليندا، نہ تہ روٽيءَ جو گذارو بہ ليندن ۽ ٻيو ڏنڪ نہ. هن مثل جو پورو قدر
ڪرڻو آهي تہ هروقت پرماتما جو لڙڙو مڃجي.

شلوڪ ١٢. سُورج ۾ جيڪو تيج آهي، جنهن سان هي سارو جڳت روشن
ٿئي ٿو، چندرما ۾ جيڪو پرڪاش آهي ۽ آڳنيءَ ۾ پڻ جيڪو تاءُ آهي، اهو
سڀ تون مون مان ئي پاڻل جاڻ.

ڀڳوان صاف ٿو چوي تہ سچ چند، اڳني وغيرہ ۾ جيڪو بہ تيج، پرڪاش، جالدلي
وغيرہ آهن، سو سڀ هنن منهجائس لي حاصل ڪيو آهي. جيئونڪ پرماتما جو پرڪاش
تہ هر جيو ۽ پدارٿ ۾ هڪ سمان آهي، پر سورج، چندرما ۽ اڳني لرل سعوڪلي آهن. ان
ڪري سڌس تيج ۽ پرڪاش وغيرہ گرهڻ ڪري، تنهي نوڪن کي ڀيجالين ٿا. ٻولي
۾ جا گنڌ شڪتي آهي، جنهنڪري گلن، ميون، ڀاڄين ۽ اناج ۾ سگنڌ، رس وغيرہ ...
اهي سڀ پيدا لين ٿا، اها سموري پرماتما مان حاصل ٿيل آهي. سڀني پراڻين ۾ جيون شڪتي
پاڻ آهي. لهمن پر لهسا جي شڪتي بہ هوئي آهي. جل ۾ جو رس آهي، اهو بہ هو پاڻ آهي
جڏهن ڏيکتا هون، اڏر لون ئي لون هڪ - ڪ هر هيءَ ۾ جلوا لمرا هوَيهوُ هڪ.
گرو نانڪ صاحب جيڪا "گگن ۾ ٿال" واري آرتي هڪ لائق جي مندر ۾ اچاري
آهي، ان ۾ بہ گروجن چيو آهي:

سڀ ۾ جوت، جوت هڪ سوئي،
تس دي چانڻ سڀ مهہ چانڻ هوئي؛
گر ساکڻي جوت پرگهٽ هوءِ،
جو تس ڀاوي، س آرتي هوءِ.

ان جوت کي پرگهٽ ڪرڻ ٿو رهن ٿاءِ آڏ جي. اپديش لي هلڻو پوندو، ڪامل سڪ
دل ۾ من جا سڀ روڳ دور ڪري لو. جن کي گرڪا، لوڀ ۽ انل وشواس آهي، اهي
ڀول ڀڳوان دَرشن ڏيندو؟ هتي جو التهڪرڻ لا لي جڪهو آهي، هنن لاءِ ڪجهہ
، هنو لي ڪول آهي. هو تہ جڏ سڀ ٻنڀا لوڻ لهرا ڪري جهڪا آهن

...ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته ڪنهن ڪاليءَ کان وٺي برهما تائين سڀني جيون جي هردي ۾ مان ئي ٿو
...ن ۽ جيڪا به يادگيري يا جيڪو به گيان انهن کي ٿئي ٿو يا انهن جو وري ناس ٿو ٿئي،
سڀ مون مان ئي ٿو ٿئي. شبد ڪرم ڪري ڪٿوان پرش کي گيان ۽ سمرتي پيدا ٿي رهن
...پاپ ڪرم ڪندڙن وٽان انهن پاپن ڪري اهي هليا ٿا وڃن ۽ لٽا رهن. ويدن الوسار
...ڪي ڄاڻڻ لائق آهي، ويدانت جو ڪرتا (ويد وياس، جنهن ١٨ پراڻ لکيا آهن) ۽ ويدن
...سکيا کي پوريءَ طرح ڄاڻندڙ هڪ مان ئي آهيان. ڀڳوان پاڻ ئي ويد وياس جو
...وٺي اهي پران ۽ برهم سوتر وغيره شاستر لکيا آهن ۽ پاڻ ئي جدا جدا رشين منين جو
...ڳاري، ويدن کي پڙهيو ۽ سمجهيو آهي ۽ جنهن پوم پرش جي درشن لاءِ سڀ ويد
...چون ٿا، اهو به هو پاڻ ئي آهي. مطلب ته ساري برهمانڊ ۾ سڀ ڪجهه هڪ ايشور ئي
...، ٻيو ڪجهه آهيئي ڪونه. پرماتما جي شڪتيءَ سان ئي منش وڏا وڏا عقل ۽ ٻڌيءَ
...ڪم ڪري ٿو، پر جڏهن پرماتما چاهي ٿو، تڏهن هن جي اها ٻڌي ۽ سمرتي ناس ٿي
...ٿي ۽ انسان بيوس ٿيو پوي. ڪو ماڻهو بيمار ٿئي ٿو ته هن جا سڀ عزيز يتن ڪن ٿا
...جي صحت ٺاهڻ لاءِ، پر ان هوندي به هو نٿو بچي. هن جي مرڻ کان پوءِ اسين
...دا آهيون ته فلاڻو ڊاڪٽر يا حڪيم گهرايون ها يا فلاڻي دوا ڏيون ها، مگر
وساري ٿا ڇڏيون ته اسان کي هلائڻ واري شڪتي به ڀڳوان پاڻ آهي. اسان جو وس ئي
...و آهي؟ سڀني جي هردي ۾ ويٺي، هوئي سڀ ڪجهه ڪري ۽ ڪرائي رهيو آهي.
...کو هميشه ايشور جي اڇا تي هلڻ ٿو چاهي، اهو هميشه سکي ۽ آنند ۾ رهي ٿو. ڇهه
...آهن ۽ ڇهن ئي ۾ اپديش ۽ وچار جدا جدا ڏنل آهن، انهن جا رچيندڙ به جدا جدا
...پر آخرين مقصد ڇهن جو هڪ ئي آهي ۽ اهي ڇهه ئي رچيندڙ پڻ ڀڳوان جا روپ
۽ انهن ۾ جنهن پوم پرک جي پاڻ بابت گيان آهي، اهو پوم پرش ڀڳوان به پاڻ آهي.
...س ياڳه" پستڪ ۾ ڪنهن فقير فرمايو آهي ته اسين رات جو پڪو خيال ڪري ٿا سمهون
...اٿي هي ڪم ڪبو، مگر اُٿڻ شرط اسان جو خيال ئي بدلجي ٿو وڃي. رات جو ننڊ ۾
...جي صلاح ملي، جو ڪيل فيصلو ئي ڦري ويو؟ مطلب ته اندر ۾ خيال آڻڻ ۽ ڦيرائڻ
...ڪو ويٺو آهي، مگر اسين مُٺ ميريءَ ۾ لڪا پيا آهيون.

...ڪ شڪاري شڪار ڪرڻ ويو. جار ۾ هڪ جهرڪيءَ جهڙو پکي آيس، جو هٿو ڏاڍو
...پيو ڪو به پکي نه ڦاٿس، ان پکيءَ سمجهيو ته مونکي ڪٿي هليو ويندو. اهو پکي مادي
...شڪاريءَ کي چوڻ لڳي ته "هي ڀائي! لوڀ ڏاڍو خراب آهي. ڪڏهن به لوڀ
...ڪجي. مون لوڀ ڪيو ته تنهنجي جار ۾ ڦاٿي آهيان. تون به لوڀ ڪندين ته ضرور
ڦاٿيندين." هو چوڻ لڳو ته "مان ڪو بي سمجهه آهيان ڇا؟" خير ڏهاڪو قدم اڳتي
...ان پکيءَ چيس ته "هي شڪاري! جار ٿورو ڍرو ڪر، منهنجي ولر جو وقت آهي
...ولر ڪندي آهيان ته ٻه موتي لڪرندا آهن. اهي تون ڪٺي وٺج." هو ڏوکي پراڻي
جار ڪٺي ڍرو ڪيائين ته پکي ٻڪدم لڪري اڏامي وئي. شڪاريءَ چيو ته "هي

شلوڪ ١٤. مان ئي جٺرا اگني ٿي ڪري، پراڻي ماترن جي ديهن ۾ لسٽت ٿي رهان ٿو ۽ پران اپان ٻنهي سان گڏجي، چئن پرڪارن جي کاڌي کي پچايان (هضم ڪريان) ٿو.

چئن قسمن جا کاڌ کهڙا آهن؟ ڀڪرا ڀڪشڻ وارا، جن کي چٻاڙي کائجي ٿو، يا جن کي پوجهه ٿو سڌجي يعني جهڪي جب لڳائي گرڪائي وڃجن (کير، چانهه، پاڻي، سوپ وغيره) يا ڏڪ ڀري کائي وڃجن ۽ ڏند کهڙي ۽ هلائڻا پون. ٽيان آهن ليهه، يعني جيڪي چٽي کائجن (چٽڻي، ماکي وغيره) ۽ چوٿان آهن چوُشيه، جن کي چوسجي ٿو يا گهٽي ٿو وڃجي (جئن ڪمند، نارنگيون، ليمون، سنگترا، ڪنمترا وغيره). انهن چئن ۾ هرهڪ قسم جا کاڌي ۽ پيئي جا پدارٿ اچي ٿا وڃن. ڀڳوان چوي ٿو ته انهن سڀني کاڌن پيئڻ کي هر ڪنهن جي اندر پچائڻ يا هضم ڪرڻ واري شڪتي مان آهيان. اِن کي جٺراگني به ڪوٺجي ٿو. چئن ئي قسمن جو کاڌو لائق پوڄڻ سوم (امرت) روپ آهي. ان طرح اها اگني ۽ سوم ٻئي سموري سنسار جو روپ آهن. جيڪو پراڻي اهو ڌيان ڪري ته سارو برهمانڊ کائڻ وارو ۽ کاڌي جي روپ ۾ آهي، اهو اگني ۽ سوم جوڙي ٻڌايل آهي ۽ هيئيون سنسڪرت جو شلوڪ پڙهي پوڄن ڪري ٿو. ان کي کهڙي به قسم جو اَن دوش ڪونه لڳي يعني اَن ۾ کي ابوڙتايون آهن، ته اُن جو پاپ ڪونه لڳي:

اُهم اَگنِر وَشوا ڏُرو ڀوڪتا،
بِرو شَهَ لِپِي، دِ سِعِر ڀُنجتي.

مهاتما شيوا داس پنهنجي اٿو مان "آسلوڪيون" ڪالي پستڪ ۾ چوي ٿو ته جڏهن مون اچي سر لي پهي ٿو ۽ سمجهون ٿا ته هاڻي بچڻ مشڪل آهي، تڏهن ياد اچي ٿو ته ڪجهه دان پن ڪريان، مگر جڏهن طاقت هئي، سواس جهڙا هليا ٿي، تڏهن ته اهو خيال نه آيو، ته هي امولڪ جنم پاڻي جو آيو آهيان، ان جو به ڪو حساب ڏيڻو اٿم. مرڻ وقت ته ڪير ٻالهه به نه ڏيندو ۽ پاڻ پوس ٿي پيو رهيو. سڀڪجهه ٻين جي حوالي ڪيوسين، سي ته اڪر به نه ٻڌندا. ڌرم شاستر چون ٿا ته جي ڪجهه ڪرڻو هجو ته جهڙي، جڏهن شڪتي آهي، اُن وقت ڪريو، نه ته ڌرم راج وٽ ته گنهگار اوهان ٿيندا ۽ ڪوبه سبب ٻڌو نه ويندو. راوڻ کي ڪيڏو نه ڌن پدارٿ هو، سڄي ساري لنڪا سون جي هئي، پر ڪجهه دان پن نه ڪيائين، هيڪاري رشين منين کي به ڏک ڏنائين. ڌن هوندي جيڪو جانئز ورتاءُ ڪري ٿو، اهوئي سکي ٿو رهي. مايا نرواهه لاءِ آهي ۽ نه سڙي رکڻ لاءِ.

شلوڪ ١٥. آءٌ ئي سڀني جيون جي هردي ۾ وسان ٿو ۽ سمرتي (يادگيري) ۽ گيان ٻئي مون مان حاصل ٿين ٿا ۽ وري انهن جو اپاءُ (ناس ٿيڻ) پڻ منهنجي ڪري آهي. سڀني ويدن ۾ جو ڄاڻڻ يوڳيه آهي، سو مان آهيان. مان ئي ويدانت جو ڪرتا ۽ ويدن کي ڄاڻندڙ آهيان.

...م آهي ۽ ساري برهمانڊ ۾ جيڪي بہ ٿي رهيو آهي، اهو سندس اڇا ۽ حڪم انوسار،
...سڀ وهنوار اجلا آهن. سندس اڇا ۽ آگيا کان سواءِ وڻ جو هڪ پن بہ نٿو لڏي سگهي.
...ي سوال ٿو اٿي تہ جي ائين آهي تہ اسين جي پاپ ڪرم ٿا ڪريون يا گهٽ وڌ ٿا هلون
...اسان لئي ڇو ٿا ڀڄڻ پون ۽ اسان کي ڇو ٿي سزا ملي ۽ ڇا جي لاءِ ٿو چيو وڃي تہ شڀ
...رم ڪريو، وغيره؟ اهو وڏو سوال آهي، پر اڳيان ٻيو سوال آهي. جيڪو سورج وٽ ويهتو
...ي، اهو ڪڏهن ڪونہ ڀڄندو تہ انڌيرو ڇا آهي؟ ڇو تہ هو انڌيرو ڏسي ئي ڪونہ ٿو.
...طرح جيڪو مالڪ جي حڪم انوسار هلي ٿو، ان کان پاپ ڪرم ٿيندا ڪيئن؟ هن جو
...هڪرڻ اهڙو تہ شد ٿي پوي ٿو، جو هو ڪوبہ پاپ ڪرم ڪداچت ڪين ڪندو. ڀڳوان
...آگيا ڪهڙي آهي، جنهن تي اسان کي هلڻو آهي؟ ان جو جواب آهي تہ ويدن،
...سترن، پراڻن، سمرتين ۾ جيڪي ڪرڻ لاءِ حڪم ٿيل آهي، اهائي سندس آگيا آهي. اها
...ا آهي تہ ڌرم انوسار هلو ۽ اڌرم طرف خيال بہ نہ ڪريو. مثل جون اڇائون تہ ڪڏهن
...پوريون نہ ٿيون آهن. سو جيڪو هڪ ايشور جي اڇا تي هلي ٿو، اهوئي ڪٿي ٿو. راوڻ
...هن مرڻ تي هو، ڪڏهن ظاهر ڪيو هوائين تہ مونکي ڇهہ اڇائون من ۾ هيون، پر افسوس
...هڪ بہ انهن مان پوري نہ ٿي ۽ مان سڀ دل ۾ ئي هلندو ٿو وڃان، ڇاڪاڻ تہ مون
...رو سان وير رکيو. اهي سندس ڇهہ اڇائون هي هيون: هڪ تہ لنڪا جي چوطرف جو سمنڊ
...وهن لئي سمنڊ آهي، انهيءَ کارو پاڻي مٺو ٿي پوي. ٻي اڇا هيس تہ لنڪا کان سرڳ
...ن ڏاڪڻ ٺهرايان تہ ماڻهو سولو اچي وڃي سگهن. ٽين خواهش هيس تہ لنڪا کي سڳند
...ڀ ڪري ڇڏيان، هر هڪ مڪان، ديوار، ٻاهر، اندر سڳند ئي سڳند اچي. چوٿون وچار
...س تہ لنڪا ۾ ماتا پتا جي جيئري پٽ نہ مري. يمراج کي سڌو ڪري اهڙو ڪائيس وچن
...ي. پنجين اڇا هيس تہ هي جي آشائون ترشنائون آهن، انهن کي بند ڪري ڇڏيان يا اهڙو
...و، جو ڪنهن کي بہ نہ ستائين. ڇهين آشا هيس تہ ڪال کي پنهنجي وس ڪريان. راوڻ جي
...۾ سڀ ديو ديوتائون هوا ۽ سندس حڪم انوسار سندس شيوا بہ ڪندا هوا. هن کي
...هو، ڌن پدارٿ بہ هوا، پر اهڙي جون بہ اڇائون پوريون نہ ٿيون، هو بہ ڪوچ ڪري
...ويو. نہ فقط اهي اڇائون پوريون نہ ٿيس، پر سڀ ڪجهہ انهن جي ابتڙ ٿيو. مرڻ وقت
...ڻ کي چيائين تہ "منهنجي اهائي سکيا آهي تہ اڇائن جو پورن ٿيڻ تہ ڀڳوان رام جي وس
...۽ جيڪي هو چاهي ٿو، اهوئي پيو ٿئي."

حڪمي اندر سڀڪو، ٻاهر حڪم نہ ڪوءِ،
نانڪ حڪمي جي بجهي، تہ هؤمي ڪهي نہ ڪوءِ.

ڀڳوان ارجن کي سمجهائي ٿو تہ ڪرڻ ڪرائڻ وارو تہ مان آهيان، تون رڳو نمت ماتر
...ن. اٿي نشڪام ٿي، پنهنجا فرض پورا ڪر ۽ کتري ڌرم جو پالن ڪري يڌ ڪر تہ تنهنجو
...ٿئي.

ڇا ؟" هن چيس ته "مون ته تو کي صاف صاف سمجهايو ته لوهه ۾ سان ٻرندي آهي، ته به اهو ڪاٺ ٻرندو نه ٿو ڏسجي. اها ڳالهه هن ڪڏهن ڏٺي به هئي؟ ڪڏهن ٻڪي ۽ مولي ڏٺيون آهن ؟ لوڪي لوهه وس ڪا سمجهه ني نه رهي." اها ڳالهه به پرماتما جي ئي آهي ته ڏيکاري. اها به هن جي ئي شڪتيءَ جو اظهار آهي. هو جيڪي چاهي، سو ئي ڪرائي. ان وقت انسان جو عقل ڪجهه ڪم نه ڪري سگهي. شاسترن ۾ اهڙا اڳيڪ مثال اچن ٿا. ڇا يڌشٽر کي خبر نه هئي ته جوا برو ڪم آهي ؟ ڪهڙن جا خانا خراب ڪيا اٿس ؟ ڇا هو ڪو اڻ ڄاڻ هو ؟ مگر هو ٺڳ هاري انهن لٽجي هئي. پرماتما سڀني کي انهن هلائي نچائي رهيو آهي، جيئن ڪاٺ جي پتلين کي بازيگر. سڀ پرماتما هن جي اڌين آهن ۽ هو ئي ڄاڻي ٿو ته هر هڪ لاءِ ڇا چڱو يا برو آهي. جيڪي ٻڌي هو ويچار ڪن ٿا، اهي ڄاڻن ٿا ته سڀ ڪجهه اڳ ۾ ئي لکيو پيو آهي ۽ ان موجب سڀ ڪجهه ٿئي ٿو، انسان جو ڪوبه وس نٿو هلي. گروانيءَ ۾ صاف آيو آهي :

اس ڪا ٻل نانڪ اس هٿ ـ ڪرن ڪراون سرٻ ڪو نانڪ ۽
آگياڪاري ٻمرا جيءُ ـ جو تس ڀاوي سوئي ٿي ٿيءُ.

هي جيو ته ويچارو آگياڪاري ٿيو پيو آهي ۽ جيئن پرماتما ڪمس ڪرائي ٿو، تيئن هو ڪري ٿو. ارجن جي ڪيڏي ڪوشش هئي ته جنگ نه ڪريان پر ڀڳوان صاف چيس ته اجايو ٿو اهي ڳالهيون ڪرين. مان جيڪي ڪرائڻ ٿو چاهيان، سو تون اوس ڪندين.

هڪ جوتشي ڪنهن راڄ ڪيا جو هٿ ڏسي ٻڌايو ته تون کي هڪ راجڪمار ٿيندي لکيل آهي، پر هن جي سنڌ ۾ ڏسي مٿس موعمت ئي پيو ؛ ڪام ۾ اندر ئي چاهيائين ته اها مون کي ملي. جاڳي واٽي ٻي اٺائيءَ وڃان ڇوڙ لکيو ته "راڄن! هيءَ اوهان ومت ڪهڙو وقت رهندي ته اوهان جو راڄ نشٽ ٿي ويندو." راڄا ڊپ وڃان پڇڻ لڳو ته "پوءِ ڇا ڪريان ؟" هن چيس ته "هڪ پيٽيءَ ۾ ڪيا کي بند ڪرائي درياهه ۾ لوڙهائي ڇڏيو. ان پيٽيءَ جي ڪنجي به ٿالي سان گڏ رکجو." راڻيءَ کي ته اها ڳالهه نه وڻي پر راڄا هڪ لئي نه ٻيئو ۽ آخر جوتشيءَ جي چوڻ موجب حڪم ڪيائين. جوتشيءَ وري ڪن ماڻهن کي چيو ته اها پيٽي لڙهندي ايندي، سا هٿ ڪري مون کي گهر پهچائجو. بادشاه جي حڪم موجب ان پيٽيءَ کي لوڙهايو ويو، جا جلد ئي هڪ شهزادي کي هٿ لڳي، جو درياهه جي ڪناري تي شڪار ڪري رهيو هو. هن اها کڻائي کولي ته هڪ ڪيا لڌي، جنهن کي ڪڍي ان ۾ هڪ رڇ، جو ٻاڻ ٻڪريو هوائين، اهو وجهي بند ڪرائي، ساڳيءَ طرح لوڙهائي ڇڏيائين. اها پيٽي جوتشيءَ جا ماڻهو ڪڍي، وٺي ويا، جا هن وٺي هڪ بند ڪمري ۾ کولي ته ان مان هڪ رڇ نڪتو، جنهن کمس ماري وڌو. هن جوتشيءَ کي علم نه پورو هو ۽ نه لالچ وڃان پوءِ به ٻل ڪيائين، جو پرارٻڌ انوسار هن جو موت انهن لکيل هو. اهڙو سماٽو ئي نه ٻلجي ويو ۽ اختيار کان ٻاهر لڪري غلط ڪم ڪيائين ته جيئن ته اها انهيءَ جي اچا هئي.

هن سلوڪ جو اصلي مطلب ته اهو آهي ته سڀ ڪجهه پرماتما ٿاڻ آهي. ٿالاسي چالندا

ڪارج آهي برهم گيان پائڻ، جنهن لاءِ هي مٿس چولو مليو آهي. گرو ئي پيا وهنوار ۽
مع جا ڪارج بہ پورا ڪري ٿو، جيڪڏهن شش جو منجهس پورن وشواس ۽ شرڌا آهي.
ٻاري ۾ هڪ سندر مثال شاسترن ۾ آيو آهي:

آيمنوءَ نالي هڪ جگياسو هڪ مهرشيءَ وٽ ودِيا وٺندو هو ۽ ورتيءَ کي استمت ڪرڻ
ورڻ (اگيان) دور ڪرڻ جو اُپاءُ بہ سکندو هو. هڪ ڏينهن گروءَ چيس تہ ”پيارا! تنهنجو
ڏاڍو وشت پشت آهي. ڇا کائيندو آهين؟“ چيائين تہ ”ڀڳوان! مان هميشہ مان ڀکيا
ايندو آهيان. ان ۾ انيڪ پرڪارن جون شيون ملنديون آهن، جي کائيندو آهيان.“ گروءَ
س تہ ”اهو تہ لون اجوڳ ٿو هلين. شاسترن ۾ لکيل آهي تہ شش مڌوڪري وٺي اچي
جي اڳيان رکي ۽ پوءِ گرو ان مان ڪجهہ کيس ڏئي تہ کائي، نہ تہ نہ کائي. وڃ ڀلي، پر
جيڪي مليئي، سو مون وٽ اچي حاضر ڪر.“ هو ويندو هو ۽ سڀ اچي گروءَ اڳيان
و هو. گرو بہ سندس پريکيا وٺڻ لاءِ ڪجهہ بہ کيس ڪين ڏيندو هو ۽ سڀ پين شش
ڏئي ڇڏيندو هو. آيمنو ڇا ڪندو هو، جو وري ٻيو دفع وڃي ڀکيا ڪري پاڻ کائيندو
گروءَ ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ ڏٺو تہ هو اجا بہ ٿلهو متارو هو، سو هن کان پڇيائين ۽ هن
سچي ڳالهہ ٻڌائي. گروءَ چيس تہ ”ٻيو دفع ڀکيا ڪرڻ تہ ادرم آهي.“ چيائين تہ ”سائين!
وچن. اڳتي نہ ڪندس.“ جڏهن هو ڳائين کي چارڻ ويندو هو تہ بک لڳندي هئس تہ
ن تہ ڪنهن ڳانءِ جو کير پي ڇڏيندو هو، جنهن ڪري وري اهڙي والنگر تازو توانو پيو
۾ ايندو هو. گروءَ وري پڇيس تہ ٻڌايائين تہ هيئن ڪندو آهيان. گروءَ چيس تہ ”اها
ون چوري ٿو ڪرين. اڳين نہ ڪر.“ چيائين تہ ”ست وچن.“ خيال ڪرڻ لڳو تہ بک
لاءِ ڇا ڪريان؟ سوچ ڪري ڇا ڪندو هو، جو جڏهن وڇڙا ڳائين جو کير پيئندا هوا،
جيڪو کير يا جيڪا ڳاج سندن وات مان لڪرندي هئي، سا پيئندو هو. گروءَ وري
س ليڪ ڏسي پڇيو ۽ هن سچ سچ ٻڌايو. گروءَ چيس تہ ”اهو بہ ٺيڪ نہ آهي ۽ نہ ڪر.“
چيو ”ست وچن.“ اهترو بہ نہ چيائين تہ ڀلا ڇا کاڻ؟ اڄڪلهہ تہ شش هونئد هاءِ گهوڙا مچائي
۽ ڀر جن ڪماڻي ڪئي آهي، تالو بہ انهن جو تو ڳانجي ۽ پڊوي بہ انهن ٿي پاتي آهي.
ٻچارو پيٽ جي جنرا اڳيءَ ڀڄهاڻڻ لاءِ جهنگل ۾ وڻن مان ڪريل سڪل پن کائي پيٽ
لڳو. پوءِ تہ ڪمزور ٿيندو ويو، پر چوُن بہ نہ ڪيائين. گروءَ اهو ڏٺو. ڪيترا ڏينهن
ي ويا. هڪ ڏينهن آڪ جا پن کاڌائين، جنهن ڪري سندس مغز ۾ گرمي ۽ زهر چڙهي
اکين جي جوت ڪيڻ ٿي پيس. ڳائيون ولي اچڻ لڳو تہ نظر ٿي نہ پيس ۽ وات لئي
کوهہ هو، ان ۾ ڪري پيو. ڳائيون تہ وڃي سندس گروءَ جي آشرم ۾ پهتيون، پر پاڻ نہ
گروءَ پڇا ڪئي ۽ نڪتو سندس کوج ۾. کوهہ مان آواز آيو تہ ”گروجي! مان هيت آهيان.“
ڳالهہ ٻڌايائين تہ آڪ جا پن کاڌا اٿم تہ انڌو ٿي پيو آهيان. گروءَ چيس تہ ”اشوني ڪمار
ياهہ تہ توکي جوت بخشيندو.“ مطلب تہ وري بہ گروءَ ڪم آيس.

گر ديو ماتا، گرديو پتا، گرديو سوامي پرميشورا.

شلوڪ ١٦. هن سنسار ۾ ٻه شڪتيون (پرش) آهن. هڪڙي ڪشر (ناسونت يا بدلجندڙ)، ۽ ٻي اڪشر جا ناس نٿي ٿئي. ساري مخلوقات ناسونت آهي ۽ ڪارڻ روپ (ڪوٽست) مايا ابناسي چئي وڃي ٿي (يعني گيان کان سواءِ ناس نٿي ٿئي.)

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته مايا ٻن پرڪارن جي آهي: هڪ آهي مايا ۽ ٻي آهي اوديا. جيو جي اپاڌي اوديا آهي ۽ ايشور جي اپاڌي آهي مايا. اوديا ۾ هڪ آهي مول اوديا، جنهن هيءُ جڳت، جو مايا جو رچيل آهي ۽ ٻي آهي تول اوديا، جنهن اوندهه ۾ نوڙيءَ کي نانگ سمجهڻ يا چانديءَ ۾ سپيءَ کي چاندي ڄاڻڻ. اها تول ودِيا نوڙيءَ يا سپيءَ کي ڏسڻ سان دور ٿي ويندي ۽ وري اهو ڀرم نه ٿيندو. مول اوديا آهي آتما کي جڳت روپ سمجهڻ. اها اگيان يا آورڻ ۽ وکيپ ڪري آهي ۽ گيان کان سواءِ دور نه ٿيندي. اهو ويدانت جو سڌانت آهي. برهم گيان بنا اها مايا دور نه ٿيندي. اها مايا جڳت جو ڪارڻ روپ آهي، جنهن ڪري ان کي ڪوٽست ٿو ڪوٺجي. ڪوٽ معنيٰ جڙ يا پاڙ يعني هر شيءِ، هر پدارٿ جي جڙ يا ڪارڻ هجي. ڪوٽ لفظ جي ٻي معنيٰ لڳي ٿي ڌوڪو (Illusion) به آهي، يعني جا پاڻ کي جدا جدا نمونن جي ڌوکن روپي روپن ۾ پرگهٽ ڪري يعني سچ کي لڪائي، ڪوڙ پرگهٽ ڪري ۽ اگياني ماڻهن کي ڌوکو ڏئي. اها پرماتما جي مايا آهي، جنهن ساري جڳت کي ڀرمائي رکيو آهي. برهم گيان کان سواءِ ان مايا کي دور ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪوبه اپاءُ ڪونه آهي. ان مايا جون ٻه اوستائون آهن، هڪ وکيپ يعني من جي چنچلتا ۽ ٻي آورڻ يعني پردو، پنهنجي سروپ کي نه سمجهڻ ۽ آتما (پاڻ) کي شرير مڃڻ. وکيپ دور ٿيندو ڀوڳ ۽ اپاسنا سان ۽ آورڻ برهم گيان سان.

ڌرما کان وٺي هڪ ننڍڙي گاهه جي پن تائين سڀ چر اچر پدارٿ، جي اکين کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا يا جن جو من خيال ڪري ٿو سگهي ۽ پنجن تتن جا ٺهيل آهن ۽ جن جا نالا يا روپ آهن، اهي سڀ ناسونت يعني ڪشر آهن، ڇو ته اهي هروقت بدلجندا رهن ٿا. انهن سڀني جو ڪارڻ، جا مايا آهي، اها گيان پراپت ڪان سواءِ ناس نٿي ٿئي، جنهن ڪري اها ابناسي يا اننت چئي وڃي ٿي ۽ اکشر جي نالي سان به ڪوٺجي ٿي.

گروءَ جي لن، من ۽ ڌن سان سيوا ڪرڻ جو ڀاري ڦل آهي، جو سالن جا سال وڏيون پرائڻ سان نه ڪين ٿو پراپت ٿي سگهي. گروگهر ۾ ان سيوا جا انيڪ مثال آهن. ٻائي لهڻي ڄو گرو نانڪ جي سيوا ڪري برهم گيان حاصل ڪيو ۽ گرو گدي پڻ حاصل ڪيائين ۽ گرو انگد جي نالي سان ظاهر ٿيو. ساڳيءَ طرح سندس سيوا وري امرداس ڪئي ۽ ساڳيو پد حاصل ڪيائين. رامداس وري گرو امرداس جي سيوا ڪري ساڳيو پد پاتو. ڪنهن به ڪا دليوي ودِيا ڪانه پرائي. آمر ڏن ته ستگوروءَ جي سيوا کان سواءِ ملڻ ناممڪن آهي. سکمني صاحب ۾ آيو آهي:

سر اوپر ٺاڪر ڪر سوارا ـ نانڪ نالکي ڪارج پورا.

ڏن ڪمائڻ ۾ لڳو پيو هو، ان کي پيار ڪندو هوندو؟ بلڪل نه. پتا جو دلي پرنر نه
ائين سان هوندو، جو سندس شيوا چاڪري پرم سان ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو آنند سمجهندو
. ان طرح اسان سڀني جو پرم پتا پرميشور، جنهنجو ورلن ڀڳوان ڪرشن هن شلوڪ ۾ ڪيو
ي، اهو به اڪي ئي پيارو چاهيندو، جو پرم ۽ شرڌا سان سندس ڳڻاواد ڳائي، سڀ ڪرم
س راضي ڪرڻ لاءِ ڪندو رهي ٿو. پرماتما نه سچي پرم ۽ شرڌا ئي ريجهي ٿو ۽ نه ود يا،
، بل يا ڏن ئي. جي پرماتما جو پريم حاصل نه ٿيو نه ڪٿي لکن ئي ڪيڏن جو راڄ ملي ها
ويثي جڳ عمر لڳي ها ان ڪان به ڏهوڻي، نه به ڇا ٿيو؟
درشٽانت: هڪ پنڊت ڪٿا ڪندو هو. ڪٿا ۾ پرسنگ آيو نه جڏهن رستي ۾ ڪو
ريل پئسو ليجي نه ڪٿي ئي دفعا پڪاري چئجي نه ڪنهن جو هجي نه ولي. ماٺ ڪري
ي ۾ ڪٿي نه وجهجي. سڀني اهو ٻڌو. هڪ پريميءَ خيال ڪيو نه پنڊت جيءَ جي پرتڪيا
ي. هڪ ڏينهن ڇا ڪيائين، جو جنهن رستي کان پنڊت ايندو هو، ان رستي تي هڪ
ريءَ ۾ مٽيءَ جا روپيه لاهي وجهي ڪٿي رکيائين. پنڊت ڏسي اها ڪٿي ۽ پنهنجو چوڻ
آئس، ۾ ٽيئي دفعا بلڪل ڇمن سر ڇپائين ۽ ٿوءِ ڪولڻ کان سواءِ ئي ڪٿي ڪسي ۾ وجهي
ي ويو. ووي اهڙو پرسنگ آيو جو پنڊت ساڳيو اپديش ڏنو. هن پريميءَ پڇيو نه "سائين!
ڪو رکو ڇمن ۾ يا من ۾ چئي ڏن ڪٿي وجهي نه پوءِ؟" پنڊت چيو نه "ان کي ڪهر وٺندو
نئي ملندي ۽ نه روپيه!" اسان جو به اهو حال آهي. رکو ستسنگ ٻڌي من ۾ رکي
ٿوسين ۽ ان کي آچار وهنوار ۾ نه آڻدوسين نه ڪجهه به حاصل نه ٿيندو، جڏهن مٽي ملي ۽
ئي اجايو ويو ۽ جنم وڃرڻ.
حساب ڪري ڏسون نه اسان ڪيترا سولين سڄ اڄ، ڪيهه ۽ ڪنڊ ڪاڏو هوندو ۽ ڪيترو
۽ نرمل جل پيئو هوندوسين. مالڪ نه اهترو ڏيندي به اجا پيو ڏئي ۾ اسين ڪمس ياد به
ڪريون، ٿورو مڃڻ نه پري رهيو. هيڪاري ٿوروئي ڪجهه اسان جي مرضيءَ موافق
ملي نه رنج ٿا ٿيون. جيڪو ڀڳوان جو ڏنو کائي پي، کمس ڌيائي به نٿو، اهو ڪرلکهن
. ڀڳوان پاڻ مٿي چئي آيو آهي نه جيڪو ديوتائن وٽان مليل ان، پاڇمون، ڪير ۽ ميوا
ٿو، پر انهن جو بدلو ڏيڻ لاءِ يڄ يڳيه نٿو ڪري، اهو چور آهي. پرماتما ساري عمر
جي پالنا پوشنا ڪري ٿو، اسان جا پاپ اپراڌ ڏسي به روزي نٿو بند ڪري ۽ ان جو
الو ٿورو وقت به ڏيان سمرن لڳا ڪريون، سو ڪيڏو نه ڀاري گناهه آهي؟ سياڻو چور به
جو لمڪ کائي ٿو، ان جي چوري نٿو ڪري. اهڙي داتار جي ٻش ٻنڌڻ لاءِ ڪو
ب نه اٿون، جو ستسنگ ۾ وڃي، هنجا ڳڻاواد ٻڌون ۽ ڳايون ۽ ادو فرض اسين ڪٿي
عداسون؟
شلوڪ ١٨. جتان ته مان کشر يعني ساري جڳت ۽ پراڻي ماتون ۽ اکشر
ي ابناسي مايا کان اوچو آهيان، انڪري هن لوڪ اتوا ويدن ۾ پرشوتم جي
ي سان پرسڌ آهيان.

مطلب ته سڀ ڪجهه گروءَ تي آهي. ڏک دور به اهوئي ڪري، ڇو ته هو پرمعمور جو

روپ آهي. جنهن پرماتما ۾ نشچو رکيو ته هو سرو شڪتيوان آهي ۽ اهڙيءَ طرح گروءَ ڪي

۾ جاڳڻ ضروري آهي. گروءَ وٽان ملي اپديش شش جي هردي ۾ پرڪاش ٿو ڪري ۽ شش

لي مهر ٿئي ٿي. گروءَ جي پرڪيا ۾ شش اکيون وجهيون، ته هن مان وشواس ۽ شرڌا گهٽ

نهن. گروءَ جي آگيا الوسار اشولي ڪمار جي آراڌنا ڪيائين ته ڪمار پرگهٽ ٿي اچي

چيس ته "هيءَ منالي کاءِ ته معز مان گرمي ائرا ڪمزوري نکري ويندء ۽ اکين جي جوت

پڻ واپس ملندء بلڪ شرير جي هيٺائي به دور ٿي ويندء." هن چيو ته "منالي ڪرڻ

ڪاليندس، ڇو ته گروءَ جن جو اهڙو حڪم نه آهي." ديوتائن ڏاڍا پتن ڪيا پر هو پڪو رهيو

ديوتا پوءِ پنهنجي آشيرواد سان ڪيس سالم بدن ۽ سالم نظر بخشيو ۽ اچي گروءَ جي هرڻ پر

ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان. گرديو به سندس شرڌا، پريم ۽ آگيا ڏي پورو ڌيان ڏسي

پرسن ٿيو ۽ ڪيس آشيرواد ڏنائين ته تنهنجو پش هميشه قائم رهندو. هن کي چئن ئي ويدن

۽ سڀني شاسترن جو گيان ۽ وگيان حاصل ٿي پيو ۽ سڀ ڪارج سڌ ٿيس.

شلوڪ ١٧. پر انهن [ٻنهي شڪتين] کان اوچي جدا ٻي آتم شڪتي آهي

جنهنکي پرشوتم يا ابناشي پرش ڪري ڪوٺجي ٿو ۽ جو ٽنهي لوڪن ۾ وياپڪ

ٿي، اِنهن جي ڌارنا ۽ پالنا ڪري رهيو آهي.

هن شلوڪ ۾ ايشور جو سروپ ورڻن ڪيل آهي، جنهن جي ڏس لاءِ هي مثل جو مل

آهي ۽ جنهن کي پرم ڌام به ڪوٺجي ٿو. اُتي پهچي وري جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏ آهي

ٿي ٿو پوي. ويدانت ۾ ايشور کي پرم پرش ڪوٺين ٿا. جڏهن ساري پرنمانڊ ۾ ڪنهن ۽ ج

جو هڪ عضوو به پورو ڪم نه ٿو ڪري سگهي ته جي هيءَ مثل ڏيهه وڃي ته ڪئن ور

هلندي؟ هن ڏيهه ۾ ئي ان اُتم پرم پرش جو ديدار ڪرڻو آهي.

هڪ پرش هو، جنهن کي چار پٽ هوا. هڪ وڏو ودوان هو، ٻيو ڀاري پهلوان ۽ ٽيو

وڏو واپاري هو، جو هزارن لکن جا ڏلڻا سڀاليندو هو ۽ پر چوٿين ۾ نه ڪئي ودبا، نه ڪ

پهل ۽ نه واپار ڏلڻ جو عقل. ٽي پنهنجي پنهنجي ڏلڻن ۾ لڳا پيا هوا ۽ چوٿين لي ڪ

رکيو ويو پنهنجي پتا جي شيوا ڪرڻ جو، جا هو ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ پريم سان ڪندو

امرت ويلي اُٿي پتا کي نمسڪار ڪري، سندس ٽهل چاڪريءَ ۾ لڳندو هو. هو پتا

اهڙو نه پڪيت هو، جو سمجهڻ لڳو ته منهنجو ودبا ۽ بل هوئي آهي. پيا ٽي ته جڏهن

پورو سڃاڻندا به ڪين هوا ۽ پنهنجي ڪمن ۾ پورا، مست ٿيو پيا گهمندا هوا. ڏن ته هو

ڪمائڻ لڳا، پر پتا لاءِ نه ڪو پيار هون ۽ نه پرواه. سهڪو خيال ڪري سمجهي سگهي

ته پتا کي ڪهڙو پتر پيارو لڳندو هوندو. جا سندس پيار ان ودوان پٽ سان هوندو،

سندس پرواه نه جا رکندو پر شايد ڪيس پاڻ کان گهٽ عقل وارو به سمجهندو هوندو؟

پهلوان پتر کي هو پريم ڪندو هوندو، جو پنهنجي زور جي گهمنڊ ۾ ٿي پورو هو؟ يا

شلوڪ ٢٠. هي نشپاپ ارجن! لن ريت هي تمام ڳجهي ۾ ڳجهو شاستر
ں توکي ٻڌايو آهي. اُن کي ڄاڻي ڏاهو ڏارڻ ڪري، منش ٻه يمان ٿئي ٿو ۽
کي جيڪي ڪرڻو هو، سو ڄڻ ڪري چڪو.

هتي ڀڳوان ٻڌايو آهي ته گيتا جو پندرهون اڌياءُ ڇهن شاسترن وانگر هڪ شاستر آهي،
۾ بلڪل ڳجهون ۽ اُهڙي سکيائون ڀريل آهن، جي جيڪو جگياسو سمجهي ٿو، تنهن لاءِ
ته جيڪي ڄاڻڻو هوس، سو ڄاڻائين. هن لاءِ ٻيءَ ڪوبه ڪرڻ يوگيه ڪرم باقي نه رهي
سيمي ٻڌنن کان آجو ٿي پوي ٿو ۽ سندس انتهڪرڻ پورن طرح شڌ ٿي وڃي ٿو. هن
۾ گيان ۽ وگيان جو تت ڀڳوان بلڪل سليس ۽ سولي نموني ٻڌايو آهي. ان ڪي لعه
ڪرڻ جڳائي. ڪيترا مهاتمائون ساري گيتا ياد ڪري روز ان جو پاٺ ڪن ٿا، پر نه
هن پندرهين اڌياءَ کي ڪنٺ ڪري، اهو لعه ليم سان روز اُچارن ڪن ٿا. ڪاشيءَ،
ار، پرياگ راج يا ٻين اهڙن آستانن ۾ جڏهن ڪو به سڃ، هزارن سادن سنتن جو ميڙ
ٿو ته هن اڌياءَ جو پاٺ ضرور ڪيو ويندو آهي.

رهم کي پهچڻ لاءِ جيو کي سادن روپي ڏاڪا چڙهڻا آهن. اهي ڏاڪا، جي برهم سان
ا واريءَ منزل ۾ جيو کي پهچائين ٿا، انهن کي گيان ڀومڪائون ڪوٺجي ٿو، جي ست
ليل آهن:

١) شب اِڇا، (٢) سُ وچارڻا، (٣) تن مانسا، (۴) ستوآپت، (۵) اسنگ سڪت، (٦)
ث ڀاولي ۽ (٧) ترئا. وچار مالها ۾ هنن ڀومڪائن جو ورنن ڪيل آهي.

١) شب اِڇا: هروقت من ۾ چڱيون اڇائون ۽ ڀاونائون هجن ۽ برا خيال ڪداچت نه
ٿ جن. گروءَ ۽ ديوتن ۾ پريم ۽ ستسنگ سان محبت هجي. ٻڌيءَ ۾ رکو آتما جو ويچار
۽ ان لاءِ پياس. ڀڳوان جا گڻ ڳائيندي ڳائيندي پريم جا وار ڪڙا ٿي پون.

٢) سُ وچارڻا: شب ويچار رکڻ. جيڪي ٻڌون، اُن ۾ ايڪانت ۾ ويهي ويچار
۽ جيڪي پڙهون، اهو وري وري دهرائي پڪو ڪريون ۽ خيال ڪريون ته اسين
آهيون، سنسار ڇا آهي، ڀڳوان ڇا آهي، اسان کي ڇا ڪرڻو آهي. برهم ويتا ستگروءَ
دش وٺي، ان ۾ ويچار ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيءَ انهيءَ لاءِ ڏياس ڪجي يعني ان ۾ هلجي.
ڻ ۽ موڙ سان ڪم واس نه ٿيندو ۽ شروع جو قل به وڏو آهي، پر اهو به پريم ۽ من
جتن ڏلڏڪاريءَ شرڌ ڀاڳوت جو ست ڏينهن پاٺ ٻڌو، ته سندس پرانت جوڻ مان
ڪارو ٿي ويو، پر ٻين جن ساٿس گڏ ويهي ٻڌو، انهن کي اهڙو قل نه مليو، ڇو ته هنن
ن لڳائي نه ٻڌو. هنن وري ٻيو دفعو پاٺ من لڳائي ٻڌو ته هنجو به ڪلياڻ ٿي ويو.

٣) تن مانسا يعني من کي سوکيم ڪرڻ. من جو وشين ۾ ڀٽڪڻ مٽارو ٿي ڌرب ٻيو اُهن
وڙي، ان کي قابو ڪري، پنهنجو سروپ سمجهڻو آهي. ڇهين اڌياءَ ۾ به ڀڳوان من
ڪرڻ جو ويچار ڏيکاريو آهي، جو ته اهو ڏاڪو گيان ۾ پهچڻ لاءِ بلڪل ضروري

شلوڪ ۱۹. هي ڀارت! جيڪو مورکتا کان رهت ٿي، مونکي اُن طرح پرشوتم ڄاڻي ٿو، سوئي سروگيه آهي ۽ دل وجان سان مون پرميشور جو ڀڄن سيون ڪري ٿو.

هنن ٻن شلوڪن جو تاتپرج اهو آهي ته سڀ پراڻي ناسولت آهن ۽ مايا اڀناسي آهي؛ پر آها به گيان سان ناس ٿئي ٿي؛ ليڪن پرماتما انهن ٽنهي کان اوچو پرم پرش يا پرشوتم جي نالي سان جهان ۾ ۽ ويدن ۾ پرسڌ آهي. اهو ئي سچو گيان آهي ۽ جيڪو اهو ڄاڻي ٿو، ڀڳوان چوي ٿو ته اهو سروگيه آهي ۽ منهنجو لڳن من سان سچو ڀڳت آهي. مهاراجا دسرٿ شري رام جو پتر ڀاونا رکي سمرڻ ڪيو. شري رام جي پريم ۾ هن پنهنجا پران به لڳايا. جڏهن هو بنواس ويو ته هن رام رام چئي يڪدم پران ڏنا. اها به ڀڳتي آهي. پرماتما جو سمرڻ گهڻن ئي ڀاون سان ٿي سگهي ٿو. ميران ٻائي ٻالڪپڻي کان وٺي شري ڪرشن کي پنهنجو پتي سمجهي سندس سمرڻ ڌيان ڪيو ته هوءَ ڪيڏيءَ نه اوچ پدويءَ تي پهتي! پانڊون ڀڳوان ڪرشن جي سکا ڀڳتي پريم ۽ شرڌا سان ڪئي، جنهن ڪري هن هر وقت هنن جي رکيا ۽ سهائتا پئي ڪئي. مطلب ته پرماتما کي پرم پرش ڄاڻي، پتا ڄاڻي، پتر ڄاڻي، متر سمجهي، پتي سمجهي يا ٻي ڪا به ڀاونا رکي سمرڻ ڪجي ته اهو قبول پوي ٿو. هڪ ڀڪار جو پريم ڏسي، ڪٿي ڀڳوان سهڻي ٻالڪ جو روپ ڌاري اچي ڪانئس پنهنجا وارڪهر سان ڏنا، اهو پرسنگ نائين اڌياءَ جي ۲۶ شلوڪ هيٺان ڏنل آهي. جنهن به ڀاونا سان پرماتما جو ڌيان سمرڻ ڪيو، اهڙو ڦل ملندو.

سوامي رام تيرٿ لکيو آهي ته جڏهن جيوُ ماتا جي گرڀ ۾ هوندو آهي، تڏهن ڌيان ايشور ۾ هوندو اٿس ۽ ٻاڌائيندو ۽ پڪاريندو آهي ته هي پرماتما! هن سنڪٽ ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر ڪڍ ته اوهان جو سمرڻ ڌيان ڪندس؛ مگر جنم وٺڻ کان پوءِ اها ڀاونا يڪدم بدلجي وڃي ٿي ۽ مايا جو اهڙو ته چڪر گهمي ٿو، جو خيال ئي نٿو رهي ته ايشور به ڪو آهي يا ڪهڙا انعام ڪيا اٿس! الڪري الهڪ جنمن جون لوڪون پيا ڪاٿون. اسان جو سمرڻ پيار ته هڪ پرماتما سان نڀڻ گهرجي؛ پر اسان هن کي سڃاڻي کان ڀڄائيءَ ۾ ڪٽي رکيو آهي يا ڪيس ياد ڪرڻ جو وقت ئي نٿا ڪڍي سگهون؟ پر ڀڳوان سان پريم تڏهن ٿيندو، جڏهن اسان کي سندس پڪ رهندو ته هو سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو ۽ اسان جي ڪرتوتن جو ڦل ضرور اسان کي ڏيندو. پر پڪ ڪهڙي موت جو، ته اسان کي آخر هي جهان ڇڏڻو آهي. ڏسون پيا ته اڄ فلاڻو ويو، اڄ فلاڻو راهه رهاڻي وڃي ويو، پر ته به غفلت جي ننڊ ۾ پيا آهيون، پنهنجو موت ياد نٿا رکون! هنن شلوڪن ۾ ڀڳوان اها تو سمجها ڏني ته هڪ پرماتما کي سڀ ڪجهه ڄاڻي، هن جي لئي اهن ڌيان ۾ رهڻ وارو ئي سچو گياني، سياڻو ۽ ڀڳت آهي ۽ ڪمس ٻاني ٿو.



ॐ
कूर्म अवतार
कल्कि अ
वाराह अवतार
बुध्द अव
नृ सिंह अवतार
कृष्ण अ
वामन अवतार
परशुराम
अवतार
राम

آهي. من سؤکم ٿي ٿو ته مڪتيءَ ڏي وڃي ته سگهندو، ڇو ته موڪش جو دروازو بلڪل
سوڙهو آهي. ڪمر صاحب هن شلوڪ ۾ ٻڌايو آهي ته ستگروءَ جي اپديش ٻڌڻ ۽ ان کي
ڪمائڻ سان ئي من سوکم ٿيندو ۽ هن لاءِ مڪتيءَ جو در ٻوءِ ويڪرو ٿيو لڳندو. ان
وشيه ڀوڳن جو تياڳ ڪرڻو آهي ۽ من کي ان طرف کان بلڪل هٽائڻو آهي.

(٤) ستوايت يعني ست جي پراپتي. پهرين ٽي ڀومڪائون اگيان ۾ ليکجن ٿيون. ه
ڀومڪا ۾ آتم گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. آتما ۽ جڳت کي ڇڳيءَ طرح سڃاڻي ٿو سگهجي
جئن سمدر ۽ سندس ڇوليون جدا وستو نه آهن، پر اهي ڇوليون به سمنڊ جو جل ئي آهن
تئن اهو انڀو ڪرڻو آهي ته جيڪي به سنسار ۾ ڏسون ٿا، اهو سڀ آتما جو پسارو آهي
اهو انڀو ٿيو ۽ آتما ۾ پوري استتي ٿي، ته ان کي گيان ٿو ڪوٺجي. اهڙو گيانوان مڪ
آهي. هن ڀومڪا ۾ پهچڻ کان پوءِ هميشه ڪرڻ جو ڌيان لڳو رهي. آتما جو انڀو وڌند
رهي ٿو ۽ گهٽجي ٿو، ڀوڳ شاستر وارا چون ٿا ته ڪسنگ ڪري، هن ڀومڪا وارا ب
اپسرائن جي لالچائڻ، رڌين سڌين جي لالچ وچان ڪري سگهن ٿا، پر جڏهن ورلي ڏيول
ڏنار ۾ پهچي ٿي ته پوءِ اهو ڌيان لڳو رهي.

(٥) اسنگ سڪت يعني تن جو ابيمان دور ٿيڻ. هن ڀومڪا ۾ پهچڻ مهاتما شرير ک
ڪمڙي وانگر سمجهي ٿو ۽ ان ۾ ڪوبه ابيمان نه رهيس. هو پنهنجو سچو سروپ آ
کي ڄاڻي ٿو. هيءَ ڀومڪا گهڻي ابياس سان ئي حاصل ٿئي ٿي. هن اوستا ۾ پهتل ان ڀ
جا ٽي ٿا: هڪڙا سالڪ، جي اُن اوستا ۾ پهچي به آچار وهنوار پورو رکن ٿا ۽ ٻين ج
ڪلياڻ لاءِ گيان اپديش به ڪندا رهن ٿا. ڪم کي ڪير ۽ ٻاٽيءَ کي ٻاٽي سمجهن ٿا. ٻيا ٽ
ٿا اوڌوت، جن کي شرير جي سڌ ٻڌ نه رهي. اهي ٻين کي نه گيان ڏين ۽ نه ڳالهائين. اه
اوڌوت مهاتمائون رڳو پنهنجو ڪلياڻ ڪري سگهندا ۽ نه ٻين جو.

(٦) پدارٿ اڀاوني: جيترا پدارٿ ٻڌي سمجهي سگهي ٿي يعني جيڪي ڳالهيون ع
۾ اچي سگهن ٿيون، انهن سڀني جو اڀاءُ. هن ڀومڪا ۾ پهتل پرش کي اهي سمجهه ۾
ڪين ٿيون اچن. سڀني کي هو هڪ برابر ٿو ڄاڻي.

(٧) ستمن ڀومڪا آهي توريا. هن حالت ۾ پاءُ ابياءُ ٻئي لٽا رهن. مان ۽ تون ڪ
ڪوبه گمان نٿو رهي. سڀ کي هڪ پورڻ آتما ٿو سمجهي. اها پورن اوستا آهي، ان ک
به معني توريا اُتم اوستا آهي، پر اُن ۾ رسڻ مها ڪٺن آهي ۽ گهڻو ڪري پهچڻ ک
اول ئي شرير پورو ٿي وڃي ٿو. هندستان فقط هڪ راجا جنڪ جو مثال شاسترن ۾
ڪام ڌرم روپ آهي، اهو مان آهيان. سڀني ناجائز ڪرمن کي برو سمجهي ٺاهڻ ضروري آهي، پر آسري سڀاءَ وارا لوڪ ناجائز ڪرمن کي ئي ڀلو چڱو سمجهن. ان طرح ڪروڌ کي به برو ئي ڪوٺيو وڃي، پر جيڪڏهن ڪروڌ اصل نه هجي ته دنيا جو ڇوڙ، راڄ وهنوار يا سنسار جو وهنوار ئي هلي نه سگهي. ڪروڌ به ڪارڻ ۽ اڪارڻ ٿئي ٿو. ڪارڻ ڪروڌ جو مطلب آهي ته ڪو ٻيو، شخص يا زبردستي ڪو غلط ڪم ڪري، بگڙي پوي ته ان تي ڪاوڙ ڪرڻ بلڪل ضروري آهي؛ ڇو ته ان مان ئي هن جو سڌارو ٿيندو. آفيسر روپ نه رکن ته ڏنڊن، ڪارخانن ۽ آفيسن جو ڪم ئي چڱيءَ طرح نه هلي. پرماتما خود به پرجا لاءِ ئي ته پيدا ڪيو آهي ته ڪرمن آهر جيون کي سزا ڏئي. راجائون بدمعاشن، چورن، لُچن، خونين کي ڏنڊ يا سزا نه ڏين ته هوند ملڪ ۾ ظلم مچي وڃي. سزا ڏيڻ، ڪروڌ کان سواءِ ڪين ٿي سگهندي، پر بي فائدو لڙڻ، بنا ڪارڻ ۽ حد کان وڌيڪ ڪاوڙ ڪرڻ، دشمنيءَ وچان ڪروڌ ڪرڻ يا جتي نمرتا ۽ نهٺائيءَ جي ضرورت هجي، اتي ٻارڙن تي ڪاوڙ يا ڪروڌ ڪرڻ اڌرم آهي. ڪروڌ ته وڏن وڏن رشين، منين، مهاتمائن ۾ به هو ۽ هئڻ گهرجي، پر رکڻ ڏسڻو آهي ته ڌرم انوسار هجي. لوڀ به ان طرح وهنوار ۾ ضروري جائز آهي. لوڀ جا به درجا لکيل آهن سامانيه ۽ وشيش. سامانيه لوڀ کان سواءِ ڪير ڪنهن ڪم لڳي ۽ ملڪ جو راڄ ڪيئن هلي؟ پر وشيش طرح يعني حد کان مٿي اَڌرم وارو لوڀ برو ۽ هاڃيڪار آهي. ساڳيءَ طرح موهه به واجبي ته ضروري آهي، ته ته گرهست ۾ ٻارن ٻچن ۽ پالڻ لاءِ، سنتن ۾ چيلن ۽ شش لاءِ موهه نه هجي ته ڪيئن هنن جي ڀلائيءَ، ڪاڏي يعني جهر ۽ بيماريءَ ۾ دوا درمل ۽ شيوا جو خيال رکي سگهي؟ حد اندر موهه ته ضروري آهي ته ته فرض ادائي به ڪانه ڪري سگهجي. گهر ۾ ڪو ٻالڪ بيمار پوي ۽ چئون ته موهه ڇو رکون؟ پاڻهي چاق ٿي پوندو! سندس دوا درمل به چڱيءَ طرح نه ڪريون، سندس ڪا اون ئي نه رکون ته ڇا اهو ڪو ڌرم ٿيندو؟ اهڙي بي پرواهي ته سخت دلي ۽ اَڌرم ليکبي. ان طرح اهنڪار به واجبي سڀني ۾ هئڻ ضروري آهي ۽ پنهنجي عزت جو خيال رکڻ ڌرم آهي. ڀڳوان وشيش طرح جي اهنڪار کي ننديو آهي. مطلب ته اهي پنجئي حد ۽ وزن اندر سکدائي ۽ لاڀدائڪ آهن، پر حد کان مٿي نرڪ جا دروازا آهن. سنکيو کهڙو نه خوفناڪ زهر آهي، پر اهو به وڌيءَ ۽ يوڳيتا سان ماري ڪم آڻجي ته نه هر ڪي ڪيترن دکن ۽ ڪمزورين کي دور ٿو ڪري؛ طاقت ٿو بخشي ۽ سکدائي ٿو ٿئي. پوءِ کهڙو به سٺو طاقت وارو ۽ لذيذ هجي، پر اهو به حد کان وڌيڪ کائبو ته ضرور بيمار ۽ دکي ڪندو. "سارڪتاوليءَ" ۾ آيو آهي ته زهر ٻين کي ماري ٿو پر جتان پيدا ٿئي ٿو، ان کي ڪو نقصان ڪونه ٿو رسائي، پر ڪروڌ اول ڪندڙ جو اندر ٿو جلائي ۽ خون کي ساڙي، ڪارو يا گندو ڪري ۽ پوءِ ٿو ٻين کي نقصان ڪري. ان طرح لوڀي ماڻهو ايڪ پاپ ڪري ۽ هن نه ڪري ٿو وڃي ۽ پنهنجي دکن جو ڪارڻ ٿئي ٿو. لوڀي انسان ئي وشواس گهاتڪ ۽ نقصانڪار ٿو ثابت ٿئي.

ٽن قسمن جي شرڌا يوگ وارو وڀاڳ

ڀڳوان شري ڪرشن ارجن کي ١٦ اڌياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو ته جيڪو پرش ڪرمن ڪرڻ ۾ شاسترن جي ٻڌايل رستي کي لتاڙي ٿو ڪري، اُن کي ڪا به سڌي نٿي حاصل ٿئي ۽ نه هو رم گتيءَ کي ٿو پراپت ڪري. ان ڪري سڀ ڪم ڪارج شاسترن جي آگيا انوسار پوريءَ وڌيءَ سان سوچي سمجهي ڪرڻ يا نه ڪرڻ گهرجن. اهو ٻڌي:

ارجن سوال ٿو ڪري:

شلوڪ ١. هي ڪرشن! جيڪي منش شاسترن جي وڌيءَ جو خيال نه رکي، پورن شرڌا ۽ نشچي سان يگيه آدي ڪرم ڪن ٿا، ته انهن جي شرڌا ڪهڙي پرڪار جي ٿي ليکجي، ساتوڪي، راجسي، يا تامسي؟

ارجن جو سوال آهي ته جيڪي پرش شڀ ڪرم شرڌا ۽ پريم سان ڀيٽي وڏن جي ريتين رواجن يا سنتن مهاتمائن جي سکيا انوسار ته ڪن ٿا، پر آلس وچان يا پوري ڄاڻ نه هئڻ سبب ويدن شاسترن ۾ ڏيکاريل وڌيءَ انوسار نٿا ڪن. آهي ڪهڙيءَ نشٺا وارا ليکبا؟ ڪيترا ماڻهو چوندا آهن ته پريم هجي، ڀوءِ نه هجي ڀلا نه هجي. شرڌا سچي هجي، ڀوءِ طريقو پورو نه آهي ته ڇا ٿيو؟ ويدن شاسترن ۾ هرهڪ ڪرم جي وڌي ٻڌايل آهي. شري رام به وڌيءَ جو خيال رکيو ۽ جڏهن سيتا کي پرواس ۾ ڇڏي اچڻ کان پوءِ اشوميڌ يگيه ڪيائين، تڏهن وسشٽ منيءَ کيس ٻڌايو ته يگيه جي سڦلتا لاءِ ضروري آهي ته سيتا به ڀڳوان سان گڏ کابي طرف ويهي. ڀڳوان رام وڌي وچار ڪيو ته جي سيتا کي بن مان واپس ٿو گهرائي ته وهنوار ۾ وگهن پوندو ۽ جي نه، ته يگيه سڦل نه ٿيندو. آخر سون جي سيتا ٺهرائي، ان کي وستر ۽ گهڻا پهرائي، وڌيءَ موجب ان پتلي جي پوڄا ڪري، ان ۾ سيتا جو واسو ڪرائي، اها مورتي يگيه ۾ رکي ويٺي ۽ پوءِ يگيه جو ڪارج ڪيو ويو.

ڀڳوان فرمايو:

شلوڪ ٢. سڀني ديهه ڌارين ۾ ٽن جي شرڌا سندن جائي جنم کان سڀاءَ انوسار ٽن قسمن جي ٿئي ٿي: ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي. انهن بابت ٻڌ.

سڀ منش، ستو، رجو ۽ تمو، انهن ٽن گڻن انوسار پيهندڙ ليکجي ۽ شرڌا موجب هلندا ڪن ٿا. اها شرڌا هنن جي پورين جنمن جي سنسڪار انوسار سندن سڀاءَ موجب ٿئي ٿي. جن ۾ ستو گڻ پڌان آهي، سو موکش پليان پئي، پورنتا جي گڻ دوارا سولائيءَ سان پورهه گيان حاصل ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن ۾ راجسي گڻ پڌان آهي ته هو ڪرم ڪانڊ ۾ لڳن ۽ دلهوري سکن ۽ وڌيڪ پليان تا پهڪن ۽ لالچ پئي هي ڀوڳن لاءِ هر قسم جون ڪشٽيون به

جو ساڃي آهي ۽ نه ڏيکاءُ جو، جو نه اترائي، سڀني جي هردن جي ڀاوَن کي ڄاڻڻ وارو آهي، سو انهن پاکنڊ جي رهڻ سان ڪٿي ٺڳبو؟ پوءِ پاڻ جيڪي نه ڪجهي، سو ٻلي لوڙولي ڪيو، پر نمرتا، سچائي، شرڌا ۽ پريم سان ڪيو نه اتهڪرڻ شڪ ٿيندو. ڦل ڏيڻ وارو نه انڌور آهي. جو نه دل جي ڀاونا تو ڏسي پر ڏيکاءُ نه رکو لوڪن کي لڳي سگهي ٿو، چور کي ماڻهو چور سمجهن ٿا، پر جيڪو ٻاهران ڀڳت ٿي، پوءِ ڪرم ڪري ٿو، ان جهڙو هولناڪ منش ٻيو ڪير آهي. هڪ وڏيما ڪنهن ٻنگلي پر سادوءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيس چئي ڏٺو نه ”مان لوڪان چڱي آهيان. مولڪي سڀڪو ٻيو ٿو ڄاڻي، ڪرمون وٺ اچي ٻا نه، آها سندس مرضي؛ مان ڪو دوکو ڪونه ٿي ڏيان، مگر توهان سادو سڏائي، ڀيک ڇگن ماڻهن جو ڪري، پرا ڪم ٿو ڪريو. اندر پر دوکن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه اٿئي، پر ٻاهران وڏا وڏا تلڪ لڳائي، پاڻ کي سادو ٿو ڪوٺائين.“ اهڙا سادو لوڪ جا اڳڪاري ٿين ٿا. اهڙن سادن لاءِ ڪبير ڀڳت ان شبد پر چوي ٿو نه ڇڏن ٻمرن وارا ليکجڻ گهرجن يعني جانور ۽ نه انسان. يمن پر نه مالڪ جي ڀڄاڻ ٿئي ٿي، پر اهڙن انسانن پر اها نه ڪالا ٿي اٿي. يمن جا ڏڻ نه سارو ڏينهن جهنگل گهمي، رات جو مالڪ جي در تي اچي ٿا، پر افسوس جو انسن ڪيترن جنمن کان پرماتما، مالڪ کان وڇڙيل آهيون، نه نه هن منش چولي پر نه مالڪ جي در تي وڃڻ جو خيال نه اٿئون!

ڀڳوان ڀڄاڙيءَ واري شلوڪ ۾ ارجن کي صاف ٿو چوي نه توهان ڪتري آهين ۽ ويدن شاسترن جي حڪمن انوسار لوڪي ڌرم پڌ ڪرڻي آهي، ان ڪري ڪمزوري ڇڏي، ڪڙيءَ دنيا جو خيال ڪڍي، اڄاڻي مسوهه کي ختم ڪري، اٿي پڌ ڪر. توهان موکه جي لاءِ رکيل ٿو، الڪري هن سنسار ۾ موکه ۽ نه ڪرڻ لائق ڪرمن جي ڀڃاڻ لاءِ فقط شاسترن جا پرمان ۽ فيصلا ٿي ڪارائتا آهن ۽ ان ڪري انهن موجب هلندا ڪر.

...ڀرون وشواس کان سواءِ ڪم هلي نه سگهندو، ڀرمارٿ ۾ نه وشواس جي ڪهان لئي وڏيڪ
...رت آهي. ڀڳوان ڪرشن صاف ٻڌايو آهي ته راجسي يا تامسي سڀاءَ وارا ماڻهو ڀي
...وشواس وارو اعتراض ولندا آهن. ساتوڪي سڀاءَ وارن ۾ نه شرڌا يا وشواس ڀرون
...لو. گرو انگد ۽ ٻالي امرداس ڪڏ ٻيڌ ڪري رهيا هوا. هلندي هلندي ٻالي امرداس
...ٻالهن گرو صاحب کان ٻڙو اڳي هلي ويئي. امرداس ڪڏ ٻيهجي ٻالهن کي ڏٺو
...۽ چيو ته "اڙي ٻالهن! تو اوگيا ڪئي آهي، ان ڪري اڳتي ٻيهي رهه." هن جي
...ن اڳتي سڪي ٻيئي. ماڻهو چوندا ته اها انڌ شرڌا آهي، پر نه، اها سچي ساتوڪي شرڌا
...ب ۽ ان جو قدر اهي سمجهي سگهندا، جن ۾ اهڙو ڀاءُ هوندو. هرهڪ ماڻهوءَ جو چرلس
...جي لهجي مان معلوم ڪري لو سگهجي ۽ اهو لهجو وري هن جي اڳين جنمن ۾ ڪيلن
...سن الوسار سنسڪارن لي آڌار لو رکي. جهڙا جهڙا سنسڪار هو جنم وقت کڻي لو اچي،
...الوسار هن جنم ۾ هو ڪرم ۽ خيال ڪري لو. جهڙو التهڪرڻ، تهڙي شرڌا ۽ شرڌا مان
...ڀاءُ لو اڀرن لڳي. شري رامچندر پرمهنسجي ٻيءِ لاءِ هوندا چوي ته "ٻيءِ مولکي مائيلي ماءُ
...چوڻ لي ناحق لو ٻي الصاڦيءَ جو حڪم ڏني، جنهن جو ڪمس ڪونه حق ڪونه آهي."
...واقعا سان چوڻ نه مولکي ڏاڍي شرڌا آهي، پر اندر ۾ هڪجي لي ڪانه، نه اهو لمو
...واقعا جو ڀلاءُ ڪاٿو، جنهن مان نه سواد ايندو ۽ ڪي ٻمت لي ڀريو. واقعا سان ماڻهو
...ترو نه ڀرٻم سان ڳالهيون ڪري، پر جي اندر ۾ ڀرٻم نه اڀس نه اهو هن جو ڳالهائڻ ڪانه
...ن لغو رکي ۽ ڀاڪند آهي، جنهن مان ڪجهه نه ڀرابت نه ٿيندو.
هڪ دفعي ڀڳت ترلوچن رلن ڪندي ڪنهن لڪريءَ ۾ آيو. سندس ڀڳتيءَ ۽ ڀرٻم جي
...ڪري سندس ڏاڍو پرچار ٿيو ۽ ماڻهو ڀرٻم وچان سندس ڪيرتن ٻڌڻ ايندا هوا. سندس
...ن نه ڏ رماڻا هئي ۽ ڀتنيءَ ۾ نه ڀرون وشواس ۽ صدق هوس. هڪ دفعي هوءَ راڻين ۽
...رالن جي مڙ ۾ ڪٿا ڪري رهي هئي ته ان وقت راڻيءَ کي ٿيابو ملبو ته ٿيهجو ڀاءُ مري
...آهي ۽ ٿيهجي ڀاڃائي اڻ سان ڪڏ ستي لي ٿيڻ چاهي، سو جلد اچ. راڻيءَ خيال ڪيو
...ڪٿا جي وچ مان اٿڻ ٺيڪ نه آهي، سو پوري ٿئي نه اٿان. پر پرسنگ وڏو هو، سو دير
...لڳي ۽ خيال ڪيائين ته متان ڀاڃائي نه مڙي ۽ منهنجي پهچڻ کان اول ئي ستي ٿئي
...، سو ڀڳت صاحب جي ڀتنيءَ کي چيائين ته ڪٿا جلد ختم ڪريو ته مان وڃان. پر هن
...اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. آخر نه ٿي دفعا چوڻ لي راڻيءَ کي چيائين ته "راڻي صاحب!
...ن اڃان ڪين ٿيندئون آهن. جڏهن ڀتنيءَ ۾ هن جو ڀرون ڀرٻم هجي ها ته ڀتنيءَ جي
...لڪرڻ وقت لي هن جا نه ڀران لڪري وڃن ها. هوءَ ستي نه ٿيندي.

سٽيان اي لـ آڪـهـن جي سڙهيان لڳـ جلن،
سٽيان سٽي ٿاٿڪا، جي ٻوهين چوٽ چڙهن.

...راڻيءَ کي جڏهن ڀڳت صاحب جي رال ٻڌائين جيو ته هوءَ ماٺ ڪري ويٺي ۽ پوءِ ٻيڪي
... سندس ڀاڃائي نه پرابو ستي لي ۽ ٻاڪ ڪجهه ڏينهن اٿي رهي موٽي آئي. خيال

سهن ٿا. جن ۾ تامسي ڪم ٿيندڙ آهي، اُهي اگياني، مُوڙهه، نرڏئي، هٺڪ ۽ پاکنڊي ٿين ٿا ۽ جانورن جون قربانيون به ڏين ٿا. ماڻا جا اهي ٽي ڪم هرهڪ منش جي لڇڻي کي پنهنجو پنهنجو رنگ ٿا ڏين. اسلام ۾ جڏهن ته ڪو خوشيءَ جو موقعو ٿئي ٿو يا ڪنهن دک درد دور ڪرڻ لاءِ ڏينهن ملهائين ٿا ته هو ٻڪرن گهات ڪري، قرباني ڏين ٿا. اهڙي قرباني تموگڻي آهي.

قائم پور ۾ هڪ مسلمان ڊاڪٽر ڏاڍو شريف ۽ چڱو انسان رهندو هو. سندس زال ويم ۾ هئي، پر ٻار جي ڄڻڻ ۾ ڪشٽ ٿيڻ لڳس. ڊاڪٽر پنهنجي مت انوسار هڪ ٻڪرو گهرائي، اُن کي حلال ڪيو ۽ اُن ماس جي خيرات ڪيائين ته هن جي استريءَ جو ڪليش لهي ويو ۽ ٻچو به سک سان ڄائو. هن جي ليکي پنهنجي مذهب انوسار ٺيڪ هئي، پر اهو تموگڻي ڪرم هو. هندو ڌرم ساتوڪي ڌرم آهي. ته اُن ۾ قربانيون به ساتوڪي تموگڻي جون چيل آهن. ساتوڪي شرڌا لئي چوي ٿو ته ڪنهن جيءَ جو گلو ڪپي ماس خيرات ۾ ڏيو. اَن، کٿڙي، ميوي يا ڌن جو دان به ڪليش دور ڪري سگهي ٿو. ساتوڪي شرڌا جو مثال گرو گهر ۾ گرو گوبندسنگهه جي هڪ نوجوان شش جوڳاسنگهه جو ملي ٿو، جنهن جي ڪٿا مشهور آهي. هو گروءَ جي آگيا پهچڻ تي پنهنجي شادي به اڌ ۾ ڇڏي گهر مان گروءَ وٽ وڃڻ لاءِ نڪري پيو هو. پورن گرو مليو ته اهڙي پورن شرڌا به اُنهن لئي ٿي. ديوان نندلعل جو گرو گوبندسنگهه وٽ هڪ ڪوي هو، اُن جي شرڌا به الوڪڪ هئي. هڪ سندر شعر فارسيءَ ۾ چيو اٿس:

بده ساقي مرا يک جام ٻيا زلنگمئي دل ها،
ٻيا مي پاک آسان مي ڪنند جملع مشڪل ها.

هي مٺهڙا ستگورو! مونکي اهڙو هڪ پيالو پريم روپي شراب جو ڏيو جو پيئڻ سان منهنجي دل اُن جي پريم ۾ رڱجي وڃي ۽ سڀ مشڪلاتون آسان ٿي وڃن. اهڙي پيالو هو، جو پي منصور سوريءَ کي به سيج سمجهي، شمس تبريز خوشيءَ سان بدن جي کل لهرائي، ميران زهر جو پيالو امرت ڪري پيتو ۽ ٻيا ڪيترا ڀڳت به اهو مستيءَ ۾ پي امرت ٿي ويا. جهڙو جهڙو ڪنهن جو اڳين جنمن جي سنسڪار انوسار من جو لاڙو آهي، اهڙيون هن جون اچارون ۽ تمنائون ٿين ٿيون ۽ هن جي شرڌا پڻ اُنهن سنسڪارن مطابق ٿي ٿن قسمن جي ٿئي ٿي. ڪرمن انوسار وري هو ٻيو جنم به اهڙو ئي پائي ٿو.

شلوڪ ٣. هي ڀارت! هرهڪ منش جي شرڌا هن جي سڀاءَ انوسار ٿئي ٿي. هرڪو منش پنهنجي شرڌا يا نشچي جو روپ آهي، يعني جهڙي سندس شرڌا تهڙو هو ٿئي ٿو.

ڪرڻ ۾ شرڌا نه آهي ته ٻيڪ آهي ته ڪوبه ڪارج وهنوارڪ الوا ...
... شرڌا جو مطلب آهي نشچو يا پورن وشواس. ڪهڙي به ڪم جو وهنوار ...

شلوڪ ٦. سي شرير ۾ اِستٿت مهاڀوُتن جي سموُهه ۽ اندر رهندڙ مون پرماتما
ٻڻ ڪشٽ ڏين ٿا. اُهي موُڙهه (ست، است جي وويڪ کان رهت) پرش
ي سمپدا وارا ڄاڻ.

رجن شنڪا ڪئي ته جيڪي ويدن شاسترن انوسار ڪرم نٿا ڪن، پر بلڪل ڀاري ۽
جون ڪئن تپسيائون ڪن ٿا، اُن جو ڪين ڪهڙو ٿو ڦل ملي؟ ڀڳوان جو رايو آهي ته
جي ڏکيءَ ۽ ڏکي تپسيا، جا گهڻو ڪري ڏيکاءَ ۽ پاکنڊ وچان يا ٻين کي دکي ڪرڻ ۽
ٻين کان ويو وٺڻ جي شڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ٿي وڃي، اها نه سچي تپسيا آهي ۽
دن شاسترن ۾ اُن لاءِ ڪا آگيا ٿيل آهي. آسري لوڪ اها شڪتي پائي يا نه وشيه ڀوڳن ۾
ٿا يا پاڻ کان هيٺن ۽ غريبن کي ڪليش پهچائين ٿا يا لوڪ ۾ پنهنجي واهه واهه ڪرائين
هو پنهنجي اهنڪار کي مارڻ بدران پسن يا منش ٻالڪن جون به قربانيون پنهنجي اشٽ
راضي ڪرڻ لاءِ ڏين ٿا. جيڪو شڪتي ڏيڻ وارو پرماتما سندن شرير ۾ آهي، انکي
اهڙي تپسيا ڪري اُهي موڙک ڪشٽ ڏين ٿا. انهن تامسي تپسيائن ۾ ڪشٽ بيحد ۽
و ٿالي مائر ٿو لڳي. سالوڪي شرڌا واري تپسيا جو مثال ڏرو ڀڳت جو هو، فريد صاحب جو
يا پارٻتيءَ جو، جو شِوُ ڀڳوان کي پتي ڪرڻ لاءِ هن ڪيو، انهن سڀني ۾ سچي شرڌا ۽ پريم
۽ نه ڏيکاءُ يا اهنڪار. فريد صاحب جي تپسيا به بلڪل گهور هئي، ڪجهه وقت هن وڻ
اُبتو لٽڪي به تپسيا ڪئي پر من کي مارڻ لاءِ ڪاٺو بند ڪري ڪاٺ جي روٽيءَ کي ٻڪ
چڪ هڻي من کي ماريائين. هڪ دفعي جڏهن ڪي سال تپسيا ڪري ماتا وٽ گهر
ته ماٺس هن جي مٿي جا وار مٿيءَ ۾ پريل ڏسي، مٿو ڌوئڻ ۽ ڦڻي ڏيڻ لڳي ته ڪي
پنهنجي پيا ۽ فريد کي سور ٿيو، جنهن ڪري وات مان ڪجهه ٺوڪاري جو آواز ڪڍيائين.
چيس ته ”توُن جو ٻن ۾ وڻن مان ڦل يا ٻن پتي ٿو کائين ته اُنهن کي سوُر ڪونه ٿيندو
و؟ ڇڻن وارن پتن تي توُن ڏڌ وچان ٺوڪارا ٿو ڪڍين!“ ان ڪري هن ڦل ۽
ڪاڻ به ڇڏي ڏنا ۽ ڪاٺ جي روٽي ٺهرائي ڪلي ويو. هن ۾ دلي ڪهت يا ڏيکاءُ
نه هو، پر پرماتما سان ملڻ واسطي ٿي هن سڀ سختيون پئي سٺيون.

گرو گوبند سنگهه لاءِ ڄاڻايل آهي ته ڪل ١٢ ورهيه تپسيا ڪيائون ۽ واريءَ ۾ اڪ جي
جو آهار ڪيو هوائون ۽ پٿرن ۽ پٿرن تي آسڻ ڪيو هوائون. جتي هنن اها تپسيا ڪئي،
اڄ تائين روڙا صاحب گرد وارو قائم آهي. مطلب ته ڀڳوان تپسيا جو ڪنڊن ڪونه ٿو
ي، جو ته اُها من، اندرين ۽ انتهڪرڻ کي صاف ۽ شڌ ڪرڻ جو ۽ پرماتما سان من
ڻ جو عمدو طريقو آهي. پر اُها سالوڪي نموني جي هجي. گرو گوبند سنگهه ته صاف
و آهي ته جيڪي سمجهن ٿا ته ننگا پير ڪري هميشه گهمڻ ڪري ماٺهو اسان جي
واهه ڪن ۽ اسين وشي ليکجون، سو جي ان طرح ڀڳوان ملي يا سڌي حاصل ٿئي ته
ا ۽ بالدر نه ساري حياتي ٿا پيري اگهاڙو گهمن، پوءِ هو نه ضرور انهن سان ملڻ گهرجن.

ڪيائين ته ترلوچن ڀڳت جي استري، جو هيءَ گمان ڪيو، سو ڪوڙو ثابت ٿئي؛ ته مونجهس به اهڙو صدق آهي ڪين اهڙو ٿي ڪري. اهو سوچي هن جي آزمائش وٺڻ چاهيائين. هڪ ڏينهن پنهنجيءَ ٻانهيءَ کي سمجهائي ڇڏيائين ته اڄ رڌڻي ڪندي اچج ۽ اچي ڀڳت صاحب جي استريءَ جي روبرو چئج ته "ڀڳت صاحب سرڳواس ٿي ويو." ڪٿا ٿي رهي هئي ۽ ٻانهي رڌڻي آئي ۽ اچي چيائين ته "مهراج ترلوچن جن دربار ۾ ويٺا هوا ته مٿان ڪالنگ ڪريو ۽ هن کي ڏنگيائين، جنهنڪري هو مري ويو." سندس استريءَ اهو ٻڌو ته پڇيائين ته "ڇا سچ پچ منهنجي ٻران پتيءَ جا ٻران نڪري ويا!" اهو چئي هڪ ٿڌو ساهه کڻي ٻران ڏنائين ۽ سڀيءَ سڀيءَ جو ٻرلڪ ٿيال پيش ڪيائين. راڻي اهو ڏسي حيران ٿي وئي ۽ هراس وٺي ويس. دکي ٿي ته هاڻي ڇا ڪريان؟ مون ٿي ته وڏو ڪلنڪ لڳندو. آخر راجا کي گهرائي سارو حال ڪيائين، ٻاجاليءَ واري ڳالهه به ٻڌايائين ته مون هن ڪري ٿي پريکيا ورتي. راجا چيو ته ڳالهه ته ڏاڍي خراب ٿي آهي، پر مهاتما سان سمورو سچو احوال وڃي ڪيائين. ڀڳت صاحب چيو ته "راڻي! خيال نه ڪريو. جنهن جو مون ۾ اندرو سچو پريم آهي، سو اُن جو روح ڪاڏي ويندو؟ هن جو روح مون کان سواءِ ٻئي هنڌ ڪٿي رهندو؟ مونکي مٿي ۾ ڏسي، منهنجي ناريءَ جو روح مون ۾ آهي." ائين چئي ڀڳت صاحب ته ويٺي هوءَ جا ڳالهه ڳالهه لڳو ته جلد ٿي سندس ناريءَ جو روح اچي ان شرير ۾ پيو ۽ هوءَ "سوامي سوامي" چئي اٿي کڙي ٿي! اها آهي ساتوڪي ۽ سچي شردا!

شلوڪ ٤. ساتوڪي سڀاءَ وارا انسان، ديوتائن ۽ ايشور جي پوڄا ڪن ٿا، راجسي سمپدا وارا يڪشن ۽ راڪسن جي اُپاسنا ٿا ڪن ۽ تامسي سڀاءَ وارا جنن ڀوتن ۽ پريتن وغيره جي آراڌنا ڪن ٿا.

سچي شردا ته ساتوڪي آهي، جا هندو ڌرم جو ٻُڌو آهي، پر وچي ٿي الوپ ٿيندي. ڇا ميران کي سمجهه ڪانه هئي ته هڪ زهر جو پيالو ڪيئن موڪليو ويو آهي، پر هن اٽل شردا رکي ته اهو ڀڳوان ڪرشن وٽان چرنامرت آيل آهي. ڪنهن سالڪ لکيو آهي ته لوهار کان سونارو سياڻو آهي، ان کان والمو ۽ والمي کان سيٺ، پر سڀني کان سياڻو هريءَ جو ڀڳت آهي. ميران ته پنهنجي اشٽ ديو ڪرشن والڪر ٿيهي لوکن جي جاڻُو هئي، سو هوءَ پنهنجو وشواس ڪيئن وڃائي؟ ڪي جوڳي ٿا ته پستڪن ڪي متر ٿيڪڙا ۽ الهن جي آرتي وغيره ڪرڻ به الڌ شردا آهي. پر ائين ڪين آهي. اها الهن پستڪن جي ٻاليءَ جي عزت آهي. سنتن جي ٻالي ايشور جو حڪم آهي ۽ ايشور جو روپ. ان ڪري گرنٿ صاحب اڳيان لٽا جهڪڙن، ايشور ۽ سندس ڀڳتن اڳيان لٽو آهي ۽ پر شردا ۽ صدق هجي.

شلوڪ ٥. جيڪي گهور تپسيائون ڪن ٿا، جن بابت ويدن شاسترن ۾ ڪو حڪم نه آهي ۽ اهي به دنڀ ۽ اهنڪار وچان ۽ ڪام ۽ راڳ جي وسگن ۾ ڦاٿل آهن،

ـڪ لئي لڳي، هرديءَ ۾ خوشي ۽ شانتي ۽ دماغ ۾ سمالُب ۽ شڪتي بخشين ٿا ۽
ـي تندرست ۽ ترونو ٿا رکن. "جهڙو اَن تهڙو من"، جو چيو اٿن سو چوڻ بجا طرح آهي.

شلوڪ ٩. تمام ڪؤڙا، کٽا، کارا، گرم، رکا، تکا، چاڙهي ساڙيندڙ کاڌا،
ـيڪي دک، شوڪ ۽ روڳ اُپائن ڪن ٿا، اُهي راجسي سڀاءَ وارن منشن کي
ـيارا لڳن ٿا.

("تمام" لفظ سڀني سان تو لڳي ۽ نه رڳو هڪ سان).

شلوڪ ١٠. جيڪو کاڌو پاروٿو آهي، يا ڪچو پڪو آهي، جنهن ۾ ڪو رس
ـا سواد نہ آهي، جنهن ۾ بدبوءِ هجي، اُڇلائي ڇڏڻ جهڙو گندو، اَپوتر ڍا
ـوٺو هجي، اُهو تامسي لوڪن کي وڻي ٿو.

ستوگڻ آهار سان پران چڱيءَ طرح شانتيءَ سان هلن ٿا ۽ اُنهن کي روڪي پرڻايام ڪري،
ـر وڌائي سگهجي ٿي؛ جو نہ هرهڪ پراڻيءَ جي پراڻن جي سنکيا مقرر ٿيل آهي. رشي
ـي پراڻن کي روڪي هزارين ورهيه جيئرا رهندا هوا. سواس لمبا ٿيا نہ عمر ضرور وڌندي.
ـڻ گهڻي کاڌڻ سان بہ سواس تورا ٿا ڪٽجا پون، جنهن ڪري عمر گهٽ وڃي ٿي. ستوگڻي آهار
ـڻ سان ڪرودہ بہ لٿو اچي ۽ ڏيرج وڌي ٿو، رجوگڻي پوجن مان جوش ۽ ڪرودہ جلد ۽ سولو
اچي، جنهن ڪري ڪشت ۽ دک پراپت ٿين ٿا ۽ بيمارين پڻ پيدا ٿين ٿيون.

کاڌو جن پرڪارن جو بيان ڪمل آهي: هڪڙو جو چٻاڙي کائجي، جئن روٽي، سبزي
ـرهہ؛ ٻيو جو چوسي کائجي، جئن اَنب، نارنگيون، سنگترا، ڪمند وغيره؛ ٽيون جو
ـي کائجي، جئن چٽڻي، تمام نرم سبزي وغيره ۽ چوٿون جو پي وڃجي، جئن کير، پاڇين وغيره
ـن ڪٽل رس، شربت وغيره.

هڪ جڳهہ تي شاديءَ جو پوڄن ٿيو. کاڌو وقت بہ ٿوليون ٿاهيون ويون، هڪڙي ماس
ـارين جي ۽ ٻي ويشنو کاڌي وارن جي ۽ ڪين جدا جدا ڪمرن ۾ وهاريو ويو. ويشنو ٿاريءَ
ـہ سندر، سٺيا، مٺا ۽ رسيلا پدارٿ ملبا پورين، کچوڙي، سبزي، مٺائي، وغيره، پر ٻيءَ
ـئيءَ کي ملبا رڳو ماس جا نڪر، هڏا ۽ اُٻٽا ٿلڪا. ماس کائڻ وارا چاڙهي ٻجهي اُٻٽا ٿلڪا
ـميدا آهن، جو نہ کاڌو تامسي اٿن. راجسي کاڌي مان اهڪ دل، دماغ ۽ چاڙهيءَ جسون
ـارين پيدا ٿين ٿيون، جو نہ اُهي حد کان وڌيڪ کارين، کٽين، گرم ۽ هرديءَ کي
ـيدا ٿين ٿيون. اهي بدن ۾ بہ سستي، آلس ۽ گهٽي لاءِ آڻين ٿيون. هندو ڌرم انوسار
ـوڄن رکيل آهي، اهو اهي ڪنهن بہ قوم ۾ نہ آهي، پر هائي نہ ماس، مڇيون ۽ بيدا بيا
ـو واپرائين. جن ساتوڪي پوڄن جو آنند ورتو آهي، اُهي ڪڏهن بہ راجسي يا تامسي
ـڏا پسند ڪين ڪندا. کاڌو پورڻا سان تو ڊر اسڃان لي لهڻ جڳائي. جيڪڏهن ماس
ـءَ مان سچ پچ طاقت لهي، جئن ڪن ماڻهن جو خيال آهي نہ ڀڳوان جو ٩ شلوڪ ۾ چوي
ـهو راجسي کاڌو دک، شوڪ ۽ روڳ ڏيڻ وارو آهي؟ خراب کاڌي مان نہ فقط شرير، پر

جهڙا هو وڏين جتنن رکڻ سان پرماتما ملندو هجي ۽ الٽو پر ٻاڪند هجي ته پوءِ جهڙي ورتن جون جتنن کو گهڻا وڏيون ڪوڙ آهن، پوءِ اهو وڏ به ايشور سان ملڻ ڪهڙي؟ اهڙن ولڻهارن وارا معنش دوکو ڏا ڪالهن ۽ اهڙا ڏي جهر ٻالي پڪندا رهن ٿا. جهڙي سمجهن ٿا ته وڏيون ٻالڪون ڏيئي، ڏلي ۽ کي راضي ڪري سگهون، آهي به مورک آهن. ڪڏهن به ته پنهنجو دمع روز ڪوڪڙن ڪندو آهي ته اُن ڪري به ڪا اوچ پدوي ملڻ ڪهڙي. ساڌن ڪو پڙو ۽ ته آهي، جو رڙيون ڪري ڪمس سڌ ڪريون ا ڪڇي خدا جي خلق تي ظلم ۽ پوءِ ڏجن ٻالڪون، سو ته خدا کي لڳڻو آهي. واوڻ پنهنجا سر وڍي هوم ڪري شو ڀڳوان ڪي راضي ڪيو، پر اُن هوندي به اهو ور ڪوڙ ٻالي سگهيو، ته اصل نه مري. ڪلجڳ ۾ ته عمر به ٿوري، شرير دربل ۽ پران اُن مه پڻ الاج تي منحصر رکندڙ، جو هڪ به ڏينهن ڪاڌو نه ملي ته طاقت تي ڪمي تي وڃي. سو وڏيون نه جا، پر رواجي تپسيائون به ڪرڻ مشڪل آهن. هاڻي ته رکو ساتوڪي ڪرم، ستسنگ، ڀڄن ۽ دان پڻ تي ڪرڻ ڪافي آهن، جنهن مان اتهڪرڻ پسوار لئي. ٿوري گهڻي تپسيا ڪمر من کي مارڻ لاءِ ڪرڻ چاهي ته اها به ڏيکاءُ دلب يا ٻاڪند لاءِ نه هجي، پر پڻ کي سکي ڪرڻ لاءِ ۽ شڪتي پرالي پڻ جي ڪلهاڻ ڪرڻ واسطي.

شلوڪ ٧. جو ڪاڌو هر هڪ کي پيارو لڳي ٿو، اهو پڻ ٽن نمونن جو ٿيندو. ساڳيءَ طرح يڳيه، تپ ۽ دان پڻ ٽن پرڪارن جا ٿين ٿا. انهن جو ڀيد تون مون ڪان ٻڌ.

ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته مايا جي ٽن گڻن وارن معنش جي ڌار ڌار سڀاءَ هئڻ ڪري هن جو ڀوجو به ٽن قسمن جو ٿئي ٿو ۽ ان ڪري جهڙو ڪاڌو هن کي وڻي ٿو، اهو به ٽن قسمن جو آهي ۽ سندن يڳيه، پڌارا، دان پڻ، تپسيائون يا شرير جون ساڌنائون پڻ ٽن پرڪارن جون آهن.

دان جو مطلب آهي ته جنهن شيءِ يا پدارٿ ۾ ممتا هجي، اها شيءِ يا پدارٿ ٻئي ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏيئي ڇڏجي ۽ اُن ۾ وري پنهنجي ممتا نه رکجي. اڌڪاريءَ کي دان ڏيڻ سڦلو ٿئي ٿو. جيڪي اسين ڏيون ٿا، اهو سڀ آهي ته پرماتما جو ڏنل، پر جڏهن اسين اُن مان پنهنجي ممتا ڪڍي، ٻئي کي ڏيون ٿا ته اهو اسان جو دان ٿو سڏجي. ممتا ڪڍڻ کان سواءِ ڪيترو به ڪنهن کي ڏن پدارٿ ڏجي، ته اهو دان ڪو ليکجي.

شلوڪ ٨. اهي ڪاڌا، جيڪي عمر، پوترتا (يا اُتساهه)، ٻل، تندرستي، خوشي ۽ سک مکيه ورتي ۽ هاضمو وڌائيندڙ آهن ۽ جي رسيلا، سٺيا، من کي وڻندڙ ۽ پشٽي ڏيندڙ ٿين ٿا، اهي ساتوڪي سڀاءَ وارن کي پيارا ٿا لڳن.

ساتوڪي ڪاڌا پيٽا هر هر جو ٻل وڌائين ٿا ۽ من کي ٻڌ پڻ ڏين ٿا، جنهن ڪري پورهيو ڪندي به ٿڪاوٽ گهٽ معلوم ٿئي ۽ بک به چڱي تي لڳي. اهي گهڻو ڪري سڄا (گهه مکڻ وارا)، رس وارا ۽ وڻندڙ ٿين ٿا، جهڙڪري ٻئڊن ۾ گهڻو جهلا ٿا ڪن يعني هر هر

ـيا ڀاڳ، ڀنڊارا، اشوميڌ يا راجسوءِ وغيرهه يگيه سڀ "يگيه" اندر اچي ٿا وڃن. گيتا جي پرڪرتيءَ انوسار اهي سڀ اُن پرڪارن جا ٿين ٿا. سنتن مهاتمائن کي رسوئي ڏيڻ، سمنڊ ڏيڻ اهو به يگيه ڪرم آهي، ويدن جي آگيا آهي ته جيستائين جياپو آهي، اوستائين اگني هوتر آدي ڪرم ۽ تپسيا وڏا يگيه ڪرڻ گهرجن. پاپن گناهن جي نوِرتيءَ لاءِ به اهي ضروري آهن. شاسترن ۾ ڏيکاريل وڌيءَ انوسار، پوري شرڌا ۽ ڀاءَ سان ۽ نشڪام ٿي، بنا اهنڪار يا ڏيکاءَ جي جيڪو يگيه ڪيو وڃي ٿو ۽ ڌن سان سيوا جو ڪرم ڪجي ٿو، اهو سڀ ساتوڪي يگيه يا ڪرم ٿو ليکجي. هن لوڪ اڳوا پرلوڪ يعني سرڳ آدي لوڪن جي سکن ۽ ڀوڳ پدارٿن جي اڇا به نه رکڻ گهرجي. اهڙن ڪرمن ڪرڻ وقت يا خرچ پکي ڪندي به من ساوڌان رکڻ ضروري آهي.

امرتسر ۾ مهاتما شام سنگهه ٿي گذريو آهي. هن جي برهم ليِن ٿيڻ وقت عمر هڪ سؤ سالن کان به مٿي هئي. اهڙي وڏي ڄمار هوندي به هو ساڌن سنتن جو ڀنڊارو ڏيندو هو، ته وڏي ان لنگر ۾ ٿالهن ڪڙهن جي شرڌا ۽ پريم سان سيوا ڪندو هو ۽ گلي ۾ ڪپڙو وجهي پاڻ پوري ولدو هو ۽ ٿالهن ڀوڳ پيتا رکندو هو.

ڪاميا رکي جيڪو يگيه آدي ڪرم ڪجي ٿو، جيئن راجا دسرٿ پٽر سنتان لاءِ ڪيو هو، هو راجسي يگيه يا ڪرم آهي. اُن ۾ ٽي ڳالهيون ٿين ٿيون: (١) ڪنهن ارٿ يا ڪاميا پوري ٿيڻ جي آس، (٢) ڌارمڪ ڌرماتما يا داني سڏائڻ جي خواهش ته لوڪ سندس جس ڳائن ۽ (٣) پنهنجي ڌن دولت جي ڏيکاءُ ڪرڻ جي لالسا.

تامسي سڀاءَ وارا منش به يگيه آدي ڪرم ڪن ٿا، پر اُنهن ۾ هڪ ته هو ڪوبه نيم، وڌي شڀ پالنا ۽ شرڌا وغيرهه نٿا رکن، ان وغيرهه جيڪو ڪم آڻين ٿا، اهو به اشڌ، خراب يا صاف نه ڪيل، پرهيڻ، ساڌن سنتن کي ڀوجن کان پوءِ نٿا پوڄه دکشنا وغيرهه به نٿا ڏين ۽ اُنهن جو آدر ستڪار ٿا ڪن. هنن جي اندر ۾ شرڌا به نه آهي، جنهن ڪري اُنهن کان ڪوبه سٺو ڦل ٿو حاصل ٿئي.

هڪ وڏو ڌني پرش هو، جنهن کي پرماتما گهڻو ئي پدارٿ ڏنو هو. هن جي پٽر جي شادي ٿي ته پوءِ سندس ٿنهن اچي ڏٺو ته جيڪو به غريب غربو، ساڌو، فقير در تي پهتو ٿي، ان کي ڪڍي پيا ڇڏين. هوءِ ته هڪ چڱي ستسنگيءَ جي ڪنيا هئي ۽ سندس پيڪي گهر ته سنتن مهاتمائن جي سيوا ٿيندي هئي، دان پن ٿيندا هو، پر هت جو هن جو حال ڏٺو ته نه دان، نه پن، نه نام جپڻ ۽ نه ٻيو ڪو شڀ ڪرم، سو هوءِ ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳي، جو ته هن چالو ٿي ته

ڪبير جنهن گهر ساڌ نه سيوئي - هرِ ڪي پوڄا نانهه،

تي گهر مرگهٽ جاڻيئي - ڀوت بسي تِن ماهه.

هڪ ڏينهن ڪو فقير در تي آيو ۽ اچي صدائون ته ڀکيو آهيان. هن ڪنهن به ٿلڪا ۽ ڀي ڳالهايو ته ڏٺو ته سندس سسُ سائس جهڳڙو ڪرڻ لڳي. هن سوچيو ته اهڙي گهر ۾

دماغ جي شڪتي به خراب ٿيو پوي ۽ ٻڌي ڀرشٽ ٿيو پوي. جئن پهاڪو به آهي:

جيسا کائو اَن، اوسا هووي مَن، جيسا پيئو پاڻي،
تيسي هووي واڻي، جيسا پيئو ڏڌ، تيسي هووي ٻڌ.

ڪي چون ٿا ته ساتوڪي کاڌو فقط سادن سنتن لاءِ آهي ۽ گرهستي ماڻهن لاءِ راجسي ڀوڄن ضروري آهي، پر اهو خام خيال آهي. دماغ، من ۽ ٻڌيءَ جي شڪتي جا ساتوڪي کاڌي مان پراپت ٿئي ٿي، اها گرهستين لاءِ هيڪاري وڌيڪ ضروري آهي، ڇو ته هنن کي وڏن معاملن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ گهڻا مسئلا حل ڪرڻا ٿا پون. هڪ نگر ۾ ٻن پهلوانن ڪشتي وڙهي. هڪ راجسي ۽ تامسي آهار وارو هو ۽ ٻيو ساتوڪي کاڌي وارو برهمڻ. ان وڙهه ۾ ساتوڪي کاڌي واري برهمڻ ٻئي پهلوان کي جيتيو ۽ انهن ڪيس ڪشتي هيمه ٿو کيائين، جو سڀ حيران ٿي ويا، جيتوڻيڪ هو ڏسڻ ۾ به ٻلن ۾ هن کان گهٽ طاقت وارو پئي لڳو. ان برهمڻ پهلوان جو کاڌو هو ماکيءَ جي دال، جا هو گيهه ۾ لسري کائيندو هو ۽ هن جي ڪسرت هئي کوهه کاهڻ. باندرن ۾ به ڏسو ته ڪيترو نه ٻل آهي، پر هو پڪا ويشنو آهن ۽ ماس کي ڇهن به ڪين. اندا ۽ ڪيترا ماس جا ڇڏي، جيڪڏهن اسين مکڻ، کير، ڏهي کائون ته ڀڳوان ڀاڳيهي هوند آهي شيون وڌيڪ ۽ سستيون ۽ سٺيون ڏنيون. ماڻهن گهڻن ۾ گئو پالڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ جن وٽ گئون آهن، آهي به هنن جي پرداخت نه ٿا لهڻ ته هو ٻاهر وڃي ڪن ڪچرو کائين ٿيون، جنهنڪري نه سٺو ۽ نه گهڻو ۽ نه پسولو کير ڏين ٿيون. راجسي سڀاءَ وارو ماڻهو هروقت کاڌي لاءِ جدا جدا پدارٿ حاصل ڪرڻ جا ويچار ڪري ٿو ۽ زبان جي چسڪي جو ڏاڍو خيال ڪندو آهي. هو مرچ مصالحه، کٽاڻ گهڻي انداز ۾ ٿو پسند ڪري. پيٽ ڀرجي وڃيس ته به پنهنجي زبان کي چسڪو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو، جنهن ڪري تندرستي به بگاڙي ٿو. تامسي سڀاءَ وارا وري جاڙي واڙي اهوڙو ۽ ترڪل، جوٺا، اٺيا ۽ ڪچا پڪا کاڌا ٿا چاهين ۽ گانجي، چرس، ڀنگ، آفيم ۽ شراب جا شوقين ٿين ٿا. ان ڪري هو سڀاءَ جا ڪروڙ (ڪنور) ۽ شيطان ٿين ٿا.

شلوڪ ١١. ڦل جي اِڇا کان سواءِ ۽ ائين ڄاڻي ته هيءُ اسان جو فرض آهي، نشچنت من سان جو يگيه ڪرم شاسترن جي ٻڌايل وڌيءَ انوسار ڪيو وڃي ٿو، اهو ساتوڪي يگيه آهي.

شلوڪ ١٢. جيڪو يگيه ڦل جي آس رکي يا ڏيکاءَ لاءِ ڪجي ٿو، اهو هي ڀرت ڪل ۾ سريشٽ ارجن! راجسي يگيه ليکيو ٿو وڃي.

شلوڪ ١٣. شاسترن جي وڌيءَ ۽ نيمن جي ورڌ، ان دان کان رهت، منترن وغيره کانسواءِ ۽ ڏکڻا وغيره ڏيڻ بنا ۽ شرڌا کان خالي جيڪو يگيه ڪيو وڃي ٿو، ان کي تامسي يگيه ڪرم ڪوٺيو ٿو وڃي.

ٽنهي ئي شلوڪن ۾ ڀڳوان ٽن پرڪارن جا يگيه ٿو سمجهائي. هون، هوم، لنگر، اکنڊ پاٺ

هڙي سان سنمان، سڌائيءَ، نرمتا ۽ نماڻائيءَ سان هلڻ ضروري آهي. شرير جي صفائي ۽ ولرتا، هردي جي ڪوملتا، سوڌو سياءُ، برهمچريه جو پالن، اهنسا اهي سڀ شرير جي تپسيا جا أنگ چيا ويا آهن ۽ باقي دونهون دکائي وهڻ، پاڻيءَ ۾ رات ڏينهن پيو رهڻ، هڪ ٽنگ تي بيهڻ يا وڻن ۾ اونڌي لٽڪڻ کي ڪو تپسيا ڪونه ٿو ليکجي. شرير ۽ من جي تپسيا بالڪپڻي کان ئي ڪرڻ گهرجي، نه ته به جوانيءَ ۾ ته بلڪل ضروري آهي، ڇو ته ٻڍاپي ۾ ڪجهه به ڪين سگهندو. اُن وقت نه شرير ۾ طاقت ئي نه هوندي. ڪجهيءَ ئي هڪو سنت پرش ودوان ۽ ڀڳتن جي سنگت ڪري ٿو، اُهوئي حياتيءَ سڦل ڪرڻ جا رستا سکي پنهنجو جنم سڦلو ڪري ٿو سگهي. مورکن ۽ ممکن جي سنگ مان ڇيهو آهي، پوءِ اهو مورک ڀلي ڪيڏو به شاهوڪار يا وڏو ماڻهو هجي. ودوان يا پنڊت ڪٿي دشمن هجي ته به اهو سريشٽ آهي ۽ اُن جي سنگ مان فائدو ئي ٿيندو. اهو پهاڪو نه مشهور آهي ته ”نادان دوست کان دانا دشمن ڀلو.“

درشٽانت: هڪ برهمڻ کي پٽ پيدا ٿيو. پالڪ جي جنم پتري لاهيندي ڏنائين ته هيءُ چور ٿيندو. پنڊت سياڻو هو، سو اها ڳالهه ياد رکيائين. ڇوڪرو وڏو ٿيو ته پٽس کمس ودّيا پڙهائي. ڀاڳ وڏو هوس، سو ودّيا به خوب پرايائين. پنڊت راج درٻار ۾ ويندو هو پٽ کي به وٺي ويندو هو. ليڪن موجب هنڪي ڪن چورن سان سنگ ٿي ويو. چورن سمس چيو ته ”توهان راج درٻار ۽ راج محل ۾ ويندا آهيو، سو اسان کي مدد ڪر ته راجا جي چوري ڪريون.“ هن اهو مڃيو. هڪ ڏينهن چورن کي محلات جي ٻاهران بيهاري، اڻ اُن محل اندر ڪنهن هنڌ لڪي وڃي رهيو. رات ٿي ته چوري ڪيائين. خوب ڌن ڪٺو ڪري چورن کي ڏنائين ته کڻي هلو. وڃڻ وقت ڏٺائين ته جنهن ڪمري ۾ راجا سمهيو پيو هو، اُتان ناڳ نڪتو ۽ پالدر، جو اُتي ويٺل هو، اهو هنجي پٺيان پيو، پر پڪڙي هو ناڳ جي پاڇي کي ۽ ناڳ پيو وڃي سڌو راجا ڏي. پنڊت جو پٽ چور نه هو، مگر سمجهيس پنڊتائي هئي، سا ڪٿي لڪي؟ خيال آيس ته ناڳ کي ماري، راجا جي جان ڪٿي بچايان؟ يڪدم راجا جي تلوار کڻي ناڳ کي ماريائين ۽ اُن تلوار تي رت سان شلوڪ لکي ويو ته ”ودوان يا پنڊت جيڪڏهن ڪٿي شترو به هجي ته به سريشٽ آهي ۽ مورک ڪٿي دوست هجي، ته به اهو هتڪاري نه آهي.“ پالدر راجا جو مِتر نه هو، پر هنکي خبر ڪانه پئي ته اصل ناڳ کي ڇڏي، هنجي پاڇي کي پڪڙڻ جي ڪوشش پيو ڪري. سوير ٿي راجا جاڳيو ته ناڳ کي مئل ۽ تلوار تي لکيل شلوڪ ڏٺائين. راڻيون چوڻ لڳيون ته ”مال چوري ٿي ويو آهي.“ راجا اهو شلوڪ پڙهي حيران ٿي ويو. ڏينهن جو درٻار لڳائي ڍنڍورو ڏياريائين ته ”جنهن چوري ڪئي آهي، اُنکي معاف آهي ۽ پر سچي ڳالهه اچي ٻڌائي.“ پنڊت جي پٽ اهو ڍنڍورو ٻڌي يڪدم راجا وٽ اچي چيو ته ”چوري مون ڪئي آهي.“ راجا سمجهائي گهريس. چيائين ته ڪسنگ ۾ ڦاسي مون چوري ڪئي، پر ناڳ کي مون ماريو، جو نه پالدر هنجي پاڇي کي پيو پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري. راجا

رهڻ لاءِ اچايو آهي، سو هلي وڃي ڀڳڪي ٿيو. آهر پڻ ان هفتن کان پوءِ ساهرا ٻرچالڻ آيس. ڪالهوڻن لڪتون ته جهڳڙو جاڳو آهي. سدس سهري فضول کيو ته هن کي مهني ۽ هڪ ڪوڙ انگي جي ڏيندس ته ٻلي دان ٻج ڪري. اُهن جهڙي لنهن کي ٻرچالي ولي ته آيو، پر جڏهن ڏيڻ جو وقت آيو ته سدس. اُصلي ڪنجوسيءَ جو سپاهه ظاهر ٿيڻ لڳو. پيو ڪسالي. آخر لنهن جي روز روز چوڻ تي ولو ٻرار ٻ. ڏاڏاهن ته ڪڪڙڪ مهانگي آهي، سو خراب سرپال چڻن جا اُدائي مڻ ولي ڀسهالي ڪڻي اچي لنهن کي ڏاڏاهن ته دان ڪر. هن ڏلو ته سهن، پر حال خيال ڪيائين ته اهو ۽ چڱو. جڏهن ڏاڏاهن ته اُهو ٻسڻ ٻلڪل خراب چڻن جو آهي، سو خيال ڪيائين ته ٻهري کي ڏيکارڻان ته ڪنڌا ٻوڪي ڪل ڪنهنکي ڪوڻ ملندا آهن. ”ٻهجي وڪ، مڪي اُمرت، ولکو اُٻهه لهاءِ!“

هڪ ڏيهن سدس سس ٻاهر ويل هئي. اهو وجهه وٺي جڏهن سدس سهرو مدجهيد جو گهر ۾ پوڄن ڪاڻڻ آيو، تڏهن لنهن کيس اُنهيءَ ٻسڻ جون روٽيون ٻچائي گيهه وغيره مکڻ کان سواءِ ڏنيون ۽ چيائين ته ”بابا! کائو“ جو اُهي ڏسي کاڻڻ کان سواءِ چپ ڪري واپس لنڪان لي علبو ويو. رات جو گهر آيو ته زال کان پڇيائين ته ”اُڄ ڪاڏي وڃي هئينءَ؟“ هن چيو ته ”فلاڻي هنڌ وئي هيس، پر لنهن جو وڃي هئي.“ سيٺ ٻڌايس ته ”اهڙا ڪلڪا ٻچائي ڏنائين جو مون گرهه ۽ نه کاڌو.“ پڇڻ تي لنهن چيو ته ”اما! اوهان جو هي اُنو دان ڪا ڪرڻو ته پرلوڪ ۾ ملندو ۽ اهڙو ئي. مون انڪري سوچيو ته بابا کي هاڻي ئي همراهي ڇڏيان، متان پوءِ لڪليف ٿئيس.“ سيٺ کي انڊر ۾ نوڪر لڳي وئي ۽ چوڻ لڳو ته ”ڀلا! سون هاڻي سمجهيو. اڄتي جيڪا رسولي رڌڻي ۾ سيڄي لاءِ ٺهي، اُن مان ئي ڦقير ڦقري کي ڏج. اسان جي موڪل اٿيئي.“ مطلب ته تورو ئي دان پڄ ڪجي، پر شرڌا ۽ پريم سان ۽ اهڙو جو وٺندڙ راضي ٿئي. ماٺهو کيس وغيره ۾ سڦلتا لاءِ، بيماريءَ مان ڇٽڻ لاءِ، نوڪرن ملڻ واسطي، سنتان پيدا ٿيڻ لاءِ پڻ وڏا يگيه ڪن ٿا، پاڻ ۾ رڪائين ٿا. اهي سڀ راجسي يگيه ٿا ليکجن ۽ اُنهن مان اتهڪرڻ جي شڌي ڪانه ٿي ٿئي. اتهڪرڻ جي شڌيءَ لاءِ ساتوڪي يگيه دان پڄ نشڪامتا ۽ شرڌا پريم سان ڪرڻ ضروري آهن.

شلوڪ ١٤، ديوين ديوتائن، برهمڻن، گرن ۽ آچارين، پنڊتن ۽ گياناوانن جي پوڄا ڪرڻ، شرير جي پوترتا، سڀاءَ جي سوڌائي، ڪومل چت، برهمچريه جو پالن ڪرڻ، ۽ اهنسا انهن سڀني ڳڻن کي شرير جي تپسيا ڪوٺجي ٿو.

تپسيا رڳو جهنگل ۾ وڃي ڪانه ٿي ڪري سگهجي. سچو تپسوي اُهو آهي، جو هن شلوڪ جي سکيا تي هلي ٿو. ديوين ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ، برهمڻن، گرن ۽ وڏن جي عزت ڪرڻ، اُنهن کي نمسڪار ڪرڻ ۽ سندن سيوا ڪرڻ، اهي سڀ اُنهن جي اُپاسنا آهي، جا شرير جي تپسيا ٿي ليکجي. سچا برهمڻ اُهي آهن جي ويدن اُنوسار ڪرتوبه ڪن. گرو لفظ ۾ ماتا پتا، وڏا ڀاءُ، وڏا عزيز، اُستاد، پروهت، آچاريه، گيان گرو سڀ اچي ٿا وڃن. انهن

خوشيءَ جي ڳالهه به ان نموني ۾ نه ٻڌائجي، جو اوچتو بيحد خوشي ٿئي. اها به دل تي نقصان
ڀارو اثر ڪري ٿي ۽ ڪڏهن وقت ان مان جان جو به جوکو ٿئي ٿو. ڪيترا مثال ٿيا آهن، جو
ڪو اوچتو ڪنهن وڏي لاٽريءَ جي انعام اچڻ جو ٻڌندو آهي، ته خوشيءَ وچان هن جي دل
ڦاٽي ويندي آهي يا هن جو دماغ ڦري ويندو آهي. ڀاولپور رياست جي هڪ جلال پور
جي ڳوٺ ۾ اڳين پورن ۾ رواج هو ته پنهنجي ڪنيائن کي شادي ڪونه ڪرائيندا هوا، جو
هو ٻانڌ جهڙو ڪنهن کي ڪين سمجهندا هوا. ڀاولپور جي نوابن ۾ به اهڙوئي رواج هو ۽
هڪ نواب پنهنجي ڀيڻ جي شادي ڪرائي ۽ چيائين ته پنهنجي ڪنيا جي به ڪرائيندس.
هو ڏسي پير به خيال ڪيو ته پنهنجي ڀيڻ جي شادي ڪرائان. هوءَ ان وقت ٣٩ سالن جي
ٿي ويٺي هئي. شاديءَ جو ٻڌي هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. وقت به مقرر ٿي ويو ته ڏينهن
ڏينهن نڪاح پڙهندو، پر ان خوشيءَ ۾ هن کي هڪدم اچي بخار ٿيو، جو مٿو ۾ چڙهي ويس
دوائن سان به هن جو بخار نه لٿو، پر ان سان گڏ سندس پراڻ به نڪري ويا. ڪوڙا وچن
نه چئجن ۽ نڪي اهڙا مٺا وچن چئجن، جي ڪوڙا هجن. ڪوڙ ڳالهائڻ سان وائيءَ جي
شڪتي گهٽجي وڃي ٿي. "پراشهت سمرتيءَ" ۾ لکيل آهي ته پرهما هڪ دفعي پرک وٺڻ
چاهي ته اشومڌ يگيه وڏيڪ آهي يا سچ ٻولڻ. تارازيءَ ۾ هڪ طرف سڄو اشومڌ يگين جو
ڦل وڌائين ۽ ٻئي طرف سچ ٻولڻ جو ڦل، ته سچ وارو پاسو هيٺ ٿي ويو. سچ ٻولڻ جو
ڦل اهڙو ڀاري نه هجي ها ته جو راجا دسرٿ هونئن ڪيڪئيءَ کي ڏنل وچن لئي اهڙو پورو
هي ها، جو رام جو بن وڃڻ، راجا جو اجهو لڳڻ، پنهنجي پراڻن جو وڃڻ سڀ سٺائين، پر
وچن ٽان نه ڦريو. اسين ته وچن ڪري به جهٽ ڦري ٿا وڃون. مانا جي گرڀ ۾ جيڪي وچن
ڏني ٻاهر نڪرڻ لاءِ پرماتما کي اسان منظور ڪيون، اهي سڀ وساري ويٺا آهيون. راجا
هرشچندر وچن پالڻ لاءِ ڪيترا ۽ ڪيڏا نه ڪشٽ ۽ ڏک سٺا. حرفت ۽ چالاڪيءَ سان ڏکن
جو مقابلو ڪري سگهي ها، پر هن کي سچ ٿي هلڻو هو ۽ آخر سچ ئي سندس رکيا ڪئي.
ولي اللي پوي، ته به ڌرماتما انسان ۽ سچا سنت وچن ٽان ڪڏاهين نه ڦرندا.

اڪبر بادشاهه هڪ دفعي بيربل کان پڇيو ته واقعي وڏيڪ چڱو آهي ڪين ڪاڪوس
ڪرڻ جي جاءِ؟ بيربل جواب ڏنو ته "جنهن انسان کي پنهنجي وچن جو قدر نه آهي ان جو
اهه ڪاڪوس ڪرڻ واريءَ جاءِ کان به بدتر آهي." ڪنهن کي ڏکوئيندڙ وچن به ڪڏاهين
چوڻ گهرجن. ڪنهن لير هڻڻ کي الٽو ڪولڻ سچ نه آهي پر ڪهڙو نه ڪوڙو ۽
ڏکوئيندڙ آهي؟ شاستر ٺهو چوي ته منهنجي کي سنهو ڪري ڪوٺيو. وچن هجن هميشه
سچا، پر پيارا ۽ سهڻا وارا. وانيءَ جو ضابطو آهي ڏاڍو ڏکيو، پر نه فقط آتمڪ اُنتيءَ لاءِ
ضروري آهي، پر وهنوارڪي وانداري لاءِ پڻ لاڀدائڪ آهي. سکر ۾ هڪ دفعي هوليءَ
ڏينهن ٻهاري ٺار واون دو پاهه جي سر ڪرڻ جو بندوبست ڪيو. هڪ وڏي ٻوڙي
ڪري ان ۾ حلوائيءَ به ولني سو لي لڪيا. اٿين ۾ هڪ ٻالي سيوارم دلال به هو ۽ ڏهه
وهن ساڌو به هوا. سارو ڏينهن انهن پاڻ، ڳالهيون ڪنهن سان آهد سان ڪيون. هڪ ماڻهوءَ وهي

ڏاڍو خوش ٿيو. ڇوڪري جي پيءُ راجا کي جنم پتري ڏيکاري ته هن ۾ اهو سڀاءُ جنم کان هو، پر ودِيا جي پرالبڌ ڪري هو سڌريو ۽ اهو ڦل مليس، جو ساري عمر برهمچاري رهيو ۽ رڳو هڪ ڏهاڙو اهو ڪم ڪيو هئائين، سو به ڇورن جي سنگ ۾ ڦاسي.

هن شلوڪ ۾ وڌيڪ ڀڳوان فرمائي ٿو ته من ۾ ڇل ڪپٽ نه گهرجي. سڀاءُ بلڪل سرل ۽ صاف هجي. اندر هڪ ۽ ٻاهران ٻيءَ طرح هلڻ، اُنکي ڪُٽل سڀاءُ ٿو چئجي، جو گناهه آهي. هڪ برهم گيانيءَ جي پوڄا سان ساري برهمانڊ جي پوڄا ٿي وڃي ٿي، جو ته هو سڀني جو آتما آهي. ان ڪري اهڙن مهاتمائن، ماتا، پتا، گرو، اُستاد ۽ ودوانن جي شيوا پوڄا ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ اُن جو ڦل ڀاري ملي ٿو. برهمچريه جو پالن پڻ شريرڪ تپسيا جو الڳ آهي. جيڪڏهن گرهست ۾ آهيون ته ڌرم انوسار جائز طرح وهنوار ڪجي، پر جيڪڏهن ڪو ورڪت آهي ته پورن طرح سان جتي ٿي رهي. برهمچريه جي پالنا ۾ ابياسي لوڪ سواسن جي بل دوارا هڪڙيءَ کي دماغ ۾ کڻي ٿا وڃن، يعني پنهنجي ديش مان کڻي برهم لوڪ ۾ ٿا پهچائن ۽ ويرج کي اُتي رکن. جيڪو سمجهي ٿو ته ويريه لِٽو وڃائجي، اهو پورن ابياسي آهي. گرهستين لاءِ ناجائز طرح هلڻ به برهمچريه پالن ڪرڻ آهي. پورن برهمچريه رکڻ لاءِ استرين جو سنگ به نه ڪجي. هنجي سولهن سالا جوانيءَ ٻاهر ڪمرلي به نه ڏٺل گهرجي. هن سان ايڪانت ۾ نه ويهجي ۽ نه ڳالهائجي. اهي سڀ ڳالهيون پوڳ جي قطار ۾ اچي وڃن ٿيون. ورڪت آتما کي ته ڪنهن سندر استريءَ جو فوٽو به نه ڏسڻ گهرجي. شرير جي تپسيا بلڪل مکيه ليکي وئي آهي ۽ هر هڪ اندري ۽ عضوو شيوا ۾ ڪم اچڻ گهرجي. آتمڪ ويچارن ڪرڻ سان ۽ ڏيان سان ذرمي پستڪن پڙهڻ يا ٻڌڻ سان، پرارٿنا ڪرڻ سان من ڪلم ترشنا کان هٽي ٿو. مگر جي رکو ترشنا کي دٻائبو ته هوءَ هر هر ظاهر ٿيندي ۽ سڀني ۾ ستائي خراب ڪندي. ڪام ترشنا کي قبضي ۾ رکي، جائز ۽ ڌرم انوسار پوري ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ اول اول من تي ضابطو هڻڻ ضروري آهي. جيڪڏهن من ۾ لالچ نه ڪيو ويو آهي ته اندرين کي زبردستيءَ روڪڻ مان فائدي بدران هيڪاري نقصان پهچندو ۽ دماغي ڪمزوري ۽ هلچل پيدا ٿيندي ۽ خوفناڪ خيال اچي گهيرو ڪندا. من کي روڪڻ جا اُپاءَ ۽ اندرين کي ضابطي ۾ رکڻ بئي گڏوگڏ ڪرڻ سان ڪم سولو ٿي پوندو.

شلوڪ ۱۵. ڪنهن کي به ڏکوئيندڙ يا هراس پرنه وجهندڙ، سچن، پيارن لڳندڙن ۽ هتڪاري وچنن ۽ ويدن شاسترن جي ابياس کي واڻيءَ جي تپسيا ڪوٺجي ٿو.

ڀڳوان فرمائي ٿو ته زبان مان جيڪي به وچن ڪڍجن، سي هڪ ته سچا هجن ۽ ٻيو ته اهي پيار وچان ٻين جي ڀلي لاءِ ۽ ٻين کي وڻندڙ هئڻ گهرجن. دل هري پرماتما جو مندر آهي، جنهن ۾ هو نواس ڪري ٿو. جيڪو ڪنهن جي دل ڏاهي يا ڀڃي ٿو، اهو ڄڻ ته پرماتما جي نواس استان کي ٿو ڏاهي. هو اهڙو ئي گنهگار آهي، جهڙو ڪنهن مندر يا مسجد کي ڏاهيندڙ. جيڪي وچن ٻين ۾ هراس پيدا ڪن يا ڏک ڏين، اهي به نه چوڻ گهرجن.

ا چيس ته ”ڀلي ڇڏ.“ چيائين ته ”سائين! هي جيڪو سنت اوهان وٽ ايندو آهي، سو ...
ندو آهي ته مان راڄا وٽ ويندو آهيان ته مولکي سندس ٻڌڻ مان ٻڌبو ايندي آهي.“
ا راجسي سڀاءَ وارو هو ۽ يڪدم اهڙي ڳالهه ٻڌي ڪاوڙ لڳس ۽ چيائين ته ”هان! سندس
تري شيوا چاڪري ٿو ڪريان، هٿ محل ۾ چيدن ۽ اگر جا واس پيا ٿين ۽ مان ٻه ٻڌن
عطر ڦليل ٿو لڳايان، ته ٻه هنکي بالس ٿي اچي!“ مهاتما جڏهن اُن ڪان پوءِ راڄا وٽ
ته واٽ لي رومال رکي ويو، جو لڪ لسي ڀيتو ٿي. راڄا اهو ڏسي يڪدم ناڳيءَ ...
ڻ سڃو چالو ۽ ڪروڌ ٿي ويو. ڪروڌ وچان حڪم لکيائين ته ”هن چليءَ آڻيندڙ کي
ريءَ لي چاڙهيو وڃي.“ اها چٺي مهاتما کي ڏنائين ۽ چيائينس ته ”فلاڻي داروغي وٽ
ي وڃو.“ مهاتما ته صاف دل هو ۽ حڪم جي ڏنگائيءَ جو ڪو ٻه شڪ ڪونه هوس. ويو
ي داروغي ڏانهن ته واٽ لي حڪم گڏيس. هنجي ڀڄڻ لي چيائين ته ”فلاڻي داروغي وٽ
ڻ راڄا جي چٺي ڀچائڻ ٿو وڃان.“ حڪم سمجهيو ته راڄا اُن ۾ ڪجهه ڏن دولت ڏڪڻا
ر هنکي ڏيڻ لاءِ لکيو هوندو. مهاتما کي چيائين ته ”سائين! مون اوهانکي جڳتي ڏسي
ي، سو راڄا اوهان لي خوش ٿيو ٿو ڏسجي. مولکي به ڪو انعام ڏيو. اها چٺي مولکي
ر ته مان ٿو وڃي داروغي کي ڀچايان.“ مهاتما کٽي اها هنکي ڏني ۽ چيو ته هنکي ته ڏن
ڪا اڃا ٻه ڪاڻ هٿي. حڪم چٺي کٽي ويو داروغي وٽ ته کيس يڪدم سوريءَ لي
ي هي چڙهايائين. ٿوري وقت ڪانپوءِ راڄا جي درٻار ۾ مهاتما هميشه جيان ويو ته راڄا ڏسي
ران ٿيو. مهاتما کان پڇيائين ته هن ٻڌايو ته ”حڪم مولکي هٿان ڇنيو هو ۽ الله مولکان انعام
يائين ۽ اها چٺي ڀچائڻ لاءِ گهري ورتائين.“ راڄا سياڻو هو ۽ سمجهي ويو ته حڪم اسان
ي ۾ قدرت لي وجهڻ چاهي ۽ کيس اُن جو ڦل مليو. جيڪا جنهنجي ڀاونا ٿئي ٿي، اهڙو
هو ڦل پائي ٿو. جنجو من صاف ۽ شڌ آهي، اُنهيکي ٻين جي اندر جي به سڌ پوي
. هنن ۾ انترياما جو گڻ اچي ٿو. جيڪي پاڻ ڪوڙا آهن، اهي ٻين کي به ڪوڙو ٿا سمجهن
ڦل به اهڙو ٿا پائين. جنهنجي ڀاونا پوتر آهي، اُنجا سڀ ڪارج پاڻهي پيا راس ٿين.

شلوڪ ١٧. اها ٽن پرڪارن (شرير، واڻيءَ ۽ من) جي تپسيا جيڪا پريم ۽
ڌا سان، ڦل جي اِڇا کان سواءِ ۽ پورن وشواس رکي ڪجي ٿي، اُها ساتوڪي
سيا چئجي ٿي.

شلوڪ ١٨. جيڪا تپسيا پنهنجي ستڪار، مان ۽ عزت وڌائڻ جي اِرادي
ن، دنڀ جي ڀاونا رکي ڪجي ٿي، اُها راجسي چئي وڃي ٿي ۽ اُها چنچل
ي بقا آهي.

شلوڪ ١٩. جيڪا تپسيا ووِيڪ رهت ٿي، مُورکتائيءَ سان پنهنجي شرير ۽
رين کي ڏکه ڏيڻي يا ٻين کي ناس ڪرڻ يا نقصان ڀچائڻ جي ڀاونا سان
جي ٿي، اُها تامسي تپسيا آهي.

هوليءَ جو چرچو ڪري سمروءمل جي گهر ڇمو ته سمروءمل موٽ همنان اچي مري ويو آهي. هنجي ماءُ جو اهو اوچتو ٻڌو، سو لڙڪن ۾ همت لهڻ لڳي جو جاءِ مٿي هٿن. ڊاڪٽ ٿان ٻيو ڪسڪي وس ۽ سڀ ڊاڪا ڪري اچي همت ڀيٽي ۽ خوب ڦٿجي ٻيٺي. سمروءمل ٻاڻ ته ٻڪيت ماٺهو هو ۽ ٻڙيءَ ۾ خوب ٻنو نام جپي ۽ جهالي ۽ لهي ۽ ڳالي. آخر جڏهن شام جو ٻيڙي ڪناري تي پهتي ته ماڻهن ڏٺو ته سمروءمل ته جيرو آهي، ٻر سندس گهر ۾ سڀ سماڻا ٿي چڪا هوا. رکيو لاش ته ملڻ ڪري چڪيا ته ڪنٽي ونٽي هئي. سندس ماءُ ڪيترا ڏينهن اسپتال هئي. اهڙا چرچا به ڀيانڪ ۽ اجوڳ آهن.

شلوڪ ١٦. من جي سرلتا ۽ شانتي، نيڪ دلي، مؤن يا ضرورت بنا نه ڳالهائڻ، من جي ورتين تي روڪ، ڀاونائن جي شڌي، انهنکي من جي تپشيا ٿو چئجي.

شريو ۽ واڻيءَ جي تپسيا جا ساڌن ٻڌائڻ کان پوءِ ڀڳوان هن شلوڪ ۾ من جي تپسيا جا ضروري انگ ٿو ورڻن ڪري. هي اڀياس سڀني انسانن لاءِ آهي ۽ جو ته انهن کان سواءِ منش جنم جو اڌيش پورو نه ڪري سگهندو. اول اول اهو ضروري آهي ته من جي خيالن کي روڪي، بڇڙن خيالن کي دور ڪري من ۾ هميشه پريم رکجي. هرهڪ پراڻيءَ ڏانهن نيڪ نيت ۽ شڌ ڀاونا هجي. ڏرو به ڪنهن لاءِ برا خيال نه اچڻ ڪيئن. جيڪو ٻين جو برو چيت ۾ آڻي ٿو، ان جو ڪڏهن به ڀلو ڪين ٿيندو ۽ نه من ۾ شانتي ايندي. اهو سڌانت اٽل آهي. شاسترن ۾ هن وشيه تي انيڪ پرماڻ آيل آهن.

هڪ راجا وٽ هڪ پيدا ۽ مها آتما تڪيل هو، جو بلڪل سرل ۽ شانت سڀاءَ وارو ۽ دنيا جو ٻيدار هو. راجا جو به ساڻس پريم هو، جنهن ڪري وهنواري ڳالهين ۾ به راجا سندس صلاح مصلحت وٺندو هو. وزيرن امرن کي ساڙ لڳندو هو ته هي زور وٺي ويو ته اسان کي ته راجا ڪنهن ڏينهن ڪڍي ڇڏيندو. سو اهڙو ڪو اپاءُ ڪجي، جو هي مها آتما هتان هليو وڃي. راجائن جي سڀائن ۾ اهڙا ريڙا ٿيندا رهندا آهن، جو رعيت جي ڀلي جو ڪوبه خيال نه ڪري، سڀ ڪنهن جي پرواهه نه رکي، خود غرضيءَ وچان هڪ ٻئي سان وڙهندا آهن ۽ جيري لاءِ ٻڪري کڻڻ کان به ڪين گسندا آهن. آخر هنن به ٻاڻ ۾ ملي هڪ ڇهرو ڪرلي ته راجا جو حڪم ان مها آتما جي به حاضت ڪندو آهي، سو هن جي معرفت قومت وجهائجي. هن کي چيائون ته لوڪن هزار روپيه ڏيندا سون، پنج سؤ هاڻي وٺ ۽ پنج سؤ پوءِ ڏينداسون. اهڙي ڪا لهوبو ڪر، جو راجا ۽ هن مها آتما جي وچ ناساڙي لڳي. هو ڏاڍو خوش ٿيو. اهو نه سمجهائين ته اڻ لهامي نه ڪو آهي ۽ جيڪو هي لاءِ ڪڏ ٿو کوٽي، اهو ليکي ان ۾ پوي ٿو. اول هو مها آتما وٽ ويو ۽ وڃي ولي ڪنس چيائين ته "راجا چوندو آهي ته مون کي مها آتما جي واتمان بوءِ ايندي آهي، پر ڪجهه چوانس ٿو، سو اڳتي راجا وٽ وڃو ته واٽ کي رومال ڏئي وڃڻا ڪريو، ڇو ته راجائون نازڪ سڀاءَ وارا ٿيندا آهن." هو ته سرل سڀاءَ وارو هو، سو چيائين ته "چڱو، ائين ڪندس." ورتي جڏهن حجر راجا وٽ ويو ته هنکي چيائين ته "جيجيئا هتا اهي اڌيڻي ساڳيو لڳي ۽ حڪم ملي ته ملي ڪجهه عرض ڪريان."

سالوڪي دان جون ڀڳوان هن شلوڪ ۾ ٽي لڇڻ ٻڌائي ٿو: (١) دان ڀاوَ سان فرض ڄاڻي
ڪرڻ گهرجي ۽ نه ٿي ڪنهن تي اُپڪار سمجهي. (٢) دان جهڙي ڪجهه، ان ڪان سواءِ ٻ
ڪجهه نه ملڻ جي آس اُميد يا ڀاونا نه هجي، ڪٿي هو سوڌ ۾ ڪجهه ڏيڻي نه سگهي. (٣)
ن ڏيڻ جي جڳهه اُهو هجي يعني ڪو تيرٿ آستان يا ڪا ٻي پوتر جڳهه. (٤) وقت ب
پ هجي، جنهن ڪو وڏو ڏينهن جيئن اشٽمي، گيارس، سنڌ ڀارائي، مڪر سنڪرانت يا
گرهڻ وغيره. (٥) دان وٺندڙ ان جو لائق هجي يعني اهو دان ڀلائي سگهي ۽ دان
ٺندڙ جو به ڪلياڻ ڪرڻ ۾ سمرٿ هجي. هنن پنجن ڳالهين کان سواءِ دان جو اهو به اصول
لي نه جيڪا شيءِ وستو دان ڪجي، اُها ڏيڻ ۽ ڪم ۾ اچڻ لائق هجي، يعني خراب،
ٽي يا ٻاسي وغيره نه هجي.
اُن ۽ پوڄن جو دان اُهو دان لکيو ويو آهي. پرهم ڀياس ڪندڙن کي نه ان جي ضرورت
ي ٿي. اُن دان ڏيڻ واري جي وڏن پرکن جو ڪلياڻ ٿئي ٿو. اڳي ملڪ ۾ هوٽلون
ڪولڊ هيون ۽ گهر گهر ۾ اُنهن جو ستڪار ٿيندو هو. هرڪو گرهستي مزمانن جي سيوا ڪندو
. شهرن ۾ راجائن ٻاران ٻاهران ايندڙن لاءِ رسوئيءَ جو پربنڌ رکيو ويندو هو، ڪٿي ڪٿي
ڪم لاءِ ماٺو آيل هجي. يڌشٽر مهاراج وٽ ڏهه هزار رسويا فقط اُنهن ۽ مسافرن جي لاءِ
جن تيار ڪرڻ واسطي هوندا هوا. سڀني طرف اڄ به پهاڙن ۾ اهو پراچين سڀيتا جو نمونو
لو آهي. هو مسافرن کي رسوئي ڪارائيندا آهن ۽ ڪيتري نه زور پرڻ تي پئسو نه وٺندا آهن،
ستوليڪ ورلجي طرح هو پئسي جا لالچي نه آهن. مهاڀارت ۾ ٻالڪ ۽ ڪمار جي خيال رکڻ
ست گنو ۽ نانڪ جو مثال ڏنل آهي. گنوءَ کي ڳاهه ڪارائيو نه هوءَ تيرٿ جهڙو ڪيڀر ڏني
ي ار نانڪ کي ڪيو بيار ٻو ته به هو زهر ٿو ڏئي. ڪيڏو نه فرق؟ ان ڪري اُڌڪاريءَ
ن سواءِ ودنا ڏيڻ نه انهن اڄائي آهي، جنهن رڪ ۾ ڪجهه وجهڻ يا ڪلو واريءَ زمين ۾ اڄ
ڪڻ. خاص ڪري ڌن پداوَنه جو دان ٻالڪ کان سواءِ ٻئي کي ڪرڻ مان فائدي بدران ٻرو
ن نه ملي سگهي ٿو. تيرٿن ۽ شب ڏينهن تي دان جو ڦل اناهه ٿو ملي. سهو تيسري، ودوان،
ڇمڻ، شيل وارو سادو ستت، گيانوان مهاتما، اُنانٿ، دکي ۽ دردري انسان دان ڏيڻ جو
ق آهي. دان ڪري نه اُن ٻاهت ڪو ڏيکاءُ ڪجي ۽ نه ٻين کي ٻڌائجي ۽ جو نه انهن ڪرڻ
ن ان جو ڦل ناس ٿي وڃي ٿو. تيرٿن تي ڏٺو آهي نه جن پرهمڻن ۾ لڄ ۽ ڌرم جو پل
ي، اُهي پنهنجي آستان تي ويٺا هوندا آهن، پر پيا پئسي پئسي لاءِ ٻاترين جي پٺيان
ڦرندا آهن.
هڪ دفعي ڀڳوان ڪرشن ارجن اڳيان ڪرڻ جي دان جي ڏاڍي مهما ڪئي. ارجن جو
ڪرڻ سان ورونڌ رهندو هو، سو من ۾ ڏاڍو دکي ٿيو. اهو ئي خيال هوس نه مان وري
ن کان ڇو گهٽ آهيان؟ مان دان ڪٿو ڪري سگهان ٿو؟ هو نه وري به دپوڌن جو سيناپتي
ي نوڪر آهي، پر مان نه خود مختيار راجا آهيان. ڀڳوان کي چيائين ته "سائين! دان سڀڪو

ڀڳوان شريرڪ، واچڪ ۽ مانسڪ تپسيائن جو جيڪو بيان ١٤، ١٥ ۽ ١٦ شلوڪن ۾ ڏنل آيو آهي، انهيءَ کي هنن ٽن شلوڪن ۾ بلڪل صاف ۽ سرل لفظن ۾ وڌيڪ کولي ٿو ڪري. هر ڪو پاڻ ويچار ڪري ڏسي ته ڪهڙي تپسيا ڪالدي واري ۽ سکدائي آهي؟ گرو نانڪ صاحب جي جنم ساکيءَ ۾ اهڙيءَ مثال اچن ٿا، جن ۾ گروجن پاکنڊي تپسيا ڪندڙن جو پاکنڊ دور ڪري، کين سچي رستي تي آندو. انهن مان شهر سيالڪوٽ جي ڪٿا مشهور آهي. هو چوندو هو ته هر ڪنهن چنڊ تي پرماتما مون وٽ ايندو آهي ۽ ساري رات مون سان گڏ سيج تي سمهندو آهي. لوڪن ۾ اهو پرچار ٿيو ۽ هن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. گرو نانڪ صاحب جڏهن اُن شهر ۾ آيا ته اهو هن جو ڍونگ ڏٺائون ۽ لوڪن کي گمراهه ٿيڻ کان بچايائون. اُن شهر سيالڪوٽ واري پاکنڊيءَ کان ڪم ۾ ڪوڙ پڌرو پڇي سگهي ته چنڊ ڪالسواءِ ٻيا ڏينهن اهڙو ڪاڏي هليو ويندو آهي؟ سنڌس هرڊي ۾ ٻين ڏينهن تي ڪوڙ هوندو آهي ڇا ۽ انهي ڏينهن منجهس ڪم واسو ڪندو آهي؟ گرونانڪ جن ٽئي دفعا مرداني کي وٽس موڪليو ته در کولي ته گروجن سندس درشن ڪن، پر هن ٽيئي دفعا کيس موٽائي ڪڍيو ۽ چيو ته ”درشن ڪرڻ ٿا وڃن جي ڪاڻ ضرورت موڪلي ڪالهه آهي. مون وٽ منهنجو شهه ايندو، اُنجو آنند وٺندس.“ آخر گروجن پاڻ وٽس لنگهي ويا، پر سندس ته هن اوڳيا ڪئي ۽ در نه کوليائين. گروجن پوءِ پرسان هڪ وڻ هيٺان ويهي رهيا ۽ هن جي سموري شڪتي ڇڪي ورتائون. جڏهن چنڊ ڏينهن آخر لڪو ته ڪوبه ماڻهو عرض مان نه پيتائون وڪڻ واسطي ڪوڙ آس ۽ ڏاڍو ڏکي ٿيو. سمجهي ويو ته مهاتما جو سواگت نه ڪيو اٿم، اُنجو اهو ڦل مليو آهي. اچي گروجن جي چرنن تي ڪريو ۽ اوڳيا بخشايائين. گروجن کيس سمجهايو ته ”ڀڳتي ڪرڻ ۾ اهو دوکو ۽ ڪپٽ ڪرڻ پاپ آهي، ٺاڳو نه ٿي پوڄا ڪر. ڪرلي، وارا پنهنجي ساراهه لٽا ڪن ۽ ڪاڻ هوندي نماڻا ٿا رهن.“ هنڪي ٿيڪ گيان آيو ته سچا فقير شڪتيءَ هوندي به نماڻا ٿا رهن.

شاديون مراديون تي ماڻهو هزارين رپيا ٿا خرچ ڪن، اهو ڪو دان نه آهي ۽ نه ڪو شڀ ڪرم ٿو ليکجي. اهو ته دنيا جي واهه واهه لاءِ ٿو ڪيو وڃي. دان اهڙو جي آهي ته ٻڌائلو به کيس آهي. اهڙو ته ڳجهو ڪيل ڪرم ٻه ڏسي ۽ ڄاڻي نه. دنيوي مرون ۽ دوستن سان ڪو ڀلائيءَ جو ڪم ڪري اُن ڀائيٽ ٻين کي ٻڌائڻ يا اُن جو ذڪر ڪرڻ واجبي ٿو سمجهيو وڃي ۽ نه اُن جو ڪو بدلو ٿو گهرڻ لهي، پر پرماتما اهڙو عمر ليو، جو اُن ڪلهه هر ڪنهن ڪرم جو ڦل ٿا چاهيون ۽ انهيءَ ڏيک ته ٿا ڪريون، جيڪو نڪ سچو ڪريون ته سندس ڳڻ ڦل شڪتيءَ ۽ ڏن پدارٿ ملي ٿو ٿا. نام جپڻ، اپاسنا ڪرڻ ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ جو انسان ۾ اهڙو ته شوق هجڻ گهرجي، جو ڪيترو به ڪريون ته به من ترپت نه ٿئي، ۽ ته اهو سڀ اڃا ٿا لوهو ٿورو ڪرڻو آهي، جو جيترو گهڻو هجي، اوترو چڱو، جڏهن ڪيترو به ڌن پدارٿ ڪنهن کي ملي ته به هو ڪڏهن ڪين ڇاهيندو ته وڌيڪ نه ملي.

شلوڪ ٢٠. جيڪو دان لائق پرش کي پوري وقت ۽ جاءِ تي موٽ ۾ ڪنهن به بدلي ملڻ جي خيال کانسواءِ پنهنجو فرض سمجهي ڪجهي ٿو، اهو ساتوڪي دان ٿو ڪجهي.

مر ڪيو. مهراج جن چيس تہ ”ڀائي! تو ٻهيڻي سڳر جو ماس ڪڏهن ڏٺو هو، مگر هن ٻراهڻ ۾
ٻهيڻي جگر جو ماس ڪڏهن ڏٺو آهي. ٻئي جگر ۾ وسندو آهي، ان ڪري هن جو قدر
...ڪ آهي.“ آهي تہ سچ الهن. جن ماڻا کي جگر ڏان ڪڍيو آهي، اُهڙي سچا داني آهن.

شلوڪ ٢١. جيڪو دان عيوضي ملڻ جي خيال سان، ڦل جي اِڇا رکي ۽
...ڇاريءَ کان يا ڪشٽ معلوم ڪري ڏجي ٿو، اُن کي راجسي ٿو ليکجي.

جنهن دان ۾ ڦل يا بدلي جي ڪامنا هجي يعني هن لوڪ جي سکن ڀوڳڻ يا سرڳ ۾
...ڻ لاءِ ڪجي، ڪنهن گهرجائو ٻراهمڻ، ودوان يا مهاتما کي دان ڏجي، پوءِ هن کان ڪنهن
...ورمت وغيره جي شاهدي وٺجي يا ٻيو ڪو اهڙو ڪم ڪجي، جنهن دان ڪرڻ ڪانپوءِ
...ن ۾ شوڪ يا پڇتاءُ اچي تہ اجايو ڪيوسين، جو دان بيماريءَ لهڻ واسطي، ڪنهن جي
...ر يا پوڻ لي يا مان عزت وڌائڻ لاءِ ڪجي، اُهو سڀ دان راجسي ٿو ليکجي. ماڻهو ڀاڳ
...جاب ڪرائين ٿا تہ ڪنهن ڪم ۾ ڪامياب ٿيون، ڪنهن بيماريءَ کان ڇٽون تہ اهو بہ
...سي ڪرم آهي. ڪامنائون سڌ ٿين ٿيون، پر پرلوڪ جو ڀلو نٿو ٿئي، لڪي التهڪرڻ جي
...ي ٿي سگهي. ڀڳوان مان دان ڏيڻ ڪرڻ تہ هرڪنهن جو فرض آهي ۽ جو تہ سڀ ڪجهہ
...ور وٽان مليل آهي ۽ اُن مان ڪجهہ بہ ڪم ڪٽي دان ۾ ڏني تہ بہ ڇا ٿيو؟ پر گروجي
...ڪر آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهون حصو تہ پرماتما جي نالي ۾ ضرور ڏيڻ گهرجي. ڀڳوان
...ڪڏهن سڀ ڪجهہ ڏني ڀڳوان ڪسي وڃي تہ انسان ڇا ٿو ڪري سگهي، جو خوشيءَ سان ڏهون
...ر بہ لئي ڏيڻ چاهيون؟ اهو ٿيو ڀاڳ مان وسواس وڃائڻ. جيڪو اُدار دل آهي ۽ ڏني
...دان ڏيڻ ڪندو رهي ٿو، ان وٽ ڏني ڀڳوان هروقت ايندو رهي ٿو. هن جو هٿ
...ڏهي لٿو سمجهي.

شلوڪ ٢٢. جيڪو دان يوگيہ ديش يا وقت نہ ڏسي، اَپاترُ کي بنا ستڪار
...ي عزتو ڪري ڏجي ٿو، اُهو تامسي دان ٿو چئجي.

تامسي سڀاءُ وارا ماڻهو بہ دان ڪن ٿا، پر غلط جڳهہ ۽ وقت تي ۽ اڻ لائق شخص کي
...اسٿان ۾ دان هو اپاتر جڳهن تي ٿا دان ڪن. جنن تہ رلڻ، نچڻي ڦورن، جوئا رن
...وغيره ڪن. ڪنهن غريب کي ڪي ڪجهہ ڏين ٿا، تہ وري هن کي بي عزتو ڪري، ڪيس
...ت وڏ ڳالهائي يا بنا پريم ۽ شرڌا جي ٿا ڏين. ڀڳوان چوي ٿو تامسي دان جو ورلن ان
...ري ڪم آهي تہ اُنهن کي ڇڏي سالوڪي دان جي مهما سمجهہ ۾ اچي ۽ جو تہ اُهو ئي
...ن سگهجي، پرلوڪ سڌاري ٿو ۽ هر طرح ڪلياڻ ڪندڙ آهي. ٽنهي قسمن جي دانن لي هڪ ...
...شتانت شاسترن ۾ آيل آهي:
...مهاراجا وڪرماجيت، جو شري ڀرتريءَ جو ننڍو ڀاءُ هو، سو بہ وڏو ودوان راجا ٿيو آهي.
...ڪ دفعي وڏا جوتشي گهرائي پڇيائين تہ ٻڌايو تہ مان ڪهڙو نہ ڪرم ڪري راجا ٿيو
...يان؟ هن جوتش لڳائي کيس ٻڌايو تہ ”راجن! اوهان اڳين جنم ۾ بہ ڀالس ۽ ڪنهن ...

نہ ڏيئي سگهي." اهو خيال نہ ڪيائون، جنهن شيخ سعديءَ چيو آهي:

توانگري بہ دل است، نہ بہ مال - بزرگي بہ عقل است، نہ بہ سال.

دان ڏيئي سگهجي ٿو يا نہ، اهو سوال نہ آهي؛ پر اڳلي جي دل ڏسڻي آهي تہ ڪيڏي وڏي آهي. ڪو جنهن پئسن مان بہ هڪ پئسو دان ٿو ڪري، ڪي سؤن هزارن روپين مان بہ دان نٿا ڪن، يا بلڪل نہ جهڙو ٿا ڪن. ڀڳوان ارجن کي گهڻوئي سمجهايو تہ مونکي اندر ۾ ڪو ڀيد ڀاوُ نہ آهي، جو ڪرڻ جي مهما ٿو ڪريان؛ پر سچ پچ هن جهڙو داني ڀي ڪونہ آهي. ارجن نہ مڃيو. ڀڳوان ڪيس اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ چاهيو. اهڙو اچا سان هڪدم اچي برسات پيئي ۽ ٿڌ ٿي. هڪ ساڌو منڊليءَ اچي هستناپور جي ٻاهران ديرو لڳايو. ڪيترا ڏينهن بارش پيئي ۽ ساڌن وٽ سڪل ڪاٺيون ڪين هيون، جي ٻاري ٿڌ لاهين. ارجن وٽ ويو ۽ هن چيس تہ "ان وستر تہ گهٽيئي ٿا ملن، پر سڪل ڪاٺيون ڪين آڻيون، جو باهہ ٻاري وهون." ارجن چين تہ "مان ٿو وڃي موڪليانو." ويو پر جتي وڃي، اُتي سڪل ڪاٺيون ڪين ڏسڻ ۾ اچن. ڀڳوان جي اهڙي مايا ٿي، جو جتي ڪٿي رکيو آهيون ڪاٺيون پٿون ملن. شرم جو ماريو ارجن تہ وري اُنهن ساڌن وٽ ويو بہ ڪين. آخر ڪرڻ کي خبر پيئي ۽ هو وٽس ويو. هن ڪيس بہ ساڳي گهرج ڏيکاري. ڪرڻ چين تہ هاڻي ڪلاڪ کن اندر ٿو موڪليان. ساڌو حيران ٿي ويا تہ هيءَ وري ڪٿان وٺي موڪليندو؟ ڪرڻ ويو گهر ۽ هڪدم مزور لڳائي پنهنجي مڪان جي ڇت جون ڪاٺيون، در ۽ دريون ڪڍائي، گاڏيون ڀرائي ساڌن ڏي موڪليائين تہ ٻاري ٿڌ لاهيو. ڀڳوان اهو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ارجن کي چيائين تہ "پيارا! ڏس، هو تہ راجا جو هڪ نوڪر آهي، پر تون پاڻ راجا آهين، ليڪن تنهنجي عقل ۾ اها ڳالهہ ڇو نہ آئي؟ تون تہ سوين مڪان ڪيرائي سگهين ها ۽ پوءِ هڪدم ٺهرائي بہ سگهين ها!" ارجن ڏاڍو شرمندو ٿيو. مطلب تہ دان ڏيڻ ۾ دل جي همت ۽ ديا جي ضرورت آهي. دان اهو ڪري سگهندو، جنهن ۾ اهڙو جي مهر آهي ۽ جنهن لاءِ پرماتما آئيندهہ جو خيال جمع ڪرڻ ٿو چاهي.

هڪ دفعي گرو گوبند سنگهہ ديوان ۾ ويٺل هوا تہ چيائون تہ اهڙو ڪو پريمي همت آهي جو پنهنجي بدن جو ماس موڪلي ڏئي؟ هڪ پريمي اٿي کڙو ٿيو ۽ ڪرپان سان پنهنجي سٿر جو ماس ڪٽي، سندس اڳيان رکيائين. گروجن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پنهنجي هٿن سان سندس ملم پٽي ڪيائون. اسان کي هڪ سئي ٿي لڳي تہ بہ دکي ٿا ٿيون، سو هن جو ماس ڪٽي ڏنو، سو ڇا پريم کان سواءِ ٿي سگهندو؟ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪ پريمي آيو، جنهن ڏاڍي گهڻي ڌن ۽ وسترن جي ٿلها اچي گروجن اڳيان رکي. صاحبن سندس ڏاڍي سراهنا ڪئي. جنهن پريميءَ ماس ڪٽي ڏنو هو، سو بہ اُن وقت اُتي ويٺو هو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ گرو صاحبن مون سان تہ ايترو پريم ڪين ڏيکاريو، جڏهن مون شرير جو ماس ڪٽي ڏنو هو شايد ڌن جي ڇڪ لڳي ٿي. اهو اولمان هن پنهنجي من ۾ رکيو. گروجن تہ جاڻي جاڻ هوا، سو ڏانهس نهاري چيائون تہ "پيارا! ڪهڙو خيال آيو اٿئي؟" هن اهو پنهنجو

لھو تہ سنتن کي ڀوڄن ڪرايان." آڪاش واڻي ٿي تہ "ٻاھي ھڪ سؤ روپيہ تنھنجي پرارٿ
ملي." چيائين تہ "اُھي سؤ ئي مونکي يڪدم ڏيو ۽ پوءِ ڀلي ڪجھ بہ نہ ڏجو." انھرياسي
ڏيڻا ھوا، سي ڪنھن پرڪار ھن مھاتما کي مليا. ھن يڪدم سموري رقم جو ڀنڊارو
ڪري سنتن کي کارايو. ايشور ڏٺو تہ ھن ھڪ سؤ روپيہ دان ڪيا آھن تہ ھڪ ھزار جو ڀنڊارا
ر. اھا آڪاش واڻي ٿي تہ ھن چيو تہ "اھو ھڪ ھزار بہ يڪدم ڏيو تہ لٽايان." کيس اھا
م ملي تہ وڏي بہ دان ۾ لڳائين ۽ سندس پرارٿ وري ڏھوڻي ٿي. مطلب تہ دان مان ٿي
رٿ سڌرندي. ٿوري دان ڪرڻ سان وڪرماجيت کي راڄائي ملي. دروپديءَ ساڙھيءَ
ن ٽڪر ڦاڙي ڪرشن ڀڳوان جي آڱر کي ٻڌڻ لاءِ ڏنو ھو ۽ ھڪ سادوءَ کي ڳنگانديءَ ۾
ھاڙي ھڻڻ ڪري ڪجھ ڪمڙو ڏنو ھو تہ کيس بيشمار ساڙھيون مليون ۽ سندس عزت
پانڊون جي سڀا ۾ رھجي آئي.

ھردوار ۾ ھڪ مھاتما ڪٿا ڪندو ھو. ھڪ ڏينھن دان جو پرسنگ ھليو. اُن ۾ چيائين
ھڪ جا ڏھ ملن ٿا يعني جيڪي دان ڪجي ٿو، اُن جو ڏھوڻو ڦل ضرور ملي ٿو. ھڪ
ڙيءَ اھو ٻڌو. خيال ڪيائين تہ ھڪ جا ڏھ ملن تہ اھو تہ ڀلو واپار چئبو. وٽس ڏھ روپيہ
۾ ھوا، سو خيال ڪيائين تہ اُھي دان ڪريان تہ سؤ روپيہ ملندم ۽ پوءِ سک سان گذرندو
ٺي ويندس. ٻئي ڏينھن اچي ڏھ ئي روپيہ اُن ڪٿا ۾ وڏيءَ شرڌا سان ڀيٽا ڪيائين،
ھو نھاري تہ سؤ روپيہ ملن. ڪٿان ملن؟ پڇتائڻ لڳو جو راڄسي گڻ جي وس، اچي
و. دان ڪري پوءِ اھو خيال ڪري تہ بيوقوفي ڪيم. کيس اچي چنتا وڪوڙيو تہ ھاڻي گذرندو
ڪين ويندس؟ اِن چنتا ۾ اچي کيس دست لڳا. ٽي ڏينھن اھا حالت ھلي. چوٿين ڏينھن
ٽڪل ۾ ويو ڪاڪوس ڪرڻ. اُتي ھٿ سان وڃي زمين کوٽيائين تہ ھڪ ٺڪري ھٿ لڳس،
جيڪي ٻاھر ڪڍيائين تہ اِن مان سؤ روپيہ مليس. خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ ھڪ جا ڏھ
برابر مليا، پر وچ جا غوطا ڪير کائي؟ جيڪڏھن سالوڪي سڀاءُ رکي ھا ۽ ڦل جي تمنا نہ
ري ھا تہ ڦل تہ مليس ھا، پر ڏک چنتا ڪاڻ نہ ٿئيس ھا. ھرورو ڏھ ئي روپيہ يڪدم دان
رڻ جو بہ ڪو ضرور ڪونہ ھو. اُن بہ ھن لالچ بہ رکي ھئي. لاھور جي مشھور دائي سر
تاورام پنھنجي حياتيءَ جي ڪتاب ۾ لکيو آھي تہ مونکي جو ھيترو ڌن پراپت مليو آھي،
ن جي وياج وغيرہ مان لکن روپين جو دان سال بہ سال ٿئي ٿو، اُھو سڀ دان ڪرڻ
ي. مون اھو سؤدو ڏاڍو سستو جاتو آھي، جو تہ ھڪ جا ڏھ تہ ضرور ملن ٿا.
تہ اڄا بہ گھٽو ٿو. مطلب تہ يقين ضروري آھي. مايا تہ ڪنھن بہ مشڪ جھي نہ ليٽي
ي. اُھا تہ ملي ٿي ڀاڄ سک وٺڻ لاءِ ۽ ٻين کي بہ سک ڏيڻ لاءِ، نہ ڪي ڌن لئي ڦري ٿي،
، ڪنھن تہ ڪنھن نموني دک ڏيڻ ھلي ويندي. دان ڪرڻ سان پرارٿ وڌي ۽ اُتم
ٿي. ڪي جوڳرا ساڳيو امتحان ٿا پاس ڪن، پر ھڪ خوب ڌن ٿو ڪمائي ۽ ٻيو نوڪريءَ
حيران ٿئي ٿو يا قوت گذران مس ٿو ڪري سگھي. اھو ڇو ٿو ٿئي؟ اھو سڀ پورٽن ڪرمن
س جو نتيجو آھي. جار ڦلسفا ڪالون ٿا، پر ھي اھي ملن ٿا ڀالي ڪنھن ھراب ڀڪلي

ڪندو رهي ۽ هميشه سچ ٻول.“ ويد اهو به صاف ٿا چون ته ”ماس نه کائو، شراب نه پيئو، چوري نه ڪريو، اسٽ نه ٻوليو، ظلم ۽ هنسا نه ڪريو.“ اهڙن وڪرمن جو تياڳ ڪرڻ ضروري آهي. ڪرمن ڪرڻ کي ڇڏي ڏيڻ ڪٿي به لکيل ڪونه آهي. شڀ ڪرم هميشه ڪندو رهجي، پر ڦل جي اڇا کي تياڳ ڪري. اڪرمي ٿيڻ فرض ادائيءَ کان کسڻ آهي. هٿ، پير، اکيون، زبان بند ڪري ويهڻ ته به من ته ڪرم ڪندو رهندو. ڪرمن ڪرڻ کانسواءِ سرشٽي رهي نٿي سگهي.

گرو رامداس کي ٣ پٽ هوا: پرٿيچند، مهاديو ۽ ارجن ديو. گروجن جي هڪ ڀائٽي جي شادي ٿيڻي هئي. سندن ڀاءُ مهراج جن کي ان شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو. گروجن پنهنجو وڃڻ اچت نه ڄاتو، ڇو ته سائين ڪڏ سگهيون به وڃن ها ۽ الٻي به خوب سگهيون وٺن پيئون اچن ها، انڪري هڪ پٽ کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيائون. اول وڏي پٽ پرٿيچند کي چيائون پر هن چيو ته ”مولکي خرابي ۽ لنگر جو انتظام ڪرڻو آهي، سو هيٺ مٿي ٿي ويندو.“ سچ پچ ته هن آنان ان ڪري ٿي وڃڻ چاهيو ته متان پٺ ڪو سنڌس ڪم سنڀالي ۽ گروجن جو پرلم هٿ ڪري. انڪري وڃڻ کان انڪار ڪيائين. گروجن جو ٻيو پٽ مهاديو نه اوڌوت اوستا ۾ هو، سو هن چيو ته ”سائين! مونکي نه شاديءَ غميءَ جي ڪا خبر ڪانه آهي ته ڇا آهي ۽ ڇا ڪيو آهي.“ آخر ننڍي ارجن ديو آگيا مڃي ۽ ويو. ارجن ديو جو اهو ٿيو ڪرم، مهاديو جو ٿيو اڪرم ۽ پرٿيچند جو ٿيو وڪرم، جو پتا جي آگيا نه مڃيائين. ٽنهي جو ڦل جدا جدا نڪتو. وڏي پٽ پرٿيچند کي گرو گدي ڪانه ملي، مهاديو کي ڪو به ڦل ڪونه مليو، پر جنهن ڪرم ڪيو، ان ارجن ديو کي گرگائي پراپت ٿي. مطلب ته ارجن ديو نشڪام ٿي پتا جي آگيا مڃڻ جو شڀ ڪرم ڪيو ته کيس نه فقط ڦل پاتائين ۽ ٻيا ڪنهن ڪوشش جي مليو پر بلڪل جهجهو ۽ امر ڦل پراپت ٿيو.

ٽئين اڌياءِ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آيو آهي ته هي شرير اڪرمڪ ته ڪڏاچت ٿي نه سگهندو. وڪرم يا برا ڪرم ته اصل نه ڪرڻ جڳائن، جو ڏک ۽ ڪليش ٿي پراپت ٿيندا، پر جي ڪو چوي ته سٺا ڪرم به ڇو ڪريون، نه ته باقي هي محض جنم ملڻ ڇا جي لاءِ آهي؟ هن جنم جو نه مقصد ئي اهو آهي ته پرماتما سان ملڻ لاءِ يتن ڪريون ۽ جگياسا رکون ۽ آخر هن سان هڪ ٿي موڪش پايون. جيڪو پنڌ ٿي نه ڪندو، اهو ڪيئن ڪنهن به منزل تي پهچي سگهندو؟ شاسترن ۾ ديو رڻ، رشي رڻ، پتري رڻ وغيره فرضن جو بيان ٿيل آهي، جي اسانکي هن جنم ۾ لاهڻا آهن. جيڪڏهن ان لاءِ ڪو اپاءُ نه وٺنداسين ته ڏوهاري ليکباسين ۽ ديوتائون، رشي مني، پتر اسان تي ڪوپ ٿيندا ۽ اسين دکي ٿي ڪليش سهنداسين.

پتري رڻ آهي پنهنجي وڏن جو قرض لاهڻ. اهو آهي جوري سندن پرلم ۽ عزت سان شوا چاڪري ڪرڻ ۽ سندن سرڳواس ٿيڻ کان پوءِ هنن جي شرڌا سان ورسي ملهائڻ شراڌ وغيره ڪرڻ سان ياد تازي رکڻ. رشين منين اسان لاءِ شاستر ۽ پراڻ لکيا آهن ته اسان تي سندن قرض آهي، جنهن جي لاهڻ لاءِ اسان جو فرض آهي انهن کي پڙهي

ٿيا. استرين سڀني سورهن کي لڳندي ئي ڦاسائي ڇڏيو. آخر ارجن جهڙو ويرُ به وڃي موهه ۾
يو ۽ ٻکيه به وسري ويس. آخر ڪرشڻ جي ٻڌ ۾ ٻڪ ڪمتوءَ سوچيو ته هي سڀ استرين جي
هه ۾ ڦاسي هنن جي اڏين لئي ويا آهن، تڏهن ڀڪدم پنهنجو ڌرم ڄاڻي موهه جو تياڳ
ڪري وڃي انهن استرين سان ٻڌ ڪيائين ۽ انهن کي جيتي ارجن ۽ ٻين ٻلوانن کي ڇڏائي
وڙو وٺي آيو. هنن جو موهه وچان فرض تياڳ ڪري ڇڏيو هو، اهو تياڳ تامسي هو. جن
ووڪ روپي سورج آهي، انهن کي به هيءَ موهه وڏي لڳو وڃي. اهو اهڙو ٻلوان آهي.
موح جو اُلٽ شرط اهو موهه انسان کي وڏي لڳو وڃي ته هي ڪم ڪرڻو آهي، هوُ ڪارج
ڪرڻو آهي. ٻر ڪي ٿورا سياڻا انسان آهن، جي اُنهن کي ٻري ڪري نيم سان ان وقت
ستسنگ ڪن ٿا، پرماتما جا گڻ ٻڌن ۽ ڳائين ٿا، من مک نه پنهنجي مالڪ کي به ياد لڳو
ڪري ۽ جيتوڻيڪ پراڻه ڪال جو ٻکي وغيره به ڇوُن ڇوُن ڪري پنهنجي اُپاڌيڏ کي ياد
ڪن ٿا ۽ مرون به شالت ۾ ويهي ان ڏڻيءَ جو ڌيان ڪندا آهن. ممڪن جي اندر ۾ اهو خيال
لڳو اچي ته ستسنگ جو نت نيم ڪرڻ فرض آهي. هنن کي رڳو دنيوي ڪارجن ڪرڻ
آنند مالڪ رهي ٿي.

هڪ مالي ذات جي ڀڳڻ هئي، مگر پرماتما ۾ اڏو ٻريم هوس، جو صبوح جو سوير اُٿي
ن نديءَ تي وڃي پاڻ اشنان ڪري، ٺاڪر کي اشنان ڪرائي، هڪ سنڌر ننڍڙيءَ
الڪيءَ ۾ وهاري خوب واس ڌوپ ڪندي هئي. هوڏانهن هڪ برهمڻي مالي صبوح
نديءَ جي ڪناري تي وڃي پنهنجي ٻارن جا گندا ڪپڙا ڌوئيندي هئي، ٻر جڏهن
ڻ ان نديءَ مان پاڻي کڻندي هئي ته هن کي چوندي هئي ته اڙي! ٿون هٽ وڃجهي
يءَ کي اپوتر ٿي ڪرين. آخر جهڳڙو اڏو وڌي ويو، جو راڄا ٽائين ڳالهه وئي. راڄا چيو
ر ويرو ڏسي فيصلو ڪندس. اکين سان ڏسي چيائين ته مان برهمڻي ڪنهن کي چوان؟
همڻي ته سچ پچ چنڊالڻ جو پيٽي صبوح مرداڻي ڪم ڪري ۽ ذات جي چنڊالڻ ته پراڻه
ال جو ٿي برهمڻيءَ جو ڪرم ٿي ڪري. اهو وقت پرماتما کي ياد ڪرڻ جو آهي، ٻر
ٿوري ڪمن جي موهه اسالڪي ڦاسائي، انهن ڪرمن کان دور ڪري ڇڏيو آهي. امرت ويلي
نام جي وڏائيءَ جو ويچار ڪرڻو آهي. امرت ويلي ۾ اهو ڪانوري مٽر آهي، جنهن سان
ن گناهن روپي زخم ڇٽي ٿا سگهن. وهنواري ڪمن ۾ امرت ويلو يا سنڌيا جو وقت وڃائڻ
ي گناهه آهي. وهنواري ڪم ته پيا ٿيندا. اهي سنڌر ويلا ته پرماتما سان جوڙڻ جا آهن،
هن مان نه فقط سڀ دک درد دور ٿا ٿين، ٻر ڀاڳ به چڱو لڳو ٿئي. پراردب به سڌري ٿو،
دنيا اهو وساري تامسي تياڳ ۾ لڳي، دکي ٿي رهي آهي.

شلوڪ ٨. جيڪو پرش شريرڪ تڪليفن جي ڪري ڪرمن جو تياڳ ڪري
، ڇاڪاڻ ته ان مان ڪيس دک، ڪليش ٿو ٿئي، ان جو اهو تياڳ راجسي
ي ۽ ان کي تياڳ جو ڪو ڦل نٿو ملي.

ڪب مون ڪيو آهي، اها جهڙي به هجا ڏکدائي آهي ۽ ٻڌڻ ۾ وڃي ٿي. اشٽاوڪر مني، راجا جنڪ کي گيان جو اپديش ڏيندي ٻڌايو هئو، ته اهڙو ڪوبه ڪرم جي سنگ ۾ ڦاسڻ اهڙو ڏکدائي آهي، جهڙو ڪارو ناڳ جو ڏنگ؛ جو ته "ڪرڻ ڪراڻ ٻرب آهي آپ" آهي. سڀ دان، پڄ، ٻيا ڪرم پرماتما جي ڏنل ڏن ٻدارمڪ ۽ شڪتيءَ وسيلي ڪري نه سگهجن، پوءِ ڀلا اهڙي جي ڪهڙي معني آهي؟ ڪنها نه پڙهو ۽ موهه اگنون ته هو اسان جا آهن، ته انهن سان ڪنڌو نه پوڄو نه ڪريون؟ ڪهڙو ۾ ڪو طوطو پاليل آهي ۽ اسڪي ڪتو نه هلو ڪالي وڃي، ته ڪنڌو نه دک محسوس نه ڪريون؟ ڪنهن کي مارڻ ۽ ڪاٽڻ لاءِ اسين هٿ ٻلي رکون نه، جو نه ڪنهن ۾ اسان جي ممتا نه آهي. ان طرح سارو سنسار سنگ (ممتا) ۾ ڦاٿو پيو آهي، جنهن ڪري دک ڪليش اچن ٿا. ڪرمن ڪان منهن موڙڻ نه سورڪتا آهي، پر ۾ ڳالهيون ضرور ڇڏڻيون پونديون، جي سڪ شانتي ۽ مڪتي کپي؛ هڪ ممتا ۽ ٻيو ڦل جي اڇا. ڏن، جوڀن، پتر، ڌيئر سڀ پرماتما جا آهن. انهن ڏانهن فرض پورا ڪرڻا آهن، انهن کي سک ڏيڻا آهن ۽ انهن مان سک وٺڻو به آهي، پر انهن ۾ ممتا نه رکڻي آهي. ٻڌلو ساري باغ جي گلن جي سڳند وٺي ٿو، پر انهن ۾ ڦاسي پئو؛ هڪ ڪنول جي گل ۾ هو ممتا لسو رکي، ته ان ۾ ڦاسي جان ٿو وڃائي! سڀ ڪجهه ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو ايشور آهي، اهو جيڪو چاهي ان ئي ٿي ٿو، اهو مايا جي ٻنڌڻ ۾ نٿو ڦاسي.

شلوڪ ۷. نيت ٿيل ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ ٺيڪ نه آهي. جيڪي اگيان جي وس ٿي (موهه وچان) انهن ڪرمن جو تياڳ ڪن ٿا، انهن جو اهو تياڳ تامسي ليکجي ٿو.

نيت جو مطلب آهي جيڪي ڌرم الوسار فرض آهن. اهڙن ڪرمن جو نه ڪرڻ پاپ ۽ گناهه آهي. جيڪي ان کي سنياس سمجهي، انهن کي تيا ڪن، انهن جو اهو تياڳ تامسي ٻڌيءَ جو نتيجو آهي. موهه وچان ڪرمن جي تياڳ جو مثال ارجن کي آيو هو، جڏهن هو يڌ جي ميدان ۾ سامهون ڀيڇا مٽ مالٽ، استاد آچاريه، چاچا ماما، ڏاڏا، نانا وغيره ڏسي جنگ ڪرڻ کان جواب ڪندي ويٺو هو. ڀڳوان هن کي اپديش ڏيئي سندس موهه دور ڪيو. اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اسان جو فرض ڇا آهي، ڀلي ڌرم، مذهب، ورن، آشرم الوسار اسان کي ڪهڙا ڪرم ضرور ڪرڻا گهرجن ۽ انهن مان ڪي موهه يا اگيان وس ٿي ڇڏي ته نه ڏيون. جيڪي اگيان وچان ستسنگ وغيره نه ڪن، انهن سمجهي ته ڪمن ان جي ضرورت ئي نه آهي، اهي تامسي تياڳ ٿا ڪن.

شاسترن ۾ هڪ ڪٿا آهي ته جڏهن پانڊون اشومين يگيه ڪيو ۽ سندن گهوڙو بنگال طرف اهڙي هنڌ پهتو، جتي استرين جو راڄ هو، ته انهن استرين گهوڙو پڪڙي رکيو. وڏا وڏا يوڌا، جي ان گهوڙي جي رکيا لاءِ سانڊ هوا، سي انهن استرين ۾ موهه رکي، انهن ۾ لپٽ ٿي

آهي ۽ ڪڏهن به هڏن جو ٻارڻ ڪونهجي ٿو، ٻر لت وڌندو رهي ٿو. سڄو ٻارڻ ڪو سڙي آهي. ان ڀر نه سر ڏيڻ ٿانئن قرباني جي ضرورت آهي. اڪرو مٺي مٺي ڪري ٿو نه ڪسر ٿو وڃي. مثلا ڇوي ٿي مٺي نا، مٺي ٿا، نه هن کي ڇوڙي ڪاراڄي ٿي. پرمارٿ جي راهه ۾ خوديءَ کي ڪاٻه جڳهه ڪانه آهي. جن کي ٻارڻ جو رنگ لڳو آهي، الهن لئي ايشور جي ڪرپا سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ نه قدرت جو اهو نيم آهي ته اول عشق معشوق جي هرديءَ ۾ پيدا ٿو ٿئي ۽ پوءِ ٿو عاشق جي دل ۾ اچي. ان طرح اول پرماتما جي اندر ۾ ٻارڻ لڳو آهي نه ملاٽي کي پنهنجي طرف لڳايان، پوءِ ٿي اسان جو اُن طرف ڌيان ٿو لڳي. جيڪو ٿورن يا گهڻن دکن ۽ تڪليفن جو خيال ڪري فرض ادائي ڇڏي ٿو وڃي ۽ پرماتما جي راهه ۾ قدم نٿو کڻي، اهو منش جنم جو مقصد ئي ڀلي ٿو وڃي. جي توحيد جي باغ مان گل چُنڻا آهن، نه ڪنڊن لڳڻ جو ڏپ يا گرميءَ سرديءَ جو خيال ڇو ڪجي؟

شلوڪ ٩. "هي ڪرم ڪرڻ يوڳيه آهي ۽ ڪرڻ منهنجو فرض آهي" اهڙي ڀاونا رکي جڏهن نيميل ڪرم، اي ارجن! ڦل جي آس ٻنا ۽ ڪرتاپڻي جي ايمان کي تجي ڪجي ٿو ته انکي ساتوڪي تياڳ ٿو ڪوٺجي.

ويدن جي اها سکيا آهي نه سنڌيا ۽ وندن، ستسنگ، اشٽ ديو جو ڌيان اُپاسنا، هون ۽ يگيه، دان، تپ، شراڌ وغيره سڀ ضرور هرڪنهن کي وقت سر ڪرڻ گهرجن. ويد الين ٻه ٿو چاٿالي نه جيڪڏهن ڪو برهمڻ، ساڌو ڪتري يا ونش هڪ ڏينهن جپ ڪرڻ ڇڏي ۽ ٿي ڏينهن سنڌيا وندن نه ڪري، نه هو شوڊر ٿي پوي ٿو. برهمڻ جيڪڏهن اڳئي هولسر ڪرم ٻارهن ڏينهن نه ڪري نه هو شودر ٿو ليکجي! اهو ٻه ڏنو ويو آهي، نه هڪ ڏينهن ڪو نيم نه ڪيو آهي نه سارو ڏينهن ورليءَ ۾ وڏا وڪار پيدا ٿيندا آهن. مطلب نه شاسترن جا رچيندڙ رشي مني ترڪال درشي هوا ۽ سڀ ڪجهه يٿارٿ ڄاڻيو اٿن. نيم ۽ فرض ضرور پالڻ گهرجن، نه نه اٿهڪرڻ ٿي وڏيڪ مٺل چڙهندو. سڀ شڀ ڪرم ۽ نيم پالي ٻه الهن ۾ ممتا ۽ ڦل جي اڇا نه رکڻ واري کي جيڪو ڏن پدارٿ ڪمائيءَ مان ملندو، اهو سڀ شڌ هوندو، ڇو نه هو ڪنهن به حالت ۾ لڳي دولاب ڪمن ڪندو. ٻي ايماني ۽ ڪوڙ رکو مري اٿهڪرڻ وارا ٿي ڪن ٿا. جيڪي پنهنجي عزت مان لاءِ ٿا دان ڏين، شموا چاڪري يا ٻيا شڀ ڪرم ڪن، الهن جا اهي ڪرم سڦلا نه سمجهڻ گهرجن.

شلوڪ ١٠. ساتوڪي سڀاءَ وارو تياڳي پرش، جو من جو صاف، ميڌاوي (ٻڌيمان) ۽ شڪن سنسن کان رهت ٿئي ٿو، اُهو نڪي نشٽ (اڻ وڻندڙ) ڪرمن سان وير ٿو رکي ۽ نڪي وڻندڙ ڪرمن ۾ ڪاٻه ممتا ٿو رکي.

هن کي شاسترن جي آگيا انوسار سڀ ڪرم ۽ فرض، مريادا انوسار وڻندڙ هڪ جهڙا ٿا لڳن، نه ڪن کي هو ڌڪاري ٿو ۽ نه ڪن ۾ خاص پريتي ٿو رکي. ڇاڪاڻ نه هن کي ڪنهن ٻه ڪرم ۾ ڦل جي اڇا نه ٿي ٿئي. الڪري هو ڪنهن به ڪرم ۾ ممتا نه ٿو رکي ۽

سچي سالوڪي تياڳ جو قول آهي موڪش يا جنم مرڻ جي ٻنڌڻ کان ڇوٽڪارو. اهو راجسي تياڳ مان نه حاصل ٿئي، ڇو ته اُن ۾ تياڳ جي ڀاونا نه آهي ۽ رڳو شرير جي تڪليفن ڪري ڪرمن جو تياڳ ٿو ڪيو وڃي. هرهڪ ڪرم ڪرڻ ۾ ڪجهه نه ڪجهه شرير کي تڪليف ضرور وٺڻي پوي ٿي. اُن تڪليف جو خيال ڪري يا سرديءَ گرميءَ کان ڊڄي ڪي جيڪو فرض ادائيءَ وارا ڪرم نه ٿو ڪري، اهو غلط راهه ٿي آهي. ڪيترا ماڻهو ستسنگ ۾ نه وڃڻ لاءِ اهڙي سبب ڏيندا آهن ته سردي آهي، جهولو لُو لڳي، سخت گرمي آهي، وغيره. من آلس ڪري ته اُن کي ڏنڊ ڏيڻ گهرجي، نه ته من وڌندو خراب ٿيندو. هڪ مهاتما روز صبح جو شوچ ڪري ۽ اشنان ڪري ڀڄن ۾ لڳندو هو. هڪ دفعي سندس من چيو ته اڄ سردي آهي، سو دير سان اُٿي اشنان ڪري ڀڄن ڪيو. ڏٺائين ته اڄ من اهو آلس ڪيو ته پوءِ ڪنهن مهل ڀڄن ۾ نه ڪندو، سو هاڻي هن کي ڏنڊ ڏجي. يڪدم سيئي ڪپڙن سوڌو وڃي سروور ۾ پيو ۽ من کي چيائين ته ڏنڊ اٿئي ته جيستائين ڪپڙا سڪن، اوستائين ٿڌ ۾ سهه ته آئينده آلس نه ڪندين. ڪن جو خيال آهي ته پرڀو سڀ ڄاڻي ٿو ته نيم ڇا جو؟ پر اهو نيم اوچو درجو آهي. ان درجي تي جي پهتا آهن، آهي ته هر وقت ورتي پنهنجي اِشٽ ديو ۾ رکن ٿا ۽ دم دم ۾ ان جو ئي ڌيان ٿا ڪن. انهن جي لاءِ نيم ڪهڙو نه ضروري ٿيندو؟ پر جگياسو اوستا ۾ نيم رکڻ بلڪل ضروري آهن. ڀرتري راجا ويراڳ وٺڻ کان پوءِ ته لکيو آهي ته ”هي من ! اهڙي ساڌنا ڪريان، جو جڏهن پرماتما جي ڌيان ۾ وهان ته منهنجي ٽنگيءَ کي وڏا وڏا ٻيا هرڻ پنهنجن لکن سڱن سان اچي کرڙين، جيئن ڪنهن ديوار تي ڪندا آهن، پر مونکي پتو به نه پوي.“ سچي پرڀو ۾ نه دکن ڪليشن يا تڪليفن جي پرواهه به نه هوندي آهي. پرنتو اهو نه آهي ته ٿوري گهٽي ڪشٽ ۾ گهٻرائجي نيم ڪرم ڇڏي ويهجي.

فريد صاحب جو مرشد هڪ دفعي سندس لنگر ۾ آيو. هو سارو ڏينهن سندس شيوا چاڪري ڪري، آرام ڪرائي، رات جو دير سان گهر موٽندو هو ۽ وري صبح جو اٿي، هر وقت وڃي سندس شيوا ۾ لڳندو هو. هڪ رات جو جڏهن فريد گهر پهتو ته برسات پوڻ شروع ٿي ۽ صبح تائين لڳي پيئي. من گهٻرائڻ لڳس ته ويندس ته ڪپڙا پسندا، رات ٿي گپ ۽ گهٽي آهي. ان تي هن من کي سمجهايو ته بيماري وغيره نه وڃبو ته هن سان جو منهنجو نينهن آهي، ان ۾ ڦيڪ پوندو. ان ڪري ڪيترو به نيم مشڪل پوي، ڪپڙا به ڀلي پسي وڃن ۽ ڪيچڙ، جو وڌيڪ ويندو آهيان، اهو به ڀلي آلو ٿي پوي، پر وڃبو ضرور! مطلب ته جيڪو فرض ڪرڻو آهي، اهو خوف، موهه يا دک جي خيال کان نه ڇڏجي. شاسترن ۾ جا ٿاپل آهي ته ڏهاڙي ڪرڻ وارن لاءِ روز نئين وقت ستسنگ ڪرڻ ضروري آهي جو ته من کي ستسنگ روحي کاڌو ضرور کپي، نه ته هو دکن ۽ تڪليفن ۾ گهٻرائجي، ڪمزور ٿي ٿو پوي. نئين دعا نه ٿي سگهي ته صبح ۽ شام ۾ دعا نه ضروري آهي. ان ڪري جڏهن ڪو نئون ڪرم ڪرڻ ٿي هوندا آهن، ته ستسنگ ۾ ٻڌل اُپديش ضرور انسان جي اکيان اچي بيهندو ۽ ٿوريءَ ٿي ڪوشش سان انهن ياد ٽپائي سگهندا آهن. سچن ڀڳتن ۽ گيانوان کي ته هر وقت سائين ياد

ڙن ڪين آهن، نه ته ڪو برهمچاري، گرهست وغيره آشرم به نه آهي، اُهي نه انهن کان جدا ست چت آنند سروپ آتما آهن. اهي ورڻ ۽ آشرم سڀ ديهه جا آهن. هت ڀڳوان فرمائي ٿو ته ديهه ڌاري منش ڪرمن جي تياڳ ڪرڻ ۾ سمرٿ ٿي نه ٿو سگهي، جو نه شرير جي ڪرما ڪرمن کان سواءِ نه ٿي سگهندي. ڪٿي ڪم ڪجي ته وڃي اُڪرمي ٿي وڃي، نه ته هٿن ڌر من نه پيو ڪم ڪندو، پوءِ جو نه پنهنجي فرض ڪرڻ ۾ لڳي سڀ ڪرم ڀڳوان نمت ڪجن ۽ ڦل جي اڀلاکي پنهنجو انتهڪرڻ صاف ڪجي؟ پرماتما ڪرمن جو ڦل نه ڀالهي ٿي ٿو ۽ ڪهڙي سان نه هڪاري گهٽ ٿو ملي.

هڪ ڏني پرش هو، جنهن وٽ بلڪل ڪابه ڌن پدارٿ هو، پر هو گرهست نه هو ۽ دان ڪرڻ نه پئي رهيو، هڪاري وڏي ڪمزوري جي لالچ لڳل هيس. هڪ سنت پرش سندس گهر ۾ آيو. لالچ وس ٿي هن جي شيوا ڪيائين ۽ جڏهن خوش ٿي هن پڇيس ته ڪا ڪامنا هجيئي ته ڪهو. چيائين ته "جنهن شيءِ کي هٿ لايان، اُها سوني ٿي پوي." مهاتما پڇيس ته "ڀالي! ان مان ڇا ونديئن؟ توکي ڌن پدارٿ ڪو گهٽ نه آهي. پر ڪجهه پرمارٿ جو پدارٿ گهر. تنهنجي پرارٻڌ جا آهي، سا نه توکي ضرور پيئي ملندي ۽ اها لالچ نه رک." پر هو هٺ تان نه لٿو. مهاتما به سندس گهر موجب اهو ور ڏنس ۽ پوءِ هليو ويو. اُن پرش جي هڪ ڪنيا هئي، جنهن کي هٿ ۾ هڪ گڏي هئي، جنهن سان پئي راند ڪيائين. هن پرش اها هٿ ۾ ڪنئي ته يڪدم سوني ٿي پيئي. ڇوڪري نه يڪدم روئڻ لڳي ته اها منهنجي گڏي نه آهي، مونکي پنهنجي گڏي ڏيو. آهر ڪنيا کي پرچائڻ لاءِ هٿ ۾ ڪيائين ته هوءِ به سون جي پتلي ٿي پيئي. مطلب نه ڪنهن کي هٿ لڳائي نه اهي به سون، کاڌو هٿ ۾ ڪٿي نه اهو به سون ٿي پيو. سڀ ڪجهه سون ئي سون پيو ٿئي، باقي هو کائي پيئي ڇا؟ بک مرڻ لڳو. سنت پرش به سمجهيو هو نه هو جلدي بک مرندو ۽ دکي ٿيندو، سو ڏسڻ ان کان پوءِ وري ونس آيو ۽ سندس حال ڏسي ڪس چيائين ته "ڀڳوان جا نيم اٽل آهن. جيڪي جنهن لاءِ واجبي آهي، اهو هو هن کي ڏئي ٿو ۽ منش لاءِ لالچ رکڻ ڏک پرائڻ آهي. ڀالي به ڪو پيو ور گهر، پرارٻڌ توکي ضرور پيو ملندو." هن مڃيو ۽ سکي ٿي پيو. لالچ انسان کي ڪنگالي ٿي ۽ ٻڌي به ناس ٿي ڪري ڇڏي. ايشور جي راهه ۾ ٿي سڀ پنهنجي شڪتي لڳائجي ته ڀالهي ڪرپا درشٽي ڪري، انسان کي سڀ ڪجهه ڏيندو. دنيا به ڀلي ڀالهي، پر جيڪي نيم شاسترن ۾ ستسنگ، جپ، ڌيان، دان پڻ جا ڄمل آهن، اهي به ضرور ڪجن. جيڪي پرماتما جي اڳين ڌيان ۾ رهن ٿا ۽ ڪابه ڦل جي ممتا ۽ اڇا نه ٿا رکن، انهن جا ڪرتل وهنواري ڪارج به ڀالهي سڌريو پون. مطلب نه تياڳ ڪرمن جو نه ڪرڻو آهي، پر ڪرمن جي ڦل ۽ ممتا جو.

شلوڪ ١٢. ٽن قسمن جو ڪرمن جو ڦل چڱو، برو يا ڳاڏڙ، هن شرير ڇڏڻ کان پوءِ اتياڳي (سڪام ڪرم ڪندڙ) پرشن کي ملي ٿو، سچن تياڳي (نشڪام) پرشن کي مُور نٿو ملي.

سڀ ڪرم سڀني پراڻين ۽ جيون جي ڪلياڻ ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪري ٿو. اهڙي پرش جو ورتاءُ جاڳرت رهي ٿو ۽ سمه ۽ اسمه، ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو پورو پورو گيان سمجهي ٿو. هن جا سنسا ۽ ڀرم، جي اگيان ڪري هوا، سي سڀ دور ٿي ويا آهن ۽ هن کي گيان ٿو ٿئي ته مان اڀياسي، جنم مرڻ کان رهت، ست چت آنند روپ آتما آهيان. هن شلوڪ ۾ "ميڌاوي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو مطلب آهي جنهن کي گيان ٿئي. اهوئي سچو ٻڌيمان ليکجي ٿو. هن جي ٻڌي برهماڪار ٿي چڪي آهي، الڪري هو جيڪي به ڪرم ڪندو، سي سڀ سمرتين ۽ شاسترن جي آگيا انوسار هوندا. عام طرح هرڪو منش راڳ ۽ دويش وچان ئي سڀ ڪرم ڪري ٿو. ميڌاوي پرش ۾ راڳ ۽ دويش نه بلڪل آهي ئي ڪونه، تڏهن هو سڀني ڪرمن جي ڦل جو تياڳ ٿو ڪري. ڪرم جيڪي ڪرڻ يوڳيه آهن، انهن ۾ ڪڏي به تڪليف اچي يا اهي ڪهڙا به اڻ وڻندڙ لڳن ته به اهڙو پرش اهي سڀ ٻيا ڪنهن ڌڪار يا ناپسنديءَ جي ڪري ٿو. هن کي سچ پچ نه انهن ڪرمن ڪرڻ مان ڪا به تڪليف محسوس ٿي ڪا ٿي ٿئي، ڇو ته هن جو من شانت اوستا کي پراپت ڪري چڪو آهي. جنهن جو من آزاد آهي، ان کي ڪهڙا به بندن، ڪشٽ، دک درد ڪير جيترو به لوڏي نٿا سگهن. جنهن جو من استر آهي، اهو ميڌاوي آهي، ڪٿي هو گرهست ۾ هجي يا بن ۾. جن ڏلوان جو مستڪ ٻيجه وارو ٿو ٿئي، ليڪن ميڌاويءَ جو چهرو آنند سان چمڪي ٿو. سالوڪي تياڳ مان ئي اهو پد حاصل ٿي سگهي ٿو. آهي هر حال ۾ خوش ۽ آنند ۾ گا رهن.

"ڀوري هئن وو مرد جو هرحال ۾ خوش هئن.
ڇهري پر هئه ملال، نه جگر ۾ اثر غم - ماٿي پر ڪنهين چين نه ابرو ۾ ڪنهن غم.
شڪوه نه زبان پر، نه ڪڀي چشم هووي نم - غم ۾ ڀي وهي عيش، الم ۾ ڀي وهي دم.
هر بات هر اوقات هر افعال ۾ خوش هئن - ڀوري هئن وو مرد جو هرحال ۾ خوش هئن."

شلوڪ ١١. ديهه ڌاري جيوَ لاءِ ڪرمن جو پورن تياڳ ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي؛ پر جيڪو ڪرمن جي ڦل جو تياڳ ڪري ٿو، اهوئي سچو تياڳي ڪوٺجي ٿو.

منش ديهه ڌاري جيڪو ڪرمن ڪرڻ کان ڪيائي ٿو، اهو سچ پچ نادان آهي. جنن ٻاهر، جنهن جو ڪم ئي آهي ڪرماش ڏيڻ، سا ڪداچت ان ڪرڻ کان رهت ٿي نٿي سگهي؛ تنهن ڪري منش هڪ گهڙي لاءِ به سچ پچ ڪرم ڪرڻ کان رهي نٿو سگهي ۽ سڀاءَ انوسار هو ضرور ڪرم ڪري ٿو. شري ڪرشن ارجن کي شروعات ۾ به اهوئي اپديش ڏنو آهي. هتي به وري ٻڌائيس ٿو ته ڪوبه ديهه ڌاري ڪرمن ڪرڻ کان رهي ڪين سگهندو. جيڪو ورلي ڪي ... آهي، اهو سڀ ڪرم شرير جي اندرين جا ڪم ٿو سمجهي ۽ پاڻ کي اڪرتا ۽ ابڀوڪتا ... ڄاڻي، جنهن ڪري هو ڪرمن ڪندي به تياڳي ٿو ليکجي.

... ميءَ ... جنڪ کي ٻڌايو هو ته "هي راجن! تون ڪو برهمڻ، ڪري آدي

شلوڪ ۱۳. هي وڏين ٻانهن وارا وير! هاڻي سڀني ڪرمن جي سمپورن سڌيءَ واسطي جي پنج ڪارڻ سانکيه (ويدانت) شاستر ۾ آيل آهن؛ اُهي تون مون کان ٻڌ.

سانکيه شاستر ۾ آتما جو گيان سمجهايل آهي، جنهن سان سڀني ڪرمن کي آخر سماپت ڪري ٿو سگهجي. اهو گيان ڪمل دئي مٽيءَ پهچڻ‌جيءَ مالا کي ڏنو هو. اُن ۾ هر هڪ ڪرم جا پنج ڪارڻ ٻڌايا ويا آهن، جن جي سمجهڻ سان گيان ٿئي ٿو. ٻئي اڌياءِ جي ۴۶ شلوڪ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آهي آهي ته جن برهم گيان پراپت ڪيو آهي، اُنهن لاءِ ويد بہ ضروري نہ آهن. اُهي اُنهن آهن، جئن جهي چوڌاري جل متي لڳي پئي هجي، اُلي ٻاٽيءَ جي هڪ ننڍڪي هجي. "ويد ضروري نہ آهن،" انجو مطلب اهو آهي تہ جن جيون مڪت ٿيل گيانوانن ويدن جي سار کي اڳ ئي ڄاڻي ورتو آهي، سي وڌيڪ ڇا سگهندا؟ ويد تہ ان گيان ڏيڻ واسطي آهن، جيڪو گيان هنن کي اڳ ئي پراپت ٿيل آهي. پنج ڪارڻ هيٺيان آهن:-

شلوڪ ۱۴. اڌشٺان يا آڌار (يعني اسٿول شرير)، ڪرتا (اهنڪاري جيوُ)، ساڌن (اِندريوُن)، جدا جدا چيشٽائون (پرانن جون ڪتيوُن) ۽ اشٽ ديو.

هي پنج ڪارڻ جي ڀڳوان ٻڌائي ٿو، اُنهن کان سواءِ ڪرمن جي سڌي نہ ٿي سگهندي.

(۱) اڌشٺان يا آڌار: ڪرمن ڪرڻ لاءِ اول اول تہ اسٿول شرير ضرور هئڻ گهرجي. اهو ئي تہ ڪرمن جو ڪيتر آهي. اهو شرير پنجن تتن جو ٺهيلو آهي ۽ سڀني اڇائن، راڳ دويش، سک دک، آنند ڪليش، گيان اگيان جو آستان آهي. هن جيو کي سڀ دک سک هن اسٿول شرير دوارا ئي ڀوڳڻا آهن.

(۲) ڪرتا: انتهڪرڻ ۾ جو اهنڪار آهي، جو سمجهي ٿو تہ سڀ ڪجهہ مان ٿو ڪريان. انتهڪرڻ جا چار حصا آهن: من، ٻڌي، چت ۽ اهنڪار. اهو اهنڪار بہ سوکشم روپ ۾ ضروري آهي. انتهڪرڻ کان سواءِ هي شرير مردو آهي. جيترو ڪ ڪرم سڀ پرڪرتيءَ وسيلي ٿا ٿين، پر جيو آتما ٿو سمجهي تہ مان ٿو سڀ ڪجهہ ڪريان. ان ڪري اُن کي ڪرتا ٿو ڪوٺيو وڃي. هر ڪنهن ڪم جي ڪرڻ وارو ڪوئي ڪو ٿئي ٿو.

(۳) ساڌن: ساڌن يعني اندريون، جن سان ڪم ڪرڻو آهي، اهي چيتن ۽ ساوڌان نہ آهن تہ ڪرم پورو نہ ٿيندو. جئن ڪنهن ڪاريگر کي هٿيار يا اوزار پورا نہ آهن تہ ٺيڪ ڪم ڪري ڪين سگهندو.

(۴) چيشٽائون: جدا جدا اِندرين کي هلائڻ جون شڪتيون يعني پرانن ۽ سواسن جون جدا جدا ڪتيون. پران نہ آهن تہ اهي اِندريون ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهنديون. جئن بجلي يا ٻي شڪتي نہ آهي تہ ڪارخانو سڀئي پرزن سالم هوندي ۽ ڪاريگر هوندي بہ نہ هلي سگهندي. پرانن جا پنج قسم چيا ويا آهن: پران، اپان، ويان، اُدان ۽ سمان.

(۵) اِشٽ ديو: هر ڪارج جي سڦلتا واسطي ايشور يا ڪو ديوُ ديوتا اشٽ هئڻ گهرجي،

جن ڪرمن ٽن قسمن جا آهن چڱا، برا يا گاڏڙ، تن ڦل به ٽن قسمن جو آهي، جو جيئڻ کي مئي کان پوءِ ملي ٿو. پر جن اهي ڪرم ڪندي ڦل جي ڪامنا ڇڏي يا اُنهن ۾ ممتا نه رکي آهي، انهن کي اهو ڦل نٿو ملي؛ ڇو ته هو ڪرمن جي بندن کان ڇٽي، جيون مڪت پدويءَ تي پهچي چڪا آهن، جنهن ڪري مرڻ کان پوءِ ٻيو جنم نٿي لکا وٺن ۽ برهم ۾ لين ٿي ٿا وڃن. هيءُ جيوَ آتما ڪرمن جي اڌين آهي ۽ ڪرمن جو ڳهالڳهو بلڪل ٻلوان آهي ۽ ڪوبه ڪرم ڀوڳڻ بنا نٿو ڇڏي. تڏهن سوال پيدا ٿو ٿئي ته جڏهن ڪرم اهڙا زبردست آهن ته پوءِ ستسنگ وغيره ڇو ڪجي؟ ان جو جواب اِهو آهي ته ڪرم روپي ٻج جون ٻه شاخون لڳن ٿيون: هڪ ڦل روپي ۽ ٻي سنسڪار روپ؛ جن هرهڪ ٻج جا ٻه اُڪر لڳندا آهن. ڦل روپي شاخ ته ڪڏهن به نه ٽٽندي، اوس ڀوڳڻي پوندي؛ باقي سنسڪارن جي مٽائڻ لاءِ ستسنگ ڪرڻ ضروري آهي، جن اهي سڌرن ۽ اسين وڌيڪ برا ڪرم نه ڪريون يا جي اڳئين سنسڪار سٺا آهن ته وڌيڪ چڱا ٿين ته اسين وڌيڪ اُتم ڪرم ڪريون. پانڊون جو ڀڳوان ڪرشن پاڻ ڪيڏو نه مددگار هو ۽ هنن جي به منجهس پورن شرڌا ۽ ڀڳتي هئي، تڏهن به انهن ڪرمن جي ڦل ڪري ڪهڙا نه ڏک ڏسڻا پيا! اهي ڀڳوان به هنن جا لاٿا، ڇو ته اهو سندس ٿي لاهيل نيم آهي. باقي انهن کي ڏکن سهڻ جي شڪتي ڏنائين ٿي. پانڊو ڪيڏا نه سورما ۽ ودوان هوا، پر نصيب وڏي ڳالهه آهي. مورڪن اڳيان وڏا وڏا پنڊت پيا هٿ جوڙي شموا چاڪري ڪن! دسرٿ راجا کي شري رامچندر جهڙو پتر هو، اهو به پنهنجي ڪرمن ڪري ڏک ڀوڳي مئو. جنن پتن هوندي، اُنهن جي وڇوڙي ۾ پران ڇڏيائين. پرارٻڌ ڪرمن جو ڦل وڏا وڏا گيانوان به ڀوڳين ٿا.

گرو نانڪ ديو وٽ ڪنهن پريميءَ هڪ ڏهاڙي سوال ڪيو ته سڪو ٿو چوي ته ڪرمن جو ڦل ضرور ٿو ملي ۽ جيها ٻججي، سو لڻجي – آهي پيچ، آهي ڪاءِ. پر سنسار ۾ ته ڪيترا اهڙا جي وڏا وڏا پاپ ڪرم پيا ڪن، ته به ڏاڍا سکي پيا ڏسڻ ۾ اچن. اهو ڪهڙو انصاف آهي؟ گروجن سمجهايس ته پائي! پُن ڪرمن جو ڦل به ضرور ملندن، پر اڳين شڀ ڪرمن جو ڦل ڀوڳي رهندا ته پوءِ پيا سندن ڪرم وارو ولندا. اچيت پاپن جو ڦل به ضرور ملي ٿو نه جاڻي ٻجهي ڪيل گناهن پاپن جو ڦل ڪٿن نه ملندو؟ هي سنسار ڪرمن جو کيت آهي. جو پوکي ڪٽي ڪوبه نٿو لڻي سگهي. پير پوکيا ته ڪنڊائي حاصل ٿيندا ۽ نه انگور. ڪرمن جو ڦل چڱو يا برو، ضرور ملي ٿو، پر اول يا پوءِ اهو پرماتما جي فيصلي تي آهي. پر جي ڪرمن جي ڦل جي اچائي نه رکي ۽ نه ڪو اهنڪار ڪيو، ته مون هي ڪرم ڪيو آهي ته پوءِ اُنهن جي ڦل کان ٿي آجو ٿي، جيون مڪت پدوي حاصل ڪجي. سڀن جيئن جا ڪرم انسان جا پيا آهن، جن جو ڦل ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن جنم ۾ ڀوڳڻو ضرور پوندو. جڏهن منش جنم ۾ پورن گيان پرائي مڪتيءَ جو اڌڪاري ٿيندو ته اهي ڪنا ٿيل سڀ ڪرم ناس ٿي ويندا، باقي جيڪي ڪرم پرارٻڌ جي صورت وٺي چڪا آهن، اهي پوءِ به ضرور ڀوڳڻا پوندا.

ڀڳوان چيس ته ”مان پرديسي سوداگر آهيان، سو موٽڪي ڇڏ.“ پر هن چيس ته ”نه ڏيندين ته ماري ڇڏيندوسانءِ! ڇو ته نه ته منهنجو ڪم نه هلندو.“ ڀڳوان هن جو اهو ڪم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ساڪيات پنهنجو درشن ڏنائين. ڪرم ته بلڪل برو ٿي ڪيائين، پر اشٽ ديو جي لمت ٿي ڪيائين ۽ سڀ ڪرمن ۾ ٿي لڳايائين ته کيس ايشور جو درشن ٿيو!

هڪ شڪاريءَ جهنگل ۾ پکين جو شڪار پئي ڪيو ته رستي تي هڪ مهاتما ڌيان ۾ ويٺل ڏٺائين. اندر ۾ خيال ڪيائين ته اڄ چڱو شڪار لڳو ته اڌ پکين جو ان مهاتما کي اچي ڀيٽا ڪندس. هن جو ڪرم ته اُلٽو هو، پر ان مهاتما کي هن ديوتا روپ ۾ مڃيو ته ان ڏينهن سڄو ڏينهن گهڻائي پکي سندس ڄار ۾ ڦاٿا ۽ سڀ کڻي اچي ان مهاتما جي اڳيان رکيائين. پکين جي آواز تي مهاتما جي سماڌي کلي پيئي ۽ هن کي چيائين ته ”اڙي هٽيارا! هي ڇا آهي؟ هت ڇو آندا آهين؟“ هن چيو ته ”سائين! مون اوهان جي پاس ٻاسي هئي، سو اڌ پکين جو موٽڪان وٺو ۽ پوءِ باقي کڻي گهر وڃان.“ سنتن جو ڪم آهي هر ڪنهن جو اڌار ۽ ڪلياڻ ڪرڻ. ان رشيءَ به خيال ڪيو ته هن ماريءَ جو به ڀلو ڪرڻ گهرجي. سنتن جي چرڻن جي وندنا ڪرڻ سان ۽ سوير اُنهي مهاتما جي اڳيان نمسڪار ڪرڻ سان ان جا پاپ دور ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح استري به پتيءَ کي نمسڪار ڪري ۽ شش گروءَ کي ته سڀ ڦل پائيندا. ان ماريءَ کي چيائين ته ”ڀلا! مان هي ايترا پکي ڪاڏي ڪندس؟ تون منهنجي سکا مڃي هٿي ته موٽڪي جيڪو ٻندرابن ۾ هڪ وڏو پکي آهي، جنهن کي پيلا وستر پيل آهن، چئن بانهن وارو آهي، سندر شام سروپ اٿس، مٿي تي مڪٽ اٿس، اهو آڻي ڏي ته وٺندس.“ هن سوچيو ته موٽڪي جو هيڏو وڏو شڪار هن مهاتما جي ديا سان هٿ لڳو آهي ته اهو پکي به ملي پوندو. يڪدم ٻندرابن جي جهنگلن ۾ گهڙي پيو، پر اهڙو پکي نظر به ڪونه پيو اچيس. مهاتما ته ڀڳوان روپي پکي ٿي چاهيو. ڀڳوان آهي ته ويجهي ۾ ويجهو، پر اگيانين لاءِ ته دور کان دور آهي. هن ماريءَ کي ته پڪو وشواس ٿي ويو ته مهاتما جي ديا درشٽيءَ سان اهو پکي موٽڪي ضرور هٿ لڳندو. ٽيهه ڏينهن هن کي ڳوليندي گذري ويا، هن پڪو پڻ ڪيو هو ته اهڙو پکي هٿ ڪري پوءِ مهاتما کي منهن ڏيکاريندس ۽ اوستائين نه کائيندس ۽ نه پيئندس، ڀلي پراڻ هليا وڃن. جڏهن اهڙو پڪو وشواس ۽ نشچو اندر ۾ ٿئي ٿو، تڏهن ٿي ڪرم جي سڌتا حاصل ٿئي ٿي. جڏهن هن کي اهڙو پکي ڳوليندي هفتو گذري ويو، تڏهن سخت تراس ٿي، ڇڪيا ڦاهي، سڙي مرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ جال ماري ٻاهر ۾ ٻڌڻ ٿي هو ته ڀڳوان ڪرشن اهڙي پکيءَ جو روپ ڌاري، وڻ تي ويهي کيس درشن ڏنو. ماريءَ اهو ڏسي پنهنجو ڄار ان طرف اڇليو پر ڀڳوان وري اٿي وڻ تي اڏامي ويو. ان طرح هن گهڻي ڪوشش ڪئي، پر اهو پکي هٿ نه ٿيو اچيس. آخري وري اُڪتيءَ ۾ ڄار ماري لڳو ته ڀڳوان اچي سندس ڄار وٽ ويٺو ۽ ماري پڪڙي کيس مهاتما وٽ وٺي آيو. مهاتما ته جهٽ جڏائڻ لاءِ ماريءَ کي الٽو چيو هو ۽ کيس ته اها ڳالهه پوري ياد به ڪانه هئس. مهاتما وٽ اهو پکي کڻي ته ويو، پر هن کي ته اهو ڏسڻ ۾ ٿي ڪونه پيو اچي! ڇو

جنهن جي لاءِ ڪرم ڪجي. وهنوار ۾ به جي ڪو مالڪ نه هوندو ته پورهئي جو اجورو ڪير ڏيندو، ڪٿي ڪو سارو ڏينهن ڪم ڪندو ۽ به ايمانداريءَ سان ڪم ڪري؟ ان طرح پرمارٿ ۾ اڌيشٺ ديو کان سواءِ سڦلتا نه ٿيندي. ڪهڙو به ديو ديوتا اڌيشٺ ڪجي ته ڦل ڏيندو، جيتوڻيڪ ڏيڻ وارو سڀني حالتن ۾ هڪ پرماتما آهي، جو جدا جدا ديون ديوتائن جي دوارا ڦل ڏئي ٿو. هن ڪلي جڳ ۾ سولو رستو اهو آهي ته اڌيشٺ ديو به هڪ ايشور کي بڻائڻ ۽ جو نه ڪمترا ديوتا يا ديوين راضي ڪرڻ مشڪل آهن ۽ انهن کي خوش ڪري وردان يا ڦل وٺڻ لاءِ وڏي ڪمي. پورن پرماتما جي لاءِ ڪرمن ڪرڻ ۾ ڪو به جوکم نه آهي ۽ ڦل نه هوندي ڏيندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته هن سڏو ونائش جو نه ٿئي؟ سڀني ديوين ديوتائن کي عمر پڻ ڏجي، انهن جي به وقت لئي پوڄا اپاسنا ڪجي، پر هن سڀني ۾ عمر ٿوري آهي ۽ وگهن گهڻا سو سڌيءَ حاصل ڪرڻ جو هڪ ايشور کي اڌيشٺ ديو بڻائڻ لئي فائديمند ۽ پورن اپاءُ آهي. جيڪڏهن اسين سڀ پنهنجا ڪارج هڪ ايشور لاءِ ڪنداسين ته وڌيڪ چنتا ڪرڻ جي ضرورت لئي ڪانه رهندي. جيڪو هن لئي وشواس ۽ شرڌا رکي ڪرم ڪري ٿو، ان جا سڀ ڪارج پرڀو سنڀاليءَ سان سڦل ٿو ڪري.

شلوڪ ١٥. جيڪي به ڪرم چڱا يا برا، هي منش شرير، وائيءَ اٿوا من سان ڪري ٿو، انهن جا اهي پنج ڪارڻ ٿين ٿا.

سڀ ڪرم ٽن حصن ۾ ورهايا ويا آهن: ڪائڪ يا شرير جا، واچڪ يا وائيءَ جا ۽ مانسڪ يا من جا. ڪرمن جو ڦل به انهن ٽن دوارا ملي ٿو ۽ انهن ٽن مان هڪ مکيه ٿو ٿئي. ڪو شنڪا ڪندو ته شرير، جيو، اندريون ۽ پران نه برابر چڱن يا برن ڪرمن ۾ حصو وٺن ٿا، پر ديوتا يا اڌيشٺ ڪئن ٿو برن ڪرمن ۾ حصو وٺي؟ اها شنڪا ٺيڪ نه آهي. چور جڏهن چوري ڪرڻ وڃي ٿو ته هو به پنهنجي اڌيشٺ ديو يا ديويءَ يا ڪنهن پير، فقير يا مرشد کي مڃالي ٿو وڃي ۽ هن کان مدد ٿو گهري. شاسترن ۾ به اهڙا مثال اچن ٿا. جڏهن مالڪ رشي سماڌيءَ ۾ ويٺو هو ته ڪي چور چوري ڪرڻ لڳا ته ان رشيءَ کي مڃالي ويا ته چوري ڪري سلامت اچون، ته اوهان کي به حصو ڏيندا رکنداسون. مطلب ته هنن ان رشيءَ کي اڌيشٺ ديو ڪري مڃيو، جيتوڻيڪ ان رشيءَ کي ته ان ڳالهه جي ڪاڻ خبر ڪانه پيئي. چورن جي شرڌا ۽ پوسي ڪين تعصاب ڪيو ته چيو ته اپاءُ واري ڪرم جي سڦلتا لاءِ به ديوتا جي ضرورت آهي.

هڪ چور رستي ۾ ڦرلٽ ڪندو هو، پر سڀ ڌن پنهنجي اڌيشٺ ديو جي اڳيان رکي پوءِ شڀ ڪرمن، ساڌن سنتن جي سيوا ۽ ٻين پراپڪار جي ڪمن ۾ خرچ ڪندو هو. ٻئي طرف مشڪل نه لڳائيندو هو. هڪ ڏينهن ڀڳوان هڪ سوداگر جو روپ ڌاري اچي ان رستي تان لنگهيو. چور نه سپاهه موجب ڪين هيو نه جهڪي الٽي، سو سڀ ڏي. ڀڳوان پڇيس ته "ڇا ڪنديون؟" جواب ته "سيوا ۽ ساڌن سنتن جي لنگر ۾ خرچ ڪندس."

آهي. اهو سلسلو آد کان هلندو ٿو اچي.

آتما جي هڪجهڙائيءَ سان برابر سڀ ڪم ٿيئي ٿو، پر پرماتما ۾ اهنڪار ڪونه آهي ته مان ٿو
اهو ڪرم ڪريان. ليڪن سڀ جيو ڀانئين ٿا ته ڪرتا مون ئي وڏا آهن، (جيتوڻيڪ آهن اڪرتا) ۽
ان ڪري ڪرمن جو ڦل به ڀوڳين ٿا. پرماتما سڀ ڪجهه ڪري به ممتا ڪانه رکي ته اڪرتا ۽
ڀوڳتا آهي. جيئن ٻالڪ راند ۾ راند ڪندڪا لاهيندو آهي ۽ پوءِ ڪڏهن ٿي يا ٽڪجي پوڻ لي
وري ڏاهي ٿي ٿو ته ڪندو آهي پر ڪنهن ڪوبه شوڪ نه ٿيندو آهي، ڇو ته ممتا نه هوندي اٿس.
گروءَ کان سواءِ هي پوءِ ساگر ترڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. روحاني ودّيا وڃو شاسترن پڙهڻ مان ڪين
اچي سگهي. گرو ڪرڻ ۽ شاستري ودّيا پرائڻ ٻئي ضروري آهن.

شلوڪ ١٧. جيڪو اهم يا ڪرتا ڀاوَ کان آجو آهي، جنهن جي بُڌي ڪرمن (چڱن يا برن) ۾ لپائمان نه آهي، اُهو جي ڪُلي پراڻين کي ماري ته به جڻ نٿو ماري ۽ نه هو (ڪرمن جي) بندڻ ۾ پوي ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان اَرجن کي اُن پرش جي حالت ٿو سمجهائي، جو ڪرمن جي ٻنڌڻ
کان مٿي ٿي چڪو آهي. جڏهن خود غرضي ۽ ممتا ناس ٿي وڃن ٿيون، شخصي فائدي جو
فڪر به خيال ڪونه رهي ته ڪرم اُن منش کي ڪڏاهين ڪين ٿا ٻڌن. هو ڄاڻي ٿو ته جڏهن
شرير ناس ٿو ٿئي، تڏهن به آتما ڪونه مري. هو ڪرتاپڻي کان آجو ٿيو ٿئي ۽ جڏهن ڪنهن
کي ڪڏهن ممتا يا اَهنڪار جي ماري ٿو، ته هن جو اهو مارڻ ان طرح آهي، جيئن ڪنهن
خونيءَ کي جج فرض سمجهي ڦاسيءَ جي سزا ڏئي يا سرڪاري جلاد هن کي ڦاسيءَ لٽڪائي
ڇاڪاڻ ته جهڙي ملڪ ۾ امن امان رهي ۽ لوڪ سنڌس ڀاوَ کان بچن. هنن کي ڪو شخصي
ويرَ هن سان ڪونه ٿو ٿئي. گيانوان جي مهما اهڙي آهي جو هو ڪُلي ساريءَ ترلوڪيءَ کي
ناس ڪري ته به جڻ هن ڪنهن کي نه ماريو ۽ ان ڪرم جو ڦل به ڪنهن ڪونه ٿو ملي. اول
ته هو ڪوبه برو ڪرم يا هتيا ڪري ٿي ڪونه، ڇو ته سڀني کي پنهنجو آتما ٿو ڄاڻي، جا
اوستا پورن نشڪاميءَ جي آهي ۽ اها گهڻي ڪٺن ۽ ابياسا ڪرڻ ۽ اتهڪرڻ جي شڌتا حاصل
ڪرڻ کان پوءِ پراپت ٿئي ٿي. وڃو واچڪي گيان يا دليل بازيءَ سان ڪجهه به حاصل نه
ٿيندو. ان طرح ڀڳوان به ارجن کي جنگ ڪرڻ لاءِ سمجهائي ٿو ته ممتا ڇڏي آئين ٻڌ ڪر
۽ ائين نه سمجهه ته تون ڪنهن کي مارين ٿو. ائين ڪرڻ سان تون ان ڪرم ۾ ڪين ٻڌبين.

هڪ مهاتما جو ليکو هو پراڻو ڪال جو آئي ابياس ۾ وهڻ. هڪ وقت اُن وقت هڪ ٻارهين
آيو ۽ کي وهنوار جون ڳالهيون اچي ڪرڻ ويٺو. مهاتما سنڌس مان وڪڻ لاءِ هن جون ڳالهيون
ٻڌيون. هو ڏينهن ڪلاڪ کن اهي ڳالهيون ڪندو رهيو، جڏهڪري مهاتما جي ڏيان ٽڪڻ
جو سمو گذري ويو. ٻاهي واري لکڙ ۾ هڪ پير سنت رهندو هو، جنهن جو اُن مهاتما سان
پريم هو. اهو هن کي ملڻ لاءِ وڃڻ لڳو ته واٽ ۾ هڪ گڏهه ڪنهن مليو، جو منش واڻيءَ
۾ ڪائنس پڇڻ لڳو ته ڪاڏي ٿا وڃو؟ هن ٻڌايس ته فلاڻي مهاتما کي ملڻ ٿو وڃان. گڏهه

ته هن لاءِ ته اِها ماٺا جو پردو هو. ماري ڀيو جوي ته "سائين! ولو هي ڀيهجو جو ٻهرُ پکي." پر مهاتما ڀيو جونس ته "وڃ وڃ. اڄايو منو ته ڪهاءِ." آخر ڀڳوان مهاتما کي به ماري جي وشواس صدقي درشن ڏنو، جنهن شش جي ڪري گروءَ جا به پاڳ کليا. ٻنهي کي درشن ڏيئي ڀڳوان گرو کي ڪهرائي، ڪين وتنڪ ولي ويو. مطلب ته ڪرم ۾ جڏهن اشٽ ديو مهالمو ته نه فقط ڪاماڀي ٿيندي، پر ڦل به اُهر حاصل ٿيندو. انڪري هڪ ايشور کي هر ڪرم ڪرڻ وقت پنهنجو اشٽ ٻڌائڻ ضروري آهي. هو ئي درتن جو به ديو آهي ۽ سڀ ڪارج سڌ ڪري ٿو سگهي.

شلوڪ ۱۶. ان هوندي به جيڪو بي سمجهيءَ ڪان ڪيول (رڳو) اُسنگ ۽ اُداسين آتما کي ئي ڪرتا مڃي، سو حقيقت ۾ پليل آهي ۽ اُهو ڪونسيءَ ٻڌيءَ وارو آتما کي نيڪ طرح نٿو ڄاڻي.

آتما يا برهم هميشه اڪرتا، ابوڳتا ۽ اسنگ آهي ۽ سڀ جو ساکي آهي مگر اگياني منش سمجهن ٿا ته اهو آتما ئي سڀ ڪرم ڪري ٿو. ان ڪري هو جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. اهڙا منش اکين هوندي به انڌا آهن ۽ سچ جو سار نٿا ڄاڻن، ته فقط آتما ستا ڏيڻ وارو آهي ۽ ڪرمن ڪرڻ وارا ته شرير، انتهڪرڻ، اندريون ۽ پران آهن. هاليءَ الوا ڪليءَ اهو اسنگ آتما ته هڪ طرح نواس ڪري ٿو، جو ٿي سروپ ۽ ابناسي آهي، پر اُن ۾ ڪرتاپڻو مور ته آهي. اهو گيان پورن گروءَ کان ئي ملي ٿو.

نانڪ ديو جڏهن ابوڌيا ۾ آيو تڏهن اُتان جا وڏا وڏا ودوان پنڊت مڙي وٽس آيا ۽ سوال ڪيائون ته "گرو شبد جو ارٿ ٻڌايو." گروجن ڪين ٻڌايو ته "سنسار ۾ گرو ته انيڪ آهن، پر ويدن موجب ٽي درجا گرن جا ڄيا ويا آهن: هڪڙا برهم شروتري، ٻيا برهم نيشٺي ۽ ٽيان برهم شروتري ۽ برهم نيشٺي. برهم شروتري اُهي آهن، جن کي خوب ودبا آهي پر انهو ڪليل ته الن ۽ برهم جو ساکياتڪار ته ڪيو الن. جنهن کي آتما جو گيان ته آهي، رڳو شاسترن ويدن جي ودبا الس، اُهو ٻئي کي ڪئن آتما جو گيان ڏيئي سگهندو؟ برهم نيشٺي اُهي آهن، جي ڀل ته ودبا پڙهيل ته آهن، پر پورن ابناسي اوڌ وُٽ اوستا ۾ آهن، انهن پنهنجو ڪلياڻ ته ڪيو آهي، پر جگياسوءَ جو ڪلياڻ نٿا ڪري سگهن. هن جي سوالن جا جواب ته ڏيئي سگهندا ۽ نه هن جا سنسا دور ڪري سگهندا. جنهنڪي ڪوبه سنسو پرم ته هجي ۽ انهن ۾ ٽي ودوان آهن ۽ پر رڳو اگيان جو پردو الس، اُهو اُهي ڪلياڻ ڪري سگهندا. پورن گرو جنهنڪان گيان حاصل ٿي سگهي ٿو، اهو آهي جو برهم شروتري ۽ برهم نيشٺي ٻئي هجي. ڪن جو چوڻ آهي ته ديهه ڌاري گرو ڪرڻ ضروري ته آهي، پر اهو خيال غلط آهي، ڇو ته ديهه ڌاري نه هوندو ته گيان جو اُپديش ڪئن ڏيئي سگهندو ۽ مڪتي ۾ شڪتي ڪئن ٿيندي؟ شري رام ۽ شري ڪرشن جهڙن اوتارن به ديهه ڌاري گرو ڌارڻ ڪيا ۽ انهن جي ڪيڏي نه شردا ڀڪتي ۽ وشواس سچي به سڀني هلي ٿي، ان ڪري به ديهه ڌاري گرو ڪرڻ ضروري

عمن ۾ ڪرم ڪرڻ جي پرپرتا ٿئي ٿي، پر آتما اُهن کان اسنگ آهي.

هرهڪ ڪرم جي سڌيءَ يا پورلتا جا پنج ئي آڌر ۾ آهن يعني ١. ساڌن، جن سان ڪرم
عجي ٿو، اهي آهن پنج ڪرم الدريون؛ ٢. ڪرتا، جو اهو ڪرم ڪري ٿو ۽ ٣. ڪرم جو
ي ٿو. آتما اُنهنکان ۾ اسنگ آهي. اشتاوڪر گيتا ۾ آيو آهي ته اهي نيٺي، سنسار ۾ پورلڪ
هن ۽ ڪرم انهن کان سواءِ ٿين ۾ ڪونه ٿا، پر جڏهن آتم پد جو گيان ڪروءِ جي ڪريا سان
ي ٿو ته پوءِ ڄاڻون ٿا ته اصل ۾ اها لرپٽي ۾ آهي ئي ڪانه. جيئن سپني ۾ اهي نيٺي
ڪونه هوندا آهن، پر اسين پدارٿ ڏسون ۾ ٿا ۽ ڪرم ڪريون ۾ ٿا. اهو سڀ اوستائن آهي،
ستائين سپني ۾ آهيون؛ جاڳون ٿا ته اهو سڀ ڪم ٿيي ٿو وڃي ۽ اسين خود اُلڪي است ٿا
ڻونيون ۽ ڄاڻون. ان طرح جاڳرت ۾ ۾ جيسين اوديا روپي ننڊ ۾ آهيون، تيستائين اها لرپٽي ۾
ي. ان لرپٽيءَ جو آتما سان سنبنڌ مٿيا آهي يعني اگيان ڪري ڀاسي ٿو؛ چو ته آتما نرنجن
لسي ۽ سموري پرپنچ کان رهت آهي. اسين ٻاڻ گيان ٻائڻ سان سمجهون ٿا ته اهو سڀ ڀرم
۽ سڀ ڪجهه آتما جو ئي پسارو آهي ۽ اهو آتما مان ٻاڻ آهيان. ان آتما کان سواءِ ٻيو
جهه سنسار ۾ ڪونه آهي.

ويد وياس مهراج لکيو آهي ته سنسار ۾ هڪ چيتن ڪريا آهي ۽ ٻي جڙ ڪريا. دليري
سوار سڀ جڙ ڪريا ٿو ليکجي ۽ ستسنگ، ٻڌڻ ڀاءِ، اُپاسنا ۽ ڌيان اهي چيتن ڪرياون آهن.
ن چيتن ڪرياڻن ۾ وري آتم گيان پرائڻ آتم کان اُتم ڪريا آهي؛ چو ته ان مان ئي آهر
ش جنم جو مقصد "موڪش" حاصل ٿي سگهي ٿو. جڏهن ڪو گيهر سمهو ڏسو آهي ته
رالي ولي ويندي آهي يا هراس لڳندو آهي. پر جاڳڻ ئي سمجهو آهي ته اها حيرالي
لي هئي؛ اهو هراس ۾ ويرٿ هو. ان طرح جڏهن اگيان مان گيان اچي ٿو ته انچرج ٿو
ي ته اُنهن جا ٻئي سمجهوسن! روانجي سمو ۽ هي سنسار ٻئي هڪ سان آهن. جيڪو اهو
رٿ سمجهي ٿو، اهو ڪڏهن ۾ دکي ٿئو ٿئي. اهولي سچو گيان آهي ۽ ايشور جي سچيءَ
يءَ ۽ پريم سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿو. ٻيا ايشور ڀڳتيءَ جي منش سچي عزت ٿئو پائي
هي، ڪٿي ڪيهري ۾ دليري سمجهي، عزت، مان، عهدو هجس. سپني جا لاچ، ڳاڻا،
رٿ جنن جاگيد ۽ ماڻهوءَ لاءِ ڪي ڪمن آهن؛ ٿٿن سنسار جا وڏا وڏا پوڄ ۾ گيانوالن لاءِ
. آهن ۽ رکو اگيالي ماڻهولي انهن کي سچو سمجهي، انهن ۾ اٽڪي دک ڪليش ٿا پائين.
وان اڳتي چوي ٿو:

شلوڪ ١٩. گيان، ڪرم ۽ ڪرتا ۾ گڻن جي ڀيد پرماڻ سانکيه شاستر انوسار
وڌين يا پرڪارن جا آهن. اهي پڻ موںکان ٻڌارث طرح ٻڌ.

مايا روپي اڪريءَ جا ٽي لر يمان ڪمل آهن، جن جا رنگ ۾ جدا جدا آهن: هڪ جو
آهي سفيد (ستوگڻ)، ٻي جو ڳاڙهو (رجوگڻ) ۽ ٽئين جو ڪارو (تموگڻ). ان لرپٽيءَ
سار ديوتالون ۾ ئي آهن؛ جنن شري جيه صاحب ۾ گروجن لرمايو آهي:

چيس ته ”هو ته مري ويو. توهانکي اها خبر نه آهي ڇا؟ اڄايو ٿا وڃو.“ هن چيو ته ”پوءِ هن جو سنسڪار وڃي ڪرائيندس، سندس هاڻي مڙئي گنگا ڏي نيندس.“ گدڙ چيو ته ”اهو ڪم ته لهي ويو آهي.“ سنت چيو ته ”چڱو وڃي ٻيڻارو ڪندس.“ گدڙ چيو ته ”اهو به ٿي ويو آهي.“ سنت چيو ته ”چڱو پوءِ هن جي آستان جو درشن وڃي ڪندس.“ گدڙ چپ ڪري وات ورلي ۽ هو سنت آيو اُن مهاتما واري لڳر ۾. وات ۾ ماڻهن کان ته پڇائين جن ٻڌايس ته ”مهاتما ته چار ورهين ويٺو آهي!“ هو سنت گدڙ واري ڳالهه ياد ڪري عجب کائڻ لڳو ۽ اچي سارو حال اُن مهاتما سان ڪيائين ته هيئن گدڙ ملير هو ۾. مهاتما وڏي الهڙ وارو هو. چيائين ”اَدا! برابر اهي چارئي ڳالهيون ٿي ويئون آهن. مون وٽ ستسنگ واري وقت ۾ هڪ پرهي آيو ۽ چارئي گهڙيون وهنوار ۾ گذريون. اُن امرت ويلي دنيوي ڳالهيون ويهي ٻڌم ته جڻ موت ٿي چڪو. پهرين گهڙي وچايءِ ته جڻ موت ٿي لِهو، پوءِ ته پرماتما کان ٻيمڪ ٽيس. ٻيءَ گهڙيءَ ۾ جڻ سنسڪار ٿيو، ٽين ۾ هاڻي گنگا ۾ پهتي ۽ چوٿين گهڙي به ويئي ته جڻ ٻيڻارو به ٿي چڪو. اهو گدڙ ڪوٺ هو پر ٻاڪ پرماتما منهنجي سمجهاڻڻ لاءِ اُنهن اوهانکي چيو هو. پراڀ ڪال جو برهم مهورت ۾ جڏهن پرماتما طرف لڳڻ جي اسان کي طاقت ملي ٿي، اُن وقت پيو وهنوار ڪنداسين ته پوءِ ڏيان ٻئي جي شڪتي ڪڏهن پراپت ڪري سگهنداسين؟“

ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي آيو آهي ته پڻ مان سک جي اڇا نه رک، پر فرض جاڻي اُٿي پڻ ڪر. لاڀ يا هاڃي، جيت يا هار کي برابر سمجهي، جي پڻ ڪمءَ ته توکي ڪوبه پاپ نه لڳندو. هرهڪ وهنوار اُلوا پرمارٿ جي ڪرم ڪندي، جو هن لسغي لي هلي ٿو، اهو نڪامي آهي. هو جاڻي ٿو ته مان نه ڪجهه ڪرڻ وارو ٿي نه آهيان. شرير جو وهنوار آهي ڪم ڪرڻ. منهنجو ته اُن سان ڪو سنبنڌ نه آهي، مان نه ساکي آهيان. اهڙي درجي لي پهتل پرش جو هن شلوڪ ۾ ورنن ڪيل آهي. نيتي شاستر ۾ آيو آهي ته ڏن جي رکيا آپدا وِٽ ۾ ڪم اچڻ لاءِ آهي ۽ نه عيش عشرتن ۾ لڳائڻ لاءِ. پر جيڪي ڌرماتما پرش آهن، انهن لي پڻ آپدائون اچڻ لي جو ڪهڙو ڊپ؟

شلوڪ ١٨. گيان، گييه ۽ گياتا اِهي ٽيئي هرهڪ ڪرم جا پرورتڪ (پروتي ڪرائيندڙ) آهن. ساڌن (هٿيار)، ڪرم ۽ ڪرتا اِهي ٽي هرهڪ ڪرم جي پوُرنتا جا آسرا (انگ) آهن.

گيان جو مطلب آهي پنجن گيان اندرين سان پدارٿن جو جدا جدا سروپ ڏسڻ يا جاڻڻ. گييه يعني اُن گيان جي وشيه يا جن شين يا پدارٿن کي ڏسي يا جاڻي سگهجي. گياتا جو ارٿ آهي جو جاڻي. جو ڏسي ٿو يا جاڻي ٿو، اهو ٿيو گياتا، جنهن ۾ ”مان“ ۽ ”منهنجو“ اهڙو ڀاءُ آهي. اهي ٽيئي جڏهن گڏجن ٿا يعني انهن ٽن جي ميلاپ سان هر جڳهه يا ڪري ڪرم ۾ پرورتي ٿئي ٿي ۽ من، واڻي ۽ شرير ان ۾ لڳن ٿا. انهن ٽن جي گڏجڻ کان سواءِ

سچو ۽ پورو گيان اهو آهي، جنهن ۾ جگتر جي پدارٿن ۾ ڪوبه تفاوت نٿو سمجهڻ ۾ اچي. جيو، هر پدارٿ، هر وستوءَ ۾ هڪ ئي ابناسي سرو وياپڪ آتما ٿو ڀسجي. ڪثرت ۾ وحدت ٿي ڏسجي. سرو وياپي آڪاس جيان آتما هر هڪ پدارٿ ۾ ڌار ڌار ڀاسندي به هڪ آهي. جيڪو پرش جدا جدا شريرن ۾ اُنکي جدا جدا ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو ته ڪو وڏو ۽ ڪو ننڍو، اهو اگياني ۽ مد مت آهي ۽ سچ کي نٿو پڇاڻي. هن شلوڪ ۾ اپروکه وشيش گيان جو وچار آهي يعني جو ڀالڪي ۽ سڀني کي برهم روپ ڄاڻي ٿو ۽ ٻيو ڪجهه به نٿو ڏسي. اهو پورن شڌ انتهڪرڻ واري کي ئي ٿي سگهندو. پروکه گيان آهي ته سمن لئي ته ايشور آهي ۽ هو سرو وياپي، سرو گم آهي ۽ اُن جي ڌيان ۽ سمرن ڪرڻ سان ئي جو ڪلياڻ ٿئي ٿو. ان ۾ اها منزل نه آهي، جو سمجهي ته مان ئي اهو برهم آهيان. اها منزل به اوچي آهي، پر پوُرن نه آهي يعني اگيان جو پردو آهي، جنهن جي دور ٿيڻ سان پروکه گيان ملي سگهي ٿو. جنهن جي انتهڪرڻ ۾ پرڪاش آهي، اهوئي سڀ ۾ انترجامي ڏسي ٿو. ڀڳوان نامديو جو مثال مشهور آهي. هن جو اُنيڻ اِيترو ته ڪليل هو، جو هن سڀني ۾ ته ڏٺا، پر هڪ ڪتي ۾ به پنهنجو اشٽ ويٺل ڀڳوان ڏٺو. انتهڪرڻ ته سڀني جو ۾ ستوگڻي اَنس آهي، پر اسان پنهنجي برن ڪرمن ۽ پاپن ڪري مٿس مٽي چاڙهي ڇڏي آهي. اها دوُر ٿيندي نشڪام شڀ ڪرمن ۽ پڄن اُپاسنا سان. پرلوڪ ۾ به شڌ انتهڪرڻ جوئي قدر ۽ ملهه ٿئي ٿو. جن جي وِرتي ستوگڻي آهي، اُهيئي گيان جو امرت ماڻين ٿا. ستوگڻ سان ئي گيان جي اُمتي ٿئي ٿي؛ جئن سورج جو عڪس صاف جل ۾ چٽيءَ طرح پوندو آهي ۽ نه گندي ڏِٺل جل ۾.

شلوڪ ٢١. جنهن گيان سان جدا جدا ديهين ۾ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ سمن جون انيڪ آتمائون ڏسجن ٿيون، اهو گيان راجسي ڄاڻ.

ويچار ساگر پستڪ ۾ آيو آهي:

ساکي برهم سروپ اِڪ - ڀِهون ڀيد ڪو گند؛
راڳ دويش متي ڪي ڌرم - تان سي مالت اَنڌ.

راڳ ۽ دويش انتهڪرڻ جا ڌرم آهن، پر اگياني ماڻهو آتما جا ٿا سمجهن. اهو آتما نه ري برهمانڊ جي جيون ۾ هڪ ئي آهي. جئن هزارن لکن برتڻن ۾ اٿوا اُنهن جي آس پاس آڪاس هڪ ئي آهي، جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ جدا جدا ٿو اچي. انهيءَ اگيان ڪري ئي دنيا ۾ جهيڙا ۽ فساد ٿين ٿا. اگياني ماڻهو چون ٿا ته جي آتما هڪ آهي ته پوءِ هڪ پراڻيءَ دک سک ٿئي ته سڀني پراڻين کي اهو محسوس ٿيڻ گهرجي؛ پر ائين ته ڪونه ٿو ڏسڻ اچي. ڪيترا سياڻا ماڻهو به ان دوکي ۾ اچي ٿا وڃن. سچ پڇ ته هر هڪ شرير ۾ انتهڪرڻ جدا جدا آهن ۽ ڌرم اڌرم اُن انتهڪرڻ ۾ ٿو رهي، جنهنڪري دک سک، جي اُنهن ڪرمن جو ڦل آهن، اُهي به انتهڪرڻ شرير جيان ڀوڳي ٿو ۽ نه آتما، جيڪو سڀني ۾ هڪ

ايڪا مائي جڳت وياپي، ٽن چيلي پروان - اڪ سنساري، اڪ پنداري، اڪ لاڳي ديهان.
سنساري آهي برهما، جو سرشٽيءَ کي پيدا ڪندڙ آهي، جنهن ۾ رجو گڻ پرڌان آهي؛ پنداري آهي وشنو ڀڳوان، جو سڀني جيون جي پالنا ڪري ٿو، جنهن ۾ ستوگڻ پرڌان آهي ۽ ديهان لائڻ وارو يعني لئه ڪرڻ يا مارڻ وارو آهي شو ڀڳوان، جنهن ۾ تموگڻ پرڌان آهي. اهي ٽيئي ان مايا جا پتر چيا ويا آهن ۽ ايشور جي شڪتيءَ سان پيدا ٿيا آهن.

ستن اڌياءِ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آيو آهي ته اها ٽن گڻن واري مايا منهنجي آهي. ان مايا مان اهو ئي پار پوندو، جو منهنجي شرن اچي ٿو. هتي ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته گيان، ڪرم ۽ ڪرتا به ٽن قسمن جا آهن. جتي ڪپل ديومنيءَ جي رچيل سانکيه شاستر ۾ ورنن ٿيل آهي. ان شاستر موجب جيو انيڪ مڃيا ويا آهن، هوڏانهن ويدانت ۾ هڪ ئي آتما مڃيو ويو آهي. ٻين ڳالهين ۾ ٻنهي شاسترن ۾ ڪو گهڻو ڀيد ڪونه آهي. جيڪي ڳالهيون سانکيه شاستر جون ويدانت سان ملن ٿيون، اُهن مان مکيه آهي ته سڀ کان اول منش جو ڪرتوبه آهي ته ٽن پرڪارن جا جي دک (اڌياتمڪ، اڌي ديوڪ ۽ اڌي ڀوتڪ يا آڌي، وياڌي ۽ اُپاڌي) آهن، اُهن جي دور ڪرڻ لاءِ جگياسا ڪري. ان لاءِ ضروري آهي ته پرماتما جي ملڻ جي ابلاشا رکي ستسنگ، ڌرم جا ڪم دان پنه ڪجن ۽ ان سان گڏ پرماتما کي پرارٿنا ڪندي رهجي ته اهي دک دور ڪري. اڌياتمڪ يعني شرير جا دک، اڌي ڀوتڪ يعني چورن، پشن، نانگن بلائن وغيره جا ڊپ يا دک ۽ اڌي ديوڪ يعني ٻوڏن، ٻرپٽن، گرهن وغيره جا دک. آڌي، وياڌي ۽ اُپاڌيءَ جو مطلب آهي من جي پيڙا، شرير جا دک ۽ بيمارين ۽ سنبنڌين جا ٻين سببن ڪري دک ڪليش. اُهن ۾ سنسار جا سڀ دک اچي ٿا وڃن. ڪپل ديو جو چوڻ آهي ته سڀني دکن جي دور ڪرڻ لاءِ پرماتما جي اُپاسنا ۽ گيان جي پراپتي ڪريو. ڀلا چون ٿا ته اهي دک ته ڊاڪٽرن، حڪيمن جي دوائن ڪمن، منترن، ٽوٽڪن، دان پنه ڪرڻ، چوڪيدار رکڻ وغيره سان به دور ٿي ٿا سگهن، پوءِ پرماتما جي پالڻ جي اڃا ڇو رکجي؟ سانکيه شاستر جو جواب آهي ته اُهن رستن سان اهي دک ٿوري وقت لاءِ دور ٿي سگهن ٿا، پر وري ٿي پون ٿا يعني جڙ کان ناس نٿا ٿين. اهي هميشه لاءِ ناس تڏهن ٿيندا، جڏهن جنم مرڻ جو چڪر ٿي مٽي ويندو، جو ٿيندو گيان جي پراپتيءَ سان. جيستائين شرير آهي، اوستائين اهي دک ٿورا گهڻا هليا ايندا. جتي گيان، ڪرم ۽ ڪرتا جا ٽي قسم آهن ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي، ان طرح ستسنگ ۾ به ٽن قسمن جا ٻڌندڙ اچن ٿا. ڪي ته گيان جو اپديش ٻڌي مست ٿيو پون، ڪن کي ڀڳتيءَ جو اپديش پيارو ٿو لڳي ۽ ڪي ڪرمن جي اپديشن تي خوش ٿا ٿين، پر ستسنگ ۾ ٽنهي قسمن جا اپديش ٿين ٿا. انسان ۾ ستو، رجو ۽ تمو ٽيئي گڻ ٿين ٿا، پر اُهن مان ڪوئي ڪو وشيش طرح ٿئي ٿو، جنهن ڪري هرهڪ انسان جي رچي ۾ علحدي ٿي ٿئي.

شلوڪ ٢٠. جنهن گيان سان پرش سڀني جدا جدا شريرن ۾ هڪ ئي اڀيد ۽ ابناسي آتما ٿو ڏسي، اُهو گيان ساتوڪي ڄاڻ.

ڪر ته سولي ٿي پوندي. اهو ٿي پيو چالبندو." جڏهن هو ٺام ڇڏڻ لڳو ته شهر ڏانهن ٿي طرف هليا ويا ۽ اُتي رهي ويا. مهاتما وري چيس ته "جنهن انگور جي ٽاري اسان کي ڇانو آهي، اُن جي ٽاري ٿي پڏاءِ ته ٽمن روٽي ٿو ڪاڏي هئي ها ته؟" هو وري به اُٿي ويو. مهاتما کي روٽيءَ جي نه پرواهه ڪانه هئي، پر هن جي من جو اُنهه لهڻو هوس ته الدر ۾ ايهور ڪيئي ڪيمي ٿو يا نه. ڪم سفر وڏو هو ۽ هو اڳتي هليا.

ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڏٺائون ته ٻن ٻڍ پاهه لڳي پئي آهي ۽ ڪو رستو وڃڻ جو ڪونه آهي ۽ هو ته ڏهڻ لڳو. مهاتما چيس ته "پرماتما ۾ ڀروسو رکي ٺام جپ ته سڀ سؤلي ٿي پوندي. هولي اڳيءَ کان ڇالبندو." هن ٺام جپيو ۽ آخر پاهه کان ٻچي پار پيا. مهاتما وري ڪيس چيو ته "جنهن پرماتما پاهه کان بچايو، اُن جو واسطو اٿيئي، سچ ٻڌاءِ ته روٽي ٿو ڪاڏي هئي ها ته؟" هو چوڻ لڳو ته "سائين! سچ ٿو چوان ته مون روٽي ڪانه ڪاڏي هئي." مهاتما ڏيالو ٿيندا آهن، هن ۾ خيال ڪيو ته هن کي آخر سچي ته ضرور ڪرائي ٺيڪ راهه تي آڻيندس، سو واٽ تي مهاتما پڇيس ته "پرديس ڇو ٿو وڃين؟" چيائين ته "ڌن پيدا ڪمائڻ ٿو وڃان." مهاتما چيس ته "اڳيئي چوڻ ٿي پڏاءِ! هاڻي ٻٽڪون وغيرهه ڇولڊي اچ ۽ ٽي ٽڪرون ڪر." هن ائين ڪيو ته ٽيئي سون جون ٽڪرون ٿي پيئون. مهاتما چيس ته "هڪ ٽڪري مان ٿو کڻان، هڪ ٿون کڻ ۽ ٽين جنهن ٽمن روٽي ڪاڏي، اهو کڻي." تڏهن جهٽ چوڻ لڳو ته "سائين! اها ته مون ڪاڏي هئي!" مهاتما چيس ته "ايهور جو واسطو وڌومانءِ ته ۾ سچ نه ڳالهائين، پر هاڻي مايا جي لالچ ۾ پئي سچ ڳالهايو اٿيئي!" مهاتما نظر ڦيري ته اهو سون وري پٿر ٿي پيو. اهڙا ماڻهو ٺامسي گيان وارا ٽمن ٿا. اهي مڙهين، ڦمرن، ٻؤلن ۽ پرڻن کي ٿي خدا ڪيئي ويٺا آهن. اهڙن کي سچو گيان ڪٿي ٿيندو؟ اسانجي هندو ڌرم ۾ ساٽوڪي گيان جوئي اُپديش آهي، جو ٽي ڪلياڻ ڪرڻ وارو آهي.

شلوڪ ٢٣. جيڪو ڪرم نيمت يعني شاسترن انوسار آهي ۽ سنگ دوش کان رهت، راڳ دويش بنا ۽ ڪنهن به ڦل جي اِڇا کان سواءِ ڪيو وڃي ٿو، اهو ساٽوڪي ڪرم ٿو ليکجي.

روزاني سنڌيا وندن کان وٺي يگيه آدي شڀ ڪرم، جي شاسترن انوسار مقرر ڪيل آهن، اُهي سڀ نيمت ڪرم ڪوٺجن ٿا. سنگ دوش کان رهت جو مطلب آهي اهنڪار کان رهت. مون هي يگيه ڪيو، مون هو دان ڪيو، ٻيو مون جهڙو ڪير آهي؟ اهڙو راجسي اهنڪار نه هئڻ گهرجي. سوڪير اهنڪار نه جيسين گيان حاصل نه ٿيو آهي، تيسين ساٽوڪي سڀاءَ وارن ۾ نه رهي ٿو. اهڙي ساٽوڪي ڪرم ڪرڻ سان ڪنهن کي گهڻو آنند ٿو محسوس ٿئي ۽ شڪتي نه ٿي پرابت ٿئي، ڇو ته هو اهو فرض سمجهي پيا لاڳي، ايمان يا ڌيکاءُ جي ڪري ٿو ۽ سڀ پرماتما کي ٿو ارپڻ ڪري.

ڪن ڪامنا ڇپيپڪ ٿي ڪئي ٺاپڪ داس ٽالي هڪ ٽيون مهاتما وڃيبو هو، ڇو ڪيڪ وڏو ويا ٿو.

سمان، الپ ۽ اپورڻ آهي. جيڪڏهن اسين هرهڪ کي پنهنجو ئي آتما سمجهون ته ڪنهن هوند ڪنهن سان ويرُ يا دشمني رکون يا ڪوڙ دولاب ڪريون؟ ڪي مورک وري جهٽ ۾ اڻانن ته جي آتما هڪ آهي ته زال، ماءُ، ڀيڻ سڀ هڪ سمان ٿيا. پر آهي ڪانه شرير ۽ اتهڪرڻ جا آهن ۽ نه آتما جا. شرير جا ڌرم جدا جدا ٿين ٿا. گيان جو قلُ ڪڏهن به اڌرم نه ٿيندو. ڪي وري چون ٿا ته ڀنگي ۽ برهمڻ ڪڏ کائين، ڇو ته آتما هڪ آهي. پر کائڻ پيئڻ ته شرير جو ڌرم آهي، جو ورڻن ۽ آشرمن جي نيمن انوسار جدا جدا ٿئي ٿو. سڀني ۾ هڪ ايشور جي جوت ڄاڻي ڪنهن سان برائي نه ڪرڻ لئي سچو گيان آهي. سرد رهڻي رکڻ ڌرم آهي، پر سڀ ورڻن نه گڏو آهي. ورڻي ڌرمن انوسار جدا جدا ٿئي ٿي ۽ ٿيڻ ضروري آهي.

شلوڪ ٢٢. جيڪو گيان هرهڪ ڪاريه يا پيدا ٿيل جيو يا پدارٿ کي جدا ٿو ڄاڻي ۽ ائين سمجهي ته سڀ ڪجهه اُهوئي آهي، ۽ اُن کي ڇهڻي ٿو پوي، اُهو گيان يڪتيءَ يا دليل کان رهت، اَست ۽ اَلپ ماتر (خسيس) آهي ۽ تامسي چئجي ٿو.

تامسي لوڪ هڏ ماس جي پتلي کي سڀ ڪجهه ٿا ڄاڻن، جا سڄڻ سمجهه سچ کان خالي آهي. هو جڙ پدارٿن جا پوڄاري ٿين ٿا ۽ مذهب جي قاسيءَ ۾ قائل رهن ٿا. هو پرماتما، خدا يا ايشور کي سرو وياپڪ نٿا سمجهن، پر ڪنهن خاص جڳهه يا آستان تي مورتي روپ ۾ استاپت ٿيل. هو سمجهن ٿا ته جيڪو ڪرم لڪائي ٿا ڪريون، ان جو ڪوبه قل ڪونه ملندو. هو رکو لوڪ لڳا جو خيال ڪن ٿا ۽ نه انترجامي ايشور جو.

هڪ مهاتما ڪنهن مسافريءَ تي هليو ٿي ڪنهن ٻرهميءَ ڪمس تي روٽيون رڌيون ٿي لاهه ڀڄائي ڏنيون. واٽ تي ڪمس هڪ ٻيو مسافر مليو ۽ اُن مهاتما جو سنگ ڪيائين، جو ته وڏو سوداڪ هو. مهاتما هن کي نام جو اُپديش ڪرڻ لڳو، پر هن ناستڪ تي مهاتما جي وچن جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. وڃي ٻه هڪ ٿي آئي ته مهاتما ان ۾ اشنان ڪرڻ چاهيو ۽ ڪپڙي ٻڌ ولهيل ٿيلي ٿلهاڪاري تي رکيائين. سڌس ساٿيءَ جو ڏٺو ته مهاتما اشنان ڪري پوڄا ۽ ڌيان ۾ ويٺو آهي، سو هڪ ٿلهڪو ڪري ڪاٿي ڇڏيائين. مهاتما جڏهن روٽي کائڻ لاءِ کڻڻ ڪوليو ته ڏٺائين ته هڪ روٽي گهٽ آهي. هن کان پڇيائين، پر هن چيو ته مونکي خبر نه آهي. خير مهاتما ته الهن ڀڄ مان ٻه هڪ ڪمس ڏني ته ڪاٿي پاڻ سي ٿي. اڃا اڳيان ٿدي ٽڪهي پار ٿيا. مهاتما سوچيو ته هيءَ چوريءَ جهڙي پاپ جو ٻه ڪري ڇڏي ڪري، اُن ڪري هن کي سچي راهه تي آڻڻ گهرجي. ڪمس چيائين ته ”پيارا! جنهن پرماتما جي ديا سان هن اُجهاڳ پاڻيءَ واريءَ ندي مان پار ٿيا آهيون، اُن ايشور جي ڳالهه ٻڌائه ته ٽين روٽي ڪنهن کاڌي؟“ هن وري به ته چيو ته ”مونکي خبر نه آهي!“ آخر اڳتي هليا ته رستي تي ٽي شخص آيا ۽ جو ڌاڙو ڏنو. مهاتما چيس ته ”پاڻي! ڀڳوان کي ڪا

ب گڏجي ٿا وڃن ۽ ان مان وڏي شڪتي پيدا ٿئي ٿي ۽ واهو مدد ملي ۽ ڦهلجي سهي ٿي
ٿي ڪري. گرو امرداس صاحب ستسنگ بابت چيو آهي ته سچو ستسنگ اهو آهي، جتي
ڪ نام جي اُستت جا چرچا ٿئي ٿي. مذهبي پرچار جا ڀين ڪرمن ٿي ٽڪا ٽهڻي ڪرڻ کي
ستسنگ نٿو ڪوٺجي. من جي ورتيءَ جي ڀيٽي سچي ستسنگ مان ٿئي ٿي. اهو من جو آهار
ي. جن جي من اهو ڪاڏو چڪيو آهي، تن جو من ان ڪان سواءِ ڏڦندو ڪو رهي. ستسنگ
مالڪ اسنور ڀاڳ آهي. جڳن ناٿ داس نشڪامتا سان روز ستسنگ ڪندو هو ته ڪيئن ته
ڙ سدس رکيا ڪندو؟ جيڪي نشڪام ٿي ويدن شاسترن ۾ ٻتايل شب ڪرم ٻنا اهنڪار
مطا جي ڪجن ٿا ۽ جن ۾ هن لوڪ الوا پرلوڪ جي سکن جي ٻه اڇا نه آهي، اهي ڀڳوان
ي ٿو ته سالوڪي ڪرم آهن ۽ اهڙن ڪرمن مان ئي آخر ڪلياڻ ٿئي ٿو.

شلوڪ ٢٤. جيڪ ڪرم ڪامنائون رکي ڪجي ٿو يا جنهن ۾ اهنڪار ٻــ
ي ته مون اهو ڪيو آهي يا جنهن جي ڪرڻ ۾ گهڻي جفاڪشي ڪرڻي پوي
، اُهو ڪرم راجسي چيو ويو آهي.

راجسي سڀاءَ وارو ماڻهو سڀ ڪرم سوارٿ وچان ٿو ڪري. اهي ڪندي هو اڀمان ڀڃ
ٿو ته مون اهي ڪرم ڪيا آهن، انهن لاءِ هو علم ماڻهن ۾ ڏيکاءُ ٻه ڪري ٿو ۽ هرهڪ
م جي ڦل جي چاهنا ٿو رکي. ڪڏهن ٻه ڪو ڪم نشڪام ڀاونا سان نٿو ڪري. هو انهن
. مان سک ۽ عيش چاهي ٿو. راجسي ڪرم نه فقط گهڻو ڪليش ۽ دک ڏين ٿا، پر
ڪڏهن ڀوريءَ وڏيءَ الوسار لئا ڪجن ته اُنتو ڦل ٻه ڏين ٿا. ڪامنا رکي ڪم ڪندڙ
سا ڀوري ليڪ ٿي وري اهو ڪرم نٿو ڪري، جنهن ڪري هو فرض ۾ ٻه ڀورو نٿو رهي.
ن اڏياءَ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آهو آهي ته سڀ ڪرم برهم ارپڻ ڪرڻ ســ هڪ ڀاري ڀگيہ
، جنهن جو ڦل ٻلڪل اَمر ٿو ملي. مهاتمائن ۽ رواجي ماڻهن ۾ اهوئي فرق آهي. شب
م ته ٿئي ٿا ڪن، پر سنساري ماڻهو ڪامنائون رکي ٿا ڪن ۽ مهاتمائون نشڪام ٿي ڪري
رهم ارپڻ ٿا ڪن.

سنسار ۾ متر ٻه گهڻن نمونن جا آهن، پر نشڪام متر ڪي ورلا آهن. جي ڪو متر اسان
ڪم ڪري ۽ ان جو بدلو نه ولي نه ڪيترو نه اسان کي ان لاءِ پريم ۽ عزت ٿئي ٿي نه
التربامي ۽ ڪان ڪرمن جو ڦل نه گهرون نه ان وقت ڪين اسان لاءِ وڏي عزت ۽ پريم
و؟ مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ ان جا ٻه ئي مثال اچن ٿا ته ڪيئن نه ڀڳوان ڪرشن ارجن
نشڪام ڀگت جاڻي هن کي مدد ڏئي ڪئي! ڪرڻ وٽ هڪ پرچي شڪتيءَ واري
، جا جنهن تي هلائي نه خالي نه ويندي. هڪ ڀي دفع هلائي ٿي سگهجو ۽ ٻيءَ هن ۾
طاقت نه رهڻي هئي. اها شڪتي هن ارجن کي مارڻ لاءِ رکي ڇڏي هئي. جڏهن
يءَ ۾ ڪرڻ ڪورون جو سنڀاپتي ٿيو ته ڀڳوان ڪرشن کي خيال آيو ته ڪرڻ الوان ٻــ
، ۽ شڪتي ٻه الس، جا نڪل نه ٿيندي، سو معان ارجن کي ماري وجهي. ديوڙر ٻه

هو. تنهن سان سَتسنگ ڪري سڀني ۾ نام جو پرچار ڪندو هو. ماڻهو به هن جي ستسنگ مان گهڻو آنند پرائي ڪرتارٿ ٿيندا هوا. پر ڪي لوڪ هن جي وڏائيءَ کي سهي نه سگهندا هوا. هو ڪنا ٿي راجا وٽ ويا ۽ وڃي دانهن ڏنائون ته جگن ناٿ داس ڏاڍو پاکنڊي آهي ۽ رڳو زالن ۾ ئي ستسنگ ڪري ۽ انهن ۾ بري نظر ٿو رکي. راجا ٻڌي به ماڻهو مقرر ڪيا ته سچو حال دريافت ڪن. هنن جاچ ڪري ڏٺو ته هو پورن مهاتما هو ۽ دانهن ڪندڙن ۾ رڳي ايرکا ۽ بغيلي هئي. پر ڪن هنن ڌن مال جي لالچ ڏني ۽ هو ان لوڀ ۾ ڦٽجي ويا ۽ راجا کي وڃي مهاتما جي برخلاف ٻڌايائون. راجا ڪنهن ڪيس گهرايو ۽ چيو ته ”تون ٻڌو آهي ته تون استرين ۾ ستسنگ جو پاکنڊ ڪري ويٺو آهين.“ هو چوڻ لڳو ته ”سائين! مان ته پرشن ۾ پرش آهيان ۽ استرين ۾ استري. منهنجي درشٽي سڀني ۾ سمان آهي.“ راجا ڏاڍي جوش ۾ ويٺو هو، سو چوڻ لڳو ته ”چڱو ڏسان ٿو ته ڪئن تون استري ٿين. يڪدم ڪيس جيل ۾ موڪلي چيائين ته ”استري ٿي ڏيکار.“ مهاتما اندر ٻاند ٿي ايشور استتيءَ ۾ لڳو ته ”هي ڀڳوان! ٻين سَتسنگين جو نيم به ويو، سو اوهان منهنجي مها ڏکاري ڪامنا جو ڏم رکو. ديا ڪري مونکي استري روپ بخشيو ۽ اها شڪتي ڏيو ته جڏهن وٽيم ته استري ٿي پوان ۽ جڏهن چاهيان ته پرش ٿي پوان.“ اجا اهڙي پرارٿنا ڪيائين مس ته هو استري ٿي پيو. پهريدارن يڪدم وڃي راجا کي ٻڌايو ته مهاتما استري ٿي پيو آهي. راجا اچي ڏسي حيران ٿي ويو، مگر وري خيال آيس ته متان اصلي جگن ناٿ داس نڪري ويو هجي ۽ هيءَ ڪا استري ٻاهران آئي هجي، سو ڪيس چيائين ته جيڪڏهن منهنجي روبرو وري ساڳيو جگن ناٿ داس ٿي پوين، ته پوءِ مڃيندس. مهاتما اندر ۾ اهڙي آرادنا ڪئي ته يڪدم وري پرش ٿي پيو. راجا ڏسي سندس چرنن تي ڪري پيو ۽ شڪايت ڪرڻ وارن کي ۽ انهن کي، جن رشوت ورتي انهن جي ڀنيرائي ڪئي هئي، تن سڀني کي سخت سيکت ڏنائين. هن ڪلجڳ ۾ به ستسنگ جو پرڀاءُ گهڻو آهي. وسشٽ منيءَ جو چوڻ آهي:-

هڪ گهڙي آڌي گهڙي آڌ کي پن آڌ – سنتن سنتي گوشٽي، جو ڪيٿو سو لاڀ.

سوامي شڪديو به فرمايو آهي:

تپ کي ورش هزار هو، ستسنگ گهڙي ايڪ – تو ڀي نهين برابري شڪديو ڪهين وويڪ.

وسشٽ منيءَ اهو ستسنگ جو پرڀاءُ وشوامتر منيءَ کي ٻڌايو هو. وشوامتر سندس اهو راءِ قبول نه پيو ڪري ۽ آخر شيش ناڳ کي امين مقرر ڪيائون، پر هن چيو ته مان فيصلو ته ڏيان پر هيءَ ڌرتي، جا منهنجي مٿي تي آهي، اها ڪير مونکان وٺي. وشوامتر چيو ته ”مان پنجن سالن جي تپسيا جو ڦل ٿو ڏيان ته ڌرتي ٻيا آڌار ڀڃي،“ پر ڪجهه نه ٿيو. آخر سٺ هزار ورهين جي تپسيا جو ڦل ڏنائين ته به ڪجهه نه ٿيو. آخر وسشٽ منيءَ هڪ گهڙي ستسنگ جو ڦل ڏنو ته ڌرتي ٻيا آڌار بيٺي! ان مان ئي فيصلو صاف ٿي ويو ۽ اهوئي فيصلو شيش ناڳ به ڏنو. ملي پهي ستسنگ ڪرڻ جو مهاتم ڀاري آهي ۽ وڏو ڦل ملي ٿو. ڪنهن ۾ ڪتيءَ جو ڳڻ آهي، ڪنهن ۾ دان ڪرڻ جو ۽ ڪنهن ۾ ٻين شڀ ڪرمن جو، پر جڏهن

تامسي ڪرم سڀ ڪهڙو ڪري ٿو، ان کي ڏکي ڪرڻ ۽ نقصان پهچائڻ وارا ٿين ٿا. تامسي
سڀاءَ وارو ماڻهو الله وچان آئي ٿيندڙ جو ڪوبه ڌيان نه رکي، نڪاليفن ۽ نفعي نقصان جو به
ويچار نه ڪري، ان ۾ لڳو رهي ٿو. جيئن ديوتائن موهه وچان پالڊوئن سان جنگ ڪئي ۽
سمجهيو سروناش ٿاس ڪيو. سالڪه شاستر ۾ لکيل آهي ته اشوميڌ يگيه ۾ جا گهوڙي جي
ٻلي ڏجي ٿي، ان جو پاپ نه لڳي ٿو ۽ ان هنسا جو ڦل پوتڪو ٿو ٿئي. جيتوڻيڪ دان
ٻيو جيڪي ان يگيه ۾ ڪجن ٿا، انهن جو شڀ ڦل نه ملي ٿو. ڪنهن به حالت ۾ ان پشوءَ
جي هتيا جي پاپ کان بچي ڪين سگهبو. هڪ سؤ اشوميڌ يگين ڪرڻ سان اندر جي پدوي
ملي ٿي يعني سرڳ جو راڄا ٿجي ٿو، پر انهن يگين ۾ جو سؤ گهوڙا ماريا ٿا وڃن، انهن جو
ڦل به ضرور ڀوڳڻو پوي ٿو. مسلمانن ۾ بڪري عيد تي ٻڪرين جو ڪوس ڪري اهو ماس
دان ٿا ڪن، پر ان ڪوس جو ڦل به ته هنن کي ڀوڳڻو پوندو. اهو دان تامسي ٿو ليکجي.
ڪنهن جو پتر يا ڪو عزيز بيمار ٿيندو آهي ته ٻڪرو يا ڪڪڙ وغيره ان تان گهوري پيش
ڏين ٿا، جي اهي کي کهي کائيندا آهن. اهو تامسي ڪرم آهي. مسلمانن جي راڄ ۾ اهو
رواج هندن ۾ به پيجي ويو ۽ مسلمان بادشاهن هندو ڌرم کي هاڃي پهچائڻ لاءِ ڪن خود غرض
هندن جي معرفت اهڙو پرچار ڪيو. سنڌ ۾ اهو پرچار ٿيو ته شورائيءَ تي پلو کائڻ گهرجي.
مولتيءَ تي ڏوڙتي ڏيئي ضرور ماس ۽ شراب ورتائجي. لاڏيءَ ۽ ڏياريءَ تي جوا کجي.
ڪنهن جي بيماريءَ جي چٽائڻ لاءِ جيڪا هين ڏين، ان، ٿيل وغيره جو دان ڪجي ته
بهتر آهي ۽ اهي اپاءَ به شاسترن ۾ لکيل آهن، پر تامسي ماڻهو هنسا کان ڏجن ٿي ٿا ۽ پنهن
جي هنسا ڪري آمندا لاءِ وڏيڪ ڏکم ٿا خريد ڪن. ڏکن، ڪليشن ۽ بيمارين جي ٽورتي
سالوڪي اپاون سان ٿي جڳيءَ طرح ٿي سگهي ٿي. تامسي ڪرم ته آخر پرو ڦل ٿا ڏين ۽
تڪرڻ کي وڌيڪ اونداهو ڪري جنم مرڻ جا ٻنڌن وڌائين ٿا.

شلوڪ ٢٦. جيڪو سنگ موهه کان آجو آهي، اهم ڀاءَ يا خوديءَ کي دور
ڪري، پڙن ڌيرج ۽ اُتساهه سان، سڌيءَ اسڌيءَ جو ويچار نه رکي، (يعني
فائدي لاڀ جو خيال نه ڪري) ڪرم ڪري ٿو، اهو ڪرتا سالوڪي ٿو ڪوٺجي.

سالوڪي ڪرتا شڀ ڪرمن ڪندي به ڦل جي اڇا نه رکي پر ڀڳوان تي شڀ ڪرم
اَرپڻ جالي پورن ڇت سان ڪري ٿو. جڳن ڪرمن ۾ رڪاوٽون اچڻ ضروري آهن، پر ڌيرج
تياڳ نه ڪجي. گرو گوبند سنگهه جڏهن انندپور جي پهاڙيءَ هيٺان ڪاشيءَ مان پنڊت
گهرائي وڏيءَ پوروڪ ديويءَ جي پوڄا ڪئي هئي ته وڏو هون ڪنڊ ٺاهيو ويو هو، جنهن
۾ جا ڪيترا ڏڻ ۽ سامگريءَ جا به ڪيترا من وڌا ويا هوا ۽ ان پرهمڻ به خوب پريم سان
منتر پڙهي اچاريا ۽ هون ڪرايو ته ديوي پرگهٽ ٿئي. جڏهن ديويءَ جي پرگهٽ ٿيڻ جو
وقت آيو ته اهو پرهمڻ ٽيج سهاري نه سگهيو ۽ اٿي هليو ويو، پر گروڄي پوري ڌيرج ۾ رهيا
ڪوئن پورو ڪري ديويءَ جو درشن ڪيائون. ان وقت هن ديويءَ کان مليل جي پرهلاد

ڪرڻ کان ٻيو ڇهندو هو ته ڇو نه تو اها ارجن لئي ڇڏائي ڪنس ختم ڪري ڇڏين؟ هو نه روز چوندو هو ته اڃ ڇڏائيندس، پر جڏهن ارجن جي سامهون اچي ۽ ڀڳوان ڪرشن جو درشن ڪنس ته اها پرچي ڇڏائڻ رهجي ويندس. شام جو گهر وڃي خيال ڪري ته سڀاڻي ضرور ڇڏائيندس. ڀڳوان ڪرشن کي ڏاڍو خيال هو ته ڪٿي نه اُن پرچيءَ کان ارجن کي بچائجي. آخر ڀڳوان ان پرچيءَ کي ختم ڪرڻ جو خيال ڪيو، ته ته ارجن لاءِ هروقت ڊپ هو. ڀيمسين هڪ راڪس جي ڪنيا سان وواهه ڪيو هو، جنهن مان هن کي هڪ پٽ هو، جو ڏاڍو سورمو ۽ وڏيءَ طاقت وارو هو. ان کي ڇيو ويو ته وڃي دشمنن جي سامهون ٿي وڙهه. هو وڃي هن ٿي ڪڙڪيو ۽ هاهاڪار مچي ويو ۽ ڪوبه سندس سامهون نه پيو اچي، جو ڏاڍو بلوان هو. ڪرڻ سامهون بيٺل هو، سو دشمنن چيس ته ڪرڻ، اها پرچي ڇوڙ ٿو ڇڏائي مولڪي بچائين، نه ته هن کان بچڻ محال آهي. هن به يڪدم اها ڪڍي هن ٿي ڇڏائي ۽ راڪس جو سر ڪٽجي پيو. ڀڳوان ڪرشن اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر ٻيا پانڊو ته رئڻ لڳا، جو سندن هڪڙو بهادر جوان مري ويو. ڀڳوان ته خوشيءَ وچان ارجن کي ڀاڪر پاتو. ارجن چيو ته "سائين! هڪڙي ڏک وقت اوهان خوشي ڇو ٿا ڪريو؟" ڀڳوان چيس ته "پيارا! هي خوشيءَ جو وقت آهي. توهان مولڪي اڄ پيارو آهين. ڪرڻ اها اندر کان ملندل پرچي تولي ڇڏائڻ لاءِ رکي هئي ۽ اها ڪڏهن خالي نه وڃي ها. توکي بچائڻ لاءِ مون اهو ڪم ڪرايو ۽ پهر جي راڪس پٽ کي موڪليو ته اڳرائي ڪري دشمنن تي ڪاهي. هو راڪس هو ۽ پاپي به هو؛ اوهان جهڙن ڌرماتمائن پر ڪيو به ڪوڌ ٿي." جيستائين ڀڳوان نه سرڌهي آهي پر ڪنس پنهنجا ڀڳت تمام پيارا لڳن ٿا، خاص ڪري جيڪي پريم سان ۽ نشڪام ٿي ڪنس ڏيائين ٿا. ارجن جو پريم ڀڳوان سان سچو، ستوگڻي ۽ نشڪام هو، ان ڪري ڀڳوان هروقت پٺي ڪنس بچايو. ارجن جڏهن ڪرڻ جي ان پرچيءَ کان بچي ويو، تڏهن دشمنن ڪرڻ کي چيو ته توکي هڪ تير به آهي، جنهن ۾ شڪتي آهي ته جنهن کي لڳي، اُن ۾ ناڳ جي چڪ وانگر زهر چڙهي وڃي، اهو ڇو نه تو ارجن تي ڇڏائي ڪنس ختم ڪرين؟ ڪرڻ پٺي ڏسي اهو باڻ ارجن تي ڇڏايو ته ڀڳوان رٿ جي گهوڙن کي ڪڍي هيٺ وهاريو ۽ رٿ جا چڪر ڌرتيءَ ۾ پيهائي ڇڏيا. ارجن هيٺ ٿي پيو ۽ تير ارجن جي مڪٽ کي لڳي هليو ويو. مڪٽ کي آگ لڳي ۽ سارو رٿ سڙڻ لڳو، پر ڀڳوان ارجن کي بچائي ورتو. جيڪڏهن ارجن سچو ڀڳت نه هجي ها ته نه هو جنگ ڪٿي سگهي ها ۽ نه هن طرح ڀڳوان سندس رکيا ڪري ها. ڀڳوان جي نشڪام ڀڳتيءَ مان ئي اَمر ڦل ملي ٿو. راجسي ڪرمن مان نه رڳو شريرَ جا ڏک ۽ ڪليش پراپت ٿين ٿا ۽ اتهڪرڻ به ملين ٿو رهي.

شلوڪ ٢٥. جيڪو ڪرم آخرين نتيجي ويچارڻ کان سواءِ ۽ پنهنجي شڪتيءَ ۽ ڏن جي هاڃيءَ جو اٽوا ٻين پراڻين جي هنسا ۽ ڏک جو ڪو ويچار نه ڪري، فقط موهه ممتا وچان ڪيو وڃي ٿو، اهو تامسي ڪرم ليکجي ٿو."

شلوڪ اٺارهون:-

"هاڻ ڇڏ ڪر لڪس ڪم لڳل جان موهه - هردي ڪنول سي ڇوڙو تو مرد بڪاڙو توهه."

جن جي هردي ۾ ڀڳوان اُتم قائم آهي، اهڙي ساتوڪي ڪرتا آهن. ڪرم ۽ سڀ ڀاءُ ڪن، پر پرڀو کان سواءِ اهي ڦلدائڪ ڪين ٿا ڀانين. شراڌ، ورسيون، جڳ دن ملهائڻ ۽ سڀ پورن شرڌا ۽ اتساهه سان ۽ نه رڳو ٻاهرين مريادا رکڻ لاءِ.

شلوڪ ٢٧. جيڪو ڪرمن ۾ راڳ ٿو رکي، ڦل جي اڇا اٿس، لوڀي ۽ هنسا واري سڀاءَ جو آهي، اپوتر آهي ۽ خوشيءَ يا چنتا ۾ ڏولائمان ٿي ڪرم ڪري ٿو، اهو رجوگڻي ڪرتا ٿو ڪوٺجي.

ڪرمن ۾ راڳ رکڻ جو مطلب آهي سرگ يا ٻين سکن جي ڪامنا رکڻ. جتي خوشي يا راڳ آهي، اُتي چنتا يا دويش به ٿيندو. جيڪڏهن ڪامنا پوري ٿيڻ ۾ اٽڪ وجهي ٿو، ان سان هو وير رکي ٿو. وهنوار اندر پرمارٿ ۾ هو هر هڪ ڪرم جو ڦل ٿو طلبي، لوڀ وچان ٻين جي ملڪيت ۾ اکيون ٿو وجهي ۽ پنهنجي ڌن پدارٿ مان ٻين کي ڪجهه ڏيڻ نٿو چاهي. اندر جي پوترتا ٿئي ٿي ڪام، ڪروڌ آدي وڪارن کان دور رهڻ سان ۽ دل ۾ ٻين لاءِ پريم، همدردي، شڀ ڪامنائون ۽ شڀ ڀاءَ رکڻ سان، پر هو اهڙن گڻن کان گهڻي قدر خالي ٿو رهي، جنهڪري هو اپوتر ٿو ليکجي. ٻاهرين پوترتا جو به هو خيال نه ٿو رکي. ماس مدرا واپرائيندو ٿو رهي. ڪيل ڪرمن مان هن کي دل گهريو ڦل ملي ٿو ته بيحد خوش ٿو ٿئي ۽ جي نٿو مليس يا گهٽ ٿو مليس ته هو دکي ٿو ٿئي. من سندس پوري گهڙي ئي ڏولائمان ٿي ٿو وڃي. ڌيرج نه اٿس. پنهنجي ڪامنا پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي جي روزيءَ تي لت ڏيڻ کان به ڪين ٿو ڪيٻائي. ٻين جي دل دکوئڻ، نقصان پهچائڻ، حق ڇڪڻ به هنسا آهي، جنهن کان واجهي سڀاءَ وارو ڪوڙو ٿو ڏجي.

سنسار ۾ ٽن پرڪارن جا منش آهن: هڪڙا جي پنهنجو ڪارج بگاڙي به ٻئي جي ڪارج جي سڌي ڪرڻ ٿا گهرن. ٻيا جي پنهنجو ڪارج به سڌ ڪرڻ چاهين ۽ ٻين جو به. اهي به ڏن آهن. ٽيان آهن جي پنهنجي ڪم ڪاڍڻ لاءِ ٻئي جي ڪارج جي پرواهه ئي نٿا رکن ته بگڙندو يا ٿيندو. چوٿان آهن، جي نه پنهنجو ڪارج سڌ ٿا ڪن ۽ نه ٻين جو ٿا سڌ ٿيڻ ڏين. جئن مُکِ وَجهندڙ ٻاجيءَ ۾ ٻوڙدي نه پاڻ نه جان ڏيندي پر ٻاجهي به خراب ڪندي. اهڙا ٻون ٿا نه پاڻ نه ٻين ناس ٿي وڃن ٿا، پر ڪميٽيءَ کي به هاڃي ٿا پهچائين. پوئين نموني جا انسان پامر لوڪ آهن.

مهاراجا شبي جنهن جي پراهڪال جو ناري وٺڻ سان به شانتي ٿي ملي، ان ڪهڙو نه آدرش ڏيکاريو آهي! هڪ ڪبوتر جي شرن پوڻ تي سندس جان بچائڻ لاءِ هن باز کي پنهنجي بدن جو ماس وڍي ڏنو ۽ جڏهن ساري بدن جو ماس پورو ٿيو نه پنهنجو سر لاهڻ لڳو، تڏهن اِندر ۽ اگني ديوتا ڪيس درشن ڏنا. هٽس امرت جي ورکا ڪري ڪيس

ڌرم پڻ پر سوڀ لاءِ وڙدان گهربو، نه ڌرم جي جڳهه لئي. جڏهن ان پڌمت وانگر ڪروڻ پڻ ڏيرج وڃائي وهن ها نه ڪارج پر وڳهن ٿيو ها. ستوڳي ڪرتا پنهنجا فرض ڪندي جهڪي نه ڪرم ڪري ٿو، الهن پر کيس سڌي پراپت لئي ٿيا نه، ان جي ڳڻتي نه رکي هو ٿوري الساهه سان ڪري ٿو. هو سمجهي ٿو نه سندس ڌرم آهي ڪرم ڪندو رهڻ، انتي مالڪ جي اڇا. مالڪ منظور ڪري يا نه، اها سندس مرضي. ڪنهن پرش کي شام جو رسولي ڪاڻي هئي نه زال کيس چيائين نه "لون جهت پت للڪا ٿيڃاءِ نه مان وهراس پورو ڪري ولان. جي اهو ٿاءِ آهي نه ڀڳوان جا وهراس جو ٿڪو آهي؟ پرلر ڪالسواءِ ڪجهه نه ٿيان ٿوجا جاپ ڻاپ ڪرڻ بيسود آهي. پريم ۽ شرڌا ٿيا سٽي ۾ ستو ڪرم نه ڇڳو قل لٿو ڏلي. هڪ دليوي ٿيا نه پنهنجي پتر کي ملڪيت ڏيڻ ڪان اول هن جا ليڇڻ ڏسي ٿو، گرو چيلي کي گاديءَ جو وارث بڻائي ٿو نه نه پريکيا وٺي ٿو نه پرماتما جڏهن ڀڳتن کي اهاسي آسن ڏيڻ ٿو چاهي، ترلوڪيءَ جو جڳ مالڪ ٿو بڻائي نه ڇا هو سندن امتحان ڪين وٺندو؟

پريم جو هڪ انوکو مثال ڀڳت سورداس جو ملي ٿو. هڪ دفعي برج ڀوميءَ ۾ آيو. اُلي ٻن ۾ هڪ کوهه هو، جنهڪي ڪوبه ٿيو ڪونه هو. هو هلندي هلندي ان ۾ ڪري پيو، جو نه ليترهڻ هو ۽ آس پاس ڪو ماڻهو نه ڪونه هو، جو کيس ڇتاني يا جهلي. کوهه ۾ ٿو ڪريو ٿو هنجي ورليءَ ۾ جو نام جو پريم هو، سو ست ڏينهن ۽ ست راتيون ان کوهه ۾ پاٽيءَ پر وڏي پريم سان نام جپيندو رهيو. انترجامي ڀڳوان سندس پريم ڏسي خوش ٿيو پر ان هوندي به سندس اڃا به پريکيا وٺڻ چاهيائين. جڏهن ستن ڏينهن پر به کيس ڪنهن کوهه مان نه ڪڍيو، تڏهن پريم وچان پرماتما کي ڏوراهو ڏيڻ لڳو:

ڪن (ڪنهن) تمرا گوبند نام ڌريو؟ شام! ڪن تمرا گوبند نام ڌريو؟
دروپدي ڪي لڄا نه راکي - جب چير ڪو دان ڪريو!
سڌامي ڪي درڌرتا نه ڪاٽي - جب تندل مک ڀريو!
سندين (ڪرشن جو گرو) ڪي ست نه ڪاڍي، جب ودڀا پاڻه پڙهيو!
تم تو لين دين ڪي گاهڪ - هم ني ڪجهه نه سريو!
سورداس لوچن ني همن - جنم ني الڌ ڪريو.

گووند اکر جو مطلب آهي جو سرشٽيءَ جو ساکي هجي. کيس ڏوراهو ڏيڻ لڳو نه "هي ڀڳوان! توتي اهو نالو ڪنهن رکيو آهي! تون جي مدد ٿو ڪئي، سو سڀئي جڏهن ڪجهه نه ڪجهه توکي ڏنو تڏهن تو مدد به ڏيڻ وٺڻ جو حساب آهي، پر مون نه توکي ڪجهه به نه ڏنو آهي، انڪري مونکي ست ڏينهن ست راتيون هن کوهه ۾ پئي ٿي ويا آهن، نه تو مدد ڪرين! مون وٽ نه هي سائين! اکيون ئي ڪونه آهن." سچ پچ نه ڀڳت جڳ ڀڳوان کي سڌي رهيو هو. ان وقت ڀڳوان ڪرشن، جو سندس اشٽ هو، اهو ٻال روپ ڌاري کوهه ۾ وڌو ۽ کيس چوڻ لڳو نه "ڀڳت سائين! هلو ٻاهر." سورداس جاڻي ويو نه پنهنجو ڀڳوان ٻال آيو آهي، سو هن جو ڪومل هٿ وٺي ٻاهر نڪتو. ڀڳوان پوءِ هٿ ڇڏائي هليو ويو نه سورداس

ڀوڳ نہ الس ۽ ڪڏهن ڪڙو ڪمال، نہ ڪي ڪان ڀوءِ ڀيو ويچار. گنگا لئي ويو نہ گنگاداس، جمنا لئي ويو نہ جمناداس. (٣) هو نہ سڀ ڀيي هوڏي نہ آهي. گروءَ، شاستر ۽ وڏن جي آکيالن. ڪي نہ ٻالي، ڀهنجي هٺ لئي لڳو هلي ۽ من مانيا ڪم لڳو ڪري. وڏن لاءِ نمرتا بہ نہ الس. (۴) هو ڪڻي سڀاءَ جو لڳي لڳو. اندر ۾ هڪ رکي ٻاهران ٻي لڳو هلي ۽ لکيي ڪرڻ ڪان لڳو رهي. (۵) نہ ونش لڳو رکي. ڪنهن جو لڳو و لڳو مڃي. اپڪار ڪندڙن ۽ چڱائي ڪندڙن سان بہ ويو رکي هلت لڳو هلي. (٦) هن ۾ آلس گهڻو آهي ۽ ڪرڻ جوڳو ڪرم بہ هڪدم لڳو ڪري. (٧) هو ڪنهن راضي لڳو رهي. هر وقت لڙاس ۽ ملول ٿو ڏسڻ ۾ اچي. (٨) هو هر هڪ ڪم ۾ ڍالاڍي ڏيکھ ٿو ڪري. جو ڪم اڄ يا سڀاڻ ڪرڻ جڳائي، اُن ۾ هفتا ۽ مهينا بہ لڳائي ڇڏي ۽ هر وقت من ۾ شڪايون لڳو ڪري نہ اهو ڪم ڪرڻان ٻاهر. اهڙي الڪائون ڪري تامسي سڀاءَ وارا ڪرمن مان ڪوبہ چڱو ڦل مشڪل ٿا پائن. ڪمن نہ ڌرم جي ڪيائي آهي، نہ سچو ڀڄن ايانسا ڪن ٿا ۽ نہ ڪنهن جو اپڪار ئي ٿا مڃين.

گرو الهاس ۾ چنڊؤ، جو اورنگزيب جو وزير هو، اُن ليکو لمولي جو ويو گرو ارجن ديو سان رکيو، جو نہ گروجن سندس ڌيءَ جو ناتو پنهنجي پٽ هرگوبند راءِ لاءِ قبول نہ ڪيو. هنن الڪار بہ لڌهن ڪيو، جڏهن اول ٻاڻ چنڊوءَ اُن ناتي لئي ناراضگي ظاهر ڪئي. جيتوڻيڪ سندس موڪليل پروهت نہ گروجن سان ناتو پڪو ڪري مڱڻي جي سامگري بہ ڏيئي ويو هو، جا گروجن قبولي هئي، پر چنڊوءَ ايمان وڃان پروهت لئي ڪاوڙ ڪئي نہ توهان هڪ ڀموءَ جي پٽ سان منهنجي ڪنيا مڱائي آيو آهين. محلات جي پيڙ لڳو وڃي هڪ ڪسيءَ ۾ لڳائي آهي! اها ڳالھ جڏهن دهليءَ جي سکن ٻڌي نہ گروجن کي لکي موڪليائون نہ اهڙي ايمانيءَ جو رشتو قبول نہ ڪيو. گروجن سکن جي مرضيءَ کي مان ڏيئي اهو رشتو ٽوڙيو ۽ انڪري چنڊوءَ گروجن کي ڪڏا نہ ڪشٽ ڏيئي بدلو وٺڻ چاهيو، جو آخر گروجن سر بہ ڏنو. اهو حولي الهاس تامسي ڪرتاپڻي جو هڪ پورو پورو مثال آهي.

شلوڪ ٢٩. هاڻي تون گڻن انوسار جي ٻڌيءَ ۽ ڌيرج جا ٽي قسم آهن، اهي هي ڌننجيہ! تون ٻڌ، جي مان وستار سان صاف ٿو وزنن ڪريان.

شلوڪ ٣٠. اها ٻڌي، جا پرورتي (ڪرم مارگ) ۽ نورتي (سنياس مارگ)، ڪاريہ ۽ اڪاريہ، ڀپ ۽ ڀي دپائيءَ ۽ بنڌ ۽ موڪش کي پڇاڻي ٿي، اُها هي پارٿ! ساتوڪي آهي.

پرورتيءَ جو مطلب آهي ڪرمن ۾ لڳڻ ۽ نورتيءَ جو ارٿ آهي ڪرمن کي تياڳ ڪرڻ يا سنياس ۽ جو گيان پرائڻ سان ئي پوريءَ طرح ڪري لڳو سگهجي. ڪاريہ جو مطلب آهي، جو ڌرم ۽ فرض انوسار ڪرڻ جڳائي. ساتوڪي ٻڌي سمجهي سگهي ٿي نہ هن وقت يا هن حالت ۾ ڇا ڪرڻ ضروري يا ڌرم آهي ۽ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي. ڌرم شاسترن انوسار هي ڪم، ڪرڻ جڳائين يا نہ ڪرڻ گهرجن، اهي کي هوءَ چڱي ٻر سمجهي سگهي ٿي. هوءَ اهو بہ ڄاڻي ٿي

ساوڌان ڪيو. ڪنس ٻڌايائون ته هو سنڌس ٻڌڪيا وٺڻ لاءِ ڪموڙ ۽ ٻاز جو روپ ڌاري آيا هوا. راجسي ڪرمن ڪرڻ وارن سان سنگ ڪرڻ ۾ نقصانڪار ۽ دکدائي ٿو ثابت ٿئي.

هڪ پنڊت ڪٿا ڪندو هو. جيتوڻيڪ ودوان چڱي هئس، پر رهڻي ڪهڻي ۾ رجوگڻي هو. سندس ڪٿا ٻڌندڙن ۾ ان هنڌ جو راجا به هو. اسڪي به هو ڏاڍا اپديش ڏيڻ لڳو ته هن ڪرم مان هي ڦل ملندو، هن مان هيءُ لاڀ ٿيندو. مطلب ته سڀني ڪرمن بابت هن کي ٻهو اپديش ڪندو هو. راجا به اهي ڪرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. انهن ڪٿائن ٻڌڻ ڪٿا ٻڌائين، پر ڪرمن ۾ به وڌيڪ وڌيڪ پرورت ٿيندو، جنهن ڪري من ۾ شانتي اصل ڪانه آئس، هڪاري وڌيڪ ٻيو ٻڪس. هڪ ڏينهن هڪ ٻيو پورن سالوڪي لڇڻ وارو مهاتما راجا وٽ آيو، جنهن سان هن حال ڪيو ته ”سائين! گهڻي مدت کان ٻيو ستسنگ ڪريان، پر من کي شانتي ني ٿئي اچي.“ مهاتما چيس ته ”مان اهو ستسنگ به ني ڏيهن ٻڌان ته ٻوه ڪو فيصلو ڏيئي سگهان.“ هو به ان پنڊت جي ستسنگ ۾ اچڻ لڳو ۽ ڏٺائين ته هت ته ڪٿا رجوگڻي هئي ۽ نه سالوڪي. هي ڪرم ڪرڻ سان سرڳ ملندو، هي ڪرڻ سان پدارٿ ملندو، پٽ ملندو، سندر استري ملندي، وغيره. مهاتما ڏٺو ته هن راجسي ڪٿا مان ڪئن من جي شانتي ايندي؟ راجا کي چيائين ته ”راجن! مان توکي اپديش ڪندس، پر هڪ ڪلاڪ لاءِ مونکي پنهنجو راڄ ڏي.“ راجا چيو ته ”سائين! هڪ ڪلاڪ لاءِ ڇو، عمر ڀر ڏيڻ لاءِ به تيار آهيان.“ پر مهاتما چيو ته ”رڳو ڪلاڪ لاءِ ڪافي آهي.“ مهاتما تخت تي ويٺو ته حڪم ڪيائين ته ”راجا کي زنجيرون وجهي حاضر ڪريو.“ پنڊت کي به هٿڪڙيون پارائي گهرايائين. پنڊت کي حڪم ڪيائين ته ”مهراج! هن راجا کي ڇڏايو.“ پر پنڊت چوڻ لڳو ته ”سائين! مان پاڻ ٻڌو پيو آهيان، ته هن کي ڪيئن ڇڏايان؟“ راجا کي مهاتما چيو ته ”تون پنڊت کي ڇڏاءِ.“ هن به اهڙو ئي جواب ڏنو. مهاتما چيس ته ”مان ٻنهي کي آزاد ٿو ڪريان؟“ کين سمجهايائين ته ”مان آزاد آهيان ته اوهان ٻنهي کي به آزاد ڪري ٿو سگهان.“ پنڊت کي چيائين ته ”جڏهن تون پاڻ ڪرمن جي ڦل جي ٻنڌڻ ۾ پيو آهين، ته ٻين جو اڌار ڪئن ڪري سگهندين؟ سڌوڳني ڪٿا ڪر ته پنهنجو به لوڪ پرلوڪ سڌري ۽ ٻڌندڙن جو به ڪلياڻ ٿئي.“

شلوڪ ٢٨. جو ڪرتا ايڪت (اساوڌان يا چنچل چت وارو)، پراڪرت (بي سمجهه يا اڻ سڌريل)، ٻڌڻ (هوڏي يا وويڪ رهت)، شٺ (ٺڳ يا ڪپٽي)، دويشي (خواهه مخواهه ويرُ رکندڙ يا بغض وارو)، آلسي، نراس (ڪڏهن به راضي نه رهندڙ) ۽ ڏکين شنڪائن وارو آهي، اهو تامسي ڪرتا ٿو ڪوٺجي.

تامسي ڪرتا جا لڇڻ هن شلوڪ ۾ اٺ لڇڻ ڏيکاريا آهن: (١) هو چڱن ڪرمن کان دور ٿو ڀڄي. ڪرم ڌرم کان ٻري آهي. ڌرم انوسار جا ڪرڻ گهرجي يا نه ڪرڻ گهرجي، ان جي پرواهه نٿو رکي، چت چنچل ٿو رهيس. (٢) بي سمجهه آهي. پنهنجي ڀلائي ۽ برائيءَ جي

ان طرح ٻن ڀائرن کي ٻه ڪم ڏنائين، جي سڀ خوشيءَ سان ڪرڻ لڳا. اُن ڳوٺ ۾ هڪڙو ڀُوت رهندو هو. پتا ڪن پٽن کي چيو ته ”هيءَ مڇ ڀٽي آهي، ان سان لوڙهي وليو.“ ڀُوت سوچيو ته لوڙهي الاجي ڇو ٿا ونن؟ سو ڪالهه پڇڻ لڳو ته ”ڀائي! لوڙهي ڇا لاءِ ڪجو؟“ هنن پڇيس ته ”تون ڪير آهين؟“ جواب ڏنائين ته ”مان ڀُوت آهيان.“ هنن ٻڌائيندي چيس ته ”هن لوڙهيءَ سان لوکي پڙلداسين.“ هو هنن جي سمتي ۽ ٻانهه ۾ ايڪو ڏسي ڊڄڻ لڳو ته جي پڙڻ چاهين ته مولڪي برابر پڙي سگهندا، سو ڪين چيائين ته مولڪي پڙو ته. اوهان سمتيءَ وارا آهيو، سو مان اوهان کي ڏن جو ڏس ٿو ڏيان، اهو کڻو. هو خوش ٿيا ۽ ڀوت ٻڌايس ته ”هن وڻ هيٺان ڏن پوريل آهي.“ پس پوءِ هو اهو کوٽي کڻي وري واپس پنهنجي وطن ورپا. سمتي ٻانهن پسرڻن کي عجب لڳو. هڪ ٻانهن پسريءَ جي زال اُن سمتيءَ جي زال کان پڇيو ته ”ڏن ڪٿان آڻيو اٿو؟“ هن سچي ڳالهه ڪري ٻڌايس. اُن زال وري پنهنجي پتيءَ کي چيو ته ”اسين ٻه ڇو نه اُتان ڏن آڻيون؟“ سو سڀ هليا، پر واٽ تي ڏسي ٻيا هڪ ٻئي سان وڙهن. اُتي ڀُتا ته پيءُ جيڪو ڪم ٻنهي پٽن کي چيو ته هو ٻيا چون ته اڄا هاڻي لڪجي ڀتا آهيون، ڪجهه ڏک نه لاهيون. ڀوت هنن جو اهو حال ڏسي پڇين ته ”ڇو آيا آهيو؟“ ڪيس چيائون ته ”لوکي پڙڻ آيا آهيون.“ ڀوت يڪدم چيو ته ”اوهان ۾ نه آهي سمتي ۽ نه ٻڌي، سو مولکي ڪيئن پڙي سگهندا؟ وڃو موٽي گهر، ته ته ٻرو حال ڪندو سالو!“ ڊپ وچان اُتي ڀوهان ڀڄ ڪري پيگا. مطلب ته سمتيءَ مان ٿي سک ۽ ڏن ۽ ٻڌارتي حاصل ٿين ٿا. ان ڪري سالوڪي پڙيءَ لاءِ هرهڪ انسان کي جتن ڪرڻ جڳائي، تڏهن ٿي سمتي جو ۽ ديس ۽ ڌرم جو ڪلياڻ ٿيندو، جتي خود غرضي، ڪهت ۽ ڦيتاڙو آهي، اُتي ڪوبه ڪارج ٺيڪ نه هلندو، ڏک ٿي ڏک پراپت ٿيندو.

پٽن جي ٿاس ۾ ڀڪ سوميءَ کان ڪهت آهي، جو ته اُن ۾ ڀائي ٻا ڏليش آهي، پر ڀڪو سوميءَ کان اوچو آهي، جو ته ايڪتا ٿو ڏيکاري. اهو ڪولسي، راڻيءَ ۽ بادشاهه کان ٻه وڏو آهي. سڀ راڻيون ڪيهن ته ڪيهن سمي سمڪارڻ لاءِ وڏن لاهيون آهن، خاص ڪري مورکن کي سمجهائڻ لاءِ. چوراسي ۾ ٨٤ لک جونيون، ٿن ڪٿن وغيره جو گيان ڏنل آهي. جيڪا ساري ٻيءَ ساريءَ سان ڳنڍ آهي، ان کي ڪوبه هٿ لائي نه سگهندو. هندن ۾ ايڪو گهٽ آهي، انگريز ٻين قومن اسان تي هلائون ڪن ٿيون. لڪي پڻي ايڪي ۾ اڏي نه شڪتي آهي، جو بادشاهه کان ٻه وڏو ٿو ليکجي، پر جي ايڪي ٻڌران ڪ ٿي نه هرڪو ٻيو پتو اُن کان وڏو آهي. ٻهاولپور طرف هڪ ميرو ٿيندو آهي، جنهن کي ڦُوٽ چوندا آهن. انگريز آفيسر اُتي آيو ته ڪيس ڪيهن ڏالي ڏني. صاحب پڇيس ته ”هيءَ ڇا آهي؟“ چيائين ته ”سائين! هي اسان جي ملڪ جو ميرو ڦُوٽ آهي.“ صاحب چيس ته ”برابر اوهان ۾ ڦُوٽ ته هجي ته هوند اسين ڪيئن اوهان تي راڄ ڪري سگهون؟“ مطلب ته جتي ڦُوٽ آهي، اُتي سدائين ڏک ڪليش هوندو. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان سمتيءَ جا لڇڻ ورڻن ڪيا آهن، جي هرهڪ کي ڌارڻ ڪرڻ سان سک سمتي ڏيندا.

نه هنن ڪرمن جو ڦل جنم مرڻ ملندو يا اُن ۾ کان آزاد ٿيو. ڪرڻ ڪرمن جو ڦل ٻه جو ڏنل ٿئي ٿو. اهو ۽ ساٿوڪي بڌيءَ واري کي ٿئي ٿو، جنهن ڪري هو اهڙا ڪرم مور نه سو ڪري. هو جاڳي ٿو نه موڪش گيان مان ٿي ملندو.

هر ڪنهن انسان جي انتهڪرڻ ۾ هڪ شڪتي آهي، جنهن کي چيتنا شڪتي ڪوٺجي ٿو. اها پڌائي ٿي نه هي سک آهي ۽ هي ڏک. اها چيتنا ڪن ۾ ٿوري نه ڪن ۾ گهڻي آهي ۾ ڪنهنءَ ڪسان وڌي هاڻيءَ ٿاڻن سڀني جيون ۾ آهي ضرور. اها پاڪيءَ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. منش ۾ اها شڪتي ڀاري آهي، جنهن سان هو سمجهي سگهي ٿو ته هي ڪرم ڪرڻ يوڳيه آهي يا نه آهي. پر انهن ڪرمن جي ڪري جن جي بڌي ملين آهي، انهن کي به اها چيتنا پڌائي ٿي نه کهڙو ڪرم چڱو ۽ کهڙو خراب آهي، پر ڪين شڪتي نه آهي، جو ان ڪرم کان پاڻ روڪي سگهن. جنهن جي بڌي اها شڪتي رکي ٿي، سو ڪرم نه ڪرڻو آهي، اهائي ساٿوڪي بڌي آهي:

هڪ آهي سمتي، ٻي مٽي ۽ ٽين ڪمتي. ڏسڻ گهرجي نه انسان ۾ شخصيءَ طرح، انسان جي گهر ۾، برادريءَ ۾ يا جاتيءَ ۾ ڪنهن جو وهنوار آهي. اڄ ڪلهه سمتي ٿوري آهي. هڪ ٻي ڪتب ۾ جدا جدا مضمون آهن ۽ هڪ هڪ ڀائيءَ جا جدا جدا خيال آهن. انڪري گهرن ۾ به اڄ ڪلهه سک جو واهو منڊل خبر ڪو آهي. جتي سمتي آهي، اتي لسي اليڪ پرڪارن جا سک ۽ سمپدائون ٿين ٿيون؛ پر جتي ڪمتي آهي، اُتي ڏکن جا انبار ٿا ٿين. جنهن ملڪ جو حاڪم سمتيءَ وارو آهي، اُن جي پرجا به سکي ۽ ساٿوڪي رهي ٿي. جي راڄ ڪندڙن ۾ ڇل ڪپٽ آهي ته پرجا به اهڙي ٿيندي آهي.

ڀارت ورش ۾ هنس ڏڄ ڪالي راڄا ٿيو آهي، جو ڀڳوان ڪرشن جو ڀڳت هو ۽ ڏاڍو ڌرماتما هو. سمجهو اِهڙي نه سمتي هئي، جو هن جي ڪهڙي مهما ڪجي؟ ان ڪري پاڻ به سکي هو ۽ پرجا به آنند ۾ گذاريندي هئي. گهر گهر ۾ ڌن ڀنڊارن جا انبار هوا. اڄ انسان جي حالت اُبتڙ آهي؛ ڇو نه ڪمتيءَ جو زور آهي. هڪ گهر ۾ ڪتب جا ڀائي به هڪ ٻئي سان ڪومت ڪپٽ ۽ ڏوکي سان ٿا هلن. ورلي ڪنهن ۾ ڪا سچائي رهي آهي. هڪ ٻئي جي ڪر مهي ڪوڙ ٿو، لسڻ وڌائيءَ جو ادب هليو ويو آهي، نه سک سمپدا ڪٿان اچن؟ سمتيءَ واري سک ۾ رهڻ واري ڪتب جو هڪ مثال شاسترن ۾ آيو آهي.

هڪ وڏو سيٺ گهڻن ڪرڙن ۽ وڏي واپار ۽ عيال وارو هوندو هو. بدقسمتيءَ سان مايا ڪمس پيئه ڏلي ۽ هو بلڪل ڪنگال ٿي ويو، پر هئو سمتي وارو. سڀني ڀائرن کي گڏ وهاري چيائين نه اسين اڳي هيڏا آسودا هئاسين، پر هاڻي قسمت ڦيرو کاڌو آهي ۽ جي هاڻي پيهجي ٿي شهر ۾ ڪنهن ٻئي جي نوڪري ڪنداسين نه ڳالا ٿيندي، سو هلو نه هلي ڪنهن پرديس ۾ گذاريون. سارو ڪتب لڏي ٿيو. ڦرندي رات هڪ جهنگل ۾ هڪ ٻڙ جي هيٺان آسن لڳائي ويٺا. سڀني سمتيءَ وارا هوا. پيءُ هڪ پٽ کي چيو ته "لعل! ڪجهه ڪاٺيون ڪڍي اچ." ٻئي کي چيائين ته "پاڻي ڀري اچ." ٻئي سڀ وڃي ڪڍي ويا.

...ائين مس چيائين ته ڀڳوان ڏٺو ته ڀيمسين ته سارو ڀار مون تي رکيو آهي، سو هوا اهڙي ڦري،
...جو ٻاهه وڃي هن ٻاڙاسريءَ جي گهر کي لڳي ۽ ڪمبر جي گهر کي ڪجهه به نه ٿيو.

عقلمند دنيا ۾ وڏا وڏا ٿيا آهن، پر انهن سڀني جي ٻڌي ڪا ساتوڪي نٿي لڳي.
...ساتوڪي ٻڌي نه ڌرم ۽ اڌرم کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿي. ساتوڪي ٻڌيءَ جو ملڻ پرماتما
...جي وڏي ڪرپا جو نتيجو سمجهڻ گهرجي. پارسي شاعر حافظ چيو آهي ته وڏا وڏا پڙهيل
...به علم ليکجڻ گهرجن، جي خدا جي ذات جو علم نه اٿن. ويدانت به چوي ٿو ته جيڪو
...جهان جي ساري وديا ڄاڻي پرالي، پر جي برهم گيان نه پاتو اٿس، ته سندس اهو سڀ
...لوي علم ڪنهن نه ڪم جو آهي.

شلوڪ ٣٢. جيڪا ٻُڌي اگيان ۾ ڍڪيل هئڻ ڪري اڌرم کي ڌرم ٿي
...سمجهي ۽ سڀني ڳالهين جا اُلٽا ارٿ ٿي ڪڍي (اُبتو ٿي سمجهي)، اُها ٻڌي
...ي پارٿ! تون تامسي ڄاڻ.

تامسي ٻڌيءَ وارو ماڻهو ڌرم کي اڌرم ۽ اڌرم کي ڌرم ٿو سمجهي؛ هو شاستر ۾ ٻڌايل
...ب ڪرم کي هو ٻرو ٿو سمجهي؛ ٻرائيءَ کي چڱائي ۽ چڱائيءَ کي ٻرائي ٿو ليکي. مطلب
...هر حالت ۾ هن جي سمجهه اُلٽي آهي. هو ٻين جي شڀ ڪرمن ۾ به وگهن ٿو وجهي.
...تاڪش ۽ هرناڪشپ ٻئي پاڻ تامسي ٻڌيءَ جا جيئرا پتلا هوا. ساڳيءَ طرح ڪنس لموڪلي
...يءَ ڪري پنهنجي جان بچائڻ جي خيال کان الڪ بيگناهه ٻالڪن جو قتل ڪرايو، پر اُن
...ٻڌي ته بچي نه سگهيو. دريوڌن نه پنهنجي زبان سان قبول ڪيو آهي ته مان ڄاڻان ٿو ته
...ي ڌرم آهي، پر منهنجو ڌرم طرف خيال ئي نٿو وڃي ۽ اَڌرم کان سواءِ رهي نٿو سگهان.
...هڪ پنڊت ڪٿا ڪندو هو. شراڌن جا ڏينهن آيا ته اهڙو پرسنگ هليو ۽ چيائين ته
...ن ڏينهن ۾ نه شراب ۽ ماس ورتائڻ جي سخت منع آهي ۽ جيڪو شراب جي پيالي کي
...سان به ڇهندو ته نرڪ ۾ ويندو ۽ سندس ڪل شراڌ به نشڦل ويندا. هڪ لموڪلي ٻڌيءَ
...و ويٺو هو، اهو چوڻ لڳو ته "مهراج! اڄ ڪلهه ٽڪ چيو اٿو! شراب جهڙي امرت سمان
...، ڪنهن شيءِ کي پيالا جيڪو پير هڻندو، سو ڇو نه نرڪ ۾ ويندو؟" ڪاڏي پنڊت جو
...، ڪاڏي هن لموڪليءَ جو ويچار! راوڻ جهڙو ودوان ڪو ٿي سگهندو؟ پر هو رشين منين
...۾ ٻل کيهلدو هو. هن وقت ڪجهه ڏنو ته هو نه هن جي شرير جو رت ۾ ڪڍالسي
...ندو هو؛ جو نه سندس چوڻ هو ته منهنجي راڄ ۾ رهي پنهنجو شرير پالين ٿا، سو اُن
...ر مان ٿي ڪون ڪڍي ڏيو. پر اهڙيءَ ٻڌيءَ جو ڦل هن ڀوڳيو، سو سڀڪو ٿو ڄاڻي!
...ي ٻڌيءَ وارا انسان ڏسڻ ۾ معقل آهن، پر ليکڻ ته ٻهري ۽ راکشس جهڙا اٿن. "ڪرلوڻ
...ن ڪي، مالش جاسن" (سکمني). اهڙيءَ ٻڌيءَ وارا نه هن لوڪ ۾ نه ڌڪ ڪيٽ
...ٿا ۽ پرلوڪ به پنهنجو بگاڙين ٿا. اهي ڪرلکهن آهن ۽ پرماتما جو به ڪو اُپڪار نٿا مڃين.
...ڪار؟ ڏليءَ جي اُپاڻ خلق کي ڏکن ڏيڻ ۾ خوش ٿا ٿين. اهڙن جو جنم وڃڻ ۾ ويرٿ

شلوڪ ٣١. جا ٻڌي ڌرم ۽ اڌرم، ڪرڻ جوڳيه ڪرمن ۽ نه ڪرڻ جوڳيه ڪرمن کي يٿارٿ طرح نٿي سمجهي سگهي، اُها راجسي ٻڌي آهي.

راجسي ٻڌيءَ وارو ماڻهو ستي سنگت ملڻ تي چڱا ڪرم به ڪري ٿو، پر بري سنگت ۾ پئي برا ڪرم به ڪري ٿو وجهي. ڦل ته سڀني ڪرمن جو ضرور ملي ٿو، هن جنم ۾ يا پرلوڪ ۾. ان ڪري راجسي ٻڌيءَ وارو دکن سکن ۾ ڦاسندو رهي ٿو. يڌشٽر مهاراج جهڙو ڪان ولي مرڻ تائين ساتوڪي ٻڌيءَ وارو رهيو. ڪيترا به مٿس دک ڪليش پرارٻڌ انوسار آيا ۽ ته اهي سڀ سهاريائين ۽ پر ان کان ڏور به نه ٿيو. پرارٻڌ جو ونگ بلڪل زبردست ٿو لڳي، پر اهو به ساتوڪي ٻڌيءَ سان گهٽ اثر وارو ٿي سگهي ٿو. پوري راجا ويراٽ وٽ کان اول راجسي ٻڌيءَ وارو هو. ڌرم جا ڪم به وڏا وڏا ڪيائين ۽ يگه دان به خوب ڪيائين ۽ مهاتمائن جا سماگم به ڪندو هو، پر وشيه سک ۾ به ڦاٿل پرورت رهندو هو. مگر جڏهن پنگلا راڻيءَ جي بي وفائيءَ کان ويراڳ آيس، ته سندس ٻڌي پلٽو کاڌي، ساتوڪي ٿي پيئي ۽ هو اوچ پدويءَ جو ويراڳي ٿيو. رڳو ڌرم طرف لڳو رهي ته سک ٿي سک ملندا، ڀڳت ڪبير، نامديو، رويداس آدي ڀڳت جيتوڻيڪ گهٽ ذات وارا هوا ۽ ڏٺو به اوچو نه هون، پر پورن ساتوڪي ٻڌيءَ وارا هوا. هنن جي ٻڌي پورن طرح استر هئي ۽ ڪڏهن به ڪنهن سان وير ورود ۽ ڪروڌ نه ڪيائون.

هڪ دفعي ڪبير صاحب جي گهر ۾ ستسنگ پئي هليو ۽ اوڙي پاڙي جا مرد زالون به اچي اُهو ٻڌندا هوا. سندس پاڙي ۾ هڪ تامسي ٻڌيءَ وارو رهندو هو، جنهن کي جل ستسنگ سان وير هو. ڇا ڪيائين جو پنهنجي گهر ۾ ڪي ولهائون ۽ سڌون سائي آڻي وهاريائين ته جنهن وقت ستسنگ ٿئي، تڏهن ڏکڙ باجا وڄائي ان ۾ وگهن وجهن. هو انهن ڪرڻ لڳا پر ڪبير صاحب ته موج ۾ خوب استر ٻڌيءَ سان رام ڀڄو ٻاڻ جهي ۽ ٻين کي به جهائي. هڪ ڏينهن ان پاڙيسريءَ ڪبير جي گهر کي باهه ڏني. ستسنگ لڳو پيو هو. ڪبير صاحب کي ڪن چيو ته "سائين! باهه لڳي آهي؟" ڪبير صاحب تڏهن به نه گهٻرايو. هڪ شبد اُچارڻ ڪيائين:-

آئي ناوڪ (باهه)، آئي پوتا (هوا)- جاري (ساڙي) کسم لي راکي ڪوٽا (ڪبير)؟

رام جهم لس جرڪي نه جالي - رام نام رد رهيا سمائي.
ڪاهو ڪو جري ڪاهي ڪو هاڻ - مت ورت ڪيلي سارنگ پاڻ.
ڪهه ڪبير اکر ادوه ساک - هرليکا کسم لي ليوبکا راک.

جهالن ته باهه ۽ هوا ٻئي ڀاڻ پرماتما آهي. جي ٻاڻ جلائڻ چاهيندو ته ڪير رکيا ڪري سگهندو؟ رام نام جپيندي جي تن جلي وڃي ته ڀلي، پر نام هردي ۾ سمائي چڪو هجي. نه ڪو ساڙي نه ۽ نه ڪنهنجي هاڃي لئي ٿئي، سڀ پرماتما جو کيل آهي ۽ جنهن کو نازيگر کيل ڪندو آهي. ستسنگين چيو ته "سائين! باهه ته ڏاڍي ٿي وڌندي وڃي." ڪبير جهن ڏوره اهي نه ڌيري ورتي جيئن، ته جهرين هيڪو سالڪ هيندو، اهو پاڻهي رکيا ڪندو. لها

۾ هڪ ڏينهن قائم ڪجهي، انڪري توهان به اسلام قبول ڪريو.“ گروجن جواب ڏنس ته ”بادشاهه سلامت! اوهان جي اها خواهش آهي، پر پرماتما جي اها اڇا نٿي ڏسجي؛ جو ته هن هندو به ته پيدا ڪيا آهن.“ بادشاهه پڇيس ته ”ڪهڙي ڳالهه آهي ته خدا هڪ مذهب نٿو چاهي؟“ گروجن ڪيس چيو ته ”پنج مڻ ڪارن مرچن جا گهرائي، پنهنجي سامهون انهن کي خوب ڪاٽيون وجهي جلايو ته پوءِ اوهانکي خدا جي مرضيءَ جي ڪل پوندي.“ بادشاهه ائين ڪيو؛ پوءِ گروجن جي چوڻ تي اها سڀ رک سڀني ڏرڻ ۾ ڇانڻي وڌي ته انهن پنجن مڻن مان ٽي مرچ ثابت نڪتا، جي سڙيا ڪين هوا؛ ڪمتري به زور ڏيڻ تي ٽاڪ نه ٿيا. گروجن ٻڌايس ته ”ڀلا! توهان هڪ مذهب ٿا چاهيو ته رهي، پر خدا ته ٽن مان به ٽي ئي نٿو ڪرڻ گهري.“ بادشاهه جي ٻڌي ته ملڻ هئي، سو چوڻ لڳو ته ”گروءَ اها ڪرامت ڏيکاري آهي.“ گروجن چيس ته ”ڪرامت قهر جو گهر آهي؛ نه مون ۾ ڪا ڪرامت آهي؛ نه مون ڪا هلائي آهي. بادشاهه آخر مولوين جي چوڻ تي وري به گروجن تي زور ڀريو ته ”يا مسلمان ٿيو يا ڪرامت ڏيکاريو، نه ته اوهان کي سزا ڏني ويندي.“ گروجن انڪار ڪيو، جنهن تي ڪين هڪ اونڌيءَ جاءِ ۾ بند رکيو ويو، جتي هڪ خوفناڪ ڀوت جو واسو هئو، پر اُن ڀوت به هيڪاري گروجن جي اڳيان سجدو ڪيو؛ گروجن جو وار به ونگو نه ٿيو. بادشاهه مٿس بلڪل سخت پهرو رکيو؛ حڪم ڏنو ته ”ڪيس ٻاهر اصل نڪرڻ نه ڏنو وڃي.“ گروجن جا سک اُتي اچي سندن درشن ڪندا هوا؛ ڪي ڪين پنهنجي گهر ۾ درشن ڏيڻ ۽ پوڄڻ ڪرڻ لاءِ زور ڀريندا هوا. گروجن به انهن جو پريم ڏسي اُن بندخاني مان ئي پنهنجي شڪتيءَ سان وڃي هنن وٽ پوڄن ڪري ايندا هوا، جنهن جي پهريدارن کي ڪا به ڪل ڪانه پوندي هئي. هر روز پرڀات جو جمنا نديءَ ۾ وڃي اشنان به ڪري ايندا هوا. ڪين ڪن مولوين جمنا ۾ اشنان ڪندو ۽ سکن وٽ پوڄن ڪندو ڏٺو؛ وڃي بادشاهه وٽ چغلي هنيائون. بادشاهه پهريدارن کي گهرايو پر هنن چيو ته ”جندا ڀلا! هو ته چوويهه ئي ڪلاڪ اندر ويٺو آهي.“ بادشاهه پنهنجا ڪي خاص آدمي اُن جي آزمائش لهڻ لاءِ مقرر ڪيا. هنن به ڏٺو ته گرو صاحب بندي خاني ۾ به ويٺو آهي؛ سکن وٽ پوڄن به پيو ڪري؛ جمنا ۾ اشنان به پيو ڪري. هنن بادشاهه کي اهو حال ڪيو ته بادشاهه اُن کي ڪرامت سمجهي، گروجن تي ڪوئو سمجهڻ لڳو. جي هو چوي هڪ ڳالهه ٿو، پر ڪري ٻي ٿو. آخر مولوين جي ڏاڍ ڏيکارڻ تي بادشاهه وڏو گوشت وڌائي هڪ وڏي ديگڙي ۾ وجهي ڪن مولوين ان موڪليو ته وڃي گروجن کي چئو ته بادشاهه اوهان جي کائڻ لاءِ ڏنو آهي. هو کڻي ويا گروجن پيد چاڻي هنن کي چيو ته ”بادشاهه منهنجو ڏاڍ ڀرشٽ ٿو ڪرڻ چاهي؛ اوهان هن جا مددگار ٿيا آهيو، سو ٺيڪ نه آهي. اوهان ڪولي ڏسو ته هن ديگڙي ۾ ڇا آهي؟“ هو ڍڪ کولين ته پرماتما جي قدرت سان اُن مان ٻڪ ليڏڙا وڏڙا سؤلر جيرا ڇاڪندا نڪري ڪين ونڌهي ويا؛ شهر ۾؛ گهر گهر ۾ به خوب ٻڪڙجي ويا؛ وهي هنن جو ڪاڻو پيتو ٿو ڪمالون! مسلمان جي ڪوڙن؛ لڱن کي جهي ڪين ٻاهڪ ڄاڻڻ لڳا. مسلمان هنن ڪان

آهي. هن سنسار ۾ منش جا چار دشمن ليکيا ويا آهن:

(١) اهو پتا دشمن آهي، جو پٽ تي قرض چاڙهي وڃي.

(٢) اها ماتا شترو آهي، جا وڀچارڻ آهي يا ٻالڪ ۾ شڀ ڀاونائون نٿي ڀري.

(٣) اها استري ۽ پتني جي دشمن ٿي سگهي ٿي، جا اتي سندر آهي؛ جو ته اهڙي کي ٻيا هن جي پتنيءَ سان ولو رکن ٿا.

(٤) اهو پٽ ۽ پتا ماتا جو شترو آهي؛ جو مورک، بي علم، اگياني ۽ تامسي بُڌيءَ وارو آهي. تامسي بُڌيءَ وارا ايشور کي ۽ لتا مڃين، جنهن ماتا جي گرڀ جهڙي ڀيانڪ نرڪ ۾ ۽ هنن جي رکيا ڪئي.

مهاڀارت ۾ حڪايت آهي ته راجا يڌشٽر وٽ ٨٨ هزار رشي رهندا هوا پر ڪيئي ۽ ڪوڙ اٺ آهي ته دريوڌن وٽ ڪي چار رشي ۽ رهندا هوا. ڌرماتما پرش وٽ ڌن پيداوار جي ڪاڻ ڪمي نٿي رهي ۽ پرماتما هن جي اليڪ لمحي سان رکيا ڪري ٿو. دريوڌن ۽ دروا سا رشيءَ کي هزارن چيلن سميت ٻن ۾ رهندڙن پانڊون وٽ موڪليو ته وڃي رسوئي گهري ۽ پانڊو انهن کي ڪاڻ ڏيئي نه سگهندا ته دروا سا کين سراپ ڏيندو. ڀڳوان ڪرشن ڪئن پانڊون جي رکيا ڪئي، اهو وارتا مشهور آهي. تامسي ماڻهوءَ کي سمجهاڻ مان ۽ فائدو ڪونه ٿو ٿئي ۽ جو ته هو سمجهائڻ واري سان هيڪاري دشمني ٿو ڪري. تامسي ماڻهو ستسنگ کان ڀڄي ٿو ته ۽ جئن هاٿي اشنان ڪري وري پاڻ تي واري يا ڌوڙ وجهندو آهي، سي ان وانگر آهن. ڪو چوي ته متان هن کي ڪنهن وقت سمت اچي ۽ وڃي، پر اهو ممڪن مور نٿي ٿاهي. جئن ٽپيءَ ۾ ڪٽي امرت وجهي رکبو ته ۽ هن جي ڪڙاڻ ڪاڻ ويندي. جئن پيد جي پوٽي تي ڪٽي امرت جي ورشا ٿئي، ته ۽ ان ۾ گل يا ميوا ڪين لڳندا. اهڙيءَ طرح مورک منش کي ڪٽي سؤ برهماڻ مت ودوان گروُ ملي، ته ۽ هو نه سمجهندو. گيان ڏيڻ وارو ڪهڙو ۽ وڏو ڀاري ودوان هجي، پر جي ٻڌڻ وارو مورک آهي ته هن جا وچن ان تي ڪو ۽ اثر پيدا ڪونه ڪندا. تامسي بُڌيءَ وارا مورک ٿين ٿا ۽ ٿاڙ ٿا ۽ ڏک سان ٿي سدا ٿا ٿين.

اورنگزيب جو ۽ ڀارت جي اتهاس ۾ تامسي بُڌيءَ جو هڪ انوکو مثال آهي. ان مذهب جي نالي ۾ جيڪي هندن تي ظلم ڪيا، سي جيترو ٺيڪ هيستائين هوا، پر هن انهن کي بلڪل صحيح ۽ پنهنجي مذهب انوسار درست پئي سمجهيو ۽ انهن تي ٿي خيال ڪيائين ته ان طرح هو خدا جو راضپو هٿ ڪري سگهندو. جڏهن ڪشمير جي پنڊتن تي هن ظلم شروع ڪيا ۽ زوريءَ کين اسلام ۾ آڻڻ لڳو ته هنن شري ڀڳوان کي آراڌيو ۽ کين اها آڪاس واڻي ٿي ته گرو نانڪ صاحب جي گاديءَ تي ويٺل گرو تيغ بهادر وٽ وڃي سندس سهائتا گهرو. هو ويا ۽ گروجن کين دلجاءِ ڏني ۽ چيو ته ”وڃي اورنگزيب کي چئو ته جي اسان جو وڏو گرو تيغ بهادر مسلمان ٿيو ته اسين پاڻهي سڀ اسلام قبوليندا سين.“ اهو ٻڌي بادشاه گروجن کي دهليءَ گهرايو ۽ چيائين ته ”منهنجو درڙ اراد و آهي ته ساري هندستان

شڪتي ٻڌي آدي آهي ۽ شرڌون جي ناس ٿيڻ سان ناس ٿئي ٿي. ڪلپ مهاپرلي ۾ برهما ۽
ناس ٿي وڃي، پر آتما جو ڌرم ان وقت ۾ سمٽيو رهي. هيءَ من جڏهن چنچلتا ڇڏي
استر ٿيو ٿئي، تڏهن اُن سان آتما پڻ ٿيو لين ٿئي. اهڙو گيان تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن
من، اندريون ۽ پراڻن جي گتين کي استر ڪري، هڪ ٻئي ۾ رکي، انهن طرف لڳو ۽ پورو
پرماتما سان هڪ ٿي وڃڻ کو پري نه آهي. ڪبير صاحب من جي استر ڪرڻ لاءِ هڪ سندر
شبد چيو آهي، جنهن ۾ هن من کي گهوڙي سان مشابهت ڏني آهي. جيڪڏهن سوار پڪو
آهي ته پوءِ گهوڙو به گهوڙو هجي ته به هن لاءِ آنند آهي، پر جي سوار ڪچو آهي، ته پوءِ
گهوڙو اُنکي ڪنهن کڏ ۾ هڻندو. جنهن کو مست گهوڙو کوهه ۾ چال ڏيڻ کان نه رهندو، ان
طرح پاڻ به دکي ۽ ناس ٿيندو ۽ سوار کي به دکي ڪندو. جيڪڏهن اهڙي اندي مست
من روپي گهوڙي کي قابو ڪرڻو آهي ته سنساري وشين کان اُن کي پري ڪرڻ روپي لغام
پائڻ گهرجي ۽ سڀني وشين سان ممتا ڪڍڻ روپي زين هڻي ڇڏجي، سوار ٿيڻ بعدي
مٽن مهريءَ جو لپاڻ ڪجي. جنهن پيڙي پاڻيءَ ۾ تري ٿي ۽ پڻ کي به تاري ٿي، پر جي
پاڻي منجهس پئجي ويو ته ٻڏي ويندي ۽ پڻ کي به ٻوڙيندي، تنهن من کي به سمجهڻ گهرجي.
منجهس جي وشين روپي جل وجهيو ته ٻڏي ويندو ۽ مالڪ کي به ٻوڙيندو. جيڪڏهن من
تي مٿي ورڻ ڪمل لغام وجهو، ته نه رکو هن زمين بعدي هن لوڪ ۾ پر آڪاش ۾ به ان
کي ولي وڃي سگهو بعدي پرم ڌام پهچي سگهو. قدرت سڀ چڪر ڦيري رهي آهي.
جي ڀڳوان ڪجهه ڏيڻ تي پري ته هڪ ڪن ۾ ڏيئي سگهي ٿو ۽ جي کسڻ تي پري ته به هڪ
پل ۾ ولي سگهي ٿو. ڪبير صاحب ان شبد ۾ وڌيڪ چيو ٿو ته من کي واهي رکڻ به
ضروري آهي. ان ڪري ڪيس اهو به ٻڌائجي ته سڌو ٿي هلي ۽ لوڪي ولڪش جو سمر
ڪرائجن، جتي الک سک آهي، پر اهو به چتجس ته گوهي ڪندي ته پرلم جا چهبوڪ
هڻندو ساندءِ. مطلب ته من روپي گهوڙي کي مٿي ٻڌان ڪمل لغام ۽ زين وجهي وويڪ جي
جهڙي لسي هلي، اُن تي سواري ڪجي ۽ پهچبا پر "سهج" روپي رڪابن ۾ قابو ڪجن،
بعدي جيڪي سهج سپاه ٿئي، اُن تي واهي رهجي. پوءِ اُن گهوڙي کي ولڪش جا به
سمر ڪرائجن، جو ته جي اسين ڀڳوان جا ٿي پئون ته هو ڪو پري نه نه آهي. ڀڳوان ته
صاف چيو آهي ته "جي تون ميرا هو رهي ته سڀ جڳ تيرا هو." اسان کي ته ڀڳوان ساري
ترلوڪيءَ جو راڄ به ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو آهي، پر رکو اسان کي اُن پدويءَ لاءِ لائق ٿيڻ جي
ڀر آهي، نه ته هن دنيا جا وڏي ۾ وڏا پدارٿ به ڪجهه عرصه تا سک ڏيئي نه سگهندا.

شلوڪ ٣٤. جيڪا ڌرتي هي ارجن! ڦل جو فڪر يا ممتا رکي ڪنهن ڌرم
(فرض)، ارٿ، يا ڀيءَ ڪامنا پوري ڪرڻ واسطي ڪجهي ٿي، اُها هي پارٿ!
راجسي ڌرتي آهي.

جيڪڏهن ڪو ڪن من ۽ ڌن سان شڀ ڪرم ڪري يا پنهنجو فرض پالي، پر اُن ۾ ڦل جي

ٻچن لاءِ کين خوب مار ڪُٽ لڳا ۽ انهن جي خون ۾ سنڌن کوڙا ۽ لڳ هيڪاري وڏيڪ خراب ٿي پليت ٿي پيا. سور کي ڪٿي ڇڏا، کي ٻلين ڇڏا ۽ کي اڃا ۾ وڌڙا هوا. ساري شهر ۾ هاهاڪار مچي ويو ۽ آخر بادشاهه کي دالهن ملي، جو ڏاڍو ڪروڌ ۾ ٻرجي ويو. مولوين کي چيائين ته وڃي گروءَ کي چئو ته ”اوهان ته ڪرامتن ڏيکارڻ کان انڪاري واري هئي، ٻيو عالمي ته پالبي پيا نا ڪرامتون ڏيکاريو، تڏهن چئو ته اوهان سچار ته آهيو.“ گروجن جواب موڪليس ته ”بادشاهه سلامت! هيءَ ڪرامت ڪانهي، ٻر اوهان جي ۽ مولوين جي ٻولين ٻاوناڻن جو ڦل ملي رهيو آهي. هنن مولوڪي ڌرم کان ڪمراهه ٿي چاهيو ته خدا کين لو ناپاڪ بنائي.“ جيتوڻيڪ گرو صاحب کهڙيڪي ايذيش بادشاهه کي ڪيا ٻر هو جو تامسي بڌيءَ وارو هو، سو هرهڪ ڳالهه مان ابتو مطلب ڪڍي ٻيو ڪروڌ ڪري. آخر گروجن جي قتل جو حڪم جاري ڪيائين ۽ گروجن سر ڏنو. اهو ورتالت ته عالم آشڪار آهي ۽ گروجن جي سر ڏيڻ سان ئي مغلن جي بادشاهت جو بنياد ٻچيو ۽. آخر اُها ناس ٿي! ٻر اورنگزيب ته مڙيو ۽ گرو ٽيغ بهادر جي خون کان پوءِ گرو گوبند سنگهه سان ۾ دشمني رکيائين ۽ خوب جنگيون ڪيون. ٻر گروجن هندو ڌرم جي رکيا ڪئي. هڪ طرف تامسي بڌيءَ وارو اورنگزيب بادشاهه هو ته ٻئي طرف ساتوڪي بڌيءَ وارا گروجن هوا، جن جي جئه ٿي.

شلوڪ ٣٣. جيڪا ڌِرتي (ڌيرج يا نشچو) سماڌي روپ (ڪڏهن نه چلائمان ٿيندڙ) يوگ دواران من، پرانن ۽ اِندرين جي ڪريائن کي روڪي نيم ۾ رکي ٿي، اُها ڌرتي هي پارٿ! ساتوڪي ڄاڻ.

من جي اُچل اسڀرتا يعني يوگ کان سواءِ ٻيو ڌرتيءَ سان من، پرانن يا اندرين جي ڪريائن کي روڪڻ ڪٺن آهي. ڌرتي بلڪل اچل ۽ ڪڏهن به نه چلائمان ٿيندڙ هجي يعني جنهن سماڌيءَ ۾ من هڪ اشت ۾ لڳو رهي ٿو ۽ ڪداچت هيڏي هوڏي نٿو ڀٽڪي، ان طرح ڀٽڪي هجي: ساتوڪي ڌرتي نه ڏکن ۾ ۽ نه سکن ۾ هميشه ملي لڳي ٿي، ٻر هميشه هڪ سان ٿي رهي. جيڪڏهن اسين ڀيهجي من کي ڀيهجي قابوءَ ۾ رکي نٿا سگهون ۽ ان طرح پرانن ۽ اندرين کي ۾ پرانن ڏي وڃڻ کان روڪي نٿا سگهون، ته چئبو ته اسان جو ڌيرج يا نشچو ساتوڪي آهي. يوگين ۽ پرمي ڀڳتن جون جيون ڏسبون ته ٻيو ٻولڊو ته هنن ڀيهجي سواسن کي وس ۾ رکيو هو ۽ تڏهن ئي هو آتما ڀڳتيءَ يا سماڌيءَ ۾ لڳي ٿي سگهيا. ڀيهجن اڌياءَ ۾ ڀڳوان ٻڌائي آيو آهي ته پران ۽ اپان جي گتيءَ، چال يا ڪريا کي سمان رکڻ ضروري آهي. پرانن جي سمان طرح هلڻ سان ئي ساتوڪي ڌيرج ٿي سگهي ٿو. اهو ٿي سگهندو اُڀيا جاپ، گائتري منتر يا رام نام جي جاپ دواران. پران اسڀت ٿيا ته من پالبي اسڀت ٿيندو ۽ پوءِ اندرين ته اوهوڊ شانت ٿينديون ۽ وشين ڏانهن ڪداچت ته ڊوڙنديون. ڌرمن ؛ مذهبن جي سڀني اصولن ۾ ڪوئي فرق نه آهي ۽ جيهن ڌرم يا مذهب ۾ هيءَ شرط لازمي آهي، اهو ٿي اُن لاءِ ليڪ آهي، آتما جو ڌرم ته آدي يا سمان آهي، جو نه اُن جي

ڪو اوچ ڪرڻيءَ جو سنت کي ڏسجي ۽ مولڪي جا ڪيا وڻي آهي، ان جي ۾ مرضي آهي
۽ ڪنهن سائين لوڪ سان وواهه ڪريان. سو هن کي چيائين ته "سائين! منهنجي ٻه هڪ
ويٽي جهو ته بخش ڪريالو، ته ته ته." سنت چيس، ته "ڀلي چڱو." هن ٻڌايس ته "مولڪي
هڪ ڪيا آهي، جا اکين کان انڌي، واتڪان گنگي، ڪنن کان ٻوڙي، پيرن کان منگلي ۽
ٽنگن کان ٽنڊي آهي، ان سان شادي ڪريو ته واهه، ته ته ته بخشيندس!" سنت چيس ته
"ابا! مان رمتو فقير ۽ وري استري به اهڙي، سو مان ڪيئن قبوليان ۽ ڪيئن مان سنڀالي ۽
پالي سگهندس؟ ٻيو ڪو مولتي ڏنو رکو." پر هن چيو ته "نه، اهو ئي ڪم ڪرڻو پوندو،
نه ته معافي ڪانه ملندو." سنت سنت وچن ڇٽي قبول ڪيو. هو سنت کي گهر وٺي ويو ۽
وڃڻيءَ جو بندوبست ڪري ويو، ته سنت ڏٺو ته هيءَ ته بلڪل نيڪ آهي. هٿ، پير، اکيون،
ڪن ۽ ٽنگون سڀ سالم اٿس. خيال آيس ته هن ڪوڙ ڳالهايو آهي، سو ڪيس چيائين ته "ڪوڙن
سان سمبنڌ نه رکڻ گهرجي ۽ تو هيترو ڪوڙ ڳالهايو آهي." هن سنت کي عرض ڪيو ته
"سائين! مون بلڪل سچ چيو آهي. هوءَ انڌي آهي جو ڪنهن پر پرش ڏي نٿي نهاري ۽
واڻيءَ سان ڪنهن جي به نندا مور نه ڪندي آهي ۽ نه ڪنن سان اها ٻڌندي آهي. هٿن
سان ڪو ٻرو ڪرم نه ڪندي آهي ۽ نه پيرن سان ڪنهن خراب طرف ويندي آهي." اهو
ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ استريءَ کي وٺي گهر آيو ۽ ٻئي خوب آنند ۾ گذارڻ لڳا. هڪ
ڏينهن سائين لوڪ اٿيو ۽ سڌو ڪجهه وڏيڪ آندو ۽ اچي پتنيءَ کي چيائين ته "هن سان
هيترو سڀاڻي لاءِ رکي ڇڏ." اڳي روزانو اهڙو ملندو هو، جو ان ڏينهن لاءِ مس پورو
هوندو هو. اهو ٻڌي سندس زال رڙ لڳي. مهاتما پڇيس ته "سدوري! رئين ڇو ٿي؟"
چيائين ته "مالڪ! مون پنهنجي پتا کي چيو هو ته منهنجو وواهه ڪنهن سائين لوڪ سان
ڪجو." هن چيس ته "مون ڇا ڪيو آهي؟" جواب ڏنائين ته "سوامي! اوهان ايشور تان
ڀروسو لاهي ڇڏيو آهي، تڏهن ته سڀاڻي جو خيال ٿا ڪريو! اها حالت سائين لوڪن جي ٿي
ڪڏهن نٿي سونهين." سنت اهو ٻڌي نهايت خوش ٿيو ۽ پنهنجا ڏن ڀاڳ سمجهڻ لڳو، جو اهڙي
استري کيس نصيب ٿي هئي. ان وقت آڪاش واڻي ٿي ته "هي مهاتما، اهو ان شڌ ڪرم
جو ڦل آهي، جو تو ڌيرج ڌاري پنهنجو ڪمل گناهه وڃي بخشايو. جڏهن تون ڌيرج
رکين ها ته اهڙي ڀاڳوان ۽ ڌرماتما ارڌانگي ڪانه ملئي ها."

شلوڪ ٣٥. جنهن ڌرتيءَ (ڌيرج) ڪري ڪوتڙيءَ ٻڌيءَ وارو انسان ننڊ،
ڀؤ، شوڪ ۽ الغرضائيءَ کي نٿو دور ڪري يا ڇڏي سگهي، پر نت مغرور رهي
ٿو، اها ڌرتي هي پارٿ! تامسي آهي.

تامسي ڌرتيءَ يعني ڌيرج وارو انسان وڏن کان وڏيڪ ننڊ ڪري، ننڊ ۾ گهڻا سپنا
ڏسي، دل ۾ هميشه شوڪ ۽ خوف ڪو رهيس، ڇو ته هو ڏري ڏري ڳالهه ۾ ڏپ ڪو
ڪري، خوشي سندس من ۾ ڪڏهن به نٿي ٽڪي، هو بيپرواهه ٿي، من ماڻيا ڪرم ڪري

اڃا ٻيا مستا رکي ٿو ته چئبو ته هن کي پورو ڌيرج نه آهي، يعني سمجهو ته الس ته ڦل ٻاڻهي پرماتما ذريعي وارو آهي. هو نه الترياسي آهي ۽ هر هڪ جا من سان، واڻيءَ سان ۽ شرير سان ڪمل ڪرم ڏسي ٿو ۽ هر هڪ جو ڦل ضرور ڏئي ٿو. اها ڌيرج جي ڪمزوري راجسي سڀاءَ وارن جو لڇڻ آهي. راجسي ڌيرج جڻ مزوريءَ جو نمونو ٿيو ته هي پورهيو ڪيو الر، ۽ أن جو اجورو يڪدم ملي. شري رامچندر جڏهن سيتا ۽ لڇمڻ سان بنواس وينديءَ گنگا پار ڪٽي ته ڪيوٽ (ملاح) مزوري نه ورتي ۽ ڌيرج رکيو ته ان جو بدلو ڀڳوان پاڻهي موڪلي ڏيندو ۽ هن سنسار ساگر مان پار ڪندو. اهو ڌيرج ساٽوڪي هو. جڏهن ڀڳوان رام کيس اجوري طور سيتا کان ملپل منڊي ڏيڻ لڳو ته هن ٻلڙ ٻاڌي ٻهرن ٻي ڪري چيو ته "سائين! آءٌ نه وٺندس." ڀڳوان چيس ته "تنهنجو اهو پيشو آهي، سو مزوري وٺ." هن چيو ته "سائين! ساڳئي ذات وارا هڪ ٻئي کان مزوري نه وٺندا آهن."

ٿالي سمون نه ٿالي لهت – ڌوٻي نه ڌولائي دي،
ديکي مزوري موهه ناٿ! – جاتي سمون نه ناريئي،
موري گهاٽ آئي ناٿ – پار لنگهايو لوهه متن،
ٿوري گهاٽ آئون جب – موري ناٿ پار لنگهائيئي.

ملاح چوڻ لڳو ته "سائين! مان هن گنگا جي پتڻ جو ملاح آهيان. اوهين هن سنسار ساگر جا ملاح آهيو. مان جڏهن مرڻ کان پوءِ اچان ته اوهان موڪلي ٻيا ڪيهن ڳچا ڳاچا جي پار ڪجو، جيئن مون اوهان کي ڪيو آهي." جيڪڏهن هنکي ساٽوڪي ڌرتي يا ڌيرج نه هجي ها ته هوند هو اهڙين ڳالهين ڪرڻ بدران يڪدم مزوري وٺي ها، جا ملپس ٻه گهٽي ٿي. ساٽوڪي ڌيرج جو هڪ سندر مثال شاسترن ۾ به آيو آهي:

هڪ ڀيري هڪ سچو سنت ندي ۾ اشنان ڪندڙ هو. هڪ ڏٺائين هڪ صوف پاڻيءَ ۾ وهندو آيو، جو هن يڪدم کنيو، ڇو ته هن جو اهو سڀاءُ آهي. ٻاهر نڪري کنڊا ٻاٽي أهو صوف هن کائي ڇڏيو، پر يڪدم خيال آيس ته "اڙي من! هي ڦل ته پرائو هو. توکي کيهن ڏنو ته کاڌ هو، سو ڪيئن کاڌءِ؟" يڪدم جنهن طرف کان اهو لڙهي آيو هو، أن طرف ويو. أتي هڪ باغ هو، جنهن ۾ وهي باغ واري کان ڦل بخشائڻ لڳو. هن چيس ته "هي باغ مون پنهنجي ٿانيءَ کي ڏاج ۾ ڏنو آهي، سو اها ڦل انکان بخشاءِ، ڇو ته مان نه مالڪ نه آهيان." هن جو گهوٽ پڇائي، هو ان وقت ويو ته گهر ۾ هنجي استري ويٺي هئي ۽ کيس چيائين ته "مالڪ ته منهنجو پتي آهي ۽ نه مان؛ ۽ هو ويو آهي پشاور کيهن ڪم سان." مهاتما يڪدم اوڏانهن روانو ٿيو. أتي پهچي هن کان پنهنجي دوش لاءِ معافي وٺڻ لڳو. اڇيءَ چادر ٻي هڪ ننڍڙو داغ ٿو لڳي ته به يڪدم سڀني کي نظر ٿو پوي، پر ڪيهن گنديءَ چادر ٻي پيو گند لڳي ته به ڪو پرواهه ٿي نه ٿو ڪري. هو ان مهاتما کي ڏسي ۽ سندس ڳالهه ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ چيائين ته "سائين! ان ۾ ڪهڙي ڳالهه هئي؟" سنت چيس نه "اها منهنجي من جي چنچلتا آهي، سو معافي وٺڻ ضروري آهي." هن سوچيو ته هي! ته

سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه. اهو جيڪڏهن من سمجهي وڃي ته پوءِ سڀ ئي آنند آهي. هو جوان ٿي ڏٺائين رات جو آيو ته پوٽ کي ڏسي مٿس ڇرڪيائين ۽ خوب سندس منهن تي ڪارنهن وارا هٿ ملپائين. آيو مهاتما ويو ته هن جي ڀرتي ئي چيائين ته "سائين! اهو پوٽ اڄ ته ملپو هو ۽ مون خوب ٿي هٿ ڪارنهن سان ٻئل هنيامائس ۽ مٿس ته ڇڙهيم." مهاتما کيس درسي ڏٺي چيو ته پنهنجو منهن ڏس. هن ڏٺو ته سندس ئي منهن ڪارو ٿيو پيو هو. مهاتما سمجهايس ته اهو پوٽ تنهنجو من ئي آهي. تنهنجو سارو ڊپ تنهنجي من جي ڪلپنا آهي." مطلب ته جهڙا خيال ڪبا، اهڙو من ٿي پوندو. جيڪو هر وقت پرماتما جو خيال رکي ٿو، ته اهو جلدئي پرماتما جو روپ ٿي ٿو پوي. ساتوڪي ٻڌيءَ وارو سروڌا وچار، ڌيان، لڳو، ڌيرج ساتوڪي ئي ڪندو.

هڪ ڏينهن ڪي ٻچا اڌ ماٺو رات جو ڊپ سان ٻاڙ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هوا. ڳالهه نڪتي ته هن وقت جيڪو مسان ۾ وڃي هڪ ڪلو کوڙي اچي، ان کي ٻهادر ليکبو. هڪ ماٺو چالي ٻڌي هلپو، پر ساتوڪي ڌيرج نه هئڻ ڪونه هوس، سو لڙي لڪڙ ۾ ڪلو لوڪي لڳو ته ڏوتيءَ جو هڪ پلؤ ان ۾ اڙڪي پيس. آئي ته ڏوتي ته ڪري. اهي کيس ڊپ ورتو ته ڪنهن ڀوت موئڪي جهليو آهي ۽ ان ڊپ ۾ ئي دل هول ٿيس ۽ مري ويو. سچ ٻچ ته هن کي ڪنهن به ڀوت ڪونه اٽڪيو هو، پر سڀ سندس من جي ڊپ جو نتيجو هو. تامسي ڌيرج وارو ٻيا سڀ به ڇڏيندو ٿو وڃي ۽ هميشه شوڪ ۽ رنج ۾ گذاري ٿو.

شلوڪ ۳۶. هي ڀارت ورش جا راجا! هاڻي ٽون ٽن قسمن جي سُکن بابت مونکان ٻڌ. جيڪو سک اڀياس سان ملي ٿو ۽ دکن جو انت ٿو آڻي؛

شلوڪ ۳۷. جيڪو شروع ۾ وِک وانگر پر پوءِ امرت سمان ٿو لڳي، اهو سک ساتوڪي چيو ويو آهي ۽ اهو پنهنجي من جي شڌيءَ مان ٿو اُٿي ٿئي، جيڪا شڌي آتم گيان دوارا ٿي حاصل ٿئي.

مايا جي ٽن گڻن ڪري جو گيان، ٻڌي، ڌيرج يا لڳو ٿئي ٿو ۽ جو سڀ ڪارن جو ٻڌايل آهي، ان مان جو سک پراپت ٿئي ٿو، ڀڳوان چوي ٿو ته اهو به ٽن قسمن جو آهي. جٿي گرهست ۾ ٻيا ٻاري ٻار کان ڪجهه نه ڳجهو رکي ۽ جٿي مهاتمائون پرمي شٺن کان ڪجهه لڪا لڪائن، تٿي ڀڳوان به ارجن کي پنهنجو پرمي ڀڳت ڄاڻي وڌيڪ ٿو ٻڌائي ۽ سکن جا به ٽي قسم ٿو ورڻن ڪري. هرڪو پراڻي سکن جي اڀلاشا رکي ٿو. گياسوان، اگيانسي، ڌرماتما، پاپي، ڍڪي ڀسون، مطلب ته هرڪو انسان يا حيوان سک ٿو چاهي. جن کي وڏا وڏا دوک پوڻ آهن، اهي به اڪثر سک ٿا چاهين. جيڪو سک سڀني دکن جو انت آڻي، اهو ئي سچو سک آهي ۽ اهڙو سک شروع ۾ وک سمان ٿو لڳي؛ جو ته وشيه ڀوڳن کي ڇڏڻو ٿو پوي، لمر ۾ رهڻو ٿو پوي ۽ پرهيز ڪرڻي ٿي پوي، پر آخر ۾ اهو امرت سمان ٿو ٿئي. اهو ئي سک ساتوڪي ٿو ڪوٺجي ۽ اهو ٿي گيان ۽ تپ حاصل ٿئي، پر پنهنجي ٻڌيءَ جي

ٿو ۽ هر وقت اهنڪار ۽ ايمان سان ڀرپور ٿو رهي. هو انهن ڳالهين کي ڇڏي نه ٿو سگهي.
هن جو اهو ڌيرج يا ٺهڪو تامسي ٿو ڪوٺجي. منش کي ڀڄڻ جو وهنوار اهڙو ۽ اهترو ڪرڻ
ڄڳائي، جو نه آلس ڪري ۽ نه اجايو شرير کي دکوئي يا ننڊ آرام ڦٽائي. سانوڪي سپاهه وارا
منش ڀراڻهه ڪال وقت ڪڏهن به ننڊ نٿا ڪن ۽ نه هلڻ ۾ لمني آلس ٿا ڪن. اهو آلس نه ڌرم
انوسار جائز آهي ۽ نه تندرستيءَ لاءِ لائق. گروجن فرمايو آهي ته امرت ويلي اُٿي نام
جپڻ گهرجي ۽ رات ڏينهن پرماتما جي آراڌنا ڪجي ته پوءِ ڪوبه دک نه لڳندو ۽ سڀ
اپاڌيون دور ٿي وينديون.

جاڳ لکهي اُٺ نام جپ، لس ٻاسر آراڌ - ڪارا لهي نه وياپي نانڪ ٻي مٽي اپاڌ.

آلس ۽ سستيءَ ۾ گذارڻ ۽ گهڻي ننڊ ڪرڻ وارن جو من ۽ ڌيرج ڪمزور ٿي ٿا وڃن ۽
هو ٿوري گهڻي مشڪلات ۾ گهٻرائجي وڃن. تامديو کي سانوڪي ڌيرج هو. جڏهن هڪ
رات جو ديو سان ڪنس ان ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ لاءِ ويٺو هو، جتي هڪ خوفناڪ ڀوت جو واسو
هو، تڏهن جيتوڻيڪ ان ڀوت ڪنس نه ڊيڄارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، نه به هو ڊڄي نه ڊنو ۽
هن ۾ ٻہ ڀڄڻجي اشٽ ديو کي ڏٺائين ۽ چيائين ته "هي ساٿين! اڄ هي خوفناڪ روپ
جا جي لاءِ ڌارڻ ڪيو اٿو؟" ڪنس ڪيشو ڦلندر ڪري نمسڪار ڪيائين ۽ چيائين ته "هي
پريو! اوهان جا انيڪ روپ آهن ۽ اجوڪو هيءُ روپ به انوکو آهي!" تامديو ڪرشن جو
پوڄاري هو، نه ان کي ان ڀوت مان به ڪرشن جو درشن ٿيو، جو نه سندس ٺهڪو سانوڪي
هو، نه هر جيءَ ۾ ڀڳوان ڪرشن جوئي روپ آهي. پيا ان کوهه تي رات جو ويندا هوا نه
ان ڀوت کان مارون کائي ايندا هوا.

تامسي ڌيرج وارن جو ڪئن ٿو من ڪمزور ٿئي، ان جو هڪ مثال شاسترن ۾ هن ريت
آيو آهي:

هڪ مهاتما رٽن ڪندي هڪ نگر ۾ پهتو. ننڍن ٻارن ۾ اڪثر ڪري سعتمن لاءِ ٻاهر
ڪٽيائون ٺهيل هونديون آهن. هو به هڪ ۾ وڃي رهيو. مائهو سندس درشن ۽ اپديش لاءِ
ايندا هوا، جن ۾ هڪ نوجوان ڇوڪرو به ڏاڍي شوق سان ايندو هو. پر جڏهن نه نوڪري
هئس ڏکي ۽ رات جو مس واندو ٿيندو هو، سو هو رات جي وقت ان سنت وٽ ويندو
هو. اهڙا ڪي ورلي ملندا، جن جي عمر به ننڍي، ديهه به سندر ۽ وري پرماتما ۽ سنتن لاءِ
به پيار هجن. رات جو سنت ڏانهن ويندي واٽ تي هڪ قبرستان پوسان ۽ ڪهاڻين وٽن سڄيان
لنگهڻو پوندو هوس، سو ڊپ به ٿيندو هوس. آخر هڪ ڏينهن مهاتما کي ٻڌايائين ته واٽ
تي موئلڪي هڪ ڀوت نه ڊيڄاريندو آهي. مهاتما سوچيو ته اهو تامسي ڌيرج جو نتيجو آهي،
سو ڪنس چيائين ته "هيءُ سعر الٽي، جو جيڪڏهن اڳ لنگهندو ڪر. پوءِ نه جڏهن گهر کان
هلين نه ٻي هنڌ ڪارنهن سان ٿوري ٺڪر ۽ ڀوت جڏهن اڳيان اچيئي نه ڪنس اهي هنڌ
منهن تي ڪڍنج." انسان جو من ٿي سارو سنسار هٽالي وينو آهي. هو پاڻ کي ڪڏهن
ڇڪري ٿي راجا نه ڪڏهن فقير ٿيو سمجهي. سڀ من جي ڪلپنا آهي نه ئي هڪ ڀوهر کان

وشين جا سک ته ان لوڻي جي جل جيان آهن، جو سڪي ويندي ويرم ئي ڪين ڪندو ۽ گرمي سردي روپي دک ڪڻ ڏيئي سگهندو. پرماتما جي ڀڄن ڪرڻ وارن جو سک ٿالهي واري ٻاٽليءَ وانگر آهي. جي ڀڄن ڪمو رهيو ته آنند، پر جي ڀڄي ويا سين ته اهو سک به ختم ٿي ويندو. مگر آتما جو سک اڪاد آهي، جنهن وڏي درياهه جو جل. اسان جي انتهڪرڻ ۾ آتما جي جوت هروقت ٻري رهي آهي، مگر اسين اهڙي اکٽ خزاني کي ٻالي ۽ ٻالڪي ڪنگال پيا سمجهون. ڪو پنهنجو خزانو بند ڪري رکي ۽ اُن مان ڪو سک به نه وٺي ته هوند اسين هن کي ڪيترو نه بي عقل سمجهون؟ پر اسين جو اهڙو وڏن ملهه اموله خزانو ٻالي ان کي کولهون به نٿا، ان مان ڪو آنند نٿا وٺون، پنهنجي جنم جنم جا دک، پاپ نه ٿا مٽايون، ته اسان جهڙو مورک ٻيو ڪير ٿي سگهندو؟

شلوڪ ٣٨. اِندرين ۽ اُنهن جي سنجوڳ مان جيڪو سک حاصل ٿئي ٿو، سو اول ته اَمرت سمان مٺو ٿو لڳي پر انت ۾ وک برابر ڏکدائي ٿو ٿئي. اهو راجسي سک ڪوٺجي ٿو.

هر ڪو وشيه سک دکن، دپ ۽ پاپ سان گڏيل آهي. ڏسو ته جيتري وشيه سک ۾ ڀاڄ جهڙو دک لڪل رهي ٿو. وشيه سکن مان الهن وشين لاءِ ممتا پيدا ٿئي ٿي، جا جنم مرڻ جي چڪر ۾ ٿي ڦاسائي ۽ ڪوڙ ڪپٽ ٿي ڪرائي. نه فقط ايترو، پر اها ممتا شريرڪ شڪتي، دماغي طاقت ۽ آتمڪ ٻل تنهي کي ناس ٿي ڪري. ڀرٿري راجا ويراڳ وٺڻ کان پوءِ پنهنجي ”ويراڳ شتڪ“ پستڪ ۾ وشين مان جيڪي دک ۽ روڳ پراپت ٿين ٿا، الهن جو چڱيءَ طرح ڪونا ۾ ورڻن ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته اندرين جا ڀوڳ سڀ وڏا دک ڏيڻ وارا آهن، ان ڪري اُنهن کي تياڳ ڪري ڪلياڻ مارگ ٿي هلڻ جڳائي. پنهنجي من کي ٿي ٿو چوي ته هي نرلج ۽ نيچ من! تو اندرين جي وشين جو گهڻو ئي سک ورتو ۽ ان مان دک به پاتو، ان ڪري هاڻي شانت ٿي وڃ اُن طرف نه وڃ ۽ پنهنجي چنچلتا کان شرم ڪر ۽ سڀئي سنساري وشين روپي روڳن جو تياڳ ڪر. مکتي ڏيڻ وارو ته ويراڳ آهي، اهو ڌارڻ ڪر. اشٽاوڪر منيءَ به راجا جنڪ کي ساڳيءَ طرح جو اپديش ڪيو هئو. گرو نانڪ ديو به فرمايو آهي:

جيتي رس شرير کي، ليتي اُپجي دک - نانڪ سڀي نام بن ڪسي نه لٿي بک.

ڪڻ پنگر وشين جي سکن مان ڪوبه اڄ تائين ترپت نه ٿيو آهي. جيترو گهڻو سک ملندو، اوترو وڌيڪ ان لاءِ ترشنا ٿئي ٿي. جئين اگنيءَ ۾ گيهه وجهبو ته وڌيڪ لاٽ ڪري ٻرندي ۽ ٻيو به گيهه چاهيندي. وشين جو سک پهرين مٺو ٿو لڳي، پر انت ۾ زهر ٿي ٿو لڳي. الهن زهر روپي وشين ۾ ڦاسي ماڻهو جان به وڃايو ڇڏين! ڪو مڙوڙو ساري عمر مزوري ڪندي جيڪي ڌن پنهنجي پاڻ سان شاهوڪار ٿي پوي ٿو، ان وقت ڪنس ڪو مزوري ڪرڻ ۾ جوڙيندو هجو ته اها ڪداچت ڪين ڪندو. وشين جا ڀوڳ تن مزوريءَ جي اوسٿا آهي ته اُهن

امرت ڪري جا من جي شڌي ٿئي ٿي، ان مان ٿو پراپت ٿئي. موت جي بستري تي به ڊاڪٽر حڪيم کي چئبو آهي ته اهڙي دوا ڏيو جو آرام اچي. ٻيا ڪي ڏک هوندا آهن ته به ٻارليا ڪمي آهي ته هي اپمورا! موت ڏيو ته سگهي ٿي. چئبو ته اهو سک پراڻن کان به وڌيڪ پيارو آهي. ان سک جا ٽي قسم آهن، پر ساتوڪي سک ئي آهي جنهن مان ٿي آخر دکن جو انت اچي ٿو ۽ جنم مرڻ جو دک به ختم ٿو ٿئي. اندرين جي وشين مان جو سک محسوس ٿو ٿئي، اهو راجسي سک آهي ۽ جو نه هميشه هلي ٿو ۽ نه سچو سک آهي. ڌيان اهن ڪرڻ، سمعن جي ٿن، من ۽ ڌن سان شورا چاڪري ڪرڻ، اهي سڀ ڪارڻ سولا نه آهن، پر انهن مان ٿي انت ۾ سچو جتادار سک ۽ آنند ضرور پراپت ٿئي ٿو. اهو سک سولو ان ڪري نه ٿو ملي، جو شروع ۾ ڏليا جون گهڻ وڌايون سهڻيون پون ٿيون. شرير ۽ اندرين کي قابو رکڻ لاءِ ساڌن ڪرڻا ٿا پون. پڌي اسر ٿئي ٿي ته آتما جو عڪس انتهڪرڻ ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ جو ان مان آنند پراپت ٿئي ٿو، اهو ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اهڙي آتم سک جو هڪ الوڪو مثال ٻلي راجا جو شاسترن ۾ ڏنل رهيل آيو آهي:-

ٻلي راجا هڪ وقت هڪ غار ۾ سماڌيءَ ۾ ويٺو هو. اندر ديوتا خيال ڪيو ته سماڌيءَ ذريعي هي متان منهنجي سرڳ جو راڄ نه کسي وٺي، سو پنهنجي ايراوت هاٿيءَ تي چڙهي ۽ وڄر لالي وارو پنهنجو هٿيار کڻي ان غار جي ٻاهران اچي آواز ڪيائين ته ٻلي راجا سماڌيءَ مان جاڳي پيو. اندر ڀڳوان چيس ته "راجن! هاٿي سنڀال ۽ مان هن وڄر سان تنهنجو سر ڪپيندس." پر هيڪي نه سماڌيءَ مان پورن آنند آيل هو ۽ شرير جو اڌياس ٿي ڪونه هوس، سو بي پرواهه ٿي ويٺو رهيو. جاڻائين ٿي ته اندر ويچارو پنهنجي راڄ جي ڊپ کان ٿو ائين چوي. سو کيس چيائين ته "ٻالي! جا ڪال تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ جا ٿوڪي حڪم آهي ته منهنجو موت هن طرح ٿيڻو آهي؟ تون جا به ڪرين ته به منهنجو وار به ونگو ڪو ڪري سگهين. جيڪي وڻيئي سو ڪر." اندر ديوتا ڪيترا دفعا مٿس وڄر هلايو، پر هن کي ڪجهه به ڪين ٿيو. اندر ديوتا شرمندو ٿي موٽي ويو ۽ ٻلي راجا بي پرواهه ٿي سماڌيءَ جي آنند ۾ محو رهيو. مطلب ته اندر جو سرڳ وارو سک راجسي آهي، جنهن ۾ هر وقت پيو رهيس ٿو ته متان ڪو ٻيو منهنجو راڄ کسي وٺي. گيانوانن ۽ سچن ڀڳتن جو من پنهنجي پريتم اشٽ ديو ۾ لڳل رهي ٿو، پوءِ ڀاڳي ظاهريءَ رهت دنيوي وهنوار ۾ ورتندا ڏسبا آهن. هي مثل جنم ملپو ٿي ان سچي ساتوڪي آتم سک جي پراپتيءَ لاءِ آهي، پر اسين گمراهه ٿي ڪري، اهو سک اندرين جي وشيه ڀوڳن ۾ پيا ڳولهيون، جنهن مان نه ڪڏهن نه حاصل. انسان جو اصلي سڀاءُ ته پرم آنند وٺڻ جو آهي، پر اهو بدلائي وشين جي ڀوڳڻ وارن سکن پٺيان پيا ڀٽڪون! ڀڳوان اهڙي سچي سک جو ٿي هن شلوڪن ۾ ورڻن ٿو ڪري. پاڻي هڪ ٽوڪي ۾ آهي، هڪ تالي ۾ به پيو وهي ۽ وڌي درياهه ۾ به آهي. ٽوڪي ۾ ٿورو آهي ۽ ان ۾ ڪوسيءَ ۽ [illegible] جو [illegible] لڳي ٿو ۽ تالي جو پاڻي زيادهه ٿڌي ڪوسي سچي ٿو سگهي ۽ وهندو رهندو [illegible] ٿي وهندو پر وڌ و درياهه نه [illegible] ٿي مهيشا پيو آنند ۾ وهي. سماري

شروع ۾ ته ٻنهي روپ ۽ موهه ۾ وجهڻ وارو آهي ۽ انت ۾ تهجي طور ته ٻرو ثو ثابت ٿئي.

شلوڪ ٤٠. ڌرتيءَ تي، سرڳ ۾، اٿوا ديولوڪ جي ديوتائن ۾ ڪو به اهڙو پراڻي نه آهي، جو پرڪرتيءَ جي هنن ٽن گڻن کان ڇٽل يا آجو هجي.

جئن ڌاڳي کان سواءِ ڪپڙو ٺهي نٿو سگهي، تئن هڏن ۽ ماس کان سواءِ انسان ڪونه آهي ۽ پاڻي کان سواءِ جهل ٺهي نٿي سگهي؛ ان طرح ساري برهمانڊ ۾ ڪوبه اهڙو جيو نه آهي، جو ٽن گڻن (ستو، رجو ۽ تمو) کان خالي هجي. ساري ڪائنات انهن جو ئي ڪمل ۽ پسارو آهي. انهن ٽن گڻن ڪري ئي ديوتائن جي ٽن مورتين، برهما، وشنو ۽ شو پيدا ٿيا آهن. اناديءَ وقت کان وٺي هن سنسار جو چڪر ٽن ڪرم، ڪرتا ۽ ڪارڻ وسيلي پيو ٿو هلي. رکو جيون مڪت پرش، جنهن آتم گيان پاتو آهي، اهو ئي ان چڪر کي ٽپي ڪرمن جي ٻنڌن کان آجو ٿي سگهي ٿو.

شلوڪ ٤١. برهمڻ، کترين، ويشن ۽ شودرن جا فرض ۽ ويرين جا ڌهڪاو! سندن اڳين ڪرمن جي سنسڪارن مان پيدا ٿيل گڻن انوسار، ڌار ڌار وراهيل آهن.

جئن ورڻن مان پهرين ٽن کي ويدن پڙهڻ ۽ اڳني هوتر آدي ويدوهت ڪرمن ڪرڻ جو اڌڪار آهي، باقي شودرن جو فرض آهي رکو پهرين ٽن ورڻن جي شيوا ڪرڻ. هو نه ويدن پڙهڻ جا اڌڪاري آهن ۽ نه يگيه آدي ڪرمن ڪرڻ جا؛ جو نه منش جا چار ئي ورن ۽ چار آشرم يا حياتيءَ جا حصا هر هڪ جي سڀاءَ، گڻن ۽ سندن پورو جنم جي سنسڪارن انوسار ٿيا آهن، جن تي رهڻ سان ئي سڀني جو ڪلياڻ آهي. جڏهن انهن ۾ گهوٽالو ٿئي ٿو، ته پرٿويءَ تي پاپ وڌي ٿو، جنهنجو نتيجو دک ۽ ڪليش ٿو ٿئي. جدا جدا ورڻن جا گڻ ۽ ڪرم آد کان علحده علحده مقرر ٿيل آهن ۽ اڄ ڪلهه جا نه آهن. انهن کي ڌاهڻ، سرشٽيءَ ۾ گڙٻڙ ۽ اڌرم پيدا ڪرڻو آهي. اڳين زماني ۾ ايترو نه هن ڳالهه تي زور ڏنو ويندو هو، جو پرشرام وقت جڏهن ڪرڻ وديا وٺڻ ويو نه ويس بدلائي برهمڻ جو روپ ڌاري ويو هو؛ ڇو نه پرشرام جو پڻ ڪمل هو نه مان ودي رکو برهمڻن کي ڏيندو هو. هن سکيا نه پرائي، پر آخر ۾ جاليءَ جو اگر، جو منجهس هو، ان ڪري هو ڦاسي پيو. پرشرام سندس گوڏي تي سر رکي سمهي پيو هو نه ڪرڻ کي ڪيئن زهريلي ڪيڙي چڪ پاتو ۽ سندس ٽنگ مان خون وهڻ لڳو ۽ کيس درد ته ڏاڍو ٿيو، پر هو کتري هو؛ سو اهو درد سهاري ويو، پر گروءَ جي ننڊ نه ٽٽڻ ڏنائين. اهو خون جڏهن پرشرام جي بدن کي لڳو ته هو جاڳي پيو ۽ سمجهي ويو ته سندس شش برهمڻ نه پر کو کتري آهي، جو ايڏو ڏيرج ڌاري سگهيو آهي. برهمڻ ۾ ايڏي سهڻ شڪتي نه هوندي آهي؛ هن کان سڀي ڪرايائين ۽ ڏنل ودي ورئي کسي ورتائينس. مطلب نه جاليءَ ۽ ورن جو سڀاءَ ضرور ظاهر ٿئي ٿو، ان ڪري هوشيارن کي پنهنجي جنم واري ورن ۾ رهي ٽن ورڻ جا فرض پنهنجا آڻڻ گهرجن. هڪڙو پنهنجي ورن جي ڌرم تي

ستسنگ ۽ ڀڄن ڌيان مان جڏهن آتم ڏي ملندو ته پوءِ موروثي طرف ڪڏهن به من نه ويندو. آتم رس، گيان رس اهڙو ته اڏول ۽ اکنڊ رس آهي، جو ان ۾ موٽڻ جي رس اچي ٿو وڃي. اُن ۾ سڀ اندرين ترپت ٿيو وڃن ٿا ۽ جو نه آتما کان مٺي سهڻي، ملي، آنند دائڪ ۽ سچو سک ڏيندڙ ٻي ڪا به وستو نه آهي. جن اکين آتما جو درشن ڪيو آهي، اُهي ٻيو ڇا ڏسڻ چاهيندا هون، جڏهن ان کان وڌيڪ وسعو دنيا ۾ ڪا به آهي؟ جن ڪنن آتم گيان جو اُپديش ٻڌو آهي، اُهي ڪئن دنيوي راڳ روپ ٻڌڻ چاهيندا؟ جنهن جي پنهنجي آتما ۾ استٿتي ٿي آهي، اُهو ٻيو پد جو اڌڪاري آهي. ان کي ٻيو ڪوبه ڪرلوه ڪرڻ جي ضرورت نه ٿي ڪانه آهي. جيڪڏهن سرڳ جا سک ترپتي ڏيڻ وارا هجن ها، ته پو اندر ديوتا اُهليا جي ست بگاڙڻ وارو برو ڪرم ڪري ها ۽ اُن جو ڦل دک ڀوڳي ها؟ اندرين جي ڀوڳن مان ترپتي ٿئي، سا ناممڪن آهي. ترپتي ته آخر ويراڳ ۽ گيان سان ٿئي ٿي. راوڻ کي اليڪ سندر استريون هيون، پر اُنهن مان هن کي ترپتي نه ٿي. تڏهن سيتا کي چورائي کڻي ويو. جيڪڏهن راڄ ۾ سک هجي ها، ته پو هولد راجائون مهاراجائون راڄ ڀاڳ ڇڏي، جهنگل وسائين ۽ رشين منين جي چرن ۾ وڃي گيان وٺن ها؟ آتم سک اهڙو ته اکنڊ ۽ ابناسي آهي، جو جيترو ڀين سان وٺبو، اوترو هميشه وڌندو ويندو. دنيوي سک ۽ پداروٿ ته اڄ آهن، سڀاڻي ڪونه هوندا، اڄ هڪ وقت ته سڀاڻي ٻئي وقت! انهن جو فاني مائڪ سک به اپار دکن ۽ ڪليشن کي ٿو پيدا ڪري.

شلوڪ ۳۹. جيڪو سک اول ۽ آخرين نتيجي ۾ ٻڌيءَ کي موهه ۾ ٿو وجهي ۽ ننڊ، آلس ۽ پرماد مان ٿو اُتپن ٿئي، اُهو تامسي سک ڪوٺجي ٿو.

ٻڌيءَ کي موهه ۾ وجهڻ جو مطلب آهي ته آتما بابت ٻڌي مجهول رهي. پرماد جو ارٿ آهي غفلت يا السُستائي يعني جيڪي هن منش جنم ۾ ڪرڻ گهرجي، ان کان بيمک يا بيپرواهه رهڻ ۽ جنهن من چوي اُهو ڪرڻ. سک يا مزو جيڪو شراب پيئڻ، جوا ڪرڻ، ماس کائڻ يا اهڙن ٻين ڪرمن مان اچي ٿو، اهو انسان جي ٻڌيءَ تي پردو ٿو وجهي ڇڏي ۽ هو سوڌي رستي کان ٿيڙي ٿي اوجهڙ وڃي ٿو ٿاٻا کائي. اهو سک به سچ پچ انهن وشين جي ڀوڳن ۾ مور ڪين آهي، پر اُن وقت جو ورتي استٿت ٿي ٿئي، ان مان ٿو پرابت ٿئي. اهو تامسي سک سچ پچ نه نه آد ۾ ۽ نه انت ۾ نيڪ آهي، ڇو ته اهو دل، من ۽ آتما تنهي جي شڪتيءَ کي ڪمزور ٿو ڪري. ٻار جڏهن ڪمولر کي لڪڙي ماري ٿو ته ٻار کي ضرور ان مان ڪو سک ٿو اچي، نه ته هو ڇو هن کي ماري؟ شيطان به جو ڪنهن جيو کي لڪڙي چوري ڦاڙي ٿو، سو به پنهنجي سک لاءِ، پر اهو سک تامسي آهي. ستوگڻي ۽ سچو سک آتما ۽ ٻڌيءَ جي مطلب ۽ صفائيءَ مان ملي ٿو. موت ته هرڪ بندي جي سر تي بيٺو آهي، پر انسان اُن کان بيخبر رهي، آلس ۾ پيا ٿا رهون ۽ وقت ڀوڳن ۾ ڀنا حياتي وڃائي ختم ڪريون. جو وقت ڀڳوان جي ڌيان ڀڄن ۾ لڳائڻ کپي، سو مغرورين، ناس ڪيلاڻ، خيال ڪرڻ يا جوا پيارڪيءَ ۾ ٿو گذاري! ڀلا هاڻي مان سچو سک ۽ شانتي ملي ٿو سگهي. اهو سک

ـه هن جو هاڻوڪو سڀاءُ ڪتريءَ جهڙو ٿو ٿئي. اهو ڌرم ۽ سڀاءُ هن شرير لاءِ ٿو رهي. شڙ..
آتمائڻ کان پوءِ ان جو اهو ڪرمن الوسار بدلجي ٿو، پر آتم ڌرم نٿو بدلجي. گيان پاڻي نه ٻه
اهو نٿو گهٽجي يا وڌي. جاليءَ جاليءَ جو پاڻ ۾ مٺل ميلاپ جو سٻنڌ رهي ته اهو انهن
لاءِ ٻه سڪدالي ٿئي ٿو ۽ ملڪ لاءِ ٻه چڱو، جو ته اُن مان نيوبز مهمت وڌي ٿي ۽ هو هڪ ٻئي
۾ سکن دکن ۾ ڀاڱي ڀائي ٿين ٿا. ليڪي ڌرم شاستر ۾ نه انهن ڏنڪاريو آهي ته شاديءَ پنهنجي
جاليءَ اندر ئي ٿيڻ ٺيڪ آهي. ڪنيا جي سنڌرتا جي لحاظ کان ٻه ورن کان ٻاهر شادي ڪرڻ
نه گهرجي. سليوان راجا کتري ٿي ٻه هڪ چمار ڪنيا سان شادي ڪئي، جو نه هوءَ مهاسندر
هئي، نه ان جو اهو نتيجو نڪتو، جو هوءَ مانيلي پتر ٻنهي ورن لي موهت ٿي پيئي ۽ ان جي
ڪجهڙو نه دکدالي نتيجو نڪتو، اهو عالم آشڪار آهي. قدرت مان ٻه ڏسجي ٿو نه گڻ.
جي پيچي جو سڀاءُ ڪتي جي پيچي کان عليحدو ٿئي ٿو. هر ڪنهن ٻڪيءَ يا پسوءَ جو سڀ
جدا جدا آهي نه انسان ۾ ڪئن نه انهن هوندو؟ ڇا هنس ٻيکي ڪڏهن گند کائيندو؟ پر
کانءِ وري ڏسو نه گند کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه پسند ڪين ڪندو. ڏٺو منش لي پنهنجو
ورن يا آشرم ڇڏين ٿا، نه دکه ٻه آهي ٿا پائين. ڀڳوان منشن کان سواءِ ٻين تنهي جوٽين جا
راڻي پرڪرتيءَ جي اَڌين ڪيا آهن ۽ هو ان جي قاعدن کي ڪڏاهچ لتا اورالگهين، پر
منهن کي پرماتما آزادگي نه نرابر ڏني آهي ۽ جو نه عقل ٻه ڏنو اٿس ۽ جو چاهي ٿو نه اهو
عقل منش پنهنجي واداريءَ سکن پرالڻ ۾ ڪم آڻين ۽ نه ورن آشرم کي بگاڙي دکه ڪليش
سهن. وهنواز ۾ ٻه جيڪڏهن ڪنهن سيٺ کي ٻه گماشتا آهن نه جنهن کي لائق ڏسي ٿو،
ان کي اختيار ٿو ڏئي نه پنهنجي عقل الوسار واپار سودا ڪري ۽ پر جنهن کي هو لائق نٿو
ڄاڻي، ان کي الهن ٿو چوي نه سڀ ڪم ڪائنس پڇي ڪري. پر جي لائق گماشتو وڃي سٽا
کٽي ۽ نقصان پهچائي ٿو نه سيٺ ڪيترو نه منس ڪاوڙبو ۽ ڦٽڪار وجهندو؟ هڪ پاندر اڳيان
پاس جو نڪرو اُجالمو نه هو اهو ڪڏاهچ ڪين کائيندو، پر اسين انسان ٿي ٻه مالڪ جي
پوري آکيا جي ورڌ پيا هلون. جيڪو عقل ۽ ٻڌيءَ هوندي ٻه ڌڪيءَ جي ڏلل ڌن کي
خراب طرح ڪم آڻيندو، سو ڪئن نه سزا پائيندو؟ پرڪرتيءَ جي ليمن کان بگڙي رڳو منش
ئي ۽ ٻيءَ ڪنهن ٻه جونيءَ جو پراڻي الهين ڪو ڪري. پرماتما جيڪڏهن سڀني کي هڪ
ورن جو ڪرڻ چاهي ها نه جو اهي چار ورن ۽ چار آشرم ڌار ڌار پيدا ڪري ها ۽ وڏن ۾
ها سِکيا ڏئي ها ۽ جو جيڪر جدا جدا سڀاوَن جا منش پيدا ڪري ها؟ مو سمرتيءَ الوا
ڪ وسعت ۽ ٻين شاسترن ۾ ٻه چٽي ورلن جو بيان آهي.

شلوڪ ۴۲. شم، دم، تپسيا، پوترتا، سهن شيلتا، سڀاءَ جي سوڌائي (ڪپٽ
ان رهت هئڻ)، گيان، وگيان ۽ پرماتما جي هستيءَ ۾ ويساهه، اهي نو گڻ
رهمڻ جا سڀاويڪ (پرڪرتيءَ الوسار) لڇڻ يا فرض آهن.

شمرا مءُ کي دشمن کان وڪڻ. مهه جا معروف نه اڪ ڪد. هلندا ۽ رهن، انهن لي تحفو

ڇڪو نه آهي، اهو پنهنجو آڌار نه ڪري سگهندو. جيئن هڪ شرير جي انگن جا به جدا جدا فرض آهن، تيئن سرشٽيءَ جو ڪم به تڏهن سڌو هلندو، جڏهن هرڪنهن ورڻ جا ماڻهو پنهنجو پنهنجو فرض ادا ڪندا. ديش ديش ۾ جو راجائون يا حاڪم ٿيا آهن يا ٿين ٿا، انهن جو به اهوئي فرض آهي ته جيڪو پنهنجي فرض ڪان ڪري، اُن کي ڏنڊ ڏين، جيتوڻيڪ هاڻوڪا راجائون يا حاڪم اهو پنهنجو ڪرم وساري ويٺا آهن ۽ پنهنجا مطلب پيا سڌ ڪن.

اهوڌيا ۾ راجا رامچندر جي راڄ وقت هڪ برهمڻ جو جوان پٽ سندس جيئري مري ويو ته اچي ڀڳوان رام وٽ فرياد ڪيائين، ته اِن ۾ اوهان جو ڏوهه آهي. ڀڳوان به خيال ڪيو ته چوي ته سچ ٿو، پر منهنجي راڄڌانيءَ ۾ ڪهڙو اهڙو ورڻ آشرم جي خلاف ڪم ٿيو آهي؟ آخر پتو لڌائين ته هڪ شودر تپسيا ڪري رهيو آهي، جنهنجو ڪمس ورڻ انوسار اڌڪار ڪونه آهي. ٻين جي شيوا ڪرڻ ئي هن لاءِ تپسيا آهي. هن برهمڻ جو پٽ انڪري مري ويو هو، جو هن ئي انهيءَ شودر کي تپسيا ڪرڻ جي سکيا ڏني هئي. هاڻي جو ورڻ آشرم سڀ ٽٽي ڀڄي ويا آهن، ته ملڪ ۾ دک ڪليش ۽ وگهڙ به ڪاهي پيا آهن. جيڪڏهن هٿ ڇون ته اسين ڪاڏو وانس کي ڇو ڏيون، پر اسين ٻارڻ ڪالهه مندا سون ته ڪيئن ڪري سگهندا ۽ ڪيئن شرير هلي سگهندو؟ جي هو وانس کي ڪاڏو نه ڏيندا ته ٻارڻ به ڪمزور ٿيندا. جيڪي جانت ٻانت، ورن ۽ آشرم کي ڪيڏي ٿا ڪن، اُهي ڌرم کي بگاڙين ٿا. ڪرم ٿين ٿا هڪڙا ساڌارڻ ۽ ٻيا أساڌارڻ. اساڌارڻ ڪرم هرهڪ جاتيءَ، ورن يا آشرم جا جدا جدا آهن، باقي ساڌارڻ ڪرم، سي سڀني جا ساڳيا ٿين ٿا، جهڙوڪ سچ ڳالهائڻ، ستيه وهنوار ڪرڻ، پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ، نام جپڻ وغيره. مسلمان مسجدن ۾ وڃي ٿا خدا جي بندگي ڪن ۽ هندو مندرن، گردوارن يا ٺڪاڻن ۾، مگر جيڪڏهن ڪو هندو وڃي مسجد ۾ ويندو ته ڪهڙو نه بيڪانو پيو لڳندو؟ سڀڪو پنهنجي ورن ۽ ڌرم ۾ رهڻ سان سهڻو لڳي ٿو.

بيربل کي اڪبر بادشاهه هڪ ڀيرو چيو ته ”بيربل! مونکي ته تو هندو نه ڀانيو. مون ته ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ لوڪن چيو به ته ڪاشيءَ واري عالمن کان ڪر پر ڪيترو به خرچ ٿئي، پر تو نه ڪيو. هاڻي ٻيا لوڪ ڪيئي مسلمان ٿي....“ بيربل چيو ته ”جهندا قبلا! مان اِن ڳالهه تي سوچ ڪندس.“ بيربل پوءِ نديءَ وارو ڏاڙهيو ته جيڪي به ٻڪري آهن، اُهي مسلمان ٿين ٿا واهه، ته ته ڪري ڇڏي وڃن. ٻڪري جي والبڪ جي جانب جا هوا، انهن خيال ڪيو ته اهو ڪٿي قبول ڪيو، سو چيو ته سڀ ٻئي شهر ۾ هليا هلون. سڀ تيار ٿي دهليءَ کي ڇڏڻ لڳا. بادشاهه کي خبر پئي ته هي سڀ ٻڪري هليا ٿا وڃن، سو ڇو؟ بيربل پڇڻ لڳي چيو ته مون هنن ٻنهي ڇڪي مڪم ماڻهن کي گهرايو هو. انهن چيو ته اسين مسلمان ٿيڻ ٿا چاهيون، سو هليا ٿا وڃون. جڏهن گند ولڻ وارا ٻڪري به پنهنجو هندو ڌرم ڇڏي مسلمان ٿيڻ ٿا چاهين، ته مان برهمڻ ڪئين اها ڳالهه قبول ڪندس؟ بادشاهه چپ ٿي ويو. مطلب ته هرڪنهن کي ڪلي ورن ۽ ڌرم موجب رهڻ گهرجي. هر ڪنهن جنم ۾ برهمڻ هو ۽ هاڻي ڪري آهي

مان ئي اسان جي ڪڏهن مڪتي ٿيڻي آهي، نه ٻيءَ طرح. گرواڻيءَ جو اسين پاٺ ڪيون ٿا، پر ان ۾ جا امولڪ سکيا ڀريل آهي، ان تي هلڻ جي ڪا به ڪوشش ورلو ڪو ڪري ٿو. پوءِ ڪهڙو ڦل ملندو سين؟ سکمڻي يا جپ صاحب يا ٻيءَ گرواڻيءَ ۾ جا شڪتي ڀريل آهي، اها فقط طوطي وانگر پاٺ ڪرڻ سان پراپت ڪانه ٿيندي!

هڪ ڏينهن اڪبر بادشاهه ۽ بيربل اچي رهيا هوا ته هڪ برهمڻ دڪان تان پائي پيسو گهري رهيو هو. ڪو سندس اُڌار ڀيو ڪري ته ڪو آدر سان ڪجهه ٻيو ڏئيس. اڪبر بادشاهه مسخري ڪندو هو، سو بيربل کي چيائين ته "هيءَ به تون آهين!" ڇو ته بيربل به برهمڻ هو. بيربل چيو ته "سائين! برابر مان به اهو ئي آهيان." پوءِ جڏهن گهر ويو ته ان برهمڻ کي گهرائي پڇيائين ته "ڇو تون پنين ٿو؟" چيائين ته "ودّيا ڪانه پرائي اٿم ۽ ٻار ٻچا بُک ۾ پيا مرن." بيربل پڇيس ته "روز ڇا ڪمائيندو آهين؟" چيائين ته "اڌ آنا کن، جنهن مان ڪو سکو ڪانه پيٽ گذران ڪندا آهيون." بيربل کيس چيو ته "مان توکي روز روپيو ڏيندس. تون رام نام جو سمرڻ ڪندو ره." هن الٺ ڪرڻ شروع ڪيو ته هن جو من شڌ ٿيندو ويو. بيربل ورتڪ ڏان ڏيڻ جي آڇ ڪيس، پر هن ورتڪ ڪجهه به اصل ڪين قبول ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته "ڏان ٻاهر ڪاڻ به مون سان نه ڪجو. نام برابر ٻيو ڪهڙو ڏان آهي؟" ان طرح هن ١٢ سال نام جپيو ته ايڏي ته شڪتي پراپت ڪيائين، جو ساري دهلي نگريءَ ۾ پرسڌ ٿي ويو، ته هو ڏاڍو شڪتيءَ وارو آهي. اڪبر بادشاهه به اهو ٻڌو ته هڪ برهمڻ بلڪل خدا پرست آهي. بيربل کي چيائين ته "مان به ان جو درشن ڪندس." پوءِ ڏاڍي مان عزت سان پرساد ۽ ڀيٽا وٺي وڃي هن جو درشن ڪيائين. بيربل اُن وقت بادشاهه کي چيو ته "جهندا ڀلا! هيءَ به مان آهيان." اڪبر چيس ته "هيءَ خدا پرست ۽ تون راج ڪاج جي ڌنڌي ۾، سو تون ڪٿان اهو ٿئين؟" بيربل وراڻي ڏني ته "جهان پناهه! هي ساڳيو برهمڻ آهي، جو اڳي اوهان پئسو پئسو پنندو ڏٺو هو. هو پراهمڻپڻي کان ڪريل هو، تڏهن اهو حال ٿيو هوس. ٻال اوستا ۾ ودّيا نه پرايائين ۽ پوءِ به لڪا لڀيا ڪيئي هوائين ۽ نه نام ٿي جپيو هوائين. هاڻي نام جو جاپ ڪيو اٿس ته ڏسو ته ڪيڏيءَ نه پدويءَ تي پهتو آهي، جو ته برهمڻ هئڻ ڪري هن ۾ اهڙا سنسڪار اڳ ئي ڀريل هوا ۽ اها شڪتي لڪل روپ ۾ هئس." مطلب ته هرهڪ ورڻ ۾ جدا جدا نمونن جي شڪتي آهي، جا پرگهٽ تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ورڻ جي ڌرم تي قائم رهيو آهي. اڄ ڪمترا برهمڻ چون ٿا ته "سائين! اسين ٻار ان اڄهن جي پالڻ جي ڪيون يا پرهم جي پوڄا جي؟" پر ڇا سڌامي کي ٻار ٻچا ڪونه هوا؟ برهمڻ جو ڌرم آهي پرهم ونتا ٿيڻ، پوءِ ڀاڳهي ڀڳوان سڌامي وانگر به هيئنڪي سڀڪجهه پهچائيندو. جي ڪو هرروبرو سنساري وهنوار ڪرڻ چاهي ته ڀلي ويدڪ شاستر پڙهي ماڻهن جي دوا درمل ڪري ۽ اُن لاءِ به ڀلي نرواهه گذر ڪرڻ جيترو پئسو وٺي. جيڪو برهمڻ ورواجي گرهستين ڀاڙو ڏئي ٿو ڪوي، اهو سڀڪجهه ڪهڙي نه ڪريل آهي. ان سان ڀلي سندس جاتيءَ جو، پر ساري هندو جاتيءَ جو نقصان آهي.

رکڻ برهمڻ جو نه ڄاڻ، پر سڀني جو فرض آهي.

دم: اندرين جو سنجم ڪري انهن کي قابو رکڻ.

تپسيا: هيءَ ٽن قسمن جي ٿئي ٿي، يعني شرير، واڻيءَ ۽ من جي. هنن جو بيان ١٧ ادياءَ جي ١٤-١٥ ۽ ١٦ شلوڪن ۾ ڪيو ويو آهي.

پوترتا: شرير جي پوترتا اشنان پاڻي ڪرڻ سان ۽ من جي پوترتا شڌ ڀاونائون ڌارڻ ۽ ڪام ڇڏڻ سان رکڻ کپي.

ڪِميا يا سهن شيلتا: ٻين جي ڪيل ورتائيءَ کي معاف ڪرڻ، من ۾ شانتي رکڻ، ڪروڌ ڪڏهن به نه ڪرڻ ۽ نڪي من ۾ ڪليش پيدا ڪرڻ يا ڪلپنائون ڪرڻ.

سڀاءَ جي سوڌائي: اندران ٻاهران هڪ جهڙي ورتي ڌارڻ؛ اندر ۾ ڪپٽ ڪوڙ يا ڪنهن طور نه رکي وهنوار ۾ بلڪل سڌو رهڻ.

گيان: شاسترن جو گيان هئڻ. ودِيا پڙهيل هجي ۽ ٻين کي به پڙهائي، ويدن شاسترن ۾ ٻڌايل ڪرم ڪري ۽ ڪرائي، ويدڪ شاستر جو به علم هجي، جنهن سان ماڻهن پراڻين جو دوا درمل دوارا روڳ دور ڪري سگهي.

وگيان: آتما جو گيان به هئڻ ضروري يا لازمي آهي.

آستڪ ڀاءُ: يعني پرماتما جي هستيءَ ۾ پورن وشواس هجي، اُن ۾ پورو ڀروسو رکندو هجي. جن ۾ مٿيان تو ليڪ پوريءَ طرح آهن، اهڙي سچا برهمڻ يا برهم ودِيا پرش ڪوٺجن ٿا. رشي وشوامتر اهڙو هڪڙو برهم رشي هو. سنڌو برهمڻ بلڪل غريب هوندي به انهن لون ڪن سان پريپور ۽ ڀڳوان جو سچو ڀڳت هو؛ جنهن ڪري دردتا ۾ به هن جو من مرو نه ڊنو. ڀڳوان ڪرشن وقت به پنهنجيءَ استريءَ جي بلڪل گهڻي ستائڻ تي ويو، پر ڏهن به واقت سان ڪجهه به نه گهرائين. اهڙن گڻن ڪري ئي اڳين جڳن ۾ برهمڻن ۾ وڏو تيج هوندو هو ۽ منجهن تپ يا سراپ ڏيڻ جي ڀاري شڪتي هئي، جنهن ڪري وڏا وڏا راجائون مهاراجائون به هنن اڳيان نياز نمرتا سان پيش ايندا هوا. برعڪس راجا جڏهن رشيءَ جي ڳلي ۾ مئل نانگ وڌو ته رشيءَ جي ٧ ورهين جي پٽر راجا کي سراپ ڏنو ته ستين ڏينهن نانگ جي چڪ سان مرندين. اهو ٻالڪ جو سراپ وڏا وڏا رشي مني به دور نه ڪري سگهيا ۽ راجا کي جان ڏيڻي پيئي. مگر شرير جو اُبر انڪ آهي، پر جي اهو هيٺو آهي ته سارو شرير ڪمزور ۽ ڏکي ٿو گذاري. برهمڻ هندو جاتيءَ جو مٿو آهن، سو جي انهن ۾ ڪمزوري آئي ته ساري جاتي ڪمزور ۽ ڏکي رهندي. اڄ ته اهو حال وڃي ٿيو آهي، جو جيڪي شاهوڪار شاهيءَ وارا يا وشتي لوڪ هردوار جهڙي تيرٿ تي وڃن ٿا، تن کي اهي برهمڻ پنهنجي جوالاپور وٺي وڃي ماس مدرا ۽ ونڌاڻو وارا پوڄ پوڳالي مجمالن کي هيمت ڪرائين ٿا. اسان وٽ گيتا جهڙو امولڪ شاستر آهي، جو پرمارٿ ۽ وهنوار ٻنهي لو سڪاري ۽ ان هوندي به اسين ڪريل آهيون، جو نه اسان ۾ پنهنجي شاسترن لاءِ ٻيو ۽ شرڌا ڪالهي، اجائي ٿورا ڀاڳ ڇڏي ڪرڻ ۽ شاسترن جي وچن ۾ پورن وشواس رکي، تن جي عمل ڪرڻ

مهاڀارت ۾ به آيو آهي ته شري ڀڳوان گنڌاريءَ ۽ ڪنتيءَ ٻنهي کي چيو ته جيڪا مرضي سون جا ڪل چاڙهيندي، اُن جو پٽر راڄ ڪندو. گنڌاريءَ وٽ ته مايا هئي ۽ هن سون جا ڪل ٺهرائڻ شروع ڪيا، پر ڪنتي ڪٿان سون آڻي؟ اهو ڏسي ارجن يڪدم پرڀات جي وقت نمر هلائي ڪبير ديوتا جي باغ مان سون جا سٺا سٺا ڪل آڻي شري ممدر ۾ پرسات وسائي ۽ اهي ڪل ڪنتي کڻي ڀڳوان شنڪر جي پوڄا ڪئي ۽ ور پاتو.

شلوڪ ٤٤. کيتي يا زميداري ڪرڻ، گئو پالڻ ۽ وڻج واپار ڪرڻ، اِهي ويشن جا سڀاويڪ ڪرم آهن ۽ سڀني جي شيوا چاڪري ڪرڻ شودرن جو سڀاويڪ فرض آهي.

سڀني کي پنهنجي پنهنجي ورن ۾ رهڻ ۽ اُن جا فرض پالڻ ڪرڻ سان پرم پد حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو ويدن شاسترن ۾ نمر ورلن ڪيل آهي. جيڪو ان نمر کي اُلنگهن ٿو ڪري، اهو دکي ٿئي ٿو. اڄڪلهه ته ورن ڌرم جو خيال ئي ڪونه رهيو آهي، جنهن ڪري ڀيج ناس ٿيو آهي. ورن ڌرم جي مهما تي هڪ سندر مثال شاسترن ۾ آيو آهي:

جاجلي نالي هڪ برهمڻ رشي ٿيو آهي. رشي ٿيڻ کان اول هن پنهنجيءَ استريءَ کي چيو ته اسين برهمڻ ورن جا آهيون، پر مون ۾ تپسيا جو بل ڪونه آهي، جو همت ڪرڻ ضروري آهي، نه ته سکي نه رهنداسين. اُن ڪري تون موڪلي موڪل ڏي ته مان وڃي تپسيا ڪريان. برهمڻيءَ چيو ته پرماتما جي ڀڄن تپسيا ڪرڻ ۾ وگهن وجهڻ پاپ آهي، سو مان اوهان کي خوشيءَ سان موڪل ٿي ڏيان. ڀرتري راجا به ”ويراڳ شتڪ“ ۾ هڪ سورٺو چيو آهي:

ماٽ، تات گرو، ناري، جو وگهي هري ڀڄن ماهن،
تاڪو ڌار اُدار، هري ڀڄ جنم سڦل ڪر.

پرماتما جي ڀڄن ۾ جيڪو وگهن وجهي، اُنهن کان پري ٿي، ڀڳتي ڪرڻ فرض آهي، پوءِ ڀلي هو سڳا ماتا، پتا، گرو يا استري هجن. پرهلاد پنهنجي پتا کان پري ٿيو، ٻلي راجا پنهنجي گروءَ شڪراچاريه جي آگيا نه مڃي، وامن ڀڳوان کي ٣ پير ڀرتري دان ڏني. سو اهو برهمڻ پتنيءَ جي رضامنديءَ سان آجو ٿي وڃي هڪ وڻ هيٺان آسڻ لڳائي، ڀڄن تپسيا ڪرڻ لڳو ۽ اهڙي ته تپسيا ڪيائين، جو سندس وارن ۾ پکين آکيرا ناهيا، پر هن کي پتو به ڪونه پيو. آخر ڪمس ان ڳالهه جو ابمان اچي ٿيو ته مون جهڙي تپسيا ڪو ڪونه ڪندو. اهنڪار ڏن وڌن تپسوين کي به ڪيرائي ٿو ڇڏي. ان وقت آڪاش واڻي ٿي ته ”اي جاجلي! پنهنجي تپسيا کان وڌيڪ هڪ واڻيو ڪاشيءَ ۾ تپسيا ڪري رهيو آهي، جا بلڪل اُتم رجي جي آهي. جاجليءَ کي ويچار آيو ته مان گهر ٻار ڇڏي لڏ ۽ گرميءَ ۾ همت ويٺو تپسيا ڪريان ۽ هوڏانهن هڪ واڻيو ڪٿي، مون کان وڌيڪ تپسيا ڪندو هوندو؟ سو جيڪر وڃي ڏسان. هن جو اهنڪار ٽل ڏيڻ لڳو ۽ سندس مٿي مان پکي به سڀ اُڏامي هليا ويا.

شلوڪ ٤٣. شُوروِيرتا، تيج، ڌيرج، چترائي، يُڌ ۾ پٺ نه ڏيڻ، سخاوت ۽ حاڪمائي حشمت اِهي ڪترين جا سڀاوِڪ لڇڻ ٿين ٿا.

شري ڪرشن پنهنجي ڀڳت ارجن کي ڇئن ورڻن جي ڌرم (فرض) جو وچار ٻڌائي رهيو آهي ته سڀڪو پنهنجي ورڻ ڌرم ۾ لڳو رهي ته ان ۾ ان جو ڪلياڻ آهي. پوئين شلوڪ ۾ برهمڻ جا نَو مکيه لڇڻ ڏيکاريائين. هن شلوڪ ۾ ڪترين جا خاص ست لڇڻ ٿو ورڻن ڪري. اڳي سڀ راجائون ڪتري هوندا هوا، جنهن ڪري ملڪ ۾ امن امان، ڌرم جو راڄ ۽ سک سمپتي هوندا هوا.

راوڻ جهڙي ظالمن کان ڇڏائڻ لاءِ ديوتائن ۾ مشهور وقت پڪاريو. ان پڪار تي آڪاش واڻي ٿي ته دسرٿ راجا جي گهر ۾ ڪوسل راجا جي ڪنيا ڪوشليا جي ڳرڀ مان منهنجو رام اوتار ٿيندو. راوڻ کي اها خبر پيئي ته ڪوسل راجا جي ڪنواري ڪنيا ڪوشليا کي چورائي هڪ پيٽيءَ ۾ بند ڪري، هڪ مهاڇيءَ کي ڏيندي چيو ته هن کي پاڻ وٽ قابو ڪري رکي ڇڏ ۽ موڪلڻ سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه ڏج. برهما جيءَ حالت ڏسي، وچار ڪيو ته رام اوتار ته ضرور ٿيڻو آهي ۽ هيڏانهن راوڻ هيءُ ڪم ڪيو آهي، سو راوڻ جو روپ ڌاري، ان مهاڇيءَ کان اها پيٽي وڃي ورتائين ۽ هڪ رستي تي، جتان راجا دسرٿ جو وزير سمنت اچي رهيو هو، اتي رکيائين. ان وزير اها پيٽي کولي ڏٺي ته ان ۾ هڪ مهاسندر ڪنيا هئي، جنهن پڇڻ تي ٻڌايس ته مان ڪوسل راجا جي ڪنيا آهيان، پر خبر نه اٿم ته هتي ڪيئن آئي آهيان. سمنت وڃي ڪنيا کي پتا جي گهر پهچايو ۽ پڇڻ تي ٻڌايائين ته مان راجا دسرٿ جو وزير آهيان. ڪوسل راجا يڪدم وچن ڪڍيو ته مان هن ڪنيا جي شادي پنهنجي راجا سان ڪرڻ چاهيان. آخر ائين واقعو ٿيو ۽ جا هوڻ هاري ٿيڻي هئي اها ٿي ۽ مهاراج رامچندر جو اوتار ٿيو. ارجن ۽ ڪرشن ۾ به اهي ست ئي لڇڻ پورا پورا هوا. ڀيشم پتامه ۾ به انهن ڪلن ڪري ڪيڏي نه شڪتي هئي! هن ۾ نه فقط ڪتري بل هو، پر ڀڳوان لاءِ اتم ڀڳتي به هئي. ارجن جي شري ڪرشن لاءِ سکا ڀاءُ واري ڀڳتي هئي، پر ڀيشم پتامه ۾ ڀڳتيءَ جي ڀاءُ واري هئي، ايتري قدر جو ڀڳوان ڪرشن کي ڀيشم پتامه جي پرڻ پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجو پرڻ به ٽوڙي، مهاڀارت جي يُڌ ۾ هٿيار کڻڻا پيا. هن جي ڌِيرتا (ڌيرج) به اٿاهه هئي ته ته ڪئن هوند ٻاڻن جي سيجا تي ڪيترا ڏينهن سمهي ها؟ سدرس گردن هيٺ لٽڪي رهي هئي ته دريوڌن خيال ڪيو ته هڪ وڏو وهاڻو سدرس مٿي هيٺان رکان، پر ڀيشم پتامه اهو پسند ڪين ڪيو ته چيائين ته ”ارجن کي چئو ته وهاڻو رکي.“ ارجن سمجهي ويو ۽ ٻه ٻاڻ اهڙي طرح ڇوڙيائين، جو هن جو سر مٿي ٿي انهن تي ٽڪي رهيو. اڄ ڪترين مان اها وديا ۽ اهو بل اهو ڌيرج گم ٿي ويا آهن. گرو گوبند سنگهه وٽ به اها ڪتري وديا جاڳي هئي. دسم گرنٿ ۾ شستر مالها ۾ سڀني شسترن جا نالا ڏنل آهن. رامائڻ ۾ پڻ آيو آهي ته شري رامچندر هڪ ٻاڻ هلايو، جو ڏور ٽڪريءَ تي وڃي راوڻ جا مڪٽ ڪيرائي، مندودري جي ڪنن مان ڪنڊلا ڪڍي ۽ پيو ڪيترو ڪم ڪري وري ڀڳوان وٽ واپس آيو!

هن چيو ته ”مان ٿالڪ ڏيڻ جو سڪ آهيان، سو مان سودو ان کان وٺندس، جيو ڌرم جو سودو ڏئي. ٻيو جو ڏور ٿيو پوءِ ٿي وڌو، ان مان سمجهان ٿو ته ٿوڻ ڌرم جي مورتي ٿورا ٿورين.“ مطلب ته وٽس لاءِ ڌرم جو واپار ئي ڀڳتي آهي. مهاڀارت ۾ هڪ ڪاسائيءَ جو اتهاس اچي ٿو، جو ماتا پتا جو ڀڳت هو. مرڻ کان پوءِ ٻه ڪي پورن ڌرماتما جو درجو حاصل ٿيو ۽ جيڪي به ڏلڻ ڏي ۾ پاپ ڪيا هوائين، اهي سڀ ان ماتا پتا جي شيوا ڪري معاف ٿي ويس. جيڪي واپار ۾ لڳي، ڏولاب، ملاوٽ، گهٽ وڌ ڏيڻ جو ويوهار ڪن ٿا، اهي اڌرم ۾ آهن ۽ آخر پنهنجو پرلوڪ بگاڙين ٿا.

هڪ مهارشي ايشور جو پيارو ڀڳت ٿيو آهي، جو برهمڻ کي اهوئي اپديش ڏيندو هو ته سچ جو ويوهار ڪريو. برهمڻ ته سچ وچن چوڻ جي ڪوشش ڪندا هوا. هڪ دلال ڪپڙي جي دلالي ڪندو هو. هن به ان وچن تي هلڻ جو انجام ڪيو. هن وقت هڪ ڪوري ڪپڙو وڪڻڻ لاءِ کڻي آيو. دلالي وٺڻ واري واپاريءَ کي آکيو ۽ هر ١٤ هٿ ڏيڻ جا گهرڻ لڳو، پر ڪوريءَ چيو ته مان ١٢ هٿ ڏيندس. دلال ڪاڻ ڀڳتي ته پيو هلائي ۽ ان ڳالهه ۾ ٿي ڏينهن گذري ويا. سودو ٿي نه ٿئي. دلال سوچيو ته ٽن ڏينهن ۾ هڪ سودو به نه ٿيو، سو ڇا ڪريان؟ ڪالمڊاسين کان؟ ويو ان مهاتما وٽ. هن چيس ته ”پٽ! اهين نه ٿي سگهي ته پيو ڏجو ته ڌرم جو آهي، ته ٿوڻ پاڻ انصاف ڪر، ته ڪيترو اگهه لهي. پوءِ وٺڻ واري کي هڪ وال گهٽ ٻڌاءِ ۽ وڪڻڻ واري کي هڪ وال وڌيڪ، پر جڏهن ٽاڙي هٿين ته اوٿون والن جي هڻ، جيترا ٿوڻ انصاف روءِ ٺيڪ سمجهين. واپار ۾ اهين ڪرڻ پاپ نه آهي ۽ اهو به ڌرم آهي. سوڌي وقت به ڏٺو سير هجي ته جي گراهڪ رڙهه پيڙهه وارو هجي ته اول پاڻي ١٥ ڇٽاڪ ڇڄين نه اڪلو سير گهرندو، پوءِ ڏجي سير. ان ۾ ڪو ڏوکو نه آهي، پر جيڪو گراهڪ اگهه نه ٻولائي يا ٺڪائي نه ڪري، ان کي پورو سير اڪدم ڏجي. مطلب ته اندر ۾ سچ ڌرم پالڻ ڪرڻ گهرجي، پوءِ سوڌي لاهڻ لاءِ پيو ڏجو وٺي سگهجي ٿو.“ شودرن جو فرض آهي مٿين ٽن ورڻن برهمڻ، کترين ۽ ويشن جي شيوا چاڪري ڪرڻ. ان ۾ هنن جو ڪلياڻ آهي.

ڀڳوان جي اپديش مان اهوئي سڌ ٿيو ته شاستر وهت ڌرم لئي هرهڪ پرش واسطي موڪش جو ساڌن آهي ۽ سرشٽي آدي سک به ڏئي ٿو. ڀڳوان ان طرح چئن ئي ورڻن جي وشيش روپ ڌرمن جو اپديش ڪيو آهي. تنهن کان سواءِ سمان روپ ڌرم به آهن، جيڪي سڀني ورڻن لاءِ ساڳيا ۽ ضروري آهن: ڪلورتا کان دور رهڻ، اهنسا، فرض ادائيءَ کان نه ڪسڻ، سڀني پراڻين تي اُن وغيره ٻڌارمت ڏيڻ، اٿتيءَ ستڪار ڪرڻ، سچ ڳالهائڻ، ڪروڌ نه ڪرڻ، پرسن چت رهڻ، گهر ۾ استرين جو ميل ملاپ، پورڻا، ڪنهن جي به ڳڻن ۾ دوش درشٽي نه رکڻ، آتما جو گيان پرائڻ ۽ سهن شيلتا ڌارڻ وغيره.

شلوڪ ٤٥. پنهنجي پنهنجي فرضن تي پوري رهڻ سان منش سڌي (موڪش) پائي ٿو. ڪئن ٿو منش فرضن ڪندي پورنتا حاصل ڪري، اهو هاڻي ٻڌ.

من جي ورلي ۽ ڇه ٻهڻي لڳس. آخر اچي ان واڻيءَ کي ٻولي ڏنائين ۽ سندس دڪان اڳيان
ويهي رهيو. ڏٺائين ته صبح کان رات پورا ٿيائين ته هن ٻئي سودو ڏنو ۽ ورتو. رات ٿي
ته دڪان بند ڪري گهر ڏانهن هلڻ لڳو. ڄاڄليءَ سوچيو ته هي ته ساري ڏينهن ڏي وڻج ۾
لڳو پيو هو، نه ڪا مالها ڦيرائين ۽ نڪي ئي ڪا ڀڳتي ڪيائين، سو وڏو ڀيري ڪٿي
ٿيو؟ هن کان پڇيائين ته ”هيءَ آڪاس واڻي ٿي هئي، سو توهان ٻاڌ ٻڌاءِ ته توهان ڪهڙي
تپسيا ڪندو آهين؟“ هن چيو ته ”پيارا! مون ۾ ته ڪا به تپسيا ڪا نه آهي. مان ته ٻين ڏي
واپار ڪري، چار پئسا پيو ڪمايان.“ تڏهن ڄاڄليءَ چيس ته ”تو ۾ ڪجهه ته ضرور هوندو.
سو ٻڌاءِ.“ هو واڻيو ڏيکاريندو هو ۽ هن کي ٻڌايائين ته ”ڀائو! منهنجو ڌرم هن تارازيءَ ۾
آهي. ڪنهن کي به گهٽ وڌ تور ڏيان، نه هن جي پاسي ٻڌو. جيڪڏهن سچ پڇ ته منهنجي
تارازيءَ ۾ اهو اثر هجي ته ڪنهن جي مٿي مان اڏامي ويل پکي وري اچن.“ هن ڏٺو ته اهي
يڪدم اچڻ لڳا. واڻئي هن کان پڇيو ته ”توهان هن جي مٿي ۾ رهڻ هوا، پوءِ ڪيئن
ڇڏي ويا؟“ هن چيو ته ”اسان جي جهڙن وڻ ۾ باهه لڳندي آهي، اتان اُڏي ويندا
آهيون. اسان هن جي سر کي وڻ سمجهي رهيا هئاسين، پر جڏهن هن کي آگ اچي لڳي
ته ڇڏي وياسين.“ ڄاڄليءَ عجب ۾ پئجي پڇيو ته ”مون کي ڪهڙي آگ لڳي هئي؟“
چيائون ته ”اهنڪار روپي آگ توکي اچي لڳي هئي.“ مطلب ته هڪ روحاني ولش
پنهنجو ورن ڌرم رکي اهنڪار رهت سچ جو واپار ڪيو ته هو پرماتما جو وڏو ڀڳت ليکيو
ٿي ويو ۽ انت ۾ پرم پد کي پراپت ٿيو. راوڻ ڪيڏو نه شڪتي شالي هو، پر اهنڪار
ڪيرائي ناس ڪري وڌس. اهنڪاري ماڻهوءَ سان مترتا رکڻ ته ڏکڻي آهي پر هن جي
پرسان رهڻ به خطرناڪ آهي. هڪ ڪويءَ چيو آهي ته اهنڪاري راوڻ جهڙي راجڌانيءَ
لنڪا جي چوطرف رهندڙ سمنڊ جي به مهما گهٽ ٿي وئي، جو مٿس بانڊرن پل ٻڌي، ته
ته سمنڊ تي پل ٻڌڻ ناممڪن جهڙي وئي آهي. ڪوڙ ڪندڙ واپاري ڪلي لکائيتي به ٿي
پون، پر آخر ڏک ڀوڳين ٿا ۽ پنهنجو پرلوڪ به بگاڙين ٿا. جيڪڏهن ڏنڊي ۾ ڌرم اڌرم جو
ويچار نه رکيو، ته اُهين ۾ نه من ڪين لڳندو؛ سچائيءَ ۾ اول ڪجهه ڏک محسوس ضرور
ٿئي ٿو، پر آخر آنند ۽ سمجهي پراپت ٿين ٿا.

گرو نانڪ صاحب جو ڀڳتن سک ڀالي مسڪ ٿيو هو. هو وڏو واپاري هو. جڏهن گروءَ جي
وڃي ڏنڊيءَ مان ٻاهر نڪتا ته اول اول هن اهڙيءَ وڙتو هيو. وڏا وڏا جهاز پرائي هو ٻاهر
وٺي ويندو هو. هڪ ڏينهن هو ڪنڌ ورائي ويو، جي ڀالي لهڻو ڏي ڪاواري ڪندو هو. مسڪ
هن کان وڃي ڪجهه پئسن جي ڪند ورلي، هن لووي ڦڙي ٻڌڻ کان اول ان ۾ ئي ڏري ته
وجهڻ لڳو. مسڪ چيو ته ”هڪ ڏنع تووي، ووي جو تو وجهين؟“ هن جواب ڏنو ته
”متان ڪجهه گهٽ توريو هجي.“ مسڪ چيس ته ”مان توکان سودو نه وٺندس. توکي اڃا
ٿي ئي وسواس نه آهي، سو توکان ضرور توريو گهٽ نه ٻڌو هوندين.“ ڀالي لهڻو ۽ ڪڪي
وارو هو، سو ٻهڪندو هن کي چيائين ته ”پيارا! اهڙي گالهه توکي ڪٿان ملي آهي؟“

"ان حالت ۾ مسلمانن جو ضرور ڪاڏو هوندو، ۽ ڪنهن مسلمان زال جو سنگ ته ڪونه ڪيو هوندو؟ جي ڪيو هوندو ته هندو ڌرم کان ڀرشٽ ٿين." هن چيو ته "اهڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي." ته هن گروجن هن کي شڌ ڪيو. ڪبير صاحب، جو ذات جو ڪوري هو، تنهن به پنهنجي ورن جو ڌنڌو ڪري موڪش پراپت ڪيو. نامديو پنهنجي ورن ڌرم ۾ رهي موڪش پاتو. هر ڪنهن مذهب يا ڌرم ۾ ورن آهن ۽ انهن جو اُپديش آهي ته سماج جنهن شاسن ٺيڪ هلي. ڀارت ورش ۾ ورن ڌرم جو خاص اُپديش آهي، تنهن ڪري هن ديس جي مهما به اپار آهي. اٿيئي سڀ اوتار، وڏا وڏا رشي مني، ڀڳت ۽ ڀڳتياڻيون، سنت مهاتما پيدا ٿيا آهن. هن ئي ديس ۾ اعليٰ درجي جون پت ورتا استريون ٿيون آهن، جن ڌرم تان جانيون به قربان ڪيون آهن. ڀورن ڀڳت جي ماٺيلي ماءُ ذات جي چمار هئي ۽ جڏهن ڀورن ڏٺو ته هن جو من بگڙيل ويو آهي ته يڪدم پنهنجو ڪٽري ڌرم سنڀالي ڌرم تي قائم رهيو. ڌروءَ جهڙو بالڪ به ٻئي ڪنهن ڌرم ۾ ڪونه ٿيو آهي. پوءِ به چوڻ ته ورن اجايا آهن ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ٿا وجهن، سا ڪهڙي نه غلطي چئبي!

شلوڪ ۴۶. جنهن پرماتما مان هيءَ ساري پرورتي ۽ پراڻي پيدا ٿيا آهن ۽ جو سڀني ۾ وياپي رهيو آهي، اُن پرماتما کي پنهنجي ورن ۽ آشرم سنبنڌي ڪرمن ڪرڻ سان جيڪو راضي ٿو ڪري، اُهو پرم سڌيءَ کي پراپت ٿو ڪري.

منش لاءِ پنهنجي ورن ۽ آشرم انوسار ڪرم ڪرڻ پرماتما جي حڪم جي پيروي ڪرڻي آهي ۽ جڏهن هو پنهنجي فرض روپي گلن سان ايشور جي پوڄا ڪري ٿو ته پرماتما بلڪل پرسن ٿو ٿئي ۽ اهڙو منش انتهڪرڻ جي شڌي حاصل ڪري آتم گيان جو اڌڪاري ٿئي ٿو. شري ڪرشن هتي آڌياءِ ۾ به ٻڌائي آيو آهي ته ايشور جي اُپاسنا سان سرو دکن جو ناس ٿئي ٿو.

شلوڪ ۴۷. پنهنجو ڌرم يا فرض پوءِ ڪٿي اهو گڻ رهت هجي ته به پرائي ڌرم يا فرض کان بهتر آهي، ڪٿي اهو پرائو ڌرم يا فرض، ڪهڙو به چڱيءَ طرح ڪجي يا چڱو هجي. جيڪو پنهنجو سڀاويڪ ڌرم يا فرض پالڻ ڪري ٿو، ان کي ڪو پاپ ڪڏاهين ڪونه لڳي.

دنيا ۾ سڀڪو راڄ جي بل سان پنهنجو ڌرم يا مذهب ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ڪيترا لالچ وس ٿي يا گمراهيءَ وچان اهو ٻيون ڌرم يا مذهب اختيار ڪن ٿا، پر اها انهن جي ڪمزوري آهي ۽ ان مان ظاهر آهي ته هنن کي پنهنجي ڌرم يا مذهب ۾ پورو وشواس ڪونه آهي. عيسائي مذهب اڳي ڏاڍو زور هو ۽ هن ملڪ ۾ هندو ڌرم تي وڏو حملو ان مذهب جي پرچارڪن ڪيو. ماڻهن سمجهيو ته ان مذهب قبول ڪرڻ سان وڏيون نوڪريون ملنديون يا ٻيا سوارٿ سڌ ٿيندا. مسلمانن جي راڄ وقت لکين ڪروڙين هندن کي

سنسار ۾ ورڻ ڌرم پالڻ کان سواءِ ڪوبه ڪارج پوريءَ طرح سڌ نه ٿو ٿئي. نه رڳو هندو ڌرم ۾ پر هر ڪنهن ڌرم مذهب ۾ اهي آهي. مسلمانن ۾ به ڏسبو ته جيتوڻيڪ زبان سان هر ڪو چون ٿا ته انسان ۾ ورڻ وغيره ڪونه آهن، پر سچ پچ ته انهن ۾ به سيد، پير، قريشي، قاضي، مولوي وغيره آهن. ڪي پنج ماڻهو گڏجي ڪم ڪن ٿا ته به هرڪو پنهنجو ڪم وراهي ٿو ڪڍي، نه ته ڪم ٺيڪ نه هلندو. پرماتما جو هيڏي سرشٽي پيدا ڪئي، نه اها ڪئن نيمن پالڻ ۽ هرهڪ ورڻ جي فرض پالڻ کان سواءِ هلي سگهندي؟ رشين منين، ويدن شاسترن سڀني ورڻن جو بيان ڪيو آهي. جڏهن جڏهن ورڻ ڌرم ناس ٿيو آهي، تڏهن تڏهن ڀڳوان اوتار وٺي اچي اهو وري قائم ڪيو آهي. گرو نانڪ به ٻاڻي فرمايو آهي ته جڏهن سڀئي ورڻ هڪ ٿي ويا ۽ دنيا ۾ اولده الدوڪار ٿي ويو، تڏهن ان وقت سندس اوتار ٿيو. ويدن جو به واڪ آهي ته گيان بنا موڪش نٿو حاصل ٿئي. ان جو مطلب آهي ته ورڻ انوسار ڪرمن ڪرڻ سان انتهڪرڻ شُڌ ٿئي ٿو، ويراڳ اچي ٿو، سادن ڪجن ٿا، گروءَ جو اپديش اندر ۾ لڳي ٿو ۽ ان تي مَنن ۽ ندڌياسن ڪرڻ سان آخر گيان ٿو اُڀري ٿئي، جنهن مان مڪتي حاصل ٿي ٿئي. پنهنجي ورڻ ڌرم تي پورو رهڻ اُن رستي جو پهريون ڏاڪو آهي. جيستائين اهو قدم نه کڻبو، تيستائين اڳتي ڪئن وڌي سگهبو؟ هرڪنهن جو پنهنجو ڌرم ڌرن ان لاءِ سکدائي آهي ۽ ڪيس پار ڪندو. پر ڌرم ۽ ورڻ ڪڍي ڪجهه به وڌو ۽ شروعتي هجي، پر اهو پار مور ڪين پهچائيندس. هندو ڌرم جي سرشٽتا آهيڪي ورڻ ڌرم ۾. هندو ڌرم جي اسٽرين جولي وچار ڪري ڏسون ته ڪنهن به ٻئي ڌرم يا مذهب ۾ انڌو ڌرم جو ڀاءُ نه آهي، پر انسان جي اسٽرين ۾ اهو بلڪل اوچ درجي جو آهي.. راوڻ جڏهن ڪنڀڪرڻ کي ننڊ مان جاڳايو ۽ حال ڪيو ته رام ۽ لڇمڻ سان يڌ ۾ منهنجي هار ٿيڻي ٿئي ته ڪنڀڪرڻ هن پڇيس ته "پارسه ورش جي استري نه نه ڪڍي آيو آهين؟" هن جڏهن چيس ته "ادا! ڪيو نه اهولي ڪم الر." تڏهن ڪنڀڪرڻ جواب ڏنس ته "پوءِ پنهنجي دال نه ڳرندي، جو نه هندو ڌرم جي اسٽرين ۾ ڌرم جو پل اٿاهه آهي." جڏهن اهو ٻڌي راوڻ حيران ۽ پريشان ٿي ويو، تڏهن ڪنڀڪرڻ چيس ته "چڱو ڀلا هڪ اپاءُ ڏسيانءِ ٿو، اهو ڪر. مايا سان رامچندر جو سروپ ٺهي سيتا وٽ وڃ، نه متان هوءِ ڀلجي توسان ٺهي وڃي." راوڻ چيو ته "اهڙا اپاءَ مون گهڻا ڪيا آهن." ڪنڀڪرڻ پڇيس ته "پوءِ ڇا سيتا سمجهي ورتو؟" راوڻ چيو ته "نه، پر جڏهن مون رام جو روپ ڌارڻ ڪيو ته مون ۾ سچو ڌرم اچي ويو ۽ ڪام جو خيال ئي هٽي ويو. مون کي سيتي سيتا وٽ وڃڻ جو خيال ئي نه پيو ٿئي." ڪنڀڪرڻ چيس ته "ادا! پوءِ لعنت الهي جو اڃا نٿو سمجهين. جنهن رام جي سروپ ڌارڻ سان ڌرم اچي ٿو اندر ۾ واسو ڪري ته ان رام ۾ ڪيڏي نه شڪتي هوندي؟ ڇا هو معش هوندو؟ ٻاپ به ڪڏهن ڌرم سان مقابلو ڪري سگهندو؟"

گرو گوبند سنگهه جڏهن اورنگزيب سان يڌ ڪري رهيو هو ته هڪ هندو، جو پڻ مهما مسلمانن وٽ نوڪر رهيو هو، اهو جڏهن پوءِ گرجي جي دربار ۾ آيو ته مهراج چيس ته

ستوش رکو.“ تنهن مان ڄاڻبو ته ان فقير جي صلاح ٻڌڻ کانپوءِ، ٻنهي وزير تنهن وقت برهمڻ کي چيائون ته ”مولکي صبر ۽ سنتوش جو ارٿ ٻڌاءِ.“ ان وزير چيس ته ”جيستائين ان ارٿ سمجهڻ لاءِ ته ڀارت ورش ۾ وڃڻو پوندو. هت ته ڪو اهڙو فقير يا ودوان ڪونه سمجهي جو اهو ارٿ سمجهائي.“ ڀارت ڀومي وڏي ڀاڳ واري آهي، جنهن ۾ ته رکيو ڌن ڀنڊار جي شڪتي آهي، ۽ الوڪڪ غيبي خزانا، پورڻ شڪتي، گيان وغيره به آهن. وڏا وڏا رشي مني ته ٺهيو، پر ڀاري شوروير به هن ملڪ ۾ ٿي ليا آهن. تنهن وقت به چيو ته ”اهڙي معاملا لاءِ سنڌو ندي پار ڪري وڃڻو پوندو.“ بادشاهه جو حڪم پاليندي هو ان کيو ۽ ڏولاشاهه فقير کي پنجاب جي گجرات شهر مان وٺي ويا، جنهن وچ بادشاهه کي اُپديش ڪيو. ڏولاشاهه وڏي شڪتيءَ وارو فقير ٿيو آهي ۽ سندس پوئلڳ مسلمانن ۾ اڄا تائين اهو رواج آهي ته جنهن به مسلمان کي ٻچون ٿيڻ جي ته اُن کي ڏولاشاهه فقير جو چوهو (ڪوئو) يعني چيلو بڻائيندا آهن. ان ٻالڪ جو منهن به سڄو ٻڌي ڪوئلي جهڙو ٿيندو آهي ۽ اهڙن ٻالڪن کي ڪوٺيندا ٿي ”ڏولاشاهه جا چوها“ آهن. هڪ دفعي گرو ارجن ديو ان گجرات شهر ۾ ويو. ڪتب ۾ ساڻ هوس. گجرات جا مسلمان مفت مسخري ڪرڻ لڳا ته فقيريءَ ۾ وري گرهست جا جو؟ گروجن هن جي اها سمجهه ڏسي گهوڙي جي واڳ ورائي موٽڻ لڳا ته گجرات جو شهر اُڪرجڻ لڳو. ڏولاشاهه کي پتو پيو ۽ ڏسي ته شهر پيو اُٿلو ٿي. يڪدم ڊوڙي اچي صاحبن جي چرنن ٿي ڪريو ۽ چيائين ته ”اسان جي ماڻهن جو گناهه بخشيو.“ مهاراج جن هن جو نماڻو عرض ٻڌي گهوڙي جي واڳ ڇڏي. اُن شهر جو ڪجهه حصو اڄا به مٽي هيٺ آهي.

هي ڌرم يا ورن جي فرض يا ڪرمن ڪرڻ ۾ ڀڳوان چوي ٿو ته دمب ۽ خرچ به لڳو رهي، ان ڪري ٻنهي ڌرم يا ورن جا فرض ڪهڙا به گهٽ يا ڏکيا هجن، پر اُهي ضرور ڪرڻ جڳائين. ٻنهي ورن ڌرم ۾ اسعت رهڻ سان برهم شڪتي پراپت ٿي سگهي ٿي، جا لواڪار ڀڳوان کي ساڪار روپ ۾ آڻي ٿي سگهي. سنڌامو ڪهڙو به ڪنگال ۽ دردري هو ته ٻنهي ورن ڌرم ته ڇڏيائين ۽ برهمڻ جا جڪي ڪڻ لڳڻ ٺهرجن، انهن ٿي ٻرو قائم رهيو. ولٽا ۾ به اهي ته ڇڏيائين ته لل به اهو ملبس. جو ڀڳوان ڪرشن ڪمس سون جا ڪلش ۽ محل ڏنا. ڌرم ۾ ٽلاڻ سان پراپت ڪعلاچت لعي سڌري سگهي. پراپت الوسار ٿي شرلسر ملي ٿو.

شلوڪ ۴۸. هي ڪنتي پٽر! جنم جي ڌرم ۽ ورن انوسار جيڪي فرض ۽ ڪرم ڪرڻا آهن، اُهي نه تياڳڻ گهرجن، ڪٿي اُهي دوش وارا هجن. ڇو ته سڀ ڪرم ڪنهن نه ڪنهن دوش سان لپٽيل ٿين ٿا، جئن اگني دونهي سان.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان بلڪل صاف ٿو چوي ته ٻنهي ڌرم ۽ ورن جا ڪرم ڪهڙا به ڪٿي ليڪ هجن ته به اُهي ڪرڻ گهرجن ۽ انهن کي ڪعلاچت تياڳڻ نه گهرجي؛ جو ته سڀني ڌرمن

زوريءَ يا لالچن وسيلي اسلام ۾ آندو ويو، ۽ پڳوان هتي صاف ٿو ٻڌائي ته اهو غلط آهي. پنهنجو ڌرم ڪهڙي ڪم کان رهت هجي ته به ان کي ڇڏي ٻيو ڪم وارو يا آسان ڌرم جنهن جي سڪڪار نه ڪرڻ گهرجي. جن ڪمن زهريلي پيداوار ۾ پيدا ٿيل جيوڙي کي اهو زهر نقصان ڪندڙ ڪونه ٿو ڪري، ان طرح جيڪو جنهن ڌرم يا ورن ۾ جنم وٺي ٿو، ان ڌرم يا ورن جي فرضن پالن ڪرڻ ۾ هنڪي ڪوبه پاپ ڪونه لڳي. جيڪو ساري جهان کي زهر ٿي ٿو لڳي، اُن زهر ۾ پيدا ٿيل جيوڙي کي اهو مٺو ٿو لڳي ۽ مٺي ڪمند جي رس ان لاءِ موت جو ڪارڻ ٿي پوي. هندو ڌرم جي ڪهڙي به ورن واري شودر لاءِ به اهو ٺيڪ نه آهي ته هو پنهنجو هندو ڌرم ڇڏي ٻيو مذهب اختيار ڪري، ڀلي چاهي ان ۾ هن کي وڏو درجو يا پيداوار ملي. هندو ڌرم ۾ گرو تيغ بهادر جان ڏني، اورنگزيب جي ڏڪن کان ڪمن ڏنو ۽ نه لالچن ۾ هرڪيو ۽ نڪي پنهنجي شڪتيءَ سان ٻار ٻچا گهايا. هندو ڌرم نه آدي ڌرم آهي ۽ اُن جهڙو امر ۽ شڪتيءَ وارو ڌرم ٻيو ڪو ڪونه آهي ۽ نه ٿي سگهندو. هندو ڌرم ۾ اهڙا شڪتيشالي راجائون ٿيا آهن، جنهن جي راڄن جي ڪمن سان سمنڊ ٿيا ۽ جن پنهنجن ٿيرن جي لوڪن سان پهاڙن کي ڪٽي هڪ طرف رکيو ۽ زمين تي آباديءَ لاءِ سولائي ٿي. ڀاڳيرٿ راجا تپسيا ڪري هن ڌرتيءَ تي گنگا ديوي آندي. پڳوان رامچندر جو سيتا جي ستيتا ۾ شڪ جو ذرو شڪ نه هو، سو نه شرير جي ٻل سان ٻر الڊولي شڪتيءَ ۽ علم سان. اهو علم ان وقت ڪنهن کي ڪنهن ڪونه هيو. اڄ جو دنيا ۾ پنهنجي لوڪ وڏا وڏا سائنس جا ڪم ڪري ڏيکاريا، اهي سڀ اسان جي ويدن شاسترن جي ودياجي آڌار تي. انهن پنهنجو حوالو ساري وديا آهيون، پر پيا ان جو فائدو وٺي رهيا آهن. هندو جاتيءَ ۾ ٻيا آهن، پر ڌرم سڀني جو هڪ آهي. مسلمانن ۾ هڪ شاستر قرآن آهي، عيسائين ۾ هڪ پستڪ انجيل آهي، پر هندن ۾ ڇهه شاستر، ١٨ پراڻ ۽ ٤ ويد وغيره آهن. اها اسان جي ڌرم جي وڏائي آهي. اسان جي ڌرم ۾ ايڏا ۽ ايترا رشي مني ٿيا، جو اهي شاستر پراڻ لکيائون. سڀني ۾ سکيا نه ويدن الوسار آهي، پر جدا جدا درجي، سياءِ، اوسطا ۽ ٻڌيءَ وارن لاءِ جدا جدا شاستر ۽ پراڻ آهن، ته هرڪو پنهنجي ٻڌيءَ ۽ ضرورت الوسار اهي پڙهي مقصد سمجهي سگهي ۽ انهن جي سکيائن تي هلي، انهن کي راضي ڪري جنم سڦلو ڪري. جيڪو اهو سنڌو رستو ڇڏي اوجهڙ وٺندو، اهو ضرور دکي ٿيندو. جيڪو ورن ڌرم ۾ ٿي ذاتڪ کي قتل ڪري، ڪڏهن ڪوٺي تي پهچڻ چاهيندو، اهو ڪيئن پهچي سگهندو؟ هر هڪ انسان جو جنم جو خاص ڌرم، مذهب ۽ ورن ۾ ٿئي ٿو، اهو سنڌس انهن ڪرمن جي پرارٻڌ الوسار آهي. اُن کي بدلائڻ پرماتما جي مرضيءَ کي آڏو اچڻ آهي، جنهن مان دکن ۽ ڪليشن کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين حاصل ٿيندو. هندو ڌرم جهڙو وشال ڌرم دنيا ۾ ٻيو ڪونه آهي ۽ نڪي ايترا امر ۽ اعليٰ گرنٿ ٻين ڪنهن ڌرم يا مذهب ۾ آهن يا ٿي سگهن ٿا.

ڪابل جي هڪ بادشاهه کي هڪ رات سپني ۾ هڪ فقير مليو جنهن کيس ٻڌايو ۽

ڪيائين ته رڳو زال جي لڪ ۾ لت آهي، اها وڪڻي ڪر ڪجهه. سندس زال ته هڪدم خوشيءَ سان اها ڳالهه مڃي. لت ڪڍي وڃي وڪڻي ۽ سيڌو وغيره وٺي سنتن جي رسوئي ڪيائين ۽ خوب ڀڄن ڀاءُ ڪري هنن جي سيوا ڪيائين. سنتن جي سنگ ۾ ڀڳوان جا گڻ ٿي ڳالهيا آهن. همت داس وٽان جڏهن سنت پٺي ڏينهن هليا ويا، تڏهن ڀڳوان سوچيو ته هن وقت ته هاڻي ڪجهه به ڪين بچيو آهي ۽ واڻيو به اڳتي اوڌر ڪانه ڏيندس، سو همت داس جو روپ ڌاري وڃي اُن واڻئي وٽ ته حساب چڪاءِ. ڪنهن پرهيءَ پئسا ڏنا آهن. هن ٢٧٥ روپيه گهريا، جي ڀڳوان ڏنا ۽ پوئين ورلل سيڌي جا به روپيه ڏيئي لت به ڇڏايائين. واڻئي چيس ته "سائين! اڳتي وري ڀلي سيڌو اوڌر ۾ ليجا وڃجو." همت داس وڃي ٻاهر درياهه تي اشنان ڪرڻ ته ڀڳوان سندس گهر وڃي سندس زال کي چيو ته مان پئسا ڏيئي آيو آهيان. پنهنجي هيءَ لت وٺ. ڪجهه وقت کان پوءِ همت داس سنان ڪري موٽيو ته زال کي لت پيل ڏٺائين. هڪدم پڇيائين ته لت ڪٿان آئي؟ زال چيس ته "سوامي! اوهان ته اڳيئي پنهنجي هٿ سان موڪلي ڏني ويا هئا، جو منهنجا هٿ ليهڙ ۾ گندا ٿيل هئا." همت داس سمجهي ويو ته اهو منهنجي ڀڳوان جو ئي ڪم آهي. واڻئي به ٻڌايس ته "توهان پاڻ اچي حساب چڪتو ڪري ڳروي پيل لت وٺي ويا هوا." همت داس چيس ته "ڀائو! تون ته مون کان به وڌيڪ ڀاڳوان آهين، جو ڀڳوان جو ساڪشات درشن ڪيو اٿيئي." زال کي چيائين ته "وڏ ڀاڳڻ آهين جو ڀڳوان هٿن سان توکي لت ڀائي ويو آهي." مطلب ته جيڪو پنهنجي ڌرم ۾ استٿت آهي، اُن لاءِ ڀڳوان سڀ ڪري ٿو. زال به پوري پتورتا هئي ۽ همت داس به پوريءَ طرح ڳالهوان پورهيت هو ته ڀڳوان سڀ سندن ڪارج پاڻ ڪيا. مطلب ته پنهنجا فرض ڪندو رهجي ۽ ٻرالو ڌرم نه ورن ڪهڙو به اُهو ۽ پورن عجي ته ڀڳو قبول ڪجي.

شلوڪ ٤٩. جنهن جي ٻڌي هرطرف کان وِرڪت (موهه کان رهت) آهي، جنهن پنهنجو من وس ۾ رکيو آهي ۽ جنهن جي اندر مان سڀ اڇائون اُڏامي ويئون آهن، اُهو ڪرمن جي ڦل جي تياڳ روپي سنياس دواران ڪرمن کان مڪتيءَ روپي پرم سڌي پائي ٿو.

جنهن جو من ٻڌيءَ، ٻئون، شرير ۽ سمپتيءَ جي موهه کان آجو آهي، جنهن پنهنجي اندرين تي قبضو ڪيو آهي ۽ جنهن کي جيئڻ يا وشين ڀوڳڻ جي ڪابه اڇا نه آهي، اُن جو من ضرور آتما، پرماتما طرف لڳندو. هن کي دليوي ٻدارٿن ۽ ڀوڳن لاءِ وپراڳ ٿو ٿئي. اهڙو شخص جنهن کي آتما يا برهم جو گيان آهي، اُهرلي ڪرمن کان پوريءَ طرح آزادي پسالي سگهي ٿو يعني هو ڪوبه ڪرم نه ڪري نه مٿس ڪوبه دوش نه آهي. هن جو اگيان پنهنجي آتما جي گيان پاڻ سان ناس ٿي وڃي ٿو. هو دنيا ۾ فقط مثال ڏيکارڻ ڪاڻ ويدن شاسترن موجب ڪرم ڪري ٿو، پر اُهن ڪرمن ۾ هو ٻڌجي نٿو وڃي. آتم گيان جي اگني ڪرمن جي ڦل ڏيڻ جي شڪتيءَ کي ساڙي ٿي ڇڏي. اهڙو شخص پاڻ کي ڪرتا نه ٿو مڃي، جو

۽ ورڻ جي ڪرمن ۾ ڪو نه ڪو عيب ضرور لڳي ٿو. جئن اگهي ڪنڌو ۾ پرڪاش ڏيندڙ آهي، پر نه ته اُن ۾ دونهون به لڳي ٿو، تيئن اها به عيب کان آجي نه آهي. الڳري پنهنجي ڪمزوري ظاهر ڪري ٿي جو ڏوهه الڳڪار ڪرڻ مورڪتا آهي. سنسار ۾ پرورش ڪجهه به نه آهي. اهڙو ڪوبه ڌرم، مذهب نه آهي، جو بلڪل بي عيب ۽ اوڻن کان رهت هجي. جيڪو هجيءَ ڳالهه سمجهي پنهنجي ڌرم ۽ ورن تي پورو ٿو هلي، اُن تي ڀڳوان پرسن رهي ٿو. ڀڳوان هي سڀ گمان اوهن کي ان ڪري ٿو ٻڌائي، جو مرهه وس ٿي هو پنهنجي ڪتري ورن ڌرم ۾ اوڳا سمجهي اُن کان منهن موڙي رهيو هو.

همت داس ٽالي هڪ برهمڻ هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڄمڻو هو ۽ بالڪپڻي کان اُهو طرف گهڻو لاڙو هوس ۽ جتي به ستسنگ يا ڪيرتن ٿيندو هو، اُتي ويندو هو. جنهن جا اڪثر جهر جا سنسڪار سٺا آهن، اُهو ئي اِئين ڪندو. هو وڏو ٿيو، شادي به ڪيائين پر ٻچن ۾ محو رهندو هو، البت مالي حالت ڪمزور هيس. ڪڙ ان داڻو ڏيئي وجهس نه ڪانئي، نه نه ڀڳتيءَ ۾ ئي ويلو رهي. سندس مرضي ٿي نه ڪنهن مندر ۾ ٺاڪر جي مورتيءَ جو درشن ڪريان. ان ڳوٺ ۾ نه ڪوبه مندر نه هو، پر پنجه ڪوهه ڪن پري هڪ ڳوٺ ۾ وڃي روز درشن ڪري ايندو هو. گهر کان هلندو هو نه جهانجهه وڄائي ڪيرتن ڪندو ويندو هو ۽ موٽندي به ائين ڪندو ويندو هو. هڪ ڏينهن پرالهه ڪال جو ٿي ويو ته رستي ۾ ڪن ڪي چور مليا ۽ جهالوس نه جيڪي اٿئي، سو هيٺ رک. هن چيو نه مان برهمڻ آهيان ۽ هن جهانجهن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪين اٿم. هنن سندس تلاشي ورتي، پر ڪجهه به نه لڌن، سي اهي سندس جهانجهه ڦري کڻي ويا. پرماتما جي اڳيان اوداس ٿي ڪيائين نه منهنجو پوڄن نه هنن جهانجهن سان ٿيندو آهي، سو ڇا ڪريان؟ گهر به پري نه مندر به دور! هو ڪيرتن بنا ڇڏ ٽڙڪڻ لڳو. جئن ئي سندس اندر ۾ وياڪلتا ٿيڻ لڳي، تئن ئي چورن جا پير اتي ئي بيٺا. همت داس طرف نهارين نه اکيون سڌيون کلي پيون، پر جي اُٿي طرف نهارين نه اُتي ئي پيون. يڪدم سمجهي ويا نه هيءَ ڪو سائينءَ جو پيارو آهي، سو يڪدم موٽي اچي معافي ورتي، ڪيس اهي جهانجهه موٽائي ڏنائون. همت داس به پرماتما اڳيان پرارٿنا ڪئي نه "هي ڏني! هنن کي سمتي ڏيئي پر ڪرمن کان ڇڏائي سچي مارگ تي آڻ."

ساڌو بولي سهج سڀاءِ - ساڌو ڪا پول پرتا نه جاءِ.

ڀڳوان جنهن لاءِ ٿيل پرارٿنا ٻڌي نه هنن جي اندر ۾ ڪراهت جاڳي ۽ منجهن ويراڳ اُٿيو ٿيو. پوءِ هو نه اُن مندر ۾ وڃي پوڄن پاٺ ڪرڻ لڳا.

همت داس وٽ ساڌو مهاتما ايندا هوا، نه اُتي هڪ واڻيو پرمهوري لال هو، جو وقت تي سيڌو وغيره ڏيندو هوس ۽ رقم لکي ڇڏيندو هو. همت داس کي ڪجهه ملندو هو نه وڃي ڪيس ڏيئي ايندو هو. اُن طرح سندس پوڻا تي سو رپيا قرض چڙهي ويا. هڪ ڏينهن سيٺ آيا پر وڻس سيڌو ڪو نه هو ۽ واڻئي کان وٺڻ ويو نه هن چيس نه رقم گهڻي ٿي وئي آهي جا ڏيو نه اڳئين حساب ٿيندو. پر هن وٽ نه ڪجهه هو ئي ڪونه. موٽي گهر ٿيو حال

هو نه رمالما ٿي پيو. ستسنگ جو پرڀاءُ بلڪل الاهه آهي ۽ جي اهو نشڪام ڀاونا سان ڪيو ۽ هندائيو نه انتهڪرڻ ضرور شد ٿي پوندو ۽ پرمالما جي پڇڻ ڏيان ۾ من لڳندو. ڪسنگ مان من ميرو ٿئي ٿو. ڪسنگ رڳو اهو نه آهي ته جهڙي شراب ماس ٿا ورتائين، انهن جو سنگ نه ڪجي، پر انهن سڀني کان دور رهجي، جيڪي ڪوني مه ڏين. ستسنگ مان ٿي سهائي يعني پرمالما جو راضپو حاصل ٿئي ۽ قائم رهي ٿو.

گرو نانڪ ديو کان ڪنهن پرمي پڇيو ته "سائين! ڪانگ به هنس ٿي سگهي ٿو؟" گروجن چيس ته "ابا! اُن جو جواب سياڻي امرت ويلي اچڻ ته ملندءِ؟" هو آيو ته گروجن چيس ته "نگر جي ٻاهران ٻن نن ميلن لي واريءَ جو دڙو آهي، اُتي وڃي ڏسي اچ ته ڪير ويٺا آهن." هو ويو ۽ ڏٺائين ته هڪ ڪانءُ ۽ ڪانوڻي ويٺا هوا. اچي گروجن کي ٻڌايائين. وري مهراج جن کيس ٻئي ڏينهن موڪليو ته ڏسي ته ٻگلو ۽ ٻگلي ويٺا آهن. ٽئين ڏينهن ويو ته ڏسي ته هڪ هنس ۽ هنسڻي ويٺا آهن. وري چوٿين ڏينهن گروجن موڪليس ته ڏٺائين ته هڪ سندر مرد ۽ استري ويٺا آهن. هنن کان پڇيائين ته "ڀائي! اوهان ڪير آهيو؟" هنن چيس ته اسين اُهي ڪانءُ ۽ ڪانوڻي آهيون، جن کي تو چار ڏينهن اول اچي ڏٺو هو. لنهجي چرڻن جي پوڙ ۽ درشن ڪرڻ سان اسان کي هي ڦل مليو آهي، ڇو ته تون سمرٿه گروءَ جو پرمي آهين. لنهجي ستگروءَ جي ڪرپا سان اسين ڪانون مان منش ٿيا آهيون. اها ڪا ڪهاڻي نه آهي، پر مهاپرشن ۾ واقعي اها شڪتي ٿئي ٿي. هو مايا جا مالڪ آهن. گروجن پوءِ اُن پرميءَ کي ٻڌايو ته ڪانو رڳو هنس نه پر منش به ٿي ٿا سگهن. ستسنگ مهاپرباگ راج ليرٿ آهي، جنهن جيڪو اشنان ڪري ٿو، سو لتڪال ٿو ڦل پائي. جيڪي ڪانون والسگر ڪنور وڃن چوڻ وارا ۽ گند کائڻ وارا هوندا، اُهي به ڪوئل جهڙو مٺو ٻوليندڙ ۽ نرمل رهڻيءَ وارا ٿي پون ٿا. ٻگلا هنس ٿا ٿي پون. ان ۾ ڪا به اچرج جهڙي ڳالهه نه آهي، ڇو ته ستسنگ جي مهما مهان آهي. نارد مني اڳئين جنم ۾ داسي پٽر هو، پر سندس ماتا سنتن مهالمائن جي شيوا ڪندي هئي ۽ هو به اُنهن جي سنگ ۾ آيو ته ٻئي جنم ۾ برهما جو پٽر نارد ٿيو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان نشڪامتا سان سڀ پنهنجا فرض ۽ ڪرم ڪرڻ کي ٿي سڄو سنياس ٿو چئي ۽ اُن مان ٿي پرم سڌي پراپت ڪري ٿي سگهجي ۽ جنم مرڻ کان آجو ٿو ٿجي.

شلوڪ ٥٠. جنهن منش اها سڌي حاصل ڪئي آهي، سو ڪيئن ٿو ابناسي برهم کي پائي، هي ڪنتي پٽر! اهو پرم گيان مونکان تون ٿوري ۾ ٻڌ.

برهم کي پائڻ جو مطلب آهي برهم ۾ لين ٿي وڃڻ. جڏهن ڪو پرش ڪامل ستگروءَ کان گيان اُپديش پائي، ان جو ندڌياسن ڪري ٿو ته هن مان ڀائي ۽ اهم ڀاءُ ڪر ٿي ٿا وڃن ۽ هن جو من پرمالما سان هڪ ٿي ٿو وڃي. پوءِ هن کي ڪنهن به ڪرم ڪرڻ جي ضرورت ٿي نه رهي ۽ جو نه هو ڪرت ڪرڻ ٿي چڪو آهي يعني جو ڪجهه به ڪرڻو هوس، سو سو ڪري چڪو آهي ۽ باقي ڪجهه به نه رهيو اٿس. ڀڳوان جن ڳالهه ٿيه وڌيڪ روشني

نه هن مان اهو ڀاءُ ناس ٿي ويو آهي ۽ هو ٻاهر کي شڌ برهم تو محسوس ڪري. گيانوان نه جڳت سنسار ۾ سمر ڪري رهيا آهن. هو ڪوبه ڪرم ڪنهن به ممتا يا اڇا دوارا نه ٿا ڪن، پر سياڻي طرح جيڪي به ڪن ٿا، اهي سڀ ايشور ارپڻ ٿا ڪن. سچ پچ نه هنن کي ڪي به اڇائون رهن ٿيون ڪوڙ ٿيون.

سڀئي اڇان پوريون جان ٻاٻا اگر اپارا - نانڪ مليا پار برهم، تيري چرڻن ٿون بلهارا.

جن پنهنجي آتما جو درشن ڪيو آهي، اهي آنند ۾ اهڙا نه مست ٿا رهن، جو تنهن لوڪن جي پدارٿن مان ڪنهن لاءِ به هنن کي اڇائي لڳي ٿي. سنياس جي معنيٰ ٿي آهي ڪنهن به ڪرم جي اڇا نه هجي. اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن ڪا ڪامنا ئي نه هوندي.

هڪ ڀيري هڪ راجا هو، جنهن پنڊتن کان گهڻو وقت ڪٿا وارتا ٻڌي هئي، پر تڏهن به من جي شانتي پراپت نه ٿي هيس. هڪ لنگا ناراد مني راجا وٽ ويو ۽ راجا ٻڌايس ته هلائي هلائي پنڊتن کان شاسترن جون ڳالهيون ٻڌيون اٿم، پر من کي شانتي نه آئي آهي. منيءَ ٻڌايس ته سچي شانتي تڏهن پراپت ٿيندي، جڏهن ٻڌائڻ واري ۽ ٻڌڻ واري ٻنهي ۾ ڪا ڪامنا نه هجي ۽ رڳو آتم گيان جي اڀلاشا هجي، ستسنگ ڪرڻ يا ٻڌڻ ۾ ڪابه ڪامنا ڌن دولت ملڻ يا عزت مان پائڻ جي به نه هئڻ گهرجي. ٻڌائڻ واري ۾ به ڪامنا هوندي ته هو آتم گيان ڏيئي نه سگهندو. گيتا جو پهريون سڌانت اهو آهي ته جيڪي ڪريو، ٻڌو يا ٻڌايو، سو سڀ پرماتما جي ارپڻ ڪريو. يڪدم نشڪامتا نه اچي ته آهستي آهستي ئي سهي. مل دوش جي نورتي نه ستسنگ شيوا، دان، پوڄا وغيره نشڪام ڪرمن ڪرڻ سان ئي ٿيندي، جنهن کان پوءِ ئي ڀڳتيءَ اپاسنا ۾ لڳي سگهبو. ميران ٻائيءَ ۽ ڪبير جو پرماتما جي ڀڄن ۽ ڀڳتيءَ ۾ اڻڏو پريم لڳل هو، جو هنن ۾ اهو مل دوش ڪونه هو. ان ڪري ئي ميران جهڙي نازڪ بدن شاهي گهراڻي جي استري ڪيڏين نه ڪشٽن ۽ ڏکين پرڪيائن مان پار پيئي. انتهڪرڻ جي شڌتا ۾ وڏي شڪتي ٿئي ٿي، آن پيا ڪيترين به ڪٿائن ٻڌڻ مان ڀڳتيءَ جو رس نه ايندو. نامديو ۽ رويداس جي ڀڳتي به پرڌان هئي، جو نه هنن ۾ نه ورن جو ڏوهه هو ۽ نه مل دوش. هو ورن جي فرض ٿي بلڪل پورا هوا ۽ ڏاڍو به نموني ڪندا هوا، جو سندن اُٻا ڏاڏا ڪندا آيا هوا. پرارٿنا به اها ڪرڻ گهرجي ته ”هي ڏني شڪتي ڏيو نه نشڪام ڪرم ڪندو رهان نه منهنجو انتهڪرڻ شڌ ٿئي ۽ ڀڳتيءَ ۾ پريم لڳي.“

هڪ گهوڙي سوار ڪنهن ٻني طرف وڃي رهيو هو نه واٽ تي منجهند جي گرمي ڏاڍي ٿي. خيال آيس ته به گهڙي کن آرام ڪري، پوءِ اڳتي هلان. هڪ وڻ ڏسي لٿو ۽ گهوڙي کي چالو ۾ ٻڌي آرام ڪيائين. جاڳيو نه ڏٺائين نه ستسنگ پيو ٿئي. وڏا ڀاڳ سمجهي ٻاڻ وڃي ڪٿا ٻڌڻ لڳو. اپديشڪ بلڪل ودوان هو ۽ ڏاڍي رسيلي ڪٿا ڪيائين. ان ڪٿا ۾ اهو ئي پرسنگ هليو نه سنسار اُپنو آهي، انڪري ٿاهي ڪسان پچڻ گهرجي. اهو اپديش هن جي اندر ۾ رهجي ويو ۽ سندس ڪرم ان ڏينهن کان پوءِ بلڪل اوچا ٿي ويا ۽

ٿو پوي. انسان کي ته پنهنجي حياتي انهن اصولن مطابق گذارڻ ضروري آهي. اهي اصول اسانجي شاسترن، پراڻن ۽ سنتن مهاتمائن جي واڻين ۾ ورڻن ڪيل آهن.

(٤) **شبد، سپرش آدي وڪارن کان بچڻ:** شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گنڌ انهن پنجن وڪارن کان بچڻ بلڪل ضروري آهي، ڇو ته اهي دکن ۾ وجهن ٿا، انهن روڳ پيدا ۽ پرمارٿ لاءِ ڇا ته وڌيڪ نه سڌ نه پوندو. شبد جي وشيه ۾ ڦاٿل هرڻ راڳ تي موهجي، شڪاريءَ جان کان وڃائي. سپرش يعني ڪام ۾ انڌو ٿي هاٿي ڪاٺ جي ٺهيل ڪاغذ جي هاٿڻ کي سپرش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪري، ان ۾ ڪري پاڻ ڦاسائي ٿو. روپ جو مستانو پتنگ ڏيئي تي موهت ٿي پاڻ جلائي ٿو؛ رس جي وس ٿي مڇي ڪنڍيءَ ۾ لڳل ڪاڏي جي شيءِ ۾ اٽڪي پاڻ ڦاسائي جان وڃائي ٿي؛ سڳنڌ جي ڪري ڀؤنر ڪنول گل ۾ ويهي، رات پوڻ تي ڪنول گل جي بند ٿيڻ ڪري ان اندر پوسائجي مري ٿو وڃي؛ مگر انسان انهن پنجن ئي وشين جي اڌين رهي ڪيئن بچي سگهندو؟ انڪري انهن کان بچڻ لاءِ ويچار کان ڪم وٺڻ گهرجي.

(٥) **راڳ دويش کان پري:** هن جو مطلب آهي ته سڀني پراڻين کي سم درشٽيءَ سان ڏسي، نه ڪنهن سان وير رکي ۽ نه ڪنهن سان خاص پريت. جيڪو اهو ڄاڻي ٿو ته سڀني جيون ۾ پرماتما جو واسو آهي، اهوئي ائين ڪري سگهندو. انسان ۾ جيڪو اهنڪار پنهنجو ڌارمڪ ڪرتيه چڱيءَ طرح ادا ڪري ٿو، ان جي سڀ واهه واهه ڪن ٿا، پر جيڪڏهن ڪو چوڪ ٿو ڪري ته نندا ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ته ڀڳوان هن سنسار ۾ آتم ڀڳتيءَ جي ڌارمڪ پوري ڪرڻ لاءِ منش جنم ڏنو آهي، تڏهن اسان لاءِ ضروري آهي ته ان ڌارمڪ جا سڀ ساڌن پوريءَ طرح پورا ڪريون، نه ته ڪل ڪرالمنداسين. راڳ دويش جو ٺاهه ايباس سان ٿيندو؛ ڇو ته اسان جي وڏن ۾ اهو راڳ دويش انيڪ جنمن ۽ سنسڪارن ڪري پيدا ٿيو آهي، پر اهو دور به ضرور ڪرڻو آهي، ڇو ته سم ڀاونا کان سواءِ سچي ڀڳتي يا سچو گيان حاصل ٿيڻ ناممڪن آهن. ڀڳتن ۾ ڪهڙي سم درشٽي ٿئي ٿي، ان جو سنڌر مثال ڪبير ڀڳت جي جيون مان ملي ٿو.

ڪبير صاحب وٽ هڪ پرش آيو ۽ اچي چوڻ لڳو ته مون ٻڌو آهي ته اوهان وٽ جيڪو سوالي اچي ٿو، اهو خالي نٿو موٽي. اوهان پنهنجيءَ زال لوئيءَ کي واسطي وٽ ولي وٺ هوا، جو واسطي انهن تي چاهيو. هڪ چور کي اوهان پناهه ڏيئي [illegible]. اوهان جي زال لوئي ڏاڍي سنڌر آهي، سو اها مون کي ڪٽي ڏيو. ڪبير اها ڳالهه ٻڌي ڪجهه به دل ۾ ڪروڌ وغيره نه ڪيو، پر هڪدم اندر وڃي لوئيءَ سان ڳالهه ڪيائين. هوءَ به سنڌر ۽ [illegible] سنتوکي هئي، سو هڪدم چيائين ته ”سوامي! جيڪا آگيا ڪريو.“ ڪبير چيو ته ”در تي سوالي آيو آهي، سو وڃ.“ هڪدم لوئيءَ کي آڻي ان پرش کي چيائين ته ”پيارا! هاڻ وٺ لوئي، پر ڪيس جلد ولي وڃ، متان مهيجا يار ڄاڻن ته ڪي پيا ٻارڙي وارا نه ڏسي وٺن.“ جو لوئيءَ جو هٿ وٺي ... ۽ ساري رات ...

ايندڙ شلوڪن ۾ وجھندو.

شلوڪ ٥١. جيڪو منش شڌ ٻڌي حاصل ڪري، ڌِرتي (ڌيرج) رکي، من کي وس ڪري، شبد، سپرش آدي وشيون تياڳي ۽ راڳ دويش (پريت ۽ وير) کي ڇڏي؛

شلوڪ ٥٢. ايڪانت ۾ رهي، الپ آهار ڪري (ٿورو کائي)، زبان، شرير، (اندرين) ۽ من کي قبضي ۾ رکي، سدائين يوگ ۽ ڌيان ۾ لڳي، ويراڳ جي هوند ۾ اوٽ وٺي؛

شلوڪ ٥٣. آهنڪار هوڏ يا حيواني ٻل، وديا يا ڳڻن جي ايمان، ڪامنائن، ڪروڌ، ممتا ۽ موهه کي تياڳي شانت رهي ٿو، اهو برهم سان لنگهه ٿيڻ جو اڌڪاري بڻجي ٿو.

هنن ٽن شلوڪن ۾ ڏنل ڪاريل ساڌن هر ڪنهن کي پنهنجي ورن ڌرم ۾ پوريءَ طرح رهي پوءِ ڪرڻ گهرجن، ته ئي سڌي حاصل ڪري سگهندي. هنن ساڌنن ڏانهن اشارو تيرهين اڌياءَ جي ١٨ شلوڪ جي ٽيڪا ۾ پڻ ڪيو ويو آهي.

(١) شڌ ٻڌي: ٻڌي ٽن قسمن جي ٿئي ٿي: ستي، ڪمتي ۽ سمتي. گيان پراپت لاءِ سمتيءَ جي ضرورت آهي يعني ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جوڳي ڪرمن جو پورو پورو ڌيان رهي ۽ ڪرڻ اهڙو ڪرم خيال ۾ به نه آڻجي، جو ڌرم انوسار جائز نه هجي. هيءَ ٻڌيءَ يا گيان جو پهريون ڏاڪو آهي. هن لاءِ اهو ضروري آهي ته هر سان ڪنهن ڌرمي پستڪ جو ابياس ڪندو رهجي. اهو پستڪ گهڻيءَ نه پوليءَ ۾ هجي، پر گيان مارگ جو هجي. آهار وهنوار به سالڪي هئڻ ضروري آهي. پورن مهاتمائن جي سنگ ۽ شيوا ڪرڻ سان به شڌ ٻڌي پراپتي ٿي سگهجي. ڀڳتي ابياسا ڪجي ته پاڻهي اهڙن مهاتمائن جو سنگ به حاصل ٿي پوندو.

(٢) ڌرتي يا ڌيرج: ڌرتي اهو اصول ڳڻ آهي، جنهن ڪان سواءِ آتما جي راهه ۾ هلڻ ڏاڍو ڪٺن آهي؛ جو نه ان راهه ۾ قدم قدم تي رڪاوٽون پيون ٿيون، جن ڪان پار لنگهڻ لاءِ گهڻو ڌيرج گهرجي. ڌيرج نه وهنواري ڪمن ۾ به ضروري آهي، پر پرمارٿ جي راهه ۾ ته اهو خاص ضروري آهي. ارجن جهڙو وير پرش به ڌيرج ڇڏي گهٻرائجي ويو، پر ڀڳوان ڪرشن ڪمس گيتا جو گيان ڏئي بچايو. وڏو دکن ۽ تڪليفن وقت ڌيرج ضروري نه آهي، پر سکن ۾ به اهو گهرجي ۽ فوائد ۾ نه پرجي وڃڻ جڳائي، ته نه اهڙن وقتن تي انسان ڪيترا نه ڪرڻ جوڳا ڪرم آهنڪار وچان ڪري ٿو وهي. جن کي ڌيرج جو ڳڻ نه آهي، اهي دکن تڪليفن وقت گهٻرائجي ٿا وڃن ۽ لالچ ٿيل دکن کي وڌائين ٿا ۽ سک ۽ خوشيءَ جي موقعن تي بيحد خوشيءَ وچان جان نه پنهنجي جوکي ۾ ٿا وجهن.

(٣) من کي روڪڻ: هن جو مطلب آهي ته من کي هر وقت ٻڌي ۾ رکڻ، جنهن قدرت جو ڪاروبار سڄو چنڊ جو اثر ۽ لهڻ سڀ ٻيمن الوسار لڳي ٿو ۽ هتڪ ٻل جو ۽ ترڪ

سنڌس ٩٩ ڀائر ۽ پنج ئي پانڊو وديا پرائي رهيا هوا. ڏڌن هڪ ڏينهن کين اهو سبق پاڙهيو ويو ته ڪروڌ نه ڪجي ۽ هميشه سچ ڳالهائجي. ٻئي ڏينهن گروءَ سڀني ٻالڪن کان پڇيو ته ڪالهوڪو سبق ياد ڪيو اٿو؟ ٻين سڀني چيو ته "سائين، ها" پر يڌشٽر چيو ته "سوامي! مان نه اڃا به لفظ پڪا ڪري رهيو آهيان، پر اڃا پڪا ڪين ٿيا اٿم." گروءَ کيس چماٽ هڻي چيو ته "ڪهڙا اهڙا لفظ آهن، جي تون نٿو پڪا ڪري سگهين؟" هن چيو ته "ڪروڌ نه ڪريو ۽ سچ ٻوليو، جي اوهان ڪالهه سمجهايا هوا." گروءَ چيس ته "انهن ٻن ڳالهين ياد ڪرڻ ۾ توکي ڪهڙي ڏکيائي ٿي ٿي؟" يڌشٽر جواب ڏنو ته "گروجي! اوهان مونکي چماٽ هڻي، سو مان ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته اندر مان ۾ به ڪو ڪروڌ نه ڪريان." گرو سمجهي ويو ته هي ته انهن ڳڻن جي ڌارڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جو نه رڳو زباني ياد ڪرڻ يا چوڻ مان ڇا پراپت ٿيندو؟ چيائينس ته "اڇا! تون ڌن آهين." پانڊون سان ڪيڏا ۽ ڪيترا ظلم دريوڌن ڪيا، پر ڀيم، ارجن ۽ دروپديءَ جي ڏانهن ڪرڻ لئي به هن لاءِ يڌشٽر وير ڀاونا اصل ڪانه ڪئي ۽ ڀائرن کي به ڪوبه اهڙو وروڌي ڪرم ڪرڻ نه ڏنائين.

(١١) ڌيان يوگ ۾ لڳڻ: نت يوگ ۾ لڳو رهڻ به برهم جي پائڻ لاءِ ضروري آهي. آلندي، وهندي، سمهندي پرماتما جي لاءِ سرت قائم هجي. ڌيان يوگ جي مهما جو ورنن ڪرڻ ڏکيو آهي. گايتري منتر جو جاپ وڏا وڏا پاپ دور ٿو ڪري. اهو به هڪ طريقو آهي ڌيان يوگ جو. مارڪنڊيه رشيءَ ڌيان يوگ مان ايڏي ته سڌي پراپت ڪئي، جو هن ايشور جي ساري مايا ۽ مهاپرلي جو سمورو نظارو اکين سان ڏٺو. هن جي عمر هزارين ورهيه چئي ويئي آهي.

(١٢) ويراڳ جي اوٽ وٺڻ: ويراڳ ٻاهريون نه، پر اندر جو هئڻ گهرجي. ڪنهن به دنيوي پدارٿ يا سنبنڌيءَ ۾ موهه يا آسڪتي نه هجي، اهوئي سچو ويراڳ آهي. جنن سڀني ۾ ڏٺل پدارٿن کي ڪوڙو ڄاتو، انهن لاءِ راڳ دويش ٿيا وڃن ۽ ڄاڻون ٿا ته خيال جا پوتا هوا. تن هن دنيا جي پدارٿن ۽ ڀوڳن لاءِ به ائين سمجهڻ گهرجي. جيڪي پرارٻڌ انوسار ملي، ان تي راضي رهجي.

(١٣) اهنڪار، حيواني بل، ودياءَ ڳڻن جي ايمان جو تياڳ: انسان کي اهنڪار گهڻن ئي ڳالهين جو ٿئي ٿو. شرير جي بل شڪتيءَ، ڌن، مان مرتبي، وديا، هوشياريءَ وغيره جو اهنڪار ٿئي ٿو. وديا جي گهمنڊ نه ايڪ ودوانن کي گمراهي ۾ وڌو. شرير جو بل، دماغ جي هوشياري، ڳالهائڻ جي چترائي، دنيوي مان مرتبو، ڌن پدارٿ اهي سڀ سنتن ۽ مهاپرشن وٽ به ٿين ٿا ۽ دشٽن ۽ آسري سڀاءَ وارن وٽ پڻ، پر سنت مهاتمائون اهي سڀ ايمان ڀنا ٻين جي ڀلائيءَ ۽ پرمارٿي اڌار لاءِ ڪم آڻين ۽ دشٽ ۽ آسري لوڪ انهن کي نه رڳو ٻين کي تنگ ڪرڻ ۾ ٿا لڳائين، پر ان لاءِ هو اندر ۾ ايمان ۽ اهنڪار به محسوس ٿا ڪن، جنهن ڪري هو ڪوبه سچو لاڀ ٿا پرائين، پر هنڪاري آخر ۾ پڇتائي ٿي

پرڀات جو ڪمرو وري منهنجو در کوليو ته ڏٺائين ته ٻئي اُٿي بيٺا آهن. چيائين ته "ڀائي! ڇا ٿو ڪريو؟ جلد ڀڄو." هو وري اهو ڏينهن ۽ رات به ڊوڙندا رهيا، پر ٽئين ڏينهن به پرڀات جو ڪمري جي در کولڻ تي اُٿي بيٺل ڏٺا ويا. ان طرح ٽيون ڏينهن رات به ڊوڙيا، چوٿين ڏينهن به اهو ئي حال ٿيو. لوليءَ چيو ته "سوامي! هن ته مونکي ڊوڙائي ڊوڙائي ٿڪائي ڇڏيو آهي ۽ منهنجو ته ساهه ٿو وڃي." هن پرش جي ٻڌي کلي پيئي ۽ يڪدم سمجهي ويو ته هي سڀ ڪمري ۽ سندس زال جي سر ٻاڻ جو نتيجو آهي، جو هو سڀ ڪي پرما پنهنجو پاڻ ٿا سمجهن ۽ نه ڪو بيگانو. يڪدم پتي جي چرنن تي ڪري پئي بخشايائين. وچاري جو اهڙو حال ٿيو، جهڙو تيليءَ جي گهاڻي ۾ ٻڌل ڍڳي جو ٿيندو آهي، جو سارو ڏينهن ڀڄڻ ڪندو آهي، پر اکين کولڻ تي ٻڌل اُٿي ڏسو آهي، جيستائين هو سمجهندو آهي ته ڪيترا ڪوهه ڀڄڻ ڪري ويو هوندس. ان طرح جن ۾ راڳ دويش آهي، اُهن جو ستسنگ، جپ تپ سڀ ويرٿ ٿا وڃن. جيئن جيئن وڻ جي پاڙ ۾ باهه ٻرندي ته اهو ڪڏهن به سائو سبز نه رهندو، تيئن جن جي چت ۾ راڳ دويش جي آڳ آهي، اُهن جو ڀلو ڪڏهن به ڪين ٿيندو ۽ هو ڀڳتي ۽ گيان جي راهه ۾ اڳتي وک نه وڌائي سگهندا. راڳ ڪرڻو آهي ته هڪ آتما سان ۽ دويش ڪرڻو آهي ته دشمن سان، نه پوءِ اهڙو پڻ پالڻو، جو سارو سنسار شُوا ڪندو.

(٦) ايڪانت ۾ گذارڻ: اهو به ضروري آهي ته آستان به ايڪانت وارو هجي ۽ سمو به ايڪانت جو هجي يعني امرت ويلو. اُن وقت جاڳي، اُٿي، پرماتما جو ڌيان ڪري، سندس سمرن ۾ جُڙجي. سارو ڏينهن جيترو ٿي سگهي، اوترو دنيوي ماڻهن کان به دور رهجي ۽ ايڪانت ۾ گذارجي.

(٧) الپ آهار: کاڌو پيتو به سڀ واجبي ۽ ٿورو کائڻ گهرجي. گهڻي کائڻ ڪري سان سواس چڱيءَ طرح نٿا هلن ۽ نه ڌيان ئي لڳي. حڪمت جو به اصول آهي ته اڌ پيٽ کاڌي سان ڀرجي، چوٿون حصو پاڻيءَ سان ۽ باقي حصو هوا (سواس) لاءِ ڇڏجي.

(٨) واڻيءَ تي قبضو: نه واڻي سان استم ٻولجي ۽ نه ڪنهن جي دل ڪوڙا وچن چئي ڏکوئجي. ڳالهائجي به جيترو ٿي سگهي، اوترو گهٽ. جيڪو ماڻهو ٿورو ٿو ڳالهائي، اُن جي واڻيءَ ۾ شڪتي اچي ٿي.

(٩) شرير ۽ اندرين تي ضابطو: شرير جي ڪنهن به اندريءَ سان ڪوبه اجوڳ يا برو ڪرم هرگز نه ڪجي ۽ من، وچن ۽ شرير سان پورن طرح جي اهنسا ڌارڻ ڪجي.

(١٠) من جو دمن: من سان به ڪنهنجو برو چتون نه ڪجي. من ۾ ڪي به برا سنڪلپ وڪلپ نه اچڻ ڏجن. من سان به ڪنهن تي ڪروڌ نه ڪجي.

پوءِ ان بعد گڏ ڌرم جا لڇڻ چيا ويا آهن ۽ اُهن کان سواءِ ڪوبه منش ڌرم تي قائم نه رهي سگهندو. پڌري معراج ڌرم سروپ هو. هن جي جيون مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ۾ ڪي ڪي وس ۾ رکڻ جي ڪيڏي نه اٿاهه شڪتي هئي. جڏهن گرو دروڻاچارج وٽ دروڻ ۽

هڪ شيشن ٻيو اچي. گڏوءِ مولڪي آراڌنا ڪئي نه ڇڏيو. اُن جي سهائتا لاءِ مون اهو ٻاطلي منتر پڙهي، ان شيشن کي ڏنو آهي، جو ٻيو ٻي ان کي لکيو آهي ۽ هو مري ويو آهي. الشن الڪري ڪير، جو ٻيو وچي ڪٽي اچڻ جو وقت ڪوڏ الڙ.؟ راوڻ وچي ڏلو نه برابر ان هنڌ هڪ شير مٿو ٻيو آهي ۽ ڳانءِ ۽ سندس ڳاڀي برابر ڇري رهيون آهن. اچي راجا کي سر جهڪائي هليو ويو. مطلب ته رگهوُ راجا کي اڏو ٻل، شڪتي ۽ ودياهئي، ٻر سڀ ٻين جي ڀلائيءَ ۾ ڪم ٿي آڻيائين، ان هوندي به تڏ جمتر و ايمان ڪوڏ هوس ۽ پنهنجو گذران به هٿن جي پورهئي مان ڪجهه ڪمائي ٿي ڪمائين. هوڏانهن راوڻ پنهنجي شڪتي رشين منين کي تنگ ڪرڻ ۽ پر استرين کي ڦاسائي اچڻ ۽ وشيه ڀوڳن ۾ لڳي وڃائي.

(١٤) ڪامنائن جو تياڳ: برهم گيان جي پراپتيءَ لاءِ ڪامنائن جو پورن تياڳ لازمي آهي. پرماتما ۾ پورن وشواس رکڻ وارو ڪامنائون ڇا لاءِ رکي؟ هو ڄاڻي ٿو ته جيڪي ڪمس پراربڌ انوسار ملڻو هوندو، سو پاڻيهي ملندو ۽ پرماتما هميشه سندس سار سنڀال پيو لهندو. هن کي نه ڪنهن ڳالهه لاءِ چنتا ۽ نه ڪا اڇا رکڻ ضروري آهي.

(١٥) ڪروڌ جو تياڳ: ڪروڌ هڪ آسري لڇڻ آهي ۽ برهم گيان جي واٽ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. ڪروڌ سان ڌرم ۽ مريادا ٽٽي ناس ٿين. ڪروڌ وقت انسان انڌو ٿيو پوي ۽ ڌرم اڌرم جو وڇار ٿي وڃائي ٿو وهي ۽ اهڙا ڪرم ڪري ٿو وهي، جي هوند شانت اوسٿا ۾ ڪداچت ڪين ڪرڻ چاهي. ڪروڌ کي شاسترن ۾ چنڊال ڪوٺيو ويو آهي ۽ ڪروڌي ماڻهوءَ جي سنگ مان به اشانتي ٿئي ٿي. ڪروڌ ۾ ماڻهو پنهنجو حافظو به وڃائي ٿو وهي ۽ سندس ٻڌي ڀرشٽ ٿيو پوي. جيڪو انسان جلدي جوش ۾ اچي ٿو، اهو هميشه بي انصاف ٿو ٿئي ۽ هن جو دماغ ڪمزور ٿي وڃي ٿو. وڏن جي ننڍن کي سڌارڻ لاءِ ڪاوڙ ٿئي ٿي يا استاد جي شاگرد تي يا مالڪ جي نوڪر تي، اها جائز آهي ۽ ان کي ڪروڌ نٿو ڪوٺجي، بشرطيڪ هن جي اندر ۾ ويرُ يا دشمني نه هجي.

(١٦) ممتا ۽ موهه جو تياڳ: سڀ دنيوي لاڳاپا لاهي، ممتا تياڳي رهڻ سان شانتي پراپت ٿيندي ۽ هر وقت پرسن چت رهي، سکيو. برهم مارگ لاءِ اهو لازمي آهي. سڀني سان پريم ڀاوَ سان ورتاءُ ڪندي ڪنهن ۾ به آسڪت نه ٿجي.

مٿيان ورلن ڪمل شب گڻ ڌارڻ ڪري به اهم ڳاءِ نه ڌارجي نه مون ڪام، ڪروڌ يا اهنڪار وغيره جو تياڳ ڪيو آهي يا مون ۾ هي شب لڇڻ آهن. هنن لڇڻن ڌارڻ ڪرڻ سان ئي ڀڳوان چوي ٿو ته منش برهم پد کي پراپت ڪري ٿو سگهي ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان آجو ٿي مڪت ٿي وڃي ٿو.

شلوڪ ٥٤. ان طرح جيڪو پاڻ برهم سروُپ ٿي، چت جي پرسنتا پائي، نڪي ڪو شوڪ ٿو ڪري ۽ نڪا ڪا اڇا ٿو رکي ۽ سڀني پرانين ڏانهن هڪ سمان ٿو رهي، اهو منهنجي پرم ڀڳتي پراپت ٿو ڪري.

ڀڳوان شري ڪرشن جو مطلب آهي ته پورن ٿي هلوڪن ۾ ورلن لعل پرش، جو ٻالڪي

اَڌوڪتي ڪن ٿا. ودّيا سڀني وقت آهي ته هو ٻين کي گيان سيکاري، انهن جو اڌار ٿا ڪن، پر دشت لوڪ اُها چالاڪين ۽ ٺڳين ۾ ٿا ڪم آڻين. ڌن مان ڀلا پُرش خوب دان پُڻ ۽ اُپڪار جا ڪم ٿا ڪن، پر برا پُرش اهو وشين جي ڀوڳن، عيش عشرت ۽ ٻين کي تنگ ڪرڻ ۽ اهڙن ڪڌن ڪرتوتن ۾ ٿا خرچ ڪن. شرير جو بل ڀلا لوڪ هيڻن ۽ غريبن جي رکيا، بيمارن جي سيوا ۽ ٻوڙن جي چاڪريءَ ۾ ٿا ڪم آڻين، پر دشت لوڪ ٻين تي روب رکڻ ۽ کين ڌپ ۽ ڪشت ڏيڻ ۾ ٿا لڳائين. اڳين زماني ۾ گهڻو ته شريشٽ بل ماڻهن ۾ هو ۽ ڪڻن ته هو پنهنجي ودّيا ۽ ڌن ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم آڻيندا هوا ۽ ورڻي اهڙي بل ۽ شڪتيءَ هوندي به ڪهڙا نه سادا ۽ انڪسار رهندا هوا، ان جو هڪ مثال آيو آهي:

ايوڌيا ۾ رگهو راجا ٿيو آهي، جنهن جي نالي رگهوڪل ٿيو هو، جنهن ۾ شري رامچندر اوتار ورتو هو. هو بلڪل سادي طبيعت جو ماڻهو هو. راجا هوندي به سادو ڪانيندو ۽ پهريندو هو ۽ پرجا جي رکيا لاءِ سدائين تيار رهندو هو. هڪ ڏينهن وساکيءَ جي پرب تي جڏهن محلات جي ٻانهي صفائي ڪري آئي ته بلڪل سٺا ڪپڙا پائي هار سينگار ۽ چڱا ڳهه ڳٿا ڪري آئي. شب ڏينهن تي زالون اڪثر وڌيڪ هار سينگار ڪنديون آهن ۽ هن ٻانهيءَ کي به سونا زيور پيل هوا. راجا جي رانيءَ هن کي ڏسي خيال ڪيو ته اسان جي ٻانهيءَ کي هيترا سون جا زيور آهن، پر مونکي هڪ ٻن کان سواءِ ڪوبه ڳهه ڳٿو نه آهي. ناراض ٿي ويٺي. راجا جڏهن آيو ته هن کي ناراض ڏسي حال پڇيائين. هن ٻڌايس ته "مان ڪڏهن محل کان ٻاهر نه ڪونه نڪتي آهيان، پر اڄ ڏٺم ته هڪ ٻانهيءَ کي به هيترا سون جا زيور آهن، پر مونکي رڳو هڪ ٻه ۽ ڪپڙا لٽا به سادا، مونکي وڏائي ڪم آهي؟" راجا چيو ته "پياري! تون ڄاڻين ٿي ته ڪيئن هٿن سان پورو هيٺو ڪري عام آلن جي ڪا شئي ناهي، اُن ڪمائيءَ مان پنهنجو پاڻ پاليون ٿا، جو ته هي خزانا ته سڀ پرجا جا آهن. انهن تي اسان جو ڪوبه حق نه آهي. منهنجي محنت مان جيڪي ملي ٿو، اهو اهڙو ڪٿي آهي، جو تون زيور پائي سگهين؟" رانيءَ هٺ ڪيو ته "اهو ظلم آهي. هڪ ٻانهيءَ کي هيترا سون جا ڳهه، ته ٻين زالن کي ڇا ڇا نه هوندو؟ بالڪل ڏهه ڪيو مون!" راجا جي ڪيتري سمجهاڻيءَ تي به هوءَ نه مڙي. راجا چيو ته "چڱو جي توکي هرو ڀرو زيور کپن ته مان پالهن جي بل سان تو لاءِ سون تو گهرايان." هن هڪ ٻاڻ هلايو جو لنڪا ۾ وڃي مڪانن کي لڳل سون مان ڪجهه ڪٽي آيو ۽ راجا اهو رانيءَ کي ڏيئي چيو ته "جيترا زيور وڻني، اوترا هٿائي لهراءِ." لنڪا ۾ راوڻ اُن تير کي هٽائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي، پر وس نه هليس ۽ اهو تير سون ڪٽي آيو. راوڻ يڪدم ايوڌيا ۾ آيو ۽ سونهري روپ ڌاري، رگهو راجا جي ڪمري ۾ گهڙي ويو. ڏٺائين ته راجا هڪ ٽُٽل پائيءَ جي ٻري زور سان ديوار طرف اڇلائي. راوڻ يڪدم چيس ته "هي راجن! اهو ته سڌو ڪار ڪيو آهي. آهستي آهستي پائي اڇلايو آهي." راجا کيس ڏسي چيو ته "اڙي راوڻ آهين! منهنجي هن پائي اڇلائڻ جو سبب ڪو ٻيو هو. ڇهه ميل ڪن ٻري جهنگل ۾ هڪ گهو ۽ سندس ڳاڻي ڄري رهندڙ آهن. سامهون

ڪري گرهست ڀائيون ۽ استريءَ، پٽن، ڌيئن ڀائرن کي پنهنجو سمجهي ويٺا آهيون. ٻاهرين ته سڀئي مائٽ اولاد وغيره لاءِ چوندا آهن ته ”سائين! هي سڀ پرماتما جا آهن، پر وهنوار ۾ رخ ۽ وهنوار ٻيا هوندا اٿن. گرو نانڪ ديو کي مردانو چوندو هو ته ”سائين! هالي هن طرف هلون“ ته گروجن هميشه چوندا هوا ته ”مردانا! اها ڌوري ڪرتار جي هٿ ۾ آهي.“ هلندا نه هوا، پر پنهنجي ممتا مور ڪين رکندا هوا. مائٽ اُن طرف هلي، پر جي ايشور چاهي ته ڪنهن ڪس ڪڍڻ ونئي وڃي ٿو. مائٽ ڪيترا ڪم جنهن ڦل لاءِ ڪن ٿا، انهن جو ابتو ڦل نڪرندو پوي. ان ڪري هن شلوڪ جي اهائي سکيا آهي ته سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو هڪ پرماتما کي ڄاڻي، چنتا اصل نه ڪرڻ گهرجي ۽ ڪا اڇائي رکجي. پرماتما دنيا جي ڪارروائي جو پروگرام ته مهاپرلئه تائين ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ اهو اٽل ٿي هلندو. اسان ان پروگرام جا جزا آهيون ۽ ٿيندو اهو، جيڪو پرماتما کي وڻندو. ڇو نه هميشهءَ ۾ سڌامني ڀڳت کان ڪم ورتو هوندو؟ انهيءَ قدر جو سندس گهر ۾ ڪٿو اچي ته نه ڏاڍو ڪوڙ ملمع؛ پر ڏيج ۽ حوصلو اڏو هوس، جو نه جيتري نه چنتا ڪانه رکيائين ۽ نه اڇائي. مها پرش ڪجهه ٻاهرين ڪشمڪش سهن ٿا، پر اندر ۾ آنند ٿا پائين. هو بي فڪر رهي ڪانه ڪامنا يا اڇا نه رکي، سڀ ڪجهه پرماتما جي وس ڄاڻي، آنند ۽ شانتيءَ ۾ گذارين ٿا. اسين ڄاڻون نه ٿا ته هڪ ڏينهن آخر سڀ ڪجهه هت ڇڏي هلڻو وڃڻو آهي، پر ان هوندي به اڇائي ممتا رکي، اڇائن ۽ ڪامنائن ۾ ڦاسي ٿا دل دکي ۽ ڪمزور ڪريون. گرهست ۾ پتا سڀ خيال رکي ٿو، ٻچا ڪانه ڳڻتي ڪانه ٿا ڪن، نه ڪٿان پئسو ايندو جو سندن پالنا ٿيندي. ان طرح جي اسين سڀئيءَ طرح ٻالڪ پرماتما جا ٻچا سمجهون ته پوءِ هوند ڇو فڪر يا ڳڻتي ڪريون؟

هڪ ناستڪ سامونڊي جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هو ته اوچتو جهاز ٻڏڻ لڳو. اچانڪ هن جي مک مان نڪتو ته ”هي ڀڳوان! هن ويلا مان تون ئي بچاءِ!“ جڏهن آپيا وقت هو رکيا ڪري ٿو ته ڇا سدائين نٿو ڪندو رهي؟ اُن ناستڪ پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ته مون ان وقت سمجهيو ته ايشور برابر آهي ۽ نه ساري حياتي پڇين ۾ وڃائي ڇڏي هئم ۽ ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس ٿي ٿيو آهم.

شلوڪ ٥٥. ڀڳتيءَ ڪرڻ سان جو پوريءَ طرح مونکي پڇاڻي ٿو ته سچ پچ مان ڪير ۽ ڪهڙو آهيان ۽ مونکي يٿارٿ ريت ڄاڻي هو منهنجي سروپ ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

ڀڳتيءَ مان آخر گيان تو حاصل ٿئي ۽ ڀڳت ۽ ڀڳوان جو ڀيد مٽي ٿو وڃي ۽ ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. ڀڳوان يٿارٿ طرح ڄاڻڻ يا اُن ۾ لين ٿي وڃڻ سچ پچ ڪي نه جدا ڳالهيون ڪين آهن. جيڪو ڀڳوان کي پوريءَ طرح ڄاڻي ٿو، اهو ئي هن ۾ لين ٿئي ٿو يعني هن جهڙو ئي وڃي ٿو وڃي. ڀڳتي شروع ٻن سان ٿي ٿئي، پر انت ۾ هڪ ٿي وڃي ٿي يعني ڀڳت ۽ ڀڳوان هڪ ٿي ٿا وڃن. ڀڳتي ڪندي ڀڳت ڄاڻي ٿو وڃي ته ٻاڻ ۾ سڀ ڪجهه آهي

برهم سروپ ٿو سمجهي، تنهن اڃا به برهم پد حاصل ڪيو آهي، اُن لاءِ ڀڳوان ٻڌائي ٿو ته اهڙي پرش جو چت بلڪل شانت ۽ پرسن رهي ٿو، هن کي دنيا جا ڪي به لوڏا چلايمان نڪا ڪري سگهن ۽ نه هنسکي ڪي به دنيوي اجالون اندر ۾ آڻن ٿيون. شرير جي ڪهڙن ۽ دکن ڪليشن باعث به هو ڪڏهن اڇا نٿو رکي ۽ نه ڪو دک سک محسوس ٿو ڪري. هو سڀني پراڻين کي هڪ ٿو ڄاڻي ۽ هنن جو دک سک پنهنجو دک سک ٿو سمجهي. هو ساري مخلوقات کي پنهنجو پاڻ ٿو محسوس ڪري.

رشيڪيش ۾ ڪنهن پريميءَ سوامي منگلداس اڳيان سوال ڪيو ته ”اوهين چئو ٿا ته برهم گيان حاصل ڪرڻ بعد هرش شوڪ نٿو رهي ۽ اهو برهم گيانيءَ ثابت ٿو رهي. پر دنيا ۾ ته ڏسجي ٿو ته ڪنهن مائٽ کي لک روپيه ملن ٿا ته هو خوشيءَ ۾ نٿو ماپي، ان کان وڌيڪ ڌن وارو ته وڌيڪ ايمان به ڪري ٿو، سو برهم آنند جو ڌن جنهن کي آهي، جنهن جهڙو ڌن ۽ آنند ٻيو ڪي نه سگهندو، انهيءَ کي ته بيحد خوشي لڳڻ کپي؟“ سوامي جن رشيڪيش ۾ پنهنجي وقت ۾ پرڌان مهاتما هوا. جواب ڏنائون ته ”پيارا! ڳالهه برابر آهي، پر هڪ درشٽانت ڏيان ٿو، جنهن مان سمجهي سگهندين ۽ سوال جو جواب ملي ويندءِ.“

هڪ پرش هو جو روزانو ڀنگ پيندو هو، جنهن مان ڪيس چڱو نشو چڙهندو هو. هڪڙو ڀنگ پي هو به ٻين ڀنگ پيندڙن والگر جهنگل ڏي ڪاڪوس ڪرڻ ويو. اُتي ڏاڍي زور سان هوا لڳي ۽ سندس پڳڙي ڪري پئي، پر هن کي خبر ڪانه پيس. ڪاڪوس ڪري آيو ته پڳڙيءَ تي نظر پيس ۽ سمجهائين ته ٻئي ڪنهن جي ڪيرايل پڳڙي هٿ لڳي اٿم. ڏاڍو خوش ٿيو. آيو گهر ته ٻارن پڇيس ته ”پڳڙي ڇو لاٿي اٿو؟“ چي ”اها مون لڌي آهي.“ هنن پڇيس ته ”ڀلا اوهان جي پنهنجي ڪٿي آهي؟“ مٿي تي هٿ لڳايائين ته ڏٺائين ته اها ته آهيئي ڪانه. هن جي خوشي يڪدم الوپ ٿي وئي، جو سمجهي ويو ته اها هٿ واري پڳڙي ته سندس ئي هئي. ان طرح گيانوان جڏهن سمجهي ٿو ته مونکي پنهنجو ئي سروپ مليو آهي ۽ نه ڪجهه وڌيڪ يا گهٽ، ته هن جي خوشي خوشيءَ ۾ سمائجي ٿي وڃي يعني هو ڪو جدا آنند يا خوشي نٿو سمجهي. هو ته اڳيئي ڄاڻي وٺو ته پاڻ سَت چت آنند سروپ آهي. الڪري هو هروقت پرسن مک رهي ٿو، پر ڪو ٻاهريون آنند ڪونه ٿو ملي. معنيٰ ڪي ڪمزور ڪرڻ واري جيڪڏهن ڪا شيءِ آهي ته سوچ ۽ اڇا. پراڻيءَ سدا ۾ سک بلڪل نه آهي. لڀج به وڃي ٿو، محتاجي به ڪڏهن ٿي پوي ۽ هردي ۾ ڪمزوري ٿي اچي. سوچ ته اصلي سک حاصل لاءِ ڪرڻو آهي، پر اسين اهو دنيوي ڪمن ۾ لڳائي، اجايو پاڻ کي دکي ۽ ڪمزور بڻايون ٿا پيون. گيتا جو گيان ڪو ڇڙو ورڪت ضعفن لاءِ ڪونه آهي، پر سڀني ورڻن ۽ آشرمن جي ماڻهن لاءِ آهي. گيتا ۾ سڀني وهنوار الوا پرمارٿ جي ڳالهين جو اُپديش آهي. ٻيا سڀ ڪتاب ان جو آسرو وٺي لکيل آهن. گرهست وهنوار جون سڀ سکيائون به ان ۾ اچي ويون آهن، پر اهو سمجهڻ ضروري آهي ته گرهست جو نرواهه پرهيز ڪرڻ وارا به اسين ته آهيون، پر هڪ پرمالما آهي. اساڻ اجايو پرالتيءَ وڃان پيا سمجهون ته اسين ئي پيا پرشارٿ

هوند اسين هود ان مالڪ جا روپ ڏسي سگهون. راوڻ ڪنڌ نه ورائڻ، ڪچالي ۽ ٻلوان راجا هو، جو ديوتائن کي ڪانئر ڏسندا هوا، پر هڪ شري رام جي ڀڳت انگد پنهنجي ڀڳتيءَ جي شڪتيءَ سان ڪمس سندس لڱ ڏرٻار ۾ وڃي شرمندو ڪيو. ڪمس مرڏو ڪي ڪيو ۽ چيو ته ”اڙي راوڻ! مان ته هوند توکي هڪ چماٽ لڳائي سڌو ڪريان، تنهنجي لنڪا سڀ سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيان ۽ ماتا سيتا کي تنهنجي سڀني پرائين سميت هوند کڻي وڃان، پر ڀڳوان رام جي اجازت نه آهي. پر جي ڪڻي ائين ڪريان ته ته ان ۾ مان ڪا بهادري نٿو سمجهان، جو تو جهڙي مردي کي مارڻ ۾ ڪهڙي وڏائي آهي؟“ انگد ان وقت ڪمس ٻڌايو ته چوڏهن ڀڪارن جا ماڻهو جيئري ئي مردن برابر آهن: (١) شاسترن جي اُبتڙ هلندڙ، (٢) ڪام وس رهندڙ، (٣) ڌن هوندي ڪنجوس، (٤) مورک، (٥) اهي درد ري يعني تمام غريب، (٦) جن جي هوهنڌ ڪندا گئي، (٧) تمام ٻڍا، جي ٻين جا محتاج هجن، (٨) سدائين بيمار رهندڙ، (٩) هميشه ڪروڌ ڪندڙ جي اڃڪر ڏالسگ والسگر ٻيا جلن، (١٠) پرماتما کان بيمک، (١١) سنتن ۽ ويدن شاسترن جو وروڌ ڪندڙ، (١٢) جي رڳو پنهنجي تن جي پالنا ۾ لڳل آهن ۽ ٻين جو خيال نٿا ڪن، (١٣) نندا ڪندڙ ۽ (١٤) پاپ ڪرمن ۾ غلطان. انگد چيس ته ”اڙي راوڻ! ٻڌاءِ ته هنن مان ڪهڙا نه اوگڻ تو ۾ آهن، ان ڪري تون مردي برابر آهين.“ سچاليءَ ۾ اهڙي طاقت هئي جو راوڻ کي سندس مهابلوان پٽ ميگهناد جي وفات انگد اهي لفظ چيا. جي انسان کي به اُتي ڪجهه ته ايشور جي ڀڳتيءَ مان ئي ملي سگهندي ۽ جو ته جنهن ۾ پرماتما پوسن ٿئي ٿو، اُن کي هو ٻانهن سان هڪ ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان آجو ٿو ڪري. ڪوبه دنيوي انسان ڪيترو به راضي ٿئي، پر ٻانهن جهڙو نٿو ڪري سگهي، پر ڀڳوان ڀڳت کي ٻانهن سان ملائي ٻانهن برابر ڪري ٿو ڇڏي.

شلوڪ ٥٧. چت سان سڀني ڪرمن کي مونهن اَرپڻ ڪري، مونکي ئي پنهنجو پروَسو سمجهي، ٻڌي يوگ جو آسرو وٺي، پنهنجي من کي نت مونهن لڳل رک.

شلوڪ ٥٨. پنهنجو من مونهن لڳائڻ سان، تون منهنجي ڪرپا سان سڀني اوکين گهاٽين ۽ مشڪلاتن مان پار ٿي پوندين، پر جيڪڏهن اهنڪار يا هٺ وچان منهنجي سکيا نه هنڊائيندين، ته تون نشٽ ٿي ويندين.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو ته سڀ پنهنجا ڪرم مونکي اَرپڻ ڪري ڇڏ، پر ساڳي وقت پنهنجو من به مونهن لڳائي رک. ائين ڪرڻ سان تون ٻوڌ ٻڌيءَ وسيلي سمجهندين ته تون پنهنجي شرير ۽ ان سان ڪيل ڪرمن کان الڳ آهين ۽ منهنجي ئي هستيءَ ۾ سمايل آهين. جڏهن ائين ڪندين، تڏهن هي ارجن! تون منهنجيءَ مهر سان سڀني ڪلهن ۽ آپدائن کان وڃي پار پوندين، پر جيڪڏهن ودِيا يا عقل جي مغروريءَ ۽ ايمان وچان منهنجي هن سکيا تي ڌيان نه ڏيندين ته هڪ جاءِ ته تون ناس ٿي ويندين. روحاني راهه ۾ انيڪ

۽ ٻيو ڪجهه آهيئي ڪونه. ڀاڻ ٿي اپد، اجسا، ابناسي، اکنڊ، اکت، سؤلم پرڪاش، ست چت آنند سروپ ۽ سڀ جو آسرو آهي. جدا جدا لفظ رکيو سمجهائڻ لاءِ آهن، جو لـ روحاني واٽ جون ڳالهيون سڀني لاءِ لفظن سان سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهو لـ سهڪو ڀهنجي الهڙ سان لو جاڻي سگهي، جنهن لاءِ ڪمائي ڪرڻ لازمي آهي. هو جاڻي ٿو ته ڀاڻ ٿي مهاساگر آهي ۽ هي سڀ جو ذرڙو ۽ اڇي ٿو، اهو سڀ سندس ٿي لهرون، ٻڊبدا ۽ جل آهن.

شلوڪ ٥٦. هو سڀ ڪرم ڪندي هميشه منهنجي شرن ۾ رهي ٿو ۽ منهنجي ڪرپا سان هو انادي ۽ ابناسي پد کي پراپت ٿو ڪري.

اهڙو ڀڳت نه هميشه شڀ ڪرم ٿي ڪري ٿو ۽ آهي سڀ هڪ برهم جي ارپن لـو ڪري. جيڪڏهن ڪنهن ڀل وچان هو ڪو غلط ڪرم ڪري ته ٿو وهي نه جئن گنگالڊيءِ ۾ ڀاهرلون غليظ پاڻي ۽ ان سان ملي گنگا جل جهڙو ئي پوتر ٿي پوي ٿو، ان طرح اهو ڀڳت ڀڳوان سان هڪ ٿي وڃڻ ڪري، انهن غلط ڪرمن جي ڦل کان آجو ٿو رهي يعني انهن جو ڪو به اثر ٿئو لـمس. سنسار جون جيڪي ۽ ٻڌوليون آهن، سي هميشه لاءِ اسٿت نه آهن. رڳو برهم ٻڌوي آهي، جا ٽنهي ڪالن ۾ قائم رهي ٿي. اهالي ڀڳت پراپت ڪري لـو. گرو ارجن ديو فرمايو آهي نه برهم گياني جاڻي ٿو نه

جل ٿي ابهي ايڪ ترنگا - ڪيتڪ ٻڙ ڪن ڪيتي ٿه رنگا.

ڀهس گهٽا ۾ ايڪ آڪاس - گهٽ ڦوٽي تـو اوهي آڪاس.

جئن جل ۾ ايڪ لهرون ۽ ٻڊبدا اُٿن لهن ٿا، ۾ آهي سڀ پاڻي ۽ جئن سون مان ايڪ قسمن جا گهڻا لهن ٿا، ۾ آهن سڀ سون، ۽ جئن سڀني دلن ۽ مڪن برتنن ۾ آڪاس (پول) آهي ۽ انهن جي ڀڄڻ ٿي انهن جو آڪاس وري مها آڪاس ۾ ملي ٿو وڃي، تئن هي سمورو پسارو هڪ برهم جو آهي ۽ اهو برهم ٻڌ گيان ڀائڻ سان حاصل ٿئي ٿو. گرو ارجن ديو امرت سر ۾ جڏهن سنتوک سر تلاءُ کوٽائي رهيا هوا نه زمين مان هڪ وڏو مٽ لڌو، جنهن ۾ هڪ يوگي سماڌيءَ ۾ ويٺو هو. ان جي مٿي ٿي مکڻ جي مالش ڪرائي گروڄن هن کي جاڳايو. هن گروڄن کي ٻڌايو نه مولـکي ڀهنجي گروءَ يوک جي سکيا ڏئي هئي ۽ پوءِ مون جڏهن برهم گيان جي اپديش لاءِ پراڻنا ڪئي نه چيائون نه اڃا لهنجي گيان پراپت جو وقت نه آيو آهي. ڪلجڳ ۾ گرو نانڪ جي گديءَ تي پنجون گرو لوکي برهم گيان جو اپديش ڏيندو ۽ پوءِ لهنجو موکش ٿيندو. گروڄن مٿيون شبد هن يوگيءَ کي برهم گيان ڏيڻ لاءِ اچاريو ۽ سمجهايو نه اهوئي برهم گيان آهي نه جيڪي ڏسجي ٿو، اهو سڀ برهم ٿي برهم آهي، جو ڪڏهن ڀ ناس نٿو ٿئي ۽ ٽون ڀاڳ ۽ اهو برهم ٿي آهين.

ڀڳوان هنن شلوڪن ۾ وچن ٿو ڏئي نه ڀڳتيءَ سان ئي اسين سندس پرسنتا حاصل ڪري ٿا سگهون. اسين دنيا ۾ سيٺين، عملدارن، وزيرن ۽ حاڪمن جي پرسنتا پائڻ لاءِ ايڪ يتن ڪريون ٿا، پر ڀهنجي اصلوڪي مالڪ جي پرسنتا لاءِ ڪا به ڪوشش نٿا ڪريون، جنهن مان

جڏهن وڏو ٿيو، سارو ڏينهن ڪل ڀڳتي ٻڌائيندو ۽ راڄ ڪرڻ لڳو ته ڪتري ٻچي جو سپاهه
جاڳيس ته وهنوار ته منهنجي پيءُ کي ماريو هو، اُن کان بدلو ته وٺان ته سوويو ڇا جو ٿيس؟
سو سڀيا ڪئي ڪري وهنوار ڀڳوان سان بہ ڪرڻ هليو! پاڻيءَ جو اهو مهر آهي ته چاڪاڻ ته
هن ڪاليءَ کي پاليو آهي، سو اُن کي ڪداچت ڪين ڇوڙيندو. ان طرح ڀڳوان بہ ديالو
آهي ۽ پرهلاد کي نرسنگهه روپ ڌاري بچايو هوائين، سو هاڻي ڪنهن ڪنس ايمان وچان لعنت
گهري ڏيندو؟ ڏنائين ته هن پڻ ڪتري ٻچي جو سپاهه جاڳيو آهي، پر ان هوندي بہ ڪنس بچايائين.
ڀڳوان ڪنهن بسندس ايمان ڀڳو ۽ ڪنهن الگد کي بچايائين، اهو ورتائت ڏهين اڌياءَ جي ١٤
شلوڪ هيٺان ڏنل آهي.

هڪ ميراثيءَ جي پٽ جي شادي هئي. جڄ وٺي پنهنجي ڳوٺ ڏي هليا. گهوٽ جي ماءُ
جيو ته مان بہ هلندس. سندس ڀيڻ پٽن ۽ عزيزن گهڻوئي ڪنس جهليو ته نہ هل، جو تہ پراڻو
ڳوٺ آهي ۽ اسين جو بہ ڍولڪون وغيره وڄائيندا سون ته توکي ضرور جوش ايندو ۽ تون نچڻ
لڳي ويندينءَ. اها نچ جي ڳالهه ٿيندي. پر هن ضد ڪيو ته ضرور هلندس ۽ اصل ڪين
نچندس. آخر وٺي، پر ڍولڪون وڄيون ته هوءَ يڪدم اٿي نچڻ لڳي ۽ سڀاءَ کي روڪي
نہ سگهي. مطلب ته هرڪو پنهنجي سڀاءَ جي وس ٿئي ٿو. متي ڀڳوان ٽئين اڌياءَ پر ٻڌائي
آيو آهي ته گيانوان بہ سڀاءَ جي وس ٿين ٿا ته پوءِ پٽ جو ڪهڙو ڏوهه؟ ان ڪري ڀڳوان
ارجن کي چوي ٿو ته تون ڪيترو بہ نہ چاهين، پر پنهنجي سڀاءَ جي وس ٿي تون جنگ ٿي نہ
سگهندين ۽ وڏي ڳالهه ته تنهنجي وس پر بہ ڪجهه نہ آهي، جو ته ساري سنسار جا جيو
پنهنجي پنهنجي ڪرمن جي ٻڌل پر ٻڌا پيا آهن ۽ پرماتما جيڪي چاهي ٿو، اهو انهن کان
ضرور ڪرائي ٿو. ورات سروپ پر ڀڳوان ڪنس پرلڪش طرح بہ ڏيکاري آيو آهي نہ سڀ
ڪورون جي طرف وارا پوڙا مٿا پيا آهن ۽ سندس ڏاڙهن ۽ ڏندن پر پيا ٿا چٻاڙجن، سو انهن
کي ارجن ڪئين بچائي سگهندو؟ جيڪي پرماتما چاهي ٿو، اهو ضرور ٿيندو ۽ اهو سڀ
اڳهه ئي لاهي رکيو اٿس. ڀڳوان ارجن کي ڪيڏو نہ گيان ڏنو، ان هوندي بہ ڪنس چوي
ٿو ته جي هٺ ڪندين ته بہ تون سڀاءَ جي وس ٿي ۽ منهنجي اڄا انوسار ضرور بہ ڪندين.
ارجن ڪيتري راڄا هو ۽ وري ايشور جي بہ اها اڄا هئي، سو ارجن بہ ڪان ڪداچت
رهي نہ سگهي ها. ڀڳوان نہ سڀني پوڙن کي مارڻ وارو پاڻ هو، پر ارجن کي نمت ٿيڻو
هو ۽ اها شڪتي بہ ڀڳوان ئي ڪنس ڏني هئي. ڪرشن جي سرڳ ڌام وڃڻ کان پوءِ ارجن
جڏهن ڀڳوان جي حڪم انوسار استرين ۽ ٻارن کي ملڪيت سميت دوارڪا مان هستناپور
وٺي ٿي ويو ته متس وات ٿي ڪن ڀيلن حملو ڪيو، جن سان هو پڄي نہ سگهيو ۽ سندس
بہ وديا ۽ سورمتا اُن وقت سندس ڪجهه بہ ڪم نہ ڪيو. ارجن ان وقت چالو نہ مڃون
جيڪا بہ پر سوڀ پاتي اها سڀ ڀڳوان ڪرشن جي شڪتيءَ دواران، نہ ته هي ڀيل ڪئين
سولڪان ڪٿي وڃن ها؟ چالائين ته انسان جي شڪتي ڪجهه ٿي ڪري سگهي. شرير، وديا
۽ ڌن جو ٻل سڀيئي پرماتما جو ٿي سمجهڻ گهرجي. هو ڪن پر راڄا مان رنڪ ۽ فقير مان

قسمن جون ڏکيائون پيدا ٿين ٿيون، جن ۾ وشمن جي ڀوڳن لاءِ ڪامنائون، اندرين جو ڀوڳن ڏانهن ڊوڙڻ، شرير جون بيماريون سماريون ۽ ڪمزوريون، ڌيان ۾ ويهڻ وقت من جو ڀٽڪڻ، آلس ٿيڻ، وغيره، وغيره. ڀڳوان کي ارجن ڪيڏو نه پيارو هو، پر هن کي به صاف ٿو ٻڌائي ته جي ايمان وچان منهنجي سکيائن تي نه هلندين ته نشٽ ٿي ويندين. هرهڪ جگياسوءَ کي پنهنجي ستگروءَ ۽ ويدن شاسترن جي سکيائن تي پورو ڀروسو هئڻ گهرجي. گيتا ۾ گيان، ويراڳ، ڀڳتيءَ ۽ وهنوار الوا پرمارٿ جو صاف صاف نروپڻ آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان منش جو ضرور ڪلياڻ ٿيئي ٿو. سڀئي ويدن شاسترن ۽ پراڻن جو گيان هن گيتا ۾ سمايل آهي. گرو گرنٿ صاحب ۾ به گيتا جي سکيا تي شبد آيل آهن ۽ گرو نانڪ ديو پنهنجيءَ ماتا کي پڻ گيتا جي پنڌرهين اڌياءَ جو گيان ڏنو هو. سڀئي ويدن شاسترن جي پڙهڻ سان ساڳيو نانوچ ڪرندو، جو هڪ گيتا جي پڙهڻ سان ٿيندو، ان ڪري اها هر وقت ساڻ هئڻ نهايت ڪلياڻ ڪاري آهي.

شلوڪ ٥٩. جيڪڏهن ايمان جي وس ٿي تون خيال ڪندين ته ”مان يڌ ڪين ڪندس“ ته تنهنجو اهو نهراءُ وئرٿ آهي، ڇو ته تنهنجو ذاتي سڀاءُ توکي ضرور يڌ ڪرائيندو.

شلوڪ ٦٠. هي ڪنتي پٽر! جيڪي تون موهه وچان نٿو ڪرڻ گهرين، اهو تون پنهنجي ڪرمن جي بندنن وچان ۽ پنهنجي سڀاءَ ڪري اوس ڪندين.

شلوڪ ٦١. ايشور سڀني جيون جي چت ۾ هي ارجن! ويٺو آهي ۽ هو سڀني پراڻين کي پنهنجي مايا سان چڪ تي چڙهيل جيان پيو ڦيرائي.

هنن ٽن شلوڪن ۾ ڀڳوان ارجن کي خبردار ٿو ڪري ته ڪهڙي به هٺ وچان جيڪڏهن تون يڌ کان منهن موڙيندين ته به تنهنجو کتري ڌرم جو جنگي سڀاءُ آهي، اهو توکي ضرور يڌ ڪرائيندو. اهو تنهنجو اجايو وهم آهي ته تون ارجن آهين ۽ هي تنهنجا سڀ سمبنڌي آهن ۽ انهن کي مارڻ پاپ ٿيندو. تنهنجي اڳين ڪرمن ڪري تنهنجي جنم ۾ کتري ولڙا آهي، ان ڪري تون پنهنجي سڀاءَ جي وس ٿي مرضيءَ نه هوندي به ضرور يڌ ڪندين. پرماتما ئي سڀني پراڻين جي شريرن ۾ براجمان آهي ۽ سندس شڪتيءَ سان ئي سڀ شرير هلن چلن ٿا ۽ انهن سڀني کي هو ائين هلائي رهيو آهي، جئن ڪنهن چڪر تي چڙهيل ڪاٺ جون پتليون ڦرنديون آهن.

- اسڪند ڀڳوان رام جو ڀڳت هو ۽ راجه دشرٿ جي راڄ وقت وڏي مقيس لشڪار وڏي هلائين، پر ڪاهي به الٽي ۾ ايوڌيا ۾ شري رامچندر جي راڄ تلڪ وقت سندس اندر ۾ سورمي وارو اهنڪار پيدا ٿيو ۽ خيال آيس ته آءٌ نه هجان ها ته سڀني تنهنجي پيءُ جو ماريندو آهي، سو جو نه بدلو ورتان، نه نه پوءِ جا جو؟ الٽي شيوا ڪيائين، پر اصلي سڀاءُ نه ويس. پرهلاد ڪيڏو نه وشنو ڀڳوان جو پيارو ڀڳت هو ۽ نرسنگهه روپ ڌاري ڀڳوان ڪيس بچايو هو، پر اهو به

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان ارجن کي ساري گيتا جو لب ۽ گهٽ ۾ گهٽ سڌائت ٿو ڪولي بيان ڪري ٻڌائي ٿو ته پنهنجي من کي هڪڙي مون پرميشور ۾ لڳاءِ، جيڪڏهن ۽ جڏهن جڏهن اهو ٻئي طرف وڃي ته الڪي قابو ڪري، مون ڏانهن لاڙ، سڀ ڪرم مونکي ارپڻ ڪر، زبان سان منهنجو ئي نام جپ، هٿن سان منهنجائي ڪم ڪر، ٻين سان موللاءِ ئي پيدا ڪر. مطلب ته سڀ ڪجهه مون لاءِ ڪر. ڪنهن به پراڻيءَ لاءِ ڌڪار، دويش يا دشمني نه رک ۽ نمسڪار به مونکي ئي ڪر، مونکي ئي پنهنجو سهارو ۽ مقصد ڄاڻ، ته پوءِ ضرور تون منهنجيءَ ڪرپا (مهر) سان پورن گيان حاصل ڪندين ۽ مون ۾ ئي لين ٿي ويندين. ارجن جي معرفت ڀڳوان جي هيءَ آگيا اسان سڀني لاءِ آهي ۽ هو اسان سڀني کي پنهنجي پاڻ سان ملائڻ لاءِ آتاولو ويٺو آهي، رڳو اسين سچا ٿي پرشارٿ ڪريون. اڳتي ڀڳوان اهو به ٿو چوي ته هي ارجن! تون سڀني ڌرمن يا فرضن کي به ڇڏي يعني انهن جي ڪابه ڳڻتي نه رکي، هڪ منهنجي شرن وٺ، ته توکي اُنهن فرضن نه ڪرڻ وغيره جو ڪوبه پاپ نه لڳندو ۽ مان توکي انهن سڀني ڏوهن گناهن کان ڪنهن به پراشچت ڪرڻ بنا ئي آجو ڪري ڇڏيندس. ان طرح ڀڳوان سمورو بوجو پاڻ تي ٿو هموار ڪري، جيڪڏهن اسين رڳو سندس شرن ۾ وڃون. ڀڳوان جي شرن ۾ وڃڻ جو مطلب اهو آهي ته پيائي دور ڪري، ساري برهمانڊ ۾ ٻيو ڪجهه به نه ڏسون ۽ هڪ ڪيس ئي ويابڪ ڄاڻون، ڇو ته سچ پچ ته هڪڙو هوئي سڀني جيون ۽ پدارٿن ۾ وسي رهيو آهي ۽ هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ساري برهمانڊ ۾ آهيئي ڪونه. اها سم درشٽي حاصل ٿي ته پوءِ سڀني چڱن يا برن ڪرمن جا ٻنڌن ٽٽي پوندا ۽ پرماتما ۽ پاڻکي هڪ ڄاڻبو. هن جو اهو به مطلب آهي ته اسان کي پنهنجي جيو ڌرم کان به آجو ڪيٽو آهي يعني اهو خيال ئي دور ڪرڻو آهي ته اسين ڪجهه ڪريون ٿا، اسين هن يا هن ورن يا آشرم جا آهيون، مطلب ته سڀ ڪجهه وساري پاڻ کي ۽ سڀني کي هڪ برهم ئي سمجهڻ آهي. اُٿندي، ويهندي، کائيندي پيئندي، ساري جڳت ۾ هڪ ئي برهم کي ڏسون ۽ هن جوئي پوڄن ۽ ڌيان ڪريون. ان طرح سنسار ۾ سڀ وهنوار ڪندي به ساري جڳت کي برهم روپ سمجهڻ سان ئي جنم ڏيڻ وارن سڀني پڻن يا پاپ ڪرمن کان ڀڳوان اسان کي مڪت ڪري، پاڻ ۾ لين ڪري ڇڏيندو. ان ۾ ڪوبه سوچ ويچار ڪرڻ جو ضرور ئي ڪونه آهي. هنن شلوڪن سان ڀڳوان شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان (اپديش) سماپت ڪيو. اڳتي ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو:

شلوڪ ٦٧. جيڪو تپسياهين آهي، جنهن ۾ ڀڳتي ڀاءُ ڪونهي ۽ جو گروءَ ۽ وڏن جي شيوا نٿو ڪري، جنهن ۾ ست اُپديش ٻڌڻ جو چاهه نه آهي ۽ جو مون پرميشور ۾ دوش درشٽي ٿو رکي (يعني مونکي ايشور نه پر هڪ منش ٿو سمجهي)، ان کي هيءُ گيان ڪڏهن به نه ٻڌائج.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان ڪرشن هدايت ٿو ڪري ته گيتا جو گيان اهڙن ماڻهن کي ٻڌائڻ ئي

ٻڌائي ٿو سگهي.

شلوڪ ٦٢. هي ڀارت! سڀ طرح پورن ڀاءُ سان تون ان ايشور جي شرڻ وڃ ته انهيءَ ڪرپا (پرساد) سان تون پرم شانتي ۽ ابناسي ڌرم پائيندين.

شلوڪ ٦٣. هن ريت مون توکي ڳجهي کان ڳجهو گيان ظاهر ڪيو آهي؛ اُن تي پوريءَ طرح غور ڪري پوءِ جئن وڻيئي، تئن عمل ڪر.

شلوڪ ٦٤. منهنجي سڀني کان وڌيڪ ڳجهن پرم وچنن کي وري تون ٻڌ؛ ڇو ته تون مونکي بلڪل پيارو آهين، اِنڪري مان توکي جيڪي تنهنجي لاءِ هتڪاري آهي، اهو ٻڌائيندس.

ڀڳوان هتي ارجن کي چوي ٿو ته بلڪل پورن طرح سان تون هڪ پرماتما جي شرن وڃ ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه ان کي سونپي ڇڏ. پنهنجي اندر ۾ ڪا ڳجهي ڪامنا به نه رک؛ جو نه ڪامنائون ۽ اهنڪار ئي مکيه رڪاوٽون شرن پوڻ جي راهه ۾ آهن. انهن ٻنهي کي بلڪل پوري زور سان ماري ختم ڪري ڇڏ ۽ سنسار جي دکن ڪليشن کان ڇٽڻ لاءِ سڌو ڏاڍيءَ جي اوٽ لاءِ ونس ۾ دوڙي وڃ ۽ ان ڏاڍيءَ کي ئي پنهنجو اوٽ آسرو ڄاڻ، ته پوءِ هن جي مهربا سان تون پرم شانتي پائيندين. هي ارجن! مون توکي ڳجهي ۾ ڳجهو گيان ٻڌايو آهي. دنيا ۾ ڌن کي هرڪو ڳجهو رکندو آهي، اُن کان وڌيڪ منتر کي ڳجهو رکيو آهي؛ ان کان به وڌيڪ ڳجهو پرايت ٿيل سڌين کي رکيو آهي، پر انهن سڀني کان ڳجهو آهي آتم گيان. دنيوي ڌن ته فقط هن لوڪ ۾ سک سمپتي ڏيڻ وارو آهي، پر آتم گيان ته پورو آنند، اٽل آنند بخشڻ وارو آهي، جو تنهي ڪالن ۾ ناس نه ٿو ٿئي ۽ هن لوڪ الوا پرلوڪ ٻنهي ۾ رهي ٿو.

ڀڳوان ارجن کي پنهنجو پريمي، شرڌاوان ۽ سچو شش ڄاڻي وڌيڪ ڪمس چوي ٿو ته "هي ارجن! تون مونکي پيارو آهين، تنهن ڪري تنهن جي ڇٽڻ کان سواءِ، نه پنهنجي ڪنهن سوارٿ، لالچ يا شيوا لاءِ، پر رڳو تنهنجي ڪلياڻ واسطي مان وري توکي ڪجهه ۾ ڳجهه راز ٿوري ۾ ٿو ٻڌايان. جيتوڻيڪ مون توکي وستار سان اهو سڀ اڳ ئي ٻڌايو آهي، پر وري ان لاءِ ٿو دهرايان ته تنهنجي من ۾ پوريءَ طرح اُڪي."

شلوڪ ٦٥. پنهنجو من مون ۾ لڳاءِ، منهنجو ڀڳت ٿيءُ، پنهنجو پاڻ مونکي ارپڻ ڪر، مونکي ئي نمسڪار ڪر ته تون ضرور مونکي ئي پرايت ٿيندين. اها مان توسان سچي پرتگيا ٿو ڪريان، ڇو ته تون مونکي پيارو آهين.

شلوڪ ٦٦. سڀني ڌرمن کي ڇڏي، تون هڪ منهنجي شرن ۾ اچ ته مان توکي سڀني پاپن گناهن کان مڪت ڪري ڇڏيندس. تون ڪوبه سوچ فڪر مور نه ڪر.

اڀياس ڪرڻ يعني پڙهي، گروءَ دوارا سمجهڻ آهي جڻ سندس گيان يگيه دوارا شرڌا ۽ ڀڳتيءَ سان پوڄا اُپاسنا ڪرڻ؛ ڇو ته هن گيتا شاستر ۾ موکه جي پراپتيءَ جي ساڌن آتم گيان جو ورلن ٿيل آهي ۽ ڀڳوان جي ڀڳتي ۽ ساڳيءَ سڌيءَ يعني موکش لاءِ ڪيتي تسي وڃي. ڀڳوان جي ڪنهن به روپ يا ڪنهن به اشٽ ديو جي ڌيان اُپاسنا جو مقصد اهو ئي آهي ته آتم گيان حاصل ڪري، موکش پد پائجي. اهو مقصد ڀڳوان هن شلوڪ ۾ صاف ٿو ٻڌائي ته گيتا جي فقط اڀياس ڪرڻ سان پائي ٿو سگهجي. گيان يگيه جو بيان وستار سان چوٿين اڌياءِ جي ٢٨ ۽ ٣٣ شلوڪن ۾ آيو آهي. گيتا کي ٻيا سمجهڻ جي رڳو ان جو پاٺ ڪرڻ ٻڻ اڀي لاڀدايڪ آهي يعني جپ يگيه جي برابر ليکجي ٿو، جنهن مان به ڌن پدارٿن سان ڪيل يگين وانگر نه فقط سک سمپتي حاصل ٿئي ٿي، پر انتهڪرڻ به شڌ ٿئي ٿو ۽ آخر آتم گيان جي اُلهتيءَ دوارا اهو منش موکش جو ٻڻ اڌڪاري ٿئي ٿو. جپ يگيه جو وستار سان بيان ڏهين اڌياءِ جي ٢٥ شلوڪ ۾ آيو آهي. مطلب ته گيتا جو پاٺ ڪرڻ هڪ آتم ۾ آتم قسم جي پرماتما جي ڀڳتي آهي، ڪٿي ان جو ارٿ سمجهجي يا نه. پڙهي ۽ ارٿ سمجهڻ آهي گيان برابر ۽ ٻيا سمجهڻ جي پاٺ ڪرڻ آهي جپ يگيه برابر. هن شاستر جي اهڙي مهما آهي. وڏي يگين مان ڪن ۾ ته پسن جون قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون، جن جو پاپ ٻڻ يگيه ڪندڙ کي لڳي ٿو، پر پوئين ٽن قسمن جي يگين ۾ اها هنسا نٿي ڪرڻي پوي.

شلوڪ ٧١. جيڪو پرش راڳ دويش کان رهت ٿي ۽ پوري شرڌا رکي هي گيتا شاستر ٻڌي ٿو، اُهو ٻڻ [پاپن کان] مڪت ٿي، پنيه ڪرمن ڪندڙن جي شڀ لوڪن کي پراپت ڪري ٿو.

هن شلوڪ ۾ ڀڳوان وڌيڪ صاف ٿو ڪري ته جيڪڏهن ڪو پاڻ پڙهي نه سگهي نه ڪنهن کان گيتا جو پاٺ شرڌا رکي ٻڌڻ ٻڻ ڀاري ڦل ڏيڻ وارو آهي. راڳ دويش کان دور ٿي جيڪو هن شاستر کي ٻئي کان ٻڌي ٿو، اهو به هن جنم ڪالهوءِ شڀ لوڪن کي حاصل ٿو ڪري، جن سرڳ آدي لوڪن لاءِ ماڻهو لکين روپيه خرچي، وڏا وڏا يگيه ڪندا آهن. گيتا جي پاڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو ڪيڏو نه مهاتم آهي، اهو هڪ سچيءَ وارتا مان پڌرو ٿئي ٿو:

هڪ وڌيارٿي ٻال اوستا ۾ گرو ديو وٽ وديا پڙهندو هو. گيتا جي ٻائين اڌياءِ جي ١١ شلوڪ جو ارٿ سمجهي رهيو هو، جنهن ۾ ڪرشن ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي ٿو ته جيڪي مورک لوڪ آهن، سي ڪيس ايشور ڪري ٿا مڃين، پر هڪ شرير ڌاري منش، واسديو ۽ ديوڪيءَ جو پٽر يا نند ۽ جسودا جو ٻار هڪ گوالو. اهو ٻڌي هن ٻالڪ وڌيارٿيءَ پنهنجي گروءَ ديو کان سوال ڪيو ته ڀڳوان! اهو مهان ايشور ڪٿي ۽ ڪٿي ملي سگهندو؟ سندس گروءَ ته سهج سڀاءَ سان ڪٿي چيس ته "پٽر! اهو ايشور مور مڪٽ وارو، پيتامبرڌاري بنسي وڄائيندڙ ٻندراٻن جي ڪنجن ۾ ملندو. ٻالڪ کي ايشور جي درشن جي اندر ۾ پياس

نه گهرجي، جن کان تپسيا يا ڀڳتي نه ٿيل آهي يعني جي اِندرين ۽ من کي ضبط ۾ آڻي وهمن کان لئا رکن، گروءَ ۽ سڀني پرماتما جي سيوا ڀڳتي لئا ڪن ۽ جي مون کي هڪ انسان ڪري ٿا سمجهن ۽ نه ايشور. گيتا جو گيان رکڻ اڌڪاري منهن کي پڙهائڻ لاءِ هدايت ڪئي ٿي، جن ۾ ستسنگ لاءِ سچو پريم آهي ۽ گروءَ، پرماتما ۽ ويدن شاسترن جي سکيائن ۾ پوري شردا اٿن.

شلوڪ ٦٨. جيڪو مون ۾ پرم ڀڳتي رکي، منهنجو هي ڳجهي ۾ ڳجهو گيان منهنجي ڀڳتن کي ٻڌائيندو، اُهو ٻنا ڪنهن شڪ جي مون کي پراپت ٿيندو (يا هن جا سڀ شڪ شبها دور ٿي ويندا).

شلوڪ ٦٩. جيڪو هن گيتا جو گيان منهنجي ڀڳتن تي ڏئي ٿو، اُن جهڙو منهنجي شيوا ڪندڙ ٻيو ڪوبه منش نه آهي ۽ نه هن ڌرتيءَ تي هن کان وڌيڪ مون کي ڪو پيارو آهي يا ٿي سگهي ٿو.

هنن ٻن شلوڪن ۾ ڀڳوان گيتا جي اُپديش ڪرڻ واري گروءَ کي جو اُتم ڦل ملي ٿو، ان جو ورڻن ٿو ڪري. چوي ٿو ته جيڪو هي گيتا جي سکيا منهنجي ڀڳتن کي ڏئي ٿو، اهو منهنجي وڏي ۾ وڏي سيوا ٿو ڪري ۽ اهو مون کي اُتي پيارو آهي، جنهن کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه هن روءِ زمين تي نه ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهندو. گيتا جي گيان کي ڀڳوان ڳجهي ۾ ڳجهو اُتم ڪري ٿو ڪوٺي، جو اُن وسيلي منش جنم مرڻ جي چڪر کان موڪش پائي ٿو ۽ اهو اُتم پد کي پراپت ڪري ٿو، جو هن منش جيوليءَ جو مقصد آهي. جن اڳيءَ ۾ ڪيهه وچڙ سڪلو آهي ۽ نه رکن ۾، تن رکو شرڌالو ۽ ڀڳتي ڀاءُ واري منهن کي هي گيان ڦالدو ٿو ڪري، ۽ نه اشرڌالو، اوورڪي ۽ ڀڳتي هيڻ انسان کي.

شلوڪ ٧٠. جيڪو انسان ٻنهي [ڀڳوان ڪرشن ۽ ارجن] جي وچ ٿيل هن سنواد جو اڌيين يعني اڀياس ڪندو، اُن جڻ پرميشور جي گيان يگيه سان پوڄا اُپاسنا ڪئي، اهو منهنجو مت (نشچو) آهي.

يگيه چئن پرڪارن جا چيا ويا آهن: وڏي يگيه، جپ يگيه، اُپسو يگيه ۽ منسا يگيه. ويدن شاسترن ۾ ڏيکاريل وڏيءَ الوسار پوري سامگريءَ ۽ منترن سان جيڪي يگيه ڪجهن ٿا، جهڙوڪ اشوميڌ يگيه، راجسوئه يگيه، وغيره، وغيره، جن ۾ اڳ ذرا بدعا لڳي ٿو ۽ ڪجهه ليکو ٿا لڳن، اُهن کي وڏي يگيه ٿو ڪوٺجي. زبان سان ڪنهن منتر جو ليڪ سان جاپ ڪرڻ آهي جپ يگيه ۽ چپن سان منتر جي جاپ ڪرڻ کي اُپسو يگيه ٿو چئجي. منسا يگيه آهي ڪنهن اشٽ ديو يا ايشور جو من سان ڌيان يا اُپاسنا ڪرڻ. اهو چئن ئي پرڪارن جي يگيه ۾ اُتم ۽ وڏي ڦلدائڪ ليکجي ٿو. گيان يگيه هن منسا يگيه جي هڪ ڀيد ۾ شمار ٿئي. هن شلوڪ ۾ ڀڳوان شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺ ڪرڻ جو ڦل ٿو ورڻن ڪري. چوي ٿو ته گيتا جو

ارجن چيو:-

شلوڪ ٧٣. هي اَچيت! منهنجو سمورو موهه ناس ٿي ويو آهي ۽ اوهان جي ڪرپا (پرساد) سان مون پنهنجي سمرتي پاتي آهي. منهنجو سڀ سنديهه دور ٿي ويو آهي ۽ مون اِستٿتي حاصل ڪئي آهي. مان اوهان جي وچنن انوسار هلت ڪندس.

موهه مايا جو وڏي ۾ وڏو ۽ سخت ۾ سخت هٿيار آهي جنهن ڪري ڀيهجي چشمي ۾ جهلڻ لاءِ ۽ اهو موهه اوديا مان پيدا ٿئي ٿو. ساري سنسار جي اُلٽن جو ڪارڻ اهوئي آهي ۽ ان ڪان پار ٿيڻ مها ڪٺن آهي. ارجن چوي ٿو ته هاڻي مون پنهنجو پاڻ سڃاتو آهي ته مان آتما آهيان ۽ نه شرير. سڀني سادڻن جو ۽ شاسترن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو هڪڙوئي مقصد آهي ته پنهنجو پاڻ سڃاڻجي. جڏهن اهو گيان ٿي پوي ٿو ته پوءِ مايا جا سڀ ڦندا ناس ٿي ٿا وڃن ۽ پوءِ ڪجهه به ڪرڻ لائق رهندو ئي ڪونه. ارجن هاڻي صاف ٿو چوي ته هي ڀڳوان! مان هاڻي اوهان جي آگيا انوسار هلندس ۽ ڪوبه سنديهه سنسو مونکي نه رهيو آهي.

ڌرتراشٽر راجا کي اهترو سڀ ٻڌائي سنجيه هاڻي چوي ٿو:

شلوڪ ٧٤. اِن ريت هي راجن! ڀڳوان واسديوَ ۽ مهاتما ارجن جو هي اَڏڀت ۽ روم کڙا ڪندڙ سنواد مون ٻڌو.

اڏڀت الڪري ٿو ڪوٺي جو اهو گفتگو يوگ ۽ آتما جي گيان بابت هو، جو من کي وسمه ۾ وجهڻ وارو آهي، ڇاڪاڻ ته ان گيان سان پرماتما سان ايڪتا حاصل ٿي ٿئي، جنهن جهڙو حيرت ۾ وجهندڙ ٻيو ڪجهه ٿي نٿو سگهي.

شلوڪ ٧٥. ويد وياس جي ڪرپا سان مون هي اُتم ۽ بلڪل گپت يوگ جو بيان سڌو يوگيشور شري ڪرشن ڀڳوان جي مکارونِد مان ٻڌو، جنهن هن پاڻ منهنجي سامهون پنهنجي ڪٿن ڪيو.

راجا ڌرتراشٽر کي سنجيه هي سمورو بيان ڀڳوان ڪرشن ۽ ارجن جي وچ ۾ ٿيل سنواد ۽ يڌ جو احوال هستناپور ۾ ويهي ٻڌايو، جيتوڻيڪ يڌ ڪروڪشيتر جي ميدان ۾ ٿي رهي ۽ جتي ٿي سموري ڀڳوان ۽ ارجن جي گفتگو ٿي هئي. راجا ڌرتراشٽر جي من ۾ اها شنڪا اُٿي ته سنجيه ڪئن اهو سڀ ڏٺو ۽ ٻڌو، جڏهن ته يڌ جي ميدان کان گهڻو مفاصلو دور ويٺو آهي. ان شنڪا کي دور ڪرڻ لاءِ سنجيه چوي ٿو ته "هي راجن! مونکي ويد وياس دوربين درشٽي ۽ ٻڌڻ جي شڪتي ڏني آهي، ان جي ٿي مدد سان مون هي سڀ پاڻ سڌو ڀڳوان ڪرشن جي مک مان نڪتل گيان ٻڌو. ڪي اهڙا به شنڪا ڪن ٿا ته يڌ جي پوري وقت ۾ ڪئن ڀڳوان ارجن کي ايڏو گيان ڏئي سگهندو؟ هن ضرور ٿوري ۾ ڪجهه چيو هوندو،

ڳئي ۽ گروءَ جي وچن ۾ درڍ ڀروسو ۽ شردّا رکي يڪدم اهڙي مڪند مراريءَ کي ڳولهڻ لاءِ هليو آيو برندرابن. چار ڀيرا ڏينهن ۽ راتيون گذري ويئون هن کي ڳوليندي، پر ڪو به پتو ڪونه پيس، نه ته ڪاڏو ويو سو پتو پيس. سڀ ڇڏي هن جي ڳولا ۾ رات ڏينهن لڳو رهيو ۽ خوب پيو پڪارون لڳائون ڪري ته هي منهنجا ايشور مونکي ڇو نه ٿا درشن ڏيو؟ آخر پريم ڀريل دل سان ڳوليندي هن کي ستين ڏينهن اهڙي سروپ جو درشن ٿيو. يڪدم ڀڳوان کي چرڻ لڳو ته ”سائين! اوهين آهيو نه برابر ايشور، پر هڪ دفعو منهنجي گروءَ وٽ هلو ته هو ڏسي ته اوهان برابر سچا ايشور آهيو، متان ڀيک ڌاري هجو!“ ڀڳوان هن جي پريم جي وس ٿي يڪدم ٻالڪ جو هٿ وٺي هن سان هليو. ان مهاتما جي پاٺشالا مٿي ماڙيءَ ۾ هئي. ٻالڪ هيٺان بيهي گروءَ کي سڏ ڪري چوڻ لڳو ته ”گروجي! مون ڪرشن ڀڳوان کي آندو آهي. اچي ڏسو.“ گروءَ گهڻا دفعا ان آواز ٻڌڻ لئي دريءَ مان هيٺ نهاريو، پر ڪيس رڳو ٻالڪ پيو ڏسڻ ۾ آيو، سو چوڻ لڳس ته اڄايو ڇو منهنجا ڏينهن گسايو ٿيئي. هاڻي اچي پڙهه.“ پر هو پيو چوي ته ”گروجي! مان ته ڪرشن کي وٺي ويو هوس، سو ڪيس ڏسو.“ آخر گرو هيٺ لهي آيو ته به ٿوري جهلڪ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه پيو ڏسي سگهي. هن کي اها اڪ ڪلي هئي جو پرميشور جو درشن ٿئيمس؟ آخر ٻالڪ ڪرشن ڀڳوان کي چيو ته ”منهنجي گروءَ کي درشن ڇو نه ٿا ڏيو ته اوهان کي سڃاڻي.“ ليڪن ڀڳوان ٻالڪ جي پريم جي وس ٿي گروءَ کي به درشن ڏنو. مطلب ته گيتا جي ٻڌڻ سان ٻالڪ کي ته درشن ٿيو، پر پاڙهيندڙ گروءَ کي به درشن مليو ۽ هو به آخر مڪتيءَ جو اڌڪاري ٿيو. گيتا ۾ سڀ شاستر اچي ٿا وڃن، جنهن ڪري ڀڳوان چوي ٿو ته جيڪو اِن کي پڙهندو، ويچاريندو ۽ اِن جي سکيا کي گرهڻ ڪندو، اهو ته ضرور موڪش پائيندو، پر جيڪو رڳو پڙهندو يا رڳو ٻڌندو، اهو به سڌي پراپت ڪندو ۽ اُتم لوڪن ۾ ويندو. اهڙو گيان ٻڌائي، جئين ڪو ڊاڪٽر يا حڪيم بيمار کان خبر چار پڇندو آهي ته ڪنهن دوا مان ڪو فائدو پيو اٿيئي؟ ان طرح ڀڳوان ارجن کان پڇي ٿو:

شلوڪ ۷۲. هي پارٿ! ڪٿن تو هي سڀ ڪجهه ايڪاگر چت سان ٻڌو يا نه؟ هي ڌننجيه! تنهنجو اگيان وچان پيدا ٿيل موهه ناس، ٿيو آهي يا اڃا نه؟

هر ڪنهن روحاني رهبر جو فرض آهي ته جگياسوءَ کي شاسترن جي سکيا چڱيءَ طرح سمجهائي، ته هو جيون جو لڪش (موڪش) پائي سگهي. جيڪڏهن جگياسوءَ ڪا سکيا پوريءَ طرح گرهڻ نه ڪئي هجي ته هو ان کي اها سکيا وري نئين سر ٻيءَ طرح مثال ڏيئي سمجهائي ٿو. ان ڪري ئي ڀڳوان ڪرشن ٿا ارجن کان سوال ڪري رهيو آهي ته سندس موهه دور ٿيو يا نه؟

شلوڪ ٧٨. جنهن طرف يوگيشور ڪرشن ۽ ڌنش ڌاري ارجن آهن، اُتي ئي شري (راڄ لڇمي)، وجيه (جيت)، ڀوتي (سک سمپتي) ۽ اچل نيتي (نياءُ) آهن، اهو منهنجو دڙ مَتو آهي.

هن هڪڙي شلوڪ کي ايڪ سلوڪي گيتا پڻ ڪوٺجي ٿو يعني هن هڪ شلوڪ جي وار وار اُچارڻ سان ساري گيتا جي پاٺ ڪرڻ جو ڦل ملي ٿو. هن شلوڪ ۾ سنجيه راجا کي صاف ٿو ٻڌائي ته يڌ ۾ فتح پاندون جي ٿيڻي آهي ۽ نه تنهنجي پٽن جي، ڇو ته سرو شڪتيوان ڀڳوان ۽ مها يوڌو ارجن پاندون طرف آهن ۽ ڀڳوان جا پاندو ڀڳت آهن ۽ انصاف به هنن جي طرف آهي. ان ڪري ڀڳوان ضرور پنهنجي ڀڳتن جي پڇ رکندو ۽ تنهنجي پٽن جو پاندون سان اڌرم ورتاءُ ۽ ظلم ڪيو آهي، سو هو ضرور اُن انياءُ جو ڦل پائيندا. سنجيه جو مطلب هو ته راجا ڌرتراشٽر پنهنجي پٽن کي سمجهائي ته اجايو يڌ نه ڪن، پر پاندون سان نباهه ڪن، مگر راجا تي ان جو ڪوبه ظاهري اثر ڪونه ٿيو ۽ جنگ جاري رهي.

اوم تت ست

شريمد ڀڳوت گيتا جو اُپنشد برهم وديا يوگ شاستر جو شري ڪرشن ارجن سنواد جو "موڪش سنياس يوگ" نالي ارڙهون ۽ آخرين اڌياءُ پورو ٿيو.



جنهن کي وڏو وشواس پيو وڌايو آهي. پر اها شنڪا به ٺيڪ نه آهي. ان سمي ساري گفتگو سنسڪرت ۾ ٿيندي هئي ۽ گيتا جي سنسڪرت شلوڪن جو پاٺ ڏيڍ ڪلاڪ ۾ ڪري ٿو سگهجي. لڙو ڪجهي نه اچا به گهٽ يعني ڪلاڪ ڪن مس لڳندو. ڪرشن جهڙو اوتار ۽ ارجن جهڙو دماغي شڪتيءَ وارو جگياسو ٻه ڪلاڪ ۾ اهو سنواد نه ڪري سگهيا هوندا؟ سنجيه پاڻ صاف صاف ٿو چوي ته اها ساري گفتگو مون ٻڌي ۽ ڏٺي، جنهن مان ظاهر ثابت آهي ته هڪ هڪ حرف ڀڳوان جي مکاروند مان نڪتل آهي نه ته هوند واڻيءَ ۾ به فرق ڏسڻ ۾ اچي. سنجيه وڌيڪ به چوي ٿو ته اهو سڀ ٻڌي ۽ ڏسي، منهنجا روم ڪرڙا ٿي پيا، جو نه ان گيان ٻڌڻ مان سنجيه کي ايڏو گهڻو رس ۽ آنند آيو. جڏهن ڪنهن به ڳالهه ٻڌڻ يا ڏسڻ مان گهڻو رس ۽ آنند ايندو آهي، جڏهن ڪنهن ڀڳت کي پرماتما جي درشن مان يا هن جي ڪٿن ڳالهه يا ٻڌڻ مان ته پريم وچان ساري بدن جا وار ڪرڙا ٿي پوندا آهن. اهڙا آزمودا هر ڪنهن کي ٿين ٿا.

جيڪو هي گيتا شاستر ٻڌي ٿو، ان جا به ڏن ڀاڱا آهن. ٻڌائڻ واري جو به وقت سڦلو ٿو ٿئي. اڄ ڪال جي وقت به گيتا جو پاٺ ڪندا آهن، خاص ڪري آخرين ارڙهين اڌياءَ جو. جنهن ۾ ساري گيتا جي سکيا جو تت سمايل آهي، انهيءَ لاءِ نه پراڻي ڪجهه ٻڌي ولي نه سندس ڪلياڻ ٿي پوي. جنهن ڪر آڪاش جو انت نٿو پائجي، پر ان ۾ ڪرڙ نه الاامي ٿو ۽ هڪ ڦيرو به ۽ هرڪو پنهنجي شڪتيءَ آهر آڪاش جو انت ٿو لهي، ان طرح گيتا جي گيان کي به هرڪو پنهنجي پنهنجي عقل ۽ ٻڌيءَ آهر سمجهي ٿو ۽ ان جو سار چندي چاڙهي ڪڍي ٿو يا نيڪا ڪري ٿو. سنجيه وڌيڪ راجا ڌرتراشٽر کي چوي ٿو:

شلوڪ ٧٦. هي راجن! هن اڌڀت ۽ پوتر ڪيشو ۽ ارجن جي سنواد کي مان ياد ڪري وار وار گد گد پيو ٿيان.

شلوڪ ٧٧. هي مهاراجا! هري ڀڳوان جو مها اڌڀت وراٽ سروپ جو مون ڏٺو، اُن کي به ياد ڪري بيحد عجب پيو لڳيم ۽ مان هر هر هرش ۾ پرجي ٿو وڃان.

هن ٻن شلوڪن ۾ سنجيه پنهنجي خوش نصيبيءَ جو ٿو اظهار ڪري. چوي ٿو ته هي راجن! ڀڳوان جيڪو گيان ارجن کي ڏنو، اهو اهڙو نه اُتم ۽ پاپن کي ناس ڪندڙ ۽ موکش ڏيڻ وارو آهي، جو مان پاڻ کي وڏو ڀاڳوان ٿو سمجهان ته مون ٻڌو. اهو اپديش ياد ڪري ڪري منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد ئي نٿي رهي. وري ڀڳوان جيڪو پنهنجو حيرت ۾ وجهندڙ وشو وراٽ سروپ ارجن کي ڏيکاريو، ان جو سمرڻ ڪري نه ڀولجي وڃي. اهڙو ته سگهي ۽ مان هر هر مها آنند محسوس ڪري خوشيءَ ۾ نٿو سمائجان. آخر ۾ سنجيه پنهنجي من جي وچار کي ٿو پرگهٽ ڪري جو هن سنواد ٻڌڻ سان سندس اندر ۾ پڪو ٿيو آهي.

(۱۳) جيڪو پرش هر روز گيتا جو رڳو هڪ اڌياءُ به ڪِٿي شرڌا رکي پڙهي ٿو، اهو رُدر لوڪ کي ٿو پراپت ڪري ۽ اُتي رُدر ڀڳوان جو گڻ ٿي الڪ سال رهي ٿو.

(۱۴) جيڪو روزانو اڌياءَ يا ڪي شلوڪ پڙهي ٿو، اهو هي ڌرتي! هڪ منونتر (يعني ۷۱ مها يُگن) تائين منش چولي ۾ ٿو رهي.

(۱۵) ۽ (۱۶) جيڪو پرش ڏهه، ست، پنج، چار، ٽي، ٻه يا رڳو هڪ شلوڪ يا اڌ شلوڪ جو به جاپ ٿو ڪري، سو چندر لوڪ کي ٿو پراپت ڪري ۽ اُتي ڏهه هزار ورهيه رهي ٿو. روزانو گيتا جي پاٺ ڪرڻ جو نِيمي مرڻ کان پوءِ به وري منش چولو ٿو پائي.

(۱۷) گيتا جي وار وار ابياس ڪرڻ سان پرش مُڪتي پائي ٿو. مرڻ وقت فقط "گيتا" فقط اُچارڻ ڪري به پراڻي شُڀ گتيءَ کي ٿو پراپت ڪري.

(۱۸) ڪيتري ڪرم پاپن سان ڀرپور هجي، پر جي گيتا جي اُپديش کي سمجهه چاهه سان چت لڳائي ٿو پڙهي ته اهو پرش به وئڪنٺ ۾ وڃي وشنو ڀڳوان سان آنند ۾ گذاري ٿو.

(۱۹) جيڪو شُڀ ڪرم ڪندي، گيتا جي ارٿ ٻاڙ لئي ڌيان ڪري ٿو، اهو مرڻ کان پوءِ پرم پد کي حاصل ڪري ٿو ۽ جيون مُڪت (جيئري ئي مُڪت) ڄاتو وڃي ٿو.

(۲۰) گيتا ۾ آسرو رکندڙ گهڻيئي جنڪ آدي راجائون ۽ پاپ سڀ ڇڏي پرم پد کي پراپت ٿيا آهن.

(۲۱) جيڪو گيتا پڙهندي به اُن جي وڏائي ۽ مهما نٿو سمجهي ۽ مهاتم نٿو پڙهي، اهو پڙهڻ جو ڪوبه ڦل نٿو پائي ۽ سندس محنت وئرٿ ٿي وڃي.

(۲۲) جيڪو گيتا جي ابياس ڪندي هن گيتا جي مهاتم کي به جاڻي ٿو. اهو ئي مٿي ٻڌايل ڦل کي پائي ٿو ۽ پرم پد جو وڏن ڏاکڻن سان ٿو ملي، اُن کي پراپت ٿو ڪري.

سوُت ٿو فرمائي:

(۲۳) هيءَ گيتا جي مهما يا وڏائي جا مون ورڻن ڪئي آهي ۽ ابناسي آهي، اها گيتا جي ابياس کان پوءِ پڙهڻ گهرجي ته مٿي ڏيکاريل ڦل حاصل ٿين.

اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

شريمد ڀڳوت گيتا جو مهاتم

شري گڻيشاءِ نمه! **شري راڌا رمڻاءِ نمه!!**

واراهه پران ۾ شريمد ڀڳوت گيتا جو مهاتم هن ريت ورنن ڪيل آهي:

ڌرا (پرٿويءَ) پڪار ڪئي:-

(۱) هي ڀڳوان! هي پرم ايشور! جڏهن پرش پرارٻڌ ڪرمن جي چڪر ۾ ڦاٿل آهي، اُن ۾ هي پرڀو! اَننيه ڀڳتي ڪيئن پيدا ٿي سگهندي؟

وشنو ڀڳوان فرمايو:

(۲) پرارٻڌ انوسار ڪرمن ۾ لڳل پرش به جيڪڏهن نيم سان گيتا جو ابياس پاٺ ڪري ته هو مڪت ٿيو پوي، ڪرم هن کي بنڌڻن ۾ نٿا وجهن ۽ هو سنسار ۾ آنند ۾ ٿو گذاري.

(۳) وڏي ۾ وڏا پاپ به اُن پرش کي ڪنهن ماتر به داغ لڳائي نٿا سگهن، جيڪو نيم سان گيتا جو پاٺ ڪري ٿو، جيئن ڪنول گل کي جل لپائمان نٿو ڪري سگهي.

(۴) جتي گيتا پستڪ رکيل آهي ۽ اُن جو پاٺ ٿئي ٿو، اُتي سڀ تيرٿ ڪنڊ ۽ پوتر استان پرياگ راج آدي واسو ڪن ٿا.

(۵) پڻ سڀ ديو ديوتائون، رشي مني، يوگي، ناگ، گوپيون، گوپال (ڀڳوان ڪرشن جا ساٿي ۽ اُپاسڪ)، نارد، اُڌو ۽ ٻيا [اُتي واسو ڪن ٿا].

(۶) جتي گيتا جو پاٺ ٿو ٿئي، اُتي آءٌ ترت سهاءِ ڪيان ٿو ۽ هيءَ پرٿوي! جتي گيتا پڙهجي، ٻڌجي، سيکارجي يا سمجهائي ٿي وڃي، اُتي نسنديه آءٌ سدائين نواس ٿو ڪريان.

(۷) مان گيتا جي آسري آهيان ۽ گيتا ئي منهنجو اُتم نواس استان آهي. گيتا گيان جي سهاري ئي مان ٽنهي لوڪن جو پالن ڌارڻ ڪريان ٿو.

(۸) نسنديه گيتا منهنجي پرم وديا آهي ۽ اُها برهم جو روپ ۽ اَرڌ ماترا اَکر [اوم] سروپ ۽ آتما جو جلوو آهي.

(۹) سچدانند سروگيه ڪرشن ڀڳوان پاڻ پنهنجي مکارونڊ مان گيتا ارجن کي ٻڌائي هئي، اُن ۾ ٽنهي ويدن جو سار تتو گيان آهي ۽ اُها پرم آنند سان ڀرپور آهي.

(۱۰) جيڪو پرش روز اَرڙهن ئي اڌياءَ گيتا جا پورا ۽ ايڪاگر من سان اُچاري ٿو، اهو گيان جي پورڻتا ۽ اُوچي ۾ اُوچي پدوي پائي ٿو.

(۱۱) جيڪڏهن ساري گيتا پڙهڻ ممڪن نه هجي ته اڌ گيتا جي پڙهڻ جو ڦل هڪ ڳئوءَ جي دان برابر آهي. اُن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي.

(۱۲) جيڪو ٽيون حصو گيتا جو پاٺ ٿو ڪري، اهو تيرٿ گنگا اشنان جي ڦل جو اڌڪاري ٿئي ٿو ۽ جيڪو ڇهن اڌيائن جو پاٺ ٿو ڪري، اهو سوم يگيه جي ڦل جو حقدار ٿو ٿئي.

پراٿنائون

(گرو سنگت - اڙودا ۽ ڪولهواڙا)

(٢) هلندي ۽ هلائجانءِ، چلندي چلائجانءِ، سواس گراس پنهنجو نام جپائجانءِ.
چت پنهنجن چرنن ۾ لڳائجانءِ، آنت سمي پنهنجو نام جپائجانءِ.
مالڪ جنم هي سڦل ڪرائجانءِ، در پنهنجو نا ڪڏهن ڇڏائجانءِ.
نمانو بڻائجانءِ - شيوا ڪرائجانءِ، در پنهنجو نا ڪڏهن ڇڏائجانءِ.
محتاج نہ ڪنهنجو مون کي بڻائجانءِ، اها آس اڳهائجانءِ - وينتي اونائجانءِ.

(٣) پل پل پنهنجو نام جپاءِ - هلندي چلندي نام جپاءِ،
دليا پل ڏڪاري، تون نا مون کي ڏڪارجانءِ.
ملڪ مٺو نا گهو ربو - تون نا منهڙو موڙجانءِ،
وسرين غل نہ وسارين - آسيس اهڙي مون ڪجانءِ.
راضي رهان رضا ۾ - سنتوش سدا بخشجانءِ،
رهڻي گورمک جي رهان - هڙو مني لي ڏرجانءِ.
سڦلي ڪريان حياتي - پل پڌ اهڙو بخشجانءِ،
ڪوڙو نہ بوليان ڪنهن سان - مٺو سدا بولائجانءِ.
نشڪام ڪريان شيوا - سڀ ڪامنا نوارجانءِ،
باقي بچيل حياتي - پنهنجي ڀلي لڳائجانءِ.
سک سان ڏينهن گذاريو نعي - سک جي رات گذارجانءِ،
حاضري پوريان اچي مان - صبح سوير اٿارجانءِ.

(٤) بيان نام جهڙ جي تون، هيان هاراڻي هلندي، هي پار پيا ڏن مال، سنگ نہ تو هلندا.
ڪرين ڪوڙ ڪپٽ جن لاءِ، سي پڏي نو ڪڏهندا،
ڪندين ڪرم ڦٽي جهڙا، ڦل ڀهڙا ڀوڳيندين، ڏک سک ڦل ڪرمن جا ولي جنم پيو ڀوڳيندي.
هٿين خالي هتي آئين، هٿين خالي هليو ويندين،
اڪ ڪول مٺا تون هاڻ، نہ نہ هاراڻي هلندين.
اچان ويل ناهي ويئي، تون پل پل نام ڏياءِ، اڪ ڪول مٺا تون، پوپٽ پوپوءِ سان لاءِ.
ڪڏهي وبو وروڏ من مان، تون پريم جي گنگا وهاءِ،
هي رمز ڪندي تون اهاءِ، دنيا مان ڪٿي هلندين.

اوم شانت شانت - سماپت - اوم شانت شانت

آرتي

۱- اوم جئہ جگديش هري، سوامي جئہ جگديش هري؛
ڀڪت جنون کي سنڪت، ڇن ۾ دوُر ڪري. اوم ....
۲- جو ڌياوي، ڦل پاوي، دکہ بنسي من ڪا؛
سکہ سمپت گهر آوي، ڪشٽ مٽي تن ڪا. اوم ....
۳- مات پتا تم ميري، شرن پڙوُن ڪس ڪي؛
تم بن اوُر نہ دوُجا، آش ڪروُن جس ڪي. اوم ....
۴- تم پوُرن پرماتما، تم انترياميِ؛
پار برهم پرميشور، تم سڀ ڪي سوامي. اوم ....
۵- تم ڪروُڻا ڪي ساگر، تم پالن ڪرتا؛
مئن مورکہ کل ڪامي، ڪرپا ڪرو ڀرتا. اوم ....
۶- تم هو ايڪ اگوچر، سڀ ڪي پران پتي؛
ڪس وڌ ملوُن دياميہ، تم ڪو مئن ڪمتي. اوم ....
۷- دين بنڌو دکہ هرتا، تم رکشڪ ميري؛
اپني هست بڙهائو، دوار پڙا تيري. اوم ....
۸- وشيہ وڪار مٽائو، پاپ هرو ديوا؛
شرڌا ڀڪتي بڙهائو، سنتن ڪي سيوا. اوم ....

پرارٿنا

(۱) جگت جلندا رکہ لي - اپني ڪرپا ڌار؛
جت دئاري اُبري - تتي ليو اُبار.
(۲) هي پراڻ نات گوبندهہ - ڪرپانڌان جگت گروُ،
هي سنسار تاپ هرڻهہ - ڪروُڻا ميہ سڀ دکہ هرو،
هي سرن يوگہ ديالوُ - ديناناٿ ميا ڪرو؛
سرير سوَست کيڻ سمي - سمرنت نانڪ رام دامود رماڌوهہ.
(۳) موُن نماڻي نادان تي - ڦل پوندي ٻاجهہ پرين؛
آهيان عيبن سان ڀري - ڦل ڏوهي ڪين ڏسن؛
ڪيو آتم مائي مٽن جو - ڦل دکو داخل ڪن؛
ڏرمون در دوسن - ڇڏيان تان ڇوري ٿيان.

مانش جنم اُڌار

[سوامي گياني منيءَ جي هندي ڪوتا جو اُلٿو]

نت پرت پنهنجا ڪرم وچار - نيچ ڇڏي اُڀر ڪڻ ڌار .
نماءَ سان سڀ ڌرم ڪماءِ - من جا سڪل پاپ هٽاءِ .
ڪپٽ رهت سادو وچار - ڌرڙ لي ڪر شُڌ آچار .
آهار شُڌ سان رک پريتي - نه نرمل ٿئي تنهنجي رتي .
ڪميا، ڪرپي، ڌيرج ڌار - ڪام ڪروڌ اهنڪار نوار .
نرمل چت وس ڪر پسل - ترشنا رهت سدا نر ٻيتمل .
نرهر استت نت پرت ڳاءِ - من جا پنج جنجال ٽلاءِ .
شانت سروتر ٽيڪي مار - لهه هيئن جي سڪل نوار .
گر اُپديش ڪماءِ نس ڏن - گرو چرڻن چت رک چن چن .
گر جي مورت هردي وساءِ - ٻي ڪلپنا ساري مٽاءِ .
نرپر سان هر لام ڏياءِ - سڀني سان ملي مسڪل ڳاءِ .
وشم اپرشا سڪل لياڳ - سڀ سروپ سان ڪر انراڳ .
سوهنگ جاپ جپ سنهنجا ميت - اسٿر ٿئي تنهنجو چيت .
اُنسي من سان ڌيان لڳاءِ - چت وکيپتا سڪل مٽاءِ .
پنج ڪئي من مالر لي جاڻ - ان کي سواس مالر پڇاڻ .
انهن پنهي ڪان رهه اداس - وچر جڳ ۾ لي نراس .
شانتيءَ سان گهر سک پاءِ - مُور نه پنهنجو من ڪلپاءِ .
نرمل مترتا سڀ اپڪار - انهن کي ڌاري رهه سنسار .
جيون ڪالن سڀ ڌرم ڪماءِ - سڀ سنگت اُڀر ڪئ پاءِ .

اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

103